سهراڻ

شيخ اياز نمبر



سنڌي ادبي بورڊ

مِهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽِماهي ادبي ۽ تحقيقي دستاويز]

”شيخ اياز نمبر“

[ڇاپو ٽيون]

2005ع

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ



سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ

مِهران

سنڌي ادبي بورڊ

جام شورو، سنڌ.

(Regd No. NS-20)

Quarterly "MEHRAN" (Sindhi)
"Shaikh Ayaz Number"
Published by the SINDHI ADABI BOARD
Jamshoro/Hyderabad. Sindh Pakistan
Editor: Nafees Ahmad Shaikh
Third Edition, 1000 Copies
Telephone: (0222) 2771276 - 2772670-2771300
(E.mail: sindhiab @ yahoo.com)
Website: www.sindhiab.com

- ٽائيٽل: طارق عالم -

خريداريءَ لاءِ رابطو:

مئنيجر، سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ

(فون نمبر: **0222-2633679**)

قيمت: پنج سؤ روپيا

Printed and Published by Inamullah Shaikh, Secretary, Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Sindh University New Campus, Jamshoro, Sindh, Pakistan.

گذارش

سنڌ جي ذات ڏٽي شيخ اياز کي سنڌ جي مُحسن ۾ هڪ اهم حيثيت حاصل آهي. ويهين صديءَ جي مشاهيرن جي ڳڻ ڪرڻ وقت جڏهن ويچار ڪجي تو تڏهن شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ، ڊاڪٽر گربخشاڻي، شمس العلماءَ دائودپوٽي، علامه آءِ. آءِ. قاضي، سائين جي. ايم. سيد، سائين ميران محمد شاهه، شيخ عبدالمجيد سنڌي، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جا نالا بي اختيار ذهن ۾ اچن ٿا. شيخ اياز موتين جي انهيءَ جرکندڙ مالها جو هڪ اَملهه موتي آهي، جيڪو شاعريءَ جي حوالي سان سنڌي ٻوليءَ جي ڪونج ڳچيءَ ۾ ورندڙ صدين تائين سونهن سوپيا ۽ سورنهن سينگار جو ڪارڻ رهندو.

اياز جي عظمت تي بنيادي طرح سان سندس پنهنجا ڪتاب شاهد آهن، جن جو ڇپيل تعداد پنجاهه کان وڌيڪ آهي. ان طرح سندس شخصيت ۽ ذات/ڪلا بابت سندس همعصر اديبن ۽ شاعرن جي اُنهن مقالن ۽ اپيا سن کي ڳڻي سگهجي ٿو، جن جو تعداد سَون ۾ آهي. مٿس لکيل ڪتابن ۽ رسالن جي خاص نمبرن جو انگ به وقت سان گڏ وڌڻو آهي. اياز جي لاڏاڻي واري ڏينهن توڙي سندس تيجهي ۽ چاليهي تي سنڌ جي روزنامن، رسالن، اشاعتي سلسلن ۽ نشرياتي ادارن سندس ياد ۾ عقيدت ۽ احترام جي جيڪا ورکا ڪئي آهي، سا صحيح معنيٰ ۾ سندس "شاعرِ سنڌ" واري امر حيثيت جي مڪمل عڪاسي ڪري ٿي. ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونه آهي ته اياز، سنڌي ادب جو هڪ "مستقل موضوع" آهي، جنهن کي ايندڙ نسل ياد به ڪندا رهندا ۽ اُن تي گهٽو ڪجهه لکندا رهندا.

ڪنهن سالڪ جو چوڻ آهي ته "اهل دل ماڻهو ٻيو ڪجهه ڪري نه ڪري، محل ۽ موقعي جي مناسبت سان، ٻه چار خير جا جُملا ته چئي سگهي ٿو"، سو اسان به دل جي سموريءَ سڪ ۽ اُتاهه اُڪير سان هيءُ "شيخ اياز نمبر" شايع ڪري رهيا آهيون، جيڪو جڙ ته "سنڌ جي شاعر" جي ياد ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان پيار ۽ محبت جا "ٻه بول" آهن.

"مهراڻ" جو هيءُ خاص نمبر، اياز جي جُدائيءَ کان سُڌت ئي پوءِ 1-2/1998ع شماري طور شايع ڪيو ويو هو. سنڌ جي محبوب شاعر جي ياد ۾ پڌرو ڪيل اهو خاص شمارو ٿوري ئي عرصي اندر ڪپي ويو، جو

2- مارچ 2001ع تي اُن جو ٻيو چاپو پڌرو ڪيو ويو. هڪ عرصي کان وٺي اُهو چاپو ٻه نايابتي چڪو هو، انڪري خريدارن جي مايوسيءَ کي دُور ڪرڻ لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده سرگرم ۽ سُڄاڻ سيڪريٽري، محترم انعام الله شيخ، پاڻهرتو اُن جي ٽئين چاپي جو انتظام ڪيو. شيخ صاحب کي جَسُ هجي جو سنڌي ادب جي ان اهم نمبر کي، ٿوري ئي عرصي اندر، اوليت جي بنياد تي شايع ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪيائين.

ادي طارق عالم سرورق کي سُونهائيندڙ بنائڻ لاءِ جيڪا محنت ڪئي آهي، سا ٽائيٽل مان پَسي سگهجي ٿي. ان طرح ايياز جي يادگار تصويرن ۾ واڌاري سان يقيناً پرچي جي اهميت ۾ اضافو آيو آهي.

مئنيجر پريس سائين سڪندر علي شاهه، ڇپائي دوران، فني مرحلن ۾ دل جي حُضور سان اُڪلاءُ ڪيو آهي، سو ٻه شڪريي جو لائق آهي. - ن.ا.ش

مان نه هوندس،
شاعري توڻ ڇڏيندس.

ڪنهن ڪَتيءَ جي شاخ تي جنهن وقت آکيرو اڏيندس،
شاعري توڻ ڇڏيندس.

گيت ڳائيندينءَ جڏهن منهنجا تر توڻ آنءُ ايندس،
شاعري توڻ ڇڏيندس.

اوڙڪون تي رات پر رابيل مان تولاءِ نيندس،
شاعري توڻ ڇڏيندس.

رات جي راڻي جڏهن ٽڙندي تڏهن هيڪار ڏيندس،
شاعري توڻ ڇڏيندس.

آنءُ تنهنجي زندگي هان موت ۾ ڪنن مُنهن مٽيندس،
شاعري توڻ ڇڏيندس.

- شيخ ايياز

چپائينڊز پاران

زندهه قومون ۾ انهن جا سماج پنهنجي پنهنجي فڪري ڌارائن جي امرت جي آڌار جيئندا ، وڌندا ۽ ويجهندا آهن. اها فڪري امرت ڌارا ڪنهن فيلسوف جي متحرڪ فڪر يا ڪنهن شاعر جي آدرشي شاعريءَ منجهه پورٽتا جي حد تائين موجزن نظر ايندي آهي. اهائي ڌارا شعور جي پالوٽ سان، اُجيارين آتمائن کي سيراب ڪري، نئين دور کي جنم ڏيڻ جو سبب بڻجندي آهي. انهيءَ حوالي سان شيخ ايياز سنڌي سماج جو اهو اڪيلو ڪوتا-ڪار آهي، جنهن پنهنجي سگهاري فڪر ۽ آدرشي شاعريءَ وسيلي نه رڳو پنهنجي سماج کي، پر پرپاسي وسندڙ ٻين سماجن کي پڻ متاثر ڪيو. هن هڪ شاعر جيءَ حيثيت ۾ پنهنجي شاعريءَ جي شروعات رومانوي خيالن سان ڪئي، پر وقت گُذرندي، هو فقط هڪ روايتي شاعر نه، پر سنڌي سماج جي مڙني مامرن جو سگهارو وڪيل ٿي اُپريو. شيخ صاحب پنهنجي ڪيريئر ۾ سياست، ادب، ثقافت، تحقيق ۽ انتظام سميت بيشمار شعبن ۾ دلچسپي ڏيکاري ۽ هر شعبي ۾ ڪمال جي حد کي ڇُهي ورتو. جيڪڏهن ويهين صديءَ جي سنڌ اڪيون ٻوٽي اُنهن چند غير معمولي هستين کي تصور ڪرڻ شروع ڪري، جن هستين سندس نئين دور سان تعارف جي اوسر ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪيو تہ شيخ صاحب جو نالو پهرين صف ۾ شمار ڪري سگهبو.

ائين به ناهي تہ شيخ ايياز فقط گذريل صديءَ جي اهم ترين سنڌي شخصيتن مان هو. بلڪ سندس فن، فڪر، تصور، ادراڪ ۽ جاکوڙ زمان ۽ مڪان جي حد بندين کان نڪري، هاڻي سنڌ جي وجود جو اهڙو اٽوٽ حصو بڻجي چڪو آهي، جيڪو هن ڌرتيءَ جي زندگيءَ تائين ساٽس سلهاڙيو رهندو. چاڪاڻ جو شيخ صاحب سنڌ کي رڳو ادب ۽ شاعريءَ جي ذريعي نُدرت ۽ جدت سان واقف نه ڪرايو، پر هُن تہ پنهنجن لفظن کي عمل جي معجزن سان سلهاڙي سنڌ جي مڙني دردن ۽ مصيبتن ۾ ساٽس پاڳي پائيواري ڪئي- ۽ ڪنهن قدر انهن مصيبتن مان ڇوٽڪارو ماڻڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. سنڌ ۾ ووٽر لستن جو مسئلو هجي، سنڌي ٻوليءَ خلاف سازشون هجن يا ون يونٽ خلاف جاکوڙ جو محاذ هجي، شيخ ايياز هڪ وطن دوست شاعر جي حيثيت ۾ اهڙوئي ڪردار ادا ڪيو، جهڙو چليءَ ۾ پابلو نرودا، تُرڪيءَ ۾ ناظم حڪمت ۽ فلسطين ۾ محمود درويش ادا ڪيو. هُن پنهنجي شاعريءَ کي جنگي نعري (Battle Cry) ۾ تبديل ڪندي، هڪ بي زبان قوم کي زبان ڏيئي جدوجهد جي ميدان ۾ آندو- ۽ آخرڪار ڪيس شاندار ڪاميابين سان همڪنار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

حقيقت اها به آهي تہ شيخ ايياز رڳو هڪ قوم نه پر پوري ننڍي کنڈ، بلڪ دُنيا جو هڪ روشن ذهن قلمڪار هو. هو بنيادي طرح سان ننڍي کنڈ جي ترقي پسند تحريڪ جي صف اول جي اهڙن قلمڪارن مان هو، جن زندگيءَ جي لطافتن کي نه رڳو ڪنهن حسين پرولي‌ءَ وانگر سليو، پر ان پرولي‌ءَ جو اصل گس به سمجهايو.

اڄ ننڍو ڪنڊ جنهن عالمي پائپيءَ واري ڏڪ ڏانهن وک وڌائي رهيو آهي، ان جي نينڊ اڌ صدي اڳ اياز ۽ ان جي ساٿين ڏني هئي. شيخ اياز جنهن ترقي پسند ڏڪ جو رستو ماضيءَ ۾ ڏسيو ۽ ٻڌايو هو، ان تي هلڻ جي ڳالهه اڄ ملڪ جا واڳ ڏٽي به ڪري رهيا آهن. دراصل اهائي ڳالهه ڪنهن تخليقڪار جي فڪري سچائيءَ جو دليل آهي ته عظيم انسان جيڪي راهون پنهنجي سماج کي سمجهائيندا آهن، انهن تي ايندڙ پيڑهين کي اوس هلڻو پوندو آهي.

ان کان علاوه شيخ صاحب عالمي فڪر جو گهرو مطالعو ڪندي، دنيا جي ادبي ۽ فڪري تحريڪن کان نه رڳو متاثر ٿيو، پر هُن انهن ادب ۽ فيلسوفيءَ جي اعليٰ تصورن کي عوام ۾ مقبول بڻائي، سنڌ کي دنيا سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي. اهوئي سبب آهي جو سندس لکڻين ۾ نه رڳو دنيا جي عظيم تهذيبن، بلڪ عظيم خيالن ۽ انسانن جو جابجا ذڪر موجود آهي. هيءَ ڳالهه پڪ سان چئي سگهجي ٿي ته دنيا ۽ اُن جي عظيم فڪري ورثي جي باري ۾ جيترو علم شيخ صاحب کي هو اوترو شايد سنڌ ۾ موجود سندس همعصرن مان ڪنهن وٽ به موجود نه هو. عملي طرح انهيءَ شاهوڪار پسمنظر ۾ شيخ اياز سنڌ سان گڏ عالمي ادب ۽ ڪوتا ڪيتر ۾ پڻ ممتاز مقام حاصل ڪري ٿو. هيءَ اسان جي بدقسمتي آهي ته شيخ صاحب جو ڪم اسين دنيا تائين پهچائي نه سگهيا آهيون، پر سنڌ جڏهن به اهڙي سعادت حاصل ڪئي ته ڪيس شيخ اياز هڪ بين الاقوامي حيثيت جي شاعر کان گهٽ نظر نه ايندو. ڇاڪاڻ جو سندس تخليقن جو هڪ وڏو تعداد ٽين دنيا جي مظلوم قومن، قومي آزاديءَ جي تحريڪن ۽ دنيا جي مختلف ثقافتن جو احاطو ڪري ٿو.

شيخ صاحب جي انهيءَ گهڻ- رُخي شخصيت ۽ تخليقي ورثي کي نظر ۾ رکندي، ڪيس پيٽا ڏيڻ جي سعيي سان سنڌي ادبي بورڊ طرفان 1998ع ۾ "مهراڻ- شيخ اياز نمبر" شايع ڪيو ويو، جيڪو شيخ صاحب جي مداحن طرفان چند هفتن اندر خريد ڪيو ويو. پن سالن جي وقفي سان بورڊ طرفان ان خاص شماري جو ٻيو ايڊيشن شايع ڪيو ويو، جيڪو به قليل تعداد ۾ هٿ ڪري جلدئي وکرو ٿي ويو. "شيخ اياز نمبر" جي انهيءَ اهميت کي نظر ۾ رکندي، ڪتاب گهر جي مئنيجر طرفان ٽيل سفارش جي روشنيءَ ۾، انتظاميا طرفان ان جو ٽيون چاپو آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو، جنهن تي عمل درآمد جي نتيجي ۾ هيءُ چاپو واڌارن ۽ سُڌارن ۽ نين تصويرن سان اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي. اسان کي اُميد آهي ته هيءُ شمارو شيخ صاحب جي مداحن ۽ سنڌ جي ادب دوست حلقن ۾ ساڳي مجتا ماڻيندو.

چام شورو، سنڌ
اربع ۴-رجب المرجب ۱۴۲۶هجري
بمطابق 10- آگسٽ 2005ع

انعام الله شيخ
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

سٹاءُ

• شيخ اياز جو اڻ ڇپيل ڪلام - ادارو ۹
• شيخ اياز جي چونڊ شاعري - نور احمد خواجه ۱۵
• اوسار ۲۵
(اياز جي ياد ۾ شعري پيٽا)
(احمد سولنگي، انيس انصاري، تاجل بيوس، سوز هالائي، ادل سومرو، مقصود گل، روشن گهانگهرو، قاضي منظرحيات، بشير منگي، مائڪ ملاح، انجم قاضي، گدا خاصخيلي، سرڪش سنڌي، مولابخش چانڊيو، علي نواز ڏاهري، زخمي چانڊيو، سرمد چانڊيو، نياز ملاح، حزب الله منگي، امر ساهڙ، سميع ساجد جوٽيجو، حُبدار سولنگي، رضا بخاري، بيخود بلوچ، غوث پيرزادو، سعيد سومرو، بخشل باغي، عبدالحئي پُٹو، ساگر ڪوري، سعيد ميمڻ، سائل پيرزادو، فهميده شرف بلوچ ۽ نايابب منگي)

• درياهه جي ڳالهه درياهه کان پُڇو
(شيخ اياز جي هڪ يادگار تقرير) - شيخ اياز ۴۱
• شيخ اياز جا محمد ابراهيم جويي ڏي خط - م.ا.ج
(۱۹۵۳ع-۱۹۸۸ع) ۴۷

★مضمون

۱. جنم جنم جي جيت اياز - ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو ۸۷
۲. شيخ اياز-جديد سنڌي ادب - غلام محمد گرامي ۱۳۸
۳. جيئڻ جي ضرورت- اُن جو شعور ۽ جذبو
("راج گهاٽ تي چنڊ" جو مهاڳ) - محمد ابراهيم جويو ۱۷۵
۴. جيئڻ جو ڪارج ۽ اُن جي وات
("بڙَ جي ڇانو اڳي ڪان گهاٽي" جو مهاڳ) - محمد ابراهيم جويو ۱۸۹
۵. شيخ اياز جي شعري شخصيت - ڊاڪٽر آصف فرخي
(سنڌيڪار: ولي رام ولپ) ۱۹۸
٦. اياز کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ-قومي فرض - محمد ابراهيم جويو ۲۱۰
۷. اياز زنده آهي، هُو ڪڏهن به مري نٿو سگهي - محمد ابراهيم جويو ۲۱۹
۸. اياز جي خدمتن جو هڪ مختصر احوال - محمد ابراهيم جويو ۲۲۲
۹. اياز- نئين شاعريءَ جو اڳواڻ - ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۲۳۳
۱۰. اياز جي شاعريءَ ۾ ٽر جو پس منظر - ولي رام ولپ ۲۳٦
۱۱. همالیه، آءٌ ۽ وقت جي وڇوٽي - عبدالواحد آريسر ۲۷۰
سنڌڙي! تنهنجو ساهه اياز - عبدالواحد آريسر ۲۷۲
آڪاش کان وڏو ڏرتيءَ جو شاعر - عبدالواحد آريسر ۲۷۸

۱۲. ايازِ قلب ۽ نظر جو انقلاب	- غلام حسين رنگريز	۲۸۹
۱۳. ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا	- سيد امام‌المتقين راشدي	۲۹۶
۱۴. شيخ ايازِ- اردو زبان جو شاعر	- مشتاق علي جعفري	
	(سنڌيڪار: غلام محمد لاکو)	۳۰۲
۱۵. شيخ ايازِ- ڪجهه ساروٽيون	- محسن پوپالي	
	(سنڌيڪار: تاج جويو	۳۰۵
۱۶. روءِ راڻي جي ناهه ڪو، سوڏو سوائي	- آفاق صديقي	
	(سنڌيڪار: ناصر علي پنهور)	۳۱۱
۱۷. مان ورٽو هان	- ڊاڪٽر سليمان شيخ	۳۱۴
۱۸. شيخ ايازِ- سنڌ ۾ 'سوشو-نيشنلزم' جو پايو وجهندڙ	- يعقوب علي زرداري	۳۱۶
۱۹. ايازِ ڪان ايازِ تائين	- ابوبڪر شيخ	۳۲۰
۲۰. آواز فضا ۾ اُڏري ويو	- تاجل "بيوس"	۳۲۶
۲۱. تنهنجي ڳلي ۽ جون ڳالهڙيون	- رڪيل مورائي	۳۳۰
۲۲. ڪيڏو موت وشال آ	- ڊاڪٽر بشير احمد شاد	۳۳۴
۲۳. شيخ ايازِ جي شاعرانه عظمت	- اظهر قادري	
	(سنڌيڪار: نقش نايابِ منگي)	۳۴۰
۲۴. وطن، پرين ۽ موت	- ڊاڪٽر رسول ميمڻ	۳۴۵
۲۵. ڪتابن جي چاهيندڙ ڪي خراج	- معين الدين خان	
	(سنڌيڪار: الطاف آگرو)	۳۴۹
۲۶. ننڍپڻ جو سات	- شيخ ثناء الله	۳۵۱
۲۷. سنڌ ۾ تنهنجا سواس، پر سار سڄي سنسار ۾	- هري موٽواڻي	۳۵۵
۲۸. صديون سُتل ساز، وڃن ٿا وجود ۾	- فقير شمير چانديو	۳۵۶
۲۹. وقت خواب وانگر آ	- سيد زوار نقوي	۳۵۸
۳۰. ايازِ جا آخري ڏينهن	- ستار پيرزادو	۳۶۰
۳۱. ايازِ- پٽائيءَ جو تسلسل ۽ تاريخ جو تَتُ	- تاج جويو	۳۶۹
۳۲. "مان جو پورو تَتُ، هن تنهنجيءَ تاريخ جو"	- نصير مرزا	۳۹۱
۳۳. شيخ ايازِ ۽ "روح رهاڻ"	- حميد سنڌي	۴۰۲
۳۴. شيخ ايازِ ۽ منهنجي "بدڪ"	- تنوير عباسي	۴۱۵
۳۵. شيخ ايازِ- منهنجو هم وطني، منهنجو دوست	- جئوير جئسنگهاڻي	۴۱۸
۳۶. شيخ ايازِ	- غلام رباني آگرو	۴۱۹

شيخ اياز جو اڻ ڇپيل ڪلام

[نوٽ: سنڌ جو لافاني ذات ڏاڻي، شيخ اياز، مسلسل بيماري ۽ ضعيفيءَ جي باوجود، لاڳيتي لکڻ کان ڪڏهن بہ غافل ڪونہ رهيو. اُن جو ثبوت سندس شعرن جو ۽ پڻ نثر جو اُهو وڏو ذخيرو آهي، جيڪو ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيندو رهيو آهي. ڪيتروئي قلمي مواد، اڃا اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهي، جيڪو "شيخ اياز فائونڊيشن" پاران انشاالله پوري اهتمام سان شايع ڪيو ويندو. هت اياز صاحب جا جيڪي "ڇؤستا" پيش ڪجن ٿا، سي اڻ ڇپيل آهن ۽ اياز صاحب جي قريبي دوست محترم قاضي منظر حيات، مهرباني ڪري ادارهء مهراڻ کي موڪلي ڏنا آهن.]

عمر تہ گذري ويئي **باهُو** باقي چار ڏهاڙا هُو،
ڏس، ڪيڏا گجگات ڪيائين نيٺ ٽڪو آ دريا هُو،
سامهون سمنڊ شفق جي هينان پوياڙيءَ جا پاڇا هُو،
سوچيو آهہ ڪڏهن تو ان تي لوڙهي ويندو ڇا ڇا هُو.

•

باهُو باک ڦٽيءَ جون هيرون ننڊ ڦٽائي آيون هُو،
تاٽيو تو تنبور تہ ڇا کان ڳاهون ڪي بہ نہ ڳايون هُو،
پاڻي دوُر پرڻ لئہ ڪيئي سينهون سر تي مايون هُو،
جمونجهڪڙي جي جهاڻ ٻُري ٽي گجريون تن ڇمڪايون هُو.

•

باهُو رين بسيرو دنيا سپڪنهن اُڏري وڃٽو، هُو،
هي جڳ سارو جونو آهي ان کي موُر نہ مڃٽو، هُو،
نيٺ ڳلين مان ڳائٽين جي پيرو توکي پڃٽو، هُو،
جيسين آهہ جواني تنهنجي تيرُ انهن کي سڃٽو، هُو.

•

باهُو باقي ذات خدا جي ٻيو سڀ آهڻي فاني، هُو،
آهي رت پُنءِ جي پُتلي سان نينهن رڳي ناداني، هُو،
نيٺ تہ ڪرڻي آهہ مٽيءَ کي هر ڪنهن جي مهماني، هُو،
ڇا ڇا شيءِ آ جڳُ ريجهايو، مون تہ رڳو حيراني، هُو.

•

باهُو رم جهم راتڙين تي تارا ٽم ٽم ڪن ٿا، هُو،
گهوري ڇو گهنگهور گهٽا ۾ منهنجا نيٺ ٽمن ٿا، هُو،
هي ڪهڙو ويراگ لڳو آ بادل بَسّ نہ ڪن ٿا، هُو،
ڪٿن ڇئجي هُو ساجنَ سائين سانوڻ سان سهڙن ٿا، هُو.

•

باهُو ڏاڍو واءُ گهُليو ۽ چمڪٽين گُل چاٽيا ، هُو،
آئي سار پرينءَ پياري جي تير هوائن تاٽيا ، هُو،
دُور انهيءَ جي دوار وري مون آڏيءَ گيت اُماٽيا ، هُو،
پنڇي پنڇي گيت اُفق ۾ ڪيڏو ڏور اُڏاٽيا ،هُو.

•

باهُو ڏاڍي ننڊ اَچي ٿي جاڳي ساريون راتيون، هُو،
ڏاڍا ميگهه ملار ٿيا ها ، شهرَ پيون برساتيون، هُو،
تن مان، ڪنهن جي لاءِ نہ جاڻان، جيءَ وڏيون ٿي جهاتيون، هُو،
ٻوٽ اکيون تون هاڻي پنهنجون، پکي لنون ٿا لاتيون، هُو.

•

باهُو تانِ ستار نہ ايڏي تندُ پوي جو ٽٽي، هُو،
سونهن سڃي سنسار جي تنهنجيءَ ٻوليءَ آهي لٽي، هُو،
تن تن جو آواز اچي ٿو، رات ويئي آ ڪُٽي، هُو،
هاڻ هلڻ جي تياري ڪر تون رَتُ تہ آهي جُٽي، هُو.

•

باهُو عشق خدا سان سچّو، ٻيو سيڪنهن سان ڪوڙو، هُو،
ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان ناتو، جهڙو ڪچّو چوڙو، هُو،
ٿوري دير رهي ٿو تازو، هر چوٽي ۾ جُوڙو، هُو،
سپ ڪي ڦيراتيون ڪارائي، ٿو ڪوئي واچوڙو، هُو.

•

باهُو هيءَ بازار پري آ هر شيءِ من ڪي موهي، هُو،
تون تہ اُنهيءَ کان ايٿن پڇين ٿو جڏ تہ چڪيئہ ڪنهن چوهي، هُو،
ڪنهن توکي ان منجهه اڙايو، ڏوهه ڪيو ڪنهن ڏوهي، هُو،
چا چا روپ بٽايا رانول، ماڻهوءَ متّي ڳوهي، هُو.

•

باهُو اڄ بي موت مرن ٿا چو ماڻهوءَ جا ٻچّا، هُو،
آنءُ نہ جاڻان ڪهڙا ڪُوڙا ڪهڙا آهن سچّا، هُو،
باهر ماڻهو پٿر جهڙا اندر ڪاوا ڪچّا، هُو،
ڪنهن کي ڪوئي چٽن نہ آهي، ملڪ مڙيوئي ڏچّا، هُو.

•

باهُو هيءُ سجاول آهي هن ۾ جاچ مچيرا، هُو،
جهونجهڪڙي ۾ جڏ پاٽيءَ تي چنڊ لڳي ٿو ٻيرا، هُو،
هي جڳ سارو سپنو آهي، ڪهڙا تيرا ميرا، هُو،
رين بسيري لاءِ بٽايا هر ڪنهن هي آکيرا، هُو.

•

باهُو رنگ برنگي آيون ڇا نووَرنيون دل ۾، هُو،
ڇا ڇا ڏينهن گذاريا تن سان موج هئي محفل ۾، هُو،
ڪائي اونهي اوندهه ڇوليون ماري ٿي جِهل مِل ۾، هُو،
ڪيئن ڇوان ڇو ماڻهوءَ جو آ ماڳ نه ڪنهن منزل ۾، هُو.

•

باهُو رنگ برنگي دنيا آهي ساري، ڏوکو، هُو،
هيلوکو به اُئين ٿي ٿيندو گذريو جيئن پروکو، هُو،
جا شيءِ ايڏي آهي تنهن سان نينهن نه لاتئه ڇو ڪو، هُو،
گهر گهر جي در در تي آيو توڙي هن جو هوکو، هُو.

•

باهُو رنگ برنگي سپنا دنيا آهي ساري، هُو،
هونءَ ته هيءَ جيون جي ليلا ڪيڏي آهي نياري، هُو،
جڙ ته شفق جي رنگ اچي هيءَ دل آهي والاري، هُو،
سڀني سان جي دل لائيندين تون باهُو ڏوهاري، هُو.

•

باهُو ڇا تي ٿيو آهي هي ماڻهوءَ منُ مستانو، هُو،
جو ڪوئي ڏرتيءَ تي آهي ٿيندو موتَ نشانو، هُو،
زاريءَ، زور نه زر سان ترسيو ڪنهن جي لاءِ زمانو، هُو،
هر ماڻهوءَ کي وڃڻو آهي، آهي موت بهانو، هُو.

•

ڏاڍو ديس دُکي آ **باهُو** رات ڪيا راتاها، هُو،
گولين جا گرڙاٽ اچن ٿا، ڇوڙ واتي تي ڦاها، هُو،
ڪوبه نه تن جو اوهي واهي ماڻهو اَت نساها، هُو،
ڇا ڪجهه پار اُفق جي آهي ڏور ڏسن ٿا ڏاها، هُو.

•

شهر وسائل آهي، ماڻهو انڌا، گونگا، پوڙا، هُو،
اُتر ڪيڏي اوت ڪئي آ، سَر ۾ سيءَ ولوڙا، هُو،
خلق خدا جي ڏاڍي عاجز، گهٽَ گهٽَ گهوڙا گَهوڙا، هُو،
چُپّ چُپاتو، خالي خالي رستا چوڙا چوڙا، هُو.

•

ماڻهو اڄ ته درندا آهن سڀ کي چيرن ڦاڙن، هُو،
ويريءَ تي ائن تاڙ ٻڌن ٿا، جيئن شڪاري تاڙن، هُو،
ڪنهن کي خوف خدا جو ناهي، ڪوس گهرن تي پاڙن، هُو،
پار پُڊي کي باهو دڳ تي، ٿي گمراهه پچاڙن، هُو.

•

خوف خدا جو نانهہ، تہ **باهُو** ماڻهو ڇِٽو ڪُٽو، هُو،
ڏپّ اچي ٿي هُن مان ڪيڏي ڄڻ ڪو تاڙيءَ گُٽو، هُو،
خوف وسي ٿو سانوڻ وانگر ڪوئي ننڊ نہ سُٽو، هُو،
ڪئن چئجي ڪنهن جي سيني ۾ گوليءَ شيهو کُٽو، هُو.

•

ڪيڏا پاپ نگر ۾ آهن ماڻهوءَ جهيڙا جهٽا، هُو،
نيٺ تہ هڪٻئي ويجها ايندا کيٽي مان ٿي کٽا، هُو،
ڪيسين هڻندا رهندا ماڻهو پنهنجي سِر جا سٽا، هُو،
ڪيڏا اندر ڪارا آهن پنهنجي پَرَ ۾ ڪَٽا، هُو.

•

ڪيڏا ڪِيس ڪري ٿو **باهُو**، ماڻهو بُک جي وگهّي، هُو،
ڊگهي رسّي ڏيئي هن کي ربّ پيو ٿو پسّي، هُو،
نيٺ اچانڪ ويندي توکي ڏيئي وَٽّ وڪوڙي، هُو،
رت پُنءِ جو انسان ڏسين ٿو ڪيئن نہ پيو آڪڙجي، هُو.

•

جيءَ سڙن ٿا ان ۾ ڪيئي **باهُو** ٻار نہ بٽّي، هُو،
چنڊ کِڙيو آ، اُڀ ۾ ڪڪّر ٿي وئي آهي ڪَٽّي، هُو،
ڪنهن ڏي پنڌ پيو آن **باهُو**، توکي ڪهڙي گٽّي، هُو،
ماڳ پري آ تنهنجو ڏاڍو، تُنهنجي وِک نِسٽّي، هُو.

•

ڪهڙا ڏوهہ گناهَہ ڪيا ٿِي سزا نہ تُنهنجي کُٽّي، هُو،
ڇاجي لاءِ پيو هُو توکي هئن پٿرن سان چُٽّي، هُو،
رُڪّ بڻائي **باهُو** تو ۾ لوهہ پيو ٿو ڪُٽّي، هُو،
ڪئن چئجي ڪنهن تَڙ اؤتَڙَ تي موت اچي ٿو گهُٽّي، هُو.

•

هوڏ هنيلائي تو ڪيڏي، ربّ پيو ٿو سڏيّ، هُو،
هُن کي ڳول اُٿي اي **باهُو** ترسي ويهہ نہ تڏيّ، هُو،
ربّ سوا ڪجهہ رهڻو ناهي لوڪ ويا سڀ لڏيّ، هُو،
نيٺ تہ هر ماڻهوءَ کي **باهُو**، موت مٽيءَ ۾ گڏيّ، هُو.

•

ماڪ پوي ٿي املتاس تي ڏس تون ڇُڳا پيلا، هُو!
باهُو تن تي ڪئن نہ ترن ٿا اڀ ۾ بادل نيلا، هُو!
پوءِ بہ هي سڀ ڇڏڻو آهي، ڪي بہ نہ هلندا حِيلا، هُو!
چئن ڏهاڙن چَٽڪو آهي هن جيوَن جي لَيلا، هُو!

•

سَرُ تہ اتي ٿي رهڻو آهي، هنج نہ هوندا، هُو،
سج لٿي جو ڏوُر هوا ۾ جيڪي اُڏريا، هُو،
ڪاري رات ۾ ڏيکجي ويندا تَن جا پاڇا، هُو،
گهريءَ سَانجھ سان ويندا گڏجي پاڻيءَ لپڪا، هُو.

•

هو نيرو آڪاس ڏسين ٿو آهي جڙ مئخانو، هُو،
تن مان نور پيو ٿو ڇلڪي وک وک آ پئمانو، هُو،
جنهن به چُڪي کا پيتي، اُن مان نيٺ ٿيو ديوانو، هُو،
ڳُوڙهو آ اسرار ازل جو، کوبہ نہ آ فرزانو، هُو!

•

ڪيسين رهندو ڇڄ انهيءَ وٽ ڪير ڇٽي ٿي ڇيٽو، هُو،
موت هٽائي ٿو ماڻهوءَ تان ڪوئي ڦند نہ ڦيٽو، هُو،
جهور جواني ٿيٽي آهي، جيءُ به ٿيندو جهيٽو، هُو،
ڪيسين رهندو **باهُو** آخر ماڻهو پاڻ وهيٽو، هُو.

•

اچٽو آهي موت اَوس پر پو به حياتي مِٽي، هُو،
ڪهڙو وقت وڃڻ جو **باهُو**، ڪنهن واچي آ چِٽي، هُو،
ساڳو تاب تہ هاڻي ڪونهي آهہ جواني گِٽي، هُو،
ڪاڏي پنهنجي راهہ وڃي ٿي ڪنهن به تہ ناهي ڏِٺي، هُو.

•

شام لٿي آ، رنگ شفق جي ڏرتيءَ پاتي پوتي، هُو،
رات اچا ڪاراڻ نہ ٿي آ، جَر تي آهي جوتي، هُو،
سج وري اُپري اچٽو آ، سِج نہ ٿيندو فوتي، هُو،
باهُو هي اُهجاڻ الاهي تنهنجي لاءِ ميجوتي، هُو.

•

جهونجهڪڙي ۾ جمرٿي وانگر پڙهندو آهہ صحيفا، هُو،
آهي هن جو علم اجايو اڳتي پنتي پنّا، هُو،
ياد خدا جي **باهُو**، سيڪجهہ ساري دنيا دوکا، هُو،
چا جي ڊير ڪتاب لکيا ٿي اکرن منجهہ اُڻيا، هُو.

•

هڪڙو لنگهہ اهوئي آهي ٻيا ڪي لنگهہ نہ، هُو،
قبر انڌاري ڪوٺي آهي جنهن کي منگهہ نہ، هُو،
باهُو موٽي آهي ڪنهن جي پُنتي جنگهہ نہ، هُو،
پنڌ پرانهون آهي تُنهنجو، ڪُٽي آهہ سُرنگهہ نہ، هُو.

•

هن دنيا كي هڪ دَرُ آهي ٻيو در كوئي ناهي، هُو،
باهر كو نكري نه سگهي ٿو، پو كيڏو پي چاهي، هُو،
باهُو كنهن جاتو آهي ٿو كرهو كاڏي كاهي، هُو،
ڏاڍو ڏور سُرنگهه وجي ٿي، هر تاهوءَ كي تاهي، هُو.

•

نيٺ ته پيري ايندي ماڻهو ائين چٽي جئن چوڏو، هُو،
عشق الله سان جي تو **باهُو** توكي لهر نه لوڏو، هُو،
ماڳ ته ڏاڍو ڏور وجي ٿو شال نه تركي توڏو، هُو،
كوبه نه كنهن سان وينو هردم گڏي پنهنجو گوڏو، هُو.

•

سيئي موٽي وڃڻا آهن سيئي ساڻي سَنگي، هُو،
كنهن كي ٿو كنهن وقت ڪَكي، آ واتَ وسيهر ونگي، هُو،
پو به مڻان ٿي شام وٽي، جڻ سون بَري ٿو ڏَنگي، هُو،
اُڀ سجوئي ريٽيون آهي، كنهن كونارِي تَنگي، هُو.

ايترو ته چئي سگهان ٿو ته سنڌي شاعري برصغير جي سڀني صوبن جي سڄي ادب كان اڳتي آهي. مون تازو نوجوان شاعرن جي كتاب 'ڏيئا ڏيئا لات اسان' تي پيش لفظ لكيو آهي. ان جي مون كي اڳ خبر نه هئي ته هنن شاعرن ايڏو چگو لكيو آهي. مون كي انهن جا كافي شعر چگا لڳا، ۽ مون انهن كي ڏاڍيون تحسينون ڏنيون آهن.

پر نثر ۾ سنڌيءَ ۾ گهٽ لكيو ويو آهي. ناول ته آهن ئي كونه. جيكڏهن آهن به ته نه جهڙا: انهيءَ كي ابتدائي كوشش چئي سگهجي ٿو.

جيئن اردوءَ ۾ 'فسانه آزاد' لكيو ويو هو. مرزا رُسوا جي ناول 'اُمراو جان ادا'، قُرت العين حيدر جو 'آگ كا دريا' ۽ 'آخر شب كي همسفر'، عبدالله حسين جو ناول 'اُداس نسلين' ۽ جميله هاشميءَ جو ناول 'دشت سوس' 'چهره به چهره روبرو'، جهڙو كوئي به ناول نه لكيو ويو آهي. ماڻڪ جو ننڍڙو ناول به هڪ مبتديءَ جي كوشش آهي ۽ كانديري وانگر درخت آهي.

مون هندستان مان ساهتيه اكادميءَ جا كيئي ناول ۽ كهاڻيون اردوءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ورتيون هيون. كيتريون ئي منهنجي دوست لچمڻ كومل دليءَ مان موكليون هيون. اهي اصل تامل ۾ آهن، بنگاليءَ ۾ آهن، آسامي، هندي، پنجابي، كنڙي وغيره ۾ آهن. اردوءَ ۾ به آهن ۽ سنڌيءَ ۾ به. اُتي سنڌي كهاڻيون به ڏاڍيون چگيون لكيون وڃن ٿيون ۽ هندستان جي كنهن به كهاڻيءَ سان پيٽي سگهجن ٿيون. گهٽيئي مصنف اهم آهن. كو نالو ڏيان تان لهي نه وڃي، ان كري سڀ نالا نٿو ونان. مون شيام جئسنگهاڻيءَ جي كهاڻين ۾ جرمن ناول نويس هينرك بول جهڙي پوسٽ وار (پي جنگ عظيم كان پوءِ) حقيقت نگاري ڏني. اها ڳالهه مون لكي ته سهي، پر هتان جا اُهي نقاد، جي كميونزم جي باقيات آهن، تن كي وجهه ملي ويو ۽ مون تي گرفت كيائون ته مون شيام جئسنگهاڻيءَ كي هڪ نوبل پرائيز ونر (كنندڙ) سان پيٽيو آهي. بهرصورت، مون كي جڏهن به كا پياري تخليق نظر آئي آهي، مون اُن كي دل كولي داد ڏنو آهي.

- شيخ ايار

نوراحمد خواجہ

شيخ اياز جي چونڊ شاعري

هيءَ انهن ڏينهن جي ڳالهه آهي جڏهن طارق اشرف پنهنجي رسالي "سمٽي" جي "شيخ اياز نمبر" شايع ڪرڻ جي تياريءَ ۾ مصروف هو. هڪ ادب دوست ۽ ذاتي واقفيت جي ڪري سائس گاهه ۽ گاهه ميل ملاقات پيئي ٿيندي هئي. ڪنهن اهڙيءَ هڪ ملاقات ۾، هن مون کان به اياز نمبر لاءِ مواد جي گهر ڪئي، جو ڪيس خبر هئي ته آءٌ به شيخ اياز جي شاعريءَ جو دلدادو هئس ۽ شاعر سان ڪجهه ذاتي مراسم به هٿا. پر پنهنجي ڪم مايگيءَ ۽ محدود علمي ڄاڻ ۽ شيخ اياز جي ادبي، علمي اهميت ۽ همه گير شخصيت جي احساس جي پيش نظر مون سائس معذرت ڪئي؛ البته پئي هر ڪنهن ڪم ڪار لاءِ پنهنجي معاونت جو يقين ڏياريو. اياز نمبر لاءِ پئي هر قسم جي موضوعي مواد سان گڏ "اياز جي چونڊ شاعري" به شايع ڪرڻ جو پروگرام هو. ان لاءِ بن اهم شخصيتن محترم محمد ابراهيم جويي ۽ ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جي نالن تي اتفاق ٿيو ۽ کين اُن ڪم لاءِ گذارش ڪئي ويئي. طارق اشرف مون سان رابطو ڪندي ٻڌايو ته پنهي صاحبن اياز نمبر لاءِ ٻيو قلمي مواد ڏيڻ جي ته پڪ ڪرائي آهي، پر چونڊ شاعريءَ لاءِ اهو جواز ڏيئي عذر ڏنو آهي ته "سندن ذاتي مصروفيتن ۽ شاعر جي گوناگون ۽ پهلودار شاعريءَ جي انتخاب سان انصاف ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته دل جي حضور سان ڪم ڪجي، ان لاءِ طارق اشرف طرفان طئي ڪيل وقت گهٽ آهي." البته جويي صاحب ڪمال مهرباني سان راقم جو نالو تجويز ڪيو.

ذاتي طور آءٌ چونڊ شاعريءَ جي حق ۾ نه هئس. منهنجي خيال موجب ۳۰ کان وڌيڪ (ان وقت تائين) سنڌي ڪتابن جي خالق جي شاعري، جنهن جي هرهڪ ست موتيءَ مثل هجي، چونڊ ڪرڻ بي انصافي بلڪ بددياننتيءَ جي برابر آهي. منهنجي ان خيال سان اتفاق ڪندي به طارق اشرف وٽ هڪ قابل فهم جواز اهو هو ته اياز جي ٽن چئن پيڑهين جي وچوٽيءَ تي محيط شاعريءَ کي پڙهندڙن سان آشنا ڪرائڻ لاءِ ان کان سواءِ ٻيو رستو نه آهي. طارق جي ان دليل ۽ اصرار تي مون بادل ناخواسته ان ڪم جي تعميل جي حامي پري ۽ متعين وقت اندر ان کي سرانجام ڏيڻ جو واعدو به ڪيو. مون جڏهن ان ڪم جي آغاز طور اياز جي سڄي شاعريءَ جو نئين سر مطالعو ڪيو، ته مون تي هر وقت اهو احساس طاري رهيو ته هي ڪم ايترو سولو نه آهي جيترو عام طور سمجهيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته چونڊ شعر کان سواءِ باقي ڇڏي ڏنل اشعار وڏي فخر ۽ اعتماد سان جڙ دعويٰ ڪري رهيا هجن ته اسان کي صرف نظر ڪرڻ اسان کي رد ڏيڻ جي مترادف آهي. شايد اهوئي احساس هو جو چونڊ شاعري ٽيهن چاليهن صفحن کان وڌي وڃي ٽن چئن سو صفحن جي ضخامت تي پهتي. ان ڪم جي پڃاڻيءَ تي مون مناسب سمجهيو ته چونڊ شاعريءَ وارو سمورو مواد شيخ اياز کي ڏيکارجي- ممڪن آهي ته هو پاڻ ان مواد ۾ ڪا تحريف ڪري ۽ اهڙيءَ ريت ضخامت گهٽجي اوتري ٽئي جيتري جي گنجائش طارق اشرف وٽ آهي.

شيخ اياز سڄي مواد کي ڪجهه دير تائين ڏسندو رهيو ۽ پنهنجي بي پناهه ذهانت جي ڪري، چونڊ شاعريءَ جي حسن ترتيب، موضوعي انتخاب ۽ شاعريءَ ۾ ڪتب آندل مڙني صنفن جي استعمال جي مدنظر پنهنجي پسنديدگيءَ جو اظهار ڪندي همت افزائيءَ طور مون کي شاباس ڏني. ان "باقاعده منظوري" جي خوشيءَ ۾ مون اهو به احتياط نه ڪيو ته مواد جو نقل ڪرائي رکان، ۽ فوري طور سمورو مواد طارق اشرف جي حوالي ڪيم، جيڪو انهن ڏينهن ۾ رسالي جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾، ڪراچيءَ جي پرنس ڪامپليڪس ۾، غلام نبي مغل جي فلئٽ تي ترسيل هو. طارق مواد جي ضخامت ڏسي مون کي حڪم ڏنو ته "هن مواد کي ڏهين پتيءَ جيترو گهٽايو وڃي ۽ اهو ڪم اڄ ئي ٽيڻ گهرجي، جو مواد ڪمپوزنگ لاءِ سپاٽي پريس ۾ ڏيڻو آهي." اهو فرمان جاري ڪري طارق ۽ غلام نبي مغل ٻاهر هليا ويا. رات دير دير تائين آءٌ چونڊ شاعري جي "چونڊ" ڪندو رهيس. ان ڪم کان فارغ ٿي، مواد ۽ ڪمري جي

چاٻي ملازم جي حوالي ڪري آءٌ پنهنجي ٺڪاڻي تي موٽي آيس.

"سهڻي" جو پهريون پرچو پڌرو ٿيو ته اُن مان چونڊ شاعري غائب هئي، دليل اهو ته "ڪن اڻ ٽر" سببن جي ڪري پهرئين پرچي ۾ شايع نه ٿي سگهي، البته ٻئي نمبر ۾ اشاعت پذير ٿيندي.

ٻيو حصو آيو ته چونڊ شاعري جي "چونڊ شاعري" جو اُهو حشر نشر ڪيو ويو، جو شال ڪنهن دشمن جو به نه ٿئي. اياز به جيڪو ان سڄيءَ صورت حال کان باخبر هو، پنهنجي دل گرفتگيءَ جو اظهار ڪيو.

مون طارق اشرف سان ڪابه شڪايت ڪانه ڪئي، البته کيس التجا ڪيم ته هو چونڊ شاعريءَ وارو مسودو، واعدي مطابق مون کي موٽائي ڏئي. هن صاحب ڪجهه ڏهاڙن جي مهلت گهري.

ان وچ ۾ پنهنجي دوست ۽ نيوفيلڊس پبليڪيشن جي مالڪ فيروز ميمڻ ان چونڊ شاعريءَ کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرڻ جي آڇ ڪئي، ۽ خواهش ڏيکاري ته شيخ اياز ان ڪتاب لاءِ ٻه اکر لکي ڏئي. شاعر سان ملاقات ٿي، ته مون کين پبلشر جي خواهش جي آگاهي ڏني. اياز ان وقت علالت جي باوجود بنا ڪنهن توقف جي اتي موجود پنهنجي مداح ۽ نقل نويس محترم قاضي منظر حيات کي مهاڳ لکرايو، جنهن صاحب ٻئي ڏينهن مهاڳ فيئر ڪري منهنجي حوالي ڪيو. فيروز ميمڻ طرفان ڪتاب جي اشاعت لاءِ مواد جي گُهر تي مون طارق اشرف وٽ گهڻيئي پنڌ ڪيا، پر هردفعي هڪ نئين عذر سان خالي هٿئين واپس وريس.

افسوس جو ان کان پوءِ سنت ئي طارق اشرف هارٽ اٽئڪ سبب اسان کان موڪلائي ويو.

ان بعد ڪجهه عرصو رکي آخري ڪوشش طور مون طارق اشرف جي پونيرن کي عرض ڪيو. خود جويي صاحب ۽ طارق اشرف جي ويجهي دوست عمر قاضيءَ به پنهنجيءَ پر ۾ مواد جي حصول لاءِ ڪوشش ڪئي پر ڪجهه به ڪونه وريو!

ڳالهه آئي ويئي ٿي ويئي. ان بعد سنڌ اُها خبر ٻڌي جيڪا علمي، ادبي ۽ شعري ذوق رکندڙ ماڻهن لاءِ پنهنجي زندگيءَ جي سڀ کان ڏکوئيندڙ خبر هئي. سنڌ جي بي بها ۽ لافاني شاعر جي جسماني جدائيءَ جي خبر! هڪ اهڙي اندوهناڪ خبر، جنهن کي اڃان تائين ذهن قبولڻ کان لاچار آهي، جنهن کي ٻڌڻ کان اڳ مون جهڙا ٻيا به ڪيترا جيڪر پاڻ لڏي وڃڻ کي ترجيح ڏيڻ چاهين ها.

ڪجهه ڏهاڙا اڳ پنهنجي بي سر و سامانيءَ جي سامان ۾ ڪجهه پنا لڌا، جيڪي اُن چونڊ شاعريءَ مان ڪنهن سبب رهجي ويا هئا. صرف ڪجهه بيت ۽ هڪ اڌ نظم جيڪي "ڀونر ڀري آڪاس" ۽ "ڪي جو ٻيجل ٻوليو" مان چونڊ ٿيل هئا ۽ اياز جو اُهو مهاڳ، جيڪو سندس اڻ ڇپيل تحرير آهي. ان مهاڳ جي اهميت جي پيش نظر ۽ نهايت ئي اُهو باقي مختصر چونڊ ڪلام، مهراڻ جي شيخ اياز نمبر لاءِ، لائق پڙهندڙن جي خدمت ۾ "تبرڪ" طور پيش ڪجي ٿو.

هيءَ وضاحتي تحرير ان خيال کان لکي ويئي آهي جيئن قارئين ان پس منظر ۽ محرڪات کان باخبر ٿي سگهن ۽ شيخ اياز جي هڪ اڻ ڇپيل تحرير به محفوظ ٿي سگهي.

– نور احمد خوجو

۲۸-مئي ۱۹۹۸ع حيدرآباد سنڌ.

مهاڳ

اڃا ته مان اڳي کان به وڌيڪ زندهه آهيان، انڪري منهنجي ڪلام جو انتخاب قبل از وقت آهي. هن وقت به، مون جيترو نثر ۽ نظم ۾ اٺن مهينن اندر لکيو آهي، ايترو دنيا جا وڏا شاعر پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ ورلي لکي سگهيا آهن. اهو سمورو مواد قلمي نسخي ۾ آهي، يا انهيءَ مان ڪجهه ڇپجي رهيو آهي، جو اڃا تائين محترم نور احمد جي ڌيان تي به نه آيو آهي.

مان پڙهندڙن اڳيان اها ڳالهه واضح ڪرڻ ٿو چاهيان، ڇو ته دنيا ۾ ٻن قسمن جو ادب آهي: هڪ ڪلاسيڪل ۽ ٻيو رومانوي. ڪلاسيڪل ادب جو پس منظر گهٽو ڪري فڪري يا مذهبي هوندو آهي، جيئن مارڪس ازم يا عيسائيت جو هو، پر ان جا آدرش حق، حسن ۽ نيڪي هوندا آهن، جن جي باري ۾ زندگيءَ جو هڪ فيصل/طئي شده نظريو (Determinative View) هوندو آهي ته اصل فتح حسن، حق ۽ نيڪيءَ جي نيٺ ٿيٽي آهي. رومانوي ادب جا آدرش به حق، حسن ۽ نيڪي هوندا آهن، پر انهن جا خالق اها ڳالهه تسليم نه ڪندا آهن ته انهن جو جدوجهد کان سواءِ وجود ۾ اچڻ لازمي آهي، جيئن ڪلاسيڪل ادب ۾ تسليم ڪيو ويو آهي. پبلونرودا کان وٺي فيض احمد فيض تائين پهرئين زمري ۾ اچن ٿا ۽ وليم بليڪ کان ميراجيءَ تائين پوئين زمري ۾ اچي وڃن ٿا، جيئن ميراجيءَ جو هڪ خوبصورت شعر آهي:

چاند ستارے قید ہیں سارے وقت کے بندی خانے میں،
لیکن میں آزاد ہوں ساقی چھوٹے سے پیمانے میں.

منهنجي شروعاتي شاعريءَ ۾ رومانوي اثر آهي، جيڪو دنيا جي رومانوي شاعرن جي شاعريءَ وانگر آهي، جنهن ۾ شيليءَ کان وٺي يولار (Eulard) تائين سمورا شاعر اچي وڃن ٿا. ان سان گڏ ڪلاسيڪي اثر به تمام ٿوريءَ حد تائين منهنجي اڳ ڇپيل شاعريءَ ۾ آهي. اهو حق، انصاف ۽ رومانوي شاعريءَ جي ٻين قدرن واري جدوجهد کي مسترد نٿو ڪري پر ان جدوجهد کي هن ڪائناتي نظام جو هڪڙو اٽوٽ انگ سمجهي ٿو، جا هر صورت ۾ ٿيٽي آهي، ۽ جنهن کي مادي يا روحاني فڪر وارا، ٻئي ڏريون، مڃين ٿا. هينئر منهنجي زندگي انهيءَ ڪائناتي فلسفي ۾ وڃڻي چڪي آهي، جيڪو ازل کان ابد تائين زندگيءَ جي ڳولها کي پائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ۽ جيڪي به ڪلاسيڪل شاعريءَ جا قدر ۽ انهن جي وجود ۾ اچڻ جا لازمي اسباب آهن، انهن کي روحاني طرح تسليم ڪري چڪو آهي، ۽ ان ڳالهه کان انڪاري آهي ته هيءَ زندگي هتي ختم ٿئي ٿي، ۽ ان جي وابستگيءَ کان انڪار نه ڪندي، مان پنهنجي وابستگي ڪنهن وسيع تر شيءِ سان محسوس ڪيان ٿو، جنهن جو ڀرپور اظهار منهنجي پوئين شاعريءَ ۾ ٿيل آهي، جا اڃا تائين نوراحمد کي چڀجي ملي نه سگهي آهي.

نوراحمد اڳي جيڪو منهنجو انتخاب ڪري "سهڻيءَ" ۾ ڇپايو هو (يا ته هن جي چوند ۾ ڪافي تخفيف ڪري ڇپيو ويو هو) مون کي ڪافي پسند آيو هو. هو ڊگرين جي سهاري تي هلندڙ اديبن مان نه آهي، پر هن جي اها اندرين اڪ ڪليل آهي، جيڪا شاعريءَ جي روح تائين پهچي سگهندي آهي. اها ڳالهه مون هن سان تمام گهٽين ملاقاتن ۾ محسوس ڪئي آهي، ڇاڪاڻ جو جڏهن به مان حيدرآباد ويو آهيان ته هن مون کي قربت جو احساس ڏياريو آهي، جيئن شمس تبريز کي رومي ڏياريندو هو. جيتوڻيڪ نوراحمد شاعر نه آهي، تنهنڪري هن جي پيٽ روميءَ سان نٿي ڪري سگهجي. منهنجا جيڪي به سچا دوست ٿي رهيا آهن ۽ جن منهنجي خدمت به ڪئي آهي ۽ ڏکئي وقت ۾ همدردي به ڏيکاري آهي، هو انهن مان هڪ آهي، ۽ هو جڏهن منهنجي نامڪمل ڪلام جو انتخاب ڪري رهيو آهي ته مان هن کي مايوس ڪرڻ نٿو چاهيان، نه ته ڪنهن جي ڪلام جو انتخاب هن جي زندگيءَ ۾ نه ٿي سگهندو آهي، ڇاڪاڻ جو اڃا اهو پنهنجي تڪميل جو منتظر هوندو آهي.

شيخ اياز
۹-فبروري ۱۹۹۲ع
۲۷-اي، پرنس ڪامپليڪس
ڪراچي

پونر پري آڪاس

اسان تي الزام، آندا جڳ جيئڻ جا،
جن جي روز جواب ۾، جرڪيا منهنجا جام،
الا، ڪڏهن عام، رسندا منهنجي روح کي.

جاڳ پٽائي گهوٽ! سنڌڙي ٽي توکي سڏي،
مرن پيون مارويون، قابو آهن ڪوٽ،
اڇ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کيْ ڏاري ڇڏيون.

پرسان تنهنجي پٽ ڏٽي، جملي بيئس جهول،
ڏنئي ٻہ ٽي بول، سخي منهنجي ساهہ کي.

وري چوريان چنگ، سدا ڪريان سنڌ ۾،
ڪونهي اڇ ڪلام ۾، سُر جو سِر سان سنگ،
پريان آءٌ امنگ، ڪريان لات لطيف جي.

چپن چَورايو، ازل جي آواز کي،
مُهرون لڳيون منهن تي، ڳوڙهن ڳالهايو،
پرين پهچايو، اسان نياپو نينهن جو.

اندر منجهہ اٽاهہ، محبت ماٹهوئڙن جي،
پاڇو آهہ پرينءَ جو، تن جو سهٹو ساهہ،
جيڪر چميون چاهہ، ڏيان ساري ڏيهہ کي.

ڪٹا ڪُنيءَ ۾ ڏسي، رُني، ڪونہ ڪُڇي،
لوليءَ منجهہ لُڇي، ممتا ساري ماءُ جي.

سدا آهي ساهہ کي، ڳچي جي ڳولا،
ڏوَ بنا ڏولا، ناهي ساجهہ سونهن جي.

پوي ٽو پارو، ڪنبٹي آهہ ڪتين ۾،
ويٺي ڪتيو ولهہ ۾، سجڻ سيارو،
جيءَ جو جيارو، انهن نانءُ الله جو.

ڏسي ڏکيا ڏيل، ڳوڙها ڳل ڳڙي پيا،
بکن بيمارين ۾، آزاريل عليل،
زر ۽ زور ذليل، ماڻهوئڙا ڪيا ملڪ جا.

ڏٺم وجهي واجهه، جهاتيون پائي جهوپڙيون،
ٻهه ٻهه ڪئي ٻاجهه، منهنجي مُنهَن جي ماٺ ۾.

سنهيءَ سنهيءَ بوند، سڄَن کي ساڙي وڌو،
اڳيئي اڻ هوند، ويتر جُهرين جهوپڙيون.

رَتي ناهي رت، ڄورون مڙيون ڄندڙيءَ،
ساٿي اُٿ ستت، ته ساڙيون هن سماج کي.

ڇِڳي ڇپر کٽ، آيو تاءُ تڏيءَ کي،
ساوَن کاڌي سٽ، سُڄن سر مٿي ڪيو.

او ماڻهو او ڀاءُ، ڪارو گورو ٿي ڪٺين،
شال اهو انياءُ، تو ۾ آڻي ماڻهپو.

جيئون تنهنجي جند سان، مرون توسان ماءُ،
ڳوڙها ڳاڙ نه سنڌڙي، وري ورندو واءُ،
ڄرڪن پيون ڄندڙيون، تن من آهه تاءُ،
لونءَ لونءَ منجهه لڳاءُ، سڀ کي آ ساڻيهه جو.

آهي اڄ اڻاٺ، پرينءَ پانڌيئڙن جي،
جاڏي تاڏي جبر جي، ڏکي پيئي ڏاٺ،
ڪوڙ بڻايا ڪاٺ، سوريءَ سِري سچ جي.

سوچيو اٿم سؤ دفعا، ٿيان ٿائينڪو،
اورانگهيان نه عام کي، لنگهان نه ليڪو،
ڇا کان هي نيڪو، کنيو ڏات ڏکن جو.

پنِي پِئي واٽ تي، ڪالهه ڇني ڇوري،
لڳل هئي لوري، پل پل تنهن کي پيٽ جي.

نِڙي نياڻيءَ کي پَئي، روٽيءَ لاءِ رڙي،
تَڙيَ تي تَڙِي، هُوندَ ڏني اَڻَ هوند کي.

دوها

پيار هٽي ويو بڙچي من ۾، ڏئي ويو پچتاءُ،
صدين انهيءَ کي کونہ چتايو، گهڙيءَ وڏو جو گهاءُ.

پريت ڪئيسي، گيت چياسي، ٿيو اهو انجام،
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڳالهہ اسان جي، نگر نگر بدنام.

منهنجي من ۾ اچين تہ منڙا، سوچي پائج پير،
اجڙي وئي آهي هيَ نگري، هن ۾ رهندو ڪير.

مان ئي آهيان حسن ازل جو، مان ئي هان بدصورتي
مان پوجاري، مان ئي مندر، مان ئي پنهنجي مورتي.

چوريءَ چوريءَ پهچي من ۾، لڪي ليئا پائين،
آءٌ هلي، هي گهر تنهنجو آهہ، منهنجا منڙا سائين.

ڪهي ڪتين تان آئين سائين، پهتين منهنجي ديس،
ڏس تہ سهين ڪهڙو سونهين ٿو، توکي منهنجو ديس.

رات ڏيئي جي وَٽ ۾ جرڪي، گذري جگ جي جيت،
پڙهيا پئي مون روئي روئي، "وديا پتيءَ" جا گيت.

ماٽهوء جي مَنوَرتي بدلي، نُنهن کان وڃڻيو ماس،
ڪنهن جي من ۾ "ميران" ايندي، ڪنهن جو "ڪاليداس."

سمو پراڻو پاپي سپ کان منهنجي لاءِ ڪنور،
پچي پيو بنگالي مون کان ڪير هيو ٽئگور!

ڪاڻي هير، وساڻو رانجهو، سارو "جهنگ" تباهہ،
رکَ ۾ پنهنجون ڪافيون ڳولي، وينو وارث شاهہ.

ويو وسامي "سامي"، هن جي رُلي پئي اڄ رک،
ڪنهن ۾ ناهي پيارُ پرينءَ جو، ڪنهن ۾ ناهہ پرک.

پٽ ڏٽي، او پٽ ڏٽي، او منهنجا پٽ ڏٽي!
تنهنجو ڏيهہ ڏکاريل، جنهن ۾ ناهي قرب ڪٽي!

ڪافر ناهي، مومن ناهي، "سچو" پوءِ بہ سچ،
سچ چوي ٿو، "اڇ، اڇي سوريءَ تي لڙڪي نچ."

ڪٽي نہ ڪوئي ڪونڌر ڏسجي، ڪٽي نہ اُپري ڪنڊ،
آءٌ اڪيلو هان اوجهڙ ۾، پري پريءَ جو پنڊ.

نہ ڪي هوا ۾ هيج اڻي جي، نہ ڪا گهٽا گمنگهور،
پيو پڪاري ٿر ڪي ڏاري، ڪٽي ڪٽي ڪو مور.

ماڻهو ناهي مڙهيءَ ۾ ڪوئي، ڪنهن جي آهہ پُڪار؟
ويا اُٽي آديسي شايد، دانهن ڪئي ديوار!

منهنجي سنڌڙي، منهنجي سنڌڙي، سنڌڙي، منهنجي ماءُ،
ڪيئن مڃان مان، تنهنجي ڪک مان سڪ چڙي وئي ساءُ.

مُنجهي پيا سپ تنهنجا مانجهي، او منهنجا مهراڻ!
آءٌ ڪپر تي وينو سوچيان، جاڻ هٽي ٿي ٻاڻ.

ڪيسين مانو رهندين، پنهنجيءَ هستيءَ ڪان اڻجاڻ،
مستيءَ ۾ آ، مستيءَ ۾ آ، موجون هڻ مهراڻ.

سدا نہ رهندو ڪوبہ سڪندر، ٿيندو نيٺ تباهہ،
ايندا ويندا ڪيئي، وهندو رهندو درياهہ شاهہ.

منهنجي مڌ ڪي ميرو سمجهي، ٿُڏي چڏين ٿو ٽاڻُ،
تنهنجي من ڪان ميرو ناهي، هٽ رکي ڏس هاڻُ.

نينهن لڳايو ڪنهن نچڻيءَ سان، اسان وڃي چٽگام،
گهڙيءَ گهڙيءَ ۾ جنهن جا گهنگهرو، ڪن ٽا چمڪ-چمڪ چام.

گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهاو اسان جا، نگر نگر ۾ نينهن،
ڪهڙيون ڪهڙيون راتيون ساريون، ڪهڙا ڪهڙا ڏينهن.

پورنماسي، 'پوري گنگا'، ٽڏي ٽڏي واءُ،
تلي پيو ٽٽگور ڪنڌيءَ تي، اڇي پيو پڙلاءُ.

ڪَوي، اسان پرنام ڪيوسي، چميا اوهان جا پير،
ڪوي، ڏسين ٿو ڪلجگ آڻي ڪيڏا ٿو انڌير!

ڪوي، ڏٺا آهن توکان پوءِ ڪيڏا اسان ڪلور،
سچ کي سوريءَ تي چاڑهيو ويو، مات رهيا منصور.

من مندر جا ديپ وساٽا، آهي واس نه ڏوپ،
گهڙيءَ گهڙيءَ کي سيتا جو ست، راتيون راوڻ روپ.

هي ماٽهوءَ جو ٻچڙو، منڙو، ڪري ٿو ڪيڏا ڪيس!
پوءِ بہ اسان جي ڳوڙهن آندي، اکڙين ۾ آسيس.

سانجهيءَ ويلي پنڇي موٽيا، روئي ڏنو ڪبيرِ،
پنهنجي پنهنجي آکيري سان، سپ جي آهہ اُکيرِ.

وڃندي رهندي تنهنجي وينا، مري نہ ٽيندي مات،
تون جمنا جو جمونجهڪڙو آن، تون راويءَ جي رات.

سار اوهان جي آئي، من تي وار ڪيا ويساک،
اپري آيو سج اوپر کان، بڙڇيون اچليون باک.

سانوري سانوري صورت هن جي، سهڻو هن جو ساهہ،
هاءِ، هُيو پر بک جو هن جي اکڙين ۾ اوڙاهہ!

ريج ڏنو هو هٽڙي رت سان، ڪنهن پوريءَ جي پُل،
جنهن مان اُسريا پيارا پيارا هي جانيي جا گل.

هاءِ بکيون، اڏ-ننگيون نياٽيون، تن جي لج لِڪاءِ،
آءُ هوا هن پونگيءَ ۾، ڏِيئي جي وٽِ وساءِ.

ڪٽي هنيئہ کانپاٽي هن کي، ڪيئہ نہ ڪو ڪمکاءُ،
ننڍڙا نينگر، هن ڳيري کي تو وانگر آ ماءُ!

مون چيو، ماٽهوءَ جو ماٽهو ٿو ڪائي اڄ ڪلهہ ماسُ،
هن چيو، "مگري جي موسم آ، هلي ونون ڪجهہ واس."

چڪي پيو ڪو ڇُوهو تن ڪي سڏي پئي ڪا سُڄ،
اڳتان تُنهنجون اکڙيون ڊوڙيون، پٺ تان منهنجي اڄ!

آئي تنهنجي سار تہ منهنجي مڌ ڀاتا ملهار،
پڄي پيو آ من اي منڙا، ونين ڪئي وسڪار.

جنهن لئہ مون اڄ نيٹ نہ ٻوٽيا، سو نندڙيءَ جو چور،
ڪٽي گذاريندو هوندو، هيءَ ڪاري رات ڪنور!

تون تہ سجاڻين ٽي هن ڪي، جنهن لڏي اسان سان لانوَ،
ڪڏهن هتي هو وينو آ ڇا، اڙي پپل جي ڇانو!

وئي جواني، وئي جواني، تيز ٻُرانگهون پائي،
وهندو پاڻي، لهندي ڇايا، ڪير سگهي ترسائي؟

مان ئي بن هان، مان ئي بنسي، مان راڌا، مان شيام،
مان جمنا جون لهريون، جن تي چنڊ ڪري آرام.

وڻ وڻ ۾ آ منهنجو واسو، پن پن ۾ ٻڙلاءِ،
واءُ چوي ٽي، 'جهوٽو آهين، آءٌ، اڏامي اءٌ'.

پياليءَ پياليءَ مان رس پيتي، منهنجي پريت پياڪ،
ڪهڙي ڪهڙي مومل ساريان، ڪهڙي ڪهڙي ڪاڪ!

مرنداسي تہ مٽيءَ مان پنهنجي جُڙندا ڪيئي جام،
نوان نوان متوارا ايندا، هٽندا تن جي هام.

مرنداسي تہ مٽيءَ مان پنهنجي ڦٽندا سرخ گلاب،
ڪڙندا تڙندا جن ۾ پنهنجا بسنت رُت جا خواب.

مرنداسي تہ مٽيءَ تي پنهنجي چنڊ ڪندو چاندڻ،
ساهہ اسان جي سانڀي جا، سا سونهن ڪندي سرهاڻ.

مرنداسي تہ مٽيءَ سان پنهنجي، ملندو هي ماندڻ،
ڪتيون اسان جي ڪچ ۾ هونديون، چنڊ اسان سان ساڻ.

(بيت)

وڃون وسڻ آئيون

گوريءَ گُجري پير ۾، چوريءَ ڪيئن اچي!
گهر گهر گهنگهرو گونجندا، ميڙو پل ته مچي؛
نانگي اڄ نچي، داتا تنهجي دوارَ تي!

جوڳڻ سيکا جيءَ ۾، ميران مت نه ڪا؛
ٿيندي گيڙوءَ گيت سان، ڪهڙي منڌ متا!
ڪيرت ڪاٽياريون گهٽيون، ڪنهن ڪنهن منجهه ڪلا؛
جنهن ۾ جيءَ جِلا، ڪانڪي تنهن جو ڪينرو.

ڳوڙها ڳاڙي رت جا، پيلا ڳل لڪاءِ،
اُف انهن تي جي اَچي، چَپ ڪپي اڇلاءِ،
تن وٽ ووءِ نه واءِ، جن وٽ نعرا نينهن جا!

ڪاتيءَ هينان ڪنڌ، پوءِ به نعرا نينهن جا؛
سنڌڙيءَ جو سؤڳنڌ، مرنداسين پر مرڪندي!

ايءُ به ڪوئي آسرو، مٽيءَ ملندو مانُ!
ڳلا! ڳوڙها خاڪ تي، ايءُ به ڪو احسان!
وچ وچ، تون نادانُ، گهوريان توکي گهٽگهرا!

آري واري جندڙي، پهتس پهتس جانُ؛
گهوريان تنهنجي گهور تان، پنهون پنهنجو پانُ؛
تون ته سدا مون سانُ، سمجهي لوڪ اکيلڙي.

گوندر گُرڙي رَت جي، تو وٽ امرت- ڏُک؛
تنهنجي بولي ڇانورو، لوءِ نسوري لڪ؛
چارڻ ايڏي چڪ، ڳاءِ ته اپري سنڌڙي.

اوسار

احمد سولنگي

رات جي هن لحد ۾، مون کي سنپالي لاهجو،
سپ اچو، کانڌي ستارو! جو اجل آ جاڳيو!
هانءُ هُدهُد جو هڇيو ۽ قلب ڪويل جو جليو،
ڪنڌ تنهنجي ۾ ڪوي! وڃ جو عمل آ جاڳيو!
لاڙ تان لالڻ لهي ويو، سڄ تلاون کي رگي،
لاهيارن جي اکين ۾، جل ڪجل آ جاڳيو!
واءُ واڌايون ڏنيون ۽ شام سرگوشيون ڪيون،
ڪپ تنهنجي تي ڪراڙ، اڄ نئون ڪنول آ جاڳيو!
رات ڪوهستان جي ڏس ٽي پلاٽي پاند پَئي،
هر ستارو پيو سُمهي آ ۽ جبل آ جاڳيو!
(ايياز جي تدفين جي ٻئي ڏينهن لکيل)

انيس انصاري

دُور ديس کان هڪ رمتو آيو،
سُر جو جنهن هو جادو جڳايو.
هردي جي تارن کي ڇيڙي،
واهه جو واڇٽ آهه وڄايو.
ڪوتا جنهن جي آڏو بيهي،
چير ٻڌي ٽي ناچ نچايو.
ڪومل ڪومل سندر سندر،
نار نويلين من پرمايو.
ست وچن ها جنهن جا چيلا،
ڪين رکيو جن ڪنهن جو رايو.
آراڌنا جي گيتن اُن جي،
وياڪل مَن کي چين پُڃايو.
سونهن سرت جو راڳي رمتو،
واپس پنهنجي ديس ڏي آيو.

تاجل بيوس

روح رت ڇاڻ هو، تند تڙپي هئي،
ڪالهه ڪراڙ تي، سنڌ سُڏڪي هئي.
مون ٻُڌو اوچتو، ڪونج-ڪُرلاوَ ۾،
سَرَ مٿان او سڄڻ! سار تنهنجي هئي.
اڄ به توکي جڏهن ساڻ ساريو هئو،
گرهه پيو هو ڪري، آئي هڏڪي هئي.
ڪالهه ايياز! تنهنجي ٿڌي جسم تي،
واءَ ورڪا ڪئي، جوت جَرڪي هئي.
سنڌ ماتا جي هر هر امر هنج ۾،
ٽا چون: اک تنهنجي به ڦڙڪي هئي.
سمنڊ جي شور ۾ اڄ اوسات ۾،
رات روئي ڏنو ڏات ڏُسڪي هئي.
ڏاڍ جي ڏيهه جا بُرج پورا ٽيا،
تو جڏهن کابه هڪ سِٽ سرجي هئي.
ڪنهن ته بيوس چيو ٽي ته پٽ شاهه تي،
يار نند ۾ هئو، بند کِڙڪي هئي.

سوز هالائي

جيءُ کي جهوريندڙ، باک ڦُٽي آهي،
باک ڦُٽي آهي!
اوجاڳيل اکڙين ۾، نند لٽي آهي.
چانڊوکيءَ ۾ چنڊ جي، اک لڳي آهي.
گيت کويءَ جا نه ڪُٽا، رات ڪُٽي آهي.
راڳي 'آسا' ڳائيو، ويل وري آهي.
تنبوري جي تند سان، تند ملي آهي.
پيراندي پنهونءَ جي، سسئي سُٽي آهي.
ساري سنڌ لطيف جي، پونءِ بٽي آهي.
پٽ جي خاڪ چُمي وئي، ڪائي چُمي آهي.
ساروٽين جي 'سوز' چئي، تند وڳي آهي.
باک ڦُٽي آهي!

مُرکيو پٽ ڏٽي، ڏسي شيخ اياز کي.

"کي جو ٻيجل ٻوليو" ، گونجي ٽو آواز،
هڪڙو شيخ اياز، سُڏڪا ساري سنڌ جا.
"واتون ڦلن ڇانئيون" ، اکين اوسيئڙا،
هئہ هئہ جوڳيئڙا، ڪمڙي پار هليا ويا.
ڪڏهن ساحل تي هُئين، هاڻ نہ آهين تون،
"سانجهي، سمنڊ، سپون" ، گهايلُ سڄُ ٻڌي ويو.
"ڪپر ٽو ڪُنَ ڪري" اندر ۾ ڇوليون،
ڏوليون ئي ڏوليون، ڪانڌي تنهنجي ڪنڌ تي.
"اُپرُ چنڊ پَسُ پرين" سُتو آهي جو،
اُنهيءَ جو سُڏڪو، اڃان جاڳي ٽو پيو.
"گهاٽَ مٿان گهنگهور گهٽا ۾" ٻيدل ٽو ڳائي،
هرکو لڪائي، ڳوڙها ٽو پنهنجا اُگهي.
"ڪتين ڪر موڙيا جڏهن" توکي مون ساريو،
ءِ پوءِ گذاريو، صبح تائين جاڳندي.
ڪکرين جي ويسَ ۾، ڪوتائون ڇانئيون،
"وڃون وسڻ آئيون" وري اَڄُ ڪراڙ تي.
او مٽيءَ جا ميت! تُون بہ تہ نيٺ سُمهي پئين،
"الوداعي گيتَ" ، سُڏڪن ۾ ويا ويڙهجي.
"ڪٿي تہ پيجبو ٿَڪُ مسافر" باقي ٽورو پنڌ،
سڀ ڪان سُهڻو هنڌ، پاڙو آهہ پرينءَ جو.
ڪنهن لئہ واجهائي پيو "راج گهاٽَ تي چنڊُ" ،
سارو ننڊيو ڪنڊُ، ويڙهيل آهي ننڊَ ۾.
"جَگ مڙيئوئي سپنو" اُن ۾ پيارَ ورهاءِ،
جوڙِ نہ اهڙي جاءِ، جنهن ۾ پلجن نفرتون.
"چوليون ٻوليون سمنڊ جون" جي نہ سمجهين ٽو،
پوءِ چئبو تو، ڪڏهن پيارُ ڪيو ناهي.
پيارَ جي ڳولا ۾ ٽو، "پونر پري آڪاس" ،
مُرڪَ نہ آئي راس، هُن کي قُولن وچَ ۾.
"چنڊ-ڳليون" هِي ڪيتريون، ءِ مان اڪيلو،
توسان ٽئي ميلو، پل تہ اونداهيون هُجن.
تون آئين تہ دل جي، "رڻ تي رم جهم" ٽي،
دري دردن جي، بند اسان لئہ ٽي ويئي.
"هينڊو ڏاڙهونءَ گُل جيئن" ، تو سنگ آهہ ٽڙيو،
چو آ لوڪُ ڇڙيو، پرين پنهنجي پيارَ تي.
"تون ڇپر تون ڇانءُ" تون ئي منهنجو آسرو،
پرين تُنهنجو نانءُ، ٻيو ڪجهہ گهرجي ڪين ٽو.
"پٽڻ ٽو پُور ڪري" تو لئہ ناکئا!
تنهنجا سڏ هُئا، الائي ڪهڙي گهاٽ تي.
"اکن نيرا ڦليا" ويراني ۾ واءُ،
آءُ مسافر آءُ، ٿَر ۾ تو لئہ ٿرٽلو.
"ڪلهي پاتم ڪينرو" تنهنجي وئي ڪان پوءِ،
ڇڏيم پنهنجي لوءِ، نڪتس تنهنجي پوئتان.
سُڏڪا ءِ آهون، "جُهڙ نيٽئون نہ لهي" ،
سنڌ سڄي دانهون، ڪوءِ! تنهنجي موت تي.
"سر لوهيڙا ڳيا" راتيون، تنهائي،
علڻَ جي وائي، ڦٽ اُڊيڙي ٽي ڇڏي.
ويون وکوڙي ڪيتريون، مون کي "ننڊ-وليون" ،
توسان کينَ سليون، جاڳي دل جون ڳالهڙيون.
ساڌبيلي جي شامَ، ءِ "ڪنڊيءَ ڪناري ناوَ" ،
نيٽن جا هِي جامَ، ڇُلڪيا ڪنهن جي سارَ ۾.
"کونجون ڪرکن روهَہ تي" آءٌ بہ ائين اُداس،
توبن رات اُماس، توڙي ڪيئي روشنيون.
"هرڻ اکي ڪيڏانهن" ؟ چوڏس شڪاري،
سنڊڙي ويچاري، آهيڙين جي اک ۾.
"ٽکرا ٽٽل صليب جا" گهايل پنهنجا خواب،
اونداهين جا بابَ، پورا ٽيندا ديس جا.
ٽڙندين هي تاريون وري، "پن ڇڻ پڇاڙا" ،
موسم جا ماڙا، مٽيءَ سان رهندا ائين.
"لڙيو سڄُ لکن ۾" پنهنجو ٽَکَ ڪٽي،
مُرکيو پٽَ- ڏٽي، ڏسي شيخ اياز کي.
ڪيڏا اَڄُ ڪراڙ ۾ "جر ڏيئا جمڪن" ،
وينا ڳالهيون ڪن، شاهہ، اياز پاڻُ ۾.

مقصود گل

تنهنجا لفظ اياز!

تُنهنجا لفظ اياز! اسان لئہ اُتهاسي احساسَ،
ون ون جهڙا ورڇي وئين تون وهنتل وهنتل واسَ.

تُنهنجا لفظ بندوقون ڀالا، فولادي هٿيارَ،
جن سان ديس دروهين تي تو واريا هر هر وارَ.

تُنهنجا لفظ چميون ۽ ڀاڪر، اُلفت جا اظهارَ،
جن سان پلپل ارپي وئين تون پنهوارن کي پيار!.

تُنهنجا لفظ ستارا سونهن، ڏيئا ڏيئا لاٽ،
صدين تائين واهہ ڏسيندا، واٽ ڀليل کي واٽ.

تُنهنجا لفظ اُفق جي لالي، اُجرائيءَ اهڃاڻ،
ڏيندا رهندا، رات انڌيءَ ۾ صبح ٿيڻ جي ڄاڻ.

تُنهنجا لفظ وفائون بڻجي، ووڙيندا وڻڪار،
پيرَ پِٿون تہ بہ وڌندا رهندا پيارَ پنهونءَ جي پار.

تُنهنجا لفظ پرهہ جا پاڇا جهونجهڪڙي جي جهانءِ،
"اُڏري ويندوسانءِ، الا! مان اُڏري ويندوسانءِ."

تُنهنجا لفظ صدائون سچ جون اَناالحق اظهارُ،
جنم جنم ۾ جوڻ مَٽيندا، ٻيجل ٿي ٻيهارَ،.

تُنهنجا لفظ هوائن سان گڏ اُڏندا رهندا ائين،
پوپٽُ گُلَ کان سُرها نياپا آڻيندو آ جيئن.

تُنهنجا لفظ پٿر تي ليڪا، ارڏا عزم اِمامَ،
رهبر بڻجي راهہ ڏسيندا، منزل واري مام.

تُنهنجا لفظ اندر جا اُڌما، تڙ تڙ تي طوفانَ،
اوٿر آڏو، ڪک پنُ ٿيندا، ظلم سندا زندانَ.

تُنهنجا لفظ بهارون بَنَ ۾ هيرن جي هٻڪارَ،
ورڇيندا پيا نسلين، نسلين، سنڌ اَمڙ جي سارَ.

تُنهنجا لفظ لياڪا پائن، ڪڪرن مان ڄڻ چنڊَ،
رات ڀِنيءَ ۾ ارپيندا پيا محبت جا سي منڊَ.

تُنهنجا لفظ چُرن هر چت ۾ چاهت وارا چنگَ،
سِڪ جا سُر آلاپ اُٿارن، تڙپي رنگ ترنگ.

تُنهنجا لفظ ٻُرن ٿا ڄڻ پيا گِرجاگهر ۾ گهِنڊَ،
آڇن ٿا اَڌ رات عبادت، نيڻَ ڦٽائي ننڊَ.

تُنهنجا لفظ اُتر کان آئي ٿر تي ڄڻ برسات،
"سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو"، وائي هر ڪنهن واتِ.

تُنهنجا لفظ چندن جو ٻورو، يا ڄڻ ڌوپُ ٻَري،
سوچن واسَ ورهائن وينا، جهر جهنگ جهولَ ڀري.

تُنهنجا لفظ وُنيون ساگر تي ٿڌڙيون، مينهن ڪٽيون،
جن لئہ ساهت سِپَ سڪايل تنهن کي واهہ وڻيون.

تُنهنجا لفظ اُماوس ۾ ڄڻ ٽم ٽم جگنوءَ جوتِ،
اوتِ اڃا ڀي اوتِ وڄا تون اوتِ اکين مان اوتِ.

تُنهنجا لفظ ڏکايل من جي هِردي واري هُوڪَ،
باک ڦٽيءَ جو ڪوڪيندڙ ڪنهن ڪويل جي ڄڻ ڪوڪَ.

تُنهنجا لفظ اکين مان اوتيل لڙڪن جي ڄڻ لارَ،
پيار پڄاريءَ، پوڄا جي لئہ پوتا ويٺي هارَ.

تُنهنجا لفظ پرينءَ جي ٻُڪَ ۾، ماڪ ڀنا رابيل،
ڪونہ پرين پَرُ آيو، پَڪَ آ، هينئڙي ايندو هيل.

تُنهنجا لفظ تسلسل آهن، شاهہ ڀٽائيءَ جا،
ٻَرندا رهندا ڀٽ ڀليءَ تي ٻيئي ٻاجهہ ڏيئا.

تُنهنجا لفظ اکيون الماسي، اِلهامي آوازَ،
جيئندا رهندا توسان گڏجي شاعر شيخ اياز.

تُنهنجا لفظ گلابي گل ٿي ورڇيندا هٻڪارَ،
شاهہ ڀٽائي، تو لئہ تن مان جوڙيو آهي هارَ.

مرڪي پيا اڄ مهڪارن سان ٻيڪي ڪپَ ڪراڙ،
شاهہ ڀٽائيءَ ڀاڪر پائي، چُميو شيخ نراڙ.

روشن گھانگھرو

سُر اياز (بيت)

جاڳرتا ۽ سُرت جا، تو جي سرجيا گيت،
تن جا سُر سنگيت، وڃندا رهندا سنڌ ۾.

ڏاها! تنهنجي ڏات جي، ٽيندي نه ڪڏهن رات،
گيتن جي چنڊ رات، رهندي سدا سنڌ ۾.

ڏاها! تنهنجي ڏات جي، ست ست ۾ آ ساهه،
تن ۾ عشق اٿاهه، آهي ڏرتيءَ ماءُ سان.

ڏاها! تنهنجي ڏات جي، لفظن ۾ آ لات،
تو هُئي وتي وات، سرمد ۽ منصور جي.

ڏاها! تنهنجي ڏات جي، هستي آهه جدا،
توکي هُئي خدا، سوچ ڏني هن سنڌ لئه.

ڏور نه تنهنجي ڏات، ويڙهيچن جي وات کان،
سامراجن لئه ڪات، تنهنجون تحريرون تکيون.

ڏرتي تنهنجو دين هئي، شاعر شيخ اياز!
نوڙي نينهن-نماز، پڙهندو هئين تون پيار مان.

شاعر شيخ اياز هو، ڏرتيءَ جو آواز،
ڏرتيءَ کي آ ناز، پنهنجي پياريُ پُٽ تي.

تو جي لکيا بيت، سي مارُن جي مايا،
ڪلندا رهندا ڪيت، ساهت جي سنسار جا.

احساسن جي آگ ۾، آشائون تڙپن،
وڇوڙي جي وار سان، رڳون جڙ وڃجن،
"علڻ" جي تنبور جون، تارون سڀ تڙپن،
تخليقون چانڊاڻ جي، واديءَ ۾ گونجن،
سوچون سڀ اُڏرن، ڏاهي شيخ اياز ڏي.

تو وٽي تن تندور ٽيو، گهڙي گهڙي آ گهاءُ،
جذبن ۾ هن جهير ۽ سوچن ۾ سوداءُ،
وڃي پيٽو وجود ۾، پيڙا جو پڙلاءُ،
نٽي اچي نند، ٽي گهلي اُتر-واءُ،
آءُ اياز! آءُ، سڏي توکي ساهه ٽو.

فڪر تنهنجو سمنڊ جان، تنهنجو فنّ ڪمال،
سڙندا هيا ساڻ ۾، ساڙيلا توکان،
پائن پيا بانبڙا، نندين ٻارن جان،
پُڃندا ڪيئن توسان، تنهنجي منزل اپ تي.

اوندهه جا اڃ اولڙا، رهي پئي جڻ رات،
ساهه نهوڙي سوچ ٽي، جهُري پئي جذبات،
نيٽن جي ڪڪرن منجهان، وسي پئي برسات،
ڳاري پئي فڪرات، ساري شيخ اياز کي.

مظلومن جو مرثيو، ڏاها تنهنجي ڏات،
سورَ سڃي سنسار جا، لنوي تنهنجي لات،
وکريل هُئي جهان ۾، سڀ جي هئي فڪرات،
گيتن جي پرپات، ڏنئي ساري ڏيهه کي.

وري تڙندا گل ۽ وري وڃندا ساز،
مرندیون من مايوسيون، کِلندا سڀ آواز،
شاعر شيخ اياز! جيئندو رهندين جڳ ۾.

جاڳرتا ۽ سُرت جا، تو جي سرجيا گيت،
تن کي مانگر مڇ کيئن، ڏيئي سگهندا ڳيت؟
منهنجي من جا ميت! شعلا تنهنجا شاعري.

ڪاري رات ڪلا مٽي، راتاهي جي رُڃ!
ساهتي سنسار ۾، صدين تائين سُڃ!
ليڪن اُجهندي اُڃ، ايازي آواز سان.

پنهنجو ارڏو عزم، وٽي وٽين تون توڙ،
ڏيان ڏنو تو ڪونه، بک بک بيجا گوڙ،
جيون جي هر موڙ، تنهنجي سڪ سمنڊ هئي.

ڏکڙا ساري ڏيهه جا، سانڍيئي پنهنجي ساهه،
لُڇي پيئي لات ۾، عالم سندي آهه،
تنهنجي جيون-راهه، ڪنڊن پُر هئي پرين.

وري وڃندو ڪونه سو، سُمهي پيو جو ساز،
وري هن سنسار ۾ ايندو ٻيو نه اياز،
جنهن روحاني راز، پرکيو هيو پيار سان.

بيت (سُر ايازَ)

ڏاهي ڏات ڏٽيءَ سان گهاريل گڏ گهڙيون،
ڏاهي ورڇي ڏات، سميڙي سڪ سان سپ لئي،

چانديءَ، سونَ- جَڙيون، آهن سي سپ قيمتي.
ساڙولا سپ مات، سندس سرجيل فَنَ سين.

هو جو علمي اُپُ آ، ڏات ڏٽي ڏاتيارُ،
لکي ڏاڍي پيارَ مان، سڪَ سان سميڙي،

تَنهن جو پارُ اپارُ، کمڙو کمڙَو کيئن ڏسيان؟
موتي سپ ميڙي، جوڙي مالها ساهتي.

خاموشيءَ ۾ کارونجهر، ڳالهائي جڏ آسمان،
پيارَ- پستڪ پوڙيون، مون لئه تنهنجا شَبدَ،

ڏاهپ قرب ڪررُ، اوتون اٽلن اٽميون!
سانديي مون آهن چڏيون، ساهتَ- صحيفا سمجهندي.

هوليون ٻاجهاريون، خوشبوءَ هاٿا خيالَ،
ڪنهن ڪنهن سمئه سندءِ، قلم ڪنيو آ مون،

يادن جا احوالَ، تمڪن تاندائن جيان.
ڪيڏو اوچو تون، آهين منهنجا پيشرو!

ساڃي هٿ کارو لکڻُ، شامَ پهرَ-پَسارَ،
ڇُهي سندءِ پيرَ مون ورتو آشرواد،

نظرون نينهن نهارَ، پرنس ڪامپلڪس پنڌ ۾.
عظمتَ-آدجگادُ، اوشو، عيسيٰ اوڏرو.

اڻ ڏُکيل سگريٽ جا ڪي ڪي ڏگها ڪَش،
ڪالهه ٻه ڪَپ ڪراڙ تي، ڪوي قداور،

جڏ ڪنهن هندوڪَش، گهوريو پئي پولارَ ۾.
صدين جو شاعر، پال پٽائيءَ پونءِ سان.

ڪاڏي واري ٽراليءَ تي موم-بتيون ٻاري،
گهمي ساري پونءِ، آيو آهه ڪَهي،

چهرو ڏيکاري، سورج اوتَ ڪتاب جي.
هئي جڏ ته ڏهي، مٽيءَ -پٽ مان مورتي.

اکرن وارو عشق، عمر ڏسي ڪونه ٽو،
پهتو تنهنجي جوءِ ۾، تنهنجو تسلسلُ،

سارو وقت پڙهي پيو، گهڻ ڳُٽو-ڳٽواڻ ٽيو.
اٽي اُن سان مِل آيو اٽئي ڏات ڏٽي.

هڪڙي هٿ تسبيح، ٻئي هٿ وينا،
مرشد گهوٽ لطيف! سيئي ساهتڪار!،

نِگهه نگينا، مذهب: محبت، ماڻهپو.
آيا اٽئي يارَ، مٽيءَ ارپڻ پيشرو.

ڪَٽي پنهنجي هٿ سان، ڏنئه جيڪو صوفُ،
تنهنجي آڳڻ تي لٽو، ساهت سونو سج،

ڪائي مان پانيان، مَن وسلوئي مون کي مليو.
نينهنُ اٽيئي نِج، شاهه ايازيءَ لات ۾.

ڪوي ڪناري سمنڊ جي مٽان پکين-لُڙ،
املتاس ۽ گل مهر، جيڏا ڪيس وٽيا،

چانيل چوڏر جهُڙ، هوا-حرڪت هينئڙي.
تيڏا رنگ جُڙيا، سارا شعر بسنت جا.

سمنڊَ ڪناري شامَ، ڳاڙهو سجُ سمانُ،
اکڙيون عُقابي، گهورن ايندڙ وقت کي،

ڈسي مردُ مهانُ، مُنجهي مائو ٽي ويو!
گُفتا گلابي، واسين صدين-پيچرا.

لکيون جيڪي ننڍ ۾، ڪويءَ شعرَ-سٽون،
نندءِ وڏيءَ ڳالهه تي، ايڏي چو اڻ تنَ،

سُڪل نب ڪُرچيون، دائريءَ پني پيٽ تي.
اهڙو ڪوئي گٺ، ڪنهن ۾ ڏٺو ڪينكي!

پوڙي چاکُ مس منجهان، پنو رنگيان مان،
انهيءَ بعد پَسان، سرجيل اسمَ ايازَ جا!

بشير منگي

سُر شيخ اياز

ڪراڙ جي ڪنڊيءَ تي ڦُٽو هڪڙو ڪُلُ،
چوڏس ڪيڏو هُلُ، ڪيڏي خوشبو آهي.

ڪراڙ جي ڪنڊي تي سُکيو سُمهي پئين،
ائين موڪلائي وئين جيئن وينگس کا رُسي وڃي.

سکيو رهين تون سدا، پٽائيءَ سان گڏ،
سنڌوءَ جو سَڏُ، متان ٻڏڻ کان ٻوڙو ٿئين.

تون جو هليو وئين ڪنهن سان سليان سُور،
سنڌڙيءَ جا پُورَ، ڪير لکندو قلم سان.

سدا وَسي سنڌ ۾ اياز تنهنجو نانءُ،
تو جڙو ڏانءُ، ناهي ڪنهن ٻئي ڪوي ۾.

تُون جو هليو وئين، اسين سپ دلگير،
وري اڇ ويرَ، سنڌڙي ٿي توکي سڏي.

ڪوتا ڪاڪ جا، او! البيلا راٹا!
اسين عيبن هاٹا، تون ئي سُونهن سنڌ جي.

'سنڌوديس مهان' جا شاعر اکيون کُولِ،
پول مِٹا ڪي ٻول، آيم جو تو وَٽ ڪمي.

جوڳي چڏي جُوءِ، ويو هليو هُن پار،
هاٹي هنجون هارِ، هو نہ ورندو هٹڑي.

جوڳي منهنجي جيءَ کي جموري وئين هليو،
ناهي پُور پليو، تو لئہ هانءُ ماندو ٿئي.

ماٹک ملاح

شيخ اياز جي ناڻءُ

او ڪراڙ ڪنڊي! تُنھنجي سونھن ورونھن،
نيڻ، ننڊون ابدي، پاڻءِ نہ پنھنجيءَ پَر ۾.

پاڙيسري ٿي آئين، جنھن جوڳيءَ جي جاءِ،
پٽ ڏٽيءَ سان ڳاءِ، سُور سموريءَ سنڌ جا.

رُنا ڏينڌ ڪراڙ کي ڪنول ڪري رُوڻيون،
شايد ڏٽي چُميون، پرھہ پرين پرچائيا.

نِمون، ٽالھيون سُڏڪيون، لامون لڙڪائي،
ڪراڙ سان پاڪيءَ پيون، ھيرون ڳل لائي،
ھي سُڏڪو آھي، يا ڪو گيت "اياز" جو.

ائين نہ چوندو سانءِ، ھڪڙو ھُيو اياز،
پونءِ سموري پاڻءِ، جھرٽو تنھن جندڙيءَ سندو.

مون جو ڏنو ھن کي، ڏينڌ ڪناري واھہ!
اک پٽائيءِ اک ۾، تار تنبوري تاءِ،
ڳاءِ ڏي جوڳي ڳاءِ، ڪنھن ڪنھن جاتو ڏات کي.

ڪوئي رمتو ويو رَلي، ڪنھن کي اونو ناھہ،
پٽ ڏٽيءَ جي پُونءِ تي، ڪنھن تہ ڪئي واءِ واءِ،
ھُن مُرکي چيو واھہ! اِھا بہ ڪائي ڳالھہ آ.

ھُن پير آھي پٽ ڏٽي، ھِن پير آھہ اياز،
ھُو ٿو سنڌوءَ پرار تي، سوري ڪوئي ساز،
ھي سنڌ جو آواز، ڪير روڪيندو ڪيترو!

ڏينڌ ڪناري ساڻ، پنھنجو آھي پٽ ڏٽي،
اياز اُتي آئيو، ڪٽي خيالن کاڻ،
سنڌ سموري سوجھرو، ٿيندي نينھن نياڻ،
پٽ ڏٽيءَ جي پاڻ، ھُو جو گڏيا پاڻ ۾.

جنھن پل تنھنجي ناڻءُ سان، آيو وڇوڙو،
تنھن پل بٽجي روڄ ويو، پاڙو ۽ اوڙو،
پر، تُنھنجو وڇوڙو، "ماٹک" مجي ڪينکيِ!

•

ڪنھن کي چوان آءُ، پايون ڳل ڳراٽڙيون،
ساري ڏيان سنڌ جو، سورن سُڌ سماءُ،
"شيام" تہ آھي ڪينکي، جنھن لئہ سِکي ساھُ،
"اياز" ڏيھہ پڌاريو، جنھن جي دل درياھُ،
"گورڌن" ۽ "دلگير" کي، سڏي ڏرتي ماءُ،
پاٽان پري چو ٿيون، "ڪيرت"، "لچمن" پاءُ،
"ارجن"، "ايم ڪمل" ۽ "راھي"، پنھنجيءِ نگريءِ آءُ،
اڪيلائيءَ انت ٿئي، اھڙو ڪيون سرچاءُ،
اندر منجھہ اُھاءُ، آگمييو چوٽون ڪري.

انجم قاضي

شيخ اياز جي مرتئي تي لکيل نظم

هڪ صدي جو خاتمو ٿي ويو،
نوجوانو ۽ بچا، پوڙها ٻڌو.

شخص هڪ، جو هو سراپا روشني،
سچ کي اپي ويو هُو زندگي.

پيار تي جنهن جو پکو ويساهه هو،
جنهن کويتا کي ڏنو اتساهه هو.

زندگيءَ کي نانءُ ڏئي ويو شاعري،
سنڌ کي ڇڻ هنيانءُ ڏئي ويو شاعري.

نانءُ ان جو پيار آهي دوستو!
جنهن جو سچو اقرار آهي دوستو!

هو سچو پٽ ماءُ ڌرتيءَ جو هيو،
جنهن نپايو نينهن سرتيءَ جو هيو.

هو پٽائي، جو ٻيو ڇڻ روپ هو،
جنهن مَريَ اقرار کيو آ پيار جو.

هو سنڌين جو سچ کوڻي مانُ هو،
معتبر ۽ هُو وڏو انسانُ هو.

هو ويو سڏکي سڄي ٿي سنڌ پئي،
هو ويو تڙپي سڄي هيءَ جند پئي.

زندهه آهي، زندهه رهندو شيخ اياز،
کين مرڻو، کونه مرندو شيخ اياز.

هو عظيمن کان عظيم انسان آ،
سنڌ جي دک درد جو درمان آ.

سنڌ دشمن لاءِ هو طوفان هو،
هو امن جو هڪ سچو اعلان هو.

هُنَ بنا هٿي سنڌ ٿي ويران آ،
هو سچو، اعليٰ ته کو انسان آ.

☆

گدا خاصخيلي

(نظم)

نندي کنڊ جو وڏو شاعر پٽائيءَ سان وڃي مليو!

هُو کوتائون قبر تي ۽ گلن جون چادرون راڃي،
تنبوري تار تي ٽيا ڏس، جنهين جا گيت ويراڃي،
ٿي چوٽايون صديءَ جون عمر جنهن هئي تڙپ ۾ تياڃي،
هو آيو جنهن طرف کان هو، وٽي ويو واٽڙي ساڃي،
سچي پنڌ جو مسافر آ، سچائيءَ سان وڃي مليو،
نندي کنڊ جو وڏو شاعر پٽائيءَ سان وڃي مليو!

-

مجازي مامرن کان ۽ حقيقي داستان تائين،
هي شاعر سنڌ جيڏو ۽ قدامت کمکشان تائين،
ويو خوشبوءِ ڦهلائي، زمين کان آسمان تائين،
کيائين سرحدون ٽئي سپ، مڪان کان لامڪان تائين،
اُماسن کي ڇڏي اوريان، سُهائيءَ سان وڃي مليو،
نندي کنڊ جو وڏو شاعر پٽائيءَ سان وڃي مليو!

-

کوي پنهنجا قدم سوري، عدم ۾ پيرُ آ پاتو،
سموري پونءِ پڙکي پئي، سياتو لرزش لاتو،
پکين پئي پاڻ ۾ اوريو، نه اوراٽن کي کنهن جاتو،
پرهه ويلي ٽُٽو جنهن ٿي جسم کان روح جو ناتو،
کري انياءَ کان اوڀر، نيائيءَ سان وڃي مليو،
نندي کنڊ جو وڏو شاعر پٽائيءَ سان وڃي مليو!

-

خبر کڙڪي، جنم کڙڪي ۾ هن جي واپسي ٿيندي،
اسان جي ديس جي حالت ڇا اڄ کان وڌ بُري هوندي،
وري ساڳن هٿن سان ڏک، قلم جي نوڪ موکيندي،
تڏهن کاپائتي چرخي کي چوري پنهنجي منهن چوندي:
غُلامي دور جو باغي، رهائيءَ سان وڃي مليو،
نندي کنڊ جو وڏو شاعر پٽائيءَ سان وڃي مليو!

☆

سرڪش سنڌي

وائي

ڪنهن کي ڪهڑيون ڏيون،
خبرون نيٺ ڪراڙ جون.
پاڳا پاڳا ويون ڪري، اندر کي اوڳيون،
تبرون نيٺ ڪراڙ جون.
هَئه، هَئه توکي حوصلا! ڪيئن ته ڪائي ويون،
نظرون نيٺ ڪراڙ جون.
مَنڙا ڪيسين موج کي، پائيندين رهنديون،
ڪپرون نيٺ ڪراڙ جون.
پَڪَ آ ڏينندي پاڻ کي، پاڳن واري پُون،
ڪسرون نيٺ ڪراڙ جون.
سرڪش سنڌي قوم کان، گهور گهرن ڇا ٿيون،
قبرون نيٺ ڪراڙ جون.

مولا بخش چانڊيو

سارا خواب ڪٽي،
ڏرتي تنهنجي پاڪر ۾،
آيو ڏات ڏٽي.
ماريو ڪين مرڻ،
آيو تنهنجي پاڪر ۾،
ڏرتي سُور سلڻ!
سپ نمائن سيُس،
ڏرتي تنهنجي پاڪر ۾،
توسان ڪهڙي ريس؟
لڙڪ سندءِ اگهندي،
ڏرتي تنهنجي پاڪر ۾،
پاڻ پئي روئندي.
ڪوتا ڪمايو،
ڏرتي تنهنجي پاڪر ۾.
مٽيءَ مهڪايو.

☆

علي نواز ڏاهري

وائي

محبت جا مينار،
پرهه-ڦٽيءَ پار،
آهن گيت اياز جا.

محبوبن جي مرڪ جا،
انداز ۽ اقرار.
آهن گيت اياز جا.

نئين نسل جي نينڊ جي،
مٺي اُپ-اڌار،
آهن گيت اياز جا.

بنجر ساري پوءِ تي،
وڃن جا وسڪار،
آهن گيت اياز جا.

آزادي، انقلاب جي،
پورهيت ڪاڻ پڪار،
آهن گيت اياز جا.

ساڃي ٻيجل-سئن ۽،
ساڃي تند-تنوار،
آهن گيت اياز جا.

ويريءَ ڪاڻ وجود جي،
خنجر جي جڻ ڌار،
آهن گيت اياز جا.

هٿندي نعرا-نينهن ٿيا،
سوريءَ-سزاوار،
آهن گيت اياز جا.

☆

زخمي چانڊيو

پٽ ڏٽيءَ جي ناڻءُ

منهنجا لطيف! تو وٽ مهمان ٿو اچي،
ويهين صديءَ جي سنڌ جو ارمانُ ٿو اچي،
توسان ڪرڻ ڪچهريون تُنهنجي ٿي ڳوٺ ۾،
تو جيئن عظيم شاعر انسانُ ٿو اچي.

لطيف تنهنجي پوءِ تي اچي ٿو مهمانُ،
تنهن کي ڏجاءِ مانُ، مهمان ٿئي مانائتو.
مهمانُ ٿئي مانائتو، شاعرُ شيخ اياز،
سنڌُ سنڌين جو رازُ، توسان اورڻ ٿو اچي.
توسان اورڻ ٿو اچي، سنڌُ سنڌين جا سورَ،
جيڪي ٿين ڪلورَ، پوءِ وارن سين پٽ ڏٽي.

سرمد چانڊيو

شيخ اياز جي ناڻءُ

پائي وينو جهول ۾، ساري سنڌ جو ساهُ،
ڪيڏا پاڳ ڪراڙ جا.
هڪڙي هنج اياز ۽ ٻيءِ ۾ شاهن شاهه،
ڪيڏا پاڳ ڪراڙ جا.
اڳ ڪان اڳرو ٿي ويو، وانگين جو ويساهه،
ڪيڏا پاڳ ڪراڙ جا.
مٽيءِ جو ڇا مانُ آ، رهندو وقت گواهه،
ڪيڏا پاڳ ڪراڙ جا.
پيتو ڪنهن نه پياڪ هو، امرت ائين اٿاهه،
ڪيڏا پاڳ ڪراڙ جا.
ريس نه ڪنهن جي پاڳ سان، هر ڪنهن پنهنجو ڇاهه،
ڪيڏا پاڳ ڪراڙ جا.
پائيءِ ڪان وڏ آهه ڪو، پيارن منجهه پساهه،
ڪيڏا پاڳ ڪراڙ جا.
ڪير هيو هن حال کان، عشق بنا آگاهه،
ڪيڏا پاڳ ڪراڙ جا.

☆

نياز ملاح

اياز کي پيٽا

زنده رهندين تون،
پنهنجي هر تحرير ۾!
ساهن ۾ سانديون اٿم،
تنهنجون سڀ ستون،
پنهنجي هر تحرير ۾!
کين رهنديون او کوي،
يارن جون يادون،
پنهنجي هر تحرير ۾!
ٽڪ نه پيڻو آ ڪٿي،
ٽيندا پير پٿون،
پنهنجي هر تحرير ۾!
همالي جيڏا کوي،
تنهنجي وات ونون،
پنهنجي هر تحرير ۾!

حزب الله منگي

غزل

هيڪر نه ياد هرهر ايندو اياز آهي،
ڪيڏو قريب دل جي رهندو اياز آهي.
ڏيندو خدا جنهين کي ورثي ۾ ذات آهي،
سوئي ته شيخ جهڙو ٿيندو اياز آهي.
خاموشيون چڏي هو آهي ويو دنيا ۾،
توکي نه آ خبر ڇا هوندو اياز آهي.
پنهنجو هجي پرائو هندو هجي يا مسلم،
سڀڪو ته ياد يارو رکندو اياز آهي.
جيڪو به چاهڻ سان ان کي پيو پڪاري،
ان سان ته خواب ۾ پو ملندو اياز آهي.
جڏهين به شام جو سج ڳاڙهاڻ ٿو پکيڙي،
محسوس ٿو ٿئي جڻ ڏسندو اياز آهي.

☆

امر ساهڙ

شعر-ستارا

ڪالھ ڪڪوريل ڪوتائن جي،
خوشبوءِ جو خون ٿيو آهي،
ءِ هڪ دور پٽائيءَ جي اڃ،
پير ۾ مدفون ٿيو آهي.
دُور ستارن ڏي سپنن جي،
اڃ مهڪ اُڏائي موت ويو،
ٿي چانڊوڪيءَ کان چند پڇيو،
ڇو قُول پلا ٿي فوت ويو؟
جنھن رات لڳي ٿي ماتم جي،
هيءَ سنڌ وڳي ڪنھن گيڙوءَ ۾،
تنھن ويل جھڪي ٿي جھاڻ جيان،
هُئي تم تم هر ڪنھن ٽيڙوءَ ۾.
آڪاس اُکولي ڇيڪ ڇڏي،
گھنگھور گھٽا ڪنھن گيسوءَ جان.
ءِ سنڌ پئي آ پيلي ٿي،
ڦُلواڙيءَ جي ڦل-ڪيسوءَ جان.
جيئن وڳر کان وڇڙي ڪائي،
ڪُرلائي ٿي ڪُونج اڪيلي،
تيئن تنھا ٿي ڪينجھر تي ڪا،
گيتن جي اڃ گونج اڪيلي.
ٿي گونجي روز گتار جيان،
چئني پاسي چيخ صديءَ جي،
ڪير کوي چوَ! تحرير ڪندو،
توکان پوءِ تاريخ صديءَ جي.
ٿي شوخ هوا جي شعلن سان،
هن ديس مٿان ڪا ڏوپ وسي،
ءِ ماڪ جيان ڪنھن ڪاڪ مٿان،
ٿي ڏُک جا ڏاري روپ وسي.
هُو صوفي هو، لاکوفي هو،
هاڻي بحث اجايو آهي،
هُن جي سرجيل سوچ سلوٽي،
سنڌڙيءَ جو سرمايو آهي.
هُو باغي هو، يا راڳي هو،
هُن جيڪا جوت جلائي آ،
سا سوجھاڪي جي ساڪ جيان،
هن پُوميءَ لاءِ پلائي آ.
هُو ڏات ڏٽي هو ڳالھ گھٽي،
جنھن جگ ۾ آندي جاڳرتا،
اُن شاعر جا احساس اُجا،
هن ڏرتيءَ وارن کي پرتا.
حُسناڪ ڪلا جا ڪيئي هُو،
ھِت گيت ڇڏي ويو آهي،
ءِ ميندیءَ رُت ۾ مُرجھايل،
ڪجھ ميت ڇڏي ويو آهي.
اُن جا ڪونھ فنا ٿي سگھندا،
نغما نيئ- نھارُن جھڙا،
اَمرُ کوي ٿي ويندا تُنھنجا،
سيئي شعر ستارن جھڙا.

✤

سميع ساجد جوٽيجو

ٻيٽا

خاڪي جسم "اياز" جو، ڪنيائون جڏھن،
اُن جا گيت تڏھن، روئي ڳاتا سپ ڪنھن.

پٽ جي نگريءَ ۾ سِتو، آهي شيخ اياز،
سنڌ جو هي آواز، آھ گھريءَ نند ۾.

توکي ڪھڑي پيٽ، آءٌ ڏيانءِ اياز،
اھڙا ناھن الفاظ، جيڪي لکانءِ شان ۾.

تنھنجي وڇوڙي ۾ اياز، رني ساري سنڌ،
ءِ ها هوءَ ھِندُ، سڏڪي تولئ خوب هئي.

☆

حبدار سولنگي

اُجالن جو پانڊي

هر صدا اڄ خاموش پياسي پئي،
هر صدا اڄ گونگي آ بڻجي وئي!
ڪين اڳتي وڌيا ۽ نه پُنتي وريا،
جڏ تہ پيرن ۾ زنجير پئجي ويا.
۽ اکيون ٻاڏ جي سمنڊ ۾ ويون ٻُڏي،
زندگيءَ جون پتيون زلزلي ۾ لُڏيون،
اوپريون ۽ نڏڪيون ٻٽيون سڀ گهڙيون،
درد جا فلسفا ذهن سمجهڻ لڳو،
ماڻ ئي ماڻ ۾ ڪجهه تہ سوچڻ لڳو:
جنهن اسان کي ڏني روشنيءَ جي ندي،
جيڪو اُهجاڻ هو سڄ جي سڄ جو،
جنهن جي لفظن ۾ اُتهاس زندهه رهيو،
جنهن ڪويتا جو آڳرُ گلن سان پريو،
جنهن جي آواز ۾ سَڏُ صديءَ جو هيو،
زندگيءَ، روشنيءَ، شاعريءَ جو هيو.
جنهن سُجاڻپ جو سوجهرو ارپيو،
جنهن جي نيتن ۾ تاريخ جا پيچرا،
روشنيءَ سان سدائين سجيل هار ها،
اڄ گڻيا فن جا جنهن شهر جهاڳيا،
هُن ايڏو لکيو، هُن ايڏو لکيو.
جڏ ازل ۽ ابد کي مهه ئي ڇڏيو،
ذات جي مينهن ۾ هُو سدائين پگهو،
جنهن سدا سڄ ۽ سونهن کي گهائيو،
جو ڪتابن جي وچ ۾ ئي وينو رهيو،
جنهن جي فن مان ڦُٽيون ڪائناتون نيون،
جن ۾ سڄ جو نُور ئي نُور هو،
عشق جو فلسفو، پيارُ پرپور هو،
پان جيڪو اُجالن جو پانڊي هيو،
سڄ جي سوپ جو جيڪو راڳي هُيو،
هت اڪيلو سين کي ڇڏي اوڇتو،
سنڌ کي هو هٿن ۾ ڏئي سڀ ڪتاب،
پان سان گڏ ڪتي سڀ سوال ۽ جواب،
پٽ ڏئيءَ سان ڪچهري ڪرڻ آ ويو،
ڇا ڇوان، ڪيس هُو ڇا ڇون آ ويو؟
جن ائين ٿو لڳي، ٿي پري شور کان،
هُو پٽائيءَ جي پر ۾ خاموش ٿي،
هُو هميشه جي لئه ڪجهه لکڻ آ ويو،
پٽ ڏئيءَ جي تنبوري تي آڱر رکي،
راڳُ اسرار جو آهه ڳائڻ ويو،
راڳُ اسرار جو آهه ڳائڻ ويو.

✤

رضا بخاري

سُر شيخ اياز
(بيت)

پٽائيءَ جي پوڻ سان، ٻڌجي شيخ اياز،
ڇيڙي سندر ساز، سنڌڙي ڪي ڳائي پيو.

آجان سُتو ڪونہ هان، جاڳان ٿو جاڳان،
ڪراڙ جي ڪپ تان، هي آواز اڇي پيو.

سوچون سندرتا پريون، گلن جو هڳاءُ،
جذبن ۾ ڦهلاءُ، خوشبو جو ڪري ويو.

سنڌ، سڄ ۽ سونهن لئه، پورو سَتُ ڏئي،
دل جو رَت ڏئي، نئين تاريخ لکي ويو.

ادب کي اَرپي ويو. جڳت پري جند،
صدين تائين سنڌ، جنهن تي ناز ڪندي پئي.

☆

بيخود بلوچ

اياز جي وڇوڙي تي

شاعريءَ جي ڏيهه ۾،
روشنيءَ جي ڏيهه ۾.

اڄ به سو آهي اياز،
بُڌ! هي تخليقي آواز.

هُو ٿو ڳائي انقلاب،
"هي نظام آهي خراب."

هُو وڃي سگهندو نه دور،
هينئن ڇيو هر هر شعور.

هُو هتي آهي اجان،
مڃ نه مڃ مان ٿو مڃان!

☆

غوث پيرزادو

شيخ اياز جي ياد ۾

هر لمحو سيلهه جيان ڇُپي هاڻي،
هر شام ويران ٿي رهي هاڻي.

سار دونهين ته ناهي پوءِ ڇا لئه،
دل جي آگر تي ٿي دُکي هاڻي.

امرتا کاري ويس کي اوڍي،
ڪيئن تربت تي ٿي اچي هاڻي.

هو نه ايندو چرين جيان هن کي،
سمنڊ جي هير ٿي سڏي هاڻي.

همعصر ڪنهن ڇهيو آ پٿر کي،
ءِ پٿر ته پيو ڏکي هاڻي.

سعيد سومرو

وائي

روح اُهي ٿي روگ، اياز،
ميان! رات ۾ ننڊ نه آئي.

سسئيءَ جيهي سنڌ اُجاڙ،
تنهن سان همڑا پوگ، اياز،
ميان! رات ۾ ننڊ نه آئي.

ساهن-سگريءَ مٽان، سُري،
سيڪن هٿڑا سوگ، اياز،
ميان! رات ۾ ننڊ نه آئي.

ننگا نڪتا ناتر لئه،
جُوڳيرَ ڇڏي جوگ، اياز،
ميان! رات ۾ ننڊ نه آئي.

مُرڪ، مٺي جل جهڙيءَ پوءِ،
مَن مَن ماريو موگ، اياز،
ميان! رات ۾ ننڊ نه آئي.

☆

بخشل باغي

شيخ اياز جي ناڻءَ

تون ته ڪهرو سمنڊ آهين،
چوليون ٿي شعر تنهنجا ٿا ڇُلن!

پاڻ ۾ تو آ سمايو سنڌ ڪي،
تون مگر اُپڪنڊ آهين،
چوليون ٿي شعر تنهنجا ٿا ڇُلن!

سنڌ جا جنهن ۾ سدا سپنا رهن،
سا اکين جي ننڊ آهين،
چوليون ٿي شعر تنهنجا ٿا ڇُلن!

سوچ چاندوڪي جيان تنهنجي چٽي،
سنڌ جو تون چنڊ آهين.
چوليون ٿي شعر تنهنجا ٿا ڇُلن!

عبدالحئي بٹو

شيخ اياز کي پيٽا

هڪڙو هو خوبصورت پکي،
جيڪو هميشہ لاءِ اُڏامي ويو
جنهن جي اُڏامڻ تي،
رُني سڄي هند ۾ سنڈ....
هِن جي وڃڻ تي،
زارو زار روئڻ لڳا،
پار پُڊا ۾ نوجوان.....
۾ هِن جي شاعري هئي،
سڄي عالم جي آڌت.....
هو پکي.....
سنڈ ڏرتي جو سڳنڈ هو،
هِن جي وڃڻ سان،
غم ۾ آهي....
"مهراڻ" ، کينجهر
هِن پنهنجي سوچ جي،
خوشبو سان،
سنڈ جي گهٽي گهٽي
واهڻ واهڻ،
وستي وستي،
شهر شهر ۾،
کيئي رنگ رچايا
سندس کويتائون،
ذهن ۾ گهر
کري ويندیون آهن،
سندس سوچون
اسان سڀني جو سرمايو آهن،
سندس ذات
۾ گلابن ۾ رابيلن
جون ڏاندیون،
جهومنديون آهن
پٽائيءَ جي پر ۾،
تون آرام ۾ آن،
تون اسان جو آن
اسان تنهنجا آهيون
اي اياز!
تون مومل جي ماڙي
موهن جي دڙي،
۾ کوٽ ڏيجي جي
ڳوهيل مٽيءَ مان
نهيل آهين،
تنهنجي شعرن ۾ کويتائن
۾ مٽيءَ جي خوشبو آهي،
۾ تو مٽيءَ سان نهايو آهي،
۾ مٽي توکي پنهنجي هنج ۾ سُمهاري
خوش ٿي رهي آهي.

★

گل حسن ساگرکوري

شيخ اياز کي پيٽا

جيستائين او کوي!
سُونهن آ سنسار ۾،
موج آ مهراڻ ۾،
آ سڳنڌ سُرهاڻ ۾،
باک ويلي گل مٽان،
پوئنرڙو پرندو پيو،
شاعري تنهنجي پٽي،
شاهه جي واين جيان،
ڏوٽين جي واٽ تي،
روز جي بُرندي پئي،
تيستائين سنڌ ۾،
نانءُ تنهنجو امر،
نانءُ تنهنجو امر.

سعيد ميمڻ

سمنڊ جي ڪناري تي
اڄ اياز سوچي ٿو-

هُو ڪراڙو ٻيٻو آ
لٽ جي سماري تي
سمنڊ جي ڪناري تي
وارَ ٿا اُڏن هُن جا
آهه واءُ تيزيءَ ۾
شام جو سمو آهي
سڄُ ٻڏي ٿو پاڻيءَ ۾
ديد هيٺ ڏرتيءَ ۾
ذهن سوچ گهريءَ ۾
سمنڊ جي ڪناري تي
اڄ اياز سوچي ٿو:
"طئه ڪري سفر ڪيڏو
مان هتي پڳو آهيان!
سامهون پيا آهن
پيرَ هو پٽائيءَ جا
جڏ ته مون ڪيا آهن
سيرَ گڏ پٽائيءَ سان
جڏ ته مون چيا آهن
بيت گڏ پٽائيءَ سان
ٿو ڏسان چٽائيءَ سان
اڄ به مان اڳيان هن ڪي
ڪيئن پر سڏيان هُن ڪي
ڪيڏ ٿو وڃان هن جي
پاڻ ئي نهاريندو
ٻ سڏي وهاريندو
اڄ به پاڻ سان مون ڪي
ٻ وري نوازيندو
پنهنجي ڇاڻ سان مون ڪي
پاڻ سان وٺي ويندو
ڪِراڙ جي نظاري تي
سمنڊ جي ڪناري تي
اڄ اياز سوچي ٿو.
سمنڊ جي ڪناري تي
اڄ اياز سوچي ٿو:
"شاعريءَ جي رستي ۾
پوئتي ڇڏي آيس
ڪيترا سڃل، سامي
مون خيام ٻ جامي
پنهنجي جامَ ۾ ٻوڙيا
گيت جيڪي مون جوڙيا
تنهن کي ڇا پروڙيندا
هي "نقاد" ٻ "عامي" ؟
سڀُ منهنجي نظرن ۾
همعصر تڃ آهن!
هو نقاد ڪهڙو آ،
اُن پکيءَ جهڙو آ
جيڪو پنهنجي فطرت ۾
ڏينهن کي نه ڏسندو آ
رات جو هُو اُڏندو آ
پر پتين سان لڳندو آ
ٻ نه ديد پوندي تَس
اُپ ۾ ستاري تي
سمنڊ جي ڪناري تي
اڄ اياز سوچي ٿو.
سمنڊ جي ڪناري تي
اڄ اياز سوچي ٿو:
"رات ٿي ويئي آهي
دور دور تارن سان
آسمان جاڳي ٿو
جڏ ته کو ڪهاڻين سان
داستانُ جاڳي ٿو
چنڊ واري صورت ۾
کو نشان جاڳي ٿو
جڏ ته آهه کو هُن ۾
هي گمانُ جاڳي ٿو
ڇو زمان جاڳي ٿو؟
ڇو مڪان جاڳي ٿو؟
نيٺ ڪنهن جي اوسيئڙي
هِي جهانُ جاڳي ٿو؟
آ سڃي سرشٽي هِيءَ
ربّ جي سماري تي
سمنڊ جي ڪناري تي
اڄ اياز سوچي ٿو.

سائل پيرزادو

وڇوڙو

ڇا گگن ۾
ڇڪ هئي؟
ڪنهن پرين جي.
سڪ هئي؟
جنهن ڪوءِ جي،
زندگيءَ جي،
ڏار ڪي،
ٽوڙي ڇڏيو!
هو هليو ويو،
دور تائين،
هي ڪڇريون سپ ڇڏي،
پاڻ کان ها، پاڻ کان،
منهن سدا،
موڙي ڇڏيو.
زندگيءَ کان،
شاعريءَ کان،
شاعري محبوب هئي،
جنهن جي پرين!
عاشقي تنهن ۾ رچي،
جنهن هئي پرين!
پوءِ ڇو؟
دور تائين
ديس جي ديدار کان،
ڪائناتي پيار کان،
دور دور ويو هلي.
ڇا اسين اڃاڻ هئاسين؟
هُن سندي اقرار کان،
سمنڊ جهڙي گهري گهري،
شاعريءَ جي پار کان،
جنهنکري،
هُو ويو رسي.
هاڻ هُو ناهي رهيو.
پر! شاعري آهي رهي.
ءِ سندس ريءَ،
آهي پنهنجي،
اُڇ کا رهجي ويئي!
رُڇ کا رهجي ويئي!

فهميده شرف بلوچ

روئي ٽو سنسار،
ڪيڏيون ڪوتائون ڇڏي
ويو آ سرجٽهار.

آيل! دل گهايل،
ساڻا ساڻا ساهه
اکيون اجهاميل

ڪيڏي، ويراني،
آهي هر چهري متان
هاريل حيراني!

روئي پيو آڪاس
آڏت ڏنس ڇنڊ، ءِ
ٽي وئي پونءِ اُداس!

نقش 'نايابَ منگي

'سامي' جو ويس ڌاري جڳ ۾ 'اياز آيو'،
نئين نينهن سان نيارو، نغمه نواز آيو،
'پٽ' ءِ 'درازا' سان ٽيو، همسر 'شڪارپور' آ،
حصي ۾ اُن جي اهڙو، سُر آيو، ساز آيو.



شيخ اياز

(تقرير)

ـ درياهہ کان پڇو

(پير حسـ ين راشديءَ جي ياد ۾)

دوستو، ساٿيو،

"شاعريءَ ۾ پيسو نہ آهي ۽ پيسي ۾ شاعري نہ آهي" ، اهو چئي مون بيماريءَ کان پوءِ وڪالت ڇڏي ڏني آهي ۽ بيماريءَ سبب سکر ڇڏي آيو آهيان، ڇو تہ اُتي علاج جون سهوليتون ڪونہ آهن، پر هتي منهنجون مصروفيتون ايترو تہ وڌي ويون آهن جو ائين ٿو لڳي تہ سکر ۾ فرصت وڌيڪ هئي. نہ رڳو مون شعر جا ٻہ نوان مجموعا، "الوداعي گيت" ۽ "اڀر چنڊ پَس پرين" لکيا آهن، پر رسالن، مضمونن، خاڪن، تقريرن، صدارتن ۽ ٽي وي ۽ ريڊيو انٽرويوئن ۾ ايترو وچڙي ويو آهيان، جو سهڻيءَ جي شيخ اياز نمبر کان پوءِ مون ادبي دنيا کان ڪجهہ وقت لاءِ ڪنارہ ڪشيءَ جو ارادو ڪيو هو. مان اڃا پوريءَ طرح صحتياب نہ ٿيو آهيان ۽ مئي ۾ ٻيهر لنڊن علاج لاءِ وڃڻو آهيان. ايتري ۾ ڪنهن تقريب تي جناب حسين شاهہ راشديءَ سان ملاقات ٿي، جنهن چيو تہ ٢ اپريل تي پير حسام‌الدين راشديءَ جي ورسي ٿي رهي آهي ۽ آءٌ ان جي صدارت ڪيان. مان هن کي انڪار انڪري نہ ڪري سگهيس ڇو تہ پير صاحب منهنجو محسن هيو. هن ساري پاڪستان جي اردو شاعرن کان ڀٽائيءَ جو ڏهن بيتن جو ترجمو گهرائي، سڀني مان منهنجو انتخاب ڪيو هو ۽ انڪري شاہ لطيف جي رسالي جو ترجمو سنڌ يونيورسٽيءَ مون کي سپرد ڪيو هو. اهو اردوءَ ۾ ترجمو هيل تائين ٻہ ڀيرا ڇپجي چڪو آهي ۽ هن وقت اُن جي هڪ ڪاپي بہ دستياب نہ آهي. ان کان پوءِ منهنجا ادبي ناتا پير صاحب سان ايترا گهرا ٿي ويا هئا جو مون پنهنجيءَ شاعريءَ جو ٻيو مجموعو 'ڪلهي پاتم ڪينرو' هن سان منسوب ڪيو هو ۽ انتساب ۾ لکيو هو، "پير حسام الدين شاہ راشديءَ جي نالي، جنهن جي روح مان مون کي اروڙ جي مٽيءَ جي ڀني خوشبو ايندي آهي." ان مجموعي جي اشاعت کان پوءِ جڏهن مون رٽز هوٽل حيدرآباد ۾، راجا ڏاهر جي ڌيئرن تي پنهنجو نظم هن کي ٻڌايو هو تہ هن مون کي ڀاڪر پائي چيو هو تہ "سنڌ جي تاريخ کي جيئن تو سمجهيو آهي، ائين ورلي ڪنهن سمجهيو آهي."

سو جڏهن حسين شاهہ مون کي صدارت جي دعوت ڏني تہ مون کي اَنڪار ڏکيو لڳو. جڏهن لياقت ميموريل لئبرريءَ ۾ سهڻي رسالي جي "شيخ اياز نمبر" جي پڌرائي ٿي رهي هئي، تڏهن اتي مون سان جناب روشن علي ڇڄڙو، چيئرمن لاڙڪاڻو فرينڊس ويلفيئر ائسوسيئيشن مليو ۽ چيائين تہ ٢ اپريل تي اوهان کي شيريٽن هوٽل ۾ پير صاحب جي ورسيءَ تي صدارت ڪيئن بہ ڪري ڪرڻي آهي. مون هن کي چيو تہ راشدي صاحب جون ساريون تصنيفون تہ مون وٽ سکر پيون آهن، اوهان وٽ ڪجهہ مواد هجي تہ مون کي موڪلي ڏيو. ٽئين ڏينهن تي هو مون وٽ هن جو ڪتاب، 'هُو ڏوٿي، هُو ڏينهن' کڻي آيو، جنهن ۾ هن ٻين جي باري ۾ لکيو هو. ان ۾ سنڌ زميندار پريس جو ذڪر مون خاص طور تي پڙهيو، ڇو تہ راشدي صاحب هڪ ڀيري سکر آيو ۽ ڳڙهي ياسين واري مرحوم آغا بدرالدين خان دراني جو مهمان هو. مرحوم آغا بدرالدين جو بنگلو سنڌ زميندار پريس کان ٽيهارو قدمن تي هو. رات جي ماني کائي، مان ۽ راشدي صاحب چهل قدميءَ لاءِ نڪتاسين. جڏهن سنڌ زميندار پريس وٽ پهتاسين تڏهن ڏٺوسين تہ حافظ اوحدي، جو ان وقت پريس جو مئنيجر هو ۽ اسان جي خلاف سردار علي شاهہ جي ٽولي ۾ شامل هو، اهو ڪنهن تحرير مٿان ڪٻو ٿي جهڪيل ٿي نظر آيو. پريس ۾ ٻہ ٽي پراڻيون ڪرسيون ۽ هڪ ننڍي ميز پيئي هئي. ڀتين ن سڪل پلستر ڇڻي رهيو هو ۽ زمين تي ردي سدي ڪاغذ پيا ها. ان وقت مون کي راشدي صاحب ٻڌايو تہ هن ۽ هن وڏي ڀاءُ علي محمد شاہ راشديءَ هن پريس مان پنهنجيءَ ادبي زندگيءَ جي شروعات ڪئي هئي. ٻيئي ڀائر اتي

منهن تي ڪائي
ان تي مون هن کي

ڪمپازيٽر هئا ۽ ٻنهي محنت سان زندگي ٺاهي هئي. مون کي اهو ڏسي ڏاڍي
گهبراهٽ نه هئي ۽ هو پنهنجي شروعاتي غريبيءَ جي ڳالهه نهايت اطمينان سان
هڪ پارسيءَ جو شعر ٻڌايو:

قصئه امواج دريا راز دريا ديده پرس،
هر دلي آگهه ز طوفان دل من نيست نيست.

"يعني درياه جي ڳالهه درياه کان پڇي ڏسڻ گهرجي، هر ڪا دل طوفان کي ٿوروئي سمجهي سگهندي آهي."
شعر راشدي صاحب کي وڻيو. پڇيائين ته ڪنهن جو آهي؟

مون چيو "رهي مغيري جو." حيرت مان مون کي ڏسي چيائين، "تو رهي مغيري به پڙهيو آهي!" ان ڏينهن کان پوءِ راشدي صاحب سان منهنجي دوستي گهري ٿي ويئي ڇو ته راشدي کي فارسي ادب ۽ شاعريءَ سان بيحد محبت هئي. دراصل مان چوندو آهيان ته هو پيدائشي سنڌي هو، ثقافتاً نه رڳو ٺٽي ۽ روهڙيءَ جو هيو پر اصفهان ۽ شيراز جو به هيو ۽ هن کي سنڌ جي ڪلاسيڪي شعر و ادب تي ايترو ئي عبور هو جيترو دکن، دليءَ ۽ لکنوءَ جي ادب تي.

سکر ۾ منهنجي هن سان ملاقات يا ته آغا بدرالدين واري بنگلي تي ٿيندي هئي جو ڪئينس روڊ تي هيو جتي منهنجي به آفيس هئي يا آغا صاحب جي ڳڙهي ياسين واري بنگلي تي ٿيندي هئي جو هن پنهنجي فارم تي ٺاهيو هو. پير صاحب جي فرمائش تي آغا صاحب هڪ لئبريري به اتي ٺاهي هئي، جنهن ۾ ڪافي ڇپيل ڪتاب ۽ قلمي نسخا رکيا هئائين. هڪ ڀيري راشدي صاحب جوش مليح آبادي کي دعوت ڏيئي ڳڙهي ياسين وٺي آيو. سکر مان مون کي به ساڻ کنيائين. جڏهن جوش مليح آبادي هڪ بوتل وسڪيءَ جي پوري ڪئي ته راشدي صاحب کي چيائين، "بُتِ بي پير! ڪر ڪوئي انتظام." ايتري ۾ آغا صاحب جو ڪيڏانهن اُٿي ويو هو، موٽي آيو. هن کي چيائين:

آغا بدرالدين! آغا بدرالدين!
اياڪ نعبد اياڪ نستعين

جوش جي انهيءَ گفتي ۾ گستاخي ظاهر هئي پر عربي لفظ نستعين استعانت سان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ امداد طلبي آهي. ڳالهه مذاق ۾ لنوائجي ويئي ۽ جوش صاحب لاءِ وسڪيءَ جي ٻي بوتل اچي ويئي. آغا صاحب جي ڳڙهي ياسين واري فارم تي ٻئي ڀيري به راشدي صاحب سان منهنجي هڪ رات محفل ۾ گذري. هو مشهور جرمن مستشرق ڊاڪٽر انيمري شمل کي ڳڙهي ياسين وٺي آيو هو. چانڊوڪي رات هئي ۽ اسان هڪ ڪافي وڏي پاڻيءَ جي تلاءُ ڀرسان ويٺا هياسين جو آغا صاحب پنهنجي فارم تي ٺهرايو هو. سازندا ساز وڄائي رهيا هئا ۽ ڳائڻا سنڌي ڪلام ڳائي رهيا هئا، جو ٻڌي ڊاڪٽر شمل وجد ۾ اچي ويئي هئي. هوءَ تيستائين ڪافي سنڌي سکي ويئي هئي. منهنجي ڀرسان هڪ ٺيٺ سنڌي وڏيرو ويٺو هو. انهيءَ مون سان سرگوشي ڪري پڇيو "اياز صاحب! هيءَ شمل ولايت مان آئي آهي ڇا؟" مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي ته هن وري چيو "راشدي صاحب جو هن سان عشق آهي؟" مون هن کي جواب ڏنو، "شمل جو راشدي صاحب سان عشق آهي. ڏسين نٿو ته ڪٿان جرمنيءَ مان هن لاءِ هزارين ميل هوائي جهاز ۾ سفر ڪري آئي آهي!" وري هن سُس پُس ڪري پڇيو "پوءِ راشدي صاحب هن سان نڪاح ڇو نٿو ڪري؟" مون کي کل اچي ويئي ۽ چيم، "وڏيرا! عشق اهو پرندو آهي جو ورلي نڪاح ۾ ڦاسندو آهي." وڏيري کي اها ڳالهه نه وڻي ۽ سوچ ۾ ٻڏي ويو.

جڏهن راشدي صاحب گذاري ويو ۽ هن کي مڪليءَ تي دفنايائون ته مون ٻڌو ته قبر جي خاموش ۽ پر سڪون فضا کي ڏسي ڊاڪٽر شمل وصيت ڪئي ته جي مان مران ته مون کي به راشدي صاحب جي ڀرسان دفنائجو. ا
ڏينهن زرينه بلوچ منهنجي وائي "عشق عقاب پکي پرڏيهي جهڙپ ڏئي ٿو جهٽي" ڳائي رهي هئي.

مان جڏهن حيدرآباد ايندو هوس ته رٽز هوٽل ۾ رهندو هوس، جتي راشدي صاحب به ڪراچيءَ مان ايندو

رهندو هو ۽ اتي هن سان ادبي ڪچهريون ٿيندڙيون هيون. گرامي صاحب، مولوي عبدالواحد سنڌي، رئيس ڪريم بخش، مولوي عبدالواحد سنڌي ۽ رشيد پٽي حيات نه آهه ۽ پيا دوست هئا ۽ راشدي صاحب مجلس جو مور هوندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن مشاعرو به ٿي ويندو هو. جيئن طرح پرڪي بي اختيار چپن تي امير خسروءَ جو شعر اچي ويندو آهي.

وه صورتين الاهي ڪس ملڪ ب... ڪجهه پولين جي شاعريءَ وانگر

اب جن کي ديڪني ڪو آندسي حيرت ايندي هئي ته مون کي حافظ، خيام

راشدي صاحب کي اردو ۽ فارسي غزل سان خا... جو

به سر ڏوٽيندو هو. فارسي ۽ اردو غزل جو ٿوٽل جي باهران مان، راشدي صاحب ۽ جويو صاحب لان پر وينا سگهندو هوس. هونءَ ته مون دنيا ... ٿي

مون فارسي شاعري براهه راسٽ پنهنجي جو انتظار ڪري رهيا هياسين جي اچٽا هئا. ان محل ڏکڻ اولهه جي هوا گهلي رهي وغيره جو سارو ڪلا... هئي هياسين ۽ ريلنل پيل ۽ گلُ مهر جا وڻ هوا پر جمومي رهيا هئا. راشدي صاحب جون ڳالهيون به طبيعت کي باغ و بهار ڪري رهيون هيون. اچانڪ راشدي صاحب چيو، "اياز! فارسي غزل جو ڪوئي شعر ٻڌاءِ" مون کي الاجي ڇو دل تي تري آيو.

بوئي بوئي موليان آيد همي،
ياد يار مهربان آيد همي.

ان تي راشدي صاحب چيو ته "شبليءَ جو 'شعرالعجم' شروع ڪيو اٿي چا؟ مون کي ڪوئي مبتدي ٿو سمجهين؟ اهڙو شعر ٻڌاءِ جو مون نه ٻڌو هجي."

مون ڪجهه سوچي پيو فارسي شعر پڙهيو،

از جنبش نسيم سحر گاهه لاله ها،
بريک دگر زندند چون مستان پياله ها.

(يعني پرهه جي هير جي چرپر سان لاله جا گل مست وانگر هڪ ٻئي جي مٿي تي پيالا هٽي رهيا آهن.)

"واهه! چا ته شعر آهي!" راشدي صاحب چيو. پوءِ پڇيائين،

"خبر اٿي اهو ڪنهن جو شعر آهي؟" مون چيو، "نه". ان تي پير صاحب چيو "اهو هڪ غير معروف شاعر جو شعر آهي، نالو اٿس احمد شقاقي". ان دور ۾ فارسيءَ جا مداح فقط ڪجهه وڃي رهيا هئا. مرحوم مير علي احمد تالپر به انهن مان هڪ هو، پر هن فارسي ڪتابن جو مطالعو گهڻ ڪيو هو ۽ مولانا آزاد جي ڪتابن ۾ آندل شعر نوٽ ڪري ڇڏيندو هو، جي هو حسب ضرورت ڪم آڻيندو هو ۽ 'غبارِ خاطر' وانگر خط لکندو هو. ها، مولانا گراميءَ کيترائي ڪتاب پڙهيا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن راشدي صاحب جي صحبت ۾ هن سان عارف قزوينيءَ، ايرج مرزا وغيره جي شاعريءَ تي دلچسپ گفتگو ٿي ويندي هئي.

ايلفنسٽن اسٽريٽ ڪراچيءَ ۾ هڪ ايراني ڪتاب گهر هيو، جتان مون کي راشدي صاحب کيترائي فارسي شاعريءَ جا ڪتاب خريد ڪرايا هئا، جن ۾ فردوسيءَ جي شاهنامي جو خوبصورت منقش نسخو به هو جو اڃا تائين مون وٽ آهي.

راشدي صاحب جي همه گير شخصيت جي هر پهلوءَ تي لکبو ته ڪتاب پرجي ويندا. مون في الحال ته فارسي

ھر سڌ
اهميت نہ آهي. ا... ي ھر لکيو آهي. سنڌ جو اڳيون ادب فارسيءَ ۾ آهي. راشدي صاحب جو قاضي
کن ٿا. ... عبدالکريم، شاھ لطف الله قادريءَ، شاھ لطيف، سچل سرمست وغيره جي
... پاسي رکيا ته سنڌ جي باقي شاعري فارسيءَ ۾ آهي. نہ رڳو نظم ۾
جڏهن فاران هوٽل نهيو تڏهن راسڪور ۾ تورودت، سروجني نئيدو، چٽو پاڌيه، ٽئگور وغيره انگريزيءَ
جي ساڻهون رئيس کريم بخش نظاماڻي ماتليءَ ... ت نہ آهي ۽ رڳو محقق ان سان تاريخي مواد حاصل
کڇهريءَ لاءِ هليو ايندو هو. هُو راشدي صاحب سان "ذرا عمر ر ... ۽ فاران ۾ اچي رهندا هياسين. فاران
ٻڌائيندو هو ته ڪيئن هن پروفيسر رام پنجواڻيءَ سان گڏجي سنڌي جي پر ... ڪڏهن هو راشدي صاحب سان
بمبئيءَ ۾ هندو انڪٽريسون هن تي واريون ويندیون هيون. هن جي آخري تان انهيءَ جملي ... ناهي هئي ۽ ڪيئن
هڪ گذرگاهه آهي راشدي!... ان جي دروازي مان لنگهر ڪوئي پنتي نہ موٽي آيو آهي.... مون ٻڌي: "هيءَ دنيا فنتهائي
روزگار صورتون ڏٺيون!... اڄ انهن مان ڪابه نہ بچي آهي...."

جڏهن رئيس گهڻ ۾ پوندو هو ته راشدي صاحب هن جي گفتگو وچ ۾ ڪٽي چوندو هو. "هيءَ دنيا هڪ گذرگاه آهي، رئيس..." ، ان وقت رئيس سمجهندو هو ته ڪچهريءَ جو وقت پورو ٿي ويو آهي ۽ هاڻي موٽي وڃڻو آهي.

ڪراچيءَ ۾ مون وٽ راشدي صاحب جا ڪتاب ڪونہ هئا، انڪري مون فقط هن جون يادگيريون ڪنيون آهن. هونءَ به ممڪن نہ هو ته هن جي سڀني علمي تحريرن جي ايتري ٿوري وقت ۾ چنڊچاڻ ڪري سگهجي. هو "بلبل هزار داستان" هو.

ها، هن جي طبيعت ڪي بي ضرر مزاح جو پهلو ضرور هوندو هو. سنڌي ماهوار "نئين زندگيءَ" جي ايڊيٽر مولوي عبدالواحد سنڌي ۽ اردو تاريخ نويس اعجازالحق قدوسيءَ سان هن جي نوڪ جهونڪ ٿيندي رهندي هئي. اها ائين هوندي هئي جيئن جناب جي. ايم. سيد جي مومن مليرائيءَ سان هوندي هئي. اسان جي اچڻ جو ٻڌي مولوي صاحب، اڌ منڊ جو ٽيلهو ڪٽي، جنهن ۾ پنا، رسالا، پروف، ڪتاب ۽ پي وڪري هوندي هئي، سمڪندو ايندو هو ۽ اڃا ويهندو مس هو ته پير صاحب هن کي راتوڪي تعدي ياد ڏياريندو هو جا هن سان گهر ۾ ٿي هئي. ڪڏهن ڪڏهن رباني کي چوندو هو ته هن تي مون وارو لکيل هزل "آهي مولوي مزيدار....!" ٻڌائي. مولوي صاحب پنهنجو تڪيه ڪلام "چڏ زوراور..." ڏهرائي، پنج سو وولٽ جي بلب وانگر مُرڪندو رهندو هو. مولوي صاحب زندگيءَ جو اڪثر حصو ڊاڪٽر ذاڪر حسين سان جامع مليءَ ۾ گذاريو هو، پر راشدي صاحب ۽ رباني صاحب جي چيڙچاڙ تي ايترو ته هِري ويو هو جو اعتبار ئي نہ ايندو هو ته هن ڏهليءَ ۾ ايتري سنجيده زندگي گذاري آهي.

اعجازالحق قدوسي سنڌ جي پوري تاريخ اردوءَ ۾ لکي رهيو هو ۽ بار بار راشدي صاحب سان مشورو ڪندو هو. هڪ پيري اسان ٽيئي راشدي صاحب واري بنگلي تي ڪراچيءَ ۾ وينا هياسين ته راشديءَ صاحب چيو، "ايا! مان سنڌ جي فارسي شاعريءَ کي خاص اهميت نٿو ڏيان. هونءَ ته ان جو مطالعو تضيعه اوقات آهي پر اها تاريخ جي واقعات تي ڪافي روشني وجهي ٿي. Persian Poets of Sindh هرومل سدارنگاڻيءَ لکي پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري ورتي. ان جي هر صفحي تي ٻه چار فارسي جا شعر لکيا اٿائين، پر انهن ۾ اهڙو هڪ به شعر نہ آهي جنهن جي ڪائي ادبي اهميت هجي. پلا هندستان جي فارسي شاعريءَ جي باري ۾ تنهنجو چا رايو آهي."

مون جواب ڏنو، "هندستان جا فارسي شاعر يا انهن جا وڏا تازو ايران مان آيا هئا ۽ انڪري هنن جي ڪلام ۾

ايراني شاعريءَ جي خوشبو هئي. مغليہ دربار ڪنهن حد تائين هن ڪي آيراني ماحول ۾ مهيا ڪري ڏنو هو. ائين آهي تہ هتي غالباً ۱۹۳۵ع ۾ جڏهن مشهور ايراني شاعر شهريار آيو هو تہ هن کان پڇيو هئائون تہ "غالب جي فارسي شاعري ڪيئن آهي؟" تہ هن جواب ڏنو هو تہ "وئي رال مي آيد" ۽ وري جڏهن علامہ اقبال جي باري ۾ پڇيو هئائونس تہ طنز سان چيو هيائين، "اقبال؟ اهو جيڪو ليٽو ۾ پنهنجا ڪتاب ڇپائيندو آهي؟" پر منهنجو شهريار سان اتفاق نہ آهي. بيدل دهلوي، امير خسرو، عرفي، صائب، غني ڪشميري، غالب' وغيره، فارسيءَ ۾ تمام چڱو لکندا هئا ۽ اهي يا انهن جا وڏا تازو ايران مان آيا هئا، ان تي راشدي صاحب چيو، "ايران ۾ تہ فقط عرفي ڪي مڃيندا آهن. ڪي قدر خسروءَ جا ۽ قائل آهن. پر ايازا فارسي ۽ اردو غزل جي تتبع سنڌي غزل ڪي بي جان ڪري وڌو آهي. ها، سانگيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي انفراديت ملي ٿي." پوءِ سانگيءَ جو هڪ شعر جهونگاريو هئائين.

لانديءِ هجي لوڙهي ۾ رهڻ لاءِ ڪڪن جي،
ڏيکارجي دشمن کي مگر لوڏ لکن جي.

ايراني ثقافت سان ايتري دلچسپيءَ سبب شاهہ ايران راشدي صاحب کي ايران ۾ گهرايو هو ۽ هن سان نهايت عزت سان پيش آيو هو. هن کي ايران ۾ آنرري پي. ايچ. ڊي جي ڊگري ۾ ڏني هئائون. جڏهن مون آمريڪي ناول (Crash of 79) جي باري ۾ راشدي صاحب کي ٻڌايو هو ۽ چيو هو تہ ناول نگار ويجهي مستقبل ۾ شاهہ ايران جي زوال جي پيش گوئي ڪئي آهي تہ راشدي صاحب ڪلي چيو هو: "اهي بيوقوف ناول نگار ۾ تولاءِ اهميت رکندا آهن ڇا!" ڪجهہ وقت کان پوءِ آمريڪا جو OPEC ۾ ايران سان تيل جي قيمت تي زبردست اختلاف ٿي پيو هو. اشتراڪي توده پارٽيءَ ۾ روس جي چرچ تي خميني جي مدد ڪئي هئي. جيئن هاڻي هندستان ۾ حماقت ڪئي اٿائون ۽ پارتيہ جنتا پارٽيءَ کي اقتدار ۾ آندو اٿائون. ان وقت اردو اديب سبط حسن تڙ تڪڙ ۾ پنهنجو ڪتاب "انقلاب ايران" لکيو هو. پير صاحب کي اها ڳالهہ مون وانگر نہ آڻڻي هئي ۽ مون هن کي چيو هو تہ بنياد پرست اقتدار ۾ اچي ايراني ثقافت کي تباهہ ڪري ڇڏيندا ۽ هن مون سان اتفاق ڪيو هو.

منهنجو خيال آهي تہ پير صاحب اڄ کان پنج سؤ سال اڳي پيدا ٿئي ها تہ هن جو روح وڌيڪ مطمئن هجي ها. هو برصغير ۾ پلو ٽارچ (Plutarch) جي پايي جو مورخ هو ۽ پنهنجي راءِ جي اظهار ۾ للي چپي نہ ڪندو هو.

هڪ پيري مان ڪراچيءَ ۾ هن جي ڊرائنگ روم ۾ وينو هوس. اتي استيٽ بئنڪ جو گورنر ممتاز حسن صاحب ۽ وينو هو، جو دؤر اسلاميہ جي تاريخ ۾ گهٽي دلچسپي رکندو هو. گفتگوءَ جي دوران هن چيو تہ اسلامي مورخ نهايت ديانتدار هئا ۽ اڄ ڪلهہ جي مورخن وانگر بددياڻت نہ هئا. راشدي صاحب هن کي چتائي ڏنو ۽ چيو تہ "تاريخ جي هڪڙي دور ۾ مسلمان پنهنجي گادي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ ڦيرائي رهيا هئا. ٻئي ساري سازو سامان سان گڏ هن چالیهہ اُٺ رڳو حديث جي ڪتابن سان لڏيا هئا. انهن چاليهن اٺن تي لڏيل حديث جي ڪتابن مان فقط هڪ معتبر ڪتاب نڪتو آهي ۽ اهو آهي صحيح بخاري. هاڻي تہ ڪجهہ عالم دين ان ۾ آيل ڪن حديثن جي صحت تي بہ يقين نٿا ڪن. اها هئي اسان جي مورخن جي ديانتداري!" ممتاز حسن هڪو ٻڪو ٿي ويو.

راشدي صاحب برصغير جي مغليہ دور جي تاريخ تي تہ هڪ انسائيڪلوپيديا هو. هڪ ڏينهن اسان شهنشاه اڪبر جي دور تي ڳالهائي رهيا هئاسين تہ هن چيو تہ "اڪبري دؤر ۾ برصغير جا عظيم ترين انسان اسان جا سنڌي هيا"، مون هن کي ڏيان سان ڏنو تہ هن چيو، "اهي ٻيئي پائر سيوهڻ جا هئا ۽ انهن جو نالو ابوالفضل ۽ فيضي هو." مون مرڪي چيو، "۽ انهن جي پيءُ جو نالو شيخ مبارڪ هو". راشدي صاحب ڪلي وينو ۽ چيائين تہ "ڏسجانءِ تہ توتي نالي جو اثر نہ ٿئي. ابوالفضل ۽ فيضي وڏا تخريبڪار هئا...!" پير صاحب وڌيڪ ٻڌايو تہ فيضي، عربي، فارسي ۽ سنسڪرت جو جيد عالم هو. پوءِ اسان فيضيءَ جي قصيدن، غزلن ۽ فارسي نظمن تي بحث ڪندا رهياسين ۽ فيضيءَ جي حاضر جوابيءَ ۽ بذلہ سنجيءَ جي باري ۾ ڳالهائيندا رهياسين. راشدي صاحب ڪافي وقت اڪبري دور

جي ثقافت تي پنهنجا رايا ٻڌايا. هن ٻڌايو ته فيضي ليليٰ مجنون جي طرز تي "نل و دمن" لکي هندو رعايا کي موهي وڌو هو. هن کيئي کتاب لکيا هئا ۽ کلام مجيد جي بي نقط تفسير به لکي هئائين. راشدي صاحب وڌيڪ ٻڌايو ته ابوالفضل اکبر نامون ۽ آئين اکبري لکيا هئا. هن محمد حسين آزاد جي ان تبصري سان اتفاق نه کيو ته ابوالفضل هڪ مبالغه پرداز مصنف هو. ان وقت مان ۽ رشيد پٽي هن جي عامل کالونيءَ واري بنگلي جي ايوان ۾ وينا هياسين ۽ هو مانيءَ کان اول کڻهريءَ ۾ محو هو. هن ٻڌايو ته جڏهن فيضيءَ جي زبان بند ٿي ويئي ۽ درٻار جا سڀ حڪيم هن کي موت جي پنجي مان نه ڇڏائي سگهيا ته اکبر پنهنجي دستار لاهي زمين تي ڦٽي کئي. مون کي ياد آهي ته کافي وقت اسان عبدالرحيم خان خانان جي هندي شاعريءَ تي ڳالهائيندا رهياسين. خان خانان، جو اکبر جي دور ۾ سنڌ جي ڪنهن حصي جو گورنر به هيو. توڙي جو خان خانان کي عربي ۽ فارسيءَ تي مهارت هئي ۽ نه رڳو هو فارسي ۾ شعر گوئي ڪندو هو پر هن جي ڪتب خاني ۾ شڪيبي، ظهوري، نظيري، ثنائي، عرفي وغيره جا قلمي مجموعا هوندا هئا، پوءِ به هن هنديءَ ۾ جي دوها لکيا، اهي اڄ تائين برصغير جي امر هندي شاعريءَ جو حصو آهن. راشدي صاحب وڌيڪ چيو هو ته هو انهيءَ راءِ جو آهي ته جي اهڙي شاعري ڪئي وڃي ها ته هندستان ۾ دوئيءَ جو احساس ختم ٿي وڃي ها. هن پوءِ ملا عبدالقادر بدايونيءَ جي منتخب التواريخ ۽ ٻين ڪتابن تي ڳالهايو، جن جا نالا هاڻي وسري ويا آهن. مون ان وقت محسوس ڪيو هو ته هيءُ شخص منهنجي تاريخ جي نظريي جي قريب ترين آهي ۽ جي مان ڪنهن مان ڪجهه پرائي سگهندس ته اهو پير حسامالدين راشدي ئي آهي. اهڙا بحث هن سان ايران ڪلچر سينٽر حيدرآباد ۾ به اڪثر ٿيندا هئا جتي سينٽر جو ڊائريڪٽر شڪوهي ۽ هن جي بنگالي زال شيلا اسان جون دعوتون ڪندا هئا ۽ جن ۾ رباني صاحب به موجود هوندو هو.

هو نهايت مهذب ۽ شائسته مزاج وارو انسان هو ۽ هن جي ٻوليءَ ۾ ترشي نه هوندي هئي. رڳو هڪ پيري هن هڪ ڳُٽو لفظ ڪم آندو هو. ممڪن آهي ته اهو ڳٽو لفظ نه هو ۽ تير نشاني تي هو. علامه اقبال جي صد ساله ورسي ملهائجي رهي هئي. جنرل ضياءُ الحق جو دؤر هو ۽ مان اڃا سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر هوس. مون ۽ راشدي صاحب، پنهي کي ورسيءَ ۾ شرڪت لاءِ لاهور طلب ڪيو ويو هو. ٻين سان گڏ اسان به علامه اقبال جي مزار تي فاتحه خوانيءَ لاءِ وياسين. منهنجي ڪٻي پاسي راشدي صاحب ٻيٺو هو. اوچتو هڪ لنبو تڙنگو ڏاڙهو ڏوٽو شخص اچي راشدي صاحب جي پرسان ٻيٺو. مون زندگيءَ ۾ پهريون ۽ پويون پيرو راشدي صاحب جي چپن مان ڳٽو لفظ ٻڌو. هن سنڌيءَ ۾ ٽي ڳالهايو. جڏهن ٻيئي فاتحه پڙهي موٽياسين ته مون راشدي صاحب کي چيو، "اوهان اها بولي ڪنهن جي لاءِ ڪتب آندي؟" هن حيران ٿي انهيءَ لنبي تڙنگي شخص ڏانهن اشارو ڪري چيو، "ڇا تون هن کي نه سڃاڻين؟" جڏهن مون چيو ته نه، تڏهن هن چيو، "هي اُهو جسٽس مشتاق آهي، جنهن پٽي تي خون جي ڪيس ۾ فٽوئ ڏني هئي." مان چپ ٿي ويس. راشدي صاحب جو منهن غصي ۾ تامٽي هٽي ويو.

اهو هو سنڌ جو زندهه جاويد محقق پير حسامالدين شاهه راشدي، سنڌ جو ابن خلدون، جنهن جي ورسيءَ جي صدارت جو شرف اڄ مون کي بخشيو ويو آهي.

(لاڙڪاڻو فرينڊس پاران ۵ اپريل ۱۹۹۰ع تي پيرحسامالدين راشديءَ جي اٽين ورسيءَ واري تقريب ۾ ڪيل صدارتي تقرير)

* * *

محترم شيخ اياز جا خط

(سائين محمد ابراهيم جويي ڏي لکيل)

[سائين محمد ابراهيم جويي ۽ شيخ اياز جي پاڻ ۾ فڪري هم آهنگي ۽ ادبي لاڳي چوڻ موجب
علمي حلقا واقف آهن. سندن ادبي ناتو ساٺيڪو کن سالن جي طويل عرصي تائين ...
خطن جي انڪري به وڏي اهميت آهي، جو جويو صاحب انهن ڳاڻ ڳڻين ...
شروع کان وٺي ۽ مسلسل هڪ خاص قسم جو ادبي ۽ فڪري وا...
جي ١٩٥٣-١٩٨٨ع جي عرصي دوران لکيل آهن. ان کا...
خط آهن. انهن ۾ ٽي خط "مونس" جا (ڪجهه ...
لاهور جو ويٺل هو، ايم.اي؛ ايل.ايل.
وڏيءَ دردوند دل جو صاحب ه...

ڪئينس روڊ، ...
١٣- ...

پيارا ابراهيم،

ڪجهه ڏينهن اڳي سکر ۾ چند ادبي دوست مليا ۽ طي ڪيو ويو ته ڪوئي ادبي رسالو ڪڍجي. ايتري وقت جي خاموشيءَ کان پوءِ، جو به رسالو ڪڍيو وڃي، سو سنڌي ادب ۾ سنگِ ميل جي حيثيت رکي، ورنه اسان کي ايتريءَ خاموشيءَ جو ڪوئي عذر نه ملندو. نه رڳو فضا جو جمود ٽوڙيو وڃي، پر ايتري هام هڻي سگهجي ته اسان جي ڪاوش سبب سنڌي ادب اڳي کان ترقي ڪئي آهي. ليڪن ايترو بار فقط پنهنجن ڪلهن تي کڻڻ لاءِ نه مان همت ٿو رکان ۽ نه فرصت اٿم. پر جي توهان جهڙا مخلص دوست ۽ ذهني اديب مون سان شامل ٿيا، ته پوءِ آسانيءَ سان منزل مقصود تائين پهچي سگهبو. مون کي اميد آهي ته اوهان پنهنجا بهترين مضمون، جيترا به ٿي سگهن، موڪلي ڏيندا، ته جيئن رسالي جو پهريون پرچو، جو تقريباً ٻه سو صفحا ٿيندو، مارچ جي پوئين هفتي ڌاري ڪڍي سگهجي.

اوهان ۽ ٻين دوستن لاءِ نهايت خلوص ۽ سلام-

اوهان جو پنهنجو،

اياز

(٢)

ادا ابراهيم،

مان پنهنجي شعر جو ڪتاب مرتب ڪري رهيو آهيان ۽ اميد ته اهو مهيني کن ۾ تيار ٿي ويندو. مجموعي ۾ غزل، گيت، ڪافيون، بيت ۽ نظم معريٰ آهن. ڪتاب جو نالو ڪوئي سُجهي اچئي ته لکي موڪل. افسانن جو مجموعو به ترتيب ڏيئي رهيو آهيان. ان جو نالو آهي "پنهل کان پوءِ"، جو شاهه جي سِٽ "پنهل کان پوءِ، ڏينديس باهه ڀنڀور کي" مان ورتل آهي. تو هن مهل تائين سنڌ جي شعر و ادب جي تاريخ متعلق ڪي ڪتاب ڪنا ڪيا آهن يا نه؟ جي ها، ته آهستي موڪليندو وڃ. هتي مولائي شيدائي به مدد ڪرڻ جو وعدو ڪيو آهي. مولائيءَ شڪايت ٿي ڪئي، ته اوهان ڪتاب ڏاڍيءَ دير سان ٿا ڇپايو. جي ائين آهي، ته پوءِ مان پنهنجو ڪتاب پاڻ ڇپايان.

منهنجو اردو نظمن جو ڪتاب هن وقت ڪاتب جي هٿن ۾ آهي. منهنجو خيال آهي ته ان تي آئل ڪلاٿ يا چمڙي جو ڪوئي نهايت خوبصورت جلد ڏياريان. مهرباني ڪري تون اِتي جاچ ڪر ته اهڙو جلد ڪٿي تيار ٿي سگهندو ۽ اندازن ڪيترو خرچ ايندو. ڪتاب جو نالو آهي "بوئے گل نالئہ دل".

مهرباني ڪري ريهئبليٽيشن اپيل متعلق ريهئبليٽيشن ڪمشنر جي آفيس مان جاچ ڪندا ته ڇا ٿيو؟ پارٽين جا نالا آهن.

Shaikh Ayaz.....applicant
Vs.
Ayub Qureshi..... Opponent/Respondent

پنهنجي ماحول ۽ روحاني ۽ ذهني ڪشمڪش متعلق ٻئي خط ۾ لکندومانءِ. هتي "سچل ڊي" ملهايو هيوسين، جي مون صدارت ڪئي هئي. نهايت ڪامياب ويو.

[illegible] حواب ڏيندين.
تنهنجو پنهنجو
اياز

(۳)

تاريخ به ضرور لکندس. منهنجو اردو ڪتاب ["بوي گل، نالهء دل] [illegible] سنڌي ادب تي ڪتاب ئي وي.پي ڪري ملي ويندو. [illegible] وقت ۾ پنهنجي نظم ۽ نثر [illegible] پوءِ سنڌ جي ادبي [illegible] ڏينهن ۾

پيرزادو عمر هتي پهچي چڪو آهي ۽ مان هرممڪن ڪوشش ڪري رهيو آهيان ته هو پاڻ کي هتي غير نه سمجهي ۽ ڪم ۾ دلچسپي وٺي پنهنجو مستقبل بڻائي سگهي.

سؤ کن شاهه جي اسٽائيل ۾ جديد موضوعات تي بيت لکيا اٿم، جي ڏسندين ته ڪافي پسند ايندءِ.

توکان موڪلائڻ کان پوءِ ۳۰ کن غزل ۽ نظم به لکيا اٿم، جن ۾ سنڌي ادب جي روايات کي مدنظر رکي، ڪافي ۽ غزل کي نهايت قريب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. مثلاً:

قيد هستيءَ کي ڪيئن ڊاهيان مان،
مارئيءَ جي پڪار آهيان مان.

يا

ڪنهين سان ته اوريان ڪنهين سان ته اوريان،
رموز حقيقت مگر هوريان هوريان.
ڏيان آگ گرنار کي گاهي گاهي،
وري سر وڍايان وري چنگ چوريان.

خبر نه آهي ته اها جدت توکي پسند آهي يا نه.

وڪالت چڱي پيئي هلي. ٻارڙا انيس، ياسمين ۽ روحي خوش آهن. اميد ته تون، تنهنجي اهليه ۽ ٻار خوش هوندا.

هميشه وانگر
تنهنجو مخلص
اياز

(۴)

ڪئينس روڊ، سکر
۲۳-سيپٽمبر ۱۹۵۴ع
ادا ابراهيم،

تنهنجو خط هاڻي مليو. اميد ته توکي منهنجو خط ۽ اردوءَ جو مجموعهء ڪلام "بُوي گل نالهء دل" ۽ سنڌي

ڪهاڻين جو ڪتاب "پنهل کان پوءِ" مليو هوندو. اڳئين خط ۾ مون ڄاڻي واڻي توکي پيرزاده عمر لاءِ نه لکيو، ڇو ته گذشته را صلوات! گذريل ميارن ۽ ارمانن مان ڪجهه به حاصل نٿو ٿئي، پر هاڻي تنهنجو خط پڙهي مون کي وضاحت لاءِ ڪجهه لکڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. ادا سائين! انهن ٻن مهينن ۾، جي هي شخص مون سان رهيو آهي، منهنجي گهڙي گهڙي ويل ۾ گذري آهي. مون کيس وعدي مطابق ٻه سو رپيا مهينو ۽ رهائش جو بندوبست ڪري ڏنو، ان هوندي به هي اصيلن کان پيسا وٺي کائي وڃي. هر اصيل کي منهنجي خلاف بدظن ڪري ۽ انهن کي چئي ته "مان پنهنجي آفيس ٿو کوليان." دوستن ۽ غيرن جي منهن تي مون کي ڇڙٻون ڏئي. هر وقت اِهي جملا What are you up to? ۽ What do you mean! سندس زبان تي هجن. رات جي هڪ بجي تائين شراب پي، چڪلي جا چڪر ڏئي اچي. آفيس ۾ اصيلن جي روبرو بير جون بوتلون نون دوستن سان کولي وهي. منشين، نوڪرن ۽ اصيلن کي هر سنهيءَ ٿلهيءَ ڳالهه تي دٻائي. بار بار مون کي چوي ته "تو ساري عمر اجائي وڃائي آهي، ۽ شعر و ادب سان لڳاءَ کان وڌيڪ ڪائي حماقت نه ٿي سگهندي آهي." مطلب ته مان هن جي نظر ۾ هڪ پورو احمق هوس، جنهن کي اتفاقاً زندگيءَ ۾ ٿوري اهميت ملي ويئي هئي. باربار مون کي چوي ته "مان ڪنهن ماڻهوءَ کي دوست نه سمجهندو آهيان ۽ تنهنجا منهنجا تعلقات بزنس تائين محدود آهن." ۽ ان کان پوءِ به ڪڏهن به هن ڏهه منٽ سانده ڪنهن ڪيس جو مطالع نه ڪيو. تون ايترو ويچار ڪر ته هن مون کي ايترو ته ڪڪ ڪيو هو، جو مون بي مروتيءَ جي حد تائين وڃي کيس چيو ته "اڄ رات تائين سامان کڻي وڃ!" ايڪانامڪس ۾ آنرز سو هي ٿيو آهي، باقي ٻين لاءِ مصيبت ڪئي اٿائين. هر ننڍڙيءَ ڳالهه کي ڇڪي تاڻي بحث ۾ ڦيرائي، ايڪانامڪس تي ليڪچر شروع ڪندو هو ۽ چاهي منهنجا اٺ ڏهه دوست اڳيئي وينا هجن ۽ جن جي اُنهيءَ بحث سان دلچسپي نه هجي، هي انهن کي ڳالهائڻ اصل نه ڏيندو، پر پنهنجيءَ ڌن ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ لنبي چوڙي اڌ سنڌي اڌ انگريزيءَ ۾ تقرير کين ٺڪاوَ ڪرائيندو. باربار منهنجي سمجهائڻ کان پوءِ ته منهنجي اُنهن بحثن ۾ دلچسپي نه رهي آهي، هو مون کي آفيس ۾ ١٥ منٽ سانده ڪم ڪرڻ نه ڏيندو، ۽ ساڳيءَ طرح ڪنهن نه ڪنهن بحث کي ڇيڙيندو. مطلب ته نهايت بيزار ٿي مون کيس چيو ته هو پنهنجو ٻيو بندوبست ڪري. هن جو ڪم هو ته ان کان پوءِ منهنجي معاملات سان زياده دست اندازي نه ڪري ها، پر رهيو پيو هجي ها، جيستائين سندس ٻيو ڪوئي بندوبست ٿئي ها. پر ان کان پوءِ به هن ماڻهن کان منهنجا پيسا ورتا ۽ ڪوئي حساب نه ڏنو ۽ ساڳيءَ رُکائيءَ ۽ غصي سان هلندو رهيو. مجبور ٿي، مون کيس اُها چٺي لکي.

ممڪن آهي ته مان سندس قدر نه ڪرڻ ۾ غلط هجان، پر ڳالهيون منهنجي برداشت جي حد کان ٻاهر هيون، انڪري کين جلدي ختم ڪيو ويو.

اوهان جو اياز

(۵)

سکر
۵-١٠-١٩٥۴ع
ادا ابراهيم،

اميد ته اوهان کي منهنجو خط ۽ مني آڊر پهتو هوندو. مهرباني ڪري ڪپڙو جلدي وٺي موڪليندا، جو ڪتاب جو سارو ڪم انهيءَ ڪري رُڪيل آهي.

زياده سلام
اوهان جو
اياز

مان هتي لا کاليج ۾ English Constitution پڙهائيندو آهيان. جي ان موضوع سان تعلق رکندڙ کتاب بازار ۾ ملي ته وٺي موڪليندا. ٻيو ته منهنجي کتابن جو اسٽاڪ کٽي ويو آهي، انکري ٽامس ۽ ٽامس وٽان ڪجهه نوان آيل کتاب وي.پي ڪرائيندا ۽ جي وي.پي نه ڪري ته اوهان کي پيسا موڪليان ته پنهنجي ٽيسٽ مطابق وٺي موڪليندا. نون کتابن کان سواءِ هتي اڪيلائي ٿو محسوس ڪريان.

اياز

(٦)

سکر

۲۱-۱۰-۱۹۵۴ع

پيارا ابراهيم،

ڪاغذ جي بلٽي ڇڏائي وئي. خبر نه آهي ته ڪپڙي جي بلٽي اجا چو نه پهتي آهي. مهرباني ڪري ڊيلَرَ کان پڇا ڪندا.

زياده سپاٽي فرصت سان ويهي لکندو سانءِ.

تنهنجو اياز

(۷)

ادا سائين،

تنهنجو خط پهتو. رجسترار کي خط لکيو اٿم، جنهن جو نقل شامل آهي. جي.الانا صاحب جو خط به پهتو آهي، جنهن کي جلدي جواب موڪليندس. هڪ ٻن ڏينهن ۾ توکي اهي بيت جن تان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي، لکي موڪليندس. ترجمو اصل جي نهايت قريب آهي. في الحال دوها موڪليان ٿو. منهنجي خيال ۾ دوهو سنڌيءَ جي سڀ کان جموني صنف سخن آهي. شاهه عبدالڪريم جي دوهن کان اڳ بيت ڪنهن به ڪونه لکيو آهي. بيت شايد شاهه يا هن جي همعصرن جي ايجاد آهي. دوهي ۾ هن بَرّاعظم جي قديم تهذيب جون ساريون رعنائيون موجود آهن، ۽ ان ۾ جا موسيقي آهي سا هند و پاڪ جي ٻيءَ شاعريءَ ۾ شايد ئي ملي. دوهي ۽ بيت کي سنڌي شاعريءَ ۾ پنهنجي مخصوص جاءِ ڏيئي، اسان سنڌي شاعريءَ ۾ نئين زندگي پيدا ڪري سگهنداسين. شامل دوهن جي باري ۾ رايو ضرور لکجانءِ. مان فقط ايترو لکان ٿو ته اهي دوها لکندي، مون جهڙي سخت جان ماڻهوءَ جون اکيون به ڪيترا ٻيرا پرجي آيون آهن!

تنهنجو پنهنجو

اياز

(۸)

سکر

۲۲-٦-۱۹۵۵ع

ادا ابراهيم،

مان گهٽو ڪري ۲ جولاءِ تي ڪراچيءَ پهچي ويندس. تون سارو انتظام ڪري ڇڏجان، جيئن مون کي فقط ائڪريمينٽ تي دستخط ڪرٽو پوي. اتان پوءِ حيدرآباد هلنداسين ۽ [علامہ] قاضي صاحب کان ترجمي متعلق هدايتون وٺنداسين. آفاق کي به وٽيشن آهي. جي اسان ۱۰-جولاءِ کان پوءِ ترجمي جو ڪم شروع ڪيو ته ٻن مهينن ۾ گهٽوئي حصو پورو ڪري ويندا سين.

"مهراڻ" جو اونهارو نمبر ڪڍهن شايع ٿيندو؟ اميد ته گوبند پاٽيل ڏانهن مهراڻ جا پيئي پرچا موڪليا هوندوَ- قيمت مان اتي ڪراچيءَ ۾ ادا ڪندس.

ميراَ جا سلام. تنهنجي سنجيدگيءَ ۽ خلوص کان ڪافي متاثر ٿي ڏسجي.

حسام‌الدين صاحب ۽ ڊاڪٽر نبي بخش صاحب لاءِ منهنجا سلام.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(۹)

سکر

۲۶-۶-۱۹۵۵ع

ادا ابراهيم،

اميد ته توکي منهنجو پهريون خط مليو هوندو. توکي ماسترياڻي صاحبہ جي ڪم لاءِ چيو هيم، جو اميد ته ڪيو هوندءِ. "مهراڻ" اڃا شايع نہ ٿيو آهي ڇا؟

رسالي جي انگريمينٽ متعلق زياده ڪجهڙي خبر آهي؟ اميد ته مان جلدئي ڪراچيءَ ايندس.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(۱۰)

سکر

۳۰-۶-۱۹۵۵ع

ادا ابراهيم،

اميد ته اوهان معاهدي جا ڪاغذ تيار ڪري ڇڏيا هوندا. مان اتي ۵- تاريخ تي فقط هڪ ڏينهن لاءِ اچي سگهندس. جيڪڏهن دير جي گنجائش هجي ته مان ۱۳- تاريخ تي اچانَ، ڇو ته پوءِ هفتو ڪن اتي رهي سگهندس ۽ حيدرآباد ۾ هلي سگهنداسين. مهرباني ڪري جواب ورندئ ٽپال ۾ ڏجانءِ، جيئن مان بين ڪمن جو انتظام ڪري سگهان.

ٿي سگهي ته معاهدي وارن پيسن مان اڌ پيسا يا ڪجهہ گهٽ هڪ وقت اڳواٽ ڏنا وڃن ڇو ته ائين ڪرڻ سان مون کي ساري ڪم جي انتظام ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي.

"مهراڻ" ڪڍهن شايع ٿيندو؟

اميد ته ماسترياڻي صاحبہ جي ڪم ۾ دير نہ وجهندا. بي سبب هن جي پگهار روڪي ويئي آهي ۽ ڪيس نهايت تڪليف ٿي رهي آهي.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(۱۱)

سکر

۳-۷-۱۹۵۵ع

ادا ابراهيم،

وعدي مطابق ۵ تاريخ تي اچي ڪونہ سگهندس، ڇو ته منهنجا ٽي ٻار بيمار آهن ۽ سندن نظرداري ڪرڻ وارو

پيو ڪوبہ نہ آهي. ٽي سگهئي تہ معاهدو پوسٽ ذريعي موڪلي ڏي تہ دستخط ڪري موڪليائ. پيو تہ توکي معلوم آهي تہ مون وٽ گربخشاڻيءَ واري رسالي جا باقي بہ جلد ڪوبہ آهن، مهرباني ڪري انهن جو انتظام بہ ڪري موڪل. جي تو ائگريمينٽ پوسٹ رستي نہ موڪلي، تہ پوءِ مان ۱۳ تاريخ تي ايندس. اميد تہ تون مجبوريون خيال ۾ رکندين ۽ ڪاوڙ نہ ڪندين.

تنهنجو
اياز

(۱۲)

ادا ابراهيم،

ڪجهہ بيت ۽ هڪ گيت "مهراڻ" جي بهار نمبر لاءِ موڪليان ٿو. هڪ ٻن ڏينهن اندر هڪ افسانو "سکر براج جي بتين هيٺان" بہ موڪلينداس، اڃ لکي چڪو آهيان.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۱۳)

ادا ابراهيم،

هتي اچڻ سان شاهہ جي رسالي جي ترجمي جو ڪم شروع ڪري ڏنو اٿم. گربخشاڻيءَ جو پهريون جلد اڃا نہ ملي سگهيو آهي، جي توکي ملي وڃي تہ بهتر.

اِتي وقت نهايت بي ڍ ائيءَ سان گذري ويو. هِتي اچي هزار پريشانين ۾ ڦاسي ويو آهيان. ادا، تنهنجي ويجهڑائي وڏو روحاني سهارو آهي. ڪا اهڙي ترتيب هجي، جو سڃو وقت هڪٻئي جي قريب گذاريون.

ماستريائي صاحبہ وارو ڪم ياد رکندا.

اميد تہ اوهان جا پارڙا خوش هوندا.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۱۴)

ڪئينس روڊ، سکر
۳۰ جولاءِ

ادا ابراهيم،

اڃا تائين شاهہ جي بيٽن جو اردوءَ ۾ ترجمو نہ پهتو آهي. هتي گربخشاڻيءَ جو پهريون جلد نڪو ملي. مون شڪواڻيءَ جي رسالي تان ترجمو شروع ڪيو آهي، جيتوڻيڪ ڪجهہ لفظن ۽ سٽن جي مفهوم سمجهڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. اميد تہ ۲۰ آگسٽ تائين ست اٺ سؤ سٽن جو ترجمو موڪلي ڏينداس. ادا سائين، مان تنهنجو احسانمند آهيان، جو اهڙي مرغوب مشغلي ۾ رُجهائي ڇڏيو اٿئي، ۽ دائمي طرح نہ تہ ڪم از ڪم عارضي طرح منهنجي زندگيءَ ۾ معنيٰ پيدا ڪئي اٿئي.

آسڪروائيلڈ جو De Profundes پڙهيم. جي تو اهو ڪتاب نہ پڙهيو، تہ ادب جي هڪ بي بها نعمت کان محروم رهجي ويندين. دوستووسڪيءَ جي زندگيءَ ۽ آرٽ تي ارنيسٽ سمنس جو ڪتاب پڙهي رهيو آهيان. سندس تنقيد سان مان بلڪل متفق آهيان تہ دوستووسڪي هڪ نهايت عظيم آرٽسٹ ۽ مفڪر هو. منهنجي نظر ۾ هو شيڪسپيئر کان بہ گهرو ۽ دلڪش آهي. ڪجهہ آندري بيد جي زندگيءَ متعلق بہ پيو پڙهان. دل ۾ حسرتون وٽ ڪائي

رهيون آهن. اي ڪاش، مون کي ايتري فرصت هجي، جو ڪافي وقت انهن جي قدمن ۾ گذاري سگهان. عمر عزيز بي معنيٰ مصروفيتن پنهان رايگان ٿي رهي آهي ۽ مان پنهنجي حالات کان بيوس ٿي ڪجهه چئي به نٿو سگهان!

آفاق ترجمي ۾ ڪافي مدد ڪرائي رهيو آهي. ڪيس پئسي جي ضرورت آهي، جي ۳۰ آگسٽ تي پهرين قسط ۳۳۳-۰۰ روپيا موڪليو، ته ڪيس ڪوئي معاشي فڪر نه رهندو.

ماسترياڻي صاحبہ جو ڪم دلچسپي وٺي ڪرائيندا، اميد ته تنهنجا پارڙا خوش هوندا.

ٽالستاءِ جو War and Peace ملي سگهيئي ته موڪلي ڏي. "مهراڻ" جيئن شايع ٿئي، تيئن بنان دير جي موڪلي ڏجانءِ.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۱۵)

سکر
۳۰- جولاءِ
ادا ابراهيم،

اميد ته توکي منهنجو خط پهچي چڪو هوندو. "عطائي آيو" عنقريب مڪمل ٿي چڪو آهي. مان چاهيان ٿو ته ان جي ترتيب متعلق توسان روبرو ڳالهايان. ممڪن آهي ته ڪم سانگي آگست ۾ ايڏانهن اچان. في الحال جڏهن تون چئين تڏهن توکي ڪاپي موڪلي ڏيان.

گذريل مهيني ۾ گربخشائيءَ جي ٽئين جلد مان ليلاچنيسر، مومل راڻو ۽ مارئيءَ ترجمو ڪيو اٿم. ڪجهه زياده وقت درڪار آهي، جنهن متعلق توکي اڳئين خط ۾ لکي چڪو آهيان.

رباڻيءَ کي مون هڪ غزل "نئين زندگيءَ" لاءِ موڪليو هوم. ان وقت مون کي **اقبال** جي خط جو علم نه هو. مان اهو غزل اُنهيءَ رسالي ۾ هاڻي شايع نٿو ڪرائڻ چاهيان. تون مهرباني ڪري اِهو غزل هن کان وٺ يا ڪيس ڇڏ ته مون ڏانهن موڪلي ڏئي.

مينڊريءَ جو مضمون اڄ رجسٽر ڪيائءِ ٿو، خط جلدي جلدي لکندو ڪر. تو جيترين مصروفيتون مون کي به آهن، پر روحاني برادريءَ سان خيالن جي ڏي وٺ زياده ضروري آهي.

ڪنهن ڀاڻي سکر اچي سگهين ته بهتر. روهڙيءَ جي هڪڙي دور دراز گوشي ۾ به صديون اڳ هڪ سگهڙ پيدا ٿيو هو، جنهن جو ڪلام هڪ گمنام فقير وٽ محفوظ آهي، اڄ ته اُنهيءَ جا قول ڪٿا ڪيون. اميد ته ادبي بورڊ توکي خوشيءَ سان اجازت ڏيندو. منهنجو قصور اِهو آهي ته مان جيئرو آهيان، تنهنڪري مون سان ملاقات جي ڀاڻي اڇڻ هڪ قبل از وقت ڪم ٿيندو.

چڱو، خدا حافظ!

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۱۶)

سکر
۷-۸-۱۹۵۵ع
ادا ابراهيم،

تنهنجو خط پهتو. مان گهٽو ڪري ۱۴ تاريخ اتي پهچي ويندس.

ماستريائي صاحب کي شڪارپور ۾ قرآن ٽيچر ٽيڻ پسند نہ آهي، چو ته اتي کيس تنخواه نهايت گهٽ ملندي. جيڪڏهن کيس نائب ماستريائي ڪري شڪارپور ۾ رکيو وڃي، ته بهتر نہ ته کيس سلطان ڪوٽ مان نہ هٽايو وڃي. گهربل سرٽيفڪيٽ وٽس موجود ڪونہ آهن، انڪري اوهان تڪليف وٺي حيدرآباد مان ڪڍائيندا. تنخواه رُڪجڻ سبب کيس هٿ جي تنگي آهي. زياده روبرو ڳالهائيندا سين. تنهنجي ويجهڙائيءَ سان دل کي بيحد تسڪين ملي ويندي آهي. دل چوي ٿي ته فقط تنهنجي ڪري سکر ڇڏي ڪراچيءَ اچي وڪالت ڪريان.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۱۷)

ادا ابراهيم،

مائي صاحب کي موڪليان ٿو، اميد ته کيس هر ممڪن مدد ڪندا. اهو ڪم منهنجوشخصي آهي ۽ ڪافي دلچسپي وٺندا.

اوهان جو
اياز

(۱۸)

سکر
۲۰ سيپٽمبر
ادا سائين،

پنهنجي اردو نظم جو ڪتاب "بُوي گل نالهٔ دل" موڪليان ٿو. چار سؤ جلد ته اهڙا ڪاغذ جا چاڙهائبا، باقي چار سؤ جلدن لاءِ نهايت نفيس هلڪي رنگ جو ڪپڙو گهرجي. مهرباني ڪري لکي موڪل ته ڪيترا پيسا موڪليان. اهو ڪپڙو وٺي مون کي وي.پي ڪري ڇڏ.

منهنجو سنڌي ڪهاڻين جو ڪتاب 'پنهل کان پوءِ' به ڇپجي ويو آهي، جو منهنجي دوست عبدالرزاق راز، حبيب پبليڪيشن سکر طرفان، ڇپايو آهي. اميد ته ان جي هڪ ڪاپي توکي سپاڻي موڪلي ڏيندس. منهنجي بيشمار بيٽن، گيتن، غزلن ۽ نظمن جو مجموعو زير ترتيب آهي. مون ان لاءِ "عطائي آيو" نالو سوچيو آهي، جي توکي اهو پسند نہ هجي ته ٻيو ڪوئي نالو لکي موڪل.

حيدرآباد مان ڪتاب پهتا، انهن مان ڪجهہ ته بيڪار ترجما آهن. بهرحال مان احسانمند آهيان. پيسا ڪنهن کي موڪليان ۽ ڪيترا موڪليان. اميد ته ٻيا به ڪتاب موڪلي ڏيندين.

اميد ته تنهنجا ٻارڙا خوش هوندا. منور کي منهنجي پاران پيار ڪجانءِ.

تنهنجو
اياز

(۱۹)

ادا،

هتي گلبہ جي ڪانفرنس ٿي هئي، جتي عالمءِ سان ملاقات ٿي. ان اصرار ڪيو ته مان پنهنجو سنڌي ڪلام گلبہ کي ڇپائڻ لاءِ ڏيان. وڏيڪ ڇپائين ته سڄي ڪم جي نظرداري پلي تون ڪر. گلبہ جي نظرياتي لاڙي جي توکي خبر آهي. مان سمجهان ٿو ته ڪجهہ نظم مجموعي مان ڪڍڻا پوندا. آئنده جيئن تون مناسب سمجهين. مان اتي ۲۸ تاريخ تي ايندس، جو گلبہ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميٽنگ آهي، ۽ صلاح روبرو ڪنداسين.

تنهنجو پنهنجو
اياز

P.S. منهنجا خط "مهراڻ" ۾ شايع ٿيندا يا نہ؟ اخبار جا پيسا توکي اتي اچي ڏيندس.

(۲۰)

ادا ابراهيم،

اميد ته ڪتاب پريس ۾ پهچي چڪو هوندو. مان هڪ ٻن ڏينهن ۾ توکي ٻه ٽي صفحا پيش لفظ لکي موڪلينداس. ڪتاب جي پهرئين صفحي تي انتساب سان گڏ مون پنهنجو هڪ شعر لکيو آهي. بهتر ائين ٿيندو ته اهو شعر ڪٽي، شاهه جي ست 'ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي' لکي وجي. وڌيڪ جيئن توکي سمجهه ۾ اچي.

اڃڪلهه هڪ ناولٽ لکي رهيو آهيان. چاليهه صفحا لکيا اٿم. عنوان اٿس 'آلا ڏاهي ۽ ٽيان!" ان ۾ مهراڻ ۽ ان جي ميربحرن جي زندگيءَ جو پس منظر آهي. مون کي يقين آهي ته توکي بيحد وٺندو. ادا، نثر جو معيار جو اڳي دُور نظر ايندو هو، سو ويجهو ايندو ٿو وجي. چاهيان ٿو ته هن زندان مان ٻاهر نڪران. هاڻي سکر ڪائي رهيو آهي. جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪجهه قابل ديد جايون تي هلين، ته بهتر. خصوصاً برسات جي موسم ۾ ڪجهه وقت ٿر ۾ گذارجي. مان ويجهو حيدرآباد ايندس، ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾، ۽ توکي اڳواٽ اطلاع ڏيندس. اچي سگهين ته بهتر.

شاهه جي رسالي جو ڇا ٿيو؟

ربانيءَ لاءِ سلام. اميد ته مون سان ناراض نه هوندو.

تنهنجو پنهنجو
اياز

P.S. تو شمشير ڏانهن موڪليل نوٽبڪ جا حصا پڙهيا؟ انهن متعلق تنهنجو رايو ڇا آهي؛ خوبيون نظر انداز ڪري، فقط خامين متعلق لکي موڪل.

(۲۱)

سکر
۲۸-مئي

ادا سائين،

ٻه چار ڏينهن ٿيا ته توکي ڪجهه تازو ڪلام پنهنجي ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ موڪليو هيم. اڄ ڪجهه ٻيو ڪلام ٻه موڪليان ٿو، جو ڪتاب ۾ شامل ڪري ڇڏجانءِ. هن خط جي پڄاڻ جو اطلاع ضرور ڏجانءِ. ادا، ڪجهه تڪليف وڻي ٻيتن، گيتن وغيره کي موضوع مطابق ترتيب ڏجانءِ. باقي بيت جدا رهن، دوها جدا، گيت وغيره جدا. اميد ته ٻن چئن مهينن ۾ ڪم پورو ٿي ويندو. جيڪڏهن پروف ڏسڻ لاءِ مون کي موڪلينديں ته بهتر ٿيندو.

جي ٻه چار ڏينهن فرصت هجيئي ۽ سکر اچين ته چڱو.

اميد ته تنهنجا ٻارڙا خوش هوندا.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۲۲)

ادا ابراهيم،

اميد ته توکي منهنجو نثر ۾ مواد پهتو هوندو. جي پنهنجي پسنديدگي وغيره متعلق لکين ته بهتر. "مينڊريءَ" جو مضمون ٻه اميد ته توکي پهتو هوندو. جي تون اهو بنهه شايع نه ڪرين ته مون ڏانهن موڪلي ڏي، ڇو ته مان اهو ڏسڻ چاهيان ٿو ۽ جي ٿي سگهيئي ته ان سان گڏ هن جي نالي خط ٻه منهنجي پتي تي موڪلي ڏي.

"عطائي آيو" مڪمل ٿي ويو آهي. اميد ته "راز" توسان ڳالهه ڪئي هوندي.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۲۳)

ادا ابراهيم،

"عطائي آيو" مڪمل ٿي ويو آهي، چئين تہ موڪلي ڏيانءِ. اميد تہ منهنجو نثر وارو مواد بہ مليو هوندءِ. ان متعلق پنهنجو رايو جلدي لکي موڪلين تہ چڱو. مينڊريءَ جي مضمون متعلق بہ تو ڪجهہ نہ لکيو. هاڻي جيستائين تون خط نہ لکندين، تہ مون کي قسم آهي جمال جو، تيستائين نئون شعر نہ لکندس.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۲۴)

ادا ابراهيم،

تنهنجو خط پهتو. هتي دوستن جو خيال آهي تہ حيدرآباد ۾ ۱۵ تاريخ تي ادبي سنگت جي نشست ۾ وڃجي، انڪري مان توکي ۱۵ تي حيدرآباد ۾ ملندس. منهنجو خيال آهي تہ اُتان ڪجهہ ڏينهن ٽاڻي بولا خان وڃان. ان متعلق حيدرآباد ۾ فيصلو ڪندس. جي تون هلي سگهين تہ نهايت چڱو.

"مهراڻ" بہ معشوقانہ انداز اختيار ڪيا آهن، ايترو انتظار ڪيائي ٿِي ظاهر ٿئي.

نوٽبڪ جو ٻيو حصو ۽ مينڊريءَ جو مضمون حيدرآباد ۾ ڏيندوسانءِ. تون گهر جي ائڊريس لکي موڪل تہ اڇڻ کان اڳ تار ڪيانءِ.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۲۵)

ادا سائين!

مون کي خبر نہ آهي تہ هن معاملي ۾ تون منهنجي ڪيتري قدر مدد ڪندين، پر اها خاطري آهي تہ تنهنجو مشورو ڪارگر ٿيندو. گذريل دفعي جڏهن مان ڪراچيءَ آيو هوس تہ هڪ چوڪريءَ متعلق توسان ذڪر ڪيم هئم. مون توکي ٻڌايو هو تہ منهنجي زندگيءَ ۾ هوءَ ڪيئن آئي ۽ ڪيتري معنيٰ رکي ٿي. جيڪڏهن منهنجي زندگيءَ کي ڪجهہ خوشي ۽ سڪون حاصل ٿيو آهي، تہ اُنهيءَ جي طفيل ٿيو آهي. وڪالت جي گذريل ستن اٺن سالن ۾ مان انساني فطرت جا گوناگون پهلو جانچي چڪو آهيان ۽ ڪي قدر انسانن جي قدر و قيمت جي تميز جي دعويٰ ڪري سگهان ٿو. پر محبت هر شيءِ تي حاوي ٿي ويندي آهي، ۽ انڪري جي مان توکي هن جي ذهانت ۽ خلوص جي باري ۾ ڪجهہ لکندس، تہ ان جي صحيح هجڻ جو توکي پورو يقين نہ ايندو.

بهرحال مون محسوس ڪيو آهي تہ منهنجي بي ڪيف ۽ بي معنيٰ زندگيءَ کي هن جي محبت جي سهاري جي بيحد ضرورت آهي. هن مئٽرڪ جو امتحان ڏنو آهي، ۽ پاس ٿيندي. منهنجي مرضي آهي تہ ڪيس زياده تعليم ڏني وڃي. ان لاءِ شڪارپور جو ماحول سازگار نہ آهي.

اِتي ڪراچيءَ ۾ سندس رهائش جو بندوبست ٿي سگهندو؟ جي ها تہ ڪٿي؟ ائين مناسب ٿيندو تہ شاديءَ بعد اسان ايتري وقت لاءِ دور رهون؟ شاديءَ تي شادي ڪيتري قدر مناسب ٿيندي، خصوصاً مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ، جنهن کي ٻارڙن سان بيحد پيار آهي؟ مان تہ منجهي پيو آهيان.

ادا، جواب جلد ڏجانءِ. مون کي هتي تہ اهڙو ڪوبہ دوست ڪونهي، جو صحيح طرح منهنجي روحاني

ڪشمڪش سمجهي سگهي، ۽ ڪوئي تسلي بخش جواب ڏئي سگهي.

مان هن جو هڪڙو خط توکي شامل ڪري موڪليان ٿو، جنهن مان تون اندازو لڳائي سگهندين، ته اسان جي ڪيتري سڪ آهي. اِهو خط مون کي جواب سان موڪلجانءِ.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(٢٦)

ادا ابراهيم،

اميد ته منهنجو هڪ خط توکي اڳيئي مليو هوندو. هن خط سان گڏ ڪجهه قطعات ۽ هڪ نظم موڪليان ٿو. انهن ۾ ڪوشش ڪري زيراضافت، همزهٔ اضافت، واو عطفي ۽ نون غنه ۽ غيرمروج لفظ ڪم آندا نه ويا آهن. تون پڙهي رايو موڪل ته تجربو ڪامياب آهي يا نه. جي "مهراڻ" جي هن نمبر ۾ گنجائش هجي ۽ قطعات توکي پسند اچن ته شايع ڪري ڇڏجانءِ.

ادا، وڪالت مان روح ڪجهه بيزار ٿي پيو آهي. هر اهل نااهل سان نيازمنديءَ، زندگيءَ جي ڪوڙ ڪپت تي چشم پوشيءَ، قانون جي مسلسل مطالعي ۽ شعر و ادب لاءِ فرصت جي ڪميءَ - هن ڏنڊي مان منهنجو روح ڪٽو ڪري ڇڏيو آهي. محض معاشي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ، زندگيءَ جو بي بها وقت، جو ڪن ٻين بهتر مصروفيتن ۾ صرف ڪري سگهجي، ضايع ٿي رهيو آهي. مان ته سوچي رهيو آهيان ته وڪالت ڇڏيان، جيڪڏهن مون کي ٻيو ڪوئي معقول ذريعه معاش ملي وڃي.

تنهنجا ٻارڙا ڪيئن آهن، اميد ته تنهنجي صحت هينئر ٺيڪ آهي.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(٢٧)

ادا ابراهيم،

مان ۽ **اقبال** ٣٠ تاريخ تي حيدرآباد ٻن ڏينهن ٿا اچڻ لاءِ چاهيون، مقصد فقط تفريح ۽ دوستن سان ملاقات جو آهي. جي تون اُتي هجين ته يڪدم تار ڪر.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(٢٨)

ادا ابراهيم،

مان ٣٠ تاريخ تي هڪ ٻن ڏينهن لاءِ حيدرآباد اچڻ چاهيان ٿو. جي تون حيدرآباد ٣٠ تاريخ تي اچي سگهين ته يڪدم تار ڪر. حيدرآباد ۾ ڪوئي ڪم نه آهي، فقط ناتال جا ٻه ڏينهن مان ۽ **اقبال** اُتي گذارڻ چاهيون ٿا.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(۲۹)

سکر

۸-ڊسمبر

ادا ابراهيم،

تنهنجو خط پهتو. تنهنجي چوڻ مطابق مان شاهه جي ڪلام تي تبصرو لکان ٿو. تون اهو پلي ڪنهن کي پڙهڻ لاءِ ڏي پر شايع نه ڪرائجانءِ؛ ڇو ته مون کي رسالي تي اردو مقدمو لکڻو پوندو ۽ اهو تبصرو به انهيءَ مقدمي جو حصو هوندو. ادا سائين، فرصت نهايت گهٽ آهي، تنهنڪري ٿورو وقت لڳندو، سو دير سبب دل ۾ نه ڪجانءِ.

يونيورسٽيءَ وٽان چيڪ ۽ تنهنجا بل پهتا.

مائي خيرالنساء موٽي آئي آهي. آهي نهايت احمق، پر مجبوراً ڪنهن جي صدقي سندس اڻڳايون برداشت ڪرٽيون آهن. اي.ڪي.شيخ ڪيس هڪ خط تنهنجي لاءِ ڏنو هو، جو شامل آهي. ڪيس گهربل سرٽيفڪيٽ به ملیو آهي جنهن جي فوٽو ڪاپي توکي موڪليان ٿو. مهرباني ڪري سندس ڪم جي تڪميل ڪرائي چڏجانءِ.

"مهراڻ" جو سرءُ نمبر اڃا نه پهتو. تو سان ملڻ تي دل ته ڏاڍي آهي، پر ڇا ڪريان. ناتال ۾ مون وٽ اڇي رهين ته نهايت چڱو. هتي رهائش وغيره جو انتظام آهي.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(۳۰)

ادا سائين،

اوهان جو ۽ گرامي صاحب جو خط پهتو. گرامي صاحب کي ۱۰-۱۲ غزل ۽ گيت موڪليا اٿم. وعدي مطابق "مهراڻ" جو پرچو اڃا ڪونه ملیو، جيتوٽيڪ ڪن دوستن ان جي اشاعت جو ذڪر ڪيو آهي. اوهان مون کي خط لکو يا ڪتاب موڪليو ته "شيخ اياز" جي نالي تي موڪليندا ڪريو، ورنه ان جي گم ٿي وڃڻ جو انديشو آهي.

منهنجي اردو غزليات جو ٻيو ڪتاب "ڪف گلفروش" تيار آهي، جنهن ۾ به سو ڪن غزل آهن. اتي ڪنهن پرنٽر کي ٽيڪي تي ڏجي ته بهتر ٿيندو. هتي ته اڃا تائين منهنجي پهرئين ڪتاب جو جلد نه ڇپجي سگهيو آهي. ڪاغذ جيڪو اوهان موڪليو آهي، ان تي گورنمينٽ آف پاڪستان جي مُهر لڳل آهي، انهيءَ جي معنيٰ ڇا آهي. غلطيءَ ۾ ته نه موڪليو ويو آهي. هزارن سرگردانين ۽ مصروفيتن جي باوجود پنهنجي روح رهاڻ جاري آهي. معلوم نه آهي ته ڪيئن زندگيءَ جي آهني پنجي مان شعر و ادب لاءِ ڪجهه گهڙيون ڪسي ٿو وٺان. مان پهريون شاعر آهيان، پوءِ انسان ۽ پوءِ وڪيل. پر زندگيءَ اهڙو ته جار ۾ ڇوڪنيو ڦاسايو آهي، جو دنيوي مصروفيتون ئي سارو وقت ڳهي ٽيون وڃن. بهرحال فطرت مون کي هڪڙي نعمت عطا ڪئي آهي ته مان پنهنجي ٿوريءَ فرصت ۾ ايترو لکي ٿو وڃان، جيترو پيا سموريءَ فراغت ۾ شايد لکن ٿا. اي ڪاش! مان سمورو وقتُ انهيءَ ماڳ ڏانهن موڙي سگهان!

اميد ته تنهنجا پارڙا خوش هوندا. مون کي ٽين نياڻي ڄائي آهي. نالو اٿس شفق. هائي چار پار ٿيا.

اوهان جو

اياز

P.S. "مهراڻ" جو پهريون پرچو يڪدم موڪليندا.

(۳۱)

۱۰ فبروري

ادا ابراهيم،

تنهنجو خط پهتو. مان في‌الحال ته ڪراچيءَ اچي ڪونه سگهندس. جمال چيو آهي ته هو مارچ ۾ ڪراچيءَ ايندو. شايد مان به هن سان گڏ اچان.

جيڪڏهن مان يورپ وڃان ته فارين ايڪسچينج جو انتظام ڪري سگهندين؟ هتي ته زندگيءَ مان نهايت بيزار ٿي پيو آهيان.

"مهراڻ" ڪڏهن شايع ٿيندو؟ پنهنجي ڪلام يا زندگيءَ جي نظريي تي جيڪي تنقيدون ٿي رهيون آهن، انهن جي جواب ۾ حقارت پريءَ مرڪ کان سواءِ پيو ڪجهه به نه آهي.

پيو چا لکان؟ حافظ جو شعر پيو اڄ باربار ياد اچي:

ايں خرقه کـه من دارم، در رهنِ شراب اولیٰ
ويں دفترِ بی معنی غرقِ مئے ناب اولیٰ

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۳۲)

ادا ابراهيم،

جمال ڏاڍو بيمار ٿي پيو آهي. عيد جو موڪلون هتي اسان سان گذارين ته چڱو. مون توکي پيا به دوها موڪليا هئا، جي نه شمشير کي شايع ڪرڻ لاءِ موڪليا اٿئي ۽ نه انهن جي باري ۾ مون کي ڪجهه لکيو اٿئي. اميد ته توکي پهتا هوندا. حسام‌الدين شاهه صاحب ڪراچيءَ پهتو آهي يا نه، ۽ "شاهه جو ترجمو" ڪمڻيءَ منزل تي پهتو آهي. اِن باري ۾ ضروري معلومات لکي موڪل.

"Times of India" ملندي رهندي آهي. اميد ته آئنده به موڪليندو رهندين.

مهينو ڪن ٿيو ته منهنجي ماءُ گذاري ويئي. ڪيس وري ڪئنسر ٿي پيئي، جنهن جو ڪوئي علاج نه ڪري سگهيو. مون کي خود مدي جو بخار ٿي پيو هو، جنهن ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو، هاڻي چاق آهيان.

تون هتي اچين ته چڱو، نه ته عيد جي موڪلن ۾ مان حيدرآباد اچانءِ.

اميد ته تنهنجا ٻارڙا خوش هوندا.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۳۳)

ادا ابراهيم،

خط پهتو. حفيظ [هوشيارپوري] صاحب جي اصلاح زياده تر ته ترجمي جي حسن ۾ اضافو ڪيو آهي، پر ڪٿي ڪٿي منهنجو هن سان اختلاف آهي. مان هفتي ڪن ۾ اهي اختلاف واريون درستيون توکي لکي موڪلينڊس، ۽ انهن سان گڏ گهربل پيش لفظ به موڪلينڊس.

"مهراڻ" واسطي مواد توکي ٻن ڇنڻن ڏينهن ۾ پهچي ويندو. "تقاضا" شايع ٿي ويو آهي ۽ اوهان ڏانهن ڪاپي

اڄ موڪلي ويئي آهي. "مارئي" جي ڪاپي مون کي نه پهتي آهي. اها هٿ ڪري موڪلين ته بهتر.

ترجمي جي پئسن لاءِ تڪڙ انڪري ٿو ڪريان، جو "عطائي آيو" ڇپائڻو آهي.

تو "شعور" ڏٺو آهي جو مون ۾ حمايت علي شاعر حيدرآباد مان شايع ڪيو آهي. منهنجو خيال آهي ته شعور جي ايندڙ پرچي ۾ "سر مارئي" جو ڪجهه ترجمو ڏيان. مون کي هاڻي انهيءَ "آوازِسگان" جي ڪائي پروا نه رهي آهي.

اميد ته تون ۽ تنهنجا ٻارڙا خوش هوندا. هاڻي ته توکي فرصت هوندي. جي هفتو ڪن مون سان ۽ جمال سان اڇي گذارين ته چگو. رباني ۽ سرڪيءَ لاءِ سلام.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۳۴)

ادا ابراهيم،

اڄ "ادا" رسالو مليو. نه معلوم منهنجو هڪڙو "غزل" ڪٿان آندو اٿائون، جو ان ۾ شايع ڪيو اٿائون. هنن جي بي شرمي هاڻي حد ٽپي ويئي آهي، تون ئي چؤ، ڇا ڪجي؟

تنهنجو
اياز

(۳۵)

ادا سائين،

خط پهتو. جمال جي صحت جو پڙهي خوشي ٿي. مان هن جي گهر چار پنج پيرا فون ڪيو آهي ۽ سندس ٻارڙن جي خيروعافيت پڇي اٿم. جڏهن لاهور مان موٽين ته هڪ ٻه ڏينهن مون وٽ ڪيئن نه ڪري رهجاءِ.

اقبال سان مون قطع تعلق ڪيو آهي. توکي جيڪا نوڪري ٿي سگهي ڪيس وٺي ڏي. منهنجي خيال ۾ ته هن کي نوڪري ڪرڻي نه آهي فقط ڏيکارڻو اٿس ته ڪيس نوڪريءَ جي ضرورت آهي.

"مهراڻ" جي هيءَ اشاعت اڳي کان به زياده پسند آئي. خصوصاً تنهنجو ڊرامو ۽ شمس جو خط. راشدي صاحب جي مضمون ڪجهه زياده جاءِ والاري آهي، جن جي ڪن دوستن کي شڪايت آهي، پر منهنجي خيال ۾ اِنهي مضمون کي پنهنجي اهميت آهي، ۽ چگو ٿيو جو شايع ڪيو ويو. البت به قسطون ڪيو ها ته بهتر ٿئي ها.

بيت موڪليان ٿو. هن بيتن جي سامهون X جو نشان لڳل آهي. اهي ٻيئي گڏي شايع ڪندا.

تو منهنجن ٻارڙن جا نالا پڇيا. ادا، مون پاڻ ته انهن تي نيٺ سنڌي نالا رکيا آهن: وَسَنُ، پرهه، ڪونج ۽ چانوَ. منهنجي زال زرينه، جنهن کي پارسي نالن جو خبط آهي، تنهن انهن جا نالا رکيا آهن: انيس، ياسمين، روحي ۽ شفق. پوئينءَ ڏيءَ جو پارسي نالو مون حنا تجويز ڪيو، جو ڪيس پسند نه پيو. مان ته چوان ٿو ته اسان پاڻ ۾ ان ڏهه ڇٽا اتفاق ڪري ٻارن جا سنڌي نالا رکون. پر تنهنجو نظريو شايد مختلف ٿو نظر اچي. نرگس ۽ نيلوفر ڇو؟ ڊائنا ۽ ڊالي ڇو نه؟ ٻيئي نالا اسان لاءِ اجنبي آهن ۽ هنهي ۾ هڪجيتري موسيقي آهي. مخدوم محي الدين، دکن جي اشتراڪي شاعر، جي ڏيءَ جو نالو آهي اَساوَري. مون کي ته اُهو نانءُ بيحد پسند آهي.

مينڊريءَ جي انڊريس هيٺ ڏنل آهي.

انڊريس: رئيس خان محمد خان، بلوچ رائيس ملز، خيرپور ناٿن شاهه.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(٣٦)

سکر

١٣ فيبروري

ادا سائين،

اُميد ته تو "اک جون ڪلڙيون..." نظر مان ڪڍيو هوندو. جيترو جلدي ٿي سگهيئي پنهنجي مشوري سان رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي موڪلي ڏي، ۽ به سو ڪاپين (ڊيمي سائيز) لاءِ پنو به وڌي موڪلينداَ. ڪتاب به سو صفحا ٿيندو. ڪوشش ڪري بهترين فارين پيپر وڌندا، پر جي نه ملي، ته بهترين پاڪستاني ڪاغذ وڌندا.

اُميد ته تنهنجا پارڙا خوش هوندا

تنهنجو

اياز

(٣٧)

ادا ابراهيم،

ٿيون ڏينهن وارو خط پڙهي دل ۾ نه ڪجاءِ. توکي جيئن وٽي، اهو خط شايع ڪراءِ. مان اڄ ڪلهه ڏهني طرح ڪجهه پريشان آهيان ۽ ٿوريءَ گهٽيءَ ڳالهه تي غصو ٿو اچي وڃي.

مان گهٽو ڪري ٢٥ تاريخ شام جو ڪراچيءَ ويندس ۽ ٢٧ تي توکي حيدرآباد ۾ ملندس. جي پروگرام ملتوي ٿيو ته توکي اطلاع ڏيندس ۽ تون سکر هليو اچجاءِ.

'اک جون ڪلڙيون' تي مهاڳ لکڻ لاءِ رسول بخش پليجي کي چؤ.

شاهه عنايت جي باري ۾ معلومات موڪلي ڏي.

اڇڪلهه مان فرصت جو سارو وقت نثر لکي رهيو آهيان ۽ مهيني کن ۾ توکي هڪ پورو ڪتاب ڏيندس.

انيس ۽ بين پارن جي باري ۾ جو ڪجهه ڇپيو هيو مانءِ، اُهو وسارجانءِ نه.

"روح رهاڻ" جيئن شايع ٿئي، تيئن يڪدم مون کي پوسٽ ڪجاءِ، حميد دير سان ٿو موڪلي.

حميد کي چؤ ته مان هن جي نالي خطن جو پورو ڪتاب لکي رهيو آهيان، ۽ اُهو هن کي جولاءِ يا آگسٽ ۾ "روح رهاڻ" ۾ ڏيٽو پوندو.

چندي جا پنجاهه رپيا ڪنا ڪيا اٿم، جي توکي اُتي ڏيندس. ممڪن آهي ته اُن وقت تائين پنجاهه ٻيا به ٿي وڃن.

رباني‌ءَ کي چؤ ته مون سان فون تي ڳالهائي. مان هتي اڪيلائيءَ مان نهايت تنگ ٿيو آهيان.

تنهنجو

اياز

(٣٨)

ادا ابراهيم،

مان ستين تاريخ تي ڪراچيءَ اچي رهيو آهيان. ڪوئي خاص ڪم نه آهي. چار پنج ڏينهن رهندس. اميد ته تون به هليو ايندين.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(۳۹)

ادا ابراهيم،

اجا تائين "مهراڻ" جو بهار نمبر نه پهتو. ڇو؟ شايع ٿي نه ٿيو آهي يا هميشه وانگر موڪلڻ ۾ دير ڪئي اٿئي؟

ٽئين نمبر واسطي بيت، گيت ۽ غزل موڪليا هياماڻ، اميد ته پهتا هوندءِ. هڪ افسوس "ادڙا" اڃ ۾ آهي. اميد ته جلدي مڪمل ڪري موڪلي ڏيندس. شاهه جي رسالي جي ترجمي متعلق يونيورسٽي وارن ڪهڙو فيصلو ڪيو؟

ڪراچيءَ اچڻ جو خيال آهي ۽ خاص ڪري تنهنجي ڏاڍي چڪ ٿي ٿئي. گهٽو ڪري عيد جي موڪل ۾ ايندس.

پي خبر ڪر. گهٽن ڏينهن کان خط ڪونه لکيو اٿئي. تنهنجا پارڙا ته خوش آهن.

سامي جي سلوڪن، گربخشاڻيءَ جي شاهه جي رسالي ۽ آغا صوفيءَ جي سچل سرمست جي هڪ هڪ ڪاپيءَ جو انتظام ڪري سگهين ته مهرباني.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۴۰)

ادا ابراهيم،

هي خط آٿيندڙ منهنجو ويجهو دوست آهي، ۽ مصيبت ۾ آهي. مهرباني ڪري سندس هر ممڪن مدد ڪندا. توهان عبدالرزاق "راز" هٿ چوائي موڪليو هو ته اوهان جي خط جو جواب جلدي ڏيان. ڪهڙي خط جو؟ "مهراڻ" لاءِ مضامين هڪ ٻن ڏينهن ۾ موڪلينداس.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۴۱)

ادا ابراهيم،

اڄ "مهراڻ" جي ڪاپي پهتي. ايندڙ اشاعت لاءِ نثر ۽ نظم موڪليان ٿو. اوهان وٽ اڳيئي "منهنجو نوٽبڪ"، سنڌ تي نظم "منهنجي مڻڀي سنڌ"، ٻه وايون، گيت ۽ آزاد نظم آهن، جي هن شماري ۾ اوهان شايع نه ڪيا آهن. مڻني ڪي اڳيان رکي، جيڪي اوهان کي مناسب لڳي اهو شايع ڪجو. ٻيو ته هاڻي جيڪو مواد موڪلي رهيو آهيان، ان متعلق پنهنجو رايو يڪدم لکي موڪلجو.

جمال جا ٻار سلامتيءَ سان آهن. انهن کي ٻوڏ جي سبب ڪائي خاص تڪليف ڪانه ٿي.

ادي شمس جو مضمون پڙهيم. اميد ته ڪانئس هر شماري لاءِ مضمون ونڊو رهندين. نورالدين ته مضمون ڏسي ئرندو هوندو.

هندستان وڃڻ جو خيال آهي. ڪوئي طريقو ڳول ته ٻه چار دوست گڏجي هلون.

هتي ڪڏهن ايندين؟ اڄ ته پنهنجو مجموعءَ ڪلام ڏيانءِ، تنهنجي هتي اچڻ ۾ ادبي بوردِ جو فائدو ٿي آهي.

اميد ته تنهنجا پارڙا خوش هوندا. پنهنجو فوٽو موڪليانءِ ٿو. جي توکي ڪوئي پنهنجو فوٽو نڪتل ڪونه آهي ته ڪيائي موڪل.

مهراڻ جي هڪ ڪاپي مينڊريءَ ڏانهن ٻه موڪل. ويچاري اجا ٻُڌي نه آهي ۽ "مهراڻ" لاءِ خط تي خط لکي رهي آهي.

تنهنجو پنهنجو
اياز

P.S. يونيورسٽي وارن چيڪ اجا تائين نه موڪليو آهي. اميد ته راشدي صاحب کي چئي جلدي ڪيائي موڪلينديس. پيسا گهرجن.

(۴۲)

ادا سائين،

خط پهتو.

مجموعہ ڪلام "پونر پري آڪاس" موڪليان ٿو. ٻہ جلد آهن. پوئين جلد ۾ رهيل دوها، هڪ گيت ۽ انگريزي سامراج واري دور جا نظم ۽ هڪ سنڌ تي نظم آهي. دوها ۽ هڪ گيت، پهرئين جلد جي دوهن ۽ گيتن سان ترتيب ڏيئي شامل ڪندا، باقي سياسي نظم ضروري سمجهو تہ شامل ڪندا. موجوده حالات کي خيال ۾ رکي ڪوئي مناسب نوٽ ڏيڻ ضروري سمجهو تہ ڏيندا.

مون "مهراڻ" جي هن شماري ۾ پنهنجن دوهن جي ڏنل ترتيب نهايت پسند ڪئي. اميد تہ انهيءَ طرح تڪليف وٺي ساري ڪلام کي ترتيب ڏيندا، ۽ پيش لفظ ٻہ لکندا. پيش لفظ لاءِ جيڪڏهن چاهيو تہ شعر جي ٽيڪنڪ متعلق ڪجهہ مان ٻہ لکي موڪليانو. بهرصورت هڪ جامع پيش لفظ اوهان کي لکڻو پوندو. جي ان جي فرصت نہ هجي تہ بنا پيش لفظ جي شايع ڪيو. ڪاغذ، جو ڪم آڻيو، اهو موڪلي ڏيندا تہ مان ٻہ ڏسان. جلد ۽ ڊسٽ ڪَوَرَ وغيره متعلق ٻہ اڳواٽ سوچي لکي موڪليندا ۽ اندازاً جيترو خرچ ٿئي ان متعلق ٻہ آگاهہ ڪندا. دير نہ پوي تہ بهتر.

مون کي گانڌيڏام پارت مان هڪ ادبي ڪانفرنس تي صدارت لاءِ دعوت ملي آهي. اميد تہ اوهان کي ٻہ ملي هوندي. منهنجو وڃڻ جو ارادو آهي ۽ پاسپورٽ لاءِ ڪوشش ڪيان ٿو. اوهان ٻہ هلو تہ بهتر. چگو. ڪتاب انشوئر ڪرائي، سپاٽي موڪليندس.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(۴۳)

ادا ابراهيم،

ڪتاب اڄ رجسٽر ڪري موڪليو اٿم. نظم جي حصي ۾ پهريون ۽ آخري نظم تازا آهن. جيڪڏهن چاهين تہ اهي "مهراڻ" ۾ شايع ڪجاءِ. اڇڪلهہ ڊائري لکي رهيو آهيان، اميد تہ تون ڏسي نهايت پسند ڪندين.

سيد ڏانهن هلڻ جو پروگرام جڏهن ناهين، مان ضرور هلندس.

ادبي بورڊ جي بڪ اسٽال ۾ ڪائي ڇڪي سنڌ جي تاريخ سنڌيءَ يا انگريزيءَ ۾ هجي تہ اها موڪلي ڏي. مان اروڙ جي پس منظر ۾ ڪهاڻي لکي رهيو آهيان، ۽ ان لاءِ سنڌ جي تاريخ ڏسڻ ضروري ٿو سمجهان.

ڪتاب ڇپائڻ لاءِ ڪوئي تيار ٿئي تہ بهتر. مان انهن پئسن مان هندستان گهمي اچان، پر جي هڪ زنده شاعر جي ڪتاب ڇپائڻ لاءِ ڪوئي تيار نہ آهي، تہ پوءِ پريس ۾ بنا دير جي ڏيئي ڇڏ. باقي ڪجهہ وقت وڃائي سليقي سان ترتيب ڏجانس.

رباڻيءَ لاءِ سلام. مون هن جو ڪتاب "آبِ حيات" پڙهيو آهي. ڪهاڻيون وٽيون، پر هن کي صلاح ڏي تہ شادي نہ ڪري. اهڙيون ڪهاڻيون فقط ڪنوارا ئي لکي سگهندا آهن.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(۴۴)

ادا سائين،

ٻہ غزل، ٻہ وايون ۽ هڪ ادبي خط اڄ رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي موڪليو اٿم. اوهان کي تڪڙ هئي ۽ مون کي اڇڪلهہ فرصت گهٽ آهي، انڪري ادبي خط تي پوري نظرثاني ڪري نہ سگهيو آهيان. ممڪن آهي تہ ان ۾ ڪٽي خيالات جو تسلسل ٽٽي ويو هجي. هتي ڪو اهڙو دوست ٻہ ڪونہ هو جنهن سان ان تي مشورو ڪيان ها، انڪري تون

کجھ تکليف وٺي ان کي چگيءَ طرح پڙهجانءِ ۽ جا ۽ قيرگهير مناسب سمجهين، کجانءِ. ٿي سگهئي ته پليجي يا ع.ق.شيخ کي ۽ ڏيکارجانءِ. هاڻي مان شعر لکي ٺکجي پيو آهيان ۽ نثر لکڻ چاهيان ٿو. کيتري وقت کان پوءِ نثر لکيو هيم، ۽ سو ۽ اوهان جي ضرورت کي مدِنظر رکي ۽ هڪ خاص ميعاد اندر، انکري تحرير ۾ پوري رواني نه ٿي آئي. "روح رهاڻ" جي ايندڙ شماري لاءِ اڄ کان وٺي لکڻ شروع ٿو کيان. خيال آهي ته هڪ شماري لاءِ 'مغرب جي ترقي پسند شاعري' ۽ پئي ۾ 'برصغير جي ترقي پسند شاعري' تي جامع مضمون لکان.

نور محمد پليجي خط لکيو آهي ته شاهه عنايت جي زندگيءَ تي کتاب مون کي وعدي کيل ميعاد اندر ڏيٺو آهي، پر ان لاءِ مون ڏانهن مواد نه اوهان موڪليو ۽ نه سائينءَ موڪليو آهي. جي دير پوي ته ان ۾ منهنجو قصور نه آهي. اوهان مهرباني کري اهي "نئين زندگيءَ" جا حوالا وغيره لکي موڪليو جنهن ۾ هن جو ذکر آهي. هن جي دور جي باري ۾ پيو کوئي کتاب هجي ته اهو ۽ لکي موڪليو. مون وٽ "نئين زندگي" سال ١٩٦٥ع تائين آهي. جي اهي مضمون اُن جي سال ١٩٦٦ع واريءَ کنهن اشاعت ۾ هجن ته اُنهن جون کاپيون موڪلي ڏيو.

اميد ته اوهان جلد ئي سکر ايندا.

اوهان جو پنهنجو
اياز

(۴۵)

ادا ابراهيم،

اميد ته توکي اڳ ۽ منهنجو هڪ خط پهتو هوندو. معلوم نه آهي ته اجا تائين کوئي جواب چونه ڏنو اٿئي! مون ڊاڪٽر بلوچ کي ۽ ترجمي جي مهاڳ متعلق خط لکيو هو، پر هن صاحب ۽ کوئي جواب نه ڏنو آهي.

ترجمي جي مهاڳ جي باري ۾ مون کي تحريري اطلاع ترت ڏياري موڪل. ٻيا ٿي کتاب جن لاءِ تو چيو هو، انهن لاءِ ۽ اطلاع موڪلين ته بهتر. حفيظ هوشيارپوري آيو آهي؟ جي ها، ته ترجمي جي درستي ٿي ويئي يا نه؟

"مهراڻ" جر کهڙو حشر ٿيو؟ منهنجي کهاڻي انهن جي پراڻي تقدس کي پسند پيئي يا نه؟ معلوم نه آهي ته. کڏهن اسان جي ادب کي احمقن مان نجات ملندي!

جي.ايم.سيد ڏاڍو ته تون آگسٽ ۾ ٻاهر وڃي رهيو آهين. هن زندان مان ٻئي کنهن کي ٻاهر نڪرندو ڏسي کيتري نه حسرت ٿئي ٿي!

اميد ته تنهنجا ٻارڙا خوش هوندا.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(۴۶)

ادا ابراهيم،

مون شاهه جي مقدمي تي کم شروع کري ڇڏيو آهي. اميد ته يونيورسٽيءَ وٽان کم سپرد کرڻ جو اطلاع جلدي اچي ويندو. نبي بخش خان بلوچ کي ۽ زياده مواد واسطي خط لکي موڪليو اٿم. تو سان ذکر کيو هوم ته مقدمي لاءِ کجهه کتابن جي مطالعي جي ضرورت پوندي، في الحال حسام‌الدين صاحب جو "سنڌي ادب"، مرزا قليچ بيگ جو شاهه تي کتاب "ڊولا مارو"، ۽ سورلي جي نئين تصنيف Lyrical Poets موڪلي سگهين ته بهتر. سدارنگاڻيءَ جو کتاب مليو. National Book Depot جي مالڪ سان ملي سگهئين يا نه؟

"مهراڻ" لاءِ منهنجي کهاڻي پسند پيئي يا نه؟ شاهه جو درست ٿيل ترجمو جلد ئي واپس کندس. حفيظ صاحب کڏهن ايندو؟

مقبول پٽيءَ شيخ راز کي منهنجي کتاب "عطائي آيو" کي سنڌي کتاب گهر، حيدرآباد، جي پاران ڇپائڻ لاءِ

اصرار کيو آهي. تنهنجو رايو چاهي؟

جمال بلڪل خوش آهي ۽ توکي ياد ڪندو آهي. اميد ته تون ۽ تنهنجا ٻارڙا بلڪل خوش هوندا.

ربانيءَ ۽ سراج لاءِ سلام. تنهنجو پنهنجو

اياز

(۴۷)

ادا ابراهيم،

ادبي بورڊ جي چئن ڪتابن متعلق توکي جواب موڪليو اٿم، جو اميد ته توکي پهتو هوندو. ڪالهه راشدي صاحب کي شاهه جي رسالي تي مقدمي لکڻ متعلق معاهدي تي دستخط ڪري موڪليم. مقدمي تي ڪم شروع ڪري ڏنو اٿم. جي وچ ۾ نبي بخش صاحب انڪار نه ڪري ها، ته جيڪر هن وقت تائين مقدمو ختم ٿي وڃي ها. جيڪڏهن بورڊ مون کي مٿيان ڪتاب سپرد ڪري ته يڪدم اطلاع ڏي، ڇو ته ۱-آگسٽ کان مون کي وئڪيشن آهي ۽ اِهوئي فرصت جو وقت آهي، جنهن ۾ ڪجهه ادبي ڪم ڪري سگهان ٿو.

رسالي جي مقدمي لاءِ هيٺيان ڪتاب في الحال گهرجن:

۱- ڊولا مارو

۲- سورلي جو Lyrical Poets

3- پنجاب کی لوک کہانیاں

"مهراڻ" شايع ٻه ٿيندو يا نه؟ خط جو جواب ته جلد ڏيندو ڪر.

اميد ته تنهنجا ٻارڙا خوش هوندا. تنهنجو پنهنجو

اياز

(۴۸)

ادا ابراهيم،

تنهنجو خط پهتو. مون رسالي جي مقدمي تي ڪم شروع ڪيو آهي، جو اميد ته ڇئن پنجن مهينن ۾ مڪمل ٿي ويندو. راشدي صاحب ڏانهن معاهدي سان گڏ خط ٻه لکيو هيم، گرچه اهو نهايت مختصر هو. تون ايترو تاکيد اجايو ٿو ڪرين، مان ته هن جي طبع سليم جو اڳيئي گرويده آهيان. جي هو ايتري دلچسپي نه وٺي ها، ته نه مون کي شاهه جي ترجمي جو ڪم سونپيو وڃي ها ۽ نه ٻيءَ ڪنهن طرح مان اهو ڪم سرانجام ڏيان ها.

شاهه تي جيترا ٻه ڪتاب توکي ملي سگهن، موڪلي ڏي. مون وٽ فقط سورلي جا ٻه ڪتاب، ڊاڪٽر گربخشائيءَ جا ٽي جلد، "ڪامل جو ڪلام" ۽ جي.ايم.سيد جو ڪتاب آهي.

منهنجو خيال آهي ته شاهه ۽ اقبال جي پيٽ ڪري، اهو ڏيکاريان ته اقبال هڪ جمهوريت دشمن ۽ فاشيت پسند شاعر آهي، ۽ فقط شاهه کي ئي پاڪستان جو قومي شاعر فخر سان چئي سگهجي ٿو. اِن متعلق تنهنجو رايو چا آهي؟

تنهنجي آمريڪا وڃڻ جو ٻڌي خوشي ٿي. اُتان هڪ ٻه خط ضرور لکجان.

"مهراڻ" جي ڪاپي يڪدم موڪلي ڏي.

ادبي بورڊ جي ٻين ڪتابن جو چا ٿيو؟ راشدي صاحب کي فرصت هجي ته پنهنجو سنڌي مجموعهء ڪلام

مقدمي لکڻ لاءِ ڏياري موڪليانس.

"مهراڻ" لاءِ ڪجھ ادبي خط ٻڌڻ ۾ موڪلي ڏيندوسانءِ. توکي منھنجي ڪھاڻي وٺي؟

اميد ته تنھنجا پارڙا خوش ھوندا.

تنھنجو پنھنجو

اياز

(۴۹)

ادا ابراھيم،

راشدي صاحب جو خط پھتو. سپاڻي سر ڪوھياري ۽ سرحسينيءَ جو ترجمو موڪليندس. ڪجھ طبيعت ٺيڪ نہ ھئي ۽ ڪجھ ترجمي ۾ ٽڪائي وڏو آھي. خصوصاً سسئي پنھونءَ جي باري ۾ شاھ ايترو ته ساڳيون ساڳيون ڳالھيون ڏھرايون آھن، جو ترجمي ۾ تنوع ۽ رنگيني پيدا ڪرڻ نھايت مشڪل ٿي پيئي آھي. ترجمي مان تون محسوس ڪري سگھندين ته مون سستي نہ ڪئي آھي. دير لاءِ مون کي جائز سبب ھو.

ھاڻي مومل راڻو شروع ڪندس. ان ۾ ڪافي رنگيني آھي ۽ ترجمي جو ٽڪ لھي ويندو.

منھنجن اڳين خطن جي جواب جو اڃا انتظار آھي.

تنھنجو پنھنجو

اياز

(۵۰)

ادا ابراھيم،

خط پھتو. توکي ايتري معذرت جي ضرورت نہ آھي. مون کي اھو پڙھي نھايت خوشي ٿي ته تون آمريڪا وڃي رھيو آھين. اھڙي سفر لاءِ کيتري وقت کان پاڻ ۾ پڇ پچائيندا آيا آھيون.

"عطائي آيو" جي باري ۾ ڇا ويچار ڪيو اٿئي؟ شاھ جو ترجمو ۽ عنقريب مڪمل ٿيڻ واروآھي. معلوم نہ آھي ته حفيظ صاحب اڃا اتي آھي يا نہ ۽ ھن سارو ترجمو نظر مان ڪيو آھي يا نہ؟ منھنجو خيال آھي ته سارو ترجمو مڪمل ڪرڻ بعد مان حفيظ صاحب جي اصلاح ڏسان. پر جي اوھان اصلاح کيل ترجمو موڪلي ڏيو ته ان کي فرصت جي وقت نظر مان ڪيندو رھندس.

"مهراڻ" ڪڏھن موڪليندين؟ ادارهءَ ماهِ نو پاران "خيابانِ پاک" ڇپايو اٿائون. جي ان جي ھڪ ڪاپي موڪلي سگھين ته بھتر.

تون آمريڪا ڪڏھن ويندين؟ شايد مان توکي ان کان اڳ ملڻ اچان.

اميد ته تنھنجا پارڙا خوش ھوندا.

تنھنجو پنھنجو

اياز

(۵۱)

ادا ابراھيم،

اميد ته توکي منھنجا ۾ خط ملي چڪا ھوندا.

"شاھ جو رسالو" عنقريب پورو ٿي ويندو. تو مون کي حفيظ صاحب جو درست کيل ترجمو اڃا تائين ڪونہ موڪليو. تنھنجو ۽ راشدي صاحب جو ڪم جي تڪميل متعلق ڪجھ ويچار آھي، سو لکي موڪل.

"عطائي آيو" جي باري ۾ ۽ ڪجھ ۽ نہ لکيو اٿيئي.

تون آمريڪا ڪڏھن ٿو وڃين؟

اميد ته تنھنجا پارڙا نھايت خوش و خرم ھوندا.

تنھنجو پنھنجو

اياز

(۵۲)

ادا ابراهيم،

تنهنجو جواب پهتو. مون توکي پنهنجو نئون ڪلام تن قسطن ۾ موڪليو آهي ۽ گذارش ڪئي اٿم ته اهو ٻه ڪتاب ۾ شامل ڪيو وڃي. اميد ته تو ائين ڪري ڇڏيو هوندو.

جيڪڏهن ڪجهه پنا ڇپيا هجن ته اُنهن جي هڪ ڪاپي مون ڏانهن موڪلي ڏي. ڪتاب جو دَست ڪَور ٿلهي پني تي هجي ۽ ان ۾ فقط ٻه رنگ، ڪريم ۽ بِلوُ، هجن، چو ته اهي رنگ مون کي بيحد وٺندا آهن. ٻاهران ڪائي تصوير وغيره نه هجي. هلڪي ڊيزائن تي باردِر هُجي ته بهتر.

تو لکيو هو ته شاهه جو رسالو حيدرآباد ڪٽي وڃي رهيو آهين. پوءِ ڇا ٿيو؟

"ٽائيمس آف انڊيا" هاٿي ملندي آهي. ان تي تنهنجي انٽرويس هوندي آهي، انڪري روز ڪجهه پيسا پرٽا پوندا آهن. شايد انٽرويس نه لکڻ ڪري نه پرٽا پون.

جيڪڏهن تون ۳۰ جولاءِ تي حيدرآباد هجين، ته مان اچان؛ چو ته تي چار ڏينهن فرصت اٿم. اُتان پوءِ ڪيڏانهن هليا هلنداسين.

تنهنجو

اياز

(۵۳)

ادا ابراهيم،

شاهه جي رسالي جي ترجمي متعلق معاهدو ۱۴ جولاءِ تي لکيو ويو هو ۽ پندرنهن مهينن جو ميعاد ترجمي لاءِ ڏنو ويو هو ۽ اُهو يونيورسٽيءَ کي اختيار ڏنو ويو هو ته هو ٽي مهينا ميعاد وڌائي سگهن ٿا. معاهدي مطابق معاهدي جو ميعاد ۱۴ جولاءِ کان شروع ٿيو، حالانڪ مون کي مخدوم امير احمد نثر ۾ ترجمو ٽي سيپٽمبر ۾ موڪليو هو، ان ڪري اهو مناسب ٿيندو ته مون کي ٽي مهينا وڌيڪ وقت ڏنو وڃي. جيڪڏهن توهان چئو ته مان انگريزيءَ ۾ اهڙو خط وائيس چانسلر ڏانهن به لکان.

"مهراڻ" ڪڏهن پڌچندو؟ اڃا انتظار ڪيائيندين ڇا؟

اڇڪلهه هتي برساتيون آهن. ڪڏهن قوسِ قزح تي چانوٽي آهي، ڪڏهن ڪمڪشان جي ڪناري. تنهنجي "مهراڻ" جي ايندڙ اشاعت لاءِ ڪافي لکيو اٿم. "عطائي آيو" ڪڏهن موڪليانءِ؟

اميد ته تنهنجا ٻارڙا خوش هوندا.

تنهنجو پنهنجو

اياز

P.S. جون، جولاءِ جو بل اڃا نه پهتو. بهتر ائين ٿيندو ته آگسٽ جي بل سان شامل موڪلينداِ.

(۵۴)

ادا سائين،

ڪيترن ئي ڏينهن کان توسان خط و ڪتابت نه ٿي آهي. ڪجهه عديمالفرصتي هئي ۽ ڪجهه طبيعت جي ناسازي. رات جمال گڏ هو؛ توکي ڏاڍو سنيارسي. معلوم نه آهي ته اسان بنهي کي تون ايترو پنهنجو چو لڳندو آهين؟

تنهنجو ذڪر ايندي ئي روح کي تازگي اچي ويندي آهي.

"مهراڻ" جي نئين اشاعت ڪڏهن نڪرندي؟ اسين شاهه جي ترجمي سان ڏينهن رات لڳا پيا آهيون. گربخشاڻيءَ جو پهريون جلد پورو ٿيو جو توڏانهن جلدئي موڪلي ڏيندس. ترجمي متعلق راشدي صاحب جو رايو لکي

موڪلجانءِ. جيڪڏهن ان ۾ ٽوريون گهٽيون ڪوتاهيون آهن، تہ اهي نظرثاني ڪري درست ڪري ڇڏيون.

حفيظ جي خبر ڪر؟ ٻيلي! انهيءَ چرئي جي پارت آڻي. تنهنجو پنهنجو

اياز

(۵۵)

ادا سائين،

صحت ڪجهہ خراب ٿي پيئي هئي، انڪري ڪوئتا ويو هوس ۽ ڪراچيءَ اچي نہ سگهيس. راشدي صاحب کي شاهہ جي ترجمي جو مقدمو رجسٽر ڪيو هيم، جنهن جي واپسيءَ جي رسيد اڃا نہ پهتي آهي. اميد تہ مقدمو ڪيس پهتو هوندو ۽ پسند آيو هوندو.

سنڌي منتخب نظمن جو انگريزي ترجمو، جنهن لاءِ اوهان لکيو هو، سو اڃا ڪري نہ سگهيو آهيان. خطيب صاحب بہ ان متعلق خط لکيو آهي. اميد تہ بن ڇڻ ڏينهن ۾ ڪري موڪلينداس.

بورڊ جي پاران جي بہ ڪتاب مون کي سونپيا ويا هئا، انهن متعلق جدا خط سپائي موڪلينداس.

جيڪڏهن آگسٽ جي آخري هفتي ۾ هيڏانهن اچين تہ نهايت چڱو. جمال بہ توکي ڏاڍو سنڀاري پيو.

اميد تہ تون ۽ تنهنجا بارڙا بلڪل خوش هوندا. رباني لاءِ سلام تنهنجو پنهنجو

اياز

(۵۶)

ادا ابراهيم،

ڪيئي ڏينهن ٿيا آهن تہ نہ تو خط لکيو آهي ۽ نہ حال احوال موڪليو آهي. مون سان ناراض تہ نہ آهين. مون کي آگسٽ ۾ هندستان وڃڻ جوخيال آهي. جي تون بہ هلين تہ بهتر، دل بهلجي ويندءِ. مون ٻڌو آهي تہ ڊاڪٽر بلوچ آمريڪا ويو آهي ۽ ڪافي عرصو اُتي رهندو. خبر نہ آهي تہ شاهہ جو رسالو ڪٿي پهتو. هاڻي تہ انتظار ڪري ڪري ٿڪجي پيو آهيان، باقي ڇپيل صفحا موڪلي سگهين تہ بهتر.

ڪنهن بهاني سکر اچين تہ ڏاڍو چڱو، بہ چار ڏينهن گڏ گذاريندا سين.

چار پنج ڏينهن اڳ ڪراچيءَ ۾ حسام‌الدين راشديءَ سان ڏاڍيون ڪچهريون ٿيون. رباني ۽ سراج بہ اُتي هئا. توکي ڏاڍو ياد ڪيوسي.

چڱو، خط جو جواب ضرور ڏجانءِ ۽ پنهنجو ۽ اِتان جو تفصيلي احوال لکجانءِ.

بلي شاهہ جو ملتاني ڪلام ڇپيو آهي، جي لاهور وڃين تہ هڪ ڪاپي ونې اچجانءِ. تنهنجو پنهنجو

اياز

(۵۷)

ادا ابراهيم،

خط تنهنجو پهتو. ڪتاب جي ترتيب انهيءَ طرح ٿيندي جيئن آهي. پهريائين بيت، پوءِ دوها وغيره. توکي جي فرصت ملي تہ موضوع جي لحاظ کان بيتن ۽ گيتن وغيره کي ڪجهہ ترتيب ڏجانءِ. انهيءَ ڪم ۾ تون زياده ماهر آهين ۽ مون کي ڪائي خاص صلاح ڏيڻي ڪانہ آهي. ڪجهہ نئون ڪلام لکيو اٿم، جو بہ توکي هڪ بن ڏينهن ۾ موڪلي ڏيندس. مون ٻيهارو صفحا ٻيا بہ نثر ۾ لکيا آهن، جي هڪ اديب جي نوٽبڪ جو حصو آهن ۽ جن کي 'ڪاڪ ڪنڊيءَ قبرون' جي عنوان هيٺ شمشير ڏانهن موڪلي رهيو آهيان. دراصل اهي خط منهنجي نثر جي شروعات آهن، جن کي منهنجي توقع کان زياده اهميت ملي آهي. مان ادب کي ڪوئي شمپارو نٿو سمجهان. اهو انڪسار سبب نہ ٿو لکان پر تہ مان ادب ۾ انڪسار کي اديب جي روح جو اڀرنگ سمجهندو آهيان. درحقيقت منهنجي تصور ۾ جو نثر جو معيار

آهي، اُهو اُنهن خَطن جي تخليق کان گھٹو بلند آهي. ممکن آهي ته مان اُنهيءَ تي اصل پهچي نه سگهان.

شاهه جي ترجمي جي اشاعت جي اميد مون بلکل لاهي ڇڏي آهي.

مان هڪ بيحد تنها انسان آهيان ۽ هميشه تنها رهندس. اها وڏي غنيمت آهي ته تو جهڙو هڪ به دوست ملي ويو آهي.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(۵۸)

ادا سائين،

تنهنجو خط به پهتو ۽ ۱۱۲ صفحي تائين ڇپيل ڪلام به پهتو. هڪ صفحو 'پيش لفظ' موڪليانءِ ٿو. جي توکي پسند نه اچي ته ٻيو لکي موڪليانءِ. به نظم ۽ غزل به موڪليانءِ ٿو، جي به ڪتاب ۾ شامل ڪجانءِ.

رائيٽرس گلڊ، توکي ۽ جمال ابڙي ۽ نبي بخش بلوچ کي گلڊ جي سالياني انعام طئه ڪرڻ جو ڪم سپرد ڪيو هو. اميد ته توکي اهڙو اطلاع گلڊ پاران پهتو هوندو ۽ جي نه پهتو هجي ته مان هنن کي لکي موڪليان.

تو اخبار ۾ پڙهيو هوندو ته منهنجي اردو ترجمي کي گلڊ، سال جي ڇهن بهترين اردو تخليقات ۾ شمار ڪري، مون کي پنج سو روپيا انعام ڏنو آهي.

اميد ته تون ۽ تنهنجا ٻارڙا خوش هوندا.

رباني لاءِ سلام. هن کي ڇهو ته منهنجو شاهه جو جلد پوسٽ ذريعي موڪلي ڏي.

تنهنجو پنهنجو

اياز

پيش لفظ

تون ان کي پڙهين يا نه پڙهين، ساراهين يا نندين، مون کي ان جي پرواهه نه آهي. تو دؤر دؤر ۾ مون سان دشمني ڪئي آهي. مون کي وهُه پياري آهي، سوريءَ تي چاڙهيو آهي، جيئرو جلايو آهي. مان توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. اي همعصرا! تون غلط ٿو سمجهين ته هي ڪلام مون تو لاءِ لکيو آهي. هي ڪلام مون اُنهيءَ تعصب کان آزاد انسان لاءِ لکيو آهي، جو توکان ۽ مون کان پوءِ ايندو- ۽ ضرور ايندو- جو ان کي پڙهي هنئين سان هنڌائيندو ۽ منهنجيءَ مٽيءَ مان جام جوڙي، انهن سان نوان ميخانا سجائيندو. تاريخ گواهه آهي ته تون فاني آهين، مان باقي آهيان، ۽ فنا کي بقا سان هميشه بغض رهيو آهي ۽ اُن جي خلاف فتنه انگيزي ڪندي رهي آهي....

(۵۹)

ادا ابراهيم،

اميد ته توکي منهنجو خط پهتو هوندو ۽ ڪتاب جو پيش لفظ ڏنو هوندءِ. جي توکي اهو پيش لفظ پسند نه اچي، ته مان ٻيو لکي موڪليانءِ يا جيڪڏهن تون اُن ۾ ڪجهه ڦيرگهير ڪرڻ چاهين ته اُها ڪري مون ڏانهن موڪل، ته ڏسي، توکي واپس ڪيان. علي بخش کالهه ٻڌايو ته ڪتاب جا ۱۱۲ صفحا ٻيا به ڇپجي ويا آهن، اُهي به موڪلي ڏين ته ڇڪو.

تو لکيو هو ته شاهه جو رسالو ڇپجڻ لاءِ ڏنو ويو آهي، ان کان پوءِ تو ڪجهه به نه لکيو آهي. اميد ته ان متعلق زياده معلومات جلد ئي موڪلينديں.

منهنجو خيال آهي ته مان پنهنجو اردوءَ جو مجموعهء ڪلام 'ڪفِ گلفروش' رائيٽرس گلڊ کي ڇپائڻ لاءِ ڏيان ۽ پنهنجي نشر جو ڪتاب خود ڇپايان. "مهراڻ" سان مون في‌الحال قطع تعلق ڪري ڇڏيو آهي، ڇو ته هو منهنجين

تحريرن ۾ ڪافي ڪٽ سٽ ٿا ڪن، ان ڪري پنهنجو سارو نثر ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ ٿو چاهيان. جي تنهنجو خفو نه وڌي، ته اهو ڪتاب ٻ پريس ۾ ڏيون.

ڪوئي 'پٽر' سنڌي صاحب آهي، جو ساڪري ۾ ادبي ڪانفرنس ڪوٺائي رهيو آهي. مون کي رشيد پٽيءَ معرفت شمشير نياپو ڪيو آهي ته مان ان جي صدارت ڪيان. خبر ناهي ته واقعي ساڪري ۾ ڪانفرنس جو ڪوئي انتظام ڪري ٻ سگهندا يا نه.

جي تون اچين ته مان هنن سان اچڻ جو واعدو ڪيان.

مون ٻڌو آهي ته تون پريشان ٿو گذارين. مونس کان سواءِ اسان جو ٻيو ڪوٻ اهڙو دوست نه آهي، جنهن کي ڪائي پريشاني نه هجي. بهرصورت مون کي اهو لکي موڪل ته تنهنجي ۽ تنهنجن ٻارن جي صحت ته ٺيڪ آهي ۽ جي ها ته ٻي اهڙي ڪهڙي پريشاني آهي، جنهن تو جهڙي انسان کي هيسائي وڌو آهي.

مان ناتال ۾ گهٽو ڪري حيدرآباد ايندس، بشرطيڪ تون ٻ اچين. تو شايد اجا تائين محسوس نه ڪيو آهي ته مون کي ڪنهن يارڙيءَ سان ملڻ جي ايتري آرزو نه هوندي آهي جيتري توسان ملڻ جي.

گراميءَ لکيو آهي ته منهنجن خطن شايع ڪرڻ سبب هن کي پريشان ڪيو ويو آهي. چو؟

رباني، کي منهنجا سلام ڏيئي چئجانءِ ته شمّوائيءَ وارو شاهه جو رسالو ٻڪ پوسٽ ذريعي مون ڏانهن موڪلي ڏئي.

اڄ تنهنجو ٻيو خط پهتو. 'پيش لفظ' خود مون کي نٽي وڌيو. ٻن چئن ڏينهن ۾ موڪلي ڏيندوسانءِ. جمال هاڻي خوش آهي.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(٦٠)

ادا سائين،

اوهان جو خط پهتو. پيسن موڪلڻ ۾ ڪجهه دير ٿي، ان لاءِ معافي طلب آهيان. مان ٧ تاريخ تي سوات وڃي رهيو آهيان، انڪري اِسٽاف وغيره کي تنخواهون ڏيڻيون هيون ۽ ڪيترائي بل پرٽا هئا. اميد ته مني آرڊر توکي پهتو هوندو.

تو لکيو هو ته ڪتاب آگست جي پهرئين هفتي ڌاري ڇپجي ويندو. مون کي ڏاڍو انتظار ٿي ٻيٺو آهي. اهائي ته هڪڙي چيز آهي، جنهن جو ايترو انتظار ٿئي ٿو. شاهه جي رسالي جي باري ۾ ٻ ته ڪجهه زياده نه لکيو- اديب جيستائين پاڻ پبلشر نه آهي تيستائين هن کي ڪيتري نه ذلت برداشت ڪرڻي ٿي پوي!

ڪجهه وقت لاءِ سوات ۾ هوندس. اُتي پنهنجيءَ بي انتها بي معنيٰ زندگيءَ تي غور ڪرڻ جو ڪافي وقت ملندو. تعجب آهي ته مون کي تنهائي ٻ سِڪي سِڪي نصيب ٿي ٿئي.

تنهنجو
اياز

(٦١)

٦- آگست

ادا سائين،

اميد ته توکي ڪتاب جون ڪجهه ڪاپيون پهتيون هونديون. سنڌي رسالن ۽ اخبارن ۾ رويو لاءِ ڪجهه انتظام ڪيو اُٿئي يا نه!

شاهه جي رسالي جا وڏيڪ ڇپيل صفحا مهيني ڏيڍ کان نه مليا آهن، چو؟

مون رجسٽرار کي باقي پيسن لاءِ لکيو هو ته هن جواب ڏنو آهي ته هن کي Attested copies of agree-ments موڪليان. جڏهن اصل اُنهن وٽ آهن ته ڪاپيون ڇا ڪندا؟

شيام ڀڏايو ته تون ادبي سنگت جي اجلاس ۾ ڊاڪٽر بلوچ خلاف رزوليوشن تي ناراض ٿيو آهين. متان ائين سمجهين ته انِ ۾ منهنجو هٿ آهي! مون کي خبر ئي نه ٿي ڏينهن اڳ پيئي آهي. مون هنن کي ڏياريو ته اوهان ايترو تڪڙو اهو ڪم ڇو ڪيو- ڪنهن سان صلاح ته ڪيو ها!

اميد ته سڀيئي دوست اِتي خوش هوندا. اڄ سراج ڪوهه مريءَ مان هڪ نهايت پيارو خط لکيو آهي. جي اهڙا به چار دوست آهن، ته سنڌ ۾ رهڻ ايتري ڪوفت نه ڏيندو.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(٦٢)

١٧- آگسٽ

ادا سائين،

تنهنجو خط پهتو. اِن انشا ويهه ڪاپيون موڪليون آهن، جن مان ڪجهه ته مون هتي دوستن کي ڏنيون ۽ ڪجهه هندستان رسالن ۽ دوستن ڏانهن موڪليون اٿم. مون انشا کي لکيو آهي ته مون کي جيترين به ڪاپيون رايلٽيءَ جي عيوض ڏيئي سگهي، موڪلي ڏئي. انهن مان زياده تر ڪاپيون مان هندستان موڪلڻ چاهيان ٿو. ان جو امڪان آهي ته هي ڪتاب هندستان ۾ پيهر ڇپايو وڃي. توکي جن به هندو اديبن جون ائدريسون هجن، مون کي لکي موڪل. سڪر گلڊ جي سب ريجن به انشا کي پنجاهه ڪاپين لاءِ لکيو آهي، جي هتي وڪامي ويندين.

اُردوءَ ۾ روِيو آفاق لکي رهيو آهي، جو جلدئي انشا کي پهچي ويندو. انگريزيءَ ۾ روِيو لکڻ وارو هتي ڪوبه ڪونه آهي. بهتر ائين ٿيندو، جي تون ڪجهه انشا ڏانهن لکي موڪلينديں يا اُتان ٻئي ڪنهن دوست کان لکائي موڪلينديں.

جيڪڏهن جي. ايم. سيد ۽ راشدي صاحب يا آءِ. آءِ. قاضيءَ کي روِيو لکڻ لاءِ رضامند ڪري سگهين ته بهتر.

ڊاڪٽر بلوچ خلاف تازو مولائي شيدائيءَ ڪوئيٰ بيان ڪيو آهي. مون کي انهيءَ ساريءَ سازش کان نفرت اچي رهي آهي. مون کي هتي پتو پيو آهي ته ڪتاب کي ضبط ڪرائڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ پورو فائيل تيار ٿي ويو آهي. منهنجي ڊاڪٽر ۾ ڪائي دلچسپي نه آهي ۽ نه اسان هن جي ادب جي نظريي سان متفق ٿي سگهون ٿا. بهرحال ڇاڪاڻ جو هي سارو معاملو شخصي عداوتن تي مبني آهي، مون کي نفرت خيز ٿو لڳي.

مان ٢٠ يا ٢١ آگسٽ تي حيدرآباد ضرور اچي رهيو آهيان ۽ ٢٥ تائين رهندس. تون اِتي رهجانءِ، ڪيئن به.

اقبال سيڪنڊ ڪلاس ۾ آئي، هن جي پيٽ به مئٽرڪ ۾ پاس ٿي.

اميد ته تنهنجا پارڙا خوش هوندا.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(٦٣)

ادا ابراهيم،

ڪيترن ڏينهن کان تنهنجو خط نه آيو آهي، خوش ته آهين نه؟

اڄ اِن انشا لکيو آهي ته تنهنجي هن سان ملاقات ٿي هئي ۽ هن توکي ڪجهه روِيو لاءِ ڪاپيون ڏنيون آهن. هن ڪتاب جو وڪرو ڪيئن به ڪري ٿيڻ گهرجي، نه ته اسان جي ڳالهه ڪَسي ٿي پوندي. مون انشا کي لکيو آهي ته پنجاهه ڪاپيون گلڊ جي سڪر سبَ ريجن کي موڪلي، جي اُميد ته مهيني کن ۾ وڪامي ويندين.

منهنجي اڳئين خط جو جواب جلد ٿي موڪل.

مون پنهنجي نٽر جو ڪتاب اچي مڪمل ڪيو آهي. "مهراڻ" لاءِ مون جپاني شاعريءَ تي هڪ مضمون 'چپر چاتون مُڪيون' جي عنوان سان موڪليو هو، جو گرامي صاحب وٽ هوندو. جي هو اُهو واپس ڪري، ته بهتر. مون وٽ

اصل کافي گنجريل آهي ۽ مون کي اُتارڻ لاءِ ٻيهر محنت ڪرڻي پوندي.

نثر جو ڪتاب جيڪڏهن حيدرآباد جو ڪوئي پبلشر ڇپائي ۽ رباني ۽ جي ڪتاب جهڙي گيٽ اپ رکي سگهيس، تہ بهتر. ورنہ مان پنهنجي خرچ تي ڇپائيندس.

مان ۲۰ يا ۲۱ آگسٽ تي حيدرآباد اچي رهيو آهيان ۽ اُتي ٽي چار ڏينهن رهندس، چو تہ ۲۵ تاريخ تي اُتي مون کي عزيز الله صاحب وٽ ڪيس آهي. جي ۲۰ کان ۲۵ تائين حيدرآباد هجين، تہ بهتر. مون کي ڪم فقط ۲۵ تي آهي، باقي ڏينهن تو سان گذارڻ ٿو چاهيان.

اُميد تہ تون ۽ تنهنجا پار خوش هوندا.

تنهنجو پنهنجو
اياز

(٦٤)

ادا ابراهيم،

مان اڪثر ڏهہ ڏينهن انفلوئنزا سان بستري ۾ پيو هوس. اڄ ئيڪ ٽيو آهيان ۽ تنهنجو خط پڙهي جواب ڏيئي رهيو آهيان. ڪتاب 'اَڪ جون ڦُلڙيون' ترتيب ڏيئي، صفحا هٿي، رباني ۽ هٿ موڪل. انهن نظمن ۾ هڪ ڇَڏو پاڏيہ جي نظم جو ترجمو آهي، جنهن تي صفحو نہ هٽڻو پوندو ۽ ان کي پهريان ڏيڻو پوندو.

اوهان، جو پئمفليٽ ڇپائڻ چاهيو ٿا، اُن لاءِ مون کي گهٽو ڏيڻو پوندو؟ دراصل جاءِ تي ايترو خرچ آيو آهي ۽ ڪاروبار ايترو گهٽ آهي، جو مون جاءِ جو ٽيون حصو ڪم گهٽ ڪري ڇڏيو آهي. اڇڪلمہ هٿ ڪجهہ تنگ آهي، ورنہ ان پئمفليٽ جو سمورو خرچ مان ڪيان ها. بهرصورت هو سوئر جا قُر جان نٿا ڇڏين، ان ڪري اهو پئمفليٽ ڪيڏ ضروري ٿو نظر اچي.

رباني ۽ جي ڪيس جي تاريخ ٦ مارچ آهي. اُها هن کي ٻڌائيندا. هن تاريخ تي ڪيس اچڻ گهرجي. هي نئون جج ڪم جو تکڙو آهي ۽ ڪيس هلائيندو. مون وارو ڪتاب بہ ترتيب ڏيئي رباني ۽ کي ڏيندا.

بيماريءَ ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي ۽ پريشان بہ ڏاڍو آهيان. ڪيترن ڏينهن کان ڪجهہ لکي پڙهي نہ سگهيو آهيان. هاٿي چوان ٿو تہ جاءِ جي ڪم مان فراغت ملي تہ هڪ مَنو ٽي ڪجهہ ڪيان.

ڪڏهن ڪڏهن تہ ايمان لوڏي ۾ اچي ٿو وڃي. هيترين پريشانين جي باوجود رت ڏئي لکجي ٿو، سَوَن سوئرن ۽ ڪتن جي نرغي سان منهن ٿو ڏجي، پر پوءِ بہ هن بي حس ملڪ ۾ ڪنهن ردعمل جي صورت نظر نٿي اچي. ڪيترو نہ آزمائيندڙ آهي اهو ايندڙ صديءِ جي نسل لاءِ لکندُ! ڪيڏو نہ ٽڪائيندڙ آهي اهو حقيقت جي منهن ۾ ٽڪ هٽي ڪنهن خواب پٽيان ڊوڙڻ! اڪيلا رهي تہ پهاڙ بہ اُپاڙڪا ٽي پوندا هوندا! اڪيلائي تہ خدا بہ برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ هيءَ ڪائنات جوڙيائين، پر اسان وٽ ڪائي 'ڪُن فيڪون' تہ ڪانہ آهي. ڪير ڇاٽي تہ جو اسين چاهيون ٿا سو وجود ۾ ايندو بہ يا نہ! اڄ روح ڏاڍو اُداس آهي.

تنهنجو
اياز

(٦٥)

ادا ابراهيم،

جج جي موڪل تي وڃڻ سبب ڪيس ڪونہ هليو. رباني ۽ جي حاضري ڀرائي ويئي ۽ هن کان ڪيس جي موڪليل حقيقت ورتيم. ساري معاملي کي واضح طور سمجهڻ لاءِ تنهنجي موجودگي ضروري هئي. بهرصورت ايندڙ حاضريءَ تي ضرور اچجانءِ. مون استامپ لاءِ پيسا بئنڪ ۾ جمع ڪرايا آهن، پر Stamp Depot ۾ استامپ موجود ڪونہ آهي ۽ اُميد تہ سومر يا اڱاري تي ملي ويندو. جيئن استامپ مليو، مان دعويٰ داخل ڪري ڇڏيندس، ۽ ڪوشش ڪري ٻنهي ڪيسن جي ساڳيٰ تاريخ وٺندس، جيئن اَڄ وَڄ جو اجايو خرچ نہ ٿئي. في ۽ ڪورٽ جي رسيد رباني ۽ هٿ

موڪليان ٿو.

'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙيءَ' جي ڇپائي، جلد ۾ دست ڪورَ نهايت پسند آيو. شيخ صاحب کي منهنجي پاران سلام ڏيئي چئجانءِ تہ مان هُن جو نهايت احسانمند آهيان. اُميد تہ هو 'ڪُلهي پاتم ڪينرو' جو دست ڪورَ بہ ساڳيءَ محنت ۽ دلچسپيءَ سان ناهيندو. 'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي' واقعي هن جي محنت سبب هڪ پيش ڪرڻ جي قابل ڪتاب لڳي رهيو آهي. تنهنجا تہ اڳيئي لک احسان آهن ۽ ڪهڙا ڳڻي ڪهڙا ڳڻيان.

"ڪُلهي پاتم ڪينرو" جي سنڌي ٽائيپ مون کي تہ بلڪل نہ آڻڻي. معلوم نہ آهي تہ تو ان ۾ ڪهڙي مصلحت يا خوبي ڏٺي آهي. ڪتاب ۾ درستيون ۽ ڦيرگهير جدا پني تي ربانيءَ کي لکائي اٿم. اُميد تہ تون اُن سان متفق ٿيندين.

اَدا، هاڻي هڪڙي ڳالهہ ٿڏي سيني سان سوچ ۽ جي مون سان اتفاق نہ ڪرين، تہ ڪاوڙ نہ ڪَر. مان نٿو چاهيان تہ انهن ڪتابن جو پبلشر "سنڌي ڪتاب گهر" ڏيکاريو وڃي. ان ۾ اوهان پنج ماڻهو هيَو، جنهن مان موتيرام هليو وَيو، سراج ۽ تون سرڪاري ملازم آهيو، نورالدين سرڪي وڪيل جي حيثيت ۾ پبلشر نٿو ٿي سگهي. باقي رهيو ايياز قادري. مون کي انهيءَ اداري جو نالو ڏيڻ نہ فقط بي معنيٰ ٿو لڳي پر ضرر رسان بہ. منهنجي توکي استدعا آهي تہ اهو نالو اصل نہ ڏجانءِ. جي تون پنهنجو نالو ڏيئي سگهين تہ چڱو (جيتوڻيڪ مان سمجهان ٿو تہ تون سرڪاري ملازم جي حيثيت ۾ ائين نٿو ڪري سگهين): ورنہ ربانيءَ يا ٻئي ڪنهن اهڙي دوست جو نالو پبلشر جي حيثيت ۾ ڏي. معاف ڪجانءِ، تون هڪ جذباتي انسان آهين ۽ ڪڏهن ڪڏهن نتيجن تي غور ڪونہ ڪندو آهين ۽ مون کي وڪالت جي زندگيءَ اڳ پوءِ سوچڻ جو عادي ڪري ڇڏيو آهي. مون کي انهيءَ اداري سان تعلق مان فقط جوڪو ٿي نظر اچي رهيو آهي.

مون کي ٻنهي ڪتابن جون ۲۵-۲۵ ڪاپيون ۲۰ تاريخ تي گهرجن، اُميد تہ تيستائين مڪمل ٿي ويندیون. پنو گهٽ ٿئي تہ يڪدم آرڊر ڏجانءِ.

اُميد تہ تون خوش هوندين.

تنهنجو پنهنجو
ايياز

(٦٦)

ادا سائين،

ادبي بورڊ جو ڪيس ۳۱ تاريخ تي رکيل آهي. ڪيس جو تفصيل ڪجهہ منجهيل آهي. جيڪڏهن تون بہ ربانيءَ سان اچين تہ بهتر.

مون ربانيءَ کي سمجهايو هو ۽ اُميد تہ توکي هن مان آئنده ڪابہ شڪايت نہ ٿيندي. باقي تون پنهنجيءَ دل ۾ وهم نہ آڻ. تنهنجن دوستن جي توسان ايتري محبت ۽ عقيدت آهي جو اهو ناممڪن آهي، جو تو لاءِ ڪابہ مندائي سوچي سگهن يا تنهنجي خلاف دل ۾ ڪينو رکن. دوست جي ٻئي دوست سان شڪايت ڪرڻ ۾ ڪابہ برائي نہ آهي ۽ غلط فهمين کي دور ڪرڻ جو طريقو فقط اهو آهي. مون سان جيڪي بہ هن تنهنجي لاءِ ڳالهايو آهي ۽ ڳالهائيندو رهندو آهي، اُن مان مون کي يقين آهي تہ هن کي تنهنجي لاءِ بيحد عزت ۽ محبت آهي ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ يا مجبوريءَ هيٺ هو تنهنجو ساٿ نہ ڇڏيندو. منهنجي توکي فقط اها گذارش آهي تہ هر انسان کي پنهنجي معيار تي ضرور پرک، پر هن مان پاڻ جيتري خودفراموشي، ذميداري ۽ مسلسل محنت جي توقع نہ رک ۽ دوستن جي معمولي ڪمزورين تي هروپرو غصو نہ ڪر ۽ هنن جي نيت کي شبهي سان نہ ڏس. توکي صلاح ڏيندي حجاب بہ ٿئيم ٿو، پر مان ڏسان ٿو تہ توکي پريشانين ايترو تہ وکوڙيو آهي، جو هاڻي اهي تنهنجي سوچ ويچار تي ڪجهہ اثرانداز ٿي رهيون آهن. اها بہ خاطري ڪر تہ اسان کي تنهنجين پريشانين جو پورو پورو احساس آهي ۽ اُنهن جو خيال ڪري هميشہ دکي ٿيندا آهيون. ربانيءَ وعدو ڪيو آهي تہ "گل ڦل" وري ساڳيءَ طرح محنت ڪري ڏيندو.

مون سان عالي هتي مليو هو ۽ ضد پئي ڪيائين تہ مان پنهنجو اُردو ڪلام جو مجموعو هن کي ڏيان تہ هو انجمنِ ترقيءَ اُردو جي معرفت ڇپائي. هن جو خالد سان ناهُ شايد ناهي. مون في‌الحال هن کي لنوايو آهي. اُميد تہ تو خالد (اُردو ائڪيڊميءَ) کي مواد ڇپائيءَ لاءِ ڏئي ڇڏيو هوندو.

٣١ تاريخ تي تون بہ هتي هجين تہ ڏاڍو چڱو. ڪجهہ منهنجيءَ محبت ۽ عقيدت جو بہ تہ توتي حق آهي.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(٦٧)

سکر

١٤-٤-١٩٦٤ع

ادا ابراهيم،

مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو، جو تون ڪراچيءَ نہ آئين. ٻيو نہ تہ تون منهنجي ڪري هليو اچين ها. توکي شايد خبر نہ آهي تہ تنهنجي ويجهڙائپ مون کي ڪيترو قلبي سڪون ڏيندي آهي. شايد مان توکي جيترو وڌيڪ چنبڙندو آهيان اوتروئي تون پري ڀڄندو آهين.

تو اُردوءَ جو ڪتاب 'ڪف گلفروش' خالد کي ڏنو؟ هتي آفاق منهنجيءَ پوريءَ شاعريءَ تي هڪ ڪتاب لکي رهيو آهي، جو عاليءَ انجمنِ ترقيءَ اردو کان ڇپائڻ جو وعدو ڪيو آهي. ان ڪري مٿئين ڪتاب جي اشاعت ضروري آهي.

گراميءَ شاهہ جي ترجمي جون ڪاپيون مون کي ڪونہ ڏنيون. مهرباني ڪري اُهي پوسٽ ڪري موڪل.

ربانيءَ کي چئجانءِ تہ ادارهءَ آواز ادب وارن کان پئسن جي تقاضا ڪري، ڇو تہ معاهدي موجب بہ مهينا گذري چڪا آهن.

اڄڪلهہ ڪاروباري مصروفيتون زياده آهن ۽ لکي ڪونہ رهيو آهيان. بهرصورت مطالعو ڪافي ڪري رهيو آهيان. عيد جي موڪلن ۾ وري ٽئگور تي ڪتاب لکڻ شروع ڪندس.

مون ساميءَ جا بہ جلد ۽ تيرٿ وسنت جو هڪ ڪتاب ربانيءَ کي تو لاءِ ڏنو هو، جو اُميد تہ توکي ڏنو هوندائين. تولاءِ ورتل ڪتاب اجا هندستان کان نہ آيا آهن. اُهي اچي ويا تہ موڪلي ڏيندس.

اُميد تہ تون ۽ تنهنجا ٻارڙا خوش هوندا.

تنهنجو پنهنجو

اياز

(٦٨)

ادا ابراهيم،

اُميد تہ ڀٽيءَ اوهان کي 'وڄون وسڻ آئيون' جو قلمي نسخو ڏنو هوندو. ڪتاب کي ترتيب اوهان کي ڏيڻي پوندي. مون اهو ڪتاب سخت بخار ۽ گرميءَ ۾ ڪاپي ڪيو هو ۽ جسم ۾ ايتري طاقت نہ هُئي ۽ نہ وري ايتري مهلت هُئي تہ اُن کي ترتيب ڏيئي سگهان. انڪري اِها تڪليف اوهان کي ڪرڻي پوندي.

منهنجو خيال آهي تہ هن ڀيري پهرين نظم، پوءِ گيت، پوءِ غزل ۽ پوءِ بيت ۽ وايون ڏنيون وڃن. وڌيڪ جيئن اوهان مناسب سمجهو.

ڪتاب ۾ لفظن جون معنائون نہ ڏنيون وڃن، باقي ٻيا فوٽ نوٽ ڏنا وڃن. اوهان جا "جَل جَل مشعل جَل" ۽ "گيت اُجايل مورن جا" تي لکيل پيش لفظ شامل ڪيا وڃن؛ يا تہ اوهان ڪتاب تي هڪ ئي نئون پيش لفظ لکو، جنهن ۾ اڳئين پيش لفظن وارو مواد بہ اچي وڃي.

مون پٽيءَ کي "رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي" ۾ شامل ڪرڻ لاءِ هڪ نظم 'هيروشيما' ڏنو هو، جو اُميد ته اوهان شامل ڪيو هوندو. ٽي سگهيوَ ته ۲۹ يا ۳۰ جولاءِ تي ڏينهن ۾ سڪر هليا اچو. مان هتي نهايت اُداس آهيان ۽ بيمار ۽ ٿو رهان.

جمال ابڙي کي چوندا ته مان آگسٽ جي پهرئين هفتي ۾ ۽ چار ڏينهن ڪينجهر تي رهڻ چاهيندس. جي انتظام ٿي سگهي ته بهتر. اُن کان پوءِ جي ٿر ۾ برساتيون پيون ته هفتو ڪن اوڏانهن ويندس. اوهان مهرباني ڪري هن سان ڪيئن ۽ ڪري ملجو ۽ مون کي اطلاع ڏجو ته هو ڪينجهر تي ڪوئي انتظام ڪري سگهي ٿو يا نه. جمال کي ۽ چئجو ته هو ڏينهن ۾ ڪيڏي آسان سان هلي. پروگرام هُن جي سهوليت موجب ناهيو ويندو. جواب جلد ڏيندا.

اُميد ته اوهان جا ٻارڙا خوش هوندا.

اوهان جو

اياز

(٦٩)

ادا ابراهيم،

مون کي نيو فيلڊس واري ڪتاب جا ۴۴ صفحا موڪليا آهن. اُن کان پوءِ جيڪي صفحا ڇپيا هجن، سي جلد ٿي موڪلي ڏيو. منهنجي ٽيليفون جو نئون نمبر 6231 آهي. نور محمد ۽ ٻين دوستن کي ان نمبر جو اطلاع ڏيئي ڇڏجانءِ.

منهنجو شعر جو ٻيو ڪتاب ۽ تيار ٿي چُڪو آهي. فيروز احمد اڳ مون کي خط لکيو هو ته هو "پنهل کان پوءِ" ٻيهر شايع ڪرائڻ ٿو چاهي. اهي ڪهاڻيون مون پاڪستان کان اڳ ۲۰ کان ۲۲ ورهين جي عمر تائين لکيون هيون. اوهان اهو ڪتاب پڙهي ٻڌايو ته اهي ڪهاڻيون هاڻي شايع ڪرڻ مناسب ٿيندين؟ "پنهل کان پوءِ" وارا خط مون پاڪستان کان ڪجهه پوءِ لکيا هئا ۽ ڪافي جذباتي آهن.

اُميد ته اوهان بلڪل خوش هوندا.

اوهان جو

اياز

(٧٠)

ادا ابراهيم،

"رڻ تي رمر جهمر" جي مسودي ۾ هيٺيون غلطيون آهن، جي مهرباني ڪري درست ڪري ڇڏيندا:

(۱) "گيت محبت جو" واري نظم ۾ ۹ ست:

غلط:- پوءِ اُپري ايندو آهي.

صحيح:- پوءِ ۽ اُپري ايندو آهي.

(۲) "تازي ڇايل..." نظم ۾ نائين ست:

غلط:- سڄ تُراڙي جا ٻئي پلڙا.

صحيح:- سڄ تُراڙي جا ٻئي پلڙا.

(۳) "تون نه سکين رابيل جي ٻولي" واري نظم ۾ ٻئي صفحي تي ستين ست:

غلط:- ڪوُڪ ڪوُڪ ٿي ٽمڪن ٿا.

صحيح:- ڪوڪَ ڪوڪَ ٿي ڇڻ ٽمڪن ٿا.

منهنجو ڪتاب "پڳت سنگهه کي ڦاسي" (سنگيت ناٽڪ) ڪيتري وقت کان تيار پيو آهي. هن ڪتاب کان پوءِ اُهو ڇپائڻ جو ارادو آهي. Gosh جي ڪتاب ۾ پڳت سنگهه وارن تي ۴۰ صفحا ڪن لکيل آهن. جي اُن مان مواد

کٹي، تون سنگيت ناٽڪ تي پيش لفظ لکين، تہ ڏاڍو چگو ٽيندو. "ساهيوال جيل جي ڊائري" ٻيهر نقل ڪرڻي آهي، هونءَ تہ اُهو ڪتاب ٻہ تيار پيو آهي. چگو-

تنهنجو
اياز

(۷۱)

سکر
۲۹ سيپٽمبر
پيارا ابراهيم،

فيروز ڏانهن لکيل خط، جو هن خط سان شامل آهي، ڪتاب جي مهاڳ طور ڏنو وڃي ۽ ان کان اڳ فيروز ٻہ ڪجهہ پبلشر جي پاران لکي. جي تون ڪجهہ لکي سگهين تہ ڏاڍو چگو. پر دير ٽئي تہ ڪتاب ائين ئي شايع ڪيو وڃي.

منهنجي نثر جي ڪتاب "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" جا ڊائي سؤ صفحا لکجي چُڪا آهن. باقي پنجاهہ سٺ صفحا لکڻا آهن، جي ٻہ جلد پورا ڪري وڃندس.

اُميد تہ تون فهميده رياض سان جلدئي ملڻ ويندين. هُوريءَ لکيو هو تہ هوءَ مهيني کن ۾ ڪتاب ڇپائي وڃندي، ۽ ان کي مهينو اڇي ٽيو آهي!

اُميد تہ تون خوش هوندين، پارڙا ٻہ خوش هوندا.

تنهنجو پنهنجو
اياز

P.S فيروز چاهي تہ شامل خط جي فوٽو ڪاپي، ڪتاب ۾ ڏئي سگهي ٿو.

(۷۲)

۱۴ - آڪٽوبر۱۹۸۸ع
اولڊ سکر
ادا ابراهيم،

ڪيترن ئي ڏينهن کان اوهان کي ٽرنڪ ڪال بُڪ ڪيم، پر اوهان جو نمبر نٿي ملیو. ياسمين جو نمبر ٻہ شايد ڪٽيل هو. مجبور ٿي خط لکي رهيو آهيان.

حيدرآباد ۾ جيڪي ڪجهہ ٽيو آهي، اُن کان مان بلڪل باخبر آهيان. ڪراچيءَ جا ٻہ اڪين ڏنا احوال آهن. هتي ٻہ سارو مهينو گهيراوَ ۾ رهيا آهيون. ڪالهہ ماهتاب محبوب جو فون مليو، جنهن جي لهجي ۾ تلخي مان پهريون پيرو محسوس ڪئي. چيائين تہ "مران تہ مران، مان لطيف آباد نہ ڇڏيندیس."

چا اسان کي ائين مرڻو آهي؟ ڏند پيڪوڙي منهنجا چپ رتو رت ٿي ويا آهن.

"آکن نيرا ڦُليا" ڇڇجي ويو آهي يا نہ؟ مون توکي تمام مختصر مهاڳ لکي Urgent Mail Service جي ذريعي اٽڪل پندرنهن ڏينهن اڳي موڪليو هو، جو اُميد تہ توکي مليو هوندو.

تون ان وچ ۾ ڪراچيءَ ويو هئين چا؟ جي ها تہ فهميده رياض يا هُوريءَ سان مليو هئين؟

اڇڪلهہ تہ ڇڙ ادب تان ئي دل کڄي وئي آهي. رڳو ڪجهہ ڪُتا ڏوندِ ۾ چڪ هنيو وينا آهن ۽ ڊاپن ئي نٿا! وس پڄي تہ ڪيڏانهن ٻاهر هليو وڃان ۽ ٻہ چار سال واپس نہ وران. ايتري بيوسي مون ڪڏهن ٻہ زندگيءَ ۾ محسوس نہ ڪئي آهي. ڪنهن ٿي ڇاتو تہ پيري هيئن ٽيندي ۽ ڪُتن ۽ سوئرن جي وچ ۾ زندگي گذري ويندي!

جواب جلدئي ڏجانءِ مان توسان وري فون تي ڳالهائڻ لاءِ ڪوشش ڪندس.

اُميد تہ ياسمين ۽ اُن جا پارڙا خوش هوندا.

تنهنجو
اياز

Sindh Assembly Building,
Bunder Road, Karachi-1.
Dated:- 19 . 3 . 1960

My dear Moonis ,

It seems you forgot to enclose the Sindhi originals of Ayaz in the cover which you sent me. I referred to the two pieces pointed out by you in "بُوي گل نالهء دل", and got a far better idea of the translation. Kindly see if the Sindhi originals are still there with you. If you can easily lay your hands on them, do send these to me soon.

I am being irresistibly drawn towards you all, and it may be that one of these days you may suddenly find me there dropping as if from no-where. It is Spring around, and I am feeling any amount of exuberance of spirit within me. I had been to Lahore last Sunday, and returned from there yesterday. It was air journey both the ways. What a wonderful exhilarant Lahore also can be in this season of life and youth - certainly you can be the best judge of it. More I grow old more conscious I get of living in the midst of Nature; and Spring is simply overwhelming. I am writing below for you a few 'dohas' of our immortal Shah on Spring. I am sure you will like them.

آئي رُت بسنت جي، ڪٽڻهار ڪڙيا،
خستوري خوشبوءِ ٿي، اَچي پَونئر پريا،
مون کي محبِ مڙيا، لٽا ڏَک، سُکَ ٿيا.

آئي بهار بسنت جي، ڪڙيا ڪٽڻهار،
اُٿي گُوريِ ويسَ ڪر، جُهڙ آئي بسنت بهار.

آئي رُت بسنت جي ڪجورئين گُلِ هار،
اُٿي گُوري ويسَ ڪر جُهڙ آئي بسنت بهار.

اُڏميا اوڏاڻ، رُت رسائي سڃٽين،
لڳي واءَ وٽن کي ڇاٽيا پَن پُراڻ،
پهريائون پهراڻ، سُکائي ساوا ٿيا.

رُتيون مڙيئي پليون، کانهيءَ بَنستَ تُلَ،
جي وڻ پاري ساڙيا، تنين مٽي گل!

رُتيون مڙيئي پليون کانهي بسنت جوڙَ،
جي وڻ پاري ساڙيا، تنين مٽي موڙَ!

Yours Sincerely,
(Mohammad Ibrahim M. Joyo)

(10)

March 6, 1960

My dear Joyo,

A few minutes before your letter of 2 March was handed over to me, I was inquiring about you from an advocate friend of ours here, who visits Karachi fairly often, and the Adabi Board office too. He is Mr. Ali Buksh Memon, and I was already told by him that during his last visit to Karachi, you were reported to be at Hyderabad.

I had not taken up the translations with all that necessary confidence that such an undertaking requires, and that is the reason why I had to keep the work suspended, till I could get your reactions about it. Now that such reactions of yours are there before me, probably the incentive and the justification is also there, to proceed with the work further. I am sending herein the originals of Ayaz in Sindhi. He felt somehow that you should be able to trace the translations back to their originals. On page 5 of the specimen translations sent to you in English version of one of his poems appearing on page 90 of 'Booey Gul Nala e Dil' and the other one on page 5 is a version of the one appearing on page 84 of the above book.

It should be a nice thing if you could lend some of your brush strokes to the translations sent to you. I am sure I shall be getting a better idea of the whole thing in that case. With all my limitations I believe I shall go ahead with the job, and in an honourable way too, a way so alien perhaps to my fragile mental frame.

There was a letter addressed to Ayaz from Mr. G. Allana this morning. We shall be sending him a few poems in English with their corresponding originals, but a little appreciation from you shall always carry much more meaning than all other laurels combined.

It is most unfortunate that inspite of my stay at Sukkur, the moments are so few that Jamal and myself have the opportunity of getting together. I cannot say whether it is my disadvantages or his advantages over me that prevent such meetings. It is one of the two things in any case. Life might become a trifle more meaningful, if Jamal can only condescend to snatch a few moments for me sometimes. I shall convey your rememberance to him, in my first opportunity.

With the Kindest of Regards,

Yours Sincerely

(Moonis)

have already participated in it from your imotional response to it described by you by the word 'RESURRECTION', and I am thankful for it. If it inspires yet another well-sustained living work -- and this time of goodly length -- from your pen, it will have also a historic significance for us and our society who otherwise are trailing such an imasculated spiritual existence. I look forward to receiving from you your 'Dohas', and anything else that you may have produced, and send you all my best wishes for your bigger projected work.

I am told that Sindh University have written you some silly letter. That is perhaps due to their misreading your letter completely. Your letter also began with a highly involved and confusing language, and for a moment or two I myself was at sea when I read it. You may now write to them in reply that so far as actual translation of the Risalo (that is, your part of the work as translator) is concerned, it has been completed in all respects by you, and what you meant by the work still awaiting some stages before it was ready for the reading public was only this that the script had yet to go through the press, and you only wanted that its printing should now be expedited. You may also repeat to them that in the interest of correct printing of the text, you would like to read the final proofs of the composed matter before it is actually printed. It seems they have also written to Pir Hussamuddin in Phillipines to be reassured that the script as received by them from me is in its complete and final shape, and stood confirmed. what I have said on his behalf in my letter forwarding the script to the University. I think they themselves are now extremely anxious to see that the work is printed and published soon. You therefore need not worry any more on that score.

I hope you are receiving "Times of India" as I am posting it from here -- not regularly every day but rather irregularly as it is being received by us here. Do you want that it should be continued!

I have written to Moonis separately. You must have seen that letter. I do so fondly desire that some significant pieces from Shah, Sachal, Sami, and other classical poets, and from a couple or two of the living ones be well rendered into English -- and published; and I am certain that no one can give a better rendering of them than our sweet Moonis. I will love to have a close look into his final script -- if I am given an opportunity to do it.

I am going to Hyderabad today and will be returning from there tomorrow evening. We are having a beautiful Sindhi music function from 9 p.m. tomorrow here. I wish you, Moonis and Jamal were here.

With love,

Your's Sincerely,

(Mohammad Ibrahim M.Joyo)

(8)

Sindh Assembly Building,
Bunder Road, Karachi-1.
Dated 2-3-1960

My dear Moonis,

I had been to Hyderabad last week and returned from there only two days back. It was a joy to have your letter and one from Ayaz.

Translation of all kinds from one language into another poses its own problems, and those in the field of poetry are perhaps the most complex. The question therefore is not of attaining the original, but of gaining as close an approximation to it as possible. Although I was not able to connect most of the translated verses with their Sindhi or Urdu originals, I was very much impressed particularily with numbers 4, 5 and 6 and the two verses on page six. I am sure if you have a second look at these as well as the rest of them, the result will really be very nice and presentable in all respects. If I have the corresponding originals before me, I would perhaps be able to say something more specific. Do therefore, send me either the original poems, or references to them as they may have been published in "Mehran" or in "بوئي گل نالهء دل"

If you have done more of them meanwhile, I will love to see them also along with their originals. Perhaps I may be able then even to revise a few of them - for what it may all be worth. The main thing is that this nice piece of work that you have started should reach a really tangible shape and conclusion and may on no account be left away in the middle.

Do remember me to Ayaz and Jamal.

With best wishes,

Yours Sincerely,
(Mohammad Ibrahim M. Joyo)

P.S. Mr. G. Allana, a good and a very sensiable friend of mine; is engaged in putting English translations of a few, leading Pakistan Poets together, in order to publish them soon. I have asked him to contact you by post. You will hear from him in a couple of days, I hope, directly.

(9)

The Sindhi Adabi Board,
Sindh Assembly Building,
Bunder Road, Karachi-1.
Dated the 4th March 1960

My dear Ayaz,

Your visit to Mohan-jo-Daro must indeed have been a moving experience, and I

interest in the work is the only asset. If you feel that there is a reasonable scope for our going ahead with the job, I am prepapred for this reason alone to take up the necessary study of the various aspects of it, so that the renderings may be done in a better style.

For the moment I am only looking forward to your reactions about it. They shall not only be highly valued by me, but provide the necessary incentive and instruction too.

Ayaz shall be sending you some of his 'Dohas' composed in Sindhi. It might take a little time because of an extraordinary accummulation of work, but they will certainly be sent to you on a priority level.

With profound respects
Warmly Yours
(Moonis)

(7)

23rd February 1960

My dear Ibrahim,

Moonis has written to you under a separate cover. We have made an effort, and the ultimate results depend on a number of factors, but the chief amongst them should be your uniterrupted guidance.

Let me know by the return post, what you think are the possibilities and scope for going ahead with the job. If you feel a reasonable basis exists for the continuation of our efforts, that alone should be quite a justification for further renderings of my poems into English. I believe the few translations that are being sent to you as specimen pieces, should not be new to you. Perhaps you know of my poetry better than I do. My lines in their original should be fresh in your mind. Anyway, you should be able to trace them back to their original on the basis of translations that are being sent to you.

On Sunday evening I returned from Mohan-Jo-Daro after a twenty four hour stay there. It was a spiritual experience that perhaps cannot be translated into words during the ordinary hours of my life. You might be able to guage the richness of this experience of mine by the word I used while entering the purpose of my visit to the place in the Visitor's Book. It might appear rather odd, but I felt like calling it 'RESSURECTION'.

One of these days I shall be sending you in the form of a short story or whatever it might be in literary terms, an elaborate description of my visit to a place where a sensitive soul looks for the possibility of seeking communion with the authors of a proud civilization.

I shall very soon be sending you some of my Dohas in Sindhi, but let a few moments be snatched out of the routine existence for that.

With Kindest Regards
Yours Sincerely
(Shaikh Ayaz)

(5)

The Sindhi Adabi Board,
Sindh Assembly Building,
Bunder Road, Karachi-1.

My dear Ayaz,

Yours was the letter after an interval of more than full one year.

But if one were always to receive such good news from friends after having to wait for them for ages, one would be grateful for the apportunity to have waited.

I am really glad that you remained engrossed in other affairs and incommunicado with yourself so long. It is inspiring to know that no sooner you found a moment to turn to yourself, you found a being different from the usual one impatient for recognition. Now that you have known him afresh, decided to heed him and give him a fair chance to live and lead, the rest will follow, I am sure, in the natural course, what you have to do now is only not to lose trace of it once again. I thank you that you have shared the introduction to "the good old fellow" with me the first thing yet once again.

With love,

Yours as ever,
(Mohammad Ibrahim M. Joyo)

(6)

Queen's Roads
Sukkur
23rd February 1960

My dear Joyo,

On his return from Dacca, Ayaz asked me on your behalf that some of his poems have to be rendered into English and sent to you for your suggestions. I started with some of his Sindhi 'Baits' and a couple of Urdu poems. It is a maiden attempt of mine, with practically no background of a reasonable study of poetry in any of the languages I know. I hope I deserve a bit of allowance for my limitations in this respect.

Herein are enclosed some of the renderings in English, but they are not final in any case. I am just seeking your advice and help in the matter. As for my interest in the work, I can assure you that it is one of the few things that have really interested me.

In the light of your suggestions we might be able to give them the final brushing up, inspite of the manifold difficulties that the job involves. It is only the superb effort of some Fritgerald that can so beautifully render the mellow emotions of the East into a Western language. Needless to say that I am a much smaller man, and perhaps my

(4)

Queen's Road'
Sukkur
Dated:- 14th Oct: 1959.

My dear Ibrahim,

There are some moments in life when you get a sense of absolute freedom, the chains around you begin to crackle, the air becomes moistened, fresh and exhilarating. It is quite a sudden feeling, unexpected, inexplicable, inexorable as if a frozen bud has suddenly blossomed in your soul. You feel there is no circumstance which can deter you, there is no object which you cannot achieve. You lay a firm, solid grip over destiny and say "here I am, you can't escape me". The sublime in you comes to the surface and the base in you sinks to the bottom. You are once again your own self, lofty, unflinching, confident. I do not know why that feeling is fermenting in my mind today. I have remained deeply engrossed in my professional life for the last two years. The lingering feeling that this profession is not my destiny had gradually faded. My absolute occupation with the mundane aspect of my being was simply appalling. But for my insatiable thirst for reading, I had thought I was lost and the creative talent in me had slippledaway. But the fickle mistress has returned. It is more true to me than ever. I am feeling the touch of her throbbing breasts and quivering lips.

Yes, I want to write. Write I must. There is always a lull before the avalanche. But once it comes, it baters and blows to bits every other desire in me. Once again I am experiencing the onslaught of a consuming passion. I do not exactly know what I shall write but it will be some thing new, some thing which I have never written before, some thing which has ben fluttering its wings in the twilight of my soul.

I want to write stories, novels and poems. I want to get the entire panorama of human emotions in words. I want to have a surreptitious pursuit of every human motive till I see it in its stark nakedness for the purpose of my novel. I want to sing of the beauty and joy of life and the sublimity of man. I am convinced that reverence for life is my only religion.

I am alive, more alive than ever before.

Yours very own
Shaikh Ayaz

Sometime only I get a chance of meeting Jamal here, that gives a good occasion to us of talking about you. But then, Jamal is an awfully busy man, more busy than he really ought to be. I feel so concerned about him. A common malady too lends people a certain amount of spiritual affinity, or perhaps it is the feeling only of a common destiny. I have something of that feeling for him.

With the Kindest of Regards
Yours Sincerely
Moonis

(3)

The Sindhi Adabi Board,
Sindh Assembly Building,
Bunder Road, Karachi-1.

My dear Moonis,

I got your letter dated 19th August about a fortnight later, when I returned from Hyderabad where I had been for quite some days. It was a real joy to have gone through the letter, and I thank you for it.

You may know that I have not made many friends in life, and Ayaz and Jamal are the two dearest friends of mine. Of late I have foolishly managed to displease Jamal. Of Ayaz I was feeling apprehensive lest I may have done something equally silly. But your letter reassured me on that, and took a great load off my mind.

Yes, Jamal has throughout his life, so far as I know him, lived life impulsively. But that is his way of living. Let him live it to his heart's content. If all men became wise and started living carefully, there will be no more tragedy left in life. This poor thing called man finds himself inexhorably and suddenly caught up in the swing of life - to be dashed to the ground, no body Knows when. So long as the ride in the life's swing continues, let it be a joy-ride.

I hope Ayaz has come back from Quetta. It is a pleasure to know that he has liked so much my story "تي ياٽر" (Three Brothers) that appeared in the last issue of "Mehran". Kindly tell him that nothing is more killing than indifference from a friend. I am going to write to him shortly once again. But meanwhile do kindly pursuade him to realize the urgency of finalising the script of the versified Urdu translation of Shah jo Risalo. The idea is that this Urdu translation should be published by the next anniversary of Shah, which is likely to fall somewhere in July next year.

I am sorry that we could not meet for longer time in Hyderabad. Indeed we had fixed an appointment to meet again, but somehow it did not come about. I am sorry. Do sometimes write to me. Let us remain in touch, somehow.

With best wishes,

Sincerely yours
(Mohammad Ibrahim M. Joyo)

the circumstances we are expected to live in, but in certain cases this experience can be made at least less harsher, with a certain amount of studied forgetfulness about it. Ayaz after all has perhaps snapped at this factor by seeking a much needed respite and still better deserved holiday. I hope this will do him an immense moral benefit too.

He has admired before me a certain short story of yours, which I have not had the opportunity of reading for myself, but I shall not have any hestitation whatever in accepting his verdict in the matter, with my respect for his opinions in matters like this, and my belief in your creative potential.

I am not able to reproduce in so many words all his appreciation of your story, but I remember his observation, that he does not recollect having seen a better one than that, throughout his reasonably wide and varied range of reading. Perhaps you had expressed the desire of getting his opinion about it, and perhaps I am not able to do it in the way he should have wanted to do it. Anyway, he has at least roused my curiosity to get hold of that story, and see it for myself, for the beauty and style of it, purely from a lay reader's angle, since critical appreciation on a literary level, is a thing too much for a head that I possess. I hope you can concede the phillistines too a bare right to exist.

Shah's translation in urdu having been through a process of an elaborate retouching already, is once again passing through a similar phase with Ayaz. The three tightly bound volumes of varying size that I had become so used to seeing every morning in this office, are no more to be found any where around. They have obviously accompanied their vacationing writer, and let us hope they will be on their way back to you before long. As I can see, the job for Ayaz has been rendered doubly difficult in this case, since the brushing up job of Shah's translation had been entrusted to people, who can by no standards be expected to appreciate the genius behind this particular masterpiece. Shah might continue to remain for a long time to come, and painfully so, alien to the minds used to Urdu sophistry. Well, the language in certain places might have been improved, but that has been achieved only at the expense of the essential beauty of thought that is peculiarly and exclusively Shah's. That is my feeling about it, and Ayaz probably shares it to a good extent, though he has his own reasons to be vocally non-committal about it. I cannot help observing rather violently that these johnsonians of Urdu can only provide a mask to sterile substance.

I shall be here, so long as peaceful rotting remains a possibility. I can be contacted care a very practical man in life i.e. Ayaz himself. Nevertheless, I shall like to listen from you whenever it should suit your convenience.

Should you wish to contact Ayaz direct, he is staying in Hotel Bolan Mission Road Quetta, upto 25 of this month or thereabouts.

(1)

Queens Road
Sukkur
January 13,1959

My dear Joyo,

I shall be at Karachi on about the 25th or 26th of this month, on my way to Dacca to attend the Pakistan Writer's Guild Executive session there.

You may kindly adjust your engagements on these two days, with due regard to my stay at Karachi. I wish to have a bit of intimate talking before I proceed to Dacca. There are a few things of mutual interest that we may be able to talk over.

Moonis sends you the warmest of his respects.

With all good wishes
Sincerely yours
Ayaz

(2)

My dear Joyo Saheb,

You have written numerous letters to Ayaz during the past weeks, and his silence persistent as it has been, must have caused you a justified irritation. I do not wish here to assume to myself the none too flattering a job of tendering an apology on his behalf, but since I happen to be within his access these days, he has confided the job to me of writing to a friend on whom we aspire to have almost equal claims. These lines apart from the physical effort I am making on laying them down, may be considered to represent his point of view and primarily a discharge of an obligation of his.

I have readily siezed the rare opportunity of having been asked to write to you, for the element of delight and previlege, I believe there is in it. I have never been a particularly faithful writer of letters either, but the fear that an opportunity as the present one may not offer itself again, prompts me to sit over the typewriter without any further loss of time, and without any particular planning about it. But let us hope that so long as the ties that bind us are there, the opportunities of writing to each other shall continue to arise, though not with any of that monotonous, matter of fact regularity and formalism.

Ayaz is out of Sukkur for the last four or five days, and is not expected back home before the end of this month. It might sound rather odd, yet as it is, he is out of Sukkur for a vacation, a measure that was long overdue, if the extremely stressed nerves of his had to be kept in an order healthy and normal. Existence is a vicious experience under

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

جنم جنم جي جيت اياز

شيخ اياز جي جنم ڀومي شڪارپور:

شيخ اياز جي جنم ڀومي "شڪارپور"، جنهن جي تاريخ ۾ عمر ته چار صديون آهي، پر اُها پنهنجي دامن ۾ چار هزار صدين جيترو تاريخي، ثقافتي ۽ علمي اثاثو سمائي بيٺي آهي. منهنجي استاد محترم نقش ناياب منگي صاحب (١) جو چوڻ آهي ته: "شڪارپور کي هونءَ ته ڪيتريون ئي حيثيتون حاصل آهن، پر سامي ۽ شيخ اياز جي ڪري شڪارپور کي جيڪا عظمت حاصل ٿي آهي، تنهن جو ڇيهه ئي ڪونهي." واقعي سامي ۽ شيخ اياز جي ڪري شڪارپور جي مان ۽ مرتبي ۾ واڌارو ٿيو آهي.

شيخ اياز پنهنجي جنم ڀومي شڪارپور جي اڪير ۾ سهار ڪندي هنريت پنهنجي خيالن کي ظاهر ڪيو آهي:

"شڪارپور؟..... شڪارپور شهر نه آهي.... هڪ ذهني ڪيفيت آهي..... شڪارپوري جتي به هوندو هن تي اها ڪيفيت طاري هوندي..... شڪارپور سانچو آهي، جنهن ۾ اسان جو روح پلٽيو ويو آهي.... جو ان رنگ ۾ رڱيو، تنهن تان ڪڏهن به لالي نه لهندي.

اڄ شڪارپور اُجڙي ويئي آهي..... اتي سم ڦاٽي نڪتي آهي..... رستا ڊهي ويا آهن..... جايون جُهڪيون پيون آهن..... نه اهي روشنيون نه رنگ رليون، نه چهل، پهل نه چؤياريون، نه ميلا نه ملاکڙا..... گويا بيوسي ۽ بي معنائي وسي رهي آهي..... اداس اداس زندگي اجاڙ اجاڙ فضا..... سارو ماحول اوٻاسيون پيو ڏئي..... سڏڪا پيو ڀري..... اڄ اڳين شڪارپور جي ياد ۾ هڪ مٺي ڪوڙاڻ آهي..... مٺي ڪوڙاڻ جا صبح جي سڪي ساواڻ، مٺي ڪوڙاڻ..... پرهه جون پهريون ريکون لهرائينديون هيون ته ننڊ مان جاڳ ٿيندي هئي... ٿڌو پاڻي اکين تي هڻندا هياسين..... ڄڻ صدين جو کيپ لهي ويندو هو. ڏندڻ ڏيندا شاهي باغ ويندا هياسين.... نم جو ڏندڻ..... ان جهڙي شيرين تلخي..... اها ياد..... اڄ ته ان ۾ غوطو لڳايون..... ماضي ڇوليون ماري رهيو آهي..... ڪٿان جو ڪٿي وڃي نڪرنداسين." (٢)

شڪارپور کي جيڪڏهن سنڌ جي نقشي ۾ ڏسبو ته اهو ازل جي اک وانگر لڳندو. ائين معلوم ٿيندو ته ان جي روشني انڊلٺ جيان ست رنگي نه، پر سؤ رنگي آهي. ان جي ڏاهپ جي ڏِک هر ڏِسا کي ڏور ڏور تائين گهوري رهي آهي.

شيخ اياز جي جنم ڀومي شڪارپور، جنهن جو علمي، ادبي، تاريخي ۽ ثقافتي پس منظر ايترو ته وسيع آهي، جو قصا کڻجن ته سوين راتيون هلن ۽ جي داستان لکجن ته هزارين دفتر ڀرجي وڃن. شيخ اياز جنهن پاڙي ۾ جنم ورتو، سو شڪارپور جي باغن ۽ بستانن جي ڀر ۾ ته ضرور هو، پر اهو هوائن جو رهگذر به هو. سوين رابيل جون سڳنڌون، گلابن جون خوشبويون ۽ رات جي راڻين جون هيانءُ ٺاريندڙ هڳائون جڏهن ڪنهن نچڻيءَ وانگر ڇيريون ٻڌي ڦيرا پائينديون هيون تڏهن ڄڻ درن جا طاق تاڙين جيان وڄي وڃي ڀاڪرين پوندا هئا. اهو سمو بيدل مسرور جي آواز ۾ ڳايل شيخ اياز جي ان سُهڻيءَ سٽ وانگر لڳندو هو، جنهن ۾ هن پرينءَ ڏي پيام موڪليندي چيو آهي ته:

"سکي! پيا کي ملين ته چئجانءِ، چاندي تو سوا نه ٿيندي....."

شيخ اياز انهن باغن ۽ بستانن ۾ ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جا جيڪي جوڀن ڏينهڙا گهاريا، تن جي امر ڇاپ سندس ذات ۽ ڏات تان ڪڏهن جهڪي نه ٿي. اهي منظر هميشه سندس اکين آڏو رهندا هئا، ۽ هو بيساخته ٿي لکندو ۽ جهونگاريندو هو:

سَرتا، شاهي باغ ۾ انبن جي هيٺان،
اوشل پُڌان مان، ٽپ ٽپ سانوڻ مينهن جي.

شيخ اياز شڪارپور جو اهو واپارُ وٽجارُ ۽ آرت جو اوجُ اکين سان ڏٺو هو. هن ڏٺو هو ته سندس گهر کان سڌ پنڌ تي پنڌت رانول داس جو هاندو هو، جنهن ۾ ٽيندڙ موسيقيءَ جون محفلون هن نه رڳو اکيئن ڏٺيون، پر ماٽيون به هيون. هُن وشنو دِگمبر پلسڪر، نارائڻ راؤ وياس، ونائڪ راؤ پٽوردَن، پنڌت اومر ڪارناٽ ناڪر ۽ اُستاد بڙي غلام علي خان جهڙن پڪن راڳين کي مڌ ۾ مدمست ٽي پلٽا ۽ تانون هٽندي ٻڌو هو. هُن کي ياد هو ته قيمترام منڊو ڪيئن وجد ۾ اچي، جڏهن استاد بيبي خان سان "گمڪ تان" تان طبلو وڄائيندو هو، ته دارون پيتل ديوانن جا چرڪ نڪري ويندا هئا ۽ نوٽن جي برساتين کان سواءِ سونين گينين ۽ چانديءَ جي روپين جو ڳڙو وسي پوندو هو. طبلي جي وچت سان جيئن جيئن سندر داس جي سارنگيءَ جا سُرَ واءُ ۾ گونجندا هئا، تيئن تيئن طول وهاٽ کي ٽيڪ ڏنل ٽلها متارا سنڈُ وَرڪي سينيون مست ٽي پيا جهومندا هئا. اهڙيون بسنت رت ۾ بهار جهڙيون موسيقيءَ جون محفلون ڏينهن جا ڏينهن هلنديون، جڏهن آرهڙ ۽ اونهاري جي تپت ۽ تاءَ جي چيلهه چپي ڪري چڏيندڙيون هيون، ته سنڌ واهه تي ميلن ۽ ملاکڙن جو اهتمام ٽيئ لڳندو هو. شهر مان بگيون پرجي جڏهن سنڌ واهه ڏي ڪاهيندڙيون هيون، تڏهن انهن جا هُلَ ۽ هُوڪرا ڪهڙو نه سمانو سمو پيش ڪندا هئا.

"ٽاپ.... ٽاپ.... ٽاپ..... ٽاپ..... ٽاپ.... ٽاپ....

"او مَنَ! او دِل! او سُهڻا.... سَنهڙا.... چَمبُڪ جهڙا پريں!..... پاسي ته ٽيءُ ني.... سائين!.... ته ڪٽي بنسيءَ جي گاڏيءَ جو گهڪو نه اچي وڃئي....."

اهڙا هوڪرا ٻُڌي منَ مندر ۾ به موسيقيءَ جي محفل آراسته ٽي ويندي هئي. ڇڇورا ڇورا ۽ ڇيڪرا جوان تانگن مان ڪُوڪيندا ۽ ڪافيون ڳائيندا، پيا رودن ۽ رستن تان گذرندا هئا:

سهڻا اوهان جي عشق ۾ مون ڪيو مٿو اگهاڙو،
مل اَچي تون مون سان نه ته ٽي ويندس ڪراڙو.

اهڙن سهڻن ۽ سينگاريل تانگن ۾ سندر ناريون جڏهن ويس وڳا ۽ ڳهه ڳڻا پهري سنڌ واهه جي گهاٽن ۾ وهنجڻ ويندڙيون هيون ته پنهنجي ڪومل ڪجلين اکڙين ۽ ناسي نيٽن جي حجابن وارن هزارين قافلن کي قتل ڪري، ٽهڪ ڏيندڙيون، جڏهن گهاٽن تي پڇندڙيون هيون، تڏهن شيخ اياز جهڙا الهڙ عاشق کين گهاٽن ۾ ڏسي پيا برهه جي باهه ۾ پڇرندا هئا. اهي نرمل ناريون جڏهن جل ۾ ٽُڙِڪندڙيون هيون، تڏهن لڳندو هو ته جڻ ڪڪرن ۾ وڃن جا وراڪا هُجن. هاءِ هاءِ! اُهي ڏينهن ڏهاڙا جن اکين ڏٺا، تن تان اڄ جند جان گهوري گهمائجي ته ڪهل نه اچي. واهه جو اهي سنڌ واهه جون شامون هيون، جن ۾ ماڇين واريءَ پل تان مائهو 'لاٽون' پَوندا ۽ شرطون لڳائيندا هئا. سنڌ واهه جي پرسان لال ڪَپڙيءَ تي ڪوڏي ڪوڏيءَ جا دَنگل ۽ ملاکڙا، جن ۾ جاننا جسم چيڪي مٽيءَ تي ٽپا ڏيئي، سَڊول ڏَرون ۽ ڇِڇَ جهڙين چاتين جي نمائش ڪري پيا پهلوانن کي للڪارون ڪندا هئا. کي پڙ تي بيهي سَندرا وٽي ۽ هڪٻئي ڏي اڇلي، پيا هڪٻئي کي هيسائيندا ۽ هرڪائيندا هئا. شڪارپور ۾ پري پري کان ملهه پهلوان اچي پاڻ ملهائيندا هئا. هينڊلُ شيدي، احمد لوهر، قلب علي خان جتوئي ۽ شير ميربحر وارا جڏهن ملهون ماري، سوپون ماٽي ٻانهون مٽي ڪندا هئا ته دهلاري ۽ شرنائين وارا هيج مان اهڙيون ڌُنون وڄائيندا هئا، جو هر مائهو خوشيءَ مان ڪڙو ٽي پيو جهمر پائيندو هو. اهڙن ملاکڙن کان سواءِ ڪڪڙن جا ميل ۽ ڏاندن جون گويون به ٽين. جيڪي ڏاند گوءِ ۾ ڪتي وڃن يا جيڪي ڪڪڙ ميل ماريں، تن کي وڏين ڄڃن سان جهمريون پائيندا، نچندا شهر ۾ اندر داخل ٽيندا. کي ڪورس جي انداز ۾ سِهرا ڳائيندا:

مليا ميمر جا سلام، دلا هل ڏي،
سور سمٿيءَ سان سير ۾ سَل ڏي.

شڪارپورين جا شوق شغل ڏاڍا نيارا ۽ عجيب غريب رهيا آهن. جڏهن کي چار ڇٽا ڪٽي ڪنا ٽيندا، تہ کو چرچو چوري کو يادگار واقعو گهڙي ونندا. هڪ ڀيري جي ڳالهہ آهي تہ ڪن نوجوانن ڳالهين ڳالهين ۾ 'ڪَنگ' کي ڪاڻ ڪلهي تي ڪٽائي ڇڏيو. ڪنگ واٽيو هو ۽ اَن منڊيءَ ۾ ڳوٽيون ڏوئيندو هو. ڳوٽيون ڪٽي ڪُٻُ نڪري آيس. ڏگهين ٽنگن تي واٽڪو انگوڇو ٻڌي، جڏهن هلندو هو تہ سچ پچ ڪَنگ پيو لڳندو هو. مَنڊيءَ جا مزور ڇورا ڏاڙ ٻتاڪ ۾ پَڙُ، سو هڪ ڀيري اڇي ڪنگ کي ڪڪ ڪيائون: "چي، "ڪنگ، تون هوري پُڻيءَ تي ڪٽي ڪيترو فاصلو هلي سگهڙ جي هام ٽو پَريں؟" ڪنگ پنهنجي ڪلهي تي هٿ هٽي ڇيو تہ "هتان کان سڪر تائين." مزورن نہ ڪئي هَم نہ تَم، وڃي سيڻين کي سموري ڳالهہ سڌايائون. سيڻين ڇيو تہ "جي ڪنگ پنڌ هوري سڪر پڄائي تہ سَو جو نوٽ انعام ۾ ڪٽي." ان زماني ۾ سَو روپئي جي قيمت ايتري هئي، جو شهر ۾ جاءِ ملي پوي.... سو ڇا ٽيو تہ اهو رونشو ڏيکارڻ لاءِ شهر ۾ پڙهو گهمايو ويو تہ ڪنگُ جمعي جي ڏينهن شڪارپور جي اناج منڊيءَ کان سڪر تائين اڍائي مٽن جي هوري ڪلهن تي ڪٽي پنڌ پڇڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پر عام خاص کي اطلاع ٽو ڏجي تہ اهي ڪنگ جو ڪارنامو ڏسڻ لاءِ ڪنا ٽين!" هشام ماٿهن جا گڏ ٽيا. فيصلو ٽيو تہ ڪنگ ۽ ساهيون ڪندو، سو سيڻين ۽ چوڇاڪيون بگيون سينگاريون. عام گاڏين وارا ۽ گڏهہ گاڏين وارا ۽ اڇي هڪيا حاضر ٽيا. ڏهلاري باجائي ۽ پهچي ويا. ڪنگ ڳوٺ ڪٽي اڇي هڪ ساهي سنڌ واهہ جي پرسان پيرُ جبير وٽ ڪئي ۽ بزرگ جي مزار تي مٿو ٽيڪي، وري جو الله توهار ڪئي تہ ٻي ساهي وڃي سڪر ۾ پٽيائين! ڪنگ جي ڪامياب ڪارنامي تي ڪنگ کي هنج ۽ مور جيڏو مان مليو. واه واه ٿي. گلن جي مٽس ايتري ورڪا ٿي، جو شڪارپور جي لکيدر تي گلن جي دڪانن تي جيڪي ۽ گل هٽا، سي سڀ مٽائنس برسايا ويا، نوٽ گهوريا ويا، جهُمريون پاتيون ويون، ڏوکيلن تي ڏانس ڪيا ويا. "جنهن جا پير پنج سير، الا، هو جمالو! واه واه جمالو!" سالن جا سال ڪنگ جي ڪهاڻي واتن تان نہ ويئي. جتان لنگهي، اتان هرکو ڪيس سلام ۽ سَليُوٽ ڪري! اهڙا هٽا شڪارپور ۾ شينهن مڙس.

شڪارپور، جيڪا سنڌ جي شهرن جي راڻي هئي، تنهن جو هر ڏينهن ڇڻ نوروز هو ۽ هر رات ڇڻ سهاڳ رات هوندي هئي. اهي راتيون ڪهڙيون نہ روح ريجهائيندڙ هيون، جن ۾ ڏرم اُپڪار اَميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽيءَ جي استيج تان آغا حشر جي ناٽڪن "سهدي هوس" ۽ "جلاد عاشق" جا پردا کڄندا هٽا تہ ڪاميڊيءَ جي ڏيک تي ماٿهو هيج مان تاڙيون ۽ سيٽيون وڄائي، مُلڪ مٽي تي ڪٽن. جي ٽريجڊيءَ وارو ڏيک ڏسن تہ ڊُنيڪارون ڏيئي روئن. انهن ناٽڪن ۾ شهر جا نہ رڳو عام ماٿهو ويس ڌاري ٽي ماٿهن جون من وندرائين، پر صاحب لوڪ ۽ پنهنجي صاحبيءَ کي وقتي سلام ڪري پيا پارٽ ادا ڪندا هٽا. ڪورٽ جو جج ناڪرداس ناگراڻي، ميونسپل جو ايڊمنسٽريٽر گوبندرام نڻاڻي ۽ ڪَلنگيءَ واري ڪتب جو فرد پيرن جوڙيو اعوان ۽ دُراني خاندان جو آغا صوفي ۽ پنهنجا ويس وڳا مٽائي پيا پارٽ ادا ڪندا هٽا. اهڙي هندو-مسلم سمٿي سنگم ۾ پلا ايڪتا نہ هوندي تہ ڇا دين ڏرم جا ويڇا هوندا؟

اهائي ڏرم اُپڪار اَميچوئر ڊرامٽڪ سوسائٽيءَ جي استيج ،جنهن تان ناٽڪ تہ ٽيندا هٽا. پر مشاعرن جي محفلن جو بہ ڏوم ڌام سان اهتمام ٽيندو هو، جنهن ۾ ڪوي ڪشنچند 'بيوس' ، هوندراج 'دڪايل' ، ڪيئلداس 'فاني' آغا صوفي فقير مسرور، هولارام پورن، لطف الله جوڳي، عبدالوهاب ناظم ۽ نواز علي 'نياز' کان سواءِ نندڙو نارائڻ 'شيام' ، مبارڪ علي 'مبارڪ' ، لعل محمد 'لعل' ۽ محمد نعيم 'وجدي' پنهنجا پنهنجا شعر پڙهي پيا داد تحسين ونندا هٽا. مشاعرن کان سواءِ سنڌي ساهت بابت سَميلن جو ستاءُ ٽيندو هو، تہ پروفيسر شيوارام

ڦيرواڻي، تارا چند ڊيئومل گاجرا، ڊاڪٽر گربخشاڻي، جمامنداس پاتيا، ڊاڪٽر ليلارام ڦيرواڻي، شيوارام لالا، پوڄراج ناگراڻي، محمد حنيف صديقي، حشمتراءِ چوٿرام ملڪاڻي، آغا صوفي ۽ فاني پنهنجا پنهنجا مضمون ۽ مقالا پڙهي، ادب ۽ اتهاس ۾ اضافا ڪندا هئا. اهڙو ساهت جو سڃڻ پريو اهتمام سنڌ جي ڪنهن ٻئي شهر ۾ مشڪل سان ٿيندو هو. جڏهن اهڙا ادبي پروگرام مقرر ۽ منعقد ٿيندا هئا، تڏهن روزانه "سوراج" ۽ "قرباني" اخبارن کان سواءِ ماهوار رسالي 'سنڌو' جهڙا رسالا به پنهنجا خاص نمبر ڇپي پڌرا ڪندا هئا.

شڪارپور جي علمي اوج جي ڳالهه نڪتي آهي ته پير حسامالدين راشديءَ جي اُنميءَ گفتي ڪي به ورجائجي، جنهن ۾ هن اُن سمي کي ياد ڪندي ڇيو هو ته: "ڪو زمانو هو، جو شڪارپور جو هر گهر "خانهءَ علم" ۽ هر محلو "بزمِ ادب" هو. اهڙن گهرن مان پلا ڇو نه عبدالمجيد دريشاڻيءَ جهڙا انسان پيدا ٿيندا، جن بمبئي يونيورسٽيءَ مان پهرئين مسلمان جي حيثيت سان ايم. اي. انگلش جو امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪري، ڪاڪي پيرومل جهڙي عالم کي به حيرت ۾ وجهي ڇڏيو، جنهن ڪراچيءَ کان ڪهي اچي ان نوجوان عبدالمجيد دريشاڻيءَ کي داد ڏنو. اهڙي ماحول ۾ غلام نبي درانيءَ جهڙا سپوت ڇو نه تولد ٿيندا، جن بمبئي يونيورسٽيءَ جي مئٽرڪ جي امتحان ۾ پيپرن جا جواب نثر بدران نظم ۾ لکي تاريخ کي فخر جهڙا مثال ڏنا. اهوئي غلام نبي 'آغا صوفيءَ' جي نالي سان ساهتيه جي تاريخ ۾ نشانبر آهي. ان جڏهن حڪمت تي ڪتاب لکيو، ته اهو به نثر بدران نظم ۾ لکيو.

اُپساهيءَ جو علاج:

روڳ اپساهيءَ جو جنهن 'آغا" هجي،
چار ماسا پاٽيءَ سان سو هرمل وڃي.

هانچي جو نسخو:

ڪنوار ٻوٽي ڦودنو اکسير آ،
فائدي مند سُرڪو ۽ انجير آ. (۳)

شڪارپور جهڙي تاريخي شهر جي سياسي منظرنامي کي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته هن شهر ۾ پلي ڪهڙي به دين ڌرم ۽ مذهب سان واسطو رکندڙ جذباتي ۽ انتها پسند انسان رهندا هجن، پر ڪڏهن به ڪنهن ديني ۽ ڌرمي چڪر ۾ اچي هڪٻئي سان دست گريبان نه ٿيا. نه ڪنهن مسلمان ڪڏهن شعوري طور ڪنهن پنڊت جي چوٽيءَ تي طنز ڪئي ۽ نه ڪنهن واٽيي ڪڏهن ڪنهن مسلمان مولويءَ جي سونهاريءَ جي شان ۾ گستاخي ڪئي. ها! البت هڪٻئي تي ڪي ڇڪتڪا ۽ چرچا ضرور گهڙيندا هئا، جن کي ٻڌي ٻيا پنهنجي پنهنجي اصلاح ڪندا هئا. مذهبي ۽ ڌرمي لحاظ کان ڪڏهن به ڪو ممڻ نه ملتو. ليگي ۽ ڪانگريسي ڇڪتاڻ به نه ٿي. اها صورتحال ڏسي، انسان کي انسان سان ويڑهائڻ لاءِ "مسجد منزل گاهه" جهڙا شونشا چوڑيا ويا، پر انهن شعوري حرڪتن جو به شڪارپور شهر تي ڪو خاص اثر نه ٿيو. شڪارپور ڪانگريس جي هلچل جو جن مضبوط محاذ هو. تلڪ مهراج، موهن لال گانڌي، سرحدي گانڌي، سردار ولڀ ڀائي پٽيل، پنڊت جواهرلال نهرو، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ ٻيا ڪيترائي ليڊر ٻيا ايندا ويندا هئا. مهاتما گانڌي ايندو ته ڏينهن جا ڏينهن ڊاڪٽر موهن لال ۽ لٽيندا سنگهه بجاج جن وٽ رهيو ٻيو هوندو هو. نهرو ايندو ته ٻيو شهر ۾ عام ماڻهن وانگر گهمندو. ڪڏهن رستم ته ڪڏهن چڪ ويندو. گانڌيءَ نهرو ٻيا جنتا کي جاڳائڻ جا جتن ڪندا. گانڌيءَ ته هڪ ٻه ٻيرا شڪارپور ۾ مٿو به ڪوڙايو ۽ اها جڳهه جڙ اجا ٻئي شاهدي ڏئي، ته هتي ئي ته گانڌيءَ جي مٿي تي ڪنهن شڪارپوري حجم جي پاڪي ڦري هئي. انهن اڳواڻن جا "جُماڻي هال" ۾ ٻيا سياسي جلسا ٿيندا هئا. هشام ماڻهن جا ۽ انبوهه انسانن جا ٻيا ايندا هئا. سندس ڪيل تقريرن ۽ وياکياڻن تي شڪارپور جون روزانه ۽

هفتيوار اخبارون پيون موافقت ۽ مخالفت ۾ لکنديون، پر ڪڏهن به ڪو خُنام نه ٻريو. ڪانگريس پارٽيءَ جي شڪارپور ۾ اليڪشن ٿيندي ته گنگا ديوي جهڙي ديش ڀڳت ناري جڏهن ليلارام يا ڪنهن ٻئي سان مقابلي ۾ بيهندي، ته ماڻهن جون تيستائين ننڊون چٽ ٿي وينديون، جيستائين اليڪشن جا نتيجا پڌرا ٿيندا هئا. گنگا ديويءَ جي سياسي گيان ڌيان جون ڪهڙيون ڪٿائون ڪجن! "جيڏي ڏاهي، تيڏي سادي، پهري هميشه سَهنُ ۽ کاڌي! اهائي ته اُها شڪارپور جي پهرين مهان سنڌي عورت هئي، جا سنڌ جي سياسي آندولن ۾ جيل ياترا تي ويئي هئي. ڪانگريس جي ايڏي وڏي آرگنائيزيشن هئي، جو اڄ به ان جي تصور ڪرڻ سان حيرت ٿي ٿئي. ڪاڪي سوڀراج جهڙن مردن پنهنجو جيون ايترو وقف ڪري ڇڏيو، جو هن ڪڏهن به ڪا ليڊرشپ جي دعويٰ نه ڪئي ۽ عام ڪارڪن وانگر گهنڊڙيون وڄائي، گهر گهر ماڻهن کي ڪانگريس جو هر هڪ پيغام پهچايو. ان صورتحال کي ورهاڱي اهڙي مهميز ڏني، جو شڪارپور ته ڇا سموري سنڌ مان ان جا بنياد ئي اکڙي ويا.

ڪانگريس کي ڇڏي جيڪڏهن مسلم ليگ جي اُسرڻ کي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته سن ١٩٣٨ع ۾ جڏهن ان جو بنياد استاد واحد بخش لوهر جي آکاڙي ۾ پيو، تڏهن ٿوري ئي وقت ۾ اها ايڏي اڀري آئي، جو ان تي وڌيڪ روشني وجهڻ فضول آهي. مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي سن ١٩٤٦ع واريءَ اليڪشن جو ويهي تفصيل لکجي ته هوند صفحا کپن. ماڻهن جي نفسياتي لاڙن تي نظر ڪجي، ته حيرت وٺي وڃي. وري جي اڳواڻن جي شان ۾ ڪيل قصيدا گوئي پڙهجي، ته تعجب ٿئي.

شڪارپور جي سياسي "مڪاميلن" (مناظرن) کان سواءِ مسلمانن جي عيدن ۽ هندن جي ڌرمي تهوارن تي به شڪارپور جا ڏيک ڏسڻ وٽان هئا. بنگلن ۽ ماڙين کان وٺي، جهوپيون ۽ ڀُونگيون به چراغان ڪيون وينديون هيون.

جيڏا رونشا وڏن لاءِ ٿين، تيڏا ٻارن لاءِ به. ڦِرڻيون، رانديڪا، چيڪلا، ڪارني والَ، نمائشون، فلم، ڊراما، راڳ، نچڻيون، لوٽي واريون، ملاکڙا، مطلب ته هر روح ريجهائيندڙ سامان حاضر. بازاريون عيدن ۽ تهوارن تي گُڏين وانگر سينگاريون وڃن. دڪانن ۾ هر قسم جو ساز سامان موجود. نر ۽ ناريون بازار ۾ صاف ۽ سينگاريل ڏسي ۽ خريداري ڪندي جيڪو ڏيک پيش ڪن، سو ڏسڻ لاءِ اهي اکيون هجن، جن ۾ ڪڏهن ڪَتَرُ نه پيو هجي. عيدن جي ڏينهن ۾ عورتن کان سواءِ مردن جي مُکَ تي به لاڏا هوندا:

ڪنگڻ ٺونٺ ۾ پايون، اجهي ڄاڻ بزار ۾ آيون،
اِهي پاڻ هُرتڙيون مايون، اِجهي هاڻ بزار ۾ آيون!

شڪارپور جا مسلمان ۽ هندو هڪٻئي سان گڏ پيا عيدون ۽ تهوار ملهائيندا. مسلمان سيرا ۽ سَيون، مٺايون ۽ مَليدا پيا هندن جي گهرن ۾ موڪليندا. هندو به ٿڌڙين جا لولا ۽ ڏيارين جا وَڙا ۽ تِلشڪريون مسلمانن ڏي موڪليندا. اهڙين مٺاين جي ڏي وٺ ته انسانن جا اندر مٺا ئي ڪندي ۽ نه ڪڙا. ڪڙاڻ جي ڪَسُ قلبن کي ڀلا ڪيئن لڳندي؟ هاڻي پئسي جي ڊوڙ ۽ مان ۾ منجهي پوڻ واري ماحول کي ڏسي چئجي ٿو ته "مصريءَ جي پاڻيءَ تي پيا اَڪ اپائجن، جن جا ميوا به مٺا نه پر سَڪ پيا لهن." اهي ان زماني جون عيدون ۽ ڏياريون جن ڏٺيون، سي ٿڌا ساهه ڀريندا رهيا آهن ۽ اڄوڪين عيدن کي پهرينءَ شوال جي بجاءِ ڏهين محرم سان ڀيٽي پيا ڳوڙها ڳاڙين. محرم جو ماه ايندو ته مسلمانن سان گڏ هندو به پيا پِڙَن ۽ تازين تي پِٽيندا ۽ ماتم ڪندا. راهن ۾ پاڻيءَ جون ۽ شربتن جون سبيلون لڳائيندا ۽ هر ايندڙ پڙ اڳيان سيس نمائي، پيا روح ۾ روئندا. هونءَ به هندو اونهاري، سياري هر گهٽيءَ ۽ گام تي ماڻهن لاءِ سَبيلون ڀَريون، سِيسا کنيون ويٺا هوندا هئا. جيڪو آيو، تنهن کي اول سِيسا کارائي، پوءِ پاڻيءَ جو گلاس ڌوئي، پيا امرت آڇيندا. (واڻيا مسلمانن کي گلاس جي بدران ناريل جي کوپي ۾ پاڻي پياريندا هئا. عام طرح پاڻيءَ کي "امرت"

چوندا هئا). اهو هو انهن جو انسانن سان رويو. جانورن جي لاءِ به اهڙي ڪهل هوندي هيون، جو انهن جي پاڻيءَ جا حوض ۽ هودَ سنگ مرمر جا ٺهرائيندا هئا، جن جي صفائي اهڙي ٽيل هوندي، جو ڪو گڏهه يا گهوڙو جڏهن پاڻي پيئندو ته پنهنجو عڪس به پيو ڏسندو هو. نَوَلَ گهوڙا وري پاڻيءَ ۾ پنهنجي تصوير ڏسي، تاهه ڪائيندا هئا ۽ هٿڪار ڪري جڏهن پنهنجون اڳيون تنگون منڊي ڪٽندا هئا، ته ائين لڳندو هو جڙ ڪو گويو اڻي بيهي ملتاني توڙيءَ جا پيو پلٽا هڻي.

شهر جي صفائيءَ ۽ سٿرائيءَ جو عالم اهو هو ته پرهه ڦٽيءَ جو ئي پنگي شهر جي صفائي ڪري ويندا هئا. جهاڙو ٻهاري ڏيئي، نالين جي صفائي ڪري ڪپرن تي چونو هاري ويندا هئا ۽ رودن ۽ راهن تي فائر برگيڊ جي گاڏين وسيلي ڇٽڪار ڪيو ويندو هو، جنهن ڪري نه ڪڏهن مڪ ٿي نه مڇر. ورلي ڪنهن کي مليريا ٿي، ته اهو به ڪو ٻاهرئين اوني- سوني مڇرجو ڏنگيل ليڪبو هو. شهر ۾ مريض جو انگ وڌندو ته ميونسپل خلاف ممڙ مڇي ويندو هو ۽ ان جي ڪوتاهيءَ تي پيا ڪلام جڙندا هئا. "نيا سنسار" ۽ "شڪارپور گزيٽ" اخبارن ۾ پئي گوهر افشاني ڇپيي. ايستائين پيو چوپول هلندو، جيستائين وڃي قرارَ ٿين. هڪ پيري جي ڳالهه آهي ته مشهور وڪيل مرليڌر پنجابي ڪنهن ڪيس جي سانگي موٽر ۾ چڙهي ڪورٽ وڃي رهيو هو، ته واٽ تي سندس موٽر کي ڪنهن ڪامي ۾ جهاڪو آيو. ان ڏوڪڙي تي سندس دماغ مان ڪا قانوني پوائنٽ پلجي ويس، سو ڪورٽ پهچڻ سان پنهنجي ڪيس جي تاريخ مٽائي هڪدم ميونسپل آفيسرن خلاف ڪيس وڌائين ته "انهن اڻ ڄاڻن شهر جي رودن جو ڪو خيال نه رکيو آهي، جنهن تان مون سان اڄ هيءَ حالت ٿي آهي. ان تي جيڪو مون کي ۽ منهنجي اصيل کي نقصان پهتو آهي، تنهن جو جرمانو ڪورٽ سڳوري انصاف کري وٺي ڏئي. اهڙن ٽٽل رودن مان ڪن عورتن ۽ مردن جو به نقصان ٿي سگهي ٿو." مرليڌر جي ان عمل تي شهر ۾ هُو هَڪا ٿي ويئي. اخبارن سرخيون لڳايون. وڏيون خبرون ڇپيون. آفيسر ايلازُو ٿيا. مهان ۽ مڪي وچ ۾ پيا، تڏهن کا مرليءَ کي مات آئي. وچ ۾ ڳالهه اڇي ويئي مرليڌر جي، سو ڳالهه پئي ڪيسون شهر جي ماڻهن جي ناچاقائيءَ جي. بيماري بڙي ٽيندي هئي ته هر چونڪ ۽ پاڙي ۾ هوشيار حڪيم ۽ وڏيون دڳريون رکندڙ ڊاڪٽر موجود هوندا هئا، جن جي نبض شناسي ايتري ته ڳوڙهي هوندي هئي جو نبض تي هٿ رکڻ سان جڙ سڄي جسم جي ۽ هر اندرين ۽ ٻاهرين عضون جي خبر رکي ويندا هئا. ڪڏهن نه ڪنهن مريض کي ڪنهن طبيب چيو ته ايڪسري ڪرائي اڇ يا خون تپاسراءِ. جي ڪنهن اهڙو عمل ڪرايو ته چوندس: اجا سيکڙات آهي. حڪيم ڏنراج مل، مير علي نواز علوي ۽ جراح حڪيم خاوند ڏنو منگي پنهنجو مثال پاڻ هئا. حڪيم خاوند ڏني کي ڦٽن ۽ ڦرڙين يا ناسور جي علاج ۾ ايڏي مهارت هوندي هئي، جو ڊاڪٽر ڪيئارام جهڙا نالبرا ويڄ به پنهنجا مريض موڪلي، ڪانئس علاج ڪرائيندا هئا ۽ چاق چڪي پلي ٽيڻ تي ڪيس سرٽيفڪيٽن ۽ انعامن اڪرامن سان نوازيندا هئا. اهڙا ڪيئي سرٽيفڪيٽ سندس پونيئرن وٽ اڄ به موجود آهن. منهنجا مربي محترم غلام سرور لاکو ۽ ڊاڪٽر قيوم طراز صاحب جن اڄ به حڪيم صاحب جي هوشياريءَ جون ڳالهيون ٻڌائيندا آهن ته حيراني ٿيندي آهي.

شڪارپور شهر جي خوشحاليءَ ۽ خوبصورتيءَ جون ڳالهيون نراليون هيون. اتفاق سان ڪڏهن هن شهر ۾ ڪو ڪوسو واءُ لڳو ته واپاري وڙا ۽ پينچ پڙا پنهنجي هڙان دل تي دان ڪري، شهر واسين جي سهائتا ڪندا هئا. شل نه ڪا بيماري منهن ڏيي! پوءِ ڏيهي پرڏيهي طبيب، ويڄ ۽ ماهر ڊاڪٽر اڇي انسانن جي شيوا ۾ لڳي ويندا. انهن جي ڪوٺائڻ ۽ رهائڻ يا علاج معالج جو سمورو خرچ پٽنڇات جي مٿان هوندو هو. اهڙيءَ طرح ڪڏهن ڏُڪر منهن ڏيندو يا اتو-ڪند ڪٽي ويندا، ته پٽنڇات پاران وڏي مقدار ۾ مال ڳهرائي اڳيءَ قيمت کان به گهٽ جنتا کي ڏنا ويندا، ۽ ڪنهن سائي آچر يا جمعي چانڊائي تي سڄي شهر جي گهرن ۽ دڪانن مان پيا مال ورهائبا. يارهيءَ واري جي يارهين ٽئي ته

واڙن وارا بہ کير مفت پيا ڏيندا. هندو ۽ مسلمان گهرن ٻاهوان پيا طعام تيار ڪري ورهائيندا ۽ هر ماڻهوءَ جي مُک تي اها وائي هوندي تہ "رحمي رحم ڪر! جل هو جلاله، آئي بلا ٽار تون! ننڍي وڏي جو خير! هندو مسلمان جو ڀلو! ڀلاڙا ڀلو ڪر." اهڙا وِردَ انسانن جي آتما کي آنند ڏيندا هئا. زوردار برساتيون پون يا ٻوڏيون اچن تہ بزرگن جي مزارن ۽ مسجدن ۾ صلواتن جا ڪروڙ پڙهن ۽ رات جو قرآن مجيد کڻي مولودن سان شهر ۾ ڦيرائين ۽ چؤطرف شهر جي گهُمي جڻ اهو ويساهہ ڏيارين تہ هاڻي ڪا مصيبت نہ ايندي. مولودن جا آواز ٻڌي وار اڀا ٿيو وڃن:

عربي! تنهنجو شان الاهي شافعي شاه رسول الله.

صلي الله عليه وسلم، عالي جاه رسول الله.

واهہ ڙي زمانا واهہ! ڪهڙو نہ سهڻو سمو هو. انسانيت جي آرام ۽ سڪون لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو ويندو هو. اڄ نہ اهي وقت نہ وير! اڄ جنهن جي جيب ۾ چار ڪاڳر آهن تہ ٽوپي نراڙ تي آهي. دُونُ دهل جيڏو ڪري پيو وڏ ماڻهپائي جتائي. اڳي تہ خانبهادر الله بخش سومري جهڙا اعليٰ آدمي ۽ مرليڌر جهڙا مانائتا ماڻهو بہ انڪساريءَ ۽ نمرتا جا نمونا هوندا هئا. هٿ جوڙي پيا سلام ۽ نياز چوندا هئا. نہ ڏسندا تہ امير آهي يا غريب. ڏسندا رڳو تہ ڪو انسان آهي. اُنهن اعليٰ انسانن جي اورچائي، اعليٰ ظرفي ۽ اعليٰ دماغيءَ جي ڳڻن کي ڳڻيندي ڏندين آڱريون تہ اچي وڃن ٿيون، پر جڏهن سوچجي ٿو تہ اهي انسان عظيم ڪيئن ٿيا ۽ عظمتن انهن جي اڳيان اچي ڪيئن سيسُ نمايو سندن چَرَن چميا تہ هڪدم اسان جو خيال شڪارپور جي انهن عظيم استادن، درسگاهن ۽ بي مثال پستڪاليائن ۽ لئبررين ڏانهن ويندو آهي، جن جي سانچي ۾ هر ايندڙ نسل جا اعليٰ انسان ڍلبا رهيا. هر هڪ استاد مهان ۽ مهاگياني هوندو هو، جن جي هٿن ۾ جڏهن ڪو شاگرد ايندو، تہ بنا ڪنهن مت ڀيد جي کيس پاڙهي ۽ ڪاڙهي اهڙو ڀَڙُ ڪندس، جو سندس هر گفتو جڻ ڌيان ۽ گيان جي ضربخانن مان ڍَلجي ۽ ٺپجي نڪرندو هو. پُستڪاليائون (لئبرريون) هر پاڙي، پنبي، گهٽي ۽ گام، محلي ۽ ماڙ ۾ موجود هونديون هيون. دنيا جو ڪو اهڙو ڪتاب مشڪل سان چئبو يا هوندو، جو ڇپجڻ کان پوءِ جگنناٿ لئبرريءَ ۾ يا سي.اينڊ.ايس. ڪاليج جي لئبرريءَ ۾ ڪونہ پهتو هجي، ۽ اهڙي ڪابہ اخبار نہ هئي، جا شايع ٿيڻ کان پوءِ صبح يا شام تائين هتان جي لئبرريءَ ۾ نہ پهتي هجي. لئبررين ۾ صبح ۽ شام جو ماڻهو اچي ويهندا، تہ چڱو ڀلو ميڙو لڳل ڏسبو. گهڻي تعداد ۾ هئڻ جي باوجود بہ چپ چپا تي اهڙي، جو جڻ ڪنهن عبادت گاهہ ۾ انسان احترام ۾ ڪنڌ جهڪائي ويٺل هجن. ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي، تہ اشارن يا اکين وارين ٻولين ۾. اسان جي شهر ۾ نہ رڳو تلڪ لئبرري، مولانا محمد علي جوهر لئبرري، اقبال لئبرري، برادر منڊل، جگنناٿ لئبرري، حماڻي هال لئبرري ۽ ٻيون اهڙيون ڪيتريون ئي لئبرريون هيون، جن ۾ انسان جي ذهني آبياري ٿيندي هئي. موبائيل لئبرريون بہ هيون، ماڻهو ريڙهين تي ڪتاب کڻي ايندا هئا ۽ گهر گهر ڪتاب ڏيئي کاتن تي چاڙهي ڇڏيندا هئا. روز ٻئي ٽئين ڏينهن يا هفتي مهيني ماسي ڪتاب ڏبا وٺبا هئا. ايڏي علمي ماحول ۾ انسان ايتري روشني حاصل ڪندا هئا، جو لڳندو هو تہ هو پاڻ سراپا روشني ٿي ويا آهن ۽ لاٽ وانگر ٻري رهيا آهن. ڳالهائيندا هئا تہ جڻ ڄڀن مان ڄڀيون نڪرنديون هين. پڙهندا، ڪڙهندا ۽ ٺرندا ويندا. جي ٺريا نہ تہ چريا. پو پيا ماڻهن جا مٿا کائيندا ۽ دعوائون ڪندا تہ فلاڻو جٽ ڇا پڙهيو آهي؟ جيڪي ٺرندا، سي قلم کڻندا ۽ اندر جي آگ سان ۽ دل جي دونهين سان ڪاغذ ڪارا ڪندا، جن کي پڙهي، اهي نہ لکي سگهندڙ ساڙ وچان چوندا: "ڇا ٿو لکي؟ ان موضوع تي فلاڻو ڪتاب پڙهي تہ ڪا پاٽ کلي پوندس. پوءِ لکي تہ لاهہ ڪڍي ڇڏي."

عالمي لڙايون لڳيون تہ ماڻهن ريڊين ۽ اخبارن سان ناتو جوڙيو. خبرون ٻڌي ۽ اخبارون پڙهي، بحث مباحثا ۽ اڳ ڪٿيون ڪندا، مستقبل جي ڳڻ ڳوت ڪري، اهڙي ڳالهہ ڪندا، جو عقل چرخ! ٻيءَ وڏيءَ وار ۾ پاڻ وارا ڀائر برطانيا جي غلاميءَ سبب ان جي پاسخاطري ڪندا ۽ پهاڪا ٺاهيندا. چي: "ٺڪ ٺوٺا..... جليبي کاءُ، جرمن مو، اسان جو ڇا؟" ننڍي، وڏي ۽ پڪي پوڙهي جي واتان پيو ٻڌبو "ٺڪ ٺوٺا..... ٺڪ ٺوٺا."

شڪارپور جو جھڙو صبح سڀٽو تھڙي شام خوبصورت. انھن جي سونھن ۾ خوبصورتيءَ تي موسمون بہ اثر انداز ٿين. اونھارو اچي تہ شام جو ماڻھو گھرن ٻاھران چٽڪار ڪري، ڪٽون، موڙا ۾ ڪرسيون ٽيبليون ڪڍي ويھن. اخبار ۾ ريڊيو بہ رکن. ڪڇريون ڪن ۾ چوپڙ راند بہ ڪن. وڻن جي ويڻي ٻار بہ پيا راندين روندين ڪن. گھٽين گرمين ۾ ٻُٽن ھر ماڻھو انگوشا ٻڌي ململ جا چولا پائين. اھي ڳچين پريل چولا ڪين تن تي اھڙا ٺھن جو چئي ڪٽي بس ڪر! اونھاري جي شامن جو انن ئي درن جا ماڻھو اچي لکيدر تي ڪنا ٿين ۾ رات جي مانيءَ خاص طور تي چانورن ڪائڻ لاءِ پکوڙا، انب ۾ "وڻ جليب" (وڻ جي پکل کارڪن کي چون وڻ جليب) وڻي وڃن. چاپون ۾ قيمي جون ٽڪيون يا ڪنڌا ۾ ڪباب بہ وڻن. ڪاڌي جي شين سان گڏ پنھنجي ڳچين لاءِ رابيل جون ڪنڊيون بہ وڻن، جي ھپس ھاڻي پگھر جي ھاوڙ کي پيون مات ڏين.

اونھاري جي شامن جو ھندن ۾ اعوائن جون چوڙچاڪيون ٻڌيون بہ سينگارجي ھلن، جن جا سڀٽا ۾ من موھٽا گھوڙا، ڏرتيءَ جي دف تي سنبن جا ساز وڄائيندا، وڃي شاھي باغ پھچن. اتان ھلن تہ سنڌ واھ ڪان وري، انن ئي دروازن جو چڪر ڏيئي موٽن. صبح جو سمو بہ ڏاڍو سھانو! اڪ ڪلڻ سان نم جو ڏنڊڻ ڏيندا، گھمندا شاھي باغ ويندا يا اوريان پريان پنڌ ڪري ايندا. ڪي ماڻھو گھرن جي ڏاڪن تي وينا ڏنڊڻ ڪندا. اونھاري ۾ صبح جو ريڑھين تي لوٽيون کارڪون ڪٽي ريڑھين وارا ھوڪا ڏيندا ايندا: "شاھي باغ جا ڪتل!" "اوءِ! پوپ جليب!" کارڪن وارن ڪان سواءِ دال وارا بہ ھوڪا ڏيندا ايندا. "آ مگ دال! دال اھڙي سوادي جو واہ واہ!" سياري جو شامن جي وقت ماڻھو ڪم ڪار ڪري، اوطاقن اندر، باھ ٻاريو مڇ مچايو چويارين ڪن. محلن جي پڌرن تي سارو ڏينھن اس جا تڙڪا وڻن. شڪارپور ۾ رٽائر ملازم صبح جو پاڇي ٻوڙ جي ڇلي ڪٽي مارڪيٽن ڏانھن وڃن ۾ خريداري ڪري اچن. مارڪيٽ ايندي ويندي، وات تي ڪن دوستن، يارن سان دعا سلام ڪري، پنھنجي پيڇ کي پختو رکندا اچن.

شڪارپور جي درويشن جي درگاھن ۾ مندرن ۾ بہ ميلا ٿين، جن ۾ الائي ڪيڏو آدم اچي ڪٺو ٿئي. منوڇھر شاھ، حاجي عبداللطيف شاھ، ڪٽڪ شاھ، حاجي فقير الله شاھ علوي ۾ نبي شاھ جي مزارن تي ٽينڊڻ ميلن ۾، ڳائڻا، مسخرا، ناڇو ۾ ڪيرين اچي پنھنجي فن جون مظاھرو ڪن. ھوڏانھن شنڪر پارتي، سماڏا آشرم ۾ ساجل شير جي مندرن کان سواءِ ورھاڳي کان اڳ آئرن واري مندر ۾ گلاب داسين وارن مندرن ۾ بہ ميلا ٿين، جن ۾ ناٽڪ ۾ ناچ گانا ڏمر تي ٿين.

شڪارپوري ڏاڍا ٽانڪونڻان احساس ۾ جذبا رکندڙ آھن. جڏھن بہ ڪنھن انسان کي ڏک ۾ ڏسندا تہ ڏکي پوندا يا جڏھن بہ ڪنھن حاجتمند جي حاجت محسوس ڪندا، تڏھن ھڪدم ان جي حاجتروائي ڪري وڃندا. واھر ڪرڻ ۾ سھڪار ڪرڻ وقت ڳڇھ ڳوھ ۾ پاڻ ملھائيندا. ائين انسان جي مدد ڪندا، جو ھڪ ھٿ جي ٻئي ھٿ کي خبر ئي کاڻ پوندي. انفرادي مجبورين کان اجتماعي مسئلن ڏانھن ڏيندڙ ڏنوير اڄ بہ انسانن جي دلين ۾ زندھ جاويد آھن. اھڙن اھل دل ڏنويرن جي لسٽ ۾ اول اوڏوداس تاراچند چاڙيا اچي وڃي ٿو. جنھن شڪارپور شھر جي پيرن ۾ پنھنجو سيس نمائي دان ڏيئي ۾ دان وڻي دنيا جي ڏسڻ جھڙي مندر روپي اسپتال جوڙائي، جيون جي ڏکن ڏولاون کي ڏور ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. سندس سنگ مرمر مان ٺھيل پتلو اڄ بہ "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي" ۾ بينو آھي.

اھوئي اوڏوداس تاراچند جنھن کي اسپتال روپي مندر جي جڙڻ کري انگريز سرڪار سن ۱۹۳۵ع ۾ "راءِ بھادر" جو اعزاز عطا ڪيو، تنھن جو نالو جڏھن اسپتال جي دروازن مٿان ونگن تي سنگ مرمر سان سجايو ويو، تڏھن اندر جي اڇا عيان ڪندي چيائين تہ "منھنجو نالو اسپتال ۾ اندرئين دروازي جي چائنٽ ٻاھران ڏرتيءَ تي لکيو وڃي، جيئن ايندڙ ويندڙ ماڻھو ۾ مريض ان کي لتاڙيندا رھن." سندس من جي منشا پوري ڪئي ويئي ۾ سندس امر نالو انسانن جي چرنن ۾ موجود آھي. دروازي مٿان سندس اندر جو اڌمو آسيس جي صورت ۾ اڄ بہ اکريل آھي:

سڀني جا دک دور ڪر، سڀ جو ڪر ڪلياڻ،
دانهون دکين جون ٻڌي مالڪ ٿي مهربان،
معافي ڪر منهنجا ڏٺي عيب ڀريو انسان،
عرضيءَ جي اوڌوءَ جي اگهاءِ، ڏي تندرستي دان.

اهو 'اوڌو' ، جنهن رڳو گرمکيءَ جو گيان ورتو، سو اندر جي اڌمن کي ڪويتائن جو روپ به ڏيندو هو، جا ڪن ٿورن کي ڄاڻ هوندي. اهو مهان انسان واقعي اتهاس جو به عظيم انسان آهي.

پاڻ پرڀوءَ هيءَ راند رچائي، ويد پراڻن ساک ٻڌائي،
پاڻ سڃاڻي جنهن آگ چڪائي، تنهن جي بگڙي بازي ٺهندي.
'اوڌو' ٻڌ تون عشق اشارو، سو سڀ ۾ ۽ سڀ کان نيارو،
جاڳي ڏس جڳديش پيارو، تنهنجي اچ وڃ ڳڻتي لهندي.(۴)

اوڌوداس کان علاوه جڏهن مرليڌر وڪيل شنڪر آنند ڀارتيءَ جي مندر جي عمارت جي مرمت ڪرائي، تڏهن ان به پنهنجو نالو ديوناگري اکرن ۾ ائين ئي چرنن سان چيڀاڙايو. هيٺاهين هلڻ جا اهڙا مثال اتهاس ۽ ادب ۾ مشڪل ملن. اسان جي ادب ۾ ته اڄ سمرسيٽ ماهم جو قول ورجايو وڃي ٿو ته: "انڪساري روح جي فالج آهي." اسان جي انڪساري اها انڪساري نه آهي، جا چاپلوسي ۽ چمچاگيريءَ جي چادر ۾ ويڙهيل هجي. اسان جي انڪساريءَ ۾ اها عظمت ۽ اوچائي آهي، جا اعليٰ ۽ ارفع بڻائي ٿي.

شڪارپور جي ڌنويرن ۽ دان ويرن ۾ لٽينداسنگهه بجاج، چيلاسنگهه بجاج ۽ سيتلداس پنجابي جن جا اسم به امر آهن. چيلاسنگهه ۽ سيتلداس ڪاليج کولائي ۽ بلڊنگ جوڙائي اتر سنڌ ۾ وديا ۽ گيان جا ٻوٽيل در کولي گهڻا گهر روشن ڪري ڇڏيا. اهوئي سبب آهي، جو ڪاليج جي نئين عمارت تي سندن نانءَ پئجي ويا. ورنه اڳ ۾ جڏهن ڪاليج ميونسپل جي اڳوڻي بلڊنگ ۾ هلندڙ هو، تڏهن اهو "اپر سنڌ ڪاليج" ڪوٺبو هو.

ڪنيالال بجاج لکيدر جي ڇهه واٽي تي جئپور جي قيمتي ڳاڙهي پٿر مان ٽاور کڙو ڪري، ان ۾ گهڙيال نصب ڪرايو، جنهن کي شڪارپوري 'ٽاور' يا "گهنٽا گهر" چوندا آهن. ان جا گهنڊ ميلن تي ماڻهن کي ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. انهن گهنڊن گونجڻ ۽ ڪانٽن هلڻ تڏهن بند ڪيو، جڏهن انهن جا معمار انهن کي ڇڏي هليا ويا. اهي شڪارپور جي ٿيندڙ ترقيءَ وانگر هڪدم رڪجي ويا. گهنٽا گهر احتجاجن اهو ٻڌائڻ کان نابري واري ته شام جي پنجن ۽ صبح جي پنجن ۾ فرق ڪيترو آهي؟ ان سج سان ساٿ ڏيڻ ۽ رات سان رهاڻ ڪرڻ ڇڏي ڏني. ان محسوس ڪيو ته هاڻي بي معنائي جو دور شروع ٿي ويو ۽ سمو. سنسار اوٻاسين ۾ آهي. واقعي ان اوٻاسين جي عالم ۾ ان ڏي ڪو مٿي ڪنڌ کڻي نهارڻ وارو به ڪونه هو. اسان ان جو جهنگلو ڊاهي ڇڏيو. اسان ان جو اپوتر ناري وانگر ڳاڙهو ويس مٽائي ڇڏيو. افسوس!.....

شڪارپور شهر جون نه اهي صفايون رهيون، نه اهي جلوا رهيا. نه اهي روڊ رهيا نه اهي رستا آباد ٿيا. نه سبيلون رهيون نه حوض بچيا. نه واپار رهيو نه وهنوار. نه اهي واڪ رهيا نه اهي مال لٿا. هوڪا ۽ واڪا ٻڌبا هئا ته رڳو گوشت مارڪيٽن ۾ ۽ مڇي مارڪيٽ ۾. مڇي مارڪيٽ ۾ "پري مهاڻي" پلي کي پڇ کان مٿي جهلي جو در ٽپندڙ کي گار ڏيندي ته واڄٽ وڄي ويندا. بس اها پريءَ جي گلن جهڙي گار ئي ته هئي، جا ويران وستيءَ ۾ سڄي زندگيءَ جي تلخيءَ جي ترجماني ڪندڙ هئي. اڄ اها گار به گم ٿي ويئي آهي. اها پري به پرواز ڪري ويئي آهي. اڄ اهو پلو به شڪارپور ۾ ڪٿي ڪونه ٿو ملي. اها آني به انسانن جي مقدر مان ميٽجي وئي، جا ٻار کائي ٻلوان ٿيندا هئا. اهو مڇي مارڪيٽ به ڄڻ مقام ۽ ويران مندر ۾ تبديل ٿي ويو آهي.

اهو 'صنعت' پيدا ڪندڙ شهر، اهو 'سامي' ڄڻيندڙ شڪارپور، جنهن جي جهول جڏهن الله بخش سومري جي

لال لهوءَ سان لال ٿي تڏهن ڏات جي ڏيهه ۾ هڪ نئون ڄاول ڪوي پير پير کڻي رهيو هو. ان ڏٺو ته ڪيئن باغ اجاڙ ٿيا. گلاب پٽيا ويا ۽ رابيل ڌوڙ ۾ ملايا ويا، تڏهن هن جو مشاهدو رڪجي ويو، جيڪو هن ننڍڙي ڪويءَ کي ڪويتائن جو سامان ميسر ڪري ڏيندو هو. اهو ننڍڙو ڪوي اکيون کولي امڙ شڪارپور جي اها حالت ڏسي نه سگهيو. هو اڪيلو رهي نه سگهيو. هو پنهنجي مبارڪ علي کي اتي ڇڏي نوجوان شيخ اياز بڻجي وڃي سکر ۾ رهڻ لڳو. هو آخر تائين شڪارپور کي ساريندو رهيو، هنجون هاريندو رهيو، افسوس، جو ٻه گز زمين به کيس ڪُوئي يار ۾ نه ملي....!

شيخ اياز جو خانداني پس منظر:

مبارڪ علي اياز جنهن خاندان ۾ تولد ٿيو، سو شڪارپور جو مشهور شيخ خاندان آهي. انهيءَ خاندان جي لاءِ اسان جي شهر ۾ اها روايت عام آهي ته "اهو خاندان حضرت حاجي فقير الله شاهه علويءَ جي هٿ تي مشرف به اسلام ٿيو." شڪارپور ۾ ڪي هندو، تيمور شاهه جي زماني ۾ به افغانستان کان لڏي اچي آباد ٿيا. انهن هندن جي شڪارپور ۾ آمد جو سن ١٧٧٤ع ڄاڻايو وڃي ٿو. تيمور شاهه هندن کي شڪارپور ۾ واپار لاءِ اڀل (سهارو) ڏيئي آباد ڪيو. حضرت حاجي فقير الله شاه علوي جي هٿ تي اسلام قبول ڪندڙ هندو گهڻو ڪري بجاج هئا، جيڪي پوءِ پنهنجي ڪٽنبي سڃاڻ پنهنجن وڏن جي نسبت سان ڪرائيندا رهيا. انهن جا گهراڻا پوءِ هرواڻي، جاناڻي، بَلراڻي، خانواڻي ۽ ڇتاڻي سڏجڻ لڳا. ڇاڪاڻ جو هرواڻي شيخ هرومل جو اولاد، جاناڻي شيخ جانوراءِ جو اولاد، بلراڻي شيخ بَلرُمل جي نک، خانواڻي شيخ خان محمد جا پويان ۽ ڇتاڻي شيخ ڇَتي شيخ جي پويان ڪوٺبا رهيا آهن. گهڻو پوءِ دڙي کان لڏي آيل شيخ دڙائي سڏبا آهن. اهڙيءَ طرح ناڙيءَ کان آيل ناڙي وال شيخ مشهور ٿيا، جن جي گهرن ۾ اڄ به سرائڪي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي.

مبارڪ علي شيخ اياز جو خاندان "بلراڻي" آهي، جنهن جو جد امجد درگاهي شيخ هيو. سندن شجري مان معلوم ٿئي ٿو ته هي صاحب اصل شڪارپور جو ويٺل هو. رڳو قيمائيءَ (سندن محلي ۾ هڪڙو قيمو وڪڻند ڙ دڪان کولي ويٺو هو، جو ڏاڍو مشهور هو ۽ سڏبو ئي 'قيمائي' هو. سندس اصل نالو ڪنهن ڪونه ٻڌايو) جي دڪان ڀرسان کيس ٻه جايون هيون، جيڪي پوءِ سندس اولاد وڪڻي ڇڏيون ۽ هر هڪ جدا جدا جايون ورتيون. شيخ درگاهيءَ جي ڌنڌي جي خبر پئجي نه سگهي آهي.

مختصر شجرو



شيخ اياز جو ڏاڏو بنگل شيخ سن ١٨٤٨ع ۾ ڄائو ۽ چاليهن ورهين جي ڄمار ۾ ٢٠ اپريل ١٨٨٨ع ۾ انتقال ڪري ويو(٥). بنگل شيخ شهر جو بيٺل ماڻهو هو. سندس بيٺلائيءَ سبب سڄو پاڙو "بنگل جو پاڙو" سڏبو هو. شڪارپور جي ميونسپل جي آڳاٽي رڪارڊ ۾ اهڙيون شاهديون موجود آهن. هن پنهنجي پاڙي وارن جي سهنج ۽ سهوليت لاءِ هڪ کوهه به کوٽايو هو، جو ميونسپل جي رڪارڊ ۾ "حڪيم بنگل جو کوهه" ڄاڻايل آهي. بنگل جو شمار شڪارپور جي مشهور حڪيمن ۾ ٿيندو هو. سندس مطب تان ڏيهي توڙي پرڏيهي مريض علاج ڪرائي، صحت ۽ تندرستي ماڻي موٽندا هئا. هو ميونسپل جو ڪائونسلر به ٿي رهيو هو. حڪيم بنگل شيخ کي نريني اولاد ۾ ٻه پٽ هئا. هڪ جو نالو غلام حسين (شيخ اياز جو والد) ۽ ٻئي جو نالو جلال الدين هو. غلام حسين وڏو ۽ جلال الدين ننڍو هو. ٻنهي پنهنجي تعليم "ورنيڪيولر اسڪول نمبر اول" ۽ "ورنيڪيولر اسڪول نمبر ٻئي" مان حاصل ڪئي هئي. غلام حسين جي سربستي احوال پيش ڪرڻ کان اڳ جلال الدين جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو: جلال الدين (جنم: اپريل ١٨٨٧ع) پنهنجي پيءُ ۽ ڀاءُ وانگر ننڍپڻ کان ئي هوشيار ۽ چالاڪ هو. پنهنجي منفرد مزاج جو مالڪ هو. پاڙي وارا کيس "ڀائو جلال الدين" ڪوٺيندا هئا. گهڻي ۽ تڪڙي گفتگو ڪرڻ ڪري، پاڙي ۾ رهندڙ هڪ جيڏا کيس چرچي وچان ڀائو جلال الدين بدران "هائو هلال الدين" به سڏيندا هئا. اهڙيءَ ظرافت تي هُو کين ڪڏهن ڪڏهن مناسب موٽ به ڏيئي وٺندو هو. مت وارن ماڻهن ۾ سٺي ساک وارو مڙس هو.

غلام حسين شيخ:

کٽ واري دربار ۾ سوڳ جو سمان اڃا جيئن جو تيئن پيو ڏسجي. گرداسرام جي اگني سنسڪار کان پوءِ شمشان ڀوميءَ ۾ باهه جو توءَ اڃا موجود هو. يڳڙين ٿي ڪي پل پهر مس گذريا هئا ۽ هر طرف کان سنت-ساڌو، ٻاوا ٻانڀڻ ۽ ديالو ۽ وديالو پئي آيا ويا. ڌرم شال جي گديءَ تي ڪو گرو براجمان ڪين ٿيو هو، جو شهر ۾ ڪنهن ٻريل ٻنڀڻ کي ٻنجو ڏيئي سگهي ها. هيڏانهن حال اهو هو جو ڳالهه پئي هٿن کان نڪتي ويئي. اهڙيءَ حالت ۾ هرڪو مند. فڪريءَ ۾ منجهو- سنجهو هڪ ٻئي ڏانهن ڏسي رهيو هو ۽ اکين ئي اکين ۾ ڳالهائي رهيو هو. شهر جي مها پرشن جا ڇڪا ڇڏائجي ويا هئا. سڀ جي آڏو سوال جي نشاني هئي ته آخر ٿيندو ڇا؟ خاموش انقلاب جي کوري ۾ ٻرندڙ ڀنڀٽ کي ٺاٺارڪي بٺيءَ وانگر چؤطرف بند ڪيو ويو هو. ڇاڪاڻ جو ڌرمسال جي ڀرسان لُلن جو پاڙو اهڙو جهڙو نسورو جهيڙي جي جَڙ. اتي ڪا ٻاٻور پوي ته شهر ٻَري وڃي. اٺن ئي درن مان دونهان پيا نڪرن. ڪيئي خون ٿين ۽ رت جون هوليون کيڏيون وڃن. ڪنهن جي ڀيٽي هئي، جو اها آگ اجهائي. اهوئي ڪارڻ هو جو سنڌي اخبار جو سمپادڪ ديش ڀڳت ويرومل بيگراج اندر ۾ اٻڙڪي ته رهيو هو، پر لکي ڪجهه به نه پئي سگهيو. هر ڪو پئنچائتي پريزيڊنٽ بابو ريجهي مل کي اماڙيون ڏيئي رهيو هو ته "مکي! سموري جنتا جون اکيون تو ۾ آهن. تون ڇا ٿو سوچين، ڇا ٿو ڪ بن؟" ريجهومل ور ور اها ورندي ڏيندو رهيو ته: "ڀائي! ڳالهه ته ڏاڍي ڳؤڙي آهي! جَنڊ کڻ ته جنڊ ڳؤڙو، پُر کڻ ته پُرڳؤڙو، توهان مون کان وڌيڪ وديالو ۽ سرت ساڃاهه وارا آهيو. توهان ڪو دَڳُ- پيچرو ڏيوم." آخرمڪ مڪاتي اها ٿي ته پئنچات جو پريزيڊنٽ بابو ريجهومل، سيٺ چين راءِ جماڻي، ديش ڀڳت ويرومل بيگراج ۽ ديوان پيسومل وڪيل گڏجي ٺاڪري ٻائي جي گهر وڃي ڇوڪر "دادن" کي ڪا ميڙ منت ڪن ۽ ڌر ڪرم جا واسطا وجهي کانئس اهو وچن وٺن ته هوءَ ڌرم کي ڪو ٽڪو نه لائيندي، هيڏانهن ديوان بهادر مُرليڌر، تاراچند ڏيئومل گاجرا ۽ ڪن ٻين کي ان تي آماده ڪيو ويو ته اُهي غلام حسين کي پنهنجيءَ پر ۾ ڪهڙي به نموني ان اگري قدم کڻڻ کان جهلين. هو جيڪو به شرط وجهي، سو قبوليو وڃي.

پئنچات جي انهيءَ فيصلي تي عمل ڪرڻ لاءِ هر ڪو اڳڀرو ٿيو. سڀيئي پئنچاتي پئينچ "دادن" کي مت ڏيڻ لاءِ

سندس در لنگهي ويا. گهڻيون ئي ڳالهيون ٻولهيون ٿينديون رهيون. آخر بابو ريجهو مل اکين مان ڳوڙها ڳاڙي هٿ ٻڌي وينتي ڪئي ته: "جيجان! ريجهي کي مهت ڏي، مانُ ڏي، نه ته ريجهو رُلي ويندو. پئنچات ۽ جنتا آڏو ڪهڙو ڪنڌ کڻندو! تو جي ائين کُليو کُلايو ڌرم کي ڌڪي غلام حسين سان نڪاح ڪيو ته اسان جا جڻيا، تلڪ ۽ وَڇَن ته ويساهه وڃائي ڇڏيندا. پُٽَ! ڏاهي ٿي ڏاهي!" دادن چپ ڪري اهو سڀ ڪجهه ٻڌندي رهي. سندس دل تي پيل اهو وقتي اثر ايترو گهرو نه ٿيو. وڃڻ کان اڳ ويرومل وري کانئس پڇيو ته: "دادي! آخر اسان کي ڇا ٿي چوين؟ سڀيئي تو ۾ لک اميدون رکي آيا آهن." آخر هن وراڻيو ته: "دادا! دادن ڪندي اهو جو دادن جي دل چاهيندي." اهو ٻڌي سڀني جا تارا کُلي ويا. هر ڪو هڪ ٻئي ڏي واجهائي رهيو هو. ويرومل واري ڌِرُ جَهلي چيس ته: "سڀاڻي جي فساد ٿين ۽ غلام حسين کي ڪو ڦٽي يا ماري وجهي ته تنهنجو ڇا ٿيندو؟" دادن چيس ته: "ديش ڀڳت! اهو ٻڌي ڇڏ ته غلام حسين، سائين صالح شاه راڻي پور واري جو خاص ماڻهو آ. ان جا هتي ايترا مريد آهن، جيترا مٿي ۾ وار. ڏسان ته ڪير ٿو غلام حسين جو واڙ ونگو ڪري؟ هو منسپالٽي جو مير علوي جيڪو طبيب به آ ۽ هاڻي جج به ٿيو آهي (شڪارپور جي پهرين بئنچ ڪورٽ جو چيئرمين) اهو به هن جو گهاٽو سنگتي آ. دادا! تون دلجاءِ ڪر! مان کي ۽ غلام حسين کي ڪو اک کڻي ته ڏسي!"

سڀ پئنچ چُپ! ڪنهن کي نه پاپڙ وڻي نه پاڻي! سڀئي موٽي آيا. دربار ۾ پاٺ رکيا ويا، ڪٿائون ۽ ڪيرتن ٿيا. سڀ جي مک تي هو: "رحمي رحم ڪر! سچا سائين سمت ڏي! نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجو.....!"

ٻئي ڏينهن ٺاڪري ٻائيءَ جي ڄاڻي بيکي مل بڪاليءَ کي نوٽيس پڳو، جنهن تان پئنچات اهو فيصلو ڪيو ته دادن کي لاڙڪاڻي دربار ۾ وڃي ٽڪائجي ۽ مٿس ڪرڙي نظر رکي وڃي. زوريءَ، زبردستي دادن کي لاڙڪاڻي موڪليو ويو. دادن ۽ غلام حسين جو نينهن زخمي شينهن وانگر گجي رهيو هو. شيخ بنگل جي پاڙي ۾ هر ڪنهن جي وات اهائي وائي هئي ته حڪيم بنگل جو پٽ غلام حسين عشق مان ٿو پرڻجي! بنگل جي کوهه تان دلا ڀريندڙ هندن ۽ مسلمانن جي ڇوڪرين جي وچ ۾ اهڙي عجب جهڙي چؤپچو پئي هلي. آخر ڏينهن ڏهاڙو لنگهيو ۽ دادن دل جي چوڻ تي سسئيءَ وانگر پنڌ پيچرا لتاڙي، راتو رات لاڙڪاڻي دربار مان ڀڳي ۽ اڌ رات جو اچي غلام حسين جو در کڙڪايائين. اڍائي وڳي رات جو غلام حسين پنهنجي يتيم ڀاڻيجي صبغت الله شيخ کي ننڊ مان جاڳايو ۽ جهان خان مولوي کي سڏائي، مولوي عبدالغفور ۽ ڀائو جلال الدين کي شرعي شاهد ڪري دادن کي ايمان تي آڻي، اسلام قبول ڪرائي نڪاح ڏو. جيستائين سج ڪَني ڪڍي، تيستائين ٻڍا منڊليءَ کان شينهن واري اسڪول تائين (هندو سنڌي اسڪول نمبر ٣ کي پاڙي وارا شينهن وارو اسڪول به چوندا هئا، ڇاڪاڻ جو ان ۾ ڪاٺ جي درن ۽ دروازن تي رنبيءَ جي ڪاريگرن سهڻا ۽ وڏا شينهن اڪري ڇڏيا هئا) سڀني جي وات اها وائي هئي ته: غلام حسين شيخ جو رات اڍائي وڳي دادن سان نڪاح پئجي ويو. ڏينهن جي پهرين پَهر تائين شهر جي اٺن ئي درن تي اها عجب جهڙي ڳالهه پهچي ويئي.

غلام حسين شيخ جي جيون چرتر تي نظر ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته هو ٢٠ مئي ١٨٧٥ع تي شڪارپور ۾ تولد ٿيو. "ورنيڪيولر اسڪول نمبر پهرين" ۽ "ورنيڪيولر اسڪول نمبر ٻي" مان تعليم حاصل ڪيائين، جتي آخوند قمرالدين ولد فتح محمد صديقي و قريشي، عبدالقادر صديقي ۽ محمد صالح چغدي وٽ پڙهيو. ٻارهن ورهين جي عمر جو هو ته سندس پيءُ بنگل شيخ فوت ٿي ويو. تعليم جي حصول کان پوءِ شڪارپور جي ڪورٽ ۾ لا ايجنٽ Law Agent مقرر ٿيو. پنهنجي ذهانت ۽ ڏاهپ سبب وڏو نالو ڪڍيائين. کيس قانون جي سٺي ڄاڻ هئي. شڪارپور جا ڪي وڪيل به کانئس قانوني معاملن تي مشورا وٺندا هئا. پنهنجي محنت ۽ مشقت سان وڏي ملڪيت ٺاهي ورتائين.

ڪجھ ملڪيت ڪيس ورثي ۾ ٻه مليل هئي. هو پنهنجي زندگي ڏاڍي سُکي ستابي گذاريندو هو. لٽي ڪَپڙي ۽ اٽي ويني۽ ۾ وڏو نَفُ رکندو هو. شهر ۾ يا شهر کان ٻاهر وڃڻ لاءِ سواريءَ لاءِ پنهنجا پلا اُنَ ۽ گهوڙا ٻه پالیندو هو. هو وڏو جهان گرد انسان هو. سير ۽ سفر ٻه سندس خاص وندر ۽ مشغوليءَ ۾ شامل هو. سمورو هندستان گهميو. تاريخي شهر ۽ عمارتون ٻه شوق سان ڏسڻ ويندو هو. مطالعي سان بيحد رغبت هوندي هيس. سنڌي، اردو ۽ فارسي ادبيات جو وڏو ڄاڻو هو. حافظ، سعدي، رومي، جامي، بيدل دهلوي، مير، غالب، ذوق، امير خسرو، ڪبير، شاهه لطيف، سچل ۽ سامي کان سواءِ بيدل، بيڪس ۽ بيوس جي شاعريءَ جو ڇڪيءَ طرح اپياس ڪندڙ هو. "ديوان حافظ" ۽ "شاهه جو رسالو" بنا ناغي پڙهندو هو.

غلام حسين شيخ پاڻ ٻه شاعر هو ۽ پنهنجي شعر ۾ "فقير" تخلص ڪم آڻيندو هو. سندس ڪلام فارسي، سنڌي ۽ اردو ۾ موجود هو. فارسي ۾ صاحب ديوان هو. افسوس جو سندس سمورو ڪلام سندس پٽ شيخ اياز کان هڪ پيري شڪارپور کان ڪراچي ويندي ريل ۾ گم ٿي ويو. غلام حسين شيخ شڪارپور ۾ سيد صالح شاهه راڻي پور واري، مير علي نواز علوي، آخوند عبدالقادر "بيدل" پٽي ۽ آغا صوفي سان شعر ۽ سخن جون محفليون مچائيندو هو. سندس ڪلام مان ڪجھ نمونو مليو آهي:

ڇڏ هنيلي هام، هڻ ڪو نعرو نينهن جو،
دنيا ڄاڻي دلبو، ڇڏ تون خودي خام،
ته جوڳي توکي جام، پرتئون ڏين پُر ڪري.

*

ڇا جو خوص خيال، ڪجھ ڪجھاندر ناهي ڪو،
ڪڍ تون خودي خام کي، ته سولو آهه سوال،
وڃوڙو وصال، هڪ اٽيسئي اي هَيا!(٦)

فقير غلام حسين شيخ جو ڪلام سيد صالح شاهه جا فقير ۽ ڪي صوفي درويش خانقاهن ۽ محفلن ۾ ٻه ڳائيندا هئا. هو پنهنجي بيباڪي، صاف گوئي ۽ لاابالي طبيعت سبب ٻه گهٽو ڄاتو سڃاتو ويندو هو. وڏو خوش خط ۽ چترڪار ٻه هو. سندس هٿ جون ناهيل ٻه تصويرون شيخ اياز وٽ ٻه هيون، جي پوءِ پڄي پُري ويون. پنهنجو فارسي ديوان ٻه ڏاڍي شوق ۽ ذوق سان ناهي سينگاري لکيو هئائين. سندس ذاتي زندگيءَ تي نظر ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته هن پنهنجي حياتي نهايت آزاد مختياريءَ ۽ آزاديءَ سان گهاري.

غلام حسين شيخ ٽي شاديون ڪيون هيون. پهرين شادي محمد هارون شيخ صوبيدار جي ڀيڻ بيگم سان ڪئي هئائين. اها شادي ڏي وٺ تحت ٿي هيس ۽ پنهنجي ڀيڻ محمد هارون کي نڪاح ۾ ڏني. بي شادي بروهين مان ڪئي هئائين. اهو سڳ ٽکن ٽي ورتو هئائين. انهن بنهي گهر وارين مان ڪوبه اولاد ڪونه ٿيو هوس. سندس بي گهر واري ۱۹ اپريل ۱۸۹۲ع تي ۳۸ورهين جي عمر ۾ وفات ڪري ويئي هئي. سندس ٽين شادي جو ذڪر منڊ ۾ ٿي چڪو آهي. معاشقي جي شاديءَ وقت سندس پهرين گهر واري بيگم حال حيات هئي. دادن ۽ بيگم (جنهن کي بيگي ٻه سڏيندا هئا) جي پاڻ ۾ اٿبٽ رهندي هئي، جنهن ڪري غلام حسين بيگم کي طلاق ڏيئي ڇڏي هئي، جنهن جي بي شادي خير محمد شيخ قافلي واري سان ٿي هئي، جو ناڪي منشي هو. بيگم مطلقه ٿيڻ کان پوءِ اهو صدمو برداشت ڪري نه سگهي هئي، جنهن ڪري سندس نروس بريڪ ڊائون ٿي ويو ۽ سندس دماغ جا پردا خشڪ ٿي ويا هئا ۽ اڌ چري ٿي پيئي هئي.

غلام حسين کي ٽين شادي يعني دادن مان هڪ پٽ مبارڪ علي ۽ هڪ نياڻي سبحان خاتون جائي. غلام حسين ۱۲ مارچ ۱۹۳۵ع تي سٺ ورهين جي عمر ۾ انتقال ڪري ويو.

شيخ مبارڪ علي اياز

سنڌ جو عظيم شاعر ۽ نثر نويس مبارڪ علي اياز ولد غلام حسين شيخ ۲ مارچ ۱۹۲۳ع مطابق ۱۲ رجب ۱۳۴۱هـ، ۱۹ ڦڳڻ ۱۹۷۹ وڪرمي جمعي جي ڏينهن شڪارپور ۾ تولد ٿيو. پنهنجي والدين کي نرينه اولاد ۾ هي پهريون نينگر تولد ٿيو هو. سندس جنم کان اڳ هو ڏاڍا آسائتا ۽ سڪائتا هئا. انهيءَ ڪري نرينه اولاد ٿيڻ جي اڪير ۽ اکنڊ ۾ مالڪ کي پيا پاڌائيندا هئا. ڪيترن عارفن ۽ ولين وٽ يا درگاهن ۽ مزارن تي دعا طلبي لاءِ ويندا هئا.



پير سيد صالح حيلاني (راڻي پور)

مبارڪ علي اياز جو والد غلام حسين شيخ، راڻي پور جي بزرگ سيد صالح شاهه جو مريد ۽ خاص خليفو هو. روايت آهي ته هڪ پيري غلام حسين پنهنجي مرشد کي دل جي حضور مان عرض ڪيو ته: "قبلا! منهنجي غريب خاني تي هلي قدم گهمايو ۽ دعا ڪريو ته مالڪ حقيقي مون غريب جي ماڙ ۾ مهر جو مينهن وسائي ۽ نرينه اولاد عطا ڪري." اهو عرض ٻڌي سيد صالح شاهه کيس آٿت ڏينديِ چيو ته: "غلام حسين 'فقير' ! تون دلجاءِ ڪر. انشاءِ الله آڌ جمعي جي ڏينهن توهان جي گهر هلندس ۽ اتي توهان جي آڏو باري تعاليٰ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندس." اقرار موجب، اولياء الله سيد صالح شاهه سندن گهر آيو ۽ غلام حسين فقير کي دعا ڪيائين. وڃڻ وقت، ولي الله وقت پنهنجي مريد ۽ خاص خليفي فقير غلام حسين کي آٿت ڏيندي چيو ته "انشاالله تعاليٰ مالڪ جي مهر ٿيندي ۽ توهان جي گهر ۾ نينگر جو جنم ٿيندو. جنڻ وقت مٿس نالو مبارڪ علي رکيو وڃي. هو بيحد ذهين ۽ خوشحال ٿيندو. سندس نالو دنيا ۾ سج وانگر چمڪندو رهندو. ٻالڪ جي تن تي ڪٿي ڪو ڪارو نشان به ضرور هوندو." (شيخ اياز جي ٻڌيءَ تي ڪارو نشان هو) مرشد جي فرمان موجب مٿس مبارڪ علي نالو رکيو ويو. سندس ولادت تي وڌيون خوشيون ملهايون ويون. خير- خيراتون ٿيون. گهر ۾ ڪيتريون راتيون لاڌا ۽ سهرا ڳايا ويا. ڇٺيءَ رات ٻار جي ٻانهن ۽ ڳچيءَ ۾ سهاڳڻين سڪڙا ٻڌا. انسالينهن ورهين جي عمر کي پهتل غلام حسين ڏاڍو سرهو ٿيو. راڻي پور جي بزرگن، خليفن ۽ مريدن کي منهن مٺو ڪرايائين. پنهنجي سڪيلڌي پٽ جي پرڳهور لهڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي ڪونه ڪندو هو. ٻالڪ جيئن جيئن وڏڙو ٿيندو ويو، تيئن تيئن پيءُ سرهو ٿيندو پئي ويو. سندس ٻالڪپڻي واريون معصوم حرڪتون مان به پيو لطف اندوز ٿيندو هو. ٻالڪ جڏهن پير پير ڪٽڻ لڳو، تڏهن ڪيس پيءُ آگر ڪان وٽي پاڙي ۾ پيو گهمائيندو هو. اتفاق سان هڪ پيري ڪيس وڏي ماتا ٽڪري پيئي، جا ان زماني ۾ ڏاڍي خطرناڪ بيماري ليکي ويندي هئي. ٻالڪ جي جسماني پيڙا پيءُ ۽ ماءُ کي ڏاڍو پريشان ڪيو. دوائن سان گڏ دعائون به ٿيندیون رهيون. مالڪ جي مهر سان 'مائيءَ' موٽ ڪاڌي (شڪارپور ۾ جڏهن ٻارن کي ماتا چڙي ويندي هئي تڏهن چئبو هو 'مائيءَ' موٽ ڪاڌي) ۽ ٻار چاق چگو ٿيڻ لڳو. تندرست ٿيڻ کان پوءِ مٿي پائيءِ وڏو ويو ته خوشيءِ مان خيرخيرات ڪئي ويني ۽ گهر ۾ عورتن لاڌا ڳائي دادي مُبن ماءُ (مبارڪ علي جي ماءُ کي عورتون 'مُبن ماءُ' چوندیون هيون) کي مبارڪون ڏنيون.

مبارڪ علي جڏهن پنجن ورهين جو ٿيو، تڏهن سندس والد کيس ڪاٺ جي ڦرهي، ڪلڪ ۽ ڪاري مس ڪُٽڙي وٽي ڏيئي (۷) محلي جي "هندو سنڌي اسڪول نمبر ٽين" ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ وٽي ويو. اسڪول جو هيڊ ماستر ٿمڪٽداس جيتانند هو، جنهن مبارڪ علي جو نالو داخل ڪيو ۽ اسڪول جي جنرل رجسٽر ۾ ٦٤٨ نمبر تي اندراج

ڪيو ويو، مبارڪ علي جي داخلا جو فارم سندس والد غلام حسين شيخ پنهنجي هٿن اکرن ۾ ڀريو. فارم هن طرح ڀريل آهي:

سرٽيڪٽ

[illegible]

هيڊ ماسٽر [illegible] سڪول [illegible]

مبارڪ علي کي داخل ڪري ڪچي ٻاراڻي درجي ۾ ويهاريو ويو. ان زماني ۾ اسڪول ۾ جڏهن ٻار داخل ٿيندو هو، تڏهن ٻن سالن ۾ ڇهه مهينا ڪچو، ڇهه مهينا پڪو ٻاراڻو پوءِ هڪ سال پهريون درجو پڙهايو ويندو هو. هندو سنڌي اسڪول نمبر-٣ ۾ مبارڪ علي اهي پهريان مرحلا طئي ڪيا ته سندس والد کيس اتان نالو ڪڍرائي وڃي ورنيڪيولر اسڪول نمبر-٢ (هاڻوڪو جماڻي هال اسڪول) ۾ داخل ڪرايو، جنهن جو سبب اهو معلوم ٿئي ٿو ته مسٽر ٽهڪڻداس ڄيٺانند مٿس خاص توجهه نه ڏيندو هو. ورنيڪيولر اسڪول نمبر-٢ جو هيڊ ماسٽر سيد هدايت علي شاهه صاحب هو. شاهه صاحب جي وڃڻ کان پوءِ اسڪول جو هيڊ ماسٽر مسٽر واحد بخش پيرزادو مقرر ٿيو.



ورنيڪيولر اسڪول نمبر-٢، شڪارپور

مبارک علي کي اسکول جنرل رجسٽر نمبر ۳۹۳ موجب ۲ فيبروري ۱۹۳۱ع تي پهرين درجي ۾ داخل ڪيو ويو. ورنيڪيولر اسکول نمبر-۲ ۾ مبارک علي کي پهريون درجو محترم عبدالرحمان ولد محمد امين هڪڙي پاڙهيو، جو شڪارپور جو مشهور ۽ قابل استاد هو. تعليمي لحاظ کان مٿترڪ جو امتحان پاس ڪيل هو. مبارک علي کي ٻيو درجو محترم قاضي نجم‌الدين صاحب پاڙهيو، جو پڻ هوشيار استاد هو. اهڙيءَ طرح ٽيون درجو ڪيس محترم شير علي خان پٺاڻ پڙهايو هو. غالباً انهن ئي ڏينهن جو واقعو آهي ته مبارک علي کي هڪ پيري استاد صاحب ڪيس ڪنهن ڪم سانگي پنهنجي گهر موڪليو. استاد صاحب جي گهر واريءَ مبارک علي کي چيو ته: "پاڻيءَ جو گهڙو ڪٽي مٿي ڪوٺي تي رکي اڇ." اهو گهڙو ڪٽي هو جيئن ئي ڪجهه ڏاڪا مٿي چڙهيو، تيئن سندس نندڙن هٿڙن مان گهڙو چڏائجي وڃي ڏاڪڻ ۾ ڪريو ۽ ڀڄي پيو. مبارک علي ٻَو کان هيٺ لهڻ جي بجاءِ ڏاڪڻ ۾ ئي پنهنجي کاڏيءَ کي هٿ ڏيئي ويهي رهيو. هو خوف وارن خيالن ۾ گم سُم وينو رهيو. ڪيس وقت جو احساس ئي نه پئي ٿيو. کا مهل گذري ته ڪيس تلاش ڪيو ويو. جاچيندي جڏهن ڪيس ڏاڪڻ ۾ ڏٺو ويو، تڏهن هٿ کان وٺي ڪيس هيٺ آندو ويو. هو هيسيل ۽ دنل پئي لڳو. سندس معصوميت تي ڪهل ڪندي گهر وارن ڪيس معاف ڪيو ۽ واپس اسکول وڃڻ جي هدايت ڪئي وئي. هو سڏو اسکول آيو. استاد صاحب کانئس دير جو ڪارڻ معلوم ڪيو. مبارک علي سموري حقيقت استاد جي آڏو آندي. استاد صاحب کيس سزا ڏيڻ بدران ٿورا دڙڪا ڏيئي ويهاري چڏيو. ڪلاس جي شاگردن ۾ چوڦچو ٿي ته "مبن، سائينءَ جو دلو پڳو! مبن سائين.....!"



محترم عبدالرحمان هڪڙو

مبارک علي چوٿون درجو واحد بخش 'عاشق' پيرزادي وٽ پڙهيو، جو شڪارپور جي سڻ استادن ۽ شاعرن ۾ ليکبو هو. شاعريءَ ۾ سندس مرغوب صنف غزل هئي. ڪجهه اشعار انتخاب طور ڏجن ٿا:

عشق جي آزار وارن کي ستائڻ آ منع،
درد وارن بيقرارن کي ڏکائڻ آ منع.
در مٿي ديدار لئه تنهنجي قربان ٿو دلربا،
حسن حضرت ناز وارن کي لکائڻ آ منع.
سور سمٿن جو نه سل رک بند 'عاشق' تون زبان،
درد دل جو دلفگارن کي ٻڌائڻ آ منع. (۸)

پرائمري تعليم جي حصول دوران مبارک علي نصابي ڪتابن کان سواءِ قصن، ڪهاڻين ۽ داستانن جا ڪتاب به پڙهندو رهندو هو، جيڪي کيس والد صاحب "پوکرداس ٽانورداس تاجر ڪتب شڪارپور" جي دڪان تان خريد ڪري ڏيندو هو. هو پنهنجي والد صاحب وٽ شام جي وقت سنڌي، اردو ۽ فارسي به پڙهندو هو، انهيءَ ڪري هو پنهنجي ڪلاس ۾ پڙ هو. سندس والد صاحب کيس فارسي پاڙهڻ وقت نصيحت ڪندي چوندو هو: "پسر! بياموز تا پير شوي!" (پٽ! پيريءَ تائين سکندو [پڙهندو] رهه). مبارک علي پنهنجي ڪلاس ۾ پوئين وقت تي استاد جي حڪم موجب شاگردن کي ڪو قصو يا داستان ٻڌائيندو هو. هڪ قصو ڪجهه ڏينهن هلڻ کان پوءِ پورو ٿيندو ته ٻيو شروع ڪندو هو. سندس ذهانت ۽ حافظي تي سندس استادن کي به اچرج ٿيندو هو.

مبارڪ علي پرائمري تعليم جي حصول کان پوءِ انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڏهين اپريل ۱۹۳۴ع تي نيو ايرا اسڪول (موجوده گورنمينٽ قاضي حبيب الله هاءِ اسڪول شڪارپور) ۾ داخل ٿيو. سندس داخلا اسڪول جي جنرل رجسٽر نمبر پهرين جي صفحي ۵۱ ۽ ۵۲ تي ۱۸۱ نمبر تحت ٿيل آهي. نيو ايرا جو هيڊ ماسٽر (جنهن کي مئنيجر به سڏيندا هئا) مسٹر مينگهراج منشاراماڻي هو، جو نهايت ئي هوشيار ۽ قابل هو. سندس تعليمي دلچسپي ۽ محنت سبب اسڪول جو تعليمي معيار به قابل تعريف هو. اسڪول جي هوشيار ۽ قابل استادن مان مسٹر کيئلداس وليرام بيڪواڻي "فاني" ۽ مسٹر هاسانند پرسواڻي منفرد حيثيت جا مالڪ هئا. فاني صاحب ته پنهنجي بهترين شاعر هئڻ واري حيثيت ۾ به ڄاتو سڃاتو ويندو هو، پر هاسانند پرسواڻي به پنهنجي خاص دلچسپيءَ واري مضمون انگريزيءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو. اهڙن باشعور استادن جي محنت ۽ دلچسپين اسڪول ۾ جيڪو تعليمي، علمي ۽ ادبي ماحول پيدا ڪيو هو، سو هين تعليمي ادارن جي پيٽ ۾ ان کي انفرادي حيثيت ڏيو ڏياري. استاد، شاگردن ۾ علمي ڇاهه وڌائڻ لاءِ مطالعي جي آمادگي پيدا ڪندا هئا، سا شاگردن جو آرام به حرام ڪري ڇڏيندي هئي. اهي استاد اسڪول ٽائيم کان پوءِ به شاگردن کي بنا معاوضي پاڙهيندا هئا. اهو سلسلو ورهاڱي کان ڏهاڪو سال پوءِ به هلندو رهيو. شاگردن کي نصابي ڪتابن جي مطالعي کان سواءِ هين علمي ۽ معلوماتي ڪتابن پڙهڻ لاءِ لئبرريين ۾ به مطالعي جي ترغيب ڏيندا هئا. رسيس ۾ ضروري هو ته شاگرد لئبرريءَ ۾ مطالعو ڪن، جنهن جي نظرداريءَ لاءِ استاد مقرر ٿيل هئا. شاگرد صبح جو اسڪول ويندا ته



نيو ايرا اسڪول جو اندريون ڏيک.



مسٹر هاسا نند پرسواڻي

شام جو لئبررين ۾ ٻه اونڌي ڪنڌ پيا پڙهندا. استاد ڪلاس ۾ ايندا ته پهريائين ڪجهه وقت شاگردن سان ملڪي معاملن، اخباري خبرن ۽ شايع ٿيل رسالن جي مواد تي خيال آرائي ڪندا، پوءِ پنهنجو مضمون پاڙهيندا. بحث مباحثي، ڊبيٽ ۽ ناٽڪن لاءِ ڏينهن ڏهاڙا مقرر ٿيل هوندا هئا.

نيو ايرا اسڪول جا اهي اڳوڻا شاگرد پنهنجي حيثيت سبب اڄ جن مرتبن تي پهتل آهن، تن جو هڪ سبب انهيءَ اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ ٻه آهي. شيخ ايياز، نورالدين سرڪي، هوندراج داس، ٻهاري لال چاڙيا، سڳن آهوجا، رام جينملاڻي ۽ غلام الله اعوان (ٿميره زرين جو پاءُ) کان علاوه ٻيا ڪيترائي شاگرد جي مختلف شعبه حيات ۾ پنهنجي سجاڻپ رکن ٿا، سي ان ئي اسڪول جي پيداوار آهن. شيخ ايياز، جو ان زماني ۾ ايا شيخ ايياز ڪونه ٿيو هو ۽ مبارڪ علي 'مبارڪ' جي نالي سان سڃاتو ويندو هو، تنهن پنهنجي آتم ڪٿا "ڪٿي نه پڇبو ٽڪ مسافر" ۾ پنهنجي شاگرديءَ واري زماني تي گهٽو لکيو آهي، انڪري هتي ان تي وڌيڪ لکڻ بيجا ٿيندو. آءٌ رڳو نيو ايرا اسڪول جي ان زماني جي "ٻاراڻي ادبي ماحول" تي مختصر روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

مبارڪ علي سان گڏ تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن ٻهاري لال هريرام چاڙيا، هوندراج ايسرداس 'داس'، دياونتي ڏکر، گوپ مل ٽلومل ڏکر، امر.ايچ. پرسراماڻي، مرليڌر آهوجا، ڪنئيالعل گڳن مل، رامچند لوڪرام بيڪچنداڻي ۽ ڪشنچند سنتاڻي نيو ايرا اسڪول ۾ ادب ۽ ساهتيه جو جيڪو دلچسپ ماحول پيدا ڪيو، تنهن جي هوا ايتري ته تيزيءَ سان گهلڻ لڳي، جو وڃي ٻين اسڪولن جي شاگردن کي ٻه لڳي. شڪارپور هاءِ اسڪول جا شاگرد احسان بدوي، محترم محمد صديق هَڪڙو، محمد سومار سومرو ۽ حسن علي محمد يعقوب سومري کان علاوه "پريتم ڏرم سڀا" جا ڪجهه شاگرد ٻه وڏي دلچسپي وٺڻ لڳا. انهن شاگردن نه رڳو پڙهڻ ۾ پاڻ ملهايو، پر لکندا ٻه رهيا. سندن پختين تحريرن تي وڏن اديبن کي ٻه مات اچي ويئي! شڪارپور ۾ شاگردن جي ان منفرد ادبي ماحول وڏن اديبن ۽ شاعرن کي ٻه حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. ٻارڻن جي انهيءَ دلچسپيءَ اهو رنگ لاٿو، جو سندن "ٻالڪ ساهت منڊل" برپا ٿيا. هو پاڻ ۾ گڏجي ٻاراڻا رسالا ٻه شايع ڪرڻ لڳا. نيو ايرا اسڪول جي شاگردياڻي مس دياونتي هولارام ڏکر، جنهن جو پتا "هندو سنڌي اسڪول نمبر پهرين" جو هيڊ ماسٽر هو، تنهن جي سرپرستيءَ ۾ "آپ سڌارڪ منڊل" قائم ڪري ٻارن لاءِ ماهوار رسالو "ٻالڪ" جاري ڪيو. "ٻالڪ" جي ايڊيٽرس ۾ مس دياونتي هولارام ڏکر ۽ هوندراج "داس" (داس پوءِ پريتم ڏرم سڀا هاءِ اسڪول ۾ وڃي پڙهڻ لڳو) شامل هئا. رسالي جي بورڊ آف ڊئريڪٽرس جا عهديدار ۽ ميمبر هئا: سومار علي.ايچ.سومرو (چيئرمن)، رانجهومل اين نندواڻي، ٻلديو اين بجاج؛ هرگنداس ڪي پرسواڻي، لهرومل ايس پرسواڻي، ۽ مرليڌرڪي آهوجا ۽ ڪشنچند دياسنگهه (سيڪريٽري). هن هيٺ "ٻالڪ" ۾ شايع ٿيل ٻارڻن جي شعري تخليقن جا مثال ڏجن ٿا، جيئن ٻارن جي ادبي ماحول ۽ شعري ذوق جي تصوير چٽي ڏسجي.

غلام الله اعوان "غلام":

دل تان جهان جو شوق الاهي مٽائي ڇڏ،
حرص و هوس کي ترت مٽي ۾ ملائي ڇڏ،
ساڙي ڇڏي ٿي مون کي زماني جي بيرخي،
ان بغض واري باهه کي هيڪر وسائي ڇڏ،
"غلام" رڳو توتي رکيو آهي پروسو،
تون ٿي ته جنهن جون آرزون پوريون ڪرائي ڇڏ (۹)

حسن علي محمد يعقوب سومرو :

(طوطي جي آهه)

چنب ۾ چوڳو ڪٽي پيئي پڪاري ٽي ڏُکي،
منجهه اڳڻ هر هر اچي آکيرو پساري ٽي دکي
ظلم ڪنهن ظالم ڪري، ڪيا ماڻ کان ٻچڙا جدا،
نير نيٽن مان اجهل، هر هر ته هاري ٽي دکي،
پينگ آکيرو ڏسي، سا جوش ۾ ويئي جلي،
ظالمن جن ظلم ڪيو، سک نا سمهن ماڳان ملي (۱۰)

هوندراج "داس" :

(ٻالڪ)

دنيا ۾ جي عجائب، تن مان تون هڪڙو آهين،
پنهنجي متيء مشڪ سان دل سڀن جي ريجهائين،
ڌاهن ۽ وري ناهڻ ۾ ڪرين سڦلو سو سدائين
آهه غم نه ڪو الم ٿو پڻ دک ۾ سک تون پائين
آيو ڪٿان تون آهين؟ مون کي ته سل تون ٻالڪ
ڇا فرصت جي وقت توکي جوڙيو هو خاص خالق! (۱۱)

مس دياونتي ٺڪر :

داتار ديامڻ جڳ جا جياپا، ڪرٽا تنهنجي نياري آ،
قربان قادر تنهنجي قدرت تان، پکي پسون نر ناري آ.

سج جي روشني تون آهين ۽ چند جي چاندڻ ۾ تون چمڪين
چيهي، پپيهي، ڪوئل ۾ آواز تنهنجو هر باري آ

بادل بنائين بوندن مان ۽ بوندون برسائين بادل مان
حڪم تنهنجي سان هوا هلي، برسات به ان دم جاري آ (۱۲)

انهن نندڙن ادبين ۽ سخنورن جي خيالن جون موافقتون ۽ مخالفتون به ڏاڍيون من موهيندڙ هونديون هيون. سندن طبيعتن ۾ اهو ٻالڪپڻو به قائم رهيو. پر انهن جو شعور ۽ فطري ٻالڪپڻو پاڻ ۾ ملندا هئا ته جڏ نندڙا ٽئگور ۽ ٽالستاءِ، پُشڪن ۽ چيخوف پيا لڳندا هئا. کين نندڙين زندگين ۾ وڏپڻ جا احساس جاڳندا ته اها ڏک ڏيندا، جڏ ساهتيه جو سورج سندن ئي دم سان پيو اپري ۽ اُهي هو بولچند راجپال، رامچند ويرومل ۽ بلديو گاجرا جهڙن سمپادڪن کي به جڏ پنهنجا ٻالڪا جائيندا هئا. اهي به انهن ٻارڙن کي وڏي اهميت ڏيندا هئا ۽ ايترو همتائيندا هئا، جيترو پنهنجي اولاد کي.

مس دياونتي هولارام ٺڪر جي "ٻالڪ" رسالي کان سواءِ ٻهاري لال هريرام ڇاپڙيا "سدرشن" رسالو جاري ڪيو. "سدرشن" "ٻالڪ" جي مقابلي ۾ شايع ڪيو ويو هو. "سدرشن" جي سمپادڪي چُٽڪن(اِدارتي لِکت) ۾

"ٻالڪ" تي تنقيد ڪندي لکيو ويو هو ته: "شڪارپور مان ٻالڪن لاءِ اسان وانگر ٻالڪ مئگزن نڪرندڙ آهي. اسان سندس جنوريءَ جو پرچو پڙهيو. مگر افسوس جو هڪ ٻن ڳالهين کان سواءِ ڪابه ڳالهه ٻالڪن جي ڏانو جي ڪانه هئي. اسان سنڀاليندڙن جي خيال ۾ آڻڻ ٿا گهرون ته مئگزن کي سڌارين ۽ هرهڪ ڳالهه ٻالڪن جي ڏانو جي ڏين، ڇاڪاڻ ته ان جو نالو ئي آهي ٻالڪ مئگزن."

"سدرشن" رسالي کي هلائڻ لاءِ هڪ "ڪمار ڪلب" ٺاهي ويئي، جنهن جون باقاعده چونڊون ڪرايون ويون ۽ هيٺيان ٻالڪ چونڊيا ويا.

جنرل سيڪريٽري (ايڊيٽر): بهاري لال ايڇ. ڇاٻڙيا

آلبم لاءِ سيڪريٽري: لڇمڻ ايم. ماکيجا

پرولين لاءِ سيڪريٽري: سخاوت پي. موٽواڻي (اصل سلطان ڪوٽ جو)

"سدرشن" جي جنوري-فيبروري ١٩٣٨ع جي ساليانی پرچي ۾ مبارڪ علي شيخ (مبارڪ) جو "مردِ خدا" جي عنوان سان هيٺيون شعر شايع ٿيل آهي:

سدرشن (٦) جنوري فئبروري ١٩٣٨ع


مرد خدا
شعر

نه غم دنيا جو آ انکي، نه دنيا کان ڪنارو آه.
نه ڏيڻو آه، نه وٺڻو آه، نه حيلو آه نه چارهو آه.
نه پنهنجن سان محبت آه، نه نفرت غير سان انکي
سڀن ۾ ذات حق ڏسڻو، اهو انجو نظارو آه.
نه آهي شادشاهي ۾ گدائي ۾ نه غم انکي
جو آهي سوئي آه بهتر، اهو انجو نظارو آه.
ڪفر اسلام کان فارغ، نه ملت غرض سان انکي
نه هندو آه نه ڪي مسلم، سڀن کان پنٿ نيارو آه.

مبارڪ علي: شيخ (مبارڪ)

مبارڪ علي ايياز جو اهو پهريون شايع ٿيل شعر آهي، جنهن لاءِ لکي ٿو ته: "سڌرشن ۾ شايع ٿيل منهنجي غزل جي تخليق به هڪ عجيب تجربو هئي. انهن ڏينهن ۾ مون شڪارپور جي جُماٹي هال لئبرريءَ مان سوامي رام تيرٿ جون اردوءَ ۾ ڇپيل ڊائريون پڙهڻ لاءِ ورتيون هيون، جن ۾ رام تيرٿ جي زندگيءَ ان جا مشاهدا ڏنل هئا. انهن ڊائرين ۾ نظير اڪبر آبادي جا ڪجهه غزل به اتاريل هئا. مون اهي ڊائريون چوويهه ڪلاڪ ساڍهه پڙهيون هيون ۽ مون کان ڪاڏو پيتو نه وسري ويو هو. اها ڪيفيت اڃا طاري هئي ته اوچتو مون کي هڪ غزل سجهي آيو هو، جنهن ۾ به ٽي لفظ ان غزل جا هيا، جو مون سوامي رام تيرٿ جي ڊائرين ۾ پڙهيو هو." (۱۴) (شيخ ايياز جو اهو شعر سنڌو سڌو ترجمو آهي، جو اصل سوامي هيمراج جو آهي) (۱۵).

شيخ ايياز نيو ايرا اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران شعر و شاعريءَ جي باقاعده تربيت پنهنجي استاد ڪيئلداس "فاني" کان حاصل ڪندو رهيو. "فاني" صاحب پنهنجي دور جو نامياروشاعر ٿي گذريو آهي. شيخ ايياز سندس شخصيت ۽ شاعريءَ جي اعتراف ۾ پنهنجي نثر ۽ نظم جي ڪيترن ڪتابن ۾ گهٽو ڪجهه لکيو آهي.

فاني! او فاني! لافاني مون لاءِ تون،
تون جو طوفاني، آهين منهنجيءَ ذات



شيخ ايياز، ڪيئلداس "فاني" کان سواءِ علم ۽ عروض جا ڪجهه سبق مولوي عبدالغفور قاضيءَ کان به ورتا، جو پنهنجي دور ۾ شڪارپور ۾ پنهنجي والد قاضي بهادر علي شاهه کان پوءِ يڪانو عالم ليکبو هو. شيخ ايياز قاضي عبدالغفور وٽ فارسي به پڙهيو. قاضي صاحب عروضي شاعريءَ کان سواءِ بيت، دوها ۽ ڪافيون به لکيون آهن. هي عالم سڳورو ۲۶ جون ۱۹۶۶ع تي وفات ڪري ويو.

آهيان مان سلطان،
تنهن ۾ ناهين شڪ گمان.
مڪو مان هان- مدينو مان هان،
مان هان سارو قرآن.
گنگا مان هان- جمنا مان هان،
مان هان وید پران.
احد مٿون احمد ٿي آيس،
خود ڪرشن ٿيس کان.
عشق اوتارو منهنجو آهي،
لاريب في فرمان.
رمز رندي ڪي رند پروڙن،
مرد هجي مردان.
خود ٿي آئين يار تون "قاضي"،
آهين سچو سبحان. (۱۶)

شيخ ايياز جو ڪلام سندس ننڍپڻ ۾ ئي وڏن وڏن رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيڻ لڳو. سندس ٻيو شعر ماهوار رسالي "سنڌو" جي نومبر ۱۹۳۸ع جي شماري ۾ شايع ٿيو:

سفيدي سبز پوشي اڄ ڪڪر ڪٽن نا ڪري آيا،
گوالن جٽن متي تي موڙ مان مٽڪي ڏري آيا،
برهمن ڪعبي لئہ ڪوزو گنگا جل مان پري آيا،
پئي هڪ بوند بارائي صدف جي وات وه وه وه،
اڙي! برسي آ برسن کان وري برسات وه وه وه!

٢

عجب رنگت اچي وئي آ نظر ڪر ڏس جهان ۾ جٽن،
ڳلي ڪوچي ڪچي رستي ۽ هر ڪون و مڪان ۾ جٽن،
نظاري نور نرمل سان، ڪٽي ڏس آسمان ۾ جٽن،
رتل پوتي ستارن سان رسيلي رات وه وه وه،
اڙي! برسي آ برسن کان وري برسات وه وه وه!

٣

اَها! ڇا گاهہ گلزاريءَ تي گلڪاري چمن ۾ آ،
چگي چوڪي ٽي چتسالي رنگين پوپٽ پرن ۾ آ،
سچي سرمائيداري اڄ صفا سوسن سمن ۾ آ،
هوا ڏي هيج هيڪاري پکين جي لات وه وه وه،
اڙي! برسي آ برسن کان وري برسات وه وه وه!

۴

لڏي لامن تي لٽڪي مان عجب ڪوئل ترانو آ،
'پيا' 'پيا' پريم مان بولي پپيهي شادمانو آ،
ڪري گفتار گاڏيرڙ چيو "ماضي فسانو آ"،
چمن ۾ چوچ مان بلبل بره جي بات وه وه وه،
اڙي! برسي آ برسن کان وري برسات وه وه وه!

۵

بيابان ٽيو آهي بستان ٽيو آ گاهہ گلزاري،
چمن ۾ اڄ بهاريءَ جو ڏٽي ٽي داد ديداري،
افق جي ۽ شفق جي پٽ عجائب آ مزيداري،
پرستان جي پريزادي پسون پرپات وه وه وه،
اڙي! برسي آ برسن کان وري برسات وه وه وه!

٦

الاهي عشق جوئي چؤطرف جوش و جنون آهي،
چيو هر خون جي قطره پڪاريو لونءَ لون آهي،
جتي جانب وجان ٽو ات ترانو تون ٽي تون آهي،
'مبارڪ' جي زبان کي پٽ سندءِ ٽي تات وه وه وه،
اڙي! برسي آ برسن کان وري برسات وه وه وه! (١٧)

اهو زمانو شيخ اياز جي تربتي ۽ مطالعي وارو زمانو آهي. هو باقاعده ڪيئلداس "فاني" کان شعر جي فني لوازمات جي سکيا وٺندو هو. فاني صاحب اصل ته ميان جي ڳوٺ جو هو، پر پنهنجي نوڪريءَ جي سانگي سان شڪارپور ۾ ڊونگ واري اسپتال جي پرسان هڪ هاسٽل ۾ رهندو هو، جتي ساڻس گڏ هاسانند پرسواڻي به قيام پذير هوندو هو. اسڪول ٽائيم کان پوءِ شيخ اياز پنهنجي استادن وٽ تربيت حاصل ڪرڻ ويندو هو. فاني ڪيس شاعريءَ جي سکيا ڏيندو هو ته پرسواڻي کان هو انگريزي سکندو هو. هن اتي فاني صاحب کي ذات سان هٿ هٿ ۾ ملائي هلندي ڏٺو. هن کي پنهنجي استاد جي تخليقي ڪيفيتن کي به ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو موقعو مليو.

فاني صاحب ۱۹۹۵ع ۾ پوپال ۾ گذاري ويو. ۱۹۹۰ع ڌاري اياز صاحب جڏهن پارت ويو ته پنهنجي پيڙي استاد محترم سان سندس ملاقات به ٿيس. منهنجي ساڻس خط و ڪتابت به رهي ۽ مون جڏهن سندس شاعري گڏ ڪري، مجموعي ۾ ترتيب ڏني ته ڏاڍو سَرهو ٿيو. "سمنڊ سمايو بوند ۾"، ۱۹۹۵ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.



شيخ اياز ۽ سندس استاد ڪئلداس فاني

شيخ اياز تي انهن پنهنجي استادن جي تربيت جو ايترو گهرو اثر ٿيو، جو هو هڪ ئي وقت وڏي دلچسپيءَ سان پڙهڻ کان سواءِ لکڻ ۽ اسڪول جي تقريري مقابلن ۽ بحث مباحثن ۾ به حصو وٺڻ لڳو، جن ۾ هن مثالي ڪاميابيون حاصل ڪيون. هو نه رڳو شڪارپور جي هاءِ اسڪولن جي تقريري مقابلن ۾ پنهنجي "نيو ايرا اسڪول" جي نمائندگي ڪندو هو پر شڪارپور کان ٻاهر حيدرآباد ۽ ڪراچي وڃي به تقريرون ڪندو هو ۽ انعام اڪرام حاصل ڪري ايندو هو. انهيءَ شوق ۾ هو اردو ۽ انگريزي رسالن جو به گهرو مطالعو ڪندو هو. مسٽر هاسانند پرسواڻي ڪيس ڪيترائي انگريزي رسالا ٻاهران گهرائي پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. سندس هوشياريءَ ۽ ڏاهپ سبب هاسانند پرسواڻي صاحب کيس ايڏو پائيندو هو، جو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڳوٺ رستم به وڃي ويندو هو.

ڪيئلداس فاني ۽ هاسانند پرسواڻي کي موسيقيءَ سان بيحد لڳاءُ هو. هتن شڪارپور ۾ سُڪپل تي هڪ سنگيت منڊل به قائم ڪيو هو، جنهن ۾ هو دلي وندر کان سواءِ پنهنجن شاگردن کي به سنگيت سکيا ڏيندا هئا. انهيءَ سنگيت منڊل جو نالو مسٽر هاسانند پرسواڻي پنهنجي ڳوٺ جي نسبت سان "رستم سنگيت منڊل" رکيو هو. شيخ اياز ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن استادن سان ملڻ لاءِ يا موسيقيءَ جي محفل ٻڌڻ لاءِ "رستم سنگيت منڊل" ۾ به ويندو هو. فاني صاحب موسيقيءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ پارکو هو.

شڪارپور جو منفرد ماٿو سومر دت گاجرا (جنم ۱۹۱۴ع-ديهانت ۱۹۶۹ع)، جيڪو رياضي ۽ انگريزيءَ جو وڏو ماهر هو، اُن لاءِ شيخ اياز لکي ٿو ته: "مان جڏهن پڙهندو هوس ته سومر دت نالي هڪ ماسٽر دنيا جو پهريون هپي هو، جو شام جو لکي در کان استيشن تائين چڪر ڏيندو نظر ايندو هو. سومر دت زال جيڏا وار ڪلهن تي چوڙي چڏيندو هو ۽ هندو زالن وانگر ريشمي قميص ۽ پتلون پائيندو هو. جيڪو به ڪيس ڏسندو هو، هن کي زناٽو چوندو هو." (ڪتي نه پڇبو ٽڪ مسافر ص ۲۶۹).

سومر دت جيترو رياضيءَ جو ماهر هو، اوترو انگريزيءَ جو به ڄاڻو هو، پر رياضي هن جي خاص سڃاڻپ هئي. شڪارپور جا هزارين هندو مسلم نوجوان سندس شاگرد رهيا. هو روزانو شام جو ڪٽ واري ڏرمر سالا وٽ شاگردن کي ٽيوشن پاڙهيندو هو ۽ هر هڪ شاگرد کان روز پنهنجي في ان آنا وٺندو هو، جنهن مان انهن ئي شاگردن کي نقل، پيڄڙا، ڪشمش ۽ پيون شيون وڻي کارائيندو هو. هن هڪ ننڍڙو ڪتاب "A BATTLE-SCENE AT KARBALA FROM SHAH ABDUL LATIF" جي نالي سان لکيو. پندرنهن صفحن تي مشتمل اهو ڪتاب ڪوهنور پريس

شڪارپور مان ڇپيو. ڪتاب ۾ شاھ صاحب جي رسالي مان سرڪيڏاري جي بيت جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيل آھي. جنھن مان مثال ڏجن ٿا:

گھوڙن ۽ گھوٽن جيئن ٿورا ڏينھڙا،
ڪڏھن منجھ ڪوٽن، ڪڏھن راھي رڻ جا.

Horses and heroes have short a lease,
Sometimes they dwell in cities, sometimes function on the fields.

بھادر گڏيا بھادرين کرڳ، کلو ڪن،
وجھن ڏڙ ڏڙن تي، ھاڪاريو ھٽن،
ڪرن ڪنڌ نچن، رڻ گجيو راڙو ٿيو.

Brave met brave and Swords make clatter,
Striking limb on limb, they attack with a challoage,
Heads tumble from their trunks, and plain resounds with roaring.

سومر دت جا مٽ مائٽ ورھاڪي کان پوءِ شڪارپور ڇڏي ھندستان ھليا ويا. گھٽي زور پرڻ تي ۽ ھي سائين گڏ نہ ويو ۽ نابري واري ويھي رھيو. اڪيلو تن تنھا رھڻ لڳو. چوندو ھو تہ اڪيلائيءَ ۾ ايشور ملي ٿو. ھو انسانن سان گڏ پکين ۽ جانورن سان بہ پيار ڪندو ھو ۽ انھن جي شيوا بہ ڪندو ھو. ٻلين سان بيحد پيار ھو. ھو انھن کي ائين پالينڊو ھو، جيئن ڪو اولاد تاتي. ھن جي لاءِ مشھور ھو تہ ھڪ ڀيري ھو امتحان جي ڊيوٽي ڪري رھيو ھو تہ اوچتو خيال آيس تہ ھو اڄ ٻلين کي کاڏو نہ ڏيئي آيو آھي، تنھنڪري اسڪول انتظاميہ کي گذارش ڪيائين تہ سندس جاءِ تي ڪنھن ٻئي استاد کي مقرر ڪيو وڃي. مگر انتظاميہ کيس ڏيوانو ڄاڻي ڪو توجھہ نہ ڏنو، ان ڪري پاڻ بلاڪ ڇڏي ھليو ويو. ٻئي ڏينھن کانئس سبب پڇيو ويو، جنھن جي جواب ۾ لکيائين تہ: "مان کالھہ ٻلين کي رسوئي کرائي ڪونہ آيو ھوس، تنھنڪري اھو ڄاڻي ھليو ويس تہ امتحان جي ڊيوٽي کان وڌيڪ اھميت ساھوارن جي ڊيوٽي ڏيڻ آھي." سومر دت جا اھڙا واقعا ڪوڙ. سندس شخصيت تي اسان جي اعليٰ ادیب بشير موريائي صاحب ھڪ افسانو "پريم" جي نالي سان لکيو آھي، جنھن مان سومر دت پيو جھاتيون پائي.

شيخ ايار کي ڇھين درجي انگريزيءَ ۾ نيو ايرا اسڪول کي الوداع چوٽو پيو، ڇاڪاڻ جو نيو ايرا اسڪول، بمبئي يونيورسٽيءَ جي ميٽرڪ جي امتحان لاءِ سينٽر جي حيثيت رکندڙ نہ ھو. انھيءَ ڪري شيخ ايار يارھين اپريل ۱۹۳۹ع تي وڃي ھاءِ اسڪول شڪارپور ۾ داخل ٿيو، جتان ۳۱ مارچ ۱۹۴۱ع تي بمبئي يونيورسٽيءَ جو امتحان پاس ڪري نڪتو.

شيخ ايار ساڳئي سال چيلاسنگھہ ۽ سيتلداس ڪاليج ۾ فرسٽ ايئر ۾ داخل ٿيو، جتي ھو ھڪ ئي وقت پنھنجي نصابي تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ دنيا جي ادب، سياست، مذھبيات، فلسفي، منطق، آرٽ، اقتصاديات، انقلاب، نفسيات، سائنس، تاريخ ۽ تنقيد جو گھرو اپياس ڪرڻ لڳو. ڪاليج ۾ ڪيس پروفيسر حشمتراء چوٿرام ملڪاڻي، پوجراج ھوتچند ناگراڻي، پروفيسر ھاشمي، پروفيسر گاجرا، واسواڻي، گني، گھنشام داس مٽراڻي، پٽاچاريہ، نقوي ۽ پروفيسر خان جھڙا استاد مليا، جي علم ۽ تعليم جا اوچا روشن مينار ھنا.

پروفيسر پوجراج ناگراڻي سنڌيءَ جو پروفيسر ھو، جنھن "سامي جا سلوڪ" سميڙيا ۽ اعرابن جي مسئلي تي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي سان علمي اختلاف ڪيو. پروفيسر حشمتراء ملڪاڻي بہ ڪمال جو ليکڪ ھو. سندس تحريرون "سنڌو" رسالي ۾ ڇپيون ھيون. پروفيسر ھاشمي پرڻن جو استاد ھو، پر ايڏو قابل ھو جو ڇٻو ھو تہ فارسي جڻ آھي ئي ھاشميءَ جي دم سان زندھہ. پروفيسر واسواڻي وري انگريزيءَ جو استاد ھو. ھوشيار وري ايڏو

جو پروفيسر ۽ ڪيس انگريزي ادب جو 'ياد حافظ' چوندا هئا. سندس مٽ جيڪڏهن هو ته پروفيسر گني هو، جو پڻ انگريزي پاڙهيندو هو. بنهي کي جيڪڏهن پرک جي ساهميءَ ۾ ويهاربو ته پُڙ ڪڏهن واسواڻي ته ڪڏهن گني جي پاسي ڏي جهڪندو، پر سڏو ٻيهي نه سگهندو. پروفيسر متراڻي لاڄ پاڙهيندو هو. فلسفي ۽ منطق ۾ متراڻي بنهنجو مثال پاڻ هو. شڪل شبيهه ۾ ئي فيلسوف لڳندو هو. ڪلاس ۾ ٻيهندو ته پيو گرجندو ۽ گجندو. سندس شاگردن تي ايترو اثر پئجي ويو هو، جو هن جو شاگرد ڪٽي ٻيهي ڳالهائيندو هو ته ٻڌڻ وارو هڪدم ڪانئس سوال ڪندي پڇندو ته "متراڻيءَ وٽ پڙهيو آهين؟" جي شاگرد هائوڪار ڪئي ته اڳلو هٿ جوڙي چوندس ته: "پوءِ توسان پيتي ناهي!"

سي. ايند. ايس ڪاليج جو اوج ۽ اقبال ۽ انهن استادن جي ڏينهن ۾ هو. ڪاليج جيڪڏهن بمبئي پريزيڊنسيءَ تائين شهرت حاصل ڪئي ۽ ته انهن عالي دماغ استادن جي دم سان. ڇا ته ماحول هو ڪاليج جو! شاگرد جي گهر ڏانهن موٽڻ تي دل ئي نه ٿيندي هئي. سڄا ڏينهن ۽ راتيون شاگرد ڪاليج ۾ ٻيا هوندا. اهي استاد صبح جو بنهنجن پکن مان نمي سنپري نڪرندا ۽ بگين تي چڙهي ڪاليج ڏي مهڙ ڪندا ته لڳندو ته جڻ علم جا سمند وڄي ڪاليج ۾ جوڙ ڪندا. تعليمي سرگرمين کان سواءِ راندين، تقريرون، تجربا، محفلين، مشاعرا ۽ موسيقيءَ جون محفلون ڪاليج جي سڃاڻپ هوندين هيون.

اونهارو ايندو ته ڪاليج جا شاگرد پرنسپال ڪٻٽن هزاريءَ جي سرپرستيءَ ۾ سنڌ واهه جا سير ڪندا. ڪاليج انتظاميه دريائي سيرن لاءِ اهڙين سهڻين ۽ وڏين ٻيڙين جوڙائين هيون، جو ڏٺي دل ٻئي سُرڪندي. اهڙيءَ طرح دريائي سير لاءِ شاگردن جون پوشاڪون به الڳ ۽ منفرد. شاگرد سنڌ واهه تي ساز سامان سان پهچندا ته معلوم ٿيندو ته جڻ وڏا علم جا اڪابر پدڇي ويا. شهر جا ٻيا ماڻهو استادن ۽ شاگردن جي عزت ۽ احترام ۾ اهي تڙ ئي چڏي ويندا. شاگرد چڊين ۽ گنجين سان ٻيا تڙڪندا، پلين تان ٽپا ڏيندا ۽ لاٽون پوندا. ڪي ٻيڙين جا ونجهه هلائي ٻيا ريسيون پچائيندا. ڪي هڪ هنڌان ٻئي ڏانئي جو ويندا ته وڃي الائي ڪٿان جو ڪٿان پهچي ظاهر ٿيندا. ڪاليج جا پٽيوالا شاگردن ۽ استادن جي خدمت لاءِ هڪيا حاضر، ٻيا چوڪرن کي پاڻي پيارينداِ، انب کارائيندا، کارڪون ڏيندا ۽ طعام تيار ڪري ڏيندا. ڏينهن ڦرندا ته قافلا موٽندا.

ڪاليج جا شاگرد صحت ۽ تندرستي برقرار رکڻ لاءِ ٻيا ورزشون ڪندا، پاڻ کي ناهيندا. جسم جي ديکا ديکي پئي ٿيندي. ڪي شاگرد ڪاليج ۾ ورزش ڪن ته ڪي شهر ۾. هندو راما مورتيءَ جمنا مورتيءَ جي آکاڙي ۾ زور آزمائي ڪن ته مسلمان استاد واحد بخش لوهر جي آکاڙي ۾ پجريون ڪٽن. سندن سڊول جسم ڏسي حيراني ٿيندي. هو پنهنجي ان طاقت جو مظاهرو وري ڪاليج ۾ ٿيندڙ راندين جي موقعن تي ڪندا. نيزي بازي، هاءِ جمپ، ايٿليٽڪ، ڪرڪيٽ، دوڙ، ڪبڊي، ملهه، ونجهه وٽي ۽ ڪوڏي ڪوڏي جا منظر ڏسڻ وٽان هوندا. اهڙيءَ طرح علمي بحث مباحثا ٿين ته چوڪرا ٻيا پڙهن ۽ ديوان واِنگر ٻيا ڳالهيون ۽ علمي نڪتا ياد ڪن. هندو پڙهائيءَ ۾ مسلمانن سان نه پُڄن ته رات جو پٽ ۾ لڳل ڪوڪن ۾ پنهنجون چوٽيون ٻڌي ويهي پڙهن ۽ نند جي جهوٽي اڇڻ سان چوٽي پٽڻ ڪري ويهي ڪتاب پڙهن. پڙهي پڙهي پنهنجا منهن ۽ جاڳي جاڳي تارا سجائي چڏين. مقابلا ختم ٿين ته پوءِ سندن ننڍون شروع. ساريون راتيون ۽ ڏينهن ٻيا بسترن تي ليٽڻبا.

ڪالج ۾ مشاعرا ٿين ته راتيون جون راتيون ٻيا شعر گوئي ڪن. اهڙن موقعن تي ئي ڪين پرينءَ کي پيغام ڏيڻ ۽ رنڀن کي پرچائڻ جا وجهه ملندا. چاڪاڻ جو ڪاليج ۾ Co-Education هلندڙ هئي ۽ شاگرد علم ۽ تعليم جي حصول کان سواءِ محبوبائن جي زلفن ۽ ڪاڪلن جا قيدي ٿين ۾ به اڳرا هوندا هئا. ڪلاسن ۾ خاموش ويني ويني به ٻيا نيٽن جا نيزا هڪ ٻئي کي ڇپيندا. چوڪريون جو پلا نمي سنپري (سادگي سان) ۽ تڙ ڦليل ڪري وار ڪولي لنڊيون پانهون (جولا لنڊين پانهن سان پدربندين هيون. ڪي سڄيون پانهون به پائين) پائي ايندين ته سندن گلاب جي گلن جهڙيون پانهون ڏسي نوجوان ٻيا ڪباب ٿيندا هئا. ها، اها ڳالهه ضرور هوندي هئي ته چوڪريون پلي ڪيڏو به سينگار

ڪري اچن، پر ڳرن زيورن ۽ قيمتي ڪپڙن جي بلڪل منع ۽ ممانعت هوندي هئي. سندن اها سادگي ۽ قدرتي خوبصورتي اکين ۾ پيل ڪاري ڪجل سبب اهڙي نکري پوندي هئي جو چوڪرن جون واڇان وڄي ڪنن سان لڳنديون هيون. اهڙي عالم ۾ عينن جا عقاب پيا لڙندا. نظرن ئي نظرن ۽ اشارن ئي اشارن ۾ نفي ۽ اثبات جون منزلون طئي ٿيندیون. چوڪرا ڪو نياپو سنيهو يا چٺي چپاتي پنهنجي دل گهرين محبوبائن کي ڏيڻ چاهيندا ته مجال آ ڪنهن کي جو اها دوبدو ڏين ونن. اهڙن مرحلن ۽ معاملن ۾ پيا پٽيوالن کي پنهنجو ڪندا. کين خرچيون ڏيندا، مال ڪارائيندا ۽ همراز بڻائڻ لاءِ پيا جتن ڪندا. پٽيوالا به نامابري کي عيب ڄاڻن، ان ڪري چوڪرا انهن کي منٿون ڪن ۽ ساڻن دوستيون رکن، خوشامنديون ڪن. تڏهن وڄي کي ستيون ساب پون. پٽيوالا جڏهن ساڻن سهمت ٿيندا ته پيا پرين؞ تي نظر رکندا. پيام ۽ پيغام ڏيندا. انهن پيامن ۽ پيغامن جي ڏي وٺ وقت سرخم ڪري نامه بر کي دل جون ڳالهيون دل ۾ رکڻ جون هدايتون ڪبيون ۽ واسطا وجهيا. طالب نه چاهيندا ته سندن مطلوب ڪنهن ٻئي ڏي اک ڪٽي ڏسي، يا ڳالهائي. جيڪڏهن اهڙي ڪا چوري پڪڑي ته پٽيوالا پاڻ کي منو ڪرڻ لاءِ ٺڪ چغلي هڻندا. پوءِ طالب پيا سيخ تي ماهه وانگر پچندا، جيستائين وڄي کي يقين يا عين‌اليقين ٿين. ايڏن معاملن ۽ مرحلن کان پوءِ ڪستوري ڪلندي هڪڪار ٿيندي ۽ ميل ملاقاتين جا مرحلا ايندا. ها! ته ڳالهه پئي ڪئيسون مشاعرن جي محفلين جي. سخن جون محفليون شروع ٿيندیون ته شاگردن سان گڏ شاگردياٽيون به شاعرن ۾ شمار ٿيندیون ۽ ڪاليج جي اسٽيج تان گوهر افشاني ڪنديون. شعر پڙهندي، سندن نظرون پرين؞ جي پيشاني؞ تي ڪتل رهندن. هت انهن شاگردن جي احساسن جي تصوير ڪشي ڪرڻ لاءِ به چار مثال ڏجن ٿا.

مبارڪ علي "مبارڪ"

نديءَ جي پر، جهڙالي رات اي دوست،
بپا آ محشرِ جذبات اي دوست!
فضائي، روح پرور چؤ طرف
پوءِ آهسته ٿي برسات اي دوست!

* * *

لڳو واءُ آيون به تاريون نمي
به گل ڳل ڇمائي جدا ٿي ويا
محبت مجائي جدا ٿي ويا.

روشن آرا مغل:

سُر تو سوين سٽائين، هر تار ٿو وڄائين،
ڪنهن وقت ٿو روئارين، ڪنهن وقت ٿو ڪلائين،
ڪولي نٿو ٻڌائين،
پر راز زندگي جا،
او ساز زندگي جا!

محمد نعيم صديقي "وجدي":

شڪر الله جو اڄ دوست جو آيو ڪاغذ،
رات اشڪن جو لکڻ تي هو پسايو ڪاغذ،
سو مون سيني جي تپت ساڻ سڪايو ڪاغذ،
همنشينو ٿي حزين دل کي مسرت حاصل،
شڪر الله جو اڄ دوست جو آيو ڪاغذ.

احسان احمد بدوي:

وري ياد آيا اشارا ڪنهين جا،
اکين ۾ سمايا نظارا ڪنهين جا،
اسان جي محبت جو ٿي گيت ڳائي،
ٿين ٿا جهان ۾ اشارا ڪنهين جا.
اسان جو ستارو هنن جي محبت،
نجومي پلي ڏس ستارا ڪنهين جا.

لعل محمد "لعل":

خدا ڪري تہ سڄڻ تنهنجو مون سان پيار هجي،
سدائين پير ۾ هجين، توتي اختيار هجي.
بهار بٹجي خود آغوش ۾ پرين آيو،
نظارو "لعل" اهو شال بار بار هجي.

ميمڻ غوث بخش "شمع":

پناهِ عشق توکان ٿي گهري پهلو ۾ دل منهنجي،
جا مرغِ نيم بسمل جان سدائين بيقرار آهي
ڇپائي زخم ڪيئن ڇرڪي نماري نوکِ خنجر ۾
ڪري قاتل جي قدمن ۾ سدائين خونبار آهي. (۱۸)

اهڙن مشاعرن جون محفليون چانڊوڪين ۾ ٿيندیون. محفل جي اختتام محل بگيون پرجي هلنديون. ڪي پريمي ٽانگي نہ ملڻ جو بهانو بڻائي پنڌ هلندا ۽ آهستي آهستي پهريائين دوست کي در تي ڇڏي، پوء پنهنجي گهر منهن ڪندا. ڪيترن شاگردن جا ان دور جا معاشقا ۽ محبتون مشهور ٿيا ۽ مثال ٿي ورجايا ويا. شيخ ايار جا بہ "مَنو" ۽ "روشن آرا" کان سواء پيا بہ ڪي محبت جا مامرا آهن، جي گهڻو مشهور ٿيا.

ڪاليج جي لکيل پڙهيل شاگردن ۽ شاعرن ۾ شيخ ايار، نعيم وجدي ۽ لعل محمد لعل، (جيڪو اڳ ۾ 'احمر' تخلص ڪندو هو ۽ پوء "لعل" ٿيو) گهڻو مشهور ٿيا. اهي صبح شام گڏ هوندا هئا. شام جو ملندا تہ شڪارپور جي باغن بستانن جا چڪر لڳائيندا يا ڪڏهن رستم رود ويندا تہ ڪڏهن سنڌ واهہ تي. ڪڏهن استيشن رود جا چڪر ڏيندا تہ ڪڏهن قافلي قلعي ويندا. ڪڏهن ڪو سائن نہ ملي تہ هڪ ٻئي لاء حيران پريشان. اڪثر ڪري شيخ ايار پنهنجي شاعرانہ طبيعت موجب ڪڏهن ريلوي استيشن وٽ تہ ڪڏهن رستم رود تي خانہ بدوشن کي ويهي ڏسندو هو. ڏسندي ڏسندي خيالن ۾ گم ٿي ويندو هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ وجود وسري ويندس. سندس اهڙا مشاهدا ڪڏهن تخليقي صورت ۾ ظاهر ٿي پوندا هئا. اهڙو هڪ مثال هي آهي.

خانہ بدوشو ٿا نيو، ڪيڏانهن آخر قافلو؟
ڪنهن جي ڪٹي منزل نہ آ!
جنهن ناؤ کي ساحل نہ آ!
سوداگري سا دل نہ آ!
ڪجهہ پنڌ مان حاصل نہ آ!

ڪلهه رات صحرا ۾ هئي،
دونهين دکي مانيءَ پکي،
ليٽي پيا ٻڪريون ڏهي،
جن جي هئي رڳ رڳ ٽڪي.
پرندو رهيو مڇ واءُ ۾،
چٽنگون اٽيون ڳچ واءُ ۾.
هي ڪشمڪش جو راز هو،
انجام ۽ آغاز هو.
اٽين روشني ڏيئي ذرا،
سو آدمي رک ٽي ويا.
پر سوچ کان آجا هيا،
هي لوچ لئه نڪتا هيا.
دف تي نچي ڇيريون وجهي،
تاڙيون هٽي ڦيريون ڏئي.
سڀ همسفر ٽڪجي پيا
نندآکرا ويهي رهيا
گهيرٽ ٽٽا جيئن اوچتو
وچ مان پگهو جهنگلي ٻلو
خانه بدوشو ٿا نيو کيڏانهن آخر قافلو

* * *

بولان جهڙو گهٽ اچي خيمي پنيان آهٽ اچي
ڏاڙيل کو ات مٽ اچي هٽ کي اچل پن ست اچي
باهر اچي تيلي هٽي پيلي ڇيي نيلي فضا!
کهڙو نه رڳ رڳ کي وٽي ميدان جي ٽڏڙي هوا!
ڏوڙي گڏ ڪوکون ڪندو موٽي وڃي هي مرکندو
هي نئين حياتي راند آه سر جڻ ته نيزي پاند آه
تهذيب کان ڪونهي پري هي بي تمنا زندگي!
خانه بدوشي ٿي ڪري هي رندگي آ زندگي!
ان کي نه گهرجي مال زر
ان جو سفر آدم گذر
خيمو، خچر، بندوق بس!
ان کي نه آهي پي هوس
ڏاڙو هنيو، ڦاڙهو ڦٽيو،
بس ٿي ويو بک جو ٻلو!
خانه بدوشو ٿا نيو کيڏانهن آخر قافلو؟ (۱۹)

شيخ اياز جي زندگيءَ جو اهو بهترين دور هو، جنهن ۾ هن محنت، محبت، مطالعو ۽ مشاهدو ڀرپور نموني ڪيو ۽ آخر تائين انهن جو تسلسل برقرار رکيائين. ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران هن ڪاليج جي لئبرريءَ جا سڀيئي ڪتاب مطالعو ڪيا. ڪيترن ڪتابن تي سندس هٿن اکرن ۾ فٽ نوٽ به لکيل هئا. ٽئگور جي گيتانجليءَ تي لکيل حواشيا مون پاڻ شاگرديءَ جي زماني ۾ ڏٺا. شيخ اياز ڪاليج جي لئبرريءَ ۾ قدم ڌريندو هو ته ائين لڳندو هو جڻ ڪٻٽن مان ڪتاب ساڻس ڳالهائيندا هئا ۽ اهي بي جان ان وقت جاندارن جيان چرپر ڪندي محسوس ڪندا هئا. انهن ۾ جڻ ڪا تازگي اچي ويندي هئي ۽ انهن جي سرهائي محسوس ٿيندي هئي. سندس وڃڻ کان پوءِ اهي سورج مکيءَ وانگر ڪومائجي ويندا هئا. اڄ اهي ڪتاب ته اتي موجود آهن، پر شيخ اياز موجود نه آهي. اهي هميشه سندس اوسيئڙي ۾ اداس پيا نظر اچن.

شيخ اياز جي دوستن جو حلقو به ان ئي زماني ۾ وڌيڪ وسيع ٿيو هو. لعل محمد "لعل"، محمد نعيم صديقي وجدي، لڇمڻ راجپال، سترام ڪلياڻي "همدرد" ۽ نارائڻ شيام. نارائڻ شيام ان زماني ۾ شڪارپور ۾ رهندو هو، ڇاڪاڻ جو سندس پيءُ نوڪريءَ سانگي اتي ئي رهندو هو. شيام شڪارپور ۾ رهندي شيخ اياز کان گهڻو متاثر ٿيو هو: سانيٽ جو پهريون تجربو به شيام ان ئي زماني ۾ ڪيو هو، جو پوءِ ماهوار رسالي "سنڌو" ۾ "مهاتما ڏانهن" جي عنوان هيٺ شايع ٿيو هو. ملاحظه فرمايو:

نور ڪهڙو ٿو سدا تنهنجي اکين ۾ برسي
گهور هنسا جا پتر ڀي انهيءَ آڏو ڪنبن
تنهنجي گفتار سندي جوت فضا ۾ جهلڪي
روشني ستيه جي ڦهلائي ڪري جڳ روشن
قوم جي ٻيڙي سڙه کولي ٿي رخ ڦيرائي
سواس تنهنجو ئي ٿيو واءُ سٽائو تنهن لئي
شال سک ساڻ ڌڻي پار اها پهچائي
شال ٿئي واءُ سٽائو نه اٽائو تنهن لئي
تنهن جي گنڀير اهنسا جي وڏائيءَ جو ڪڪو
ستيه جي سوڀ جو سونهري نياپو آڻي
هيڏي هستيءَ جي سڪل کيت ڏي ڦيراءِ نظر
تازگي اڀري پئي ڪک به جياپو ماڻي
نئون سج نڪتو افق تي ڏسو رنگين شفق
تنهن سان تاريخ ورائي ٿي نئون هاڻ ورق (٢٠)

* * *

شيخ اياز ۽ محمد نعيم وجدي ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪرڻ دوران فارسي ۽ اردو شاعريءَ جو گهرو مطالعو ڪيو هو. شيخ اياز لکي ٿو ته: "اسان ٻئي جڏهن شڪارپور ڪاليج ۾ پڙهندا هياسين تڏهن روز شام جو ملندا هياسين ۽ هڪٻئي کي پنهنجا لکيل نوان شعر ٻڌائيندا هياسين. ان وقت اسان جو مرغوب مطالعو اردو ۽ فارسي شاعري هوندي هئي. مون کي نه فقط غالب جو پورو ديوان، عمر خيام جون سڀ رباعيون، حافظ جا ڪيئي غزل، علامه اقبال جا بانگ درا، بال جبريل ۽ پيامِ مشرق ياد هوندا ها، پر ٻيا به هزارين شعر ياد هوندا ها. اسان اردو نثر جو به ڪافي مطالعو ڪيو هو ۽ انگريزيءَ ۾ شيلي، ڪيٽس، بائرن ۽ ٽئگور جي شاعري ۽ ٿامس هارڊيءَ ۽ ميري ڪاريليءَ جا ناول پڙهندا هياسين."

شيخ اياز ۽ محمد نعيم وجدي ان زماني ۾ ڏاڍي ڪثرت سان شاعري ڪندا هئا. هر هڪ پنهنجي پنهنجي شاعريءَ جا ٻه ٻه مجموعا تيار ڪري ورتا هئا. شيخ اياز جي ان دور جي شاعريءَ جا ٻه مجموعا "خواب و خيال" ۽ "باد جي بئنسري" جي نالي سان هئا، جي ڇپجي نه سگهيا هئا. انهن جي نه ڇپجڻ جو سبب هن "پوئنر پري آڪاس" جي اشاعت تي پيش لفظ ۾ هيئن ڄاڻايو آهي: "۱۹۴۷ع کان اڳ جو اڻ ڇپيل ڪلام منهنجي زهر آلود تبسم جي اڳ ۾ جلي ويو. ان لاءِ ذميوار اها بي انتها مايوسيءَ جي "اکر اڳيان اپري، واڳون ٽي وريام" واري ڪيفيت هئي، جنهن جو تفصيل فقط منهنجي زندگيءَ جي ڪنهن زخم پنهان کي تازو ڪندو، باقي ڪنهن خاص دلچسپيءَ جو باعث نه ٿيندو."

شيخ اياز جو اهو پهرين دور جو ڪجهه ڪلام مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهي، جنهن مان ڪجهه "پونر پري آڪاس" ۾ به آيل آهي، ڪجهه اڃا تائين ڪنهن به مجموعي ۾ شامل ٿي نه سگهيو آهي، جو هتي پيش ڪجي ٿو. ٽي سڪمي ٿو ته ڳولا سان ان کان وڌيڪ به ڪلام ملي وڃي.

محبوب

شبِ ماه آ، آ، مطربي بهار آ
هوا ۾ ڇڙي ساز جي تار تار آ
مگر ڪونه تنهن لاءِ ڪيف و قرار آ
قيامت جنهين لي شبِ انتظار آ
ڪٿي تون ڪٿي مان!
بهار آ، بهار آ.

(۲)

زمين چمن آهه شاداب دلبر!
لهي ڪٿن نه سبزه پيو خواب دلبر!
پپيهي ڪيو آهه بيتاب دلبر!
انهيءَ "پي ڪهان" دل ڪئي بيقرار آ،
ڪٿي تون ڪٿي مان!
بهار آ، بهار آ.

(۳)

رٽان ٿو ڏسي مرغزار و چمن کي،
گل و لاله و نرگس و نسترن کي
ٻڌي دور تان ٿي لڳي چوٽ من کي
ڪئي بلبل زار چيخ و پڪار آ
ڪٿي تون ڪٿي مان!
بهار آ، بهار آ.

(۴)

نه آ چين مون کي نه آرام مون کي،
نظر جو اچين تون نه بر بام مون کي،
ستائي ستارو سر شام مون کي،
مخالف سندم گردشِ روزگار آ
ڪٿي تون ڪٿي مان!
بهار آ، بهار آ.

(٥)

خموشي رضا آ، اِهو ڇا نہ آيءُ
ڏٺو مان جڏهن سر کڻي ڇو جهڪايئيءِ
نگه جو تڏهن تير ڇو ٿي چلايئيءِ
جڏهن ياد توکي نہ سينہ فگار آ،
ڪٿي تون ڪٿي مان!
بهار آ، بهار آ.

(٦)

ڪڏهن اچ ڏسي وڃ شبِ تار منهنجي،
ستاره شماري لڳاتار منهنجي،
ڪڏهن تو ڏٺي آ دلِ زار منهنجي،
فقط ياس ۽ بيڪسي جي مزار آ،
ڪٿي تون ڪٿي مان!
بهار آ، بهار آ.

(٧)

کنئي تو اڃان ديدهءِ نيم خوابي،
ملي ڪئن نہ منهنجي بہ چشم شرابي،
وساريئہ اها ڪئن شبِ ماهتابي!
نہ توکي اهو ياد قول و قرار آ،
ڪٿي تون ڪٿي مان!
بهار آ، بهار آ.

(٨)

زمين تي ڏسي عشق جا هي نظارا،
پئي جاڳيا آسمان تي ستارا،
ڏسي سي چيءِ ڪئن نہ اي ماه پارا،
اسان جي محبت بہ هئن پايدار آ
ڪٿي تون ڪٿي مان!
بهار آ، بهار آ.

(٩)

نہ ڪر ذڪر ماضي نہ ڪر فڪرَ فردا
هلي آ هلي آ هلي آ هلي آ
تہ پوپٽ جيان چار دن زندگي جا
گذاريون، محبت بہ هڪ لالہ زار آ

ڪٽي تون ڪٽي مان!
بهار آ، بهار آ.

(١٠)

هلي آ ڪٽي جهوپڙي کا بٽايون،
جتي نغمئه عشق هر وقت ڳايون،
'مبارڪ' اتي زندگاني وڃايون،
جتي راڳ آ، چاندني آ پيار آ،
ڪٽي تون ڪٽي مان!
بهار آ، بهار آ.(٢١)

دل بيتاب

ندي جي پر، جهڙالي رات اي دوست
بپا آ محشرِ جذبات اي دوست!
فضاي روح پرور چوطرف آهه
پوي آهسته ٿي برسات اي دوست!
انهي خاموشيءَ پرڪيف ۾ تون
چوين ٿو، ڇيڙ ڪي نغمات اي دوست!
مگر دل آهه جا تڙپي رهي آهي
نه جاڻان ڇو ائين روئي رهي آهه!(٢٢)

سوچ

لڳو واءُ آيون ٻه ٽاريون نمي
ٻه گل ڳل ڇمائي، جدا ٿي ويا،
محبت مجائي، جدا ٿي ويا،
ٿيو ڇوه آيون ٻه ڇولين ڇلي،
ٻه ٿي گيت ڳائي، جدا ٿي ويون،
الا! پريت پائي، جدا ٿي ويون.
لٿو جهڙ، ٻه بادل جدا ٿيا وسي،
گهڙي لمحُ لڳائي، جدا ٿي ويا،
ٻه ڳوڙها وهائي، جدا ٿي ويا.
سدائين ڪئي آهه مون سوچ هي:
ته تون مان جي دل لڳائي هئي،
اسان لئي ٻه ساڳي جدائي هئي.
نه ليڪن پيو هي پتو، اي منهي!
جتي ڪوبه آيو نه پايو هجي،
نه ڪوئي ٻه پنهنجو پرايو هجي.

جڏهن چاندني جو وهي آبشار
پوي سانت جي نهر ۾ رات جو،
پڇي واءُ ٻئي پهر ۾ رات جو.
ڇڙي اوچتو زندگي جو ستار
ستي تار کا گيت ڳائي اٿي،
اجهامي اجهامي، جلائي اٿي.
ٽٽي هير اپريل جي جئن لڳي
ستارو ڏيئو تمتمائي اٿي،
جمڪي جوت جهت ۾ جلائي اٿي.
پني بوءِ رابيل جي جئن اچي،
تمنا اٿي ڪتڪتايون ڪري،
تصور ۾ وايون سوايون ڪري.
تڏهن ڪجهه پريان ٿهلندي آنهه تون
مگر ٻهلندي ڏهلندي آنهه تون،
فضا ۾ اٿي ڦهلندي آنهه تون.
نظر مان جئين ترڪندي آنهه تون
جئين گهور مان گهر ڪندي آنهه تون،
ڏئي چوٽ شاعر ڪندي آنهه تون. (٢٣)

گيت

ڏس تہ ڪنول ٽڙي پيو!
هير گهلي گهلي رهي، نير چلي چلي رهيو
صبح ٿيو، پونر پريو، هي ٻہ رلي رلي رهيو
هي پلي پلي رهيو
پر نہ ڪنول نگاه ڪئي، اصل نہ رسم راه ڪئي
چو تہ پونر پري ڪئي، هون واه واه ڪئي
پر نہ ڪٿي نباهہ ڪئي.
هير سدا پئي رمي، منهن نہ ڏئي چمي چمي،
نير ڪٿي نہ ٿو جمي، گهنڊ وجهي سمهي سمهي،
پل تہ ڏسي گهمي گهمي!
ڏس تہ ايياز! تروري، پنڌ ڪيو، پريان پريان
جڙ تہ ڪنول ٻہ ٿي چيو، نظر تہ ڪجهہ سندس ڏريان
دل تہ ذرا وڏي ڪريان
ڏس تہ ڪنول ٽڙي پيو (٢٤)

ديهاتي گيت

هلڪي هلڪي هير گهلي،
ويـر ڇُـلـي، رت بـدلـي او!
رت بـدلـي، رت بـدلـي او!

نينهن جملي پنهنجي جهولي،
لـوڏي سـان آنـي لـولـي،
پينگهه جُـهلي، رت بدلي او!
رت بـدلـي، رت بـدلـي او!
وهي وهي هي سير پلي، شل اچي ڪٽي به نه ڇوڙ!
هلي هلي هي راه پلي، شل اچي ڪٽي به نه موڙ!
پلي پيـو جـهـولـو جـهـولـي
ائين هـمـيـشـه مـن قـولـي
ڪَـلـي ڪُـلـي رت بـدلـي او!
رت بـدلـي، رت بـدلـي او!
جـار وڇـايـو چـنڊ سـجـي جـگ تي، او سـاڻي! آءُ
انـگ انـگ تـي مـسـتـي چـائـي، لڳو اتر جـو واءُ
پـنـي پـنـي هـي رات الا!
سـنـهـي سـنـهـي بـرسـات الا!
آءُ پـلـي رت بـدلـي او!
رت بـدلـي، رت بـدلـي او!
هن به ڪٽي اک لاڻي هوندي، او تارن جي ڇانوَ!
پڇ ته سهين، او چنڊ! پرين کان اڏري مان به اچانوَ؟
دور دور ڇـو گـهـاريـو ٿـا؟
اهـڙي دل ڪـٽـن ڏاريـو ٿـا؟
هـيـر گـهـلـي رت بـدلـي او!
رت بـدلـي، رت بـدلـي او! (۲۵)

ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيندڙ مشهور ماهوار رسالي "سنڊو" جو اپريل-مئي ۱۹۴۷ع جو شمارو "شهيد نمبر" ٿي شايع ٿيو هو، جنهن ۾ شايع ٿيل لکڻين کي چونڊي معيار ۽ مقصد جي لحاظ کان انعام طور منتخب ڪيو ويو هو. ان ئي شماري ۾ شيخ اياز جو هڪ گيت "شهادت جو گيت" جي عنوان سان شايع ٿيو هو، جنهن تي اداري پاران ڪيس ڏهن روپين جو ادبي انعام ڏنو ويو هو. شيخ اياز لاءِ اهو "پهريون ادبي انعام" هو. گيت ملاحظه ڪريو (ياد رهي ته ان وقت تائين پاڪستان وجود ۾ ڪونه آيو هو.)

شهادت جو گيت

پارت جيئي، اسين جي مُئاسين تہ چا ٿيو!
سر سبز ٿي چمن
قولي قلي وطن
پل گل لڏن لمن
ڪنهن شاخ تي اسين نہ هئاسين تہ چا ٿيو!
هن قرض ۾ ايياز چڪيا سين تہ چا ٿيو!
جهولي جهنڊو مدام
دن رات، صبح شام
ان کي اچي سلام
هرڪو ڪري، اسين نہ جهڪياسين تہ چا ٿيو!
تنهنجي قرار لاءِ ٽڪياسين تہ چا ٿيو!
ملندو نہ جي ڪفن، ائين پوربو بدن
اي مادرِ وطن!
تون پهر جين اسين نہ ڏکياسين تہ چا ٿيو!
پارت جيئي، اسين جي مُئاسين تہ چا ٿيو!
ڪو اهنج ٿي نہ ڪيس
ڪوسي هوا لڳيس
زنده جي آهيون ويس
تون مان نہ اي رفيق هئاسين تہ چا ٿيو!(٢٦)

شيخ ايياز ان زماني ۾ شعر و شاعريءَ کان سواءِ ڪاٽيون بہ لکندو هو. سندس پهرين ڪهاڻي اُٽويهن ورهين جي عمر ۾ شايع ٿيل ملي ٿي، جا "سهڻي سير ۾" جي عنوان سان ماهوار "سنڌو" رسالي جي سيپٽمبر ١٩٤٢ع جي شماري ۾ شايع ٿيل آهي. سندس بي ڪهاڻي "هڪ شمع جا ۽ پروانا" جي سري سان 'سنڌو' جي ڊسمبر ١٩٤٢ع جي پرچي ۾ ڇپي. اهڙيءَ طرح 'سنڌو' جنوري ١٩٤٧ع جي شماري ۾ سندس هڪ ڪهاڻي "پروچڪي رت" جي عنوان هيٺ شايع ٿيل آهي.

اهو زمانو آهي، جو اپريل ١٩٤٧ع ۾ شيخ ايياز جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "سفيد وحشي" جي نالي سان " باغي منڊل، فريئر روڊ ڪراچي" جي اداري پاران موهن پنجابيءَ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. ڪرائون سائيز ۾ ٦٥ صفحن تي مشتمل اهو ڪتاب "ر" جي نالي (شايد "منو") منسوب ڪيل آهي. انهي ڪتاب جي مهڙ ۾ مصنف لکي ٿو تہ:

"مان نہ پاڪستاني آهيان نہ اکنڊ هندستاني، نہ سماج جي سطحي رسم ۽ رواج جو پابند نہ انقلابي طبقي جي اجائي جوش سان شامل، نہ ساهتيہ جي جهوني يڪرنگہ تصور جو قائل ، نہ ڊونگي ترقي پسندن جي جنسي (Sexual) اگهاڙپ جو مشتاق.

"منهنجي راهہ الگ آهي، منهنجو سياسي ۽ سماجي تصور علحدو آهي. منهنجا خيال ۽ احساس، امنگ ۽ اڻما

هر ڪنهن رڪاوٽ کي ٽڪرائيندا پنهنجو رستو تلاش ڪندا آهن ۽ جي اها نہ هٽندي آهي تہ منهنجي بغاوت ۾ رتيون زور ٿي ويندي آهي. پوءِ اها رڪاوٽ سماجي هجي يا سياسي طاقت، مذهب هجي يا رسمون روايتون، ترقي پسند يا غير ترقي پسند.

"سنڌي اديب ۽ شاعر، ساهتڪار ۽ ڪلاڪار جڏ تہ غير سنڌي آهن. هو سنڌي وايو منڊل، تهذيب، رهٽي ڪرٽي، ٻول چال، اٺ ويهہ، ريتن رسمن، خامين خوبين کان يا تہ غير واقف آهن يا تہ نفرت ڪن ٿا. ڪائي بہ سنڌي ڪهاڻي يا شعر ڪٽو، لکندو، مهاراشٽرا ۽ بينگال جي بوءِ پئي ايندي. ايتري قدر جو اداڪارن جا نالا بہ سنڌي نہ هوندا. مون اها ڪمي پوري ڪئي آهي. منهنجيءَ نظر ۾ سنڌي هڪ جدا قوم آهن. سندن زندگي، سڀيتا، روايتون، ٻولي، نالا، مطلب تہ سڀ ڪجهہ هندستان جي ٻين پرڳڻن کان علحدو آهي. جي ساهتيہ جو اثر آهي ٻاهرين ماحول جو ليکڪ جي اندرين جذبن ۽ احساسن تي، تہ سندس جو ادب بہ هڪ خاص شخصيت رکندو، هڪ خاص رنگ ۽ ادا جو مالڪ ٿيندو ۽ جي اها خصوصيت ۽ رنگ ڪنهن ڪهاڻي ۾ نہ هوندي تہ اها ڪهاڻي ڪانو جئن مور جي رفتار ڏسي، پنهنجي چال وساري ويهڻ جي مثال ٿيندي."

شيخ ايازوڏيڪ لکي ٿو تہ: "مان پنهنجي بيان، ٻولي ۽ محاوري تي ڪجهہ لکڻ نٿو چاهيان. اها ڪمي ٻيا پوري ڪندا. پر انهن ۾ خامي آهي يا خوبي، پستي يا بلندي، اجائي نوائي يا سجائي سجاڳي، گهٽ ۽گهٽ مون کي ايترو فخر آهي تہ مون سنڌ اڳيان سنڌي ڪهاڻيون رکيون آهن." (۲۷)

شيخ ايازجي مٿين خيالن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ساهتيہ ۾ سندس قدم جدت ڏانهن نہ رڳو وڌيو آهي، پر تڪڙو وڌيو آهي. هو اڪيلو اديب آهي، جيڪو پنهنجي ڏيهہ ۾ اٿي ڪڙو ٿئي ٿو ۽ علي الاعلان جدت ۽ ترقي پسند لاڙن جا اعلان ڪري، ثابت قدم ٿي اڳتي وڌي ٿو. هو ڪوڪلي ترقي پسنديءَ جي بہ مخالفت ڪري ٿو تہ اڳوٽي اسلوب سان بہ بغاوت.

شيخ ايازجي زندگيءَ جي حوالي سان اسان سندس شاگرديءَ واري دور تي سي. ايند. ايس ڪاليج جي ڏينهن تائين پهتا هئاسون. اتان اڳتي هلبو تہ معلوم ٿيندو تہ شيخ ايازسن ۱۹۴۳ع ۾ چيلاسنگهہ سيتلداس ڪاليج شڪارپور مان انٽر جوامتحان پاس ڪري ، ڏيارام جيٺمل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ وڃي داخل ٿيو. جتان سن ۱۹۴۵ع ۾ بي. اي جو امتحان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ڪيس پي. ايچ. ڊي جي ڊگري حاصل ڪرڻ جو خيال ٿيو. هو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشائيءَ جي رهنمائي ۾ اول ٽئگور ۽ پوءِ علامہ اقبال تي ٿيسز لکڻ لڳو. يارهہ فيبروري ۱۹۴۷ع تي ڊاڪٽر گربخشائيءَ جي ديهانت سبب شيخ ايازپي. ايچ. ڊي جو خيال ترڪ ڪري ايل. ايل . بي جي سَند حاصل ڪرڻ ڏانهن متوجهہ ٿيو. سن ۱۹۴۷/۴۸ع ۾ اها سند حاصل ڪري اول سن ۱۹۵۰ع ۾ عبدالحي قريشي ۽ پوءِ خالد اسحاق ۽ عبدالقادر شيخ سان گڏ ڪراچي هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو.

بي. اي جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ شيخ ايازڪڏهن ڪراچيءَ ۾ تہ ڪڏهن شڪارپور ۾ رهڻ لڳو. ڪراچيءَ ۾ رهڻ دوران هو اتان جي ادبي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو وٺڻ لڳو. هن موهن پنجابيءَ سان گڏ قائم ڪيل "باغي منڊل" پاران ڪتابن شايع ڪرائڻ جو سلسلو جاري رکيو. 'باغي' پاران شيخ ايازجي ڪهاڻين جي مجموعي "سفيد وحشي" کان پوءِ جون ۱۹۴۷ع ۾ ساڳئي اداري پاران شيخ ايازجو ترتيب ڏنل ڪتاب "اسان جي سنڌ" ڇپايو ويو هو، جنهن لاءِ رام ام لعل پنجواڻي لکي ٿو تہ : "اپريل ۱۹۴۷ع جو زمانو هو. مان پوني کان ايل. ايل. بي جي پڙهائي پوري ڪري جيڪب آباد واپس وريو هيس. هڪ ڏينهن موهن پنجابي ۽ ايازشڪارپور کان سڌو جيڪب آباد آيا. گرمي شروع ٿي ويئي هئي. ڪي سنڌي گهراٽا سنڌ ڇڏڻ جي تيارين ۾ هئا. سوال اٿيو تہ اسين

سنڌي پنهنجي سنڌ کي ڪيئن ڇڏيندا سون. اديب جي حيثيت ۾ اسين ڇا ٿا ڪري سگهون؟ فيصلو ٿيو ته هڪ ڪتاب شايع ڪجي. ان جو سِرو هجي "اسان جي سنڌ" ، انهيءَ ۾ ترقي پسند ليکڪن جون ڪهاڻيون هجن ۽ موهن پنجابي اهو ڪتاب ڇپائيندو. اياز ۽ مون اتي جيڪب آباد ۾ ويهي چئن ڪلاڪن جي اندر هڪ هڪ ڪهاڻي لکي، موهن پنجابي کي ڏني سون. ڪتاب شايع ٿيو "اسان جي سنڌ" . ڪمڙيون نه اسان جون معصوم دليون هيون. اسان ائين سوچيو جڙ ته ڪتاب ڇپجڻ کان پوءِ سنڌ ماڻ لڏپلاڻ بند ٿي ويندي!" (۲۸)

ڪتاب "اسان جي سنڌ " ۾ شيخ اياز جيڪو فڪري مهاڳ لکيو آهي، تنهن کي پڙهي، سندس ادبي، سماجي، اقتصادي ۽ قومي شعور کي داد ڏيڻو پوي ٿو. ان چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته اياز جيڪي ڪجهه ان ۾ لکيو اهو ئي جڙ پوءِ اسان جي ڏيهي سياستدانن هٿيار طور ڪتب آندو. شيخ اياز جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي جيڪا نظر ٿي پيئي، تنهن جي دور نظري ۽ گهرائيءَ کي سلام ٿو ڪرڻو پوي. هو لکي ٿو ته: "اڄ اسين زندگي ۽ موت جي چؤواڻي تي بينا آهيون. ممڪن آهي ته موجوده فرقيوار ڪشمڪش ۾ اسان جي علحدي تهذيب، الڳ قوميت، بولي، ادب، آرٽ، اقتصادي ترقي، مطلب ته جدا شخصيت ميڙجي وڃي. ان کان ته انڪار نه ڪري سگهبو ته اسين سنڌي هڪ جدا قوم آهيون. اسان جي زندگي جي طرز، رهڻي ڪهڻي، اٺ ويهه، خوراڪ پوشاڪ، بول چال، وهم وسوسا، امنگ اڌما، ريتيون روايتون، مشغوليون مصروفيتون سڀ هڪ جدا رنگ ڍنگ رکن ٿيون. سنڌوءَ تي خاص دارومدار اسان جو آهي. ململ جو چولو ۽ گوڏ اسان جو مخصوص لباس آهي، ٻلهاڙو ۽ ونجهوٽي اسان جي راند آهي، دلو فقط سنڌ جو سادو ساز آهي. ڪافي رڳو اسان جي ڪلام ۾ ملندي، مول راڻو، سسئي پنهون، راءِ ڏياچ فقط اسان جي ڏند ڪٿائن جو حصو آهن. نه رڳو ايترو پر اسان جون ملڪي حدون ۽ بولي به جدا آهن. ان مان ثابت آهي ته اسين سنڌي هڪ جدا قوم آهيون، اسان کي هڪ الڳ شخصيت آهي." (۲۹)

شيخ اياز ان دور ۾ لڏي ويندڙ هندن سان مخاطب ٿي چوي ٿو ته:

"اي سنڌي هندو! تنهنجون وايون چو بتال ٿيون آهن؟ تون هراسجي چو ويو آهين! ٻڌ تر ۾ نه پئه. ڪجهه سمجهه سوچ کان ٻاهر ڪم وٺ، ڪجهه همت ڌار! تون جئپور، اڈيپور مطلب ته سنڌ کان ٻاهر وڃي پنهنجو آپگهات ڪري رهيو آهين. جن سان تنهنجي ڏينهن ويهڻ ۽ ساز سلوڪ نه آهي ، جن جي بولي ۽ تهذيب تو لاءِ صفا ڌاري آهي، تن ۾ رهڻ آپگهات نه آهي ته ڇا آهي؟ جتي زندگيءَ کي قلڻ قولڻ لاءِ فضا نه هجي، جتي جذبا ۽ احساس ڏٻي رهن، جتي دوستي جو دم نه پرجي، جتي ڌاريائپ ۽ ڏڪا هجن، اتي حياتي موت کان بدتر آهي. ڇا انهيءَ سياسي ۽ سماجي آپگهات کان تون پنهنجي هم قوم پائن هٿان مرڻ وڌيڪ پسند نه ڪندين؟ مرڻو به هن ديس ۾ آهي، جيئڻو به اِتي ئي آهي." (۳۰)

هن ڪتاب جي ڪهاڻين بابت هو لکي ٿو ته: "هي ڪهاڻيون انهيءَ محبت، اتفاق، حب الوطني ۽ بغاوت جو نتيجو آهن. اڄ اسين ترقي پسند اديب هن سماج جي جهوني تصور ۽ رجعت پسند خيالات سان ٽڪر کائي رهيا آهيون، جو سياست حل ڪرڻ ۾ ناڪاميابي ٿي آهي، تنهن کي ساهتيه سمجهائڻ لا نڪتي آهي. اميد ته اسان جي هيءَ ڪوشش وٺرٽ نه ويندي ۽ نئين زندگي ۽ نئون نظريو پيدا ڪندي." (۳۱)

"اسان جي سنڌ" ۾ آيل ڪهاڻيون آهن: سائو سوٽ (موهن پنجابي)، پاڙيسري (شيخ اياز)، هراس (رام امرلعل پنجواڻي)، دشمن ڪير (ڪيرت ٻاباڻي).

شيخ اياز جون ڪهاڻيون يا تخليقون سماج تي تيزيءَ سان اثرانداز ٿيڻ لڳيون. هن پوئتي پيل سماج جي جامد سوچ کي اڳرو ڪيو ۽ وسعت ڏني. هو ادبي محفلن ۽ نجي ڪڇهرين ۾ به نئين سوچ جو مبلغ رهيو. جيئن مٿي چيو

ويو آهي تہ هو سن ١٩٥٠ع تائين ڪراچيءَ ۽ شڪارپور ۾ رهندو هو. گويا ائين کڻي چئجي تہ سندس هڪ پير ڪراچيءَ ۾ هو تہ ٻيو شڪارپور ۾. شڪارپور ۾ ايندو تہ سندس اهي علمي ۽ ادبي سرگرميون جاري رهنديون، جي هن ننڍي هوندي کان شروع ڪيون هيون. صبح جو پنهنجي پڙهڻ لکڻ ڏي مائل تہ شام جو سنگت سان ڪچهرين ۽ محفلن ۾ گهارڻ. انهن ڏينهن ۾ شڪارپور ۾ سوامي انگديو گهڻو ايندو هو، جو سماجوادي ۽ مارڪسوادي هو. نوجوانن کي وڏا وياکياڻ ڏيندو هو. وڏو پڙهيل پرش هو. سنڌي، هندي ۽ گرمکي تہ گهڻي ڄاڻندو هو. پر، عربي ۽ فارسي تي بہ هٿ پڄندي هيس . سڀني ڌرمن ۽ مذهبن جو مطالعو ڪيل هوس. اهڙو اڀياس شايد ڪن ٿورن کي هجي. ڳالهائيندو هو تہ وڏا دليل ۽ دلائل پيش ڪندو. ويدن ۽ گيتا کان توريت، انجيل ۽ قرآن مجيد جا حوالا ڏيندو. سندس گيان ۽ ڌيان کان نوجوان ايڏو متاثر هوندا هئا، جيڏو سرمد جي رباعين کان مولانا آزاد!

شڪارپور جي نوجوانن جون علمي ۽ ادبي شامون...! تصور ٿو ڪجي تہ حيرت ٿي ٿئي، هرڪو گهران نڪرندو تہ اچي لکيدر در تي بيهندو. وچن ڪيل وقت تائين هرڪو حاضر. ٽولا ۽ ٽلا هلڻ لڳندا. پير پير ۾ بحث مباحثا، بيت، قول اقوال، فن فڪر، جدت ۽ ڏات تي ڳالهائيندا وڃي ڪاليج ۽ سنڌ واهہ تي پهچندا. هڪ ٻئي کي پنهنجا تازا بيت، دوها، گيت، غزل، نظم ۽ ڪهاڻيون ٻڌائيندا وڃي منزل تي پهچندا. موٽ ڪندا تہ ساڳي لات ساڳي لوڏ سان ٽڙندا ٽهڪندا اچي جمعي حجم جي سيلون تي ساهي پٽيندا. اهي پڙهيل لکيل هوٽلن جي هُلن ۽ منجهيل ماحول کان پري پيا ڀڄندا. سندن سنگت جو مرڪز سيلون. ايندا تہ اونهاري جو چدي واريون بوتلون گهرائيندا يا ڪلفيون ۽ فالودا کائيندا. بحث مباحثا ڪندا. ڪاڪو جمعو بہ ساڻن گڏ گيان جي گفتار ۾ شروع . واه واه ! ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن جمعي جي جوڀن ۽ جنسار جون. خان خانان جو پٽ ايندس تہ ڏاڙهي ڪوڙڻ کان جواب. جي ڊيگهہ ڪندس تہ ٻانهن کان وٺي ٻن ڏاڪن تان هيٺ لاهيندس. جمعو حجم تہ نہ هو ڄڻ جارج پنجون هو. وٽس ڪاليج جون سڀ مسيلنيون، لينن جا ڪتاب، مارڪس جا مضمون، ٽالسٽاءِ جا ناول موجود. ڪير پڄي ان استاد سان. لينن اکيون ٻوٽيون (٢١-جنوري ١٩٢٤ع) تہ هي همراه هليو ڪراچيءَ، وڃي لينن جي تعزيتي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات لکي آيو. ايڏو سجاڳ، ايڏو ڄاڻو ۽ ايڏو گياني پرش پيو پاڻ کي ظاهر ڪندو جو ڇا چئجي! شيخ اياز، بشير مورياڻي، نورالدين سرڪي، نياز همايوني، حبيب الله ڀٽو، نعيم وجدي سڀئي سندس سيلون تي سلامي. سندس اصل نالو جمال الدين محمد عمر منگي هو، پر سڏبو جمن يا جمعو. سندس ڀاءُ عثمان حجم سکر وارو هو، جو علي احمد بروهيءَ جي افسانن جو عنوان رهيو. (جمال الدين منگي ٢٢، مئي ١٩٧٥ع تي وفات ڪري ويو)

انهن ئي ڏينهن ۾ ڪانگريس ۽ ليگ جا ممڻ متل. هرڪو هيسيل ۽ ڊنل تہ متان ڪو ڦشاد (فساد) ٿي پوي. سج لهندو رات جو پهر اڌ گذرندو تہ روڊن ۽ رستن تي ڪڪڙون ڪون ٿي ويندي، پر جمعي جي سيلون سياري اونهاري لڙيءَ رات تائين کليل. پوليس ۽ سي. آءِ. ڊيءَ جي رپورٽن تي سرڪار جي نگاهن جو مرڪز رهيو، پر ڪا هيڙهي تيڙهي پتي تي نہ پيس. انهن ئي آرهڙ جهڙن ڏينهن ۾ شيخ اياز شڪارپور مان هڪ ماهوار رسالو "اڳتي قدم " ڪڍيو، جنهن جي ذريعي شيخ اياز ترقي پسند تحريڪ جو سگهارو تصور پيش ڪيو. محمد ابراهيم جويو لکي ٿو تہ :

"اڳتي قدم سنڌي ادب جي ترقي پسند لاڙن کي جاڳايو، گڏ ڪيو ۽ پاڻ ڀرو ڪيو. اياز ان رسالي جا فقط ٽي پرچا ڪڍيا، پر ان ٿورڙيءَ حياتيءَ ۾ هن رسالي سنڌي ادب جي نڪ ۾ جا غلاميءَ جي ناڪيلي پيل هئي اها لاهي ڦٽي ڪئي ۽ اُن کي اڳتي وڌڻ لاءِ پنهنجو مقصد، پنهنجي راهہ ۽ پنهنجو ارادو عطا ڪيو." (٣٢) ستانوي صفحن تي مشتمل ڪرائون سائيز ۾ "اڳتي قدم" جو پهريون پرچو آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ "موتي پرنٽنگ پريس" ٺاٺارا محلہ شڪارپور مان ڇپجي پڌرو ٿيو هو.

"اڳتي قدم" اهو پيغام کڻي آيو ته اڄ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انقلاب جو آواز بلند ٿي رهيو آهي. حڪومت، سماج، تهذيب، مذهب، رسم، رواج ۾ اهم ڦير گهير اچي رهي آهي. صديون ستم سهي سهي، غلاميءَ جا زنجير گهلي گهلي، نتائي ڦٽڪا کائي، هيسجي هارائي، اڄ آدمي مڪمل بغاوت جو اعلان ڪيو آهي. جاگيرداري ۽ سرمايداري نظام سان پنجو لڙايو ويو آهي. کٽي کٽي جيت ٿي آهي، پر جدوجهد هرجا جاري آهي. عوام جي سجاڳي ڏسي جابر قوتون ان کي نهوڙي نيڻ جي کوشش ڪن ٿيون. ان کوشش کي رجعت پسند، ادب ۽ آرٽ هٿي ڏئي رهيا آهن. ٻئي طرف ترقي پسند ادب زندگيءَ جي صحيح تصوير ڪيڊي ، اوچ طبقي جي ظلم ۽ بي انصافي چڱي طرح چٽي، عوام جون مصيبتون، مجبوريون، دک درد ڏيکاري اسان ۾ انقلابي روح ڦوڪي رهيون آهن. ترقي پسند ادب حقيقت نگاري تي ٻڌل آهي، پر صرف حقيقت نگاري تي ٻڌل ادب هروپرو ترقي پسند نه آهي. سنڌي ادب ۾ صحيح ترقي پسندي آڻڻ لاءِ اسين في الحال 'حقيقت نگاري' تي زور ٿا ڏيون، جا پڻ سنڌي ادب ۾ اڃا نه آئي آهي. هڪ حقيقت نگار لاءِ ترقي پسند ٿيڻ تمام آسان آهي، بشرطيڪ سندس حقيقتن جو مطالعو منجهس بغاوت جو مادو پيدا ڪري.

"اڳتي قدم" پهريون سنڌي رسالو هو، جو تعميري ۽ ترقي پسند ادب جي بنيادي نُڪتي تنقيد ۽ تنقيد جي جديد قدرن کي پنهنجي صفحن ۾ سمائي نروار ٿيو هو. ان ۾ شامل شاعري، ڪهاڻين ۽ بين لکڻين تي باقاعده ايڊيٽر پاران تنقيدي راءِ ڏني ويندي هئي. ان راءِ ۾ ڪوبه طبقاتي لحاظ نه رکيو ويندو هو.

"اڳتي قدم" جو پيو عنوان هو: "سوچو(سوچيو) ۽ بغاوت ڪريو..." جنهن ۾ ذهن ۾ ولوڙ پيدا ڪندڙ منطقي خيالات پيش ڪيا ويندا هئا، جن مان چند هي آهن:

-سڄي پوليءَ ۾ گڏمراهه ڪندڙ جملو آهي: "ماڻهو چوندا آهن ته...." ماڻهو جيڪي به چوندا آهن، تنهن مان نوانوي فيصد غلط هوندو آهي، انڪري پنهنجي لاءِ سوچو ۽ رسمي رواجي خيالات سان بغاوت ڪريو.

- مان پڇان ٿو ته حڪومت ۽ واپار ڪير ٿا ڪن ۽ ڪير ڪري ٿا سگهن؟ ڪيستائين هيءَ سرمايداري سماج عوام کي مذهب جي نالي تي اُلو بٽائي حڪومت ۽ واپار پنهنجي هٿ ۾ رکندو ايندو؟

- چوندا آهن ته هڪ ڪرستان پادري ديول ۾ برسات پوڻ لاءِ دعا گهري چيو، "منا مسيح! تون هنن آدمين تي رحم ڪر جي برسات لاءِ دعا گهرڻ ته آيا آهن، پر ساڳي وقت ڪنهن به ڇتي نه آندي آهي. تنهنجي رحمت مان دنيا کي اعتبار نڪري ويو آهي."

چوندا آهن ته سنڌ ۾ نظم اڳيئي تمام گهٽ آهي، تنهنڪري هاڻي نثر تي زور رکيو وڃي، پر مان پڇان ٿو ته شاهه کان پوءِ سنڌ اهڙو هڪ به شاعر پيدا ڪيو آهي ڇا، جنهن تي فخر ڪري سگهجي؟ شاهه کان پوءِ جن به بيت ۽ ڪافيون لکيون تن يا ته صرف شاهه جي پيروي ڪئي ۽ سندس تمثيلي ڪهاڻيون، تشبيهون، تجنيسون، مرغوب لفظ ڦيرائي گهيرائي ڪيڏا ڏنا، يا ته عطار، رومي وغيره صوفي شاعرن جي ڪلام مان ڪجهه خارجي نسبتون (Objective corelation) مثال طور، منصور جو قاهي چڙهڻ، ذڪريا جو ڪرت سان ويڇڻ، الست جو عهد وغيره ونڊي پنهنجو ڪلام ٺاهي يڪتاري تي ڳايو. اڃا تائين پتو نه پوندو آهي ته ميناج يڪتاري جي سُر ۾ آهي يا ڪلام ۾! باقي جن اردو غزل جي پيروي ڪئي، تن ته سنڌي شعر جو صفا ڪارو منهن ڪيو. پوءِ به چيو وڃي ٿو ته سنڌ ۾ نظم تمام گهٽ آهي.

"اڳتي قدم" جو پيو پرچو سيپٽمبر ۱۹۴۷ع تي شايع ٿيو، جنهن ۾ ڪهاڻين ۽ شاعريءَ کان علاوه عبدالرزاق

رازَ جو پهريون آزاد نظم شايع ٿيو، جو پڻ سنڌي ٻولي جي ادب جو پهريون آزادنظم آهي. ملاحظه فرمايو:

هي تو آواز ٻڌو؟
ڪنهن جي آشفته سري جو آواز
آ هلي هيڏي تون آ منهنجي قريب
هو ڏٺئه سامهون جو آه قصر بلند
ڪنهن تونگر جو اهو آهه محل
مون کي هن مان ٿي اچي خون جي بوءِ
جنهن جي بنياد ۾ مزدور جو گوشت
جنهن ۾ مفلس جو لهو
تون ڪٺهڙي جي ڏسين ٿي هيڻاني
پاس و حرمان ۾ ٻڌل هڪ انسان
جٽڪ دنيا ڪان بنهه آ بيزار
ڇانئجي جنهن تي ويو دورخزان
جنهن جو دنيا ۾ نه ڪو پنهنجو آهه
جنهن جو گهرآهه اها فٽ پيري
جنهن جي ميراث اهو آهه ڪٽو
گودڙي ايءَ ۽ اهوئي ڪشڪول
ڪجهه ته سوچي ٿو مگر
پنهنجي ميراث ڏسي
۽ ڏسي شاهي محل
ڪيس ٿو رشڪ اچي
گنڊلي کي ٿو ڏسي
هو ڏسين ٿي؟ زر و زربفت ۾ ملبوس حسين
يعني ساڙهي جي دمڪ
زر و زيور جي چمڪ
تروڙا منهنجي اکين ۾ ٽا اچن
آهه هيرن جي ڪٽين جو هي هار
ڪئن نه چمٽي پيو آگردن سان!
هو ته ڏس! ڪئن ٿي ڏسي نفرت سان
يعني انسان کي حيوان سمجهي
مفلسي تي ٿي ڪلي اڄ ميري
همڙي محبوب حسين
جنهن جي دل موم هجي
آه چو پٿر دل؟
بس اميري جي اها آهه سند! (٣٣)

'راز' جي ان تخليق لاءِ "اڇتي قدم" ۾ سمالوچنا ۽ آلوچنا ڪندي شيخ ايياز لکي ٿو تہ: شيخ عبدالرزاق 'راز' هن محل تائين گودڙيءَ ۾ لعل جو مثال ٿي رهيو آهي. جنس داٿي مان پرکبي آهي تہ راز جي هڪ ئي نظم "اميري ۽ غريبي" مان پتو لڳي ويندو تہ هن جا احساس ڪيترا نہ گهرا آهن ۽ اظهار ڪيترو نہ دلڪش آهي! ۽ تصويرون آهن ـ اوچا اوچا محل ۽ فٽ پاٿ، چمڪ دمڪ وارا لباس ۽ ليڙون ليڙون ڪٽا، نفرت آميز وڌائي ۽ حسرت آميز خودداري! پوئين غريبي جي ميراث، پهرين اميري جي سند.

"اڇتي قدم" جو ٿيون پرچو آڪٽوبر ۱۹۴۷ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ اڳين پرچن وانگر شاعري ۽ ڪهاڻيون آيل آهن. شيخ ايياز جڏهن "اڇتي قدم" رسالو جاري ڪيو، تڏهن سندس عمر چوويهہ ورهيہ هئي. "اڇتي قدم" ۾ شايع ٿيل شاعري ۽ ڪهاڻيون سنڌي ٻوليءَ جو بيش بها سرمايوآهن. شيخ عبدالرزاق 'راز' سن ۱۹۷۰ع ۾ "اڇتي قدم" تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي لکي ٿو تہ "اڇتي قدم" رسالي ظاهر ظهور مارڪسزم جي تائيد ڪئي ۽ جديد ادب کي سوشلزم جي اصولن تي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ساڻ ساڻ ان رسالي ۾ هر پراڻي روايت سان بغاوت جو سعيو ڪيو ويو. ورهاڱي سبب "اڇتي قدم" هندن جي معاونت وڃائي ننڍي وهيءَ ۾ ئي گذاري ويو. (۳۴)

"اڇتي قدم" رسالي تي نظر ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ ان جو ايڊيٽر شيخ ايياز وڌيڪ صلاحيتن جو مالڪ هو. رسالي تي سندس صلاحيتن جي ڇاپ چٽي نظر ايندي. سندس مطالعي ۽ مشاهدي تي حيرت ٿيندي. چوويهن ورهين جي ڪچيءَ عمر ۾ هن جي گهرائي ۽ بلند پروازي، نواڻ ۽ جدت، مخالفت ۽ مواقفت سنجيدگي ۽ سياڻپ ان ڳالهہ جو چٽو دليل آهن، تہ هو پنهنجي سماج ۾ ابتدا کان ئي انفرادي حيثيت جو مالڪ رهيو. هن جي مطالعي جي معلومات مان اهو ڏس ملي ٿو تہ اُن عمر ۾ هن پنهنجي شهر جون وڏيون لئبرريون، جن جي اُن وقت سنڌ ۾ پنهنجي منفرد حيثيت هئي، سي مطالعو ڪيون هيون. هو سنڌيءَ کان سواءِ اردو، فارسي ۽ انگريزي ٻولين ۾ ادب، سياست، ثقافت، تاريخ، انقلاب، فلسفي ۽ نفسيات جو وڏو مطالعو ڪري چڪو هو. سندس ان ٻالڪپڻي جي عمر ۾ ئي هن ننڍي کنڊ ۾ جيڪي سياسي تبديليون رونما ٿيون، تن کان واقف تہ چگيءَ طرح هو، پر جذباتي ٿي، ڪنهن بہ وهڪري ۾ وهي نہ ويو. سندس ديس جو هر ننڍو وڏو قلمڪار ضرور ڪنهن سياسي يا مذهبي ڏر جو فرد هو، پر هي پنهنجي سوچ موجب هڪ هنڌ ٻيٺو رهيو. ان جو سبب اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ هو مارڪسزم ۽ سوشلزم جو چگي طرح ڄاڻو هو. هن جتي مارڪس، لينن ۽ ايم. اين راءِ کي پڙهيو، اتي وير ساورڪر ۽ تانتيا ٽوپي کي بہ پڙهيو هو. سندس هم خيال حلقي ۾ بهاري ڇاپڙيا، حشو ڪيولراماڻي، سوپو گيانچنداڻي، محمد ابراهيم جويو ۽ ٻيا ڪيترا رفيق هئا، مگر هي انهن سڀني ۾ انفرادي حيثيت رکندڙ هو.

ٿوري ئي وقت ۾ هن جا هندو اديب ۽ شاعر دوست سنڌ ڇڏي هند هليا ويا. رڳو سوپوگيانچنداڻي ۽ محمد ابراهيم جويو وڃي رهيا، جن سان هو پنهنجا ويچار وٺيندو هو. ورهاڱي سبب ادب ۾ مايار اچي ويو. اشاعتي ادارا خاموش ٿي ويا. يڪ طرفہ سوچ ڇانيل رهي، جنهن ۾ ترقي پسند ادب جي اشاعت متاثر ٿي. جلد ئي "حبيب پبليڪشن سکر" اُن جو ازالي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هوڏانهن ورهاڱي سبب لڏي آيل اردو اديبن ۽ شاعرن جي ڪري ماحول ۾ ڪجهہ تبديلي بہ آئي. هرڪو سنڌي اديب ۽ شاعر انهن مان ڪن هم خيال اديبن ۽ شاعرن سان تعلقات استوار ڪرڻ لڳو. سنڌ جو عظيم مورخ پير حسامالدين شاهہ راشدي اردو حلقي مان مولوي عبدالحق، مولانا غلام رسول مهر، مولانا محمد شفيع لاهوري ۽ علامہ ڪيفي دتاتريہ جن سان گهرو ٽي ويو تہ هيڏانهن شيخ ايياز، آفاق صديقي، حسن حميدي، حمايت علي شاعر، محسن پوپالي ۽ ٻين سان عليڪ سليڪ رکڻ لڳو. انهن دوستن جي سنگت ۽ صحبت ۾ سنڌي اديب ۽ شاعر سنڌي کان سواءِ اردو ۾ بہ لکندا رهيا. پير حسامالدين شاهہ راشدي

صاحب کيئي تاريخي مضمون ۾ مقالا اردو ۾ لکيا تہ شيخ اياز ۽ اردو ۾ شاعري ڪرڻ لڳو. اهڙي طرح هڪ ڏڏيل ماحول پيدا ٿيو. اردو اديبن ۾ الياس عشقي، آفاق صديقي۽ آذرنايابِ صديقي پرپورسنڌي شاعري ڪرڻ لڳا. اردو اديب ۽ شاعر پير صاحب ۽ شيخ اياز جن جي صلاحيتن ۽ ڏاهپ کان بيحد متاثر ٿيا. اهڙيءَ طرح جڏهن "انجمن ترقي پسند مصنفين" وجود ۾ آئي، تڏهن شيخ اياز کي ان جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. سنڌس اردو شاعريءَ جو اردو شاعرن تي ايترو تہ اثر پيو جو مشهور اديب ۽ شاعر آفاق صديقي سنڌس اردو ڪلام ترتيب ڏيئي "بوئے گل نالۂ دل" جي نالي سان شايع ڪرايو. اهو نندڙو مجموعو سن ۱۹۵۴ع جي جولاءِ مهيني ۾ "سنڌي ادبي سرڪل سکر" پاران پڌرو ڪيو ويو، جو پنجانوي صفحن تي مشتمل آهي. ان ۾ ڏهن صفحن تي مشتمل آفاق صديقي جو لکيل مهاڳ، جيڪو "پس منظر" جي عنوان سان آهي، سو بيحد ڪارائتو آهي. آفاق صديقي لکي ٿو تہ: "سنڌ جي جديد فنڪارن ۾ شيخ اياز جي حيثيت مثالي درجو رکندڙ آهي. سنڌي ادب جي ممتاز تنقيد نگارن سنڌس فني رمزن ۽ نُڪتن تي گهٽو ڪجهہ لکيو آهي ۽ مجموعي طور هر ڪنهن سنڌس حيثيت کي مڃيو آهي. سنڌس نگاهہ ڪائنات جي روشن ۽ تاريڪ پهلوئن تي هڪ ئي وقت اهڙيءَ طرح پوي ٿي جو ان جو عڪس سنڌس تخليقن ۾ ملي ٿين شڪل ۽ صورت اختيار ڪري ٿو. جو هن جي فني انفراديت سبب سنڌس شوق وارفتہ روح لاءِ آب حيات بڻجي پوي ٿو." آفاق صديقي وڌيڪ لکي ٿو تہ : "اياز جي اردو شاعري جي عمر اٺ ـ نو سال آهي، جنهن جو ڪيس چسڪو ڪراچي ۾ لڳو، مگر ڪراچيءَ جي مصروفيتن ۽ پيچ دُڪ ۾ هو ان تي کو خاص توجهہ ڏيئي نہ سگهيو. اتي قيام دوران هن ڪجهہ نظم لکيا ۽ پيا گهٽا نظم سکر ۾ تخليق ڪيائين، جن ۾ هن جي زندگي جو پورو عڪس موجود آهي. مگر انهن ۾ زندگي جو اهو فلسفو سمايل آهي، جو تڪيءَ اُس ۾ پٽ جي چانو جو ڪم ڏئي ٿو. هو فلسفہ ڪائنات ۽ ان جي خوبصورت مظهرن کي وڏي خوش اسلوبيءَ سان عالم موجودات ۽ عالم امڪانات جي وچ ۾ آئي باربط راهہ هموار ڪري ٿو، جا نہ رڳو مادیت تائين محدود آهي، پر روحاني سرور ۽ رسائي ٿي." (۳۵) ان ئي مجموعي ۾ آفاق صديقي، شيخ اياز جي شاعريءَ لاءِ ٻين نقادن جا رايا ۽ ڏنا آهن، جن ۾ پير حسام‌الدين راشدي جو سنڌس تصنيف "سنڌي ادب" (جو اصل اردو ۾ آهي، جنهن جو بعد ۾ سنڌي ترجمو غلام محمد لاکي ڪيو ۽ پنهنجي بهترين مقدمي سان گڏ ڪتابي صورت ۾ ڇپايو. ان جا ۽ ڇاپا ڇپجي چڪا آهن.) ۾ ڏنل رايو پيش ڪيو آهي: "شيخ اياز پنهنجي لاءِ نيون راهون ۽ نوان ادبي موضوع تلاش ڪيا آهن. هن ئي گيت کي سنڌي شاعريءَ ۾ رائج ڪيو آهي. "ملاح جو گيت" ۽ "باغي" وغيره سنڌس بهترين گيت آهن."

اهڙيءَ طرح منگهارام اڏا رام ملڪاڻي جو ۽ رايو ڏنو ويو آهي.

"Shaikh Ayaz is the youngest fire brand of Sindhi Poetry and the lyricist par excellence. He has the vision of born poet, and his verse forms have infinite variety from blank-verse to free-verse."

هن هيٺ "بوئے گل نالۂ دل" مان انتخاب پيش ڪجي ٿو:

مری روح کی راگنی سن رہے ہو
پرانی سی لے ہے پرانے سے نغمے
پرانی سی مے ہے پرانے سے شیشے
جنھیں مین چرالایا ہون ساقیان ازل سے
بصد زعم زاهد، بصد رنج ناصح

پلاتا رہا ہون نئے میکشون کو
کوئی کہہ دے یہ ساکنان چمن سے
مین وہ پھول لایا ہون چن چن کے بن سے
جو صدیون سے خوشبو دے جارہے ہین
پرستش کے قابل وہ اصفام لایا ہوں میں
جو کہ روح ابد مین تراشے گئے ہین
مگر وہ جبینین کہان، امتیاز پرستش کہاں ہے؟ (۳۶)

مین نے انسان کے دل مین جھانکا
ایک چھوٹا سا کنوان
جس مین عکسِ مہ و انجم کے سوا کچھہ بھی نہ تھا
میں نے چلو مین لیا کچھہ پانی
اور بلائیں دو جہان کی نظر آئیں مجھکو۔ (۳۷)

نین کنول مرجھائے
ساجن لوٹ نہ آئے
آشا کی اگنی تو من میں دیپ پہ دیپ جلائے
سمئے پرانا پاپی جگ میں لاکھون چاند بجھائے
ڈگر ڈگر بھٹکائے
ساجن لوٹ نہ آئے
کیا جانیں میری نینون سے نندیا کون چرائے
کاش مجھے آکاش پہ ایسا اک تارا مل جائے
جو چاند کا دیس دکھائے
ساجن لوٹ نہ آئے
بیتی رتیاں! آج جو مجھکو میرا کل ملجائے میں
جیون کی ناؤ ڈبو دون جو وہ مانجھی آئے
کون اسے سمجھائے
ساجن لوٹ نہ آئے (۳۸)

شيخ اياز پنهنجي اردو شاعريءَ متعلق لکي ٿو ته: "مون ورهاڱي کان اڳ اردوءَ ۾ ڪڏهن به شاعري نه ڪئي هئي. اها بي ڳالهه آهي ته ان وقت به مون کي اردوءَ تي ڪافي عبور هو ۽ منهنجو اردوءَ جو مطالعو نهايت وسيع هو. سن ستيتاليهه ۾ مون جڏهن نارائڻ شيام کي بمبئيَ وڃڻ لاءِ پاڻيءَ جي جهاز تي چڙهيو هو ته مون کي سندَ جي ادبي دنيا ڏانواڏول ٿيندي نظر آئي هئي. سنڌي ادب جي اڪثريت هندو هئي ۽ اهي لڳ ڀڳ سڀئي لڏي ويا هئا ۽ ڪراچيءَ جي سرناگتيءَ واري لئبريريءَ کان وٺي شڪ رپور جي جماڻي هال واريءَ لئبريريءَ تائين سڀ لئبريريون لٽيون

ويون هيون سنڌي ڪتاب ڪراچيءَ جي فٽ پاٿ تي رديءَ ۾ وڪاڻا ها. ان وقت مون ۾ انتها تنهائي محسوس ڪئي هئي ۽ پيدا ٿيل خلا کي پرڻ لاءِ مون ڪيئي اردوءَ جا اديب دوست ڪيا هاءِ انجمن ترقي پسند مصنفين ۽ حلقئه احباب ذوق جي نشستن ۾ شريڪ ٿيندو هوس. پهريون پيرو مون اردوءَ ۾ شاعري ۱۹۴۸ع ۾ ڪئي هئي ۽ ڪيترائي نظم انجمن ۽ حلقي ۾ پڙهيا ها جي ڏاڍو پسند ڪيا ويا ها. اهي نظم اصلي هوندا ها پر مان پڙهڻ وقت چوندو هوس ته اهي منهنجا سنڌي نظمن جو منظوم ترجمو آهن. هڪ دفعي حلقي جي هڪ نشست ۾ الطاف گوهر چيو هو "اياز، تون ٻٽو داد ٿو گهرين. هڪ پنهنجي اصل سنڌي نظم لاءِ ۽ ٻيو ان جي منظوم ترجمي لاءِ." هن کي پڪ هئي ته اهي اردو نظم اصلي آهن ۽ ترجمو ٿي نٿا سگهن. ان وقت مان ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪندو هوس. ڪجهه وقت کان پوءِ مون شدت سان محسوس ڪيو هو ته ڪراچيءَ ۾ منهنجي سنڌي شاعري ختم ٿي ويندي، ۽ جيتوڻيڪ مان وڪالت مان ڪافي ڪمائيندو هوس، مان اوچتو ڪراچيءَ کي خيرباد چئي سکر هليو ويو هوس. سکر ۾ به منهنجن ادبي دوستن ۾ اردوءَ جا اديب آفاق صديقي، حسن حميدي، فتح الله عثماني ۽ ٻيا ها. انهن سان گڏجي مون ڪيئي اردو- سنڌي ڪانفرنسون سکر ۾ ڪرايون هيون. سال ۱۹۵۲ع تائين مون اردوءَ ۾ شعر لکيو هو ۽ شاهه جي رسالي جو منظوم ترجمو به اٽي ڪيو هيم. ان دور ۾ منهنجي دوست آفاق صديقيءَ منهنجي اردوءَ جي مجموعه ڪلام کي "بوئے گل نالئہ دل" جي نالي سان ترتيب ڏئي شايع ڪرايو هوءِ ان ۾گهٽو ڪري اُهي غزل، گيت ۽ نظم شامل هيا، جي مون ڪراچيءَ ۾ لکيا ها ۽ 'حلقي' ۽ 'انجمن' ۾ پڙهيا ها." (۳۹)

کنج ويراں مين اکيلا بيٹھ کر
مئے کہان کی چاندنی پيتا ہون مين
يہ طلسم ہست و بود
آسمان نيلگون
چاند تارون کا فسوں
اک ازل کی کيف و مستی بخش ديتا ہے مجھے
اور ميں
جھومتا گاتا ہوا
کيف برساتا ہوا
ساغر مہتاب کوتھامے ہوئے
آسمانوں ميں چلاجاتا ہوں دور
اور بہ ہنگام سرور
کچھہ خدا کو بھی پلا ديتا ہون ميں (۴۰)

شيخ ايياز اردو شاعريءَ کان کناره ڪشي اختيار ڪرڻ کان پوءِ سنڌي شاعريءَ ڏانهن موٽيو ۽ هن پرپور نموني سنڌي شاعريءَ ۾ مستعمل هر هڪ صنف ۾ لکيو. خاص طور تي بيت، وائي ۽ گيت سندس مرغوب صنفون رهيون. انهن صنفن ۾ هن وڏي جدت آندي، جنهن کي سنڌي شاعريءَ ۾ انقلابي تبديلي چئي سگهجي ٿو. شيخ ايياز جي اهڙي انقلابي شاعريءَ جو مجموعو "پونر پري آڪاس" جي نالي سن ۱۹۶۲ع ۾ "پاڪستان رائيٽرس گلڊ ڪراچي" پاران چپائي پڌرو ڪيو ويو، جنهن ۾ بيت، دوها، گيت، ڇيچ، وايون، آزاد نظم، نظم، قطعا ۽ غزل آيل آهن.

"پونر پري آڪاس" جي پيش لفظ ۾ هو هرهڪ صنف جي وضاحت پيش ڪندي لکي ٿو تہ: "بيت سنڌي زبان جي منفرد صنف سخن آهي. شايد ئي دنيا جي ڪنهن ٻوليءَ جي مقفيٰ شعر ۾ هم قافيہ لفظ ائين ست جي وچ ۾ ملندا، جيئن بيت ۾ آهن. اهو سنڌي بيت جو ڪمال آهي تہ ان جي پهرينءَ ۽ پوئينءَ ست جي آخر ۾ نہ قافيو آهي نہ رديف، پر ان جي باوجود بيت ۾ ترنم ۽ هم آهنگي ٻيءَ هر صنف سخن کان زياده آهي. اهو خيال غلط آهي تہ سنڌي بيت ناموزون شعر آهي، جيتوٽيڪ ان جو فارسي بحر وزن سان ڪوئي ٻہ تعلق نہ آهي. بيت جي تقطيع ٻہ ايتري پختگيءَ ۽ گرفت سان ٿي سگهي ٿي، جيتريءَ سان ٻيءَ ڪنهن صنف سخن جي ڪئي وڃي. دراصل سُڻي سنڌي بيت جي تخليق نهايت مشڪل آهي، ۽ سڏ بيت اهوئي لکي ٿو سگهي، جنهن کي روح ۾ رواني ۽ ٻوليءَ تي ٻي انتها قدرت هجي. سنڌي بيت الهامي شعر آهي، آيت آهي.

"مون سنڌي بيت کي تصوف ۽ روايتي شاعري جي ڊير مان ڪڍي، اڇو اجرو ڪري، نئين رنگ ۽ روپ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. منهنجي واين جي هيئت ۽ موضوع ٻئي جداگانہ ۽ جديد آهن. وايون فارسي بحر ۾ آهن، پرانهن ۾ قديم وائيءَ جو تسلسل آهي، جو درحقيقت وائيءَ جي صنف سخن جي جان آهي."

پونر پري آڪاس ۾ دوهي ۽ گيت جو موضوع ٻہ ڪلاسيڪي دوهي ۽ گيت کان زياده وسيع آهي. شيخ اياز وڌيڪ لکي ٿو تہ: "نظم ۽ آزاد نظم ۾ ٻہ مون ترنم ۽ نغمگي برقرار رکڻ چاهي آهي. ترنم جي تخليق لاءِ نہ قافيو لازمي آهي ۽ نہ نظم جي ڪائي خاص هيئت. آزاد نظم شعري ڪيفيت جو آزادانہ جولان آهي ۽ نہ ٻي راهروي، جيئن عام طرح سمجهيو ويندو آهي. غزل جي فارسي ۽ اردو روايات کان ڪڍهن ڪڍهن هٽي، مون ان کي سنڌي روايات ۾ رڳيو آهي. اها ساڳي ڪيفيت اردو جي هندي آميز غزل ۾ ٻہ ملي ٿي." (۱)

بيت

اڇي اوت شراب، اٿم اڄ ازل جي،
سندم روح رباب، سِڪي پيو ڪنهن سُرلاءِ

سڄڻ جو ساريوم، تہ آيون هيرون هنج ۾،
جيڏانهن نهاريوم، چوڏهينءَ جي چنڊاڻ هئي.

اسان تي الزام، آنڍا جڳ جيئڻ جا،
جن جي روز جواب ۾، جرڪيا منهنجا جام،
ألا ڪڍهن عام، رسندا منهنجي روح کي.

جاڳ پٽائي گهوٽ! سنڌڙي ٿي توکي سڏي،
مرن پيون مارويون، قابو آهن ڪوٽ،
اڄ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيون.

پرسان تنهنجي پٽ ڏٽي، جهلي بينس جهول،
ڏنئي ٻہ ٽي ٻول، سخي منهنجي ساهہ کي.

ذنيون مون کي ڏات، ڳوڙهن ڀريون ڳالهڙيون،
لنوي منهنجي لات، ڏکڙا ساري ڏيهه جا.

سدا آهي ساهه کي ڳڀي جي ڳولا،
ڍَوَ بناڍولا، ناهي ساڃهه سونهن جي.

نڙي نياڻيءَ کي پيءُ، روٽي لاءِ رڙي،
تڙيءَ تي تڙي، هوند ڏني اڻ هوند کي.

دوها

بک تي نڪتي باک ۽ ڏک ۾ گذريو ڏينهن،
ڇڏ هي سک جون ڳالهڙيون، پنهنجو ڪهڙو نينهن!

ڏنا ڏنا ڪنهن، ڏنا ڏنا ڪنهن، منا منا هو چپ،
ڪُڇي هٽي ويا ڪپ اسان کي، ڪُڇي هٽي ويا ڪَپ.

ڳڙيا ڳلن تي هن جي ڳوڙها، ڪري ڪجل جي ڌار،
گهاوَ ڪري وئي اهڙا گهرا، ڪٽجي ڪيئن ڪٽار.

ماڻهوءَ جي مَنوَ رتي بدلي، ننهن کان وڇڙيو ماس،
ڪنهن جي من ۾ "ميران" ايندي، ڪنهن جو "ڪاليداس"!

منهنجي مڌ کي ميرو سمجهي، ٿڌي ڇڏين ٿو ٿانءُ،
تنهنجي من کان ميرو ناهي، هٿ رکي ڏس هانءُ،

(آزاد نظم)

اسان ننڊ جا نيڻ آهيون پرين!
سُتي ساهه جاڳي،
وڃي دور دور،
ستارا لتاڙي اسان جو شعور،
سوين چنڊ ساٿي،
ڪتين جا سوين قافلا رهگذر ۾،
سفر ۾،
سوين ڪائناتون،

نہ آغاز جن جو نہ انجام جن جو،
زمان ۽ مڪان کان مسلسل نجاتون،
ازل کان ابد تائين سڪ جون براتون:
جڏهن موت کائون،
سوين راز آٿيون،
سوين ساز جي لاءِ آواز آٿيون،
سوين چند چايون،
ستارا تڪايون،
انهن سان اچي جگ سجو جڳمڳايون،
اسان جاگ جا پاگ آهيون پرين!

گيت

انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!
جئن زمين آسمان
جي ڪلي پئي زبان
ڪُند ڪُند، چؤنڪ چؤنڪ
شهر شهر ڳوٺ ڳوٺ
جئن ڏئي اُٿي جواب ــ انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!
هي به ڪو نياءُ آ ــ
جو مزور پاءُ آ،
سو لهو پيئي پيو،
جنهن سبب جيئي پيو
سو پيئي پيو شراب! انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!

ڏوڏ هن سماج کي
لوڏ سامراج کي،
ناهه سونئون نظام،
جو چگو چئي عوام ــ
هي نظام آ خراب ــ انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!

ڳاءِ، ڳاءِ نوجوان!
جئن زمين آسمان
جي زبان کلي پئي،
زندگي اٿي چئي،
انقلاب! انقلاب! انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!

غزل

قدم قدم تي هجومِ، رندان، نظر نظر ۾ شراب خانا،
ڪري ويو ڪير بارشِ مَي، خمار آلود ٿيا زمانا.
شعورِ هستي جتي ڪٿي آ، شعارِ هستي ڪٿي ڪٿي آ،
پيئو پيئاريو، جيئو جيئاريو، مگر به اندازِ عارفانا.
اسان جو چاهيو ته روح تنهنجوچپن مان چوسي وٺون ته ساقي،
گهڙي نه گذري خلاف پنهنجي ٿيا سمورا شراب خانا.
ڪڏهن ڪڏهن موج مَي مان اپري خودي وري غرق جام ٿي وئي،
ڪندو رهيو ساحل تمنا سوين اشارا سوين بهانا.
مثالِ سيلاب وقت گذري، لٿي چڏيو قصرِ عاشقيءَ ڪي،
ڪٿي جبينون جهڪيون الائي، ڪٿي هيوسنگ آستانا.
اڙي! اڙي ترس ترس، ڪنهن ڪي مٽائين ٿو بي خبر، نظر ڪر،
'ايار' آ شاعرِ محبت، اڙي زمانا اڙي زمانا .

"پونر پري آڪاس" سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ نئون ۽ نڪور شاعريءَ جو مجموعو هو. گلبد پاران ان کي سال جو بهترين ڪتاب تسليم ڪيو ويو، جنهن تان شيخ ايار کي ادبي انعام به مليو. ڪتاب جي اشاعت تي رجعت پرستن شيخ ايار جي خلاف مخالفت ۽ احتجاج جو طوفان کڙو ڪيو، جي اڳ ۾ ئي جدت پسند ۽ ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن جي خلاف ممڻ مچائيندا رهندا هئا. وري جو رشيد پٽي "پونر پري آڪاس" جو پرپور اپياس "شيخ ايار جي شاعريءَ جو اپياس" جي عنوان هيٺ ماهنامه نئين زندگيءَ جي اپريل، مئي ۽ جون ۱۹۶۳ع جي پرچن ۾ لکيو، جنهن ۾ هن لکيو ته "شيخ ايار شاهه لطيف کان پوءِ پهريون شاعر آهي، جنهن صدين کان پوءِ سنڌجي ثقافت کي جياريو ۽ روشناس ڪرايو آهي." انهيءَ تان ته مت جي موڙهن وٽي گهوڙا گهوڙا ڪئي. چي: "شيخ ايار کي 'لطيف ثاني' سڏيو ويو آهي. رجعت پرستن جي هل ۽ هنگامي ادبي ماحول ۾ اهڙي آلودگي پيدا ڪئي جو ڏيهه ڏسي دنگ رهجي ويو. انهن سان مولانا غلام محمد گرامي ۽ رسول بخش پليجي قلمي جهاد ڪري اهڙو مقابلو ڪيو، جو سنڌي ادب جي ترقي پسند ۽ جدت پسند تحريڪن جي تاريخ ۾ اهڙا مثال مشڪل سان ملندا. مولانا غلام محمد گرامي لکي ٿو ته: "ايار بتڪلف شاعر نه بنيو آهي پر شاعري سندس فڪر و فن ۽ دل و دماغ مان ائين وهڪرا ڪري نڪري ٿي، جيئن چشمي مان ڌارا. سندس شاعريءَ جي "لئي ۽ طرح" اڪتسابي نه پر وجداني آهي. قلب تي جي وارداتون ۽ ڪيفيتون ڪيس گذرن ٿيون، تن کي ايار شاعريءَ جي ساغر ۾ اوتي ٿو. بعض اوقات سندس انفرادي فن، فن جي روايتي قدرن ۽ فني حدبندين جا بند به توڙي ٿو وڃي. اهي تڪلف ۽ تصنع جا جهوڙا ۽ جهامر، تول ۽ مٽڪا چني

هڪ آزاد رند وانگر، نغاري جي چوٽ ٿو للڪاري. مصلحت ۽ ابن الوقتي، جا اڄڪلهه جي سماجي قدرن اهلِ فڪر ماڻهن جي قلم ۽ زبان تي مسلط ڪري ڇڏي آهي، تنهن سان 'اياز' بغاوت ڪري منصور وارو 'اناالحق' جو بلند آهنگ نعرو هنيو آهي." گرامي صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته: "اياز جي شاعريءَ اهو به واضح ڪيو آهي ته فن ۽ اسلوب، هيئت ۽ مواد، سڀ "ثانوي درجو" رکن ٿا 'اياز' سنڌ جي جديد شاعريءَ جو پهريون شاعر آهي، جو فني حيثيت سان هيئت جي زوليده ۽ پيچيده انداز ۽ معيارن کان آزاد ٿي شاعري ڪري چڪو آهي. سندس تقليد ۽ تتبع هر هزارين شاعر پيدا ٿيا ، جن هر نو آموز به شامل آهن، ۽ استاد به. پر کين نه ڪو اياز جو فن حاصل ٿيو نه زبان، نه انداز بيان نه قدرت خيال، نه رنگيني نه خوش ادائگي، نه جوش نه مسرت. "اياز" جو فڪري مواد به جامعيت رکي ٿو. اهو پنهنجي "شعوري وحدت" جي ترجماني ڪندي، بيت ۽ دوهي، غزل ۽ وائي، ڪافي ۽ غزل جا قالب اختيار ڪري ٿو، پر اهي جڏهن شعوري طور اختيار ڪيل نه ٿا ٿين، تڏهن سندس نظم ڪڏهن غزل نما آهن ته ڪڏهن سندس غزل آهن گيت نما. ته ڪڏهن سندس گيت آهن نظم نما، اهل نظر جي نظر ته ڪلام جي معنويت تي رهي ٿي، تنهن ڪري ظواهر جا پيالا ڪهڙا به ڪٽي هجن، 'مي' ته موجود آهي: "نشئه" مے کو تعلق نهين پيمانے سے" (۴۳)



شيخ اياز ۽ انور فگار هڪڙو

شيخ اياز جو فڪري سفر هميشه اڳي کان اڳرو رهيو. سندس ذاتي زندگي ۽ وڪالت جو مصروفيتون ڏسي حيرت ٿي ٿئي ته هن ڪيئن پنهنجي شاعريءَ لاءِ زندگي وقف ڪري ڇڏي. هن مضمون هر سندس بالڪپڻ، نندپڻ ۽ جواني جي ڪجهه قدر ڳالهه ڪيل آهي، جنهن هر سندس پرپور عشقن جي داستانن کان پاسو ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي هن پاڻ ئي پنهنجي آتم ڪٿا جي هر ڪتاب هر ذڪر هيٺ آندا آهن. هونءَ به شيخ اياز جي قلم مان نڪتل هر ست سندس آتم ڪٿا جو حصو آهي، جنهن کان ڪڏهن به انڪار ڪري نٿو سگهجي

آءٌ پنهنجي مضمون جو اختتام اياز جي هنن لفظن سان ڪرڻ ٿو چاهيان:

"الست" جي عهد کان پوءِ جڏهن انسان عالم بالا مان ڌرتي طرف ٿي آيا، تڏهن مان تنها پنڌ پيو هوس. جڏهن پنڌ ڪري ڪري ٿڪجي پيس، تڏهن هيڏانهن هوڏانهن نهاريم ته پريان ڪجهه درخت نظر آيا. مون ويجهو وڃي ڏٺو ته انگور جي ول هيٺيان هڪ رند لا اُبالي پنهنجي صراحيءَ مان جام تي جام پري پي رهيو هو. مون هن سان اڃا ڏيٺ ويٺ ئي نه ڪئي هئي ته هن صراحيءَ مان جام پري مون ڏانهن وڌايو. مون حيرت هر هن کان پڇيو "تون ڪير آهين؟" هن جواب ڏنو: "منهنجو نالو عمر آهي، عمر 'خيام' مون ڪوئي به عهد نه ڪيو آهي ۽ سيني کي لنوائي پڇي آيو آهيان.

"ايتري هر مون کي پريان گيڙوءَ رتي لباس هر هڪ جوڳياڻي نظر آئي، جنهن کي هڪ ڪلهي تي يڪتارو هو ۽ ٻئي تي چونئري. هوءَ ڳائيندي ٿي آئي:

"موري جنم مرن کي ساٿي،
توهي نا بسرون دن راتي."

(منهنجي جنم مرڻ جا ساٿي! تون مون کان ڏينهن رات نٿو وسرين.)

جڏهن هوءَ ويجهو پهتي تہ هن مون کي چيو: "هيءَ چونئري تہ وٺائي هيٺ رک، مان ڏاڍي ٿڪجي پيئي آهيان. الاجي شيام ڪٿي ملندو!'

"مون هن کان پڇيو، مائي تون ڪير آهين؟"

"مان؟ مان ميران ٻائي آهيان."

"ڪيڏانهن ٿي وڃين؟"

"ڪيڏانهن؟ خبر ناهي، شيام الاجي ڪيڏانهن ويو!"

"انهيءَ چونئريءَ ۾ ڇا کنيو اٿئي؟"

"ڇا کنيو اٿم؟ ان ۾ اهي ڳوڙها ڪنا ڪيا اٿم، جي شيام جي وڇوڙي ۾ ڳاڙيندي آئي آهيان."

'هون!' ، خيام کي ڳالهہ نہ وڻي، ۽ هن مون کي اشارو ڪيو تہ سندس جام ڳيت ڏيئي پي وڃان. مون چُڪي چکي- اها تارونءَ کي ايتري تہ تکي لڳي، جو مون جام رکي ڇڏيو. "هي انگور جو رس آهي، ڇو نٿو پيئين؟" خيام پڇيو. مون جواب ڏنو، "خيام تنهنجي رس ڏاڍي تکي آهي."

ميران ٻائيءَ تڏو ساهہ کڻي چيو، "انهيءَ رس ۾ هن چونئريءَ جو ڪجهہ پاڻي ملائي پيءُ، شايد ان جي تِک گهٽجي وڃي."

مون خيام جي رس ۾ ميران جا ڳوڙها ملايا، ۽ پوءِ ڪيئي جام پي ويس. ان وقت خيام هيٺئين رباعي ڳائي رهيو هو:

آمد سحري ندا زندا ميخانه ما،
کہ اي رند خراباتيءَ ديوانه ما،
بر خيز که پرکنيم پيمانه ز مئي،
زان پيش که پرکنند پيمانه ما.

(صبح جو ميخاني مان صدا آئي تہ اي اسان جا رند خراباتي ۽ ديوانا! ان کان اڳ جو اسان جي زندگيءَ جو پيمانو ڀرجي وڃي، اٿي تہ پيمانو شراب سان ڀريون).

حوالا

(١) محترم حق نواز، "نقش" ناياب (جنم: ٧-١٢-١٩٤٨ع) ولد عبدالمجيد منگي، شڪارپور جو مشهور شاعر، اديب ۽ محقق آهي. سندس تخليقون ۽ تحقيقون سنڌ جي مختلف رسالن ۽ ڪتابي سلسلن ۾ شايع ٿيل آهن.

(٢) مورياڻي خليل ، "شڪارپور-سونهن جو شهر" : (مرتب پاران لکيل نوٽ): "شڪارپور ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي شڪارپور" جولاءِ ١٩٩٦ع، ص ص ١٣ ۽ ١٤.

(٣) آغا صوفي: "هوالحڪيم" :

(٤) هَڪڙو، محمد انور فگار: "شڪارپور شهر جو سنڌي ادب ۾ حصو" (١٨٤٣ع کان ١٩٧٠ع تائين): پي. ايڇ. ڊي لاءِ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ سال ١٩٩٦ع ۾ پيش ڪيل تحقيقي مقالو." (اڻ ڇپيل) ص ص ٢٩٤ ۽ ٢٩٥.

(٥) شڪارپور جي ميونسپل جي جنم-فوتي رجسٽرن تان ورتل تاريخون ۽ سن.

(٦) ڏسو حوالو ٤- ص ٣٠٠.

(٧) شيخ اياز: "ڪٿي نہ ڀڃبو ٿڪ مسافر" (آتم ڪهاڻي): نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ١٩٩٦ع ص ٩٧.

(٨) ڏسو حوالو ٤- ص ٣٧٠.

(٩) ماهوار "ٻالڪ" مئگزن: ڊسمبر ١٩٣٧ع ص-١.

(۱۰) ایضاً ص ٦.
(۱۱) ایضاً ص ۸-۹.
(۱۲) ماهوار "هالڪ" مئگزن شڪارپور جنوري ۱۹۳۸ع ص-۱۰.
(۱۳) ماهوار "سدرشن" جنوري-فيبروري ۱۹۳۸ع ص ٦.
(۱۴) شيخ اياز: "ساهيوال جيل جي ڊائري" : نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد: مئي ۱۹۸٦ع.
(۱۵) گيانچنداڻي سوپو: "سوامي رام تيرٿ" (مضمون) ماهوار 'سنڌو' ۱۹۳۵ع ص ۳.
(۱٦) ڏسو حوالو ۴- ص ۳۲۸.
(۱۷) مبارڪ علي مبارڪ شيخ: برسات: ماهوار "سنڌو" نومبر ۱۹۳۸ع.
(۱۸) ڏسو حوالو-۴ ص:
(۱۹) ماهوار رسالي "سنڌو" پاران شايع ٿيل خاص مئگزن 'نئين سنڌ' .
(۲۰) ڏسو حوالو-۴ ص:
(۲۱) ماهوار 'سنڌو' جون ۱۹۴۲ع.
(۲۲) ماهوار 'سنڌو' : سيپٽمبر ۱۹۴۳ع
(۲۳) مهراڻ ڪراچي: مئي، جون ۽ جولاءِ ۱۹۴٦ع.
(۲۴) "مهراڻ" ڪراچي: آڪٽوبر ۽ نومبر ۱۹۴٦ع.
(۲۵) "مهراڻ" ڪراچي: آگسٽ ۱۹۴۷ع.
(۲٦) ماهوار رسالو 'سنڌو، اپريل-مئي ۱۹۴۷ع.
(۲۷) شيخ اياز: "سفيد وحشي" : باغي ڪراچي: اپريل ۱۹۴۷ع.
(۲۸) رام امر لعل پنجواڻي: "شيخ اياز: هند ۽ سنڌ جي وچ ۾ هڪ پُل هو:" (مضمون) ماهوار "پرڪ" ڪراچي، شمارو ۱-۲ سال ۱۹۹۸ع: ۱۷.
(۲۹) "اسان جي سنڌ" باغي ڪراچي: جون ۱۹۴۷ع ص ص ۵ ۽ ٦.
(۳۰) ايضاً ص ۹ ۽ ۱۰.
(۳۱) ايضاً ص ۱۱ ۽ ۱۲.
(۳۲) جويو، محمد ابراهيم: "ڪي جو پيجل پوليو" جو مهاڳ.
(۳۳) ماهوار "اڳتي قدم" شڪارپور: ص ص ۳۴ ۽ ۳۵.
(۳۴) راز، شيخ عبدالرزاق: "سنڌي ادبي ۽ جدت پسند تحريڪ" (مضمون) نئين زندگي ڪراچي مارچ ۱۹۷۰ع ص ۳۴.
(۳۵) صديقي آفاق: "بوئے گل نالۂ دل" : پس منظر: سندهي ادبي سرڪل سڪر: جولائي ۱۹۵۴ع.
(۳٦) ايضاً ص ۲۱ ۽ ۲۲.
(۳۷) ايضاً ص ۳۱.
(۳۸) ايضاً ص ۹۳ ۽ ۹۴.
(۳۹) شيخ اياز: "ساهيوال جيل جي ڊائري" : ص ص ۱۲۸ ۽ ۱۲۹.
(۴۰) ڏسو حوالو ۳۵ ص ۸۰.
(۴۱) شيخ اياز: "پونر پري آڪاس" نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ۱۹۸۹ع ڇاپو ٻيو: پيش لفظ: ص ۱ کان ۴.
(۴۲) ايضاً ڇاپو پهريون.
(۴۳) گرامي، مولانا غلام محمد: 'پڙلاءُ' (مضمون) ماهنامو نئين زندگي ڪراچي: جولاءِ ۱۹٦۳ع ص ۴۰ کان ۴۳.

غلام محمد گرامي

شيخ ايياز - جديد سنڌي ادب

سنڌي جديد ادب ۾ شيخ ايياز کي جا ممتاز حيثيت حاصل آهي، تنهن کان ته ڪنهن کي به انڪار ڪونه آهي. هن شاعر جي عظيم فن ۾، تنوع جي لحاظ کان توڙي افاديت جي خيال کان، بهار آفرين ڪلام جي فراواني آهي. سندس پيرايهء بيان ۾ سوز سان گڏ رنگيني ۽ جزالت آهي. ڪٿي ڪٿي سندس اسلوب بيان جي جدت ۽ شدت سندس فن ۽ ان جي اثر کي دوآتشو ڪريو ڇڏي. هڪ خلاق معاني شاعر وانگر، سندس فني اشارات جي دنيا به رنگين ۽ وسيع آهي. مختلف عنوانن هيٺ، سندس ڪلام جو مختصر انتخاب چونڊي پيش ڪريون ٿا. اميد آهي ته سندس شعر جي فهم ۽ مطلب کي باذوق ۽ اهل نظر، پنهنجي پنهنجي حال ۽ استعداد آهر، پنهنجي ذوق ۽ معنوي اعتبار موجب سمجهن ۽ پروڙڻ جي ڪوشش ڪندا.

ازل جا آواز:

اســـان تـــي الـــزام، آنـــدا جـــگ جـــيـــئـــن جـــا،
جـن جـي روز جـــواب ۾، جـرڪـيـا مـنـهـنـجـا جـام،
الا، ڪـڏهـن عـــام، رسـنـدا مـنـهـنـجـي روح ڪـي!

مٿئين بيت ۾ زندگيءَ جي هڪ پرڪيف ۽ وجدانگيز تاثر جو رنگين نقش موجود آهي. شاعر جي معنيٰ ته، "المعنيٰ في بطن الشاعر" جي مصداق، سندس ذات ۽ خيال تائين محدود آهي، تاهم ڪلام جي دروبست کي اڳيان رکي چئي ٿو سگهجي ته انسان جي بيمقصد حيات، جنهن ۾ نه جدوجهد آهي ۽ نه تخليق، جا موت سان هم آغوش ٿي چڪي آهي، افسوس آهي جو 'جگ' جي سطح بين ماڻهن ان کي جياپو ئي تصور ڪيو آهي. شعريت جو پرپور تاثر اهو آهي جو جگ جي ان نتيجي کي شاعر 'الزام' ٿو سڏي، جو معنوي حيثيت سان ان مفهوم کي واضح ڪري ٿو ۽ ڏاڍائي ٿو ته جيئن ڪنهن مردي کي قاتل چوڻ حد امڪان کان ٻاهر آهي، اهو اختراع ۽ الزام آهي، تيئن بيمقصد حيات جي به ڪا زندگي! اهو ته هڪ 'الزام' آهي. اڳتي هلي چوي ٿو ته انهن جي جواب ۾، "جرڪيا منهنجا جام". 'جام جو جرڪڻ' پنهنجيءَ جاءِ تي نهايت حسين چيز آهي، پر اهو ڏسڻو آهي ته 'الزام' جي جواب ۾ 'جام' ڇا کي ٿو چوي، ۽ ان جو جرڪڻ ڇا؟ سطح بين نظر سان ته اهوئي تعبير ٿي سگهي ٿو ته شاعر فراريت حاصل ڪري، حيات جي جدوجهد کان هارائي، وڃي شراب جي پناهه ورتي آهي. پر ان کان پوءِ 'جرڪيا' ضرور ان تعبير لاءِ مونجهارو پيدا ڪندو. مطلب اهو آهي ته 'عام' منهنجي 'روح' کان آشنا ڪين آهن، تنهنڪري نڪو هو مون کي ٿا سمجهي سگهن، نڪو منهنجي 'جام' کي ٿا ڄاڻن، ۽ نڪو منهنجي 'شراب' جي ڪا ساڃاهه اٿن- حالانڪه منهنجو جام 'جام جهان نما' آهي، ۽ ان ۾ شراب 'شراب معرفت' آهي، ان جو 'جرڪڻ' آهي معنيٰ آفريني ۽ نڪته سنجي. ان ۾ 'انسان' مان مراد موجود حيات اجتماعي آهي، جا مري چڪي آهي، جنهن ۾ شاعر تعميم ڪري، پاڻ سميت بيان ڪري ٿو. حالانڪه ان تعميم ۾ 'شاعر' محذوف آهي، ۽ ان جي مردگي کاالعدم! شاعر جي ان روح کي 'عام' نٿا رسي سگهن.

هن منهنجي ذاتي تعبير جي روشنيءَ ۾ شعر جي افاديت ۽ جامعيت ڪٿي وڃي پهتي آهي، ان جو اعتراف سخن سنج ئي ڪري سگهن ٿا. اگر ڪنهن به شاعر جو ڪلام پنهنجي ذاتي استعداد ۽ فهم جي معيار تي پرکڻ شروع ڪبو، ته پوءِ ان مان معنيٰ به پيدا ٿيندي ۽ فن سان انصاف به ڪري سگهبو.

ان سلسلي جا پيا چند شعر هي آهن:

اچي اوت شراب، اٽم اُڄ ازل جي،
سندم روح رباب، سڪي پيو ڪنهن سُرَ لئه.

پرهه جا پياڪَ، ڇُڪيون چاڑهن چنڊ مان،
ستارن جي سنگ مر، راتين جا رولاڪَ،
مٽجي ٽيا ماڪَ، ڳوڙها ڳاڙي ڳجهه مر.

شعر مر 'پرد'، 'پياڪ'، 'ڇڪيون'، 'چنڊ'، 'ستارا'، 'راتيون'، 'رولاڪ'، 'ماڪ'، 'ڳوڙها' ۽ 'ڳُجهه' توجهه جي لائق آهن. ڳالهه شراب مر لڪل آهي. چنڊ 'جام' آهي؛ 'ڳوڙهن جو ڳُجهه مر ڳڙي ماڪ ٽيئ' ان مر هڪ عظيم تاثر موجود آهي.

ازل جا آواز، اچن ٽا اڌ رات جو،
وَسن ٽا ويساهه لئه، سي روحاني راز،
صديون سُتل ساز، وڃن ٽا وجود مر.

ان مر ازل ۽ ان جا آواز ۽ "روحاني راز" توجهه جي قابل آهن. ان طرح ڪيفيات ۽ واردات مر اهي 'ساز' آهن، جي صدين کان خاموش آهن، جي ازل جي آواز اچڻ سان 'وجود' مر وڃن ٽا. شعر جو تعبير نهايت رنگين ۽ حيات آفرين آهي.

اچي ٽو آواز، پريءَ جي پيرن جو،
ڪو روحاني راز، سُري پيو سانت مر.

'سانت' مر 'روحاني راز' جو پيدا ٽيڻ، 'پريءَ' جي پيرن ۽ اڻ جي آواز سان وابسته آهي. ظاهر آهي ته 'پرين' کو معمولي نه آهي، جنهن سان روحاني راز وابسته چئجي. مٿين چند بيتن جو تعبير اڳيان رکي، پوري ڪلام کي مطالع ڪرڻ گهرجي.

جديد سنڌي شاعري ۽ شراب.

ان طرح، جديد سنڌي شاعريءَ مر شراب وارو سارو مواد، قديم توڙي جديد، ذوجهتين ئي سمجهڻ گهرجي. ان طرح لطيف ۽ سچل وٽ جو مَڌ ۽ شراب آهي، اهو به شرابِ معرفت ئي تصور ڪرڻ گهرجي. لطيف وٽ جو 'موڪي ۽ ڪلال' جواستعارو آهي، ان کي مرشد ۽ رهبر به تصور ڪرڻ گهرجي. ان سلسلي مر ان چنڊچاڻ ڪرڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي ته آيا واقعي لطيف ۽ سچل شراب پيئندا هئا يا نه؟ جيئن خيام لاءِ ثابت آهي ته هو شراب پيئندو هو، ۽ حافظ لاءِ هڪ اڌ محقق قائل آهي ته هو شرابنوش هو، پر اڪثر ڪري شارحن انهن جي شراب کي شراب معرفت ئي قرار ڏنو آهي. بلڪل ان وانگر، جديد ادب جي شاعريءَ مر آيل 'مڌ' ۽ 'ڪلال' جو به تعبير ڪرڻ جڳائي. رڳو عام قسم جي ايرانين وانگر مينوشيءَ تائين محدود رهڻ، نه فقط حافظ ۽ خيام تي ظلم آهي، پر لطيف ۽ سچل تي به ظلم ڪرڻ جي برابر آهي. ان طرح، جديد شاعريءَ مر آيل 'مڌ' ۽ 'ڪلال' کي رڳو مجازي مطلب تي تاويل ڪرڻ نه جڳائي. ان سلسلي مر خواص جي راءِ کي ترجيح ڏيڻ گهرجي ۽ نه عام جي تقليد ڪرڻ گهرجي.

ان سلسلي مر جديد سنڌي شاعري جي نمائندي شاعر شيخ اياز جي فن ۽ ڪلام کي مطالع ڪرڻ ئي ڪافي ٽيندو. سندس خميريات جو مفهوم ته پڌندڙن جي ذوق ۽ صلاحيت تي مدار ٿو رکي، تنهن هوندي به چند اشارا لکيا ويا

آهن، جن جي روشنيءَ ۾ نظر ايندو تہ اياز جي ڪلام کي حافظ ۽ خيام جي ذوجهتين تعبيري رعايت کان محروم ڪندڙ ناقد ۽ معترض ڪيتري نہ غلط فهمي پيدا ڪري چڪا آهن. پوءِ پلي تہ خيام وانگر اياز بہ باده نوش ئي ثابت ٿئي، تاهم جيئن خيام جي ظاهري باده نوشيءَ کي نظرانداز ڪري محقق ۽ شارح ان مان 'شرابِ معرفت' حاصل ڪري چڪا آهن، تيئن اياز جي 'مڌ' ۽ 'ڪلالخاني' مان بہ ان قسم جو شراب مراد ونجي. بس اهو آهي ذوق جو فيصلو. شاعريءَ جي شراب کي هڪڙو انقلابي 'پيغامِ انقلاب' ئي تصور ڪري سگهي ٿو: هڪ صوفي الطبع، 'شرابِ معرفت' ؛ هڪ طالب، سلوڪ جي منزلن مان ابتدائي منزل؛ هڪ سالڪ، طريقت جي مقامات مان هڪ مقام؛ هڪ مجذوب الحال، جذب ۽ حال جي عالم ۾ هڪ وجدانگيز اضافو؛ هڪ غمزده، زماني جي مصيبتن کي برداشت ڪرڻ لاءِ حوصلي افزا تلقين؛ هڪ مجاهد ۽ انقلابي، پنهنجي باطل شڪن دعوت ۽ تحريڪ لاءِ مقامِ عزيمت. اڄ تائين شاعريءَ واري شراب کي ان طرح ئي عالمن ۽ سالڪن، عارفن ۽ بزرگن پيتو آهي. شاهہ ۽ سچل جو شراب بہ اهوئي آهي، ۽ جديد شاعريءَ جو شراب بہ اهوئي سمجهڻ گهرجي.

اياز چوي ٿو:

پيءُ پيارا، او متوارا، آکيو ڪنهن جي اک،
ملي نٿو هي مڌ ڪنهن هَٿَ ۾، چُڪي انهيءَ مان چک.
پيءُ پراڻو مڌ هن مَٽَ مان، اوري آءٌ، ادل!
هن مان سامي پياس بُجهائي، پيتي سُرڪ سچل.
مَي تي ناهہ ميار، اديون ڏي، مَي تي ناهہ ميار،
سيج اسان جيءَ جا سُوريءَ سان اڳ ئي ها اقرار.
منهنجي من ڪي چيري ڦاڙي، ڪلين پيو انسان،
آءٌ تہ تنهنجو امرت آهيان، اُچلئيہ ڪيئن نادان!
منهنجيءَ پياليءَ تي ٿو پَسرين، پُرجهيئہ ڪونہ پياڪ،
رُسي وڃين ٿو منهنجي رس سان، تڪي رکين ٿو تاڪ.
منهنجي مڌ ڪي ميرو سمجهي، ڏُڏي ڇڏين ٿو ٿانءُ،
تنهنجي من ڪان ميرو ناهي، هٿ رکي ڏس هانءُ.
چٽنگ چُڪيءَ مان نڪتي، جنهن مان نڪتا ڪيئي نڪٽ،
ڪهڙو مڌ، جنهن هيئين من ۾ پڙڪايا پنيٽ!
پيئو جيئو، اي متوارؤ! مڌ جو ناهي مَٽ،
دور وڃي ٿو چندرما ڪي چهندو ڇايا نٽ.
پيئو جيئو، رچي وڃي جئن جَجوَنتيءَ ۾ جاڳ،
مڌ جي مام ملي جو تَن ۾، راڳ ٿيا ويراڳ.

اياز متوارن کي اها مَڌ ٿو آڇي، جا سچل ۽ ساميءَ پيتي آهي. اها مَڌ وڏي وٽ آهي، جا هٿن تي کان ٿي ملي. اها مَي شاهہ واري آهي، جا 'سوريءَ' ڏانهن ٿي سڏي. 'متوارا' انقلابي ۽ اصلاح پسند ماڻهو ۽ 'مڌ' آهي پيغامِ انقلاب. 'متوارا' آهن سالڪ ۽ 'مڌ' آهي ميءَ معرفت. اها مَي شعله افشان آهي، باطل سوز آهي، ۽ حيات آفرين آهي. 'پيالو' ۽ 'ظرف' آهي ڪنايو جئن "نشہ مَے کو تعلق نہیں پیمانے سے!" (اقبال)

اياز چوي ٿو تہ ان مَڏ جو ملهہ گهٽو آهي، ان کي 'ميرو' سمجهي نڪرائي نہ ڇڏ. هيءَ مَي ڪُهنہ آهي، سہ آتشہ آهي، آگ آهي، ان کي ڪي 'زهر پياڪ' ئي پي سگهن ٿا. ڪَچن ۽ ڪنواڻن جي هت جاءِ نہ آهي.

سچا سالڪ.

ٿانبن تي ٽُليا، پانڌي تنهنجي پرت جا،
وڇڙيا هر ڪنهن وچ سان، ڪنوٽين تي ڪليا،
تو سان نيٺ مليا، سَٽون ڏيئي ساهہ جون.

–

سهسين سورج چمڪيا، ڪيا چند چٽاءِ،
ماڻهوئڙن مٽاءِ، اڃا اوندهہ نہ لٿي.

–

اوندهہ تي اولا پيا، لڇندي رات لڙي،
ساهہ نهوڙيو سوچ ۾، تارن ننڊ تڙي،
جنهن ۾ اک اُڙي، سامهون آ سو سوجهرو.

–

واسينگن جي واتَ، آهي سفر سچ جو،
ڪيئي ٽيڪ ڪاتَ، هلندي حبيبين ڏي.

–

اُيي آهہ ڪجور، اکيون وجهي اُپ ۾،
اڇي پيو عرش تان، نهريون ڪري نُور،
چند چَرئي کان دور، پاڙون ٿَس پاتار ۾.

–

هيءَ جهرٽي جي جهاڻ، ۽ هيءَ باک بسنت جي،
سارو عالم پاڻ، رچي ويو راگ ۾.

فن ۽ شاعريءَ جو عظيم مقصد آهي افسرده دل ۾ زندگيءَ جا نوان ولولا پيدا ڪرڻ. جا شاعريءَ کوبہ ولولہ انگيز ردعمل نٿي پيدا ڪري، اها بي معنيٰ آهي. مٿين بيتن ۾ شاعر 'پريت جي پنڌ' متعلق اميدافزا ۽ روح پرور پيغام ٿو ڏئي. زندگيءَ جو اٽانگو ۽ اوکو سفر کي مهميز ۽ مَٽير مرد ئي طي ڪن ٿا. مقصد تائين رسائيءَ لاءِ رُڄ ۽ رائي کي جهاڳٽو پوي ٿو. هڪ انقلاب پسند پنهنجي جدوجهد ۾ جيڪي ڏک ۽ ڏاکڙا ڏسي پسي ٿو، اهي جانگداز ٿين ٿا. ڪنهن بہ مصلحت شناس ۽ ابن الوقت جو ڪم ناهي جو هو انقلاب جو نالو وٺي. هيءَ ڪا ٻاراٽي راند نہ آهي، جا ڳوٺ جا ڳيرو کيڏندا وتن.

'ايازَ' پنهجي افسرده ۽ مرده دور ۾، ڪنايي طور، انقلاب کي 'پريت'، انقلابيءَ کي 'پانڌي' ۽ جدوجهد کي 'پنڌ' ٿو سڏي. انهن جي بلند حوصلي ۽ مردانگيءَ لاءِ چوي ٿو تہ باطل ۽ استبداد وچ وانگر پٿي مٿن وارَ ڪيا، پر هي مانجهي مرد وچ سان بہ وڇڙيا، ۽ ڪنوٽين تي ڪلندا ۽ رمندا رهيا، ۽ اهي نيٺ وڃي منزل پيڙا ٿيا. سندن جدوجهد

کي 'ساهه جون سَتون' سڏڻ، انهن لاءِ وڃ سان وڇڙڻ ۽ ٽاندن تي ٽلڻ جو بيان ڪرڻ، شاعر جي نه فقط انقلابي شعور سان وابسته آهي، بلڪ ان سان گڏ منزل رسيدگيءَ جي لذت سان به همڪنار آهي. ان طرح، سچ جي سفر کي واسينگن جي وات سڏڻ ۽ حبيب ڏانهن هلندي ڪيترن جو ڪَٽجي وڃڻ، نهايت صحيح قسم جي ترجماني آهي.

حافظ ۽ خيام.

شاعرِ سَرمست آهيان، گرچ هان
سَرمد و منصور عُرفِ عام ۾.
سو نه 'رومي' ۾ نه 'رازي' ۾، "اياز"،
مون ڏٺو جو 'حافظ و 'خيام' ۾.

-

پيئو، پيئو، پيئو ڏي يار!
جيئو، جيئو، جيئو ڏي يار!
پيئو ڏي يار! جيئوڏي يار!

ڏينهن به ساڳا، نينهن به ساڳا، مُند به ساڳي، مينهن به ساڳا:
ڪنهن جا ڪنهن جا ڏک سارينڌو، ڪيسين گذريءَ ۾ گهاريندو:
مَي آ وِهَ جو وِهَ تي وار!
پيئو ڏي يار! جيئو ڏي يار!

چند به ساڳيو، رات به ساڳي، بوند به ۽ برسات به ساڳي:
هر شي ۾ ڪا ياد رهي ٿي، ڏاهپ جنهن جا ڏنگ سهي ٿي:
ڏک جي ڏولي، سُک جي سار!
پيئو ڏي يار! جيئو ڏي يار!

روپ به پل لئه رنگ به پل لئه، ساٿ به پل لئه، سنگ به پل لئه:
هار به پل لئه جيت به پل لئه، منڍا منڍا ميت به پل لئه:
جگ ٿي پل جو آهه پَسار!
پيئو ڏي يار! جيئو ڏي يار!

پيار پکيڙو هو پرڏيهي، آيو هو پجري ۾ پيهي،
نيٺ اُڏامي ويو ٻئي پار، چو نه پکيڙيون ٻيا ڪي جار:
ڪيئي پکيڙا لک هزار!
پيئو ڏي يار! جيئو ڏي يار!

مُکڙيون ميڙي ديرِ لڳايو، مَي ڇڪايو، ساز وڄايو:
ناچ وجمو، گهنگهرو ڇمڪايو، گايو، گايو، غم کي گهمايو:
مڪو، ڇڪو، ٻمڪو، يار!
پيئو ڏي يار! جيئو ڏي يار!

اياز کي حافظ ۽ خيام سان روحاني ۽ وجداني تعلق آهي. انهن جي رندي ۽ قلندري کيس پسند آهي. ان

سلسلي ۾ هو مولانا روميءَ جي تصوف آميز فلسفيانہ ڪلام ۽ رازيءَ جي منطقيانہ موشگافين تي خيام ۽ حافظ جي قلندريءَ کي ترجيح ٿو ڏئي. انهن جي 'شراب' ۽ 'جام' جي ڪيف ۽ جذب کي ئي آبِ حيات ٿو سمجهي. اڳتي هلي، انهن جي ئي رنگ ۾، "پيئو، پيئو، پيئو ڏي يارا!" ۽ "جيئو، جيئو، جيئو ڏي يارا!" ٿو چوي. حافظ چيو آهي "بياتا گل بيفشانيم"، پر اياز چوي ٿو: "مڪڙيون ميڙي ديرِ لڳايو- مَي ڇڪايو، ساز وڄايو. ناچ وجهو، گهنگهرو ڇمڪايو- ڳايو، ڳايو، غم کي گهايو- مهڪو، چهڪو، بهڪو، يارا!" ڇا رواني، ڇا ترجماني آهي! هيءُ ہہ خيام ۽ حافظ واري "مَي معرفت' نہ آهي تہ پلا ڇا آهي؟ جي نہ آهي، تہ چو؟

مڌ ۽ پيالو. اُهائي مَڌ ۽ اُهوئي جامِ جهان نما! اياز ان جامِ جم ۾ ان محبوب جو هرهنڌ حضور ٿو حاصل ڪري، جنهن سان سندن جان جڙي آهي. سندس جذبات پاڪيزه، شاعراڻا ۽ روان دوان آهن. ملاحظہ ڪريو: زبان جي سلاست کي ڏسو، ۽ تاثر جي شدت کي جاچيو:

جتي ڪٿي هو آهي جيڏيون، جنهن سان جان جَڙي!
ملي ويو هو پنهنجي مَڌ سان، ڳوڙهن منجهہ ڳڙي-
جنهن سان جان جڙي....
پرين اسان جي پيالي ۾ هو، جيسين رات لڙي-
جنهن سان جان جڙي....
تنهن جي سارَ سوا اي سرتيون، گهاري ناهہ گهڙي-
جنهن سان جان جڙي....
هانءُ اسان جو تنهن وٽ هوندو، جنهن ۾ آس اڙي-
جنهن سان جان جڙي....
چني ڏٺوسون، ڇڇي نہ سگهندي، تنهن جي قرب ڪڙي-
جنهن سان جان جڙي....

خيام وانگر اياز ہ ايامِ جواني جي 'فنا' جي شڪايت ٿو ڪري. چوي ٿو: "جواني نہ رهندي"، "مي ارغواني نہ رهندي"؛ مڌ جو ڪيف ۽ ساقيءَ ماهوش جي رعنائي ہ-تي ڏينهن آهن. جنهن وجدانگيز رواني سان چوي ٿو، اهو سندس ئي حصو آهي:

جـــواني نـــ رهـــندي،
جـــواني نـــ رهـــندي!
اســـان جـــي صـــدا آ صـــداي الســـتي:
ڪريو مَي پرستي، ڪريو مَي پرستي!
پيـئو حسنِ هستي، پيـئو حسنِ هستي،
اجا پِي ہ مستي، اجا پِي ہ مستي!
سدائين ميءَ ارغواني نہ رهندي-
جـــواني نـــ رهـــندي،
جـــواني نـــ رهـــندي!
اهـو جـام و مـينـا ہ-تي ڏينـهن آهـي،
اهو جوشِ صبها ہ-تي ڏينهن آهي،

طلسمِ تمنا ٻه-ٽي ڏينهن آهي،
مگر پو به ڇاڇا ٻه-ٽي ڏينهن آهي!
مڃان ٿو سدا زندگاني نه رهندي-
جواني نه رهندي،
جواني نه رهندي!

شاعر دلشڪستو ۽ ناامید نه آهي. ان 'فنا' جو علاج ٿو ٻڌائي: "حسنِ هستيءَ' جي تلاش، حسنِ هستيءَ جو شعور ۽ معرفت! ان لاءِ بلند آهنگ انداز ۾ چوي ٿو: اسان جي صدا الستي آهي، خوب مَي پرستي ڪريو. اها ڪهڙي مَي؟ شناس ۽ شعور، لياقت ۽ معرفت جي مَي. ظاهري ۽ مجازي شراب جي نفي ڪندي، ٻڌائي ٿو ته اهو جام و مينا، اهو جوشِ صبها، اهو طلسم تمنا ۽ ان قسم جو ٻيو ڇا ڇا، سڀ ٻه-ٽي ڏينهن آهن! پيالو ۽ 'حسنِ هستيءَ' جي مَي پيئو. ڇو ته:

ما در پياله عکسِ رخِ يار ديده ايم! (حافظ)

حافظ سان ملاقات: اياز عالمِ تخيل ۾ حافظ سان ملي ٿو. سندس 'خرقه پوشيءَ' تي کيس ٽوڪي ٿو. چوي ٿو ته تون رند بلانوش ۽ هي مُلن وارو خرقو! هن پڙ ۾ ته نانگو ٿي نچڻ گهرجي! تقدس ۽ پارسائيءَ جي هت ڪهڙي هاجت؟ شعر جي رواني ۽ زبان ملاحظه ڪريو:

رات اسان جي ميخاني ۾ آيو خِرقه پوش،
ڳوليو هرڪنهن ديواني ۾ هن جو صبر و هوش.
هن چيو، "حافظ آهيان، يارو! شهر اٿم شيراز:
منهنجي مينوشي، ميخوارو، آهي عين نماز!"
مون چيو، "حافظ! اچ اچ، مون سان خرقو لاهي ويهه!
پهرين ٿيءُ اسان جئن عريان، پوءِ چانئٺ مان پيهه!
توکي هي مُلا جو خِرقو ڪنهن پاتو آ، يار!
پيءُ اسان سان ويهي، نانگو جي آهين ميخوار!"

هت به اِهائي مَي آهي- اهائي معرفت جي مَي، جا زهد ۽ ريا جي کوپن ۽ خرقن کي لاهي ڦٽو ڪري، جا انسان کي خارجي تڪلفات، مڪر ۽ ريا کان پالهو ڪري. لطيف به خوب چيو آهي: "سڀ ننگيون ٿي نڪرو-!"

شراب کي زاهدن ۽ فقيهن جي چوڻ تي ڪيئن ڇڏجي! ڇا اها ڪا معقول راءِ آهي؟ حافظ چوي ٿو:

من و انکارِ شراب، اين چه حکايت باشد!
غالباً اين قدرم عقل کفايت باشد!

فرمائي ٿو: مان ۽ شراب کان انڪار ڪريان؟ هيءَ به ڪا ڳالهه آهي؟ بس مون لاءِ ايترو عقل ڪافي آهي ته شراب ڪنهن به صورت ۾ نه ڇڏجي. اهو ساڳيو خيال اياز هن طرح ٿو پيش ڪري:

اياز ان سبب مَي پرستي ڇڏيندو؟
ميان، تون به ڪنهن کي ڏئين ٿو ميارون!

ميان، ڪير مَي جون ميارون سَمي،
اسان کي ڇڏي ڏي، ڇڏي ڏي، ڇڏي!
پٽائي بہ هو ميڪدي ۾ "اياز"،
ڏنائين پئي مَي اسان کي سڏي.

اياز هڪ عجيب ڪشمڪش بيان ٿو ڪري. هڪ طرف آهي مڪر ۽ ريا سان ملوث، خودپرست زاهد، جو زهد ۽ شرع جي دليلن سان مَي جي حرمت جي فتوا پيو ڏئي. ٻئي طرف آهي خود 'شرابِ معرفت'، جو پياڪن کي پيو سڏي. ٽئين طرف آهن عاشق، جي بقول لطيف:

عاشق زهر پياڪ، وهہ ڏسي وهسن گهٽو،
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشہ هيراڪ،
توڙي چڪن چاڪ، تہ بہ آهہ نہ سَلن عام سين.

اياز ان ڪشمڪش کي ختم ڪندي چوي ٿو تہ ملن ۽ زاهدن جي فتوائن تي تہ هلن ڇڪو، پر 'مَي جي ميار'، ميان ڪير سمي! ملن ۽ زاهدن جي شرع فرع، فتوا ۽ تقوا جو رد اهو پيش ڪيو اٿس تہ اسين تہ ڇا، ميڪدي ۾ خود 'لطيف' بہ سڏي پئي اها مَي پياري! پلا، لطيف جي دعوت ۾ مَي جي ميار کي سمون يا مُلن جي فتوائن کي ٻڌون! فيصلو اهو آهي تہ زاهدن ۽ مُلن جي فتوائن جو دفتر بي معنيٰ:

اين دفترِ بي معني، در غرقِ شرابِ اُوليٰ

اياز جنهن شاعرانہ انداز ۾ مَي ۽ ان جو جواز ٿو پيدا ڪري، اهو حافظ ۽ خيام کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ نہ آهي. باقي جيڪو زاهد ۽ مرتاض ان کي مجازي مَي سمجهي، تہ پوءِ ان کي پلي 'جسماني' جو چڪر هٿن گهرجي. ان کي واقعي حافظ ۽ خيام، لطيف ۽ سچل جي مَي مان ڪو نفعو ڪونہ ملندو:

سَڏڻيا شرابن جون، ڪوهہ پچارون ڪن!

تجسس ۽ تلاش: اياز هت پنهنجي حال ۽ ڪيفيت کي بيان ڪيو آهي. پنهنجي يقين ۽ اطمينان کي پيش ڪيو آهي. چوي ٿو تہ منهنجي حق پسند طبع 'حق' کي پٽي واجهائي:

حسرتِ اقرار منهنجي، اي پريين،
ڪنهن نہ جاچي جراتِ انڪار ۾!

اياز، هڪ فلسفيءَ ۽ صوفيءَ وانگر، تلاش ۽ تجسس کي ختم نٿو سمجهي. فلسفي جو اهو اصول آهي تہ اهو يقين يقين نہ آهي، جنهن کي شڪ جي ناڪ نہ سنگهيو آهي. ان وانگر، 'انڪار' مجرد ڪا چيز نہ آهي. 'انڪار' 'اقرار' جي وجود جو قائل آهي: "يعرف الاشياء باضدادها" سو، اياز بہ چوي ٿو تہ منهنجي 'جرات انڪار' ۾ 'حسرت اقرار' لڪل آهي، پر افسوس جو ڪنهن بہ ان کي نہ جاچيو! ڇا، ان شعر هوندي بہ ڪو اياز کي ملحد سڏي سگهي ٿو؟

روحن جي راحت، پڪيئڙو پرديس جو،
اُڏرن جي عادت، ان کي آهي اصل کان.

—

اڪيلو آهيان، ماڻهوئڙن جي ميڙ ۾،
اڃا جاتم ڪينکي، جو آهيان ڇاهيان،
آهيان يا ناهيان، سو بہ نہ آيم سمجهہ ۾.

محرم منهنجيءَ مام جا، اچي ڏي آواز،
روح سُريلا ساز، ترسايا تنهنجي ڪري.

ڪٽي آن، ڪنهن جاءِ تون، جاچيم سارو جگ،
دلبر، تنهنجو دگ، پانڌيئڙو پچندو رهيو.

اياز روحن کي 'پرديسي پکي' سڏي ٿو، جنهن جي عادت آهي اُڏرڻ. ان ۾ حيات بعد ممات جو اشارو آهي: 'روح' باقي آهي، اهو فقط آکيرا ٿو بدلائي.

اڳتي هلي، سچل وانگر سوچي ٿو ته "چا آهيان؟ آهيان يا ناهيان!" اها هڪ خلش آهي، جا هر ڪنهن اهلِ فڪر کي هوندي آهي. چوي ٿو:

عمر گذي ويئي، 'ايازَ' الا،
مون نہ جاتو تہ نيٺ چاهيان مان!

عمر جو بيان ڪري، 'ايازَ' سرمد وانگر ٻڌايو آهي ته "عمر بايد که يا در آيد بکنار." 'علم' ۽ 'مقامِ خودي' رڳو قيل قال سان نٿو ملي؛ ان لاءِ عمر گهرجي. اهو مسئلو تحقيق سان وابسته آهي، ۽ تقليد سان. اها نفي، مطلق ۽ مجرد نہ، پر 'اثبات' ئي آهي؛ چو ته 'حق شناسيءَ' جو عالم وسيع آهي. علم ۽ يقين تان اڳا ڪي پردا مس ٿا لهن، ته ٻيا پردا اڃي ٿا حقيقت کي ڇپائين. اهوئي سبب آهي جو صاحب شعور هر مرحلي تي ائين ئي چوي ٿو ته "عمر گذري ويئي ايازَ الا، مون نہ جاتو تہ نيٺ چاهيان مان!" اقبال چيو آهي:

هر لحظہ نيا طُور، نيا نُور تجلي،
الله کرے مرحلہء شوق نہ ہو طے!

لطيف چيو: ڳوليان ڳوليان مَ لهان، شال مَ ملان هوت!

ايازَ ڪٽي ڪٽي، اقبال جي رنگ ۾، حق تعاليٰ سان گستاخانہ شڪايت ٻہ ڪري ٿو. اقبال ٻہ لينن جي زبان مان چورايو آهي: "ميں کيسے سمجھتا که تو ہے که نہيں ہے؟" ۽ " وہ کون سا آدم ہے که تو جس ہا ہے معبود؟" ان سان گڏ "هيں تلخ بهت بندہء مزدور کے اوقات."

ايازَ پيار ۽ ڏک، عجب ۽ استفهام جي گڏيل جذبي هيٺ خالق سان خطاب ڪندي چوي ٿو ته:

تنهنجي تخليق ۾ اڙي خالق،
ايترو فرق نيٺ ڇو آهي؟
مان ته سمجهان ٿو تون ڪٽي ناهين،
هي سڄو ڊوڳ ڪنهن رچيو آهي؟
ورنہ انسان کان زياده ڪو،
حسن تنهنجي جو آئينو آهي؟
پوءِ ٻہ بيحال آهہ هو بک ۾،
تنهنجو جلوو بکيو ڏکيو آهي!

اقبال بندہء مزدور جي بکن ۽ ڏکن، عرياني ۽ اگهاڙپ کي ڏسي، لينن جي زبان سان سخت نموني ۾ چئي ٿو

ڏئي ته 'هت ته آدم جو اولاد تباهه ٿي رهيو آهي، پلا اهو ڪهڙو آدم آهي جنهن جو تون معبود آهين! ان حالت ۾ مان اهو ڪيئن سمجهان ته تون آهين يا نه!' ايياز، آدم کي 'حسنِ ازل جو آئينو' قرار ڏيئي، حسن ازل جي اثبات سان گڏ، شڪايت ڪئي آهي، جا شاعرانه چيز آهي، ۽ نه نفيءَ مطلق.

"ايياز' چوي ٿو ته اڄ 'آئينه حسن' يعني انسان بڪيو ۽ ڏکيو آهي، ۽ تنهنجي خالق ۽ رازق هوندي هيترو ظلم ۽ استبداد ڇو آهي؟ آخر ايترو فرق ڇو آهي؟ رزق جي بي پايان وسيلن هوندي به هيتري بُکَ ۽ هيتري پيڙا! آخر خالق ته پنهنجي 'مخلوق' لاءِ ايترا رزق جا وسيلا بنايا آهن، ته پوءِ ٻيو ڪهڙو نظام آهي جو رزق کي حقيقي وارثن تائين پهچڻ ئي نٿو ڏئي ۽ وچ مان جمَت هٿي، کائي ۽ ڳڙڪائي ويهي ٿو رهي! اقبال ان طرح سنئين سڏي شڪايت حق تعاليٰ سان ڪري، پوءِ لينن جي زبان کان چوائي ٿو ته اها غاصب ۽ ظالم طاقت آهي سرمائيدارانه نظام، ان کي ختم ٿيڻ گهرجي. ان لاءِ هو:

'کب ڈوبیگا سرمایہ پرستی کا سفینہ'

ٿو چوي. ان طرح 'ايياز' به خالق سان سنئون سڏو خطاب ڪري، ڪنايي جي لباس ۾، 'آئينه حسن' جي بُکَ ۽ ڏک جو ڪارڻ سرمائيدارانه نظام کي ٿو ٻڌائي. ان کي ٿي ڊونگ سڏيو اٿس. اقبال چيو:

میں کیسے سمجھتا کہ تو ہے کہ نہیں ہے۔

۽ ايياز چيو:

مان ته سمجهان ٿو تون ڪٿي ناهين!

ٻنهي جو انداز بيان ساڳيو آهي. جيئن اقبال وٽ نفي نه آهي، تيئن ايياز وٽ به نفي نه آهي.

رب جو هانءُ: ايياز هڪ عجيب تاثر پيش ڪيو آهي. ٻڌائي ٿو ته اسان جا ڳوڙها ڪي ائين خالي ڳوڙها ڪين آهن، اُهي جڏهن اُن ٽانءُ ۾ ڳڻن ٿا، جو ٽانءُ اصل ۾ رَب جو هانءُ آهي، تڏهن اهي موتي ٿي پون ٿا. ان ۾ مظروف (ڳوڙها) ۽ ظرف (رب جو ٽانءُ)، ٻئي مدح جي مقام تي ٻڌايل آهن.

رب جو هانءُ ٽانءُ آهي اُهو،
پنهنجا ڳوڙها ڳڻي ڳڻي جنهن ۾،
ٿا ڏين ڏيڪ جن ته موتين جو!

اِتي روميءَ جي ان حڪايت کي ياد ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ ٻڌايل آهي ته الله تعاليٰ موسيٰ عليه السلام کي چيو ته مان بکيو ۽ ڏکيو هوس. تنهنجي در تي آيو هوس، جيئن تون مون کي ماني کارائين ۽ ڪپڙو ڏين. ان تي موسيٰ چيو ته ياالله، تون مڙئي تڪلفات کان پاڪ آهين. جنهن تي وراڻيو ويو ته جو 'پينو فقير' بکيو ۽ ڏکيو تنهنجي در تي آيو هو، اهو جڏ ته مان هوس! ان حڪايت ۾ هڪ 'پينو فقير' گويا ظرف آهي، ۽ 'حق تعاليٰ' مظروف آهي. بلڪل ان وانگر، ايياز 'رب جي هانءُ' کي 'ٽانءُ' چيو آهي، جنهن ۾ آدمزاد جا ڳوڙها ڳڻي، مٽيادار موتي ٿا بنجن- يعني ملهه ٿا حاصل ڪن، املهه ٿا بنجن، حالانڪ آهن ته رواجي ڳوڙها.

آئينه خانو آهه جهان تنهنجو، تون ڪٿي؟
تو لئه تڪي ٿي ديدهء حيران، ڪڏهن ته آءُ!
پٽڪي پيو "ايياز" شرابِ حيات ۾،
اي دوست، مثلِ چشمه حيوان ڪڏهن ته آءُ!

اياز 'نگارِ فطرت' کي چوي ٿو تہ هي عالم آهي 'آئينہ خانہء امروز و فردا' - پلا کڏهن تہ آءُ! توکي تکي تکي، ديدهء حيران ٽکجي پيئي آهي! چا، ان شعر ۾ کو الحاد آهي؟

اڳتي چوي ٿو تہ زندگيءَ جي رُڄ ۾ عقل ءِ استدلال ٻيا پٽڪن، ۽ "نال دليل نہ ملسين دلبر" وانگر، جيستائين آبِ حيات نہ ملندو، تيستائين حق نہ ملندو: اي يار، کڏهن تہ 'چشمهء حيات' ٿي آءُ!

خالق ءِ کائنات. خالق ءِ کائنات هڪ فلسفيانہ موضوع آهي. مشرق ءِ مغرب جي هر شاعر ان تي نڪتہ آرائي ڪئي آهي. ايازَ پنهجي يقين ءِ عرفان کي 'نگارِ آتشين' ٿو سڏي، جو اضطراب جي اونداهي رات ۾ جلوہ ريز ٿيو آهي. ان جي اچڻ سان ايازَ چا ٿو محسوس ڪري؟

رات ڪائي تانگهہ تات، منهنجي من ۾ آگ جٽن آئي، پرين!
زندگاني جي چمن مان آئي خوشبوي نجات-
رات ڪائي تانگهہ تات، منهنجي من ۾ آگ جٽن آئي، پرين!
ڪنهن ازل جو راز ڳاتو، سُر ونايو ڪائنات-
رات ڪائي تانگهہ تات، منهنجي من ۾ آگ جٽن آئي، پرين!
اوچتو هرشي لڳي جڻ بي ثبوت و بي ثبات-
رات ڪائي تانگهہ تات، منهنجي من ۾ آگ جٽن آئي، پرين!
هي ستارا، هي نظارا، نيٺ ڪنهن جي آ صفات-
رات ڪائي تانگهہ تات، منهنجي من ۾ آگ جٽن آئي، پرين!
چند جو چارو ونيِ ڪولڻ لڳس مان حسنِ ذات-
رات ڪائي تانگهہ تات، منهنجي من ۾ آگ جٽن آئي، پرين!

ايازَ چوي ٿو تہ 'نگارِ آتشين' کو وهم نہ هو. پلا هي ستارا ۽ هي نظارا، نيٺ ڪنهن جي صفات آهن؟ آخر اها ڪمزي 'ذات' آهي، جنهن لاءِ ڪنهن ازل جو راز ڪايو آهي، ۽ ان جو سُرُ ڪائنات ونايو آهي. آخر اُن جي اچڻ سان زندگيءَ جي چمن مان نجات جي خوشبوءِ آئي آهي، اُن جي اچڻ جي ڪيفيت بيان ڪندي، ايازَ چوي ٿو تہ منهنجي مَن ۾ نگارِ آتشين ٻنجي، اهو پرين پيهي آيو آهي، ۽ مان ان حسنِ ذات کي چند جو چارو ونيِ ڳولينڊو ٿو رهان!

شڪايت:

منهنجا معبود! تون ڪٿي آهين؟
ڇڏي دير و حرم، وڃان ڪيڏانهن؟

الله سان شڪايت خيام، اقبال، حافظ ۽ غالب جو خاص مضمون آهي. ايازَ چوي ٿو: اي منهنجا 'معبود'، تون دير و حرم کان پاڪ آهين؛ تنهنجيءَ تلاش ۾ مان هاٿي ڪيڏانهن وڃان؟ تون ڪٿي آهين؟ تون زمان ۽ مڪان کان بالا؛ مان زمان ۽ مڪان ۾ پابند: هاٿي تون ٻڌاءِ تہ مان دير و حرم کي ڇڏيان، ۽ توکي ڪٿي ڳوليان؟

پٽي هنڌ چوي ٿو تہ:

تنهنجي اکڙين جي زير سايہ هان
محوِ خوابِ عدم، وڃان ڪيڏانهن؟

منزل مقصود. ايازَ، هڪ فلسفي، وانگر، مخلوق جي غايت تي سوچيندي چوي ٿو تہ آخر منزلِ مقصود چا؟

هن هنگامہ شب و روز جي غايت ڇا؟ ان لاءِ هو مخاطب کي "زمانن جو ضمير" ٿو سڏي، ۽ ان کان پيڇيده ۽ فلسفيانہ نموني ۾ سوال ٿو پڇي تہ آخر تنهنجي منزلِ مقصود ڪهڙي آهي؟

اي زمانن جا ضمير! تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟
آب و گِل مان ڇو بٽايئہ زندگانيءَ جو خمير؟
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟
ڪاروانِ زيست جو ڇو آدمي ٿي ويو اسير؟
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟
آدمي ڪيو ڪوهہ وصحرا، ماهہ و انجم کي اسير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟
هاءِ ان جو قتل و غارت، بغض و نفرت، دار و گير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟
چشم فطرت مان ايڏا تائين اُگهيو ڪنهن ناهہ نير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟
جنهن ڪئي ڪوشش انميءَ جو آهہ سوريءَ تي سرير!
تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

زمانن جي ضمير، خالقِ ڪائنات کان پڇي ٿو تہ مٽيءَ ۽ پاڻيءَ مان هيءَ زندگي ڇو بنايئي؟ آدم کي تہ وڏي لاڏ ڪوڏ سان ناهيئي، ان لاءِ ڪائنات کي تابع ۽ مسخر ٻہ بنايئي، پر هي تہ هاڻي مقصد کان هٽي ڇڪو آهي. امير ٻہ ٽيو آهي، تہ قتل ۽ غارت ۾ ٻہ مشغول آهي. سندس ان حال تي فطرت جي اک مان ڳوڙها پيا وهن، پر اهڙي ڪا پٿر ڪاڻ آهي، جا سندس ڳوڙها اڳهي! پر جي ڪنهن ڪوشش ڪئي آهي تہ پوءِ ان کي ڦاهيءَ تي چاڙهيو ويو آهي: پلا آخر ان جو مقصد ڇا؟ ايياز جو مقصد نہ طنز آهي، نڪو انڪار. ان کي منطق ۾ استفهام اقراري چئبو آهي، جيئن اقبال چيو آهي: "زيانِ آدمِ خاکی، زيان تيرا ہے يا ميرا!"

زندگيءَ جي نشوونما ۽ ارتقا جي سلسلي ۾ باطل پسند قوتن سان جي مقابلا ٿين ٿا، تن کان تاريخ جا ماڻهو واقف آهن. هت منصور ۽ سوري، صليب ۽ ابن مريم، زهر ۽ سقراط، لازم ۽ ملزوم آهن. پلا 'شمعِ تي جلڻ ڇا آهي، ۽ ڇو آهي؟ 'حسنِ ذات' تائين رسائيءَ جي راهہ ڪهڙي آهي؟

ان جو جواب ايياز ڏنو آهي. چي: پتنگن جو شمعِ حيات تي جلڻ آهي سندن لاءِ وسيلہ نجات. بلڪل ان طرح، 'حسنِ ذات' جي ديدار لاءِ سقراط ٿي زهر پيئڻو پوندو، عيسىٰ ۽ منصور ٿي سوريءَ تي چڙهڻو پوندو، ڪانڈي ٿي گولي کائڻي پوندي، گوتم ٿي تياگ ڪرڻو پوندو. ايياز ان کي هن وجدانگيز نموني ۾ بيان ڪيو آهي:

هر قدم تي زندگيءَ جو جامِ زهر،
ڪنهن نئين سقراط جو آ منتظر؛
هر گهڙيءَ سوري سڏي،
ڪنهن نئين منصور کي؛
ٿي پري شمعِ حيات،
آ جلڻ جنهن تي پتنگن جي نجات؛

ڪوئي عيسيٰ، ڪوئي گوتم،
ڪوئي گانڌيءَ جي صفات،
زندگيءَ جي سينڌ جو جهومر ٿيو،
جنهن سان جرڪيو حسنِ ذات!

اياز جي ان مختصر رجزخوانيءَ کي اگر ڪو هڪ تاريخي تاثر سمجهي ته پوءِ ان سان اسان جو ڪو واسطو نه آهي. بيشڪ هڪ تاريخي تاثر به هن ۾ آهي، پر ان سان گڏ حال جي دعوت به آهي. موجوده زندگي سقراط جي وقت واري يوناني نظام جو اهو چربو آهي، جنهن ۾ نه آهي حق نه حقيقت، نه فهم نه بصيرت، نه علم نه عمل: نڪو رياست ۽ سياست ۾ ڪو خير رهيو آهي، جنهن ۾ رهي انسان پنهنجي ظاهري ۽ باطني نشو و نما حاصل ڪري سگهي، جنهن ۾ دانشمند ۽ مفڪر ماڻهو آئنسٽائن بنجي سگهي، جنهن ۾ ڪو غزالي ۽ ولي الله بنجي سگهي، ته پوءِ اهڙي دور جي طلسم هوشربا کي ٽوڙڻ لاءِ سقراط جي ضرورت ٿيندي، ۽ ان سقراط لاءِ زهر جو پيالو به هڪيوتڪيو رکيو آهي، جو ان کي خوشيءَ سان نوش جان ڪرڻو پوندو.ان طرح، مذهبي استبداد جي خلاف ڪو منصور بن حلاج به ٿيڻ گهرجي، جنهن لاءِ ڦاهي تيار آهي. آخر زندگيءَ جي نيلم پري، جنهن جا مينڊا ميرا ٿي ويا آهن، جنهن جا ڀنڊ سنوارڻا آهن، جنهن جي زلفن کي مشاطه جو ڪو هٿ ئي نه لڳو آهي، جنهن جي سينڌ به اڃا اڻڀي آهي، جنهن جي مٿي تي سندس معصوميت جي علامت، جهومر به نه لڳائي ويئي آهي، جنهن جي خد ۽ خال تي اڃا غازهء حيات به نه هنيو ويو آهي، ۽ جنهن نيلم پريءَ جي هارسينگار سان 'حسنِ ذات' جي آسودگي ۽ باليدگي وابسته آهي، ته پوءِ ان لاءِ لاله جو خون گهرجي. اهو لاله، جو انساني گوشت ۽ پوست ۾ اچي، منصور ۽ سقراط بنجي. ڇا، اياز جي ان مختصر شهپاري جو ڪو ٻيو مفهوم ٿي سگهي ٿو؟

حيات ۽ ممات. حيات ۽ ممات به شاعرن جو هڪ دلپسند موضوع آهي. اياز به ان کي مختلف رنگن ۾ بيان ڪيو آهي. ڪٿي روح کي "پرديسي پکي" ٿو سڏي، جنهن جي عادت آهي اڏري وڃڻ، ته ڪٿي ان پکيءَ کي "روح جي راحت" ٿو سڏي، جنهن کي ڪو دوام حاصل نه آهي. بهرحال، اهو پکي ڪنهن ٻيءَ جُوءِ جو آيل آهي، نيٺ اُڏري ويندو. اقبال چيو آهي: "شاخ پر بيٺا، ڪوئي دم چهچهايا، اُڙ گيا!" اياز چوي ٿو:

روحن جي راحت، پکيئڙو پرديس جو،
اُڏرڻ جي عادت، ان کي آهي اصل کان.

زندگي ڇا آهي؟ فاني يا جاوداني، زماني ۽ مڪاني، يا ان کان ماورا؟ اقبال چيو آهي ته نڪو هِت هميشه رهبو، نڪو هُت آزادي آهي. "يهان مرنے کی پابندی، وهاں جينے کی پابندی!" اياز آخري سفر کي نهايت رقت انگيز ۽ دلنشين شاعرانه انداز ۾ ٿو بيان ڪري. ٻڌائي ٿو ته قوس و قزح جي عالم سان مان نڪري، هڪ نوراني، پر 'عالم بيرنگ و بو' ۾ وڃڻو پوندو. اتي هي روح تا ابد بيقرار ۽ اشڪبار رهندو. ڪيئي تمنائون ور ور ڪري ويڙهي وينديون. ان عالم جي قيد ۾ دائمي طرح سان گذارو ڪرڻو پوندو. اياز هن عالم رنگ و بو جي طلسم هوشربا کي جزا ۽ سزا، جهد ۽ عمل جو ميدان ٿو سمجهي. ان مان نڪرڻ کان پوءِ نه ڪشمڪش رهندي ۽ نه جهاد، ڄڻ ته زندگي خشڪ ٿي ويندي. تڏهن ته غالب چيو ته بهشت ۾ ته منهنجو هنيانءُ ڦاٽي پوندو، جتي هزارن سالن جون پوڙهيون حورون آهن! ان طرح، اياز اهو به چوي ٿو ته روح وري ڪنهن ٻئي قالب ۾ هت نه پڌاربو، وڃڻ لاءِ ويندو!

زندگيءَ جاودان

جو تصور ڪيترو بي ڪيف آهي!
ٿا وڃون دنياءِ رنگارنگ مان،
هر قدم تي هڪي جتي قوسِ قزح
پير پنهنجي جي ڪڙي!
ءِ جتي موجِ صبا
هر نفس لئه صورتِ زنجير هئي!
ڪيئي زلفِ مشڪبو،
قيد جن ۾ هئي اسان جي آرزو!
اڄ اُهي زنجير ٽوڙي ٿا وڃون،
اڄ اُهي ناتا نموڙي ٿا وڃون،
عالمِ بيرنگ و بو ۾، دور دور-
آ جتي بس ڪوئي نُور،
جو فروزان بي سبب آ چوطرف،
جنهن جي بارش ۾ سدا
تاابد هن زندگيءَ مختصر جي ياد ۾
روح رهندو اشڪبار،
بيقرار!

ان مضمون کي اياز هڪ ٻئي رنگ ۾ بيان ڪيو آهي. ان ۾ تغزل به آهي ته فلسفو به آهي، حڪايت به آهي ته شڪايت به آهي، افسانو به آهي ته حقيقت به آهي. اياز چوي ٿو:

سوين خاڪ ۾ لالـه و گل ڇپي ويا،
صبا کي لنوائي ويا، ڪير سمجهي!
مسافر سوين ڪاروانِ عدم جا،
ڪٽي سڀ الائي ويا، ڪير سمجهي!
حياتِ گريزان، سرابِ مسلسل،
ازل کان اُجائي ويا، ڪير سمجهي!
ملائي ويا روح ۾ شهدِ شيرين!
مِنيءَ سان مڃائي ويا، ڪير سمجهي!
سوين لعل و گوهر، گداگر اوهان جي
لبن مان لڪائي ويا، ڪير سمجهي!

سندس ائين چوڻ ته سوين خاڪ ۾ لالـه و گل ڇپي ويا، صبا کي لُنوائي ويا، روح ۾ شهد ءِ شيرين ملائي ويا، مِنيءَ سان مڃائي ويا، ڪيترو نه رقت انگيز آهي. باوجود ان جي، ڪنهن کي معلوم نه آهي ته الائي ڪاڏي ويا! چوي ٿو:

مسافر سوين ڪاروانِ عدم جا،
ڪٿي سپ الائي ويا، ڪير سمجهي!

"ڪير سمجهي" جي نفي، نفيءَ ملحق نه، پر انسان جي عجز ۽ لاعلميءَ جو اعتراف آهي. واقعي، ڪنهن کي اڄ تائين پتو آهي ته عدم جي قافلي جا جيڪي سوين مسافر هئا، اهي هاڻي الائي ڪٿي آهن؟ لطيف چيو آهي:

ڪَٽا منجهه قرار، هئا هيڪاندا سنگ سين،
ڳاهه ڳاهه فراق جي، ڪيا ڏارو ڏار،
نه جاڻان ٻيمار، ميلو ٿيندو ڪڏهين!

اهو 'اعتراف' نڪو تردد ۽ شڪ آهي، نڪو انڪار ۽ نفي، پر ان ۾ ادب ۽ عجز جو امتزاج آهي: ميلو ضرور ٿيندو، پر ڪڏهن؟ ان جي خبر نه آهي!

روح جي ڪيفيت ۽ ان جو هت اچڻ ۽ وڃڻ، 'اياز' جي هيٺئين نظم ۾ ڏسو. چوي ٿو ته زندگيءَ جا پکيڙا دور ديس کان آيا آهن، ۽ اچي پاڻ نگريءَ ۾ ڦاسايا ويا آهن: جگ جي مايا انهن لاءِ هڪ سندر سپنو آهي: پاڻيءَ تي چايا ڏسي، اصل ۽ نسل وساري وينا: ڪڏهن ڪڏهن ڪين آڪاسوائيءَ سان خبردار ٻه ڪيو ويو، ڪڏهن ڪڏهن ڪين چنڊ ٻه چتائيندو آيو. ڪڏهن ڪڏهن هنن آزاديءَ لاءِ پچري ۾ ٻه پَرَ ڦڙڪايا: آخر ڪنهن ماريءَ جي تاڙ وڳي، ۽ هي پچري کي ڌاهي اُڏري ويا! ويس متائي اُڏري ويا، ديس متائي اڏري ويا، پر اڄ تائين پتو نه آهي ته ڪٿان آيا ۽ ڪاڏي ويا! 'حافظ' ان حيرت لاءِ چوي ٿو:

کس نه دانست که منزل گه مقصود کجا است،
این قدر هست که بانگِ جرس مے آید!

اياز چوي ٿو:

ڪٿان اڏامي آيا پکيڙا، ڪٿي هنن جو ديس!
هو آڪاش ۾ اُڏرڻ وارا، دور دور تان آيا،
ڪنهن سي هن پاڻي نگريءَ ۾ پچري ۾ ڦاسايا،
هڪ سندر سپني جئن ڏيکاري ڏئي جگ جي مايا،
سارو جيون وهندي پاڻيءَ تي چوڌهينءَ جي چايا،
ويو انهن کان وسري، ڪهڙا پنهنجا ڪير پرايا!
ڪڏهن ڪڏهن نيري اُپ مان تن کي نياپا آيا،
ڪڏهن ڪڏهن چنڊ انهن سان پنهنجا نيڻ لڙايا،
ڪڏهن ڪڏهن تارن هيڻان تن گيت پُراڻا ڳايا،
ڪيئي ڀيرا تن پچري ۾ پنهنجا پَرَ ڦڙڪايا،
آخر پچري کي ڌاهي، ڪنهن تاڙ هٽي اُڏايا!
.... بس پرن اُڏري ويا پکيڙا، ويا مَٽائي ويس:
ڪٿان اُڏامي آيا پکيڙا، ڪٿي انهن جو ديس!

حيات جو معراج. اياز انسان ۽ ان جي روح جي ارتقائي معراج جي جا نقشگري ڪئي آهي، اها بيمثال

آهي، جنهن ۾ انسان جو شعور تمام منڊي ٿو وڃي: سوين چنڊ ساڻي چڙي ٿو وڃي، ڪَتين جا سوين قافلا وات تي اورانگهيو ٿو وڃي، سوين ڪائناتون عبور ڪريو ٿو وڃي، زمان ۽ مڪان جي بندش ۽ حدن کان ٻاهر ٿو وڃي، ازل کان ابد تائين جڙ ته خوشيءَ جون ڇڇون وڻيو ٿو وڃي....ڪير؟ انسان! وري جڏهن موت ٿو کائي، عروج کان پوءِ نزول جي منزل ۾ ٿو اچي، تڏهن سوين 'راز' ٿو آڻي، ساز لاءِ سوين آواز ٿو آڻي، ۽ اچي پوري عالم کي ٿو اُجاري!

'اياز' جو اهو نظم منهنجي هڪ دوست نالي وڻڻ کان سواءِ هڪ مولوي صاحب کي ٻڌايو. ان سان گڏ اهو ٻه ٻڌايائينس ته هڪڙي شاعر معراج کي آزاد نظم ۾ بيان ڪيو آهي. پهرينءَ ۽ پوئينءَ ست کان سواءِ ٻڌايائينس! چوي ٿو ته "سبحان الله! سبحان الله!" ڪندي، نهاريندو رهيو، ۽ دل کولي داد ڏنائين! فني محاسن تي به چگو ليڪچر پياريائين. آخر جڏهن ٽڪس، تڏهن چيومانس ته "مولوي صاحب، معاف ڪجو، هي 'اياز' جو نظم آهي ۽ نه معراج نامو!" چيائين، مان به چوان ته پلا، اياز ڪيئن معراج نامو لکندو! "استغفرالله! ماٺو چون ٿا ته هو لامذهب آهي!" مون وراڻيو، "مون به اوهان پارن کان ائين ئي ٻڌو آهي!" ان کان پوءِ مون کيس ٻڌايو:

زاهد تنگ نظر نے مجھے کافر جانا،
اور کافر یہ سمجھتا ہے مسلمان ہوں میں!

اياز جو اجهو اهو حال آهي، جو مٿئين واقعي مان ظاهر آهي. اهو نظم حاضر آهي:

اسين ننڊ ' نيڻ آهيون، پرين!
سُتي ساهه جاڳي،
ستارا لتاڙي اسان جو شعور:
سوين چنڊ ساڻي،
وڃي دور دور،
ڪَتين جا سوين قافلا رهگذر ۾،
سفر ۾
سوين ڪائناتون،
نه آغاز جن جو، نه انجام جن جو،
زمان ۽ مڪان کان مسلسل نجاتون،
ازل کان ابد تائين سڪ جون براتون:
جڏهن موت کائون،
سوين راز آڻيون،
سوين ساز جي لاءِ آواز آڻيون،
سوين چنڊ چايون،
ستارا ٽڪايون،
انهن سان اچي جڳ سجو جڳمڳايون-
اسين جاڳ جا ڄاڳ آهيون، پرين!

ڪفر ۽ اسلام. ڪفر ۽ اسلام به شاعرن جو خاص موضوع آهي. صوفي طبع وارن فلسفي شاعرن ان تي گهٽو ڪجهه چيو آهي. اسلام مان مراد اهو 'مجاز' آهي، جنهن کي قبول ڪري، 'حقيقيءَ' جي بدران رائج ڪيو

وڃي ٿو. شاعر ان منافقت تي ٽوڪ لاءِ ڪڏهن ڪفر جي مدح ٿو ڪري، ته ڪڏهن اسلام تي قدح- جيئن هن کان اڳ بحث ڪري آيا آهيون، ۽ "شاعريءَ ۾ ڪفر" جو عنوان مستقل طور آندو ويو آهي.

ايياز چوي ٿو:

پياليءَ ۾ چانڊوڪي آهي؛
ان ۾ ڪوئي ڪفر بہ ناهي،
نڪي انهيءَ ۾ آ اسلام:
پيءُ انهيءَ مان، جُگ جُگ جيءُ!
پري پري او پياسا پيءُ!

پيرايءَ بيان ۾ جدت ۽ تنوع کي اڳيان رکي، عطار جو هي شعر: "کفر کافر را و دين ديندار را، ذرهٔ دردِ دل عطار را" ڏسڻ گهرجي، يا روميءَ جو "ملتِ عشق ازهمه دينها جدا است." شاعر 'پيالي' ۾ نڪو ڪفر ٿو رکي، ۽ نڪو اسلام جي دعوا ٿو رکي. هو انهن جي بحث کان الڳ ٿي، معرفت ۽ عشق کي "چانڊوڪي" ٿو سڏي، ۽ دائمي حيات پيدا ڪندڙ شراب جي آڇ ٿو ڪري. اهوئي پيالو آهي، جنهن لاءِ حافظ چوي ٿو: "ما در پيالہ عکسِ رخِ يار ديده ايم!"

جستجو جو جواب.

جستجو جو جواب آهيان مان،
جيستائين هلين، ابد تائين،
اي ازل، همرڪاب آهيان مان!

شاعر پاڻ کي "خالقِ ڪائنات جي جستجو جو جواب" چيو آهي. اقبال چيو آهي:

ما از خدائے گم شده ايم، او بہ جستجو ست،
چون ما نيازمند گرفتار آرزو ست!

يعني: اسين خدا کان گم ٿي ويا آهيون، ۽ هو اسان کي پيو ڳولي: ويچارو اسان نيازمندن وانگر آرزو ۾ گرفتار آهي! ايياز بہ اهائي ڳالهہ ٿو ڪري:

خدا معلوم تنهنجي آستان تي ڪير ٿو پهچي،
مڪو دير و حرم جي ڏس نہ ڪئي ڪا رهبري منهنجي.

ان لاءِ شاعر چيو آهي:

ايں ڪعبہ و بتخانہ سنگِ رہ ما بود،
رفتيم، صنم برسرِ محراب شڪستيم!

يعني: ڪعبو ۽ بتخانو اسان جي راهہ ۾ پٿر هٿا، ۽ سير کان رڪاوٽ هٿا، سو بت کي ڪٽي محراب تي هٽي، پڄي هليا وياسين. ايياز ته ان ڪٿو نرم نموني ۾ چيو آهي:

ڪنهن نئين ڪفر جي ٻڌي خوشبو،
شعر منهنجو لڳائي آيو آهہ.

ايياز شعر کي ڪفر جي ٻڌي خوشبوءِ سان تر ڪرڻ بيان ڪيو آهي. اهو 'ڪفر' آهي باطل سوز ۽ عشق حقيقي، نہ ڪ ڪفر حقيقي. روميءَ چيو آهي:

شاعري جزويست از پيغمبري،
جاهلانش كفر داند از خري!

شاعري اصل ۾ پيغمبريءَ جو جز آهي، عين اسلام آهي، پر جاهل ان جي مجاز ۽ ظاهر کي ڏسي گڏهپائيءَ کان ان کي 'کفر' ٿا چون.

محوِ حيرت ٿي ويو تنهنجو خدا،
رات منهنجي گوشءِ اصنام ۾.

اقبال ان کان وڌيڪ سخت نموني ۾ ابليس جي زبان کان جبرئيل کي ٿو ٽوڪي:

میں کھٹکتا ہوں دلِ یزداں میں کانٹے کی طرح!

يا، سنئون سڏو خدا کي چوي ٿو: تو نہ میری، من چرا میرم بگو!

يا: اي خداوندِ صواب و ناصواب!

'غالب' بہ استفهامي انداز ۾ چيو آهي تہ "ابر کیا چیز ہے، ہوا کیا ہے؟"

ان سان گڏ، کائنات جي هرچيز تي سوال کيو اٿس. ايائز بہ ان رنگ ۾ چوي ٿو:

گل تازن ٿا چٽي وڃن لاءِ،
مدعاي صبا، خدا معلوم.
موجءِ خراب تي روان آهيون،
انتها آ نہ ابتدا معلوم.
هي لڱاتار جستجو ڇا لاءِ،
نيٺ ڇا آ نجات، نامعلوم.
جٽ ابد تائين آ جلٽ ۽ جاڳ،
خوابِ هستيءَ جي انتها معلوم.
آئي ٿي کفر جي پني خوشبو،
شعر ٿيا ٿي 'ايائز' جا معلوم.

غالب "کیا ہے" ٿو چوي، ۽ ايائز "خدا معلوم" ٿو چوي. پر ان سان گڏ، غالب جي مقابلي ۾، اعتراف ۽ اثبات جو پهلو جو ايائز وٽ آهي، اهو غور طلب آهي. هو چوي ٿو تہ ازل کان ابد تائين مسلسل جدوجهد ۽ روشني جلٽ ۽ پچڻ، بيدار ۽ باشعور رهڻ ئي مقصد آهي، ۽ اهوئي "خوابِ هستيءَ" جوانجام آهي.

ان طرح جو پيو بہ هڪ شعر آهي:

آخر انسان جي منزلِ مقصود،
اي خدا، اي خودي، کٽي آهي؟

هڪ غزل ۾ حقيقت تي مجاز کي، عبادت تي شباب کي، خدائيءَ تي چنگ ۽ رباب کي ترجيح ٿو ڏئي:

هر حقيقت کان مٿي آهي مجاز،
هر عبادت کان چگو آهي شباب.
عاشقيءَ ۾ روح کي آزاد رک،
جسم جو زنجير آ دورِ شباب.

حور غلمان ۽ طمورا ٿو رکين،
عرش وارا، تون بہ گهٽ ناهين، جناب!
ديرو ڪعبي جون گليون گنديون چڏي،
ميڪدي جي راهہ ۾ پوکيم گلاب.
هان ڪٽو، ساري خدائي پَٽي اڇو،
مون ڪنيو آهي فقط چنگ و رباب.
سڀ پيغمبر راتڙيءَ جي خامشي،
سو صحيفا آهہ مون لئہ ماهتاب.

مطلب هي آهي تہ "المجاز قنطرة الحقيقة" موجب، "الفضل اللمتقدم"، يعني فضيلت تہ اڳئين راهبر کي آهي. مجاز نہ هجي تہ هوند حقيقت بي معنيٰ. 'حافظ' جي زبان ۾، چوي ٿو تہ رياء ۽ مڪر جي عبادت کان وري بہ جواني چڱي. خيام ۽ حافظ جي زبان ۾، ديرو حرم تي ميڪدي کي ترجيح ڏيئي، ان راهہ ۾ 'گلاب پوکڻ' ۾ بہ معنوي رنگ آهي. خدائيءَ تي چنگ و رباب کي ترجيح ڏيڻ بہ نڪتہ سنجي آهي. خسرو چيو آهي:

قيمتِ خود هردو عالم گفتہ ءَ،
نرخ بالا کن کہ ارزاني هنوز!

يعني: پنهنجي قيمت 'ٻيئي جهان' ٻُڌايا اٿئي، اجا واڪ وڌاءِ، ۽ اڳهہ کي مٿي چاڙهہ، چو تہ تون اجا بہ سستو ۽ سمانگو آهين!

ان طرح اهو "چنگ و رباب"، جنهن جي سُر ۽ تار ۾ شعور ۽ عشق آهي، اهو مجرد خدائيءَ کان بهتر آهي. ان 'خدائيءَ' لاءِ اقبال بہ چيو آهي:

خدائی اهتمامِ خشک و تر ہے،
خداوندا، خدائی دردِ سر ہے!
و لیکن بندگی، استغفراللہ!
یہ دردِ سر نہیں، دردِ جگر ہے!

حور ۽ غلمان واري شعر جي شوخي بہ شاعراڻ آهي. 'غالب' ان کان بہ وڌيڪ سخت چيو آهي:

کب حق پرست زاهد، جنت پرست ہے،
حوروں پے مر رہا ہے، شہوت پرست ہے!

ايائز رات جي خاموشيءَ کي سڀ پيغمبرن جي مَت ۽ سڀ صحيفن کي ماهتاب جي برابر چيو آهي. ان ۾ ڪوبہ قبيح پهلو نہ آهي. اها مماثلت مع الفاروق آهي، ۽ نہ حقيقي. جئن چئجيٰ تہ مون لاءِ لالٽين سڀ ڏيئن جي برابر آهي. مطلب آهي تہ روشني ئي مقصود آهي، سا جيڪڏهن هڪ لالٽين مان ملي تہ پوءِ سڀ ڏيئن جي ڪهڙي ضرورت. ان طرح، 'ماهتاب' بہ هڪ قسم جي وجداني نُور افشانيءَ ڏانهن ڪِنايو آهي. ان شعر ۾ پيغمبر ۽ صحيفي لاءِ ڪابہ ڪفريہ چيز نہ آهي.

پيغمبر تي سنئين سڌي چوٽ غالب هن طرح ڪئي آهي:

وہ زندہ ہم ہیں کہ ہیں روشناسِ خلق، ای خضر،
نہ تم، کہ چور بنے عمرِ جاودان کے لئے!

خضر جي پيغمبر هجڻ تي اتفاق آهي. ان سان تمام ٿورن اختلاف ڪيو آهي. ان کي "چور" سڏڻ چه معنيٰ دارد! اياز ته پيغمبرن جو نالو ورتو آهي، نڪو صحيفن جو؛ نڪو ڪنهن هڪ پيغمبر ۽ صحيفي جو ذڪر ڪيو اٿس. هن پيغمبرن ۽ صحيفن کي ڪِنايي طور "شب خاموش" ۽ "ماهتاب" چئي، عينيت پيدا ڪئي آهي، ۽ نه غيريت- جيئن 'غالب' خضر کي سنئون سڌو 'چور' سڏيو آهي.

ڪيترن ماڻهن کي 'اياز' جي ڪن شعرن جي ذوجهتين هجڻ ڪري غلط فهمي ٿي آهي. ڪن ته سندس ڪن شعرن ۾ ڪفر به ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، حالانڪه شاعريءَ ۾ ڪفر ٿيندو ئي ڪونه آهي! موازني طور، چند شعر پيش ڪجن ٿا:

کافر نه توانی شد، چار مسلمان شو. (اقبال)
عارف هم از اسلامِ خراب است هم از کفر،
پروانه چراغِ حرم و دیر نه داند.
ٹھٹھک رہے حرم و دیر کے دوراهے پر،
خلاف جا نه سکے شاهراهِ فطرت کے. (یاس یگانه)
بندگی میں بھی وہ آوارہ و خودبین ہیں کہ ہم،
اُلٹے پھر آئے، درِ کعبہ اگر وا نہ ہوا. (غالب)
کفر و اسلام کے کُچھ قید نہیں ہے، 'آتش'،
شیخ ہو یا کہ برهمن ہو، پر انسان ہوتے. (آتش)
کافرِ عشقم، مسلمانی مرا درکار نیست،
هر رگِ من تار گشته، حاجتِ زنار نیست. (خسرو)
کفر کو چاهئے اسلام کی رونق کے لئے،
حسن زنار ہے تسبیح سلیمانی کا. (میر)
دیکھا جو حرم کو تو نہیں دیر کی وسعت،
اس گھر کی فضا کرگیا معمار فراموش! (سودا)
جب پھونکئے ناقوس صنمخانهٔ دل، شیخ،
کعبے کا ترے وجد میں دیوار و در آئے. (سودا)
کافر نه شدی لذتِ ایمان چه شناسی،
خود را نه پرستیدهٔ، عرفان چه شناسی! (اقبال)
خلشِ حسرتِ گناهه سندم،
تنهنجو پروردگار ڇا ڄاڻي! (اياز)

روح جي پاڪيزگي: جديد ادب ۽ خاص طور اياز تي فحش ۽ عريانيءَ جو الزام رکندڙ ذرا هي شعر به مطالع ڪن. اياز موجوده زندگيءَ کي 'مجبور عصمت فروش' قرار ڏئي ٿو، ۽ سندس تبسم ۽ حسن و جمال کي مصنوعي سڏي ٿو؛ ڇالاءِ ته ان ۾ نڪو جسم جي تازگي آهي، نڪا روح جي پاڪيزگي:

زندگي! مجبور قحبه جي مثال،
ٿي ڪرين پنهنجو تبسم پائمال،
آهه مصنوعي سندءِ حسن و جمال.

ناهي تنهن ۾ روح جي پاکيزگي،
۽ نه ڪائي جسم و جان جي تازگي،
- زندگي، او زندگي، او زندگي!

ان مان روح ۽ حيات جي صحتمند ۽ پاکيزه قدر ۽ معيار جو پتو پوي ٿو، جو شاعر جي شعور سان وابسته آهي. موجوده زندگيءَ لاءِ مٿيون مختصر نظم هڪ آئينو آهي. ان مصنوعي حسن فروش زندگيءَ جيڪا تباهي آندي آهي، ان کان ڪير ٿو انڪار ڪري سگهي.

بازار جهان.

هاءِ بازارِ جهان!
جنهن ۾ هر يوسف وڪامي،
هر زليخا جنهن ۾ دامن چاڪ آ،
جنهن ۾ هر شي کان مهانگو آ خلوص،
جنهن ۾ سستو آهه هر شي کان ضمير:
حسن و حق، معصوم پينوءَ جي مثال،
مون اتي پندا ڏٺا-
ٿي ڪئي فرهاد تيشي جي فروخت،
قيس ان ۾ محملِ ليليٰ وڪيو،
سر جهڪائي ٿي ويو نوشيروان-
هاءِ بازارِ جهان!

'بازار جهان، هڪ نقش آهي موجوده باطل پرست نظام جو، جنهن ۾ هر يوسف پيو وڪامي، جنهن جي زليخا دامن چاڪ آهي، جنهن ۾ خلوص نايابِ ۽ مهانگو آهي، ايترو اٽلي، جو عنقا جو شڪار ته ڪري سگهجي، پرخلوص جو وجود ۾ ثابت نه ٿئي. ها، البت انسان جو ضمير سهانگو آهي؛ حق جي خلاف استعمال ڪرڻ لاءِ چند پئسن، چند فائدن، چند اميدن ۽ آسرن تي ضمير فروشي جام ڪئي وڃي ٿي. بازار جهان جي اهڙيءَ صورتحال ۾، هن ڪائنات جون ٻه املهه ۽ خاص چيزون، 'حسن' ۽ 'حق، پينن جي مثال، وتن ٽوڪرون ڪائيندين! اهڙو دور آيو آهي، جو ماڻهن کان عشق ۽ ان جا آداب ئي وسري ڇڪا آهن.

سعدي چيو آهي:

چنان قحط سالے شد اندر دمشق!

که ياراں فراموش کردند عشق!

ايار چوي ٿو ته اڇڪلهه جي بازار ۾ نه فقط منصور جو مٿو، شمس تبريزيءَ جي کل، مخدوم بلال جا پيڙيل هڏا وڪرو ٿي رهيا آهن، بلڪ فرهاد جو کوهه شڪن تيشو ۽ وڪري لاءِ موجود آهي، ۽ حضرت مجنون ليليٰ جي محمل کي ٻه واڪ لاءِ وڏائي چڪو آهي. نه عدل ۽ مروت آهي، نه حق شناسي ۽ حق بيني: ويچاري نوشيروان جو سر ٻه شرم کان جهڪيل آهي! ڇا، ايار جي هن حقيقت آفرين نقش کي نه شاعري چئبو، نه حقيقت، بلڪ ڪفر؟

سائل

ماڻهو منهنجي ملڪ جا، اٻوجهه ۽ اڻڄاڻ،
ڏکن ڏاڏيون جهوپڙيون، بکن پريا پاڻ:
الله، تن ۾ آڻ، ساڃهه پنهنجي ساهه جي.

نندڙيءَ نينگر وات تي، ويني واجهايو،
الله ۽ انسان جڻ، بنهي باڏايو،
پينوءَ پهچايو، ڏاڍو ڏک ضمير کي.

سدا آهي ساهه کي، ڳيي جي ڳولا،
ڏوَ بنا ڏولا، ناهي ساڃهه سونهن جي.

پوي ٿو پارو، کنبٽي آهي کَتين ۾،
ويني کَتيو ولهه ۾، سُڄڻ سيارو،
جيءَ جو جيارو، انهن نانءُ الله جو.

شاعر جو مزاج هوندو آهي شاهاٽو ۽ قلندراٽو. سعديءَ جي چوڻ وانگر:

گهے بر طارمِ عالیٰ نشينم،
گهے بر پشت پای خود نه بينم.

شاعر هميشه فلسفي نٿو رهي، ۽ نڪو سدائين حسن پرست ئي ٿو رهي. اياز پنهنجي ديس جي ماڻهن جي حالت کي بيان ڪيو آهي. انهن جي اٻوجهائي ۽ اڄاڻائي حد کان وڌيل آهي. انهن جا پاڻ بکن سان پريل آهن. ڳيي جي ڳولا ۾ هرڪو پريشان آهي. ان لاءِ ايار چوي ٿو: "الله تن ۾ آڻ، ساڃهه پنهنجي ساهه جي!" ۽ "جيءَ جو جيارو، انهن نانءُ الله جو!"

نندڙيءَ نينگر جي واجهائڻ ۾ ايار الله ۽ انسان کي باڏائيندي ڏٺو آهي. اهو ائين، جيئن الله تعاليٰ موسيٰ کي چيو ته "آڻ بکيو ڏکيو، انگ اگهاڙو، تنهنجي در تي بکيا لاءِ آيو هوس، پر تو مون کي نه سجاتو ۽ نڪي ڪجهه ڏنو!" موسيٰ چيو ته "اي ذاتِ حق، تون ته بک ۽ انگ کان پاڪ آهين!" ان جو جواب کيس مليو ته اصل ۾ اهو 'سائل' ۽ 'پينوءَ' جي حال جي معنوي اشارو آهي- اهو گويا مان هوس، جنهن کي تو لوڏي ڪڍيو! ان ۾ الله ۽ سائل جي معنوي عينيت موجود آهي، حقيقي نه. ان طرح ايار به الله ۽ انسان کي نندڙيءَ نينگر جي عينيت ۾ سائل ۽ بکياري ڏيکاريو آهي. نه ان ۾ ڪفر آهي نڪا گستاخي.

اشتراکيت ۽ جديد سنڌي ادب

ايار لاءِ اهو به چيو ويو آهي ته هو اشتراکي آهي- حالانڪه ايار بلڪل صاف لفظن ۾ چيو آهي ته هو اشتراکي نه آهي. هو چوي ٿو:

"ادا، مان اشتراکي نه آهيان، جيتوڻيڪ اڄا تائين مون کي اشتراکيت جو تسلي بخش نعم البدل ڪنهن به فلسفي ۾ نه مليو آهي. مون کي هر ظلم ۽ تشدد کان نفرت آهي. منهنجيءَ نظر ۾، جو به زندگيءَ جو فلسفو يا نظام، انسان ۽ خصوصاً اديب ۽ فنڪار کان فڪر ۽ عمل جي آزادي کسي، اهو نفرت خيز آهي. مون ڪنهن به

انسان جي حرف کي حرفِ آخر تسليم نہ ڪيو....هر انسان جو بنيادي حق آهي تہ هو پنهنجي لاءِ بي انتها آزاديءَ سان پنهنجو فلسفہ حيات ڳولي، پنهنجا دائمي قدر حاصل ڪري، انهن تي عمل ڪري، ۽ انهن جو اظهار ڪري. مون تعجب سان سوچيو آهي تہ سنڌ جا زياده تر اديب مون کي اشتراڪي سمجهندا آهن، جيتوڻيڪ مان اشتراڪي نہ آهيان. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ مون کي ان صحافيءَ جي سامراج پرستيءَ کان نفرت آهي، جو ڊالر سان هر قوم جو ضمير خريد ڪري ٿو، جنهن کان مون کي نفرت آهي. مون کي هن جي سياهہ فام کان نفرت لاءِ نفرت آهي، ۽ نفرت آهي هن جي مصلحت آميز سمجهوتي کان، جو بين الاقوامي سياست ۾ هر جبر ۽ تشدد سان هو ڪندو رهي ٿو. مان واقعي هن جي گروهہ مان نہ آهيان، پر ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ مان ٻئي گروهہ مان آهيان. منهنجو جدلياتي ماديت (dialectical materialism) ۾ اعتبار نہ آهي، ۽ مان اديب ۽ فنڪار جي مڪمل آزاديءَ جو دلدادو آهيان، ۽ فن ۽ ادب تي ڪابہ پابندي برداشت نہ ڪري سگهندو آهيان. مان چاهيان ٿو تہ هر اديب ۽ فنڪار کي ايتري آزادي ڏني وڃي جو هو پنهنجي برسر اقتدار طبقي، قوم ۽ وطن سان اختلاف راءِ جو اظهار ڪري سگهي؛ انهن جي فلسفہ حيات ۽ سياسي نصب العين خلاف آواز اٺاري سگهي؛ ۽ جيڪي بہ هو سچ سمجهي، ان کي سچائيءَ سان پيش ڪري سگهي. پر اها آزادي هر مطلق العنان حڪومت ۾ (۽ هر اشتراڪي حڪومت مطلق العنان آهي) ناممڪن آهي. شايد سنڌي اديب انسانيت (humanism)، يڪسانيت (equalitarianism)، بين الاقواميت (internationalism) ماديت (materialism)، غرض تہ هر غير مانوس فلسفہ حيات کي "اشتراڪيت" ٿا سمجهن. دراصل اها اشتراڪيت جي خوش نصيبي آهي تہ هتي زندگيءَ جو هر بهترين نظريو اشتراڪيت سان منسوب ڪيو وڃي ٿو، توڙي اهو اشتراڪيت جي منافي ئي ڇو نہ هجي." ("ڪاڪ ڪوريا ڪاڦڙي" ص ٦٩).

روس. اياز اشتراڪي روس ۾ غير اشتراڪي اديب، هيمنگ وي جي مقبوليت ۽ تعريف متعلق هڪ صحافيءَ کي جواب ڏنو آهي:

"پر ' هيمنگ وي جي تہ اشتراڪي روس بہ ساراهہ ڪئي آهي' ، صحافيءَ چيو. هن جو آواز منهنجي ڏيان جي لهرين ۾ لنگر وانگر لهي ويو ۽ مون جواب ڏنو: 'روس هن جي ساراهہ پنهنجي مطلب لاءِ ڪئي آهي، ڇو تہ هو بين الاقوامي فوج سان گڏجي اسپين ۾ آمرانہ حڪومت خلاف لڙيو هو، جيئن اوهين پيسٽرنڪ جي ساراهہ پنهنجي مطلب لاءِ ڪريو ٿا، ڇو تہ هن اشتراڪي فلسفي جي هر بنيادي اصول کي چيلاڙيو آهي.' اڇڪلهہ ادب اُهو پينوءِ جو ڪشڪول آهي، جو سياست جي سخا کان سواءِ خالي رهجي ٿو وڃي." ("ڪاڪ ڪوريا ڪاڦڙي" ، ص ٧٢).

ايان صاف نموني ۾ ٻڌائي ٿو تہ هو اشتراڪي نہ آهي ۽ هر اشتراڪي حڪومت مطلق العنان آهي. ان کان پوءِ سندس چوڻ آهي تہ سنڌي اديب، جن جي ڪوپري آهي جمهوريءَ جي مٽي جيڏي، سي انسانيت ۽ بين الاقواميت، ماديت ۽ جدليات، مطلب تہ هر غيرمانوس فلسفہ حيات کي اشتراڪيت ٿا سمجهن! ان مان صاف ظاهر آهي تہ ايان اشتراڪيت کي نڪو پسند ٿو ڪري ۽ نڪو صحتمند ٿو سڏي.

جدلياتي ماديت. ڪميونزم جي فلسفي جو بنيادي اصول آهي "تاريخ جو جدلياتي نظريو." ڪارل مارڪس جي تحقيق آهي تہ انساني تاريخ جي ارتقا 'مادي جدليات' جو هڪ مسلسل داستان آهي. قبائلي زندگي ۽ ان کان پوءِ بادشاهت ۽ ان جو زوال ۽ ڪمال، انهن جون باهمي لڙايون ۽ ملڪن جون تباهيون، فتوحات ۽ غلامي، اهي سڀ مادي

سببن جي ڪري آهن. پر ايار اُن کي نٿو مڃي. چوي ٿو:

"تاريخ جي ارتقا سمجهڻ کان ڪيتري نه پري آهي! ڪوئي امڪان کان بعيد واقعو ان جي واڳ موڙي، ان کي ڪيترو نه منزل کان هٽائي ٿو ڇڏي! تاريخ ۾ ڪنهن به شعوري قوت جي تلاش اجائي آهي. واقعي، 'غالب' جو اهو شعر ته 'وقت جو گهوڙو ڊوڙي رهيو آهي، ۽ نه ان جي واڳ ۾ هٿ آهي ۽ نه رڪاب ۾ پير' ، تاريخي نقطء نظر کان ڪيترو نه صحيح آهي! هن ننڍي ڪنڊ جي تاريخ، مارڪس جي جدلياتي مادين (evolutionary consciousness) کي ڪهڙو نه غلط ثابت ٿي ڪري: هتان جي تاريخ فقط اتفاقي حادثن جو هجوم آهي، جنهن ۾ ڪوئي ارتقائي شعور (dialectical materialism) نظر نٿو اچي. جيڪڏهن مون سان ڪوبه ڪنهن ڪائناتي ارتقا مادي يا غيرمادي، تي بحث ڪري ته مان جيڪر هن کي فقط هي جواب ڏيان ته 'مون کي خبر آهي ته سنڌوءَ بناڪنهن سبب جي وهڪرو ڦيرائي، اروڙ کي ناس ڪري ڇڏيو!" ("ڪاڪ ڪوريا ڪاپڙي"ص ۴).

ماحصل. اشتراڪيت متعلق شيخ ايار جي جيڪا راءِ آهي، اها ته مٿي بيان ٿي چڪي آهي. هو صاف نموني ۾ چئي چڪو آهي: "ادا، مان اشتراڪي نه آهيان، جيتوٽيڪ اجا تائين مون کي اشتراڪيت جو تسلي بخش نعم البدل ڪنهن به فلسفي ۾ نه مليو اهي."

جدلي مادين لاءِ صاف طرح سان چوي ٿو: "منهنجو جدلياتي مادين ۾ اعتبار نه آهي. مان ادب ۽ فنڪار جي مڪمل آزاديءَ جو دلدادو آهيان، ۽ فن ۽ ادب تي ڪاب پابندي برداشت نه ڪري سگهندو آهيان."

فڪر ۽ عمل جي آزاديءَ لاءِ چوي ٿو: "مون کي هر ظلم ۽ تشدد کان نفرت آهي. منهنجيءَ نظر ۾، جو به زندگيءَ جو فلسفو يا نظام انسان ۽ خصوصاً اديب ۽ فنڪار کان فڪر ۽ عمل جي آزادگي کسي ٿو، اهو نفرت خيز آهي."

اظهار راءِ جي آزاديءَ لاءِ چوي ٿو: "مان چاهيان ٿو ته هر اديب ۽ فنڪار کي ايتري آزادي ڏني وڃي جو هو پنهنجر برسر اقتدار طبقي، قوم ۽ وطن سان اختلاف راءِ جو اظهار ڪري سگهي. انهن جي فلسفء حيات ۽ سياسي نصب العين خلاف آواز اٺاري سگهي."

هر اشتراڪي حڪومت کي "مطلق العنان" سڏيندي، ايار لکي ٿو: "پر اها آزادي، هر مطلق العنان حڪومت ۾ (۽ هر اشتراڪي حڪومت مطلق العنان آهي) ناممڪن آهي."

ڪارل مارڪس لاءِ، جنهن کي اقبال "ڪليم بي تجلي" پيغمبر نه، پر "صاحب ڪتاب" سڏيو آهي، ايار لکي ٿو: "تاريخ جي ارتقا سمجهڻ کان ڪيتري نه پري آهي! ڪوئي امڪان کان بعيد واقعو ان جي واڳ موڙي، ان کي ڪيترو نه منزل کان هٽائي ٿو ڇڏي! تاريخ ۾ ڪنهن به شعوري قوت جي تلاش اجائي آهي. واقعي، غالب جو اهو شعر ته 'وقت جو گهوڙو ڊوڙي رهيو آهي، ۽ نه ان جي واڳ ۾ هٿ آهي، ۽ نه رڪاب ۾ پير' ، تاريخي نقطء نظر کان ڪيترو نه صحيح آهي! هن ڪنڊ جي تاريخ مارڪس جي جدلياتي مادين کي ڪهڙو نه غلط ثابت ٿي ڪري: هتان جي تاريخ فقط حادثن جو هجوم آهي، جنهن ۾ ڪوبه ارتقائي شعور نٿو اچي."

ايار کي پنهنجي فيصلي ۽ نظريي تي ايترو يقين آهي جو بحث ڪرڻ لاءِ تيار آهي. چوي ٿو: "جيڪڏهن مون سان ڪوبه ڪنهن ڪائناتي ارتقا، مادي يا غيرمادي، تي بحث ڪري ته مان هن کي جيڪر فقط هي جواب ڏيان ته 'مون کي خبر آهي ته سنڌوءَ بنا ڪنهن سبب جي وهڪرو ڦيرائي، اروڙ کي ناس ڪري ڇڏيو!' "

انهن چند راين ۾ ايار جيڪي ڪجهه اشتراڪيت، جدلياتي مادين، مطلق العنان حڪومت، ڪارل مارڪس،

کائنات جي ارتقائي شعور، ۽ اديب ۽ فنڪار جي آزاديءَ بابت چيو آهي، سو بلڪل صاف آهي. اياز اشتراکيت جي نہ فقط جدلياتي اصول کي نٽو مجي، پر فلسفيانہ تاريخ کان بہ انڪار ٿو ڪري. اگر هيمنگ وي جي اشتراڪي روس ۾ ساراهہ ٿي ٿئي، تہ فوراً ايياز جواب ٿو ڏئي تہ "روس هن جي ساراهہ پنهنجي مطلب لاءِ ڪئي آهي."

ان هوندي بہ جيڪڏهن ڪو شخص ايياز کي اشتراڪي ئي سمجهي ٿو، تہ پوءِ اها ان جي پنهنجي ئي اڻڄاڻائي آهي.

اشتراکيت جو بدل. باقي رهيو ايياز جو ائين چوڻ تہ "مان اشتراڪي نہ آهيان، جيتوڻيڪ اڄا تائين مون کي اشتراکيت جو تسلي بخش نعم البدل ڪنهن بہ فلسفي ۾ نہ مليو آهي"، سو ڪوبہ اشتباهہ پيدا نٽو ڪري. خود علامہ اقبال ۽ مولانا عبيدالله سنڌي بہ ائين ئي چئي چڪا آهن. چند دانشورن جا رايا پيش ڪجن ٿا.

علامہ اقبال جي راءِ:

علامہ اقبال جو ڪجهہ بہ اشتراکيت لاءِ شاعرانہ انداز ۾ چيو آهي، اهو هن کان مٿي بيان ٿي چڪو آهي. هت ڏسڻو آهي تہ اقبال اشتراکيت جو نعم البدل ڪڍڻو ٿو بيان ڪري، ۽ اسلام ۽ اشتراکيت ۾ ڪهڙا قدر ٿو ڏسي، جي هڪٻئي سان هم آهنگ آهن.

هت علامہ اقبال جي هڪ تاريخي خط جا ٻہ-ٽي اقتباس ڏيڻ تي اکتفا ڪريون ٿا. اهو خط علامہ اقبال، سر فرانسس ينگ جي نالي، سندس تصنيف "ستارن ۾ زندگي" پڙهڻ کان پوءِ، جولاءِ ۱۹۳۰ع ۾ لکيو آهي. فرانسس ينگ جي ڪتاب جوموضوع اهو هو تہ نسلِ آدم جي بقا ان تي مدار ٿي رکي تہ دنيا جي مختلف قومن ۾ باهمي اشتراڪ ۽ تعاون لاءِ ڪا پائدار صورت پيدا ڪئي وڃي. اقبال پنهنجي خط ۾ اول برطانيا جي ان پاليسيءَ تي تنقيد ڪئي آهي، جنهن جي ڪري هندو-مسلم اتحاد جون سڀ صورتون ختم ڪيون ويون.

خط جي ٻئي حصي ۾، سياسي بحث کان پوءِ، بين الاقوامي مثالي نظام تي بحث ڪندي، مبصرانہ انداز ۾، روسي عوام لاءِ لکيو ويو آهي. فرمائي ٿو:

"منهنجو ذاتي خيال آهي تہ روس جا ماڻهو فطرتاً لامذهب ڪين آهن، بلڪ منهنجي راءِ ۾ اتي جي مردن ۽ عورتن ۾ مذهبي ميلان بدرجهءِ اُتم موجود آهي. روس جي مزاج جي موجوده منفي حالت غيرمعينہ عرصي تائين ڪانہ رهندي. اهو ان ڪري، جو ڪنهن بہ سوسائٽيءِ جو نظام دهريت جي بنياد تي گهڻو وقت جتاءُ حاصل ڪري نٽو سگهي. حالتون جڏهن معمول تي ايندیون، تڏهن جيئن ئي ماڻهن کي ٽڏي سيني سان سوچڻ جو موقعو ملندو، ڪين يقيني طرح تي پنهنجي نظام لاءِ ڪنهن مثبت بنياد جي تلاش ڪرڻي پوندي."

روس جي مزاج ۽ انهن جي طبعي ميلان جي چندڇاڻ کان پوءِ، اسلام ۽ اشتراکيت لاءِ علامہ اقبال ان خط ۾ لکيو آهي:

"اگر بالشوزم ۾ خدا جي هستيءِ جو اقرار شامل ڪيو وڃي، تہ پوءِ بالشوزم جو نظام اسلام جي گهڻو قريب اچي سگهي ٿو: ان ڪري هن حقيقت لاءِ مون کي ڪوبہ تعجب نٽو ٿئي تہ ڪنهن زماني ۾ اسلام روس کي جذب ڪري ونڊي، يا روس اسلام کي." ("اقبال اور سوويٹ روس"، از محمد عثمان: روزانہ "انجام"، انقلاب نمبر، آڪٽوبر، ۱۹۶۴ع).

اقبال جي مٿين راءِ مان ظاهر آهي تہ هو اشتراکيت ۽ اسلام کي هڪٻئي جي تمام قريب ٿو سمجهي. هو پُر اميد آهي تہ هڪ ڏينهن يا تہ روس اسلام کي جذب ڪري ونڊو، يا اسلام روس کي جذب ڪري ونڊو.

اقبال جي انهيءِ 'اشتراکيت پسنديءَ' جي مقابلي ۾، ايياز جي 'اشتراکيت کان پهلوتهيءِ' مان چا ٿو واضح

ٿئي؟ ان سان گڏ، سندس ائين چوڻ ته اشتراكيت جو تسلي بخش نعم البدل كيس كنهن به فلسفي ۾ نٿو ملي، اهو ائين آهي، جيئن چئجي ته اقبال كي اسلام جو نعم البدل فقط اشتراكيت ۾ ملي ٿو، جو ٻئي كنهن هنڌ موجود نه آهي. بهرحال، مٿئين بحث مان اقبال جي اشتراكيت پسنديءَ ته بلكل واضح آهي؛ پر ايياز جي 'پسند' ، سا تنقيد ۽ رد و قدح جي بحث ۽ تاويل ۾ آهي. باوجود ان جي، ايياز كي اشتراكي سڏڻ وارا كيتريقدر اسلام پسند آهن؟

جاويد اقبال جي راءِ.

علامه اقبال جي فرزند رشيد، ڊاكٽر جاويد اقبال، يورپ ۽ چين جي سفر كان پوءِ، هڪ انٽرويو ۾، چين ۽ اتي جي نظام متعلق جواب ۾ چيو:

"مان اوهان كي چين ۾ قيام جي وقت جو هڪ مشاهدو ٿو ٻڌايان. اتي هڪ ستل قوم بيدار ٿي آهي. ان جي سامهون هڪ 'نظرياتي تصور' پيش كيو ويو آهي. ان كي حاصل كرڻ ۽ كامياب كرڻ جي سلسلي ۾ اهي ماڻهو ايتري جدوجهد ۽ تگ و دو كري رهيا آهن جو مون ان جهڙو مثال كٿي به كونه ڏٺو آهي."

هي آهي اتي جي نظرياتي تصور، كميونزم متعلق چينين جي جدوجهد جو اعتراف. ان كان پوءِ، اتي جي كميونست سربراهن جي مثالي زندگي ڇا آهي، ان لاءِ اڳتي وڌو.

خلفاءِ راشدين. اسان ۽ اوهان اسلامي تاريخ ۾ خلفاء راشدين جي پاكيزه زندگي، عمل ۽ جدوجهد، ايثار ۽ قرباني، مجاهدانه كردار ۽ سادي زندگي، جوابداري ۽ ذميداري، عوام ۽ رعايا سان محبت اخوت، قانون جي نفاذ ۽ عدل گُستريءَ جا سوين واقعا پڙهيا آهن. گبن ۽ كارلائل پارا به خلافت راشده جي دور كي انساني تاريخ جو سونو دور مڃين ٿا. خود مهاتما گانڌيءَ به اعتراف كيو آهي. كانئس جڏهن صوبائي خودمختياري ملڻ تي كانگريسي نيتائن ۽ وزيرن پيغام گهريو ۽ تقاضا كئي ته اسين هاڻي صوبن جي خودمختيار حكومت ناهي رهيا آهيون، اسان لاءِ انتظامي طور كهڙي مثالي زندگي ٿي سگهي ٿي، تڏهن مهاتما گانڌيءَ جواب ۾ فرمايو:

"انساني تاريخ جي مطالعي كان پوءِ مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته هڪ مثالي كردار فقط عمر (رضـ) جو آهي. اوهين ان جي سيرت كي پڙهو، ان جي مثالي زندگيءَ تي عمل كريو، ان جهڙي سادگي اختيار كريو، ۽ ان وانگر هر كنهن سان انصاف كريو." (خطبات بمبئي، مقدمو، ص ۴)

جاويد اقبال كان جڏهن چين جي ليڊرن، سربراهن ۽ حاكمن، مائوزي تنگ ۽ چو اين لائيءَ پارن متعلق پڇا كئي ويئي، تڏهن هن جواب ۾ چيو:

"مثلا، انهن جي ليڊرن كي ڏسڻ كان پوءِ، يا ان قوم جي اجتماعي كوشش كي ڏسي، كنهن منهنجي سامهون خلفاءِ راشدين جو دور اچي چكو هو!"

چين كان ٻاهر. چين چڏڻ كان پوءِ كيس چا نظر آيو؟ فرمائي ٿو:

"پر جڏهن چين جي سرحد عبور كري، ٻن وكن تي، هانگ كانگ آيس، تڏهن اتي ٻنهنجي وقت رستن تي نوَن ۽ ڏهن سالن جون ڇوكريون مون كي روكي رهيون هيون: افلاس ۽ بك جو اهو عالم هو، ۽ زوال جي اها كيفيت هئي! پنج ميل چين طرف ته اُها حالت هئي، ۽ پنج ميل اورتي هيءَ حالت!"

("بقول جاويد اقبال": ماهوار "نصرت"، نمبر ۲، لاهور، ۱۹۶۴ع، ص ۱۸).

ادب ۽ ادیب جي آزادي: حفيظ جالنڌريءَ جي راءِ.

ايياز ته روس كي مطلق العنان به سڏيو آهي ۽ انهن وٽ كنهن عيراشتراكي اديب جي سڌراهه ۽ قبوليت كي سندن مصلحت وقت سڏيو آهي.

هن سلسلي ۾، ۱۹۵۸ع ۾، پاكستان پاران آفريكي-ايشياتي ادبي كانفرنس، تاشقند ۾ شركت لاءِ حفيظ

جالنڌريءَ ۽ فيض احمد فيض ويا هئا. ان ڪانفرنس مان واپس اچڻ کان پوءِ حفيظ جالنڌريءَ روس ۽ اتي جي ادبي ماحول متعلق جو بيان ڏنو آهي*، اهو توجهه جي لائق آهي.

فردوسيءَ اسلام، حفيظ جالنڌريءَ چيو آهي:

"مملڪت جي بنيادي نظريي جي مخالفت ڪانسواءِ، روس جي سڀني اديبن ۽ شاعرن کي هر موضوع تي لکڻ جي آزادي حاصل آهي. انهن کي ان ڳالهه جو پورو حق ۽ آزادي آهي ته هو جنهن به موضوع تي چاهين، بنا ڪنهن خوف جي لکن- موافقت ۾ يا مخالفت ۾، هو پنهنجيءَ مرضيءَ جا مالڪ آهن."

استالن آباد ۽ ماسڪو جي سفر جو حال ٻڌائيندي چوي ٿو:

"روسي اديبن پنهنجي هڪ بااثر انجمن بنائي آهي. ان انجمن جون شاخون سڀني شهرن ۾ قائم ٿيل آهن."

اسلامي تعليم ۽ ديني حيثيت متعلق چوي ٿو:

"مسجدن ۾ مذهب جي شيدائين کي اسلام جي تعليم سان آراسته ڪيو وڃي ٿو. روس جي مسلم اڪثريت وارن علاقن ۾ اسلامي تهذيب کي دوباره زنده ڪيو پيو وڃي. وچ ايشيا جي اسلامي جمهوريتن جا باشندا پنهنجي قديم اسلامي تهذيب ۽ روايتن تي فخر ڪري رهيا آهن. انهن کي پنهنجي شاندار ماضيءَ جي عظيم ڪارنامن تي ناز آهي. وچ ايشيا ۾ عربن جي اچڻ سان گڏ اسلام به آيو هو، ۽ دوردراز حصن تائين پکڙجي چڪو هو. اسلام جي اچڻ سان هنن ملڪن ۾ هڪ نئينءَ تهذيب اُسرڻ شروع ڪيو. وچ ايشيا جي مسلم جمهوريتن ۾ ڪثرت سان اهڙا ادبي ۽ تاريخي ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن، جن ۾ قديم شهرن جي خصوصيات کي روشن ڪيو پيو وڃي."

اسلام ۽ قديم تهذيب لاءِ فرمائي ٿو:

"ان طرح، لٽريچر جي اشاعت سان، قديم تهذيب کي دوباره زنده ڪرڻ جي مهم به هلائي پيئي وڃي. جڏهن ته ان قديم تهذيب جو اسلام سان گهرو ۽ گهاٽو تعلق آهي، تنهنڪري ماڻهن کي قديم تهذيب سان گڏ اسلام جي قريب پڻ آندو پيو وڃي."

ذاتي نگرانيءَ لاءِ چوي ٿو:

"مون ان ساري دوري ۾ ڪڏهن به محسوس نه ڪيو ته ڪو منهنجي نقل و حرڪت تي ڪنهن به طرح سان ڪا نگراني ڪئي پيئي وڃي. پر جيئن ته ماڻ اتي جي مقامي زبان کان اڻواقف هوس، تنهنڪري مون پنهنجيءَ سهولت لاءِ پاڻ هڪ ترجمان جي پاڻهن گهري ورتي هئي. اهو ترجمان منهنجيءَ اجازت سان مون سان گڏ هلندو هو."

فردوسيءَ اسلام، حفيظ جالنڌريءَ جي مٿينءَ پڌرائيءَ مان صاف ظاهر آهي ته روس ۾ اسلام ۽ قديم تهذيب متعلق ڪڙو ردعمل آهي.

هن مختصر بحث ۾ اها ڳالهه ثابت آهي ته جديد سنڌي ادب ۾ نه ڪو اشتراڪيت پسند گروهه آهي، ۽ نه ڪو ان جو اثر آهي، ايتريقدر جو ان ادب ۽ فن جو نمائندو، شيخ ايار به بلڪل صاف نموني ۾ اشتراڪيت کي پسند نٿو ڪري- توڙي جو حڪيم الامت علامه اقبال ۽ امام الانقلاب مولانا سنڌيءَ پارا ان فلسفءَ حيات کي نه فقط صحتمند ٿا سڏين، پر ان سان گڏ اسلام جي معاشي نظام جو نعم البدل به.

---

* روزانه "امروز"، ڪراچي: ۲۳- نومبر، ۱۹۵۸ع.

تجسس ۽ تلاش.

هر باشعور انسان کي پنهنجي وجود جو احساس ۽ اعتراف ٿئي ٿو. شوپنهائر چوي ٿو ته جڏهن ته 'مان' آهيان، تڏهن مجان ٿو ته هن کائنات ۾ به کو 'وجود اکبر' آهي. منهنجو وجود، ٻئي وجود لاءِ اثبات جو دليل آهي. اياز لکي ٿو:

"توکي اهو پڙهي تعجب ايندو ته مون ڪيئي دفعا محسوس ڪيو آهي ته مان ناهيان. ان وقت ساري سنسار مان ڪنهن سڌ جو پڙاڏو ايندو آهي ته 'ڪجهه به نه آهي! ڪجهه به نه آهي!' -۽ مان جسم تي هٿ ڦيري يقين ڪندو آهيان ته مان آهيان. ڇا، ان جو ڪوئي نفسياتي سبب آهي، يا اهو ڪوئي مابعد الطبيعاتي (metaphysical) احساس آهي؟" ("ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي،" ص ۷۴).

"ڪو يارُ آهي!"

ايار لاءِ چيو ويو آهي ته هو ملحد ۽ لامذهب آهي، هو حق تعاليٰ جو انڪار ٿو ڪري، پر ائين ناهي. هڪ باشعور ۽ متلاشيءَ وانگر، هو به 'حق' جو ڳولائو آهي. هو به ڪائنات ۾ ڪنهن 'يارَ' جو قائل آهي. سندس لفظ پڙهو:

"جڏهن نٽياگليءَ پهتاسين ته وڏڦڙو وسڻ لڳو. اسين برساتي ڪوٽ پائي، ٽڙندا، ٽاپڙندا، پهاڙي پيچرن مان چڙهڻ لڳاسين. منهنجو مٿي ذڪر ڪيل سنڌي دوست، جو هڪ جذباتي حقيقت پسند آهي، جنهن جو خدا جي وجود ۾ اعتبار نه آهي پر حسن کي ازلي حقيقت تسليم ڪندو آهي، جنهن کي هر انقلاب جو خونريزي وٽندي آهي پر پاڻ ڪنهن به ساهواري کي رنج رسائي نه سگهندو آهي، جنهن جا خيالات اشتعال انگيز آهن پر جنهن جي زندگيءَ هڪ يوگيءَ جي زندگي آهي، سو منڙي سُر ۾ لطيف سائينءَ جو بيت گائڻ لڳو: 'اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا!'

"مون هن کان پڇيو، اهو 'يار' ڪير آهي؟"

" 'ڪوئي به نه آهي. هن جو وجود فقط شاعر جي تخيل ۾ آهي.'

" 'عقل ته ائين ٿو چوي، پر روح نٿو مڃي. ڪوئي يار آهي ته سهي: ڪير آهي، ڪٿي آهي، ڪيئن آهي، سو سمجهه ۾ نٿو اچي! پنهنجيءَ ننڍڙيءَ دنيا ۾ ئي جيستائين ڪوئي يار نه آهي ته زندگي اٽپي ۽ الوٽي ٿي لڳي: جي هن ساريءَ ڪائنات ۾ ڪوئي يار نه آهي، ته واقعي ڪائنات جي رنگينيءَ ۾ ڪمي اچي ٿي وڃي!'

" 'تون وري وڃي فلسفي جي ڏبڻ ۾ پئين. منهنجي هيءَ ساري ڪائنات يار آهي، ۽ انهيءَ وسڻ جا ويس ڪيا آهن!' پوءِ هو وري گائڻ لڳو:

'اڄ پڻ منهنجو يار، وسڻ جا ويس ڪيا' !"

("ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"، ص ۴۲)

ڇا، هي سيڪڇه اتفاق آهي؟

ائين به چيو وڃي ٿو ته هيءَ ڪائنات هڪ اتفاقي حادثي جي پيداوار آهي، ان ۾ ڪنهن به شعور ۽ ان جي ارادي جو ڪو دخل نه آهي، پر ايار چوي ٿو ته جي شعور جو وجود ڪارفرما نه آهي ته پوءِ انساني شعور ڇا آهي؟ منجمس حسنِ ترتيب ۽ ارتقا جي تمنا ڪٿان آئي؟ چوي ٿو:

"مان سوچي رهيو هوس ته هن ڪائنات ۾ ڪوئي ازلي شعور نه آهي: هر واقعي، هر مظهر جو وجود اتفاقي

آهي: هيءَ شاداب وادي ۾ منهنجي سر زمين جا بيابان، پيئي فقط جاگرافيءَ جو اتفاق آهن: جيڪڏهن ڪوئي شعور، حسنِ ترتيب يا ارتقا جي تمنا آهي تہ فقط انسان کي آهي. فطرت نابين حسينہ آهي، پر انسان ۾ اهو شعور، اهو حسن ترتيب، اها ارتقا جي تمنا ڪٿان آئي؟ ڇا، انسان انهيءَ نابين فطرت جو حصو نہ آهي، ڇا، هو ذي شعور فقط حسنِ اتفاق آهي؟ ڇا منهنجو هيءُ جنون، هي شاعري، هيءَ حسنِ فطرت ۾ محويت، سڀ اتفاقي آهي؟" ("ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"، ص ٦٤-٦٥).

تلاش ۽ خلش.

هن وسيع ۽ رنگين ڪائنات ۾ هر باشعور انسان پنهنجي وجدان ۾ هڪ 'خلش' محسوس ڪري ٿو: حقيقت ۽ ان تائين رسائيءَ لاءِ 'تلاش' محسوس ڪري ٿو. اها 'خلش' ۽ 'تلاش' بہ يقين جي درجات مان آهي. اياز لکي ٿو:

" 'تون اها ازل ۽ ابد جي پرولي ڇو ٿو سمجهڻ چاهين؟'

'مان پڇان ٿو تہ تون اتي ڪڏهين کان ٻيني آهين؟'

'تون خود چوندو آهين تہ پرولي نہ ڪنهن سلي آهي، ۽ نہ ڪوئي سلي سگهندو.'

'ميران! مان مادیت جي فلسفي کان مطمئن نہ آهيان.'

'پوءِ ڪوئي مذهب اختيار ڪر. ٻيو نہ، تہ تنهنجي من جي پيڙا تہ ختم ٿي ويندي!'

'اهو مادیت جي فلسفي کان زياده بي معنيٰ آهي. مون دنيا جي هر مذهب جو ڪجهہ نہ ڪجهہ مطالعو ڪيو آهي. نہ ميران، انڌو يقين مون لاءِ نہ آهي!'

'تون مڃ نہ مڃ، توکي خدا جي تلاش آهي!'

'شايد....پر انهيءَ خدا جي نہ، جنهن ۾ هر ڪنهن جو اعتبار آهي.' ("ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي،" ص ٧٦-٧٧)

ان ۾ صاف طرح سان اياز جي باطني خلش ۽ وجداني تلاش جو پتو پوي ٿو. هو، هرباشعور فيلسوف وانگر، هڪ طرف تہ مادیت جي خشڪ ۽ بي معنيٰ تاويل ۽ تعبير کان مطمئن نہ آهي، تہ ٻئي طرف مذهب جي 'انڌي تقليد' کان بہ مطمئن نہ آهي. پاڻ خدا جي تلاش جو اعتراف، "شايد" چئي ڪري ٿو. اها "شايد"، 'نفيءَ مطلق' نہ، پر 'اثباتِ مشروط' آهي. هو اهڙي خدا جو انڪار ٿو ڪري، جنهن جي اوصاف ۽ صفات کي مائهن گهڙيو آهي.

مطالعي جا صاحب جاڻن ٿا تہ سقراط ۽ بقراط کان وٺي ابن رشد ۽ غزالي، رومي ۽ مجدد الف ثاني، شاهہ ولي الله ۽ اقبال تائين، سڀ اهو بحث ڪري چڪا آهن تہ خدا انسان جي علم ۽ عقل، فڪر ۽ قياس کان بلند آهي؛ هو ماوراءُ العقل آهي. حضرت مجدد الف ثانيءَ فرمايو آهي تہ "حقيقت الاهيہ" انساني عقل کان بالا آهي: وراء الوراء ثم وراء الورا. آئنسٽائن بہ چيو آهي تہ مان ان خدا جو قائل نہ آهيان، جنهن کي عام مائهو 'گاڊ' (God) ٿا چون؛ هو تہ انسان جي اعتبارات کان گهڻو مٿي آهي!

رازِ ازل جو اعتراف.

ايار، فلسفيءَ ۽ صوفيءَ وانگر، 'رازِ ازل' سان همڪلام ٿئي ٿو، نامعلوم ۽ نارسا هستيءَ کي ڳولي ٿو، ان کي محسوس ڪري ٿو، ان کي ڪائنات ۾ جاري ساري ڏسي ٿو، ۽ حافظ ۽ خيام وانگر، ان جي اعتراف ۾ رقت انگيز نموني ۾ پنهنجي طبعي ناآسودگيءَ کي بيان ڪري ٿو. چوي ٿو:

"وقت، هن ماحول ۾ ڪنهن ازلي ديو وانگر ٿو لڳي. هينئر شام چانهہ وانگر نيرا نيرا پَرَ پکيڙيا آهن. چانهہ اسان جي تَر جو مشهور پکي آهي، ۽ ان متعلق ڏندڪٿا آهي تہ هو هميشہ ڪنهن يارس جي تلاش ۾ هوندو آهي. مان

جڏهن به شام کي چانهه سان تشبيهه ڏيندو آهيان، تہ نہ فقط ان جي اکيلائيءَ جو احساس ۽ ميراڻ مائل رنگ ذهن ۾ هوندو اٿم، پر مان محسوس ڪندو آهيان تہ منهنجي هر شام به ڪنهن پارس جي تلاش ۾ هوندي آهي- ڪنهن نامعلوم، نارسا هستيءَ جي جستجو ۾، جا منهنجي ساهه کي سارو سون ڪري سگهندي." ("ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"، ۱۳۶-۱۳۷).

ايياز جي اها جستجو، رازِ ازل ۽ نامعلوم هستيءَ لاءِ تلاش، اصل ۾ هڪ عارفانہ عبادت آهي. اهو اضطراب ۽ التهاب، خلش ۽ جستجو، وجداني حيرت زدگي ۽ طبع جي ناآسودگي، صاحبِ معرفت بزرگن وٽ ايمان ۽ ان جي معرفت ۾ داخل آهي. اِهو استغراق ۽ اِها محويت، بهشت ۽ دوزخ جي طلب کان گهڻو بالا آهن. رابعہ بصريءَ جي قول وانگر، تہ ماڻهو جنت جي شوق ۽ دوزخ جي ڊپ کان عبادت ڇا ڪن، جو شرڪ آهي، الله جي عبادت ڪنهن به صلي ۽ معاوضي کان سواءِ ڪرڻ گهرجي. ايياز چوي ٿو:

"اها جستجو ئي منهنجو مذهب آهي. وهمن وسوسن ۾ ويڙهيل مذهب منهنجي لاءِ منگهڙت، جڙتو ڪهاڻي آهي. فرقيبنديون ۽ ظاهداريون مون لاءِ خودفريبيءَ ۽ خدا فريبيءَ کان گهٽ نہ آهن. خشڪ اخلاقيات جي ڳالهہ منهنجن ڇپن تي هڪ شرارت پري مرڪ آڻيندي آهي. بهشت ۽ دوزخ، گناهہ ۽ ثواب، حرام ۽ حلال جي بحث تي ئي مون کي ڪِل ايندي آهي- ڪل، جا مرڪ ۾ اُسرندي، تمڪ ۾ ڦهلندي، ۽ ساريءَ ڪائنات کي وڻ-ويڙهيءَ وانگر وڇڙندي ويندي آهي؛ ۽ پوءِ ڪائنات ۾ هڪ ڪنڌ کان ٻيءَ ڪنڌ تائي گونجندي رهندي آهي: منهنجا تمڪ زمان ۽ مڪان جي سرحدن تي وڃي پڇندا آهن، ۽ منهنجا ازلي سوال آسمان کان ڪنوتين وانگر ڪلندي پڇندا آهن:

(تجلي)- "اي رازِ ازل! مون تنهنجي پراسرار هستي ڇُرندي پُرندي محسوس ڪئي آهي. مون توکي مُڪڙين جي خوشبوءِ ۾ سنگهيو آهي؛ چنگ جي آواز ۾ ٻُڌو آهي؛ شفق جي پنل رنگن ۾ ڏٺو آهي؛ معصوم حسينائن جي ملائم ڳلن ۾ چهيو آهي؛ شراب جي ڪوڙيءَ ڀيت ۾ چڪيو آهي. اي رازِ ازل! تنهنجو احساس منهنجي وجود جي معنيٰ آهي، ۽ تنهنجو وجود مون لاءِ معنيٰ جو احساس آهي. هي منهنجا همذات، هي انسان، توکي ڇو نٿا محسوس ڪن؟ هنن کي ڪير ٿو برغلائي؟ هيءُ ڪوڙين ڪهاڻين جو تاجي- پينو ڪنهن بنايو آهي، جن ۾ هنن جو ذهن مُنجهي پيو آهي؟ هي اٽواقف مون کي پنهنجي واقف سان واقفيت ڪرائي رهيا آهن! اي رازِ ازل، تون ڪيترو نہ حسين آهين، پر هنن انسانن جڪو جامو توکي پهرايو آهي، تنهن ۾ ڪيترو نہ قبيح ٿو لڳين!

(استتار)- "اي رازِ ازل! تنهنجي ڪنواري، بي نقاب صورت ئي حسن ۽ حق جي معياري پسند آهي، "-۽ پوءِ، تمڪ جمڪا ۽ ڦڪا ٿيندا ويندا آهن؛ منهنجي منهن تان مرڪ گم ٿيندي ويندي آهي، ۽ منهنجو سر جمڪي ويندو آهي: ٽاهہ ٽاهہ ڳوڙها منهنجين اکين مان وهندا آهن، ۽ مان هڪ گهڙيءَ ۾ ساريءَ انسانذات واسطي صدين جي عبادت ڪري چڪندو آهيان." ("ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"، ص ۱۳۶-۱۳۷).

ان اقتباس ۾ چيو ويو آهي تہ "مون تنهنجي پُر اسرار هستي ڇُرندي پُرندي محسوس ڪئي آهي....تنهنجو احساس منهنجي وجود جي معنيٰ آهي، ۽ تنهنجو وجود مون لاءِ معنيٰ جو احساس آهي." ڇا، ان اقتباس جي هوندي به ڪفر ۽ الحاد جو ڪو مفهوم پيدا ٿي سگهي ٿو؟

ان پهرينءَ وجداني ڪيفيت کي فلسفہ تصوف ۾ "تجلي" چيو ويو آهي، جنهن ۾ سالڪ رازِ ازل کي ڪائنات ۾ محسوس ٿو ڪري، ۽ وجداني طور انشراح ۽ لذت، طرب انگيزي ۽ اُنسيت تو محسوس ڪري. ان طرح، ٻيءَ ڪيفيت کي "استتار" چيو ويو آهي. جنهن ۾ سالڪ جي ڪيفيت مسنور ٿئي ٿي. ۽ هو طبعي طور رفت ۽ فراق محسوس

کري ٿو، ۽ ان کي عبادت ٿو قرار ڏئي. لطيف **چيو** آهي: "کڏهن تاکيون ڏيں، کڏهن کُلن در دوست جا!" ايياز جي مٿين ٽکرن کي پڙهي، حافظ جو شعر ٿو ياد اچي: "در حيرتم کہ باده فروش از کجا شنيد!"

پسنديده شاعر.

ايياز هڪ هنڌ پنهنجن پسنديده شاعرن کي بہ بيان ڪيو آهي. انهن جي مطالعي کان پوءِ هر اهل نظر ڏسي سگهي ٿو تہ ايياز ۽ سندس فن ۾ انهن شاعرن سان ڪيتري نہ هم آهنگي نظر اچي ٿي، خاص طرح حافظ ۽ خيام جي فن ۽ فڪر جي.

"اهو ڏکيو سوال آهي. مون مشرق ۽ مغرب جا شاعر پڙهيا آهن ۽ انهن مان ڪيترن منهنجي ذهن ۾ پنهنجو پنهنجو تاثر ڇڏيو آهي. ڪن جون تہ فقط بہ-چار سٽون مدت تائين منهنجي ذهن ۾ ائين ٻرنديون رهيون آهن، جيئن ڪنهن موسيقيءَ جو لازوال آلاپ. مثلاً، معلوم نہ آهي تہ هيءُ فارسي شعر ڪنهن جو آهي، پر اڄ مدت کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ اُپري آيو آهي:

باده کہ شيشهء دلِ منصور را گداخت،
در ساغرِ شبينهء من جوش مے زند.

(جنهن شراب منصور جي دل جي شيشي کي ڳاري وڌو، اهو منهنجي راتوڪي پيالي ۾ ٻڙڪا ڏيئي رهيو آهي.)

"بهرصورت، مان شاهہ لطيف، ڪوي ٽئگور، ميران ٻائيءَ، حافظ، خيام، خليل جبران، گوئٽي، پشڪن، مايا ڪوسڪي ۽ بادليئر کان ڪافي متاثر ٿيو آهيان. لطيف، ٽئگور، ميران ۽ حافظ وحدت الوجود جي فلسفي جا قائل آهن، باقي بين جا متضاد نظريا آهن، جي سڀ ائين آهن، جيئن روشنيءَ جا مختلف رنگ، باقي جذباتي طرح مون کي 'خيام' ۽ 'ميران' سان سڀني کان زياده رغبت آهي." (ص ١٦٩)

لطيف.

ايياز متعلق اها بہ غلطفهمي پيدا ڪئي ويئي آهي تہ هو "لطيف ثاني" هجڻ جو مدعي آهي. ان سلسلي ۾ ايياز جو تردیدي خط بہ شايع ٿي چڪو آهي. ان سان گڏ، لطيف کي مخاطب ٿي جي بيت ايياز چيا آهن، انهن کي بہ نظرانداز ڪرڻ نہ جڳائي. 'لطيف' کان ڪيترو متاثر آهي، ان لاءِ ايياز لکي ٿو:

"وائيءَ جي هيٺين ست روح ۾ رقت جون لهرون اُپاري رهي آهي:

سرتيون جي مون وسهو، ننڊ نہ هيريو نيڻ!

"اڄ اها ست منهنجي آس نراس جي آرسي آهي، منهنجي ساري روحاني ڪشمڪش جي آئينہ دار آهي. گويا اها ست هڪ هندورو آهي، جنهن ۾ منهنجو هنئون جهولي رهيو آهي. ڪهڙي نہ ڳُوڙهائي آهي ان ۾، ڪهڙو نہ معنيٰ پريو ميناڄ! 'ننڊ نہ هيريو نيڻ!' .... منهنجو تصور اڏاٽو: صديون سميٽجي ويون، ۽ مون انهيءَ ازلي مست کي پٽ تي ستارن جي ڇانوَ هيٺيان ڏٺو. مون ڏٺو تہ لطيف پنهنجيءَ لات ۾ سراپا محو هو. هن جي اکين اڳيان لفظ ڪَتين وانگر جهرمر لڳائي بيٺا هٿا، ۽ هو انهن مان ستارا چنندو، پوئندو ٿي ويو. چوڌاري جهرجهنگ راتڙيءَ جي گود ۾ آرامي هو، پسون پکي ستا پيا هٿا، ليڪن پٽ ڏٽيءَ جي اکڙين ۾ ازلي اوجاڳو هو- گويا آتشين شراب سندس روح ۾ رچي رهيو هو- گويا رمزون ۽ راز ان جي مڏيري هڳاءُ وانگر ڦلجي رهيا هٿا. هن تنبورو ڪتي، تار چيڙي. لوهہ جي لڳن مان سيسڙات اُپري ويا. تند وڄن لڳي. رڳون رباب ٿيندیون

ويون. هن جي ساهه ۾ ابدي نغما سميٽبا، سمائبا ويا. راڳ مان ويراڳ وسڻ لڳو:

وسارج مَ ويڻ، جوڀن ٻه-ٽي ڏينهڙا!
لوٺيون سهن لوڪ جا، وهاڻيءَ ٿيون ويڻ:
جوڀن ٻه-ٽي ڏينهڙا!
اصل اسارن جا، سُتي ويڙا سيڻ:
جوڀن ٻه-ٽي ڏينهڙا!
جيڏيون جي مان وسهو، ننڊ نه هيريو نيڻ:
جوڀن ٻه-ٽي ڏينهڙا!
راتيون جاڳن جي، سي آءٌ ڪندڙي سيڻ:
جوڀن ٻه-ٽي ڏينهڙا!
آڌيءَ رات اُٿي ڪري، جهل تون ننڊا نيڻ:
جوڀن ٻه-ٽي ڏينهڙا!

"هر سٽ ۾ روحاني اضطراب آهي: هڪ مسلسل ڪيفيت آهي، جنهن جو جيئن پوءِ تيئن تاثر گهرو ٿيندو ٿو وڃي. انهن ۾ زندگيءَ جي تخليقي دور جي بي ثباتيءَ ۽ زندگيءَ جي تخليق جي ثبات جو اهڙو حسين تضاد پيدا ڪيو ويو آهي، جو هر سٽ کي چمي، اکين تي رکي، روح جي رحل ۾ ويڙهي رکجي! مٿينءَ وائيءَ جي گهَرائي اهوئي محسوس ٿو ڪري سگهي، جنهن ساريون راتيون ستارن جي سنگ ۾ گذاريون هجن: جنهن جا شعر سندس نيڻن جي ننڊ مان جُڙن: جو جاڳي، جَلي، لوچي ۽ لهي.

"ادا، هن دفعي مون لطيف سائينءَ کي ڪافي ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي، ۽ پهريون دفعو صحيح معنيٰ ۾ هن جي فن جي عظمت محسوس ڪئي آهي. ترجمي ڪرڻ وقت مان هر بيت کي ڪيئي ڀيرا پڙهندو آهيان: ڪائي ازلي مستي، وير وانگر وڌندي ايندي آهي، جا منهنجي روح کي ڇولين جي ڇوهه ۾ چوٽيءَ چاڙهي ڇڏيندي آهي، جتان مان سمنڊ جي سيني ۾ گهوري ڏسندو آهيان، ۽ منهنجو روح پاتار ۾ پيهي، سپون سونجهڻ لاءِ مضطرب هوندو آهي." (ص ١٥٣)

خط. "ڪن حلقن ۾ غلط فهمي پيدا ٿي آهي ته مان لطيف سائينءَ سان برابريءَ جي دعوا ٿو ڪريان....

"مون ڏانهن شاهه لطيف جي برابريءَ جي دعوا اُهوئي منسوب ڪري سگهي ٿو، جنهن منهنجي ڪلام جو مطالعو نه ڪيو آهي. مون دنيا جي گهڻن ئي عظيم شاعرن جو مطالعو ڪيو آهي، پر مون تي ڪنهن به شاعر جو ايترو گهرو اثر نه پيو آهي، جيترو شاهه لطيف جو. مان هن کي پنهنجي دور جي Prodigy (عظيم شخصيت) سمجهندو آهيان، ۽ منهنجو هن جي ڪلام سان ايترو ته والهانه لڳاءُ آهي، جو مون راتين جون راتيون جاڳي، هن جي پوري رسالي جو اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو آهي، جو سنڌ يونيورسٽي عنقريب شايع ڪري رهي آهي. مون ڏينهن-رات جيترو شاهه سائينءَ جي رسالي تي نُور نچويو آهي، سان مون کي ئي ڄاڻ آهي. مٿينءَ بيجا غلط فهميءَ جي ترديد ۾ مان شاهه سائينءَ متعلق پنهنجا هيٺيان بيت ۽ دوها پيش ڪريان ٿو، جن مان ڪجهه هن خط کان اڳ ڇپجي چڪا آهن. -نياز ڪيش، شيخ اياز

وري چسوريان چنگ، صدا ڪريان سنڌ ۾،
ڪونهي اڄ ڪلام ۾، سُر جو سِر سان سنگ،
ڀريان آءٌ اُمنگ، ڪريان لات لطيف جي.

ڀرسان تنهنجي، ڀٽ ڌڻي، جهلي بيٺس جهول،
ڏنئي ٻه-ٽي ٻول، سخي منهنجي ساهه کي.

ڪٿا کنيم ڪيچ مان، کليا تنهنجا کبت،
مون وٽ مڙيئي بيت، تو وٽ آهن آيتون.

آءٌ ڀٽائي آءُ، تنهنجي کِهه منهنجيون اکيون،
ڏس مون تنهنجو ڪينرو، ڀوريو ناهي ڀاءُ،
ساڳيو جوڳَ جڙاءُ، ساڳيا سڏڙا ساز جا.

آڻ پَٽيءَ تي پنهنجيون پنبڻيون، کهه ۾ اکڙيون کول،
ڀٽ ڌڻيءَ جي ڀرسان ويهي، پنهنجي ڳُجهه کي ڳول.
ڀٽ ڌڻي، او ڀٽ ڌڻي، او منهنجا ڀٽ ڌڻي،
تنهنجو ڏيهه ڏُڪاريل جنهن ۾ ناهي قرب ڪڻي!"
(ايڊيٽر ڏانهن خط- ماهوار "نئين زندگي"، ڪراچي، مئي ٦٣ع، ص ۴)

لطيف کي خطاب.

جاڳ ڀٽائي گهوٽ! سنڌڙي ٿي توکي سڏي،
مرن پيون مارُيون، قابو آهن ڪوٽ،
اڄ ته تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيون.

ڏنيون مون کي ڏات، ڳوڙهن ڀريون ڳالهڙيون،
لنوي منهنجي لات، ڏکڙا ساري ڏيهه جا.

چپن چورايو، ازل جي آواز کي،
مهرون لڳيون منهن تي، ڳوڙهن ڳالهايو،
پرين! پهچايو، اسان نياپو نينهن جو.

سنڌ جا ماڻهو. لطيف کي هڪ هنڌ پنهنجي وطن جي حالت کان آگاهه ڪري چوي ٿو:

ڀٽ ڌڻي، او ڀٽ ڌڻي، او منهنجا ڀٽ ڌڻي!
تنهنجو ڏيهه ڏڪاريل، جنهن ۾ ناهي قرب ڪڻي.

ان کان پوءِ، وطن جي حالت جو نقشو هن طرح چٽيو اٿس:

وڌم ڏکن ڏاڻ، سک نه سنڀرا سپرين،
سوچي هن سماج تي، ڪڍي ڄڀيون ڄاڻ،
ڊاهي ڪريان ڊير هي، بي معنيٰ مانڊاڻ،
سڄڻَ اڄ مون ساڻ، ته اٽڪون اڄ انياءَ سان.

ڏسي ڏکيا ڏيل، ڳوڙها ڳل ڳڙي پيا،
بکن بيمارين ۾، آزاريل عليل،
زر ۽ زور ذليل، ماڻهوئڙا ڪيا ملڪ جا.

ڏٺم وجهي واجهه، جهاتيون پائي جهوپڙيون،
ٻهه ٻهه ڪئي ٻاجهه، منهنجي منهن جي ماٺ ۾.

سنهيءَ سنهيءَ بوند، سڄن کي ساڙي وڌو،
اڳيئي اٿهوند، ويتر جهُرين جهوپڙيون.

رَتي ناهه رت، ڄورون مڙيون ڄندڙيءَ،
ساٿي اُٿ ستت، ساڙيون هن سماج کي.

ڇڳي ڇپر کٽ، آيو تاءُ تڏيءَ کي،
ساون کاڌي سٽ، سُڄن سر مٿي ڪيو.

جلي ڪيسين جوت، واچوڙا ويڙهي ويا،
ڳاراڻا ڳڻڳوت، لتاڙي لاٽ کي.

چڙهيل آهي چوطرف، زنجيرن تي زنگ،
جسو جڪڙيل جبر ۾، ايذايل اُمنگ،
ديوارن مان دانهن ٿي، چوريو جو مان چنگ،
رچي ويو رنگ، قيدي ڪوڪارڻ لڳا.

سهسين سورج چمڪيا، ڪيا چنڊ چٽاءَ،
ماڻهوئڙن مٿاءَ، اڃا اوندهه نه لٿي.

وطن. حب الوطني هڪ بين الاقوامي موضوع آهي. هر زيان جي شاعرن، وطن جي ڪمال ۽ زوال تي لکيو آهي. حساس ۽ باشعور اياز، پنهنجي وطن جي لاش کي سپردِ خاڪ ٿيندي ڏسي، ڇا ٿو محسوس ڪري ۽ ڪيئن ٿو الوداع ڪري:

اي وطن! منهنجي تخيل جا وطن!
لونءَ منهنجي جي لڳن!
جانِ من!
اڄ چُمي تنهنجو ڪفن،
ٿو ڪريان تنهنجو سُپردِ خاڪ تَن.
خشڪ منهنجي ديدهءَ خونبار آ،
لاله و گل کان سواءِ،
اي مٺا،
لاش تنهنجي کان جدا،

ٿو ٿيان مان الوداع، او الوداع!

اياز جي هيءَ الوداع هڪ تاريخي حقيقت آهي. ڇا ان کان ٻه انڪار آهي؟ -

حرف آخر

هن علمي ڪاوش جي مطالعي کان پوءِ واضح ٿيندو ته اگر "شاعريءَ" کي پنهنجي فن جي مراعات کان جدا ڪري، شرع ۽ فرع جي ٿيٺ ۽ ظاهردارانه حڪم جي گرفت ۾ آڻبو ته پوءِ ڪن فقهي ۽ ديني ڪتابن کانسواءِ، پوري دفتر ۾ 'ڪفر' کانسواءِ باقي رکيو ڇاهي؟ شاعريءَ جي وسيع ۽ محيط فن متعلق هن کان اڳ عربي، فارسي ۽ اردو، ملتاني ۽ سرائڪي شاعريءَ جا ڪافي مثال اچي چڪا آهن، جن کي تصوف ۽ تاويل جي رعايت سان ئي مدح جي مقام تي رکيو ويو آهي. امتِ مسلمه جي جيد عالمن ان پوري ذخيري کي احترام جي نظر سان ڏٺو آهي، ۽ ڪنهن ٻه هڪ تڪفير نه ڪئي آهي.

اياز جي فن جي سلسلي ۾ آخري طور اهو عرض ڪرڻو آهي ته اياز تي جو ڪجهه ٻه اختلافي انداز ۾ هيستائين لکيو ويو آهي، تنهن جو سڀ کان زياده حصو جذباتي ۽ انتقامي آهي، ۽ اهو ذاتي رنجش ۽ معاصرانه چشمڪ جي پيداوار آهي. 'فتنهء معاصرين' کان تاريخ جو ڪوبه دور خالي نه رهيو آهي. مسلم تاريخ ۾ وڏا وڏا عالم ۽ فاضل، مفسر ۽ محدث، فقيهه ۽ مجتهد، صوفي ۽ شاعر، پنهنجيءَ شهرت ۽ مقبوليت جي ڪري، پنهنجن همعصر دوستن لاءِ رشڪ ۽ حسد جو باعث ٿيندا رهيا. مزو اهو آهي ته هر دور ۾ انهن جي ذاتي شهرت ۽ فني عظمت کي ختم ڪرڻ لاءِ 'ڪفر' ۽ 'الحاد' جا نعرا ئي لڳندا آيا آهن. ان سلسلي ۾ سندن ڪتابن مان سياق ۽ سباق کي ٽوڙي، ابتيون سبتيون عبارتون پيدا ڪري، 'فتوائون' ڏيئي، کين 'ڪافر' چيو ويو آهي. ان فتني کان نڪي شيخ ابن العربي ۽ ابن تيميه محفوظ رهيا، نڪي غزالي ۽ مجدد الف ثاني، سر سيد ۽ اقبال جهڙا برگزيده روزگار ئي بچي سگهيا. اهو سلسلو اڄ تائين موجود ۽ جاري آهي. شاعرن سان ٻه ان سلسلي ۾ گهٽيون ٿي عقوبتون ڪيون ويون. تڏهن ته حافظ پنهنجي فن جي ڪنهن حاسد لاءِ چيو آهي:

حسد چه مے بری ای سست نظم بر 'حافظ'
قبول خاطر لطف سخن خداداد است.

ان طرح، سندس جنازو ٻه وقت جي عالمن نٿي پڙهيو: چيائون ته ڪافر آهي! نيٺ فال ڪڍيائون، جنهن ۾ هي شعر آيو:

قدم دريغ مدار از جنازهء حافظ،
اگرچه غرق گناهست، مے رود بہ بهشت!

اياز تي جن دوستن قلم کنيو آهي، اهي پنهنجيءَ جاءِ تي ڪيترا ٻه مخلص ۽ نيت بخير هجن، پر فني لحاظ سان سندن علمي ۽ فني، ذهني ۽ فڪري مطالعي ۾ ڪا بصيرت ۽ وسعت ڪانه ٿي نظر اچي. اگر سندن نظر وسيع هجي ها، فن جي تاريخ ۽ ارتقا تي سندن نگاهه هجي ها، متقدمين ۽ متاخرين جي فن ۽ تجربن، خيالن ۽ مثالن تي سندن پهچ هجي ها، خود شعر ۽ فن جي روايتن جو علم هجين ها، ته پوءِ هوند ائين تيليءَ مان ٿنب نه بنائين ها.

مون کي معاف ڪيو وڃي، اگر مان ائين عرض ڪريان ته "نقاد" پنهنجي ذاتي حيثيت سان 'جامع العلوم' ٿئي ٿو: يعني جنهن تي تنقيد ڪئي وڃي، اهو نقاد کان علم ۽ فن جي لحاظ سان گهٽو فروتر ۽ هيٺ هئڻ گهرجي. افسوس آهي ته اڄڪلهه تنقيد ۽ فن جي مٿانهين معيار ۽ اصول کي قطعاً نظرانداز ڪيو ويو آهي. اياز تي انهن ٻه تنقيدون لکيون آهن، جي نه سخن گو آهن ۽ نه سخن سنج! ان طرح، جن شاعرن تنقيدون ڪيون آهن، انهن جو فني مقام ٻه ڪو ايترو بلند نه آهي. ڪن ته محض پراين پچارن کي ٻڌي، شاعريءَ جي فني مراعات کي نظرانداز ڪري، ونئي

هاءِ گھوڑا ڪئي آهي. جن اياز تي ڪفر ۽ الحاد جون فتوائون لڳايون آهن، تن جو علم ۽ ديني معلومات ۾ ٻه ڪو خاص مقام ڪونه آهي، ڏاڍو چگو ٿئي هاءِ جيڪڏهن ڪو اهڙو عالم ۽ فاضل شخص بحث ڪري ها، جو عالمِ دين ٻه هجي ها ته ان سان گڏ فنِ شاعريءَ جو ڄاڻو ٻه هجي ها، ۽ مفتي ٻه هجي ها. افسوس آهي ته اياز متعلق جو طوفان کڙو ڪيو ويو. ان ۾ ڪنهن ٻه اهڙي عالم جو نالو نظر نہ آيو، جو مفتي هجڻ سان گڏ سخن سنج ۽ سخن گو ٻه هجي ها، جنهن جي دليلن ۽ علمي ڪاوش کي ڏسڻ کان پوءِ ڪا آخري راءِ ٻه قائم ڪري سگهجي ها. اها ٻه حقيقت آهي ته ڪنهن جي فن جي تڪميل کان پوءِ ئي ان فن متعلق کي صائب الراءِ نقاد پيدا ٿي سگهن ٿا. رڳو چند فارسي ۽ اردو ديوانن ۽ شرحن کي اُبتو سبتو ڏسي ۽ پڙهي، يا چند عروض ۽ معانيءَ جي حوالن کي طوطي وانگر ياد ڪري ته ڪو ماڻهو نقاد ٿي نٿو سگهي، ۽ نڪو چند نقادن جي قياس آرائيءَ کي پڙهي ڪو ماڻهو پارکو بنجي ٿو سگهي. هونئن ته اسان جي هر مسجد ۾ پيش امام آهن، پر گهٽن کي 'امامت' جي خبر آهي؟ گهٽن کي قوم، ان جي اصلاح ۽ مفاد جي ڄاڻ آهي؟ تڏهن ته اقبال چيو آهي:

قوم کيا چيز ہے، قوموں کی امامت کيا ہے،
اس کو جانيں کيا بچارے يہ دو رکعت کے امام!

بلڪل اڻ طرح، نقاد جو مقام گهٽو بلند آهي. اهو هرڪنهن کي نصيب نٿو ٿئي. اڄ ته "هربوالهوس نے حسن پرستی شعار کی" وارو دور آهي. علامہ راغب اصفهاني "المحاضرات" ۾ هڪ عجيب واقعو بيان ڪيو آهي. لکي ٿو:

"جعفر بن سليمان جي دربار ۾ هڪ مسلمان گواهه آندو ويو، جنهن کي ٻئي مسلمان جي ڪفر تي شاهدي ڏيڻي هئي. جعفر کيس فرمايو ته 'تون اهو سپڪجهه بيان ڪر، جو هن مدعاعليه متعلق توکي شاهديءَ طور چوٽو آهي،' ان گواهه جواب ڏنو ته 'هي شخص معتزلي آهي، ناصبي آهي، نصيري آهي، جبري آهي، رافضي آهي، ۽ قدري آهي! ٻيو ته علي ابن خطاب، عمر ابن قحافه، عثمان ابن ابي طالب ۽ ابوبڪر بن عفان کي گاريون ڏيندو آهي. ان کان سواءِ، ابوسفيان سان جنگ ڪندي ڪوفي کي ناس ڪندڙ ۽ قطائف جي ڏينهن [يومِ طف=روز عاشور] تي حسين ابن معاويه سان جهاد ڪندڙ حجاج کي ٻه گاريون ڏيندو آهي!' اڃا گواهه اتي پهتو مس ته جعفر کيس روڪي چيو ته 'خدا جي مار پوئي! مان تنهنجي ڪهڙي علم ۽ معلومات تي رشڪ ڪريان! تاريخداني تي، مذهب شناسيءَ تي، جاگرافيائي معلومات تي، يا رجال ۽ انساب جي ڄاڻ تي'!"

هن تاريخي واقعي ۾ عبرت انگيز حقيقت سمايل آهي. اهو گواهه ٻئي جي 'ڪفر' کي ثابت ڪرڻ آيو هو، تنهن جي ديني معلومات اها هئي جو هڪ ئي شخص کي سني ۽ شيعو، جبريه ۽ قدريه، معتزله ۽ رافضي پيو سڏي، حالانڪ انهن سڀني فرقن جا عقيدا هڪٻئي جي خلاف آهن. اهو اجتماع الضدين ناممڪن آهي. ان طرح، سندس علم الانساب جي ڄاڻ جي اها حالت هئي جو کيس عليءَ جي والد ابوطالب ۽ عمر جي والد خطاب ۽ عثمان جي والد عفان ۽ ابوبڪر جي والد ابي قحافه جو پتو نٿي پيو- هڪ جي ٻي ٻڌائي وڃي مٿي چڙهيو. تاريخ ۽ جاگرافيءَ جو اهو حال هوس، جو چيائين ته حجاج کي ٿو گاريون ڏئي، جنهن هڪ طرف 'ڪوفي ۾ ابوسفيان سان لڙائي ڪئي ته ٻئي طرف ڪربلا ۾ امام حسين سان جهاد ڪيو.' احمق کي اها خبر ئي نہ رهي ته ابوسفيان ۽ حجاج جي زماني ۾ پيڙهين جو فرق آهي! ٻيو ته ابوسفيان ڪوفي ۾ لڙائي ئي ڪانہ ڪئي هئي. ٽيو ته ابوسفيان جي حياتيءَ ۾ حجاج اڃا ڄائو ئي ڪونہ هو! چوٿون ته حجاج امام حسين عليه السلام کان گهٽو پوءِ پيدا ٿيو هو! سڀ کان وڌيڪ ستم اهو، جو امام حسين عليه السلام جي والد حضرت علي عليه السلام جي ٻه ڪيس خبر نہ رهي، پر هليو هو ٻئي جي ڪفر کي ثابت ڪرڻ! هيءُ هڪ تاريخي يا نيم تاريخي واقعو آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ناقص علم جو هجڻ ڪيتريقدر نہ عذاب ٿو پيدا ڪري.

اها ساڳي حالت علم ۽ ادب جي دنيا ۾ ٻه پيدا ٿيندي آئي آهي. سنڌي جديد ادب ۽ خاص طرح ايازمتعلق جن

فتوائون گھڙيون آھن، تن جو حال کو مٿئين گواھ کان وڌيڪ معتبر نہ آھي. انھن جي نظر ۾ ايياز شاعر نہ آھي، اديب نہ آھي، صوفي نہ آھي، فلسفي نہ آھي، مومن نہ آھي، ڪافر نہ آھي، ملحد نہ آھي، لامذھب نہ آھي، ڪميونسٽ نہ آھي، ناستڪ نہ آھي، ھندو نہ آھي ۽ مسلمان نہ آھي!

ان کان سواءِ، پاڻ مٿئين گواھ وانگر، تاريخ ۽ جاگرافيءَ جا عالم نہ آھن نہ رجال ۽ انساب جا اُستاد نہ آھن نہ دين ۽ شرع جا ڄاڻو نہ آھن؛ نثر ۽ نظم جا ماھر نہ آھن نہ عروض ۽ معانيءَ ۾ بحر بي پايان نہ آھن؛ بديع ۽ بيان جا نہ بس افلاطون آھن!

اُن طوفان انگيز دور ۾، مون ايياز جي فن تي ڪجھ مجمل انداز ۾ تبصرو نہ ڪيو، ۽ نقارخاني ۾ طوطيءَ جو آواز ٻُڌي ڪير؟ "نقاد" صاحبن ايياز سان گڏ منھنجي متعلق نہ ڪافي غلط فھمي پيدا ڪئي، ۽ اخبارن ۾ دل کولي داد ڏيڻ شروع ڪيو. بھرحال، علمي ۽ فني لحاظ کان ڪيل ھن چندڇاڻ لاءِ آخر ۾ اھوئي عرض ڪرڻو آھي نہ ان کي ٿڌي دماغ سان ڏسڻ گھرجي. ان جي بحث کي ورجائي پڙھڻ گھرجي، ۽ ان جي اجمالي نڪتن ۽ اشارن مان تفصيل تي پھچڻ گھرجي. اگر ڪو بحث، طبيعت ۽ پسند، ذاتي مطالعي ۽ پنھنجي مشرب جي خلاف نظر اچي نہ پوءِ ان متعلق وڌيڪ چندڇاڻ ڪرڻ گھرجي. چئن ڇڪڻ عالمن ۽ اديبن سان تبادلہ خيالات ڪرڻ گھرجي. منھنجو مطلب آھي نہ ان ھڪ ئي مقام تي پاڻ کي روڪي نہ ڇڏجي. ھڪ پيرو ھن مقالي کي پوري ذوق ۽ غور سان پڙھي وڃڻ گھرجي. ڇالاءِ نہ ھڙين علمي ڪاوشن ۾ ھرھنڌ نہ ڪي تفصيلي ڳالھيون نڪيون لکي سگھجن. عاقل اھو آھي جو اشاري ۽ مامَ مان 'حقيقت' تائين پھچي وڃي- الڪناية ابلغ من التصريح.

("مقالي مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات"، ۱۹۶۴ع، جو آخري حصو.)

• "اھي شاعر جي پنھنجي موضوع ۽ مخصوص اظھار سبب سَند ٿي ويا ھجن، جن جي ھولي ھڪ مثالي ھوليءَ جو درجو رکندي ھجي، جن انسان جي فڪري سرمايي کي وڌايو ھجي، جن ويروتار سچائيءَ جي ڳولا ڪئي ھجي، جن انسان جي اندر ۾ دائمي جذبو ۽ جوش پيدا ڪيو ھجي، جن پنھنجي فڪر، مشاھدي ۽ ايجاد جي ذريعي انساني ذھن کي وسعت ۽ عظمت ڏني ھجي، جن انسان ۾ آزاديءَ لاءِ محبت ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جرئت پيدا ڪئي ھجي، جن ساڻيا کي سونھن ڏني ھجي ۽ سونھن کي ساڻيا ڏني ھجي، جي پنھنجي خاص انداز ۾ پنھنجيءَ قوم لاءِ ھوندي بہ سڀ لاءِ ھجن ۽ ھر ڪنھن سان ڳالھائيندا ھجن، جن جو شعر اھڙو ھجي جو نوان لاءِ ڪوشش کان سواءِ بہ نئون ھجي، جن جي شاعريءَ ۾ نئون پراڻو ملي ھڪ ٿي ويا ھجن، جن جي لکڻيءَ ۾ ايتري ڇڪ ھجي جو ھر دور ان کي پنھنجي لکت سمجھي، جن جون تخليقي صفتون وقتي ھوندي بہ دائمي ۽ آفاقي ھجن،- انھن شاعرن جي شاعري عظيم ڪلاسڪ جو درجو حاصل ڪري ٿي.

- شيخ ايياز

محمد ابراهيم جويو

جيئڻ جي ضرورت - اُن جو شعور ۽ جذبو

("راج گهاٽ تي چنڊ" جو مهاڳ)

اسان جي پياري دوست، شيخ ايار، جي شعر جو هيءُ تيرهون مجموعو آهي، جو پيش ٿي رهيو آهي. لڳ ڀڳ ست سال اڳ، ۱۹۸۰ع ۾، ايار جو ڇهون مجموعو، 'لڙيو سج لڪن ۾'، شايع ٿيو، جنهن ۾ ناشر طرفان ٻڌايل هو ته "شاعر شيخ ايار ۱۹۷۵ع جي شروع کان.....خاموش رهيو"، ڇو ته فارسي شاعر ابوالفيض فيضيءَ جي بقول، ان دور ۾ ايار جي جڙ اها کيفيت هئي، جو

باز گشتم از سخن زيراک نيست

در سخن معنيٰ و درمعنيٰ سخن-

يعني 'شعر چوڻ کان باز آيل آهيون، ڇو ته نه شعر ۾ معنيٰ رهي هئي ۽ نه معنيٰ ۾ شعر.' ايار جي اُن کيفيت جو اشارو هُن جي اُن مجموعي جي نالي مان ئي پڌرو هو، جيڪو لطيف جي ساڃيءَ کنهن اهڙيءَ کيفيت جي ترجماني کندڙ خود لطيف جي بيت مان هن کنيو هو:

لڙيو سج لڪن ۾، راسيون رتائين،

مون کي ماريائين، اديون اونداهي ڪري!

ايار جي اُن شعري مجموعي کي شاعر جي 'انتهائي نراسائيءَ جو ترجمان' چوندي، ناشر کي ان مان نراسائيءَ کان وڌ شاعر جي 'ناخوشيءَ يا ناراضپي' جي کيفيت محسوس ٿي هئي- ناخوشي يا ناراضپو، شديد کان شديد، ايترو شديد، جو ان کان وڌ کنهن وصال جي تانگهه، کنهن تبديل جو امنگ ۽ اُن وصال يا اُن تبديل لاءِ وڌيڪ ٻيءَ کنهن تيز آس جو اظهار شايد ئي ڪو ٿي سگهيو ٿي."

اڄ، ۱۹۸۰ع کان پوءِ، بلڪ ۱۹۸۲ع ۾ 'پٽڻ ٿو پُور ڪري' جي اشاعت کان ۱۹۸۷ع جي سندس هن تازي شعري مجموعي 'راج گهاٽ تي چنڊ' تائين، پنجن سالن ۾ ايار جي ستن شعري مجموعن- 'پٽڻ ٿو پور ڪري' (۱۹۸۲)، 'ٽُڪرا ٽُٽل صليب جا' (۱۹۸۴)، 'پن چڙ پڇاتان' (۱۹۸۵)، 'چنڊ چنبيلي ول' (۱۹۸۵)، 'رڻ تي رمر جهمر' (۱۹۸۶)، 'پڳٽ سنگهه کي ڦاسي' (۱۹۸۶) ۽ 'راج گهاٽ تي چنڊ' (۱۹۸۷)- جي تخليق ۽ اشاعت مان پڌرو آهي ته ايار جي اها کيفيت کنهن شڪست قبولڻ ۽ فراريت ۾ پناهه وٺڻ واري ذهن جي ڪانه هئي، پر راهه ۾ لهندڙ سج ۽ رات جي اونده ٿي وڃڻ تي 'سسئيءَ' جي ناراضپي، ڏک ۽ ڪاوڙ جي کيفيت هئي، جن منزل ڏانهن هن جي پنڌ ۾ رڪاوٽ ٿي وڌي. ايار پنهنجي اُن ڪتاب کي 'ماضيءَ ۽ مستقبل' ڏانهن منسوب ڪيو هو- 'حال ڏانهن' يا 'حال ڏانهن ٻه' نه: اُن مان ٻه ايار جي اُهڙيءَ ئي پنهنجي 'حال' کان بيزاريءَ ۽ ڪاوڙ جي کيفيت جو اظهار ٿيو ٿي ۽ نه سندس هار کائي کنهن ڪنڊ پاسي ويهڻ يا ڪٽي پڄي پاڻ محفوظ ڪرڻ جو.

وقت جو ڪرشمو واقعي ٻه، هڪ طرح، اهڙيءَ نوعيت جو لڳي ٿو جڙ 'حال' آهي ئي نه- رڳو 'ماضي' آهي ۽ 'مستقبل' آهي ۽ ماڻهو 'حال' جو هر پل 'مستقبل' جي پل لاءِ پيو گهاري. اِن معنيٰ ۾ ماڻهوءَ لاءِ آس ۽ نراس، خوشيءَ ۽ ڪاوڙ، شڪست ۽ فتح جي ٻه ڪا ڳالهه ڪانه ٿي اُٿي- هڪ لاڳيتي مجبوري هئي، جنهن ۾ ماڻهو ڦهندو ٿي رهيو. پر هيءُ جو لطيف چيو ته "ڪٿي 'ماضي' من ۾ ڪٿي 'استقبال' / حيفُ تَنِي جو حالُ، جن وساريو 'حال' کي!" - اِن جي معنيٰ ڇا؟ اِن مان ته ائين ٿي لڳو جڙ 'ماضيءَ' ۽ 'مستقبل' جي ڳالهه ڪانه هئي، رڳو 'حال' هو- ۽

'حال' ۾ ئي ماڻهو لڳاتار لوڙيندو ٿي رهيو! برابر هيءَ وقت جي ڌارا، هيءُ وقت جو اڄل سيلاب- ڪهڙيءَ به طرح اُن تي نظر رکجي- اِن جي آڏو ماڻهو پاڻ کي مجبور ئي ڏسي ٿو. پر حقيقت ۾، اُن اٽل مجبوريءَ ۾ به 'جيئڻ' جي ضرورت آهي، جا ماڻهوءَ کي ارادو ڏئي ٿي- ارادو آزاديءَ سان ۽ رکاوٽن کان آجي جيئڻ جو، پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ جو- هيڪل توڙي گڏجي، پر جيئڻ جو، ۽ جيئڻ کي 'ماڻڻ' جو. اِئين ارادي سان روشن 'حال' جو رستو جڏهن، هلندي هلندي، لکن ۾ سج لهي وڃڻ سبب، اونداهجي به ٿو، ته ماضيءَ جو تجربو ۽ ڏور 'جبل مٿي باهڙي' - مستقبل جو سدا چمڪندڙ پرانهون اُهو نشان- ئي فردن توڙي قومن ۾ آڻ مڃڻ ۽ جيئڻ تان هٽ ڪٽن بدران، بهتر ۽ خوشتر جيئڻ جو، جيئڻ جي جس کٽڻ جو، امنگ ۽ ارادو تازو رکن ٿا.

وقت ۽ زندگيءَ جي جبر ۽ اختيار جو هيءُ وستار اِئين ۽ اِن ئي منطق سان جاري رهندو آيو آهي.

۽ ٻولي ۽ ادب، وقت جي مقابلي ۾، قومن جي اِنهيءَ جيئڻ ۽ جيئڻ جي ماڻڻ جي امنگ ۽ ارادي جا امانتدار، تربيت ڪندڙ ۽ مسلسل روايت طور، اُن امنگ ۽ ارادي کي نسل کان نسل تائين رسائڻ جا ثابت ۽ اڻ-گس وسيلا پئي رهيا آهن. اِن مان قومن ۽ انهن جي بامراد زندگين کي اٽوٽ سلسلو ملي ٿو، ٻولي ۽ ادب جنهن لاءِ تسبيح جي ڏاڪي جو ڪم ڏين ٿا.

ٻوليءَ ۽ ادب جي اِها حيثيت ۽ اِهو ڪارج تاريخي طور عام مڃيل آهي- اوائلي مذهبي برادرين (جيڪي جديد قومن جي وجودجڻ جون پهريون جماعت بنديون ليکجن ٿيون) جي ٻولين جي سلسلي ۾، مثلاً اُنهن جون مقدس ٻوليون: سنسڪرت، هيبريو، اوستا، پالي، يوناني/لاطيني ۽ عربي وغيره؛ ۽ اُنهن کان پوءِ يا اُنهن سان شامل ۽ همعصر ملوڪيتي يا بادشاهي نظامن جي سلسلي ۾، جڏهن علائقائي حدبندين ۽ علائقائي ٻولين هرهنڌ اُنهن مذهبي برادرين ۽ سندن مقدس زبانن جي جاءِ ورتي ۽ اُهي لکيت ۾ اچڻ ۽ ماڻهن جون ادبي ۽ علمي ٻولیون ٻڌجڻ شروع ٿيون؛ ۽ سڀ کان وڌيڪ، جديد قومي جمهوري نظامن جي سلسلي ۾ جڏهن قومي رياستون وجود ۾ آيون ۽ اُنهن جون قومي ٻولیون پنهنجي سڃي فڪري ۽ تخليقي معجزي سان قومن جي سڃاڻپ جا بنيادي نشان ٻڌجي پيون، جيئن اڄ اُهي آهن.

قومي زندگيءَ ۾ قومي ٻوليءَ جي اِن اهميت ۽ اِن ڪارج جي ڳالهه ڪندي، تاريخ ۽ سماجيات جي هڪ عالم چيو آهي ته 'جيئن محبوب جي ڏسڻ لاءِ عاشق جي اک آهي، هُن جي پنهنجي اک، اصلي اک، تيئن محب وطن لاءِ ٻولي آهي- سڃيءَ هُن جي قوم جي 'تاريخ' کان هُن کي مليل، هن جي پنهنجي اصلي ٻولي، مادري ٻولي، اُن پنهنجيءَ ٻوليءَ وسيلي، جا هو جمڻ سان ٻڌي ٿو، ماءُ جي هنج ۾ سکي ٿو، ۽ قبر تائين ساڻ نئي ٿو، هو گذريل وقت ياد ڪري ٿو، سڀيوگي سنگ ۽ رفاقتون خيال ۾ آڻي ٿو، ۽ پنهنجا هو آئيندي جي وقتن جا خواب لهي ٿو.

ٻوليءَ ۽ ادب جي اِها زندگي بخش روح افزائي ۽ اِها اُنهن جي مسيحائي هر محب وطن فرد ۽ خاص طرح محب وطن قومي شاعرن ۽ اديبن جي واسطي سان قوم لاءِ سدا موجود، سدا زنده ۽ تر و تابنده رهي ٿي. سنڌي ٻولي ۽ اُن جو ادب به اِنهيءَ طرح سنڌي قوم جي پنهنجي جيئڻ ۽ جيئڻ جي ماڻڻ جي ارادي جدوجهد جي تاريخ جا محفوظ طومار يا رکارڊ آهن ۽ اِئين ئي، خاص طور جديد قومي سنڌي ادب لاءِ چئي سگهجي ٿو ته اُهو سڃي جو سڃو اڇوڪي دؤر جو، مخصوص ۱۹۴۷ع جي تقسيم برصغير ۽ اُن جي نتيجي ۾ سنڌ جي قومي ورهاڱي ۽ سنڌي قوم کي جنهن سياسي ۽ سماجي صورتحال سان دوچار ٿيڻو پيو، اُن جو اُهو شعوري رد عمل ۽ پورو ۽ سڃو تفصيل آهي.

مون پنهنجي ڪتاب 'شاهه، سچل ۽ سامي' (۱۹۷۸ع) ۾ ارسطوءَ جو قول نقل ڪيو هو ته، 'شاعري فلسفي کان وڌيڪ فڪر انگيز ۽ تاريخ کان وڌيڪ سبق آموز ٿئي ٿي.' ۽ چيو هو ته اِها حقيقت اِن طرح هئي، جو شاعريءَ مجموعي طور انساني فطرت ۾ زياده اونهو ڏنو ٿي- اُن جي خصوصيت بلڪ اُن جي عظمت جو دليل ئي اهو هو ته اُن

اندر جي اسرار جي، ڳالهه جي اصل جي، 'اکرن' جي نه پر 'روح' جي صورتگري ڪئي ٿي: ۽ ٻيو ته اُن پنهنجي دور تي، ۽ اُن جي ماڻهن تي وڌيڪ حساس روشني وڌي ٿي ۽ انهيءَ ڪري اُنهن سان زياده يڪدل ٿي اُنهن کي وڌيڪ چٽو ۽ صحيح سمجهيو ٿي. ائين عظيم شاعريءَ جي توصيف ڪندي، مون وڌيڪ لکيو هو ته اُن ۾ وقت جي حقيقتن جو سچو ۽ پورو عڪس موجود هجي ٿو، ۽ اُن خيال کان اُن ۾ تاريخ جي جهلڪ موجود هوندي آهي؛ ۽ ساڳئي وقت اُن ۾ حقيقتن جو تعبير به موجود هوندو آهي، ۽ اُن لحاظ کان اُن ۾ فلسفي يا حڪمت جي به جهلڪ هوندي آهي.

جڳ مشهور ادبي نقاد ٽي.ايس.اليٽ، جو چوڻ آهي ته "شعر ۽ ادب جي دنيا ۾ جيڪڏهن اوهين ڪنهن جدتڪار (Innovator) جي ڪاوشن کي تاريخوار ويهي جانچيندا ته اوهين هن کي سندس من جي ڪنهن اجهل ڌن ۾ مصروف ۽ قدم بقدم اُن جي پورائيءَ ۾ اڳتي وڌندي ڏسندا." جديد سنڌي ادب جو اڳرو ۽ جدتڪار، اسان جو مهان اديب ۽ شاعر شيخ اياز اسان کي سندس سڄيءَ اعليٰ تخليقي ڪاوش ۾، پنهنجي ضبط ٿيل مشهور پهرئين شعري مجموعي 'ڀونئر ڀري آڪاس' (١٩٦٢ع) کان وٺي، سڀني سندس نثري تصنيفن سميت، پنهنجي شعر جي هن زير نظر شاهڪار، 'راج گهاٽ تي چنڊ'، تائين- اهڙيءَ ئي ڪنهن هڪ پنهنجي لازم ڌُن ۽ اجهل جذبي جي تڪميل ۾ اڳتي وڌندو پئي معلوم ٿيو آهي.

'پتڻ ٿو پور ڪري' جي مهاڳ ۾ يوسف شاهين لکيو آهي ته، 'نثري نظمن تي مشتمل هيءُ بي مثال ڪتاب شيخ اياز جي سڄيءَ زندگيءَ جي تجربن، ڄاڻ، مطالعي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهي....' دراصل اُهو اياز جي مطالعي جو نچوڙ به هُن جي پنهنجي اُن اندر جي جذبي، پنهنجي آئيندي جي هڪ خواب کي اڳتي نئي ٿو، جيڪو هن جي دل ۾ پنهنجن ماڻهن لاءِ موجود پئي رهيو آهي، ۽ جنهن ڏانهن هن جي شاعري ۽ ٻي هر ادبي ڪاوش مسلسل سفر ۾ رهي آهي. هن جي سڄي اعليٰ تخليقي ادبي اُپت، هن جا سڀ ادبي شاهڪار، زندگيءَ جي همه رنگ صورت جي مصوري هوندي به، اهڙا آهن جو اُنهن سڀني ۾ هڪ يڪرنگي، هڪ يڪسوئي ملي ٿي. شاعر جي پنهنجي هڪ 'ڏور-نگاه' (Vision) هن جي هر نظم ۽ هر شعر ۾ موجود آهي ۽ وچ ۾ ڪٿي، خاص طرح پنهنجي قومي حال ۾ مايوسيءَ جي خفيف عڪاسيءَ جي باوجود، جا حقيقت پسندانه ئي آهي- اُن ۾ هزارها سالن جي تاريخ مستقبل جي اُن مثبت ۽ پُراُميد تصور سان وڃي ملي ٿي:

اهڙي اڳ-ڳٽتي
ڪهڙيءَ ڪوتا کي هئي؟
ڪنهن هئن دانهن ٻڌي هئي
دکي ڌرتيءَ جي؟
ڇا اڳ ڏيهه ڏٺا هُيا
ڏاهپ هئن ڏمري؟
من-پيڙا جي ٻولڙي
ڪنهن هئن ڪُرلائي؟
(وايون، ص- ٩٧)

*

سهڙي جا سيکاٽ تي، کنوڻ سا کاٽوٽ،
متان کائو موٽ، ساري سنڌ ٻري پئي.
(بيت، ص ١٦)

*

هي جو ريتُ رتو آ، ڪيسانو موريءَ،
اُٽي ڪنهن ڪوريءَ، ڳاڙهي اُٽ ڪيتري!
(بيت، ص ۱۷)

*

او شل ڍهي ڍوهه، ڪائي آڳ ٻري پئي،
لوهر ڦوڪي لوهه، رڪ ڪري ڪو پڌرو!
(بيت، ص ۲۰)

*

اچي ٽو هيڪارَ موت تہ سيني جي مٿان،
مئي ناهه ميارَ، جي تون جيئين جس سان.
(بيت، ص ۲۱)

*

هي سرءُ چاليهه سال!
روز ساڳيا ڏينهڙا!
سڄ اُپري ٽو، اُٽن ٽا سوچ ۾ ساڳيا سوال-
سڄ اُلهي ٽو منهن تي ٽا ملن ساڳيا ملال-
ها فقط سرها لڳن ٽا، اڄ ٻہ ڏرتيءَ جا دلال-
هو وسنتي ويس پائي، ٽا هٽن ڪوڙا گلال-
ڪيترو تولئہ تڪيان؟ هاڻي پلائي آءُ پال!
روز ساڳيا ڏينهڙا!
روز ساڳيا ڏينهڙا!
روز ساڳيا ڏينهڙا!
(وايون، ص ۳۹)

*

ٽي ٻري لينن- گراد،
بم برسن ٽا پيا.
'اولگا' جي شاعريءَ ۾
اڄ ٻہ تازي آهہ ياد- بم برسن ٽا پيا.
اڄ ٻہ منهنجا ديس تو ۾
جڏ تہ نازي بدنهاد! بم برسن ٽا پيا.
اي ڏکڻ! گهلندين ڪڏهن تون
آءُ اي بادِ مراد- بم برسن ٽا پيا.
(وايون، ص ۴۵)

*

ڌرتي! بس تو سان،
ماڻهوءَ ٻولَ نہ پاڙيا!
آڌيءَ مانجهيءَ گيت ٿو ڳايان آءٌ اڃان.
سپني منجهہ رچي وڃي ماڻهو نيٺ متان!
(ماڻهو سپنا ٿو اُڻي پنهنجي رتُ پُنءِ مان)
رانئي جَرُ ٿرُ آئيو ڳاڙهو سج مٿان!
(وايون، ص ۴۷)

*

'تون' تي تون آهين،
منهنجي ڀون آهين،
او آيل او سنڌڙي!
منهنجي ساري ڏات تون
منهنجي 'مون' آهين- او آيل او سنڌڙي!
تون ئي منهنجا بيت آن
تون وايون آهين- او آيل او سنڌڙي!
اڃا نڪتي ڇو نہ تون،
کاهيءَ کؤن آهين؟ او آيل او سنڌڙي!
ويريءَ جي والار ۾
ڏينهن تہ ڏون آهين! او آيل او سنڌڙي!
(وايون، ص ۴۹)

*

بادل ٿا برسن
جيڏا، وري جهوڪَ تي.
شاهہ عنايت اُڀ مان، ڇمڪي ٿو ڇَن ڇَن،
نہ تو سونگي سنڌڙي، نہ تو ڏاڍي ڏن!
مٿن مٿي هٿڙا سدا شهيدن.
آهن اسان سان اڃان، مري جي نہ مرن!
(وايون، ص ۹۳)

*

پير کوڙي رهو پهاڙن تي،
پٿرن جي ڪِرڻ جيان نہ ڀڄو!
رٿ روڪي وڙهو 'اياز' اڃا،
ڪانئرن جي ڀڄڻ جيان نہ ڀڄو!
(غزل، ص ۱۱۹)

*

سمجھو ٿا لوڪو!
"راهُو" مرڻو ڪونہ آ،
مري ويو ٻيو ڪو.
(ٽ-سٽا، ص ۱۲۴)

*

اکيون پٽيو ڏي!
هيءَ جا باک بسنت جي
اڄي جھٽيو ڏي!
(ٽ-سٽا، ۱۲۵)

*

موت نہ ڪاڏي مات،
وري سج لھو- لھان
"راهوڪيءَ" تي رات!
(ٽ-سٽا، ص ۱۳۲)

*

ڇا تون ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ ڇاهين ٿو؟
لاهور ۽ دليءَ جي رستن تان
رتُ ڏوپي ڇڪو آهي،
۽ اها رتُ ويجھي آهي
جنھن ۾ مالتيءَ جا اڇا ٻُڦ
من جي پوترتا وانگر نڙي پوندا آهن....
(نثري نظم، ص ۱۵۴)

*

دور ستارا پوڙھا آھن
چند بہ پوڙھو آھي؟
يا ھو پوڙھو ناھي؟

ھن ساري سنسار کي ڪوئي
چوڏاري ڪو لوڙھو ناھي
يا ڪو لوڙھو آھي؟

ديپ ٻُجھن ٿا ديپ ٻرن ٿا
ڏاڏو ڏور ڏياتيون آھن
جي وسمئہ مان منش ڏسن ٿا.

وشيو جيئن کو مندر آھي
ڇا اِن ۾ ڪوئي در آھي؟

مورتيون ۽ سڀ پوڄاري
اِن کان ٻاهر ڇو نہ وڃن ٿا؟
هونءَ وشال لڳي ٿو، ليڪن
گهيرو ڪيڏو سوڙهو آهي!
(نظم، ص ١٨٠)

منهنجا گيت ڪڏهن اي ڌرتي!
چئہ، تو کان ڪو مُلهہ گهرن ٿا؟

مون کان پوءِ اِهي ائين لڳندا
اِنڊمان جي چانڊوڪيءَ ۾
ڄڻ ڪي هڏڙا پکڙيل آهن.

هڏڙا ڪنهن کان ڇا ٿا چاهين
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!
(نظم، ص ١٨١)

*

ڪنهن جو خون وهيو ٽوڙيءَ ۾
او ڊاير؟
توکي ڪيئي سال مئي ٿيا
روُمَ رُومَ مان تنهنجي نڪتا
جيڪي ڪيڙا
سي بہ مٽيءَ سان مٽي ٿي ويا.
ڪالهہ مگر تو ٽوڙيءَ ۾
لڳ ڀڳ ساڳيءَ ورديءَ ۾
ساڳي هولي کيڏي!....
(نظم، ص ٢١٣)

*

وَنّ بہ ساڳو واسُ بہ ساڳو،
مَنّ بہ ساڳو ماس بہ ساڳو.
.....
هڪٻئي سان گڏ ڇو نہ جيون ٿا؟
هڪٻئي کي سَڏُ ڇو نہ ڏيون ٿا؟
هڪٻئي جو مڏ ڇو نہ ٿيون ٿا؟
(نظم، ص ٢٢٢)

*

هو سڀ آڌيءَ رات اچن ٿا،
مگرمان تي ناچ نچن ٿا.

مگرمان جي چمڙي هيٺان
تن جون ڪيئي پيڙهيون آهن،
هڪٻئي پويان سيڙهيون آهن
تن تي گڏجي هيٺ لهن ٿا،
دودي تائين، ٻاگهيءَ تائين-
ڪُنڊَ ڪُنڊَ ۾ ديپ جلن ٿا،
مگرمان تي ناچ نچن ٿا.

جيڪي ڪالهه اُنهيءَ ڌرتيءَ تي
ماريا ويا ها، سي به اُٿن ٿا،
۽ پوءِ پنهنجن پيرن هيٺان
لاش چنيسر جو چيڀاٽي
ڇاتي کولي، اوچي ڳاٽي
ڏاکولن سان ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا
مگرمان تي ناچ نچن ٿا.
(نظم، ص ٢٢٧)

*

.....اِن طرح، آءٌ هوند هن ڪتاب تان اياز جا سڄي جا سڄا نظم- 'سارو عرش منور آهي/ چند ڳليءَ ۾ چمڪي ٿو....، (ص ص، ١٨٤-١٨٥)، 'ڪيڏو ياد ڪيان ٿو توکي/ تنهائيءَ ۾/ تون جو جيئڻ جو جَس آهين/ ڪير چوي ٿو تون ڪَس آهين!....' (ص ص ١٨٨-١٨٩)، 'آزاديءَ لئه روز مرن ٿا/ ماڻهونئڙا....' (ص، ١٩٩-٢٠٠)، 'موت مسئلو ناهي/ مسئلو حياتي آ....' (ص، ٢٠٣)، 'هي شاعر جي لهرائن ٿا/ هي جيڪي آداب عرض ڪن/ جن کي ڪوبه ضمير نه آهي....' (ص ٢٠٤)، 'پنهنجي جيئري يارو/ انقلاب اچڻو آ....' (ص ٢٠٥)، 'حڪمرانن کي ڪونه مڃون ٿا/ پوءِ به اسان محڪوم ته آهيون!....' (ص ٢٠٧)، 'باک ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو/ 'وڪٽر جارا کي...' (ص ٢١١)، 'عمر گذري وئي/ دک هن ديس جا/ اڄ به ساڳا هئا..' (ص ٢٢٤)، 'رات جي سياهيءَ ۾/ روشنيءَ جي جهرمر ۾/ ڪيترا نوان ماڻهو/ سچ ڏي وڌن ٿا پيا...' (ص ص ٢٢٨-٢٢٩)، 'جوت ٻرندي رهي/ رات ٺرندي رهي...' (ص ٢٣١)، پيش ڪريان- بلڪ اياز جو ڪهڙو ڪهڙو بيت، ڪهڙو ڪهڙو شعر، ڪهڙو ڪهڙو نظم ۽ ان جو ڪهڙو ڪهڙو بند پيش نه ڪريان- جي پنن تي جاءِ جي گنجائش ڏسي سگهان، ۽ جي اها خبر نه هجيم ته هيءُ سڄو ڪتاب، پنهنجي واقعي هڪ ايڏيءَ امر شاعريءَ سان لائق پڙهندڙن جي آڏو پاڻ موجود آهي ۽ سنڌ جا محڪوم ۽ مظلوم باشعور ماڻهو ضرور اُن جي سِٽ سِٽ پڙهندا ۽ ان جي 'ايجاز'، 'ايما' ۽ علاماتي ادا ۾ جيڪي معنيٰ جي موتين جا انبار سندن آڏو آهن، اُهي هو پاڻ ئي ڏسندا ۽ گڏ ڪندا!

ايار جي هيءَ شاعري، ايار جي پنهنجي چواٽيءَ، هُن جي "زندگيءَ جي پوئين پهر جي شاعري" آهي. انهيءَ ڪري اُن ۾ لائق پڙهندڙن کي ڪٿي ڪٿي زندگيءَ جي اختصار يءَ اُن جي خاتمي کان پوءِ جي اوني جو اظهار ٿو ملندو- جيئن مثلاً صفحي ٧٦ واريءَ وائي ۾:

ويل آن ساهي پٽڻ جي
موت، منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نه آهين.

مان اُهن ۾ ڪيئن رهندس
مون پلائي نانهن پون!
هو وسي ٿو وڏ-ڦڙو
سايون ٿين ٿر ۾ پٽون!
جي اچان موٽي ته مون کي
ڪنهن هرڻ ۾ پاءِ تون!
موت منهنجي لاءِ تون
آخري منزل نه آهين.

يا، جيئن صفحي ١٧٣ واري نظم ۾:

اجان اجماڻل ڏيئو ناهيان
تون جو اڇٽو آهين، آءٌ!
تنهنجي ڪاڙ ليئا پاتا
ساري رات جلي مون در تي،
ڪيڏو ڪارو انڌيارو آ
پنيرڪي تائين سانيڙ تي!

جاڻ پرهه جا پنڇي اُڏريا!
توڙي پوئين آهي ويرا،
تنهنجي جوت اجا نه پري ٿي
اجا تڪيان ٿو تنهنجا پيرا.

اجا نه ساڳيو ليئو آهيان،
اڇٽو آهين جي، تون آءٌ!

يا، 'سارو عرش منور آهي' (ص ١٨٤) واري نظم ۾:

....ڇا، هي منهنجو بستر آهي؟
جنهن وت ڪوئي روئي ٿو،
ڇي، "هي شعر اڌورو آهي،
"ويني ڪالهه لکيائين ٿي جو،

"جھونگاري سوچيائين ٿي جو،
"پانيان ٿو اٽپورو آهي!"....
يا، جيئن ص ۲۲۴ تي آيل سندس نظم:

عـــمـــر گـــذري وئـــي
دک هـــن ديـــس جـــا
اڄ بـــ ســـاڳـــا هـــئـــا
جـي هـــئـــا مـــون ڏٺـــا
ســـال چـــاليـــهـــ اڳ،
ڪـوبـــ ڦـــيـــرو نـــ آ
ديس جي دانهن ۾!"...

۱۹۷۶ع کان ۱۹۷۹ع تائين جي وائيس چانسيلريءَ واري دور ۾ ۽ اُن دور کان فوراً پوءِ واري ڪجھ عرصي ۾ ب، نہ لکڻ سبب، اياز جي شعري آمد ۾ اُها رواني نہ رهي هئي، تہ هن فقط نثري نظم 'پٽڻ ٿو پور ڪري' (۱۹۸۲ع) وارا لکيا هئا- جيئن گرديو ٽئگور پنهنجي آخري دور ۾ ڪجھ ڪتاب نثري نظمن جا لکي، وري پنهنجيءَ منظوم شاعريءَ ڏانهن موٽيو هو. ٽئگور وانگر اياز جي اُنهن نثري نظمن ۾ اها ڳالھ نہ هئي، جا شاعر مان متوقع هئي. اُن سلسلي ۾ اياز مون کي پاڻ ئي ٻڌايو هو- ۽ ٻئي هڪ هنڌ آءٌ ائين لکي ب چڪو آهيان، تہ کيترو وقت هن جي تخليقي قوتن جا سرچشما ٻيڻا رهيا، ۽ اُن ڪري هن ڪٿي ڪٿي (نثري نظمن ۾) پنهنجي مطالعي جو سھارو ورتو هو. پر ان سان اياز جي اُنهيءَ پيشڪش جي ب مخصوص 'اهميت' کان ڪڍهن ب انڪار نٿي ٿي سگھيو.

يوسف شاهين اياز جي اُن مجموعي کي علم ۽ فلسفي جي دنيا جو 'هڪ عظيم شاهڪار' چوندي، شاعر جي ڪن سالن جي لڳاتار مات کان پوءِ جي پهرينءَ خوش آئند اشاعت طور 'نئين نينهن جو نياپو' ، 'پرهہ ڦٽيءَ جو پيغام' ۽ 'من اندر جون ڳالھيون' سڏيو آهي- "جن کي ٻڌڻ لاءِ سچي دل ۽ اجرو من گھربل هئا، ۽ جن جي مطالعي کان پوءِ شيخ اياز جي سموري شاعري [پاڻ] وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ پڙهي ۽ پروڙجي سگھي ٿي."

اڄ اياز جي هن 'پوئين پھر جي شاعريءَ' ۾ ب سندس اُن وسيع مطالعي ۽ جھانگرديءَ جون جھلڪون ملن ٿيون. هن جي مطالعي ۾ ان طرح کيترا شاعر، اديب، فلسفي آيل آهن، جن جو ذڪر هن هنڌ هنڌ پنهنجي 'اندر' جي اظهار ۾ تمثيل (Allegory) طور ڪيو آهي- جيئن پٽائي، سچل، بيڪس، اولگا پرگال (لينن گراد جي شاعره)، ٽئگور (روي)، ڪچي شاعره رتن ٻائي، ڪاليداس، شاھ عنايت، ڪبير، فريد، بلي شاھ، روحل، پاڳوپان، وياس، گوئٽي، بيٿوون، مولانا آزاد، اصغر گوندوي، مايا ڪووسڪي، ڪنفيوشس، فيض، سبط حسن، دارا، شيوسانگ (قديم چيني عالم)، آلندي، امير خسرو، مرزا 'رسوا' ، فيدل ڪاسترو، وڪٽر جارا (هسپانوي راڳي ۽ شاعر)، وغيره. ائين ٿو لڳي تہ شعر ۽ ادب جي ساري دنيا هن جي آغوش ۾ آهي، ۽ هن کي پنهنجي ديس، پوري برصغير ۽ ساريءَ دنيا جو فڪر آهي ۽ ٿنھي جي تقدير ۾ ڪوئي رشتو آهي، ۽ اُن رشتي جي بحاليءَ جي هن کي اُڻ تڻ آهي، جيڪو رشتو هيڇ، غصي، خوف ۽ تاريڪ خياليءَ سبب ڇڄي، ڇيھون ڇيھون ٿيو پيو هو، ۽ جيسين اُن جا ٽڪر ڏاڃا ڳولي، ڳنڍي، جوڙي، سلجھائي ۽ صاف ڪري نٿا سگھجن، تيسين هن جي پنهنجي قوم ۽ دنيا ۾ ٻئي مظلوم انسان جي نجات ممڪن نہ هئي.

پڇڻ تي اياز مون کي ٻڌايو ته پاڻ سڄو هيءُ شعر، جيڪو هن مجموعي ۾ پيش ٿيل آهي، سواءِ اُن جي ٻن چئن نظمن جي، مارچ ۽ اپريل ۱۹۸۷ع ۾، روزانه علي الصبح چئين وڳي کان ڇهين وڳي تائين ڪم ڪندي جوڙيائون؛ ۽ پڻ ٻئي شعر جو سندن مجموعو، 'بڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي' ۾، ائين آگسٽ سيپٽمبر جي ٻن مهينن جو تخليقيل، وٽن تيار آهي، جو عنقريب شايع ٿيڻ لاءِ ڏنو ويندو.

راتين جو جاڳي، صبح جي پهر ۾ پنهنجي ملڪ ۽ مائٽن جي پابزنجير ۽ ڏکاريءَ زندگيءَ تي ائين ڪُرلائڻ جا آثار اسين اياز جي هن تخليق ۾ ڏسي ۽ پڙهي به سگهون ٿا:

رڻ- ٻارڻ ٻاري ويا، آڏيءَ اُٽي جي،
ساري ٿي تن ڪي، اُپري باک بسنت جي.
(بيت، ص ۱۴)

رات پر تنهنجي پڪار
ننڊ کي نيندي رهي.
اڌ ڏرتي سرخ ٿي وئي، ايترا آيا ٻهار!
کويلون کوکن پيون، کوئي ته ناهي چپ يار!
چو اجا گلنار ناهن، روءِ تنهنجي جا آنار؟
ٿو چڪين چوهي جيان، مون کي پراهين پار يار!
(وايون، ص ۵۹)

اُٽي آڏيءَ رات جو
تولئه ٻولن ٻولڙيون
پکي کي پرڏيهه جا.
ڦڙا ڦڙا ماڪ جا
جڏهن ڦلن جهولڙيون،
تولئه ٻولن ٻولڙيون
پکي کي پرڏيهه جا.
جن تو لاءِ سڃڻ جون
کيئي ڳليون ڳولڙيون،
تولئه ٻولن ٻولڙيون
پکي کي پرڏيهه جا.
پنيرکي جو پُنءِ مٿان
ريکون نيٺ رتولڙيون،
تولئه ٻولن ٻولڙيون
پکي کي پرڏيهه جا.
(وايون، ص ۸۶)

باک ڦٽيءَ جو شعر لهن ٿا
مون تي سج- اُهاءُ ڪري،
رت اُٻڙڪا ڪائي ٿو ايئن
ڏينهن تتو جئن تاءُ ڪري!
سارو وقت ته رهندو ناهين
ويندو آنهه سماءُ ڪري!
ڪيسين ڪوءِ ڪلالن جي ۾
منهنجي ڏات هڳاءُ ڪري؟
آءُ ته آڌرڀاءُ ڪري ڪو
تنهنجو آڌرڀاءُ ڪري!
(نظم، ص ١٧٢)

باک ڦٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو
'وڪٽر جارا' کي.
هي جو چليءَ جو راڳي آ
منهنجي ڀاءُ جيان آ،
اُن جي ڏکياري ڌرتي ڄڻ
منهنجي ماءُ جيان آ....
(نظم، ص ٢١١)

اياز جي شعري فن تي لکندي، 'ڪي جو ٻيجل ٻوليو' (١٩٧٠ع) جي مهاڳ ۾ مون چيو هو ته 'اياز پنهنجي ادبي تخليق جي فني اوچائيءَ جا سَنڌا پاڻ قائم ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي اُنهن کان مٿي اُڀري ٿو ۽ پوءِ مون هن جي 'سادن ۽ سهڻن لفظن ۽ اُنهن جي چونڊ ۽ پوري پوري استعمال' جو ذڪر ڪيو هو، ۽ لکيو هو ته هن جي 'شعر جي نغمگيءَ ۽ اُن جي دلبرانه انداز' بابت، ۽ هن جي 'ننڍڙن ۽ نزاڪت ڀرين وزنن ۽ بحرن' بابت، ۽ پڻ 'ڊگهن بحرن ۽ انهن جي جولاني ترنم' بابت، ۽ 'هوا کان هلڪن رديفن ۽ قافين ۽ هندي ڇند جي بنهه معصومانه ۽ من موهيندڙ استعمال ۽ لوڪ گيتن جي ڌنن ۽ انوکين علامتن ۽ اشارن، بابت، جن سان هن جا پڙهندڙ هن جي آڇيل معنائن جي موتين سان پنهنجا جهول ڀري ٿي سگهيا ۽ سندن دل ورائي ورائي هن جي شعرن ٻڌڻ لاءِ آتي ۽ زبان اُنهن جي نغمن کي وري وري جهونگارڻ لاءِ تيار رهي ٿي.

اياز جي هن تازي ڪلام جي فني اوچاين لاءِ پڻ آءٌ اهوئي ڪجهه چئي سگهان ٿو. اياز جي شعري اظهار ۾ مون هميشه هڪ ڳالهه ڏٺي آهي، جنهن کي آءٌ جذبي جي ڌارا (Stream of Passion) به چئي سگهان ٿو، شعور جي ڌارا (Stream of Consciousness) وانگر. ادب ۽ فن جي ڪاوش ۾ جڏهن اهي ٻه ڌارائون گڏجن ٿيون، يعني شعور جي ڌارا کي جذبي جي ڌارا- اُمنگ، اُتساهه، عشق جي ڌارا- ميسر اچي ٿي (جنهن کي ٽي.ايس.اليٽ 'اندر جي ڌُن' ۽ اسان جي لطيف 'اندر جي آگ' چيو آهي)، ۽ پوءِ جيتر اهي ٻيئي ڌارائون ڪنهن اديب ۽ شاعر سان شامل حال هجن ٿيون، تيتر جيڪا تخليق وجودجي ٿي، اُها پنهنجي اظهار لاءِ ڪنهن خاص ڪوشش يا اڳ- رٿا جي به محتاج نٿي رهي.

ائين ئي اياز جا ڪيترا نظم آهن، جن جي ڪائي مقرر يا ٻڌل صورت (Fixed Pattern) نہ آهي، جي پوءِ بہ پنهنجي فني تڪميل ۽ منطقي نتيجي تي پهچن ٿا، ۽ پوري آب تاب سان پهچن ٿا ؛ ۽ توڙي جو اُنهن جي وچ جون سٽون هم قافيہ نہ آهن ۽ انهن جا ڪي پادَ يا مصراعون بہ ناتمام هجن ٿيون، تہ بہ انهن ۾ ترنم ۽ تاثر پابند شاعريءَ کان بہ وڌ ملي ٿو؛ اُنهن جون تشبيهون ۽ استعارا بنهہ نوان، جن جي نواڻ بہ نئين کان نئين، ڪابہ انهن جي سٽ اجائي ۽ ڀرتيءَ جي نہ-تہ بہ معنيٰ جي ايتري اوليت، جو اُنهن جي ٻوليءَ جو حسن ۽ خوبي ثانوي ڳالهہ پيئي ڀاسي. اِن طرح جي فطري شعر جي هر صنف- بيت، گيت، وائي، ٽہ-سٽي، نظم، نثري نظم- تي شاعر جي ڇاپ هجي ٿي، ۽ شاعر جي نالي جي خبر نہ هوندي بہ ڏسي ۽ پڙهي، چئي سگهجي ٿو تہ اُهي اياز جا شعر آهن.

منهنجي ويچار ۾، آءٌ اياز جا اِن شعور ۽ جذبي جي باهمي ڪيفيت جا، تخليقيل مثالي ٻہ نظم- 'ڪالهہ ڪڏهن مون وارياسي ۾/...' (ص ٢١٠) ۽ 'گيت بہ ڄڻ گوريلا آهن/....' (ص ٣٠) هتي لائق پڙهندڙن جي آڏو آڻي بہ سگهان ٿو. پهرئين نظم ۽ خاص طرح اُن جي آخري ڇهن سٽن جي بند ۾، شاعر ڏاڍي هڪ دلنواز انداز جو اندروني ترنم حاصل ڪري سگهيو آهي- جيئن بند جي ٽينءَ سٽ جي لفظ 'فلسطين' جو قافيو اُن جي مٿينءَ سٽ جي آخر ۾ 'جيسين' آهي، پر ان کان پوءِ باقي بند ۾ قافيو ڪونہ آهي، ۽ رڳو 'حسرت'، 'فلسطين'، 'ياسر'، 'سارا' ۽ 'ڏسي' لفظن ۾ آندل 'سين' (س) جي آواز، ۽ ساڳيءَ طرح 'حسرت'، 'ياسر'، 'عرفات'، 'سارا' ۽ 'رتورت' ۾ آندل 'ر،' ۽ 'حسرت'، 'فلسطين'، 'عرفات' ۽ 'رتورت' ۾ 'ت' / 'ط' جي تڪرار (Repitition) سان ترنم پيدا ڪيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح ٻئي نظم ۾ آوازن 'گ'، 'ر'، 'ج' ۽ 'ڙ' جي تڪرار ۽ پڻ اندروني هم قافيائي لفظن 'جاڙ'، 'آڙ'، 'پهاڙ'، 'تاڙ'، 'لاڙ' ۽ 'آکاڙ' سان نظم جي ترنم ۽ تاثر کي عروج تي پهچايو ويو آهي. اهي تجربا ڪڏهن ڪڏهن مغربي شاعريءَ ۾ ملندا آهن، تہ اِنهن جا نقاد هوندا آهن، جي شاعر تان ٻلهار ويندا آهن. اياز جي سڄيءَ شاعريءَ ۾ اهڙا سوين مثال موجود ڏسي سگهجن ٿا.

ايار جا اهي هيٺ ڏنل ٻہ نظم، جتي هن جي شعري فن جا ۽ اُن جي تمثيلي انداز جا، ۽ هن جي شعور ۽ جذبي، ذهن ۽ قلب جي فطري امتزاج جا نمائنده مثال آهن، اُتي اُهي سندس مجبور وطن ۽ محروم ۽ ستم رسيده قوم جي شانائتي ۽ جسُ ڀرئي جيئن لاءِ مٿن تاريخ جي عائد ڪيل جدوجهد جي طويل ۽ مشڪل رستي جي ڳالهہ بہ ڪن ٿا: اسان جا محب وطن ۽ عوام دوست اديب ۽ شاعر اڄ اسان لاءِ اهوئي ڪجهہ ڪري سگهن ٿا: ۽ اڄ اُهوئي فرض ادا ڪرڻ کان اُنهن کي غافل رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ جاهہ ۽ جلال جا صاحب ۽ ملڪ ۽ مال جا مالڪ، همہ تن ۽ ڪل جهت مصروف نظر اچن ٿا:

(١)

ڪالهہ جڏهن مون وارياسي ۾
ڳاڱيون، ڳمَ ڳنڍير ڏسي،
سج جي پاڇي ڏانهن ڏٺو،
سون وني ساواڻ هئي
منهن ڦيري جيڏانهن ڏٺو.

تيسين ٿي تيڏانهن ڏٺو
سارو سج ٻڏي ويو جيسين،

حسرت سان ڪنهن وقت فلسطين
جئن ياسر عرفات ڏسي،
چَپَ ائين ڀيڪوڙي پنهنجا
سارا رتورت لڳن!

(٢)

گيت بہ ڄڻ گوريلا آهن،
جي ويريءَ تي وارَ ڪرن ٿا.

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳ ۾
هو ٻوليءَ جي آڙ ڇپن ٿا،
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا،
موٽي منجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا،
ڪيڏي ترڇي تاڙ رکن ٿا
اُتر اُڀري لاڙ ڇُپن ٿا،
سانوڻ سنگ وسن ٿا ڏاڍو،
بادل ٿي آکاڙ ڇُپن ٿا.

ڪالهہ هيا جي سرخ گلن جئن
اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيت بہ ڄڻ گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

(حيدآباد سنڌ /٢٠- نومبر ١٩٨٧ع)

ساري ڌرتي رَتُ جا ٽوڀا ماڻهوءَ اُڄ نہ لٿي، هُو،
مٽي ڍيرَ ڪري ڪنهن آهي سِر سِر مٿان سَٿي، هُو،
سون جيان درياهہ وهي ٿو، آهي سانجهي لَٿي، هُو،
باهو عمر گهڻا پَل آهي عمر نہ آ ڪنهن ڪَٿي، هُو.
- شيخ اياز

محمد ابراهيم جويو

جِيئڻَ جو ڪارجُ ۽ اُن جِي واڻَ

("بڙ جي ڇانو اڳي ڪان گهاڻي" جو مهاڳ)

اياز جي اڳئين شعري مجموعي "راڄ گهاٽ تي چنڊ" جي پيش لفظ لکندي، منهنجو خيال هو ته ان جي هڪ نظم- "چاندني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان، ڇڻ تون هئينءَ...." (ص-۱۸۳)- جو هڪ مطالعو آخر ۾ ڏينس. پر، ڏينڊي ڏينڊي، ڪنهن طرح اُهو رهجي ويو، جنهن لاءِ افسوس اٿم. هتي اُن جي پورائي طور، ڳالهه جي سلسلي جا ٻه لفظ لائق پڙهندڙن جي آڏو رکڻ ضروري ٿو سمجهان. اهو سڄو نظم هيئن آهي:

چاندني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان،
ڇڻ تون هئينءَ.
يا سُڃڻڙن ۾ پريل ڪنهن واءُ جي جهوٽي جيان،
ڇڻ تون هئينءَ.
ڪيرٽر تان گَبُ ڪو نَئين گاجَ تي جيئين جهُڪي،
تئين مان هُيس.
رڻ ۾ ڪوئي هرڻ پاٽي ڏسي ڏاڍو ڊُڪي،
تئين مان هُيس.
تون ملينءَ مون کي ته سارو جڳ مليو، ٻيو ڇا کپي!
منهنجي سکي!
ماڳ ڏاڍو آ پري، جي دگُ مليو، ٻيو ڇا کپي؟
منهنجي سکي!

اياز جي عادت رهي آهي ته پنهنجن شعرن کي اڪثر عنوان ڪونہ ڏيندو آهي. هن نظم کي به عنوان نہ ڏنو اٿس. دنيا جي ڪيترن وڏن شاعرن جو اِهو دستور رهيو آهي، مثلاً ٽئگور، خليل جبران ۽ ٻين جو- شايد اِنهيءَ هڪ خيال کان به ته پڙهندڙ سندس شعرن لاءِ عنوان پاڻ تجويز ڪن! اٿين اياز جي هن نظم کي به اسين چاهيون ته پڙهندي پڙهندي، ڪو عنوان ڏيئي سگهون ٿا، ۽ ان جو روح، اُن جو اصل نقطو، اٿين پاڻ تي واضح ڪري سگهون ٿا. ان ۾ ڪم آيل ٻوليءَ لاءِ ته هڪ نظر ۾ چئي سگهجي ٿو ته ڪو هڪ لفظ به ان جو اهڙو نہ آهي، جو ڪنهن عام پڙهندڙ لاءِ به اوپرو يا اوکو هجي- ۽ اِها به، جيئن اياز جي اڪثر شاعريءَ جي تيئن خاص هن نظم جي به پنهنجي نوع جي هڪ وڏي خوبي آهي، ۽ ان جي اَصل مطلب کي سمجهڻ ۾ پڙهندڙ لاءِ مددگار ٿي سگهي ٿي.

هيءُ تن بندن جو هڪ مختصر مگر ڳُتيل ۽ هر طرح مڪمل نظم آهي. اُن جي پهرئين بند ۾، "تون" اشاري سان انسان جي ڪنهن ويجهي کان ويجهي تعلق جِي، ڪنهن خاص سُهڻڙ جي، ڳالهه ڪيل آهي، جنهن سان شاعر مخاطب آهي. "تون"، رابيل جي اُن ٻوٽي جيان آهين، جيڪو چانڊوڪين راتين ۾ ٽڙيو ٻيٺو هجي، جنهن جا سفيد گل، پريل ان چانڊوڪيءَ ۾ ٻه، نور جيئن ٻهڪندا هجن؛ "تون"، فضائن ۾ خوشبوئن پريل واءُ جو اُهو جهوٽو آهين جيڪو لڳندو آهي ۽ گذري ويندو آهي، پر ڪڏهن- نہ- وسرندڙ ۽ سدا محسوس ٿيندڙ تازگي ۽ سُرهاڻ پوئتي ڇڏي ويندو آهي!

"هُئينءَ" ماضيءَ جو صيغو، ۽ گل (جي ڇٽي وڃن ٿا) ۽ واءَ جو جهوٽو (جو گذري ويندو آهي) تن سان اُن "تون" جي مشابهت ان جي محدود ۽ بي ثبات هجڻ ڏانهن اشارو ڪندڙ آهن.

نظم جي ٻئي بند ۾، 'مان' جي اشاري سان، انسان جو پنهنجيءَ اُن 'تون' سان جيڪو ويجهي ۾ ويجهو، اٽوٽ واسطو آهي، تنهن جي ڳالهه ڪيل آهي: مثلاً، 'تون' جي وجود سان 'مان' جو وجود اِئين ٻڌل ۽ هڪ ٿيل آهي، جيئن 'ڪيرٿر تي مٿي بيٺل گڊ جو هيٺ وهندڙ نئين گاج سان'، يا 'رڻ ۾ پاڻي ڏسي ان ڏانهن ڊوڙندڙ هرڻ جو.'

نظم جي ٽئين بند کي سمجهڻ جي ڪوشش کان اڳ اِن 'مان' ۽ 'تون' جي سڃاڻپ لازم آهي. 'مان' ته ظاهر آهي ته شاعر پاڻ لاءِ، ۽ پنهنجي ذات جي رعايت سان، 'عام انساني فرد' لاءِ ڪم آڻي ٿو. ته اُن 'مان'، يعني فرد انسانيءَ، جو اهو خاص سٻنڌ، 'تون'، ڇا آهي، جنهن کان سواءِ 'مان' مان ئي ناهيان؟-تون' اُها جيڪا 'مون' لاءِ نُور به آهي، سونهن ۽ سُرهاڻ به آهي، جيڪا مون کي، فرد انسانيءَ کي، پنهنجي سڪ ۽ ڇڪ ۾ جيئرو به رکي ٿي، ڇڏي به وڃي ٿي ۽ جنهن ڪارڻ انسان پاڻ به گهوري ڇڏين ٿا! ڪي اُن کي پنهنجو محبوب يا ڪوئي ٻيو مقصود يا ڪوئي 'ماڳ' يا منزل چئي سگهن ٿا: پر شاعر جي نظر ۾ اُها 'تون' ۽ اُن جو 'ماڳ' هڪ شيءِ نه پر ٻه جدا شيون آهن. " 'تون' جيڪا منهنجي 'سکي' آهين، منهنجو ساهه آهين، جنهن جي ملڻ سان مان سمجهان ٿو ته مون کي سارو 'جڳ' ملي ويو، باقي مون کي ڇا کپي؟" پر اُن جي منزل، اُن جو 'ماڳ' وري به هو ان کان الڳ، پري ڪٿي، 'ٿو ڏسي' ۽ اُن 'ماڳ' تائين پهچڻ بلڪ اُن ڏانهن وڃڻ جي رڳو واٽ يا 'دڳ' ئي هن کي ملي ٿو ته هو سمجهي ٿو ته سڀڪجهه هن کي ملي ويو ۽ ٻيو ڪجهه هن کي سچ پچ به ته ڪونه ٿي کَتو!

تون ملينءَ مون کي ته سارو جڳ مليو، ٻيو ڇا کپي!
منهنجي سَکي!
ماڳ ڏاڍو آ پري، جي دڳ مليو، ٻيو ڇا کپي!
منهنجي سَکي!

ته اِها 'تون' اِها 'سکي' - شاعر جي، تنهنجي، منهنجي، ۽ هر فرد انسانيءَ جي- ڇا آهي! اُن لاءِ شاعر جو چوڻ آهي، ۽ ائين ئي ظاهر به آهي، ته اُها خود کيس ۽ هر فرد انسانيءَ کي ملي ئي وڃي ٿي- مليل آهي- ۽ ڪلي طور بي بدل، اُملهه، ۽ فقط هڪ ئي هوندي به 'ماڳ' جي ڇڪ کان سواءِ اڪارٿ ۽ فضول گذري ٿي وڃي! شاعر جي اُها 'سکي،' فرد انسانيءَ جو اُهو ساهه سنئون سٻنڌ، چاندنيءَ جو چُٽڪو ۽ بي ثبات،- 'ماڳ' ۽ 'دڳ' جي حوالي سان خصوصاً- ڌرتيءَ تي خود انساني زندگي ئي ته آهي! ته پوءِ زندگيءَ جو اُهو 'ماڳ' ڪهڙو؟ ۽ ان ماڳ ڏانهن نيندڙ 'دڳ' ڪهڙو؟ اِهي ٻه سوال آهن، جيڪي شاعر، سڄي هن نظم کي استعارو بنائيندي، ان ۾ پڙهندڙن لاءِ سوالن طور ئي ڇڏيا آهن ته انهن جا جواب هو، زندگيءَ جي فلسفي ۽ فڪر جي پنهنجي حاصلات مان، پاڻ ئي وڌيڪ ڳولين ۽ لهن.

هاڻي اسين هن نظم جو هڪڙو تُز نالو به تجويز ڪري سگهون ٿا. مثلاً "زندگي ۽ ان جو ماڳ"، "جيوت ۽ ان جو آدرش"، "جيوت جو دڳ"، "زندگيءَ جي راهه" وغيره.

شاعر، مفڪر، ڪو پيغام رکندڙ، جڏهن اِئين زندگيءَ جي 'منزل' ۽ 'راهه' بابت پنهنجي ڳالهه دوران پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ يا شاعريءَ سان اِن قسم جا ندائي سوال ڪندا آهن، ته سندن ئي اُن خطاب ۾ اُنهن جا جواب به ضرور موجود هوندا آهن. مون اياز جي شعري مجموعي "راج گهاٽ تي چنڊ" جو مهاڳ لکندي، اُن ۾ خاص سندس اُهي جواب ئي ڏسڻ گهريا ٿي، ۽ عزيز پڙهندڙن جي ڌيان تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪيتري قدر آءٌ پنهنجي اُن

مضمون ۾ اِئين ڪري سگهيو هوس، اُن جو فيصلو ظاهر هو ته هنن کي پنهنجي لاءِ پاڻ ڪرڻو هو. بهرحال چوڻ مون اِهوئي ٿي گهريو ته اياز پنهنجي ذري گهٽ سڄيءَ شاعريءَ ۾، ۽ اُن مجموعي ۾ به خصوصي طور، پنهنجن ماڻهن لاءِ اِهي ئي انساني زندگيءَ جي اهميت جا، اُن جي سُڪارج ۽ اَڪارج هجڻ جا، سوال ڇيڙيا هئا ۽ انهن جا ئي جواب سندن سوچ ۽ عمل لاءِ سندن آڏو رکڻ گهريا هئا.

هونئن ته زندگي سڀ زندگي آهي- حيواني توڙي انساني- پر پوءِ به فرق ٻنهي ۾ ڏاڍو وڏو آهي ۽ اُن فرق جي ظاهر ٿيندي ٿيندي، ۽ وڌندي وڌندي، لکن، ڪروڙن سالن جون وڇوٽيون وڌي ويون ۽ وچ ۾ احساسن، جذبن ۽ خيالن جي ڪائناتن جا ناقابل عبور مفاصلا پئجي ويا. اُنهن مان مکيه ۽ اَت نرالا امتياز چار سڃاتا ويا آهن: عقل (Reason)، آزادي (Freedom)، پيار (Love) ۽ ڪهل (Compassion). انساني زندگيءَ جي اِنهن چئن سڃاڻپن مان پهريون ٻه انفرادي نوعيت جون ۽ آخري ٻه اجتماعي نوعيت جون آهن- جيتوڻيڪ ابتدا ۾ اِنهن پوين ٻن سڃاڻپن جي ترغيب، عمل ۽ افاديت جو دائرو پڻ انفرادي ئي هو: عقل ۽ آزاديءَ جي امنگ جي اوائلي اوسر ذاتي جيئڻ ۽ جيئڻ جي ماڻڻ جي حوالي سان، ۽ پيار ۽ ڪهل جي پنهنجي جنسياتي ساٿيءَ ۽ ان ساٿ جي پوچ جي حوالي سان. انساني زندگيءَ جي تربيت ۽ عروج جو ڪمال هي آهي ته اِهي چار ئي اُن جون سڃاڻپون، پنهنجي عمل ۽ افاديت ۾ انفرادي دائري کان ٻاهر نڪري، وڌندڙ سماجي وستار سان وڌندي وڌندي، سڌرندي سڌرندي- ڪٽنب، قبيلي ۽ جاتيءَ (ذات) کان ٿيندي- اڄ قومي زندگيءَ جي حوالي سان ئي تورجن ۽ ماپجن ٿيون: بلڪ فرد (۽ ڪٽنب، قبيلا، جاتيون ۽ ٻيا ڪيئي گروهه)، وقت پئي، قومي بقا ۽ بهبود لاءِ قربان ٿيڻ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو حاصل بلڪ ان جو اعزاز سمجهن ٿا:

تِک اندر تاريخ جي، جي تون سمائين،
متان ائن ڀانئين، سارا لاش لُڙهي ويا.

سِر سرچو ساڻيهه سان، مٽيءَ سان ماٿو،
ڪونهي تنهن ڪاٿو، اوچو آهي اُڀ کان.

ٽڙيو کڻن ٽار، سِر انهن جا سوڀ ۾،
مري ملهيا يار، ويڙها سڀ واسي ويا.

هي جي جهجها جهڙ ٿيا، مٽيءَ مهڪ اُٿي،
ڌرتي رت رتي، ڦولي لال ليار جيئن.

("راج گهاٽ تي چنڊ" ص ص ١٧-١٨)

يوناني فيلسوف، هرئڪليٽس، جو مشهور قول آهي ته "هئڻ ڪجهه به نه آهي. ٿيڻ سڀڪجهه آهي." ان طرح، جيئن ٻي هر شيءِ تيئن انساني زندگي به، پنهنجي سڀڪجهه هئڻ سان- ناڻي، علم، سماج ۽ سماج جي دستورن، قانونن ۽ نظامن سان- اُها ڪجهه ئي آهي جو ڪجهه اُها ڪري ٿي، جا ڪجهه اُها ٿئي ٿي: رڳو 'انساني' سڏجڻ سان ان کي انساني (يا فوق الانساني) پَرَ لڳي ڪونه ٿا وڃن- جيئن 'ديني' تبليغ ڪار ۽ 'معرفت' جا دعويدار انسان کي 'اشرف المخلوقات' جي ٺلهي پٻي ڏيئي ۽ ان کان ئي مٿي 'الله' تائين نيئي، ماڻهوءَ جو مٿو ئي ڦيري ڇڏيندا آهن. پنهنجي پاڻ يا پنهنجي ڪنهن محدود گروهه ۾ ئي گم هجڻ سان انساني زندگي بنهه حيواني يا ان کان ٿوريءَ ئي مٿيريءَ ڪنهن سطح تائين پهتل شمار ٿي سگهي ٿي. انفراديت کان اجتماعيت ڏانهن واڌ جي هن انساني زندگيءَ جي

تهذيبي سفر جي منزل، بهرحال، قومي اجتماعيت کان اڃان هن روشني پاتل ويهين صديءَ جي خاتمي تائين به، اڳتي ڪانه سُري سگهي آهي. پنڊت جواهرلال نهروءَ جي ان سلسلي ۾ چيل هيءَ ڳالهه اڄ به تاريخي اهميت جي حامل آهي ته "جديد زندگيءَ لاءِ سڀ کان پهريون ۽ سڀ کان اهم شرط قوميت آهي." (Nationalism is the very condition of modern existence)

بين‌الاقواميت، عالمگيريت، افاقيت اڃان خيالن جي سطح تائين واقعي وڏا آدرش ته آهن (۽ سچ ته رڳو اڄ نه پر گهڻي وقت کان آهن)، پر انهن لاءِ انساني زندگي پنهنجا گهربل نظام، دستور، ادارا اڃان قائم ڪري نه سگهي آهي، بلڪه پوريءَ طرح سوچي به نه سگهي آهي- جيئن معروف ۽ جائز قومي سطح تائين پنهنجي اجتماعي چڱائيءَ (Collective Good) لاءِ اُن جمهوريت، قانون جي بالادستي، سماجي انصاف، ۽ فلاحي يا اشتراڪي نظام تجويز ڪيا آهن ۽ پڻ عمل ۾ آندا آهن.

اياز ۽ اياز جا دوست اُن سلسلي ۾، ڌرتيءَ جي پنهنجي هن وڏي ۽ وشال خطي کي، جنهن کي تاريخ اڄ 'هند-پاڪ' يا 'ڏکڻ ايشيا' چوي ٿي ۽ جيڪو تاريخ وٽ، اُن جي مختلف دؤرن ۾، ڀارت ورش، انڊوس (Indos)، هند، هندوستان ۽ انڊيا (India) سڏيو ويو، خاص طرح پنهنجي سنڌي قومي سڃاڻپ جي حوالي سان، هڪ قوم جو نه پر 'قومن' جو گهر سمجهن ٿا. انساني زندگيءَ جي مهربان ماءُ هن ڌرتيءَ تي، ننڍي کنڊ هندستان جهڙا ڪيئي ٻيا به 'قومن جا گهر' موجود ٿيا آهن. مثلاً يورپ جو کنڊ سڄو ۽ عظيم ايشيا ۾ خاص طرح روس ۽ چين ۽ مغربي ايشيا، وغيره- يعني، ڌرتيءَ جا اُهي خاص وسيع ۽ عريض خِطا، جتي مخصوص تاريخي حالت ۾ عظيم مذهبي تحريڪون به اُڀريون، پکڙيون، ۽ ماند پئجي ويون. جيئن اسرائيلي مذهبي تحريڪون مسيحيت ۽ اسلام سميت، آريائي مذهبي تحريڪون (برهمنيت، ٻُڌمت ۽ جين ڌرم)؛ ايران ۾ زردشت، ۽ چين ۾ ڪنفيوشس جون تحريڪون، وغيره. هنن سڀني تحريڪن پاڻ سان گڏوگڏ يا پويان پنهنجيءَ جاءِ تي، پنهنجي پنهنجي خطي ۾ يا جتي به اُهي پکڙيون اُتي لازماً ملوڪيتي نظامن کي جنم ڏنو. مذهبي تحريڪن، ٻين ڳالهين سان گڏ، پنهنجي 'مقدس حق' جي زبانن ذريعي- جن مان ڪي ته اڄ عام استعمال مان ئي نڪري ويون آهن- برابر پنهنجيءَ پنهنجيءَ برادريءَ کي هڪ طرح جي محدود اجتماعيت ڏني، ۽ پوءِ جي اُڀريل ملوڪيتي نظامن پڻ اُنهن خِطن ۾ پري پري تائين ڀانت ڀانت جي ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي حڪومتي دٻاءَ ۽ ٻين حيلن وسيلي هڪ طرح جي مرڪزيت هيٺ رکيو- جيئن برصغير ۾ مهاراجا وڪرماجيت، مهاراجا اشوڪ، شهنشاهه اڪبر، ۽ تازي دور ۾ انگريز شهنشاهيت. پر قديم دورن کان انهن خِطن جي الڳ الڳ علائقن ۽ ايراضين کي پنهنجي تصرف ۾ رکندي، پنهنجي پنهنجي خاص ٻولين ۽ رسمن رواجن ۽ طور طريقن سان رهندڙ ڀانت ڀانت جا اُهي ماڻهو، اُنهن مذهبي ۽ ملوڪيتي نظامن کان به اڳ، توڙي انهن جي هلندي، ۽ اُنهن جي ماند پئجي وڃڻ کان پوءِ به، وڌندا ۽ مستحڪم ٿيندا رهيا- تان جو، ٿيندي ٿيندي، اُنهن وسيع ۽ عريض خِطن ۾ اُهي ماڻهو علائقيت (Territoriality) ۽ ٻوليءَ (Language) جي بنيادي سڃاڻپ هيٺ، پنهنجي پنهنجي قومي حيثيت اختيار ڪري ويا.

برصغير جي وڏي ۽ وشال خطي ۾، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي به اها حيثيت هئي- هزارها سالن جي لاڳيتي تاريخي سلسلي سان، ۽ ان دور کان جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي، ۽ تڏهن کان جڏهن انگريزن کان سنڌي قوم جنگ ۾ شڪست کاڌي، ۽ پڻ تڏهن جڏهن، هڪ سو سال پوءِ، انگريزن جي اها هندستاني شهنشاهت (Indian Empire) ختم ٿي، ۽ سنڌ کي ٻيءَ مرڪزيت- مُدي خارج ۽ تاريخ جي آزمايل ۽ مسترد 'مذهبي برادريءَ' جي مرڪزيت- هيٺ قائم

رکندي، سنڌي قوم کي واوکر ڪيو ويو ۽ بنهه نِست ۽ بي وجود بنايو ويو. سنڌي قوم جو ائين واوکر ٿيڻ ۽ پنهنجي ئي وطن ۾ اِئين مجبور محض ۽ لاچار ٿي پوڻ، انساني زندگيءَ جي جديد تاريخ جو اُهو الميو آهي، جنهن جو ڪو مثال ملي نٿو سگهي. انساني زندگيءَ جي تسليم ٿيل بنيادي امتيازي سڃاڻپن- عقل، آزاديءَ، پيار ۽ ڪهل- جي عين ابتڙ، انساني تاريخ جو پنهنجي پاڻ سان ايڏو حيواني انڌير تصور ۾ اچڻ کان مٿي آهي: پر اُهوئي، وري به، 'سچ جو ڪهاڙو' ٿي، هر ويل اسان جي ڪنڌ مٿان ڪِري رهيو آهي، ۽ اڃان ته اسين، ڪنڌ جهڪائي، رتورت ٿي رهيا آهيون....۽ ڳوڙها آهن جيڪي 'ڇپرن جا بند' ڀڃي وهندا ٿا رهن..:. فراقيل سنڌين جا، اورار ۽ پرار....رت ۽ ڳوڙها، ڳوڙها ۽ رت-

ٿـــو وچ ۾ واهـڙ وهـــي
هُن پار تون هِن پار مان.
هر رات تنهنجي پار ڏي ٿو چنڊ حسرت مان ڪهي.
تون ڪانه آن، تون ڪان آن، ٿو ڪير تنهنجي گهر رهي!
اي زندگي، تو لاءِ ڪو ڪيسين پيو سُهمان سهي!
ٿـــو وچ ۾ واهـڙ وهـــي
هُن پار تون هِن پار مان.
(ص ٢٢)

ڄڻ ته ڪا آهين پُڪار
جيءَ منهنجي جي جبار!
ٿي سدا مون ۾ رهين.
نانءُ تنهنجو ٿي جپي جا، ڪا ته تن ۾ آهه تار!....
وچ ۾ درياهه آهي، ۽ ڪپر ڪيڏا اَپار!....
مون ائين ئي آرزوءَ ۾ آ ڪَٽي ساري ڄمار....
ننڊ توڙي جاڳ ۾ هان آءٌ تنهنجي لاءِ پيار!
ٿي سدا مون ۾ رهين!
ٿي سدا مون ۾ رهين!
(ص٢۴)

اڄ تون مان ٻن شعلن وانگر
هڪٻئي منجهه سمايا آهيون؛
ڪيڏو دور پرائيءَ ڌرتيءَ
تي هئن ويجهو آيا آهيون!

دل ته چوي ٿي سارا ويڇا
ڀاڪر پائي رک ڪريون ها،
سانگ سياست جا آهن جي

تن کي ڪانا ڪک ڪريون ها!

ڪيڏي اُڄ اسان ۾ آ پر
چاهيون ٿا ته به ڪونه ملون ٿا!
ڇا ڪا ڌرتي پنهنجي آهي؟
ڇو نه ملون ٿا؟ ڇونه ملون ٿا؟
سارو وقت اکين ۾ ڳوڙها
تو کي مون کي آيا آهن،
هن دنيا ۾ ڪيئن نه پنهنجا
هڪ ٻئي لاءِ پرايا آهن!

(ص ٨٣)

تون ڄاڻين ٿو؟ مان
ڳچيءَ تائين رتُ سان
ڀريل پيالي جان!

تو بن نيرن تي،
ڳوڙها منهنجا شمع جان
منهنجي پيرن تي.

پنهنجي پيار جيان
پوپٽڙو، رت- پنکيو
تنهنجي سارَ جيان!

(ته-سٽا: ص ض ١٣٥-١٣٤)

ڇا ڪائي ڪنهن وقت رڙو رڙ
هِن ڌرتيءَ کي ڇرڪائيندي؟
يا هيءَ سانت وسيهر وانگر
ويندي هر شيءِ ڳرڪائيندي؟
آءٌ ڪنڌيءَ تي ويٺو سوچان
ڇا ڪوئي طوفان نه ايندو؟

جيڪو ٻيئي پار ملائي،
ڇا، اهڙو انسان نه ايندو؟

اياز جي شعر جو هيءُ چوڏهون ۽ گذريل پنجن سالن ۾ شايع ٿيندڙ اٺون مجموعو آهي، جو هاڻي لائق پڙهندڙن جي آڏو آهي. آڪٽوبر ١٩٨٧ع ۾، 'راج گهاٽ تي چنڊ' جي اشاعت ڀيري، مون ٻڌايو هو ته هيءُ سندن مجموعو 'ٻڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي'، اُن سال جي آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي ٻن مهينن جو رچيل، وٽن تيار هو، جو 'عنقريب شايع

ٿيڻ لاءِ ڏنو ويندو' ، افسوس، جو اِن جي اشاعت ۾ ايتري تاخير ٿي ويئي ۽ اُن لاءِ گهڻي ڀاڱي آءٌ ذميوار آهيان. ڇپائيءَ لاءِ بلڪل تيار ٿيل مسودو مون وٽ تڏهن کان پهتل هو، پر ڪن اڻٽر مصروفيتن سبب- اياز جي بار بار پارتن ڪندي به- فوري انهن ڏانهن توجهه ڏيئي نه سگهيس. خاص طرح اُن جي مهاڳ لکڻ ۾ مون کي گهڻي دير پئجي ويئي، جنهن جا به ڪي پنهنجي نوع جا سبب هئا.

بهرحال، اُن سڀ جو هڪ فائدو به ٿيو، جو منهنجي صلاح تي، اياز مجموعي کي نئين سر ترتيب ڏني، ۽ هينئر اهو چئن حصن ۾ ورهايل ڏسبو- ۽ اُهو اُن جي نالي مان ئي پڌرو آهي- سو ان ترتيب جو نتيجو آهي. اِن مان شاعر جي هڪ راءِ جو پتو ته پڙهندڙن کي ضرور پوندو ته مجموعي جو پهريون حصو ("بڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي" : ص ١٧ کان ص ١٢٩ تائين) شاعر طرفان، وڌيڪ هڪ ڳانڍاپيل شعري پيشڪش طور، پڙهڻ ۽ اُن جي تاثر ماڻڻ لاءِ، کين آڇجي رهيو آهي.

اياز جي هن شعري مجموعي کي ڇهن خاڪن سان نقشايو به ويو آهي. هونئن ته سڄي مجموعي جو نظم پنهنجيءَ جاءِ تي ۽ پنهنجي پاڻ ۾ پورو نظر ايندو، ۽ ان جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ٻئي ڪنهن نظم ڏانهن وڃڻ جي ضرورت محسوس ڪانه ٿيندي؛ پر خاص اُن جي پهرئين حصي ۾ چار (۽ ٻئي حصي ۾ ٻه) معنيٰ دار خاڪا ڏيئي، اُن سڄي حصي ۾، ۽ اُن جي ڀاڱن ۾ به اندروني طور، هڪ طرح جي ڳانڍاپي جي صورت جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي. هر خاڪي جي پٺيان ان ڀاڱي جي ڪنهن نظم جو هڪ، ٻه يا وڌيڪ بند ڏنا ويا آهن: ان نظم ۽ ان تي مداريل خاڪي ۾ مهربان پڙهندڙ ان ڀاڱي جي خاص ڳالهه ۽ تاثر موجود ڏسي سگهن ٿا. مثلاً ٻئي ڀاڱي (ص ص ٥١-٧٢) لاءِ پيش ٿيل خاڪو صفحي ٥١ جي نظم تي مداريل آهي ۽ اُن جا ٻه بند، ٻيو ۽ آخري، خاڪي تي ڏنا به ويا آهن. نظم ۾ شاعر ٿري نينگرڙي سان مخاطب آهي، جيڪو ڪارونجهر، پنهنجي گهر، جي واٽ وساري، واريءَ سان ويهي کيڏي ٿو. شاعر اُن معصوم کي، ان نادان نينگر کي، سمجهائي ٿو ته 'اِها ٿر جي (مارئيءَ جي ٿر جي) ريت ته نه هئي؛ ڇو نٿي هُن چوڏس جي کڙيل چنڊ سان ساٿ نباهيو، جنهن جي سُهائيءَ ۾ (يا جنهن سان گڏ ويندي ويندي) هو پنهنجي گهر جي واٽ لهي ٿي سگهيو! هن جي گهر کي، جي لوڙهو آيل هو ته هو ڇڪي اُن جو ڍنگهر لاهي به سگهيو ٿي! اِئين آخر ڪيئن ٿي ٿي سگهيو ته ساري رات هو ٻاهر واريءَ سان کيڏندو رهي، ۽ گهر جي واٽ ئي نه وٺي! اُن جي خبر ئي نه لهي! ظاهر آهي، شاعر هتي 'نينگرڙي' جي تمثيل سان 'گهرڌڻيءَ' سان 'گهر ڌڻين' سان ئي مخاطب آهي- بلڪل ائين جيئن انگريزيءَ جي هڪڙي ٻاراڻي ٻول ۾ 'پکيءَ ماءُ' کي چتايو ويو آهي:

Lady bird, lady bird, fly home!
Your house is on fire!
And your children are alone!

(پکيءَ ماءُ، پکيءَ ماءُ، اُڏر اُڏر وڃ آکيري!
تنهنجي گهر کي آڳ لڳي آهي!
۽ تنهنجا ٻچا آهن بي سهاري!)

اِئين مجموعي جي پهرئين حصي جي هن ڀاڱي ۾ آيل اڪثر ٻين نظمن ۾ به اها ئي گهر جي اون جي، ماڳ ڏانهن ويندڙ دڳ جي، مقصد ڏانهن نيندڙ واٽ جي، ڳالهه ٿيل آهي. خود ماڳ جي يادگيريءَ جي گهڻي قدر پهرئين ڀاڱي ۾ ڳالهه ڪيل آهي.

'عمر ساري ٿي رهيو هان / آءٌ تنهنجو انتظار....' جنهن تي ئي اُن ڀاڱي جو خاڪو چٽيل آهي. ائين ٽئين ڀاڱي

جي خاڪي تي جو شعر آيل آهي، اُن ۾ ڳ تي هلڻ جي، پنڌ جي، جاکوڙ جي، جدوجهد جي ڳالهه ڪيل آهي. چوٿين پاڳي ۾، ماڳ رسڻ جي پختيءَ اميد ۽ پڪي يقين جي ڳالهه ٿيل آهي. 'نيٺ ته ايندو / نيٺ ته ايندو/ فصلِ بهاران نيٺ ته ايندو!" اهڙيءَ طرح، مجموعي جي هن اهم حصي، "ڀڙ جي چانو اڳي کان گهاٽي" ، جي هر پاڳي ۾ اندروني ربط موجود ملندو ۽ چارئي اُن جا پاڳا گڏجي به هڪ ڳالهه ڪن ٿا- زندگيءَ جي، اُن جي ماڳ جي، ماڳ جي ڳ جي، ۽ ڳ جي ڪنن سفر، اڳتي وڌڻ ۽ جاکوڙ جي.

ايياز جي هن مجموعي جي ٻئي حصي بابت وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! اُن جي پهرئين پاڳي ۾ ايياز جا چاليهه ٿ-سٽا آهن، جيڪي به هڪ لاڳيتي نظم جيان ئي آهن، جيڪو اسان کي پنهنجي محبوب قومي شاعر کان اِن صورت ۾ عطا ٿيو آهي. اُن جي هڪ ٿ-سٽي- 'ڪينر' گهٽ نه پاڻ ڪوٽ مٽان ڪُنگرا/ جهوري وئي جهاڻ!' - کي اسان جي لائق نوجوان مصور، فتاح هاليپوٽي، پنهنجي هڪ شاهڪار جي صورت ڏني آهي، جنهن سان ڪتاب جي اِن ٻئي حصي جي شروعات ٿيل آهي. ٿ-سٽن کان پوءِ اِن حصي جي ٻئي پاڳي ۾ اسان کي پنهنجي شاعر کان ويهه نظم ملڻا آهن، جن مان هڪ هڪ پنهنجي سادگيءَ ۽ سونهن ۾ ۽ فڪر ۽ جذبي جي پوٽرتا ۽ اوچائيءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. اِن پوئين پاڳي جو پويون ۽ هن سڄي مجموعي جو پويون پر سڄ ته هڪ بهترين نظم، جنهن جي شروعات ايياز بنهه پنهنجائپ واريءَ ۽ بيحد هڪ محبوبانه شوخيءَ سان ڪئي آهي.

تون جي مون کي ڪونه مڃيندين
مون کي ڪا پرواهه نه آهي،
آءٌ سپاٽي لاءِ لکان ٿو
جيڪو نيٺ ته اڇٽو آهي،
مون تي ميڙو مڇٽو آهي.

اُن سان آءٌ هن پنهنجي مضمون جي پڄاڻي ڪرڻ گهران ٿو. پر اُن کان اڳ ايياز جي اِن دلبرانه شوخيءَ بابت ٻه اکر ضرور چوندس.

جيڪڏهن ايياز 'مون' ، سندس پڙهندڙ، کي اِئين ٻي تعلق ٿي، چوي ٿو، "تون جي مون کي ڪونه مڃيندين/ مون کي ڪا پرواه نه آهي،" تڏهن کيس منهنجي مڃڻ نه مڃڻ جو- زباني طور، شخصي طور- مڃڻ نه مڃڻ جو، ڪو شڪ يا اونو ڪوهي ۽ واقعي ٻه نه ڪا پرواه ئي، پر عملي طور سندس 'ڳالهه' جي نه مڃڻ جو، سندس بار بار ٻڌايل زندگيءَ جي 'ماڳ' ماڻڻ لاءِ قربانين جي 'ڏگ' تي نه هلڻ جو، هن کي اونو ۽ ڏک برابر آهي، ۽ ڏاڍي وڏي پرواه ٻه: پر مون مان، منهنجي پيڙهيءَ مان، پنهنجي 'اڄ' مان نااميد ٿي، وري ٻه 'سپاٽي' جي پڙهندڙ تي، سپاٽي جي پيڙهيءَ جي جدوجهد تي ۽ جاکوڙ تي، اجتماعي چڪائيءَ جي ڏگ وڻڻ تي ۽ وڻي هلڻ تي ۽ پنهنجي نجات جي ماڳ ماڻڻ تي، هن کي پورو پروسو ۽ يقين آهي ۽ تڏهن ئي پنهنجي اُن آهني يقين سان چوي ٿو، "آءٌ سپاٽي لاءِ لکان ٿو/ جيڪو نيٺ ته اڇٽو آهي/ مون تي ميڙو مڇٽو آهي...." ۽ پوءِ-

مينهن جڏهن مانڊاڻ ڪندا، مان
ساري واريا سي تي وسندس،
ڪارونجهر جي ڪور مٽان مان
سانون جي ڪرن سان گسندس-

(مان جو تنهنجو راڳي آهيان
تنهنجو ٿي، وڃ-پاڳي آهيان.)

جڏ ماٿهوءَ جو ڳوڙهو ڳوڙهو
منهنجي واين مان برسي ٿو،
ويڑهو ويڑهو، لوڙهو لوڙهو،
منهنجن گيتن سان گونجي ٿو-

منهنجا گيت گلابن وانگر،
جيڪي چوٽين منجهه لڳائي،
تڙ تان ناريون ايندیون آهن
پنهنجن پيارن لاءِ سجائي-
نيٺ ته تنهنجو منُ پانئيندا.

چانڊوڪين راتين ۾ مارُو
مون کي ٽربر ۾ ڳائيندا،
بسنت رت ۾ منهنجون وايون
گليءَ گليءَ ۾ ڦهلائيندا.

وڃ وراکا جيئن کائي ٿي
ائن مان تنهنجا ٿڪ بہ آهيان،
رُت ۾ جئن رابيل تڙن ٿا
تئن ڏرتيءَ جي مهڪ بہ آهيان-

ڀ هيءَ ڏرتي نيٺ ته مهڪي
ٽيندي کو گُلزار سپاٽي،
آءٌ لکان ٿو
جنهن لئه هاڻي.

(حيدرآباد سنڌ /٢١- مئي، ١٩٨٨ع)

ڊاڪٽر آصف فرخي
سنڌيڪار: ولي رام ولڀ

شيخ اياز جي شعري شخصيت

"منڊي ماڪوڙي کوهه ۾ ٿي ڪڇي اُڀ" ، اوهان جو تعجب درست آهي. اڄ هتي، هن محفل ۾ ايندي ۽ هن دور جي شاعر شيخ اياز جي روبرو سندس شاعريءَ جي حوالي سان ڳالهائڻ جي جرئت ڪندي، مان پاڻ به ڪجهه حيران ۽ ڊنل آهيان، ۽ ڪڏهن پنهنجي پاڻ کي ته ڪڏهن پنهنجن مانوارن ٻڌندڙن کي الف ليليٰ واري ابوالحسن وانگر ڏسان ٿو، جيڪو پنهنجي ئي ڀڳل ٽٽل معمولي گهر ۾ سمهيو پيو هو، پر اک کليس ته پاڻ کي وقت جي خليفي جي سامهون بيٺل ڏٺائين. شاهي ايوان ۾ هرطرف اهڙي رونق هئي جا نظرن کي کيرو ڪري ڇڏي. ادب سان بيٺل خادم جيڪي اک جي هڪ ئي اشاري تي تلوارون ڇڪي ڪڍن ۽ شاهي ڇپرکٽ سان هٿ ٻڌي بيٺل وزير باتدبير پاڻ ۽ ٻيا سندس زبان مان ادا ٿيندڙ هڪ هڪ لفظ جا منتظر! چيو وڃي ٿو ته ابوالحسن پنهنجي پاڻ کي اهڙي مقام ۽ رتبي تي پهتل ڏسي، بي حواس ٿي ويو ۽ هر هر پنهنجي ٻانهن ۾ چُهنڊڙيون هڻندو رهيو. اک ته کليس پر ٻانهن تي ڊٻڙ پئجي ويس! مون کي پاڻ کي چُهنڊڙين هڻڻ جي ضرورت ناهي، اِنهيءَ ڪري جو مون کي خبر آهي ته هيءَ منهنجي خواب جي نه پر سجاڳيءَ جي ڪيفيت آهي. بس، منهنجو هتي هَجڻ، اِها ڳالهه خواب جهڙي آهي، ۽ اِهو به انهيءَ ڪري جو هستي پنهنجي حباب جهڙي آ- حباب،جيڪو سخن جي دريا سامهون آهي. مون کي هٻڪ ۽ اَٽڪ اِنهيءَ ڳالهه تي آهي ته شيخ اياز جي شاعريءَ تي ڳالهائڻ جي منصب تي منهنجي بي پهچائي بيحد پڌري آهي. مون جهڙي پالهي شخص کي اڄ اياز جي سڄي عمر ڇانيل سندس شعري حاصلات ۽ ڪارناما بي انت سمنڊ يا سرسبز ۽ شاداب واديءَ وانگر ڏسڻ جي دعوت ڏين ٿا.

ميں حيرت و حسرت کا مارا خاموش کهڙا هوں ساحل پر
دريا محبت کهتا هئے آ کُچهه بهی نهيں، پاياب هيں هم-

درياهه جي اِنهيءَ سڏ کان ڪير ٿو انڪار ڪري سگهي؟ مان انهيءَ اسرار ڀرئي ڪُن ۾ لهڻ ۽ انهيءَ سحر سان گڏ رقص ڪرڻ چاهيان ٿو.

شيخ اياز جي شعري ڪارنامن ۽ حاصلات جي سامهون پنهنجي حيرت سان گڏوگڏ مان سندس شخصي احترام جو به ذڪر پهرئين ڪري ڇڏيان. منهنجي والد سان سندس ملاقات منهنجي ڄمار کان به وڌيڪ پراڻي آهي، ايتري پراڻي جو اُها هاڻي ڪنهن ٻئي زماني جي ڳالهه لڳي ٿي. محبت جي انهيءَ مسلسل حوالي سان مون کي به سندس خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو هڪ اڌ موقعو مليو آهي. مون لاءِ اها ڪٿ ڪرڻ ڪا مشڪل ناهي ته شيخ اياز جي شاعري رنگ، نغمي ۽ نور جو هڪ طلسم گهر آهي جنهن کي گهمي ڏسڻ لاءِ گهڻي وقت جي ضرورت آهي. هيءَ جيڪو گويا پراڻين ڪهاڻين جو محل آهي، جنهن ۾ هزارين ڪمرا آهن ۽ هر ڪمري ۾ هڪ خزانو ۽ انهيءَ خزاني جو حاصل حيرت ۽ دانائي! مون اُنهيءَ محل جي چانئٺ تي قدم ته رکيو آهي پر اندر داخل ٿي اُن جي سير ڪرڻ جو موقعو نه مليو اٿم. انهيءَ سفر ۾ به زبان ساٿ نه ڏنو ۽ ڪيترائي ڀيرا دل چيو ته:

يارب وه نه سمجهے هيں نه سمجهيں گے مری بات،
دے اور دل اُن کو، جو نه دے مجهه کو زبان اور!

دل ۽ ذهن جي ان کوشش ۾ مون کي ٻي زبان ته نه ملي پر ايترو اندازو ٿي ويو آهي ته هو منهنجي ڳالهه ٺيڪ سمجهي ٿو، ايتري قدر جو هو مون کي سهيوگي ٿي نه، هم زبان ۽ محسوس ٿئي ٿو.

پر شيخ اياز جي شاعريءَ جي بحر ۾ لهڻ لاءِ رڳو زبان جي ئي مشڪل ناهي. عظيم شاعري پنهنجي سمجهڻ لاءِ مشڪلات خود ۽ پيدا ڪندي آهي، پر خود ئي انهيءَ مشڪلات کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪوڙ کي ڏس ۽ فراهم ڪندي آهي، ناصر ڪاظميءَ ميرجي حوالي سان چيو هو ته "وڏا شاعر پنهنجي زماني سان گڏ ٻڌ جي وڻ جهڙو سلوڪ ڪندا آهن. ٻڌ جو وڻ زندگيءَ ۽ اُپار جي وڏي علامت آهي. ان جون ٽاريون، پاڙون بنجي، زمين جي گهرائين ۾ لهي ويندیون آهن، ۽ ان جي گهاٽي ڇانءُ ۾ ننڍا وڏا ٻوٽا، ڪک ڪانا، اُسري نه سگهندا آهن، ۽ اُن جا پن هوا جي آهٽ ۽ جهرڪين جي چون چون سان آباد رهندا آهن. شيخ اياز ۽ جديد شاعريءَ ۾ اهڙو سرسبز ۽ ڇانءُ وارو وڻ آهي- اهڙو وڻ جنهن جون پاڙون زمين جي اونهائين جي سيني رازن جي خبر آڻين ٿيون ۽ جنهن جي ٽارين ۾ شفق رنگ آسمان جون ڪيئي ڪايائون رنگارنگ ڪاتيل لغڙن وانگر اٽڪيل ڏسجن ٿيون.

وڏو شاعر سرسبز وڻ وانگر پنهنجي جاندار قوت سان وڌي ويجهي ٿو. پر ڏکيائي اها آهي ته شعر هجي يا وڻ، اسين انهيءَ سان انفرادي ۽ اجتماعي طور تي کو سنو سلوڪ ڪرڻ جا عادي نه رهيا آهيون. اسين وڻن کي گلن، پنن، ۽ ٽارين ۾ ورهائي ڏسڻ چاهيندا آهيون، ۽ انهيءَ تي به وس نه هلندو ائٿون ته اُن کي ڪهاڙن جي منهن ۾ ڏيئي، اُنهن جي جاءِ تي ڪو نئون روڊ يا ڪو نئون پلازا اڏڻ چاهيندا آهيون. ڪجهه اهڙي ئي قسم جو سلوڪ اسان پنهنجن شاعرن سان به روا رکيو آهي. اسان کين ننڍن ننڍن ٽڪرن ۾ ورهائي ڏسڻ چاهيندا آهيون. نقادن جي هٿ چڙهيل شاعرُ هن زماني ۾ ڪهاڙن جي منهن ۾ آيل وڻ وانگر لڳندو آهي. شيخ اياز جي ڪلام جو ڦهلاءُ يا گهيرو ايڏو وڏو آهي، جو اُن لاءِ هالو چالو تنقيدي ماپا ننڍا ٽي پون ٿا. بيت ۽ وائيءَ جهڙين روايتي قديمي صنفن کان وٺي غزل جهڙي ڪلاسيڪي صنف ۽ وري آزاد نظم ۽ نثري نظم جهڙيون جديد تر صنفون ۽ پڻ نثر جي مختلف اسلوبن ۾ سندس لکڻين جو خزانو مقدار ۽ معيار ۾ ايتري قدر وسيع آهي جو چڱن پلن مجيل نقادن کي ڏندين آڱريون اچيو وڃن. هيءُ ته اُهو گجگوڙ ڪري وهندڙ درياءُ آهي، جو تنقيد جي ڪوزي ۾ سميٽجي اچڻ جي بدران، نقاد کي به پنهنجي وهڪري ۾ وهائي وڃي ٿو. انهيءَ حساب سان ڏٺو وڃي ته انهيءَ قسم جا جيڪي مضمون لکيا ويندا آهن، جن ۾ شيخ اياز کي ڪنهن هڪ صنف يا هڪ اسلوب جي حوالي سان ڏٺو ۽ جاچيو وڃي ٿو، ان جو مثال مولانا روميءَ جي حڪايتن واري هاڻيءَ جهڙو آهي، جنهن کي چئن انڌن گڏجي سجاڻڻ شروع ڪيو. ڪنهن انڌي ٽنگ کي هٿ لاتو، ڪنهن سونڊ کي، ڪنهن جي هٿ ۾ پڇ اچي ويو ۽ ڪنهن ڏند کي جهليو. پوءِ چئني گڏجي پنهنجي پنهنجي حصي جي هاڻيءَ جو اهڙو نقشو چٽيو، جو اکين وارا به حيران ٿي ويا. انهن انڌن نقادن مان هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي ڳالهه ڪئي پر انهن جو سچ اڌورو سچ آهي. شيخ اياز هڪ هٿ گليور جي تمثيل به ورجائي آهي. للي پُٽ جي باشندن لاءِ گليور حيرت جو سبب ٿيو هو. للي پُٽ جا سمورا ماڻهو سمهيل گليور جي جسم تي ڊوڙندا رهيا. سندس هٿن ۽ پيرن تي هلندا رهيا. سندس مٿان لنگهيا، سندس چهري جي هيٺ مٿانهين کي جبلن ۽ ماڙين وانگر طئه ڪيائون ۽ جڏهن هن پاسو ورايو ته ڊپ وچان سيني سندس وارن کي ڪِلين ۽ سيخن سان ٻڌڻ شروع ڪيو. نيٺ به ته سمهيل ديو جي پاسي ورائڻ کان سيني کي ڊپ لڳي ٿو.

اسين به للي پُٽ جارهاڪو آهيون ۽ اسان کي به گليور کان ڊپ لڳي ٿو. اسين ڪڏهن مٿس اعتراض ڪندا آهيون، ڪڏهن کيس ڏسي هيسجي ويندا آهيون. انهيءَ ڪري جو اسين سندس قدقامت کي پنهنجي ڪم فهميءَ جي ماپي تي ماپي نٿا سگهون. اسين دراصل ڪانئس شاعر جي ڊپ ۾ ورتل آهيون. اسين بي ضرر، ننڍڙن پتڪڙن ۽

آرائشي شاعرن کان خوش ٿيندا آهيون، انهي ڪري کانئن وندرجڻ ۽ کين وندرائڻ سولو آهي. اُهي ڏيکاءُ ۽ جلسي جلوس سان خوش ٿي وڃن ٿا. کانئن وڌيڪ گهُر نٿا ڪن. پنهنجي سهوليت لاءِ اسان رٽائرڊ شاعرن جي هڪ نئين ۽ ڪجهي جنس بہ ڳولي ورتي آهي. جوانيءَ جي غلطين وانگر، اُهي چڱا مڙس ڪجهہ شعر و سخن ۾ بہ دلچسپي وڃندا آهن ۽ ڪجهہ غزلن ۽ نظمن جي پوک مان سڄي ڄمار فصل لٽيندا رهندا آهن. انهيءَ مان سڀني کي فائدو ملي ٿو. قومي يڪجهتي، پائيچاري، قومي ترقي، اسلامي نظام، اردو-سنڌي يڪجهتي- مطلب تہ ڪنهن بہ موضوع تي انهن کي پراڻي سکي وانگر هلائي سگهجي ٿو. اها ڳالهہ اڪبر بادشاهہ جي اُنهيءَ هاڻيءَ وانگر آهي، جيڪو هن ڪنهن ميراثيءَ کي انعام ۾ بخشش ڪري ڏنو هو. ٽورن ئي ڏينهن ۾، ميراثي جڏهن هاڻيءَ کي کارائي پياري ڏيوالو ڪيڻ وارو هو تہ هن هاڻيءَ جي ڳچيءَ ۾ دهل ٻڌي چڙيو ۽ چيائين: "پٽ، ڳوٺ ڳوٺ وڃي ڪماءِ، پاڻ بہ کاءِ ۽ مون کي بہ کاراءِ!" اهڙن ماڻهن جي شاعريءَ جو اصل ڪردار رڳو نمائشي ۽ سماجي آهي، ادبي يا تهذيبي ناهي. ميڙ جا اُهي پتلا، پاڻي بنجي وهي وڃن ٿا، جڏهن اسين شيخ ايار جي شعري ڪارنامن تي نظر وجهون ٿا. مختلف صنفن تي، قادرالڪلاميءَ جي تصرف، اسلوبن جي تنوع ۽ معنوي پاسن جي ڦهلاءُ ۾ شيخ ايار جو مثال ورلي ئي ملندو ۽ انهيءَ لاءِ اسان کي پري تائين پابلو نرودا (Pablo Naruda) يا جارو سلاوَ سيفرٽ (Jaroslav Siefert) يا يانس ريتسوس (Yannis Ritsos) جي شعري سفر کي سامهون رکي جائزو ونڊو پوندو. شيخ ايار خود هڪ هڏ شعري ڪائنات جواستعارو استعمال ڪيو آهي، جيڪو سندس ڪلام جي ڦهلاءُ آڏو وڏاءُ نٿو لڳي. واقعي هڪ دشتِ امڪان آهي، تمنا جو ٻيو قدم جنهن کان اڳتي نڪتو وڃي ٿو. شاعريءَ جي انهيءَ زبردست خلاّقانہ قوّت جي سبب ڪري شيخ ايار جو مثال انهيءَ آبگينيءَ وانگر آهي، جيڪو صحبا جي تنديءَ سان رجيو وڃي ٿو. هزارن صفحن تي مشتمل سندس نظم ۽ نثر جي ڪليات جو دائرو ايڏو آهي جو اسين ڪيس اٽاهہ سمنڊ سمجهي حيران ٿي وڃون ٿا. سنڌي شاعريءَ ۾ تہ هو خير بڙ جي وڻ وانگر ڇانيل آهي، پر اسان سڀني کي خبر آهي تہ اردو شاعريءَ سان بہ ڪيس خاص لڳاءُ رهيو آهي، بلڪ مان سمجهان ٿو تہ سندس شاعريءَ جي تخليقي قوت جي سامهون اردو سنڌيءَ جي لساني يا سياسي چڪتاءَ بہ بي معنيٰ ٿي وڃي ٿي ۽ هو زبان جي حدبنديءَ کي ٽوڙي اُن کان مٿيرو ٿي وڃي ٿو. پنهنجي شعري سرمايي جي وسيلي هو عهد ساز شاعر ئي ناهي، پر هڪ اهم تهذيبي حوالو بہ آهي، ۽ مان في الوقت شيخ ايار جي شعري شخصيت جي تهذيبي ڪردار جي حوالي سان ڳالهائڻ تائين محدود رهندس، جنهن کي اوهان انهيءَ وڻ جي ٽُڙ جي چوڌاري پاڪر وجهڻ جي هڪ ڪوشش ڪٽي سمجهو.

شعري شخصيت مان منهنجي مراد "Poetic Persona" آهي، يعني شخصيت جو اهو پرتو، جيڪو شاعريءَ ۾ جهلڪي ٿو. هونئن تہ ڪيٽس (John Keats) شاعر جي منفي صلاحيت (Negative capability) تي زور ڏنو آهي تہ جنهن روپ ۾ ضرورت محسوس ڪجي، ۽ ٽي.ايس.ايليٽ (T.S.Eliot) بہ شاعريءَ کي شخصيت کان فرار قرار ڏنو آهي ڇو تہ سندس خيال ۾ جيڪا شخصيت ڏک پوڳي ٿي، اُها اُن شخصيت کان مختلف ٿيندي آهي، جيڪا شعر تخليق ڪندي آهي. دراصل انهيءَ شخصيت کي اُها سنڀاڙي تار سمجهي سگهجي ٿو، جنهن ۾ جهانءِ سان نغمو ڦُٽي ٿو ۽ شاعري جنم وٺي ٿي. انهيءَ مٿي کان پيرن تائين احساس جي پيڪر کي انهن معنائن ۾ شخصيت نٿو چئي سگهجي. جهڙيءَ طرح، اسين وڌين شخصيتن جو تصور ڪندا آهيون، شيخ ايار ڳوڑين ۽ ڪنهن هڪ سطح تي ڪاربند يا محدود شخصيتن وانگر ناهي، جيڪو ساري ڄمار هڪ ئي هنڌ تي بيهي هڪ ئي راڳ آلاپيندو وڃي ٿو. زندگيءَ جي مختلف تجربن کي هن مختلف طريقن سان ورتايو آهي ۽ ايندڙ تجربن گذريل تجربن کي ڪٽي ڪٽي ليڪ ڏني آهي. اهاڳالهہ اُپار جي انهيءَ گرميءَ ۽ اٽندڙ، ڦهلجندڙ ۽ وڌندڙ زرخيزيءَ جو اهجاڻ آهي، جيڪا سندس

"Poetic Persona" جو اهم ترين عنصر آهي. جيڪي ماڻهو مٿس خيالن جي تبديليءَ يا Revisionism جو الزام هڻن ٿا، اُهي وساري ويهن ٿا تہ بيابانَ شاعر جي رفتار کان ئي پري پڄي ٿو. شيخ ايازَ انهيءَ جو جواب والٽ وٽمئن جي زبان ۾ هيئن ڏيئي سگهي ٿو:

"Do I contradict myself?
Very well then I contradict myself,
(I am large, I contain multitudes.)"

ٿورو، سوچيو! شيخ ايازَ تي والٽ وٽمئن جا اهي لفظ کيتري قدر پورا لهن ٿا. اسين پنهنجي چوڌاري نظر ڊوڙائينداسين تہ پلا هن وقت ٻيو ڪهڙو شاعر آهي جيڪو وڏو محسوس ٿئي، جو ان ۾ آسمان سمائجي وڃي ۽ جيڪو شاعر ايڏو وسيع هجي، ڪائنس پوءِ نديڙا پتڪڙا مطالبا ڪهڙا؟ وٽمئن جون ئي هي سٽون ياد اچن ٿيون:

"Behold, I do not give pictures or a little charity
when I give myself."

سميوگي شاعريءَ ۾ پلا اهڙو ڪو ٻيو آهي جيڪو انهيءَ فراوانيءَ سان پنهنجو پاڻ کي لُٽائي سگهي ۽ جنهن جي لُٽائڻ ۾ زرو نقد و جواهر جهڙو ڪڙڪو هجي؟ دل جي دولت کي ايڏي فياضيءَ سان اهو ئي لٽائي سگهي ٿو جنهن جي پنهنجي هڏ ۾ گهٽ ڪجهہ هجي۔ هڪ سموري دنيا ۽ ان جا تجربا! شيخ ايازَ جي اڳيان هيءَ دنيا هر هر آليءَ متيءَ وانگر اچي ٿي ۽ ماهرِ فن ڪوزه گر وانگر کٽي اُن کي هو چڪ تي رکي ٿو چڏي.

مختلف صنفن ۽ اسلوبن تي قدرت ۽ ڪلام جي مقدار جو ذڪر ٿيو. شيخ ايازَ جي ڪلام ۾ مون کي ٽي ڏارائون نظر اچن ٿيون، انهيءَ دريا وانگر جنهن جون موجون الڳ الڳ رنگ جي پاڻيءَ ۾ وهنديون نظر اچن يا وري شايد نظر کي دوکو ڏين ٿيون. اُنهن ٽن ڏارائن جي پنهنجي پنهنجي هنڌ اهميت ڪجهہ گهٽ ناهي، پر ٽنهي جو هڪ ئي شاعر ۾ هڪ ئي وقت موجود هجڻ ۽ اُنهن جي ملڻ جو امڪان ب بي انداز تهذيبي اهميت وارو آهي.

شيخ ايازَ جي شاعريءَ جو هڪ Persona سندس ديسي روپ آهي. شيخ ايازَ کي "سنڌ جو آواز" چيو ويو آهي ۽ کيترن ئي نقادن ۽ شارحن لکيو آهي تہ سنڌ ۽ ان جي ماڻهن جا اُمنگ، مسئلا، دک درد ۽ زندگيءَ سان جُڙيل هجڻ جون نديون وڏيون هزارين صورتون شيخ ايازَ جي ڪلام ۾ موج وانگر چوليون هڻندي نظر ايندیون آهن. غالب چواڻي:

موجِ محيطِ آب مين مارے ہے دست و پا کہ يوں

لوڪ ريت ۽ روايت جا سوين جاتل ۽ اڻجاتل لفظ آرس پيڄي جاڳي پون ٿا ۽ سندس ڪلام ۾ مُنڊيءَ تي ٽِڪ وانگر جَڙجي وڃن ٿا. پنهنجي زبان جي موجود ۽ لڪل سرمايي کي گولڻ، ان جي قديمي ۽ اصلوڪيپڻ کي هٿ ڪرڻ ۽ انهيءَ کي هڪ جديد ۽ سميوگي شڪل ڏيڻ، سندس غيرمعمولي ڪارنامو آهي. هو ور ور ڪري اصل ڏانهن موٽي ٿو ۽ پاڻ سان گڏ زبان ۽ بيان کي ب تازه دم ڪري ٿو چڏي. زبان هر پيري نواڻ ۽ هڪ نئين تشڪيل حاصل ڪري ٿي.

ڏرتيءَ جي پڪار ڪهڙو روپ پري اچي ٿي، ان جو مثال سندس هڪ تازي نظم مان ڏيئي سگهجي ٿو، جيڪو اجهو ڪجهہ مهينا اڳ ئي شايع ٿيو هو:

بيل گاڏيءَ تي پلال
جنهن تي هڪ هارياڻي سمهي پئي آهي
چند پوئين پهر جو ۽

ٽاريون ماڪ ۾ ڀنل
پرهه ڦٽي چڪي آهي، پکي ٻوليون ٻولي رهيا آهن
۽ ٻير ۾ ٺهيل آکيرا هوا ۾ لڏي رهيا
جن تان پکي اُڏامي وڃي چڪا
دور پنهنجي ديس ڏانهن
هوءَ وڃي رهي آهي هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ رهڻ لاءِ
آهي اهوئي ملال
بيل گاڏيءَ تي پلال
اکيون ڇنڀي ڏسي رهي آهي
پاڻيءَ ۾ ڪنول،
وڏيرو آهي ڪيتري قدر بيوقوف
هوءَ ڪڏهن "ڪاري" نه ٿيندي
پنهنجي مڙس کي ساڻ وٺي ڳوٺ ڇڏي ويندي
چاهي سندس گرهه سڪل هجي
پر ڪنهن کي مٿي تي ڪلنڪ جو ٽڪو
هڻڻ نه ڏيندي.

سادن ۽ پُرڪار لفظن سان واڻيل هڪ متحرڪ تصوير آهي هي نظم، جنهن جي هارياڻي ڪٿي جمال ابڙو جي "پيراڻي" وانگر مظلوم عورت بنجي مظلوم ڌرتي جهڙي لڳندي آهي. پر هاڻي هن ڌرتيءَ جي ناريءَ جا تيور ڪؤڙا آهن. هوءَ ڪلنڪ جو ٽڪو لڳڻ نه ڏيندي.

شيخ اياز پنهنجي پهرئين شعري مجموعي "ڀؤنر ڀري آڪاس" جي شروعات "بيت" سان ڪئي آهي ۽ "پيش لفظ" ۾ انهيءَ جي وضاحت به ڪري ڇڏي آهي ته "منهنجي بيت جي هيئت قديم شاعريءَ جي بيت جهڙي آهي، باقي ان جي موضوع ۾ جدت آهي." فارسيءَ ۽ هنديءَ جي آميزش کان الڳ رهي هن ان صنف کي ورتايو آهي جو سندس خيال ۾ "سنڌي زبان جي منفرد صنف" آهي. جيڪا ظاهر ۾ ناموزون معلوم ٿئي ٿي. وري "اُن ۾ نه قافيو آهي نه رديف، پر اُن جي باوجود بيت ۾ ترنم ۽ هم آهنگيءَ ٻيءَ هر صنف سخن کان زياده آهي." هو چوي ٿو ته "سنو بيت اهوئي لکي ٿو سگهي، جنهن کي روح ۾ رواني ۽ ٻوليءَ تي بي انتها قدرت هجي." بيت جي ڀيٽ ۾ هن وائيءَ جي هيئت ۽ موضوع ٻنهي ۾ جدت رکي آهي. زبان جي ڪلاسيڪي سرمايي ۽ اُن کان به پوئتي وڃي لوڪ ريت سان صدين جو پراڻو رشتو بحال ڪرڻ ۽ وري اُن کي هڪ سهيوڳي ۽ جديد زاويي سان ڀري ڇڏڻ، شيخ اياز جو اهم ڪارنامو آهي. انهيءَ حوالي سان سندس مجموعو "ڪپر ٿو ڪُن ڪري"، جيڪو ١٩٧٥ع ۾ شايع ٿيو، ڪليدي اهميت وارو آهي. پر مان اهو به چوندو هلان ته اهو ڪتاب انهيءَ ڳؤري پٿر وانگر آهي جنهن کي مون چُمي ڇڏي ڏنو جو مون کي اُن جي ڀيد ڀرئي ڪُن ۾ لهڻ جو رستو نه مليو.

هن جهڙي اهم ڪم جو ڪو مثال اردو شاعريءَ ۾ ته هن وقت منهنجي ذهن م نٿو اچي. جديد پنجابي شاعريءَ ۾ نجم حُسين سيد نالو ذهن ۾ اچي ٿو، جنهن پنجاب جي انهيءَ ٺيٺ لساني روپ کي هٿ ڪيو آهي، جيڪو اردو ۾ به ورجائي نٿو سگهجي. جيتوڻيڪ هڪ ڊگهي عرصي کان پنجاب جو Native genius اردو ۾ نهايت حسن و خوبي

سان پنهنجو اظهار ڪندو آيو آهي. شيخ ايار جو به انگريزي ۾ ته چا، اردوءَ ۾ به گهٽيءَ حد تائين ترجمو انهيءَ ڪري ڏکيو آهي، جو هن هيئت سان گڏوگڏ شعري زبان به بحال ڪئي آهي، ۽ يقيناً انهيءَ ڪري سنڌي زبان جو Native genius هن وقت سندس پولي ڳالهائيندو معلوم ٿئي ٿو. سنڌي زبان جي جينئس مان منهنجي مراد انهيءَ زبان ۾ لکندڙ ڪنهن اڳئين وقت جي شاعر سان ناهي، پر سنڌي زبان جي جينئس شاعر پهرئين شعري مجموعي واري امداد حسيني يا وري "مهراڻ" جي گذريل شماري ۾ شايع ٿيل نظم ۾ "حسن بانو ڪي الوداع" چوندڙ شمشيرالحيدري کان وٺي تازه دم ۽ تازه ڪار حسن درس تائين ڪيترائي شاعر آهن. منهنجي مراد زبان جي پنهنجي جوهر سان آهي، جيڪو شيخ ايار جي ڪلام ۾ چمڪ ڏيندڙ تلوار وانگر چمڪي ٿو، ۽ اِها اُها تلوار آهي، جيڪا شيڪسپيئر جي لفظن ۾، ماڪ سان زنگيل نه آهي.

زبان سان گڏ اهو گهرو تعلق اهڙي شڪل ۾ اختيار ڪري سگهي ٿو، جڏهن شاعر کي پاڻ محسوس ٿئي ته زبان سندس وسيلي يا توسط سان پنهنجو شعري اظهار ڪري رهي آهي. شيخ ايار پنهنجي ڪنهن تازي انٽرويو ۾ تڏهن پنهنجي اهڙي ئي ڪيفيت جو ذڪر ڪيو آهي، جڏهن اُڏمي جي بي خودي ڪيس وهائي ڪٽي وڃي ٿي ۽ رات گذرئي مٿس شعرن جي بارش ٿيندي رهندي آهي. انهيءَ ڪيفيت جو بيان بورس پيسترنڪ "ڊاڪٽر زواگو" جي حوالي سان ڪيو آهي ۽ شيخ ايار جو انٽرويو پڙهي مون کي شاعر زواگو ياد آيو:

"After two or three stanzas and several images by which he himself was struck, his work took possession of him and he felt the approach of what is called inspiration. At such moments the relation of the forces that determine artistic creation is, as it were, reversed. The dominant thing is no longer the state of mind the artist seeks to express but the language in which he wants to express it. Language, the home and receptacle of beauty and meaning, itself begins to think and speak for man and turns wholly into music, not in terms of sonority but in terms of the impetiousness and power of its inward flow. Then, like the current of a mighty river polishing stones and turning wheels by its very movement, the flow of speech creates in passing, by virtue of its own laws, meter and rhythm and countless other forms and formations, which are even more important, but which are as yet unexplored, insufficiently recognized, and un-named."

شيخ ايار جي تازي شاعريءَ جي تخليقي وسڪاري کي زبان جي حوالي سان اهڙي ئي ڪنهن بي نام ۽ نامعلوم خزاني جي تلاش قرار ڏيئي سگهجي ٿو. شايد انهيءَ ڪري هن هڪ هنڌ لکيو آهي ته "پيسترنڪ مري ويو، زواگو زندهه آهي." زواگو جي هيءَ زندگي دراصل شاعريءَ جي زندگي آهي ۽ **هن وقت اُنهيءَ** زندگيءَ جي شاهدي شيخ ايار کان وڌيڪ ٻيو ڪير ٿو ڏيئي سگهي.

تمام ٿيٺ ۽ تمام پراڻي هٿ سان گڏوگڏ شيخ ايار بلڪل نئون به آهي. هو هڪ طرف شاهه لطيف سان نظرون ملائي شعر لکي ٿو ۽ ٻئي طرف ويهين صديءَ جي بيقرار ۽ سيمابي روح عصر سان به منهن مقابل آهي. رچيل ڪلاسيڪي شعور سان گڏوگڏ ويهين صديءَ جي Cosmopolitan ذهني فضا به سندس شعري ادراڪ تي اثرانداز ٿي آهي. شاهه لطيف جي زبان ۾ هو پوري اعتماد سان مغربي زبان و ادب سان هم ڪلامي ڪندو آهي، ۽ اها به پوريءَ پنهنجائپ سان. هڪ نظم ۾ بودليئر کي لافورگ جي بدران لطف الله بدويءَ کي پڙهڻ جو مشورو ڏئي ٿو. شيخ ايار جي ذهني ۽ جذباتي Ethos ۾ بودليئر ۽ لافورگ به موجود آهن ۽ لطف الله بدوي به، پر انهن کي هڪ سلسلي ۾ پوُئڻ يا انهن جي وچ ۾ ڪنهن ربط ۽ مڪالمي جو امڪان شيخ ايار جي تخيل نيرنگيءَ جو نتيجو آهي. سندس بيحد

اهم مجموعي "چوليون پوليون سمنڊ جون" ۾ بودليئر، اليٽ، پائونڊ، سيفو ۽ وان گوگ جي نظمن جي تاجي پيٽي ۾ شامل ٿي وڃن ٿا. وان گوگ کي مخاطب ٿيندي هو سندس مشهور تصوير ۾ گلن جو عڪس ئي نه، چشمِ تماشہ سان پنهنجي شاعريءَ جي جهلڪ به ڏسي وڃي ٿو:

وان گوگ!
تو ائين پرندا ڏٺا ها
کيت سو سورجُ مکيءَ جا
جئن شفق ۾ مان ڏسان ٿو،
۽ چوان ٿو:
"رات جو سورج مکي مرجهائجن ٿا،
جيئن اُهي پي ڏينس تي سونو پکهارن سج ۾
ائين نمارن سج ۾
جئن نه هو نظرون جهڪائيندا ڪڏهن،
۽ نه هو ساري تپت ۾ سر نوائيندا ڪڏهن،
وان گوگ!
شاعري منهنجي به ائن آ، پو اُها کو نظم آ يا بيت آ
سج ۾ سورج مکيءَ جو کيت آ.

شيخ ايار جي جديد شعر جو اپياس بي پناهه آهي ۽ سندس نظم ۽ نثر ۾ مغربي ادب جا حوالا ٽٽل تارن وانگر اڇيو ڪرندا آهن. انگريزي ۽ ٻين يورپي زبانن ۾ نظم جو سفر سندس آڏو گهٽو ڇٽو آهي ۽ نوجوان شاعرن جي انتخاب "ڏيئا ڏيئا لات اسان" جي مهاڳ ۾ هن ان کي سهيوگي سنڌي شاعريءَ سان Co-relate ڪري ڏيکاريو آهي. مٽي کان هيٺ تائين مشرقي هٿ جي باوجود، مغرب جو ادب هن لاءِ ڪليل ڪتاب آهي.

شيخ ايار جي شعري Persona هڪ کان وڌيڪ دنيائن جو واسي آهي. سندس تهذيبي شناخت ۾ اردو ۽ فارسيءَ جو رنگ گهٽو نمايان آهي. شيخ ايار پنهنجي انترويوز ۽ آتم ڪهاڻيءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا ذڪر ڪيو آهي ته ٻالپڻ کان اهو ڪلاسيڪي سرمايو سندس مطالعي جي شوق کي اتساهه ڏيارينڊو رهيو ۽ ان جي نتيجي ۾ هو ڪلاسيڪي روايت ۾ پوري طرح رچي ويو. انهيءَ جو اظهار سندس تحرير ۾ جابجا هوندو آهي. نثر جا باقاعده مضمون ته پنهنجي جاءِ تي، اخبار ۾ ادارتي نوٽ يا تاثراتي تبصرا ۽ Comments لکندي لکندي ڪيس اردو- فارسيءَ جا شعر موقعي محل تي ڏاڍا ياد اچن ٿا ۽ سندس نثر کي اُهي نفاست ۽ وقار عطا ڪندا آهن، جيڪي اردو توڙي سنڌيءَ ۾ هاڻي ورلي ڏسڻ ۾ ايندا آهن. فارسيءَ کي ته اسان "نقش و نگارِ طاقِ نسيان" وانگر وساري ڇڏيو آهي، پر شيخ ايار وٽ فارسيءَ جي ڪلاسيڪي شاعري زنده استعمال ۾ ايندڙ حوالي جي صورت ۾ نظر اچي ٿي ۽ هو اُن جي فضا ۾ اهڙيءَ طرح ساهه کڻندي محسوس ٿئي ٿو جئن هو اُن جي توسيع هجي. ۱۹۴۷ع جي حوالي سان هڪ نظم شروع ڪري ٿو، جئن ۱۹۹۷ع ۾ وري موٽي آيو هجي ۽ گورداس پور جو نالو ڪٽندي ڪٽندي رومي‌ءَ جو حوالو ڏئي ٿو:

وي شيخ با چراغ همي گشت گردِ شهر
کز دام و در ملولم و انسانم آرزوست.

۽ انهيءَ ڪتاب جي مهاڳ ۾ حرف آخر جي طور تي ڪليم جو هيءُ شعر درج ڪيو اٿس:

مازِ آغاز و زِ انجام جهان بے خبريم
اول و آخر ايں کهنه کتاب افتاداست.

اهڙيءَ طرح اياز جو هڪ اهم حوالو "غالب" آهي- "غالب،" جنهن کي هو هر هر ڀ مختلف انداز ۾ ياد ڪري ٿو ڀ ڪٿي ڪٿي سندس آواز ۾ پنهنجي پاڻ کي تلاش ڪري ٿو. ڪٿي "غالب" کان پڇي ٿو ته آسمان جي "صفحهء قرطاس" تي ڇا لکيل آهي. ڪٿي ڪيس ۾ "غالب" وانگر "عندليب نا آفريده" هجڻ جو احساس ستائي ٿو ڀ ڪٿي اها ٻن دوست دلين جي گفتگو بنجي وڃي ٿي.بهرحال، اهو سلسلو پنهنجي هنڌ اهم آهي. "غالب" وانگر شيخ اياز ۾ عجمي ذهن رکي ٿو، ڀ اهو ۾ هڪ اهڙي ذهني دور ۾ جڏهن اسان وٽ فارسيءَ جو ذوق تقريباً منجي ويو آهي. "غالب" کان پوءِ اهو هُنر فارسيءَ سان جڙيل اياز وٽ هڪ لحاظ کان انهيءَ روايت جو تسلسل ۾ آهي ڀ انهن معنائن ۾ هو اردوءَ جي سڀيوگي شاعرن جي پيٽ ۾ "غالب" کي ويڙهو نظر اچي ٿو. هونئن ته فارسيءَ جي ڇاپ ن.م.راشد تي گهٽي نمايان آهي (شيخ اياز، ن.م.راشد جي "سليمان سر بزانو اور سبا ويران" جو حوالو ۾ ڏنو آهي) پر راشد جي مماثلت زبان سان آهي، زبان جي ڪلاسيڪي شعري سرمايئي سان ناهي.

"هرڻ اکي ڪيڏانهن" ۾ غالب جي حوالي سان جيڪي ننڍا ننڍا نظم يا Musings آهن، اهي غالب سان گڏ هن ئي گفتگو جو حصو ٿا لڳن:

تم اور ڀ آرائشِ خَمِ کاکل
ميں اور انديشهء هائے دور دراز-
غالب! ڇا سندس آرائش خم کاکل تنهنجي
انديشهٔ هائي دور دراز جو حصو ناهي؟
غالب تو ڇيو هو:
"يہ مسائلِ تصوف يہ ترا بيان غالب
تجھے ہم ولی سمجھتے جو نہ بادہ خوار ہوتا."
مون ته بادہ خواري ۾ ڇڏي ڏني آهي غالب!
مون کي ڇا سمجهندين؟
غالب! ڪهڙو موت؟ شمع جو سحر تائين هر رنگ ۾ جلڻ ئي غمِ هستيءَ جو بهترين علاج آهي!
"غالب"! تو وانگر مان ۾ حرفِ مڪرر نه آهيان. نه زمانو توکي مٽائي سگهيو نه مون کي مٽائي سگهيو.

غالب سان هڪ طرح جي ذهني قربت جي سبب ڪري، هو غالب جي شاعريءَ ڀ غالب جي قصيده گوئيءَ ۾ تفاوت تي اعتراض ۾ ڪري ٿو. "پتڻ ٿو پور ڪري" ۾ غالب جي مزار تي هڪ نظم لکندي چوي ٿو ته: "غالب، مان تنهنجو انتقام آهيان" ڀ "هرڻ اکي ڪيڏانهن" ۾ غالب سان شڪايت ۾ ڪري ٿو:

"مرزا غالب! مون هن کي تنهنجو رشتيدار
سمجهي هن جي عزت ڪئي
پر هوءَ پاڻ ۾ تنهنجي
ان مسلسل غزل وانگر هئي،
جنهن جو مقطع مون کي ايڏا ۾ ياد آهي:
غالب ہميں نہ چھيڑ کہ پھر جوش اشک سے
بيٹھے ہيں ہم تہيہء طوفاں کئے ہوئے.

اهو "تهيهء طوفان" اڄ جي صورتحال ۾ ڪيترو معنيٰ خيز لڳي ٿو. اهم ڳالهه اها آهي ته "تهيهء طوفان ڪان

اڳ "جوشِ اشڪ" آهي. هونئن ته شيخ ايار جو اردوءَ سان لاڳاپو نرم گرم ٿيندو رهيو آهي. ان ۾ "سياستِ دربان" جي شڪايت به آهي ۽ "بي مهريءَ ارباب وطن" جي شڪايت ب. اردو وارن کي انهيءَ گفتگو جي مضمرات تي خاص طور تي غور ڪرڻ گهرجي جو "ڪپر ٿو ڪُن ڪري" جي مجموعي ۾ محمود الحق عثماني سان گڏ آهي.

انهيءَ جي اهميت پنهنجي سياق و سباق ۾ پر اردو هڪ سياسي معاملي کان وڌي شيخ ايار لاءِ تهذيبي ۽ شعري پس منظر جو حصو بنجي اچي ٿي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ايتري قدر فطري طور تي ۽ حيرت انگيز طريقي سان اچي ٿي جو ديده بايد. رام جنم پومي ۽ بابري مسجد جي چڪتاڻ جو تذڪرو ڪندي هو مير کي ياد ڪري ٿو، جنهن جي دعويٰ هئي ته 'قشقہ کينچا دير ميں بيٹھا.'

"مير تقي مير!
تو ته پنهنجي دؤر ۾ قشقو ڪيو
۽ دير ۾ ويهي
جان ڇڏائي وئين
پر هي ويهين صديءَ جا پاڳل
جي بابري مسجد کي
ڍاهي چڪا آهن،
توکي رام جنم پوميءَ ۾
داخل ٿيڻ نه ڏيندا.

اهو سمورو تبصرو مير ۽ سندس شعر کان سواءِ معني خيز نٿو ٿي سگهي ۽ نه اهو تبصرو انهيءَ شخص کان ممڪن هو جو اردو شاعريءَ جي روايتن ۾ رچيل نه هجي. اهڙيءَ طرح سندَ جي دانشورن کي مير انيس جو شعر ياد ڏيارين ٿا، ۽ شعر سان گڏوگڏ انهيءَ تي تبصرو موجوده حالتن کي Illuminate ڪري ٿو ڇڏي.

"مير انيس جو هڪ شعر:

انيس دم کا بھروسہ نہیں ٹھہر جاؤ
چراغ لے کے کہاں سامنے ہوا کے چلے.

سندَ جي دانشور کي مير انيس جو هيءُ شعر ٻڌايان ته هو ڪيس گيدي چوندو. هن کان اهو وسري ويندو ته هن ڪربلا تي زبردست مرثيا چيا ها، پر چا ڪجي، سندَ جي دانشورن کو "شهرِ آشوب" نه ڏنو آهي."

هونءَ ب اسان جا گهٽتا دانشور "گنبدِ بي در" ۾ رهن ٿا، جتي آواز ب ٻڌڻ ۾ نٿو اچي. "موجِ خون" مٿي تان گذري آهي، دل ۾ لٿي ناهي. جيستائين اها قيامت جيڪا روز چوطرف رهي ٿي، دل ۽ دماغ تي نٿي لهي، احساس جي انهيءَ سطح کي سمجهڻ مشڪل آهي، جتان شيخ ايار ڳالهائي ٿو. "گهاٽ مٿان گنگهور گهٽا ۾" جي بليغ چوٽين يا Aphorisms ۾ هن غالب جي حوالي سان لکيو آهي:

"غالب چيو آهي:
"کف افسوس ملنا، عہد تجدید تمنا ہے."
چا الطاف پائي اها ڳالهه سمجهي سگهي ٿو؟
هو سمجهي يا نه سمجهي، چا اها ڳالهه اُهي ماڻهو سمجهي سگهن ٿا جن کي غالب سان رشتيداريءَ جي

دعويٰ آهي؟ ڪٿي اردو انهن لاءِ ڊرامائي ڪردار يا Dramatis Personnae فراهم ڪري ٿي، يا اها صورتحال تيار ڪري ڏئي ٿي، جنهن جي چوڌاري نظم جا لفظ Crystallize هجن ٿا.

"جوش ملیح آبادي هڪ پوربي لوڪ گيت جي مصرع
"نيم ڪي نمڪولي پڪي، ساون آيا ري " گنگنائي
ته سندس اکيون پرجي آيون
مان سمجهان ٿو ڏرتيءَ جا سمورا موتي انهن لڙڪن
جي قيمت ادا نٿا ڪري سگهن
جن کي هو پي ويو ۽ هن ڏرتيءَ تي ڪِرڻ نه ڏنا."

انهيءَ ڪتاب ۾ ميراجيءَ کي خراجِ تحسين پيش ڪيو اٿس:

"ميراجي! تو مون کي بچائي ورتو. پنهنجي ڏرتيءَ سان تنهنجي محبت مون لاءِ بچاءَ بنجي آئي. مان وديا پتي ۽ چنڊي داس کي تنهنجي منظوم ترجمي ۾ نه پڙهان ها ته مان ترقي پسند لهر ۾ وهي وڃان ها، جن ۾ ٻيا ترقي پسند شاعر وهي ويا. تو مون ۾ نه صرف بورزوا بلڪ جاگيردارانه دور جي شاعريءَ لاءِ به عزت پيدا ڪري ڇڏي."

انهيءَ کان اڳ راشد کان به سوال پڇيو اٿس:

"ن.م.راشد! جڏهن "سليمان سر بزانو اور سبا ويران" آهي ته باقي هن "بيڪران دشت" ۾ ڇا رهيو آهي؟"

فيض جي حوالي سان سندس هيءُ جملو ڏيان جوڳو آهي:

"فيض جيل ۾ نه هجي ها ته هو اها شاعري ڪري سگهي ها، جيڪا هن "دستِ صبا" ۽ "زندان نامه" ۾ ڪئي هئي؟"

۽ "دستِ صبا ۽ زندان نامه تخليق ٿيٽي هئي، ان ڪري فيض کي جيل وڃڻو پيو."

ساڳي طرح: "فيض خوش نصيب هو جو گلاسنوست ۽ پيرسترويڪا کان اڳ ۾ ئي **گذاري ويو.**

هڪ ٻئي نظم جو تاجي پيٽو مجاز جي حوالي سان مڃهيو اٿس:

"مجاز وانگر جوانيءَ ۾ موت
چپن تي هڪ پيغمبرانه گيت
۽ شڪست خورده تبسم
اهو موت ايترو مشڪل ناهي،
مشڪل ته يگانه چنگيزي جو موت آهي.
پيري
بيماري
ويچارگي
۽ عبدالماجد درياآبادي جي چهري تي
فاتحانه تبسم."

اردو سان شيخ ايياز جو معاملو ابوطالب ڪليم جي لفظن ۾ ڪجهه هن طرح جو رهيو آهي:

درميانِ من و او اُلفتِ موج است و کنار
روز و شب بامن و پيو ستته گريزان ازمن.

انهيءَ ڪري هو اردوءَ وارن لاءِ بيحد اهم شاعر آهي، اهڙو شاعر جنهن کي پڙهڻ دراصل پنهنجي ئي تهذيب جي باري ۾ نت نوان انڪشاف حاصل ڪرڻ آهي. مير چوائي:

جس چمن زار کا تو ہے گُل تر بلبل اس گلستان کے ہم بھی ہیں

ثقافتي ۽ تهذيبي حوالن سان گڏوگڏ شيخ ايياز جي تخليقي شخصيت جو هڪ اهم پهلو مختلف صنفن سان سندس لڳاءُ آهي. بيت هجي يا غزل، وائي هجي يا نظم، سلطان باهو جي هيئت هجي يا ڪوبه جديد تر ذريعه اظهار، هو انهن سڀني کي پنهنجي شعري ضرورت جي قالب ۾ ڍمڪائي بيهاري ٿو ڇڏي. ۾ سڀني کان تعجب خيز نثر ۽ نظم سان سندس سلوڪ آهي.نغمگي سان پرپور شاعر هئڻ جي باوجود هو نظم کي اُتي ڪٽي ٿو وڃي جتي نثر جون حدون ملنديون آهن. ساڳيءَ طرح هو ائين به ڪري ٿو جو جملن، چوٽين يا نوٽس جي صورت ۾ لکيل ظاهري طرح غيررسمي نثر ۾ شعر جهڙي ڪيفيت پري ٿو ڇڏي. نثر ۽ نظم جي ممڪنه ميلاپ جي ويجهو پهچي لکڻ، سندس هڪ ٻيو ڪمال آهي. هونئن ته مغرب ۾ نثري نظم به لکيو ويو آهي ۽ نظم جي انداز نثر جا نمونا پيري لوئي The Songs of Brilitis ۾ پيش ڪيا آهن(هن ڪتاب جو حوالو تنوير عباسي جي تازي ڪتاب ۾ به آيل آهي) ۽ بورس پيسترنڪ اهڙو تصور ڪيو آهي جو ايتري قدر دبيز ۽ Tightly packed آهي جو انهيءَ مان برف کي چيپاٽڻ جا آواز اچڻ لڳا، شيخ ايياز وٽ اهي ميلاپ شاعر جي انهيءَ Vision کي گرفت ۾ آڻڻ جي ڪوشش آهي جو هميءَ وقت ذات وانگر لهندو رهندو آهي ۽ لطافت جو اهڙو پرت آهي جو هڻ لائڻ سان ٽٽي پوي. آتم ڪتا، خاڪا، ڊائري، حد ته اها آهي جو اخباري ڪالم به شيخ ايياز جي انهي شاعرانه ڪمال جا جُزا آهن.

نظم جي ڪيفيت ۾ لکيل انهيءَ نثر ۾ تخليق سان گڏوگڏ تنقيد به موجود آهي. شيخ ايياز جو ذهن هڪ وڏي نڪته رس نقاد جو ذهن آهي، پر اهو تنقيدي عمل شاعري اندر رهندي ڪم ڪري ٿو. سندس تنقيدي ذهانت ٻين جي شاعري تي ڪارفرما نٿي ٿئي ۽ نه مولانا حالي وانگر خود شعري عمل جي باري ۾ ان طرح جا سوال اٿاري ٿي جو مقدمءَ شعر و شاعري قائم ٿئي. اها تنقيدي ذهانت هڪ انگريز نقاد چوائي:

"It is a critical intelligence operating not on, but within poetry."

انهيءَ ذهانت جو منبع و موضوع ٻئي هڪ آهن، يعني شاعر جو پنهنجو تخليقي عمل. انهيءَ لحاظ کان شيخ ايياز لاءِ چئي سگهجي ٿو ته "ايياز قدرِ خود را بشناس" . هتي به هو غالب وانگر نڪته دان ۽ معنيٰ آفرين شاعر جي قربت ۾ نظر اچي ٿو، جتي تنقيدي شعور عمل جو حصو بنجي وڃي ٿو. ٿورو سوچيو، نغمگيءَ جي وسڪاري سان گڏ شعور جي اها دولت ڪيترن شاعرن جي حصي ۾ آئي آهي؟ اهڙا نالا آڱرين تي ڳڻي سگهجن ٿا ۽ ايياز انهن مان هڪ نالو آهي.

مختلف تهذيبي ڏارائن جي آويزش، نثر و نظم جو ميلاپ، صنفن جي فراواني، تنقيد ۽ تخليق جو قلم جي نوڪ تي سميٽجي اچڻ ۽ لفظي پيڪر اختيار ڪرڻ، انهن سڀني ڪيفيتن ۾ پلٽيل آهي شيخ ايياز جي شعري شخصيت. اها "قرآن السعدين" آهي، جيڪا ڪنهن کي ورلي نصيب ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري مون کي اڄ هن وقت خدائي سخن مير تقي مير جو شعر دل تي تري اچي ٿو:

باتیں ہماری یاد رہیں پھر باتیں ایسی نہ سُنیے گا
پڑھتے کسی کو سنیے گا تو دیر تلک سر دُھنیے گا
سعی و تلاش بہت سی رہے گی اس انداز کے کہنے کی
صحبت میں علما فضلا کی جاکر پڑھیے گنیے گا
دل کی تسلی جب کہ ہوگی گفت و شنید سے لوگوں کی
آگ پُھنکے گی غم کی بدن میں، اس میں جلیے بھنیے گا.

اڄ شيخ اياز صاحب کي سامهون ڏسي اڄ جي ڏينهن جي تحفي جي طور ڪيس روسي شاعره مارينا تسي تائيوا (Marina Tsvetaeva) جو هيءُ نظم پيش ڪرڻ چاهيان ٿو:

مون کي سڄ جو علم آهي- باقي سمورا سڄ ڇڏي ڏي!
دنيا ۾ ڪٿي به ماڻهن کي ڇڪتاڻ ۾ قاسڻ جي ضرورت ناهي
ڏس، شام ٿي آهي، ڏس رات ٿيڻ واري آهي
توهان ڪنهن جي ڳالهه ٿا ڪريو شاعرو، عاشقو، جرنيلو؟

هوا هموار آهي، زمين ماڪيل
آسمان ۾ تارن جي طوفان ۾ به مانار ٿي ويندي
۽ جلدئي اسان سڀ مٽيءَ هيٺان وڃي سمهي پونداسين
اسان جيڪي هڪٻئي کي مٽيءَ مٽان چئن سان سمهڻ نٿا ڏيون.

شيخ اياز صاحب! اڄ اوهان جي جشنِ سالگرد جي مناسبت سان غالب جي دعا ۽ مبارڪباد ياد اچي ٿي:

تم سلامت رهو هزار برس
هر برس کے دن هوں پچاس هزار.

اوهان جي شاعريءَ جو عرصو انهيءَ وقت تائين آهي جيستائين هن دنيا ۾ شاعريءَ جو نالو رهندو، پر ايتري ڊگهي عرصي ۾ اوهان جي شاعري ٻُڌڻ ۽ پڙهڻ لاءِ اسان ڪٿي هونداسين. منهنجو من چوي ٿو ته اوهين پڙهندا رهو ۽ اسان ٻڌندا رهون ۽ اهو حساب هلندو رهي.

مے باقی وماہتاب باقیست
مارا بہ تو صد حساب باقیست.

(هي مقالو شيخ اياز جي ۷۵-هين جنم ڏينهن جي تقريب ۾ سنڌس روبرو محترم آصف فرخي اردو ۾ مارچ ۱۹۹۷ ۾ پڙهيو.)

بندیوان تہ آنءُ بہ آهیان گهر جي بندیخاني ۾، هُو،
سارو ڏينهن وجي ٿو گذري غالب جئن ويراني ۾، هُو،
هاڻي اوتَ بہ کانہ وجهان ٿو مان پنهنجي پيماني ۾، هُو،
ايئن تصور ڇانيو آهي جڻ آهيان مئخاني ۾، هُو.
- شيخ اياز

محمد ابراهيم جويو

اياز کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ—قومي فرض

پينرو ۽ پائرو!

اياز جي وئي کان پوءِ طبيعت ايڏي وياکل ۽ اداس آهي، جيئن انگريزيءَ ۾ هوند چوان: "All sunshine has gone out of my life" (منهنجي زندگيءَ مان سڄ جي سموري تپش ڇڻ گهر ٿي ويئي آهي!)

اياز منهنجو دوست، منهنجو پاءُ ۽ منهنجو عزيز هو. سائس سڄي عمر، تقريباً سانيڪن سالن تائين، گڏ گذري. منهنجو زندگيءَ جي ٽياسي سال ۾ پير آهي، پاڻ مون کان اٺ سال ننڍيءَ عمر جو هو. مون پنهنجيءَ عمر ۾ کافي صدما ڏٺا ۽ سَٺا آهن؛ خاص طرح سان هيءُ واقعو، جيڪو اياز جي انتقال جي سلسلي ۾ تعزيتي اجلاس جو آهي. انهيءَ ۾ اها ڳالهه ٻڌائڻ ضروري آهي ته منهنجيءَ عمر ۾ کافي دوست، عزيزَ ۽ قريب مون کان وڇڙي ويا آهن. منهنجو تجربو هيءُ آهي ته اهڙن واقعن کان پوءِ ڪجهه ڏينهن- هفتي ٻن يا مهيني کن تائين- طبيعت گهٽي ملول رهندي آهي، پر پوءِ اها ڳالهه ٽوري ٽوري ٿي شانت ٿي ٿي وڃي ٿي. پوءِ به جيئن ٻن ڇئن هنڌ اڳ ۾ مون ڇيو به آهي ۽ لکيو به آهي، وڇڙي ويلن جي يادگيرين جو سلسلو تازو ۽ لاڳيتو رهي ٿو. ماڻهو دنيا ۾ اچن ٿا ۽ ماڻهو دنيا مان وڃن ٿا- انسان ته ڇا پر، پي به ڪا جيوَت سدائين جيئري نٿي رهي. موت هر جيوَ تي لازم آهي، پر جيستائين عزيزن، قريبن ۽ دوستن جي يادگيري دل تي تازي رهي ٿي، تيستائين اُهي ڪم از ڪم منهنجي لاءِ نٿا مرن، زنده ٿا رهن. ڪجهه وقت کان پوءِ اُها فقط يادگيري ئي هجي ٿي، جنهن تي پوئتي رهيل جيئري ماڻهوءَ کي راضي رهڻو پوي ٿو، ڇو ته پوءِ اُهو پهريون لڇائيندڙ ۽ ڦٽڪائيندڙ غم ۽ اندوهه مانو ٿي وڃي ٿو. اياز جي انتقال کي به ڏينهن مس گذريا آهن، تنهنڪري طبيعت اڃ نهايت ئي بي مزي آهي ۽ ائين ٿو محسوس ٿئي جڙ سيڪجهه ئي بي معنيٰ آهي.

عزيزو! اياز کي پنهنجي جيئري شاعر جي حيثيت ۾ ۽ دوستيءَ جي حيثيت ۾ ۽ پيءَ به هر حيثيت ۾ جيڪا مجتا، قدر شناسي ۽ عزت ملي، آڏ پانيان ٿو ته اها تمام ٿورن خوش نصيبن کي نصيب ٿيندي آهي. اياز جا دوست سندس تمام وفادار دوست هٿا. اياز جا علمي ۽ ادبي قدر شناس، سندس شاعريءَ جا متوالا ۽ شائق، ۽ سندس وڪالت جي پيشي جا مداح ۽ ڳولائو ڪافي گهٽا ۽ سدائين موجود هٿا. مون کي معلوم آهي ته پاڻ نهايت ايمانداريءَ سان ۽ ڪامل توجهه سان پنهنجي وڪالت جو ڏنڏو ڪندا هٿا. مون تمام ٿورا وڪيل اهڙا ڏٺا، جيڪي پنهنجي مؤڪلن جي سلسلي ۾ پاڻ تي عائد ٿيل فرض يا ذميدارين کي اياز وانگر نپائيندا هجن. مون کي ڪيئي ماڻهو گڏيا، جيڪي ان سلسلي ۾ اياز جا پرستار رهيا. آڏ ان ڳالهه جو هڪ پيرو نه پر ڪيئي پيرا پاڻ شاهد آهيان- خاص طرح جڏهن پني عاقل تعلقي ۾ فوجي ڇانوئيءَ جي قيام جي سلسلي ۾ غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جي غصب ٿيل زمينن جا سڪر ۾ ڪيس هلي رهيا هٿا، تڏهن ڪيئن اُهي ماڻهو پوري اطمينان ۽ اعتماد سان سائس اڃي ملندا هٿا؛ ۽ هاڻ به هر هنڌ ۽ هر موقعي تي وڪيل شيخ اياز جي ايمانداريءَ، بهادريءَ ۽ مهارت جو هو ذڪر ڪندا آهن. اُن سڄي تر ۾ اهي ڳالهيون اڄ به عام جي زبان تي ڇڙهيل آهن. ان طرح شيخ اياز کي پنهنجي زندگيءَ ۾ انهيءَ ڳالهه جو ڪو افسوس ڪونه هو ته ڪو سندس قدر نه ٿيو، بلڪ پاڻ سدائين اهڙو اظهار ڪندا هٿا ۽ چوندا هٿا ته "ماڻهو منهنجا تمام گهٽا مداح آهن!" ۽ ائين چئي ۽ پنهنجن قدردانن کي ياد ڪري پاڻ گهڻو خوش ٿيندا هٿا. جيڪڏهن ڪن خاص حلقن ۾ سندس ادبي ۽ شعري تخليق تي ڪا تنقيد ٿيندي هئي، ته اُن کي هڪ لازمي ۽ دستوري ڳالهه سمجهي، پاڻ نظر انداز

کندا هئا. پاڻ کڏهن ب کنهن کي موتائي، لکيت ۾ جواب کونہ ڏنائون، بلڪ انساني شعور جي اهڙي تنقيدي عمل کي فطري ڀالڻ سمجهي درگذر کندا هئا ۽ ساڳئي وقت شعور جي امانت کي قدرت طرفان خود پنهنجي لاءِ ب اُهڙي ئي فطري عنايت جاڻي، پنهنجي فڪري آزاديءَ جو حق ب پوري اعتماد ۽ مثبت يقينيءَ سان استعمال کندا رهندا هئا.

غلط ۽ صحيح، چڱي ۽ مڻي جي سڃاڻپ جي هيءَ امانت يا صلاحيت جڏهن خاص انسان جي حصي ۾ آئي، ته ڏسو ٿا ته اُن جي استعمال سان انسان جو شرف ۽ سندس ڪاميابيءَ جو عروج ڪٿان کان کڻي وڃي رسيو آهي. علم ۽ ڪاريگريءَ جي دنيا ۾ ۽ ٻين ب گهڻين ئي ڀالڻين ۾ سندس ڪمزورين جي باوجود انسان ڇا ڇا نہ ڪري ڏيکاريو آهي ۽ ڪهڙا ڪهڙا ۽ ڪيڏا ڪيڏا معجزا ۽ ڪرامتون نہ ڪري ڏيکاريون اٿس! هونئن جيڪي فوق الانساني معجزا ۽ ڪرامتون ٻڌيون ۽ پڙهيون اٿئون، جيئن قصص الانبيا يا ٻين اهڙن ديومالائي داستانن ۾ بنهہ نہ مڃڻ جهڙيون، تن کان ب وڌيون انسان جي عقل ۽ شعور جون جيڪي حاصلاتون ۽ ڪمال آهن، سي ڪيترا نہ عجيب ۽ غريب آهن. اهو انسان جي عقل ۽ شعور جو گهڻ ڪرشمو آهي، جو هو پنهنجا قدم چند تي رکي چڪو آهي! ۽ ان کان ب مٿي اڄ هو ٻين سوين ۽ هزارين نوري سالن جي فاصلن تي هلندڙ ڌرندڙ گرهن تي پنهنجا ڪمند ڦيو اڇلائي ۽ اُنهن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جون ڪامياب ڪوششون ڦيو ڪري! هتي هيٺ پنهنجيءَ هن ڌرتيءَ تي سياست جي سلسلي ۾، عمارت سازيءَ جي ميدان ۾، طب ۽ ٻين سائنسي علمن ۽ فنونِ لطيفہ جي سلسلي ۾، انسان پنهنجي عقل ۽ شعور جا نت نوان معجزا ڪندو ۽ ڪرامتون ڏيکاريندو ڦيو رهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجيءَ هن عظمت کي ٻين جي آڏو رکي ٿو، ڇو ته اُهي ان کي پڙهن، ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو حق رکن ٿا، ته هو اُنهن جو اِهو حق ب تسليم ٿو ڪري، بلڪ اهو انهن ٻين جو فرض ئي ٿئي ٿو، ته اُهي سندس ان عظمت جي باري ۾ پنهنجو ڪو رايو قائم ڪن. جيڪڏهن شيخ ايياز جي شاعريءَ جي سلسلي ۾ يا هُن جي شخصي ڀالڻين جي سلسلي ۾ ڪو پنهنجو رايو پيش ڪري ٿو ته اِنهيءَ ۾ ڪا اربعا خطا ڪانهي. ۽ آءٌ پوريءَ ذميداريءَ سان چوان ٿو ته شيخ ايياز کي هميشہ اِنهيءَ ڀالڻ جو اعتراف هوندو هو ته ماڻهن کي اِهو حق آهي ته اُهي سندس شاعريءَ کي تورين تکين ۽ ان جي چند ڇاڻ ڪن، ۽ پوءِ ئي هو اُها سمجهي سگهندا ۽ ان جو قدر ڪري سگهندا. ڪيس اهو ب احساس هو ته ان طرح جا سندس شاعريءَ جي قدر شناسيءَ وارا تمام گهٽا آهن، جيئن توهان کي ۽ اسان کي ب معلوم آهي ته ماڻهن پنهنجن سڪيلڏن پٽن جا نالا ئي ايياز، ايياز لطيف يا لطيف ايياز رکيا، ۽ هُن لاءِ ائين ب پنهنجي محبت ۽ عقيدتمنديءَ جو اظهار ڪيو آهي.

اُن ڪري جيڪڏهن شيخ ايياز جي سوچ يا سندس شاعريءَ تي تنقيد ٿئي ٿي ته انهيءَ ۾ انساني عقل ۽ سمجهداريءَ جو حق ادا ٿئي ٿو. ماڻهوءَ کي جيڪا شعور جي امانت مليل آهي، جيڪڏهن کنهن اُن جو استعمال ڪيو، ته اُن ۾ کنهن جو ب ڪو هاڃو يا حرج ڪونهي. ڀالڻ فقط هيءَ آهي ته تنقيد بيجا نہ هجي، پر بجا تنقيد هجي. جيڪڏهن ان جائز ۽ ناجائز تنقيد جي ڪسوٽيءَ کي سامهون رکي ڪو تنقيد ڪري ٿو ته اها تنقيد مفيد ۽ پلي تنقيد ئي ليکبي. تنقيد غلط ب ٿي سگهي ٿي، پر غلط تنقيد بجا ب ٿي سگهي ٿي ۽ بيجا ب ٿي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح صحيح تنقيد ب بيجا ۽ بجا تنقيد ٿي سگهي ٿي. ڀالڻ فقط Admissable يعني مناسب ۽ جائز ۽ in-admissable يعني نامناسب ۽ ناجائز تنقيد جي آهي، جنهن جي ڪسوٽي هيءَ آهي ته تنقيد ڪرڻ وارو ماڻهو پنهنجي ذاتي پسند ۽ ناپسند (Prejudice) يا پنهنجي انفرادي مفاد (Self-Interest) کي سامهون رکي تنقيد ٿو ڪري يا هڪ وسيع، وڏي ۽ اصولي قدر يا قدرن کي سامهون رکي ۽ اجتماعي سماجي شعور سان تنقيد ٿو ڪري يا پنهنجي ذاتي (personal) يا آراڏي (Alienated) مراد يا نيت سان تنقيد ٿو ڪري. انفرادي ۽ ذاتي مراد ۽ اجتماعي سماجي مراد انسان جي من جون ب

اڇلون آهن، ۽ اُهي انسان جي ذهن جا بنيادي ڇلانگ آهن، بلڪ انسان ۽ حيوان جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪو فرق آهي، تہ اِهو ئي آهي تہ حيوان خالص حياتياتي نموني سان (Biologically) پاڻ کي زندهہ ۽ جيئرو رکڻ ۾ مصروف رهي ٿو، جڏهن تہ انسان تي پنهنجي جيائپي لاءِ ۽ ان کان مٿي اُپرڻ لاءِ سندس سماجي اجتماعي (Collective يا Social) حيثيت وڌيڪ لازم ٿئي ٿي. ڇاڪاڻ تہ ماڻهوءِ جي وصف ئي اها بڌائي ويئي آهي، يعني هيءَ تہ "ماڻهو سماجي حيوان آهي." (Man is a social animal)

جيتريقدر ماڻهوءِ ۾ اهو سماجي شعور وڌيڪ پيدا ٿئي ٿو، ايترو ئي هُو انسانيت جي درجي ۾ افضليت ماڻي ٿو. اُن شعور هيٺ ئي هو ائين سمجهندو آهي تہ آءٌ ٻين لاءِ جيان ٿو، جيئن ٻيا مون لاءِ جيئن ٿا، ان شعور جي اثر ۾ آيل ماڻهوءِ جو اٿڻ ويهڻ، جاڳڻ سمهڻ ۽ کائڻ پيئڻ بلڪ هن جي عمل جي هر ڳالهہ ٻين جي پلائيءَ لاءِ وقف ٿي وڃي ٿي. پنهنجي ڪتب ۾، قوم ۾ ۽ ماڻهوءِ جي ان ڳانڍاپي کي سماجي ڳانڍاپو ٿو سڏجي. سماجي اجتماعيت (Social Collectivism) ئي انسان ۽ حيوان جي وچ ۾ وڏي ۾ وڏو امتياز آهي. تنهنڪري جيڪڏهن تنقيد ٻہ سماجي نقطہ نگاهہ کان ٿئي، جنهن ۾ ذاتي حرص ۽ هوس کي ۽ ڪروڌ يا ساڙ کي ۽ پنهنجي ذاتي انا يا ذاتي فائدي کي دخل نہ هجي، تہ اُها قابل قبول، جائز ۽ مناسب تنقيد جي مَدَ ۾ آيل سمجهبي، پوءِ اُها غلط يا غير صحيح تنقيد ئي ڇو نہ هجي! جيڪا تنقيد ان مد ۾ نٿي اچي، توڙي اُها صحيح ٻہ هجي، تہ اُها نشانيل ماڻهوءِ کي ڏکوئي ٿي ۽ هن لاءِ قابل قبول نٿي ٿئي.

شيخ اياز اڄ اسان وٽ موجود ڪونهي. سندس يادگيريون اسان وٽ موجود آهن. ذاتي طور واسطي ۾ آيل ماڻهن جون ٻہ يادگيريون ٿي سگهن ٿيون، تہ قومي طور يا سماجي طور واسطي وارن ماڻهن جون ٻہ يادگيريون ٿي سگهن ٿيون. شيخ اياز جو شعر جيڪو جيڪڏهن سڄي جو سڄو ڇپجي تہ پنج پنج سو صفحن جا ڏهہ ڪن جلد گهٽ ۾ گهٽ ٿي سگهن ٿا. سندس نثر ٻہ شايد ايترن ئي جلدن تي پکڙيل ٿي سگهي ٿو. مٿس اڄ تائين لکيل همعصر ليکڪن جو مواد ٻہ ڪافي گهٽو آهي تہ سندس يادگيريون اسان وٽ ايڏي تہ پائداريءَ واري حيثيت وٺي ڇڪيون آهن، جو ڪنهن ٻہ قسم جو ڪو ڊپ ڊاڻ ڪونهي تہ ڪو اسين شيخ اياز جي پنهنجي ورثي کان غافل رهنداسين، بشرطيڪ اسين اُهي سمورا طريقا ڪم آڻيون، جن سان سندس يادگيرين جو سڄو اهو مواد پاڻ وٽ محفوظ رکي سگهجي ۽ ان کي مفيد طرح يعني پنهنجي قومي ۽ سماجي پلائيءَ لاءِ ڪم ٻہ آڻي سگهجي.

شيخ اياز جون هي يادگيريون هن دور جون آهن. حضرت شاهہ عبداللطيف جو دور جدا هو. هيءُ دور ٻيو آهي، هو دور ٻيو هو. اُهو دور ڪلهوڙن جو دور هو. ان سان لاڳاپيل اڳ وارو مغلن جو دور هو. اسين مغلن جا غلام هئاسون. ڪم از ڪم ۱۵ يا ۲۰ سال لاڳيتا شاهہ، سچل ۽ ساميءَ ڪڏ ٻہ ڪڏاريا ۽ اهڙيءَ طرح هو هڪٻئي جا همعصر ٻہ هئا. تنهنڪري جيڪڏهن ٿئي جو ڪڏي مطالعو ڪنداسين تہ اسان کي خبر پوندي تہ شاعريءَ ۾ انهن بزرگن پنهنجي سڄي دور جي صورتحال کي ڪيئن پيش ڪيو. انهيءَ طرح شيخ اياز جي زندگيءَ وارو دور ٻہ هڪ وڏو ۽ اهم دور آهي. جيئن مغلن جي غلاميءَ جو دور ڪاٽيوسين ۽ انهن جي خلاف وڙهياسين ۽ پاڻ کي ۽ پنهنجي وطن کي انهن کان آزاد ڪرايوسين. انهيءَ سڄي اسان جي مزاحمتي دور ۾ لطيف موجود هو، اهڙو ئي اهم دور اياز کي ٻہ نصيب ٿيو. اهو هندستان جي اپڪنڊ جي اهم سياست جو دور آهي. سڄي اُپڪنڊ جي مزاحمتي سياست جو دور، انگريز فيل مست جي طاقتور حڪمرانيءَ جو دور، دنيا جي تن حصن تي اُنهن جي حڪومت ڪرڻ وارو دور، جتي سندن شهنشاهت جو سج لهڻ جي ئي ڪونہ ڪندو هو. انگريزن جي اُنهيءَ حڪومت ۾ اسان کي خبر آهي، ۽ توهان مان ڪن

ائين ڪتابن ۾ پڙهيو ۽ هجي، ته سندن تمام وڏو رعب تاب ۽ دٻدٻو هوندو هو. سندن حڪومت ڪامياب ۽ مضبوط بلڪ اڏول هوندي هئي؛ اُها دنيا ۾ سندن هڪ وڏي ۾ وڏي امپائر ليکبي هئي. اهڙن جابرن ۽ طاقتور حاڪمن کان جند ڇڏائڻ واري جدوجهد جي نتيجي ۾ اُپکنڊ جو ڪجهه حصو ڪانگريس کي نصيب ٿيو ۽ ڪجهه حصو مسلم ليگ کي. صحيح سياست صحيح طريقي سان ڪنهن ڪئي ڪنهن نه ڪئي، فوري ۽ دور رس نتيجا اُن جا ڪهڙا نڪتا، ۽ انهن جي سزا ۽ جزا جي سلسلي ۾ جيڪا جدوجهد ٿي، اياز انهيءَ دور جو شاعر هو. ۱۹۴۷ع کان پوءِ اسان وٽ پاڪستان جو دور آهي، جيڪو اسان سڀني جي ساهمون آهي. انهيءَ جدوجهد جي ردعمل هيٺ انساني ذهن ۾ جيڪي تاثرات، جذبات، امنگ ۽ اتساهه اُپريا، اُنهيءَ سياسي ۽ تهذيبي پس منظر ۾ شيخ صاحب جيڪا شاعري ڪئي آهي، انهيءَ جي پيٺ اسين جيڪڏهن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان ڪريون ته اها بلڪل مناسب ۽ دانشمنديءَ واري ڳالهه ٿيندي. هر دور جا پنهنجا پنهنجا اختلاف ٿين ٿا. اهي اختلاف ڪي خراب به ناهن. جيئن فلسفي ۽ سياست ۾ ماڻهو پنهنجو پنهنجو اسڪول يا مڪتب رکن ٿا ۽ پوءِ جيڪو جنهن اسڪول آف ٿاٽ جو ماڻهو آهي، انهيءَ جي روشنيءَ ۾ هو ڪا ڳالهه ڪري ٿو، اجتماعي فائدي لاءِ ڪري ٿو، ۽ پوءِ اُها جيڪڏهن اختلافي تنقيد به آهي، ته اُها برداشت ڪرڻ گهرجي. اهڙو جانبداريءَ جو عمل اٽل به آهي ۽ ان کان چوٽڪارو به ڪونهي. بلڪ هجڻ ئي ائين گهرجي، ته جيئن اُنهيءَ ڳالهه جي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ موقعا پيدا ٿين، ۽ اڳتي ڪنهن صحيح سمت ۾، وڪ وڏائڻ لاءِ سازگار ماحول تيار ٿئي. ان سلسلي ۾ جيڪو اياز پنهنجو ڪو پيغام يا فڪر ڇڏيو آهي، ته اُهو هُن هِن دور لاءِ ڇڏيو آهي. اُهو اسان کي سمجهڻو آهي.

ڪنهن شاعر جي شعر يا فڪر کي سمجهڻ ڪو آسان ڪم به ناهي. شاعريءَ جي وڏي ۾ وڏي وصف ۽ خوبي ئي اها آهي ته اُن جي ٻولي سادي ۾ سادي هجي، ڇو ته شاعر شعر چوي ئي اِن لاءِ ٿو ته ماڻهو هن جي شعر کي سمجهن. جيڪڏهن شاعر ماڻهن جي سطح جي ٻولي استعمال نه ڪندو ته اهو شاعر پنهنجي شعر کي جڙ ته ماڻهن تائين پهچائڻ ئي نٿو گهري، بلڪ هن جو پنهنجي دور ۾ ماڻهن سان عملي طور ڪو واسطو ئي ڪونه ٿو جُڙي. وڌيڪ هي ته شاعر تمام سڌي ۽ سادي ٻولي به ڪم آڻي ٿو، پر پوءِ به اڪثر ائين ٿو ٿئي ته هن جي شعر کي سمجهڻ ڏاڍو مشڪل ٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ هو علامتي انداز اختيار ڪري ٿو. ان ۾ هو شعري هنرمنديءَ جون گهٽيون ڪي رعايتون وڻي ٿو. اُن ۾ هو پراڻي زماني جون ڳالهيون ساهمون آڻي ٿو، جن مان هر ڪي معنائون ماڻهن تائين پهچائڻ گهري ٿو. ته سادي ٻوليءَ هوندي به شاعر کي سمجهڻ گهٽو مشڪل ٿي پوي ٿو. انهيءَ لاءِ چوندا آهن ته شاعر جي شعر کي هڪ دفعو پڙهڻ ڪافي ناهي. ان جي سادگيءَ تي ڪڏهن ڪڏهن ته ماڻهو ڪلي به وهندو آهي، ته "هيءَ ته هُن جي ٻاراڻي ڳالهه آهي؛ اهڙي ٻولي ۽ اهڙي ڳالهه ته آءٌ به ڳالهائي سگهان ٿو!" شاعر جو اهو شعر ٻيو دفعو پڙهبو، ٽيون دفعو پڙهبو، وري وري پڙهبو، پوءِ وڃي اُنهيءَ شعر جو مرڪزي نقطو يا جوهر ماڻهوءَ کي سمجهه ۾ ايندو آهي. اياز کي به جيڪڏهن اسان کي سمجهڻو آهي ته وري وري هن کي پڙهڻو پوندو، ۽ ان لاءِ اسان کي محنت ڪرڻي پوندي. انهيءَ محنت سان شاعر کي پڙهڻ لاءِ اسان کي ڪي علمي ۽ تدريسي طريقا اختيار ڪرڻا پوندا. هن پنهنجيءَ ڳالهه کي ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ آءٌ اياز جو هڪ غزل توهان کي پڙهي ٻڌائيندس، جيڪو آڪٽوبر ۱۹۹۷ع جي مهيني جي آخر ۾ مون کي سنڌي روزاني اخبار "سوال" ۾ پڙهڻ جو موقعو مليو هو. اياز جي پوتين زماني ۾ سندس شعر اخبارن ۾ ڪونه ڇپيا هئا. "سوال" اخبار ۾ ڇپيل اُهو غزل بهرحال مان توهان کي واتين ويٺي ڇٽي ٻڌايان. اوهين ڏسندا ته اهو ڪيڏو نه سادو ۽ سولو غزل آهي! پر مون کي ته ڏهن هارهن ڀيرن جي پڙهڻ کان پوءِ ان جي اصل ڳالهه سمجهه ۾ آئي هئي. جيتوتيڪ مان اياز جي شعر جو شاگرد به آهيان، بلڪ ان جي زوردار شائق هجڻ جي صورت ۾ مون سندس

شعر جي کيترن کتابن تي کافي کجهه لکيو به آهي. کو زمانو هو ۽ کيئي سال ائين ٿيندو هو ته اياز جڏهن به کو شعر لکندو هو نه پهرين اُن جي پڙهڻ جو موقعو مون کي ئي ڏيندو هو- ان سپ جي باوجود هيءُ سادو سولو غزل مون کي ايترو جلدي سمجهه ۾ نه آيو، جيستائين مون اُن کي کافي گهٽا دفعا نه پڙهيو! اهو غزل هي آهي، چوي ٿو:

"درد جي شام آ، سج ويندو لهي،
واءُ ۾ آهه کا ڳالهڙي اَڻ کهي.
هي پير پيلڙا، ٿا شفق ۾ برن،
ڇيلڙا ٿا چرن، ڏئي عجب آگهي.
پيا لهون لاڙ ۾، آهه رستو سڏو،
چند آ چوٽ جو ۽ کنڊيءَ جي چهي.
وار ٿي جا وکيري، اُتر واءُ ۾،
تون انهيءَ کان سوا کونه سگهندين رهي.
هوءَ جيڪا هوا جيئن آزاد آهه،
سچ چئجاءِ تو سان وئي کيئن نهي.
کيئن زنجير هن تي پيا پيار جا،
کا گهڙي کانه توکان سوا ٿي رهي!"

هن غزل کي سمجهڻ جو آءٌ توهان کان امتحان کونه ٿو ونان. آءٌ ماستر ماڻهو ته برابر ٿي رهيو آهيان، پر وري به آءٌ توهان کي ايڏو گهٽو انتظار ۾ رکڻ نٿو گهران. هي تمام وڏو هال آهي، ۽ هتي هيترا سارا ماڻهو وينا آهن، اهو ڏسي طبيعت خوش ٿي رهي آهي. ايڏيءَ سنجيدگيءَ ۽ بردباريءَ سان ۽ مان ۽ صبر سان ۽ فضيلت سان جيڪي به هتي ڳالهيون ٿيون آهن ۽ ٻڌيون ويون آهن، اها هڪ وڏي خوش نصيبيءَ جي ڳالهه آهي. اهڙا موقعا اتفاق سان ملندا آهن، نه ته اشتعال، ايجيٽيشن، نعري بازي ۽ سنسني خيزي هن دور جي جڙ سڃاڻپ ٿي پئي آهي. ٿي ڪلاڪ ڪن اوهان کي هتي وينو ٿيا آهن، ۽ آءٌ پوءِ به اوهان سان هن غزل جي باري ۾ بيهي سوال جواب ڪريان، ائين مناسب نه ٿيندو. مان توهان جي صبر کي آزمائش ۾ وجهڻ کونه ٿو گهران. (وينل تقرير کي جاري رکڻ تي اصرار ڪن ٿا.)

پوءِ به توهين ويچار ڪريو. ممڪن آهي ته توهين غزل کي سمجهي سگهيا هجو. مان ته ٻيلي ايترو جلد ان کي کونه سمجهي سگهيو هوس. سو به شيخ صاحب جي ڊگهيءَ بيماريءَ واري پڇاڙيءَ کيفيت کي خيال ۾ رکڻ کان پوءِ ساڻن پنهنجي سڃيءَ عمر جي واقفيت، عزازت، دوستيءَ ۽ لاڳيتي آخري وقت تائين ساڻن گڏ رهڻ، سندن ڪاوش، ڳالهين، تکليفن، خيالن، جذبن ۽ امگن ۽ ساڻن لڳاتار ڪچهرين ۽ قرب ۽ پنهنجائپ کي اڳيان رکڻ کان پوءِ به، ڏهه ٻارهن دفعا غزل کي پڙهڻ ۽ اُن تي گهٽي غور ويچار ڪرڻ کان پوءِ ٿي مان ان جي جنهن معنيٰ تائين پهتو آهيان، انهيءَ جي توهان کي تشريح ڪري ٻڌايان ٿو. توهين پاڻ پوءِ پنهنجيءَ دل ۾ فيصلو ڪجو ته واقعي ان جي اها معنيٰ سمجهڻ ڏکي هئي يا سولي هئي. ۽ آخر ۾ پوءِ مان توهان کي ٻڌائيندس ته شيخ صاحب جي پيغام ۽ فڪر کي سمجهڻ لاءِ اسان کي کيتري گهٽي محنت ڪرڻي پوندي.

چوي ٿو: "درد جي شام آ، سج ويندو لهي، واءُ ۾ آهه کا ڳالهڙي اڻ کهي." شيخ صاحب پنهنجي پڇاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ سڀائين زندگيءَ ۽ موت بابت سوچيندو هو. "درد جي شام" معنيٰ ماڻهو پنهنجي سڃي درد پري زندگي، جمڙ کان ونيِ آخر تائين، جيئن قرآن شريف جي هڪ آيت آهي: "زماني جو قسم آ ته انسان واقعي خسارِي ۾

آهي!" ۽ اُهو ماڻهو، جيڪو گهٽو حساس بہ آهي ۽ شعور ۽ تجربي کان پوءِ دنيا جهان کي ڏسي ٿو، تاريخون پڙهي ٿو، پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جون حالتون ڏسي ٿو. پنهنجيءَ ذات کي هڪ پاسي رکي اجتماعي دڪ کي خيال ۾ رکي ٿو، جيئن چيو ويو: "اي روشنيءَ طبع تو برمن بَلا شدي!" اهڙي زندگي جڏهن اچي پوري ٿيڻ تي بيهي، تہ چئبو تہ "درد جي شام" ٿي! شاعر پنهنجي دل جي اها ڪيفيت بڌائيندي چوي ٿو: "درد جي شام آ، سج ويندو لهي." حياتي اچي پوري ٿي آهي، "درد" جيڪو هڪ وڏي بار جي صورت ۾ منهنجي مٿان پيل هو، اُهو مون ڏکيو سکيو ڪاٽيو. "سج ويندو لهي،" هاڻي تہ رات ٿيڻ واري آهي. رات کي هتي موت سان مشابهہ ڪيو ويو آهي ۽ ڏينهن کي حياتيءَ سان. ڪيڏي نہ هنن لفظ ۾ احساس جي گهرائي آهي! "درد جي شام آ، سج ويندو لهي، واءُ ۾ آهہ ڪا ڳالهڙي اڻ ڪهي."

شاعر چوي ٿو تہ "چوڏاري ڏسان پيو تہ منهنجي حياتي ختم ٿيڻ واري آهي! ڪجهہ مڙئي ٿيڻ وارو آهي. ڇا؟ سمجهي هرڪو پيو، پر چئي ڪوبہ نٿو بڌائي!"

"هي ٻهر پيلڙا، تا شفق ۾ ٻَرن." توهان ٻهر جا وڻ ڏٺا هوندا، اُنهن تي پيلا گل ڇانئجي ويندا آهن؛ ۽ جڏهن شام جي شفق جي اُس انهن تي پوندي آهي تہ اُهي چمڪڻ لڳندا آهن.

"هي ٻهر پيلڙا، تا شفق ۾ ٻرن!"، "چيلڙا تا چرن، ڏئي عجب آگهي." چيلڙا ٻهرن جون تاريون ڪائيندا آهن. ٻهر جا ڪنڌا وڏا ننڍا، تکا ۽ سخت ٿيندا آهن. جڏهن انهن کي چيلڙا چرندا آهن، تڏهن اهي ڪنڌن کي پري ڪندا، رڳو اُن جا نازڪ ۽ نرم پن چرندا وتندا آهن. اها چيلڙن جي ڏاهپ آهي! انسان جي باري ۾ شاعر ٿو چوي، بلڪ پنهنجي ئي حياتيءَ جي حقيقت بيان ٿو ڪري. "هي ٻهر پيلڙا" معنيٰ هيءَ اسان جي جيڪا سڄي زندگي آهي، اُنهيءَ ۾ حسناکي بہ آهي. انهيءَ ۾ ڏک بہ آهن ۽ خوشيون بہ آهن. بلڪ زندگيءَ ۽ انهيءَ جي خوراڪ ۽ غذا جو دارومدار بہ انهن ڏکن ڪاٽڻ تي آهي. شاعر ٻهر کي شايد دنيا جي پدارٿن سان ٿو پيٽي! يا چيلڙن کي ٻارڙن سان پيٽيندي، ٻهرن کي وڏڙن سان ٿو پيٽي!" "هي ٻهر پيلڙا تا شفق ۾ ٻرن" ۽ سج اچي لٿو آهي، تڏهن بہ مان ڏسان ٿو تہ مون کي زندگي ڪيڏي نہ وٺي ٿي!

"هي ٻهر پيلڙا، تا شفق ۾ ٻرن." سج لهي ٿو پيو ۽ حياتي اچي پوري ٿي آهي. آخري ڏينهن منهنجي سامهون آهن. موت لاءِ مان تيار آهيان، اُهو آيو ڪي آيو! پر تڏهن بہ چا ٿو ڏسان!".... "چيلڙا تا چرن، ڏئي عجب آگهي!"

هي منهنجون ڏيئرون، پوٽيون، ڏهٽيون ۽ ننڍڙا ننڍڙا معصومڙا پٽڙا، "چيلڙا" آهن، سي انهن "ٻهرن" مان فائدو وٺن ٿا ۽ انهن جو "ٻور" کائين ٿا. ڪهڙي نہ سٺوپري نموني سان هلن چلن ٿا پيا! شاعر اهو چڙ تہ پنهنجي سامهون وارو نظارو چٽيو آهي ۽ پنهنجي گهر ۾ ويني ويني چٽيو اٿس.

شيخ صاحب کي ٽي نياڻيون آهن، ۽ ٽنهي کي ٻارڙا آهن، ۽ هو اُنهن ٻارڙن سان ڏاڍو پيار ڪندو هو. اُهي هُن جي اڳيان گهمندا، ڦرندا رهندا هئا. کائنس خرچيون وٺندا هئا. پنهنجي نانبي سان انگل ۽ آرا بہ ڪندا هئا ۽ پنهنجي مائرن سان بہ انگل آرا ڪندا هئا. پنهنجي پاڻ ۾ وڙهندا جهڙنڊا بہ پيا هئا! هي سپئي هن جي اڳيان چڙ تہ "چيلڙا" هئا، جن ڪنڌا پري ڪري ٻور پئي چنو! "چيلڙا تا چرن، ڏئي عجب آگهي."... پنهنجي معصومانہ عقل ۽ سمجهداريءَ سان هو پنهنجي زندگي پيا گهارين ۽ سکن ٿا پيا!"

سکڻ تہ انهن کي آهي ئي!

مان هاڻ توهان کي غزل جي سڄي ڳالهہ ڪري بڌائيندس، پوءِ توهين سمجهي ويندا تہ شاعر ڪهڙي نہ لاڳاپيل نموني هيءُ سڄو غزل چيو آهي. غزل جي فني خصوصيت ۾ اها ڳالهہ آهي تہ ان جي هڪ بند جو ٻئي بند سان واسطو

نہ هوندو آهي، پر پوءِ اردوءَ وارن جيڪو نئون غزل پيدا ڪيو- پهرين فارسيءَ وارن به ائين ڪيو، ۽ سنڌيءَ ۾ سڀ کان اڳ ايياز ئي غزل کي اهو روپ ڏنو، جنهن موجب غزل هاڻي لاڳيتيءَ معني وارو ٿئي ٿو. گيت ۽ نظم وانگر لاڳيتي ڳالهه ان ۾ هاڻي بيان ٿئي ٿي. هاڻي ٻڌو، شاعر ڇا ٿو چوي:

"درد جي شام آهه سڄ ويندو لهي،
واءُ ۾ آهه ڪا ڳالهڙي اڻ ڪهي،
هي ٻپر پيلڙا ٿا شفق ۾ ٻرن،
ڇيلڙا ٿا چرن، ڏئي عجب آگهي.
پيا لهون لاڙ ۾، آهه رستو سڌو.
چند آ چوٽ جو، ۽ ڪنڌيءَ جي ڇهي!

لاڙ هينانهون ۽ لاهيءَ وارو آهي. آخري وقت واريءَ زندگيءَ لاءِ چوندا آهن ته "ٻيلي هاڻ ته منهنجا ٻئي پير قبر ۾ آهن!" "اسان جو قدم موت ڏانهن وڌي پيو" ۽ "آهه رستو سڌو!" موت ڏانهن ويندڙ رستو سڌو آهي. هيڏانهن هوڏانهن ڪير به اُن کان ڪنڌ ڪيائي پڇي نه سگهيو آهي.

"پيا لهون لاڙ ۾، آهه رستو سڌو."

"چند آ چوٽ جو." چوٽ وارو چند مهيني جي پوئين هفتي واري چند کي چئبو آهي. ان ۾ حياتيءَ جي آخري منزل ٿي پئي ڏسجي!

"چند آ چوٽ جو ۽ ڪنڌيءَ جي چهي."

موت جي فرشتي، عزرائيل، لاءِ چوندا آهن ته اهو "ڪن جا ساهه پٽ جي رومال سان ڪيندو آهي ۽ ڪن جا ساهه ڪنڌيءَ يا پير جي ڏنگهريءَ سان روڙي ڪيندو آهي!" بنهه معمولي لفظ آهن پر انهن ۾ جيڪي علامتون ۽ استعارا آهن، سي محسوس ڪرڻ وٽان آهن. شيخ ايياز جي شاعريءَ جي وڏي ۾ وڏي خوبي يا خصوصيت اها آهي ته سندس بيت هجي، غزل هجي، گيت هجي، نظم هجي، ڏوهيڙو هجي يا وائي هجي، يا سندس ڪا به شعري تخليق هجي، پنهنجي الڳ خصوصيت رکي ٿي. جيڪي ماڻهو شيخ ايياز جي شاعريءَ کان واقف آهن يا ان جا پڙهندڙ آهن، انهن جي اڳيان ڏهن ويهن شاعرن جا شعر رکو ۽ انهن سان ايياز جو شعر به گڏي رکو، ته هو يڪدم هٿ رکي چوندا ته "هيءُ شعر شيخ ايياز جو آهي!" بلڪل ائين لطيف جي بيت يا وائيءَ لاءِ به چئي سگهبو آهي.

اسان وٽ سچل به آهي، سامي به آهي، ۽ ٻيا بيتن ۽ ڏوهيڙن جا شاعر به آهن، پر شاهه جي شعر جي ايڏي سجاٽ آهي، جو شاهه جي شعر جو مطالعو ڪندڙ هڪدم سمجهي ويندو آهي ته هيءُ ڪي هيءُ شاهه جو شعر آهي.

پيا لهون لاڙ ۾، آهه رستو سڌو،
چند آ چوٽ جو ۽ ڪنڌيءَ جي چهي.

عزرائيل ڪنڌيءَ جي چهي ڪنيو اسان جي پنهيان ڏوڙندو ٿو اچي ۽ ان جي آڏو اسين پاڻ ۾ آهيون، ۽ پوءِ ڄڏهن شاعر پنهنجي گهر جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ڏسي ٿو، ۽ پنهنجي پياريءَ گهر واريءَ تي نظر ٿي پويس ته چوي ٿو:

"وار ٿي جا وڪيري اتر واءُ ۾،
تون انهيءَ کان سوا ڪونه سگهندين رهي."

وري اُنهيءَ ئي لهر ۾ هو پاڻ کان پڇي ٿو:

"هوءَ جيڪا هوا جيئن آزاد آ،
سچ چئجانءِ توسان وئي ڪيئن نهي."

هوءَ جيڪا سڄي عمر توسان واڳيل رهي آهي، تو هن تي ڪهڙو جادو ڪيو جو ائين هوءَ بنهه تنهنجي ٿي ويئي؟ اُها جيڪا هوا جيئن آزاد هئي!

هرڪو فرد آزاد آهي. مرد هجي، زال هجي، ٻار هجي، جوان هجي يا ٻڍو هجي!

پڇاڙيءَ ۾ شاعر پاڻ کان پڇي ٿو:

"ڪيئن زنجير هن تي پيا پيار جا."

۽ تو هن تي پنهنجي پيار جا زنجير ڪيئن جڙيا آهن، وڏا آهن؟ جو سڄي عمر ڪا گهڙي به توکان هوءَ پري رهي نٿي سگهي! اڳي هو چئي آيو ته "هيءَ جيڪڏهن مون کان وڇڙي وئي: موت ۽ ملاقات تي اعتبار ڪونهي، ٿي سگهي ٿو ته هوءَ مون کان اڳ ۾ مري وڃي. پوءِ هن کان سواءِ مان ڪيئن جيئندس! هن مون کي هيترو سنڀاليو آهي. مان ته هن جو محتاج آهيان!"

انساني سماج جا هينئر يعني جديد سماجيات ۾ ٽي وڏا عنصر يا حصا شمار ٿيل آهن: فرد (Individual)، ڪٽنب (Family)۽ قوم (Nation). انهن جي وچ ۾ ڪا برادري (Community) يا قبيلو (Tribe) آهي، ته انهن جي سماجياتي نقطي نگاهه کان اڄ گهڻي ڪا اهميت ڪانهي. انساني چڱائيءَ جا جيڪي به محڪم اصول آهن، ته انهن ٽن عنصرن سان لاڳاپيل آهن. هن وقت اُهي قدر يا سچ سماجي طور انهن ٽن حصن جي باهمي ڳانڍاپي (Integrity) يا وفاداريءَ (Commitment) جي قدرن طور سڃاڻجن ٿا.

شاعر جڏهن چيو:

"وار ٿي جا وکيري اتر واءُ ۾،
تون انهيءَ کان سوا ڪونه سگهندين رهي."

ته اها هُن ڪٽنب يا خاندان جي يڪجهتيءَ جي قدر جي ڳالهه ڪئي. ان جو هڪڙو وڏو مثال اسان جي سامهون آهي، حضرت علامه آءِ.آءِ.قاضي صاحب جن جو. جڏهن مدر ايلسا (اسين سڀ جنهن کي "مدر" يعني "ماءُ" چوندا هئاسين) گذاري ويئي ته ان کان پوءِ مرحوم قاضي صاحب ڏاڍو ملول رهڻ لڳو هو، ۽ ترت ئي پاڻ به هيءُ جهان ڇڏي ويو!

هڪڙي ئي گهر ۾ جيڪڏهن فيملي انٽيگرٽي يا ڪٽنبي سُٻنڌ يا ڳانڍاپو نه رهيو، باهمي پيار ۽ محبت جو رشتو نه رهيو، ته ڄڻ فرد کان پوءِ سماجي نظام جو ٻيو حصو يعني ڪٽنب اڻ موجود يا واوکر ٿي ويو. ڪٽنب يا خاندان ۾ جيڪڏهن زال ۽ مڙس (ماءُ ۽ پيءُ) جو سٻنڌ نه رهيو، يعني ماءُ جو درجو باعزت يا برابريءَ جو درجو نه رهيو ته ڄڻ فرد کان پوءِ قوم جي ٻئي ترڪيبي حصي ۾ ڦيٽاڙو ۽ فساد اُٿيو ۽ قومي نظام ۾ ڏار يا وگهن پيو.

"وار ٿي جا وکيري اتر واءُ ۾،
تون انهيءَ کان سوا ڪونه سگهندين رهي."

چئي، اياز پنهنجي ڪٽنبي حياتيءَ جا پنجاهه يا سٺ سال ياد ٿو ڪري، ۽ هن غزل ۾ ان سلسلي جا وڌيڪ ٻه بند يا مصراعون به ان ڪيفيت ۾ چيون اٿس:

هوءَ جيڪا هوا جيئن آزاد آ،
سچ چئجانءِ تو سان وئي ڪيئن نهي!
ڪيئن زنجير هن تي پيا پيار جا،
ڪا گهڙي ڪا نه تو کان سوا ٽي رهي.

هن سڃيءَ ڳالهه مان اوهين سمجهي سگهو ٿا ته شاعر جي هن سادي ۽ سولي غزل کي سمجهڻ لاءِ به پڙهندڙ کي ڪيتري محنت ڪرڻي پوي ٿي! اياز جي شاعريءَ کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ سچ پچ ته اسان کي تدريس جا هڪڙا ڪلاس قائم ڪرڻا پوندا. نه رڳو اياز جي شاعريءَ کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ، پر سنڌيءَ جي بين سڀني اعليٰ قومي شاعرن جي ڪاوش کي سمجهڻ ۽ پڙهڻ لاءِ پڻ پنهنجي تعليمي ۽ تدريسي نظام ۾ پوريءَ ذميداريءَ سان اسان کي اهڙا بندوبست ڪرڻا پوندا.

توهان کي ٻڌائيندي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي، ۽ توهين به ان ڳالهه جا شاهد آهيو، ته سنڌي تعليم جو نظام عملي طور اڄ ڏاڍو بگڙيل آهي. ان سلسلي ۾ انگريزن جو دور ياد ڪري، اسين انهن جو قدر ٿا ڪريون، ته انهن ڪم از ڪم اسان کي سنڌي ٻوليءَ جا ابتدائي پرائمري اسڪول قائم ڪري ڏنا هئا. سنڌيءَ کي اسان جي اسڪولي تعليم جي ذريعي وڏو هڪ مان ۽ تسليمي مليل هئي، پر گذريل پنجاهه سالن جي دوران اسان جي ان تعليمي نظام ۾ تمام گهٽو ضعف ۽ بگاڙ آيل آهي. جيڪڏهن توهان ۽ اسان اڄ ان سلسلي ۾ پنهنجي اک نه پٽي، ته اسان کي وڏي قومي هاڃي سان منهن مقابل ٿيڻو پوندو، بلڪ اڳتي هلي شايد وڏو کو ماتم ڪرڻو پوندو.

سچ پچ ته پنهنجي وڏي کان وڏي قومي فرض جي ادائگيءَ طور اسان کي نه رڳو ايازکي، شاهه کي، سچل ۽ ساميءَ کي ۽ بين پنهنجن قومي شاعرن، اديبن ۽ عالمن کي پڙهڻ لاءِ ڪلاس قائم ڪرڻا آهن، پر پنهنجن ايندڙ نسلن کي سندن مادري ٻوليءَ جي پڙهائڻ ۽ سيکارڻ لاءِ پوريءَ ذميداريءَ سان وڏي کا جدوجهد، وڏي کا جاکوڙ، ڪرڻي پوندي.

محترم عزيزو! اوهان جي تمام گهٽي مهرباني، جو ايتري توجهه ۽ صبر سان منهنجون هي چار ڳالهيون ٻڌيون آٿو، خدا حافظ! ياد رکندا ته اصلاحي ۽ افادي تنقيد بجا آهي، جائز آهي، روا آهي، پر فسادي ۽ مفادي تنقيد ناجائز، بيجا ۽ ناروا آهي. شال اوهين، اسين ۽ ٻيا خير جي پاسي هجون ۽ خيريت سان هجون.

(۲۹-۱۲-۱۹۹۷ع تي ايازجي تدفين کان پوءِ، حيدرآباد ۾ منعقد ڪيل تعزيتي اجلاس ۾ ڪيل تقرير)

لَٽو ناهه لڳن تي هن کي سيءُ پيو ٽو ساڻي، هُو،
اَڪ سُڪا باري ڪاتي ٽِي رات جڏهن ڪا پاڻي، هُو،
ڪوئي مسافر آيو تنهن ۾ آ ليڙي ڪي لاڙي، هُو،
ڪَٽ ڏِلي مهمان ملي آ، تانگهه پيو جٽ تاڙي، هُو.
- شيخ ايياز

محمد ابراهيم جويو

اياز زندهه آهي، هو ڪڏهن به مري نٿو سگهي

محترم بزرگو ۽ عزيز دوستو! اڄ اسان کي هيءَ گهڙي نصيب ٿي آهي ته شيخ اياز جي معصوم روح جي حضور ۾ پنهنجي عقيدتمنديءَ جي گلن جي ورکا ڪيون.

توهان اِها ڳالهه هر هر ٻڌي ۽ پڙهي هوندي ته اياز ۽ لطيف، ٻيئي نانوَ جڙ گڏ گڏ اسان جي سنڌي ادب جي حوالي سان گونجندا رهن ٿا. گذريل چاليهه پنجاهه سالن کان، اهي جيڪي ٻيئي نانوَ آهن، اِهي گڏ گڏ ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن. ايتري تائين، جو توهان کي اِهو ٻڌي تعجب ٿيندو ته سنڌ ۾ ڪارن تي "اياز"، "اياز لطيف" يا "لطيف اياز" نانوَ رکيا ويندا آهن. اياز سان جيڪا محبت ۽ عقيدت عوام جي آهي، ان جي ترجماني اِن مان به ٿئي ٿي.

شيخ اياز کي گهٽيون محبتون، ادب ۽ احترام، عوام جي طرفان مليو آهي ۽ کين ڪڏهن به اها شڪايت نه رهي ته سندس سنڌ ۾ قدرداني يا قدرافزائي نه ٿي.

هاڻي ان "لطيف ۽ اياز" جي عوامي محبت جو تاريخي پيش منظر اوهان جي اڳيان آڻڻ چاهيان ٿو. اهو ٻڌي اوهان کي حيرت ٿيندي ته لطيف اُن زماني ۾ پيدا ٿيو ۽ پاڻ "شاهه جو رسالو" جوڙيائون جنهن زماني ۾ مغلن جي شهنشاهت زوال پذير هئي، ۽ اياز جنهن دور ۾ اسان جي اڳيان آيو، ته حيرت جي ڳالهه آهي ته بي هڪ شهنشاهت، يعني انگريز شهنشاهت، جو زوال هو. مغلن سنڌ تي بيحد ظلم ۽ تشدد ڪيو، خاص ڪري پنهنجن زوال وارن ڏينهن ۾ ته حد کان به وڌهي ويا، ۽ انگريزن به پنهنجي زوال جي آخري ڏينهن ۾ جيڪي فريب پنهنجي سامراجي سياست جي ذريعي ڪرڻ شروع ڪيا، تن جي ڪري سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ناقابل تلافي نقصان برداشت ڪرڻو پيو. اياز اُن انگريز جي زوال پذير سلطنتشاهيءَ جي دور جي پيداوار هو. اياز ۽ لطيف کي اهڙا دور مليا، جن دورن ۾ اشد ضرورت هئي سنڌي قوم کي ته سندس جيڪي مشترڪ مفاد آهن- سنڌي زبان به قوم جو گڏيل مفاد آهي، وطن سنڌ به قوم جو گڏيل مفاد آهي- تاريخي طور تي لطيف ۽ اياز ٻنهي کي سنڌي قوم جي رهبري ڪرڻ جو ڪردار ادا ڪرڻو هو ۽ اهو هنن زبردست طريقي سان ادا به ڪيو. حيرت جي ڳالهه آهي ته لطيف جي زماني ۾ به سنڌي شاعريءَ جي هڪ ڪهڪشان اپري، جنهن ۾ لطيف، سچل ۽ سامي ڪيترا سال ته همعصر جي حيثيت ۾ به رهيا ۽ ان کان پوءِ ڪافي شاعر اسان کي ملن ٿا- هڪ Galaxy of poets آهي. جيئن لطيف ۽ مغلن جي زوال وارن ڏينهن ۾ سنڌ کي شاعر مليا، بلڪل اهڙيءَ طرح اسان انگريزن جي زوال پذير دور کي ڏسون ٿا، جنهن ۾ اياز اسان کي نصيب ٿيو- ته اياز ۽ ساٿس گڏ به Galaxy of poets آهي. اهو تاريخ جو عجيب ۽ پاڳائتو اتفاق سمجهڻ ڪپي. جديد دور ۾ سنڌي شاعريءَ کي، اياز جيڪا نئين زندگي عطا ڪئي، ظاهر آهي ته اهو به هڪڙو صدمبارڪ انقلاب هو ۽ گويا سنڌي شاعريءَ کي نئون جنم نصيب ٿيو.

ون يونٽ جي دور ۾، يا ان جي وچ ۾ جيڪي به ٻيا اهم واقعا گذريا آهن، ڊڪٽيٽرشپ جا، مارشل لا جا، انهن ۾ جيڪا سنڌ جي عوام جدوجهد ڪئي آهي، انهيءَ سڄي عرصي ۾ نه رڳو مان ۽ اياز گڏ رهياسين، پر سنڌ جي

سچي جدوجهد ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي موجود رهياسين، ۽ ان ۾ پنهنجي ساڃاهه ۽ صلاحيت جي مطابق جيڪو به قومي خدمت جو اهم ڪردار هو، اهو ادا ڪندا رهياسين. مان ان ڳالهه کي وڏائڻ نٿو چاهيان، چاڪاڻ ته هيءُ اُن جو موقعو ناهي. مان ته اڄ رڳو ايياز جي ياد ۾ عقيدتمنديءَ جي ڳالهه ڪري رهيو آهيان. توهان هتي آيا ۽ ايڏو شاندار ۽ باوقار جلسو ڪيو اُٿوَ، ان ريت مان سمجهان ٿو ته هڪ فرض جي ادائگي ٿي. مان هن موقعي تي اوهان جي خدمت ۾ شيخ ايياز جو هڪ پچاڙڪو غزل پيش ڪريان ٿو، جيڪو سندس ذاتي زندگيءَ بابت آهي. ان غزل جي پس منظر ۾ مون طويل مضمون لکيو آهي، جيڪو ٿيمن چاليهن صفحن تي آيل آهي. هتي فقط مان اوهان کي اهو غزل پڙهي ٻڌايان ٿو، جنهن مان اوهان تي اهو واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته ايياز ڪيڏو نه محبتي مائهو هو. پنهنجي بيگم صاحبه سان، پنهنجن ٻارن سان، پنهنجن پٽن پوٽين، ڏهٽن ۽ ڏوهٽين، هڪ وڏي ڪٽنب سان هو ڪهڙي ٻاجهاري طريقي سان، محبت ۽ پيار سان، پيش ايندا هٿا، اهو اظهار هن غزل ۾ موجود آهي:

درد جي شام آ، سڄ ويندو لهي،
واءُ ۾ آهه ڪا ڳالهڙي اڻ-ڪهي!
هي ٻهرَ پيلڙا ٿا شفق ۾ ٻرن،
چيلڙا ٿا چرن، ڏٺي عجب آڳهي!
پيا لهون لاڙَ ۾، آهه رستو سڏو،
چنڊ آ چوٽ جو ۽ ڪنڊيءَ جي چهي!
وار ٿي جا وکيڙي اُتر واءُ ۾،
تون اُنهيءَ کان سواءِ ڪونه سگهندين رهي!
هوءَ، جيڪا هوا جيئن آزاد آ،
سڄ ڇڻجاءِ، توسان وئي ڪئن نهي؟
ڪيئن زنجير هُن تي پيا پيار جا،
ڪا گهڙي ڪانه توکان سوا ٿي رهي!

ايياز هر طرح هڪ محبوب شخص هو. سندس زندگيءَ جو، شعر جو، جيترو گهٽو مطالعو ڪيو وڃي، اهو گهٽ آهي. سندس جيترو ڪلام آهي، اهو هڪ ڪليات جي شڪل ۾ شايع ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ مون اندازو ڪيو آهي ته ايياز جي شاعريءَ جا لڳ ڀڳ ڏهه واليوم ٿيندا ۽ هر واليوم اٽڪل ڇهه ست سؤ صفحن تي مشتمل هوندو. شاعريءَ جي رڳو مقدار جي لحاظ کان به دنيا ۾ گهٽا شاعر آهن. پر مان سمجهان ٿو ته ان لحاظ کان به دنيا ۾ ايياز پنهنجو مثال پاڻ آهي. سندس شاعري مقدار جي لحاظ کان به عالمي شاعريءَ جي صف اول ۾ بينل آهي، ۽ ايياز ڪنهن به ريت پرتيءَ جو شاعر به ناهي، سندس هر شعر جو هڪ معيار آهي.

توهان کي ڪنهن ٻڌايو هوندو تہ رسول بخش پليجي صاحب چيو آهي ته "اسان ايياز کي ناهيو". پليجي صاحب اِها ڳالهه نيڪ نيتيءَ سان ڪئي آهي. پليجو نه رڳو ايياز جي شاعريءَ، پر مجموعي ادب جو سنجيده شاگرد رهيو

آهي، ۽ هن نڪي چاهيو تہ سندس ڳالھ جو غلط مطلب ڪڍيو وڃي. تنھنڪري پليجي صاحب ٻئي ڏينھن ھڪ مضمون روزاني "سنڌ" حيدرآباد ۾ لکيو، جنھن ۾ ھو لکي ٿو تہ "ايياز ويھين صدي- جو نہ رڳو سنڌ، نہ رڳو انڊيا پر دنيا جو عظيم شاعر آھي."

مان اوھان کي ٻڌائيندو ھلان تہ ايياز جيڏو ڪم نظم ۾ ڪيو آھي، ايڏو ئي نثر ۾ بہ ڪيو آھي. اِھا ھڪ حيرت ۾ وجھندڙ ڳالھ آھي تہ ڪو شخص جيڪو وڪالت بہ ڪري- مان چاڻان ٿو تہ صبح سويري ايياز وڪالت لاءِ تيار ٿي ڪورٽ ويندو ھو ۽ ھميشہ مقدمي جي پيروي اھڙي دانشوراڻي طريقي سان ڪندو ھو، جو قابل جج بہ سندس صلاحيتن جو اعتراف ڪندا ھئا- ھو صبح جو پنجين ڇھين وڳي ننڊ مان جاڳندو ھو، مقدمي جي تياري ڪندو ھو، ڪورٽ ۾ سڄو ڏينھن رھندو ھو- پوءِ ڪھڑي وقت ۾ ھو شاعري ڪندو ھو، اھا ھڪ عجيب Mystery آھي، جيڪا ھو خود بہ اسان کي سمجھائيندي سمجھائيندي، سمجھائي نہ سگھندو ھو. اڄ افسوسناڪ حالت اِھا آھي تہ سنڌ جي تعليم زوال پذير آھي، اسڪول بند ٿي رھيا آھن، ۽ سنڌي زبان جي تعليم جي ٻيڙي ٻڏي رھي آھي. اھو تمام وڏو ھاڃو آھي سنڌ جو، ۽ سڄي پاڪستان جو بہ، جنھن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۽ تدريس جو ايڏو زوال اڪثين ڏسجي. ان صورتحال ۾ جڏھن سنڌي زبان ھر طرح سان پوئتي ڌڪجي رھي آھي، تنھن ٻوليءَ ۾ نثر ۽ نظم جو ايڏو وڏو اظھار ۽ ايڏي وڏي اپٽ ڪري، جيڪو سچ پچ تہ ھڪ چمتڪار آھي، ھڪ شخص اسان وٽان رخصت ٿئي، تہ اسين اھو نٽا چئي سگھون تہ ھو ھاڻي اسان وٽ موجود ڪونھي!

عزيزو! ايياز جيئرو آھي، ھو ڪڏھن بہ مري نٿو سگھي. ايياز جو روح اسان سان زندھ آھي، اسان سان گڏ آھي ۽ آءٌ تہ ان کي پنھنجي اڪثين ڏسان ٿو، سندس ڪم جي صورت ۾؛ ھن جي شاعري، ھن جا ڪتاب ۽ ھن جون يادون سدابھار آھن، جيڪي ڪڏھن بہ وسري نٿيون سگھن. ھن جي ياد ھميشہ اسان سان گڏ رھندي.

[۸-جنوري ۱۹۹۸ع پريس ڪلب ڪراچيءَ پاران ايياز جي ياد ۾ ڪرايل پروگرام ۾ اردوءَ ۾ ڪيل صدارتي تقرير جو ترجمو]

نِم جي ڇانوَ ٿڏي آ ڪيڏي آءٌ تہ ڪو دم ويھون، ھُو،
پاڻُ بہ جٹ آڪاس جيان آ، آءٌ انھيءَ ۾ پيھون، ھُو،
ھن ڌرتيءَ جون ڪوڙيون ڳالھيون چئجن ڪيھون ڪيھون، ھُو،
ٻار تہ ڪيڏو خوش لڳي ٿو ڪائي وينو پيھون، ھُو.

- شيخ ايياز

محمد ابراهيم جويو

اياز جي خدمتن جو هڪ مختصر احوال

۱۹۵۵ع جي شروع ۾، سنڌي ادبي بورڊ جي سماهي رسالي "مهراڻ" جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾، سنڌي ادب دوستن کي خَطَ لکيم، جن ۾ کين گذارش کيم ته وقت بوقت علمي ۽ ادبي نوع جا خطَ اسان ڏانهن لکي موکلين، جيئن اُهي "مهراڻ" ۾ اُن خاص عنوان هيٺ شايع ڪري سگهجن، ۽ "مهراڻ" ۾ اُهو هڪ مُستقل ۽ خصوصي عنوان قائم ٿي وڃي. منهنجي عزيز دوست "اياز" کي چڱي مَنَ ۾ پيئي، ۽ هڪڙو نهايت پيارو خط لکي موکليائين. اُن هڪڙي خط کي کافي نه سمجهي، کانئس اهڙن ٻين خطن جي گهُرَ ڪيم، ۽ اُهو سلسلو ائين شروع ٿيو، ۽ "اياز" جا پهريان پنجَ خط "مهراڻ" ۱۹۵۵ع جي اونهاري واري پرچي ۾ "اسان جي شاعر جا خَطَ" عنوان هيٺ پيش ڪيا ويا. اُن کان پوءِ "اياز" جا ٽي خط "ادب لطيف" جي عنوان هيٺ "مهراڻ" ۱۹۵۵ع جي سَرَءُ واري پرچي ۾ پيش ڪيا ويا. اهڙيءَ ريت ويهارو ڪن خط وڌيڪ کانئس پهتا، جيڪي به پهريائين "مهراڻ" ۾ وقت بوقت شايع ٿيا. اڳتي هلي، اٽن سالن کان پوءِ، ڊسمبر ۱۹۶۳ع ۾، "اياز" کان پهتل سڀئي اُهي خط "جي ڪاڪ ڪوريا ڪاپڙي" نالي سان جدا ڪتابي صورت ۾ پڌرا ٿيا.

شروع ۾ ئي، "اياز" جي پهرين پنجن خطن شايع ٿيڻ تي، ڪن سنڌي ادبي حلقن ۾ عجيب تاءُ پيدا ٿيو، جو تَپي تَپي، ڪافي دير کان پوءِ وڃي ڪجهه قدر مانو ٿيو. ڪن خاص اخبارن ۾ ادبي تنقيد جي نالي ۾ ادارين ۽ مضمونن جا لاڳيتا ۽ ڊگها سلسلا ڇپيا، جن ۾ ادبُ گهٽ، ويڑَ وڌيڪ، ۽ تنقيد بدران تهمت بازي زياده هئي. ڪن صاحبن ته "اسان جي شاعر جا خط" عنوان مان، لفظن جي آڙ ونڊي، اها به تهمت گهڙي ورتي ته "مهراڻ" وارا رڳو "اياز" کي ئي "اسان جو شاعر" سمجهن ٿا ۽ ٻئي ڪنهن کي شاعر تسليم ئي نٿا ڪن. بهرحال، نندي کَنَڊ جي ورهاڱي واري سالَ ۱۹۴۷ع کان پوءِ، سنڌي ادبي دنيا ۾ جيڪا چوڌاسي مات پنجي ويئي هئي. تنهن ۾ رسالي "مهراڻ" جي وساطت سان خاص طرح "اياز" جي شعر ۽ "اياز" جي نثر جي طفيل هڪ ڀيرو وري هلچل پيدا ٿي، ۽ سنڌي ادبَ، جيڪو پنهنجي ٻي مثل ڪلاسيڪي شاعرن ۽ نثر نويسن جي گودَ ۾ ننڊ مان اکيون کولي، هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، آرَسُ پيجي، وري پرڀات جي منِيءَ هير تي ٻيهر سمهي رهيو هو، تَنهن "اياز" جي اُن آواز تي پاسو ورايو، ۽ پنهنجي آئنده لافاني زندگيءَ جي پهرئين صبحَ صادقَ جو اُتي سلام ڪيو. آءٌ اياز کي اُن نئين سنڌي ادب جي صبحَ صادقَ جو پهريون ندير ۽ پهريون پورهيت ٿو سمجهان.

جون ۱۹۶۲ع ۾ "اياز" جي شعر جو پهريون ڪتابُ "پونر پري آڪاس"، پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان شايع ٿيو. اُن جو مهاڳُ "اياز" پاڻ لکيو، جنهن ۾ چيائين:

"منهنجو ۱۹۴۷ع کان اڳ جو لکيل اڻ ڇپيل ڪلام ضايع ٿي چڪو آهي. هن مجموعي ۾ منهنجو ڪجهه ۱۹۴۷ع کان اڳ جو ڇپيل ڪلام منهنجي زهر آلود تبسم جي آڳ ۾ جَلي ويو. اُن لاءِ ذميوار اُها بي انتها مايوسيءَ جي 'اڪر اڳيان اُپري، واڳون ٿي وريام' واري ڪيفيت هئي، جنهن جو تفصيل فقط منهنجي زندگيءَ جي ڪنهن زخمَ پنهان کي تازو ڪندو، باقي ڪنهن خاص دلچسپيءَ جو باعث نه ٿيندو..... منهنجي پهرئين شعري مجموعي ۾ بيت، دوها، گيت، وايون، نظم، آزاد نظم، قطعا ۽ غزل آندل آهن..... منهنجي بيت جي هيئت قديم شاعريءَ جي بيت جهڙي آهي، باقي اُن جي موضوع ۾ جِدّت آهي. بيتن ۾ ڪم آندل ٻولي ٽيٺ سنڌي آهي، ڇو ته بيت جي ٻوليءَ ۾ فارسي آميزيءَ جي گنجائش بلڪل نه آهي، ۽ هندي آميزيءَ جي گنجائش به گهٽ آهي. بيت سنڌي زبان جي منفرد صنف سخن آهي.... اهو خيال غلط آهي ته سنڌي

بيت ناموزون شعر آهي، جيتوڻيڪ اُن جو فارسي بحر وزن سان ڪوئي بہ تعلق نہ آهي. بيت جي تقطيع (ڇند وديا جي اصولن تي) ايتري پختگيءَ ۽ گرفت سان ٿي سگهي ٿي، جيتريءَ سان ٻيءَ ڪنهن صنف سخن جي ڪئي وڃي. دراصل سُٺي سنڌي بيت جي تخليق نهايت مشڪل آهي، ۽ سٺو بيت اُهوئي لکي ٿو سگهي جنهن کي روح ۾ رواني ۽ ٻوليءَ تي بي انتها قدرت هجي. سنڌي بيت الهامي شعر آهي، آيت آهي. مون سنڌي بيت کي تصوف ۽ رواياتي شاعريءَ جي ڍير مان ڪڍي، اَڇو اُجرو ڪري، نئين رنگ ۽ روپ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اُها ڪوشش ڪيستائين ڪامياب آهي، اُن جو منصف مان نہ آهيان..... منهنجي واين جي هيئت ۽ موضوع پڻ جداگانہ ۽ جديد آهن. منهنجون وايون [اڪثر] فارسي بحر ۾ آهن، پر اُنهن ۾ قديم وائيءَ جو تسلسل آهي، جو درحقيقت وائيءَ جي صنف سخن جي جان آهي..... هن مجموعي ۾ دوهي ۽ گيت جو موضوع بہ ڪلاسيڪي دوهي ۽ گيت کان زياده وسيع آهي.... نظم ۽ آزاد نظم ۾ بہ مون ترنم ۽ نغمگي برقرار رکڻ چاهي آهي. ترنم جي تخليق لاءِ نہ قافيو لازمي آهي ۽ نہ نظم جي ڪائي خاص هيئت. آزاد نظم پڻ شعري ڪيفيت جو نہ آزادانہ جولان آهي، نہ بي راهروي، جيئن عام طرح سمجهيو ويندو آهي. دراصل آزاد نظم ۾ مقفيٰ نظم کان زياده ترنم ۽ فني صلاحيت جي اِظهار جي گنجائش آهي.... مان وائيءَ، نظم، آزاد نظم، قطعي ۽ غزل ۾..... فارسي لفظن ۽ ترڪيبن جو محدود استعمال اعتراض جوڳو نٿو سمجهان، ڇو تہ گذريل ٻن سؤ سالن ۾ فارسيءَ ۽ اردو زبان ۽ شعر جو سنڌي زبان ۽ شعر تي ڪافي اثر پيو آهي، ۽ اُن کان منحرف ٿيڻ اسان جي ٻوليءَ ۽ شعر لاءِ مُضر ثابت ٿيندو. ساڳيءَ ريت، مان هر مُستعمل هندي لفظ جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي وسعت، حسن ۽ ترقيءَ جو حامل ٿو سمجهان. پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪنهن ڌاري ٻوليءَ، خصوصاً هنديءَ جي موزون لفظن سان تعصبُ مان ڪَج فهميءَ جي نشاني سمجهندو آهيان. هنديءَ جو هندستان- پاڪستان جي زياده تر ٻولين سان قريبي تعلق آهي، جنهن کان متعصب اردودان بہ انڪار نہ ڪري سگهندا، ۽ اُن جي مروج ۽ مانوس لفظن ۾ اها شيريني ۽ لطافت آهي، جا شايد ئي ٻيءَ ڪنهن اهڙيءَ زبان ۾ هجي، جنهن جا لفظ اسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ بي ساختگيءَ سان جذب ڪري سگهون.... غزل جي فارسي ۽ اردو روايتن کان ڪڏهن ڪڏهن هَٽي، مون اُن کي سنڌي روايتن ۾ رڱيو آهي. اها ساڳي ڪيفيت اردوءَ جي هندي آميز غزل ۾ بہ ملي ٿي.

فن شاعريءَ جي معيار تي سوچيندي، مون کي شاهہ جي سِٽ- 'ڪنَوَل پاڙون پاتار ۾، ڀونر ڀري آڪاس' - ياد پوندي آهي. هر عظيم شاعر جي روح ۾، سندس پوري ماضيءَ، ۽ اُن جي فني تخليقات، روايات ۽ فلسفہء حيات جون جَڙون آهن، جي هُن جي شاعريءَ جي نشونما ڪري، ان کي ٽڙيل ڪَنوَل جو روپ ڏين ٿيون، ۽ هُن جي فن ۽ فڪر جي انفراديت، ڀونر جئن ڀِرندي، آڪاش ۾ اُڏامندي ٿي رهي. جڏهن 'ٻنهي سندي ڳالهڙي' راس ٿي اچي، تڏهن هڪ فني شهپارو تخليق ٿئي ٿو. منهنجو ڪلام انهيءَ معيار تي ڪيستائين پورو آهي، اُن جو منصف مان تہ يقيناً نہ آهيان، پر شايد اوهين بہ نہ ٿي سگهو! منهنجي اَنانيت ۽ حد کان زياده خوداعتمادي (جا گهڻو ڪري هر فنڪار ۾ هوندي آهي) ۽ پنهنجيءَ تخليق لاءِ بي انتها محبت منهنجي صحيح اندازي جي راهہ ۾ ضرور حائل ٿيندي؛ ۽ شايد اوهان جي دَور جا تَوَهُمات، فن ۽ زندگيءَ جو مانوس تخيل ۽ پنهنجي همعصر جي فن کي تسليم ڪرڻ ۽ اُن لاءِ تحسين جي اظهار ڪرڻ جي فطري گهٻراهٽَ اوهان جي صحيح جائزي ۽ نتيجي تي اَثر انداز ٿين. نہ فقط منهنجي تخليق جو پر هر فنڪار جي تخليق جو منصف فقط وقت آهي. مان فقط ايترو يقين سان لکان ٿو تہ منهنجو فن ۽ فڪر ڪنهن بہ تقليد يا مصلحت آميزيءَ کان ڪوهين دور آهي، ۽ مون اهڙي هڪ سٽ بہ نہ لکي آهي، جا منهنجي روح جي گهراين مان چِيرجي نہ نڪتي هجي....

هيءُ ڪتاب نہ 'برگ سبز' آهي نہ 'تحفہء درويش' ۽ نہ هر بينوا لاءِ آهي. هيءَ ڪويَل جي ڪُوڪَ آهي. ڏسجي تہ اُها رات جي انڌاري ۾ گم ٿي وڃي ٿي يا وقت جي هانوَ ۾ بڙڇي ٿي لڳي ٿي."

"پونر پري آڪاس" ايياز جو پهريون شعري مجموعو هو، ۽ اُن جي پيش لفظ طور لکيل سندس مٿيون مضمون گويا سندس ادبي سفر، جيڪو ائين شروع ٿيو هو، ان جو اهو گويا سندس پڌرنامو هو.

ايياز جو پهريون نثري ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ڊسمبر ۱۹۶۳ع ۾ شايع ٿيو. ساڳئي اُن مهيني ۾ ساڳئي اُن سال ايياز جو ٻيو شعري مجوعو "ڪلهي پاتم ڪينرو" ب پڌرو ٿيو، جنهن جي مهاڳ ۾ "ايياز" پنهنجي ادبي پڌرنامي کي ڪجهہ وڌائيندي، پنهنجن پڙهندڙن سان هيئن پنهنجا خيال وَنديا:

"..... جي سماج کان فرار ممڪن آهي، تہ اُهو اُنهيءَ زمين کان فرار آهي، جنهن مان آرٽ جي پرورش ٿئي ٿي. پال گوگيءَ ۽ ماياڪووسڪيءَ جو فرار آپ گهات جا ب مختلف طريقا آهن. ٽيون طريقو اُهو آهي جو مون چونديو آهي: پنهنجي ويساهہ جي چندچاڻ ڪري، بنيادي ڳالهيون ڳولي لهان، هر عارضي ۽ مصلحت آميز ڳالهہ کي ٽڏي ڇڏيان ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي اَٽل ٿي بيهان، ۽ اُن لاءِ مون کي جيڪي ب سَهٽو پوي، اُهو سهان. هر عظيم فنڪار پنهنجي دور کان اڳ ۾ پيدا ٿيندو آهي."

اُن ئي مهاڳ ۾ پوءِ ايياز هڪڙي نثر نويس ۽ ٻن شاعرن جا قول ڏنا آهن:

"تاريخ گواهہ آهي تہ ڪڏهن ب جبر و ستم ۽ رسم و رواج جي مائي پاڻيءَ زندگي پيدا نہ ڪئي آهي. هر دور ۾ اهڙي انسان جي ضرورت آهي، جو اُن ۾ پٿر اڇلائي، ولوڙا پيدا ڪري. زندگيءَ جو مدار هميشہ اُنهيءَ تحرڪ تي آهي، جو هڪ انوکو اڻپنگ انسان پيدا ڪري ٿو. اُنهيءَ زندگيءَ جي واسطي هر قوم کي ڪي جوکا ڪٽڻا آهن ۽ اُن کي ڪفر ۽ بغاوت کي ڪجهہ جاءِ ڏيڻي آهي. جي اُن کي زنده رهڻو آهي، تہ اُن کي اُهو جوکو ضرور ڪٽڻو آهي. (هربرٽ ريڊ جي ڪتاب "شاعري ۽ انارڪزم" تان کنيل)

ٻيو قول: "اڄ وچ ختم ٿي...
مان اڪيلو بينو آهيان....
هيءَ جيوَن ڪهڙو نہ ڪٺن، ۽ منهنجو پٿرائون رستو ڪيترو نہ لنبو آهي!"

ٽيون قول: "مان انهيءَ ساراهہ جو مستحق نہ آهيان:
سچ پچ، منهنجا دوست! منهنجو جيءُ جلڻ لڳي ٿو،
جڏهن تون منهنجيء سچائيءَ جي ساراهہ ڪرين ٿو،
مان انسانَ وانگر رهان ٿو، نہ چيتي وانگر.
منهنجيءَ ستم زده دل ۾ خوف جو آستان آهي.
اعتبار ڪر تہ مان خوف زده آهيان! مان خوفزده آهيان!
ها، پر-
مون کي موت کان ب وڌيڪ خود فريبيءَ ۽ ذلت جي زندگيءَ کان خوف ٿئي ٿو." - هنگريءَ جو شاعر ،زولٽن زيلڪ.

انهن ٽن قولن کان پوءِ ايياز پنهنجي اُن ٻئي شعري مجموعي جو مهاڳ پنهنجن پڙهندڙن کي هيئن چئي پورو ڪيو:

"تون ڏکر جي ٽانوَ ۾ پاڻي پي رهيو آهن. مان توکي بلور جي صاف ڪوزي ۾ ميءِ آڇيان ٿو. تون منهنجيءَ ميءِ کان ڇرڪين ٿو، ڇو تہ تون انهيءَ بينل تلاءُ جي پاڻيءَ سي هِري ويو آهين. توکي اِهو ٻاڙو پاڻي

گهر ويٺي ملي ٿو، تنهنڪري تون اِها تڪليف بہ نٿو وٺين تہ تون اُهو شفاف جهرڻو ڳولي لهين، جنهن جي ڀر تان تنهنجا وڏا ڪجهہ صديون اڳ لڏي آيا هئا. مون اُنهيءَ ساڳئي جهرڻي جي پاڻيءَ تي انگور جون وليون پوکي، اُنهن جي ميوي جي رَس مان هيءَ مئي جوڙي آهي. تون اِنهيءَ مان چُڪي چَکي ڏس. شايد اِها توکي امر ڪري ڇڏي!"

هيءَ پنهنجي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو اياز سيد حسام‌الدين راشديءَ جي نالي منسوب ڪيو هو، هِي لفظ چئي:

"سيد حسام الدين راشديءَ جي نالي،
جنهن جي روح مان
اروڙ جي مٽيءَ جي ڀِني خوشبوءِ ايندي آهي."

پنهنجي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب "ڀونر ڀري آڪاس" (جون ١٩٦٢ع) اياز مون ڏانهن منسوب ڪيو هو، ۽ پنهنجو پهريون نثري ڪتاب، "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" هُن سوڀي گيانچنداڻيءَ جي نالي منسوب ڪيو هو، ۽ ڏانهس شاهہ جي امر سِٽ منسوب ڪئي هئائين.

"عاشق زهر پياڪ، وِهہ ڏسي وهسن گهڻو!"

اياز جا هي پهريان ٽيئي ڪتاب، "ڀونر ڀِري آڪاس" ١٩٦٤ع ۾، "ڪلهي پاتم ڪينرو" ١٩٦٨ع ۾ ۽ "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" بہ ١٩٦٨ع ۾، سنڌ دشمن ون-يونٽي حڪومت، سنڌ ۽ سنڌي ادب جي بدخواهن جي چُرچ تي ضبط ڪيا، ۽ اڄ تائين اُهي ائين ضبطيءَ هيٺ آهن.

اُنهن ٽن ڪتابن جي اشاعت کان پوءِ اياز جا اٺ شعري مجموعا "جل جل مشعل جل" ١٩٦٧ع ۾، "هي گيت اجايل مورن جا" ١٩٦٨ع ۾، "ڪي جو ٻيجل ٻوليو" ۽ "ڪپرُ ٿو ڪُنَ ڪري" ١٩٧٠ع ۾، "وڄون وسڻ آئيون" ١٩٧٣ع ۾، "لڙيو سج لَڪن ۾" ١٩٨٠ع ۾، "راج گهاٽ تي چنڊ" ١٩٨٧ع ۾ ۽ "بڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي" ١٩٨٨ع ۾ شايع ٿيا، جن سڀني تي مهاڳن لکڻ جو شرف مون کي نصيب ٿيو. اِن وچ ۾ اياز منظوم ڊرامو، "ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي" ١٩٧٤ع ۾ لکيو، جيڪو اسان جي محبوب ساٿيءَ رشيد ڀٽيءَ جي ٣٢ صفحن تي پکڙيل مهاڳ سان آگسٽ ١٩٨٦ع ۾ شايع ٿيو.

١٩٨٨ع کان پوءِ لطيف جي لافاني سِٽ "مَنجهي مُلهہ املهہَ ٻاهر ڪَوجها ڪاپڙي" جو مثال ٿيندي، پنهنجي املهہ زندگيءَ جي آخري نَوَن سالن ۾ اياز واڌو ٢٦ شعري مجموعا تخليق ڪيا.

ڪو عجب ناهي، جو سڄيءَ عمر جي ايڏي يوگدان کان پوءِ پنهنجي "الوداعي گيت" ۾ ايازُ ائين چئي اسان کان موڪلائي:

جئن سانوڻيون ڀرجي وسن
ٿَرَ بَرَ وسائي ٿو وڃان
ڇا ڇا وڄون ٿيون وَرَ وجهن
جئن گيتَ ڳائي ٿو وڃان
پر هي ڪُلهي تي ڪينرو
ڪيسين وڄايان!
الوداع!
اي سنڌ توکي الوداع!
اي هند توکي الوداع!

تو ۾ هيو سارو جڳت
اي جندُ توکي الوداع!

عزيزو، اوهان جي صلاح هجي ته پڇاڙيءَ ۾ اياز جو هڪڙو نظم اوهان جي آڏو پڙهان. دل ته ڏاڍو چاهيندي ته اُن جو ڪجهه تفسير ۽ ڪجهه تعبير به ڪري ٻڌايان، پر اُن لاءِ موقعو ۽ مهل شايد اڄ ميسر نه هجي- ڇو ته هن کان پوءِ اياز متعلق پنهنجو هڪ مختصر انگريزيءَ ۾ لکيل تاثر به پڙهڻو اٿم. هيءُ ٽن بندن جو مختصر نظم آهي- ڪو عنوان ڪونه اٿس- سندس شعري مجموعي "راج گهاٽ تي چَنڊ" جي صفحي ٢٢٢ تي آيل آهي. هيءُ سڌو صاف ۽ سادو ۽ مختصر نظم هئين آهي:

ونُ به ساڳو واسُ به ساڳو،
مَنّ به ساڳو ماسُ به ساڳو،
ڌرتي ۽ آڪاسُ به ساڳو،
۽ ارتو اتهاس به ساڳو،
پنهنجو جيءَ جياپو ساڳو،
پنهنجو کناسُ وِناسُ به ساڳو.

هڪ ٻئي کي ڇا لاءِ مِٽايون ٿا؟
هڪٻئي سان گڏ ڇو نه جِيون ٿا؟
هڪٻئي جو هَٿُ ڇو نه وٺون ٿا؟
هڪٻئي کي سَڏُ ڇو نه ڏيون ٿا؟
ڀَوَ ساگرَ جا ڀول ڏسي ڀي،
هڪٻئي جو مَڏُ ڇو نه ٿيون ٿا؟

هڪٻئي سان گڏُ ڇو نه جيون ٿا؟
هڪٻئي کي سَڏُ ڇو نه ڏيون ٿا؟
هڪٻئي جو مَڏُ ڇو نه ٿيون ٿا؟

هاڻي، اوهان جي اجازت سان اياز بابت پنهنجو انگريزيءَ ۾ مختصر تاثر عرض ٿو رکان. عنوان اٿس:

The Person Like unto the Sun

People in crisis often stumble on their Saviours, their Healers. The point is not that they deserve them or don't deserve them. The point is that times need them. Shaikh Ayaz born on the eve of the second quarter of twentieth century, was such a needed rarity for the people of Sindh.

Sindh and her people, through centuries of history, have had series of such periods of devastating bondage and life-giving turns of freedom, each such alternate of fall and rise producing persons of glorious fame, the shining jewels of their history.

The immortal Latif of the later part of seventeeth and the early half of the eighteeth century was one of such Saviours. It was the worst period of Mughal tyranny, and ended in liberation of Sindh under Kalhora martyrs - the heroes of her freedom struggle. Latif was the poet per excellence of that period of Sindh history.

The times of Shaikh Ayaz, the poet per excellence of modern Sindh, were the times, when the Sindhi people were engaged in their fight for independence - their foes, if not as vicious and tyrannous as the Mughals, far surpassed them in treachery and deceptiveness. The separate electorate system matching with the two-nation theory, the off-shoots respectively of the policy of Imperialist rule and the sick reach of Islamic reaction, re-inforced by the tempting carrot of sovereignty and autonomy in Pakistan, disintegrated Sindhi people, and caught them and their land in the lasso thrown by Sir Mohammad Iqbal for "Consolidation and amalgamation of four provinces - Punjab, Sarhad, Balochistan and Sindh - into one province, within the British Empire or without the British Empire" for "organizing them to achieve the Islamic rights"! (Ref. his Lahore and Allahabad Speeches, 1930).

The combined strategy of British Imperialism and the unprincipled ways of their native lackeys - both from the Congress and the League platforms won the day, leaving no chance for their victims - the up-coming, living, vibrant nations of Indian sub-continent - to be saved except turning them within for strength to survive their adverse days, socially and culturally. Shaikh Ayaz, on several occasions in his last days said to me that he had built a "Chinese Wall for his beloved mother land, Sindh, and her simple-minded and innocent people to remain protected and un-harmed in their humanism, till they emerged in time safe and sound, and came into their own as a united, sovereign and autonomous people, within Pakistan or without Pakistan."

To this end he gave to his people 39 collections of matchless poetry including 3 collections in Urdu, one being the Urdu translation in verse of Shah-jo-Risalo, apart from some 16 books in prose inclusive of 8 yet unprinted.

Indeed, it could be in this light that the last words of his full poem of farewell, poem of high vision and deep pethos, could be received and cherished by all men of good-will and love in Pakistan as well as in India:-

اي سنڌ توکي الوداع
اي هند توکي الوداع
تو ۾ هُيو سارو جڳت
اي جندُ توکي الوداع.

Oh Sindh, farewell to thee
Oh Hind, farewell to thee
My entire Universe was in thee
Oh thou, my Persona, farewell, farewell.

[پيپلس پارٽي/ شهيد پٽو/ جي چيئرپرسن محترمہ غنويٰ پٽو جي صدارت هيٺ، هوٽل انڊس ۾ ايياز صاحب جي ياد ۾ منعقد ڪيل گڏجاڻيءَ ۾ تاريخ ۲۸-فيبروري ۱۹۹۸ع تي پڙهيل.]

* * *

محمد ابراهيم جويو

”آءٌ توکي دعا ٿو ڪيان، سنڌڙي!“

شاعري انساني تهذيب جو اهڃاڻ ۽ انسان جي سڀ کان لطيف ۽ اعليٰ آدرشن، تصورن ۽ محسوسات جي ترجمان رهي آهي. اُها جتي حسن جي تخليق جي مُنتها آهي، اُتي انسانَ، سماجَ توڙي تهذيب ۽ ثقافت جي داخلي جوهر جي ارتقا جي تاريخ به آهي. اِهوئي سبب آهي، جو شاعريءَ کي انساني تهذيب جي دائمي حاصلات ۾ نه رڳو ڳڻيو وڃي ٿو، پر اُن کي بنيادي حيثيت پڻ ڏني وڃي ٿي. ڏکڻ ايشيا جو ننڍو کنڊ زندگيءَ جي ٻين شعبن سان گڏ ثقافتي طرح ۽ اُن ۾ به خاص طور شاعريءَ جي ميدان ۾، صدين کان ڏاڍو مالامال ۽ زرخيز رهيو آهي. اُن جي سڀني وڏين ٻولين، جهڙوڪ سنسڪرت، هندي، بنگالي، اردو، تاميل، پنجابي، سرائيڪي ۽ سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعري اُنهن روايتن، قدرن، تصورن ۽ لطيف محسوسات جو سرچشمو به رهي آهي ۽ امانتدار پڻ، ۽ اِنڪري اُن کي ننڍي کنڊ جي ثقافت، تهذيب ۽ سَڀياءَ جي کاڻ چئي سگهجي ٿو.

اسان کي خبر آهي ته شاهه، سچل ۽ ساميءَ پنهنجي پنهنجي دور ۾ سنڌ لاءِ خاص طرح ۽ مجموعي طور انسان ذات لاءِ، حسن، جاڳرتا ۽ ادراڪ جي روشني مهيا ڪئي، پر اُهي اڄ به ۽ ايندڙ زمانن تائين اسان جا توڙي انسان ذات جا سونهان آهن ۽ رهندا.

اِن ئي طرح سنڌ جي روان دور جو اڳواڻ شاعر شيخ اياز اسان جي ٻهڳڻيءَ ٻوليءَ ۽ اُن جي اعليٰ شاعريءَ جي سدا وهندڙ نديءَ جو وهڪرو به آهي، ۽ جديد دور جي اڳتي وڌيل عالمي روايتن ۽ انسان دوست قد[illegible] جو ترجمان شاعر به آهي- هڪ اهڙو بي مثل ۽ يگانو شاعر، جنهن جي فڪر ۽ فن جي ڳنڍير جو ڳنڍيون ماضيءَ سان به ڳنڍيل آهن ته مستقبل جي مستقبل سان به.

اِن لحاظ کان اياز سنڌ توڙي ننڍي کنڊ جي ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعريءَ جو تخليقي امتزاج آهي. هر زنده ٻولي پنهنجي وسعت ۽ عظمت جي اظهار لاءِ ڪي نه ڪي ڪرشما ڪندي آهي، ۽ اياز جي شاعري بيشڪ هن صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ڪرشمو آهي. اياز جتي پنهنجي يگانيءَ شاعريءَ ۾، شاعريءَ ۽ ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي مزاج، روايتن ۽ سڀاءُ کي نئين سِر اُجاريو، اُتي هن سنڌي شاعريءَ ۽ ٻوليءَ کي جدتون ۽ نيون توانايون بخشيون.

سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ وانگر اياز [illegible]ي شاعريءَ جو فڪري دامن وسيع آهي، جيتوڻيڪ هُن به، هر عظيم شاعر جيان پنهنجي وطن، قوم ۽ عوام جا ڳڻ ڳايا ۽ سندن عظمت جا اَمرَ گيت چيا آهن، پر پنهنجي جامعيت ۾ هو آفاقي شاعر آهي. هُن جي شاعريءَ ۽ شعور جي پنڌ جا سڀ رَند اُن منزل ڏانهن وڃن ٿا، جنهن کي ”ڪُلّ“ جي حيثيت ۾ ”انسانيت“ چئجي ٿو. اڄوڪو انسان جيڪو ترقيءَ جي ڊوڙ ۽ چٽاڀيٽيءَ ۾ پنهنجا بنيادي انساني ۽ سماجي مان ۽ قدر وڃائيندو يا ڪم از ڪم ڪمزور ڪندو ٿو وڃي، تنهن کي وڌ ۾ وڌ وڏي ضرورت به اِنهيءَ آفاقي اُتساهه ۽ پيغام جي آهي. جيڪا اياز جي شاعريءَ جو محورُ ۽ محرڪ آهي- يعني انساني شعور ۽ ضمير جي جاڳ ۽ ترويج ۽ اُن جي وقار جو قيام ۽ مڃتا. اياز پنهنجي شاعريءَ ذريعي جتي سنڌي معاشري جي ماضي [illegible]ي حال سان ڳنڍي ٿو، اُتي اُن جي حال کي مستقبل لاءِ ذميوار بڻائي ٿو. انساني سماج [illegible]اٿهپو، سهپ، رواداري، سچيتائي ۽ زندگيءَ سان سِرسيتائي- اوائل کان وٺي انساني تهذيب جي اعليٰ شعور جا اِهي قدر ۽ آدرش رهيا آهن، ۽ شيخ اياز جي شاعري اُنهن جي ئي آئينه دار آهي. دراصل اِهائي اُها ڳالهه آهي، جا اياز کي شاعريءَ جي عظمت جي بلندين تي رسائي ٿي.

اياز رڳو وڏو شاعر ئي نه، پر ادب، شاعريءَ ۽ فنون لطيف جو به وڏو ڄاڻو ۽ عالم هو. سنڌيءَ سان گڏ هن کي

انگريزي، هندي، فارسي ۽ اردو ٻولين تي دسترس هئي، ۽ اُن سبب هن جو دنيا جي ادب ۽ شاعريءَ جو مطالعو بيحد وسيع هو.

سنڌي شاعريءَ سان گڏ اردوءَ ۾ به ايياز جي طبعزاد شاعري جوگي مقدار ۾ بي مثل آهي. اردو شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جو مزاج گهٽي پاڳي فارسي آميز رهيو آهي، جڏهن ته ايياز جي اردو شاعريءَ ۾ جديد اردو ٻوليءَ جڙ ته نئون جنم ورتو آهي. ايياز جي اردوءَ ۾ فارسيءَ جي آميزش کان وڌيڪ هنديءَ جي آميزش آهي، ۽ اِئين ايياز اردوءَ جو ناتو اُن ڌرتيءَ سان ڳنڍيو آهي، جتي اُن جنم ورتو. اردوءَ جي هندي ٻوليءَ سان آميزش سان ايياز اردوءَ کي ثقافتي طرح اجنبيت ۽ اوپرائپ مان ٻاهر ڪڍيو آهي. نه رڳو ٻولي ۾ خود شاعريءَ جي مزاج جي حوالي سان به ايياز جي اردو شاعري هڪ بنهه نئون ۽ عجيب تجربو آهي. مثال طور، ايياز جو هيءُ نظم:

دور کيلاش سے
چاند ہیمنت کا
میرے من کو ہمیشہ بُلاتا رہا
میں کہ رنبیر تھا
لو میں لڑتا رہا
برچھیوں کے تلے
جھپکیاں نیند کی
مجھ کو راس آگئیں
رن پہ سورج کے نکھ
جب چمکنے لگے
میں نے چہرہ نہ اُن سے چھپایا کبھی
ریت تانبا بنی
میرے تلوے جلے
برچھ کی چھاؤں میں مئیں نہ بیٹھا کبھی
گھاؤ جب بھرگئے میرے ہر انگ پر
کتنے کالے گلابوں کے پودے ملے
بیریوں نے کبھی یہ شکایت نہ کی
میں نے لڑتے ہوئے وار اؤ چھے کئے
مارنے سے کبھی ہچکچاہٹ نہ تھی
اور نہ مرنے کا ڈر
ہاں مگر
رن کی جلتی ہوئی ریت پر
دور کیلاش سے
چاند ہیمنت کا
میرے من کو ہمیشہ بلاتا رہا.

اردوءَ ۾ ايياز جو اهڙو تازه دم، بي مثل ۽ اسان جي ثقافت جي هڪاءَ سان واسيل نظم خود اردو شاعريءَ لاءِ ڪنهن پاڳ کان گهٽ ناهي. سپاٽي، جڏهن به ڪنهن سنجيده محقق ۽ نقاد جديد اردو شاعري. تي تحقيق ڪئي ته اهو ضرور واضح ڪندو ته ايياز سنڌيءَ سان گڏ اردو شاعريءَ کي به هڪ نئون ڏَسُ ۽ جوت عطا ڪئي آهي.

ادب، شاعري هجي يا نثر-افسانو، ڊراما، مضمون يا تنقيد ئي هجي- انساني معاسري ۾ هر مرحلي تي مهذب انسان جي تربيت جو مقصد اُن جي سامهون رهي ٿو. مهذب انسان يا انسان ڪامل جي وڏندڙ تصور جي قريب ويندڙ انسانُ انساني معاشري لاءِ، سدا هڪ ڏورانهون نشان (Ideal) رهيو آهي- اول نه هر پيءُ ماءُ جو، پوءِ استاد جو، شاعر ۽ اديب ۽ عالم جو، پيغمبرن جو، ۽ سڀ کان وڌيڪ خود خدا جي رضا جو- خدا جيڪو استاد ازل مجيل آهي: اُهو نئون مهذب انسانُ، جيڪو حيوان جي سطح ۽ اُپري، انساني سطح تي به پاڻ تائين محدود يا ڪافي نه، پر قومي، عالمي ۽ آفاقي دائرن ۾ پنهنجي ڪردار جي لحاظ کان پورو ثابت ٿيل. انسانيت جي عروج تي رسڻ لاءِ، اول کان اِئين انسانن جي امنگ ۽ جذبي ۽ فڪر ۽ عمل جي تاديب ۽ تدريس ٿيندي آئي آهي، ۽ ٿيندي ئي رهندي. اِن انساني تهذيبي ۽ تربيتي عمل جي حوالي سان، انساني معاشري جي مهذب فرد جي حيثيت ۾ هڪ شاعر جي پنهنجي تخليقي عمل ۽ ڪردار جي اِفادي بلندين جو احاطو ۽ وزن به ٿي سگهي ٿو. اِن سلسلي ۾ ايياز جي املهه زندگيءَ جي

آخري دور جا رچيل شعر هن موقعي تي پڙهڻ جي اجازت ٿو گهران، جڏهن وري وري پاڻ اسپتال ۾ داخل ٿيندا ٿي رهيا، ۽ پوءِ به پاڻ پنهنجي ذاتي نجات جي اوني ۽ الڪي کان وڌيڪ پنهنجي وطن، قوم ۽ بني نوع انسان جي اجتماعي آزاديءَ، خير ۽ فلاح جا گيت رچيندا رهيا.

اسپتال ۾•

اوندهه ۾ جو ڪَويَلَ ڪوڪي
وڻ تان اکٽ تارن هيٺان
آءٌ اگهائيءَ منجهه اَڪيلو
اُن کي وينو ساٿي سمجهان؛
اُن وانگر مون ڪُوڪي ڪُوڪي
ساري رات گذاري آهي
ها، پَرَ ڪيڏو باکَ پري آ!
رات به ڪيڏي ڪاري آهي!
پر هيءَ ڪويل، تنهنجون سارُون
ڪيڏيون منهنجي مَنِ آڻي ٿي!
ماڪَ جيان ڪجهه تازا آنسوُ
اڄ منهنجي لاءِ اُماڻي ٿي؛
تون آهين، تون ايندينءَ مون ڏي
باک ڦُٽيءَ جون شاخون ٿيندينءَ!
يا تون منهنجي لاءِ سدائين،
ڪمري منجهه سلاخون ٿيندينءَ؟

* * *

ڪاش صحت هجي مان وڙهان!
ڇا ڪيان!
بستري تان پيو لکان
جنگ منهنجي اڃان
آ قلم جي ذريعي هتان!
هَڏ پوڙها ٿيا
هوڏ پوڙهي نه ٿي.
هيءَ گَلي آهه آزادگيءَ جي گَلِي
ڪِٿ به سوڙهي نه ٿِي
ٿي اڳي کان ڪشادي وڃي
گيتُ منهنجو اِئين جئن مُنادي وڃي

تنهنجي آزادگيءَ لاءِ ڳايان پيو
گيتَ هارَن جيان
ڄڻ پٽا ڪارتوسن منجهان
ٿو پَري پائيان!
ديسَ توتي اڃان
جيستائين جيئان.
شاعريءَ کي پيو گهوريان
هر گهڙيءَ کي پيو گهوريان
گيت تولئه اِئين مان ڇڏيان
پير لاهين نه تون
پٿرن تان ڪڏهن
ڪنهن به قالين لئه
پنهنجي آزادگيءَ کان سوا!

* * *

هيءَ ڇاتي ته ڏس لَکَ کُورا اَٿي،
جي جڳت ۾ ٻَرن سي سمورا اَٿي؛
اوءِ نُورا* اُٿي!
ٻول ٻُڌڻا اَٿي، ٻُڌُ پورا اُٿي!
تون لِکي، وڃ ڀريندو سوين پِڃرا
هي پکي پار جا
ڪونه ايندا وري
هِئن هوا تي تَري!
ٻول منهنجا جُڳاجڳ پيا جرڪندا
جيئن ٿانڊا هجن،
(سي به ڪانڊا هجن)
هي پيا جَرڪندا
(هيءُ سنسارُ سِگريءَ جيان آهه ڄڻ.

•[۱۹۹۱-۱۹۹۲ع دؤر جي چئن مهينن ۾ رچيل ٻن شعري مجموعن "ڪتين ڪَر موڙيا جڏهن" - جلد پهرئين ۾ ۽ ٻئي تان کنيلَ گيت، غزل ۽ نظم- جيڪي ٻه جلد ترتيب وار پوءِ ۱-۱۰-۱۹۹۱ع ۽ ۱-۱۰-۱۹۹۲ع تي ڇپيا.]

* شاعر پنهنجي دل واري دوست نور احمد کوجي کي مخاطب آهي.

گيت سڀ باھ جڙ)
هي وسامي نہ ويندا ڪڏھن،
هي صدين ۾ بہ ڪامي نہ ويندا ڪڏھن
آڳ آھن ازل جي اِهي
ماڳ آھن اَبد جا اِهي
جاڳ مان ٿا جُڙن
جاڳ، جا نند ۾ تِيرَ جئن
ٿي نشانو چُٽي
باک جئن ٿي ڦُٽي؛
اِيءَ تقدير ۾
راڳ موں لاءِ ڪنھن
هي لکيا ها جڏھن،
آءٌ تنھن وقت کان
ٿو اُهي ڳولیان!
هي لِکي.
چانھہ پي! چانھہ پي!
ڪونہ ايندا وري
هي پکي دُور ديسَ تان
جئن فرشتا اچن
هي اُنهيءَ ويسَ سان
ڪونہ آڪاس مان
هيڻ ايندا وري!
موت تي ڪنھن ڪئي آ سواري نہ هِئن،
ڪَنَ ڪولي، گلابي گلن جا ڪڏھن
زندگي! زندگي! ڪنھن پڪاري نہ هئن!
واتُ ڦاٽي ويو
جڙ تہ درياھَ جو
آءٌ ڳاتو جڏھن،
گيتَ مالها جيان آءٌ پاتا جڏھن
نانگَ جئن شوَ ڳچيءَ منجھہ پاتا هئا؛
ڪيترا گيت آتا هئا!
جڙ جوالا مُکيءَ منجھہ گُنجارَ هئي،
ڪير چوندو تہ هيءَ جندڙي هار هئي؟
گيتَ هِي جيت ها، موت تي وار ها

گيت للڪار ها؛
ڪا سُتل سارَ ها-
مان ازل جي اُها جاڳ هان
جا ابد تي بہ ڪُٽٽي نہ آهي ڪڏھن،
نند مان ڪِئن اَڪيچار هي ڪُلَ ڦُٽا ؟
نِندَ ٻُڌي ڪنھن ڪويءَ جي اِئين ناھہ ڦِٽٽي ڪڏھن!
ڪيترين مون وليون
آگ جون
پوکيون
گيت سنسارَ جا
اِئن ڪڙي پيا، ڏياتيون ٻَريون،
ڪو شوالو پيا هيڻ روشن ڪريون
هيڻ ڏرتيءَ مٿان!
هيڻ ڏرتيءَ مٿان.
* * *
ٻانھن تنھنجي ونِي
آءٌ توکي دعا ٿو ڪيان سنڌڙي!
لَهَسَ ايندي نہ توکي ڪڏھن!
باھہ ۾ تون ٽَپي،
اُپرنديءَ، نيڻ گلزار ٿِي.
آءٌ جا اڳِڪٽي
آ ڪئي
آھہ ڪُوڙي نہ ٿِي،
آھہ ثابت ڪيو
وقتَ اُن کي سچي.
سنڌڙي، سنڌڙي!
جڳ جي جِندڙي!
تون نہ مرنديءَ ڪڏھن
تون نہ مرنديءَ ڪڏھن!
آءٌ ٻَلهار تو تان ٽيان
سَوَ دفعا گھورجان،
نيڻ وَرَنديءَ ڪڏھن،
نيڻ ورنديءَ ڪڏھن.

نوان مهذب انسانَ سماج ۾ ڏهن يا پيدا ڪجن، اها خواهش ته هرڪنهن جي آهي- ماءُ پيءُ، استاد، صحافيءَ، سياستڪارَ، ۽ شاعر، اديب ۽ عالمَ، پيغمبرن، ۽ خود خدا جي رضا جي، جيڪو استادِ ازل آهي سڀ جو. پر انساني ڏُرين وٽ فرصت ٿوري، ستندن سڪٽ سيڪارڻ جي اهليت ناڪافي، برتريءَ ۽ ڪمتريءَ جي احساسن جو حجاب جدا، ۽ سڀ کان وَڌ اٽپورو مهذب سماجُ، جنهن جي تربيت جي رفتار سُست ئي رهي ٿي. 'استادَ' گهٽي ٿي مٽاڪُٽ ڪن ۽ 'شاگرد' ڪٽي سڀ مڃين ته تاديب ۽ تدريس مان سڃو فائدو سندن آهي ۽ 'استادن' جو ڪو مفاد اُن ۾ ڪونهي، پر گهڙيءَ ۾ جي عُمر، اٽاهه وقت جي آڏو، داٽو چڱيو نه چڳئي جهڙو، پَرَندي طور اُڏريو وڃي. تربيت جو عمل تنهنڪري اُهوئي گهاٽي جي ڏڳي جي رفتار سارُو، "ڏڳو پيرُ پيران!" سو جُڳن جا جُگ ڪپن، جو انساني سماج ائين پنهنجي آزادي، خيرَ ۽ آفاقي فلاح ۽ نيڪيءَ جي سمجهه جي ساڀيان جو معراج ماڻي سگهي! استاد، شاعر، انسان دوست ماڻهو ائين پنهنجو پنهنجو بي لوٽ پورهيو اٽپورو ڇڏيو، دل ۾ اٽاهه درد ڪنيو الوداع ڪن ٿا، ۽ شاگرد، تهذيب جي واٽ ۾ نسلن پٺيان نسل هڪ اڌ قدم اڳتي ٿي، پنهنجي محروميءَ تي ماتم ڪندي رهجي ٿا وڃن. ۽ دراصل اها صورت بہ طرفين لاءِ غنيمت سمجهبي، ڇو ته پوئتي رهجي ويل پوءِ جيڪي ڪندا سو وري بہ پنهنجي لاءِ ئي ڪندا.

اياز جي آخري هڪ اردو نظم ۾ اهڙيءَ ئي هڪ طرح جي اِستغنائي ڪيفيت اظهاريل آهي:

آج کیوں پھول لانے لگے
اور عقیدت کی شمعیں جلانے لگے
میری برسی منانے لگے!
جاؤ جی، جاؤ جی
اپنی بیوی کے رانوں پہ ہاتھوں کو گرماؤ جی
اس کان سینہ نگاہوں سے برماؤ جی
اب اشاعت گھروں میں کتابیں مری کوئی چھاپے تو کیا
راکھ پر ہاتھ تاپے تو کیا
مجھ کو پیمانۂ وقت ناپے تو کیا
خاک سے لو لگائے تو کیا
میرے بسرے ہوئے گیت گائے تو کیا
پھول لائے تو کیا
اب تو آدھی صدی ہوگئی ہڈیوں کو ٹھٹھرتے ہوئے
قبر پہ گاؤں کی چاندنی کو نکھرتے ہوئے
اوس کے آنسوؤں کو بکھرتے ہوئے
اب مجھے انتظارِ شناسِ سخن ہی نہیں
پاسِ فن ہی نہیں
کوئی اپنے لئے حسنِ ظن ہی نہیں.

* * *

سوچئين تون متان
مون مٽان مقبرو!
چنڊُ، تارا، ڪتيون
سڄ جون مشعلون
مون مٽان
روز هرنديون پيون!
هي خدائي مجاور جيان
روز مون تي ڪندا سوجهرو
روز مون تي شفقَ پَڙَ پائي زريءَ جا، عقيدت جو اظهار مون سان ڪندي،
ڏينهن جو روز سورجَ مُکين جئن پئي زندگي جرڪندي،
رات رابيل جا گُل نڇاور ڪندي،
ماڪ سان تَنهن متيءَ کي معطر ڪندي
آءٌ هوندس جتي:
تون متان هِن گهنگار کي
ڪنهن وڏي پيرَ سان پيٽئين
شاعري ريٽئين
جنهن هزارين بزرگيون مٽائي ڇڏيون
سڄ هينان ڪَڪرَ جئن لڪائي ڇڏيون
سمنڊ ۾ ريت وانگر ڇُپائي ڇڏيون
مشعلون سَوَ جلائي ڇڏيون
جي نہ ڪوئي بُجهائي سگهي،
۽ نہ طوفان ڪوئي بہ تن کي وسائي سگهي.

(شيخ اياز سيمينار، پٽ شاهه، تي پڙهيل تقرير: ۱۳-مارچ ۱۹۹۸ع)

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

اياز - نئين شاعريءَ جو اڳواڻ

محترم جويا صاحب، پليجا صاحب، رباني صاحب ، حميد صاحب،....حاضرين ڪرام! هيءُ تعزيتي اجلاس آهي: تقرير جي واسطي ان ۾ گنجائش ڪانهي. البته، جيڪي دوست يا عزيز جدا ٿي ويندا آهن، يا جيڪي لائق ماڻهو هوندا آهن، تن کي ياد ڪبو آهي. منهنجو اياز صاحب سان جيڪو ٿورو گهڻو ذاتي تعلق رهيو آهي، اهو مان توهان جي آڏو رکندس، ڇو ته هيءُ ئي ان کي ياد ڪرڻ جو موقعو آهي. شيخ اياز جڏهن ڊي.جي. ڪاليج ۾ پڙهندو هو، ان وقت هن جي مون سان ٿوري گهڻي واقفيت ٿي هئي، تنهن کان پوءِ منهنجي هن سان جيڪا وڌيڪ واقفيت ٿي، اها تڏهن جڏهن آءٌ شاهه لطيف ڪلچرل ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري هوس. هن کان اڳ ۾ رباني صاحب جيڪا شاهه جي رسالي جي ترجمي جي ڳالهه ڪري ويو آهي، ان بابت آءٌ ايترو چوندس ته شيخ صاحب کي شاهه جو رسالو اردوءَ ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو هو؛ جنهن لاءِ يونيورسٽيءَ کي پئسا به ملايا هئا، جن مان اسان ڪجهه ڊڪشنريون منظور ڪيون هيون، جيڪي اردوءَ ۾ سنڌيءَ جون ڊڪشنريون هيون ته جيئن شاهه جي رسالي جو اردو ترجمو ٿي سگهي.

انهيءَ ڪم ۾ اسان سان گڏ حسام‌الدين راشدي صاحب به هو، خاص طرح سان علامه آءِ.آءِ.قاضي صاحب جن ۾ آءٌ به ان ۾ شامل هئاسون. انهيءَ ترجمي دوران منهنجو شيخ صاحب سان واسطو رهندو هو. انهيءَ ڪم جي حوالي سان سڀ کان اڳ ۾ شاهه صاحب جي رسالي کي مخدوم امير احمد صاحب کان نثر ۾ ترجمو ڪرايو ويو. ان بزرگ کان انهيءَ سلسلي ۾ جيڪي ڳالهيون يا سمجهاڻيون پڇيون هيون، سي پڇيون ويون هيون. پوءِ شيخ صاحب انهيءَ نثري ترجمي تان اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو هو. اهو ترجمو پوءِ ان وقت جي صدر ايوب خان کي پيش ڪرڻو هو، جيڪو ان وقت پٽ شاهه ڪلچرل سينٽر تي اچڻو هو. آءٌ جيئن ته ان وقت پٽ شاهه ڪلچرل سينٽر جو سيڪريٽري هوس، ان ڪري اهو ترجمو منهنجي هٿان ان کي پيش ڪرڻ ضروري هو ۽ شيخ صاحب چاهيو ته اهو هن جي هٿان پيش ٿئي، اها انسان جي ڪمزوري به آهي. مون کيس چيو ته بلڪل ائين ئي ٿيندو، ۽ پوءِ شاهه جي رسالي جو اهو ترجمو



شيخ صاحب پاڻ ايوب خان کي پيش ڪيو، ۽ انهيءَ عرصي دوران ساڻس وڌيڪ ۽ تڪڙيون ملاقاتون ٿيندیون هيون. ان کان پوءِ مون پاڻ ارادي طور به اها ڪوشش ڪئي ته جيئن منهنجي شيخ صاحب سان ويجهي دوستي هجي ۽ جيئن ته ان جي شعر کان آءٌ گهڻي قدر متاثر به هوس، تنهنڪري مون چاهيو پئي ته ان سان منهنجي خاص دوستي هجي. انهيءَ جي لاءِ مون اڳوَ اهتمام به ڪيو ۽ ڪيس چيو ته آءٌ توکي ڪڏهن ڏسڻ ۽ ملڻ لاءِ سکر ايندس. پاڻ ان وقت سکر ۾ وڪيل هو. پوءِ آءٌ هتان هڪ به ڳائڻ وڃائڻ وارا وڻي ويس، جن ۾ هڪڙو صالح پالاري هو، جيڪو ان وقت مورا

ڏاڍا سٹا ڳائيندو هو ۽ مون کي گهٽو پسند هو. انهيءَ کي به مون پاڻ سان کنيو. مون کي گهٽو ياد ناهي، پر پانيان ٿو ته محمد ابراهيم جويي کي به پاڻ سان وٺي ويو هوس. اسان سڀ گڏجي شيخ اياز وٽ سکر وياسون. سائس ڏاڍيون سٹيون ۽ کافي ڪچهريون ٿيون. بيڙيءَ ۾ چڙهي درياهه جا سير به ڪياسون، دنبورا وڄاياسون، مورا ڳاياسون ۽ اسان جي وچ ۾ کافي محبت ۽ گهرائيءَ واريون ڳالهيون ٿيون. ان کان پوءِ آءٌ پن ٽن مهينن لاءِ آمريڪا هليو ويس ته شيخ صاحب مهرباني ڪري مون کي ياد ڪيو ۽ اتي هڪ تمام سٹو خط لکيو، جيڪو مون کي اڄ به ياد آهي.

شيخ صاحب جي شاعريءَ جي ڪيئي رخ ٿي سگهن ٿا. ڪي ڳالهيون منهنجي ڏيان ۾ به هيون ته هن طريقي سان به شاعري ٿي سگهي ٿي. جيتوڻيڪ آءٌ شاعر ڪونه آهيان. پر، ننڍي هوندي سو مون کي شاعريءَ جو شوق هو؛ پر پوءِ مون پاڻ ئي ان کي ڇڏي ڏنو. منهنجو خيال هو ته شاعري رڳو وقت جو زيان آهي. اهو منهنجو ان وقت جو خيال هو ته شاعريءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪم آهي، اهو وڌيڪ ضروري آهي. تنهن هوندي به مون شيخ صاحب ڏي پنهنجو هڪڙو نظم لکي موڪليو ۽ ان سان گڏ اهو به لکي موڪليو ته اسان کي دماغي شاعري ڪرڻ کپي، جڏهن ته هڪڙي دل واري شاعري به ٿيندي آهي، جيڪا عاشقن جي شاعري آهي. اهي وڏيون ڳالهيون آهن: اسان جيڪي ذهين ۽ انٽيليڪچوئل ماڻهو آهيون، تن کي دماغي شاعري ڪرڻ کپي ۽ شاعريءَ جو هڪڙو طريقو اهو به ٿي سگهي ٿو. ان جو شيخ صاحب تمام سٹو جواب ڏياري موڪليو ۽ منهنجي شعر جي تشبيهن وغيره جي تمام گهٽي ساراهه ڪيائين. ان کان پوءِ به اسان جون ٿوريون ڪي گهٽيون ملاقاتون ٿيندڙيون رهيون پر ٿوري شڪايت ايتري رهي ته شيخ صاحب جي چوڌاري خليفا ۽ ٻالڪا به گهٽا هٿا، جيئن هر ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جا ٿيندا آهن. انهن جا خيال ۽ ابتيون سبتيون ڳالهيون تمام گهٽيون هيون. اها ڳالهه مون هاڻي هتي به ٻڌي آهي شيخ صاحب بابت. ڪميونسٽ وغيره هجڻ جي ڳالهه به ٿي آهي. پر مون کي هڪ ڪچهريءَ ۾ شيخ صاحب چيو ته "ڊاڪٽر صاحب آءٌ ڪميونسٽ ناهيان. منهنجو ڪميونزم سان اختلاف آهي." جنهن بابت هڪ تقرير ڪري به ٻڌايائين، جنهن کي هتي ورجائڻ جي ضرورت ڪانهي. پر پوءِ الائي چو چيو ويو ته شيخ صاحب ڪميونسٽ وغيره آهي، خير...پروگريسو موومينٽ يا ترقي پسند تحريڪ هئي. هر ذهين ۽ چڱي ماڻهوءَ کي اهو خيال رکڻ کپي، پر ان جي معنيٰ اها ڪانه آهي ته هن کي نظرياتي طور چٽجي ته تون هيئن آهين يا هونءَ آهين.

هتي ڳالهه شيخ صاحب کي اڳتي آڻڻ جي به نڪتي آهي ته شاعر پاڻهي ئي پاڻ اپري ٿو يا ٻيو ڪو ان کي اپاري ٿو. ان لاءِ سچي ۽ حقيقي ڳالهه ڪبي ته شيخ صاحب کي پروجيڪٽ ڪرڻ ۾ ۽ ان کي بنائڻ ۾ گهٽيءَ حد تائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو هٿ آهي ۽ ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي. باقي ڳالهه آهي ته هاڻ اڳتي ڇا ڪجي يا شيخ صاحب کي ڪيئن ڏسجي ۽ پرکجي، ته ان ۾ آئون ان ڳالهه سان سو سيڪڙو متفق آهيان، جيڪا اسان جي پليجي صاحب چئي آهي. حقيقت ۾ اها منهنجي دل جي ڳالهه آهي ۽ مون دل ۾ سوچيو هو ته آءٌ اها ئي ڳالهه ڪندس. پر پليجي صاحب اها ڳالهه مون کان وڌيڪ بهترين نموني ۾ ڪري ڇڏي آهي. مطلب ڇوڙ جو اِهو آهي ته حقيقت پسنديءَ جي ضرورت آهي. ڪنهن به ڳالهه کي وزن ۾ رکڻ ضروري آهي، توازن ۾ رکڻ ضروري آهي. توهان مان جيڪي لائق آهن، ۽ انگريزي ۽ ٻيو علم پڙهيل آهن، انهن کي خبر هوندي ته اڄوڪي دنيا انسپائريٽو (Inspirative) ڪانهي بلڪ دنيا انڊر ايسٽيميٽ (Under Estimate) آهي. ڳالهه کي گهٽائي ڪجي. اسان کي جيڪڏهن شيخ اياز جي شاعريءَ کي چمڪائڻو آهي ته پوءِ تنقيد يا ادب جا جيڪي اصول آهن، تن جي روشنيءَ ۾، جنهن ماحول ۾ هو رهيو هو، تنهن جي روشنيءَ ۾، جيڪي هن جا پنهنجا ذاتي حالات هٿا، تن جي روشنيءَ ۾، انهن سڀني حالتن جي روشنيءَ ۾ اسان کي اياز جي شاعريءَ کي ڏسٹو، پرکڻو ۽ پيش ڪرڻو آهي. پر اهو به ڪنهن حد تائين ڪرڻو آهي. ڪم از ڪم جيڪي

ماڻهو شيخ اياز صاحب تي ڪم ڪرڻ گهرن ٿا، ۽ ڪم ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ ماڻهوءَ کي صاف ٿيڻو پوندو ته ڪنهن ماڻهوءَ کي اسان ڇا ٿا سمجهون؟ ان کي سياستدان ٿا سمجهون، ان کي شاعر ٿا سمجهون، يعني اسان ان جي ڪهڙيءَ ڳالهه کي وڌيڪ ترجيح ٿا ڏيون. منهنجي پنهنجي ناقص خيال ۾ شيخ اياز صاحب کي اسان شاعر ڪري سمجهون ته وڌيڪ صحيح ٿيندو ۽ هو نئين دور جو شاعر آهي. منهنجي خيال ۾ ته ائين آهي ته هُو نئين دور جي نئين شاعريءَ جو اڳواڻ هو. ان حد تائين جيڪڏهن ڪابه ڳالهه ڪبي ته اها نهايت ئي وزندار ٿيندي. مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه ٿي اچي ته شيخ صاحب کي يا ڪنهن به ٻئي کي شاهه لطيف سان ڀيٽيون، ۽ شاهه لطيف کي وري ان سان ڀيٽيون. هر هڪ جو پنهنجو مقام آهي، هر هڪ جي پنهنجي پنهنجي ڳالهه آهي. ڪم از ڪم اسان سنڌ وارا جيڪڏهن ڪنهن کي ڪنهن سان ڀيٽڻ چاهيون ته شيخ صاحب کي دنيا جي ڪنهن ٻئي وڏي شاعر سان ڀيٽيون ته بهتر آهي. اسان پنهنجي پاڻ ۾ ڇڪتاڻ نه ڪريون ته سٺو آهي، جنهن جي ضرورت به ڪانه آهي. ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو انهيءَ تي وڌيڪ توجهه سان ڪم ڪندا. لکيل پڙهيل ماڻهو اسان وٽ وڌيڪ آهن. اسان جو ننڍو يار پليجو صاحب عاليشان تقرير ڪري ويو آهي. هو هڪ وڏو قابل ماڻهو آهي. اهڙا ٻيا به گهڻا نوجوان وڏا قابل آهن پر توازن ضروري آهي ۽ حقيقت پسندي ضروري آهي، ۽ محنت ضروري آهي ۽ تحقيق لاءِ سائنسي نقطه نظر ضروري آهي. انهيءَ تي ئي اسان کي توجهه ڏيڻو آهي. اهو وڌيڪ بقادار ٿيندو ۽ موزون. مهرباني

[۲۹-ڊسمبر ۱۹۹۷ع، تعزيتي اجلاس ۾ ڪيل تقرير]

•

بـاهـو! نـانءُ خـدا جـو سـچـو، ٻـبـو سـڀ آهـي فـانـي، هُـو،
جـڳ گـهـڙيءَ جـو مـيـلـو آهـي ڪـوئـي خـان نـه خـانـي، هُـو،
حـرص هـوس انـسـان ۾ آهـي ڄـڻ سـاري نـادانـي، هُـو،
هـي جـيـڪـو مـانـڊاڻ، انـهـيءَ جـو ڪـو تـه لـڳـي ٿـو بـانـي، هُـو.
- شيخ اياز

ولي رام ولپ

اياز جي شاعريءَ ۾ ٿر جو پس منظر

Although a man is seeing, he does not see Speech;
Although a man is hearing, he does not hear Her;
But to another man She has shown Her beauty,
Like a well-dressed and loving Wife to her Husband.
(Rig Veda)

گھٽو ڪري هر ڪنهن شاعر پنهنجي ڌرتيءَ جا گيت ڳايا آهن. اُنهن گيتن ۾ ڌرتيءَ لاءِ سندس اَٽ ڪُٽ پيار سمايل هوندو آهي. اهو پيار اُتان جو رهواسي، پنهنجو پيار جائي، پنهنجي ايندڙ پيڑهيءَ کي سؤنپي ڇڏيندو آهي، ۽ پوءِ اُها پيڑهي پنهنجي ايندڙ پيڑهيءَ جي حوالي ڪندي آهي. اهڙيءَ ريت انهن گيتن جي سفر جو پيڑهين تائين هڪ تسلسل قائم ٿي ويندو آهي. ماڻهو پنهنجن ڏُکن ۽ سُکن جو اظهار انهن گيتن ۾ ڳولييندا آهن ۽ اُنهن کي جھونگاري منجهائين آٿت ۽ حوصلو حاصل ڪرڻ سان گڏ اڻ ميو رس ۽ ساءُ پڻ ماڻيندا آهن. اهڙيءَ ريت ڌرتيءَ، ماڻهن ۽ شاعرن جو هڪ اَٽ ڪُٽ رشتو قائم ٿي ويندو آهي، جيڪو انهن سڀني کي پاڻ ۾ هڪ لڙيءَ ۾ پوئي رکندو آهي. اسان جي شاعرن جو پڻ هن ڌرتي ۽ اُن جي رهواسين سان هڪ اهڙوئي اٽ ڇڄندڙ سڱ آهي. هنن پنهنجي لوڪ گيتن، ڪلاسيڪي ڪلام ۽ جديد شاعريءَ ۾ پنهنجي ڌرتيءَ جي سونهري خوابن، سڃڻڌ ۽ هڃاڻ کي سمويو آهي، جن کي اسان پيڑهين کان وٺي جھونگارينداً، ڳائيندا ۽ هينئين سان هنڌائي، انهن سان پنهنجي سڀني جي ساڀيا جي دنيا وسائيندا پيا اچون. عام طرح اهي گيت، ڪڏهن لوڪ گيتن جي لهجي ۾، ڪڏهن بيتن، واين ۽ ڪافين جي رنگ ۾، ته ڪڏهن غزل، نظم، ٽيڑو ۽ بين جديد رُوپن ۾ اسان جي زبان ٿي آهن. منجهائين ڪي پنهنجي محدود معنائن ۽ مقامي وسعتن سبب رڳو پنهنجي جاگرافيائي حدن ۾ مقبول آهن ته ڪي پنهنجي وسعت ۽ ڪشادن موضوعن جي ڪري نه رڳو پنهنجي ڌرتيءَ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙن جي دلين ۾ پيهي ويا آهن پر پنهنجون مقامي حدبنديون ٽپي ڏورانهن ڏيهن ۾ پنهنجائيءَ جو احساس ڏنو اٿن. جيئن سنڌ جي اترئين حصي ۾، بيڪس ، بيدل، رڪيل شاهه، سچل ۽ بين سنڌي، سرائيڪي ۽ پنجابي شاعرن جو ڪلام ڳاتو ۽ شوق سان ٻڌو ويندو آهي، تيئن لاڙ ۾ وري شاهه ڪريم، ميين شاهه عنات، خليفي نبي بخش، حمل، سانوڻ، شاهه لطيف ۽ بين سنڌي ۽ هندي شاعرن جي ڪلام جو وڏو چوپول آهي. اهي سمورا شاعر، پنهنجي پنهنجي لحاظ کان وڏا ۽ مقبول شاعر آهن. منجهائين شاهه لطيف ۽ سچل (۽ سامي کي پڻ) سنڌ جي اوچ ڪوٽيءَ جي شاعرن جي حيثيت حاصل آهي، پر شاهه لطيف نه رڳو سنڌ ۾ مرڪزي حيثيت جو مالڪ آهي بلڪ جڏهن سندس ڪلام بين الاقوامي ڪسوٽين تي پرکيو ويو ته منجهس آفاقي هجڻ جون خوبيون ڏسڻ ۾ آيون. سندس شاعريءَ جا شعاع سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ پکڙيل آهن. هو ماڻهن کي اوپرو نڙو لڳي ڇو جو هن سندن دک سُک پنهنجو ڄاڻي ٻاڻو آهي ۽ ماڻهن سندس گيتن ۾ خود کي پاتو آهي. شاهه جي شاعري سندن دلين ۾ ائين لهي ويئي آهي، جيئن کوهه ۾ ورت لهي ويندي آهي ۽ پاڻي ۽ اُجيئي جو رشتو قائم ٿي ويندو آهي. گذريل اڌائي سؤ ورهين کان سنڌ جي ماڻهوءَ کي جسماني ۽ روحاني، ذهني ۽ جذباتي طور زندگيءَ جي هر ڏس ۽ موڙ تي سندس شاعري ساٿ ڏيندي رهي آهي ۽ ڏيندي رهندي.

شاهه لطيف ۽ سندس شاعريءَ کي سنڌ جي زندگيءَ ۾ انفراديت حاصل آهي، پر زندگي ته روان دوان آهي. منجهس ڪيئي ولوڙ اچن ٿا ۽ ڪيترين ئي نيون شخصيتون پڌرين ٿين ٿيون، جيڪي پنهنجي منفرد ۽ مخصوص رنگ

۽ روپ، لهجي ۽ آواز ڪري ماڻهن جو ڌيان ڇڪائين ٿيون. انهن ۾ شيخ ايياز جو نالو سڀ کان اُتم ۽ اوچو نظر اچي ٿو. هن به پنهنجو پاڻ کي ڏرتيءَ جي دُکن سکن سان ڳنڍيو پنهنجي شاعريءَ جو تسلسل شاهه، سچل ۽ ساميءَ سان ڳنڍيو آهي:

مان ئي سچل، مان ئي سامي، مان ئي آهيان شاهه،
منهنجي مَن ۾ چولين ماري، سنڌو! تنهنجو ساهه.

۽ هن ڏرتيءَ جي بيشمار مارئين جي سڌ جو پڙاڏو بڻجي هن عام ماڻهوءَ جي دل جي تهه ۾ بينل پائيءَ کي تحرڪ ۾ آڻي ڇڏيو آهي ۽ سندس صدا-

جاڳ پٽائي گهوت! سنڌڙي ٿي توکي سڏي،
مرن پيون ماريون، قابو آهن ڪوٽ؛
اڄ ته تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيون.

سنڌ جي صدا بڻجي ويئي آهي.

ايياز پنهنجي شاعري ۽ ان جي سنيهي کي رڳو ايستائين محدود نٿو رکي، پر ننڍي کنڊ جي سموري شاعريءَ جي مزاج سان ٿو ڳنڍيي. سندس داخلي زندگيءَ جي شعوري ارتقا ۽ ان تي هن جي خارجي زندگيءَ جي اثر پذيريءَ جو اندازو ڪرڻ سان گڏ هن جي تحت الشعور جي اُنهيءَ روشنيءَ کي به جاچڻو پوندو، جنهن جا پاڇا هن جي شعور جي پردي تي پوندا رهن ٿا. هن جي شاعريءَ ۾ ڪٿڪليءَ جي نرت جو پاڇو آهي: ڪاليداس جي ڪويتا جو هڪاڻ آهي: رگ وید جي وايو پرجينا، اوشا، ارنياني جي باري ۾ گيتن جي گونج آهي: هوا، مينهن، باڪ، جهنگل ۽ رات جا سمورا روپ آهن: ميگهه دوت جي روح تائين رمائي آهي: اُمارو، ڪاليداس ۽ پرت هريءَ جي جسماني شاعريءَ جي روايت آهي: ڏُک، سک، پيار ۽ پڇتاءُ، ريت ڪُريت جي گيتن جي پرپور لوڪ گيتن جي گونج سان گڏ، ڪبير، پٽائيءَ ۽ بين ڪيترن ئي نامعلوم شاعرن ۽ ڪوين جي بيتن جو پڙاڏو آهي. ايياز پنهنجي ذات لاءِ چوي ٿو:

"منهنجي ذات ڏٺ وانگر، ٿر جي مينهن ۽ اُس تي پلي آهي ۽ اُن ڏرتيءَ مان امرت- رس چوسيو اٿائين. واڇوڙو ڏاڍائيءَ سان اُن جو ڪنڌ نمائي رهيو آهي، پَر اُها وري وري اوچي ڳاٽ سان ايري اچي ٿي. ان کي ڏوٽي ڳولهي لهن يا نه، اهو اُلڪو اجايو آهي. اُها پنهنجا بج پکيڙي، بي اونائيءَ سان متيءَ ۾ ملي ويندي."

سمر ڪيائون سُڄ ۾، ڏوري ڏُٺ لهي. (شاهه)

محمد ابراهيم جويو، ايياز جي شعري مجموعي "ڪي جو بيجل بوليو" جي مهاڳ ۾ ايياز جي ابتدائي دور جي باري ۾ لکي ٿو: "ايياز جا انقلابي گيت ۽ نغما سندس طالب علميءَ جي ڏينهن ۾ به ڳايا ويندا هئا-

او باغي، او راڄ دروهي، پارت ۾ بلوي جا باني!....

"مون کي ياد آهي ته پاڪستان کان اڳ سنڌ جي صوبائي اليڪشن ۾ ايياز ۽ به چار ٻيا دوست ڪراچيءَ مان هڪڙيءَ ريتي ڊوئيندڙ ڪتاري لاريءَ ۾ چڙهي، ٽرپارڪر ضلعي ۾ هڪ سيٽ لاءِ ڪامريڊ عبدالغفور جان سرهنديءَ جي چونڊ لڙڻ واسطي گڏجي نڪتا هئاسين ۽ پورو مهينو ٿر جي پٽن ۾ اُن لاريءَ جي ڊانديي تي چڙهيا، پٽڪندا رهياسين، ۽ لائوڊ اسپيڪر تي ايياز سان گڏ ايياز جو گيت-

انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!
جيئن زمينَ آسمانَ
جي ڪُلي پَئي زبانَ

ڪُنڊَ ڪُنڊَ، چونڪُ چونڪُ،
شهرُ شهرُ، ڳوٺُ ڳوٺُ،
جئن ڏئي اُٿي جواب- انقلاب!...
- ڳائيندا رهيا هئاسين."

اياز تڏهن کان ئي ڌرتيءَ جي خوبصورت نظارن ۾ ڏُکارا ۽ زخميل آواز ٻڌي ورتا هئا، جن سندس جيءَ کي جهوٻو ڏيئي ڇڏيو هو:

ڪُوڪي ٿي ڪوَيل، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي،
جڻ ساري سنسار کي، ٿي ڏاري ڏکوَيل،
پرينءَ سان پوَيل، شل رهي ساهه سڀن جو.

ٿر جي بدحالي اُتان جي رهواسين لاءِ سورن جو سامان کڻي اچي ٿي. هو ڪئليءَ کي ڪن ۽ هاٿيءَ کي مڻ ڏيڻ واري الله سان شڪايت ڪري ٿو:

مٺڙو آ هر چيز کان، سنگهارن جو ساهه؛
پٽيون ٻڌن پيٽ سان، ٿينَ بکن ۾ پاهه؛
ڏيکاريان ڪيئن ڏکين کي، چانڊوڪي ۽ چاهه؛
ڪٿي آهه الله، انسانن جو آسرو؟

ٿر جي گذر سفر جو سمورو دارومدار مينهن تي آهي. وطن جي وايو منڊل ۾ سانوڻ سندو مينهن نه ڏسي مور رڙيون ڪن ٿا، جن کي اياز اونائي چوي ٿو:

نه ڪي هوا ۾ هيج اُٺي جي، نه ڪا گهٽا گهنگهور،
پيو پڪاري، ٿر کي ڏاري، ڪٿي ڪٿي ڪو مور.

ٿر نانگ بلائن کان گهڻو مشهور آهي، جن ۾ 'پيئڻ' نهايت ئي نياري قسم جي زهريلي بلا آهي، جيڪا ننڊ ۾ سمهيل ماڻهوءَ جي وات ۾ پنهنجو زهر هاري، کيس پُڇ هڻي جاڳائي ڀڄي ويندي آهي. سندس ڪَکيل انڌو ٿي پوندو آهي ۽ مشڪل سان بچندو آهي، ان ڪري کيس 'بڇڙي' به چوندا آهن. اياز پونجيو واد نظام جي نمائندن جي 'پيئڻ' سان ڀيٽ ڪندي، ٿر جي برباد ٿيڻ جو کين ئي سبب ڪوٺي ٿو:

هيءُ نه آدمزاد، پڳ پڳ جهڙيون پيئڻيون،؛
جن جي لوٽ کسوٽ سان، ٿر بر سڀ برباد؛
پيڙي پونجي واد، پاليا ڏيهه ڏکاريا.

ٿر ۾ 'وارو' هڪ اهڙي نُگري بيماري آهي، جو ماڻهو جيئرو ته رهي ٿو پر ٻئي هر ڪم کان ويهجي وڃي ٿو. اياز پنهنجي دوست ڏانهن هڪ خط ۾ انهيءَ 'واري' ۾ ورتل جو اکين ڏٺو احوال لکي ٿو ته:

"..... گوگاسر نالي وستيءَ ۾ هڪ هوٽل هو، جتي اسان سواريون روڪيون. جيسين ڊرائيور انجڻ ۾ پاڻي وجهن، تيسين اسين هوٽل ٻاهران پيل موڙن تي وڃي ويٺاسين. هوٽل ڇپري جي ٻاهران هو ۽ مٽيءَ جي چُلهه تي چانهه ٽچڪي رهي هئي. اوچتو ڇپري مان ڪنجهڻ 'ڪرڪڻ جو آواز آيو ۽ مون منهن ڦيري ڏٺو ته ڪوئي سوڙ اندر تڏي تي لُڇي رهيو هو. مون هن جي باري ۾ پڇا ڪئي ته هوٽل واري جواب ڏنو، 'سائين، هن کي 'وارو' آهي!'

'وارو ڇا آهي؟' مون پڇيو.

'هتان جي پلر پاڻيءَ ۾ ڪائي بيماري آهي، جنهن جي پيئڻ سان، ماڻهوءَ جي جسم ۾ ڪينئان پئجي وڃن ٿا. سائين! وارو ڏاڍو بڇڙو آهي، ماڻهوءَ کي جهپ به نه لڳندي آهي ۽ سڄي سڄي رات پيو رڙندو آهي!'

'هي ڪنهن اسپتال ۾ علاج لاءِ ڇو نٿو وڃي؟'

'ڇهن ڏينهن کان اِتي چُڙي چڪي رهيو آهي. نه هن وٽ پئسو آهي ۽ نه اسپتالن ۾ دوائون ئي علاج لاءِ آهن. هتي نانگ کاڌي جو به علاج ڪونه آهي، روز هڪ نه ٻيو چڪ وگهي مري رهيو آهي!'

مون چپ ڀيڪوڙي آسمان ڏانهن ڏٺو ۽ مون کي ائين لڳو جڻ چنڊ جي ڪرڻن مان ٻُرٻُر ڪينئان ڪِري رهيا هئا."

ڦوڙو پوري پونءِ سان، پيو ڪالهه ڦِسي،
ايڏو روڳ ڏسي، ويڄ ٿيا سڀ وائڙا!

اياز اهو حال ڏسي دل ۾ چيو ته "ڊاڪٽر ساڪ (Dr.Salk)، ائنٽي پوليو وئڪسين (Anti Polio Vac-cine) ڳولي سگهيو ۽ ڪينسر جهڙي بيماريءَ تي ڪامياب ريسرچ ٿي رهي آهي، پر اسان جا مسڪين مارو ائين ئي تڙپي تڙپي مري وڃن ٿا ۽ هنن جي بيمارين لاءِ ڪنهن علاج جي تلاش نه ڪئي ويئي آهي."

ويڄ سڀ وائڙا، ڪهڙو ويڄن وسّ؟
منهن ڦيري موٽ ڏي، ٻُڌي ڏاهن ڏسّ،
تنهن جو موت اوسّ، اچڻو آهي اوچتو.

ڌرتيءَ جي ڌڻين کي بيمارين ۾ ائين اوچتو مبتلا ڏسي روئي پوي ٿو:

ڏسي ڏُکيا ڏيل، ڳوڙها ڳل ڳڙي پيا،
بُکن بيمارين ۾، آزاريل عليل،
زر ۽ زور ذليل، ماڻهوئڙا ڪيا ملڪ جا.

اياز ڪنهن بجيراِڻيءَ جا ٻار ڏسي اُداس ٿي وڃي ٿو:

ساري رات سُکالڙا، بجيراِڻيءَ ٻار،
ڪيڏي پگهر لار، منجيءَ آلا رلڪا!

هو ماروئڙن جي هڪ هڪ چؤنري جو حال ڄاڻي ٿو:

ٿر ۾ مٽيءَ ڪونڊيون، اَٽو اَٽو ڪن،
مارو روز مرن، چؤنري چؤنري بُک ۾.

هُو کير جون چؤنريون خالي ڏسي چوي ٿو:

ڪُنن ناهي ولوڙ، کيرُ ڀٽارين ڇڏيو،
جيءَ وجهن جهنجهوڙ، تن جون اونڌيون چؤنريون.

ٿر ۾ جڏهن ڏڪار پوندو آهي ته مارو بُک وچان رڳو پيرون کائي ٽاڻو ٽاريندا آهن. هونئن ته پيرون ٿرين جو من پسند ميوو آهي، پر جڏهن رڳو پيرُئن تي گذارو هجي، ته وات پچيو پوي. اها حقيقت اياز خوب ڄاڻي ٿو:

ڀُرٽ نه ساري ڀونءِ تي، مُرٽ نه ماڻهوءَ وس،
پيرون ٻُوٽ ڦلوڪڻ، بُک نه ڄاڻي بس،
ڏوٿي ڏوٿي ڏس، ڪيئن هيءَ آڳ اُجهامندي.

هُو بُک جو منظر هيئن پيش ٿو ڪري:

مانڌاڻو ۽ مَڪّ، اڄ نہ ڏسجن اکئين،
ڪهڙا ڍاڪونءَ ڍڪّ، بُکّ وسي ٿي وانڍ ۾!

'بُک بڇڙو ٽول' کي اياز ويجهڙائيءَ کان ڏٺو آهي:

ڪوئي ڪنهن جو ناهہ، اڄ، هرڪو پنهنجي لاءِ،
ڪٽان چار لڪاءِ، آيا ڪانوَ اڱڻ ۾.

بُک ماڻهوءَ کي ڪنهن ڪم جو نٿي رکي، هو اهڙو حال پسي چوي ٿو:

نہ مان اونگهہ اُلٿ، نہ مون ننڊ نڀاڳ جي،
بُک نساها هٿّ، پير نہ لهن کٽ تان.

کيس ليڙون ليڙ ڪپڙن وارا ٻارڙا ڪيئن ٿا لڳن؟

ڪيڏا ابهم ٻارڙا، ليڙون ليڙ لباسُ،
جن مان تن جو ماسُ، بَکي چتُين وانگيان!

هو واٽ ويندي پاڻي ڀرڻ لاءِ ويندڙ نينگرين کي ڏسي چوي ٿو:

جانکر، نہ جهارو، ويريءَ وريون نينگريون،
دِلا واريءَ تي رکي، کائي ڦوڪارو،
ساري وسڪارو، تڪن اَڀري اُڀ کي.

سندن خالي کارن ۽ سُڪل جسمن کي ڏسي چوي ٿو:

مٿن رکي موٽيون، کاڄ بنان کارا،
ٿري ويچارا، ڪانين جهڙيون نينگريون!

هو ماروئڙن جي کٿيءَ جو حال ٻڌائي ٿو:

کٿيءَ منهنجيءَ ڪيترا، سيبا ڏنائون،
تُن تَڪي آئون، روز ٿيان ٿو وائڙو.

'ٿر آهي ٿڻ تي، نہ ڪڻ تي.' انهيءَ ٿر جو حال ڏڪار ۾ اياز اجهو هيئن ٿو ڏسي:

نہ هو چؤنري ۾ ڪٿي، راتڪو چُوٽو!
نہ اڄ ولوٽو، نہ سي وايون وانڍ ۾.

پاڻيءَ ۾ گاهہ پري پري تائين نٿو ٻڌجي. مال کي اُن لاءِ ڪيترو ڏور ٿو وڃڻو پوي:

ڀٽون ٽپي ڪيتريون، واريءَ وڳُ ويو!
اڃا پنڌ پيو، آهي رّڻ اجهاڳ جو.

ٿر ۽ ڏڪار جون پاڻ ۾ لانئون لڌل آهن. ڏڪار ۾ جڏهن کاڌي لاءِ اَن تہ نهيو، پر ڏُٿ بہ ڳولهيو نہ ملندو آهي، تڏهن ڪنهن وٽ پيٽ قوت لاءِ اَن ڪڻا هجن تہ وڏي ڳالهہ ٿيو پوي. اياز اها روئداد پنهنجي هڪ خط ۾ ٻڌائي ٿو:

"هڪ ڀيري اسان ٿر جي سفر تان موٽي رهيا هئاسين. اسان کي سواريون هيون ۽ ڇاڇري وٽ ٻنهيءَ جا ڦيٿا پنڪچر ٿي پيا هئا. ڊرائيور پنڪچر ڳنڍي رهيا هئا تہ سج لهي ويو هو. واريءَ تي ڪنڊيءَ ۽ نم جا وڻ، سنجها جي پرڇائين ۾، ڌرتي ديول جا ٻہ پروهت ٿي لڳا. ان وقت مون واريءَ تي ٻہ اڪ مڪڙ ڏٺا، جي شفق جهڙا رنگين هئا ۽ هڪ ٻئي جي ڪڍ ٽپا ڏيئي رهيا هئا، جڻ جيئري هائڪو وانگر ٿي لڳا. انهيءَ کان پرڀرو هڪ ڀونگيءَ جي ٻاهران

کائي جوپنونت مينگھواڙ دانگيءَ تي ٻاجھريءَ جو ڏوڏو پچائي رھي ھئي ۽ ھُن جا ٻارڙا ھن جي پرسان کُڏکي رھيا ھُٿا. مينگھواڙ کي پولکو ۽ ڳاڙھو پڙو پيو ھو ۽ ماني اُٽلائڻ وقت ھن جي ٻانھين کڙکڙ ٿي ڪئي. بکايل ٻارن لاءِ مامتا جي انتر انپو ۽ اڌ پڪيءَ مانيءَ جي اُڪنڊي اُٽل ھن جي چمري تي ھڪ عجيب ڪيفيت پيدا ڪئي ھئي. مون ٿر ۾ اھا ڪيفيت اُتي ڏٺي ھئي، جتي آڪر ۾ ڪجھ ان کٽا پيا ھٿا...." اياز اھو منظر ھيئن پيش ڪيو آھي:

تو در دانگيءَ ھٿ، ٻھڪي پئي ٻاجھري،
جڏھن اُٽلي اڌ ڪچي، ڇا ڇا ھيڄ نہ ھٿ،
سائي سونھين ست، جنھن جي آڪر اَن کٽا.

ھو اِھي منظر جابجا ڏسي ٿو:

ڪنھن ڪنھن آڪر اَن کٽا، پوءِ نسوري بُکّ،
ڪھڑا ڪھڑا مون ڏٺا، ڏوٽيئڙن جا ڏُکّ،
سنڌ نہ سنيپري سُکّ، اُپري سڄ لھي ويا.

اياز پنھنجي خط ۾ اڳتي لکي ٿو:

"....اسان ڇاڇري مان رات جو نائين بجي امرڪوٽ ڏانھن روانا ٿيا ھئاسين. ٻڌي جي چوڏھينءَ جي رات ھئي ۽ چانڊوڪيءَ جي پاڪر ۾ واريءَ سومل جي ڏيک ٿي ڏني. انھيءَ مينگھواڙ جي سٻاجھڙي صورت وري وري منھنجي اکين اڳيان ٿي آئي، ۽ مون سوچيو ھو ته سَگھي پورھيت ماني پچائيندڙ ڪڙي نہ پياري ٿي لڳي!"

ساڳئي خط ۾ ھو ڏکار جو سمورو روپ ھنن لفظن ۾ ٿو لکي:

"..ڇا سومراسر جون ٽريچاٽيون، ڇا سوُراڇند جون بجيراٽيون، سيني جي سورج ونسي سونھن، گھٽو ڪري گھوماٽيل نظر آئي ھئي، ڇو ته چوڏاري اَن جي اٽاٽ ھئي. (ان جي اٽاٽ جي باري ۾، ڪنھن ٽريءَ ھڪ دردانگيز جملو چيو ھو، جو مون کان نٿو وسري، 'سائين، ڪٽڪ ته ميوو آھي، اسان کي ته اَن بہ نٿو ملي!' اَن مان ھُن جي مراد پُرٽ مُرٽ وغيرہ گاھن جا داٽا ھٿا.)"

اياز ٿر ۾ ضرور ڪو بُک جو پوائنٽو روپ ڏٺو ھوندو، جنھن ڪانئس ھيءُ گيت لکرايو آھي:

آ گـــدري جـــي قـــار، امـــان!
اڄ پـوَرو نـاھـي چـنـڊ- اسـان کـي بُـک بـے ڏاڍي آ!
ڏاڙھـون کـــنِ چـــوڏار، امـــان!

ھـي تـارا تـارا مـنـڊُ- اسـان کـي بُـک بـے ڏاڍي آ!
ڏُٺ بـــے ڏوَنـــرن ڏار، امـــان!

تون پـينـھين خـالـي جنڊ- اسـان کـي بُـک بـے ڏاڍي آ!
ھـي چـنـڊُ امـان! ھـي مـنـڊُ امـان!
پـر سـپ کـان ڳـورو جـنـڊُ، امـان!
ھـي تـنـھـنـجـو ڪـورو جـنـڊُ امـان!

ٿر ۾ جي مينھن نہ وسي ته قسمت ئي رُسيو وڃي. ٿر سمورو پڙپانگ ۽ ويران ٿيو وڃي. ماروئڙن جا ڏينھن رات ڏاڍي اڪيلائي ۽ نراسائي ۾ گذرندا آھن، جن کي اياز اجھو ھيئن ٿو ٻڌائي:

ڪنڊيءَ نہ سِڱريءَ، ٻير نہ پلڙو،
سائو نہ سلڙو، ڇانگون نہ ڇيلڙا! مارو اڪيلڙا! مارو اڪيلڙا!
پنڊيءَ نہ ڳيڙو، وِهہ وات ويلا،
مُنهڙا بہ ڀيلا، ڳوڙها ڳهيلڙا! مارو اڪيلڙا! مارو اڪيلڙا!
ساري سيارو ٿي ماٺ ماري،
سومر اڱاري، ماڻهو نہ ميلڙا! مارو اڪيلڙا! مارو اڪيلڙا!
ٿا جيءُ کي جهورن ۽ روهہ رولن،
جنهن وقت ٻولن، ڪڻڇي ڪُويلڙا! مارو اڪيلڙا! مارو اڪيلڙا!

ٿر ۾ ڏڪار جي صورتحال شاعر کي ڏکوئي ٿي وجهي. پاڻيءَ لاءِ پريشان ماڻهو، ساهوارا ۽ خود ڌرتي جڏهن هڪ عجيب ڪربلا جو منظر پيش ڪندا آهن تہ هو کوهن کي ڌرتيءَ جي دل ٿو ڪوٺي ۽ بادلن کي وسڻ لاءِ ٿو چوي، جيئن ڌرتيءَ جي دل ڀري رهي:

هي ٿر جا کوهہ
جن جي گهرائي ڌرتيءَ جي دل تائين پهچي ٿي
۽ جي ان نيري مهربان آسمان کي
جنهن ۾ بادل ڀرجڻ وارا آهن،
ڏيکارن ٿا ڌرتيءَ جي دل
جا رت ۾ ٻُڏل آهي،
۽ جنهن ۾ ڏينهن جو ڪروڙين ڪرڻا
پنهنجا تير چُڀائي وڃن ٿا.
اي ڪارونڀار!
تون ڪڏهن اچڻو آهين؟
ائين نہ ٿئي تہ کوهہ سُڪي وڃن
۽ ڌرتيءَ جي دل
ڌرتيءَ ۾ ڦٿڪي مري وڃي.

ڀريل تريل کوهہ جڏهن کريو پون تہ ٿريچاڻيءَ جي دل اوسيئڙي ۽ تانگهہ وچان اياز کان اجهو هيئن دانهن ڪڍايو ڇڏي:

ڪنهن ڄاتو هيئن اوچتو
کوهہ مٺا کرندا- ڪُهہ ڄاڻان ايندا ڪڏهن.

ٿر جي اُترئين طرف کوهہ اونها ٿين. ايتريقدر جو اوڏانهن کوهہ جي اونهائي سٺ پُرهہ يعني ٽي سؤ فوٽ کن بہ ٿئي، اهڙن کوهن لاءِ اياز چوي ٿو:

کوهہ کُٽي ئي ڪونہ ٿو، ڇڪيون پيو ڇڪّ!
ڌِڪيون پيو ڌِڪّ، وري وري وهٽ کي!

اياز سنگھارن جي اها مجبوري پڻ سمجھي ٿو تہ اونھا کوھہ (سانيڪا) سندن وس کان ٻاھر آھن، تنھنڪري سندن گذارو ويرين (کوھين) جي پاڻيءَ تي آھي:

ويريءَ لَپ پَري پين، ھي جي پنھنجا يار،
سانيڪا سنگھار! پري تن جي پڇ کان.

اياز جي شاعري ماروئڙن جي ڏينھن رات جو اولڙو آھي. ڏکار وارن ڏينھن ۾ ھڪ عرصي تائين ماروئڙا مينھن جو اوسيئڙو ڪندا آھن. اُپ ڏانھن ڏسندي ڏسندي سندن اکيون ھر وقت اُپتيل ئي رھنديون آھن. اکين جي اھا ڪيفيت عجيب ٿيندي آھي. نيٺ آس ڪٽي وس وارن ھنڌن ڏانھن روانا ٿيندا آھن، پر سندن اکيون آسمان ۾ ئي ھونديون آھن. اھڙي سمي شاعر ٿر مٿان ڪاري ٻات ڏسي چوي ٿو:

ايڏو اوندھہ مَنڌ، جگنو ھڪ بہ نہ جيئرو!
تارا سڀ تڙجي ويا، چاري ناھي چنڊ؛
ھي اونداھو ڪنڊ! تڙڦي شل ڪو ترورو!

۽ ماروئڙن کي آس جي تروري جو آسرو ڏئي ٿو:

ڪھندي ڪاريءَ رات ۾، مارو! ٿي نہ ملورُ!
آءٌ ڏسان ٿو اُپ ۾، نھريون نھريون نُور؛
دؤر نہ آھي مُور، سپنا توکان ساڀيا.

ماروئڙن جو وس لاءِ پنھنجا پکا چڏي وڃڻ پچاڻان، سندن ونيون وائڙيون ٿي پنھنجن پٽارن کي ساري وسامجي وڃن ٿيون!

ڪيڏا ڏُور ويا، سانگي جي سائيھہ جا!
تن جي ڏيھہ ڏُھاڳ ڪان، ڏونگر ناھہ ڏيا؛
ھيءَ ھيءَ ھانوَ ھيا، ڪيئن جاليئہ ھن جوءِ ۾!

ڏُور کان پرٽجي آيل پنھنجي ڪانڌ جي ڪوڏي دانھن ڪري چوي ٿي:

ڏاڍو ڏُور ويام، لوئيءَ ۾ لائون لھي،
سڏ پڙاڏا وائڙا، ويندا ڪونہ وريام،
تن جي لاءِ ڪيام، ڪيڏا پنڌ پھاڙ جا!

۽ ڪارونجھر جي چوٽيءَ تي جڏھن ھُن مور جو آواز نہ ٻڌو تہ ھو سراپجي وڃي ٿي:

ڪارونجھر جي ڪور تي، مور نہ ڪاڏي موٽ،
ھاءِ ڇريءَ کي ڇوٽ، ڏيئي ڪالھہ ويا.

پنھنجي ونيءَ جو پٽار پڻ ھر ھر ڪيس ساري سنپاري ٿو. ايازسندس درد خوب ڄاڻي ٿو:

ڏاڍو ياد پئينءَ، سانجھي ويري سانوري،
ڪيڏو ڏور وئينءَ، ڇتي ڇاٽ ڇُھاوَ جي!

پيار ڪيئن سندس سار ۾ پير پير ۾ پائي گھڙي اڇي ٿو:

اونڌهه انڌوڪار، راتيون ڪاتيون ڪُڪ ۾،
ڇوڏهيءَ چند وهاتي! آڏيءَ ڏي آڌار،
ڪولي ڪولي اوچتو، پهچي تنهنجو پيار،
پرجهي پهريدار، جهانڪي مون ڏي جهانوَريو.

ٿر ۾ خوشين جا سمورا ٿهورا سانوڻ ۾ ٿين. مينهن پوڻ سان ڏرتي ته سائي چادر اوڍيو ڇڏي، پر ماڻهن جا من به ساوا ٿيو پون. اهڙي سمي جن جا ور وطن کان ڏور پرڏيهه ڪمائڻ ويا هجن، انهن جون ونيون کين آکاڙ ۾ ئي سنپاري رويو پون:

آيو ڇا آکاڙ؟ اکڙيون ڇو هِڻن آگمينون!
ڦُڙ ڦُڙ مون لئه قاڙ، پرپ نه توبن پريتٽا.

۽ اهڙي ويل اياز دعا ٿو گهري ته:

الا ائين نه هوءِ، جو هي ٿر ٿميو رهي!
لُوءَ نه لهسي لوءِ، پرجو گرجو بادلو!

سانوڻ مينهن جو مهينو آهي. هو وري سانوڻ کي مينهن وسائڻ لاءِ چوي ٿو:

ٿر جي رونجهي ريت تي، شال وسين سانوڻ!
ڏونگر سان ڏانوَڻ، ڏائين ڪاريءَ اُپ جا.

۽ پوءِ مينهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

هي گهناڻيون گهڙيون،
آگ آگ آسمان،
مور ريت تي رڙيون- مينهن آءُ! مينهن آءُ! مينهن آءُ!

۽ جڏهن مينهن وسڻ لڳي ٿو ته ڪيس وسندي رهڻ لاءِ چوي ٿو:

وس وس اُتر اُپَ، وس وس، وس وس مينهڙا!
اڇ اڇ، اڇ اڇ وڏڦڙا، پير پير ڪارا ڪُپ!
تنهنجي لاءِ اُتاولا، ٿر جا ٿوهر ٿُپ،
ڪارونجهر جا ڪُپ، ورسائج وٽڪار سان.

مينهن ميلاپ جي موسم آهي. مارو پنهنجا ويڇا وساري هڪ وار وري پاڻ ۾ ويجها ٿين ٿا:

مارو پرتا پاڻ ۾، ماڻي مُنڊ مليرِ،
ٻُرڪي تن تي باجهه مون، چِت هيا جي چير.
اڄ سي ڪنڀون ڪير، ويٺان وهه نڪري وئي.

اهڙي خوشيءَ جي سمي جڏهن ڏرتي نري پيئي ته اياز جا گيت ٽڙي پيا:

اَرتي ڏرتيءَ آتري پاتو ڪُهنبو ويس،
منهنجا گيت ڪليا، روئي منهنجي رَتُ تي.

مينهن پوڻ سان ڏرتيءَ جي ڪايا ئي پلٽجي پوي ٿي. وڻ، ٽڻ، ٻوٽن ۽ ماڻهن جو ونُ ئي مٽجيو وڃي ٿو. اها سموري روئداد اياز ڏسي ٿو ۽ چوي ٿو:

ٻُوهه ۾ پنهنجا ڦُوهه، سُڄ نه وانجهي سونهن کان،
ڪونه لڪايا ڪنجري، ڪاريءَ اک ڪُوهه،
توڙي لهسيو لُوهه، ته به جوپن جرڪي منڊ جو.

هو چانديءَ جهڙي چهري تي جرڪندڙ جُهومڪيون ڏسي ڪيئن نه خوشبو جهٽي ٿو ونڊي:

هيءَ روپهري روءِ، جنهن تي جرڪيون جهومڪيون،
رُڻ جهُڻ جنهن جيءَ جهاڻ سان، جهونجهڪڙي ۾ جُوءِ،
ڪائڙ جي خوشبوءِ، جهڙي ڦوڳ ڦلار ۾.

اهڙي ڦول ڦُلار جي منڊ ۾ شاعر ٿر جي انگ انگ کي نچندو، ڪڌندو ڏسي ٿو:

ڪهڙي لوڪ لڇا، نِڇُ نچي هيءَ نينگري،
جنهن جا سانگ سرير جا، ڏرتيءَ لاءِ ڏڇا،
اُپري انگ سجا، آڇيو ڦول ڦُلار ۾.

هو جوپن پسي جهنجهوڙجي وڃي ٿو:

چوريءَ چوڙيون ڪڙڪٽيون، اوڇهڙ، پانهن مروڙ،
لَڄ ڏنوي ٽي ڏَڄ ڪي، ڊپُ نه چاهي ڊوڙ،
جيءَ پئي جهنجهوڙ، اکڙيون پوريون اوچتو.

هو سومرين جي سُونهن ڏسي، اُنهيءَ پل کي سينڊي ۾ سانڊي رکي ٿو:

سَر تي نِوڙيون سومريون، جهبا ڏين نه جهل،
جهومڪ جهومڪ پاپڙيون، جهرمر جهرمر ڳل،
جهرڪي پيا جهانجهه ۾، ڪائي انگ اُڻل،
ڇا ڇا پيارا پل، واريا سي جي وات ۾!

۽ جڏهن شاعر هيءَ منظر ڏسي ٿو ته ڏسندو ئي رهجي وڃي ٿو:

سَر ۾ چمڪيو سِڄُ، جَهڳ ڪري جهيرٽو،
نڪري آيو نِڄُ، تنهن تي ترندو هنجڙو،
پر تي بينڊي پيلٽي، سَر ۾ سُرڪيو هنج،
روهاڪيءَ کي رنڄُ، ڪهڙو جو اُڏري ويو؟

۽ هو پينگهه لڏندڙ نينگريءَ کي ڏسي چئي ٿو ويهي:

وينگس ڦُلڙي نڪ ۾ پايو لڏي ٽي،
سانجهي ٻڏي ٽي، تارا اُپريا اُپ ۾.

هو اُگهاڙن انگن ۾ سڄُ جي سڄ ڏڄ ڏسي ٿو:

.هي جي پائي پوتڙا، سارو ڏينهن سڙن،
تن جي ننگي تن، ڪيئي سڄّ سمائيا.

هُو لوهاٽين جون اکيون ڏسي چوي ٿو:

گونٽي تارون گماگمرا، پويون لوهاٽيون،
ور ور اُماٽيون، جي مون سار ستاوَ ۾.

ٽر جي ڪنهن سوناريءَ کي ٻانڊٽيءَ ۾ ڏسي کيس چوڏهينءَ جهڙي محسوس ڪري ٽو:

هيءَ جا سوناري، پائي آئي ٻانڊٽي،
مون من ٻلهاري، چوڏهينءَ کان ٻہ چگي لڳي.

ٽر جي سموري ويراني، رنگين پڙن، ڪنجرن ۽ چُنين ۾ ڏسي اياز چوي ٽو:

ڪيئي پڙا، ڪنجرا، چُنيون ٽيون چمڪن،
ٽڏيءَ ٽريڇن، مون من رتو رنگ ۾.

اُهي جڏهن پنهنجي پتارن جي ملڻ لاءِ سينگار ڪن ٽيون ته:

چوڏاري چوڻرن، ٽونر ٽونر ڪنڪٽيون،
جن ۾ لونڙاريون، چوٽي ڦُل وجهن،
ڪيڏا منهنجي من، سپنا سونهن سمائيا!

۽ جڏهن سانجهي ٽئي ٽي ته اياز اُهو هيئن ٽو انپو ڪري:

پَٽَ پٽيهر ريت، ڇُرڇُر هرٽيءَ پيرڙا،
سانجهي، سج سُريت، ٽر تي ليٽي ٽانهري.

رات جو چنگ جا سُر هوا جي لهرن سان اُڏامندا گونجي وڃن ٿا:

ڳهٽي جهڙو ڳائٽو، ڏرتيءَ جهومر جهانءِ،
پٽ پٽ مٽي پاڻ، چمڪي ٽو ڪجهہ چنگ مان.

مينهن جي مند ڏاڍي آسوند ٽئي ٽي. ٽريچائي پنهنجي ڪيترن ئي آسن سان مينهن لاءِ هيئن ٻہ واجهائي ٽي:

ور ور ڪري وڃڙيون، چمڪيون چوڻري تي،
پائي ڪارو ڪنجرو، ٽاريلي ٽڙڪي،
تاڙي پئي تانگهہ مان، تتر ڪرڙيءَ کي،
آڏيءَ رات وسي، ته سينڊي سان سرهي ٽئي.

۽ جڏهن رات جو چند ڪڙي ٽو ته:

چوڻري مٽان چندُ، اُپري آيو اُپَ مان،
ڪچ ۾ ڪائي ڪامٽي، من ۾ سارو مند،
آڏي رات اڪند، سرهو ساڻ سرير جو.

۽ پوءِ:

ساري رات سرير جي، جر سان جاڻ سجاڻ،
اکڙيون اَڇ اُڪند جي، اُجرا نيڻ نياڻ،
ڏرتيءَ سرتيءَ ساڻ، سرگ سجايو نرگ ۾.

صبح جو جڏهن گهڙا مٽن تي ڪٽي ڪوهن ڏانهن روانيون ٽين ٽيون، ته شاعر کين ڏور کان پيو ڏسي:

دور پرهه ۾ پولڪا، ڪوهه مٿان هو ڪَنجَ،
جهڙا ڦوڳ ڦُلار ۾، جهڙا سر تي هنج،
رات رچايا رنج، ٻهڪي نڪتيون ٻهگڻيون.

"پولڪا" جي باري ۾ ايياز هڪ هنڌ لکي ٿو:

"...منهنجي ڪان ٿورو پري اسين ڪنهن ڳوٺ ۾ لٽل هٽاسين تہ باک ڦٽيءَ محل مون کي جاڳ ٿي ۽ مون اُٿي چهل قدمي ڪئي. سامهون ڪوهه تي ڪي ٿري عورتون ورت ڇڪي رهيون هيون ۽ ڪي پاڻيءَ جا ٻريل گهڙا مٿي تي رکي وڃي رهيون هيون. انهن جون ڇاتيون پولڪن سان ڍڪيل هيون. مون کي اُن وقت اوچتو خيال آيو تہ لفظ 'پولڪا' مون ڪٿي انگريزيءَ ۾ پڙهيو آهي. ان وقت مون وٽ ڪا انگريزي لغت ڪانہ هئي، پر جڏهن مان موٽي سکر ويس تڏهن مون آڪسفورڊ ڊڪشنريءَ ۾ متروڪ ۽ اجنبي ٻولين جي لفظن جي فهرست ڏٺي. ان ۾ پولڪا جي هيءَ معنيٰ لکيل هئي:

Polka: Tight fitting dress of a woman, used in German and French-origin unknown.

اهو ڏسي مون کي حيرت آئي تہ سنڌي ٻوليءَ ۽ تهذيب جا رشتا ناتا ڪيترا نہ قديم آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ ڪٿي ڪٿي پهچي چڪا آهن. هيءَ مارئيءَ جي ڌرتي، جا دراوڙي ۽ آريائي تهذيب جو هڪ خوبصورت ۽ حيرت انگيز سنگم آهي، دنيا جي تهذيب جو هڪ لازوال ۽ بي نظير ورثو آهي...."

وڃڙيلن جي من جي ڪيفيت هاڻي اُها اڳ جهڙي نہ رهي. ايياز اها بيان ڪري ٿو تہ:

چوٽ نہ ساڳي چنڊ جي، درد نہ سي دانهون،
اڄ نہ سي آهون، چئن اڇي ويو چِت ڪي!

ٿر ۾ ڪولهين جو لوڪ ناچ آهي، 'راسوڙو' . اهو ناچ عورتون ۽ مرد گڏجي نچندا آهن. اصل ۾ اهو ناچ برج ۽ ورندابن جي گوپين ۽ ڪرشن جي ناچ 'راس ليلا' جو هڪ روپ آهي، جيڪو گجرات، راجستان ۽ ڪاٺياواڙ کان ٽيندو ڪولهين سان پارکر ۽ ٿر ۾ پهتو، ۽ اُهي ڪرشن جي جنم ڏينهن 'گوڪل اشٽمي' تي ڪرشن جي مورتي ناهي (جنهن کي 'ڪانهوڙو' چوندا آهن) ان جي چوڌاري دهل جي لئه ۽ تال تي نچندا آهن. اهو پرپ سانوڻ جي ڏينهن ۾ ايندو آهي، تنهنڪري ٻيٽيون خوشيون ڪٽي ايندو آهي. ايياز پنهنجي هن بيت جي تن سٽن ۾ راسوڙي جي روايت ۽ ڪولهياڻيءَ جي جذبات جو ذڪر ڪري ٿو:

چَم چَم ڪري ڇيڳري، راسوڙي جي رات،
پايل آندي پارکر، گيت ڏنا گجرات،
منهنجي من جي مات، ڪنهن جاتو ڪهڙي هئي!

'ڪانهوڙي' جي رات شاعر راسوڙي ۾ ڪنهن وڃڙيل جي دلي ڪيفيت کي ڏسي ورتو هو:

هيءَ ٽڏڙيءَ جي رات، ٿر ۾ ڪيئي ڪولهٽيون،
تاڙيون وڄيون اوچتو، چيري چُپ چُپات،
آئي تنهنجي بات، راسوڙا رُڪجي ويا.

ٿر ۾ ڪولهي 'ڏانڊيا' ناچ بہ ڪن، جنهن جو پس منظر 'راسوڙي' وانگر آهي. ايياز اُهو پسي سندن منظر پيش ڪري ٿو:

ڦيري پنهنجا ڏانڊيا، ور ور ڪڙڪا ڪن،
جن جي پيرين گهنگهرو، چم چم سان چمڪن،
ساري رات نچن، چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي.

اهڙي سمي هو سوراچند جي نڪراڻين کي ياد ڪري ٿو، جيڪي پنهنجا پٽ ڇڏي سرحد پار هليون ويون آهن:

مون کي ياد اچي رهيون آهن
سوراچند جون نڪراڻيون
انهن جا ڏڳا قد ۽ سنهيون ڪچيون،
اُها ڪونجن جي قطار جا ماضيءَ جي
طوفان ۾ ويڙهجي چڪي آهي،
۽ لُوهه ۾ لاٽين کي
انهن جون سون ورن ٻانهون ياد نه آهن،
۽ هُڙيا پنهنجي هونگار ۾
انهن جا گيت وساري چُڪا آهن؛
پر مون لاءِ ڪنهن پن جي چُرپر
ڪوئي هوا جو جهوٽو
اُنهن کي پُڇڻ تاري جي لات وانگر
سمئه جي گهور انڌيري مان
ٻاهر ڇڪي آڻڻ لاءِ ڪافي آهي
ڪاش مان اهي راسوڙي جون راتيون پيهر ڏسي سگهان
جي اڃا تائين
منهنجي من ۾ ٻُري رهيون آهن!

ايار اُنهن نيرن گهاگهرن وارين نڪراڻين کي وري به هن بيت ۾ ياد ڪري ٿو:

هو جي نڪراڻيون، جن جا نيرا گهاگهرا،
هو جي جيسلمير ۾، مون کالهه اُماڻيون،
واٽون ويڇائيون، تِن بِن سانوڻ مينهن ۾.

ايار جڏهن آندرا ديس (ڏکڻ هندستان) جي عورت کي ڏسي ٿو ته سندس من ۾ ٿر جي ڪولهڻ هُري اچي ٿي، جيڪا به هُن وانگر ڪاري آهي، پر اندر اُجياري آهي:

آندرا ديس جي سندر ناري!
تون جا ڪاري پٿر جي جڙ مورتي آهين،
ڪير چوي بدصورتي آهين!
سُندر رجني! روپ نه آهي ڪاٽيارو
اچي جو يا ڪاري جو؛
تون ته اجنتا، ايلورا جئن پياري آهين

ڪاري ڪويل جي ڪُوڪُو جئن
انگ انگ متواري آهين
تون اوشا کان نياري آهين،
ڏر جي ريتيءَ تي ڪولهڻ جئن
سُگهڙ آنهن، سگهاري آهين:
وَڻ واس بِن کا شيءِ ناهي
پيار پياس بِن کا شيءِ ناهي-
تنهنجا چپ ۾ ڪاشيءِ پيالا
آلا آلا
مُنهن مان منهن ۾ امرت اوتن
جگ جگ جيءَ جوالا-
تون ڪيڏي اُجياري آهين
ناري، تون جا ڪاري آهين!

۽ هڪ ٻي ڪولهڻ ڏٺائين تہ چيائين:

هي ڪولهڻ ڪهڙي
روهيءَ واري مينهن جي
چانڊوڪي جهڙي

اياز مينهن جي مند ۾ سانجهيءَ ٽاڻي محبتين جي ميلاپ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

سَر تي سانجهي سانوري، چرَ تي چايا وڻ،
رمتي رُويا ريت تي، پويا ڙيءَ ۾ پَڻ،
سُنَ وسايا سڻ، رائي رانيِ راتڙي.

۽ رات پيٽ جي وارداتن کان پوءِ:

پوءِ سمائي لونءَ ۾، سانجهي سانگ کيا،
پوئين پير ويا، موتي وگ وٽاڻ ۾.

۽ شاعر جي نيٽن مان نند اُڏامي وجي ٿي، جڏهن:

آڏيءَ جي آڪاس کي، نوري نيري چَٽ،
اچٽي ناهہ نِکتّ! مون کي تو جئن نندڙي.

نيري آسمان تان جڏهن ڪاري ڪامٽي پنهنجا پيرا تارن جي روپ ۾ چڏيندي اچي وتس پهچي ٿي تہ شاعر کانئس پڇي ٿو ويهي:

نُورا نيري اُپ ۾، تارا تارا پيرَ،
چؤ تون آهين ڪير، ڪاري ڪجلي ڪامٽي!

'سڏونت سارنگا' ڏر ۽ پارکر جو لوڪ پريم داستان آهي. سندن پريم ڪهاڻي انهيءَ پٽ ۾ عام ٻُڌبي آهي. شاعر کي ڪنن ۾ آڏي رات جو انهيءَ پريمي جوڙي جون دانهون ٻُرڻ لڳن ٿيون، جڏهن هو جيئرن جاڳندن محبتين کي پاڻ ۾ ملندو نٿو ڏسي:

ڪارونجھر ۾ ڪُوڪرا، آڏي اُپَ اَٽت،
سارنگا سڏونٽ، رمتي رويا روھ ۾.

يا وري سندن نانءَ ڳڻھن کان سواءِ چوي ٿو:

ڏونگر جا ڏاکا-
چڑھندا ويا چوٽ تي
ويڳس جا واکا

سندن پريم اڻ ٽٽ ھيو. کين زماني جي رواج وچوڑي وڏو ھو. شاعر اُنھن جا ھڪيئي لاءِ سڏ اڇ ۾ مينھوڳي راتين ۾ ٻڌي ٿو:

مينھن بس ٿي ويو؛
ڪڪر
ڪاروٻار ڪري
پنھنجي گھر وڃي رھيا آھن.
پکاڙ جي پٽيان
نندا ڪرا مور
پرن ۾ سڪوڙجي ويٺا آھن
۽ رات لھي آئي آھي
پاري نگر تي
جتي سڏونٽ اڃا سڏي رھيو آھي
سارنگا کي.

شاعر کي ٿر جي ٻٽ ٻٽ جي وچ ۾ اھڙيون کيئي وکريل ڪھاڻيون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. 'ڍولا مارو' ٻٽ جي ھڪ اھڙي ئي ڪھاڻي آھي، جنھن لاءِ اياز چوي ٿو:

ڪَنَ ڪَٽ منجھ ڪھاڻيون، ڍولا مارو ٻٽ،
مُور نہ تنھنجو مٽ، ڏرتيءَ تي ڪو ديسڑا.

۽ ڪارونجھر کي شڪايت ڪري چوي ٿو:

امر ڪارونجھر
ماروءَ پويان ڏينھڑا
ڍولي ايڏي ڍر!

شاعر ڏينھن تتي جو ڪنھن چمڪندڙ پاٽياريءَ جي سونھن ڏسي ٿو تہ بيھي رھي ٿو. سندس پيار ڏنائين ؛ ونيءَ جي قسمت تي دُکي ٿي وڃي ٿو. ٿري عورت جا پيڪا جتي سنديس سَکي رھي ٿي اُھا بہ ڪاڪس ڏور آھي. ايا اھو احوال اڃھو ھن غزل ۾ ھيئن بيان ٿو ڪري:

- تتيءَ ۾ گھڑو ڪا پري ٿي پئي،
ٿري سونھن چمڪا ڪري ٿي پئي.
- اھو ڪانڊُ ڪھڑو؟ انھيءَ کي ڏُسُون!
سھاڳڻ تہ بھہ بھہ ٻري ٿي پئي!
- اُني جي ھوا ۾ ڪنيا مور پر،
دُکي ڍيل ھر ھر ٿري ٿي پئي.

- ڪرايون ڳچيءَ ۾ وجهي ڪانڌ کي،
ڏسي وڃ وينگس ڏري ٿي پئي.
- سکيءَ کي ڏجي ساهه گهوري اياز،
مگر ڇا ڪجي، جو پري ٿي پئي!

هيءُ غزل سماجي جوڙجڪ جي ڏاڍ جو هڪ اوسارو آهي، جيڪو اسان سڀني جو الميو آهي.

ڪارونجهر ۽ مور جو پاڻ ۾ ازل جو انگ آهي. ڪارونجهر تي مينهن وسي ته مور نچي اُٿي ٿو. سندس ٿهوڪا ڏونگر سان ٽڪرائجي اهڙو پڙاڏو پيدا ڪندا آهن، جيڪي جيڪر هڪوار ٻُڌجن ته ڪنن ۾ هميشه لاءِ وڄندا رهندا. اياز انهيءَ جو انڀو پنهنجي هڪ خط ۾ لکي ٿو:

"هڪڙي ڀيري اسان ڪارونجهر وٽ بيٺا هئاسين، ڇمر ۾ ڳاڙهه هئي. اُڀ پهاڙ تي گربي اوڙهي بيٺو هو. اسان سان هڪ ٿري چارڻ به ساڻ هو. اوچتو ڪارونجهر تي مور کنڀ ٽيڙيا ۽ کنڊرجي کنڊرجي، سنجها سوڻي آڪاس جي سنگهاسن اڳيان ديوداسي وانگر نچيو. مون چارڻ کان پڇيو:

"هي مور پارڪر جو آهي، يا گجرات جو؟"

چارڻ جواب ڏنو: "مور نه پارڪر جو ٿيندو آهي، نه گجرات جو. مور ته سدائين نيري آڪاس جو آهي."

مون کي هن جي ذهانت تي حيرت آئي. هن اڳ به مون کي پارڪري- سنڌيءَ ۾ انوکا بيت ٻڌايا هئا (پارڪري سنڌيءَ ۾ گجراتي جي ڪافي ملاوٽ آهي)، سو مون هن کي چيو ته "انهيءَ مور جي باري ۾ ڪوئي بيت ٻڌاءِ!" ۽ هن به چار بيت ٻڌايا، جن ۾ هي بيت به هو:

ڪارونجهر جي ڪور، مرئين تان ميلئين نهين،
ماٿي ٿهوڪي مور، ڏونگر لاڳي ڏيپٽو!

(ڪارونجهر جي چوٽي، مرندين تڏهن به نه ڇڏي سگهندين. جڏهن ان جي مٿي تي مور ٿهوڪو (رڙ) ڪندو آهي، تڏهن ڏونگر ڏيئي وانگر لڳندو آهي.)"

اياز دعا ڪندي چوي ٿو:

او شل ويڙهه وسن
چڙهيو ڏونگر چوٽئين
مور ٿهوڪا ڪن!

هو مورن جون رڙيون جڏهن نٿو ٻڌي ته چوي ٿو:

بس، راتيون ڪاٽيون
هيل نه مورن جون هيون
ڏونگر ڏياٽيون.

اياز 'مور' کي جابجا ياد ڪيو آهي ۽ بيتن، واين، نظمن ۽ ٽيڙن ۾ ان جو ذڪر ڪري پنهنجي شاعريءَ کي ڏياٽيون بڻائي ڇڏيو اٿس. جتي مور جو ذڪر ڪري ٿو ته ڪارونجهر کي اصل نٿو وساري.

ڪارونجهر چوٽيون،
جن کي رڙيون مور جون
ڇُهي نه موٽيون!

اوچي ڪارونجهر تائين پهچڻ لاءِ اياز همت ٿو ٻڌرائي ۽ اياز ڪارونجهر کي اڏول ڪري مڃي ٿو، جيڪو هزارن سالن کان پنهنجيءَ جاءِ تي بيٺو آهي، هو کيس پنهنجو ڀاءُ ٿو ڪوٺي:

ويهه سال ٿيا آهن،
مان ۽ ڪارونجهر هڪٻئي کي ڏسندا رهيا آهيون،
نه هُو اتان چُريو آهي
نه مان ئي چُريو آهيان
هر چُرندڙ پُرندڙ جيءَ وانگر
هُو به اداس ٿي سگهندو آهي
ڪنهن وقت مور پُڪاريندا آهن
ته ائين لڳندو آهي
جڻ ڪائي ديوداسي
ڪنهن سوني مندر ۾ ڏيئا ٻاري
واجهائي رهي آهي ڪنهن لاءِ؛
ڪنهن وقت سانوڻ جي موسلاڌار مينهن ۾
هو زارون زار روئيندو آهي
۽ ان جي ڀرسان وهندڙ نيوّن
اُن جا ڳوڙها پنهنجي سيني ۾ سانڍي
سُڏڪا ڀرينديون وينديون آهن،
ڪنهن وقت طوفان ۾
اُن تي اُڀريل ڪونڀٽ جهوليندا آهن
ته ائين لڳندو آهي
ته هو پنهنجا وار پٽي رهيو آهي
هي ڪارونجهر جو منهنجو ڀاءُ آهي،
جو مون جئن اڏول آهي،
۽ مون جئن اُداس آهي.

اياز جي شاعريءَ ۾ لوڪ گيتن جي گونج آهي. هن اِن ڳالهه جي اُپٽار ڪندي، "اُٺامينهن ملير" ڪتاب جي افتتاحي تقرير ڪندي چيو هو:

"ٿرپارڪر، سنڌ جو اهو ضلعو آهي، جنهن سان مون کي خاص رغبت رهي آهي ۽ جنهن جي تهذيب ۽ تاريخ منهنجي شاعريءَ کي ڪافي اُتساهيو آهي.

تازو هڪ آمريڪي شاعر مون سان ملاقات لاءِ آيو. مان هن سان ڪيترو وقت امريڪا ۽ دنيا ڀر جي ادب تي ڳالهائيندو رهيس. ڳالهيون ڪندي مون هن کي چيو ته اسپين جو شاعر لورڪا مون کي مغرب جي سڀني شاعرن کان وڌيڪ پسند آهي. هو خود لورڪا جو مداح ٿي نظر آيو ۽ مون کي چيائين ته ڇا تنهنجي لورڪا سان محبت جو سبب اهو آهي ته هو اسپين ۾ فرانڪو جي فاشسٽ حڪومت جي خلاف هو ۽ ان ڪري ماريو ويو هو. مون هن کي چيو ته

اهو ب هڪ سبب آهي، ڇاڪاڻ جو مان ب پاڪستان ۾ آمريت جي خلاف وڙهيو آهيان ۽ آمريت جي خلاف وڙهندي مون ڪافي سنو آهي. پر هڪ ٻيو سبب ب آهي ۽ اهو هي آهي ت لورڪا اسپين جي جپسين (خانہ بدوشن) جي لوڪ گيتن مان پنهنجو ترنم حاصل ڪيو هو، جنهن هن جي شاعريءَ کي هڪ انوکي ڪيفيت ڏني. مون ب ساڳيءَ طرح ڪجهہ سال اڳ ٿر جو سفر ڪيو هو ۽ اُتان جا لوڪ گيت ٻڌا هئا ۽ مان انهن جي ترنم کان ايترو ت متاثر ٿيو هوس، جو مون انهن لوڪ گيتن کي پنهنجي جديدت ت ڏني، پر انهن جي مخصوص ترنم کي برقرار رکيو ۽ مان پانيان ٿو ت اهي لوڪ گيت منهنجي شاعريءَ جو هڪ اهم حصو آهن...."

اياز اڳتي لکي ٿو:

".....مون سنڌ ۽ پوري پاڪستان جي عوام جا تمام مسئلا غور سان جاچيا آهن ۽ انهن جي هر روحاني اذيت جي تهہ تائين پهتو آهيان، پر ٿر جي عوام جي تڪليفن ۽ مصيبتن مون تي ايترو اثر ڪيو هو جو ٿر جي سفر کان موٽي مون پنهنجي ڪلام جو هڪ مجموعو 'جل جل مشعل جل' لکيو هو، جنهن سنڌي ادب ۾ ڪافي اُٿل پٿل پيدا ڪئي هئي. سال ۱۹۶۷ع ۾ مون ميرپورخاص کان وٽي ننگر پارڪر تائين سفر ڪيو. اسلام ڪوٽ ۾ پوري رات ٿر جا لوڪ ناچ ڏٺا ۽ لوڪ گيت ٻُڌا. رستي تي کيتن ۾ ٿر جي هارين کي 'همرچو' ڳائيندي ٻڌو، جنهن منهنجي من ۾ اهڙا جذبا اُپاريا جيئن ڪنهن جي ڇاتيءَ ۾ چرو ڪُپي وڃي ۽ گرم خون اُبڙڪا ڏيئي ٻاهر اچي. هيءَ سرزمين جنهن جا صديون پراڻا لوڪ گيت ۽ لوڪ ناچ اڄا تائين امر آهن، جنهن جي لوڪ ادب جو ذخيرو اڪٺ ۽ املهہ آهي، جنهن جا زيور، لباس، گيت ۽ ناچ وغيره انسان ذات جي مجموعي تهذيب جو هڪ امر حصو آهن ۽ جنهن جا بڪايل ۽ ڏکايل مارو صدين کان ريتن جي ريت نيائيندا ٿا اچن. هڪ عجيب سرزمين آهي جا منهنجي روح جو اتوت انگ ٿي چڪي آهي...."

هُو پنهنجي انهيءَ سفر جي انيو جو ذکر 'ڪپر ٿو ڪن ڪري: شاعر جي نوٽبوڪ تان' ۾ هيئن ٿو ڪري:

"هڪ ڀيري اسان مٺيءَ کان ننگرپارکر جيپ ۾ وڃي رهيا هئاسين. لونڊار نالي ڳوٺ ۾ هڪ چانهہ جو هوٽل هو، جتي اسان جيپ روڪي. اوچتو پريان سُريلو آواز آيو، جو منهنجي ڇاتيءَ ۾ چري وانگر پيهي ويو. مون ڪنائي ڏنو ت ب ٽي فرلانگ پري ڪي هاري کيت ۾ ڳائي رهيا هئا. اسان کيڙيءَ مان پنڌ ڪري، ان کيت وٽ پهتاسين. ان وقت آڪاس آڳميل هو ۽ اُتر اوپر ٻڪرال ٻهڪا ٿي ڪيا. کيت ۾ ڪجهہ پيل ۽ ٽڪر گُڏ ڪري رهيا هئا. وچ جي چمڪاٽ سان هنن جي ڪنن ۾ پيل گوکرو ۽ مرڪيون چمڪي رهيون هيون ۽ هو هڪ عجيب سُر ۾ ڳائي رهيا هئا:

آڙنگيو آپي مان
اونڌو گجي ٿو گاجڑلو
همّرچي جو ويلو
ٿڏي مند جو وائرو لڳو

جنهن وقت هنن 'همرچي جو ويلو' لفظ ٿي چيا، تنهن وقت لونءَ لونءَ مان صدين جا سيسڙات ٿي اُپري آيا. اهو همرچو ٻُڌي، ڪهڙو ڪافر چوي ها ت سنڌ جي منفرد ثقافت کي اهميت نہ آهي!

اڄ مون هڪ لوڪ گيت 'نئون همرچو' لکيو آهي":

گرجي گرجي گاجڑلو، لا....
همّرچي جو ويلو ڏي!

برسي برسي مينهن ڙلو، لا....
همّرچي جو ويلو ڙي!
هيل گهٽا گهنگهورُ الا لا!
سانوڻُ زوران زورُ اَلا لا!
همّرچي جو ويلو ڙي!
رم جهم رم جهم رات اَلا لا!
گهَنَ گهَنَ پرپات اَلا لا!
همّرچي جو ويلو ڙي!
آپي مِر آڙنگيو ڙيْ لا!
واءُ وِجُن سان ونگيو ڙي لا!
همّرچي جو ويلو ڙي!
تَل تَرايُون تار ٿيو لا!
تويڙلا ٽِمٽار ٿيو لا!
همّرچي جو ويلو ڙي!
برساري مِر مورَ اَلا لا!
كارونجهر جي كورَ اَلا لا!
همّرچي جو ويلو ڙي!
تڙ تڙ پولي تاڙيو ڙي لا!
لُونءِ پريون ڏي لاڙيو ڙي لا!
همّرچي جو ويلو ڙي!
پرجي آئي آ پيڙا لا!
ڏُور اسان جا ڏيڙا لا!
همّرچي جو ويلو ڙي!
ڏوٽي ڏيكي ڏينهن ٿيا لا!
هيل ملڻ جا مينهن پيا لا!
همّرچي جو ويلو ڙي!

همّرچي جو ويلو ڙي لا!
ماروئڙن سان ميلو ڙي لا!
همّرچي جو ويلو ڙي!

ايار 'هسرچو' بڏن معمل جيكو منظر اكثين ڏنو، اهو پنهنجي احساسن كي هك ٻئي هنڌ بيان كندي چوي ٿو:

هن جي چوڌاري كولهي، پيل ۽ مينگهواڙ بينا هٿا ۽
ٻكرال كنوں جي كجكي مِر هنن جي كنن

جا گوکرو چمڪي رهيا هئا
هن جي دل ۾ آيو تہ شهري لباس لاهي ڦٽي ڪري،
۽ ڪنهن ٻيل کان گوڏ ونڻي ٻڌي،
۽ ائين ڳائي جيئن ٿر جا ڪسان ڳائيندا آهن،
جن کي پڪ هوندي آهي
تہ ٻول ئي گيت جي جان آهن،
سُر پاڻ ئي ٺهندو آهي،
گيت کان الڳ سُر کا شيءِ نہ آهي
۽ سُر فقط گيت لاءِ هوندو آهي.

پنهنجي ان ڳالهہ جي پنهپرائيءَ ۾ هن پئسترنڪ جي ناول 'ڊاڪٽر زواگو' ۾ ادیب ۽ شاعر لاءِ چيل هيٺين سٽن تي ڳاڙهو نشان ڏيئي چڏيو آهي:

"ٻولي، جيڪا سونهن ۽ سمجهہ جو گهر آهي، اها پاڻ سوچڻ ۽ ڳالهائڻ شروع ڪري ٿي ۽ پرپور سنگيت جو روپ ونڻي ٿي- باهرين ٻُڌجي سگهندڙ آوازن جي لحاظ کان نہ، پر پنهنجي اندرئين اُڇل ۽ اجهل وهڪري جي لحاظ کان. پوءِ جيئن هڪ مها ندیءَ جي تيز ڌارا خالص پنهنجي رفتار سان پهٽن کي لسائيندي ۽ ڦيٽن کي هلائيندي، اڳتي وڌندي رهندي آهي، تيئن ٻوليءَ جو وهڪرو پڻ خالص پنهنجن قانونن مطابق وڌندي وڌندي، وزن جي جوڙ ۽ قافيي جو جڙاءُ ۽ ٻيا ڪيئي اهڙا ستاءَ ۽ گهاڙيتا ڪندو رهي ٿو، جيڪي پاڻ انهن کان زياده اهم آهن ۽ هيل تائين نہ ڪڏهن لڌا ويا آهن ۽ نہ ويچاريا آهن ۽ نہ وري انهن کي اجا تائين کي نالا ئي ڏنا ويا آهن."

سنڌ جي گهٽو ڪري هر شاعر 'مارئي' کي ڳائي، وطن سان محبت ۽ مٽائنس پنهنجو سپ ڪجهہ واري چڏڻ جي سڌ ورجائي، پر جنهن ڪمال انفراديت سان شاهہ لطيف مارئيءَ کي مانُ ڏنو آهي، اهو سندس ئي مرڪ آهي، بلڪ ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ نہ ٿيندو تہ لطيف مارئيءَ کي اهڙي امرتا بخشي آهي جو هوءَ هميشہ لاءِ انسانذات لاءِ اتساهہ ۽ حوصلي جو اهڃاڻ بنجي پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت جو سبق ڏيندي رهندي. سندس 'سُرمارئي' ۽ 'سُر سارنگ' سپني سُرن کان مٽائهون بيهي ۽ درسي ڪتابن جي روحاني معنائن کان علحده بڻجي سنڌ جي سماجي ۽ سياسي حقيقتن سان منهن مقابل ٿيڻ لاءِ همت ٻڌائي، اوچو ڳات ڪرڻ لاءِ ڪنڌ ڪپائڻ جي سڌ ڪرائيندا رهندا.

ايازَ انهيءَ احساس هيٺ لکيو آهي تہ "جي مارئي ٻڌائيءَ جي شاعريءَ ۾ نہ اچي ها تہ ٻهراڙيءَ جي ٻيءَ ڪنهن زوريَ ڪنيل زائفان کان مختلف نہ هجي ها. ٻڌائيءَ هن کي سنڌ جي حب الوطنيءَ جي علامت بڌائي چڏيو."

ٻہ سؤ سالن کان پوءِ ٻہ جڏهن اسان پڙهون ٿا:

مون مارن سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا، مون کي ٻانهن ٻڌائون،
عمر جو آئون، پٽ ڪئن پهريان سومرا!

- تہ اسان جي لُونءَ لُونءَ کانڌارجي وڃي ٿي ۽ اسان ۾ پنهنجي قومي تقدير کي توڙ تائين پهچڻ جي تڙف پيدا ٿئي ٿي، اڄ ٻہ جڏهن اسان اهو پڙهون ٿا:

چاري چوگانن ۾ واهيت ڪن وزير،
ڳچيءَ ڳانا لوهہ جا زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٽين اندر ڪير.

تہ ايوب خاني ۽ يحيٰ خاني دورن ۾ اسان جي هر وطن دوست اديب ۽ دانشور تي وڏل پابنديءَ خلاف اسان جي نفرت پڙکي اُٿي ٿي. اڄ بہ اسان جڏهن پڙهون ٿا تہ:

ورُ سي وطن جائيون صحرا سترُ جَن،
گولاڙا ۽ گُگريون اوچٽ ابائن،
ويڙهيا گهمن وليين جهانگي منجهہ جهنگن،
مون کي ماروئڙن، سُڄ ڳٽائي سيج ۾،

تہ اسان جي اکين جي اڳيان حيدر بخش جتوئيءَ جهڙو عظيم وطن دوست اُپري اچي ٿو جو مرندي دم تائين سنڌ جو نانءُ جپي رهيو هو.

مارئيءَ کي اها ابديت ڪيئن ملي؟ ٿر جي هڪ الهڙ نينگري سنڌي عوام جي مظلوميءَ جو سمبل ڪيئن بڻجي ويئي؟ صديون گذري ويون آهن، پر پوءِ بہ هن جو ڪردار، وطن جي حب ۽ انسان جي عزم جو مثال ٿي بار بار ڪم ڇو ٿو اچي؟ اهوئي پٽائيءَ جي فن جو ڪمال آهي. بُت تراش پٿر ۾ ساهہ وجهي نہ سگهندو آهي، پر ان کي هر ساهواري کان وڌيڪ پيارو بڻائي ڇڏيندو آهي. مصور گاهہ جو هڪ پن بہ پيدا ڪري نہ سگهندو آهي، پر پوءِ بہ هو پنهنجي ڪئنواس کي ڪائنات جي هر تخليق کان وڌيڪ سهڻو بڻائي سگهندو آهي. فن اهو دمِ عيسيٰ آهي جو مردي ۾ جان وجهي ٿو ڇڏي، جو مٽيءَ جو پنوڑي کي اهو ماڻهپو ڏئي ٿو جو موت کي جيتي وجي ٿو....."

هُو هڪ ٻئي هنڌ پنهنجي هڪ تقرير ۾ چوي ٿو:

"....مان پانيان ٿو تہ پٽائي مارئيءَ کي بہ اهڙي امرتا بخشي آهي، جهڙي هومر هيلن کي بخشي آهي. مارئي بہ کوهہ تان کنئي ويئي هئي، ۽ ٿر جي ٻي ڪنهن پڃايل نينگريءَ وانگر لڳي ها، جي پٽائيءَ جو هٿ هُن تائين پهچي ها. پٽائيءَ هن کي انسان جي روح جو سمبل بڻائي ڇڏيو آهي. پر ڇا، اهو ورڻو اسان کي پٽائيءَ کان مليو آهي؟ ميين عنات جي ڪلام ۾ بہ تہ 'سُر مارئي' ساڳئي رنگ ۾ رڱيل آهي. سچ تہ مارئي ساڳئي رنگ روپ ۽ ونءِ واس سان پٽائيءَ کان گهٽو اڳي سنڌ جي لوڪ ادب جو حصو ٿي چڪي هئي. سنڌ جو لوڪ ادب ائين ئي منهنجو پنهنجو آهي، جيئن سنڌ جي ڌرتي منهنجي پنهنجي آهي. اُن تي منهنجو بہ ايتروئي حق آهي، جيترو پٽائيءَ جو هو، پر اڄ بہ تہ ڪيترن ئي شاعرن مارئيءَ جي باري ۾ لکيو آهي. مان 'سُر مارئي' ڇا لاءِ لکان؟ ڇا مان ان ۾ ڪائي انفراديت پيدا ڪري ٿو سگهان؟ مان پانيان ٿو تہ جي مان وحدت الوجود جو روايتي تصور ڦيرائي سگهان تہ مان 'سُر مارئي' ٻيهر لکڻ لاءِ وٺي پيدا ڪري سگهان ٿو. مان 'سُر مارئي' ۾ سنڌ سان وحدت الوجود جي ڪيفيت پيدا ڪيان ۽ مارئيءَ کي سنڌي حب الوطنيءَ جو هڪ مڪمل سمبل بڻائي ڇڏيان تہ منهنجو پورهيو سڃايو ٿيندو."

ايياز ڪلاسيڪي شاعريءَ جي روايت پٽاندر، شاهہ لطيف وانگر سنڌي لوڪ داستانن کي هن دؤر جي لاءِ اهم سمجهندي وري لکيو آهي. هو وقت جو نبض شناس آهي ۽ ماڻهن جي جديد لاڙن، دلچسپين ۽ گهرجن پٽاندر، سندن ڏکن ڏولاٽن ۽ انهن جي ڪارڻن جي تهہ تائين لنگهي ويو آهي. هُن اُتر، ڪاڇي، لاڙ، وچولي، ڪوهستان ۽ ٿر ۾ رهندڙ بي نام ۽ بي چهري ماڻهن جي دلين جي تري تائين پهچڻ لاءِ پنهنجي ورت، پوڻ تي چاڙهي ڇڏي آهي، جيڪا هڪ سراڙي وڃي پيئي. نڪي ماڻهن جي دلين جو تهہ ملي ٿو ۽ نہ ئي وري ورت پوري ٿيندي ٿي ڏسجي. خود ايياز چوائي:

- هي جو کوهہ کُٽي نٿو، تنهن جا کوهہ پُرهہ،
ڪيڏي اُن جي کهہ، پار وٺي پاتار مان!

- ورت وڃي جئن پوءُ تي، تئن مون کويتا،
کيڏا مون پيتا، امرت ڏُڪ اسُور جو!
- ڏات بہ اهڙو کوهُ، کُٽي کُٽي کينکي!
پانڌي! جڙ تہ ککوُهہ، پاڻي اُن جو پياس ہر.
- ڏات نہ ٿوپي جيئن، کوهہ کُٽي ٻي کونہ ٿو،
هوءَ جا پاڻيءَ تڪ آ، کوس کناري سيئن،
وَرتِ اُنهيءَ کي کيئن، پهچي ٿي پاتار ہر!

هو لوڪ داستانن کي وحدت الوجود جي فلسفي کي تسلسل سان ڪٿي جديد وقت جي تقاضائن مطابق منجهن نئون خيال پيش ڪري، گهربل نتيجي تي پهچائي ٿو. ايياز پنهنجي 'نوٽبوڪ' ہر انهيءَ ڳالهہ جي اُپٽار ڪندي انهيءَ مسئلي بابت سوال پڇي ٿو تہ ڇا هن دؤر ہر لوڪ ساهت ۽ لوڪ ڪٿائن سان ناتو جوڙي، ڪائي امر ساهتڪ رچنا رچي سگهجي ٿي؟ هو چوي ٿو تہ انهن لوڪ ڪٿائن اڳين شاعريءَ کي ڪيترو نہ مبهم بنائي ڇڏيو آهي! ڇا اهي ڪٿائون هن دؤر جي پيڙا کي اُجاگر ڪري سگهن ٿيون؟ نہ فقط اهو، پر ڇا مذهبي روايتون يا ديومالائون، مهاڀارت جو ڪهاڻيون، گيتا جا اڌياءُ يا ٻئي ڪنهن صحيفي جا قصا ۽ ڪي اهم نقطا ۽ جملا جديد شاعريءَ ہر انسان جي روح ۽ اُن جي عڪاسيءَ لاءِ ڪم آڻي سگهجن ٿا؟ هو چوي ٿو تہ اهو مسئلو اسان جو ناهي، پر صنعتي تهذيب جي چوٽيءَ تي پهتل يورپ ۽ آمريڪا جي ادب کي بہ ساڳيو مسئلو درپيش آهي. ڇا هو ڪلاسيڪي تجربي ۽ هن دور جي گهڻ-روپي حقيقت جي وچ تي پُل ٻڌي سگهن ٿا؟ هو پنهنجي دور جي ڪوٽ کي مجيندي چوي ٿو تہ هن دور کي پنهنجي ڪائي ديومالا ناهي، جا شاعري اشاري طور ڪم آڻي سگهي. ڇا هو حسن جي تصور سان اهو بنيادي جذباتي ناتو قائم رکي سگهن ٿا، جو يوناني ديومالا ہر ملي ٿو؟ هو انهيءَ کي زبردست مسئلو ٿو ڪوٺي، جيڪو اڄوڪي شعر کي درپيش آهي. هو انهيءَ جو حل ماضيءَ جي ادبي روايتن سان ناتو جوڙڻ ہر ٿو ڳولهي. هن مارئي جي داستان متعلق 'ڪير ٿو ڪُن ڪري' ہر ۷۹ بيت ۽ ۵ وايون لکيون آهن، جيڪي داستان جي پس منظر ہر اڄوڪين حالتن سان ٽمڪائي بيهاريون آهن. منجهن لفظن جو ستاءُ ۽ چوند فطري، بي اختيار ۽ بروقت آهي جو سندس چواڻي خنجر وانگر ڪپي وڃن ٿا ۽ پڙهندڙ ہر جذبا ائين اُپري ٿا اچن، جيئن گهري زخم مان گرم خون نڪرندو آهي.

ايياز وطن جي متيءَ جي مهما ڳائيندي چوي ٿو:

ڪنڊي سايون سڳريون، پُسيءَ ڳاڙها گُل!
مٽان وسيون مينهن جون، بُوندون موتيءَ تُل؛
ڪهڙا متيءَ مُل، گهوري جندُ مليـر تان!

مارئيءَ جي ڪوهہ تان ڪڇي وڃڻ کان پوءِ سندس سکي ماروئڙن کي اهو احوال هيئن ٿي سڻائي:

ڏس هي سينهنءَ سنگ، پڳل چُوڙيون اڏ ہر!
ڪالهہ هئي هت مارئي، ڪامڻ روپي رنگ؛
اڄ اُنهيءَ جي انگ، ڪڙا آهن ڪوٽ جا.

وري ٻي سکي مارئيءَ جي پڳل ڪڙي ڏانهن اشارو ڪندي عمر کي پٽيندي چوي ٿي:

ڏس هي ڪڙي ڇٽ، پڇي جو پورا ٿيو!
ڪالهہ هُئي هت مارئي، مارو جنهن جا مِٽ،

تو تي پائر پِٽّ، سک نہ سمهندين سومرا!

۽ ٻيءَ پنهنجو حال ٿي ٻُڌائي:

اڄُ نہ ولين واسُ، اڄ نہ مٽيءَ مينهڙا؛
سڪي ويئي ويري، آهي اُڄ اُداسُ؛
تون ئي نانهہ نراسُ، ڇا ٿي اورين اُڀّ سان؟

مارئي پنهنجي جيڏين کي سنڀاري چوي ٿي:

ونڪ وِڄن جي جيئن، تئن مون جيڏيون جوءِ ۾؛
پائي نڪرن پولڪا، پهري پيازيءَ سينءَ؛
آءٌ وساريان ڪيئن، پکو پاڙيچن سين!

هوءَ پنهنجي پنوهارن کي ياد ڪري چوي ٿي:

جئن هو ڪڪرن ڪرّ، پڳون تئن پنوهارئين؛
ڳاڙها ڳن ڪهاڙئين، سڄّ روپهرا ڦرّ؛
اجهو مون اڍر، دولهہ منهنجي ديس جا.

۽ شاعر مارئيءَ کي پنوهارن جو سنيهو ڏيندي چوي ٿو:

ماندي ٿيءُ نہ، نيٺ ايندا مينهن ملير تي!
وڄون ورنديون اوچتو، کڳهہ لهندا هيٺ؛
مارو ماکيءَ ميٺ، ملندا توسان مارئي.

مارئي اهو سنيهو ٻُڌي دل ٻڌي ۽ عمر کي همٿ سان چوي ٿي:

ڳهليون قسمت ڳالهڙيون، هي سڀ تنهنجا ڏاڍ؛
آءٌ نہ ڏسي اُڀ ڏي، ڍُرڪي ڪيان ڍاڍ؛
آهي منهنجي آڍ، سگهہ سنگهارن سومرا!

عمر جي وڌيڪ ڏاڍ ۽ جبر ڪرڻ تي کيس اڳي کان بهادريءَ سان چوي ٿي:

مون ۾ آهہ مليرُ، آهيان آءٌ مليرِ ۾،
رڳو روڪي ٿو سگهي، جُسي کي زنجيرُ،
تنهنجي وس سريرُ، مون من ماروءِ هنج ۾.

۽ مارئي پنهنجي وطن کي ئي سڀڪجهہ سمجهي ٿي:

ٿر کان سوا ٿاڪ، ڪهڙا تنهنجا مارئي!
هتي ڦُٽي هينئڙو، مٿي وسي ماڪَ؛
ور ور ڀِٽن واڪ، سڏن تنهنجي ساهہ کي.

۽ وحدت الوجود جي تسلسل ۾ جڻ لطيف جي ٻولي ٻولي ٿو:

پيهي ڏٺم پاڻ ۾، مان ئي آهيان ٿرُ؛
مان ئي لاٽيون لُوءِ ۾، مان ئي جڙين جَرُ؛
مان ئي ٻاٻيهي اُڄّ ۾، مان ئي پکيءَ پَرُ؛

مان ئي سانوڻ مينهڑا، مان ئي پاڻ پلر؛
مون ۾ آهي امر، مِٽي مُلڪ مليڙ جي.

مارئي عمر جي آڇ کي ٺڪي، مليڙ تان ساهه گهوري چڏيو ۽ ايياز چئي ڏنو:

مُئي کان پوءِ منڊ جي، پيا مينهن مليڙ؛
جتي کٽي مارئي، ڳاڳي ڳم ڳنڍيڙ!
سارا ڪرڙ ڪريڙ، واسي ويئي واس سان!

هن تمثيل ۾ سمورو ناٽڪ- رنگ سمايل آهي. جيڪڏهن اهو رنگ-منچ تي رچجي ته جيڪر اهو شعري خاڪو رنگن سان پرجي وقت جي هڪ جيئري جاڳندي سچائي بنجي وجي.

ايياز پاڻ کي انهيءَ تمثيل سان ڳنڍيي، "کيت سين" بنجي، مارئيءَ کي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ کان چڏائڻ لاءِ آيو آهي. هو چوي ٿو:

کيت سين سوچي رهيو آهي، "ڇا مون کان
اهو ڪوٽ جو در کلڻو نه آهي!
مون در کي ڏار ڪري، پنهنجو هٿ
اندر ته وڌو آهي پر نه ڄاڻان ان جو اندريون
ڪڙو ڪٽي آهي!"
ڏارِ مان بتيءَ جو دونهون نڪري رهيو آهي،
ائين ٿو لڳي ته ان جي وٽ کامي ويئي آهي.
ڪوٽ جي ڇت تي اوندهه آهي،
اُن تي ڪارا روجهه چڙهي آيا آهن،
مٿان آسمان جي نيري تلاءُ ۾ ڪنول ڪومائجي
ويا آهن
کيت سين جو هٿ ڏار جي ٻئي پاسي
ڪڙو ڳولي رهيو آهي ۽ سوچي رهيو آهي،
"مان هن ڪوٽ جو دروازو وڌيڪ ڇڄي
ته نه ٿو سگهان،
ان جا تاڪ ڏاڍا مضبوط آهن ۽
مون وٽ ٻيو ڪو کاڙو به نه آهي!
ڇا هن پيري ٻيو ڪو کاڙو به نه آهي!
ڇا هن پيري به مان مارئي کي موڪائي نه ٿو سگهان؟
ڇا هن پيري به مارئي کي موڪائڻ لاءِ
مون کي عمر جي رحم ڪرم تي رهڻو آهي؟" (ٺُڪرا ٺُتل صليب جا)

ايياز مارئيءَ جي جنم هنڊ پالوا تي پهچڻ لاءِ آتو آهي ته جيئن سندس مٽيءَ تي مٿو ٽيڪي سگهي. کيس پڪ ناهي ته هُو اتي پهچندو يا نه، ڇو جو رستو اٿائو ۽ عمر جو گهرڙو ٽڪل آهي:

مون کي پالوا پهچڻو آهي
جتي مارئي جائي هئي،
پالوا، جو ڏاڏو ڏور آهي،
ڏاڏو هيڪلو آهي
آسمان ۾ پونم جو چنڊ آهي
ڀ مان پنهنجي ڪاري گهوڙي کي اڙيءَ تي اڙي هئي رهيو آهيان
ڇو ته مون کي پالوا پهچڻو آهي
مان پنهنجي مارڪ ڏانهن ويندڙ سيئي دڳ جاڻان ٿو
پر مان پانيان ٿو مان پالوا پهچي نه سگهندس.
اُتر کان ڪنوڻ ڪجي رهي آهي،
ڏهر ۾ ڏينا تم تم ڪري رهيا آهن،
ڀ منهنجو ڪارو گهوڙو آڪاس ۾ چنڊ سان شرط پچائي رهيو آهي،
ڀ پاڻ کي
تيز هوا وانگر پچائي رهيو آهي
پر پريان پٽن تي موت وسيهر وانگر چپ ماري ويٺو آهي
ڀ مون کي گهُوري رهيو آهي،
اُف، هي سفر ڪيڏو نه اٹائو آهي!
اُف، هي رستو ڪيڏو نه لنبو آهي!
اوه، منهنجو ڪارو گهوڙو جو پگهر ۾ شل آهي
افسوس، پٽن تي موت منهنجي انتظار ۾ آهي
ڀ مان پالوا پهچي نه سگهندس
پالوا جتي مارئي جائي هئي
پالوا جو ڏاڏو ڏور آهي، هيڪلو آهي. (ٹُڪرا ٹُٽل صليب جا)

ايياز ماروئڙن ۾ مارئي وانگر وسڻ ٿو چاهي، ڏڙڪڻ ٿو چاهي. هو ماروئڙن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

اوهان جهوني بڙ وانگر آهيو
منهنجا ماروئڙو!
اوهان جون جٹائون، اوهان جي چانوَ دور دور تائين ڦهليل آهي
ڀ مان ڪويل جي ڪوڪ وانگر
اُن بڙ جي پن پن ۾ ڏڙڪڻ چاهيان ٿو
ڀ اُن جي جڙن تائين پهچڻ چاهيان ٿو-
جڙون جي ڏرتيءَ ۾
دور دور تائين وڃن ٿيون
منهنجا ماروئڙا!

ايياز ٹر جي واريا سي ڏرتيءَ سان جيڪا محبت ڪري ٿو، اُها سندس زباني ٻڌو ته سمهي:

ڪالھہ جڏھن مون وارياسي ۾
ڳاڱيون ڳم، ڳنڍير ڏسي،
سج جي پاڇي ڏانھن ڏٺو،
سون وني ساواڻ هئي
منھن ڦيري جيڏانھن ڏٺو
تيسين ٿي تيڏانھن ڏٺو
سارو سج ٻڏي ويو جيسين
حسرت سان ڪنھن وقت فلسطين،
جيئن ياسر عرفات ڏسي،
چپ ائين ڀيڪوڙي پنھنجا
سارا رتو رتُ لڳن!

هو مٺيءَ تي باک ڦٽيءَ جو منظر ڏسي پنھنجي سپني سان ڀيٽيندي چوي ٿو:

مٺيءَ تي جئن باک ڦٽي ٿي
ڀِٽَ ڀٽ بہ ڳاڙهي گُل گلاب جيان
هَن ڌرتيءَ جي خواب جيان-
واريءَ تي لالاڻ افق ۾
آهي تيز شراب جيان،
ايڏي آ ڳاڙهاڻ اُفق ۾
شعلا شعلا پيچ پڳن جا
پائي ڄڻ اوٺار اچن ٿا،
منھنجي ڀرسان جھوڪ ٻڌن ٿا
پير ڇھن ٿا، لڙڪ اگھن ٿا
پوءِ هڻن ٿا
اهڙا نعرا
ڀِٽَ ڀِٽَ گونجي ٿي جن سان
منھنجي روح رباب جيان-
واريءَ جا طوفان اُٿن ٿا
آنڌي جئن انسان اُٿن ٿا
ٿر بر روزِ حساب جيان،
ها، ها منھنجي خواب جيان
ڳاڙهي گُل گلاب جيان

اياز ٿر کي سُرڳ سمان سڏيندي پنھنجي چونڊ جو اظھار ڪندي چوي ٿو:

ساٿي! مون دنيا گهمي، چونڊيو آهي ٿر،
ڄڻ ڪنهن سُرڳ سمان آ، واريءَ تي هي گهر،
سانجهي وير اَمرُ، آهي رتيءَ ريت تي.

جيئن هن مضمون جي منڍ ۾، رگ ويد جو هڪ اقتباس خوبصورتيءَ سان چيل آهي، تيئن اياز پڻ 'ٻولي کي حقيقي نگاهه ۽ اندرئين سُوجهيءَ سان ڏٺو ۽ ٻڌو آهي ۽ ٻولي وٽس ايڏي پيار ۽ پاٻوهه سان مٿس ائين نڇاور ٿي آهي جيئن ڪا ڪنوار پنهنجي پيار ڪندڙ ڀتار تي نڇاور ٿيندي آهي. اياز تنهنڪري ٻوليءَ جو بادشاهه ۽ ڏات ڌڻي آهي. ڏات لاءِ ڪوڏ، سندس وسيع ذهني اُپج جو حصو آهي. سندس ذهن ۽ ڏات دنيا جي سڀني ڳالهين لاءِ آهي، جنهن ۾ انسان دلچسپي رکي ٿو.

مون اياز جي ڪيترن ئي شعري توڙي نثري مجموعن مان، ٿر جي متعلق سندس شاعري ۽ سوچن کي هن مضمون ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر اهو ضرور چوندس ته اهو موضوع ڊاڪٽريٽ لاءِ ٿيسز جو موضوع آهي، جنهن جي نڀائڻ لاءِ هي مضمون بهرحال اڻپورو آهي. (١٩٩٠ع ۾ لکيل)

* * *

شيخ اياز: ڊڪٽيشن نه وٺندڙ شاعر

موت ازل کان زندگيءَ جي ڪڍ لڳل آهي. زندگي پنهنجي جياپي لاءِ موت کان گوهيون ڏيندي رهي ٿي ۽ موت جو کاڄ بنجي وڃي ٿي. زندگي فنا ٿيو وڃي ۽ موت هر وقت بقا پايو وڃي. فنا کي بيشڪ بقا آهي، پر زندگي فنا اڳيان گوڏا ناهن کوڙيا. زندگي بهرحال رک جي ڍير مان فِينِڪس وانگر جيئري ٿي اٿي ٿي ۽ موت تي لکين لعنتاڻا ڏيئي روان دوان رهي ٿي. زندگي مري ويئي. زندگي زنده آباد.

اياز - ڏيهه ڌاري اياز مري ويو ۽ مٽيءَ جي هنج ۾ هميشه لاءِ آرامي ٿي ويو. هو پنهنجون نيڪيون بديون پاڻ سان کڻي ويو. جڏهن سندس قبر جي مٽي سُڪي ويندي، سندس جسماني نشان رک سان ملي رک ٿي ويندا ۽ سندس سڄڻ دشمن پنهنجن محبتن ۽ نفرتن سان عدم ڏانهن هليا ويندا ته سندس فن ۽ فڪر پويان رهجي ويندا ۽ جرڪڻ لڳندا. مٿانئن محبتن ۽ نفرتن جي دز هٽي ويندي ۽ مستقبل جي پيڙهين جي اکين تان تعصب جا چشما لهي ويندا، اهي صاف فضا ۾ سندس تحريرن کي صاف ۽ چٽو ڏسي سگهندا ۽ سموري مواد جي تڏهن صحيح ڇنڊڇاڻ ڪري سگهندا. محبتن ۽ نفرتن جو کوڙ ۽ هُل جهڪو ٿي ويندو، گاڏڙ ساڏڙ پاڻي آٺرجي ويندو ۽ صاف شفاف پاڻيءَ ۾ هر شيءَ چٽي ٿي بيهي رهندي.

۽ تڏهن منهنجو ويساهه آهي ته شيخ اياز جو ڀسم ٿي ويل فِينِڪس پنهنجي رک مان وري نئين روپ ۾ جاڳي اٿندو. جيئن لطيف جي فِينِڪس جي رک مان خود اياز اٿي آيو هو.

مون اياز جي دور ۾ اکيون کوليون هيون. مون به انهيءَ دور ۾ ادب پڙهڻ سکيو هو ۽ سندس ادبي مهانتا، سندس ادبي تخليقن وسيلي ڄاتي هئي. "مهراڻ" ۾ سندس شاعري ۽ ادبي خطن وسيلي، اياز جي نالي کان اڳ ۾ شناسائي ٿيل هئي، پر سندس نالي جي ڌاڪ تڏهن محسوس ٿي، جڏهن 1962ع جي آخر ڌاري منيءَ جهڙي ڏورانهين ۽ پسمانده علائقي ۾ پنهنجي دوست ۽ ڳوٺائي نارائڻ شرما مون کي اياز جي شاعريءَ جو پهريون مجموعو "ڀؤنر ڀري آڪاس" پڙهڻ لاءِ ڏنو. ان زماني ۾، نارائڻ شرما ۽ سروپچندر شاد سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي ادب ۾ گرئجوئيشن ڪري رهيا هئا. ٻيئي شاعر هئا ۽ حيدرآباد ۾ ادبي گڏجاڻين ۾ حصو وٺندا هئا ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ کان متاثر

هئڻ ڪري اڪثر سندس ذڪر ڪندا هئا. آءٌ تڏهن ڪپري، ننگر پارڪر، مٺي، اسلام ڪوٽ ۽ ميرپورخاص ۾ پيلي ڪاتي ۾ نوڪري ڪندو هئس ۽ ادب پڙهڻ جي حد تائين، رسالا ۽ ڪتاب خريد ڪري پڙهندو هوس ۽ انهن ۾ شيخ ايياز جي شاعري منهنجو پسنديده موضوع هوندو هو. ان ئي زماني ۾ شيخ ايياز جو مجموعو "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاڪڙي" ڇپجي آيو، جيڪو سندس پنجاب جي مٽيئن علاقي، اروڙ ۽ بنگال جي سفر دوران مشاهدن ۽ شاعرانہ تخليقي اڏام متعلق هو. انهيءَ ڪتاب ايڏو موهي وڌو جو اهو ڪتاب هميشہ ساڻ رهندو هو ۽ دوستن جي وچ ۾ پڙهي ٻڌائيندو هوس.

جلد ئي پوءِ، حيدرآباد مان ڪيون. حميد سنڌي "روح رهاڻ"، جنهن ۾ ادب ۽ قوميت جي رنگ جي آميزش هئي، ۽ طارق اشرف نيٺ ادبي مخزن، "سهڻي" شايع ڪرڻ شروع ٻنهي مخزنن پنهنجي پنهنجي طور ادبي پليٽ فارم تيار ڪيو، جنهن تان سنڌي ادب جي اڏام جو اهتمام ٿيو. روح رهاڻ جي سالياني جشنن ۾ شيخ ايياز جي دل گرمائيندڙ ۽ ڏرتيءَ جي محبت جي رنگ ۾ رڱيل شاعري قوم پرستيءَ جي تحريڪ کي حوصلو ڏنو. ايياز جڏهن پنهنجي شاعري جشنِ روح رهاڻ ۾ تحت اللفظ ۾ روانيءَ سان پڙهندو هو تہ جڻ دريا جو بند ٽٽي پوندو هو. سندس شاعريءَ کي جڏهن فقير عبدالغفور ۽ جيجي زرينہ جا سُر ملندا هئا ۽ سنگيت جي ڌُن تي اها فضا ۾ گونجندي هئي تہ عجيب سحر انگيز سمان ٻڌجي ويندو هو ۽ "جيئي سنڌ" جا نعرا ماحول کي وڌيڪ جوشيلو ۽ پُراميد بٽائي ڇڏيندا هئا. اهي آواز پڙاڏو ٻڌجي، رات جو دير تائين ڪنن ۾ گونجندا رهندا هئا، تڏهن شيخ ايياز حقيقي ڪردار کان وڌيڪ هڪ اهڙو پراسرار ۽ معجزاتي ديو آتما لڳندو هو، جنهن سان ذاتي طور ملڻ جي تصور ڪرڻ کان وڌيڪ ڏور کان ڏسڻ جي سحر ۾ ورتل هوندو هوس.

1967ع دوران آءٌ حيدرآباد ۾ رهڻ لڳس تہ طارق اشرف، ظفر حسن، غلام نبي سمن، مدد علي سنڌي ۽ امر جليل سان سجاٽ ٿي. سواءِ ظفر حسن جي ٻيا گهٽو ڪري ڪاڏي ڪاتي ۾ سنڌي پريس جي آسپاس ئي رهندا هئا. انهيءَ ماحول ۾ مون کي طارق اشرف سان گڏ سندس "سهڻي" لاءِ ڪر ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ ساڻس وڌيڪ ويجهائپ ٿي. ان زماني ۾ مون ڪرشن چندر جو ناول "غدار" ترجمو ڪيو هو ۽ طارق اشرف پنهنجي اشاعتي اداري "اداره ادب نو" پاران ڇپائي رهيو هو. انهيءَ ترجمي جو مهاڳ امر جليل لکيو هو ۽ چاهيم ٿي تہ اهو ترجمو سنڌي ادب جي مهندار شخصيت شيخ ايياز کي ارپڻ ڪريان. ان لاءِ هڪ تہ شيخ ايياز سان منهنجي ذاتي ڏيٺ ويٺ نہ هئي ۽ ان زماني ۾ طارق اشرف ۽ شيخ ايياز جي وچ ۾ هلڪو سلڪو ڪجهہ ادبي ڪجهہ ذاتي اختلاف پڻ هو، جنهن ڪري پاڻ نٿي چاهيائين تہ اداري جو ڪتاب کو شيخ ايياز جي نالي ارپيو وڃي. تنهنڪري مون پاڻ ناشاد سان صلاح ڪري رشيد پٽيءَ کي خط لکيو تہ منهنجي خواهش پٽاندر مون کي شيخ ايياز جي منظوري ونی ڏني، جو طارق اشرف منهنجي ذهن تي سندس باري ۾ اهو تاثر ويهاري ڇڏيو هو تہ شيخ ايياز نهايت مغرور مائهو آهي. اول تہ هو توکي جواب ئي نہ ڏيندو، ۽ جيڪڏهن ڏنائين تہ انڪار ۾ هوندو. بهرحال خط جو جواب مون کي هاڪاري مليو ۽ مون ارپنا جا لفظ لکي طارق اشرف جي حوالي ڪري ڇڏيا. ۽ جڏهن ترجمو ڇپيو تہ سڄڻس اهي لفظ ڇپيل نہ هئا، منهنجي دل جي خواهش دل ۾ ئي رهجي وئي!

شيخ ايياز پنهنجي وڪالت جي پيشي سان گڏ شاعري ڪندو رهيو ۽ سندس ڪتاب شايع ٿيندا رهيا. سندس شاعري ڳائبي رهي ۽ شاگردن، اديبن ۽ شاعرن ۾ روح گرمائيندي رهي. ڪابہ گڏجاڻي، محفل ۽ ڪانفرنس اهڙي ڪانہ هئي، جنهن ۾ ڪنهن بہ حوالي سان سندس چوپول نہ هجي. هو پنهنجي تخليق جي ڪري جيل ياترائون بہ ڪندو رهيو. ڪيس شهر نيڪاليون ملنديون رهيون. سندس ڪتابن تي بندشون پونديون رهيون. مخالف گروهہ ۽ طبقا مٿس ڏهريو، ملحد، ڪافر ۽ واجب القتل جون فتوائون ڏيندا رهيا. محمد ابراهيم جويي جا مهاڳ، رسول بخش پليجي جو "انڌا اونڌا ويچ" ۽ مولانا غلام محمد گراميءَ جو "مشرقي شاعري جا فني قدر" ۽ ٻيون ڪيترن ئي اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن

پنهنجي تحريرن ۾ سنڌس شاعريءَ جي ساراهه جا ڏڪ پريا ۽ چيائون ته "شيخ اياز جي شاعري اصل ۾ سنڌ جي آرزوئن ۽ امنگن جو آواز آهي، شيخ اياز جي قلم جي رفتار تيز کان تيز تر ٿيندي ويئي.

۱۹۷۶ع دوران شيخ اياز سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو، پر اهو دور تڪراري بنجي ويو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي مزاج ۽ توقعات تي سرڪاري بندشن ۾ پڌل شيخ اياز پورو نه لٿو. هو سموري انتظامي ڍانچي کي مربوط رکي نه سگهيو. سنڌس شاعري، جا قوم پرستيءَ جي جذبي کي زندهه رکڻ لاءِ پڙهي ۽ ڳائي ويندي هئي، ڪئمپس تي طعنو بنجي ويئي ۽ شيخ اياز قابلِ قدر ۽ اهم تخليق ڏئي نه سگهيو. اياز لاءِ سنڌ يونيورسٽي سنڌس آدرش هئي، جتي هو ڏاڍي چاهه ۽ حوصلي سان سپنن کي ساڀيا جو روپ ڏيڻ آيو هو. پر ٻيئي ڏريون جداجدا ڏسائن ۾ ڏسڻ ۽ هلڻ لڳيون هيون. منهنجي خيال ۾ يونيورسٽيءَ جي موجوده صورتحال جيڪا اسان هينئر ڏسون ٿا، اها ان وقت جي بيمار ۽ ڪوتاهه نظر حڪمت عمليءَ جي سبب ۾ ڦولهي سگجي ٿي. ان دوران شيخ اياز يونيورسٽيءَ کان سبڪدوش ٿيڻ کان پوءِ سکر وڃي پنهنجي وڪالت سان لڳو ۽ شاعريءَ سان ڳانڍاپو رکيائين. ان وقت کان وٺي آخري پساهه تائين سنڌس تحريرون هزارن صفحن تي پکڙيل آهن، جيڪي سنڌس ڪرم يوگي جيون جي پيٽ ۾ ڪيس هڪ مهان گيان يوگي جي اوچي پد تي پهچائين ٿيون ۽ ننڍي کنڊ جي وڏي شاعر ٽئگور سان گڏ ٿيون ٻيهارين. ٽي سگهي ٿو ته اها راءِ منهنجي جذباتي وابستگيءَ جو اظهار هجي، پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سنڌ ۾ شاهه لطيف کان پوءِ شيخ اياز ئي سنگ ميل آهي. هو هڪ اهڙو گهاٽو وڻ آهي، جنهن جي ڇانءَ هيٺ ڪيترائي ٻوٽا اپرندا، ڦٽندا، اسرندا ۽ وڌي وڻ ٿيندا. پر سنڌس قد تائين ڪوبه نه پهچندو، جيستائين ٻيو ڪو تناور وڻ مڙسان مڙسي سنڌس وانگر آسمان تائين اوچو ٽي وڃي.

منهنجي ذهن تي اياز جي شخصيت جي اوچائي ايڏي ڇانيل رهي آهي، جو هڪ عقيدتمند وانگر، يا سنڌس شعري شخصيت کان مرعوب ٿيل حيثيت ۾ ڪڏهن ويجهو وڃي نه سگهيس. ادبي حلقن ۾ سنڌس ذڪر شوق سان ٻڌندو هوس پر همت ڪري وٽس وڃي قربت حاصل ڪري نه سگهيس، تان جو سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران منهنجي نياڻي پشپا ولپ کي ۱ جنوري ۱۹۸۷ع تي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ سنڌس هٿان ايوارڊ مليو، جتي شيخ اياز کي پنهنجي شاعري ٻڌائڻ تي گهٽو داد مليو. آءٌ انهيءَ تقريب ۾ حاضرين واري حصي ۾ موجود هئس ۽ مون به رکي رکي داد ڏنو. منهنجي پرسان پشپا وينل هئي. تقريب جي پڄاڻي ٽي ته اسان پنهنجي گهر پهچي وياسين. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ نور احمد خواجي سان منهنجي ملاقات ٽي. هو شيخ اياز جو بيحد عقيدتمند دوست آهي.



سنڌس بي شمار تصويرون ناهيون اٿس. سنڌس پروگرامن کي وڊيو ڪيو اٿس. اشاعتي ادارن ۽ رسالن کي سنڌس ڪلام جي چونڊ ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي ۽ ڪيترن ئي ذاتي معاملن ۾ هو سنڌس همراز ۽ گهٽگهرو سڃڻ ۾ رهيو آهي. هن مون کي سنڌس ڪيترين ڳالهيون ٻڌايون ۽ چيائين ته سنڌي ادبي سنگت جي ايواردن واري تقريب ۾ نه ته تو سنڌس شاعريءَ تي ڪيس داد ڏي ڏنو ۽ نه ئي وري ساٿس ملئين. اتي مون کي خبر پيئي ته آءٌ ڪيئن نه شيخ ايياز جي نگاهه ۾ هئس، ۽ منهنجي پاران پرپور داد نه ڏيڻ تي دل ۾ محسوس ڪيو هئائين. مون زباني طور مٿس واضح ڪيو ته اصل ۾ آءٌ هڪ اهڙو معتقد هئس. جنهن پنهنجي محبوب شاعر جي نظر کان پري، ساٿس سنڌس تخليقن سان پيار ڪيو. اهو پڻ ٻڌايم ته سنڌس شاعري شروع کان وٺي منهنجي اپياس هيٺ رهي آهي، جنهن مون کي هميشه سنڌس ويجهو رکيو آهي. مون هميشه سنڌس هر تحرير ڳولهي پڙهي آهي ۽ سنڌس هڪ هڪ ڪتاب ڳولهي هٿ ڪيو آهي ۽ ساهه سان سانڍي رکيو آهي. اهڙو اظهار مون پنهنجي ٦ فيبروري ١٩٩٤ع واري هيٺ جاڻايل خط ۾ ٻه ڪيو آهي. جيڪو مون کيس لکي موڪليو هو ۽ روزنامه "برسات" جي ١٩ مارچ ١٩٩٤ع ۾ ڇپيو هو.

بيحد عزت لائق سائين شيخ ايياز صاحب

اوهان جو نياپو پاڻ نفيس احمد ناشاد کان مهينو کن اڳ مليو هوم، پر پوئواري ڪرڻ ۾ ڪجهه دير ٿي ويئي. عربي-سنڌي ڊڪشنري ٻن جُلدن ۾ پاڻ ستار پيرزادي هٿان موڪلي رهيو آهيان، جيڪا هن خط سان گڏ وصول ڪجو. خط لکڻ ۽ ملاقات ڪرڻ ۾ واقعي پوئتي رهيو آهيان. چيف منسٽر هائوس ۾ گذريل ملاقات ۾ اوهان جي چيل ڳالهه مون کي اڃ ٻه ڪُکي ٿي ته آءٌ اوهان سان ملان نٿو. مون بارها ڪوشش ڪئي ملڻ جي، نور محمد ۽ عمر قاضي سان گڏجي اوهان وٽ اچي اوهان سان ملڻ ۽ ملاقات ڪرڻ جو پروگرام پڻ جوڙيم پر پاڻ نه پڙايم شايد. پر سچ پچ مون اوهان سان ملاقات جو شرف اوهان جي شاعري ۽ نثر ۾ لکيل ڪيترن ئي ڪتابن مان وقت بوقت حاصل ڪيو ۽ انهن ايتري وٽي ئي نه ڏني جو روبرو اچي انهن جي عظيم شاعر ۽ ليکڪ سان ملان. بهرحال انهيءَ ملاقات جي چڪ ۽ خاليپڻي جو شديد احساس منهنجي من ۾ ڪُتڪندو رهيو. منهنجو اپياس اهو ٿو چوي، ۽ انهيءَ ۾ منهنجو پڪو ويساهه آهي ته "The Great" صدين کان پوءِ جنم وٺندا آهن. کڏهن کڏهن جُڳ ٻه گذري ويندا آهن. تاريخي لحاظ کان، ننڍي کنڊ جي تاريخي پس منظر ۾ "اشوڪا دي گريٽ" عيسوي سن کان ٽي صدين کن اڳ ٿي گذريو آهي. کانئس پوءِ، تاريخ جا ورق صدين تائين خالي رهيا، تان جو سورهين صديءَ ۾ "اڪبر دي گريٽ" وجي نمودار ٿيو. ساڳيءَ ريت، شاعر، فنڪار ۽ عظيم انسان پڻ صدين کان پوءِ ٽا جنم وٺن. ننڍي کنڊ جي هر پرڳڻي ۾ ڪيئي شاعر، فنڪار ۽ وڏا ماڻهو پيدا ٿيندا رهيا آهن، پر ٽئگور، ١٩١٣ع ۾ نوبيل انعام حاصل ڪرڻ کان پوءِ، سموري ننڍي کنڊ تي چانيو پيو آهي، توڙي جو سنڌس ديهانت ٽئي اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصو ٿي چڪو آهي. سنڌس شاعري ۽ فن ايڏا ته سگهارا آهن، جو انهن جي چاپ جي اثر مان نڪري ڪو پنهنجو قد ٻاهر ڪڍي نه سگهيو آهي، جيتوڻيڪ اُهي پنهنجي طور تي "وڏا" مڃيا وڃن ٿا. شاعريءَ ۾ هو بڙ جي وڻ مثل آهي، جنهن جي ڇانءُ ۾ ٻوٽا ڦٽن ٿا، اُسرن ٿا ۽ وڏي وڻ ٽين ٿا، پر سنڌس قد تائين ڪوبه نٿو پهچي.

سنڌي ادب ۾ پڻ شاهه لطيف هڪ اهڙو سورج آهي، جنهن جي پرڪاش صدين جي فاصلن تائين ڦهليل آهي. کانئس اڳي سنڌس پايي جو ڪو عظيم شاعر ٽي گذريو آهي- اُن بابت تاريخ مان آهي. هِن جُڳ ۾ سنڌس سڏ جو پڙاڏو اوهان ئي ته آهيو. شاعريءَ جي ميدان ۾ اوهان ئي هڪ اهڙ تناور درخت آهيو، جيڪو گذريل اڌ صدي کن کان وٺي سنڌي ساهت تي پنهنجي گهاٽي ڇانءُ ڪيو ٻيٺو آهي. اوهان جي ڇانءُ مان ڪو شاعر پنهنجو ڳاٽ ٻاهر ڪڍي اڳيرو نڪتو هجي، مون کي ڪونه سُجهي.

اوهان جي شاعري شروع کان وٺي منهنجي اپياس هيٺ رهي آهي، جنهن مون کي هميشہ اوهان جي ويجهو رکيو آهي. مون هميشہ اوهان جو هڪ هڪ کتاب ڳولي هٿ ڪيو آهي ۽ مون وٽ اوهان جا سمورا ڪتاب ساهہ سان سانڍيل آهن. تازو اوهان جا ٻہ ڪتاب هر هڪ "چوليون ٻوليون سمنڊ جون" ۽ "جر ڏيئا جممکن" پنهنجي سگهہ سان پنهنجي فن ۽ فلسفي سان پاڻ مڃايو ٻيٺا آهن.

جڏهن طارق اشرف اوهان جي شخصيت ۽ فن تي 'سهٽي' جو خاص نمبر شايع ڪري رهيو هو تہ مون پنهنجي مضمون "شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ٿر جو پس منظر" سان گڏ اوهان جي شاعريءَ جي باري ۾ پنهنجو اظهار خيال پيش ڪيو هو، جيڪو خبر ناهي ڇو، ڇپجڻ کان رهجي ويو هو. آءٌ اهي لفظ پنهنجي عقيدت طور هتي ورجايان ٿو:

"شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ دل وارن جي دنيا آباد ڏسڻ جا سپنا ٻہ ڏسي ٿو تہ ديس وارن جون ويران وسنديون آباد ڏسڻ جا اوسيٽڙا ٻہ ڪري ٿو. هو انهن ٻاٽ اوناهين راتين جو ورٿن ٻہ ڪري ٿو، جن ۾ هن چانڊوڪين جا چاندي جهڙا سپنا اُٽيا آهن ۽ پنهنجي ساٿين کي پيار سان سنيارين ٻہ اٿس. سندس شاعريءَ ۾ ٿر جي ڏاکاريل ڌرتيءَ جو درد ٻہ آهي تہ وسڪاري سان هيڪاريل ڌرتيءَ جو سرسبز مُکڙو ٻہ. سندس لهجي ۾ ٿر جي راتين جي ٺڏاڻ ۽ سيتلتا ٻہ آهي تہ تپندڙ ريتيءَ جي ساڙيندڙ گرمائش ٻہ. سندس شاعري فطرٽ جي مشاهدي جي پرپور اپٽار ٻہ آهي تہ بين الاقوامي ادب جي اپياس جو نچوڙ ٻہ. سندس شاعري انسان دوست جي آلي اک ٻہ آهي تہ دشمن لاءِ ڏهڪائيندڙ گهُور ٻہ. سندس شاعري اوچن آدرشن جي اُڏام آهي، جنهن ۾ ڌرتيءَ جي واسيءَ جو وشواس آهي. توڙي جو سندس شخصيت تضادن کان خالي ناهي، اُن جي باوجود هو پنهنجي زندگيءَ ۾ ٽي ليجينڊ بنجي ويو آهي- ان کان کوٻہ انڪار ڪري نہ سگهندو. سندس شاعريءَ جي گونج، سنڌي ادب جي زمان ۽ مڪان جون حدون اُڪري، ننڍي کنڊ توڙي دنيا جي ادب ۾ پُڌي ويندي، ڇو جو هو دي گريٽ آهي."

منهنجي من ۾ پنهنجي محبوب شاعر لاءِ هر دم حُب ۽ ڇڪ رهندي ۽ انهيءَ حب ۽ ڇڪ سان

آئون آهيان اوهان جو

ولي رام ولپ

٦-فيبروري ١٩٩٤ع

اڄ جڏهن شيخ اياز هن سنسار ۾ موجود ناهي ۽ ساٿس ڪنهن ملاقات جو ٻہ ڪو امڪان ناهي تہ سندس باري جون يادگيريون مڙي ذهن تي اچن ٿيون. ڪيس ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ ۽ پُڌڻ جو موقعو منهنجي جهوني دوست مدد علي سنڌيءَ جي گاڏي ڪاتي واري گهر جي ڊرائنگ روم ۾ مليو هو، جتي اڪثر اديبن جا ميڙاڪا ٿيندا رهندا هئا. شيخ اياز جي ڪيل ڳالهہ ٻولهہ ۽ سندس اکين جي مقناطيسي ڇڪ ۽ چهري اڄ ٻہ ذهن تي نقش آهن. مون سان سندس ڪا ايڏي تفصيلي گفتگو تہ نہ ٿي هئي، پر محسوس ڪيو هئم تہ هو مون کي ادبي حوالي سان چگهہ طرح سڃاڻي ٿو. هن اتي منهنجي ادبي پورهئي کي ساراهيو هو.

انهيءَ عرصي دوران، سندس باري ۾ خبرون پوندين هيون يا آءٌ سندس باري ۾ جاڻ رکندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن مختلف هنڌن تي سندس شاعريءَ ۾ تبديل ٿيل رخ جو ذکر پڌبو هو. سندس مذهبي لاڙي کي پسند ڪونہ ڪيو ويندو هو ۽ تقريبن ۾ استيج تي سندس شاعري پڙهڻ کان منع ڪرڻ جا واقعا ٻہ ٿيندا هئا، پر شيخ اياز کنهن جي ٻہ پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ، اها شاعري ڪئي، جنهن جي ڪيس اندر مان ترغيب ملندي هئي. هن انهيءَ سلسلي ۾ ڪنهن جي ڊڪٽيشن قبول نہ ڪئي ۽ نہ ٽي وري لوڪ کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪنهن مصلحت پسنديءَ کان ڪم ورتو.

ڊسمبر ١٩٨٧ع جي آخري ڏينهن ۾ پيڻ ماهتاب محبوب جي گهر تي شيخ اياز جي مان ۾ جن چوند ليکڪن

ڪجھ ڏينھن کان پوءِ ستار پيرزادي ٻڌايو تہ شيخ صاحب جي باري ۾ لکيل مقالن کي سميڙي ڇپائڻ جو اهتمام ڪري رهيا آهيون. ان لاءِ انهيءَ مقالي جي ڪاپي موڪلي ڏيو. اهڙو شيخ ايياز جو نياپو مون کي جوبي صاحب معرفت مليو. ڪاپي موڪلڻ کان اڳ اردو ۽ فارسي شعرن ۾ صورتخطيءَ جي اصل سان پيٽ ڪرڻ لاءِ شيخ صاحب جا جيڪي ٻہ مون وٽ ڪتاب موجود هئا، سي گڏ ڪري پنھنجي پلنگ جي پرسان رکيم ۽ سندس ڪتابن جي ڍڳ ۾ غير شعوري طرح سيني کان مٿي "الوداعي گيت" ڪٽي رکيم ۽ ۲۸ ڊسمبر تي صبح جو سنڌي ادبي سنگت جي گولڊن جوبلي



ولي رام ولي - محمد ابراهيم جويو - شيخ ايياز

تقريب ۾ شامل ٿيڻ لاءِ سنڌ ميوزيم پھتس. مُک دروازي مان اندر داخل ٿيس تہ وايو منڊل بگڙيل لڳو. پڇا ڪيم تہ سُڌ ملي تہ شيخ ايياز هن سنسار مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي. جشن جي تقريب تعزيتي گڏجاڻي ۾ بدلجي وئي. اداس ماحول ۾ سيني جا چدرا دکي ۽ اکيون اشکبار هيون. سندن محبوب شاعر ڏور ڏسائن ۾ هليو ويو هو.

سوچيان ٿو تہ غير شعوري طور تي ڪنڍي ڳجھي اشاري تي مون ايياز جا موجود سڀ ڪتاب پنھنجي پلنگ جي پاسي ۾ رکيا هئا ۽ مٿانئن سندس ئي "الوداعي گيت" رکيو هئم! شايد اها ڪا وجداني ڪيفيت هئي يا ڪا انٽيوشن ٿي هئي يا وري ڇهين حس جنھن مون کان اهو ڪم ڪرايو هو. موٽي اچي مون عقيدت وچان پنھنجو سر سندس تخليقن مٿان رکي ڇڏيو.

(۳۰-ڊسمبر ۱۹۹۷ع تي لکيل)

مينھن جيان تو منھنجي من ۾ لاتا اڇ وسڪارا، هُو،
سِٺ سٺ ۾ پرجي آيا ڪيئي ڪڪر ڪارا، هُو،
ڪوبہ اُجارو نانھہ، پريا مون تن لئہ تويا سارا، هُو،
تن ۾ ڪئن نہ تَرن ٿا اڀ جا ٽمڪن ڪيئي تارا، هُو.

- شيخ ايياز

عبدالواحد آريسر

(۱)

هماليا، آءٌ ۽ وقت جي وڇوٽي

خبر ناهي، ڪيتري وقت کان پوءِ آءٌ وقت جي ڏوڙ ۾ لٿجي، ليٽڙجي، ڏڪا ۽ ٽاپا کائي، سنڌي شاعريءَ، علم ۽ فڪر جي هماليا شيخ ايياز سان ملڻ ويس. وچ واري وقت ۾ اسان ۾ ڪي قدر رنجشون رهيون هيون. هُن پٽي صاحب لاءِ ڪي ڳالهيون چيون هيون، شاهه عنايت شهيد ۽ مخدوم بلاول جي حوالي سان. منهنجيءَ نظر ۾ اُهي صحيح نه هيون، اُن ڪري مون هڪ مضمون ايياز جي خلاف لکيو هو، اُن ڪري رنجشون پيدا ٿي پيون هيون. مضمون لکڻ جي باوجود ايياز جي شاعريءَ جي مهانتا ۽ اُن جا اُلا، منهنجيءَ دل ۾ ڪڏهن به جهڪا نه ٽيا هئا، جنهن جو اظهار به آءٌ وقت بوقت ڪندو رهندو هوس. پر پوءِ به وٽس وڃڻ کان اڳ سوچيم پئي تہ خبر نـاهي تہ ايياز مون سان مـلي به يا نہ!

خير، جڏهن سندس ڪلفٽن واري فليٽ جي گهنٽي وڄايم تہ هڪدم سندس نوڪر دروازو کوليو، ۽ نالو پُڇي اندر هليو ويو. وري انهيءَ گهڙيءَ واپس اچي چيائين تہ، "اچو!" اسان جيئن اندر گهڙياسين تہ ايياز نائيٽ ڊريس ۾ بينو هو. آءٌ عادت موجب ڪيس جهُڪي مليس. منهنجو اهو جهُڪڻ شخص ايياز لاءِ نہ، پر سندس اُنهيءَ سدابهار ۽ لازوال ذات لاءِ هو، جنهن ذات ساريءَ سنڌڙيءَ کي ڪنبو بنايو هو: جيڪا تعليمي ادارن کان اڳتي وڌي مندر ۽ مسجد تائين پهچي ويئي هئي: جيڪا هاڻي پڙهيل ماڻهن کان ٽيندي، الهڏني خاصخيليءَ ۽ اسلم تنئي جي سُريلن آوازن جي لهرن ذريعي ڏنار پنهوار کي پنهنجي پاڪرن ۾ وٺي رهي آهي، ۽ مون کي يقين آهي تہ اُهو وقت اچي ويو آهي، جو ساري سنڌ نہ رڳو ايياز جي ڇيرن جي ڇم ڇم تي رقص ڪندي، پر اُن جي روشنيءَ جي گهيري ۾ وکوڙجي ويندي.

جوڳين ۾ روايت آهي تہ جتي نانگن ۽ بلائن جو گهٽو آزار هجي، اُتي رات جو سمهندڙ مسافر پنهنجي پاڻاريءَ جي چوڌاري پڙُ ڪيڊي، گوگي چوهاڻ جو منتر پڙهي سمهن، تہ کو اَهرُو اُنهن کي ڏنگي نہ سگهندو. سو آءٌ به سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن اڄوڪي سنڌ ايياز جي شاعريءَ جو پڙُ ڪيڊي، اُن ۾ سندس مرشد جو منتر پڙهن، تہ مٿن حملو ڪندڙ ارڙ بلائن جي حملن کان محفوظ رهندا. اُنهيءَ ۽ اهڙي شاعريءَ جو مالڪ اسان کي اندر وٺي ويو. پر ترسو! اندر وڃڻ کان اڳ جڏهن مون پاڻ کي ايياز جي پاڪرن ۾ محسوس ڪيو تہ خبرناهي ڇو مون کي لڳو تہ منهنجي سرير جي انگ انگ ۾ مسرت سان گڏ قرار ۽ سُڪون جي اهڙي لهر ڊوڙي ويئي، جيڪا شايد هڪ صوفيءَ کي اُن وقت ڊوڙندي محسوس ٿيندي آهي، جڏهن هن ۽ خدا جي وچ ۾ ڪوبہ پردو نہ رهندو آهي. پر ويچاري صوفيءَ جي اُن وقت کهڙي حالت هوندي، جڏهن هو محبوب حقيقيءَ جي پاڪرن ۾ هجي. پر آءٌ سمجهان ٿو تہ اها سعادت اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به صوفيءَ جي مقدر ۾ لکجي نہ سگهي آهي.

اسان اندر ڊرائنگ روم ۾ وڃي ويناسين. هڪڙي ڏانهن ڏٺوسين. نہ هُن کي ڪا پشيماني هئي، سندس لکٹيءَ تي، نہ آءٌ شرمندو هوس پنهنجي لکڻ تي- اُنهيءَ ڪري جو اسان ٻنهي پنهنجي ضمير جو اظهار ڪيو هو: ۽ اُهو ضمير جو ئي آواز آهي، جنهن سنڌ جي هر ڏاهي ۽ باشعور ماڻهوءَ کي گهاٽن، ٽياسن ۽ ڪوڙن جي ٽڪٽڪين ۾ پيڙايو ۽ ٽنگايو آهي.

آءٌ ايياز ڏانهن ڏسندو پئي رهيس. حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌ جي ٽن ماڻهن کي آءٌ جڏهن ڏسندو آهيان تہ اُهي مون

کي هن ڪائناتِ رنگ و بو جا ماڻهو ئي نه لڳندا آهن. جي. ايم. سيد کي ڏسي مون کي لڳندو آهي ته هيءُ يونان جو پرومٿيئس ديوتا آهي؛ پير حسام الدين راشدي مون کي ڪائنات جي علم، جلال ۽ اساطير جو ديومالائي ڪردار لڳندو هو؛ ۽ اياز، سچ پچ ته اُن کي آءٌ ڪنهن به تشبيهه، ڪنهن به استعاري ۾ بند نه ڪري سگهندو آهيان. اياز جون اکيون مون کي اهڙيون لڳنديون آهن، جو آءٌ سمجهندو آهيان ته هنن اکين جيڪڏهن ڪنهن حامله عورت ڏانهن ڏٺو ته ڳڀيرڻ ۾ پيل ٻار جي بُت ۾ سيئياندا پئجي ويندا- ۽ سندس ڀِرون اُن شينهن/چيتي جي ڀروئن وانگر لڳندا آهن، جيڪو دشمن تي جهپ هڻڻ لاءِ تيار هجي.

چانهه مان واندا ٿياسين ۽ پوءِ اياز ڳالهائڻ شروع ڪيو. جڏهن اياز ڳالهائيندو آهي ته ائين محسوس ٿيندو آهي، جڻ سموريءَ دنيا جو ادب، شاعري، تاريخ ۽ فلسفو سندس سامهون پکڙيو پيو آهي ۽ سموريءَ دنيا جا سمورا اديب، شاعر، فلسفي ۽ تاريخدان سندس آڏو اِئين بيٺا هجن، جيئن هارون رشيد جي آڏو ٻانهيون بيهنديون هيون؛ جن مان هر هڪ جي خواهش هوندي هئي ته بادشاهه سلامت مون کي طلب ڪري، بلڪل، ائين هر شاعر، اديب، فلسفي ۽ تاريخدان جي جڻ اها خواهش هُجي ته اياز منهنجو حوالو ڏئي. هُو ڳالهيون ڪندو رهيو، جن ۾ ڪڏهن انڊلٺ جا رنگ هئا؛ ڪڏهن ٻارن جي مُرڪ هئي ته ڪٿي ڪنوارن اُرهن جي دلڪشي ته ڪٿي ڏاهر جي شهپر جو موڙ هو، ڪٿي چارڻ جي چنگ جو آواز هو، ته ڪٿي سنڌ جي روح جي ازلي ۽ ابدي دانهن هئي. هُن چيو: "آءٌ ترڪيءَ ويو هوس، اُتي قونيا ۾ مون درويشن جو باهه تي رقص ڏٺو ۽ پوءِ گائيڊ کي چيم ته مون کي هني بال جي قبر جا نشان ڏيکاريو. گائيڊ چيو، سائين! اُهي تمام مٿي پهاڙ تي آهن، توهان پهاڙ تي چڙهي سگهندو؟ چيم: "ها! آءٌ نه رڳو وڏن وڏن پهاڙن کي اورانگهيندو رهيو آهيان، پر پهاڙ پِٿون به ڪندو رهيو آهيان." منهنجي هڪ دوست چيو: "سائين! هني بال ڇا ڪيو هو ۽ توهان جي ان ۾ دلچسپي ڇو هئي؟" اياز وراڻيو: "هن روم ڊاٺو هو؛ اهو روم، جيڪو جبر ۽ استعماريت تي ٻڌل هو ۽ مون به پنهنجيءَ ڏات جي ذريعي ڪوئي روم بار بار ڊاهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي."

"جمهوريت" جي سلسلي ۾ ڳالهائيندي اياز چيو ته: هڪڙي ماڻهوءَ مون کي خط لکيو ته، "تون جمهوريت، جهموريت پيو چوين، پر اقبال چيو آهي ته جهموري نظام کان بَچ ۽ ڪنهن مضبوط ارادي واري جو غلام ٿيءُ. ڇو ته ٻن سون گڏهن جي دماغ مان هڪ انسان جو دماغ پيدا ڪونه ٿيندو آهي." کيس جواب ڏنم ته: "اهو صحيح آهي، پر پوءِ به آءٌ هڪ 'گڏهه' کان ٻن سون گڏهن کي بهتر سمجهان ٿو." انهيءَ جملي ۾ جمهوريت ڏانهن جيڪو بليغ اشارو آهي، ان کي سمجهو ڪي سمجهن.

اياز چيو: "بنيادي شيءِ آهي انسانيت يا ماڻهپو. سموري انساني تاريخ جي فڪري جدوجهد اُن لاءِ ٿي آهي ته اُنهيءَ ڳالهائيندڙ جانور کي انسانيت ۽ ماڻهپي جي سطح تي آڻجي. حقيقت ۾ ماڻهن کي آءٌ ٽن درجن ۾ رکان ٿو: آدم جو اولاد، جيڪو اشرف المخلوقات آهي؛ ڊارون جي نظريي موجب باندر جو اولاد، جنهن جي سمجهه جي سطح تمام هيٺاهين آهي؛ ۽ گڏهه جا ڦر، جيڪي يا ته ڪُٽبا رهن ٿا يا خلق آزاريندا رهن ٿا."

گفتگوءَ هلندي، مون واري مضمون جو ذڪر آيو. اُن تي اياز چيو ته منهنجو مقصد اِهو نه هو، جيڪو تو سمجهيو آهي. منهنجو مقصد هو ته مدافعت وارو وقت ۽ موت- شاهه شهيد ۽ مخدوم بلاول حياتيءَ ۾ ڀُٽي کان عظيم تر هئا ۽ اُهي ماڻهپي جي جنهن بلند مينار تي بيٺا هئا، اُتان هُو ڪهڙي به قسم جي موت کي مُرڪندي قبول ڪري سگهيا ٿي. پر هنن جي نظرن ۾ موت نالي ڪا شيءِ هوندي ئي ناهي: آءٌ به اڄ ان نظريي تي پهتو آهيان، پر ڀُٽي، جنهن ماحول ۾ جنم ورتو هو ۽ جنهن طبقي سان هن تعلق رکيو ٿي، اُتي ايڏو مقابلو ڪرڻ ۽ موت قبولڻ وڏي ڳالهه هئي. بهرحال، مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت کي ايتريقدر قيد ۽ بند ۾ رهڻ جو موقعو ئي نه مليو، ۽ جيڪڏهن

موقعو ملي ها تہ اُهي يقيناً وڌيڪ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪن ها."

آءٌ اياز جا دليل ٻڌي رهيو هوس ۽ سندس نادان دوستن جا دليل بہ منهنجي ذهن ۾ هئا، جن نہ اياز جي مفهوم کي سمجهيو هو، ۽ نہ ئي مُنهنجي ڳالهہ پروڙي هئي.

اسان کي ويٺي ويٺي ڏيڍ ڪلاڪ ٿي ويو هو، مون کي ٻيءَ جاءِ تي وڃڻو هو. اياز جي خواهش هئي تہ ڪچهري هلي، پر وقت بيرحم ڪڏهن ڪڏهن ٻيءَ چُميءَ جو بہ موقعو نہ ڏيندو آهي. اسان موڪلائڻ جي ڪئي تہ اياز چيو تہ: "سائين جي. ايم. سيد کي منهنجا سلام چئجو. اوهان جو واسطو جي. ايم. سيد سان سياسي آهي، منهنجو ناتو پيريءَ مُريديءَ وارو آهي." سندس اِهي جُملا ٻڌي، مون کي ڪجهہ وقت اڳ هڪ دوست جي ڳالهہ ياد آئي، جنهن ۾ هُن اياز جي حوالي سان چيو هو تہ: "امير حيدر شاهہ ۽ امداد محمد شاهہ، جي. ايم. سيد جا جسماني پُٽ آهن، پر سندس روحاني ۽ فڪري پُٽ آءٌ آهيان."

اسان اُٿياسين، اياز بہ گڏ اُٿيو. مون چيو: "سائين، توهان ويهو، ٺيڪ نہ آهيو!" چيائين: "اهڙي ڳالهہ نہ آهي، مون موت کي موٽائي ڇڏيو آهي تہ هينئر وڃ!' آءٌ واندو نہ آهيان. اُن ڪري آءٌ توهان سان گڏ لفٽ تائين هلي سگهان ٿو." لفٽ تي پهتاسين تہ اياز وري موت جو ذڪر ڪيو، جنهن تي آءٌ روئڻهاروڪو ٿي ويس. اياز منهنجي اِها ڪيفيت ڏسي چيو، "گهٻراءِ نہ! آءٌ ٻيو جنم ٿر ۾ وٺندس ۽ پوءِ ڏاڍيون ڪچهريون ڪنداسون." اياز جو اِهو جملو ٻُڌي، مون دل ۾ چيو تہ واقعي جمن دربدر، حليم باغي، مير حسن آريسر، مظهر لغاري، مجرم لغاريءَ ۽ اقبال رند کان پوءِ اياز ٿر ۾ ئي سونهي ٿو، ڇو تہ ٿرين ڪڏهن بہ ڀٽائيءَ کي پنڻ لاءِ نہ ڳايو آهي.

"ڏونگها آڇ مَ اُن کي، ڪاسا جنين ڪم،
پنندي پرڏيهہ ۾، تن سوڍين اچي شرم!"

پر مُسرت ۽ محبت واري زندگي گذارڻ لاءِ ئي ڳايو آهي.

ايتري ۾ لفٽ اچي ويئي ۽ اسان اُن ۾ داخل ٿياسين. منهنجي چپن تي اياز جي هيءَ سٽ اچي ويئي:

"سنڌڙي تُنهنجو ساهُہ اياز،
مري نہ ٿيڻو آهي مات!"

مون سان گڏ انهيءَ ڪچهريءَ ۾ سائين غلام شاهہ، هاشم کوسو ۽ روشن ڪلهوڙو هئا.

(ڪراچي، ٣١-آڪٽوبر ١٩٩١ع)

(٢)

سنڌڙي تُنهنجو ساهُہ اياز

اڄ جڏهن جسماني طرح اسان کان اياز جي وڇوڙي کي ايڪيتاليهون ڏينهن آهي، پوءِ بہ آءٌ پاڻ ۾ اها سگهہ ساري نٿو سگهان تہ مٿس ڪجهہ لکان. اياز هن صديءَ جو سنڌ جو سڀ کان وڏو شاعر ۽ عالم هو ۽ نہ معلوم سندس شعر ۽ فڪر اڃا ڪيتريون صديون سنڌ تي حاوي رهندو. حقيقت ۾ اياز جون سنڌ ۾ عقيدت لائق ڪيتريون ئي حيثيتون آهن. هُو ويهين صديءَ جي پوين ڏهاڪن جو دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو شاعر هو. اُن سلسلي ۾ آءٌ ڪنهن وڌاءُ کان ڪم نہ وٺي رهيو آهيان، پر اُنهن ڏهاڪن جي شاعري گهڻي ڀاڱي سنئين سِڌي يا ترجمن وسيلي مُنهنجيءَ نظر مان گذري آهي. خيال جي گهرائي، ٻوليءَ تي قدرت، بي جان لفظن کي زندهہ ڪري انهن کي پرواز عطا ڪرڻ، انوکين

تشبيهن، پيار جي بي پناهه پالوٽ ۽ ڏرتيءَ سان آٿاهه محبت جي ڪري شايد ئي ڪو شاعر ايياز جي همسري ڪري سگهي. شاعري، شيخ ايياز جي محبوبا هئي، جيڪا ڪڏهن ب ڪائنس غيرمطمئن ٿي رواني نه ٿي، اهوئي سبب آهي جو هڪڙي نقاد جي حوالي سان ايياز کي مون چيو ته، سائين فلاڻو چوي ٿو ته "ڪڏهن ڪڏهن ننڍيون زبانون تمام وڏا شاعر پيدا ڪنديون آهن، جيئن بنگاليءَ ۾ ٽئگور ۽ سنڌيءَ ۾ ايياز". ان تي ايياز وراٽيو ته "ڪير احمق ٿو چوي ته سنڌي زبان ننڍي آهي؟ زبان جي ننڍي ۽ وڏي هُجڻ جو ماڻ ۽ ماپو جاگرافيائي سرحد ناهي، پر زبان جي ننڍي ۽ وڏي هجڻ جو اصل معيار ان جو دامن آهي، جنهن ۾ شاعر ۽ فنڪار، اظهارِ خيال جي ڪيتري سگهه حاصل ڪري سگهي ٿو. ان معنيٰ ۾ سنڌي زبان تمام وڏي زبان آهي ۽ مون کي پنهنجي انهيءَ ٻوليءَ ۾ شاعري ڪندي ڪا شرمندگي محسوس ڪانه ٿي ٿئي، جيئن ڪن پنجابي شاعرن کي پنجابيءَ ۾ شاعري ڪندي شرم محسوس ٿيندو هو. جيتوٽيڪ مون اردوءَ ۾ ب شاعري ڪئي آهي، پر منهنجي اها شاعري ننڍي ڪنڊ ۾ اها مقبوليت حاصل ڪري نه سگهي آهي، جيڪا مقبوليت منهنجيءَ سنڌي شاعريءَ کي حاصل آهي. ان ڪري منهنجي اُن نقاد کي چئجانءِ ته "سنڌي زبان تمام وڏي زبان آهي، پر افسوس جو ڪڏهن ڪڏهن تمام وڏيون زبانون ننڍا ۽ خسيس سياستدان پيدا ڪنديون آهن."

اهوئي سبب آهي جو ايياز نثر توڙي نظم ۾ آخري وقت تائين سنڌي زبان کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بنايو ۽ هڪڙي غلام قوم جي نظرانداز ٿيل ٻوليءَ کي پنهنجي شاعريءَ جي اُڏام-ڪٽولیءَ ذريعي هن سموريءَ دنيا ۾ ڦهلائي ڇڏيو- ۽ آڻ دعويٰ سان چوان ٿو ته هن وقت دنيا جو اهڙو ڪوب ملڪ ناهي، جتي سنڌي نه ڳالهائي ويندي هُجي، سموري دنيا ۾ پکڙيل سنڌين جي وچ ۾ رابطي ۽ ڳانڍاپي جو ذريعو صرف ب شيون آهن: هڪ سنڌي زبان ۽ ٻي لطيف ۽ ايياز جي شاعري. ايياز جي شاعريءَ کي اصلي رنگ ۽ روپ ۾ سنڌ جي افق تي روشن ٿيڻ لاءِ جيتوٽيڪ صديون درڪار آهن، پر هن جي شاعريءَ هڪ طرف اسان ۾ سياسي سگهه پيدا ڪئي ۽ ٻئي طرف ڏاري ٻوليءَ جي غلبي کي روڪي ورتو. ايياز، پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهه وقت پوءِ ڪٽي لکيو هو ته "لڳي ائين ٿو ته سپاٽي منهنجو اولاد منهنجي قبر تي اچي اردوءَ ۾ دعا گهرندو." پر انهيءَ انديشي کي خود هن جي لازوال، ٻهڪٽي ۽ روح جي پاتال ۾ پيهي ويندڙ شاعريءَ شڪست ڏني ۽ سندس لحد تي سندس ئي گيت گونجاريا ويا.

هن جي شاعري سنڌ ۾ ايتري اثرانگيز ثابت ٿي، جو پاڪستان جي فوجي جنتاشاهيءَ جي دور ۾ جڏهن سنڌ جا ماڻهو تارچر سيلن ۾ زندگيءَ کان مايوس ٿي، آپگهات لاءِ سوچڻ تي مجبور ٿيندا هئا، ان وقت هن جي شاعري محبوبا جي مرڪ وانگر ڪرٽا ڪرٽا ٿي سامهون ايندي هئي، ۽ مايوس نوجوانن ۾ نه رڳو زندگيءَ سان محبت جو شعلو روشن ڪندي هئي، پر اڄا ب اڳتي رڙهڻ ۽ وڙهڻ لاءِ انهن ۾ جذبو پيدا ڪندي هئي.

واجهه نه وجهه تون وڃ ڏي، رت وهي ته ب رڙهه،
پوئين ويرَ ب وڙهه، ويريءَ سان وجود جي.

خود آڻ جڏهن ۱۹۹۲ع ۾ بلڪل اهڙي تارچر مان پئي گذريس، جهڙي تارچر مان نازي دور مان جولس فيوچڪ پئي گذريو، ان وقت آڻ زندگيءَ کان مايوس ٿي چڪو هوس ۽ ڪڏهن ڪڏهن دوستن جي بي حسيءَ تي سوچيندي، لطيف جو هيءُ شعر منهنجي ذهن تي تري ايندو هو:

مارو مُلڪ مليرَ جا، سيئي پرڪياسون،
سوڪيءَ ويلي سيڪو، اوڪيءَ ويلي تون.

ان وقت الائي ڇو سنڌ جو ساهه شيخ ايياز، پنهنجي چيتي جهڙن پرن سان منهنجي سامهون اچي بيهندو هو ۽ پنهنجو بياض مون ڏانهن وڌائيندو هو ۽ آڻ سندس انهن عقابي اکين ۾ ڏسي، سندس هيءُ شعر پڙهڻ شروع ڪندو هوس:

بي موت مُئا، تولاءِ كُنا، انسان هزارين مان نہ رڳو!
هن دنيا ۾ اي ديس هئا، نادان هزارين مان نہ رڳو،
جي راهہ اَجل كنهن ورتي آ، هن پُونءِ كئي بي پرتي آ،
هيءَ ڏرتي توكي پرتي آ، مهمان هزارين مان نہ رڳو!
تون چؤ ۾ كُڇان، تون چؤ ۾ لُڇان، پر توكان هكڙي ڳالهہ پُڇان،
تون كنهن كنهن كي خاموش كندين، اعلان هزارين مان نہ رڳو!
هي دؤر اياز گذرٹو آ، ۽ پنهنجو وارو ورٹو آ،
كو ٻارڻ نيٺ تہ برٹو آ، امكان هزارين مان نہ رڳو!

اها اياز جي مزاحمتي شاعري ئي هئي، جنهن مون جهڙي كمزور ماڻهوءَ ۾ فولادي سگهہ پيدا كئي، پر اهائي شاعري، ان كان اڳ هزارين نوجوانن كي ميدان ۾ آڻي، ون يونٽ جو قهري كوٽ كيرائي چكي هئي. اياز جي مزاحمتي شاعريءَ جو كمال اهو آهي تہ هن ۾ پرجوش لهجي، خوبصورت لفظن ۽ بي پناهہ آهنگ سان گڏ نفيس ۽ نازك جماليات آهي، ۽ اياز جي اهائي جماليات آهي، جنهن سندَ جي قومي تحريك كي انارڪيءَ ڏانهن وڌڻ كان روكيو. اها حقيقت پنهنجيءَ جاءِ تي آهي تہ قومي تحريك ۾ انتشار، انارڪزم ۽ كرائيم جو زور انهن ئي سالن ۾ وڌيو، جن سالن ۾ اياز جي شاعريءَ كي قومي تحريك كان الڳ كيو ويو، نہ تہ اياز جي رزميہ شاعريءَ تي جهڙي طريقي سان سندَ جا نوجوان مقتلن ڏانهن كاهي ويندا هئا:

كو كيئن نہ دوڙي مقتل ڏي، آ رت ۾ خوشبوءِ ميندي جي،
كو كيئن نہ دوڙي زندان ڏي، ٿا زلف ڇكن زنجيرن جا.

تہ بلكل ساڳئي طريقي سان هن جي جمالياتي شاعريءَ تي بہ سندَي ماڻهو وجد ۽ كيف جي مهاساگر ۾ ترڻ لڳندا هئا:

صنوبر جي سائي ۾ ويهي رهون،
چُمي جئن سگهي چند تنهنجون چَڳون.
گهڙيءَ لئہ گناهہ محبت كيون!
نہ شايد وري زندگيءَ ۾ مِلون!

-

الائي وري رات ايندي نہ ايندي،
'سان جي ملاقات ٿيندي نہ ٿيندي.

-

كنهن كاريءَ چڳ تي رات كُٽي،
كنهن ڳاڙهي ڳل تي باك ڦُٽي،
ايئن وقت كٽيو، ايئن عمر لُٽي،
سپ سانگ سجايو آ پيارا!

هن جي شاعري كٽي كهڙي بہ موضوع تي هُجي، پر ان مان سندَ كڏهن بہ غائب نہ رهي:

جيءَ اچي نہ جَهلّ،
توکي ڪهڙي ڪَلَ، مون کان سنڌ نہ وِسري!

ڌرتيءَ منهنجي ديس جي، ڪيڏا ڏٺا ڪيس،
ڪيئي سورهيہ سيس، واريا تنهن تان ويڙهہ ۾!

سنڌ سُڪاري ساڀيا ٿيندي،
سُپنا سُپنا وهندي رهندي،
سون ورن سنڌو!

يا هڪ ٻئي شعر ۾ چوي ٿو:

ڏس! باک ڀليري آئي آ، ڏس! سنڌ مٿان سرهائي آ،
ڇو تن جي لاءِ اياز رُنين، جي مارو ماڳ مٽائي ويا.

هن کي جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن اهو احساس ٿيندو هو تہ جنهن ٻوليءَ کي آءٌ پنهنجيءَ شاعريءَ ذريعي ڪهڪشان ۽ انڊلٺ جا روپ پيو بخشان ۽ جنهن شاعريءَ جي ذريعي آءٌ سنڌي تهذيب ۽ سنڌ جي جاگرافيءَ جي چوڌاري ديوارِ چين پيو تعمير ڪريان، تنهن کي سنڌي ماڻهو اجا نہ پيو سمجهي. ان جو اظهار هو هن طرح ڪري ٿو تہ:

ڪاري ڍنڍ، اَڇيرا پڪّ،
ڇر تي ڇوهہ ڇَمَرَ جا پاڇا!
گجري! توتي گج تہ آ، پر،
جهُڙ ۾ ڪاوا جهڙا ڪَکَ!
ڪاري ڍنڍ اڇيرا پَکَ!
ڇر تي ڇوهہ ڇَمَرَ جا پاڇا!

اها شڪايت هر جينيس ماڻهوءَ کي پنهنجي دور ۾ رهندي آهي ۽ خصوصاً اهو جينيس، جنهن ۾ فنڪارانہ احساس سڀني احساسن تي غالب هجي. ان جي باوجود اياز، سنڌ جي نوجوانن کي پنهنجي شاعريءَ جي تلوار کڻي وڙهڻ جي تلقين ڪندو رهيو، سندس هڪ نظم آهي:

دولهہ دريا خان جي پٽ کي وصيت:

تون هونئن بہ مرندين ڪاڇي ۾،
اڄ ناهر وانگر ڇال ڏئي،
تون آءُ پهاڙيءَ پاڇي ۾،
تون گوليون هيٺ هلائي ڏس!
۽ ڪنهن پٿر جي اوٽ ڏئي،
هن ڌرتيءَ کي ڌڌڪائي ڏس!
جي تنهنجو ڦرندو لاش ڪري،
نئين گاجُ مٿان پروا ناهي-
جي ڌرتيءَ تي آڪاش ڪري،
هيءَ ڌرتي اُن کان هيٺي آ،

تون ڏاڍي جو ڏهڪاءُ نه ڏسُ-
هر دل بندوق وهيٽي آ-
هر گولئ کي کا ٻولي آ،
جا هرکو جاٽو جاٽي ٽو-
تون چوندين هئ پرولي آ-
پر سؤلي هئ پرولي آ،
تون ڪنهن جو ٻانهو ناهين ڙي!
جي گولي تنهنجي گولي آ-
اڄُ ناهر وانگر ڇال ڏئي،
تون آءُ پهاڙئ پاڇي ۾-
ء ڪنهن پٿر جي ڍال ڏئي،
تون گوليون هيٺ هلائي ڏس!
ء ٽانا، ٽانا....جي سُر تي،
ڪُٽ آزادئ جا گائي ڏس!

آءٌ هتي اياز جي جمالياتي شاعريءَ جي خصوصيتن ۽ خوبين تي تفصيل سان لکڻ بدران صرف سندس هڪ ٻن تشبيهن ڏانهن اشارو ڏيندس، جيڪي سندس شاعريءَ ۾ اياز کان اڳ ڪڏهن استعمال ئي نه ٿيون آهن ۽ اهڙيون هزارين تشبيهون ۽ استعارا سندس شاعريءَ ۾ موجود آهن، هڪ شعر اٿس:

مينهن موتي ويا، ڏينهن اُپري لٽا،
تون نه آئين پرين، وهُه لڳي ٿي وهي!

"وهي، جو وهه لڳڻ" سندس شاعريءَ ۾ اڳي استعمال ئي نه ٿيو آهي ۽ جديد "سُر سورٺ" لکندي هن لکيو آهي ته:

گهاڙوءَ گهڙيو ڪونه، ڳهٽو، تنهنجي ڳل جيئن،
سورٺ توتي ڇو نه، مان ور ور واريو وڃان!

هِتي سورٺ جي ڳلَ کي ڪنهن اهڙي زيور سان تشبيهه ڏني وئي آهي، جيڪو ڪنهن سوناري اڄ ڏينهن تائين تيار ئي نه ڪيو آهي.

آءٌ هاڻي ايازِ جي شاعريءَ کان هٽي، سندس ذاتي خصلتن تي ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو. هيءَ هڪ حقيقت آهي ته جڏهن طريقي سان مولانا آزاد جي نثر جي خصوصيت اها آهي ته هن ۾ هرجڳهه تي ايگو (Ego) آهي، اهڙيءَ طرح سان ايازِ به ايگو جي بُلنديءَ تي پهتل سو. هن جي ڪا سِٽ لڪل يا ظاهري ايگو کان خالي نه آهي اُن جي باوجود هو پاڻ کان ننڍن ليڪڪن ۽ شاعرن جو بي پناهه قدر ۽ عزت افزائي ڪندو هو. مون کي ياد آهي ته مارشل لا دور ۾ هڪ دفعو مون کي سکر بار طرفان بار کي خطاب ڪرڻ جي دعوت ملي. اُها خبر جڏهن شيخ ايازِ کي پهتي ته هن مون ڏانهن نياپو موڪليو ته "آءٌ اڄ شڪارپور وڃي رهيو آهيان، اُتي منهنجا ڪيس رکيل آهن. آءٌ ڪوشش ڪري ڪيسن جون شُنوايون وٺي جلدي موٽي ايندس، تون مهرباني ڪري منهنجي موٽڻ کان اڳ ۾ تقرير نه ڪجانءِ" ۽ هو جڏهن موٽي آيو ته اُن کان پوءِ مون تقرير ڪئي. مون تقرير ۾ چيو ته: "ممڪن آهي ته اسان جي سياسي فيصلن ۾ غلطي ٿي

هجي، عملي طرح ڪٿي اسان دوکو ڪاڏو هجي، پر اي ايياز جي لازوال شاعري! اي معصوم شاهه جا منارا! اي ڪرڙيءَ جي شهيدن جا مقدس رت! اي هيمون ڪالاڻيءَ جي ڦاسيءَ جا ڦندا! اوهين سڀ شاهد رهجو ته اسان جي نيت ۽ ماڻ ڦڙن جي معصوميت ۽ اسان جي عمل ۾ ڪنواريءَ جي ٽٽن جو تقدس هميشه قائم رهيو آهي." اُتي ئي مون چيو ته "اڄ ويهين صديءَ جي دنيا جو وڏو شاعر هِتي وينو آهي، جنهن جي سربراهيءَ ۾ موجوده وقت جي چئن وڏن شاعرن محمود درويش، ابراهيم آفيقي ۽ سردار جعفريءَ تي مشتمل ڪورٽ قائم ڪئي وڃي، جيڪا فيصلو ڪري ته سنڌ بينڪيت آهي يا نه؟" ۽ مون ڏٺو ته سنڌ جو هماليه کان بلند قد رکندڙ شاعر مسلسل عقاب وانگر منهنجي منهن ۾ گهوري رهيو هو ۽ پوءِ هن مون کي چيو ته "تو تقرير صرف مون کي سامهون ڏسي ڪئي آهي، جڏهن ته بار ۾ ويٺل جاهل، سڀ ايياز ڪونه هئا." اڳتي هلي هن پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو ته "سنڌ ۾ تقرير صرف ٻه ئي ماڻهو ڪري سگهن ٿا: هڪ عبدالواحد آريسر ۽ ٻيو رسول بخش پليجو." ٻئي دفعي مون پنهنجو هڪ ننڍڙو ڪتاب "چاندوڪيون ۽ چيت"، ٿر جي ماڻ جهڙي شاعر ايياز گل ذريعي شيخ ايياز کي موڪليو، جيڪو پڙهي هن لکيو ته "آريسر جي ڪتاب ۾ هڪڙو جملو آهي ته 'آءٌ پرامن غلاميءَ کان پرخطر آزاديءَ کي وڌيڪ پسند ڪريان ٿو' ڇا واقعي اهو آريسر لکيو آهي؟"

اهڙي طريقي سان اسان جڏهن 'برسات' ۾ لکڻ شروع ڪيو، ايياز بحيثيت ايڊيٽر جي ۽ مون بحيثيت ڪالمسٽ جي، ته هن مون کي چيو ته "آريسر! تنهنجي قلم ۾ بي پناهه طاقت آهي. تون مون کي وقت ڏئي سگهين ته اسان گڏجي سائين جي.ايم.سيد جي ڪٿا لکون، جيڪا اڃا لکي نه ويئي آهي. تو جيڪو سائينءَ تي ڪتاب لکيو آهي، اُن ۾ لفظن جو سيلاب سائينءَ جي فڪر کي لوڙهي ويو آهي. فڪر کي نروار ڪرڻ لاءِ هن طريقي سان لکڻ جي ضرورت آهي. تون سائينءَ جو اصحابي آهين ۽ آءٌ ان جو روحاني پٽ آهيان."

آءٌ ننڍو سمجهان ته ڪو ايڏو وڏو عالم ۽ شاعر مون جهڙي هڪ اٺپڙهيل کي ايڏو داد ڏئي سگهي، ايياز کان سواءِ! اڄ هو اسان ۾ ناهي، پر هن جو هيءُ شعر اسان لاءِ مشعل راهه آهي:

تون جو مون کان پوءِ اچين
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين منهنجا گيت ٻُڌين
مون کي ياد ڪرين!
سنڌڙي ساري ڳاڙهو ڪنبو ٿي ويندي تيسين،
۽ جي اُن تي ڦُلڙيون ڦُلڙيون،
منهنجي ذات ڏسين،
شال اهو سمجهين،
ذات وڏي شيءِ ناهي،
پر سچ وڏي شيءِ آهي،
۽ جو سچُ مچائي،
سو مچ وڏي شيءِ آهي؛

—

اچو ته اها سنڌ تعمير ڪريون، جنهن تي ايياز جي ڦُلڙيون ڦُلڙيون ذات هجي. ايياز! تولاءِ مون وٽ ڪجهه ڳوڙها آهن، ڪجهه گل آهن، ڪجهه روح جا ريلا آهن، جيڪي پيش ڪريان ٿو، شل قبول پون! آءٌ توکي مرحوم ڪونه ٿو

چوان، چو تہ رحمت تو جھڑي مها ڪوءَ جي پيرن جي پٽي هوندي آهي؛ چو تہ تون ويو ناهين. تو هڪ دفعو مون کي چيو هو تہ "آءُ ٻيو جنم وٺندس ۽ ٻيو جنم منهنجو ٿڻ ۾ هوندو." ها! تو ئي تہ چيو هو دودي جي واتان.

چا ٻہ چوين مان مرٽو ناهيان،
ويس مٽائي ورٽو آهيان،
تون ٻہ چنيسر جو ڪجهہ چاهين،
مون کان اڳ ۾ ورٽو آهين،
نانءَ نئين سان، ويس بدل سان،
تنهنجي منهنجي جنگ ازل کان،
جاري آهي، جاري رهندي،
جاري آهي، جاري رهندي.

۽ توکي اها ٻہ خبر هوندي تہ دودي جو پگ مٺ يار هاسو سوڍو هو، جنهن سندس سڏُ تي، پنهنجو وهانءُ اڏ ۾ ڇڏي دودي سان ياري نباڻي هئي ۽ دودي سان گڏ سِرُ ڏيئي سُرهو ٿيو هو. انهيءَ هاسي سوڍي جي نالي پويان منهنجي ڳوٺ جي پرواري علائقي جو نالو "هاسيسر" آهي، ۽ تون ٻہ جڏهن دودي جي روپ ۾ وري موٽئين تہ هاسي جي روپ ۾ مان ٻہ توسان گڏ هوندس.

سنڌڙي تنهنجو ساهہ اياز،
مري نہ ٿيٽو آهي مات!

اياز جرئت، همت، محبت، لازوال تخليقي صلاحيت ۽ سنڌ-دوستيءَ جي جذبي سان تمتار رڻ تي سوار ٿي آيو ۽ سپ ڪجهہ ڏرتيءَ کي ارپي، عورت جي مُرڪ کان هلڪو ٿي، بادلن جي ڪلهن تي سوار ٿي اُڏامي هليو ويو. پوءِ ٻہ هو اَرهو نہ ٿيو ۽ ديس کي دعائون ڪندو ويو:

اڪيون آرزوئون، اڪنيون التجائون،
اکيون يارَ تنهنجون صدين جون صدائون!
سُجاتئي نہ سائل، خدا خوش رکيئي،
وجون ٿا ڪري ديس توکي دعائون،

(شيخ اياز جي چاليهي جي موقعي تي لکيل)

(۳)

آڪاش کان وڏو ڏرتيءَ جو شاعر

مون دنيا جي ڪچ جيتري شاعري سنئين سڏي يا ترجمن وسيلي پڙهي آهي. ان شاعريءَ ۾ هر قسم جا موضوع انتهائي خوبصورتيءَ سان بيان ڪيل آهن: دورِ جاهليت جي عربي شاعريءَ ۾ بن شين جو انتهائي شدت سان اظهار ٿيل آهي ـ هڪ قبائلي انتقام ۽ ٻيو محبت؛ پوءِ اُها محبت، جسماني هجي يا ڏرتيءَ جي چشمن، نخلستانن ۽ چراگاهن سان هجي. فارسي شاعريءَ ۾ ڏرتيءَ سان محبت کي بادشاهن ۽ اُنهن جي جاهہ و جلال سان منسلڪ ڪيو ويو آهي.

يوناني شاعريءَ جو محور بہ جنگين ۽ اُنهن ۾ حصو ونندڙ بهادرن جي ڪارنامن تي مشتمل آهي ۽ اُن ئي حوالي سان ڏرتيءَ جو بہ اُن ۾ ذڪر اچي ٿو. انگريزي شاعريءَ جي اُنهن شاعرن کي جڏهن پڙهون ٿا، جن کي "شاعرِ فطرت" (Poets of Nature) چيو وڃي ٿو تہ اُن ۾ بہ ڏينهن، پکين، ڪيتن، گلن ۽ موسمن جو ذڪر شدت سان موجود آهي، جنهن جو وڏو ۽ نمائنده مثال وردسورٿ (Wordsworth) آهي. هندساني شاعريءَ ۾ فطرت جو باڪمال ۽ نفيس ترين شاعر ڪالیداس آهي، پر اُن بہ بحيثيت مجموعي هندستان جي ڏرتيءَ کي پنهنجو موضوع نہ بنايو آهي. جيتوٽيڪ ان جي هڪڙي شعر يا هڪڙي تشبيهہ ۾ پورو برصغير پسي سگهجي ٿو، سو بہ ڏاڍي غور ۽ ويچار کان پوءِ. جديد دور ۾ ٽئگور، بنگالي زبان ۾ هندستان جي ڏرتيءَ کي پنهنجي وجد آفرين ڪلام جي ذريعي ڳايو ۽ وڄايو آهي، ۽ شعوري طرح سموري هندستان جي مختلف خطن کي پنهنجي قومي تراني ۾ آندو اٿس، پر ڏرتيءَ سان جيڪا وابستگي سنڌي شاعرن کي رهي آهي، سا پنهنجو مثال پاڻ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ لطيف سائينءَ، سنڌ جي هر ٻُوٽي ۽ ماڳ کي پنهنجي تخيل جي بلند پروازيءَ ۾ پوئٹ سان گڏ مجموعي طرح سنڌ سان پنهنجي وابستگيءَ ۽ محبت جو جيڪو اظهار ڪيو آهي، سو شايد ئي اُن دور جي ڪنهن شاعر کي نصيب ٿيو هجي؛ يا ائين ڪٽي چئجي تہ حب الوطنيءَ جي لطيف پرواز کي شايد ڪو ئي شاعر پهچي سگهيو هجي. لطيف کان پوءِ خليفي نبي بخش ۽ صوفي صادق فقير، اُن دور جي وطن ۽ قوميت جي غير واضح تصور جي باوجود سنڌ تي لافاني ڪيڏارا لکي، ڏرتيءَ سان پنهنجي عشق جو انوکو اظهار ڪيو آهي. پر سنڌ جي شاعريءَ جي تاريخ ۾ ڏرتيءَ کي موضوع بنائي، اُن سان پيارُ، پرستش ۽ سر گهورڻ جي جيڪا صدا، شيخ ايار بلند ڪئي آهي، تنهن جو سنڌي شاعريءَ ۾ تہ نهيو، پر سموريءَ دنيا جي شاعريءَ ۾ ڪو مثال نٿو ملي.

فلسطيني شاعر محمود درويش لاءِ چيو ويو آهي تہ "اُن جي شاعريءَ ۾ اُهو درد آهي، اُها چيخ آهي، جيڪا ٻار جي ماءُ پيٽان پيدا ٿيڻ وقت ناڙي وڍڻ سان ٿيندي آهي." پر ايار جي شاعري ۾ تہ اُها گهرائپ آهي، جيڪا ٻار جي سرجڻ کان اڳ ۾ محبوب ۽ محبوبہ جي نگاهن ملڻ سان ڪشش، لطافت، بي ساختگيءَ ۽ وارفتگيءَ جي صورت ۾ پيدا ٿيندي آهي. ايار، سنڌ ڏرتيءَ کي سچل کان بہ وڌيڪ ڪعبي ۽ قبلي جي حيثيت ڏني آهي. سچل تہ اهوئي چيو هو تہ:

ديس سچل دا درس درازا، مڪو نا ملتان

پر ايار تہ اِهو چيو آهي تہ:

سنڌ ديس جي ڏرتي توتي پنهنجو سيس نمايان،
مٽي ماڻي لايان!

سچل وٽ صرف درازا هو، پر ايار وٽ سموري سنڌ هئي!

لاڙ، وچولو، اُتر،
ڪچ، ڪراچي بندر،
هيڏو سارو جر ٿر،
ڪيڏو ڪوهستان!
سنڌو ديس مهان!

ايار جو اِهو شعر ٽئگور جي قومي تراني کان مٿاهين حيثيت رکي ٿو. پر ايار صرف اِن تي بس نٿو ڪري. هُو سموري دنيا ڏسڻ، پڙهڻ ۽ گهمڻ جي باوجود چوي ٿو:

توکي کهڑي کل،
جيءَ اچي نه جهل،
مون کان سنڌ نه وسري!
کارونجهر جون کاهڻيون،
ڳانگڻين ڳاڙها ڳل،
مون کان سنڌ نه وسري!
اکڙيون آت اُکنديون ،
کارُون منجهه کجل؛
مون کان سنڌ نه وسري!
چپ کچيون کچنار جون ،
مکڙيون ماک پنل،
مون کان سنڌ نه وسري!
کيئي کينجهر کنڊئين،
نوريون نيل ــ کنول
مون کان سنڌ نه وسري!
اُڏرن ٽا جنهن جوءِ تي،
پاريهر جان پل،
مون کان سنڌ نه وسري!
باکون ساکون سونهن جون،
راتيون رُوپ رتل،
مون کان سنڌ نه وسري!

هيءُ اُهو شاعر چئي رهيو آهي، جنهن سموري دنيا ڏٺي ۽ پڙهي هئي. جنهن يورپ جا حسين نظارا ڏٺا هئا؛ جنهن سوويت يونين جي گائيڊ حسينائن جا وسڪيءَ جي بوتل مان ڪرندڙ ڦڙن جهڙا ٽهڪ ٻُڌا هئا؛ جنهن ترڪيءَ ۾ قونيه جي درويشن جارقص ڏٺا هئا، ۽ کيئي سيمين بدن، گلابي چپَ، سونهري وار هُن جي سامهون گذريا هئا. پر اهي سڀ شيون هن کي ڪاڇبي جي ڪولهڙ جي نگاهه جي مقابلي ۾ هيڇ نظر آيون هيون، اُن ڪري ٽي هُو بار بار ڪاڇبي ۽ ڪارونجهر ڏانهن واجهائيندو رهيو؛ ڇو ته هن کي سنڌ جي حُسن جي پرک هئي ۽ پروڙ هئي ۽ جنهن ۾ وارفتگيءَ جو شعور سمايل هو.

آڻ ته ائين چوندس ته ايازُ، سنڌ ڏرتيءَ ۽ ان جي مائهن جي سادي حُسن ۾ فنا ٿي چڪو هو. مثال طور سندس هيءُ شعر:

تتيءَ ۾ گهڙو کا ڀري ٽي پئي،
ٽري سونهن چمڪا ڪري ٽي پئي.

اُهو ڪانڌ ڪهڙو؟ انميءَ کي ڏسون،
سماڳڻ ته ٻهه ٻهه ٻري ٽي پئي.

اُنيِ جي هوا ۾ ڪنيا مورَ پر،
ڏُکي ڏيل هر هر نري ٿي پئي،
ڪرايون ڪچيءَ ۾ وجهي ڪانڊ ڪي
ڏسي وڃُ وينگس ڏري ٿي پئي.

اُنهي کان سواءِ ايازِ جيترو ڏرتيءَ کي ڳايو آهي، اوترو شايد ئي ڪنهن شاعر پنهنجيءَ ڏرتي کي ڳايو هجي. مون جڏهن نئينءَ ۾ شاعري پڙهڻ شروع ڪئي هئي، اُن وقت جي وڏي نقاد يعني مولانا غلام محمد گراميءَ مون کي چيو هو ته "سنڌ جا هن وقت ٻه وڏا شاعر آهن: شيخ ايازِ، نياز همايوني ۽ تنوير عباسي. ايازِ، ڏرتيءَ جو شاعر آهي، نيازِ، سنڌ جي تاريخ جو شاعر آهي ۽ تنوير، ڏرتيءَ ۽ تاريخ جي تهذيب جو شاعر آهي." سنڌ ڏرتيءَ سان ايازِ جي لازوال عشق جو هڪڙو مثال سنڌس مشهور اوپيرا "دودي سومري جو موت" ۾ آهي:

هي ڪنڈُ ڪلهن تي آ جيسين،
هُو پير ڏرينداِ ڪئن تيسين،
هن ڏرتيءَ تي، جا امي آ،
هيءَ جنڊڙي هوننئن نِڪمي آ...

يعني زندگيءَ تڏهن آهي، جڏهن ڏرتيءَ تان وارجي ٿي، ٻيءَ صورت ۾ نِڪمي ڪنهن نه ڪم جي آهي. انهيءَ ساڳئي اوپيرا Opera ۾ هو چوي ٿو:

جي تون وڙهندي ماريو ويندين،
هن وستيءَ تي واريو ويندين،
دودا! تنهنجو ساهه ته ويندو،
ماڻهوءَ جو ويساهه نه ويندو!

اُهو ۽ ان جهڙا ئي بي شمار شعر، سموريءَ دنيا ۾ ايازِ کي ئي ڏرتيءَ جو شاعر ڳڻائي سگهن ٿا.

هي سڀ آءٌ ان ڪري لکي رهيو آهيان، جو شيخ ايازِ جي لاڙائي کان پوءِ ڪي سخن ناشُناس، ايازِ جي سموري شاعري پڙهڻ بجاءِ ڪن سٽن کي آڏو رکي مٽس تنقيد ڪري رهيا آهن، مثال طور محترم منير سولنگي ۱۴ ـ اپريل ۱۹۹۸ جي روزانه "سنڌ ۾" ايازِ جو هيءُ ڏيڊسٽو:

بُک ۾ ٿي ڪچا ڪائي،
ڏرتي ته ڪُتي آهي، ٿي روز ٻچا ڪائي!

ڏيئي لکيو آهي ته ايازِ سنڌ ڏرتيءَ کي ڪُتي سڏيو آهي. حالانڪ ان شعر ۾ ڪٿي به سنڌ ڏرتيءَ جو ذڪر نه آهي، اتي ايازِ ڏرتي کي مٽيءَ جي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي، جنهن مٽيءَ ۾ روزانو ڪيترا ماڻهو پوربا رهن ٿا، ـ جيئن سنڌيءَ جو هڪ لوڪ شعر آهي ته:

ڇڏيو خاڪ ڪائي گهٽن جو مٽو،
ايا خاڪ جو پيٽ پرجي نٽو.

يا هڪڙي اردوءَ جي مشهور اُستاد شاعر جو شعر آهي ته:

مقدور هو تو پوچهون اي خاڪ لعيم!
تو ني وه گنجهائي گران نامه ڪهان ڪئي!

(مون کي طاقت هجي ته آءٌ مٽيءَ کان پڇان ته اي منحوس! تو بيمثال گوهر ڪيڏانهن ڪيا؟)

يا غالب جو هيءُ شعر:

سب تو کمان کچھ لالئہ و گُل میں نمان ہو گئین
کیا صورتین ہونگي کہ خاک میں پنہان ہوگئین

ایاز جڈھن مٹیون ڈیڊ ستو لکیو ہو تہ اُن جي آڏو عالمي شاعريءَ جو اُھو سمورو پس منظر ہو، نہ سنڌ ڈرتيءَ کان بيزار ٿي، ھُن اِھو ڈيڊ ستو لکيو ہو. پلا، سنڌ ڈرتيءَ کي کُتي اُھو شاعر کيئن ٿو چئي سگھي، جيکو اِھو چوي ٿو تہ:

تنھنجيءَ مٹيءَ منجھہ ملان جي، آءٌ امرتا پايان.

مٹئين ڈيڊ ستي کي محترم مُنير جيکڈھن ايازجي ھن ڈيڊ ستي سان گڏ پڑھي ھا تہ ائين نہ لکي ھا:

کنھن جي نہ مجيندي آ-،
ڈرتي تہ سَھي وانگر، ھر وقت چٹيندي آ.

منير سولنگيءَ شيخ ايازجو ھک پيو ڈيڊ ستو بہ نقل کيو آھي، جنھن ۾ بہ ڈرتيءَ جو ذکر آھي، پر ھن لکيو آھي تہ ان ۾ ايازء ڈرتيءَ کان سرتيءَ جي چُميءَ کي اُتم قرار ڈنو آھي:

ڈرتي تہ کجھہ نہ آھي،
توکان چُمي وتي جا، سرتي اُھا کجھہ آھي!

مون کي ھميشہ اھا شکايت رھي آھي تہ اسان جي اڌ پڙھيل نقادن کي نہ ڈرتيءَ جي پوري تصور جي ڄاڻ آھي ۽ نہ چُميءَ جي استعاري جي خبر آھي. حقيقت ھيءَ آھي تہ ھتي ايازء پنھنجي بيمثال فنڪارانہ ڪماليت سان اھو واضح کيو آھي تہ زندگيءَ، خوشيءَ ۽ آزاديءَ کان سواءِ زمين ۽ مٹيءَ جو ٽکرو ڪائي حيثيت نٿو رکي. جنھن ڈرتيءَ تي ماڻھو نہ ھجن، جنھن ڈرتيءَ تي چيٽ جي چاندوکين ۾ چاھہ پريون چميون نہ ھجن، جنھن ڈرتيءَ تي محبوبن سان ملاقاتن جا وعدا نہ ھجن، جتي زندگي ٻھڪندي نہ ھجي ۽ جتي نگاھن ۾ ھک ٻئي ڈانھن ڈوراپا نہ ھجن، اھا ڈرتي ڪھڙي ڪم جي؟ ڈرتيون، وطن اُن وقت ٽيندیون آھن، جڈھن انھن ۾ زندگين جا چمچتا ھجن، مورن جا ٿھوڪا ھجن، ڪنوئين جي ڪجڪارن تي ڪنھن ڪولھہ جي پڙي جا لشڪارا ھجن ۽ جڈھن سانوڻ ٽيج ۾ ڪنوارپن جي پيٽن تان ساڙھين جا پلئہ ھتي وڃن ۽ سندن ڳوڑي رنگ جو اُھاڻ اونداھي رات ۾ آبو جبل تائين پسي سگھجي، تڈھن ئي تہ ڈرتي، ڈرتي آھي! ڇا، سنڌ جو بي خبر شعر پڙھندڙ، ايازجي ھن اُڏام کي پھچي سگھي ٿو؟ آءٌ نٿو سمجھان تہ ائين آھي، ان ڪري ئي ايازچيو ھو:

ھي اٽڄاڻ ڄاڻو، ھي بي سمجھہ سمجھو،
پريءَ بزم ۾ مون اکيلو گذاريو.

اھڙن ئي ماڻھن لاءِ ڪنھن فارسيءَ واري چيو ھو تہ:

سخن شناس نہ ئي دلبرا! خطا اينجا است

(دلبر! تون سخن شناس نہ آھين (شاعري سمجھين ئي نہ ٿو)، اِھوئي تنھنجو گناھہ آھي.)

آءٌ خواھشمند آھيان اھڙن نوجوان ليکڪن ۽ ليکڪائن جو، جيکي ايازکي عالمي شاعريءَ، فطرت، قديم ۽ جديد فلسفي، سنڌي روايتن ۽ لوڪ داستانن جي روشنيءَ ۾ پڙھي، ايازجي تشريح ڪن. حقيقت ھيءَ آھي تہ ھيءُ ھڪڙو شاعر، سنڌ جي صدين جي شاعريءَ جي تشريح بہ آھي ۽ ايندڙ صدين جي شاعريءَ جو مھاڳ بہ آھي ۽ سنڌي سماج جي باوقار ٻيھک لاءِ اھجاڻ بہ آھي.

ايازء! آءٌ شرمندو آھيان، جو اٽڄاڻائيءَ ۾ مون کي پٹر تو ڈانھن بہ اُڇلايا ھئا، پر تو کيرت ٻاٻائيءَ کي چيو ھو تہ آريسر جا اھي پٹر نہ ھئا، پر منصور ڈانھن اڇلايل شبليءَ جا گل ھئا، جن مون کي پٹرن کانڌ وڌيڪ زخمي ڪري ڇڈيو ھو.

سمجھ محبوب! تون جڈھن ياد ايندو آھين، مون کي پنھنجون خطائون ياد ايندیون آھن!

ڈاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو

شيخ اياز ۽ سنگيت جي جهنڪار

شاعري ۽ موسيقيءَ جو ساٿ، هڪ خاص آهنگ پيدا ڪري ٿو. جديد سنڌي شاعرن ۾ شيخ اياز جو آواز منفرد، مترنم، بلند ۽ خوش آهنگ آهي. موضوع جي به گهٽي اهميت آهي، پر وزن جي به اهميت آهي. شاعريءَ جي قديم اُستادن ۽ نقادن موجب وزن جي اوليت تسليم ٿيل آهي. اُنهن شاعريءَ جي پرک جي ڪسوٽي وزن، بلڪ موسيقيت کي ڄاتو. ڪارلائل چيو ته "شعر اُهو جيڪو ڳائي سگهجي." ان حساب سان وڏن شاعرن جو ڪلام نهايت معياري ۽ بلندپايي جو آهي. جديد سنڌي شاعرن ۾ شيخ اياز جو ڪلام هن معيار تي پورو آهي. سندس ڪلام ۾ سنگيت جي جهنڪار نمايان آهي.

اياز جي ڪلام ۾ موسيقيت نه رڳو لفظن جي استعمال ۾ ليپي ٿي، پر آوازن ۾ وينجن (Vowels) جي آهنگ سان به پيدا ٿئي ٿي ۽ اُها سڪٽي تجنيس حرفيءَ کان وڌيڪ سنگيت پيدا ڪري ٿي. سنگيت ناٽڪ "پگٽ سنگهه کي ڦاسي" ۾ اياز جو آواز سنگيت لئه ۾ تسلسل پيدا ڪندو گونجندو اڳتي وڌي ٿو:

ٽا ڳايون ساڳيا گيت اڄان،
هو گينت منوهر مرليءَ جا-
ڪنهن گوليءَ جا ڪنهن گوپيءَ جا
۽ برندابن ۾ گهماريون ٽا(۱).

اياز جو سنگيت جوان رهيو. اُن جي سُرتال ۾ ڪابه ڪمي نه آئي. شاعر ۽ عاشق ٻيا نٽا ٿين. پاڻ ڪان پڇن ٿا ته دنيا جي درياءَ ۾ ونڊ جي ڪنڌي تي ٻڌي ٻگهلي کي ڇو ترسايو ويو آهي؟ اياز ڇوي ٿو:

مڇين بنا ونڊ ۾، ٻيڙي ٻگلي کي،
ڇالئه ڪنڌي تي، تو آهي ترسايو(۲).

جيڪڏهن ڪنهن کي اظهار جو ذريعو حاصل نه آهي، ته اُن جي مٿان به اياز وانگر 'وجون وسن ٿيون'، 'ڪير ڪُن ڪري ٿو' ۽ 'پٽڻ پور ڪري ٿو'. سندس 'هينڊو به ڏاڙهون گل جئن' آهي ۽ هو به 'راج گهاٽ تي چنڊ' پسي ٿو. پونر 'جئن آڪاس ۾ پري پيو'، 'ڪلهي ۾ ڪينرو' 'پائي' ٻيجل جئن ٻولي ٿو.' 'واتون ڦُلن ڇانئيون' آهن ۽ 'چنڊ چنبيليءَ ول جئن' ٿو پاسيس. هُن کي خبر آهي ته 'پن ڇڻ پڇاڻان'، 'رڻ تي رم جهم' ڪئن ٿيندي. اياز 'اڪ جي نيرن ڦلين' کي پسي ٿو ۽ 'ٻڙ جي گهاٽي ڇانو' به. چنڊ کي چوي ٿو 'اُپر چنڊ پس پرين'، تو اوڏا مون ڏور. 'سڄ لڪن ۾ لڙيو' ته اَڻ ڏٺن اونارن جو اُڏو ۽ ڳڻتي: "اَڻ ڏٺا اونار، منهنجا جيءُ جيار، ايندم نيندم راهه تي." ۱۹۸۰ع جو هي خيال، ۱۹۹۷ع جي ۲۸-ڊسمبر تي اسرويل اڻ ڏٺن اونارن جي روپ ۾ حقيقت جو روپ وٺي ٿو ۽ ۲۹- ڊسمبر تي اياز پٽ شاهه تي منجهند ڌاري آخري سفر تي پهچي ٿو. ڪراڙ جي ڪنڌي تي پنهنجي بيت کي ساڀيا جي صورت ڏئي ٿو، بيت جو سنگيت ۽ آهنگ شاعر جي سُريلي هجڻ جو ثبوت به آهي:

اُٿي امر ويل جو، لوڏائي لامن،
جت پکي اُڏامن، اُتي مون کي پورجو.

اياز وت شاعري ۽ زندگي، موسيقي ۽ موت گڏ گڏ آهن. هنديءَ جي شاعره 'سمجو ٻائي' فنا جي آواز کي سنگيت جي روپ ۾ ظاهر ڪري ٿي:

چلنا هي رهنا نهين، چلنا بيسو بيس،
سمجو تنک سماگ پر، ڪيون گنڊواي ڪيس.

اعليٰ شعر جو ترجمو ڪري نٿو سگھجي، فقط مفهوم ادا ٿي سگھي ٿو. منهنجي خيال ۾ هي دوهو، سنڌي ويس ۾ هيئن ٿيندو:

هلٽو آهي رهٽو ناهي، هلٽو آخرڪار،
سمجو پڌي سماڳ تي، ڇو ويڙهائين وار؟

ايار وٽ زندگي ۽ شاعري هڪ شي آهي يا صحيح ائين چئبو ته ايار جي زندگي ۽ شاعري هڪ شيءِ آهي. اهو موضوع به تمام وڏو ۽ وسيع آهي. آءٌ چند ڳالهيون ايار جي شعرن ۽ سنگيت جي جهنڪار جي باري ۾ چوان ٿو. سنگيت ۾، خون ۽ ڪٽوريءَ وانگر لڪٽو ئي ناهي:

گوريءَ گجري پير ۾، چوريءَ ڪيئن اچي،
گهر گهر گهنگهرو گونجندا، ميڙو پل ته مچي،
نانگي اڄ نچي، داتا تنهنجي دوار تي(٣).

هتن ٻن لفظن 'گوريءَ، ۽ 'چوريءَ' ۾ آخري 'ايءَ' جي وينجن (Vowel) جي آواز جيان آهنگ ۽ سنگيت ۾ جا جهنڪار آهي، سا منفرد آهي. اها جهنڪار لفظن جي مجموعي يا اندروني ۽ وينجن جي آواز ڪري پيدا ٿئي ٿي. اڪثر ڪري لفظن جو تڪرار ۽ پيٽ وارا لفظ ۾ بلند آواز پيدا ڪن ٿا:

سَرَ تي نوڙيون سومريون، جهبا ڏين ته جهل،
جهومڪ جهومڪ پاپڙيون، جهرمر جهرمر ڳل،
جهرڪي پيا جهاجهه ۾، ڪائي انگ اُٽل،
ڇا ڇا پيارا پل، واريا سي جي وات ۾(٤).
جهرمر جهرمر جهومڪيون، ٻر ٻر ڪنگڻ ڪن،
نوڙي نٿ نموريون، مٿان مُرڪ لُڏن،
پهتا چپ چپن، سون سمايو ساهه ۾(٥).

عام سنڌي شاعريءَ ۾ نڙ جي ڊگهن بيتن ۾ سگهڙن اندروني قافين جي وارو وار جو آهنگ رکيو آهي:

باري بلوچن جون هيون، ارڙهن ويهون اُنن،
تن ڪاري ڪڪر ڏونگر تان، اچي گس ٻڏو گونرن،
تن اونرن گونرن لمن ليڙن، ڏاگهن ڏيرن پوڙهن نوڙهن،
گهٽن، گهيڙن، لاڙهن چاڙهن، مون سان جيڏي ڪئي جتن،
جن جون پوچون پلاٽن سين، جماتون جتن،
ڳاڙهي چندن ڪاڪ جون، ناڪيليون نڪن،
اچي ريشم پٽ جون مهارون مين،
ٽنگن ڊگها وڃن سگها ڪهه ۾ ڪين ڪڇن(٦). (ص ١٥٣)

ايار وٽ ساڳئي لفظ جو تڪرار هڪ نئون آهنگ پيدا ڪري ٿو ۽ نئين جهنڪار گيت ۾ پيدا ٿئي ٿي.

تون جي ايندين رات، الا او رات،
ته منهنجي رات امر ٿي ويندي.

تون جي ايندين ميت، تہ هي سنگيت امر ٿي ويندي،
مون ٻاري جا جوت، انهيءَ جي جيت امر ٿي ويندي.
پر جي ڪاڏم مات، الا او مات تہ منهنجي مات امر ٿي ويندي!
تون جي ايندين ڊول، تہ ٻهہ ٻهہ ٻرندا منهنجا ٻول،
جهر جهر جرڪي پوندا جن ۾ منهنجا روح-رتول،
وائي آئي وات الا او وات تہ منهنجي لات امر ٿي ويندي(۷).

يا

ٿر ۾ ڪهڙا ٽاڪ ٽڪن جا- ٿر ۾ ڪهڙا ٽاڪ،
واري ساري وات، نہ ڪائي ڇانوَ تہ ڪائي ڇات،
مٽان آ ٽاڪ، ٿر ۾ ڪهڙا ٽاڪ(۸).

قومي جدوجهد هجي يا ڪو ٻيو موضوع، ايياز جي ڪلام ۾ ردم نمايان آهي. عروضي ماپن ۾ ايياز پنهنجي سنگيت سان ظاهر ٿئي ٿو. سندس پراڻن غزلن ۾ اها جهنڪار اڄ ب ڇڻ جهروڪ ۾ جهاڻ مثل آهي:

هيءَ سين نہ ڏيندي چين، اٿي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا،
هي شايد ساڃيو رمتو آ، اڳ جئن اُجايو آ پيارا.

جنهن وقت چراغِ شام ٻري ۽ ميخاني ۾ جام ٻري،
تنهن وقت اسان جو پنڌ پري، پنهنجو ب پرايو آ پيارا.

جنهن وقت اسان جي تند تهي، ۽ ساز ٽپي آواز جهپي،
تنهن وقت پلي ڪو ڪنڌ ڪپي، جو آيو ڳايو آ پيارا.

هيرا تہ ڏسو ڪنڪر نہ هٿو، ايندو نہ وري هي وڻجارو،
ڪجهہ ڏات ڏسو پو بات ڪيو، هي شور اجايو آ پيارا.

هي پنهنجي ڪرٽي پرٽي آ، پر سنڌ ايياز نہ مرٽي آ،
آخر هيءَ رات گذرٽي آ، تو ڇو گهبرايو آ پيارا(۹).

موسيقيت سٽن جي تبديليءَ سان ب پيدا ٿئي ٿي. ايياز ائين ب ڪيو آهي. هُو آواز جي زير زبر ڪي نئين نئين آهنگ ۾ آڻي ٿو. نڊين نڊين تُڪن جي ترتيب ۾ رکي ٿو. ماهيا ۽ هائڪو جي وزن کي تحرير ۽ ترتيب ۾ هيٺن آڻي ٿو ۽ ڏيڊ-سٽ جي ترتيب ۾ رکي ٿو، اِتي ب سنگيت نمايان آهي:

دل ڪانہ پوري آهي،
پر پيار ٽڪو آهي ۽ رات نوري آهي(۱۰).
سنسار ڏسان توسان،
اي چنڊ اگر ترسين، ٻيو پار ڏسان توسان(۱۱).

ايياز جي ڪلام ۾ موسيقيت راگ جي حوالي سان ب آهي. مشهور ڪافين جي موسيقي ب وٽس لڀي ٿي. انهيءَ انداز ۾ هو بلاشاهہ کي اُن جي ئي مشهور ڪافي جي تاجي پيٽي ۾ مخاطب آهي:

بُلا پئيا
توکي مونکي
عشق نچايو ٿئيا ٿئيا(١٢).

بيت هجي يا وائي، گيت هجي يا ڇيج، دوهو هجي يا نظم، ايازوٽ موسيقي نمايان آهي. تجنيس حرفي ته موسيقي پيدا ڪرڻ جو پراڻو ذريعو آهي، جيڪو سڀني سنڌ شاعرن ڪم آندو آهي. هنديءَ جي ڪنهن شاعر چيو آهي:

سونا لاون پي گئي، سُونا ڪرگئي ديس،
سونا ملا نہ پي ملا، روپا هوگئي کيس.

هتي تجنيس ناقص کي سونا-سُونا ۾ ظاهر ڪري، موضوعي لحاظ کان سونا-روپا ۾ ڏيکاريو ويو آهي. هنديءَ جي هن دوهي ۾ من (دل) ۽ مَن (مڻ) جي توضيح سان معنيٰ پيدا ڪئي ويئي آهي:

ساجن هم تُم ايک هين، ديکن کي هين دو،
من سي من کو تولئي، کپي نہ دو من هو.

ايازجي اڳيان بديع، علم عروض ۽ معنائن جي رنگ محل جو سڄو جنسار موجود آهي. هن تجنيس حرفيءَ جي دستوري ورتاءَ سان گڏ نوان تجربا ٻہ ڪيا، ان طرح جا وٽس سوين مثال آهن. چند هي آهن:

جهرکي جر جي آرسي، مرکي مُنڌ ڏنو،
جوپن ڦوهہ منو، پکل ميوو مند جو(١٣).
سورڻ روپ انوپ، سهسين سانگ سهاڳ جا،
سورڻ تنمنجو روپ، مايا ارڻ پرائيو(١٤).
جوپن پهريان ڏينهڙا، ساون گهاتا مينهن،
سارا سارا ڏينهن، جهڙ نہ لهي جيءَ تان(١٥).

رومانيت ۾ ايازجي موسيقيت نسبتاً وڌيڪ نمايان آهي. لفظن، تُڪن ۽ انهن ۾ ورتايل وزن ايازجي ڪلام کي نت نت نئون انداز ڏنو آهي. رومانوي رويي ۽ محاڪات سان گڏ ردم هن ريت ٻڌڻ ۾ اچي ٿو:

ٿوپيءَ ماني ٿالهہ ۾، اکيون هن جون هيڻ،
چوريءَ ڏنو نيٺ، آڏيءَ اک مهمان کي(١٦).

ايازجي خيال ۾ فقط قافيہ پيمائي ڪرڻ ۽ فاعلاتن فاعلات جي پورائي ڪرڻ شاعري ناهي. اهو هڪ ٽڪائيندڙ عمل آهي. هو چوي ٿو:

هو ڪري ٿو ڏينهن رات،
فاعلاتن فاعلات،
۽ اڏامي ٿي حيات(١٧).

گدائيءَ جي مجموعي "پکڙا ۽ پنهوار" جي پيش لفظ ۾ ايازبلڪل واضح لفظن ۾ لکيو آهي ته "گدائي بيوس جو همعصر آهي ۽ جڏهن جمعيت الشعراء جا مشاعري باز شاعر قافيا ڪبوترن جيئن اڏائيندا هٿ ۽ جڏهن لاڙڪاڻي ۾ عروض جي انڊي گهوڙي ڪل ۾ ڏوڪيندي ويندي هئي، تڏهن بيوس ۽ گدائي جهڙا باشعور شاعر هڪ نئين ادب جو بنياد رکي رهيا هٿا. "

هن مان ايازجي مراد سمجهہ ۾ اچي ٿي. هو فقط وزن جي تقاضا خاطر بي مقصد لفاظيءَ کي نندي ٿو. هو بامقصد شاعريءَ جي ڳالهہ ڪري ٿو. موسيقيت جو انڪار نٿو ڪري، پر پرائي وات تي بي مقصد چڪر ڪاٽڻ کي

قبول نٿو ڪري. مختلف زبانن جي آهنگ ۽ موسيقيت ۾ جداجدا جلوا ۽ رنگارنگي ٿئي ٿي. مثال طور سرائڪي ڏوهيڙن ۾ مستزاد جو انداز:

هڪ ڏهاڙي دلبر آڪيا، ميڏي در نه آئين،
آڪيم آڪ جيوين فرمائين.

فارسي زبان جو آهنگ، زبان ۽ بيان ۾ نرالو آهي. فقط علم عروض جي ڪري ان کي هر زبان جي عروضي ڪلام سان برابر ڪري نه رکبو. روميءَ جي غزل جو مطلع آهي:

باز شيري باشكر، آميختند
عاشقان را با يكدگر آميختند.

سنڌ جي فارسي گوين مان بيدل جي آسان فارسيءَ جو آهنگ به نوٽ ڪرڻ جهڙو آهي:

ببزم آمد آن شوخ بنازي عجبي،
او بنازي عجبي دل بنيازي عجبي.

نظامي گنجويءَ جو مشهور غزل خاص آهنگ ۾ آهي، اُن جا به شعر هي آهن:

مارا به غمزه كُشت و قضا را بهانه ساخت،
خود سوءِ ما نه ديد و حيا را بهانه ساخت،
رفتم به مسجدي كه بينم جمالِ دوست،
دستش به رخ كشيد و دعا را بهانه ساخت.

هن سلسلي ۾ پنهنجي فارسي غزل جو مثال ڏيان ٿو، جيڪو ذڪر ڪيل فارسي شعرن جي اثر هيٺ لکيو اٿم:

مرا با درد آشنا كردند و رفتند،
با سياه چشمان كُشتند و رفتند.

اياز جي اڳيان فارسي شاعريءَ جو به سڄو تجربو موجود آهي. سندس ڪلام جي نغمگي شاعريءَ جي زير اثر به آهي، پر اياز جي طبع جي مخصوص نغمگي به سندس ڪلام ۾ ردم پيدا ڪري ٿي. ڪان جي ڪڙڪي جو آواز هيئن پيدا ڪري ٿو:

ويچ اسان جي وڃ ڪي، مور نه گهرجي مڪ،
ڪڪ ته پانيو ڪڪ، ڪڙڪڙ ڪان گهٽي ڪئي(۱۸).

بيتن ۾ رديف آڻڻ سان به ردم پيدا ڪري ٿو:

نٽي جي رابيل ۾، وري ڪڙندس مان،
وري ٽڙندس مان، مڪلي تنهنجي مات ۾(۱۹).

سريلن قافين جا به ڪيترا مثال آهن:

امان! روماسا! آيا وڃڻ ڏينهڙا-
سمهي سمهي هنڌ تي، ڏکن ٿا پاسا،
باقي ڪُپڙيءَ ۾ ڪٽا، هاڻي نه ڪاسا،
آڏ نه هوندس مون بنا، ايندا چوماسا،
آيا وڃن ڏينهڙا(۲۰).

طبلي جي ٽاپ جو انداز بہ ايار جي ڪلام ۾ موجود آهي. دوهي ۾ ان جي هڪڙي صورت هيءَ آهي:

ڏڻا ڏڻا ڪنهن، ڏڻا ڏڻا ڪنهن مڻا مڻا سي چَپَ،

ڪچي هٽي ويا ڪپ، اسان کي ڪچي هٽي ويا ڪپ(٢١).

ايار جي شاعريءَ جي ابتدائي دور ۾ سندس گيت "منهنجا پرين، او بانورا، او سانورا" (پونر پريَ آڪاس، ص ٧٠) گهڻو مقبول ٿيو. اڄ سندس واين جو ردم گهڻو نمايان آهي. عام ڳائڻن "ڏڙي پوندا تارئين" ۽ "عشق اسان وت آرائين جيئن" کي گهڻو ڳايو آهي. نظمن کي بيدل مسرور سڻي نموني ڳايو آهي. اجان ايار کي سنگيت ۾ ڪمپوز ڪرڻ جي گنجائش آهي. اجان بهتر کان بهتر ڪمپوز ڪرڻ جي گهرج آهي، منظوم ڊرامن ۽ سنگيت ناٽڪن کي اجان بہ بهتر فنڪار جي طلب آهي، ايار ۾ اجان بہ گهڻا سُر سنگيت، جهنڪار جا آواز ۽ آهنگ آهن جيڪي ظاهر ٿيڻا آهن. شاعريءَ جي لحاظ کان جيتري اپياس جي اجان گهرج آهي، اوتري ئي ڪيس سنگيت ۾ ڪمپوز ڪرڻ جي بہ ضرورت آهي.

حوالا

١- شيخ ايار "پڳت سنگهہ کي ڦاسي"، نيوفيلڊس حيدرآباد، ١٩٨٦ع ص ٤٩.

٢- شيخ ايار "هينڙو ڏاڙهونءَ گل جئن"، نيوفيلڊس حيدرآباد، ١٩٩١ع ص ١٨٣.

٣- شيخ ايار "وڇون وسڻ آئيون"، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ١٩٧٣ع ص ٥٩.

٤- شيخ ايار ايضاً ص ٧٧.

٥- شيخ ايار "ڪپر ٿو ڪُن ڪري"، سنڌي ادبين جي سهڪاري سنگت حيدرآباد، ١٩٧٥ع ص ١٣.

٦- بلوچ، نبي بخش خان "پيلاين جا پول"، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، (پيو چاپو) ١٩٧٠ع ص ١٥٣.

٧- شيخ ايار "ڪلهي پاتم ڪينرو"، سنڌ يونيورسٽي پريس حيدرآباد، ١٩٦٣ع ص ٤٣.

٨- ايضاً ص ٤٤.

٩- "وڇون وسڻ آئيون"، ص ٥٠.

١٠- شيخ ايار "نند وليون"، نيو فيلڊس حيدرآباد، ١٩٩٢ع ص ٣١.

١١- ايضاً ص ١١٥.

١٢- شيخ ايار "رڻ تي رمر جهمر"، نيو فيلڊس حيدرآباد، ١٩٨٦ع. ص ٣٨.

١٣- شيخ ايار "ڪپر ٿو ڪُن ڪري"، سنڌي ادبين جي ڪوآپريٽو سوسائٽي حيدرآباد، ١٩٧٥ع، ص ٣٧.

١٤- ايضاً ص ١٢.

١٥- ايضاً ٣٨.

١٦- شيخ ايار "سورج مُکيءَ سانجهہ"، نيو فيلڊس حيدرآباد، ١٩٩٣ع، ص ٢٧.

١٧- "وڇون وسڻ آئيون"، ص ١٤٩.

١٨- ايضاً ص ٦١.

١٩- شيخ ايار "ڪتين ڪر موڙيا جڏهن(١)"، نيو فيلڊس حيدرآباد، ١٩٩٢ع، ص ١٤٥.

٢٠- شيخ ايار "ڪتين ڪر موڙيا جڏهن(٢)"، نيو فيلڊس حيدرآباد، ١٩٩٢ع ص ٧٤.

٢١- شيخ ايار "پونر پري آڪاس"، پاڪستان رائٽرس گلڊ ١٩٦٢ع، ص ٣٠.

غلام حسين رنگريز

اياز ۽ قلب و نظر جو انقلاب

انسان روز ازل کان وٺي هستيءَ جي گوناگون مامرن کي پروڙڻ، پرجهڻ ۽ انهن پرولين کي سلڻ جا سوين جتن ڪندو آيو آهي. سندس سر تي ڇپر جيئن ڇانيل نيرو آڪاس، پولار ۾ ترندڙ گرهه، اُپگرهه، ستارا، وڇڙين جا وارا، آڳم ۽ اوهيڙا، آرڙهه جا تپندڙ ڏينهن، سياري جون برف جهڙيون راتيون، اُماس اونداهيون، پورنماس چانڊوڪيون، پره ويل پکيڙڻ جون لاتيون، سنجها ٽاڻي آشيانن ڏانهن پنڇين جون اُڏارون، ڌرتيءَ تي اُوڇاين ڪان ڪرندڙ آبشار، نهرن ۽ ندين جا سرمدي آلاپ، شام جي شفق ۾ گُوها گُوها سج جون لارون، ميلن ۾ پکڙيل ميدانن جون وسعتون، اُوچا عظيم پهاڙ، اُجايل واريءَ جون ٻٽُون، زمين تي سُرندڙ جيت ۽ بانڍا پاڻي چُرندڙ ٻارَ، اکين کي آسيس ڏيندڙ ساوڪون، تپندڙ صحرا تي ٽرندڙ شامون، پنن تي ماڪ ڦُڙن جي ڪن پل لاءِ جملڪ ۽ اُنهن جي وچ ۾ سوچون سَرجيندڙ انسان، سندس هلاڪتِن، دُکن دردن جي ماجرا ۽ سُکن سَرهاين وارو سپنن جو سنسار؛ هميشہ انسان کي حيرت جي گردابن ۾ گُهمائيندو رهيو آهي. سموري ڪائنات هِن جي اڳيان هڪ سوالي نشان بنجي بيٺي آهي، پر هيءُ بذات خود پنهنجي لاءِ ٻہ هڪ سوال، هڪ معمو ۽ هڪ ڪُجهہ رهيو آهي. اِنهي ڪُجهہ کي ڳولينديِ سج لَکن پٽيان لڙي چُڪو آهي پر هِن جي مَن جي مُونجهہ ۽ ڳولا جي تڙنس اڃان ٻہ تن کي تڙپائي رهي آهي. اياز اِنهي حيرت جو اظهار ڪندي لکيو-

ڪيئن اُپري ٿو ڪيئن لهي، مان چا جاڻان، مان چا جاڻان،
ڪيڏانهن ٽي هِيءَ عمر ڪهي، مان چا جاڻان، مان چا جاڻان.

شاعر، مصور، فلسفي، صوفي، سائنسدان هرڪو پنهنجا پيرا چڏيو رمتو ٿئي ٿو ۽ هڪ جُڳ کان پوءِ ٻيو جڳ اِهي پيرا کٽڻ شروع ڪري ٿو.

جي راه ازل کنهن ورتي آ، هِن پُونءِ ڪئي ٻي پرتي آ
هِيءَ ڌرتي توکي پَرتي آ، مهمان هزارين، مان نہ رڳو.

ويچارَ ۽ خيالَ صدين جو سفر ڪندا آهن. اِهي گهڙجندا، سنوارجندا ۽ مٽيءَ ۾ ملي مٽي ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ اوڙڪون وسنديون ۽ ڌرتيءَ ۾ دفن ٿيل ويچارن جا بيج ٻهڪي ۽ ٻوڪي پوندا آهن ۽ اهڙيءَ ريت زندگيءَ جي اَڻ پورائي ۽ محدوديت کي هڪ لاحد تسلسل عطا ٿي ويندو آهي. اِهو تسلسل موت جي پٺو کي مات ڪري زندگيءَ سان پيار ڪرڻ جو دڳ پسائيندو آهي. اياز اِنهيءَ دڳ ڏانهن اشارو ڪندي لکيو-

لوءِ هيئن نہ لوبان، ٿي نہ مُجارو موت جو،
خوشبو آهي زندگي، اُوچو جنهن استان،
وچ وچ تون نادان، گهوريان توکي گهٽگهرا.

زندگيءَ جا ٻہ انيڪ روپ آهن تہ موت جا ٻہ. ڪا زندگي موت کان ٻہ ويل هوندي آهي تہ ڪو موت زندگيءَ کان ٻہ اُتم. نہ موت بذات خود خراب ۽ ڏڪار لائق آهي ۽ نہ زندگي بذات خود عظيم ۽ پيار لائق.. ڇا سقراط، برونو، جون آف آرڪ، منصور حلاج، سرمد شهيد، مخدوم بلاول ۽ شهيد شاهہ عنايت جو موت ڏڪار لائق چئي سگهجي ٿو؟ ڇا چنگيز، هلاڪو، غزنوي، حجاج، اورنگزيب، مرزا باقي بيگ ۽ نائون مل جي زندگيءَ کي پيار لائق سمجهي سگهجي ٿو؟ اُهو موت جيڪو معنيٰ رکي ٿو ۽ صدين کي ڏوڏي ٿو سو ڪنَ ۽ ڪِينَ جهڙي جيون کان گهٽو اُوچو ۽ چشمن چائڙ لائق آهي. اُها زندگي جيڪا آدرشي ٽٽي ٿي ۽ جنهن سان سنسار ۾ سَرهائيءَ جا امڪان روشن رهن ٿا سا سَڦل ۽

مهان ٿئي ٿي. اياز نوان سلوڪ لکندي ساميءَ کي مخاطب ٿي چوي ٿو.

سامي هيءَ اصول رک، مرڻو ڪڏهن ناهه' ،
اُنهي ساڻ نِباهِ، مَرڻ کي معنيٰ ڏئي.

سؤپيريءَ جيئن سُرڪندو، سامي! جِيءَ نه تُون،
ائين گهار گهڙيون، پوپٽ جيئن پرواز ۾.

اياز پنهنجي ڪتاب 'ٽڪرا ٽٽل صليب جا' ۾ منصور جي هِن انتهائي بامعنيٰ جملي کي ورجائي ٿو:

"منصور شبليءَ کي چيو، 'جي منهنجي هر زخم کي مُرڪندو ڏسين ته منهنجو موت سجايو سمجهجانءِ' ."

انسان جو اِهو آدرش ئي کيس روميءَ جو مردِ ڪامل، لطيف جو آرياڻي ۽ نٽشي جو فوق البشر بنائي ٿو. اِهوئي انسان، انسانيت جو ساکي ۽ امن جو راکي بنجي ڌرتيءَ تان دُک ۽ انياءَ مٽائي ٿو. اِهوئي انسان اندرَ اُجرا ڪري وقت تي پنهنجي مهر هڻي وڃي ٿو. اياز اِنهي انسان لاءِ هڪ نظم ۾ لکي ٿو.

ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا،
گهايل ڌرتيءَ جي سيني جي،
اهڙي گهري چيخ ٿين ٿا،
جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي،
جا دنيا کي بدلائي ٿي.

دنيا، جيڪا انيائن جي عذابن ۾ ڪِنجهي رهي آهي، جنهن جي بارود جي بُوءِ سُرهاڻين جو سُهاڳ لٽي رهي آهي، جنهن ۾ ڌَن جي پوڄا ماڻهن کي حرص، هَوس ۽ لوڀ جو پُڇ لٽڪائو بنائي رهي آهي، جنهن ۾ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ جو راڪاس هيڻن جو ماس پٽي رهيو آهي! جنهن ۾ جابر قوتون مظلومن جو جيئڻ جنجال ڪري رهيون آهن، جنهن ۾ سرت ۽ ساڃاهه تي هٺ هوڏ ۽ جهالت جون ترارون ۽ سنگينون اُڀيون آهن، جنهن ۾ وحشتن جا چيتا چنگهاڙي رهيا آهن- اِنهي دنيا کي جنت نظير بنائي سگهجي ٿو، پر اياز چواڻي:

ڪو ڌوٻي گهاٽ ته ڳولي آءُ،
ٿئي اوجر هِن مَن ميري جي.

اِهو ڌوٻي گهاٽ سياسي جبر، نوڪرشاهيءَ جي سخت گيريءَ ۽ دڙڪي دهمان سان مهيا نٿو ٿي سگهي. فقط پيار جي پرورش، ساڃاهه جو صحيفو، سهپ جو جذبو، نيڪيءَ جي ڳولا، حق جو هوڪو، ڪروڌ جو قتلام، انسان جو احترام، آزاديءَ جو ايمان ۽ 'جيئو ۽ جيئڻ ڏيو' جو اعلان ئي اندر جي اوجر ڪري سگهي ٿو. انساني شعور جي اهڙي ڍنگائتي تربيت ئي انسان جي آئندي کي دُکن کان آجو ڪري سگهي ٿي. اِهو اندر جو انقلاب ئي اصل ذريعو آهي فردن ۽ قومن مان وحشتن جي پاڙن پٽڻ جو. اياز اِنهي انقلاب جي وضاحت ڪندي لکي ٿو، "جڏهن ٽئگور جي شاعريءَ جي ڳالهه نڪتي ته مون سراج کي چيو، 'ٽئگور کي نه پتنجلي جي چوڻين تي پرکي سگهجي ٿو ۽ نه مارڪسي جدليات يا فرائيڊ جي نظريي جي روشنيءَ ۾ اُنهن ڳالهين جو تجزيو ڪري سگهجي ٿو، جن هُن جي شاعريءَ کي اُتساهيو هو. ٽئگور انقلابي نه هو پر هُن قلب ۽ نظر جي انقلاب جو پرچار ٿي ڪيو ۽ نه تشدد سان ڪنهن حڪومت جي تختي اُونڌي ڪرڻ جو. طبقاتي جدوجهد سان هُن جو نراجوادي سمجهوتو به نه هو. مون کي فخر آهي ته مون وٽ انقلاب جو ڀرپور نظريو آهي ۽ فقط جوش مليح آبادي ۽ احمد فراز وانگر انقلاب جو کوکلو نعرو نه آهي. ائين

آهي ته مون لاءِ طبقاتي جدوجهد ۾ ثانوي حيثيت رکي ٿي. قلب و نظر جي انقلاب کي اولين حيثيت آهي ۽ مان اعتماد سان چئي سگهان ٿو ته برصغير ۾ قلب و نظر جي انقلاب جو اڌورو پرپور تصور ايتري جرئت مندي سان اڌوري وائکي ٻوليءَ ۾ ٻئي کنهن ۾ شاعر اڄ تائين نه ڏنو آهي." (ڪراچيءَ جا ڏينهن راتيون صفحو ۴۶)

اهو قلب ۽ نظر جو انقلاب، ايياز جي شاعريءَ جو اُهو جوهر آهي، جنهن ۾ جهان نو جي تخليق جي سگهه آهي. ايياز لطيف جي توسيع ۽ هن دور جو رُوح آهي. سنڌس شاعريءَ جي تاجي پيٽي ۾ مشرق ۽ مغرب جي انسان دوستيءَ جا سپيئي رنگ سمايل آهن. سنڌ جي لوڪ شاعري ۽ سنڌي ثقافت کان وٺي عالمگير تحريڪن سنڌس شاعريءَ کي اُتساهه بخشيو آهي. هُن هندي ڪلاسيڪي شاعريءَ کان وٺي جديد لاطيني ۽ آفريقي ادب جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو آهي. عالمي سياسي صورتحال کي به هُن تجزياتي انداز ۾ پرکيو آهي. آزاد خيالي، انسان دوستي، امن، آزادي، سُک ۽ سَرهائي، برادري ۽ رواداري هن جي شاعريءَ جا موضوع رهيا آهن. هُن انقلاب کي چاهيو آهي ۽ هُو ڏاڍ سان هڪ جرئتمند سپاهي جيئن وڙهيو آهي.

منهنجي لِکت ائين جيئن، ڪُرڪيتر ۾ ڪانَ،
ڪيڏا شڪتي وانَ، جذبا منهنجا جيءَ جا.

هن ايوبي آمريت کي للڪارينديِ "منهنجو اڳهه پُڇين ٿو آمر؟" لکي نئين تهيءَ ۾ آمرن سان اٽڪڻ جو حوصلو جاڳايو. آمريت هڪ فرد جي هُجي يا پارٽيءَ جي، ايياز اُنهي کي انساني ضمير جو قاتل تصور ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته آمريت انساني آزادين لاءِ زهر آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ايياز عالمي سطح تي نظرين جي تقدس خلاف به چٽيءَ طرح پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو آهي. روس ۾ استالن جي اُڀ زورائين ۽ پارٽي ڊڪٽيٽرشپ متعلق ايياز جن خيالن جو اظهار ڪيئي سال اڳ ڪيو هو سي اڄ گورباچيف جي پيريسترائيڪا ۽ گلاسٽونوسٽ جي ذريعي اوپر يوپ ۽ روس ۾ طوفان برپا ڪري رهيون آهن. ائين لڳي ٿو ته گورباچيف ۾ ايياز ٻولي رهيو آهي. اڄ سماجواد تحريڪ نئون فڪري موڙ وٺي انسان دوستي کي وڌيڪ ويجهي ٿي رهي آهي. آزاد خيالي ۽ معقوليت پسنديءَ جي هَوا جيئڻ لاءِ جيئڻ جهڙيون حالتون پيدا ڪري رهي آهي. روسو چيو هو ته "انسان آزاد جائو آهي ۽ آزاد رهڻ گهرجي." والٽيئر چيو ته- "آئون توهان جي انهيءَ حق لاءِ وڙهندو رهندس ته توهان مون سان اختلاف راءِ رکي سگهو."

ايياز انهن حقن جي سلامتيءَ لاءِ لکيو به آهي ته لوڙهيو به.

هن جا گيت ته سپنا آهن،
پر هي سپنا سچا آهن؛
آزاديءَ جي وِک وِک تي،
هِن جا پيرا چِٽا آهن.

جي ڪوتا تنهنجي ڪاڇ اچي،
مان تو لئه پيمر ڳائيندس؛
تون چاهين ٿو پيمار پيجان،
مان پنهنجا هيٽا هڏ اجان!
مان توسان ساڻ نپائيندس،
۽ جيري ساڻ جراتن کي؛
مان ڳٽتيءَ ڳاريل ڳاٽن کي،
اڳ کان پي اوچ بٽائيندس.

اياز پيار جو پيامي آهي: پيار، جيڪو نفرتن جي ڪاهين کي لٽي ٿو: پيار، جيڪو ڪائنات جي سُونهن آهي: پيار، جنهن ۾ پنهنجائپ جو رس آهي: پيار، جيڪو صدين جي ڇڪندڙ زخمن جو مرهم آهي: پيار، جيڪو مصيبتن جي ماريلن جو آخري آجهو ۽ پرجهلو آهي: پيار، جيڪو ذرتيءَ تي امن ۽ انساني برابريءَ جو ساڪي آهي: پيار، جيڪو بارود جي باهه تي ٺڏو چنبو آهي: پيار، جيڪو انسانن درميان ميلاپ جي پُل آهي.

هڪ انسان دوست تخليقڪار جيان اياز به انسانن جي درميان پيار جي پُل بَڌڻ جو جتن ڪيو آهي ته جيئن هِيءَ سنسار سَرهاين جي سيج بنجي پوي.

اجان به ڪوري ڪتي
منهنجي من ۾
پريت جا ڏاڳا ڪتي.
آءُ ڪبير ته ناهيان پر مُون
سوچ ته ساڳي آهي
مَن ويراڳي آهي-
جنم مرڻ جي وچ ۾ ندي
ڪري نانگ جيئن لهرا-
پريت مٿان سَوَ پهرا-
هِن نفرت ۽ خون جي دنيا
۾ جي ڏاڳا
بندن راکي بنجي سگهندا
ها، ها، اهڙا
پريت جا ڏاڳا ڪتي!
اجان به ڪوري ڪتي
منهنجي تن ۾
چوري چوري ڪتي.

پيار بن ڏڪندڙ دلين جو به ٽي سگهي ٿو ته پيار ڪروڙها انسانن جو به ٽي سگهي ٿو. دنيا جو هر دُکي انسان اسان جو پاڻ آهي. ذرتيءَ جي هر دُکي پيڙ اسان جي پيڙ آهي. ذرتيءَ جو هر دُک اسان جو پنهنجو دُک آهي. جڏهن انسان ۾ قلب ۽ نظر جي ايڏي وسعت پيدا ٿيو پوي ته پوءِ هُن جي من پيڙا ۾ ساري جڳ جي پيڙا سمائجيو وڃي ۽ هُن جي سوچ جا ماڻ ۽ ماپا به بدلجيو وڃن.

پنهنجي ناهي پرائي آهي،
پوءِ به ته ڪنهن جي ڄائي آهي!
هيءَ جا تنهنجي ڏيءَ نه آهي،
هيءَ جا تنهنجي ماڻُ نه آهي؛
ڪنهن جي ڏيءَ ته آهي،
ڪنهن جي ماڻُ ته آهي!

اِن ۾ ڪائي ممتا آهي،
تنهنجي ماءُ جيان،
اِن ۾ ڪائي مجتا آهي،
تنهنجي ڏيءَ جيان؛
آڏرياءُ ڪرين شل اُن جو
پنهنجي ماءُ ڏسي
اُن جي سِر تي هَٿ ڏرين شل
پنهنجي ڏيءَ ڏسي.

هيءُ احساس فقط قلب ۽ نظر جي انقلاب سان ئي پيدا ٿي سگهي ٿو. اِهو قلب ۽ نظر جو انقلاب فقط تڏهن ممڪن آهي جڏهن انسان لوڀ ڪان پري هٽي ۽ نظرين جي تنگ دائرن کان مٿي ٿي، انسان بنجي سوچڻ لڳي.

انسان صدين کان مذهبن ۽ نظرين جي تقدس جو غلام رهيو آهي. نظرين جو خالق خود نظرين جو نوڪر ۽ محتاج ٿي ويو آهي. هِن وساري ڇڏيو آهي ته نظريا ماڻهن لاءِ هوندا آهن نه ته ماڻهو نظرين لاءِ. اِهوئي ڪارڻ آهي جو هر سچ چوندڙ کي 'نظريي جو منڪر' ڪري سُوريءَ چاڙهيو ويو آهي؛ قيد ڪَڙن ۾ قابو رکيو ويو آهي يا جلاوطن ڪيو ويو آهي.

سچ وڏو ڏوهاري آهي-
روز اول کان پکڑيو ويو آ،
زنجيرن ۾ جڪڑيو ويو آ،
ڳولي ڳولي ماريو ويو آ،
ڪڏهين زهر پياريو ويو آ،
ڪڏهين ڦاهيءَ چاڙهيو ويو آ،
تيلَ ڪڑهائيءَ کاڑهيو ويو آ،
گهاٽي ۾ پيڙايو ويو آ،
چوٽيءَ تان اُڇلايو ويو آ،
ها، پر پوءِ به اُنهي جي ساڳي
رهندي آئي ريت اپاڳي!
جنهن جي من ۾ ڪاٽ هٽي ٿو،
تنهن جو سارو چين کٽي ٿو.
اڄ تو وٽ مهمان ٿيو آ-
پر تو هِي به ڪڏهين سوچيو آ!
ڪنهن جي توسان ياري آهي.
سچ وڏو ڏوهاري آهي.

وقت جي نابينا حاڪمن، روايتن جي صاحبن ۽ نظرين جي نپٽ نابين رکوالن پنهنجي سوچ اِنهي ۾ سمجهي آهي ته نظرياتي 'موجود سدا موجود' (Statusquo) واري صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ پنهنجي ترڪش جا سڀئي تِيرَ استعمال ڪن پر-.

سچ آخر سچ آهي، ڪوڙ آخر ڪوڙ آهي!
ڪيستائين ڪونہ منڇندو، سچ ۽ جو مچ آهي؟

اياز کي سُڌ آهي تہ انهن نظرين جي واڇن تي ڪروڙها انسانن جو لَهو اڇ بہ لڳل آهي. علامہ نياز فتحپوري پنهنجي ڪتاب "من و يزدان" جو انتساب ئي اُنهن ڪروڙها انسانن جي نالي ڪيو هو، جن کي مذهب جي مقدس نالي ۾ ذبح ڪيو ويو آهي. مذهب ۽ نظرين جي تنگ نظري انسان کي انسان بنجڻ کان روڪي رکيو آهي.

نظريا جن کي نظر ڪائي نہ آهي،
جي نپٽ نابين آهن.
توکان تنهنجو خون چاهين
۽ ڏئين تون!
سرخرو پنهنجي چريائي تي ٿئين تون!
او مجنون!
تنهنجي ليليٰ قحبہ آهي!
قحبہ آهي!
قحبہ آهي.

نظرين جي انهي تنگ دامني کان چوٽڪارو ئي انسان کي ٻين انسانن سان رواداري واري ماحول ۾ جيئڻ ۽ جيئڻ ڏيڻ جي واٽ ڏيکاري ٿو.

اياز جي دامن فڪر ۾ ڪائنات جيڏي وسعت آهي. سندس فڪر تي لطيف سائينءَ جي "عالم سڀ آباد ڪرين" واري ست کان وڌي ٻيوس جي هن نظم جو ڳوڙهو اثر آهي.

ڪَر دنيا ۾ دل وڏيري، تون پي رهہ مان پي رهان
آڻ من مُورتيءَ ۾ ڦيري، تون پي رهہ مان پي رهان.

اياز بذات خود هڪ پيرو ڪچهريءَ دوران انهي خيال جو اظهار بہ ڪيو هو تہ ٻيوس (ڪشنچند) جي انهي نظم هُن جي قلب ۽ نظر تي گهرو اثر ڇڏيو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هڪ حساس ۽ دردمند دل رکندڙ تخليقڪار جيئن ياز وطن جي دُکن دردن تي ڪَڙهڻ سان گڏ دنيا جي هَر مظلوم ۽ دُکي انسان جي پيڙائن کي پنهنجو سمجهي ٿو.

اها هن جي انسان دوستي بہ آهي تہ هن جي بين‌الاقوميت پسندي بہ. سندس هي سِٽون سڀني انسانن جي سُورن کي پنهنجي پائڻ جون چٽيون ترجمان آهن.

جنهن تي بہ ٿيو جنهن وقت ٿيو،
جنهن جاءِ ٿيو
سو مون تي ظُلم ٿيو آهي:
ڪا ٻانهن وڍي، مُون دانهن ڪئي.
جو ڪانهن ڪَپيو
سو منهنجي ڪنڌيءَ جو آهي.

انهيءَ فلسفہ حيات سنڌ جي هن مهان شاعر کي ايم.اين.راءِ جي فلسفہ نيو هيومنزم (New Humanism) جي قريب ڪري ڇڏيو آهي ۽ هيءَ وطن دوست سماجوادي هڪ انساندوست انقلابي صوفي ٿي پيو آهي. تصوف جي رواداري، هيڪڙائي يعني وحدت الوجوديت، هن جي انسان دوستي واري فڪر کي انقلابي رُخ ڏيئي ڇڏيو آهي. هن جي وحدت الوجوديت، پنهنجي وطن سنڌ سان ۽ سنڌ جي وحدت الوجوديت پوري عالمگير برادري سان واڳيل آهي. جڏهن

هو پنهنجي ديس لاءِ چوي ٿو تہ-

سنڌ کان سواءِ منهنجي
شاعري اجائي آ.
کائنات جي خوشبو
سنڌ ۾ سمائي آ.

تہ هُو سنڌ کي کائنات ۾ تبديل ڪري چڏي ٿو. جيئن منصور حلاج "اناالحق" چئي پوري کائنات کي پاڻ ۾ سمائي چڏيو هو.

تون ئي تون آهين،
منهنجي پُون آهين،
او آيل! او سنڌڙي.

سنڌ اياز جي حوالي سان قلب ۽ نظر جي انقلاب جو اعلان آهي. سنڌ ساجاهہ، رواداري، انساندوستي ۽ امن عالم جي پيغمبر آهي. سنڌ 'جيئو ۽ جيئڻ ڏيو' جو تاريخي سنيهو آهي. سنڌ جي انهي ثقافتي سرمايہ حيات کي تاريخ ۾ تاراج ڪرڻ جون ڪئين ڪوششون ڪيون ويون آهن پر سنڌ جو پيغام، لطيف کان وٺي ايازتائين زنده رهيو آهي ۽ نيٺ سوپارو ٿيندو. ايازپنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪو پيغام ڏنو آهي سو تصوف جو جديد ۽ انقلابي پهلو آهي. هن هڪ انٽرويو ۾ تصوف تي ڳالهائيندي چيو:

'تصوف تعصب جو رد آهي ۽ رواداري جو حامي آهي. انسانذات ۾ برابريءَ ۽ محبت جو حامي آهي. تصوف خُود شناسيءَ کي خُداشناسي سمجهيو ۽ انساني وقار کي سربلند رکيو. مون ڪٽي پڙهيو هو تہ اورنگزيب ڪنهن صوفي درويش کي قاصد ذريعي خط موڪليو هو تہ اُهو درويش هن سان دربار ۾ ملي. اُن درويش خط جي جواب ۾ هڪ شعر ڪاغذ تي لکي ڪاغذ پنهنجي جُتيءَ جي پادر ۾ وجهي قاصد کي ڏنو هو ۽ دربار ۾ وڃڻ کان انڪار ڪيو هئائين. اُهو شعر هيءَ هو.

دنيا اگر دهند نہ خيزم ز جائے خويش،
من بستہ ام حنائے توکل بہ پائے خويش.

(پُوري دنيا اگر ڏين تڏهن بہ پنهنجيءَ جاءِ تان نہ اُٿان. مون توکل جي مينديپنهنجي پيرن تي لائي چڏي آهي.)

جيتوٽيڪ سنڌ جو عام ماڻهو نندي هوندي کان وٺي تصوف جي هوا ۾ ساهہ ڪٽندو رهيو آهي، دورِ جديد ۾ دانشورن ۾ تصوف جو هڪ فلسفہ حيات جي حيثيت ۾ مقبول ٿيڻ ڪجهہ مشڪل آهي. بهتر ائين آهي تہ جديد دور جي ڪنهن اهڙي فلسفي کي اپنايو وڃي جنهن ۾ انسانيت سان محبت ۽ رواداري ايتري ئي آهي جيتري تصوف ۾."
(خط، انٽرويو ۽ تقريرون صفحو ۹۷-۱۹۶)

هن جديد دؤر ۾ سوشلزم (مارڪسزم) جي نقطہ نظر کي نوڪرشاهيءَ جي جبريت، (جنهن کي پرولتاري آمريت جو نالو ڏنو ويو هو) مان ڪڍي مارڪسي اخلاقيات ۽ مشرقي تصوف جي رنگ آميزيءَ سان اپنايو وڃي ها تہ دنيا هڪ نئين ۽ سيبائينڊڙ نظريہ حيات جي هندوري ۾ سکون پائي سگهي ها. ايازجي شاعري ۾ اُهي سڀ رنگ ۽ رُوپ موجود آهن جيڪي اهڙي فلسفہ حيات جي تشڪيل ڪري سگهن ٿا.

وڃين ڇو وٽڪار، هت نہ ڳولهين هوت کي
لڪو ناهي لوڪ کان، ٻاروچو ٻئي پار
نائي نين نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

سيد امامالمتقين راشدي

ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا

(شيخ اياز ۽ پير حسامالدين راشدي)

چون ٿا ته علم وارا ماڻهو جڏهن هن دنيا مان هليا ويندا آهن، تڏهن معاشري مان خوف اچڻ لڳندو آهي. ويجهڙ ۾ سنڌ جو مهان شاعر شيخ اياز فوت ٿي ويو، جنهن سان هڪ طرف سنڌي شاعريءَ جو هڪ دور پورو ٿي ويو ته ٻئي طرف سنڌي ادب کي ڪاپاري ڏڪ لڳو.

شيخ اياز بيشڪ ويهين صديءَ جو وڏو شاعر هو. نه رڳو شاعر پر هڪ اعليٰ مفڪر ۽ ڏاهو ماڻهو به هو. هُن جون تحريرون سنڌي ادب لاءِ وڏو سرمايو آهن، جن ۾ آفاقيت پڻ سمايل آهي. هُن کي سنڌ سان ڏاڍي محبت هئي.

جيئن ته پاڻ وڏو عالم هو، انڪري سندس دوستيءَ وارو حلقو پڻ عالمن تائين ڦهليل رهيو، جن کي هو ڏاڍو پائيندو هو. اهڙن علم وارن ماڻهن ۾ سنڌ جو عظيم مؤرخ، پير حسامالدين راشدي به نمايان ڏسجي ٿو، جنهن جو ذڪر، هُن جي تحريرن ۾ جابجا ملي ٿو. نه صرف ايترو پر خود راشدي صاحب به شيخ اياز جي فڪر ۽ فهم جو ڪليل اظهار پنهنجي ڪتابن ۾ اڪثر ڪيو آهي.

شيخ اياز ته پير حسام الدين راشديءَ کي "سنڌ جو زنده جاويد محقق" ۽ "سنڌ جو ابنِ خلدون" سڏيو آهي. راشدي صاحب سان جاڻ سُجاڻ جو ذڪر ڪندي شيخ اياز لکيو آهي ته، "رباني، پير صاحب سان مون کي واقف ڪرايو. پير وڏي هڪڙي Sense of Humour وارو ماڻهو هوندو هو." (۱) نه صرف ايترو پر هُن راشدي صاحب بابت اهو پڻ اعتراف ڪيو آهي ته، "هي شخص منهنجي تاريخ جي نظريي جي قريب ترين آهي ۽ جي مان ڪنهن مان ڪجهه پرائي سگهندس ته اهو پير حسامالدين راشدي ئي آهي." (۲) شيخ اياز جو اهو اعتراف حقيقت تي مبني آهي.

سنڌ جا هي به مثالي دانشور، سنڌ جي جديد تاريخ جا ٻاڻيندڙ هئا. اها ٻي ڳالهه آهي ته پير حسامالدين راشديءَ، نثر ۾ سنڌ جي تاريخ جديد انداز ۽ قومي رنگ ۾ لکي، نئين نسل جي ذهني ڪيفيتن کي تبديل ڪيو، جڏهن ته شيخ اياز پنهنجن شعرن ۾ تاريخ جي ڌارا کي نئون رنگ ڏيئي نوجوانن ۾ سجاڳي آندي. ان حوالي سان ڏٺو وڃي ته هنن ٻنهي عالمن پنهنجن شاندار تاريخي ۽ ثقافتي روايتن جي تناظر ۾ سنڌ جي تمام منفرد ۽ مثالي خدمت ڪئي آهي. سندن علمي مانُ ۽ مرتبو هرڪنهن تي عيان هو، ۽ انهيءَ علمي مرتبي جي بدولت سندن شخصي رعب تاب ۽ دٻدٻو پڻ وڏي سَج ڏَڄ وارو هو.

هنن ٻنهي عالمن جا پاڻ ۾ ويجهڙائيءَ وارا تعلقات رهيا آهن، جن کي هو آخرين ڪڙين تائين نڀائيندا آيا. سنڌ جي هنن ٻنهي قابلِ احترام عالمن جا تعلقات ڪيترن ئي حوالن سان قريبي ڏسجن ٿا، جن مان پهريون تعلق جيڪو اسان جي سامهون اچي ٿو، اهو آهي پير حسامالدين راشدي جو اردو ڪتاب "سنڌي ادب"، جيڪو ۱۹۵۲ع ڌاري شايع ٿيو. نوجوان محقق ۽ تاريخدان محترم غلام محمد لاکو، جيڪو ان ڪتاب جو سنڌيڪار به آهي، ڪتاب جي اهميت ڄاڻائيندي لکيو آهي ته، "هي ڪتاب 'سنڌي ادب' اصل ۾ اردو زبان ۾ لکيو ويو، جو سال ۱۹۵۲ع ڌاري ڇپيو هو. نامور مؤرخ ۽ محقق سيد پير حسامالدين راشدي مرحوم جي هن ڪتاب کي، سنڌي ادبي تاريخ ۾ هڪ اهم ماخذ جي حيثيت حاصل ٿي چڪي آهي." (۳)

---

(۱) "ساڃاڻ" شمارو ۱-۲، ۱۹۹۸ع ص ۱۱۶.

(۲) "خط، انٽرويو ۽ تقريرون" ڀاگ ۲، ص ۱۸۲.

(۳) "سنڌي ادب" مترجم، غلام محمد لاکو- نئون ڇاپو ۱۹۹۶ع، مترجم جو نوٽ.

راشدي صاحب ان دور جي مشهور شاعرن مان سڀ کان گهٽي اهميت شيخ ايياز کي ڏني آهي. آفاق صديقي لکي ٿو ته، "خاص طور پير حسام‌الدين راشدي صاحب، سنڌي ادب جي باري ۾ هڪ تعارفي ڪتاب لکيو هو، جنهن ۾ شيخ ايياز جي شاعريءَ کي ساراهيو ويو هو." (۱)

ڪتاب جي باب ستين ۾ (موجوده پاڪستاني دور) راشدي صاحب شيخ ايياز جي شاعريءَ جو انتخاب، تشريح ۽ رايو ڏيندي لکيو آهي ته:

"شيخ ايياز جي شاعريءَ جو نمونو ۽ ڏسو،

آهه پري ته نه گهاٽ، هوريان هوريان ونجهه هلاءِ.

پاڻيءَ جي ڇاتي ڇلڪائي
جيئن جيئن ٻيڙي لوڏا ڪائي
پل پل تيئن پاسا بدلائي
ڪاري ڪاري ٻاٽ، هوريان هوريان ونجهه هلاءِ.
وهندي ڏارا ڪهندا تارا
سڙهه جا پاڇا ڪارا ڪارا
آيا پل پل ياد پيارا
اونده جا چمڪاٽ، هوريان هوريان ونجهه هلاءِ.
ڏيهه ڇڏي پرڏيهه هليا سين،
ڪنهن نه جهليا سين ڪنهن نه پليا سين
ڪنهن سان دل جا ڳجهه نه سليا سين
دل ٿي ڪائي ڳاٽ، هوريان هوريان ونجهه هلاءِ.

گهاٽ پري ته ڪونهي، ٻيڙي آهستي آهستي هلاءِ، پاڻيءَ جو سينو ڇلڪي رهيو آهي. جيئن جيئن ٻيڙي لوڏا ڪائي، تيئن تيئن پاسا ۽ پيئي بدلائي. ڪاري اوندهه آهي. ٻيڙياتا ٻيڙي آهستي هلاءِ. پاڻي تيزيءَ سان پيو وهي. سڙهه جا ڪارا ڪارا پاڇا پيا ڏسجن. مون کي ڪنهن جي ياد ستائي رهي آهي. اوندهه انڌوڪار ڇانيو پيو آهي. ٻيڙيءَ کي آهستي آهستي هلاءِ.

هو ديس ڇڏي پرديس ڏي راهي ٿيا پر کين ڪنهن ۽ نه جهليو، افسوس ته آءٌ دل جو سور نه سلي نه سگهيس. اي ٻيڙيءَ وارا ٻيڙيءَ کي آهستي آهستي هلاءِ.

سنڌي شاعريءَ ۾ گيتن کي رائج ڪرڻ وارو شيخ صاحب آهي. سندس بهترين گيت 'ملاح جو گيت' ۽ 'باغي' وغيره آهن." (۲)

ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب هي پهريون تذڪرو آهي، جيڪو نهايت معتبر ۽ معلوماتي آهي. ان پهرين ادبي تذڪري ۾ راشدي صاحب، شيخ ايياز جي شاعريءَ جو انتخاب ۽ تشريح بيان ڪري، ايياز جي انهيءَ دور واري اهميت کي اجاگر ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته "شيخ ايياز جي شاعريءَ جو جنم ورهاڱي (۱۹۴۷ع) کان چار پنج سال اڳ ٿيو ۽ ٿورڙن ئي سالن ۾ سندس شاعريءَ جي ڏاڪ سنڌ توڙي هند ۾ جمي ويئي." (۳)

هنهي عالمن جو پيو سڀ کان اهم تعلق ۽ حوالو، شاهه جي رسالي جو اردو ترجمو آهي، ۽ اهو اردو ترجمو

---

(۱) "سهڻي" (شيخ ايياز نمبر) ياڳو ۱، ص ۱۸۶.
(۲) "سنڌي ادب" مترجم غلام محمد لاکو، نئون چاپو ۱۹۹۶ع ص ۹۱-۹۲.
(۳) هري دلگير، سهڻي شيخ ايياز نمبر ۲، ص ۳۵.

شيخ اياز ڏاڍي محبت ۽ محنت سان ڪيو، جنهن کي سنڌ يونيورسٽيءَ، جون ۱۹۶۳ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. اهو ترجمي جو ڪم پاڪستان جي مرڪزي وزارت تعليم ۱۹۵۲ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي حوالي ڪيو هو. پير حسامالدين راشدي لکي ٿو ته، "هن ترجمي جي تحريڪ جو سمورو پاڪستان جي مرڪزي وزارت تعليم جي سر تي آهي، جنهن جي معارف پروريءَ سان ۱۹۵۲ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ کي ۽ علمي ڪم حوالي ڪيا هئا: هڪ ته شاهه جي ڪلام جو اردو ترجمو ڪيو وڃي ۽ ٻيو "سنڌي-اردو" ۽ "اردو-سنڌي" لغتون لکرايون وڃن. ان زماني ۾ علامه آءِ.آءِ.قاضي وائيس چانسيلر هو. جڏهن هي مسئلو سامهون آيو ته هُن مون کي فرمائش ڪئي ته ان سڄي ڪم جي تڪميل ۽ نگهباني جي ذميداري مان قبول ڪريان. پهريون ته هي ٻيئي ڪم علمي ته ضرور هيا، وري حضرت قاضي صاحب جهڙي شفيق بزرگ جو حڪم، مان پنهنجي مفلسي جي باوجود انڪار نه ڪري سگهيس. جڏهن ڪم جي نوعيت ۽ طريقه ڪار بابت گڏيل مشوري بعد فيصلو ٿيو ته لغت جو ڪم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي ڪيو وڃي ۽ شاهه جي شعري مجموعي جو ترجمو شيخ اياز صاحب جي حوالي ڪرڻ ڪيپي. هي ٻيئي فاضل دوست، انهيءَ ڪم جي لاءِ هر لحاظ ۽ نوعيت کان موزون ۽ مناسب هيا." (۱)

راشدي صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته "فاضل مترجم جو مان شڪرگذار آهيان جو هُن منهنجي گذارش تي هي اهم ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو ۽ خير خوبيءَ سان ان کي مڪمل ڪيو. شاعر حضرات عموماً ذميداري ۽ پابندي قبول ڪرڻ کان پاسو ڪندا آهن، ليڪن هتي ته شيخ اياز صاحب هيو، جيڪو نه صرف هن دور جو مايئه ناز شاعر آهي، بلڪ وڪالت جهڙي گهٽي ئي مصروف زندگي گذاري ٿو. مون کي خوشي آهي ته هُن پنهنجي سڀني مصروفيتن جي باوجود به ڪنهن نه ڪنهن طرح وقت بچائي محبت، محنت ۽ وڏي عرقريزي ۽ سليقي سان هن مشڪل ڪم کي پڄاڻيءَ تائين پهچايو." (۲)

شيخ اياز جو بيشڪ اهو وڏو ڪارنامو آهي، جو هن شاهه جي ڪلام جو نهايت سهڻو ترجمو ڪيو آهي، جنهن ۾ جديد دور جي تقاضائن کي پڻ مدنظر رکيو ويو آهي. اهو ڪو معمولي ڪم نه آهي، بلڪ شيخ اياز جو اهو وڏو ڪارنامو آهي. محترم آفاق صديقي لکي ٿو ته:

"شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ترجمي جي جڏهن ڳالهه آئي ته شاهه جي رسالي جو ترجمو سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان شايع ڪيو وڃي، ته ان جو انچارج يا ان جو منتظم پير حسامالدين راشدي هو، ۽ پير صاحب جي نظر انتخاب شيخ اياز تي پيئي. انڪري به ته شيخ اياز اردو توڙي سنڌي، ٻنهي حلقن ۾ ڏاڍو مقبول هو." (۳)

۽ اهوئي سبب آهي جو اڄ به انهيءَ ترجمي جي علمي حيثيت مڃيل آهي ۽ اردو توڙي سنڌي حلقن ۾ ان ترجمي کي معتبر مقام حاصل آهي.

ان کان پوءِ شيخ اياز ۽ راشدي صاحب جو تعلق اڃان به وڌيڪ گهاٽو نظر اچي ٿو، جنهن ۾ وسعت پڻ ڏسجي ٿي. شيخ اياز جي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو "ڪلهي پاتم ڪينرو" ڊسمبر ۱۹۶۳ع ۾ شايع ٿيو. ان جو انتساب پير حسامالدين راشديءَ جي نالي ٿيل آهي. جنهن ۾ شيخ اياز لکيو آهي ته:

"پير حسامالدين راشديءَ جي نالي، جنهن جي روح مان مون کي اروڙ جي مٽيءَ جي ٻني خوشبو ايندي آهي." (۴)

انهيءَ انتساب مان ٻنهي عالمن جي تعلقات جي وسعت ۽ گهرائپ جي جاڻ ملي ٿي.

شيخ اياز کي ۱۳-جنوري ۱۹۷۶ع تي، جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر بڻايو ويو، تڏهن سنڌ ۾

---

(۱) رساله شاه عبداللطيف ڀٽائي (اردو ترجمو) گذارش
(۲) ساڳيو- گذارش
(۳) "سمٽي" شيخ اياز نمبر۱، ص ۱۸۷.
(۴) شيخ اياز، "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۱۹۶۳ع.

ڏاڍو چؤپول پيدا ٿيو، پر راشدي صاحب کي منجهائنس ڪافي اميدون وابسته هيون. ڇو ته راشدي صاحب علمي مائهن کي ڏاڍو چاهيندو هو ۽ اهوئي سبب آهي جو، ۱۸-جنوري ۱۹۷٦ع تي اخبارن ۾ اياز جي وي.سي ٿيڻ جي خبر ڇپي. ۲۴-جنوري تي سنڌ جي ۲۲ اديبن هن مقرريءَ جي آڇيان ڪئي، جا اخبارن ۾ ڇپي. انهن ۾ پير حسامالدين راشدي به هو. ۲-فيبروري ۱۹۷٦ع تي حيدرآباد ۾ سنڌي اديبن پاران شيخ صاحب کي استقباليه ڏنو ويو. ان موقعي تي راشدي صاحب، مولانا گرامي، رسول بخش پليجي ۽ محمد عثمان ڏيپلائي، حميد سنڌي، قاضي خادم ۽ ٻين تقريرون ڪيون. پير حسامالدين راشديءَ نوجوانن کي اپيل ڪندي چيو ته، "هو شيخ ايياز صاحب کان گهٽو لاپ پرائين،



ڏيپلائي صاحب، گرامي صاحب، راشدي صاحب ۽ شيخ ايياز (استقباليه)

چاڪاڻ ته ٿي سگهي ٿو ته هلندڙ دور ۾ سنڌ جي نوجوانن ۽ شاگردن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ هو آخري اميد هجي." پير صاحب اديبن کي به گذارش ڪئي ته "هو نوجوان نسل کي غيرذميدار ارادن جي هلاڪت آفرينين کان بچائڻ ۾ شيخ صاحب جي مدد ڪن." (۱)

راشدي صاحب جي ڪيل اها اپيل يقيناً ان دور ۾ ڪاگر ثابت ٿي هئي، ڇو ته پير صاحب جي نظر ۾ سنڌ جو هڪ عظيم روشن مستقبل سامهون هو.

پير حسامالدين راشدي ۽ شيخ ايياز، سنڌ جا به اهڙا سپوت هئا، جن کي ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر به وڏي پذيرائي ۽ زبردست شهرت حاصل رهي. هي ٻيئي عالم سنڌ جي جن خطن جي پيداوار رهيا، اهي جاگرافيائي طور تي به پاڻ ۾ گڏيل رهيا آهن ۽ عجيب اتفاق ڇڄجي جو ٻنهي عالمن جا مدفن به جن علائقن ۾ ٿيل آهن، اهي به جاگرافيائي طور تي پاڻ ۾ ويجها آهن. هونئن به ڇئي سگهجي ٿو ته قدرت هنن ٻنهي عالمن جو خمير جڏ هڪ ئي مٽيءَ مان گوهي تيار ڪيو هو. هي ٻيئي عالم پاڻ ۾ دوستن سان گڏ همراز به هئا. اهڙوئي هڪ ذڪر شيخ ايياز ڪجهه هن طرح ڪيو آهي ته:

---

(۱) "مهران" ۱-۱۹۷٦/۲ع (ايڊيٽوريل صفحا)

"راشدي صاحب هڪ پيري سکر آيو ۽ ڳڙهي ياسين واري مرحوم آغا بدر الدين خان دراني جو مهمان هو. مرحوم آغا بدرالدين جو بنگلو سنڌ زميندار پريس کان ٽيمارو قدمن تي هو. رات جي ماني کائي، مان ۽ راشدي صاحب چهل قدميءَ لاءِ نڪتاسين. جڏهن سنڌ زميندار پريس وٽ پهتاسين، تڏهن ڏٺوسين ته حافظ اوحدي، جو ان وقت پريس جو مئنيجر هو ۽ اسان جي خلاف سردار علي شاهه جي ٽولي ۾ شامل هو، اهو ڪنهن تحرير متان ڪُپو ٿي جهڪيل ٿي نظر آيو. پريس ۾ ٻه ٽي پرائيون ڪرسيون ۽ هڪ ننڍي ميز پيئي هئي. پٽين تان سُڪل پلستر چٽي رهيو هو، ۽ زمين تي ردي سدي ڪاغذ پيا هئا. ان وقت مون کي راشدي صاحب ٻڌايو ته هن ۽ هن جي ٻاڻ علي محمد شاهه راشديءَ هن پريس مان پنهنجيءَ ادبي زندگيءَ جي شروعات ڪئي هئي. ٻيئي پائر اتي ڪمپازيٽر هئا، ۽ ٻنهي محنت سان زندگي ڏاهي هئي. مون کي اهو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي ته هن جي منهن تي ڪائي گهبراهٽ نه هئي ۽ هو پنهنجي شروعاتي غريبيءَ جي ڳالهه نهايت اطمينان سان ڪري رهيو هو. ان تي مون هن کي هڪ پارسيءَ جو شعر ٻڌايو:

قصهٔ امواج دريا راز دريا ديده پرس
هر دلي آگهه ز طوفان دل من نيست نيست

"يعني درياهه جي ڳالهه درياهه کان پڇي ڏسڻ گهرجي، هرڪا دل طوفان کي ٿوروئي سمجهي سگهندي آهي." شعر راشدي صاحب کي وٺيو. پڇيائين ته ڪنهن جو آهي؟

مون چيو: "رهي مغيري جو." حيرت مان مون کي ڏسي چيائين، "تو رهي مغيري ٻه پڙهيو آهي!" ان ڏينهن کان پوءِ راشدي صاحب سان منهنجي دوستي گهري ٿي ويئي، چو ته راشدي صاحب کي فارسي ادب ۽ شاعريءَ سان بيحد محبت هئي. دراصل مان چوندو آهيان ته هو پيدائشي سنڌي هو، ثقافتاً نه رڳو نٽي ۽ روهڙي جو هيو پر اصفهان ۽ شيراز جو ٻه هو ۽ هن کي سنڌ جي ڪلاسيڪي شعر و ادب تي ايتروئي عبور هو جيترو دکن، دليءَ ۽ لکنؤ جي ادب تي." (۱)

راشدي صاحب تاريخ سان گڏ جديد ادب جو ٻه مستقل پڙهندڙ ۽ ان تي گهري نظر رکندڙ عالم هو. وڏا وڏا اديب، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار سڪندا هئا ته پير صاحب سندن ڪتابن تي مهاڳ لکي ڇو ته اهو سندن لاءِ نه رڳو اعزاز هيو، بلڪ جڻ ته ادبي سرٽيفڪيٽ ٻه هوندو هو ۽ اهڙي ئي اميد، اديب ۽ شاعر شيخ اياز سان ٻه وابسته رکندا هئا.

بحيثيت شاعر جي شيخ اياز پڻ راشدي صاحب جي آڏو رهيو. سندس شاعريءَ بابت ڪليل اظهار ڪندو رهيو. اردو جي مشهور شاعر، حمايت علي شاعر لکيو آهي ته:

"بقول پير حسام الدين راشديءَ جي، اياز شاهه پٽائي، سچل سرمست ۽ ساميءَ کان پوءِ سنڌيءَ جو سڀ کان وڏو شاعر آهي ۽ بعض خصوصيات جي بناءَ تي شاهه لطيف کان پوءِ شايد هن جو نالو ورتو وڃي." (۲)

راشدي صاحب ڪنهن ٻه علمي بحث ۾ پنهنجي عالمانه راءِ جو اظهار ڪليل لفظن ۾ ڪندو هو. شيخ اياز لاءِ سندس هيءَ راءِ هن جي شاعريءَ کي سمجهڻ لاءِ ڏاڍي ڪارگر آهي ته، "اياز هن دور ۽ هن سمي جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. انهيءَ ۾ ٻه رايا ٿي ڪونه ٿا سگهن ته اياز جو نالو سنڌ جي ادبي تاريخ جو خاص عنوان ٿي رهندو." (۳)

نه صرف ايترو پر راشدي صاحب جو هي رايو پڻ وڏي اهميت وارو آهي ته، "چند سالن کان آءٌ ڏسي رهيو آهيان ته شعر ۾ اياز جي زبان بگڙي رهي آهي. غيرمانوس ۽ هندي آميز ڏاريا لفظ ايترا ڪتب آڻي ٿو جو سندس شعر ڪڏهن ڪڏهن ته مورڳو سمجهڻ ئي ڏکيو ٿيو پوي. مون کي خطرو آهي ته جيڪڏهن هن اها روش قائم رکي ۽ ان جي تقليد ٻين جدت پسند نوجوانن ٻه ڪرڻ شروع ڪري ڏني ته سنڌي ادب لاءِ هڪ هاڃيڪار سانحو ٿيندو ۽ هيتري ساري

---

(۱) "خط، انٽرويو، تقريرون-۲" ص ۱۷۲-۱۷۳.
(۲) "حلقه مري زنجير ڪ" ص ۳۳۹-۳۴۰.
(۳) "ڳالهيون ڳوٺ وڻ جون" ص ۶۷۹.

کيل محنت تي پاڻي ڦري ويندو. مون کي خطرو آهي ته خود اياز جي شاعريءَ کي به انهيءَ روش مان سخت نقصان پهچندو! پر ڏٺيءَ ۽ آس آهي ته هو جلدئي پنهنجي غير طبعي طريقي تي نظرثاني ڪندو. "جل جل مشعل جل" يا انهيءَ قسم جي ڪيل شاعريءَ واريءَ زبان تي اياز کي فوري اصلاح ڪري پاڻ کي پنهنجي انهيءَ ساڳيءَ طرز تي واپس آڻڻ کپي، جنهن کيس هن دور جي ادبي ورثي جو سرتاج بڻايو آهي." (۱)

پير حسام الدين راشديءَ جي وفات کان پوءِ شيخ ايار کراچيءَ ۾ پير صاحب جي ائين ورسيءَ (۵-اپريل ۱۹۹۰ع) جي موقعي تي هڪ يادگار صدارتي تقرير ڪئي هئي، جنهن جو عنوان "درياهه جي ڳالهه درياهه کان پڇو" رکيل هيو. ان جو مطلب اهو وڃي ٿيندو ته، "علم جي ڳالهه عالم کان پڇو". انهيءَ تقرير ۾ هن، راشدي صاحب کي "بلبل هزار داستان" ڪوٺيو هو ۽ چيو هو ته، "منهنجو خيال آهي ته پير صاحب اڄ کان پنج سو سال اڳي پيدا ٿئي ها ته هن جو روح وڌيڪ مطمئن هجي ها. هو برصغير ۾ پلوتارچ (PLUTARCH) جي ياپي جو مورخ هو." (۲)



امام راشدي ۽ شيخ ايار

نه صرف اهو پر هن اهو پڻ چيو هو ته، "راشدي صاحب برصغير جي مغليه دور جي تاريخ تي ته هڪ انسائيڪلوپيديا هو." (۳)

اها حقيقت آهي ته شيخ ايار ۽ پير حسام الدين راشدي هن موجوده صديءَ ۾ سنڌ ڏرتيءَ جا وڏا ڏاها ماڻهو ٿيءَ گذريا آهن ۽ اُنهن جي ادبي خدمتن جي پيش نظر ايندڙ نسلن جو مٿن سلام رهندو. سندن وڃڻ سان تاريخ ۽ شاعريءَ جا دور به پورا ٿي ويا آهن.

ان ۾ کو به شڪ ڪونه آهي ته سنڌ ويهينءَ صديءَ ۾ پير حسام الدين راشدي ۽ شيخ ايار به اهڙيون تاريخ سار شخصيتون پيدا ڪيون، جن تي سنڌ سدائين ناز ڪندي رهندي.

---

(۱) "ڳالهيون ڳوٺ وڻ جون" ص ۶۸۱.
(۲) "خط، انٽرويو، تقريرون" (۲) ص ۱۸۰.
(۳) ساڳيو ص ۱۸۰.

مُشتاق علي جعفري
ترجمو: غلام محمد لاکو

شيخ اياز - اردو زبان جو شاعر

[سال ۱۹۶۱ع ۾ حيدرآباد مان هڪ ڪتاب "سنده ڪي جديد اردو شعرا" جي نالي سان ڇپيو هو. هن ڪتاب ۾ شيخ اياز جو تعارف، اردو زبان جي شاعر طور ڪرايو ويو. ڪتاب جو لکندڙ مشتاق علي جعفري آهي. هت شيخ اياز بابت لکيل مضمون جو ترجمو پيش ڪجي ٿو]

نالو شيخ مبارڪ. تخلص اياز. پاڻ ۱۹۲۳ع ۾ پيدا ٿيو (۱). والد جو نالو شيخ غلام حسين. هي صاحب شڪارپور سنڌ ۾ جائو.

ابتدائي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور مان ورتائين. پوءِ گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور مان فارغ ٿي، وڌيڪ تعليم جي لاءِ ڪراچيءَ جي ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. هتان بي اي ۽ ايل. ايل. بي جون ڊگريون ورتائين.

هن کي علم ۽ ادب جو شوق ورثي ۾ مليو، جو ته سندس والد کي انگريزي، فارسي، سنڌي ۽ اردو ادب سان دلي شغف هو، انڪري ننڍي هوندي کان وٺي انهن ٻولين جي رسالن ۽ ڪتابن جو مطالعو ڪندو رهيو. ان طرح شاگرديءَ جي زماني کان ئي شعر چوڻ ۽ افسانا لکڻ جو شوق پيدا ٿيس. شعر چوڻ جي شروعات تڏهن ڪيائين، جڏهن پاڻ گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور ۾ شاگرد هو. هن جي شاعريءَ جو ابتدائي دور خاص رومانوي شاعريءَ جو زمانو هو. اهڙو عڪس سندس ابتدائي سنڌي شاعريءَ ۾ ٻ ڏسي سگهجي ٿو. شڪارپور ڪاليج مان پڙهي جڏهن وڌيڪ تعليم لاءِ ڪراچي آيو ته هتي جي علمي ۽ ادبي ماحول مان هن کي گهڻو فائدو پهتو. تمام ٿوري وقت ۾ ايتري ترقي ڪيائين جو سنڌ جي نوجوانن جو هڪ پسنديده شاعر بنجي ويو. ان زماني جي ادبين ۽ شاعرن ٻ سندس ادبي تخليقن کي گهڻو ساراهيو. ان وقت کان وٺي جدا جدا رسالن ۾ افسانا، نظم ۽ پيون تخليقون شايع ڪرائيندو رهيو.

۱۹۴۷ع ۾ جڏهن ملڪ جي هوا بدلي ۽ آزاديءَ جي جدوجهد تيز ٿيندي ويئي، تڏهن پاڻ ٻ ان ۾ حصو ورتائين. ان دور ۾ افسانن جو هڪ مجموعو "سفيد وحشي" جي نالي سان ڇپرايائين. هن جي سنڌي گيتن جي مقبوليت جي هي حالت هئي جو غير مسلم ٻ انقلابي جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ، جلسن ۾ سندس گيت پڙهندا هئا. ان پس منظر ۾ سنڌ جي مشهور نقاد پروفيسر ملڪاڻي صاحب هي رمارڪ ڏنا.

"... Shaikh Ayaz is the youngest fire brand of Sindhi poetry and the lyricist per excellence. He has the vision of born poet and his verse forms have infinite variety from blank- verse to free- verse..."

ايل. ايل. بي جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ، ڏيڍ سال تائين ڪراچيءَ ۾ رهي پيو. ملڪ جي ورهاڱي ٿيڻ سان پراڻيون ادبي محفلون درهم برهم ٿي ويون، ليڪن جڏهن ڪراچيءَ ۾ اردو ادبين ۽ شاعرن جو چڱو خاصو تعداد گڏ ٿيو، تڏهن "حلقه ارباب ذوق" ۽ "انجمن ترقي پسند مصنفين" جو قيام عمل ۾ آيو. جيئن ته اياز اردو ادب سان اڳ ۾ ئي گهڻو ويجهو هو، انڪري اردو نظم، غزل ۽ آزاد نظم چوڻ جو شوق پيدا ٿيس، جي ڏاڍو پسند ڪيا ويا.

---

(۱) شيخ صاحب جو سڄو نالو مبارڪ علي ۽ ڄم جو سال ۱۹۲۳ع آهي.

۵۰ ـ ۱۹۵۱ع ڌاري وڪالت جي سلسلي ۾ سکر آيو، تہ اتي بہ چڱي رونق موجود هئي. ۱۹۵۳ع ۾ وڏي پيماني تي، اردو سنڌي ادبي ڪانفرنس جو بندوبست ڪيائين. هن ڪانفرنس جو بنيادي مقصد هي هو تہ، "هر زبان جو ادب اسان جو ادب آهي." ڪانفرنس کان پوءِ "سنڌ ادبي سرڪل" جو بنياد رکيو ويو. ان جي مستقل صدارت لاءِ، اتفاق راءِ سان شيخ ايياز کي چونڊيو ويو. هن ادبي سرڪل جي اهتمام سان، شيخ صاحب جي اردو غزلن ۽ نظمن جو مختصر ڪتاب "بوئے گل و نالۂ دل" جي نالي سان ڇپجي پڌرو ٿيو. ان زماني ۾ سندس نظم ترجمو ٿي "افڪار ادب" ۾ پين وڏن رسالن ۾ ڇپيا.

سنڌ يونيورسٽيءَ پاران آگسٽ ۱۹۵۵ع ۾، شيخ صاحب کي شاهہ عبداللطيف پٽائيءَ جي ضخيم شعري مجموعي جي منظوم اردو ترجمي جو ڪم سونپيو ويو. هي ڪم جنوري ۱۹۵۷ع ۾ مڪمل ٿيو. سندس جديد اردو نظم ۽ غزل ماهنامہ "نئي قدرين" ۽ "شعور" ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. ايياز جي اردو ڪلام جو نمونو هت ڏجي ٿو.

صبحدم جب هم چمن میں آگئے
مثل شبنم برگ گل پر چھاگئے
ہے ازل سے زندگی ساغر بدوش
رند کیا کیا میکدے چھلکا گئے
قافلے آئے ازل سے تیزگام
زندگی کی چھاؤں میں سستاگئے
اے تبسم ریز چشم سرمگیں
ہم تیرے حسن طلب کو پاگئے
خاک پائے حسن بنکر ہم ایاز
کائنات بیکراں پر چھاگئے

هڪ گيت ملاحظہ ڪريو.

جب جھرنے میں چاند نہائے
چاند پہ نیلا بادل چھائے
کنول کنول اپنی نینوں میں کوئی بھید چھپائے
رات پجارن بن کر آئے
دیپ پہ دیپ جلائے
پانی میں آکاش سمائے
نیم پہ پنچھی گائے
میرے من کو ہولے ہولے جگ سندرتا گھائے
پانی اور آکاش پہ تیرا پرتو سا لھرائے
مین لپٹوں مرجائے مجھ سے میں جھپٹوں اڑجائے
کوئی بھید نہ پائے تیرا کوئی بھید نہ پائے

وڌيڪ متفرق شعر ملاحظ ڪريو.

فطرت حسن حسن فطرت هے

-

چاندنی سی تیری طبیعت هے
بغاوت تو کرلی هے دیر و حرم سے
جهکاؤں کهاں اب جبیں تو کهاں هے

کسی پهول سے پریت نہ رکهنا
کسی پهول کو میت نہ کهنا
پهول سدا مرجها جاتے هیں
کانٹوں میں الجها جاتے هیں
کسی چاند سے پیار نہ کرنا
کسی چاند کو یار نہ کهنا
پنچهی ان کو کب چاهتے هیں
اڙتے اڙتے تهک جاتے هیں

شيخ اياز عام طور تي اردو زبان ۾ صرف آزاد نظم چيا آهن، ليڪن هن جا اڪثرسنڌي غزل ايترا صاف ۽ سادي زبان جا آهن، جو آسانيءَ سان انهن جو ترجمو ڪري سگهجي ٿو.

اياز صاحب نوجوان شاعرن ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. غزل بہ لکي ٿو پر هن جا گيت غزلن کان وڌيڪ سٹا آهن. غزلن ۾ سندس اندازساڳيو آهي، جيڪو هن وقت عام اردو شاعرن جو هجي ٿو، يعني تہ صاف ستڙي زبان ۾ خيال آرائي ڪئي ويئي آهي ۽ ڪٿي ڪٿي غالب جون ترڪيبون پڻ آهن. اياز اڪثر ننڍي بحر وزن جو انتخاب ڪيو آهي ۽ چڱو خاصو لکيو آهي. ڪجهہ شعر وري ڏهرائجن ٿا.

هے ازل سے زندگی ساغر بدوش
رند کیا کیا میکدے چهلکا گئے

-

تیرے قدموں کی بے نیازی کو
سجدہ ء رهگذار کیا جانے

ليڪن اياز جا گيت گهٽي ترنم ۽ موسيقيءَ سان سرشار آهن. هڪ گيت جا شعر مٿي اچي چڪا آهن. ٻئي گيت مان بہ ڪجهہ شعر ملاحظ ڪريو.

جگ جگ جگ جگ جوت جلے
رین اندهیری نین ملے
اندهیارے میں بیٹهے بیٹهے دهیان جو تیرا آئے
مجهکو اس پاپی نگری سے تاروں پر لے جائے
جگ جگ جگ جگ جوت جلے
رین اندهیری نین ملے

محسن پوپالي

ترجمو: تاج جويو

شيخ اياز - ڪُجهه ساروڻيون

[شيخ اياز جي شاعريءَ، فن ۽ شخصيت جي باري ۾ گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي ۽ ڪافي ڪجهه لکيو ويندو، پر آءٌ هن لکيت ۾ ڪجهه اهڙن واقعن ۽ يادن جو ذڪر ڪندس، جن سان سندس شخصيت جي چند اهم رُخن تي روشني پوي ٿي. - م.پ]

خير جون ڀَالمِيون!... هيءَ اڌ صدي اڳ جي ڳالهه آهي. والد صاحب مرڪزي سرڪار جي تار ۽ ٽپال ڪاتي ۾ ملازم هو ۽ هن پاڪستان وڃڻ قبوليو هو، جنهن ڪري پوپال کان پاڪستان بدلي ٿي اچڻ ڪري، سندس پوسٽنگ پوسٽ آفيس لاڙڪاڻي ۾ ٿي، ۽ ائين اسان جو خاندان سنڌ جي هُن اهم ۽ تاريخي شهر ۾ اچي آباد ٿيو. مون کي چوڪراڻي وهيءَ کان ئي شعر ۽ ادب سان دلچسپي هئي. خوش قسمتيءَ سان اسان جو گهر "گرڊنومل لين" ۾ هو. هن گهٽيءَ جو نالو، سنڌي زبان جو سرموڙ شاعر هري.جي. درياڻي "دلگير" جي والد گُرڊڻي مل جي نالي تي رکيل هو. هري دلگير جي (پوري) نالي ۾ "جي" (G) سندس والد جي نالي جو پهريون حرف هو. اُنهن ئي ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ۾ "بزم ادب" قائم ٿي ۽ اُن ذريعي اردو ۽ سنڌي زبانن جي وچ ۾ ميل ميلاپ ۽ گڏيل ادبي محفلن ۽ مشاعرن جو بنياد پيو. هري درياڻي دلگير ۽ انهن محفلن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اچي شريڪ ٿيندو هو. هو منهنجو پاڙيسري هو، ان ڪري سائٽ سنڌ جي اهم شاعرن بابت ڳالهه ٻولهه پيئي ٿيندي هئي. هو شيخ اياز جو ذڪر خاص اهميت سان ڪندو رهندو هو. اُن وقت کان ونيِ منهنجيءَ دل ۾ شيخ اياز سان ملڻ ۽ سندس ڪلام ٻڌڻ جي خواهش ڪر موڙڻ شروع ڪيا.

۱۹۵۳ع ۾ برادرم آفاق صديقيءَ سکر ۾ پنهنجن ساٿين سان گڏجي سنڌ ادبي ڪانفرنس ۽ مشاعري جو بندوبست ڪيو ته اُن ۾ لاڙڪاڻي مان هري دلگير کان سواءِ مون به شرڪت ڪئي. اهڙيءَ ريت شيخ اياز سان ملاقات جو پهريون موقعو مليو، ۽ سائٽ ٽيل چند گهڙين جي گفتگوءَ ئي مون کي سندس مشتاق بنائي وڌو. سندس واتان روان ۽ صاف اردو ۾ ادا ٿيل جملن ۾ اعتماد جي جهلڪ به هئي ۽ علمي بصيرت جو پرتو به. جڏهن مون ڪيس سکر جي پرسان پنهنجي مقرريءَ جو ٻڌايو ته هُو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين ته "ڪڏهن ڪڏهن ملندا ڪريو."

۱۹۵۵ع کان ۱۹۶۲ع تائين سکر ۾ ٿيندڙ ڪل پاڪستان مشاعرن ۾ جڏهن به شرڪت ڪرڻ لاءِ وڃڻ ٿيندو هو ته گهٽو ڪري حسن حميدي، نڪهت بريلوي ۽ آفاق صديقيءَ سان گڏ شيخ اياز سان ملاقات ٿيندي هئي. هو گهڻ مطالعاتي شخص هو ۽ سندس حافظو به ڪمال جو هو. ڪيس ڪيترن ئي مشرقي ۽ مغربي ادب جي مشاهيرن ۽ مفڪرن جون تخليقون (Works) ۽ قول (Quotations) زباني ياد هوندا هئا ۽ هو اُهي قول گفتگو دوران بنا ڪنهن جهجهڪ جي ڪم آٽيندو هو ۽ ٻڌندڙ حيران ٿي ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن اسان به چاهيندا هئاسين ته هو وڌ ۾ وڌ ڳالهائي. گفتگو ڪرڻ وقت سندس اکين ۾ عجيب مقناطيسي ڪشش پيدا ٿي ويندي هئي. اُن وقت سندس شعر و ادب تي دسترس ۽ ڪمٽمينٽ جو جذبو ڏسڻ وٽان هوندو هو. ڪجهه سال پوءِ سٽ جي ڏاهاڪي.۾ رائيٽرس گِلڊ جي قيام کان ترت ئي پوءِ جڏهن هو مرڪزي ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو ته آءٌ ان زماني ۾ اولهه پاڪستان ريجنل ڪاميٽيءَ جو ميمبر هوندو هوس. ان دوران به سائٽ ڪجهه ملاقاتون رهيون. گِلڊ ۾ رهندي اياز اديبن جي مسئلن جي سلسلي ۾ پرپور قانوني رهنمائي ڪئي.

۱۹۶۶ع ۾ منهنجي پوسٽنگ حيدرآباد سنڌ ۾ هئي. ان زماني ۾ شيخ اياز تي آزمائش جي هڪ وڏي گهڙي اچي ڪڙڪي! ٽيو ائين ٿ حميد سنڌيءَ جي ايڊيٽرشپ ۾ شايع ٿيندڙ ماهوار "روح رهاڻ" جي سيپٽمبر ۱۹۶۶ع واري شماري ۾ سندس ٻه نظم، آزاد نظم جي عنوان سان شايع ٿيا، جن مان پيو نظم هو:

هي سنگرام!
سامهون آ
نارائڻ شيام!
هُن جا منهنجا
قول ٻه ساڳيا
ٻول ٻه ساڳيا
هو ڪوٽا جو ڪاڪ ڏٺي، پر
منهنجا رنگ رتول ٻه ساڳيا
ڌَٽ ٻه ساڳيا
ڍول ٻه ساڳيو
هاڻُ ٻه ساڳيو
هول ٻه ساڳيا
هن تي ڪيئن بندوق کڻان مان!
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان؟
ڪيئن هڻان مان!!
ڪيئن هڻان مان!!
ڪيئن هڻان مان!!

جيئن ته هيءُ نظم سيپٽمبر ۱۹۶۵ع جي جنگ جي پسمنظر ۾ لکيو ويو هو، انڪري نظم ۾ موجود امن ۽ محبت جي جذبي کي نظرانداز ڪري، نظم جي مٿاڇري معنيٰ کي بنياد بڻائي، نام نهاد عالمن ۽ تشدد جي حامي مُلن، هڪ هنگامو کڙو ڪيو ۽ شيخ اياز تي وطن دشمن، غدار ۽ پارت نواز هجڻ جو ليبل هڻي اهم هنڌن تي اشتعال انگيز پوسٽر لڳايا ويا ۽ ڪن اخبارن ۾ بيان ڇپايا ويا ته شيخ اياز کي سخت سزا ڏني وڃي. ان صورتحال جو مون ۽ ڪجهه دوستن سخت نوٽيس ورتو ۽ اسان سڀني گڏجي شيخ اياز جي بچاءُ ۾ هم خيال اردو ۽ سنڌي اديبن ۽ شاعرن جي صحيحن حاصل ڪرڻ جي مهم شروع ڪئي. اسان کي پنهنجي عزم ۽ اندازي کان وڌيڪ ڪاميابي ٿي، پر ڏڪ، ان ڳالهه جو ٿيو، جو ڪجهه شاعرن جيڪي پاڻ کي شيخ اياز جا ويجها دوست سڏائيندا هئا ۽ جن اڳتي هلي شيخ اياز جي وائيس چانسيلر ٿيڻ وقت رعايتون ٻه ورتيون ، تن نه ته هن بيان تي صحيح ڪئي ۽ نه وري پاڻمرادو کو ڏار بيان شايع ڪرايو. بهرحال اياز جي حمايت وارو بيان اسان چئن صفحن جي پمفليٽ جي شڪل ۾ "زاويه پبليڪيشن" پاران سعيد آرٽ پريس حيدرآباد مان ڇپائي هزارن جي تعداد ۾ مختلف شهرن ۽ سنڌ جي ڳوٺاڻن علاقن ۾ ورهايو. هن بيان تي هينئين اردو ۽ سنڌي اديبن ۽ شاعرن جون صحيحون هيون:

اردو اديب:

۱- محسن پوپالي، ميمبر مرڪزي ڪاميٽي رائيٽرس گلڊ.
۲- حسن ظهير، ايڊيٽر "زاويئے" حيدرآباد.
۳- نظر ڪامراني، نگران "فنڪدہ" حيدرآباد.
۴- ضمير چشتي، ناظم سنڌ انسٽيٽيوٽ.
۵- عبداللطيف ابد، ناظم مجلس يادگار قابل.
۶- نوابزادہ اقبال احمد، صدر ثقافت مهراڻ.
۷- بشير خانزادہ، نائب صدر ثقافت مهراڻ.
۸- معراج عظيم، صدر مجلس ادب.
۹- سلطان احمد خان، ڪنوينر تحريڪ هلال احمر.

سنڌي اديب:

۱- محمد عثمان ڈيپلائي.
۲- رسول بخش پليجو
۳- نياز همايوني، مرڪزي اردو بورڊ حيدرآباد.
۴- حميد سنڌي، ايڊيٽر "روح رهاڻ".
۵- خالد سيتائي، صدر انجمن صحافيا حيدرآباد.
۶- ظهور انصاري، نائب صدر " " "
۷- پروانو پٽي، جوائنٽ سيڪريٽري، سنڌي ادبي سنگت سنڌ.
۸- عبدالرحمن پليجو، ايڊيٽر ماهوار "بادل".
۹- ناصر مورائي، سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد.

پڙهندڙن جي مطالعي لاءِ اردو بيان جو مڪمل متن هيٺ ڏجي ٿو:

"مقامي ڪاليج جي پٽ تي هڪ عجيب و غريب اردو پوسٽر ڏسي اسان حيدرآباد جا اديب ۽ شاعر حيران ٿي وياسين ته سنڌي هوليءَ جو عظيم سنڌي شاعر وطن دشمن به ٿي سگهي ٿو! هن پوسٽر تي سکر جي ويهن کان مٿي غيرمعروف شخصيتن (جن جو نہ اردو ادب ۾ ڪو نالو آهي ۽ نہ ئي سنڌي ادب ۾ ڪو مقام) جون صحيحون ڏسي مٿو ئي چڪرائجي ويو ته ڪٿي هي به اعليٰ ۽ صحتمند ادب جي واڌ ۽ اشاعت خلاف سازش ته نہ آهي؟ اسان شيخ اياز جي اصل نظم ۽ اردو ترجمي کي وري وري پڙهيو، پر اسان کي ڪٿي به وطن دشمنيءَ جو ڪو پهلو نظر نہ آيو.

هن پوسٽر ۾ منڊ کان وٺي آخر تائين نظم جو غلط مطلب ڪڍيو ويو آهي، ۽ چڪي تاٽي اها ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته ڪنهن نہ ڪنهن ريت شيخ اياز جي هن نظم کي وطن دشمنيءَ جو مثال ثابت ڪري شاعر کي عام ماڻهن، اديبن ۽ شاعرن ۾ بدنام ڪري سگهجي، پر هن پوسٽر جي "ايجاد" ڪندڙن کي اها جاڻ ئي نہ هئي ته اهلِ نظر ماڻهن وٽ هن پوسٽر جي حيثيت سراب (رُڄ) کان وڌيڪ نہ آهي ۽ اهڙن سرابن کان سنڌ جا ريگستاني ماڻهو نہ اڳي دوکو کائي سگهيا آهن ۽ نہ اڳتي دوکو کائيندا.

پڑهندڑن جي سُڌ ۽ پوسٽر تي صحيح ڪندڙن جي سهوليت لاءِ اسان نظم جو ترجمو ڏيون ٿا تہ جيئن اُهي هن شاهڪار نظم کي صحيح تنقيد جي معيار تي پرکي سگهن ۽ حتمي فيصلو ڪري سگهن. شيخ ايار پنهنجي نظم ۾، جيڪو اشاريت جو اعليٰ مثال آهي، اهو چوڻ جي جرئت ڪئي آهي تہ "نارائڻ شيام"، جيڪو سنڌي زبان جو برڪ شاعر آهي، جنگ جي ميدان ۾ منهنجي سامهون بيٺو آهي، اسان ٻنهي جا قول بہ ساڳيا آهن (يعني اسان ٻيئي اعليٰ انساني قدرن جي حفاظت ۽ ان جي واڌ ويجهہ ۾ اڳيرا آهيون.) اسان جي اظهار جو ذريعو بہ ساڳيو آهي، هو شاعريءَ جي ميدان جي سونهن آهي. پر اسان ٻنهي جي شاعريءَ جا رنگ بہ ساڳيا آهن. اسان ٻنهي (شيام ۽ ايار) جي رومانوي تصورن ۽ تخليقن جا مرڪز بہ ساڳيا آهن (ٻيئي امن عالم جا خواهشمند آهيون) تخليق بہ ساڳي (سچائيءَ ۽ انساني قدرن جو پرچار)، اميدون بہ ساڳيون (بهتر سماج جي تشڪيل ۽ عالمي امن جي بقا جي خواهش)، خوف بہ (ساڳيو عالم انسانيت جي تباهيءَ جو) پر اڄ هُو جنگ جي ميدان ۾ منهنجي سامهون آهي. آءٌ مٿس بندوق ڪيئن ڪٽان؟ آءٌ ڪيس گولي ڪيئن هڻان؟ آءٌ ڪيس گولي ڪيئن هڻان؟ آڻون ڪيس گولي ڪيئن هڻان؟

جيئن اڳ ۾ بيان ٿي چڪو تہ هيءُ نظم اشاريت سان پرپور ۽ صحتمند ادب جو اعليٰ مثال آهي، دنيا جو هر سچو فنڪار ۽ اديب بنيادي طرح امن پسند هوندو آهي. هو معاشري کي وڌندي ويجهندي ۽ بهتر کان بهتر ڏسڻ چاهيندو آهي. شيخ ايار بہ جيئن تہ هر سچي شاعر وانگر امن پسند آهي ۽ جڏهن هو پنهنجن اعليٰ تصورن ۽ انساني قدرن جي تحفظ واري دور کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي ڏسي ٿو تہ هڪدم پڙڪي اُٿي ٿو ۽ نظم جي آخر ۾ جيڪا اُن جي ڪلائميڪس آهي، تي پيرا سوال ڪري ٿو تہ ڇا مان هن کي گولي هڻان؟ ڇا مان هن کي گولي هڻان؟ ڇا مان هن کي گولي هڻان؟ هي سوال هن جا پنهنجي آدرش کان آهن، سماج کان آهن ۽ عالمي امن کان آهن. هن گولي هڻئي يا نہ، ان جو جواب هن پڑهندڙن تي ڇڏي ڏنو آهي. اهڙيءَ طرح هيءُ نظم دنيا جي شاهڪار نظمن ۾ شامل ٿئي ٿو.

پڇاڙيءَ ۾ اسان جي مؤدبانہ گذارش آهي تہ ادب کي ادب جي معيارن تي ئي پرکيو وڃي تہ بهتر. ادب تنگ نظريءَ ۽ تعصب کي برداشت نٿو ڪري سگهي. مذهبي اوچڻ اوڀي ادب تي وار ڪرڻ جي ڪوشش نہ رڳو ڪل جوڳي آهي، پر نفرت جوڳو قومي ڏوهہ پڻ آهي."

پمفليٽ شايع ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي برڪ نقاد ۽ اديب محمد ابراهيم جويي صاحب، ذاتي ملاقات ۾ ان قدم کي ڏاڍو ساراهيو ۽ ان پمفليٽ کي وڏيڪ ڇپائي، هن مختلف حلقن ۾ پهچايو. هن بيان جو ڏاڍو سنو اثر ٿيو ۽ انتظاميہ ان معاملي کي ڪنهن بہ قسم جي قدم کڻڻ جي لائق نہ سمجهيو. هتي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ شيخ ايار هن واقعي جو ذڪر پنهنجي ڪتاب "ساهيوال جيل جي ڊائريءَ" ۾ بہ ڪيو آهي.

شيخ ايار کي شاهہ لطيف سان جنون جي حد تائين عشق هو. شاهہ جي رسالي جو اردو ترجمو اُن جو پهريون ثبوت آهي ۽ آخري ثبوت پنهنجي آرامگاهہ لاءِ شاهہ پٽائيءَ جي آستاني کي پسند ڪرڻ آهي. شيخ صاحب پنهنجن

کيترن ڪتابن جا ٻالا ۽ شاھ صاحب جي شعرن مان ورتا آھن ۽ اھڙيءَ ريت ھن پنھنجيءَ عقيدت ۽ نيازمنديءَ جو مڪمل ثبوت ڏنو آھي. شيخ ايار جڏھن ۱۹۷۶ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿيو تہ ھن ھڪ انقلابي قدم کنيو، آڻ ان قدم کي انقلابي انکري سڏي رھيو آھيان، جو پنج سال اڳ سنڌ جي سرڪاري زبان جي سلسلي ۾ جيڪو اردو-سنڌي جھگڙو پيدا ڪيو ويو ھو، اُن جا اثر ڪراچيءَ ۾ گھٽ ۽ اندرين سنڌ ۾ وڌيڪ ڏسڻ ۾ پئي آيا. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اردو ڳالھائڻ ۽ پڙھڻ وارا سخت آزمائشي گھڙيءَ مان گذري رھيا ھُنا، پر شيخ ايار چارج سنڀاليندي ئي سڀ کان اڳ اُن ڇڪتاڻ ۽ ڪشيدگيءَ کي ختم ڪرڻ ۽ اردو سنڌي ڳالھائيندڙ شاگردن توڙي ٻنھي زبانن جي ادبين ۽ شاعرن ۾ ويجھڙائي پيدا ڪرڻ لاءِ جرئت پريا قدم کنيا، جن ۾ ٻن پوسٽن تي اردو ڳالھائيندڙ ليڪچرار ۽ اسسٽنٽ پروفيسر جي مقرري سرفھرست آھي.

شيخ ايار پنھنجيءَ مقرريءَ کان ڪجھ مھينا پوءِ ڪراچيءَ مان ڊاڪٽر عاليہ امام، جي.ايم.مھڪري ۽ مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اچڻ ۽ ٻئي ڏينھن اندرين سنڌ جي ادبين ۽ دانشورن سان گڏ ٽڪ شاھ جي زيارت جي دعوت ڏني. ڪراچيءَ ۾ سندس گاڏي ڊاڪٽر عاليہ امام وٽ مقرر وقت تي پھتي. آڻ اتي وعدي مطابق پھچي چڪو ھوس، مھڪري صاحب ٻہ موجود ھو. اسان ٽنھي جو قافلو ٻن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ وائيس چانسلر ھائوس جامشوري پھچي چڪو ھو. چانھہ جي دعوت تي ايار اسان سڀني جو شاگرد يونين جي عھديدارن سان تعارف ڪرايو. ھن ضمير لاڙڪ سان خاص تعارف ڪرايو (ياد ٿئو اڇي تہ ضمير لاڙڪ نائب صدر ھو يا جنرل سيڪريٽري) ۽ چيو تہ ھيءُ جوشيلو شاگرد آھي، ۽ اخوت ۽ ٻائيچاري جي فضا قائم ڪرڻ لاءِ پنھنجن ساٿين سان گڏ ھتي آيو آھي. جڏھن مون ڪجھ جملا سنڌيءَ ۾ چيا تہ ضمير لاڙڪ ۽ سندس ساٿي ڏاڍا خوش ٿيا. شيخ صاحب کين مون بابت ڄاڻ ڏني تہ "بابا! ھيءُ لاڙڪاڻي جو ڊوميسائيلڊ آھي ۽ مون کان سواءِ شمشيرالحيدريءَ ۽ تنوير عباسيءَ جي کيترن ئي نظمن جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪري چڪو آھي." ان تي سڀ ڏاڍا سرھا ٿيا. عاليہ امام اردو ادب ۾ ڊاڪٽريٽ ڪئي آھي، پر مون ھن پيري کيس مذاق ۾ چيو تہ ڊاڪٽر صاحبہ توھان مقرريءَ (تقرير بازيءَ) ۾ ٻہ ڊاڪٽريٽ ڪئي آھي، ڇو تہ توھان جي تقرير فصاحت ۽ بلاغت جو عمدو نمونو ھوندي آھي ۽ جڏھن توھان تقرير ڪندیون آھيو تہ ائين لڳندو آھي جڻ نثر ۾ شاعري ڪري رھيون آھيو. ان موقعي تي ڊاڪٽر صاحبہ پنھنجي منڍي آواز ۽ اثرائتي لھجي ۾ ڪجھ منٽن لاءِ جيڪا تقرير ڪئي، ان کي ٻڌي سڀني کيس داد ٻہ ڏنو ۽ سندس موقف جي تائيد ٻہ ڪئي. رات جي کاڌي تي ڳالھين ڳالھين ۾ شيخ ايار پنھنجي نظم "مان ڏوھي ھان" جي ترجمي جو ذکر ڇيڙيو، جيڪو ڪجھ مھينا اڳ سبط حسن صاحب جي رسالي "پاڪستاني ادب" ۾ شايع ٿيو ھو. ايار منھنجيءَ ڪاوش جي تعريف ڪئي ۽ ھڪ ٻن مصرعن ۾ ڪجھ سنڌي لفظن جي مناسب ترجمي نہ ڪرڻ جي نشاندھي ڪئي.

ٻئي ڏينھن پروگرام موجب اسان جو قافلو ٽڪ شاھ روانو ٿيو. سڀني ادبين ۽ شاعرن شيخ ايار جي اڳواڻيءَ ۾ مزار تي حاضري پري. ھڪ صاحب اسان کي رنگين سوٽي ڳانا پارايا، جيڪي زيارت لاءِ ايندڙ عقيدت مند پائيندا آھن. درگاھ جي ھڪ ڪنڊ ۾ شاھ جا راڳائي فقير ڏاڍيءَ عقيدت ۽ نيازمنديءَ سان شاھ جو راگ ھڪ خاص رنگ ۾ ڳائي رھيا ھُنا. فضا ۾ موسيقيءَ جو جادو ڇانيل ھو. ڪافي دير تائين اسان سڀني تي محويت جو عالم طاري رھيو. ڪجھ يادگار گروپ فوٽو کڌايا ويا ۽ ٻنھنجن کان پوءِ اسان جو قافلو واپس ورياو.



محسن پوپالي، نعيم دريشاڻي، مولانا گرامي، مظهر يوسف، ڊاڪٽر مهڪري، شيخ اياز، ضمير لاڙڪ، الله بخش نظاماڻي، ڪنيو گيانچنداڻي، عاليه امام، زاهده مخدوم ۽ نگهت اياز.....

شيخ اياز سان منهنجي آخري ملاقات گذريل سال جي آخر ۾ ٿي، جڏهن آغا نور محمد پناڻ "اڪيڈمي ادبيات" پاران "جديد سنڌي ادب" جي موضوع تي اياز صاحب جي صدارت ۾ مذاڪري جو بندوبست ڪيو هو. جيئن ٿي شيخ صاحب هال ۾ داخل ٿيو تہ مون ڏٺو تہ هو لاڪيتي بيماريءَ جي ڪري ڪافي ڪمزور ٿي ويو هو. هٿ ۾ لڪڻ جي باوجود سهاري جي ضرورت محسوس ڪري رهيو هو. ڪيس هن حالت ۾ ڏسي منهنجي جيءَ کي جهوپو آيو. مون سوچيو تہ لکين سپنن ۾ عزم جي ڏياٿي ٻاريندڙ، لاتعداد مايوس انسانن کي اميد جو ڏس ڏيندڙ ۽ هزارين ٽٽل دلين کي پنهنجي آواز ۽ تخليق سان سهارو ڏيندڙ "شيخ اياز" اڄ خود سهاري تي هلي رهيو آهي!

تقريب جي پڄاڻيءَ تي آفاق صديقيءَ، جمال نقوي ۽ آءٌ جڏهن واري واري سان ساڻس ملياسون تہ سندس چهري تي اهائي ساڳي مرڪ، اهائي ساڳي مقناطيسي چڪ ڏسڻ ۾ آئي، جنهن جا اسان سڀ "اسير" هئاسون. ڏک اهو آهي تہ سال اڳا ختم ٿي نہ ٿيو هو تہ شيخ اياز ڪائنات جي خالق جي بارگاهہ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پنهنجي مرشد حقيقيءَ جي قدمن ۾ وڃي پهتو.

آفاق صديقي

سنڌيڪار: ناصر علي پنهور

”روءِ راڻي جي ناهه ڪو، سوڀو سَوائي“

شيخ اياز جي وفات جو ڏاڪ مون پنهنجي دل جي گهرائين سان محسوس ڪيو آهي. هو نه رڳو منهنجو پياروِ دوست هو، پر منهنجو محسن به هو، جو هن ئي مون کي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي باري ۾ لڳ ڀڳ ٽيهه سال قيمتي ڳالهيون ٻڌايون. اها ۱۹۵۰ع جي ڳالهه آهي، جو مان پنهنجن ڪجهه دوستن سان گڏ ڪيفي ايران سکر ۾ ويهي ماهوار "ڪوهڪن" جاري ڪرڻ جو منصوبو ٺاهي رهيو هوس ته اوچتو هڪڙو صاحب، جنهن کي اسان سڃاڻندا به نه هئاسين، ڪجهه ڄاتل سڃاتل دوستن سان گڏ اندر آيو ۽ ويڄهو پيل هڪ ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. ان صاحب سان گڏ اڇڻ وارن ۾ هڪ اسان جو دوست، شاعر ۽ اديب، شيخ "راز" به هو، جنهن اسان کي سائس متعارف ڪرايو.

پريل بدن ۽ وچولي قد واري هن خوش پوش وڪيل کي ڪٿئي رنگ جو سوٽ پهريل هو. جڏهن اسان سان چڱيءَ طرح متعارف ٿيو ته ڪجهه ملاقاتن ۾ ئي اسان سان رلي ملي ويو ۽ بظاهر اسان ۾ ڪا اجنبيت باقي نه رهي.

اسان "ڪوهڪن" جي پهرئين ۽ ٻئي شماري ۾ هن جا ٻه ئي مختصر آزاد نظم شايع ڪيا. انهن ئي ڏينهن ۾ محر الاهي شمسي هفتيوار "ڪليم" جاري ڪئي، جنهن جا ادبي شمارا به اسان گڏجي ترتيب دنا. انهن شمارن ۾ اياز جا نه رڳو غزل ۽ نظم شايع ٿيا، پر ڪجهه افسانا به ڇپيا.

۱۹۵۳ع ۾ اسان سنڌي ادبي ڪانفرنس ڪوٽائڻ جو رٿيو ته شيخ "راز" جي مسوري سان اياز کي انتظامي ڪميٽيءَ جو صدر ڪيوسين. ان ڪانفرنس ۾ سنڌي ۽ اردو ٻولين جا ممتاز اديب ۽ عالم شريڪ ٿيا، مثلاً مولانا عبدالمجيد سالڪ، مولائي شيدائي، شوڪت ٿانوي، هري درياني دلڪير، بشير موريائي، صبا لکنوي، حمايت علي شاعر، محشر بدايوني، شاعر لکنوي، تنوير عباسي ۽ نياز همايوني وغيره. ان وقت جي وفاقي وزير قانون ۽ مشهور عالم اي.ڪي. بروهي ڪانفرنس جو افتتاح ڪيو. ڪانفرنس ۾ ٽيل مشاعري ۾ شيخ اياز سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ جيڪي شعر ٻڌايا، سي ڏاڍا پسند ڪيا ويا. ساڳيءَ طرح ماهوار "افڪار" جي هر شماري ۾ اياز جي نظمن جا ترجما ۽ طبع زاد نظم ڪيترن ئي سالن تائين شايع ٿيندا رهيا. اڳتي هلي ۱۹۵۵ع ڌاري سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي "مهراڻ" ۾ اياز جي سنڌي شاعريءَ کي ڏاڍي مقبوليت حاصل ٿي ۽ شيخ اياز جو نالو ادب جو هڪ معتبر ۽ محترم حوالو ٿي ويو. ۱۹۵۴ع ۾ شيخ اياز جي غزلن، نظمن ۽ گيتن تي مشتمل مجموعو، "بوئے گل نالۂ دل" جي نالي سان پرپور پيش لفظ سان مون سنڌ ادبي سرڪل جي نالي سان شايع ڪرايو، جنهن کي اردوءَ جي ادبي حلقن ۾ تمام گهٽي پذيرائي ملي. ماهوار "شعور" حيدرآباد، ماهوار "نئين قدرين" حيدرآباد، "ماه نو"، "ساقي"، "هم قلم" ۽ بين ڪيترن رسالن ۾ اياز جا افسانا ۽ منظومات ڇپجڻ لڳا، جنهن جي ڪري ئي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام "شاهه جي رسالي" جي منظوم ترجمي جو منصوبو سنڌ يونيورسٽيءَ جي پاران شيخ اياز کي سونپيو ويو، جيڪو اسان ٻنهي گڏجي ۱۹۵۵ع ۾ مڪمل ڪيو ۽ ان جي مڪمل ٿيندي ئي سکر ۾ شاهه لطيف اڪيڊمي قائم ٿي، جنهن جو صدر شيخ اياز چونڊيو ويو ۽ سيڪريٽري (اعزازي) جي ذميواري مون کي سونپي ويئي. اڪيڊميءَ جي اهتمام هيٺ شاهه لطيف ثقافتي ڪانفرنس شاندار انداز ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ شاهد احمد دهلوي، حفيظ

هوشيارپوري، جميل الدين عالي، شان الحق حقي، صبا اڪبرآبادي ۽ ٻيا ڪيترائي نالي وارا اديب شاعر ۽ دانشور شريڪ ٿيا.

اداره مطبوعات پاڪستان جي پاران شان الحق حقي صاحب "خيابان پاڪ" جي نالي سان جيڪو ضخيم ڪتاب ڇپرايو، تنهن ۾ شيخ ايياز جي منظومات جا ترجما خاص طور تي ان جي زينت ٿيا. اهو ڪتاب ايترو ته مقبول ٿيو جو جلدئي ان جو ٻيو ايڊيشن ڪجهه وڌيڪ قابل قدر اضافن سان گڏ منظر عام تي آيو. ان کان سواءِ مون ڪيترن ئي ادبي رسالن جي ايڊيٽرن جي فرمائش تي شيخ ايياز جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي مضمون ۽ مقالا لکيا، جن سان اردو حلقن ۾ ڪيس هڪ "صاحب طرز شاعر" جي حيثيت سان سڃاڻپ ۾ وڌي هٿي ملي.

۱۹۵۹ع ۾ جڏهن "پاڪستان رائيٽرس گلڊ" جو قيام عمل ۾ آيو ته شيخ ايياز کي مرڪزي ڪاروباري ڪميٽيءَ جو ميمبر ڪيو ويو ۽ مون کي سب ريجن سکر جي سيڪريٽري چونڊجڻ جو اعزاز مليو. ۱۹۶۱ع ۾ اسان کل پاڪستان اجتماع مصنفين ڪونايو. "ريگزار کے موتی"، "ماروی کے دیس میں" ۽ ڪيترائي ٻيا ڪتاب شايع ٿيا، جن ۾ ايياز جا افسانا، مضمون ۽ منظومات کي خاص طور تي شايع ڪيو ويو. سالانه ڪانفرنسن جو سلسلو سالن تائين هليو ۽ سکر کي پوري ملڪ ۾ هڪ اهڙي ادبي مرڪز جي حيثيت حاصل ٿي، جنهن جي سڃاڻپ شيخ ايياز، حسن حميدي، شيخ راز، نگهت بريلوي، مسلم شميم، مظهر جميل، رشيد پٽي ۽ ڪيترن ٻين اهل قلم جي لکڻين سان منسوب رهي.

۱۹۶۴ع ۾ "گلڊ ڪتاب گهر" ڪراچي پاران ايياز جي سنڌي شاعريءَ جو پهريون مجموعو "پونر پري آڪاس" شايع ڪيو ويو. ان جي هڪ بي ضرر ۽ امن پسند نظم کي مخالفن غلط رنگ ۾ اُپاريو ۽ نتيجو اهو نڪتو جو سرڪار اهو مجموعو ضبط ڪري ڇڏيو. ايياز کي سيفٽي ايڪٽ تحت جيل موڪليو ويو، جنهن جو لازمي ردعمل اهو ٿيو جو سنڌ جي باشعور ماڻهن ۽ خاص ڪري يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۾ ايياز جي بي پناهه مقبوليت جهنگ جي باهه جهڙي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي.

۱۹۷۰ع تائين شيخ ايياز جو جيڪو به ڪتاب شايع ٿيو، ته اُهو گهٽو ڪري سرڪاري حڪم تحت ضبط ڪيو ويندو هو. مون پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو ته جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ شيخ ايياز جي اعزاز ۾ سنڌ جي شهري ۽ گوناٿن علاقن ۾ هزارن ماڻهن جا وڏا وڏا جلسا ٿيندا هئا ۽ انهن جلسن ۾ شرڪت ڪندڙ وڏي جوش ۽ خروش سان ايياز جا گيت ٻڌندا ۽ گائيندا هئا، مثلاً: "سنڌڙي تي سر ڪير نه ڏيندو، سهندو ڪير ميار او يار." وقت جي حڪومت خلاف پوري سنڌ ۾ احتجاج جي لهر دوڙي رهي هئي ۽ ايياز کي سنڌ جي "هيري" جي حيثيت حاصل ٿي ويئي هئي. اڳتي هلي، پٽي صاحب حڪومت جون واڳون سنڀاليون، جنهن وڏي سياسي حڪمت عملي تحت "قوميت" کي ٽڪي ڪرڻ جو اهو حل ڪڍيو جو شيخ ايياز کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر مقرر ڪري ڇڏيو. ان دوران ايياز جي چونڊ شاعري انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪرائي ويئي ۽ شيخ صاحب بذات خود ڪجهه مغربي ملڪن جا دورا به ڪيا، جتي ادبي حلقن ۾ شيخ صاحب کي چڱي پذيرائي ملي. انهن ئي ڏينهن ۾ حمايت علي شاعر کي شيخ ايياز سنڌ يونيورسٽي جي اردو شعبي سان وابسته ڪيو ۽ حمايت هڪ ڪتاب "شيخ ايياز- شخص ۽ شاعر" جي نالي سان ترتيب ڏنو. جنهن جو پيش لفظ مون لکيو. ۱۹۷۷ع ۾ پاڪستان فائونديشن جي پاران رياض انور ايڊوڪيٽ منهنجو ڪتاب "جديد سنڌي ادب جا ترجما" شايع ڪرايو، ان ۾ ايياز جا چونڊ نظم ۽ افسانا شامل هئا.

انجمن ترقيءِ اردو ڪراچي لاءِ ڊاڪٽر الياس عشقي "موج موج مهراڻ" جي نالي سان سنڌي شاعرن جو منظوم ترجما ڪڍ ڪيا (اهي ترجما عشقي صاحب پاڻ ڪيا) ان ڪتاب ۾ به ايياز جا ڪيترائي نظم هئا. پنجابي ٻوليءَ ۾ احمد

سليم اياز جي شعري تخليقن کي منتقل ڪيو. هندستان ۾ اياز جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي سنڌي عالمن ڪتاب ۽ مقالا لکيا. مشهور شاعره فهميده رياض اياز جي جديد نظمن جي ترجمي تي مشتمل ضخيم ڪتاب "حلقه مري زنجير کا" شايع ڪرايو. اهڙيءَ طرح سنڌي ۽ اردوءَ ۾ رهاڻي تائين سندس لڳ ڀڳ پنجاهه ڪتاب منظرعام تائين اچي ويا آهن.

تازو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور لاءِ پروفيسر نجم بيبي منهنجي رهنمائيءَ هيٺ شيخ اياز جي شاعريءَ تي ايم. فل جو تحقيقي مقالو مڪمل ڪيو آهي. اڪيڈمي ادبيات پاڪستان جي رسالن ۽ مقتدره قومي زبان جي اهتمام هيٺ شايع ٿيل منهنجي تحقيقي ڪتاب ۾ اياز جي مڃني ترجمن جي "فهرست" (Index) ڏني ويئي آهي.

حڪومت پاڪستان پاران ۱۹۹۴ع ۾ شيخ اياز کي "هلال امتياز" جو اعزاز مليو. گذريل ڪيترن سالن کان وڃي سندس صحت تشويشناڪ حد تائين خراب ٿي ويئي هئي، پر اهڙيءَ حالت ۾ به لکڻ پڙهڻ جو شوق گهٽ نه ڪيائين، جيتوڻيڪ ڊاڪٽر وقت بوقت سخت تاڪيدون به ڪندا رهندا هئا.

شيخ اياز کي ان جي بي مثال ۽ شاندار ادبي ڪارنامن جي پيش نظر قومي ۽ عالمي شهرت ملي ۽ اها ڳالهه بناڪنهن شڪ شُبهي جي چئي سگهجي ٿي ته سنڌي ادب کي هُن پنهنجين نين ۽ تازين لکڻين وسيلي ايترو ته ڏنو جو واقعي اُهي پنهنجو مثال پاڻ آهن.

شيخ اياز کي انتظار هو ته آءٌ پنهنجي آتم ڪٿائيءَ "صبح کرنا شام کا" ۾ هڪ رٿيل باب، جيڪو سندس خدمتن لاءِ مخصوص هو، جلد کان جلد مڪمل ڪريان. اهو باب اڃان مڪمل نه ٿيو آهي، پر اها شخصيت هميشه لاءِ اسان جي اکين کان اوجهل ٿي ويئي، جنهن متعلق هاڻي هڪ 'باب' نه پر "پورو ڪتاب" لکڻ به ناڪافي آهي.

آهه اکين ۾ واري هن جي لُوءَ پئي لوساتي، هُو،
ڪبڙ چانوَ پيو هو ڳولي جنهن ۾ منجهند ڪاٽي، هُو،
ڪنڌيءَ ۾نَ چَري ٿو هن جو اُن اُپاري ڳاتي، هُو،
ڪير مٽي تي آڻي پيئي گهر مان لسيءَ ماتي، هُو.

- شيخ اياز

ڈاڪٽر سليمان شيخ

مان ورٽو هان

هن دفعي جيئن ڪٽي گيتن جي پري ويندس مان،
چنڊ جيئن دور ڪَهي آءٌ هليو وڃٽو هان؛
شمع وانگر تہ نہ آهيان جو ڳري ويندس مان؛
پوءِ بہ ورٽو تہ اوس هان، جي مري ويندس مان.

ويهين صديءَ جو عظيم شاعر، دانشور، مفڪر، اديب، شيخ ايياز پٽ شاهہ تي ڪراڙ ڪنڈيءَ مٽيءَ ماءُ جي جهوليءَ ۾ سمهي پيو آهي.

"سي مري ڏيا نہ مات جيئڻا اڳي جي جيئا."

ڪنهن ڏي جاتو تہ پٽ جي ويران ڏڙي تي، يڪتاري تي وايون ڳائيندڙ هڪ فاقہ مست فقير اڌائي سؤ سالن کان پوءِ بہ ڪروڙن ماڻهن کي جاڳائيندو رهندو، جنهن جون وايون ۽ بيت اسان جي روح جو حصو بنجي ويندا. ان عظيم هستيءَ جي فيض مان فيضياب ٿي سنڌ جي مٽيءَ هڪ ٻئي عظيم انسان کي جنم ڏنو.

منهنجي خيال ۾ هر پومي تي هر دور ۾ سڃاڻ ۽ ڏاها، وگياني ۽ هنرمند ضرورتن آهر پيدا ٿيندا رهندا آهن. هر دور جي تقاضائن پٽاندر املهہ ماڻهو وجود پذير ٿيندا آهن. سنڌ جي ڪُک سدا سرجڻهار رهي آهي.

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ ورهاڱي واري اٽل پٽل هاڃيڪار اثرن جي نشاندهي ڪري ٿي. سنڌ شاهہ، سچل ۽ سامي جي خوشبوءِ سان واسيل هئي. سنڌي ٻولي اٺويهين صديءَ کان جديد چپائيءَ جي تجربن مان گذري ويهين صديءَ جي شروعات ۾ هڪ ترقي پذير ٻوليءَ جو روپ ورتو هو. سنڌي سماج بمبئيءَ کان الڳ خودمختيار صوبي جي هلچل ۾ جنبي ويو. اتان ڪاميابيءَ سان نروار ٿيڻ شرط ئي سنڌي ٻولي مذهبي چڪتاڻ جي دلدل ۾ ڦاٿي.

ان دور جي تقاضا هئي تہ اديب ۽ دانشور اڳتي وڌي انسانن جي نفرتن کي مائو ڪن ۽ پائيچاري جي راهہ هموار ڪن. "سنڌي ادبي سنگت" ان دؤر جي تقاضائن جي پيداوار آهي. ورهاڱي سان سنڌي ٻوليءَ جا وڏا عالم، اديب، شاعر ملڪ ڇڏي ويا. پنٽي رهجي ويندڙن سنڌي ٻولي ۽ سڃاڻپ کي قائم رکڻ لاءِ تاريخ ساز ڪردار ادا ڪيو. ان سات ۾ شيخ ايياز جو نالو اڳتي آيو.

شروعاتي دور ۾ سنڌي اسڪولن کي ڪراچيءَ ۾ بند ڪرڻ جو مسئلو اپريو ۽ نئين ملڪ جي آئين ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت مڃڻ جو مرحلو آيو. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي سماج ۾ اڪيلي آواز طور اپري. سنڌي سياستدان هن معاملي جي اهميت جي ڪٽ نہ ڪري سگهيا ۽ لاتعلق رهيا!

منهنجي يادگيريءَ ۾ سٺ وارو ڏهاڪو ڇٽو ٻيٽو آهي. ايوب شاهيءَ جي دور ۾ "شريف تعليمي ڪميشن" اها سفارش ڪئي تہ مغربي پاڪستان ۾ اڙدو تعليمي ٻولي هجڻ ڪپي. مادري زبانن کي ان حق کان محروم ڪيو ويو. سنڌ ۾ ان وقت بہ سنڌي اسڪول قائم هٿا. هن فيصلي سان هزارن شاگردن جي تعليم تي اثر پوڻ جو انديشو هو ۽ ان ريت هزارن سنڌي جوانن کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ جو انتظام ڪيو پئي ويو.ان دور ۾ سنڌي ادبي سنگت اڪيلي آواز طور اپري. شهرن جي ڪاليجن ۾ سنڌي شاگردن جو تمام گهٽ تعداد هو. ان کان سواءِ اهي هيسيل هوندا هٿا، جو

استادن ۾ سنڌي ٻه ايڪڙ ٻيڪڙ هئا. اهڙي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سنگت جي تحريڪ هڪ مثالي ۽ تاريخي حيثيت رکي ٿي.

ان دور ۾ حيدرآباد جي بسنت هال ۾ هر سال حميد سنڌيءَ جي ڪوشش سان "جشن روح رهاڻ" جو اهتمام ٿيندو هو. اهو سنڌي نوجوانن لاءِ هڪ مستقل ايمان افروز ميلو بنجي ويو. جيتوٿيڪ اهو ادبي ميلو هو، پر ان ميلي سنڌي نوجوانن ۾ قومي شعور ۽ همٿ پيدا ڪئي ۽ هنن کي سندن بنيادي حقن جي ڄاڻ ڏني. ان ئي دور ۾ شيخ ايياز جا گيت شهرن جي ايوانن مان نڪري ڳوٺن جي اوطاقن تائين پهتا ۽ هُو "سنڌ جو آواز" سڏجڻ لڳو.

هيرا ته ڏسو ڪنڪر نه هٿو، ايندو نه وري هي وڻجارو؛
ڪجهه ڏات ڏسو پو بات ڪريو، هي شور اجايو آ پيارا.

ان دور ۾ ايياز ڪلاڪن جا ڪلاڪ شعر ٻڌائيندو هو ۽ هزارين نوجوان رقت جي عالم ۾ جھومندا هئا. ڪابه سياسي پارٽي ان وقت سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڳالهائي نه سگهي هئي، پر "سنڌي ادبي سنگت" ايياز جي امامت ۾ اقتدار جي ايوانن کي لرزائي ڇڏيو. نتيجي ۾ تمام نامساعد حالتن هوندي ٻه اڄ سنڌي ٻولي قائم دائم آهي ۽ تابد قائم رهندي.

مائوزي تنگ چيو هو ته: "معلم جو ڪردار اهو آهي ته هو ماڻهن آڏو سندن منجهائيندڙ مسئلن کي للڪار طور آڏو آڻي." ايياز پنهنجي شاعريءَ وسيلي للڪار بنجي اُپريو ۽ سدائين سنڌ جي ضمير جو پڙلاءُ ٻڌجي قائم رهندو. شاهه سنڌ جو ساهه آهي ته ايياز اعلان بنجي گونجيو آهي.

ايياز سنڌي شاعريءَ مان منزلون ماڻي، عالمي شاعريءَ جي تخت تي پهتو آهي. هن جي شاعري ۾ عالم جي ڏکن ۽ ناانصافين ۽ ظلمن جو ذکر آهي. فلسطين هجي يا انگولا، جتي به ناانصافي ٿي آهي، ايياز جو آواز اُپريو آهي.

هن سنڌ جي قديم شاعرانه صنفن کان وٺي دنيا جي جديد ترين شاعريءَ جي صنفن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جذب ڪيو. هن جي شاعري اردو، پنجابي ۽ انگريزيءَ ۾ ته ترجمو ٿي آهي، پر يقيناً جيئن وقت گذرندو، انسان ساڃاهه وند ٿيندو، ته ايياز وري وري جيئندو.

قول چوڏار پيو آڻ پسان ڏرتيءَ تي،
سپ ٻڌي گيت چون ڏات جيان ڪجهه آهي.
جيئن ٽڙن تارا ائين آڻ هان ڏرتيءَ تي،
موت ڪجهه وقت اگر ڏين ته وسان ڏرتيءَ تي.

طبعي موت ايياز اسان کان کسي ورتو، پر سپاڻ جو تاريخ نويس اسان کي به خوش نصيب چوندو جو اسان ايياز جي دؤر ۾ هئاسون. اسان ايياز کي پنهنجي ڪنن سان ٻڌو، اکين سان ڏٺو ۽ روح جي گهرائين مان هن کي محسوس ڪيو.

●●●●●

يعقوب علي زرداري

شيخ اياز—سنڌ ۾ ”سوشو نيشنلزم“ جو پايو وجهندڙ

سنڌ، جيڪو هزارن سالن کان وٺي هڪ الڳ ۽ منفرد ملڪ پئي رهيو آهي، سو ڪيترن ئي سياسي طوفانن، فوجي حملن ۽ لساني ڀڃ ڊاهه جو مرڪز به پئي رهندو آيو آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ کان پوءِ معلوم ٿيو ته اٽڪل پنج هزار سال اڳ هت هڪ انتهائي ترقي‌يافته قوم رهندي هئي، جيڪا وڻج واپار سان گڏ سائنسي ڄاڻ ۾ مهارت پڻ رکندي هئي. پر ان جو خاتمو ڪيئن ٿيو ۽ اها هاڻي ڪهڙي حال ۾ آهي، موضوع کان هٽيل هئڻ سبب ان کان پاسو ڪندي رڳو ايترو چئي سگهجي ٿو ته اها زماني جي دستبرد جي نذر ٿي ويئي. ان کان پوءِ ڀنڀور جي سڀيتا پڻ ظالم قوتن هٿان تباهه ٿي ويئي. ڏهين صديءَ هجريءَ ۾ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي حملن سنڌ جو رت ست پي ڇڏيو، پر پوءِ به سنڌ جي ماڻهن جي ڊگهي جدوجهد سان هڪ ڀيرو وري مقامي حڪمراني قائم ڪرڻ ۾ ڪاميابي ٿي، جيڪا پوءِ ساندهه ڏيڍ صديءَ تائين جاري رهي. پر جيئن ٿيندو آيو آهي، اندروني خلفشار ۽ ذاتي مفادن جي حاصلات جي خواهش جي ڪري سنڌ جي هڪ بااثر ڌڙي وڃي انگريز جي چائنٺ تي فرياد ڪيو ته لٽجي وياسين، ڦرجي وياسين، اسان جي زمين تي اسان جي عزيزن قبضا ڪري ڇڏيا وغيره. انگريز، جيڪو اڳيئي اهڙي تاڪ ۾ ويٺو هو، تنهن دير ئي ڪانه ڪئي ۽ اچي سنڌ تي قابض ٿيو.

برصغير جي آزاديءَ لاءِ ڪيل جدوجهد جيڪا سڄي هندوستان ۾ شروع ٿي، سنڌ ان جي هر اول دستي جو ڪم ڏنو ۽ بالآخر پاڪستان ۾ سنڌ نئين ڏوجهري ۾ جڪڙجي ويئي. آزادي کان پوءِ اڌ صدي دوران سنڌ هيٺين قوتن جي قبضي ۾ قابو ٿي.

١- سنڌ جو جاگيردار، جنهن ڪڏهن به عام ماڻهوءَ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪونه ڪيو هو، بلڪ هڪ مربوط ۽ منظم طريقي سان عام ماڻهوءَ کي تعليم جي زيور کان پري رکيو ۽ ان کي پنهنجي ڪارائي يا ڪمدار کان وڌيڪ حيثيت ڪانه ڏني. هن ڪم ۾ جاگيردار سان گڏ، سنڌ جو سيد ۽ پير به برابر جو شريڪ رهيو.

٢- ان ئي جاگيردار طبقي سنڌ ۾ ڌارين جي وڏي تعداد ۾ آبادڪاري ۾ ڪردار ادا ڪندي سنڌين کي تقريباً لساني اقليت ۾ تبديل ڪرڻ ۾ ڪونه گهٽايو. نون آباد ٿيندڙن آمدنيءَ جي سڀني ذريعن تي هڪ هڪ ڪري قبضو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اصل باشندا ماني ڳڀي لاءِ تڙپندا ۽ ترسندا رهيا.

٣- انهيءَ جاگيردار، پير ۽ سيد ڳٺ جوڙ سان سنڌ جي انفراديت کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجن آقائن جي اشاري تي ون يونٽ نافذ ڪرايو ۽ سنڌ ۾ آبادڪاريءَ لاءِ ٻوڏ جا دروازا کولي ڇڏيا.

٤- سنڌ ۾ پنهنجا پير مضبوط ڪري بيهڻ لاءِ ان طبقي عام ماڻهن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ جو ڪم ايترو ڏکيو بنائي ڇڏيو جو انهن لاءِ درسگاهن جا دروازا به بند ٿيڻ لڳا. انهن اپائن مان صوبي مان سنڌي ٻوليءَ کي لوڌي ڪڍڻ به هڪ هو.

٥- سنڌ جون زرعي زمينون ڪامورن پاڻ ۾ ورهائي کنيون، جيڪي سڀ جا سڀ غير سنڌي هئا.

مٿئين پس منظر ۾ ١٩٥٤ع کان وٺي ١٩٧٠ع تائين سنڌ هڪ اهڙي پيڙا مان گذري رهي هئي، جنهن ۾ تحرير ۽ تقرير تي پابنديون پيل هيون. ٻيو ته ڇڏيو پر لفظ ”سنڌ“ چوڻ سان ئي ماڻهو جيل ۾ بند ڪيو ويندو هو ۽ هوسالن جا سال اونداهين ڪوٺين ۾ زندگي جا ڏينهن ڪاٽڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو. اهڙي ئي ماحول ۾ محترم جي. ايم. سيد ون يونٽ خلاف ڪم ڪرڻ لڳو، پر کيس ١٩٦٧ع تائين ڪا خاص ڪاميابي حاصل نه ٿي سگهي ۽ نه ئي وري هو عام

ماڻهوءَ جي سياسي ۽ سماجي تربيت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جيڪا هڪ پرپور تحريڪ جي صورت وٺي سگهي ها. پر پوءِ چند انقلابي پيدا ٿيا، جيڪي "سوشو نيشنلزم" ۾ يقين رکندا هئا، حالانڪ سيد صاحب پاڻ ڪڏهن به سوشلسٽ نظرين جوحامي ڪونہ رهيو هو. انهن "سوشو نيشنلسٽن" ۾ ٻين سان گڏ محترم شيخ اياز به هڪ هو. هونئن رسول بخش پليجو، عبدالحفيظ قريشي، غلام رباني، جمال رند، ڊاڪٽر تنوير عباسي، حميد سنڌي، فتاح ملڪ، رشيد پٽي جهڙا نامياراڪ دانشور "سوشو نيشنلزم" جا پرچاري ٿيا. انهن سان گڏ تعليمي ميدان ۾ پروفيسر حسن علي عبدالرحمان، سيد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ ڊاڪٽر عبدالقدير افغان پڻ سندن هانهن پيلي ٿي ڪم ڪرڻ لڳا، جنهن جي نتيجي ۾ ۴ مارچ ۱۹۶۷ع جو تاريخ ساز واقعو پيش آيو، جيڪو سنڌ جي تقدير بدلائڻ لاءِ هڪ شروعاتي قدم ثابت ٿيو. ان واقعي کان پوءِ مٿي ذڪر ڪيل دانشور ۽ تعليمي ماهر ۽ سندن بي شمار ساٿي ۽ ڪارڪن سنڌ جي قسمت بدلائڻ لاءِ سر جوسانگو لاهي عملي ميدان ۾ ڪڏي پيا.

انهن ڏينهن ۾ آءٌ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ بارهين جماعت جو شاگرد هوس ۽ ان ئي سال سيپٽمبر مهيني ۾ انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخل ٿيس، جتي سنڌ سان ٽينڊڙ ڪلورن خلاف اڳوات ئي باهه پڙڪي پيئي هئي ۽ ان جا اُلا آسمان سان ٿي لڳا. سڄو ماحول ان باهه جي تاءُ سبب تتل هو، هاڻ رڳو ان تي تيل هارٿو هو تہ جيئن اهو اڃا وڌيڪ پڙڪندي سڄي سنڌ کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏي. تڏهن اياز جي شاعري اهو تيل ٿي ڪم آئي ۽ ٻن سالن جي مختصر عرصي ۾ ون يونٽ جو قهري ڪوٽ پورا پورا ٿي ويو ۽ سنڌ هڪ پيرو وري پنهنجي اصلي حالت ۾ نروار ٿي، توڙي جو اهو فقط هڪ ٻنڊڻ ئي ٽٽو، جڏهن تہ ان جي نسلي، سماجي، معاشي ۽ تعليمي حالت تسلي بخش ڪانہ هئي ۽ نہ اڃا تائين به اها آهي، جنهن جو تصور اجوڪي مهذب دؤر ۾ ڪري سگهجي ٿو.

اياز صاحب سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ۱۹۶۸ع کان ۱۹۷۰ع تائين رهي. ان عرصي ۾ ساٿس بالمشافہ پڻ هڪ پيرو ملڻ ٿيو، هوٽل فاران حيدرآباد ۾ جتي هو ٽڪيل هو. ان ملاقات ۾به چاڪاڻ جو سندس ويجهو دوست ۽ ڪارڪن موجود هئا، تنهن ڪري مون سان فقط رسمي عليڪ سليڪ ٿي، جيڪا اتڪل اڌ ڪلاڪ کن تي ٻڌل هئي. پر سندس هڪ "قومي شاعر" جي حيثيت مون لاءِ سڀني ناتن کان وڌيڪ مضبوط ناتو هو. هو هر وقت منهنجي "روح" ۾ رهندو هو. تڏهن "سنڌ استوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن" جي پليٽ فارم تان اسان هڪ "سنڌي شام" جو اهتمام ڪيو هو، جنهن ۾ شيخ اياز کي دعوت ڏيئي آيا هئاسين تہ جيئن سندس قومي شاعريءَ جي ذريعي "قوميت" جي تصور کي عام ڪيون. آءٌ مٿي ذڪر ڪيل ان شاگرد تنظيم جي مرڪزي اڳواڻن مان هڪ هوس، جنهن جو چيئرمن مسعود نوراني هو. پوءِ ان ئي شاگرد جماعت جي مدد سان آءٌ انجنيئرنگ ڪاليج شاگرد يونين جو جنرل سيڪريٽري به چونڊجي ويو هوس. شاگرد سياست ۾ مون ۱۹۷۱ع تائين پرپور حصو ورتو ۽ پنهنجي وت آهر "سوشو نيشنلزم" کي اڳتي وڌايو، جيڪا پوءِ منهنجي سڄي زندگي ۾ رچيل رهي آهي ۽ آءٌ ان کي پنهنجي زندگيءَ جي مڙني حاصلاتن کان اهم سمجهندو آهيان، توڙي جو خانداني ذميداريون نپائڻ ۾ ان جو هڪ حصو ڄاڻ گهرجي.

ان "سنڌي شام" ۾ شيخ اياز، حفيظ قريشي ۽ رسول بخش پليجو مرڪزي ڪردار جي حيثيت ۾ شامل ٿيا هئا، جڏهن تہ زرينہ بلوچ، يوسف ۽ وحيد علي راڳ ۽ آواز جو جادو جڳايو هو. اها شام پرهہ ڌڻي تائين جاري رهي هئي، جنهن ۾ ڏهن هزارن شاگردن شرڪت ڪئي هئي ۽ ان ۾ ٽوري ٽوري وقفي کان پوءِ "جيئي سنڌ" جي پرجوش نعرن سان فضا گونجي رهي هئي. دراصل سنڌي شامون ملهائڻ جو هڪ تسلسل شروع ڪيو ويو هو جيڪو سڄي سنڌ ۾ان وقت ڏاڍو مقبول سياسي پليٽ فارم ٿي پيو هو. اهڙيون شامون سکر، خيرپور، موري، دادو ۽ ٻين شهرن ۾ به ملهايون ويون هيون جن جا بنيادي مقصد هي هئا:

١- سنڌ جي پڙهيل ڪلاس کي نظرياتي طرح پختو ۽ مضبوط بنائجي، جنهن لاءِ سنڌي شامون سکيا جو ذريعو بنايون ويون. شيخ اياز، حفيظ قريشي ۽ رسول بخش پليجو ان سکيا جا مکيہ استاد هئا. اياز صاحب تقرير ڪونہ ڪندو هو پر پنهنجي قوم پرست شاعريءَ جي ذريعي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ تائين ٻڌندڙن تي جادوئي اثر وانگر پنهنجو پاڻ ڏانهن متوجہ ڪري وجهندو هو. مجال آهي جو هزارن جي مجموعي مان ڪو هڪ فرد بہ اياز جي شاعري هلندي اٿي هليو وڃي. نوجوان "جيئي سنڌ" جي نعرن جي گونج ۾ محو ۽ مست ٿي اياز جي سامهون پرجوش انداز ۾ اٿي پوندا هئا ۽ کيس عقيدت جا گل نڇاور ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح حفيظ قريشي ۽ رسول بخش پليجو پڻ پنهنجي سحر انگيز ۽ فڪر انگيز تقريرن سان ماڻهن کي وجد جي ڪيفيت ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندا هئا. شام تہ هڪ رات جي هوندي هئي، پر اُن جو اثر سالن جا سال ذهنن ۾ موجود رهندو هو ۽ مقصد جي حاصلات لاءِ سڄي زندگي جدوجهد ڪرڻ جو عزم ڇانئجي ويندو هو.

٢- انهن شامن ۾ "سوشو نيشنلزم" جو پرچار ڪيو ويندو هو، جيڪو سوشلزم ۽ نيشنلزم جو ميلاپ هو ۽ اسان جي ڌرتيءَ جي ضرورتن مطابق. هونئن "ڪميونزم" تہ بين الاقوامي پروگرام هو، پر اسان جي دانشورن، جن ۾ شيخ اياز پڻ شامل هو، سنڌ لاءِ ان پروگرام کي موزون ڪونہ ڄاتو ٿي. جاگيرداري نظام جي خاتمي ۽ سنڌ جي ماڻهن مان ڏندڪٿائن ۽ ديومالائي قصن کي ڪڍي حقيقت ڏانهن متوجہ ڪرڻ لاءِ سوشلزم هڪ معاشي پروگرام هو، جڏهن تہ وطن سان حُب لاءِ نيشنلزم مضبوط ۽ جامع پروگرام ڏنو ٿي. اياز جي شاعري ٿوهرن، سڱرن، ڪنڊين، سنڌوندي، سمنڊ، ڇولين، ڪنارن، اک، ڦُلين، ڇيلڙن، ڇپر، سانئون، لئي، ٻٻرن ۽ ڪنڊن جي تشبيهن سان ڀريل نظر ٿي اچي، جيڪي سنڌ جي عام ماڻهو جي معمول جو حصو آهن. ان ڪري اياز پنهنجن ماڻهن جي تمام ويجهو هوندو هو.

اياز جو مطالعو ايڏو تہ وسيع هو جو دنيا ۾ اڀرندڙ هر ترقي پسند تحريڪ جي سڀني تاڃن پيٽن کان واقف هوندو هو. سندس دل ۾ هميشہ مظلوم قومون رچنديون هيون. اياز انهن سڀني تحريڪن کي ڪوريئڙي جي تانيءَ وانگر اُڻي انهن ۾ سنڌ جي قومي تحريڪ کي بہ شامل ڪري ڇڏيندو هو ۽ پنهنجن ماڻهن کي انهن تحريڪن کان واقف ڪرائيندو هو. اندازو لڳايو تہ چليءَ جي انقلابي شاعر ۽ راڳي وڪٽر هارا کي هو پنهنجو ننڍو ڀاءُ ٿو چوي، جنهن کي ١٩٧٣ع ۾ چليءَ جي فوج قتل ڪيو هو. هو ان ۾ ايمان رکندو هو تہ سوشلزم ۾ ئي اسان جي نجات آهي، جيڪا هن دقيانوسي نظام جا ترا ڪڍي ڇڏيندي. سنڌي عوام جي اڀرندڙ پارٽي فقط اها هوندي جيڪا اڄوڪن رجعت پرستن ۽ اسلام جي آڙ ۾ لڪندڙن جي ڪٽر مخالف هوندي. سندس ايمان هو تہ ان کان سواءِ سنڌ جي نجات جو ٻيو ڪوبہ ذريعو ڪونہ آهي. ڪميونسٽن جي باري ۾ سندس خيال هو تہ اسان کي انهن جي غلطين جو احساس ڪري پنهنجي منصوبہ بندي ڪرڻي آهي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ انهن غلطين کي دهرائڻو ناهي.

اياز کي سنڌ جي جاڳرتا جو گهڻو اونو هو. سندس خيال موجب سنڌ سجاڳ ٿي رهي هئي. کيس پڪ هئي تہ مستقبل ۾ ان تي گهڻو طوق نہ رکي سگهبو. وطن جي حُب سندس انگ انگ ۾ سمايل هئي. هو ڀائيندو هو تہ هو سنڌ هو، هو ڪلفٽن تي ڇولين جي اُڏام ۽ ڪارونجهر لڳ ٿر جي ريت هو. هن ۾ ڏاهر ماريو ويو، دولهہ درياخان جنگيون ڪيون، هو ئي انهن جي ڍال هو، تلوار هو ۽ گهاءُ پڻ.

توڙي جو اياز صاحب جي ڪيترن ئي نقطن سان اختلاف ڪري سگهجي ٿو، پر سندس وطن جي حُب متعلق ڪوبہ اختلاف ڪونہ ٿو ڪري سگهجي. سنڌ جي محبت سندس هر ادا، سوچ، فڪر ۽ فن ۾ نمايان نظر ايندي. اهو ايڏو وڏو سرمايو آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ زندگيءَ جي قرباني بہ گهٽ آهي. ڇاڪاڻ جو مٽيءَ سان محبت جو

مقصد پنهنجن پوين نسلن لاءِ اٿاهه پيار آهي ۽ ان پيار جي اظهار لاءِ قرباني جيڪا اياز جيلن ۾ پوڳيندي ڏني يا پنهنجا ڏندا ڏاڙي تباهه ڪري يا سندس سکر جي گهر تي غنڊن جي حملن جي صورت ۾ نقصان سهندي يا قوم پرستن ۽ سندس ذاتي عاشقن جي روين جي روپ ۾، جيڪي ڪيس مختلف وقتن تي نصيب ٿيا.



۲- مارچ ۱۹۹۷ع تي، شيخ اياز پنهنجي آخري سالگره تقريب ۾ شريڪ ٿيو، جيڪا يعقوب علي زرداري طرفان ريلوي انسٽيٽيوٽ هال ڪراچيءَ ۾ منعقد ڪئي ويئي. ساجي کان تاجل بيوس، آفاق صديقي. ي.ع. زرداري، جميل الدين عالي، شيخ اياز، زرينه اياز ۽ پنجابي شاعر بابا نجمي.

اياز سان منهنجي آخري ملاقات سندس جدائيءَ کان صرف اَٺ ڏينهن اڳ سندس رهائشگاهه پرنس ڪامپليڪس ۾ ۲۰ ڊسمبر ۱۹۹۷ع تي تڏهن ٿي جڏهن آءٌ سائٽس خصوصي طور ملڻ لاءِ اُت ويو هئس. بيماريءَ سبب جهيٽائي ته اڳوات ئي هلندي ٿي آيس پر هو ان وقت به بلڪل صحيح ذهني حالت ۾ مون سان اڪل هڪ ڪلاڪ تائين ڪچهري ڪندو رهيو. ان ملاقات ۾ پنهنجي لکيل ڪجهه نثري مواد جو ذڪر ڪندي مون کي چيائين ته جيڪڏهن کو پبلشر ملي ته هو ڪيس اهو مواد ڏيئ لاءِ تيار آهي ته جيئن اهو ڇپجي پڙهندڙن تائين پهچي سگهي. ان ڪم ۾ مون سندس مدد ڪرڻ جي حامي پري هئي. تڏهن مون کي ذرو به احساس ڪونه ٿيو ته ايندڙ چند ڏينهن ۾ اياز جي حياتيءَ جو چراغ گل ٿي ويندو ۽ هو هميشه لاءِ اسان کان جدا ٿي ويندو. مون کي افسوس آهي جو آءٌ پنهنجن سرڪاري مصروفيتن (اسلام آباد) سبب اياز جي آخري رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ جي سعادت ماڻي ڪونه سگهيس.

اڄ اياز اسان ۾ موجود ڪونهي، پر سندس نظريا ۽ فن سندس جي ماڻهن جو گهڻي وقت تائين سرمايو ثابت ٿيندا. خدا اسان جي نوجوان نسل ۾ اهڙي صلاحيت آڻي جو انهن مان کو هڪ به اياز جي پايي جو مفڪر ۽ شاعر ٿي پوي. اسان کي سندس جي متيءَ ۾ پرپور صلاحيت ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ جيئن اياز سندس مستقبل ۾ ڏٺو ٿي، شايد اهو خواب به پورو ٿئي ۽ سندس جي متيءَ مان اياز جهڙا خوشبودار گُلابي گُل پيدا ٿيندا رهن ۽ فضا انهن جي خوشبوءِ سان مهڪندي رهي.

ابوبکر شیخ

ایاز کان ایاز تائین

"مان ہولیءَ جي سگھہ جاڻان ٿو."

منھنجو اُنھن ہولن سان واسطو ناھي، جي ديوداسين جي پيرن ۾ پکڑيل پنکڑين وانگر ھوندا آھن. مان تہ اُھي ہول جاڻان، جي ديوتائن جي مستکن تي سورج مکين وانگر ٻرندا آھن.

مون کان وڌيڪ ہول جي سگھہ ٻيو کير جاڻي؟

مون وٽ اُھي ہول نہ آھن جي جاھن وانگر ڏڏڙ ۾ ڏوکيندا ويندا آھن. مون پنھنجن ہولن کي گرڙ پکيءَ جي پرن تي سوار کيو آھي، جو ھڪ ئي جھڑپ سان کيئي ارڙ اُڏيڙي سگھندو آھي." ("پٽڻ ٿو پور ڪري")

انسان سڀ آھن، وجود ھرکو رکي ٿو، دماغ ھر کنھن کي آھي؛ پر پوءِ بہ ائين ڇو آھي تہ سون سالن جو عرصو پنھنجيءَ ڪک مان فقط اھڙن چند وجودن کي جنم ڏيئي سگھندو آھي، جي وقت جي آسمان تي صبح جي تاري وانگر ٽڙندا آھن ۽ جن جو روشن ٽيڻ ايندڙ صبح جو چٽو اھجاڻ ھوندو آھي. سال ۽ صديون جيڪي صبح ۽ شامن جي انت سان وجود ۾ اچن ٽيون، جن جو ھئڻ لمحن ۽ پَلن جي ڪري ئي آھي. اِھي سال پنھنجيءَ ڪُک ۾ ھيرن کي تاتڻ ۾ ايتري ڪنجوسي ڇو ٿا ڪن! انسانذات جي تاريخ شاھد آھي تہ موتين جھڙا موچارا ۽ جبلن جھڙا سگھارا ماڻھو وڏيءَ وِٿيءَ کان پوءِ پئي پيدا ٿيندا رھيا آھن. جڏھن انسان بہ سڀ آھن، وجود بہ ھرکو رکي ٿو، دماغ بہ ھر کنھن کي آھي، تہ پوءِ تاريخ جا تاج ۾ اِھي چمڪندڙ ھيرا مختلف ۽ ڌار سوچن جا امين ڪيئن ٿا ٿين؟ ان لاءِ جو اھڙن فردن جي دلين ۾ ڪائنات جا ڏُک، سور، بيوسيون، لاچاريون، بيوس اکين جا لڙڪ ۽ اُنھن وجودن جون پيڙائون، جن جي سڄي حياتي بيوسي، بک ۽ ھيٽائيءَ جي قاتل چادر ۾ گذري ٿي، سندن دلين ۾ خنجر بنجي لھي وڃن ٿا. اھڙن فردن کي يوناني فلاسفر جي ھيءَ ڳالھہ سمجھہ ۾ اچي ويندي آھي تہ: "ھئڻ ڪجھہ بہ ناھي، ٽيڻ سڀ ڪجھہ آھي."

ھومر کان سڏارت، سقراط کان امير خسرو، شيڪسپيئر کان ليوناردو، ھيوگو کان غالب، جون آف آرڪ کان شاھہ ۽ ايان تائين، عظيم نالن جي ھڪ اھڙي دنيا آھي، جن ھڪ سچي جذبي جي صداقت ھيٺ ويران، بنجر ۽ بيوس دلين جي ديس کي عملن ۽ لفظن جي گلابن سان آباد ڪرڻ چاھيو. انھيءَ جنون ۽ چاھت جي بدلي ۾، وقت ۽ زماني انھن کي موت طور چا ڏنو، اِھو درد جو ھڪ الڳ داستان آھي! تاريخ جي سيني ۾ اُن باھہ جا اُلا اجا بہ پنيت آھن، جن ۾ 'جون آف آرڪ' جي جوان ڪنواري جسم کي ساڙيو ويو. يونان جو آسمان اجا بہ "سقراط" ۽ "ھائيپيشيا" جي عظمت جو گواھہ آھي، جن مان ھڪ کي سچ چوڻ جي سزا طور زھر جو پيالو ملايو ۽ ٻئي جي ھڏن تان گوشت محض ان لاءِ چڪي لاٿو ويو تہ ھن 'ايٿينس' ۾ علم جي لات کي ابديت ڏيڻ ٿي چاھي. چا دھليءَ جي زمين تان رت جا اُھي چنڊا ميساري سگھجن ٿا، جيڪي سرمد جي رڳن ۾ زندگيءَ ۽ حق جي علامت ھنا. چا ڪٽي جي دربار ۾ نواب اعظم خان جو اُھو ناحق فيصلو دل جي ديوار تان ڌاھي سگھجي ٿو جنھن جي ڪري صوفي شاھہ عنايت کي شھيد ڪيو ويو؟ بلڪل انھيءَ حساب سان، ايان لاءِ بڙچيون بنجندڙ اُنھن جملن ۽ ڳالھين کي بہ وساري نٿو سگھجي، جن جي عذاب جي ڪري ڪيس ھي رڻ ۾ رُلائيندڙ سٽون تخليق ڪرٽيون پيون:

".....مان در تي آيس. ڏٺم تہ ھڪ ماريءَ کي ھٿ ۾ وڏو پٿرو ھو، جنھن ۾ ڪيئي ٻيھا چمڇائي رھيا ھئا.

مون پکي ڳڻي ڏٺا تہ اُهي سٺ هئا. ان تي ماريءَ چيو: "سائين! پکي ڇو ٿا ڳڻيو؟ اوهان سڀيئي کڻو تہ مان اوهان کي سستا ڏيندس."

"بابا" مون ماريءَ کي جواب ڏنو، "منهنجي عمر بہ سٺ سال آهي ۽ مون اِهي سال پڃري ۾ چهڃهائيندي گذاريا آهن. مون اِهي سال سنڌ کي سستا ٿي ڏنا پر....." ائين چئي مون ماريءَ کي منهن گهريو ملهہ ڏنو ۽ پڃرو کولي پکي اُڏاري ڇڏيا-" (پتڻ ٿو پور ڪري)

اسان جي عمل ۽ تخليق جي دنيا ۾ وڏا ماڻهو اُهي آهن جيڪي ٻين ڪاڻ جيئن ۽ مرن ٿا؛ جن جي ذهنن ۾ سڌارٿ جي فلسفي جهڙا ڏيئا ٽمڪن ٿا؛ جن جي دلين ۾ بکئي ييٽ، ڦاٽل ڪپڙن ۽ بيوس اکين جا لڙڪ هيري جي ڪڻ وانگر لهي وڃن ٿا. انهيءَ حوالي سان ماڻهوءَ جي ويڙهہ جا محاذ مختلف ۽ ڌار ٿي سگهن ٿا، پر انهن محاذن تي ويڙهہ لاءِ جذبو هڪ ئي هوندو آهي: 'ذلت کان عزت تائين' جو انهيءَ ويڙهاند ۾ ڪجهہ ماڻهو جنگ جي خوني ميدانن ۾ پنهنجي جذبي جي سچائيءَ لاءِ وڙهندي ماريا ويندا آهن؛ ڪجهہ وجود مقتل ۾ سچ جي سزا طور ڪسجي ويندا آهن؛ ڪجهہ رات جي پوئين پهر ۾ ڦاسين جي رسن تي لٽڪي ويندا آهن؛ ڪجهہ ماڻهو پنهنجا پَٽَ ڇڏي، جلاوطن ٿي جبران وانگر لفظن جون لاٽون ٻاريندا آهن؛ ڪجهہ وجود دشمن سان اکيون اکين ۾ ملائي مهاڏو اٽڪائيندا آهن ۽ پنهنجي تخليق جي سگهہ سان هر ظلم ۽ هر انياءِ خلاف پنهنجن لفظن کي تبرون ۽ تير بنائي، سٽن کي مشعلون بنائي، پنهنجو سفر جاري رکندا آهن-- شيخ اياز اهڙن وڏن ماڻهن مان هڪ هو.

"ادب" متعلق گرامي صاحب لکيو هو تہ: "جنهن جا بنياد زندگيءَ ۾ پيوستہ آهن ۽ زندگي مسلسل تغير ۽ تبديليءَ جو نالو آهي. زندهہ ۽ سچو ادب اِهوئي آهي جيڪو سماج کي بهتريءَ واري صورت ۾ تبديل ڪرڻ واري سگهہ ۽ خواهش رکندو هجي. سچو ادب اُهو آهي جيڪو زندگيءَ جي هنگامہ خيز ۽ ولولہ انگيز جدوجهد ۽ جهاد کان فراريت نہ سيکاري، ان دؤر ۾ خلوت نشينيءَ جي دعوت نہ ڏئي، عملي دؤر کان پري رهڻ جي تبليغ نہ ڪري، پر انقلاب جو مُرڪي استقبال ڪرڻ سيکاري. انقلاب جي صحتمند اُصولن تي هلڻ لاءِ للڪاري، زوال پذير قدرن ۽ فرسوده خيالن سان جنگ ڪرڻ لاءِ آماده ڪري."

انهيءَ سلسلي ۾ مجنون گورکپوريءَ ڇا خوب تحرير ڪيو آهي تہ: "..... ادب حال جو آئينو ضرور ٿئي ٿو، پر ان سان گڏ مستقبل لاءِ بہ اشارو بنجي ٿو. ان لاءِ ساڳئي وقت تي واقعيت، تخيل، افاديت ۽ جماليات سان گڏ انفراديت ۽ اجتماعيت، سڀ جي ضرورت رهي ٿي. هو حال ۽ مستقبل کي هم آهنگ ڪري پيش ڪري ٿو. دنيا ۾ جيترا بہ وڏا اديب ۽ شاعر ٿي گذريا آهن. اُهي سڀ واقعن جي ڪثيف دنيا ۾ ڳچيءَ تائين ٻڏل بيٺا رهيا، مگر سندن هٿ تارن کي پڪڙڻ لاءِ آسمان طرف وڌي رهيا هئا."

جديد شاعريءَ ۾ جتي اقبال، جوش، سردار جعفري، فيض احمد فيض، ساحر لڌيانوي ۽ ٻين جا نالا اچن ٿا، اهڙيءَ ريت سنڌيءَ ۾ "اياز" جو نالو مڙني کان مٿي نظر اچي ٿو. فيض جي چوڻ موجب: "اياز مون کان بہ وڏو شاعر آهي." ۽ يقيناً اياز جيڪا شاعري ڪئي آهي، اُها مستقبل جي خوبصورت خوابن سان جهرمر ڪندڙ آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾، عوامي زندگيءَ جي چٽي ريت ترجماني ڪئي آهي. سندس شاعريءَ جي سٽن ۾ بيان ڪيل دلين جو ڏک هن ڪائنات جو ازلي ڏک آهي. اياز هڪ انٽرويو دوران چيو هو: "....مون کي هر ظلم ۽ تشدد کان نفرت آهي. منهنجيءَ نظر ۾ جو بہ زندگي جو فلسفو يا نظام، انسان ۽ خصوصاً اديب ۽ فنڪار کان فڪر ۽ عمل جي آزادي کسي، اِهو نفرت خيز آهي. هر انسان جو اِهو بنيادي حق آهي تہ هو پنهنجي لاءِ بي انتها آزاديءَ سان پنهنجي حيات جو فلسفو ڳولي، پنهنجا دائمي قدر حاصل ڪري، انهي تي عمل ڪري ۽ انهن جو اظهار ڪري."

'نثر' هجي يا 'نظم'، اياز جي خيال ۾ سدائين وسعت رهي. هن جيڪو تخليق ڪيو، اُهو ٻين لاءِ ئي آهي. "ڪير ٿو ڪن ڪري" جون هي سٽون:

"منهنجي ذات، ذُٽ وانگر، ٿر جي مينهن ۾ اُس تي پلي آهي ۽ ان جي ڏرتيءَ مان امرت رس چوسيو اٿائين. واچوڙو ڏاڍائيءَ سان ان جو ڪنڌ نمائي رهيو آهي، پر اُها وري وري اوچي ڳاٽ سان اُپري اچي ٿي. اُن کي ڏوٽي ڳولهي لهن يا نہ، اِهو اُلڪو اجايو آهي. اها پنهنجا ٻج پکيڙي ٻي اونائيءَ سان متيءَ ۾ ملي ويندي."

ايازِ رڳو شاعريءَ جي حوالي سان اُميدن جا ڏيئا ڪونہ ٻاريا آهن، پر نثر ۾ ٻہ هن جنهن حساب سان خيال جي تقدس کي برقرار رکيو آهي اُهو سندس وسيع مطالعي جو ڏس ڏئي ٿو. ٻي ڳالهہ آهي ايازِ جي تحرير ۾ لفظ جي لفظ سان 'قربت'. ايازِ جي تحرير ۾ ڪوبہ لفظ تنبيل محسوس نہ ٿيندو. اِهوئي سبب آهي جو سندس تحرير ۾ آبشار وانگر هڪ رواني آهي، جنهن ۾ حقيقت جي گجگوڙ آهي، فطرت جو حسن ۽ خيال جي وسعت آهي، جيڪا آبشار جي پاڻي وانگر پٽ ۽ جمرجهنگ آباد ڪندي ٿي وڃي:

"-دنيا جا قبرستان پريا پيا آهن اُنهن ماڻهن جي هڏن سان، جي جمندي جام هئا. جن جو مئي کان اڳ ڪوئي مٽ نہ هو، جن جي مئي کان پوءِ ڏرتي اُنهيءَ وَٽ کان وانجهي ٿي لڳي جا جيئڻ جو جس هوندي آهي.

-دنيا جا قبرستان پريا پيا آهن اُنهن جي هڏن سان، جي هن ڏرتيءَ تي ائين آيا، جيئن سَر تي هنج لهندا آهن يا جيئن چڪور چنڊ جي ٿاندن تي پنهنجا برڪا پنل پَرَ سيکيندا آهن.

-دنيا جي قبرستانن ۾ فقط هَڏُ، هوڏ ۽ وڏائي نہ پکڙي پيئي آهي، پر انهن ۾ پريت، پَت ۽ پلاڻي ٻہ متيءَ ۾ مليل آهي.

-ڪيئن ڳوليندين تہ ڪهڙي هڏي گيت ڳاتا هئا، ڪهڙي چتر چتيا هئا، ڪهڙي مورتيون گهڙيون هيون ۽ ڪهڙو موهن جي دڙي جي نچڻيءَ وانگر هڪ ٽنگ تي نچيو هو!

-ڇا دلوراءِ ۽ دولهہ درياخان جي هڏن ۾ ڪوئي فرق آهي؟

-برائي ۽ پلاڻي ٻيئي متيءَ ۾ مليامیٹ ٿي وڃن ٿيون." (پتڻ ٿو پور ڪري)

* * *

"اجا تہ ڏنوٽي ڏنوي رهي آهي ۽ اگر ٻري رهيا آهن. پر مان ڇا ڪيان، مان لهندي سج کي روڪي تہ نٿو سگهان." (پتڻ ٿو پور ڪري)

* * *

- هر لفظ کي هڪ روح هوندو آهي، جو صدين جي مسلسل ارتقا مان گذرندو آهي. (پتڻ ٿو پور ڪري)

* * *

-ڇا اهڙو ڪوئي محقق آهي جو پوپٽ جو پيرو ڪٽي ٻڌائي سگهي تہ اُن جي زندگيءَ ۾ ڪهڙا گل آيا؟ (ٽڪرا ٽٽل صليب جا)

* * *

-اي ڪاش! جيئرا ائين جاڳن جيئن مئا قيامت ڏينهن جاڳندا. (ٽڪرا ٽٽل صليب جا)

* * *

-اي ذات! تون هڪ چؤمکو ڏيئو آهين، توکي ڪوئي واچوڙو وسائي نٿو سگهي. (ڪير ٿو ڪن ڪري)

-حقيقت کي ڦيرائي سگهين يا نہ، اِهي اکيون ڪڏهن بہ نہ ڦيرائجاءِ، جي حقيقت کي ڏسن ٿيون. (ڪير ٿو ڪن ڪري).

* * *

- هيلن جو حُسن هومر جي ڪري آهي؛ مارئيءَ جي درد جو داستان شاهه جي ڪري آهي.(ڪپر ٽو ڪن ڪري)

* * *

ايياز جي هر تخليق، حقيقت جي سيني مان ڦٽي نڪري ٿي. مٿي ڏنل سندس تحريرن ۾ ڪيتري نه حقيقت پريل آهي. جيڪي ڪجهه آهي، اُهو جيون آهي. اِهو فرد تي چڏيل آهي ته هو مثبت روين جو پوئلڳ ٿئي يا منفي روين جي راهن جو رولاڪ ٿئي، چو ته پنيان اِهوئي رهجي وڃڻو آهي. لطيف عظيم ان ڪري آهي جو هن جي تخليق عظيم آهي. فرد عمل جي ڪري ئي موت کان پوءِ ابديت ماڻي ٿو، چو ته ساهه جي تند ٽٽڻ کان پوءِ ماڻهو هڏن جي مٺ کان سواءِ ٻيو آهي ٻه ڇا؟ ايياز موت جي حقيقت کان انڪاري ڪونهي، هن جي اڳيان هر لفظ جو وڏو تقدس آهي. هو دل جي ڪنن کان ٻوڙن ماڻهن لاءِ دعا ٻه گهري ٿو، ذات جي ابديت کان ٻه واقف آهي ۽ تخليق جي تقدس کي ٻه عزت ۽ احترام جا گل پيش ڪري ٿو.

شيخ ايياز کي اسين جبل جيڏو وڏو ماڻهو ان لاءِ چئون ٿا جو هُو حقيقت کي چگيءَ ريت پرکي ۽ پروڙي سگهي ٿو. سندس اڳيان تخليق جو وڏو تقدس آهي. سندس لفظن ۾: ".... شاعري موزون تڪبندي نه آهي. شاعري سڄي حياتيءَ جو رياض هوندي آهي ۽ شاعر جي گهري مطالعي ۽ وسيع مشاهدي جو نچوڙ هوندي آهي." پاڻ نهايت حساس دل رکندڙ ٻه آهي ۽ حقيقت کان ڪنهن ٻه حالت ۾ انڪاري ڪونهي. "پٽڻ ٽو پور ڪري" ۾ تحرير ڪري ٿو ".....اڄ مان سوچي رهيو آهيان ته ڇا سڄ پڄ منهنجون رڳون نڙل کان وڌيڪ مضبوط آهن؟ ڪنهن مظلوم جي بدن تي لهو ته ڇا مان هن جي اک ۾ ڳوڙهو ٻه ڏسي نه سگهندو آهيان. هيڏي انڌير ۾ ممڪن آهي ته ڪنهن وقت مان ٻه نڙل وانگر ڏهي پوان!"

ايياز جي تحريرن مان لڳي ٿو ته هن جو مطالعو-ڪتابي ۽ قدرتي- تمام گهڻو وسيع آهي. دنيا جي فڪرن جون ڦرهيون هن نهايت گهرائيءَ سان مطالعو ڪيون آهن. اِهوئي سبب آهي جو ايياز جي محبت کي ڪابه سرحد ڪانهي. هونئن ٻه محبتن، خوشبوئن ۽ گيتن کي سرحدون نه ٿيندیون آهن.

ڏرتي ڪيڏي ننڍڙي آهي!
چو هئن وهه جي ڳنڍڙي آهي؟
امرت رس برسايون چو نه؟
سڀ سان پيار ورهايون چو نه؟

پر وري ٻه ماڻهوءَ کي پنهنجي مٽيءَ سان وڏو موهه هوندو آهي. جتي ماڻهو جمي ٿو ۽ جوان ٿئي ٿو، جن پَٽن تي ماڻهوءَ جا پيار پلجي جوان ٿين ٿا، جتي جو فصل ماڻهوءَ جي رڳن ۾ رت بنجي ڊوڙي ٿو، اُن سان لاحد تائين پيار ڪرڻ حساس دلين جو ئي ڪم آهي. جڏهن "جوش" پنهنجي مٽيءَ کي ياد ڪري لڙڪ لاڙي ٿو ته ايياز اڳيان انهن لڙڪن جي وڏي اهميت ۽ قيمت آهي ۽ اُن ڏڪ کي وڏو تقدس آهي جو سوين ميل ڏور دلين ۾ سرجي ٿو:

"جوش مليح آبادیءَ هڪ پوربي لوڪ گيت جي ست 'نيم کي نمڪولي پکي، ساون آيا ري-' جھونگاري، ته هن جون اکيون پرجي آيون. مان پانيان ٿو ته ڏرتيءَ جا سمورا موتي انهن ڳوڙهن جي قيمت ادا نه ڪري سگهندا. ڳوڙها جي هُو پي ويو ۽ هن ڏرتيءَ تي ڪِرڻ نه ڏنا-" (ٽڪرا ٽتل صليب جا) يا "راج گهاٽ تي چنڊ" جون هي سٽون:

باک ڦُٽيءَ جو روز بڏان ٿو
وڪٽر هارا کي.
هو جو چليءَ جو راڄي آ
منهنجي ٻاڻُ جيان آ
اُن جي ڏکياري ڏرتي جڙ
منهنجي ماڻُ جيان آ.

* * *

لطيف سائينءَ کان پوءِ اها ايياز جي مشاهدي جي وسيع سگهه ۽ دردمند دل هئي جنهن تخليق جا گلستان آباد کيا. پنهنجي سڄي عمر اونداهين واٽن تي شاعريءَ جون لاٽون روشن کيون. اُها ٻي ڳالهه آهي ته موت ۾ کيس طعنن جا انيڪ خاردار جملا مليا. انهن کنڊن هن جي روح کي زخمي کيو. ماهتاب محبوب لکيو هو "....حساس دليون يارن طرفان ڏنل ڏکن تي بيتاب ٿي پونديون آهن ۽ 'مار نہ تاڙي، اُڏار نہ سانون- اسين آپ هي اُڏڻ هاري' جهڙين جيءَ جهوريندڙ سٽن جي چونڊ ڪري جڙ اُنهن پرمٽڙين کي دلاسو پيون ڏيندیون آهن، جيڪي اجاين جُلهن سان شاعر جي روح کي رتوڇاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوندیون آهن-"

"اي چند ستارو! ساکي ٿيو،
اڄ رات لهوءَ جي ڇوليءَ ۾،
ڪجهه آهن منهنجون رت ڦڙيون،
جي گيت لڳن ٿيون ٻولي ۾. (لڙيو سڄ لکن ۾)

* * *

ڪيندي ڏينهن لڳي ويا،
ڪُک منجهاران کان.
مون کان گيت رسي ويا (ڪير ٿو ڪن ڪري)

* * *

موٽي هل
موٽي هل
موٽي هل
توکي رستا روڪين ٿا،
ٽاٽي ٽاٽي ٽوڪين ٿا.
سڀ سَرايون سڄ اٽئي،
رڄ اٽئي، اُڄ اٽئي.
پرڪيءَ سارا سانگ سفر جا،
ڪانگ سفر جا، نانگ سفر جا،
آءٌ اُتي ئي، مون اُتي ئي.
موٽي هل- موٽي هل- موٽي هل.

* * *

اياز لکيو هو: "....مون سدائين سوچيو آهي تہ منهنجي شاعري ئي منهنجو بهترين عمل آهي. منهنجي بهترين سياست آهي ۽ دنيا کي بدلائڻ لاءِ منهنجو بهترين ذريعو آهي-"

"بس کافي پَتَ کوهہ ڪيسين
اي دل! هاڻي بس ڪر!
پنهنجو پنڌ نہ پڇڻو آهي،
'اڄ سپاڻي' بس ڪر.
اي دل هاڻي بس ڪر. (چند چنبيلي ول)

* * *

"توڙي ڏور اُسهڻو آهيان،
آءٌ اوهان ۾ رهڻو آهيان. (راج گهاٽ تي چند)

* * *

اياز اهڙن خوشنصيب ماڻهن مان آهي، جن جي وڃڻ کان پوءِ سندن عظمت جي مجتا جي دؤر جي نئين سري کان ارتقا ٿيندي آهي. حياتيءَ ۾ اياز جون انيڪ شڪايتون هيون، پر پوءِ بہ ائين ٿيو جو جنهن بہ اياز کي پڙهيو، اُن دل سان اُن جي عزت ڪئي ۽ سندس وچوڙي کان پوءِ سڃيءَ سنڌ پاڻ ملهايو. سندس وچوڙي تي سنڌ جي ڪنڊڪڙ ۾ سندس عظمت ۽ ياد جا ڏيئا ٻاريا ويا. اهڙو اعزاز دنيا ۾ گهٽ ماڻهن کي نصيب ٿيندو آهي. هن مختصر مضمون جي پُڄاڻي، اياز جي هنن ئي حقيقت پرين سٽن سان ڪريون ٿا:

"تون جي مون کي ڪوٺہ مڃيندين،
مون کي ڪا پرواهہ نہ آهي.
-وڃ وراکا جيئن ڪائي ٿي،
ائين مان تنهنجا ٿهڪ بہ آهيان.
-رُت ۾ جيئن رابيل ٽڙن ٿا،
تيئن ڏرتي جي مهڪ بہ آهيان.
-۽ هيءَ ڏرتي نيٺ تہ مهڪي،
ٿيندي ڪو گلزار سپاڻي،
آءٌ لکان ٿو، جنهن لئہ هاڻي." (بڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي)

بادل مان سانجهي بکي ٿي، سونُ بکي جئن ڏنگي، هُو،
توکي ديد پوي ٿي ڪائي انبلڻ ڪنهن هئن ونگي، هُو؟
رات لٿي آ، چندرما جو ناهي ساٿي سنگي، هُو،
حيرت ۾ حيران ٿيان ٿو رنگ بٽائي رنگي، هُو.
- شيخ اياز

تاجل بيوس

آواز فضا ۾ اُڏري ويو

شيخ اياز جي چولي مٽائڻ کان پوءِ مون اياز کي خراج طور پيش ڪرڻ لاءِ هڪ نظم "ڪراڙ! ڪويءَ جي پارت ٿئي"، ڪجهه بيت ۽ ٻه غزل: "روح رت ڇاڻ هو"، "اڄ چريءَ دل چيو" لکي پورا ڪيا آهن ۽ هاڻي هن مضمون سان گڏ هڪ ٻيو نظم "اکر دلين تي اُڪري ويا، آواز فضا ۾ اُڏري ويو" لکڻ ويٺو آهيان. وڇڙي ويل هيرن ۽ سورمن لاءِ دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ ان کان سواءِ ٻيو ڪري به ڇا ٿو سگهجي!

اِن ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته پنجاهه ۽ سٺ وارن ڏهاڪن ۾ وڏن قدرن ۽ جديد فڪرن سان سينگاريل ۽ سنواريل بيت ۽ وائي اسان کي شيخ اياز وٽان ملي، جنهن جي ڪتابن "ڀونر ڀري آڪاس"، "ڪي جو ٻوليو" ۽ "ڪلهي پاتم ڪينرو" شعر و ادب جي دنيا ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. مختلف علامتن ۽ استعارن حاسدن ۽ نظرياتي طور پٺتي پيل حلقن جي دلين ۾ حسد ۽ بغض جي باهه ٻاري ڇڏي، جي اياز تي ذاتي حملن کان به نه مڙيا. "ڀڄ ڀٽائي گهوٽ، ثاني آيا سنڌ ۾" جهڙين تهمتن سان اياز تي ٺڪر ڀڃڻ لڳا.

شيخ اياز کي به پنهنجي پهرئين ئي شعري مجموعي "ڀونر ڀري آڪاس" جي لفظ لفظ تي ايڏو ته فخر ۽ اعتماد هو، جو مهاڳ ۾ هيئن لکيو هئائين:

"هر عظيم شاعر جي روح ۾ سندس پوري ماضيءَ ۽ اُن فني تخليقات، روايات ۽ فلسفهء حيات جون جڙون آهن، جي هن جي شاعريءَ جي نشونما ڪري، اُن کي شگفته ڪنول جو رنگ روپ ڏين ٿيون ۽ هن جي فن ۽ فڪر جي انفراديت ڀؤنر جئن ڀرندي، آڪاش ۾ اُڏامندي ٿي رهي. جڏهن 'ٻنهي سندي ڳالهڙي' راس ٿي اچي، تڏهن هڪ فني شهپارو تخليق ٿئي ٿو. منهنجو ڪلام انهيءَ معيار تي ڪيستائين پورو آهي، اُن جو منصف مان ته يقيناً نه آهيان، پر شايد اوهان به نه ٿي سگهو. منهنجي انانيت ۽ حد کان زياده خود اعتمادي (جا گهڻو ڪري هر فنڪار ۾ هوندي آهي) ۽ پنهنجيءَ تخليق لاءِ بي انتها محبت منهنجي صحيح اندازي جي راهه ۾ ضرور حائل ٿيندي، ۽ شايد اوهان جي دور جا توهمات، فن ۽ زندگيءَ جو مانوس تخيل ۽ پنهنجي همعصر جي فن کي تسليم ڪرڻ ۽ اُن لاءِ تحسين جي اظهار ڪرڻ کان فطري گهٻراهٽ، اوهان جي صحيح جائزي ۽ نتيجي تي اثر انداز ٿين- نه فقط منهنجي تخليق جو، پر هر فنڪار جي تخليق جو منصف فقط وقت آهي."

اياز ڄڻ ته اڳڪٿي ڪئي آهي ته هُو اهڙو فن تخليق پيو ڪري، جو ککر ۾ کڙي اُڇلائڻ جو ڪم ڪندو، جنهن سان وهم ۽ گمان جا ڏينڀون 'ڀُون' 'ڀُون' ڪرڻ شروع ڪندا.

اياز جي ان مخالفت جو سلسلو مختلف سببن سان اياز جي لاڏاڻي تائين قائم رهيو، جو سٺ، ستر ۽ اسي وارن ڏهاڪن ۾ منظرِ عام آيا. سٺ واري ڏهاڪي ۾ مخالفت جو سبب اياز جي وڏن قدرن ۽ جديد فڪرن سان سينگاريل شاعري ۽ نظرياتي طور اياز جي عقل ۽ شعور جو وڌيڪ سرسبز ۽ شاداب هجڻ هو- مان ته ائين چوندس ته اُن زماني ۾ سنڌ ۽ سنڌ جي مفادن تي لکي، اياز هن سرزمين جي وحدت کي گيتن ۾ محفوظ ڪيو هو. ۽ ائين شيخ اياز اسان جي ڪن وڏين هستين ۽ جهونن مفڪرن جي فڪر ۽ حڪمت عمليءَ جي رنگا رنگي گلن کي اهڙو ته سليقي سان مالهائن ۾ پويو هو، جو اسان سنڌ کي سنڌ ماتا، وڏي ماءُ ۽ مائرن جي به ماءُ چوڻ لڳا هئاسون.

ستر واري ڏهاڪي تائين اياز آمريت خلاف شعرن جا آڙاهه ٻاري ڇڏيا هئا، جنهن لاءِ ساهيوال جي جيل جون

عقوبتون ۾ ڪيس سهڻيون پيون هيون، جتي شهيد پٽي سان گڏ اياز ۽ قيد هو. جڏهن پٽو صاحب اقتدار ۾ آيو ته شيخ ايار ڪي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر بڻايائين، جنهن لاءِ ايار مستحق ۽ هو- هڪ سياست جي ميدان ۾ وڏو نالو ۽ ٻيو ادب جي دنيا جو وڏو نالو هو، انڪري جيل جو هڪ ساٿي، پنهنجي ٻئي ساٿيءَ لاءِ ائين ئي ڪري سگهيو ٿي. پٽو صاحب عوام جي ڳري فيصلي ڪري، ملڪ جو سربراهه ٿيو هو، اهڙي سياسي فضا جنهن لاءِ چئجي ته جمهوريت جو هڪ جهوٽو ۽ آمريت جي زندگيءَ ۾ لڳندڙ هوائن کان وڌيڪ صحت بخش هجي ٿو.

ڪجهه ڏاهن جو چوڻ آهي ته آمريت اڇڻ کان پوءِ ۽ عوام جي چونڊيل وزيراعظم جي گرفتاريءَ کان پوءِ شيخ ايار کي پاڻمرادو استعفا ڏيڻي، وڪالت وارو لائسنس چوڻو سنپالڻ گهربو هو، جا پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ حقيقت ۽ آهي. ايار اُن جي ابتڙ آمر جي ٽاڪيل پاليسين تي عمل ڪندو رهيو، جنهن وقت جي ڏاهن ۽ ذات ڏٺين ۾ ناراضپو پيدا ڪيو، جنهن جو اثر ايار جي لاڏاڻي تائين ۽ رهندو آيو.

ايار جي ادبي پورهئي جو جيڪڏهن اسان ويهي تجزيو ڪنداسون ته ايار اڌ صديءَ جي تخليقي جمار ۾ سنڌ ۽ سنڌ وارن کي ايترو ڪجهه ڏنو آهي، جنهن جي مقابلي ۾ ايار ۾ اٽي ۾ لوڻ برابر ۽ اوٽايون نظر نٿيون اچن. ڏسڻو اهو آهي ته ايار پاڻ ته هليو ويو، پر اسان وٽ ڇا ڇڏي ويو آهي؟ ايار شعر و سخن جي هڪ ڪائنات تخليق ڪري ويو آهي ۽ ادب ۾ اهڙا ۽ تجربا ڪري ويو آهي، جي اڳتي شايد ڪنهن مائيءَ جي لال کان نه ٿي سگهن. اسان جا اهڙا ڪيتراڻي شاعر آهن، جن لطيف، سچل ۽ خليفي نبي بخش لغاريءَ کي پڙهڻ کان پوءِ لکيو، جن ۾ مان ۽ آهيان، جو منهنجي اتساهه جا ۽ وڏا وسيلا شاهه ۽ ايار رهيا آهن.

ايار سان منهنجي پانهن پڻ جي وات جو سلسلو ستر واري ڏهاڪي ۾ گلشن اقبال، وي. سي. هائوس جامشوري ۽ گارڊن روڊ تي واقع منهنجي سرڪاري رهائش گاهه کان شروع ٿيو. اسان جي هن ياري باشيءَ ۾ يوسف شاهين جو ۽ هٿ رهيو آهي. يوسف شاهين، جو وارثن هوندي ۽، هن وقت لانڊي جيل جون عقوبتون برداشت ڪري رهيو آهي! جيل جي ديوارن ۽ بُرجن مٿان شام ويلي واهيرن ڏانهن پکين کي اُڏامندو ڏسي، هڪ شاعر جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي، اُن ڪيفيت ۽ اُن ماجرا کي هڪ شاعر ۽ ليکڪ ئي محسوس ڪري سگهي ٿو. يوسف شاهين ڪڏهن ڪڏهن ايار کي گاڏيءَ ۾ وهاري، مون وٽ چڏي ويندو هو، جتي ڪڏهن ڪڏهن شمشيرالحديري، هدايت بلوچ، علي بابا ۽ دستگير پٽي ۽ اچي شامل ٿيندا هئا.

هڪ رات وي. سي. هائوس جامشوري ۾ رات جي ڪچهريءَ ۾ ايار، مانواري محمد ابراهيم جويي کي ۽ دعوت ڏيئي گهرايو هو. اسان ايار کان سندس تازو ڇپيل ڪلام پڌندا رهيا هئاسون. سندس فرمائش تي، مون ۽ کين ڏهاڪو ڪن وايون پڌايون هيون، جن کي ايار ايڏو ته پسند ڪيو هو، جو يونيورسٽيءَ پاران نڪرندڙ 'پرک' رسالي ۾ پنهنجي ڪلام کان پوءِ منهنجون وايون ڇپي، منهنجي همت افزائي ڪئي هئي.

شيخ ايار ۱۹۸۹ع ۾ جڏهن پنهنجي ڪلفٽن واري فليٽ ۾ اچي رهيو، ته اسان - مان ۽ ايار- هفتي ڏيڍ ۾ ڪلفٽن جي ساحل تي ٽيلارا ڪرڻ ويندا هئاسون، جنهن لاءِ ڊاڪٽرن ۽ ڪيس گهمڻ لاءِ مشورو ڏنو هو.

هڪ لڳ اسان جي موچاري شاعره عطيه دائود چيو ته ڪيس ايار سان ملاقات ڪرڻ جو جنون جي حد تائين شوق آهي. ايار کان فون تي اجازت ونڊي اسين وٽس پهتاسون. ايار عطيه دائود سان ملڻ ۾ ايڏو ته خوش ٿيو هو جو پوءِ اسان ڪلفٽن تي سمنڊ ۽ گهمڻ ويا هئاسون، جتي جڏهن مون مڇي ٿي کاڌي ۽ ايار ۽ عطيه ڪوڪاڪولا ٿي پيتي، تڏهن منهنجي مڇي کائڻ واري انداز کي "Attack of a poet on fried fish" چئي، ٻيئي ڄڻا ادبي نوعيت جا چرچا گهڙڻ ڪرڻ لڳا هئا. واپسيءَ تي عطيه جي خواهش تي استوڊيو ۾ وڃي اسان فوٽو ۽ ڪيرايا هئا، جنهن جو

ذکر ایاز " ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" ۾ ب ڪيو آهي.

ایاز جا مون سان ايڏا ته قرب هئا، جو پنهنجي ڪتاب "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" ۾ منهنجو بار بار ذکر ڪري، هن طرح ب لکيو اٽائين: "تاجل جهڙا بيت ۽ وايون نڪو سندس همعصر نه وري ان کان پوءِ ڪو شاعر لکي سگهيو آهي." ایاز جي اهڙيءَ همت افزائيءَ جو مون ايڏو ته نوٽيس ورتو جو رات جو هڪ ٻي ويهڪ ۾ مان درجن ڪن وايون ۽ اَسي اَسي بيت ب لکڻ لڳس.

ایاز "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون" جو لاشعوري طور نالو "ڪراچيءَ جا ڏينهن رات" رکيو هو، جيئن اردوءَ ۾ لکبو آهي: "کراچی کے دن رات" - مون کيس ٻڌايو ته اِن نالي کي هن طرح لکو: "ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون". ان تجويز تي ایاز ڏاڍو خوش ٿيو هو.

هڪ ڏينهن ایاز فون ڪري چيو ته سپائي اچين ته ڪچي جي زندگيءَ جي باري ۾ ٽهيل ڪجهه وايون ڪنيون اچان. مون وٽ هَڪيون تَڪيون ايتريون وايون ڪونه هيون، اُن ڪري مودِ بٽائي رات جو ويهي لکيم، جي پارنهن جي لڳ ڀڳ ٿيون. مون کيس ٻڌايو ته اِهي سپيئي وايون مون گذريل هڪ رات ۾ لکيون آهن، جنهن تي چيو هئائين ته سندس رفتار ب اهڙي ئي هوندي آهي، فرق اِهو آهي ته هُو صبح جو ويهي رات جون لکيل وايون ۽ بيت سنواريندو آهي. وڌيڪ ٻڌايائين ته فيض احمد فيض هڪ ويهڪ ۾ هڪ غزل يا هڪ نظم ب مشڪل سان لکي سگهندو هو.

وي. سي. واري نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ ایاز سکر وڃي گهر ۾ ڪنڀائتي زندگي گذارڻ لڳو هو ۽ ڪافي پريشان ب لڳندو هو، ايتري قدر جو فقط نثري نظم لکڻ تائين محدود ٿي ويو هو، جنهن لاءِ پاڻ ب لکيو هئائين ۽ چوندو ب هو ته ڪوتا ديوي ڪائنس رسامو ڪري ويئي هئي. ایاز جي مائر ڏسي منهنجي دل جلڻ لڳي هئي، جنهن ڪري سندس شعر سخن جي مانيِ تلاءُ ۾ پٿر اُڇلائي لهرون پيدا ڪرڻ لاءِ مون ۱۹۸۲ع ۾ ایاز تي 'مشورو' جي عنوانهيٺ پورو باب لکيو هو، جو اُن ئي سال منهنجي پهرئين شعري مجموعي "جڏهن پونءِ ٻٽي" ۾ ڇپيو هو. کيس مخاطب ٿيندي مون جوتي، وڻجار، راڄگي، ڪاپڙي، پاتڙي، سواسير، رانول، ناڪئو، جُڳتي، ڳٻٽو ۽ مها جهڙيون طاقتور علامتون ۽ لقب استعمال ڪيا هئا.

۱۹۸۹ع ۾ مون ایاز کي عرض ڪيو ته منهنجو شعري مجموعو "سنڌ منهنجي امان" ڇپجي پيو، اوهان قرب ڪري ب لفظ مهاڳ جا لکي ڏيو. ایاز مصروفيت هوندي ب منهنجو عرض اگهايو ۽ مون کمپوز ٿيل مواد سندس



انعام شيخ، لجمڻ ڪومل، شيخ ایاز، تاجل بيوس ۽ انورفگار هڪڙو

حوالي ڪيو. مواد بڙهڻ کان پوءِ اياز مون کي گهرايو ۽ ڪچي بابت استعمال ڪيل علامتن، استعارن، تشبيهن ۽ اصطلاحن تي مون سان گفتگو ڪيائين، جن مان ڪجهه لفظ هن طرح هئا: ساندارو، آڇارا، لُوٺ، اُوسَرُ، پئنتلو، گودر، ساڳاهِڻ، بيدي، لَڙُهِ، ڦير، ڪوڇو، ڪَرَس، اوڌِ، آئنو، گٽنگ وغيره.

اهڙن لفظن ۽ لفظن جي پس منظر، مفهوم، منظرڪشي ۽ مشاهداتي رنگن کان متاثر ٿي، مهاڳ لکڻ کان پوءِ اياز چيو هو ته "تاجل! مان ڪچي ۽ درياهي پس منظر ۾ توتي هڪ ناول لکڻ ٿو چاهيان، شرط اهو آهي ته تون هفتو کن ويهي ڪچي جي زندگيءَ ۽ پس منظر تي مون سان ڪچهريون ڪر." مون سوچيو ته اياز جهڙي ادبي شخصيت مون تي قلم کڻي، ان کان وڌيڪ مانَ ڀري همت افزائي مون لاءِ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اياز چيو ته هُن ڪم شروع ڪيو آهي، پر ناول جو نالو پاڻ تجويز ڪريان. مان مُنجهي پيس ۽ کيس چيم ته هُو مون کي پنهنجي تخليقي سفر ۾ دخل ڏيڻ کان پري رکي، جيئن سندس سوچيل خاڪي جو شيرازو بگڙي نه وڃي. اُن ڪري اياز چيو ته هُن ناول جو نالو 'تاجل' رکيو آهي، جنهن تي مون کيس چيو ته تاجل بيوس ته مان اڳ ئي آهيان، اُن ڪري نالو ڳوٺاڻي ڪردار جهڙو ۽ تاثر ڇڏيندڙ هئڻ گهرجي، جنهن ۾ ندرت (Novelty) هجڻ به لازمي آهي. مون تي زور رکيائين ته مان به ڪو نالو تجويز ڪيان، جنهن تي مون کيس چيو ته تاجل کان وڌيڪ سٺو 'تاجُو' ٿيندو. اياز تپي ويو. چيائين ته سڀاڻي تون مون تي نالي جي بگاڙڻ تي ڪيس ڪندين- بس پوءِ ته 'تاجُو' ۽ 'ڪورٽ' جهڙا لفظ اياز کان وسرن ئي نه پيا. جڏهن به ملياسون ٿي، تڏهن اياز 'تاجُو' ۽ ڪورٽ لفظن ۾ محصور نظر ٿي آيو. مون جڏهن اياز جي اِن ڪيفيت کان انعام شيخ کي واقف ڪيو هو، ته هُن وراڻيو هو ته اِهو اياز جي سادگي ۽ سچائيءَ جو دليل آهي.

هڪ ڏينهن اسان چائنا ٽائون (ڪلفٽن) لنچ ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو. اياز فون ڪري چيو ته انعام شيخ کي به ساڻ وٺيو اچان. اهڙيءَ طرح ستار، رکيل، انعام، مون ۽ اياز ماني به کاڌي هئي ته سمنڊ جو به نظارو ڪيو.

جنهن رات اياز کي مڊ ايسٽ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو، اُن رات مون وٽ علي بابا ترسيل هو. اياز کي فون ڪري مون خيرعافيت معلوم ڪرڻ ٿي گهري. اياز جي ڏوهٽيءَ ٻڌايو ته بابا ٻئي ڪمري ۾ آهليو پيو آهي. اُٿارڻ کان مون ڪڪيءَ کي منع ڪئي. ٻن منٽن بعد اياز جو فون آيو ته سندس آواز چچريل هو ۽ علي بابا به سندس صحت بابت پڇڻ لاءِ به جملا ڳالهايا. مون علي بابا کي چيو ته خدا خير ڪري، اسان جي عمر به اياز کي ملي. ان کان پوءِ ٽي هفتا کن اڳ ساجد سومري، آزاد شر ۽ مون اياز سان گڏجي ساحل هوٽل تي ويهي، شام ويلي سج کي سمنڊ ۾ ٻڏندي ڏٺو هو.

١٩٩٥ع ۾ ڪنڊي جي هڏي خراب ٿيڻ ڪري، مان جڏهن لياقت نيشنل اسپتال ۾ وڃي داخل ٿيو هئس ته اياز قرب ڪري، آزاد جتوئيءَ سان گڏجي مون کي پڇڻ لاءِ اسپتال ۾ آيو هو، پر مان به ڏينهن اڳ اسپتال ڇڏي، گهر موٽي آيو هئس. پوءِ اياز ستار سان گڏجي منهنجي عيادت لاءِ قرب جا قدم ڀري، منهنجي گهر به آيو هو. مون سندس مانَ ۾ منجهند جي ماني موڪلائي هئي، جنهن ۾ نور احمد ميمڻ، ذوالفقار سيال، غفار تبسم، انعام شيخ، آفتاب ابڙي، ادل سولنگي، ستار پيرزادي ۽ هدايت بلوچ کي به دعوت ڏئي گهرايو هوم، جتي منهنجي ڏوهٽي سندرتا ۽ پوٽي اياز لطيف جي نالن جي پڌرائي ڪرائي ويئي هئي.

●●●●●●

رڪيل مورائي

تنهنجي ڳلي ۽ جون ڳالهڙيون

اڄ منهنجي پرڏيهي يار شريڪانت "صدف" (دُبئي) جو خط مليو اٿم، هڪ پل لاءِ اهو احساس جاڳي پيو آهي ته واقعي اياز اسان کان جدا ٿي ويو آهي! هونئن سڄو مهينو گذرڻ کان پوءِ به اهو احساس کڏهن دل ۾ نه آيو ته اياز اسان کان جدا ٿيو آهي. ۱۹۹۷ع جي ڊائريءَ ۾ مان ۲۸ ڊسمبر جي تاريخ ۾ اهو نه لکي سگهيو آهيان ته اڄ اياز جي وفات جو ڏينهن آهي. اسان لاءِ اهو ڪڙو نه بدنصيب ڏينهن آهي جيڪو اياز کي اسان کان جدا ڪري ويو! اهو ڏينهن اسان جي تاريخ کان ڪيئن وسرندو؟

اسان جي روح ۾ تيز بڙڇيءَ وانگر لڳندڙ اُهو ڏينهن دنيا ۾ ڪنهن به حوالي سان ڏهرايو وڃي، پر اهو ڏينهن هر سال اسان جي روح جو گهاءُ تازو ڪندو، ان ڪري ڊائريءَ ۾ ان ڏينهن واري پني تي ڪجهه لکڻ اجايو لڳي ٿو. شريڪانت صدف لکيو آهي ته: "هن صديءَ جي سڀ کان وڏي شاعر اياز صاحب جي ديهانت جو بُڌي مون جهڙا ننڍڙا شاعر فقط اهو ئي چئي سگهن ٿا ته هِنَ ادبي پريوار جو 'وڏو' هليو ويو."

خط ۾ استعمال ڪيل لفظ "وڏو" منهنجي ذهن ۾ اياز جي وڏائيءَ جا الائي ڪيترا ثبوت ڪٽي آيو آهي. وڏو شاعر، وڏو ڪهاڻيڪار، وڏو عالم، وڏو ذهين، وڏو وڪيل، وڏو انسان ۽ ٻيو الائي ڇا ڇا؟

مون کي ياد اچي رهيو آهي ۸۲-۸۳ع جو اهو ڏينهن، جنهن ڏينهن مون هن عظيم شاعر کي پهريون پيرو ڏٺو هو: جيتوڻيڪ مان سندس شاعريءَ جا اُن دؤر تائين چپيل سڀ ڪتاب پڙهي چڪو هوس، ان سبب جي ڪري ئي مون پنهنجي محبوب شاعر سان هڪ پيرو هٿ ملائڻ ٿي چاهيو، جيڪو اڳتي هلي تمام گهٽي ويجهڙائيءَ جو سبب بڻيو.



شيخ اياز ۽ رڪيل مورائي

اُن ڏينهن مان ۽ منهنجو ننڍپڻ جو يار سقراط سيتائي شڪارپور ۾ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وڃي رهيا هئاسين. سکر ۾ لهي اسان پنهي اياز جا چَرنَ چُمڻ ضروري جاتا، ان لاءِ اسين پهرين سندس آفيس ۾ ويا سون. اتفاق سان آفيس بند هجڻ ڪري اسان کي پرسان ئي رهندڙ مانواري سائين فتاح ملڪ جي گهر جو ڏس مليو، جيڪو اياز جو نه رڳو دوست هو پر ڪيس "استاد" به سڏيندو هو.

فتاح ملڪ اسان کي نه رڳو چانهه پياري پر اهو به چيو ته شام جو مان اياز سان اوهان کي ڪچهري ڪرائيندس، پر جيئن ته شام جو اسان کي شڪارپور پهچڻو هو انڪري اسين ترسي نه سگهياسين ۽ اياز جي گهر

جو ڏس پڇي ٽانگي تي چڙهي سکر جي ان جڳهه جي آڏو اچي لٽاسين، جنهن ۾ سنڌ جو عظيم شاعر رهندو هو. منهنجو من اتساهه ۾ اپامڻ لڳو. ڪال بيل جو بٽڻ دٻائي اسين ڇڻ ساهه روڪي اندران ڪنهن جي اچڻ جو وڌي بي چيني ۽ تجسس سان انتظار ڪرڻ لڳاسين. ايتري ۾ اندران ڪوئي ڏهن ٻارنهن سالن جو ڇوڪر ٻاهر نڪري آيو، مون اڳتي وڌي ڪانئس پُڇيو. "ادڙا! شيخ صاحب جن گهر ۾ آهن؟" ڇوڪر جهٽ ۾ جواب ڏنو "نه اهي ڪونهن، وڪيل صاحب گهر ۾ آهي."

مون ڪيس اپوجهه سمجهي چيو: "ادڙا ٻئي ڪنهن کي موڪل."

پنج منٽ مس گذريا ته بادامي رنگ جي ڪاڏيءَ جي وڳي ۾ سنڌ جي عظمت، اياز صاحب اسان جي سامهون پنهنجي گهر جي دروازي مان ٻاهر آيو. اسين جيئن ته گهٽيءَ ۾ هُنَاسين ۽ گهر جو دَرُ سيمينٽ جا ٻه چار ڏاڪا مٿي هو اُن ڪري اڳ ۾ مون وڌي شيخ ايياز جي پيرن تي هٿ رکيو ۽ ان کان پوءِ سقراط. مون سقراط جو ۽ پنهنجو تعارف ڪرائي چيو ته: "اوهان سان ڪچهري ڪرڻ جو شوق هو." ايياز اسان ڏانهن ڏٺو، ڇڻ ڪيس يقين نه آيو. سندس وات مان فقط هڪ لفظ نڪتو. "ڪو ڪم؟....."

منهنجي زبان ڳالهائڻ جي طاقت وڃائي ويني. مون پنهنجو سمورو ست سميڙيو ۽ وري ٻه ورجايو: "اوهان سان ڪچهري ڪرڻ جو شوق هو." هُنَ هڪ نظر اسان تي وڌي ۽ ساڃي هٿ ۾ اڻ دُکيل سگريٽ مان هڪ وڏو ڪَشُ هٽي آڪاس طرف نهاريو ۽ ڏاهڪو منٽ ساندهه هو آڪاس جي وسعتن ۾ گهور وجهي ڏسندو رهيو....

هُن آڪاس تان نظرون هٽائي وري مون ڏانهن ڏٺو. مون کي ائين لڳو جڻ ته سندس نظر مون مان پار ٿي ڪائنات جي ٻئي ڇيڙي تائين وڃي پڳي آهي. مون کي پنهنجو سمورو وجود وکرندو محسوس ٿيو. زبان مان هڪ لفظ ٻه نه نڪتو ته ايياز چيو" پٽ چگو"...۽ هلڻ وارو ٿيو. مون موڪلائڻ لاءِ وري سندس پيرن تي هٿ رکيا. هن آسيس ڏيڻ واري انداز سان منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ چيو: "پٽ! جاڻ اوهان جو وارو آيو." ائين چئي هو اسان کان موڪلائي گهر ۾ اندر هليو ويو ۽ مان اڃا تائين پنهنجي واري جي انتظار ۾ آهيان.

ان ملاقات کي ۱۵ ڪن سال گذري چڪا آهن پر ايياز جا لفظ ۽ سندس هٿ جو ڇُهاءُ منهنجي ڪلهي تي اڃا تائين تازو آهي. ان کان پوءِ ستت ئي ايياز صاحب ڪراچيءَ آيو. ايياز ڪراچيءَ اچي ڪيڏو سُک پرايو يا ڏک پرايو، اهو لکت جي صورت ۾ تاريخ ۾ محفوظ آهي. مان وري شريڪانت جي خط جو سهارو ونان ٿو: "پاڻ! اڳئين خط ۾ انهن جو ذڪر ڪيو هئم، جيڪي پنهنجن ئي اديب پائرن جو معيار يا مشهوري ڏسي حسد وچان انهن کي نيچو نوائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا!"

پوين اٽن ڏهن سالن ۾ ايياز صاحب اهڙي حسد جو شڪار رهيو، جنهن جو ڏک هو بار بار اسان آڏو ظاهر ڪندو هو. آهستي آهستي مون کي سندس ويجهڙائيءَ وارا سڀ پل ياد اچڻ لڳا آهن. ڪراچيءَ ۾ اچڻ کان پوءِ اڻ ڳڻيون ملاقاتون، ڪچهريون، پوڳ، هڪ هڪ ٿي ذهن تي تري اچي رهيا آهن. ان کان اڳ جو ڪجهه لکان، هڪ خاص ڳالهه ياد اچي رهي آهي. حيدرآباد مان موٽي گهر اچي ايياز صاحب جي ٽيجهي تي وڃي رهيو هوس ته منهنجي پٽ هوش اچي چيو "بابا مان ٻه هلان؟" "نه پٽ! تون ڇا هلي ڪندين" ته هُنَ جي چهري تي عجيب اداسي ڇانئجي ويئي. هن اداس نظرن سان مون ڏي ڏٺو ۽ چيو "بابا خبر ٿئي، چاچا ايياز جا هٿ ڪيڏا نه نرم هئا!" مان اچرج ۾ پئجي ويس ته هن کي ڪيئن خبر پيئي ته ايياز جا هٿ نرم هئا.

مون ڪانئس اچرج مان ئي پڇيو ته "پٽ توکي ڪيئن خبر پيئي ته چاچا ايياز جا هٿ نرم هئا" ۽ پوءِ هن پنهنجي ياد ٻڌائي. ويجهڙ ۾ ئي استاد بخاريءَ جي ورسيءَ تي عبدالغفار تبسم جي گهر تي مان هوش کي ٻه ونڊي ويو هوس.

ويهڪ ختم ٿيڻ کان پوءِ هوش چيو ته بابا مان چاچا اياز سان فوٽو ڪيرايان ته مون کيس چيو ته تون سندس پرسان ويهه. هوش ڏانهس وڏي رهيو هو ته وچ ۾ ٽيبل رکيل هئي. هو اتان لنگهيو ته شيخ صاحب کيس ڏاڍي پيار مان هٿ ڏيئي پنهنجي پرسان ويهاريو. هوش ٻڌايو ته بابا مون کي جڏهن چاچا هٿ ڏنو ته هن جو هٿ ڏاڍو نرم ۽ ٺڏو هو. هوش اهو ٻڌايو ته بابا چاچا مون کي هڪ ڪيلو ڇلي ڏنو ته تون کاءِ. مون اهو وٺي کاڌو ۽ پوءِ هُن ڏٻو کاڌي جو پنهنجي آڏو رکي ٽورو پاڻ کائي، مون کي ڏنو ته مان کاوان ۽ اهو ڏٻو شيءِ جو مان گهر کڻي آيس. هُن اڄا ايترو چيو ته سندس اکين ۾ پاڻي تري آيو ۽ منهنجون اکيون ٻه پرجي آيون ۽ مان گهر کان ٻاهر نڪري آيس. اڄ اها تصوير اسان وٽ آهي ۽ مون کي يقين آهي ته هو وڏو ٿي اها تصوير جڏهن پنهنجي اولاد کي ڏيکاريندو ته کيس ڪيڏو نه فخر محسوس ٿيندو ته هو ويهين صديءَ جي عظيم شاعر سان مليو هو.

...۽ ائين منهنجي ذهن تي ساٺس آخري ملاقات جي ياد تري آئي آهي. سنڌيءَ جو نوجوان شاعر امداد سولنگي ڊسمبر جي ٿي شروع ۾ ڪراچي آيو ۽ چيائين ته اياز سان ملڻو آهي ۽ ساٺس گڏ فوٽو ڪيائڻا آهن. رات جو ٿي مون اياز ڏي فون ڪئي ته سائين موري کان نوجوان شاعر امداد سولنگي آيو آهي، اوهان سان ملڻ ٿا چاهيون ته پاڻ چيائين ته صبحاڻي شام پنجين وڳي اچجو. امداد کي توڻي جو واپس وڃڻو هو، پر کيس اياز سان ملڻ جو بي انتها شوق هو، ان کان ٻه وڌيڪ فوٽو ڪيائڻ جو!

هونئن ته مان پاڻيان ته مان نهايت ٿي خوش نصيب شخص آهيان جو مون کي اياز جو ڏاڍو پيار نصيب ٿيو. ڪراچيءَ ۾ جڏهن ٻه اڪيلو ساٺس ملڻ ويس ته مون فون ڪڏهن ٻه نه ڪيو. ائين ٿي هليو ويندو هوس ۽ جڏهن ٻه ڪو دوست آيو ۽ ساٺس ملڻ لاءِ فون ڪيم ته ڪڏهن ٻه جواب ۾ ائين نه چيائين ته مون وٽ ٽائيم ڪونهي يا طبيعت ٺيڪ نه اٿم. ان ڳالهه جا گواهه سنڌ جا تمام گهٽا نوجوان هوندا جن مون سان گڏجي اياز سان ڪچهري ڪئي هوندي. خير، امداد ۽ سندس ٻه دوست فدا حسين جتوئي، وقار سيال ۽ آءٌ گڏجي ساٺس ملڻ ويا سين. ٻن ڪلاڪن جي ڪچهريءَ کان پوءِ اسان کيس عرض ڪيو ته سائين ڪجهه فوٽا ڪيڻا آهن. پاڻ بلڪل ڪنو جواب ڏنائين ته "فوٽا ڪنهن ٻئي دفعي" ته منهنجي زبان مان الائي ڪيئن نڪتو: "سائين الله اوهان کي اسان جي ٻه حياتي ڏي. پر ڪير ڄاڻي ته حياتي الائي ڪيترا ڏينهن؟ نوجوانن جو شوق آهي ته اوهان سان گڏ ڪجهه يادگار فوٽو ڪيرائين، ڳوڻان ڪئمرا ڪٽي آيا آهن."

پاڻ ڪلي ڏنائين ۽ ذري گهٽ ٽهڪ ڏئي چيائين "مان اڄا ڪونه مرندس. آتم ڪٿا جا ڏهه جلد ۽ پٽائيءَ تي ناول لکڻو اٿم: فوٽا ٻئي پيري ڪيجو." مون سندس چهري ۾ پيءُ جهڙي شفقت ڏسي اولاد وانگر انگل ڪيو. سائين ٿي چار ٿي فوٽا ڪيڻا آهن. "چڱو پلا، ترسو مان ڦٽي ڏئي اچان" ائين چئي هو پوئتي مڙيو ۽ دوستن ڪئمرا کي ناهي فوٽن لاءِ تيار ڪيو.

ٻن منٽن ۾ ٿي پاڻ وار سنواري موٽي آيو ته اسان فوٽو ڪيڻ شروع ڪيا. فوٽو ڪيي اسان کانئس موڪلايو ته ڪلي چيائين ته مون ڪراڙي جا فوٽو ڪيي خوش ٿيئو؟ هاڻ هڪ هڪ ڪاپي مون کي ڏئي وڃجان." مان اهو واعدو ڪري ته فوٽو اوهان کي پهچائيندس، امداد وارن کي وٽي پرنس ڪامپليڪس تان هيٺ لهي آيس.

۲۴ ڊسمبر تي پنهنجي عادت موجب فون ڪرڻ کان سواءِ اڪيلو ٿي ساٺس ملڻ لاءِ هليو ويس. گهنٽيءَ تي جيجي زرينا جو آواز آيو. مون نالو ٻڌايو. ٻن منٽن کان پوءِ جيجيءَ مون چيو ته پٽ! سندس طبيعت ٺيڪ نه آهي. ڊاڪٽرن ڳالهائڻ کان منع ڪئي اٿس ۽ هونئن به هاڻ ننڊ ۾ آهن. ڳالهائڻ کان منع واري ڳالهه ٻڌي الائي ڇو منهنجي من ۾ هڪ ڊپ اچي واسو ڪيو. رات جو دير تائين مون کي ننڊ نه آئي. صبح جو پي.ٽي.وي تي اچي ادي بيدل سان

اها ڳالهه ڪيم ته "اياز جي طبيعت ٺيڪ نه آهي. الائي ڇو مون کي لڳي ٿو ته اياز هيءُ سال پورو نه ڪري سگهندو" ۽ ائين منهنجي اکين مان پاڻي وهي آيو ۽ اوڇنگار نڪري ويئي. بيدل جي چهري تي به اداسي ڇانئجي ويئي ۽ هو بيچين ٿي مون کي تسلي ڏيڻ لڳو. ٽئين ڏينهن تي بيدل ٻڌايو ته هو ٽئي ڏينهن فون تي اياز جي گهر رابطو ڪندو رهيو پر فون ڪنهن کنيو ئي ڪونه ٿي.

٢٧ تاريخ شام جو وري مون فون ڪيو. ان لاءِ ڪجهه ڏينهن اڳ شيخ صاحب ئي چيو هو ته اياز گل، سنڌي ادبي سنگت جي گولڊن جوبليءَ لاءِ پيغام لکي ڏيڻ لاءِ چيو هو. هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ تون اچجانءِ ته اهو پيغام توکي لکرائيندس ته اياز گل کي پهچائجانءِ. فون وري به کنيو جيجي زرينا. مون اياز صاحب جو پڇيو ته جيجيءَ چيو ته "پٽ سندن طبيعت ڏاڍي خراب آهي، دعا ڪريوس."

مون کي جهٽڪو لڳو جو ڏهن سالن ۾ جيجيءَ پهريون ڀيرو اهي لفظ چيا هئا ته "ادا دعا ڪريوس."

موٽ ۾ منهنجي وانان نڪتو "امان! الله سائين منهنجي عمر به کيس ڏئي."

منهنجي ڳالهه ڪنڌي جيجيءَ چيو ته "نه پٽ، ائين نه، توکي الله وڏي حياتي ڏئي. ٻچڙا اٿئي ننڍڙا."

مون موٽ ۾ چيو هو ته "جيجي! اسان بنهه ننڍڙا ماڻهو آهيون. اسان جهڙن هزار کن نوجوانن جي عمر جيڪڏهن اياز صاحب کي ملي ته سنڌ کي ڪائي ڪَسُ ناهي. الله سائين کيس وڏي ڄمار ڏئي" ۽ منهنجو آخري جملو هو: "جيجي ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي ته مان حاضر ٿيان."

۽ موٽ ۾ جواب مليو هو: "ادا ضرورت پيئي ته اوهان پري نه آهيو" ۽ ائين مون فون رکي ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ستين وڳي ڌاري آءٌ حيدرآباد لاءِ گهران نڪري چڪو هوس.

ساڍي ڏهين ڌاري احمد جي گهر پهتس. احمد اڪثر حالت جي ابتڙ گهر ۾ موجود ڪونه هو. مان سنڌ ميوزيم ڏانهن آيس. سامهون اختر درگاهي حيرت مان ڏسي رهيو هو. مان سمجهي نه سگهيس ته ٽهڪ ڏئي ڀاڪر پائڻ وارو دوست اڄ مون ڏي اداسي ۽ حيرت مان ڇو ڏسي رهيو آهي؟

...۽ اياز جي وڇوڙي جي خبر هٿوڙي وانگر ميڄالي ۾ ٺڪاءُ ڪري لهي ويئي!

•

ڦِرندو واءُ، ٻنيءَ ۾ رهندو ڪوئي سنگ نه ڪانو، هُو،
ڪتهن کي ڪوبه بقاءُ نه آهي، ڇا تي ٿين ديوانو، هُو،
ڀل تون مال ڏسي وٺ پنهنجو، کولي ڏِس تون خانو، هُو،
ناه ڪفن کي ڪوئي کيسو، هرڪو ائين روانو! هُو.

- شيخ اياز

ڈاڪٽر بشير احمد شاد

ڪيڏو موت وشال آ

(شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ موت جو تصور)

لبنان جي عظيم ڏاهي خليل جبران کان جڏهن پڇيو ويو ته موت ڇا آهي؟ ته هن جواب ۾ وراڻيو: "جيئن برف جي ڇپ وانگر اوهان جو جسم اس ۾ ٻينو هجي ۽ سج جي گرمي ان کي ڳاري وهائي ڇڏي ۽ اها ڳوڙو ئي پاڻي ٿي وڃي جيئن اڳ ۾ هو. اهو پاڻي وري ساڳيءَ طرح درياهه ۾ وڃي ملي ۽ اهو درياهه وري سمنڊ جي وسعت ۽ گهرائيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي فنا ڪري ڇڏي. موت روح جي آزاديءَ جو نالو آهي، جيڪو ڪمال مطلق جي جستجو ۾ اُڏامندو رهي ٿو."

دنيا جي سڀني مفڪرن ۽ وڏن شاعرن موت جي متعلق ضرور سوچيو ۽ لکيو آهي، ۽ موت جون مختلف توجيهون پيش ڪيون آهن، ليڪن موت بابت وجودي فيلسوفن وٽ گهٽو مواد ملي ٿو، جن ان کي باقاعده پنهنجن ڪتابن ۾ شامل ڪيو ۽ ادب ۾ ان کي هڪ اهم بحث جو موضوع بڻايو آهي. اهڙن وجودي فيلسوفن ۾ ڪيرڪ گارڊ، جيسپرس، هيڊگر، سارتر، البير ڪاميو، امام غزالي، مولانا رومي، علامہ اقبال، شاه لطيف، سچل سرمست، شاه عنايت ۽ ٻيا ڪيترائي نالا اچي وڃن ٿا.

شيخ اياز جو شمار پڻ اهڙن ئي مفڪرن ۾ ٿئي ٿو. هو برصغير جي چوٽيءَ جي شاعرن ۽ ڏاهن مان هڪ هو. هن پنهنجي سموري جمار ٻولي، ادب ۽ ڏرتيءَ کي اربي ڇڏي ۽ بيماريءَ جي بستري تائين علم ۽ قلم سان محبت جاري رکي. سندس ادبي زندگيءَ جا ڪيئي دور رهيا، جن ۾ سوچن ۽ نظرين ۾ ڪيئي موڙ آيا. هن دنيا جي عظيم فلسفين ۽ ڏاهن جي افڪار جو چڱيءَ ريت مطالعو ڪيو هو ۽ مغرب جي ڪجهه ملڪن ۾ وڃي روبرو مشاهدو به ڪيو. وسيع مطالعي ۽ مشاهدي سبب ڪيئن وشال سوچون مليون. سندس شاعريءَ ۾ بيشمار موضوع ٽڙيا پکڙيا ٻيا آهن، جن مان مون "موت" جي نظريي ۽ فلسفي متعلق سندس سوچن کي سمیڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته شيخ اياز وقت، حالتن، ماحول، عمر ۽ تجربن جي روشنيءَ ۾ هن نظريي ۽ فلسفي متعلق به مختلف دورن ۾ مختلف رايا قائم ڪيا آهن. منهنجي ڳالهه جي تائيد مرحوم امير علي چانڊئي جي مقالي ۾ ملي ٿي: "منهنجي خيال موجب ته اياز جي پوين مجموعن ۾ سندس شاعري اڳين شاعريءَ جي بنسبت هڪ الڳ فڪري ڏس ۾ هلي ٿي سو آهي شاعر جو صوفيانہ طرزِ احساس، جيڪو سندس تجربي ۽ عمر جي تقاضائن سان وڌندو ۽ گهرو ٿيندو ٿو وڃي."

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ موت کان اڳ ۽ پوءِ متعلق مختلف ڪيفيتن جو ذڪر ملي ٿو، جنهن ۾ حوصلو ۽ جرات، حياتيءَ جي آس، بي بقا زندگي، موت جو اعتراف، تقدير، قبر ۽ آخرت جو عقيدو، زندگيءَ کان بيزاريءَ ۽ موت کان اڳ وصيت وغيره اچي وڃن ٿيون.

مرحوم امير علي جي خيال مطابق اياز وٽ موت جو تصور درد و ڪرب کان زياده رجائيت جي علامت آهي. چاڪاڻ ته انسان لافنا آهي ۽ موت Finite کان Infinite ارتقا پذيري جي علامت آهي. هتي اياز جو تصور صحف سماوي جو Antithesis آهي. اياز جي تصور ۾ آواگون جو پڙاڏو به ملي ٿو. موت اياز جي شاعريءَ جي حوالي سان رجائيت يا نروان جي علامت آهي.

شيخ اياز پنهنجي انهيءَ نظريي جي اپتار هيٺين شعرن ۾ هن ريت ڪري ٿو:

آهه هرڪو ئي فنا جي ڏات ۾
ڪنهن به پاتو موت کان ناهي فرار
ها مگر هن زندگيءَ جي انت ۾
آهه بي چو زندگيءَ جو انتظار

يا

ڪيترا تو لئه جنم ترسيو هيس
هيئن بادل ٿي ڪڏهن برسيو هيس
موت کي معنيٰ ڏنئه پوئين گهڙيءَ
زندگي چا چا ڏنئه پوئين گهڙيءَ

دنيا فاني آهي ۽ هر جاندار کي هي جهان ڇڏي وڃڻو آهي. ان روز روشن حقيقت جي باوجود انسان کي پنهنجي جان وڏ کان وڏ عزيز ٿئي ٿي، جنهن کي بچائڻ لاءِ هو حياتيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين جهيڙي ٿو. شيخ اياز پڻ جُڳن تائين جيئڻ جو حوصلو، جرئت ۽ خواهش رکي ٿو. هو چوي ٿو:

آءُ حياتي آهيان، مان ڪيئن ٿيندس فوت
متان مون کي موت، ڇهندي ئي ڇرکي وڃي

يا وري جرئت جو هيءُ انداز ڏسو:

آءُ ته آهيان وچ جئن، تنهنجو ٻک ٻ ٻک
ڪير ٿئي ٿو ٻک، تون يا مان اڳتي ڏسون

مانجهي مڙس مٿير موت کان ڪڏ ڪونه ڪائيندا آهن. تاهم هروپرو هو زندگيءَ سان پيار واري تند ڇنڻ جي حق ۾ ٻ ڪونه هوندا آهن. اهڙي ئي جذبي جو اظهار شيخ اياز پنهنجي هن شعر ۾ ڪيو آهي:

سامي! هن سنسار جو، آهيان مان پوڄڪ
مون ۾ ناهي موت کان، تو وانگر ڏڪ ڏڪ
ڪيڏو موت وشال آ، جيون سوڙهو لڪ
دلڙي جي دڪ دڪ، پياري آ جيسين هلي

موت هڪ اٽل حقيقت آهي جنهن کان ڪوبه انڪار ڪري نٿو سگهي. زندگي ۽ موت هڪ ئي سڪي جا ٻ پاسا آهن. دنيا جي هر تهذيب ۾ هيءَ ازلي ۽ اڻ تر حقيقت تسليم ٿيل آهي. موت انسان جي ذهن ۽ سوچ تي حاوي رهيو آهي، پر حياتيءَ جي آس ٻ هر هڪ انسان رکندو آهي. اياز عمر جي آخري حصي ۾ توڙي جو پنهنجي اندر پڇ ڌاهه محسوس ڪري ٿو ته ٻ همت ڪونه ٿو هاري. زندگيءَ جي آس ۽ عزم جو دامن هٿان ڪونه ٿو ڇڏي ۽ چئي ٿو ڏئي:

هيل نه مرندس مان
مون مان لاهه نه آسرو
وهندي ندي وقت جي، اڃان ترندس مان
جئن پاڻيءَ تي ڏيئڙو، ائين ٻرندس مان

يا وري چوي ٿو:

اڄان جيئڻو آهه
متان هينئون هارئين
وه جو وٽيءَ آڇيو، سارو پيئڻو آهه
متان هينئون هارئين

طبعي عمر پوري ڪري مري وڃڻ کي موت چئبو آهي. حياتيءَ تي ڪوبه اعتبار نه آهي. ان جو مثال پاڻيءَ جي ڦوٽي سان ڏنو ويو آهي. شيخ اياز زندگيءَ جي بي بقا هجڻ واري حقيقت کي نهايت خوبصورت تمثيل ذريعي بيان ڪيو آهي. هو ماڻهوءَ کي مٽيءَ جي ڪچي گهر سان تشبيهه ڏئي ٿو، جنهن کي پاڙ پشتيءَ جي مرمت جي ضرورت اڪثر بيشتر رهندي آهي. پر ڪچو گهر آخر ڪيستائين قائم رهندو. آخر ڪنهن وقت اوچتو ڊهي ڀڄي ڀري پوندو آهي.

هو پشتيون ڏئي ديوارن کي
ٿو جيئڻ ڪارڻ ڇا نه ڪري
ماڻهو ته مٽيءَ جي منهين آ
جا ڊهندي ويرم ڪانه ڪري

شيخ اياز پنهنجي هڪ وائيءَ ۾ موت جي تمثيل سمنڊ ڪناري ويٺل ٻارڙن جي جوڙيل مٽيءَ جي رانديڪن ۽ واريءَ تي ليڪن ٺاهڻ ۽ ڊاهڻ واري عمل سان ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته موت جي چنبي مان ڪوبه پاڻ ڇڏائي نٿو سگهي.

ڪنڌيءَ ويهي ٻارڙا، ڪيڏا رانديڪا
ٺاهي ڊاهي ٿا ڇڏن
واريءَ وجهي آڱريون، ليڪن تي ليڪا
ٺاهي ڊاهي ٿا ڇڏن
سڀئي ماڻهو موت وٽ، آهن هٿيڪا

هيءَ فاني زندگي درحقيقت حياتِ ابدي جو فقط هڪ پاڇو آهي. انسان جڏهن موت کي اکين آڏو ڏسي ٿو ته ان جو اعتراف ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي. شيخ اياز پڻ ان حقيقت جو اعتراف پنهنجي شاعريءَ ۾ جابجا ڪري ٿو. هو تقدير کي شڪاريءَ وانگر پنهنجو پيڇو ڪندي ڏسي ٿو. سندس من ان کان بچڻ لاءِ هرڻيءَ وانگر ڊوڙي ٿو، پر آخر ڪيستائين. جئن هٿن جي وٿين مان واري آهستي آهستي نڪرندي ويندي آهي ۽ آخر هٿ خالي ٿي ويندا آهن، ائين زندگي وقت جي وٿين مان نڪري آخر ختم ٿي وڃي ٿي.

اڄ منهنجي پويان پيڇي ۾
تقدير شڪاريءَ وانگر آ
من هرڻيءَ وانگر ڊوڙي ٿو
هيءَ دنيا واريءَ وانگر آ

هڪ ٻئي شعر ۾ هو ازل کي ڪوريئڙي جي اُڻيل ڄار سان تشبيهه ڏئي ٿو، جنهن کي هو شڪار ڦاسائڻ لاءِ ڦهلائي ڇڏينڊو آهي. لکي ٿو:

آهه وڃڻو ڏور، ڄڻ ڪوئي سفر
پنڌ منهنجي جو ڪري ٿو انتظار
۽ ازل ڪوريئڙي وانگر اُڻي
دُور ڦهلائي ڇڏيو ڪو آهه ڄار!

موت جي اعتراف متعلق شيخ اياز جا كجھ وڌيڪ شعر پيش ڪجن ٿا:

ملين ته اڄ ئي ملي وڃ، سيان هجان نه هجان
خبر نه آهي، گهٽا ڏينهن زندگي آهي!
سياڻي سڄ نه نڪري متان گهٽائن مان
سُياڻي ٽهڪ نه ٻُڌجن متان فضائن مان
سياڻي مهڪ نه ايندي، ائين هوائن مان
اچين ته راهه ۾ رابيل اڄ ٽڻي آهي
وري سڃڻ ائين ٻي اچي ڪڏهن نه متان
ملين ته اڄ ئي ملي وڃ، سيان هجان نه هجان

***

ڪا خبر نانهه ته ڪنهن وقت چوي موت ته هل
ڪا خبر نانهه ته ڪنهن وقت سواري آڻي
ها اها جاڻ اٿم، موت سفر آهه اٽل
دور لوڙهي ٿي وڃي ڪائي اچي لهر اڇل

***

ڪو ڪيئن وڃي ڪو ڪيئن وڃي
پر انت ته سڀ جو ساڃيو آ
ڇو ساريون راتيون جاڳين ٿو
ڇو توکي هي اوجاڳو آ

***

مون گيت گهٽيئي ڏرتيءَ جا
ڳاتا پر اڄ مان وڃٽو هان
ڪيڏانهن اهو ته نٿو جاڻان
هي جاڻان توکان وڃٽو هان

انسان هڪ ڏينهن آخر هي جهان ڇڏي وڃي قبر پيڙو ٿئي ٿو. ان جهان جي ڪا خبرچار ورائڻ وارو هن وقت تائين ڪونه آيو آهي. قبر ۾ گهپ انڌيرو هوندو آهي، جتان ڪنهن به ڪنهن جو سڏ ڪونه وراٽيو آهي. شيخ اياز جي هيٺين شعرن مان قبر جي ان ڪيفيت جي عڪاسي ٿئي ٿي.

جيڏانهن منهنجو پنڌ، ڪو
واپس اتان آيو نه آ
هن پار جو، هن پار ڪنهن
پيغام پهچايو نه آ

ساڳي ڪيفيت جو اظهار وائيءَ جي ستن ۾ هن ريت ڪري ٿو:

متان نند ڦٽائين، آنءُ نه ايندو سانءِ
متان نند ڦٽائين

گھپ انڌيري مان اٿي، سڏ نہ ڏيندو سانءِ
متان ننڊ ڦٽائين
تو وٽ وري پکڑا ڪونہ اڏيندو سانءِ
متان ننڊ ڦٽائين
مون هي جڳ واري ڇڏيو، ڪيسين آنءُ چوانءِ
متان ننڊ ڦٽائين

سمورين اهلِ ڪتاب امتن لاءِ "آخرت تي اعتقاد" ايمان جو حصو آهي. هڪ مسلمان جو ايمان تہ ان عقيدي کان سواءِ بلڪل ناممڪن رهي ٿو. شيخ ايياز جي هنن سٽن مان سندس آخر تي ڪامل ايمان جي پوري خبر پوي ٿي، جن ۾ هو حياتيءَ جي ناپائداريءَ جي ذڪر کان پوءِ آخرت واري حساب ڪتاب کي 'ڪرٽي پرٽي' جي لفظن ۾ بيان ڪري ٿو، جنهن جو مقصد آهي تہ دنيا ۾ انسان جيڪي پوکيندو سو ئي لٽيندو. شيخ ايياز لکي ٿو:

ڪو موت سدائين لاءِ نہ آ
ها هيءَ حياتي مرٽي آ
ان جيءَ جياپي جي ليکن
اڳتي پي ڪرٽي پرٽي آ

زندگي، جنهن سان انسان بيحد پيار ڪري ٿو، ان ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا مرحلا بہ اچن ٿا جو هو ان کان بيزار ٿي پوي ٿو ۽ پوءِ موت جي موسم پڇندو رهي ٿو، جنهن جا ڪيئي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. شيخ ايياز پنهنجي حياتيءَ جي آخري ايام ۾ شايد اهڙيءَ ئي ڪنهن ڪيفيت ۾ مبتلا ٿيل پيو پائنجي.

موت تون مون ڏي نہ ايندين
مان اچان ٿو
پاڻ شايد ڪونہ تون مون کي سڏيندين
مان اچان ٿو

بيماريءَ جي حالت ۾ هڪ اهڙيءَ ڪيفيت جو اظهار هو پنهنجي ڏوهٽيءَ "روماسا" سان هنريت ڪري ٿو:

امان روماسا!
آيا وڃڻ ڏينهڙا
سمهي سمهي هنڌ تي ڏکن ٿا پاسا
آيا وڃڻ ڏينهڙا
باقي ڪُپڙيءَ ۾ ڪٽا، هاڻي نہ ڪاسا
آيا وڃڻ ڏينهڙا

هرڪو انسان زندگيءَ ۾ انيڪ خواهشون ۽ جذبا رکندو آهي، پر جڏهن اچانڪ منس موت جا ڪڪر چائنجڻ لڳندا آهن تہ هو اهڙين خواهشن جو اظهار آخرت جو سفر اختيار ڪرڻ کان اڳ وصيت جي صورت ۾ ڪرڻ چاهيندو آهي. شيخ ايياز پڻ لاڏاڻي کان اڳ پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙيون وصيتون ڪيون آهن. لکي ٿو:

مشعل ڇڏي ٿو مان وڃان وَر وَر اهائي ٻارجو
ٻيڙي ڇڏي جا ٻار ۾ سا توڙ تائين تارجو
پر جي مران مان پنڌ ۾ ڪيئي اويرا ٿا وڃن
تيڏانهن وڌجو ساٿيو جيڏانهن پيرا ٿا وڃن
ڌرتي جتي مان پورجان تنهن تي نمن جي ڇانوَ ۾
آزادگيءَ سان پيئجو ڪجهه جام منهنجي نانوَ ۾

***

ٿئي انت جي ڪا آجيان
مان ائين مران دل ٿي چوي
جئن مائڪوفسڪي مئو
يا جئن مئو هيمنگ وي

* * *

موتي آنءُ ورهايان ويٺو ڪوبه نه جهَلي جهولي، هُو،
آنءُ خزاني وانگر پنهنجي آهه ڪويتا کولي، هُو،
ديشَ وديشَ ڪَويءَ ڪنهن ناهي، مون وانگر هئن ٻولي، هُو،
سِٽ سِٽ پچڪاري آهي ڄڻ، ٻول ٻول آ هولِي، هُو.
- شيخ اياز

اظهر قادري
سنڌيڪار: 'نقش' نايابَ منگي

شيخ اياز جي شاعرانہ عظمت

[نوٽ: شيخ اياز صاحب جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسيلر هو، تڏهن هن سائنسي تحقيق کي فروغ ڏيڻ کان سواءِ علم ادب ۽ هولين جي تحقيق ۽ ترويج طرف به خاصو ڌيان ڏنو. هن سائنسي، علمي توڙي لساني شعبن مان وقت بوقت رپسرچ جرنل به شايع ڪرايا، جن ۾ گهٽوئي مفيد مواد شايع ٿيل آهي. سال ۷۸-۱۹۷۷ع ۾ سنڌس سرپرستيءَ ۾ سنڌي شعبي ۽ اردو شعبي پاران "پرک" جي نالي سان ريسرچ جرنل شايع ٿيا، جن ۾ ڪيتروئي ڪارائتو مواد شايع ٿيل آهي. سال ۱۹۷۸ع ۾ اردو شعبي پاران ڊاڪٽر نجمالاسلام جي نگرانيءَ ۾ جيڪو ريسرچ جرنل شايع ٿيو، تنهن ۾ شعبي جي استادن مختلف موضوعن تي مضمون لکيا، جن ۾ پروفيسر اظهر قادري "شيخ اياز جي شاعرانہ عظمت" جي عنوان هيٺ مضمون لکيو. مذڪور مضمون جو سنڌي ترجمو پيش ڪجي ٿو.]

* * *

فيض احمد 'فيض' چيو آهي تہ: "شيخ اياز ڪنهن به تعارف جو محتاج نہ آهي." اها گالهہ ڪنهن سوچ سمجهہ کان سواءِ ڪيل ڪانہ آهي. شاهہ عبداللطيف پٽائيءَ، سچل سرمست ۽ ساميءَ کان پوءِ اياز ئي اهو شاعر آهي، جنهن عام ۽ خاص ۾ هڪ جيتري مقبوليت حاصل ڪئي آهي. حقيقت ۾ هو "عوامي شاعر" آهي ۽ ميرتقي مير جي هيٺئين شعر جي نمائندگي ڪندڙ آهي:

شعر ميرے ہيں گو خواص پسند،
گفتگو پر مجھے عوام سے ہے.

شيخ اياز جيون جي جدوجهد ۾ مصروف رهندي ۽ ڏکن ڏاکڻن جي تکي اس ۾ سڙندي، عوام جي سماجي ڪردارن کي پنهنجي شاعرانہ تخليق جو موضوع بڻائي ٿو. انهيءَ ڪري اهو چوڻ بيجا نہ ٿيندو تہ شيخ اياز جي شاعري عوام جي ڏڪندڙ دل جو آواز آهي، جنهن ڪري سندس شاعريءَ کي عوامي زندگيءَ کان الڳ ڪري پرکي نٿو سگهجي.

شيخ اياز جي شاعريءَ جو تعلق خلا سان نہ آهي، پر اها ڌرتيءَ مان اڀرندڙ اهڙي پني خوشبو آهي، جنهن سان ادب جي ساري فضا معطر رهي ٿي. ڌرتيءَ سان اهڙي ڳوڙهي ڳانڍاپي سبب ئي سندس شاعري اسان جي دل جي ڌڙڪن بڻجي چڪي آهي ۽ اها اسان جي اظهار ۽ آواز سان هم آهنگ آهي. سندس شاعري اها درسني آهي، جنهن ۾ اسان پنهنجي اردگرد ڦهليل وسيع زندگيءَ جي جلون جو مشاهدو ڪري سگهون ٿا. اياز جي شاعري اهو سرسبز چمن آهي، جنهن ۾ ڪيترائي رنگبرنگي گل ٽڙيل آهن، جن جي ڪثرت ۾ وحدت جو جلوو پيو پسجي. سندس شاعري اهڙو مانيٽو درياهہ آهي، جنهن ۾ مختلف ورن وڪڙن مان گذرندي جيڪا جنبش پيدا ٿئي ٿي، سا لهرن جي سنگم ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي.

شيخ اياز جي شاعريءَ جو خمير حب الوطني، انسان دوستي ۽ امن پرستي مان انتخاب ڪيل آهي. ڪيس وطن دوستيءَ جي جذبي سنڌ جي هر گهٽي ۽ گام، شهرن، وادين ۽ صحرائن جا پنڌ پيچرا گهمايا. اهڙيءَ طرح هن سنڌ ۽ سنڌ جي وسيع خطي ۾ وسندڙ عوام ۽ سنڌي تهذيب توڙي ثقافت کي سمجهي ان جي صحتمند روايتن جي روح کي

سليقي سان پنهنجن تحريرن ۾ سمايو. هن دنيا جي مظلوم ۽ مصيبت زده انسانن جي پيڙائن جو به مطالعو ڪيو. اهڙيءَ طرح سنڌ جي عوام کي سمجهڻ کان پوءِ عالم انسان جي مسئلن کي سمجهڻ سندس لاءِ آسان ٿي ويو. اياز صاحب جي آڏو سنڌ جا مسئلا دنيا جي ٻين حصن جي مسئلن کان الڳ نه هئا، هن جي ڄاڻ ۽ شعور جي بيداري دنيا جي مختلفن خطن جي انسانن جي مسئلن ۾ فرق ڪري انهن کي ورهائڻ بدران منجهن مشابهت کي پرکي ورتو. اها مماثلت سندس شاعريءَ جو خاص جزو بڻجي ويئي. مختلف انسانن جي مسئلن جو اهو مشترڪ عنصر ئي آهي، جنهن شيخ ايياز جي شاعريءَ کي آفاقي قدرن ۾ تبديل ڪيو. فڪر جي ان وسعت سبب ئي سندس شاعري سڄي دنيا جي انسانن لاءِ هڪ جيتري ۽ هڪ جهڙي اهميت ۽ افاديت رکي ٿي. انساني سطح تي سندس شاعري پنهنجي اندر اها صلاحيت رکي ٿي جو اها ڪهڙي به زبان جو روپ وٺي ته اها ان جو خاص جزو بڻجي سگهي ٿي. فڪر جو اهڙو لاڙو سندس هڪ نثري فقري ۾ جنهن انداز سان آيل آهي، تنهن جي تاتپرج ڪرڻ لاءِ ڪتاب درڪار آهي. هو هڪ هنڌ چوي ٿو:

"ڪازان زاڪس! تون منهنجو پاڻ آهين. اگر مان سائپرس ۾ جمان ها ۽ تون سنڌ ۾ پيدا ٿئين ها، تڏهن به اسان اهو ئي لکون ها جو اڄ لکي رهيا آهيون. اسان جي تحريرن ۾ فقط جاگرافيائي ۽ تاريخي نالن جو فرق آهي."

هن فقري جي فصاحت، بلاغت ۽ حُسن جو ڪوبه تفصيل مڪمل تشريح هيٺ اچي نٿو سگهي. ان مان انهي ڳالهه جو اندازو لڳائڻ مشڪل نه آهي ته ايياز صاحب وٽ عالمي سطح تي انساني قدرن جو اظهار آهي. ڪنهن به خطي جي ڪنهن به انسان تي ظلم ٿئي ٿو ته ان تي سندس دل ڪڙهي پوي ٿي ۽ اهو سندس شاعريءَ ۾ احتجاج جي صورت ۾ ظاهر ٿي پوي ٿو. ان سلسلي ۾ سندس نظم "لُمبا جو ديس" ان فڪر جي مڪمل ترجماني ڪري ٿو.

- پاڻ مري ٿو پڪ ۾ توکي ناهه ديا،
  لُمبا جي ديس تي پر تو گيت چيا،
  چو جو ناهه هَيا، ان ۾ جوکو جيءَ جو.
- پر ۾ پنهنجي پاڻ تي چو نه ڪيئُ ڪهڪاءُ؟
  ڪوڙي تنهنجي شاعري هيا تو نه حياءُ!
  ڪانگو جو سوداءُ، ڪراچيءَ ۾ ٿو ڪرين!
- هتي پل ته چني پيو، ڏون ماڻهوءَ ماس،
  آهي تنهنجي اوجهه ۾، آفريڪا جو قياس،
  آهين چا نه اداس، ڪنهن ڏورانهين ڏيهه لئه!
- ڪنهن ڏورانهين ڏيهه لئه باجهاري پولي،
  چو جو توکان دور آ، شومبي جي گولي؟
  لئُ لئُ تي لولي، پيڙا ڪنهن پرڏيهه جي!
- پول ٻڌايئه پولڙيا، ساهه ڪري سانگو،
  ويس ڪرين ڪهڙو به تون، نچين ٿو نانگو،
  ڪوڙ پچي ڪانگو، دڪ وساري ديس جا.
- آءٌ لمبا آهيان، سوريءَ مٽي سچ!
  پَڄي مون کان بَچُ، توکي سانگو ساهه جو!
- آءٌ لمبا آهيان، ۽ ٻيو منهنجو پاڻ،
  آهي جنهن جي پيڙ جو مون ۾ اڄ پڙلاءُ،
  گهوري ان جو گهاءُ، مون مان رت چکي پيو.

• اڄ هي منهنجو گيت جو ڏوڏي ٿو زندان،
ڪانگو جو ارمان، ان لئے ناهي اوپرو.

مٿيان بيت ان امر جو واضح دليل آهن ته شيخ ايار پنهنجي دُور رس نظرن سان دنيا جي ٻين ملڪن کي ڏسي رهيو آهي ۽ ان جي وسعتن سان دنيا کي سمجهڻ چاهي ٿو. هو ڪن ماڻهن وانگر پنهنجي نظر رڳو پنهنجي ديس تائين محدود نٿو رکي ۽ نه وري پنهنجي ديس کي نظرانداز ڪري ٻين جي پيڙائن تي ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي. هو پنهنجي ڏيهه جي مسئلن کي دنيا جي مسئلن کان الگ ڪري نٿو ڏسي، پر انهن کي هو هڪ ٻئي جو حصو سمجهي، کي نتيجا اخذ ڪري ٿو، جن ۾ وڏي صداقت ۽ سچائي آهي.

قديم ۽ جديد جو مسئلو ۽ بحث اسان جي شاعرن ۽ اديبن لاءِ سوال جي نشاني بڻيل آهي. کي ماڻهو قديم کي سڀ ڪجهه سمجهندي جديد تي نظر ٿي نه ڪندا آهن ته کي وري قديم کان بلڪل اکيون پوري ڇڏيندا آهن ۽ جديد کي سڀ ڪجهه ڄاڻندا آهن. ان موضوع تي شيخ ايار جو ذهن صاف ۽ واضح آهي. هو قديم ۽ جديد جي فرق ۽ ڦير جو قائل نه آهي. هن وٽ بهترين ادب جي قدرن لاءِ اهو طئه آهي ته ان تي زمان ۽ مڪان جون بندشون عائد ٿي نه ٿيون سگهن. جيئن شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ وٽ اهڙن شعرن جي ڪمي ڪانهي، جي سڏ جي نئين نسل لاءِ ايترائي بامعنيٰ ۽ اهم آهن، جيترا اڍائي سؤ سال اڳ هئا. هن جو خيال آهي ته پلو ۽ برو ادب قديم ۽ جديد ٻنهي ۾ ملي ٿو، ان لاءِ ٻنهي ۾ فرق ممڪن نه آهي. ادب جي موضوعن ۾ وقت ۽ حالتن موجب تبديلي ايندي رهندي آهي، پر جيستائين قديم ۽ جديد ۾ تسلسل نه آهي، تيستائين ادب پنهنجي زندگي ۾ امرتا ۽ دوامپت جو ثبوت پيش ڪري نٿو سگهي. شيخ ايار لوڪ ادب، لوڪ گيتن ۽ لوڪ ڪهاڻين جو وڏو ۽ گهرو مطالعو ڪري، ان مان پرپور فائدو حاصل ڪيو آهي. اهوئي ڪارڻ آهي ته هو ڪلاسيڪل تلميحن تي وڏي دسترس رکي ٿو، جي سندس شاعريءَ ۾ وڏو حسن ۽ خوبصورتي پيدا ڪن ٿيون. قديم ۽ جديد جي ان متوازن ميلاپ سان سندس ڪلام ۾ هڪ طرف ڪلاسيڪي رس ۽ لوچ آهي ته ٻئي طرف جديد ڪان جديد ترين فڪري قدر پوري آب و تاب سان جلوه گر آهن.

شيخ ايار سندي ڪان سواءِ اردو زبان ۾ به شعر چيو آهي. هن کي ٻنهي زبانن تي دسترس ۽ مهارت حاصل آهي. هن سن ۱۹۴۷ع ڪان اردوءَ ۾ شعر چوڻ شروع ڪيو. سندس ڪلام انجمن ترقي پسند مصنفين جي ادبي حلقن ۾ تمام گهٽو پسند ڪيو ويندو هو. جڏهن انجمن ترقي پسند مصنفين جي شاخ ڪراچيءَ ۾ قائم ٿي، تڏهن شيخ ايار کي ان جو نائب صدر منتخب ڪيو ويو، جنهن ڪان پوءِ هن اردوءَ ۾ نهايت ئي خوبصورت ۽ نظرياتي نظم چيا، جن جي مطالعي ڪان پوءِ ان ڳالهه جو اندازو لڳائڻ مشڪل نه آهي ته موضوع ۽ فڪر سان گڏ شيخ ايار فني نزاڪتن ۽ لوازمات ڪان به پوريءَ طرح واقف آهي. جڏهن فڪر ۽ خيال جا مثبت قدر فني نزاڪتن ۾ ڍلجن ٿا، تڏهن ان خوبصورت تهذيبي عمل سان اها شاعري تخليق ٿئي ٿي، جا پنهنجن جلون سان ادب جي ايوان جي هر گوشي کي روشن ڪري ٿي:

اے سوالِ پُر خطر ،
اے پرانے نقب زن،
کتنے برسوں سے لگائی تونے سیند،
لیکن اس دیوارِ لب میں،
کر نہ پائے اک شگاف!
اب کوئی فکرِ گرفتاری نہ کر،

ڈھا ھی دے یک لخت اس دیوار کو،
اس مسلسل جانکنی کو ختم کر،
بیکلی کو ختم کر،
خامشی کو ختم کر.

انسان ۾ شيطان ۾ فرق ڪرڻ لاءِ فڪري ۾ شعوري گهرائيءَ سان گڏوگڏ غيرمعمولي نظرياتي صفائي جي به ضرورت آهي. صحتمند سماجي شعور جي عدم موجودگي ۾ انسان کي ابليس ۾ ابليس کي انسان جو درجو عطا ڪرڻ ڪا معمولي ڳالهه نه آهي. انهيءَ ۾ ايياز کي ڪا الجهن يا شڪ ڪونهي. هن جو ذهن صاف ۾ شعور واضح آهي. هو انسان کي سچائي، سندس انسانيت جا گيت ڳائي ٿو. هيٺئين نظم ۾ انسان کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ جو خوبصورت انداز اظهار آهي، جنهن جو ڪٿي مثال ملڻ مشڪل آهي.

نسلِ نو!
تو سایۂ ابلیس میں
جب ہوئی پل کر جوان
میں نے اک تصویر تیرے سامنے
لاکے رکھی دفعتاً انسان کی
تونے حیراں ہو کے دیکھا اور کہا:
"یہ تو اک ابلیس ہے،
پھاڑ دو اس بدنما تصویر کو."
سوچتا رہتا ہوں تب سے
انقلابِ دید کیسے لاؤں میں
نسلِ نو کو کیسے یہ سمجھاؤں میں
کون سا ابلیس ہے
اور کون سا انسان ہے.

شيخ ايياز جو ڪلام هڪ ئي وقت صحتمند ماضيءَ جي درسني، حال جي تصوير ۾ مستقبل جو پيغام ۾ پڙاڏو آهي. سندس شعوري گرفت ڏاڍي مضبوط ۾ مستحڪم آهي. سندس دل ۽ جڏهن خوشحال معاشري جي آرزو ڪَرَ موڙي ٿي، تڏهن هن جي منفرد ۾ مخصوص لهجي جو سهارو وٺي سخن جي ايوان ۾ ڪي نرالا چراغ روشن ڪري ٿي. هر تشبيهه ۾ استعاري توڙي لفظن جي فن کي روشني بخشي جگمگائي ٿا ڇڏين. سندس شاعري اميد ۾ ڪاميابي جو اهو سورج ۾ چندرما آهي، جن جا ڪرٽا ڏاڍ ۾ بربريت جي اونداهي سيني ۾ تير ۾ تفنگ وانگر گهڙي وڃن ٿا. ان لحاظ کان سندس ڪلام بهترين مستقبل جي تعمير لاءِ پيغام آهي.

بادلوں کی طرح طوفانوں کی زد میں ہے ابھی
رد و کد میں ہے ابھی
خطۂ برصغیر
پھر بھی میری آرزو کے
حلقۂ قوس و قزح میں ہے اسیر
اور میں
شاعرِ اول ہوں اس کے حسن کا

اور میری شاعری
دھنِ عیسیٰ پہ ہے جیسے مریم کی لکیر
اک نئے دورِ محبت کا ضمیر
ہاں! یقیناً وہ دن آئے گا کہ جب
ختم ہوگی یہ فضائے داروگیر
نسلِ نو کا جاگ اٹھے گا ضمیر
اور میں
شاعرِ اول ہوں اس کے حسن کا.

ماضيءَ ۾ استحصالي قوتن ۽ سامراجي طاقتن سنڌ ۽ سنڌي عوام تي جيڪي ظلم ڪيا، تنهن تشدد سبب سنڌ جو حسين چهرو ڇڇرجي داغدار ٿي پيو. ان جو احساس ڪن ٿورن کي آهي. ماضي ۾ جن جيالن تلوار هٿ ۾ کٹي جان جوکي ۾ وجهي قربانيون ڏنيون، تن جو تاريخي تذکرو ڪرڻ جدا ڳالهه آهي، پر انهن جو نظرياتي تجزيو ڪرڻ پي ڳالهه آهي. ان حقيقت جو اظهار اياز پنهنجي نظم ۾ هيئن ڪيو آهي:

رہنے والا ہوں رفیقو
اس دیار درد کا
جس کے صدیوں سے علمبردار سب مارے گئے
سوہنی دھرتی پہ سب وارے گئے
کچھ مورخ آج بھرتہخانۂ تاریخ میں
جھانکتے ھیں
خاک اس کی پھانکتے ہیں
چاک پرچم ٹانکتے ہیں
بال سر کے نوچتے ہیں
اور پھر یہ سوچتے ہیں
پرچموں سے خوں کے دھبے مٹانے چاہئیں
صاف ستھرے پرچموں کے واسطے
کچھ بھانے چاہیں.

شيخ اياز ڪجهه سنڌي شاعرن جي ڪلام جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو، جنهن جي ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، ميرعبدالحسين سانگي ۽ ساميءَ جي ڪلام جو غيرسنڌين کي مطالع جو موقعو مليو. شاهه جي رسالي جو اردو ترجمو وڏيءَ محنت ۽ محبت سان ڪيائين، جنهن کي سنڌ يونيورسٽيءَ شايع ڪرايو. ترجمي ۾ اياز جو انداز بيان ڪافي مختلف آهي. هو لفظ بہ لفظ ترجمي جو قائل نہ آهي. هو نظمن ۾ ردوبدل تہ ڪري ٿو، مگر انهن جي مرڪزي خيالن ۾ ڪابہ تبديلي ڪونہ ٿو ڪري. اهوئي سبب آهي جو ترجمن ۾ طبعزاد هٿ جو گمان ٿيڻ لڳي ٿو. اهو هن جيڏ شاعرانہ عظمت ۽ فني مهارت جو روشن مثال آهي. اياز شاعري جي آبرو ۽ تهذيب ۽ فن جو ناماچار آهي. انگريزي شاعر ڪيٽس جي بقول "سندس ڪلام جو حسن هڪ ابدي مسرت آهي."

●●●●●

ڈاڪٽر رسول ميمڻ

وطن، پرين ۽ موت

نيٺ هو موت برداشت ڪري ويو..! مان اِن ڳالهه جي وضاحت ڪيئن ٿو ڪري سگهان ته هن اُن کي ڪيئن محسوس ڪيو. هُو وقت جو سڀ کان حساس شخص هو. انسان زندگيءَ جي ڏور ۾ ويڙهيل آهي ۽ ڏور کي موت پويان ٻيهي آهستي آهستي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. معرفت عظيم مفڪرن کي جستجوءَ سان عطا ٿئي ٿي. هو هر ادراڪ کي ڏسي ٿو،جاڻي ٿو ۽ هن کي خبر پوي ٿي ته هاڻي فاصلو ڪيترو بچيو آهي؟ هن جون آڱريون پنهنجي زندگيءَ جي گرفت مان ڍليون ٿي الڳ ٿين ٿيون ۽ زندگي هٿن جي اشاري سان اداسي ۽ پيار مان هن کي سڏي ٿي. زندگي، جنهن جي ٻانهن تي موڪلائيندڙ جي هٿن جي ڍِلي ٿيندڙ گرفت ۽ ننهن جا نشان رهجي وڃن ٿا، ان تي ڪجهه رهڻا آهن ۽ گلابي لڪيرون آهن. زندگي جيڪا دنيا آهي، تون آهين، مان آهيان، ڏک ۽ ڪرب ۾ رڙندڙ هن جا محبوب دوست ۽ عزيز آهن، شرمسار تنقيدنگار آهن، دشمن آهن، ناسمجهه ۽ ناسمو هن جا ڪجهه ويجها ڪردار آهن. هو سڀ عجب ۽ حسرت مان ڏسن ٿا. هڪ روشني، جيڪا ٻڌل ڏاڪي ۾ سفر ڪندي موت تائين پهچي موت کي روشن ڪري ٿي: موت ۾ سمائجي ان جي جسم ۽ رڳن ۾ زندگيءَ جيان گردش ڪري ٿي. موت، جيڪو خوش نصيب آهي، موت جيڪو مقدس آهي، امر آهي.

اها منهنجي خوشنصيبي آهي، جو مون هن کي ڏٺو ۽ هن سان ڳالهايو. آءٌ وقت جو ٿورائتو آهيان، جنهن مون کي اهو دور فراهم ڪيو، جنهن ۾ هو موجود هو. دنيا جي ڪنهن به شيءِ کي فنا نه آهي: سڏڪن کي بقا آهي ۽ تڪ سدائين فضا ۾ گونجندا رهندا. آواز، جيڪي زبان جي لرزش سان پيدا ٿين ٿا، سي دنيا جي در ۽ ديوار ۾ ان جي انت تائين سمايل ۽ لڪل رهندا. دنيا ڪنهن ڪيست جيان گولائيءَ ۾ قري ٿي. اهڙو وقت اڇٽو آهي، جو ان کي Rewind ڪري ماضيءَ کي ٻڌي سگهبو. جاندار ۽ بيجان جو ويڇو ختم ٿيڻ وارو آهي. خود موت هڪ جاندار شيءِ آهي. ڪائنات جي ڪابه شيءِ زندگيءَ کان خالي نه آهي. ساڪت شيءِ، چُرندڙ شيءِ، نظر ايندڙ شيءِ، نظر نه ايندڙ شيءِ، پرندڙ شيءِ، ٻاريندڙ شيءِ، جيئاريندڙ شيءِ، ماريندڙ شيءِ، هرهڪ کي امرتا آهي. هڪ زندگي ٻيءَ زندگيءَ ۾ منتقل ٿئي ٿي. زندگي انت تي پهچي ٻيءَ زندگيءَ جي ننڍن ڏرن ۾ ورهائي ٿي. زندگيءَ جي ابتدا هڪ حيرت انگيز ڪيمياڻي ترتيب جو تسلسل، زندگيءَ جي انتها ان ڪيمياڻي تسلسل جي نئين سر تشڪيل، هڪ نئين جوڙجڪ، هڪ نئون آغاز، هڪ نئون سلسلو، هڪ نئون سفر، منتقليءَ مان منتقلي ۽ لامحدود رواني، بي انت سلسلو، بقا ۽ صرف بقا.

اي قديم ڪراڙ! تنهنجيءَ ڪنڊيءَ تي ڪڏهن ڪارا گلاب ڦٽن ته تون گواهي ڏجانءِ ته هو جيئرو آهي ۽ نروار ٿيو آهي. هن جي اکين ۾ قاتل ڳوڙهن جو لوڻ زمين جي سطح تي اپري اچي ۽ جڏهن مينهن جي پاڻيءَ ۾ وهي اڳتي وڌي ته اي ڏرتي تون ان جي ذائقي کي محسوس ڪجانءِ ۽ هن جي جسم جي آلاڻ جڏهن ڪنهن ڪڪر مان هيٺ وسي ته اي سمنڊ تون گواهي ڏجانءِ ته هو مون ۾ موجود آهي. ايازِ اسان جي ٻنين تي وسندو، هو اسان جي ساهن ۾ موجود هوندو ۽ ائين هو اسان جي رت ۾ گردش ڪندو.

ايازِ، جنهن کي پڑهي مان شاعر ٿي پيس: ايازِ، جيڪو ذات ورهائيندڙ آهي: ايازِ، جنهن کي ڏٺيءَ ذات جا انبار ڏنا: هُو سخي مرد ايازِ، جنهن آڏو جنهن به جهول جهلي ته هن ان کي مايوس نه ڪيو- اڄ جڏهن هو پنهنجي لازوال تخليقي انبارن کان اوجهل آهي ته اسان جا ذهن ان خالي آڪيري جيان آهن جنهن جا پکي هڪ خوفناڪ ڏڪاءُ تي اُڏامي وري نه اچڻ جو چئي ويا آهن. پر ايازِ! مان جڏهن تنهنجي چهري جي مرڪ ياد ڪريان ٿو ته لکڻ شروع ڪيان

ٿو. تنهنجي چهري جي مرڪ تنهنجي جدائيءَ جي نفي ڪري ٿي. من کي اعتبار ئي نٿو اچي ته تون موڪلائي ويو آهين. تون ته منهنجي سامهون موجود آهين- اهوئي صحتمند، پريل جسم وارو پنهنجي ڪنس رودِ واري آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ايازا منهنجو ادبي استاد رشيد پٽي مون کي تنهنجو نياپو ڏيندي نظر اچي ٿو، "رسول ميمڻ، اياز تنهنجي شاعريءَ جو مجموعو پڙهيو آهي. چيو اٽائين ته مون سان ضرور ملي." هو مون کي چوي ٿو. مون ۾ ايتري جرات نه آهي، جو تنهنجي سامهون اچان. هڪ رعب آهي، هڪ شخصيت ۽ فن آهي، جيڪي مون تي حاوي آهن. مان "ها" چئي لنوايان ٿو. پٽي صاحب وري ياد ڏياري ٿو ۽ وري ياد ڏياري ٿو. آخرڪار هڪ ٽيويهن سالن جو نوجوان شاگرد هيسيل حالت ۾ هڪ آفيس جو دروازو ٽپي اندر داخل ٿئي ٿو.

هڪ نوجوان وڪيل هن کي وٺي هڪ ٻئي ڪمري ۾ ويهاري ٿو، جنهن ۾ هيءَ روشنيءَ وارو بلب ٻري رهيوآهي. هڪ زرد ۽ سرمئي ماحول آهي. ٻه چار پٽڪن وارا ماٹهو آهن ۽ هڪ وڏي ميز جي پاسي واري ڪرسيءَ تي هڪ سٻاجهڙو شخص وينو آهي، جيڪو ڪمري ۾ داخل ٿيڻ سان ٽڏيون نظرون کٽي نهاري ٿو. نوجوان اڳتي وڌي ادب مان جهڪي هن سان هٿ ملائي ٿو ۽ تعارف ڪرائي ٿو. "سائين مان رسول ميمڻ" . اياز جي چهري تي مرڪ اچي ٿي، "ويهه" هو چئي ٿو. هو سامهون هڪ ڪرسيءَ تي ويهي ٿو ۽ ايازان سان ڳالهائي ٿو.

مون کي ارڙهن اٽويهه سال پهرين ڪيل ان ملاقات ۾ ايترو ياد آهي ته ايازجي اکين ۾ اهڙو پيار هو، جيڪو



سکر جي اديبن سان

ويٺل: بدرالدين اُجڻ، فتاح ملڪ، شيخ ايازَ ۽ برڪت علي آزاد

اڀيان: وزير گل، ابراهيم سارنگ، آغا راحيل، قدير انصاري، سوپيا آغا، ايازگل، ادل سومرو، مهرخادم ۽ ياسر انيڙ

بيٺل: سلطان احمد شيخ، غلام مصطفيٰ کهڙو، نصرت ابڙو، پارس حميد، محمد علي سهتو، ڪٽلاش، سنڌي سولنگي، عبدالغني مهر، رسول ميمڻ ۽ وحيد انصاري.

اولاد لاءِ هوندو آهي. مون کي هن جون شفقت سان پريل اکيون ياد آهن. مان هن جي مرڪ کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهان. هڪ اهڙي مرڪ، جنهن ۾ حياتيءَ جو پيغام آهي؛ هڪ اهڙي مرڪ، جنهن کي ياد ڪري دل اعتبار ئي نٿي ڪري ته هو دنيا ڪان موڪلائي ويو آهي.

هُو جيڪو اڄ به هڪ پاڇي جيان مهراڻ مرڪز جي ڪنهن بوڪ اسٽال تي بيهي ڪتابن کي جاچيندو نظر اچي ٿو؛ هو جيڪو اوچتو بغير ڪنهن اطلاع جي رشيد پٽيءَ جي جاگيراڻي پاڙي واري اوطاق ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻيءَ ۾ هلندڙ ڪاروائيءَ دوران اچي هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهي ٿو؛ هو جيڪو رشيد پٽيءَ جي اوچتي وفات تي تعزيتي ميڙ ۾ اسٽيج تي بيهي بي اختيار ڏاڍيون ڪري روئي ڇوڙها اڳهندي نظر اچي ٿو؛ هُو جيڪو ادل سومري ۽ مون سان پراڻي سکر واري گهر ۾ ڪميونزم جي زوال ۽ گورباچوف تي ڳالهائيندي نظر اچي ٿو؛ هو جيڪو اندر گهر ۾ وڃي پنهنجو نوٽ بوڪ ڪڍي اچي ٿو ۽ اسان کي پنهنجي تازي لکيل شاعري ان مان پڙهي ٻڌائي ٿو؛ هو جيڪو پنهنجو نئون ڇپيل ڪتاب قلم سان لکي سوڪڙي ڏئي ٿو؛ هو جيڪو ڪيترائي دفعا اسان نوجوانن جي سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي ويهي ادب ۽ شاعريءَ تي ڳالهائي ٿو- ڪيترين ئي محفلون، ڪيترين ئي قربتون، مون کي هي سڀ ياد اهن. هو ڳالهائيندو هو ته دل چوندي هئي ته هو ڳالهائيندو رهي. اسان جي ٿهيءَ، جنهن هن کي پڙهيو ۽ ٻڌو، هن جي عزت ڪئي، هن کي مان ڏنو، جنهن ڪڏهن به گستاخي يا ذاتي حملي جو تصور به ذهن ۾ نه آندو.

ڪنهن به عظيم انسان جي آتم ڪٿا ايستائين اڻپوري آهي، جيستائين ان ۾ پنهنجن جون مخالفتون، اڌيتون ۽ دل ڏکوئيندڙ ڳالهيون شامل نه آهن. اها ڪسر به ڪن شخص کي پوري ڪرڻي هئي، چو جو ايياز جي آتم ڪٿا کي به پرپور نموني پورو ٿيڻو هو. ايياز جي عظمت اها هئي جو هو پنهنجي ڪنهن به مخالف کي جواب نه ڏيندو هو. انسان آزاد پيدا ٿيو آهي، جنهن کي هن جي سوچ به آزاد آهي. ان کي ڪنهن مخصوص پيماني تي ماپي ڪو معيار مقرر نٿو ڪري سگهجي. حقيقت اها آهي ته تخليق پروان ئي اتان ٿي چڙهي جڏهن سرعام ان جي مخالفت ٿي ٿئي. ها ۾ ها ملائڻ يا پاڻ وٽائڻ مصلحت پسنديءَ جو اهڙو رستو آهي جتي فڪري ارتقا کي مات ملي ٿي ۽ سرجڻ جو عمل متاثر ٿئي ٿو. ايياز پڙڪو ڏئي اڏاميو. هن جي پرواز نرالي هئي. هو آزاد فضا جو پنڇي هو. هن مخصوص نظريي تي هلي زندگيءَ کي زنگ نه ڏنو، پر هن پنهنجون راهون ۽ نظريا متعارف ڪرايا ۽ ائين هو تنقيدن جي زد ۾ اچي ويو. ماڻهن هن لاءِ اهڙا رايا ڏنا، جيڪي پڙهي دل تي گهاءُ لڳي ٿو. انهن دانشور سڏائيندڙن تي رحم اچي ٿو، جن ذاتي حملا ڪري ايياز جي شخصيت کي پڙهندڙن کان الڳ ڪرڻ چاهيو، پر لاشعوري طور هو ايياز کي اڃا به وڌيڪ جاندار ۽ امر بڻائي ويا. چو جو کنهن به مها ڪويءَ جي حياتي، ڏکن ڏولاون، ذاتي حملن ۽ غيرضروري تنقيد کان سواءِ اڏوري نظر اچي ٿي. سڀ ڳالهيون ايياز جي حياتيءَ ۾ ٿيٽيون هيون ۽ ٿيون.

اڄ کان ويهه سال کن پهرين جي ڳالهه آهي. مرحوم قربان علي بگٽي، جو پنهنجي وقت جو پڙهيل لکيل ۽ وڏي مطالعي وارو ماڻهو هو، ان ايياز ۽ بين ترقي پسندن تي دل کولي تنقيد ڪئي. مون کي ياد آهي ته ايياز جي شاعريءَ جي مجموعي کان به ٿلها هن جا تنقيدي ڪتاب هوندا هئا. ان شخص جو جڏهن ڪوبه تنقيدي ڪتاب مارڪيٽ ۾ ايندو هو ته هميشه اتاولو ڪنهن هوٽل يا ماندٻيءَ تي وينل نظر ايندو هو. جڏهن اسان ڪجهه دوست لاڙڪاڻي جي ڪنهن به روڊ تان ڳالهائيندا ويندا هئاسين ته قربان بگٽي اڻي اسان جي پويان چپ چاپ آهستي هلندو هو ۽ ڪنائيندو هو ته اهي ڇا تي بحث ڪري رهيا آهن؟ ڇا انهن جي بحث جو موضوع منهنجو ڪتاب آهي؟ منهنجي تنقيد آهي؟ ۽ ائين هو پويان هلندو ايندو هُو ۽ جڏهن اسان پوئتي ڏسندا هئاسون ته وڏي قرب ۽ پاڻهه مان پاڪر پائي ملندو هو. پنهنجي ڪتاب لاءِ پڇندو هو. "ڇا توهان اهو پڙهيو آهي؟"

"ڇا اهو شيخ ايار پڙهيو هوندو؟"

"شيخ ايار ان تنقيد جو جواب ڇو نٿو ڏئي؟"

هو مسلسل ڳالهائيندو هو.

"توهان ان لڏي جا ماڻهو آهيو، انهن کي ڇئو ته ڪجهه ته منهنجي ڪتاب جي جواب ۾ لکن!"

نه ايار ۽ نه ئي وري ايار جي ڪنهن دوست ڪڏهن ان تنقيد جو جواب ڏنو.

مون کي ياد آهي قربان بگٽيءَ جڏهن ماڻهو مون کي هٿ ملينديءَ نظر آيو ۽ پوءِ هن تنقيد ڪرڻ ڇڏي ڏني.

جيستائين ايار جي فن جو تعلق آهي ته ان سان وقت انصاف ڪندو. اسين جيڪي دنيا جي ڏنڊيل ملڪ جا علاقائي اديب آهيون، اسين جيڪي خوف ۽ دهشت ۾ ويڙهيا هڪ ڪنڊ ۾ ويهي پنهنجا ڏک سور لکي هڪ ٻئي کي ٻڌائي رهيا آهيون، اسين جيڪي ان ٻوليءَ جا ليکڪ آهيون، جنهن جي زبان اڄان سائنسي فقرن کي پاڻ ۾ سمائڻ جي سگهه نه ساري سگهي آهي، جتان جي آدمشماري اڄا به اڻ پڙهيل ۽ جهالت جي انڌيرن ۾ پٽڪي رهي آهي، جتي ڪاپي ڪلچر جي وڏي حوصلہ افزائي ڪئي وڃي ٿي، اسين جيڪي تيزيءَ سان پوئتي ڏکجي رهيا آهيون، اڳتي وڌندڙ دنيا ۽ انسان ۾ وڇوٽي پنهنجي پيٽائي رفتار سان وڌي رهي آهي- ان معاشري يا ان دنيا ۾ ايار جڏهن ماڻهوءَ جي ڪڙڻي سڃاڻ ٿيندي؟ ايار جو فن ۽ فڪر انهن ماڻهن جي فن ۽ فڪر کان مٿانهون نظر اچي ٿو، جيڪي ترقي‌يافته معاشري ۾ پيدا ٿيا، انهن معروف زبانن کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بنايو ۽ دنيا جا وڏي ۾ وڏا انعام ۽ ايوارڊ حاصل ڪيا.

اڄ جڏهن انانويٽ جي اپرندڙ سڄ جي روشنيءَ ۾ مان ڪاري رنگ جي قلم مان وهندڙ ڪاري مس سان هي سٽون لکي رهيو آهيان، سڄ ڪجهه دير بيهي شايد پنهنجن ڪرٽن سان هي سٽون پڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ان نئين سال جي سڄ کي ڏرتيءَ تي ايار نظر نه آيو آهي. مرڻ کان پوءِ ماڻهوءَ لاءِ سڄ ڇا؟ چند ڇا؟ اپرندڙ سڄ ۽ چند مري ويل ماڻهوءَ کي ڳولهين ٿا ۽ ائين وقت جي گردش سست ٿي وڃي ٿي. جڏهن ڪو عظيم انسان دنيا مان موڪلائي ٿو ته وقت ڊگهو ٿي وڃي ٿو. ايار جي موت وارو ڏينهن هڪ صديءَ جيان مون مٿان گذري ٿو. ماڻهن هوندي بازاريون ويران لڳن ٿيون ۽ آءٌ قيامت جي باهه کي پنهنجن ڳوڙهن سان وسائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

مان، جيڪو هر رات ايار کي خواب ۾ ڳالهائيندي ٻڌان ٿو، هن کي مرڪندڙ ۽ تندرست صورت ۾، هڪ تڏي تي ويهل ڏسان ٿو. هو تڏي جي وچ تي ويهل آهي ۽ اسين سڀ دوست هن کي ٻڌي رهيا آهيون. هن جو آواز غير واضح آهي. هو شايد موت جي فلسفي تي ڳالهائي ٿو. ايار جي آڏو مان دانهون ڪري موت جي تجربي ۽ ان جي ذائقي بابت دريافت ڪرڻ چاهيان ٿو. ايار، جنهن جي شاعريءَ جو محور "وطن"، "پرين" ۽ "موت" هئا، موت جي وضاحت ڪانئس وڌيڪ ٻيو ڪير ڪندو؟ مان ان تڏي تي ويهي ايار کي آخري شعر لاءِ عرض ڪريان ٿو. هن کان موت جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ هر هر سمجهه ۾ نه ايندڙ جملا ڪنايان ٿو. "اي فلسفي! راز کي کول ۽ ڏاهن جي خوف کي گهٽاءِ." مان چوان ٿو ۽ هو مرڪندو رهي ٿو.

"اي پٽ ڏٽي! تنهنجي روضي جي پرسان هڪ نئين قبر آهي، جنهن جي مٽي اڄان آلي آهي. ان قبر ۾ ڪيئي ڪتاب دفن آهن. هڪ ڪتاب اهڙو آهي، جنهن جي مس اڄان آلي آهي، اهو هاڻي هاڻي مڪمل ٿيو آهي. ڪنهن لکي پورو ڪيو آهي، اهو کول ۽ اسان آڏو رازن تان پردو کڻ."

دوستو! ايار نه رهيو، هو ڪتابن ۾ منتقل ٿي ويو. ڪتاب کي ڏرتيءَ مٿان آهن ۽ کي ڏرتيءَ ۾ دفن آهن. دوستو! ايار خود موت جي فلسفي جو آخري ڪتاب ٿي ويو، حڪم ڏٽيءَ جو.

●●●●●

معين الدين خان
سنڌيڪار: الطاف آگرو

ڪتابن جي چاهيندڙ کي خراج

جڏهن يادون ماضيءَ جو حصو ٿيڻ شروع ڪن ٿيون تہ اسان شيخ ايياز جي ڪتبخانن سان دلچسپي ۽ وسارڻ شروع ڪيون ٿا. شيخ ايياز سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر جي حيثيت سان ۱۵ آگسٽ ۱۹۷۷ع تي ڪراچيءَ ۾ پاڪستان لئبرري ائسوسئيشن پاران ڪتبخانن جي مسئلن تي سڏايل سيمينار ۾ صدارتي تقرير ڪندي نہ صرف ڪتابن سان پنهنجو پيار ظاهر ڪيو، پر لئبرريءَ جي بنيادي مسئلن بابت ڳالهايو. هن جي اها تقرير ويهن سالن کان پوءِ ۽ بيحد ياد ڪرڻ جڏڻي آهي. هتي شيخ ايياز جي اُن تقرير جا ڪجهہ حصا ڏجن ٿا.

"مون هن سيمينار جي دعوت بنا هڪ جي قبول ڪئي، ڇاڪاڻ تہ اهو موضوع منهنجيءَ دل وٽان آهي. مان نهايت عاجزيءَ سان اهو چوان ٿو تہ مان ڪتابن جو چاهيندڙ آهيان ۽ ساڳيءَ طرح مون کي لئبرريون ۽ انهن جا سنپالينڊڙ پڻ عزيز آهن. مون پنهنجي پوري حياتي ڪتابن سان پيار ڪيو آهي. اسان جي ملڪ جي ماڻهن جي ذهني وڌائڻ ۾ ڪتاب اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. ميڪسم گورڪي هڪ هنڌ چيو آهي تہ 'مان ڪتابن سان پيار ڪريان ٿو ۽ هر ڪتاب مون کي هڪ معجزو لڳي ٿو ۽ ان جو ليکڪ هڪ جادوگر.' مان ڪتابن جي متعلق جذبن ۽ گرمجوشيءَ کان سواءِ نٿو ڳالهائي سگهان. اها گرمجوشي کيتري نہ وڃڻندڙ ۽ پراڻا جذبا کيترا نہ نوان لڳن ٿا. هڪ ليکڪ جي حيثيت سان لئبررين بابت منهنجي دعويٰ آهي تہ لئبريرون نہ رڳو ليکڪ جي لکيل ڪم جي سنپال ڪن ٿيون، پر ساڳئي وقت هو ليکڪ کي خاموشيءَ سان پنهنجي سمجهہ وڌائڻ لاءِ موقعا فراهم ڪن ٿيون. لائبريون ليکڪن جي مالي طور همت افزائي ڪن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ اهي نہ صرف ڪتاب خريد ڪن ٿيون، پر وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جو بندوبست ڪن ٿيون. ليکڪ خلا ۾ ويهي نٿو لکي. هن جي ڪاميابي هن جي پڙهندڙن تي منحصر آهي. ملڪ جي دانشوراڻي ترقي هميشه ڪتابن جي صنعت جي ترقيءَ مان لاڳاپيل آهي، جنهن سان ماڻهن ۾ پڙهڻ جي عادت به وڌي ٿي."

لائبريرين بابت ڳالهائيندي هن وڌيڪ چيو تہ "اسان وٽ اڄ جي معاشري ۾ اُنهن کي گهٽ درجو حاصل آهي ۽ اسان وٽ خيال ڪيو ٿو وڃي تہ لائبريرين رڳو اهو آهي، جيڪو ڪتابن تي تاريخ وار ٺپا هڻي يا ڪتاب الماري ۾ ناهي رکي. اسان جي ملڪ ۾ اها سوچ ان ڪري به رهي آهي جو اسان وٽ ڪلارڪي واري حيثيت مڃانهين رهي آهي. ڪن تہ وري لائبريرين کي ڪنهن به موضوع جو ماهر نہ سڏيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هو هڪ ئي وقت ڪيترن ئي موضوعن سان منهن ڏئي ٿو، پر ڪنهن هڪ بابت به ڳالهائي نہ ٿو سگهي. پر منهنجي لاءِ لائبريرون نہ رڳو قدرتي طور سنپالينڊڙن جي حيثيت رکن ٿا، پر اهي قوم جي ثقافتي ۽ ادبي ترقيءَ ۾ متحرڪ ڪردار ادا ڪن ٿا. روايتي طور لائبريرين هڪ عالم آهي. هو ڪتاب ۾ محو رهي ٿو، جنهن سان هن جي لئبرريءَ ۾ دلچسپي وڌي ٿي. هو ڪتابن کي هٿي ڏيڻ لاءِ سرگرم رهي ٿو. مختصر طور تي اهو چيو وڃي ٿو تہ لئبرري هلائڻ هڪ سفر آهي پر منزل ناهي."

لائبريرين جي ڪردار تي ڳالهائيندي شيخ ايياز چيو تہ "اُن کي جمهوريت جي گهرائي چيو وڃي ٿو. جديد معاشري جو دارومدار ڄاڻ تي آهي. لائبريرين جي ڄاڻ ڏيڻ واري ڪردار کان ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهي.

ماضيءَ جي پيٽ ۾ اڄ لائبريرين جي آجيان ڪئي وڃي ٿي. وڏندڙ آرام ۽ مسلسل تعليم حاصل ڪرڻ جي ضرورت جي ڪري مستقبل ۾لائبريرين کي وڏيڪ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ چيو ويندو."

هن پنهنجي تقرير ختم ڪندي چيو تہ: "اسان اڪثر ٻڌون ٿا تہ اسان جي ملڪ جي ترجيحن ۾ لئبررين ۽ لئبررين ٻئي شامل نہ آهن. پئسو حاصل ڪرڻ سولو نہ آهي. ڪنهن حد تائين تہ اها ڳالهہ صحيح آهي، پر اسان کي ملڪ ۾ بامقصد لئبررين جي تعمير جي ضرورت آهي، جيڪي سڀي فرنيچر ۽ ٻين سهوليتن سان آراستہ هجن. منهنجي لاءِ تربيت يافتہ ۽ تجربيڪار لائبريرين هڪ وڏو اثاثو آهن ۽ ايترو ئي اهم آهن جيترو پئسو، ڇاڪاڻ تہ هو محدود پئسن سان سڀ کتاب خريد ڪري سگهي ٿو."

مان انهن ڏينهن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ لائبريرين هئس ۽ شيخ ايياز سان گڏ هن سيمينار ۾ شرڪت لاءِ ڪراچي ويو هوس. اهو سيمينار بندر روڊ تي واقع ڪي. ايم. سي. هال ۾ ٿيو هو.

شيخ ايياز سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر جي حيثيت سان لئبرريءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي. هن بوڪ بئنڪ قائم ڪئي ۽ لئبرريءَ جو وقت پڻ وڌايو.

باوجود مشڪلاتن جي هن ٻي شفٽ جي لاءِ اضافي عملو پڻ مهيا ڪري ڏنو. لئبرريءَ کي مستحڪم بنيادن تي ڪم ڪرڻ لاءِ جيڪو ٻيو قدم هن کنيو اهو هو شاگردن کي لئبرري ڪميٽيءَ تي نمائندگي ڏيڻ جو. ائين ڪرڻ سان هن شاگردن کي تعليمي ماحول جي ويجهي رهڻ جي جڙ تہ خاطري ڪئي.

هن جهڙو ماڻهو ٻيهر پيدا نہ ٿيندو. چين جي چوٽي موجب "هو ڪتابن جي خوشبوءِ رکندڙ هو" ۽ پنهنجي لئبرريءَ جو اٽٽت حصو هو.

●●●●

باهو! هڪ الله تہ آهي، سڀ ڪنهن جو رکوالو، هُو،
ماڻهوءَ پنهنجي من تي ڇا جي لاءِ هنيو تالو، هُو،
ڏوٻيءَ وانگر مون من ڏوتو، آهہ اجا ڪجهہ آلو، هُو،
ڇا تي هي انسان ڪُڏن ٿا؟ نالو! ڇا هي نالو، هُو؟
- شيخ ايياز

شيخ ثناءُ الله

ننڍپڻ جو ساٿ

٢٨ ڊسمبر ١٩٩٧ع جو اوچتو پياري اياز جي وفات جو اطلاع مليو!

٢٧ ڊسمبر تي "پوليو ڏينهن" هو. قاسم آباد (حيدرآباد) ۾ ٢٣ مرڪز مون قائم ڪيا هئا. ٢٨ ڊسمبر تي مون اکين جي علاج جي ماهر پروفيسر ڊاڪٽر ضياءُ الدين شيخ کان ٢٩ ڊسمبر جو وقت اک جي آپريشن لاءِ ورتو. مهراڻ ڪمپليڪس ۾ رات جو کيس اک ڏيکاريم ته آپريشن ڪرڻ لاءِ تيار هو. ارادو هو ته پنهنجي خاندان وارن سان رات جو عذرخواهي ٿي سگهندي. ٣٠ ڊسمبر شام جو چڪاسرائي حيدرآباد لاءِ روانو ٿيس. هن کان اڳ ڪراچيءَ آيو هوس. پنهنجي ڀاڻيجي نويد شيخ انجنيئر کي ساڻ ڪري، اياز سان مليو هوس. سندس پَڪو ارادو هو ته پاڻ ڪراچي ڇڏي حيدرآباد ۾ سڪونت اختيار ڪري. پڇائون ڪرڻ کان پوءِ مون کيس فيروز ميمڻ هٿان پيغام موڪليو ته ڪم از ڪم ويهه لک رپيا جاءِ لاءِ درڪار رهندا.

اسان ٻيئي شڪارپور جي سرسبزسر زمين جي پيداوار آهيون. اياز مون کان چار سال سينئر هو. اسان جي دؤر جا قريبي ساٿي، ڪميونٽي مان شيخ غوث بخش ۽ ساز علي شيخ ساز هئا. شڪارپور کي 'سنڌ جو پئرس' سڏيو ٿي ويو. بمبئيءَ کان پوءِ پوري سنڌ ۾ انڊر گرائونڊ ڊرينيج شڪارپور ۾ هئي. هر آچر تي شهر جي ٽئنڪن مان پاڻي وهائي، صفائي ڪئي ويندي هئي.

پاڪستان کان اڳ ٽي هال هئا: خالقڏنو هال ڪراچيءَ ۾، بسنت هال حيدرآباد ۾ ۽ جماڻي هال شڪارپور ۾. ستم ظريفي ته ڏسو جو "جماڻي هال" جو نالو مٽائي، ميونسپل هال رکيو ويو آهي! سنڌ ۾ ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾ "صدر" آهن. موجوده رستن جو ڄار نه هو. شڪارپور کان سکر تائين اٺن اٺن ميلن تي ٽي منزلون ۽ سرايون هيون. ڪامورا گهوڙن ۽ اٺن تي هفتن جا هفتا گشت ۾ هوندا هئا. اياز جو والد صاحب ڪامورو هو. سواري گهوڙي تي ڪندو هو. انور فگار هڪڙي جي کوجنا مطابق اياز جو والد به شاعر هو. اياز کي شاعريءَ جو ذوق خاندان مان ورثي طور مليو.

شڪارپور ۾ قافليسراءِ هئي، جنهن ۾ افغانستان جا قافلا ترسندا هئا. حالانڪ سکر ۾ "مسجد منزلگاهه" هئي، "مسجد منزلگاهه جي تحريڪ طور مشهور آهي، جا شڪارپور مان اسان جي شيخ محلي کان اُڀري. پهريون ڊڪٽيٽر ميان واجد علي شيخ هو، جنهن کي ٣٢ زخم رسيا هئا. سنڌين خوب قربانيون ڏئي، تحريڪ کي ڪامياب ڪيو هو، مگر ڪنهن به مسلم ليگي حڪومت اسان کي ياد نه ڪيو! اسان جو شيخ محلو مسلم ليگ جو ڳڙهه هوندو هو. اسان ٻنهي اک ان سياسي ماحول ۾ کولي، مگر ڪو خاص اثر نه ورتو. اياز جن جي جاءِ ڏاڪڻ تي هئي، هيٺين حصي ۾ اوطاق هئي. سندس گهر ۾ ڪشمور جو جنڊيءَ لٿل عاليشان هندورو پيل هوندو هو. ڪل چار ڀاتي هئا. کيس والد ۽ والده کان سواءِ هڪ ڀيڻ به هئي. سندس والد جانٺو، هردلعزيز، خوشپوش، خوش خلق، ملنسار، همدرد ۽ ٻارن سان محبت ڪندڙ هو. انسان اياز جي قريبي دوستن کي به شيءِ شڪل ۽ خرچيءَ ۾ نه وساريندو هو. سندس امي، جنهن کي مان به 'امي' سڏيندو هوس، ٻنهي کي هندوري ۾ سمهاري لوڏا ڏيندي هئي. منهنجو والد صاحب پوسٽ ماسٽر هو. اسان شڪارپور کان ڪجهه ٻاهر به رهياسون. مان گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور ۾ داخلا ورتي ته اياز ڪاليج ۾ هو. تقريري مقابلن، مضمون نويسي ۽ شعر و شاعري ۾ ناليرو هو. ان زماني ۾ سينيئر جي عزت

هوندي هئي. استادن جي عزت بيحد هئي. پراڻا شاگرد اڃا نوڙي ملندا آهن. ۱۹۳۵ع ۾ ڪوئٽيا ۾ خوفناڪ زلزلو آيو. زخمي ۽ لاش شڪارپور آندا ويا. مان ۸ سالن جو هوس. مان سماجي خدمت ۾ جُنجي ويس. ۱۹۴۷ع ۾ مان رضاڪارانه سول هاسپيٽل رفيوجي ڪئمپ حيدرآباد جو انچارج هوس. مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به شخصي غرض لالچ ۽ نه رکي آهي. ڪجهه شاگرد ليڊر ڪاليجن مان مالي فائدا حاصل ڪن ٿا، مگر مون شاگرد ليڊر جي حيثيت ۾ ڪڏهن سوچيو به نه هو.

ايازڪتابن جو ڪيڙو رهيو. لطيف تي به چار ڪتاب مون کان ورتائين. ڪيس سڀي لئبرري هئي. وڪالت جي دؤران به ڪتابن پڙهڻ جو وقت مقرر هوندو هوس. مان، ڊاڪٽر انور علي شيخ، بشير احمد موريائي ۽ نورالدين سرڪي گڏجي وٽس ويا سون. اهو وقت سندس اپياس لاءِ هو، مگر اسان کي ڏيٽو پيس. علم جي مرڪز شڪارپور ۾ گهر گهر ۾ لئبرري هئي. ورهاڱي بعد نايابڪتاب ۽ شهپارا پکوڙن ۽ پگڙن جي پڙين ۾ ضايع ٿيا! اسان جي شيخ ڪميونٽي پڙهيل ڪڙهيل آهي. ڪتابن سان واسطو اڪ ڪولڊ سان رهيس ٿو. ننڍو ٻار وڏي جي ريس تي هٽ ۾ نوٽبوڪ ۽ پينسل رکي ٿو. ايازبه ان ماحول جي پيدائش آهي. پوڪرداس جا ڪتاب پڙهي ۽ پاڻ وٽ رکيا سون.

۱۹۱۷ع واري ورسي انقلاب ۾ سنڌورقي هندو لئبريون چڏي، نوٽن جون ڪوٽيون ڪٽي روس مان بيدخل ٿيا. ورهاڱي وقت اهي ڪوٽيون چورن کي هٽ آيون. موجوده وقت ۾ اسان سنڌي ادب سان سرد مهري اختيار ڪئي آهي. آءٌ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن ۽ لطيف فائونڊيشن جي پليٽ فارمن تان نمراڻ بحال ڪرائيندو رهيو آهيان ته اسان سنڌي، بينيوولنٽ فنڊ جيان پنهنجي ڪمائيءَ جو صرف هڪ سيڪڙو سنڌي ادبي ڪتابن ۽ رسالن جي خريديءَ لاءِ مقرر ڪريون ته گهر ۾ سنڌي ڪتاب ايندا ته لالد پڙهندو، ورنه اسان جي مادري زبان پونتي پئجي ويندي. لطيف، سچل، ايازوغيره سان اسان جا ايندڙ نسل روشناس ٿيندا ته سنڌي بولي زندهه رهندي.

ڪنڪارام مالي تعاون ڪيو. ايازايڊيٽر ٿيو. ۱۹۴۷ع ۾ "اڳتي قدم" رسالو جون ۾ شايع ٿيو. مان مئنيجر ۽ پبليڪيشن جو سيڪريٽري هوس. جون، جولاءِ ۽ آگسٽ ۾ ٽي پرچا شايع ٿيا ته لڏپلاڻ جي اثر هيٺ رسالي مان هٽ ڪيڏا پيا. اتان هڪ پئي کان الڳ رهياسون. ايازتحرير ۾ مشغول رهيو، مان تحريڪ سان رهيس. ۱۹۴۶ع ۾ ٽي مان ليبر يونين جو جوائنٽ سيڪريٽري هوس. ۱۹۴۷ع جي اڌ ۾ هاري ڪاميٽي شڪارپور جو ڪجهه عرصو سيڪريٽري هوس.

پاڪستان کان اڳ سنڌي اديبن ۾ ٽي گروپ هئا. هڪ گروپ پارسي ۽ عربي سنڌي زبان تي مڙهي رهيو هو. تالپرن جي زماني ۾ پارسي سرڪاري بولي هئي. مير صاحبان ايران کان شاعر ڳهرائي، ڪلام ٻڌي، واه واه ڪري، خرجينون انعام طور ڏيندا هئا. پئي گروپ وارا هندي ۽ سنسڪرت جا لفظ خواهمخواه ڪم آڻيندا هئا. ٽيون گروپ سليس ۽ عام فهم، نج ۽ صاف سنڌي بولي جي انفراديت قائم رکڻ لاءِ جدوجهد ۾ مشغول هو، جنهن ۾ بعد ۾ اسان به شامل ٿياسون. اسان جو اصول هٽ ڪپي سنڌي زندهه بولي آهي ۽ ٻين بولين سان ڏيوٽ ڪرڻ جي به منجهس وسعت آهي. اسان کي سنڌي زبان آسان ۽ نج استعمال ڪرڻ کپي.

ڪراچيءَ ۾ به ايازسان ادبي محفلن ۽ دعوتن ۾ ساٿ ڏنم. برنس گارڊن ۾ هر آچر شام جو ادبي محفل لڳندي هئي. اتان ٽي اسان چهين آني واري ڪلاس ۾ انگريزي فلم ڏسڻ ويندا هئاسون. انور، شمس، فخر، نورالدين، احسان، عباس وغيره پروگرام مطابق موجود هوندا هئا. هڪ دعوت ۾ گليمر رسالي جي ايڊيٽر صاحبه سان ملاقات ٽي. مون شڪايت ڪئي ته اهو ضروري ناهي ته گهوٽ ڪنوار جون ايترين تصويرون نمايان طور ڇاپيون وڃن. هن کي دليل پيش ڪيا مگر مون کي قائل نه ڪري سگهي. هڪ ڏينهن ٻن پهرن جو مانيميس مان کائي مان ۽ انور مينارام

هاسٽل جي ڪمري نمبر ۵ ۾ آرام لاءِ وارد ٿياسون. شمس، فخر ۽ عباس به موجود هئا. اياز فڪرمندي ۾ ٻڏل، نمودار ٿيو. سندس انداز بدليل هئا. اول سڃي هٿ کي سگريٽ سان داغڻ لڳو. اطمينان نه ٿيس. اڃي هٿ در ۾ وڃي، طاق کي بند ڪرڻ لڳو. انور هٿ چڪي ورتس ورنه آگرين ۾ فريڪچر ٿين ها. اياز جھڙو ان حد تي رسي، سمجھ کان بعيد هو! دم دلاسا ڏئي، اوڳر ڪيوسونس. سندس چوڻ هو ته بندر روڊ تان ٿي آيو ته سندس نظر محبوبه تي پيس جا ميوو وڻي رهي هئي. حجت وچان هن پاڻهن ۾ هٿ وڌس. مائي صاحبه جو مڙس اسڪوٽر تي اچي رهيو هو، جنهن کيس آگر سان اشارو ڪري، دور رهڻ لاءِ چيو. گليمر رسالي ۾ تصويرن ڇاپڻ جو سبب سمجھ ۾ آيو.

سنڌي زبان ۾ در ، بيتن، ڪافين ۽ واين جي اصليت کي پرکي اُن تي طبع آزمائي ڪرڻ سنڌين ۽ سنڌي زبان تي ايازجو احسان آهي. علم عروض جي بنياد تي غزل ۽ نظم جنهن ۾ آزاد نظم به شامل آهن، سندس دماغي مهارت جو مظهر آهي. دنيا جي ٻولين جھڙوڪ هندي، سنسڪرت، فارسي، انگريزي، بينگالي، يوناني، ليٽن، رشين، جرمن، فرينچ ۽ اسپينش جي زبانن جي ادبي شهپارن جو مطالعو سندس ذهانت جو ڪرشمو آهي. اسان سندس ساڻي وقت ڪيي، ساڻس ملندا رهياسون. نثري ۽ نظمي نيون ڪاوشون ٻڌائيندو هو. مان ڪراچيءَ ۾ ڪلاڪ ڪن ساڻ هوس. ماضيءَ جون يادگيريون خوب دهرايون سين، لطف آيو. مون کان به سوال ڪيائين. مون کيس ٻڌايو ته ايترو هاڻي هلي نٿو سگهان، ڪجھ نه ڪجھ ادب سان وابستگي رهي ٿي. پاڪستان رائيٽرس گلڊ ۾ سبط حسن، فيض، جوش، قدرت الله شهاب، عالي، حمايت علي شاعر، محسن پوپالي، ، آفاق صديقي، احمد نديم قاسمي وغيره سندس ساڻي رهيا. محفلن ۾ شيڪسپيئر، ريلڪي، لورڪا، ماياڪووڪي، رومي، حافظ، اقبال، ٽئگور، فيض، وغيره شاعرن جا شعر ٻڌائيندو هو. سانيٽ، هائڪو ۽ نثري شاعريءَ تي کيس عبور حاصل هو.

۱۹۴۶ع ۾ ڪولهين تي ٽينڈڙ ظلمن تي هڪ نظم لکيائين. ڪارڪن ان آسري، ڪولهين کي استرائيڪ لاءِ اُڪسايو. اسان شڪارپور ۾ هريجن کي حقن لاءِ اپاريو، ڪامياب وياسون. شاه جي رسالي جو اردوءَ ۾ منظوم ترجمو سندس شاهڪار آهي. حڪومت کيس ادبي خدمت جي اعتراف ۾ "هلال امتياز" به عطا ڪيو. اسان ڏام ڏوم سان لطيف جا عرس ٿا ملهايون، مگر سندس خاندان وٽ جيڪي نوادرات آهن، انهن کي جاءِ نهرائي محفوظ نٿا ڪريون.

ايازاي.ڪي.بروهيءَ جو جونيئر پارٽنر به رهيو. سندس والد ميان ڪريم بخش بروهي، ڳڙهي ياسين ۾ عريضي نويس هو. بروهي صاحب جو هڪ پاڻ علي حسن انگلينڊ ۾ ڊاڪٽر آهي. ڳڙهي ياسين ۾ مان ٽئين ۽ چوٽين درجي ۾ مانيٽر هوس ۽ علي حسن وائيس مانيٽر هو. مون هڪ دفعي ايازڪان دريافت ڪيو ته هر ڪيس ۾ بروهي صاحب ڪٽيو وڃي! ايازجو جواب هو ته بروهي صاحب وڪيل سان گڏ فلاسافر ۽ منطق جو جاڻو آهي. سندس خيالات، زبان ۽ نقطن کي سمجھڻ ۾ ڪيترا ڄڻ قاصر آهن. بروهي صاحب آڏي پڇا ۾ ايبل يارڊ ڪان پڪمر ڪيو هو جو وسرڻ جو ناهي. ايازجي ويجهن دوستن ۾ محمد ابراهيم جويو، غلام رباني آگرو، رشيد پٽي، نورالدين سرڪي، نثار ميمڻ، جمال ابڙو، سوپو گيانچنداڻي، حميد سنڌي، تنوير عباسي، جمال رند ۽ ڪيترا ٻيا شامل آهن.

ايازجنهن به ڪم ۾ هٿ وڌو، ان ۾ قدرت کيس ڪاميابي نصيب ڪئي. هن محنت ۽ هوشياريءَ سان نالو ڪمايو. وڪالت، ذهانت ۽ ادبي ڪاوش ۾ خوب چمڪيو. قدرت وفات بعد کيس عزت بخشي، ان جو حقدار آهي. ايازجا ڪتاب دنيا جي لئبررين جي زينت آهن. هن آمريت جي دؤر ۾ تڪليفون برداشت ڪيون. ٽي ڀيرا جيل ۾ به وڌو ويو. سندس گهر تي ڊڪٽيٽر جي باقيات فائرنگ ڪئي. سندس ڪلام ايوب شاهي ۽ آمرن جا ڪنگرا ڪيرائي

وڏا. اڄ بہ سندس ٽن ڪتابن تي ون يونٽ سرڪار بندش وڌي. ڪلام جذبات کي خوب اپاري ٿو. عوام جي بيداري، سجاڳي ۽ جاڳرتا لاءِ ايياز هميشہ عتاب ۽ مصيبت ۾ رهيو ڪهڙو بہ دؤر هجي، سندس گهر جون تلاشيون ڪافي دفعا ورتيون ويون.

پنهنجي پيٽ جي وفات تي ايياز تڏي تي شڪارپور آيو. ڪيس اٿڻ ويهڻ ۾ تڪليف پئي رسي. مون کي سڏي صوفي تي پاڻ سان گڏ ويهاريائين. حال احوال ڏناسون ورتاسون. مان شڪارپور ۾ سماجي ڪمن، راندين، اسڪائوٽ وغيره ۾ سرگرم رهيس. پنهنجا ڪيترا ڪم اڌ ۾ رهجي ويا هئا. پنو ڪٽي نوٽ ڪندو ويس تہ ڪيترين ائسوسيئيشنن ۽ ڪلبن سان تعلق آهي تہ ٢٢ نوٽ ڪيم. دوست راضي هئا، ڪجهہ بہ منهنجي شموليت کان سواءِ اڏورو هو. مسٽر قلي بخش رند ڪمشنر لاڙڪاڻو هو، جو اسان وٽ ڊپٽي ڪمشنر بہ رهيو. سندس ايامڪاريءَ ۾ فنڪشنن ۾ سادا ٽي هزار فوٽو نڪتا جن مان اڌائي هزار مون وٽ آهن. شڪارپور شهر سڏار تنظيم "فري اکين جي ڪئمپ" لڳائي، منهنجي لاءِ ٽرافي رکيائون. مان حيدرآباد مان شڪارپور پهتس. رند صاحب، ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور سپاڳي خان جتوئيءَ کي چيو تہ شڪارپور مان شيخ صاحب هليو ويو تہ صرف اوندهہ رهجي وئي.

اسان جڏهن بہ ايياز وٽ ويياسون تہ خوب ادبي محفلون مچنديون هيون. اسان سندس نظمون، وايون، بيت ۽ غزل ۽ ڪتابن مان ڪجهہ حصا پڏي سرور حاصل ڪندا هئاسون. ڪلاڪن جا ڪلاڪ محفلون گرم رهيون.

ايياز صرف سنڌ ۾ نہ، پر پاڪستان جي مشهور شاعرن ۽ اديبن ۾ بہ نمايان آهي. بيمار هوندي بہ ادب جي آبياري ڪندو رهيو. ڪيس قدرت طرفان ڏات مليل هئي، جنهن کي ڪڏهن بہ زنگ لڳڻ نہ ڏنائين. قلم جي طاقتور استعمال جو لازوال مثال آهي. سندس گيتن سنڌي قوم کي جاڳايو ۽ راهہ ڏيکاري. ايياز جو ڪلام ڳايو ٿو وڃي. اڻ پڙهيل ڳائڻا بہ ڳائن ٿا، لطيف جي ڪلام جيان. سندس لکڻيون دنيا جي ملڪن ۾ لئبررين جي زينت آهن ۽ اهميت ٽيون رکن. جيستائين سندس ڪلام گونجندو رهندو، تيستائين ايياز زنده آهي. هن علمي طور ڪافي ڪجهہ ڇڏيو آهي، جو ضايع ٿيڻ جو ناهي. سندس تحريرون کيس دائم رکنديون. قلم جو ڏڻي ايياز وسرڻ جو ناهي. اهڙن عالمن جو هن دنيا ۾ اچڻ قوم ۽ ملڪ لاءِ نعمت هوندو آهي. خيالن جي تضاد ۾ ڪنهن جي محنت کان انڪار، قدرت بہ معاف نہ ڪندي. اصولي اختلافات بہ پاڻيا آهن، مگر هر شيءِ حد اندر زيب ڏيندي آهي.

قريبن مان بہ ڪن کيس اجاتائين معاف نہ ڪيو آهي، جنهن لاءِ افسوس ڪرڻ اجايو آهي. ايياز، سنڌي قوم، سنڌي زبان ۽ سنڌ تي پنهنجي اٽمتجندڙ ڇاپ هنئي آهي جا قائم ۽ دائم اهي. سنڌ جي سپوت ۽ پنهنجي نيڊپڻ جي ساٿي "ايياز" کي منهنجو سلام آهي، جنهن کي قدرت نوازيو آهي.

لاکيٽي لطيف جي ڇانوَ ۾ سندس آخري آرامگاهہ، سچ پچ تہ قدرت جي عنايت چئبي. ايياز اڄ بہ ياد آهي، گڏجي ليمن جوس پيئندا هئاسون. مانيء بہ گڏ کائيندا هئاسون. گهٽو ڪري منهنجي اوطاق ۾ هوندو هو جتي دوست ايندا هئا ۽ ادبي محفلون جمنديون رهيون.

* * *

هري موتواڻي

سنڌ ۾ تنهنجا سواس، پر سار سڄي سنسار ۾

شيخ اياز جو چالاڻو، نارائڻ شيام جي لاڏاڻي کان پوءِ، سنڌي ڪويتا جڳت جو وڏو هاڃو آهي. گذريل چند سالن کان وٺي پنهنجي صحت جي لحاظ کان، جنهن دليريءَ ۽ آتم وشواس سان هن موت کان لڪ ڇپ پٽي ڪئي، اهو پنهنجي ليکي هڪ سورهيائيءَ وارو ڪارنامو آهي، ليڪن هن ور ور اِها ڳالهه محسوس پٽي ڪئي ته موت جو ملائڪ ڪنهن وقت به اچي ڪيس سوگهو ڪندو، تنهنڪري هن ڏينهن ۽ رات ڪتاب پٽي لکيا. ڪيس خبر هئي ته وٽس جيڪو ڏبي سرمايو آهي، اُن کي پنن تي نه پلٽيم ته اُهو سمورو ذخيرو سائس گڏ قبر دوز ٿي ويندو ۽ سنڌي ساهت جو گهڻو پرڇڻ کان رهجي ويندو. هن جا پچاڙڪا ڪتاب نظم ۽ نثر، ٻنهي ۾ شايع ٿيا ۽ هٿون هٽ وکامجي ويا. هن پنهنجي "آتم ڪهاڻي" ڏهن جلدن ۾ پڌري ڪرڻ پٽي چاهي، جنهن جا ٽي جلد شايع ٿي چڪا آهن.

اڄڪل پنجاهه ڪتابن جو ليکڪ، ڪارونجهر جبل جيڏو اُتانهون ۽ اڏول ۽ ڏرتيءَ جيترو ڦملپل مها ڪوي شيخ اياز، سنڌي ساهت ۾، سنڌ ۽ هند ۾، ۽ سموري سنسار ۾ اَمر آهي، اَمر رهندو...

شيخ اياز وڏيءَ سوجهيءَ وارو شاعر هو. هن پنهنجي باري ۾، هڪ شعر ۾ لکيو:

ڪڏهن هوا دروازو کولي،
منهنجي گهر ۾ پيهي ايندي،
۽ مون کي ڪرسيءَ تي ڳولي،
مايوسيءَ سان موٽي ويندي:
منهنجيءَ ميز مٿان سوَ ڪاغذ،
پکڙيل هوندا، آءٌ نه هوندس!
گيت اڌورا، آءٌ نه هوندس!
۽ ٻيو ڇاڇا، آءٌ نه هوندس!

شيخ اياز جو هيءُ شعر ۱۹۸۹ع ۾، "سرُ نارائڻ شيام" ڪتاب جي پٺئين ڪور تي ڇپيو آهي، جنهن وسيلي جدائيءَ جي جڙ ته آڳاهي ڏني هئي.

شيخ اياز جي مرتئي جي دکدائڪ خبر ٻُڌڻ ساڻ بمبئيءَ جا ليکڪ پڻ شوڪ ۾ ٻڏي ويا. هنن ۴ جنوريءَ ۱۹۹۸ع تي، "سيتا سنڌو پون" ۾، پبلڪ اڳيان شيخ اياز کي شرڌانجلي ڏني، جنهن ۾ گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، ارجن شاد ۽ ناڪر چاولا اياز بابت ڪيئي دلچسپ وارتائون ٻڌايون. شريمتي پارو چاولا، اياز جو اَمر گيت "ڏيهي پرڏيهي ٿيا" سوز سان ڳايو.

اُن ساڳئي موقعي تي، هڪ الڳ آستان تي، اڄڪل ۱۵ سنڌي اديبن، بزرگ شاعر پريو وفا جي صدارت هيٺ، شيخ اياز کي شرڌانجلي ڏني. حاضر اديب هئا: سرو شري پريو وفا، گوبند پنجابي، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اي. جي. اُتم، ارجن شاد، لعل پشپ، وينا شرنگي، نند جويري، لڇمڻ دُبي، موهن پنجابي، رتن پال ۽ هري موتواڻي سنڌي. ڪيترن اديبن، اياز جي شاعريءَ، نثر ۽ شخصيت جي ڪن پهلوئن تي روشني وڌي.

ان طرح، پارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سنڌين ۽ پڌ دنيا جي الڳ الڳ مُلڪن ۾ سنڌي جاتي، سنڌ جي هن مهان ڪوي، ودوان ۽ انتراشٽريه امن پرچارڪ جي مرتئي تي ڏاڍو ارمان محسوس ڪيو آهي.

••••

فقير شهمير چانڊيو

صديون سُتل ساز، وڃن ٿا وجود ۾

هيءُ اُهو دور هو، جڏهن سنڌ "ون يونٽ" جي زنجير ۾ جڪڙيل هئي. ان سمي اهڙو ڪمڙو وجود ۽ فرد هو، جنهن جي اندر ۾ گهاءُ نه هئا؟ سنڌ جو جيت جٽيو، پکي پکڻ ۽ ويندي عام ماڻهوءَ تائين سڪتي جي عالم ۾ هو، پر سندن سوچ هڪ اهڙي نقطي تي مرڪوز هئي ته هاڻي ڇا ٿيندو؟

آخرڪار مائي سمنڊ مان هڪ اهڙي لهر اُپري، جيڪا مهان ڪويءَ جو روپ ڌاري منظر عام تي آئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سندس اندر جا اُڌما، جيڪي سنڌ جي اهڙي حالت ڏسي پاڻ جهلي نه سگهيا ۽ سنڌ واسي، مهراڻ ۾ موج بڻجي ڪنڌيون ٽوڙي، غاصبن کي نگهوسار ڪندي، پنهنجو پاڻ کي ملهائي، سنڌ کي آمريت جي زنجير مان آزادي ڏياري سُڪيوساهه ڪٽايائون!

دراصل وقت جي تيزيءَ جو احساس انسان کي ان وقت ٿئي ٿو، جڏهن ڪارن مان اچاڻ پيدا ٿيندي آهي. ڪلهه، ڪلهه هئي ۽ اڄ اڄ آهي. ڪنهن به بني نوع انسان کي اها جاڻ نٿي پوي ته موت به منهنجي تعاقب ۾ آهي ۽ ڪنهن به گهڙيءَ پکيءَ کي پجري مان اُڏاري سگهي ٿو. هن مضمون لکندي اندر ۾ هڪ عجيب ڪيفيت آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته ماضيءَ کي دهرايان يا حال کي اوريان؟ جي حال کي ٿو دهرايان ته ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ اهو مهان ڪوي (شيخ ايياز) وڃڙيو ئي ڪونهي. ڇاڪاڻ ته مري اهو ويندو آهي، جنهن کي ڪير ياد ڪرڻ وارو نه هوندو آهي؛ پر جنهن جو دل ۾ ديرو هوندو آهي، سو، امر هوندو آهي ۽ رهندي دنيا تائين امر ٿي رهندو آهي.

وري جڏهن ماضيءَ ڏانهن موٽ ڪائجي ٿي ته ائين ٿو لڳي جڻ سنڌ جا سپوت حميد سنڌي صاحب مون وٽ آيا آهن ۽ مون کي چئي رهيا آهن ته: "سپاڻي بسنت هال ۾ جشن روح رهاڻ ملهائي رهيا آهيون ۽ مون شيخ ايياز صاحب جا به ٽي گيت ۽ غزل، محترم عنايت الله عباسي کي ڏُنون ڪمپوز ڪرڻ لاءِ ڏنا آهن، جيڪي توکي اني اسٽيج تي ڪورس ۽ ٽيبلو جي روپ ۾ پيش ڪرڻا آهن ۽ ان کان علاوه جيجي زرينا بلوچ ۽ ڪجهه ٻارڙا به توسان ساڻ ۾ گڏ هوندا ۽ تون اڄ ئي وڃي محترم عنايت الله عباسي سان مل، جيئن تعارف به ٽي وڃي ۽ وهه واهه ٿئي."

ان زماني ۾ محترم عنايت الله عباسي جو ميوزڪ ڪلب تلڪ چاڙهيءَ مٿان (رائل ڪاليج آف ڪامرس) هوندو هو، جتي طبلي کان وٺي سارنگيءَ تائين هر ساز ڇڙڻ لاءِ آتو هوندو هو. اها منهنجي وڏي ۾ وڏي خوش بختي هئي، جو هڪ مهان ڪويءَ جي روح آفرين شعرن ۾ سُر جو ساهه وجهي پهريون پيرو اسٽيج تي پيش ڪري رهيو هوس. به ٽي ڏينهن لاڳيتو ريهرسل ۾ لڳي ويا. ان وچ ۾ مان پنهنجي ليکي به عنايت الله صاحب طرفان نهيل ڏُن، جيڪا ٽيڪ سنڌي پيرويءَ ۾ هئي. ("سنڌ ديس جي ڌرتي، توتي پنهنجو سيس نمايان-متي ماڻي لايان!") ورجائيندو رهندو هوس. آخر ان ٽي مشق حاصل ڪري ورتم ۽ ٽيڪ اهو سپاڳو ڏينهن به آيو، جڏهن مون ڪورس جي روپ ۾ چئن پنجن ٻارڙن سان گڏ اسٽيج تي شيخ ايياز صاحب جو مٿي جاڻايل وجد انگيز ڪلام پنهنجي فقيرانه حال آهر پيش ڪيو ۽ سامعين طرفان (جن ۾ وڏيون وڏيون ادبي ۽ علمي شخصيتون موجود هيون) ججهو داد حاصل ڪيو. ان کان پوءِ جيجي زرينه بلوچ به ڪائٽ ۾ پاڻ ملهايو ۽ ڪافي داد حاصل ڪيو.

اهڙيءَ طرح ان تقريب ۾ شامل محترم مدد علي سنڌي به منهنجو مداح بڻجي ويو ۽ اهڙي قسم جي مختلف ٽٽي تقريبن ۾ مدعو ڪري مون کي وٺي هلڻ لڳو، جتي شيخ ايياز جا قومي گيت ڪائٽ ڪري منهنجو مان مٿانهون

ٿيڻ لڳو ۽ مون کي بہ جنون جي حد تائين شيخ اياز صاحب جي شاعريءَ سان لڳاءُ ٿي ويو ۽ ان جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جي مهان ماڻهن سان پڻ شناسائي ٿي ويئي، جن ۾ سائين جي.ايم.سيد صاحب، محترم شيخ عبدالمجيد سنڌي صاحب، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ صاحب، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي صاحب، سائين محمد ابراهيم جويو صاحب، سائين غلام رباني صاحب، سائين جمال رند صاحب ۽ سائين گرامي صاحب قابل ذڪر آهن.

هڪ ڀيري اتفاق اهڙو ٿيو جو مسلم ڪاليج ۾ اهڙي ئي قسم جي هڪ تقريب منعقد ڪئي ويئي، پر مون کي مدعو نہ ڪيو ويو، پر خبر پيئي تہ اڄ اتي سائين جي.ايم.سيد صاحب اچڻا آهن. سو خبر پوندي ئي کُڙين تي زور رکيم ۽ وڃي اتي پهتس. نگاهہ ڪريمي هوٽل جي هُن ڀر پهچندي، مون کي ماڻهن جو اڻ کٽ درياهہ لتاڙڻو پئجي ويو.آخر جيئن تيئن ڪري مسلم ڪاليج جو گيٽ عبور ڪري اندر داخل ٿيس. اندر بہ ڪافي رش هئي. اسٽيج تي ڊاڪٽر افضل انائونسمينٽ ڪري رهيو هو: "سائين جن ڄاڻ اچڻ وارا آهن ۽ جلدئي اوسيئڙي جون گهڙيون ختم ٿيڻ واريون آهن، تيسين فلاڻو فنڪار اوهان کي شيخ اياز صاحب جو قومي گيت ٻڌائڻ لاءِ اسٽيج تي اچي رهيو آهي." ان مهل مون کي بہ اندر ۾ اُڻ تڻ لڳي پيئي هئي تہ مان بہ شيخ اياز صاحب جو تازو ٺهيل گيت ("سنڌو ديس مهان") جيڪو مون پاڻ ئي ڪمپوز ڪيو هو، پيش ڪريان. پر اسٽيج تائين رسائي ڪيئن ٿئي؟ آءٌ اڃا انهيءَ ٻڌتر ۾ هوس تہ اوچتو ڪنهن اچي مون کي ٻانهن کان پڪڙيو. ڪنڌ ورائي ڏٺم تہ اهو منهنجو محبوب ۽ قدردان مدد علي سنڌي صاحب هو. واقعي ڪنهن سچ چيو آهي تہ: "طلبؤن تہ ملون!" منهنجون پنج ئي آڱريون کيهہ ۾! فنڪار اسٽيج خالي ڪري چڪو هو ۽ فوري طور تي منهنجي نالي جي انائونسمينٽ ٿيڻ لڳي. مان بہ ماڻهن جي هشام جي سرسري نظر وجهندو، اسٽيج طرف وڌڻ لڳس ۽ اسٽيج تي پهچي مائيڪ کي سوري شروع ٿي ويس:

"سنڌو ديس مهان....

سنڌو ديس مهان!"

ان کان پوءِ سُتت ئي هڪ زوردار ڌماڪو ٿيو هو. خبر پيئي تہ سائين جي.ايم.سيد صاحب جن جي آمد تي ڪن سازشي عناصر بم جو ڌماڪو ڪرايو هو، جنهن ۾ سائينءَ جو ويجهو ساٿي دوست محمد پراچا شهيد ٿي چڪو هو ۽ ڪافي ماڻهو زخمي بہ ٿيا هئا.

مون کي اهو بہ فخر حاصل آهي تہ جڏهن شيخ صاحب جي مان ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان آجياڻو (وي.سي ٿيڻ جي حوالي سان) ڏنو ويو، تڏهن ان تقريب ۾، اچانڪ حاضرين فرمائش ڪئي تہ آءٌ مهان ڪويءَ جو ڪلام پيش ڪريان. سازن نہ هوندي بہ، مون "ٽڙي پوندا ٽارئين، جڏهن ڳاڙها گل" جهونگاري، حڪم جي تعميل ڪئي. محفل جي پُڄاڻيءَ تي شيخ اياز صاحب منهنجي پُٺي ٺپي ۽ مون کي جَسُ ڏيئي، منهنجي قدرداني فرمايائون.

اڄ هن مانجهاندي جي ماڳ ۾ ان مهان ڪويءَ جو وجود ناهي، پر سندس امر پيغام، دل کي ڇُهندڙ شاعريءَ جي روپ ۾ موجود آهي ۽ ايندڙ نسلن کي اتساهي سندن رهبري ڪندو رهندو. مون کي فخر حاصل آهي تہ مون ان جا ڪجهہ ٻول پنهنجي هيٺي حال آهر ڳاتا، پر اياز صاحب جي امر شاعريءَ کي مستقبل ۾ ڪيئي ڏات ڌڻي ۽ گڻوان ڪلاڪار ملندا، جن جي ڌُنن ۽ سازن سان، اِهي گيت، سدائين سنڌ ۾ سُرن جا وڏڦڙا وسائيندا رهندا.

* * *

سيد زوار نقوي

وقت خواب وانگر آ

سچ ٻه ته مون کي خبرناهي ته جنهن وقت هن،

جهومندڙ هوائن ۾،
رات جامشوري جي،
ڪنهن رباب وانگر آ،
عمر ائين اڏامي ٽي،
جٽ پکي پرن تي آ،
وقت خواب وانگر آ.

ڇه سٽو لکيو هو، اُن وقت هن جي من ۾ ڇا هو؟ پر سٽن مان لڳي ٿو ته جامشوري جي اُن خوبصورت رات دوران ٻه هُن کي پنهنجي وَهي ائين وَهندي نظر آئي هئي، جيئن اَملتاس لاءِ پَن ڇَڻ جا پهريان پَهر هوندا آهن!

شڪارپور کان شروع ٿي ڪراچيءَ جي ساحل تي ختم ٿيندڙ هن جي زندگيءَ جي هڙ ۾ ايترين ته محبتن جون ڳنڍيون ڏنل هيون، جيتريون هن صديءَ جي ڪنهن ٻه ٻئي شاعر جي ياگي ۾ نه آيون هونديون. حقيقت ته اِها آهي ته شڪارپور جي شاهي باغ ۾ چٽيل رابيل جي گلن کي ڪنهن جي چوٽيءَ ۾ سجائي ڇڏڻ جي خواهش ڪندي، پنهنجن جيڏن سان رنگبرنگي پوپٽن پويان ڊِڪندي ڊوڙندي پنهنجو ٻالڪپڻو گذاريندڙ، سمنڊ جهڙي ان اٿاهه ۽ گهري شاعر جي ياگي ۾ جيڪي محبتون آيون، اُنهن جي فقط خواهش ۾ ڪيئي شاعر پنهنجيون زندگيون تئي تي تَپندي گذاري ويا؛ پر اهو ٻه سچ آهي ته لفظن جا جيترا زخم هن کي ڏنا ويا اوترا زخم شايد ڪنهن ٻئي شاعر کي نه ڏنا ويا هجن، پر پوءِ ٻه:

ساري شهر وسايا پٿر، جن سان چڪنا چُور هيو،
پوءِ ٻه هُن ٿي نعرا ماريا، مڙس ته ڪو منصور هيو!

جهڙيون سٽون لکندڙ، ڪنهن دؤر ۾ ايم. ايس. راءِ کان متاثر، حشوءَ جو هي شاعر دوست اڄ هميشه هميشه لاءِ خاموش ٿي ويو آهي!

بسنت رُت ۾ هاڻيدر وٽان گذرندي پنهنجي سُمور جهڙي سپرين کي ياد ڪري ڪئين شعر چوندڙ هي شاعر، محبتن ۽ نفرتن جي لفظن جي پلصراط تي لڳ ڀڳ مني صديءَ تائين سفر ڪري اڄ سيني مسرتن ۽ مهٽن کي پنهنجي سار ۾ سانڍي، سنڌ کي سوال جي نگاهن سان ڏسندو هليو ويو آهي ۽ اڄ هن جي وڃڻ تي (حالانڪ هو ڪافي وقت اڳي "الوداعي گيت" لکي چڪو هو) سڄيءَ سنڌ جو سمورو سنڌي ادب ڏاڪ جي لهر ۾ لپيٽجي چڪو آهي.

حيدرآباد جي سنڌ عجائب گهر جي ممتاز مرزا هال ۾ "سنڌي ادبي سنگت" پاران منعقد ڪيل "گولڊن جوبلي پروگرام"، جيڪو بعد ۾ "تعزيتي اجلاس" ۾ تبديل ٿي ويو هو، جي هڪ ڪنڊ ۾ بيٺل انعام شيخ چوي ٿو، "ڪاش! هي لَڙندڙ لُڙڪ سندس حياتيءَ ۾ ڪيس محبتن جا گل آڇين ها، ته هوند سندس زخمن جو درد ڪافي جهڪو ٿي وڃي ها."

هو جيڪو گھڻ پڙهيو شاعر هو ۽ ڪائنات جي هر شيءِ کي شاعر جي اک سان ڏسندو هو ۽ خوبصورت دنيا جي رعنائين ۾ پاڻ وڃائي موٽ ۾ لفظن جا ياقوت ڪٽي ايندو هو، ان جي سيني اندر هڪ معصوم ۽ پيار ڪندڙ دل ڌڙڪندي هئي؛ جيڪا فقط رسڻ پرچڻ ۽ پيار ڪرڻ ڄاڻندي هئي ۽ جنهن کي منافقت ۽ مڪر ڪرڻ نه ايندو هو. اها پنهنجي ڌڙڪن ۾ جيڪي ڪجهه به محسوس ڪندي هئي، اهو وڏي واڪ چئي ڏيندي هئي ۽ هن کي اها پرواهه نه هوندي هئي ته اُن جي موٽ ۾ هن کي گل آڇيا وڃن ٿا يا پٿر؟ ۽ ڇا ڪڏهن چوڏهينءَ جي رات آسمان ۾ چمڪندڙ چند اهو سوچيو آهي ته هن جي روشني سندس محبوبا جي چوٽين ۾ سجندڙ گلاب ۽ هٿن ۾ پوندڙ گجرن تي پئجي رهي آهي يا حيدرآباد جي وچ مان وهندڙ ڏومڙ واهه تي پئجي رهي آهي! چند جو ڪم آهي پيار ڪرڻ جهڙي روشنيَ ڏيڻ ۽ شاعر جو ڪم آهي پنهنجن سيني احساسن ۽ جذبن جي خوشبوءِ کي پنهنجي پوري سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان ماڻهن کي آڇڻ ۽ هن پنهنجي جدول ۾ پيل شاعريءَ جا رنگبرنگي گل آڇيا ۽ پاڻ وارن اُهي ڪٽي ورتا.

اڄ جڏهن سياري جي برسات کان پوءِ اروڙ تي مدن مست اُپري آيا هوندا؛ تڏهن سندس مرتئي تي سوچيندي مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي ته هن کي پرهه جو وقت ۽ پاٽي ڇو پسند هوندا هئا؟ هُن جو پرهه ۽ پاٽي سان ڪهڙو رشتو هوندو هو، جيڪو هن جي ساري حياتيءَ ۾ ٽٽ رهيو، جنهن جي پيشاني ۾ پرهه ۽ اکين ۾ پاٽي نظر ايندو هو. هن جي شاعري ۾ انهن جو عڪس ۽ اولڙو ليئاڪا پائيندي نظر اچي ٿو:

منيءَ تي جيئن باڪ ڦٽي ٽي،
پٽ پٽ آ ڳاڙهي گل گلاب جيان.
هن ڏرتي جي خواب جيان.

پنيڪي جو اُٽي پراٽي سکر لڳ جهلي بند تي گھمندڙ هن شاعر جو روح به قفس عنصري مان ۲۸- ڊسمبر۹۷ع جي پرهه ڦٽي ويل پرڙو سوئي ويو ۽ مدايست اسپتال جي سڏ پنڌ تي ڪراچيءَ جي سمنڊ جون خاموش ۽ پُراسرار لهرون هيون جن ۾ اونداهين راتين جي ڪري نه شور هو ۽ نه ئي وري ڪا اُٺ تڻ هئي، مگر پوءِ به انهن ۾ ڪنهن طوفان جو انديشو رکندي محسوس ٿيو ٿي.

هن کي پاٽي، سنڌو ۽ سمنڊ سان ايتري محبت ڇو هوندي هئي؟ ۽ پوءِ سندس ابدي زندگي ڪراڙ جي ڪنڌي پرسان شروع ٿئي ٿي. ڪراڙ، جنهن جي پرسان ويهي اڄ کان اڍائي سؤ سال اڳ تمر جي مرشد پٽائيءَ پنهنجا بي بها بيت چيا هئا، جيڪي مائي نعمت جي دل جي دفتر تي حفظ ٿي ويا هئا. ۽ لڳ ڀڳ ٽيهه ورهيه اڳ هن به چيو هو:

ٿئي شال ٻيهر پُليءَ جو پلو ڏي،
وري پٽ پاسي هلو ڏي هلو ڏي.

هو هڪ دور جي پوري تاريخ هو ۽ پنهنجي سيني ۾ علم جو سمنڊ ڪٽي هِن ڪوڙي دنيا کان ڪوڇ ڪري سچي دنيا جي طرف هليو ويو آهي ۽ هاڻي جڏهن هن کي تعريفن ۽ تنقيدن جي ڪابه ضرورت نه رهي آهي، پو پوءِ به وقت جو مورخ اهو ثابت ڪري چڪو آهي ته هو شاعريءَ جي ڪائنات جو اهو سڄ هو، جنهن جي تابناڪ ڪرڻن جي روشني ابد تائين زنده ۽ سلامت رهندي. ان لمحي مان، جيڪو سندس فقط هڪ پاڻڪ آهيان، سندس لحد ۾ لهڻ وقت فقط اها ڳالهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان ته هُن کي پرهه ۽ پاٽي ڇو پسند هوندا هئا؟

●●●●●

ستار پيرزادو

اياز جا آخري ڏينهن

سڄڻ حڪم ڏنو آهي ته شيخ اياز بابت سندس پوين ڏهاڙن، هفتن، مهينن ۽ سالن متعلق دوستن کي ڪجهه ٻڌايان. مان انهن ڪيترن ئي ادب دوستن مان هڪ آهيان، جيڪي شيخ اياز کي پڙهڻ کان پوءِ ئي ادب پڙهڻ ڏانهن لڙيا. ان کان پوءِ يعني سٺ جي آخر کان وٺي، مان شيخ اياز کان بيحد متاثر رهندو پئي آيو آهيان. انهيءَ ڳالهه مون کان شيخ اياز تي ٻه مضمون لکايا: هڪ سندس شاعريءَ تي "رات اڃان پي جاري آ"، جيڪو ماهوار "سمٽيءَ" جي "شيخ اياز نمبر-١" ۾ ڇپيو هو ۽ اهو ساڳيو مضمون ڪجهه عرصو اڳ روزانه هلال پاڪستان جي ادبي صفحي ۾ ٻه ڇپيو هو. ٻيو مضمون، 'لفظن جا هار پوئيندڙ ليکڪ' جي عنوان سان، سندس ڪهاڻين جو اپياس، روزانه عوامي آواز ۾ ٻن قسطن ۾، شيخ اياز جي ٧۴هين سالگرهه، جيڪا سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ پاران مارچ ١٩٩٢ع ۾، فنانس ۽ ٽريڊ سينٽر ۾ ملهائي ويئي، ان ڏينهن ۽ ان کان هڪ ڏينهن اڳ، ٻن قسطن ۾، هفتيوار 'تخليق' جي شيخ اياز نمبر ۾ ڇپيو هو. اهي ٻيئي مضمون، مون شيخ اياز کي پوسٽ ذريعي موڪليا هئا. ان کان ڪافي عرصو پوءِ منهنجو سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ وڃڻ ٿيو، تماهي "مهراڻ" جي آفيس ۾ نفيس احمد ناشاد مون کي "مهراڻ" جو پرچو ڏيندي چيو ته: "سپاٽي ڪراچيءَ ويندين ته هي شيخ اياز صاحب کي ڏئي ڇڏج جو ڪيس پوسٽ رستي ڪڏهن ملي ٿو ته ڪڏهن نٿو ملي." مون امانت پُڄائڻ جو واعدو ڪيو ۽ رسالو ورتم. رسالي تي شيخ اياز جي گهر جو ائڊريس به لکيل هئي، ۽ مون کي هونءَ ئي گهر ڏٺل هو، چاڪاڻ جو جڏهن طارق اشرف ماهوار سمٽيءَ جو شيخ اياز نمبر پئي ترتيب ڏنو ته مان طارق اشرف سان سندس فليٽ ۾ ملڻ لاءِ ويو هوس. منهنجو اهو تجربو بهتر نه رهيو هو. (ان کان ڪجهه اڳ ستر واري ڏهاڪي ۾ مان شيخ اياز سان سکر ۾ تڏهن مليو هوس جڏهن اتي چوٽين مارچ جي حوالي سان "سنڌي شام" ملهائي پئي ويئي. اهو تجربو به ڪو بهتر تاثر وارو نه هو.) مان جڏهن ڪراچيءَ پهتس ته ٻئي يا ٽئين ڏينهن تي اخبارن ۾ شيخ اياز تي دل جي دوري پوڻ جي خبر ڇپي. اچانڪ مون کي هڪ ڏهني ڏوڏو آيو ۽ خيال ٿيو ته خدا خير ڪري، هي ڪيس دل جو ڇڻون دورو پيو آهي، ڪٿي سندس من جي تند ٽٽي نه پوي ۽ سندس امانت مون وٽ رهجي وڃي. ان ڪري ان ئي ڏينهن اهو رسالو ڪٿي وڃي مڊ ايسٽ ميڊيڪل سينٽر ڪلفٽن ڪراچيءَ ۾ پهتس. "شيخ اياز ڪهڙي روم ۾ آهي؟" لٽل چمري ۽ اُباٽڪائيءَ مان آجيان واري ڊيسڪ تي ويٺل نرس کان پڇيم. وراڻيائين: "I.C.U. ڪمرو نمبر-١، سيڪنڊ فلور" ڏاڪا پئي چڙهيم پر ذهن ۾ ماندڻ متل هو ته نه ڄاڻ ڪيئن هوندو؟ ملي ۽ ڳالهائي به سگهندو يا نه؟ آءِ.سي.يو ۾ اچڻ به ڏيندا يا نه؟ نيٺ ڪمري جي دروازي تي پهچي ڇڪس. دروازي جي بنهه سامهون، سفيد چادر ڳچيءَ تائين ڇيل، مٿي تي اونو ٽوپ پاتل، هڪ مريض، هڪ انسان، سنڌ جي جديد دؤر جو مهان شاعر، دانشور، سنئون سڏو ستل هو، پر مان ٻاهر بيهي رهيس، انهيءَ ٻُڌتر ۾ ته اندر وڃان يا نه؟ هُو دل جو مريض آهي، مان نئون ماڻهو، هو ڪٿي نند ۾ نه هجي ۽ منهنجي وڃڻ ڪري ڇرڪي نه پوي. ڪڏهن رسالي کي پئي ڏسم ته ڪڏهن سامهون ستل شيخ اياز کي. سوچيم ڪو ماڻهو نظر اچي ته هن کان پڇان، هن کان اجازت وٺان. نه جان هو به ڪو جاڳيو پئي. مون کي ائين حيران پريشان ٻيٺل ڏسي جاڻي ويو ته مان سندس لاءِ ئي ٻينو آهيان. هن هلڪي آواز ۾ چيو: "اندر اچو." دل وڏي ٿي ويئي . ٻه وکون ڪٽي اندر ويس. دروازي جي اوٽ ۾ سندس ڏيءُ، تيماردار جي لحاظ کان ويٺل هئي. مون کين سلام ڪندي چيو: "سائين، مان ستار پيرزادو آهيان." پڇيائين: "ستار

پيرزادو اُهو، جنهن مون کي خط لکيو هو." ورائيم، "هائو." پوءِ کيس سموري ماجرا ٻڌائي اهو ٿاهي "مهراڻ" جو پرچو ڏنم. هن وٽي رکيو. اٽي ويهي ڳالهائڻ کان معذرت کيائين. مون پاڻ ان لاءِ کين منع کئي ۽ کوئي اڌ ڪلاڪ کن بيهي ساڻس ڳالهايم. کين پنهنجو ڪارڊ ڏنم، ان تي گهر جو فون نمبر ب لکي ڏنم. کانئن ب گهر جو فون نمبر ورتم. پوءِ موڪلائيندي چيم ت: "جيڪڏهن ڪو ڪم هجي ت پل مون کي ياد ڪجو." منهنجي اها فطرت رهي آهي ت مان ڪنهن جي ڪم اچان ت منهنجي ذهن ۾ من ۾ٿي کي هڪ خوشي، هڪ سرور ملندو آهي. هن کان اڳ مون طارق اشرف سان دوستيءَ وارو ڳانڍاپو رکيو، پوءِ ڪراچيءَ ۾ بدر قريشيءَ سان. بدر ابڙي سان ب اهو ناتو رکڻ چاهيم، پر هن هڪڙيءَ ٽي ٽوڪر سان منهنجن جذبن کي پور پور ڪري چڏيو، شايد مان سندس معيار کان گهٽو هيٺ هئس! ان کان پوءِ مان ڪافي عرصو اپاٽڪو رهيس، پر منهنجي طارق اشرف ۽ بدر قريشيءَ جي خاندان سان اڃان تائين نيازمنديءَ واري گهرائپ هلندي اچي.

هي ۱۹۹۵ع جو سال هو. ڪٽي شيخ اياز ۽ ڪٽي مان؟ هڪ ڏينهن رات جو گهر آيس ت مون کي ڏيءَ سنڌوءَ ٻڌايو، "بابا، اوهان لاءِ شيخ اياز فون ڪئي هئي ۽ چيو اٽائين ت سپاٽي وقت هجي ت مون سان ملي وڃ." من اتاولو ٽي ويو. زهي نصيب! وڏا طالع تن جا، اکيون پير ڪري ايندس. ڏيءَ کان پڇيم، "وڏيڪ چا چيائين؟" "بس ايترو ٽي چيائين." اڻ تڻ، آنڊ مانڊ، سجو ڏينهن وچ ۾. دل پٽي چاهيو ت هينئر ٽي پهچي وڃان. پلا فون ڪيان، پر دل نه ٻڌم، متان هن مهل آرامي هجن، متان هن مهل منهنجي ڪري کين تڪليف ٿئي. صبح جو آفيس پهچي فون ڪيم ت چيائون، "جيڪڏهن وقت هجي ت مون وٽان ٽي وڃو." چيم، "هائو." پوءِ ت ان مهل آفيس جا سڀ ڪم چڏي وڃي پرنس ڪامپليڪس جي ۴ منزل تي پهتس ۽ ۲۷ نمبر فليٽ جي گهنٽي وڄايم. ڪجهه دير لاءِ ذهن نه جاڻ ماضيءَ ۾ ڪجهه ڳولڻ لڳو. هڪ همراهه آيو، دروازو کولي پڇيائين ت ٻڌايو مانس، "شيخ اياز سان ملڻو آهي." هو نالو پڇي اندر هليو ويو. منهنجي ذهن ماضيءَ جي يادگيرين مان اها ياد جهتي ورتي ۽ اهو منظر اکين اڳيان ڦري آيو. گهٽو وقت اڳ، ائين ٽي هن فليٽ جي گهنٽي وڄائي هئم ت شيخ اياز پاڻ اچي دروازو کوليو هو. پنهنجو نالو ٻڌائي چيو هوم ت: "اوهان وٽ طارق اشرف وينو آهي، مان ان لاءِ آيو آهيان." هن نه اندر اچڻ جي آڇ ڪئي ۽ نه مون اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪئي. اندران ٽي طارق اشرف جو آواز آيو، "هائو اچان ٿو." هو اٽي آيو ۽ اسين غلام نبي مغل جي فليٽ تي، ساڳئي پرنس ڪامپليڪس جي بلاڪ بي ۾ هليا ويا هئاسون. اهو فيبروري ۱۹۹۰ع جو ڪوئي ڏينهن هو ۽ طارق اشرف ماهوار سهٽيءَ جو شيخ اياز نمبر ڪڍڻ جي جستجو ۾ رڌل هو ۽ شيخ اياز وٽ ب ان ٽي حوالي سان ويل هو.

ٿوريءَ دير ۾ اهو همراهه آيو ۽ مون کي سندس ڊرائنگ روم جو دروازو کولي ويهاريائين. مان اندر گهڙيس. حيران ٽي ڪمري کي هيٺ مٿي، چٽني پاسي نهاري رهيو هوس. ڪمري ۾ دروازي ۽ دريءَ کان سواءِ، چٽني ديوارن سان ڪٻٽ ٽهيل، انهن ۾ شيشي جا در لڳل ۽ هيٺ فرش کان ڇت تائين ڪتابن سان سٽيل. "هيترا ڪتاب! هي سڀ هن جي مطالعي ۾ آيا آهن....؟" اُن کان اڳ مون طارق اشرف جا ڪتاب ڏٺا هٿا، ولي رام ولپ جي ذاتي لئبريري ڏٺي هئم، پر مون کي حيرانگي اياز جي ذاتي لئبريري ڏسي ٽي. ان ۾ انگريزي، اردو، سنڌي ۽ فارسي ڪتاب هٿا. مان اڃان ان حيرانگيءَ مان نڪتو ئي نه هوس ت شيخ اياز اچي سهڙيو. مان اٽي ٻيهي هن جي آڇپان ڪئي. هن هٿ ملايو. رسمي خير عافيت کان پوءِ چانهه گهرايائين. پوءِ پنهنجو ڪم ٻڌايائين. سندس فون ڪجهه ڏينهن کان خراب هئي، اها نهرائٽي هئي. پنهنجي مجبوري منهنجي سامهون رکيائين ۽ مون اهو ڪم اُڪلائڻ لاءِ کيس خاطري ڏني ۽ سندس فون جو بل وٽي روانو ٽي ويس. ڪجهه ڏينهن جي جدوجهد کان پوءِ سندس فون بحال ٽي ويئي. اها منهنجي پاران شيخ اياز جي واسطي پهرين ڳالهه هئي، مون کي کيس ويجهو آڻڻ لاءِ.

جڏهن سنڌس اهو ڪم مون ڪيو ته هن هڪ ٻي ڳالهه منهنجي سامهون رکي- اها هيءَ ته سنڌس لئبريريءَ جا ڪتاب درست ڪجن، چاڪاڻ جو بيماريءَ جي ڪري هو مٿي چڙهي ڪتاب کڻي يا رکي نٿي سگهيو. مون ڪيس اها آڇ ڏني ۽ ان لاءِ هر جمعي جي ڏينهن هن وٽ وڃڻ شروع ڪيو. هڪ ڏينهن هن مون کي پنهنجي تازي لکيل آتم ڪٿائي، "ڪٿي نه پڇبو ٽڪ مسافر" جي اتارڻ لاءِ چيو ته: "اڳ ته قاضي منظر حيات منهنجون رف لکڻيون فيئر ڪندو هو. هاڻ جيڪڏهن ڪو اهڙو ماڻهو هجي ته اهو ڏيار ته هي ڪتاب فيئر ڪري ڇپائيءَ جي لائق بڻائي سگهي. مان ڪيس جوڳو اجورو ڏيڻ لاءِ تيار آهيان." مون وراڻيو ته: "پيو ڪنهن کي چئجي؟ اُهو اوهان کي وقت ڏيئي سگهي يا نه، جيڪڏهن اوهان مون کي ڏيو ته مان ضرور اهو ڪم ڪندس." مون سمجهيو ته هو مون کي مسودو ڏيندو ته مان گهر وڃي لکي اتاري ڪٿي ايندس. هن مون کي ٻئي ڏينهن اچڻ لاءِ چيو. پر هن ٻئي ڏينهن تي جا ڳالهه منهنجي آڏو رکي، اها هيءَ هئي ته مان هر روز سنڌس گهر اچان ۽ سنڌس آڏو ويهي ڪتاب اتاريندو هوس. مان هر روز شام جو پنجين وڳي سنڌس گهر ويندو هوس ۽ سنڌس ڊرائنگ روم ۽ لئبريريءَ ۾ ويهي آتم ڪٿائي اتاريندو هوس. اهو سلسلو ڪوئي ٽي مهينا کن هليو. انهن ٽن مهينن ۾ هُن ڪيترين ئي ڳالهيون ڳرهيون. انهن ڳالهين ۾ ان وقت جي سياست، گذريل وقت جي سياست، هندوستان جو ورهاڱو، دنيا جي سياست، روس جو ٽٽڻ، روس جون نئين ريپبلڪن ۽ انهن جي آزادي، دنيا جو ادب، سنڌس شاعريءَ جا محرڪ، ڪيس متاثر ڪندڙ واقعا، سنڌس محبتون، سنڌس پيڙائون، چاهتون، عالمي ادب جا مشهور معروف اديب، نوبل انعام يافته اديب، شاعر، سنڌس مطالعي هيٺ آيل هيترا سارا ڪتاب، اديب، مصور، فنڪار، سنڌس پسنديده شخصيتون، سنڌس محسن، اُهي جن تي پاڻ احسان ڪيائين ۽ پوءِ جن ڪيس ڏکويو، هن انهن کي ڪيئن معاف ڪري ڇڏيو. انهن ڏکوئيندڙن مان به وڏا نالا، جن ادبي طور تي هن کان اڳ به ورتو آهي، پر پوءِ به هن تي بوچاڙ ڪيائون. اهي آهن آدرش ۽ تاجل بيوس. هن يار انهن کي ڪيئن معاف ڪري ڇڏيو، اها ڳالهه هيئين چيائين: "ستار، مان چاهيان ته هنن کي اهڙو جواب ڏيان، جو هو زندگي ۾ مائ ٽي وڃن، پر مان نٿو چاهيان." مون چيو: "سائين، هو پنهنجي لاءِ ڪوٽي رهيا آهن، اوهان جي صحت تي ڪهڙو اثر پوندو. پٽائيءَ جي چواٽي ته، 'جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.' اوهان هنن کي ڇڏي ڏيو." شيخ ايياز کي وڌيڪ ڏک تاجل بيوس جو ٿيندو هو.

شيخ ايياز وٽ ويندي مون جيڪا ڳالهه محسوس ڪئي ته هن لاءِ اڳ جيڪا ڳالهه مشهور هئي ته هو رُکو آهي، ڪيس سنڌ جي روايتن جي يا ته ڄاڻ ناهي يا انهن سان ڪو سنڌ ناهي، هو ڪنهن کي چانهه جي صلاح به نه ڪندو آهي، اهي سڀ ڳالهيون هينئر نه رهيون هيون. باقي هُو اسان وانگر ڪنهن کي به زور نه پريندو هو. هُو هر آيل کي هڪ پيرو ضرور صلاح ڪندو هو، پر جي هن حضور شرميءَ ڪري انڪار ڪيو ته ڪائنس نه ٻيهر پڇندو هو ۽ نه ئي چانهه پيئڻ لاءِ زور ئي پريندو هوس. ان باري ۾ پڇڻ تي ٻڌايائين ته: "اڳ مان سڪر جو ڪافي رڌل وڪيل هوس، ان کان پوءِ مون کي پنهنجي اصيلن لاءِ ڪيس جي تياري به ڪرڻي پوندي هئي ۽ ان کان پوءِ پاڻ پڙهندو ۽ لکندو به هوس، ان ڪري مون وٽ ضايع ڪرڻ لاءِ وقت بلڪه نه هوندو هو. مون چوويهه ڪلاڪ هر ڪم لاءِ ونڊي ورڇي ڇڏيا هئا. سنڌي ماڻهو عام طور ڪچهريون جا ڪوڏيا آهن ۽ ٻئي جي وقت ۽ مصروفيت جي پرواهه نه ڪندا آهن. اهي بنا وقت ورتئي ايندا هئا ۽ اميد رکندا هئا ته مان ساڻن ويهي ڪچهري ڪريان. جيڪو وقت مون ڪنهن اصيل لاءِ وقف ڪيو هوندو هو، جنهن ويچاري مون کي ان وقت جا پئسا ڏنا هجن ۽ هن جي زندگيءَ جو دارومدار منهنجي بهتر دليلن تي ٻڌل هجي، ان جي لاءِ ڪم نه ڪريان؟ اهو مون لاءِ ممڪن نه هو." هڪ ٻيري چيائين: "مون تي جيڪا تنقيد ٿي آهي اها انهن نثري نظم جي ڪتابن، 'ٽڪرا تتل صليب جا' ۽ 'واتون قلن چانئيون' تي ٿي آهي. اها حقيقت ۾ زيب سنڌيءَ جي بي

ڏياني چئبي. هن مون کان ان لاءِ پيش لفظ نہ لکرايو، جنهن لاءِ مون کيس تاکيد بہ ڪيو هو. اُن ۾ مون کي اهو ڪجهہ لکڻو هو بہ ان ۾ ڪجهہ ترجما بہ آهن، جن تي مون کان ناڪا لکڻ رهجي ويا آهن. باقي انهن نظمن کان سواءِ نہ ڇاڻ ڪيترا هزارين نظم ۽ گيت مون لکيا آهن. انهن مان تہ ڪا بہ هڪڙي ست ڪٽي ڏيڻين تہ هيءَ ڪنهن ٻئي جي لکيل آهي."

اهڙيءَ طرح مان هر روز سندس آتم ڪهاڻيءَ جو مسودو اُتارڻ لاءِ وٽس ويندو هوس ۽ هو ڪيترين ئي اهڙين راز واريون ڳالهيون بہ ڪندو هو، جن لاءِ مون کي ان وقت بہ افسوس ٿيندو هو ۽ اڄ بہ بيحد افسوس اٿم، پر اهي ڳالهيون هتي سلڻ مناسب نہ ٿيندين.

جنوري ۱۹۹۶ع جي ڳالهہ آهي جو مون اخبار ۾ خبر پڙهيو تہ تاجل بيوس بيماريءَ جي حالت ۾ جناح اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾ داخل آهي. مان پاڻ تہ وڃي سائبس ملي آيس، پر جڏهن مون شيخ ايياز کي اها ڳالهہ ٻڌائي تہ هن هڪدم چيو: "يار ڪڏهن هل تہ هلي هن کان پڇي اچون، نہ ڇاڻ حياتي ڪنهن جي، ڪهڙو پروسو. پر کيس ٿيو ڇا آهي؟" مون ٻڌايو تہ: "کيس هڪ ڇنگهہ ۾ تڪليف آهي، جنهن لاءِ ڊاڪٽرن جو چوڻ اٿس تہ سندس رڳون ضربجي پيون آهن، ان ڪري هيءَ ڇنگهہ کان ننڍي بہ ٽي پئي اٿس، علاج جاري بہ اٿس ۽ کوج بہ جاري اٿس، پر ايڏا تائين طئہ نہ ٿيو آهي." بهرحال ان ڳالهہ کي هفتو کن گذري ويو. مون کي جيئن تہ فرصت نٿي ملي، انڪري وارڊ ۾ وڃي ڏسي نٿي سگهيس. هڪ ڏينهن وقت ڪيڻي اسپتال جي وارڊ ۾ پهتس تہ خبر پيئي تہ هو آغا خان اسپتال ڏانهن ڳولي ڳولهي وڃي آغا خان اسپتال جي وارڊ ۾ پهتس تہ خبر پيئي تہ هو اتان گهر روانو ٿي ويو آهي. مون اچي شيخ ايياز کي ٻڌايو تہ هن چيو تہ: "سندس گهر بہ هليَ ٿو سگهجي." مون وراڻيو تہ، "مون سندس گهر نہ ڏٺو آهي ۽ ٻيو تہ هن سان ڳالهائي ڏسان. پوءِ رکيل مورائيءَ کي ساڻ ڪٽنداسون تہ هن جي گهر جو سونهون ٿي هلندو." مون تاجل بيوس سان ڳالهايو. هن خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو تہ: "ايياز ايترن سالن پڇاڻان منهنجي گهر اچي ٿو، اهو مون لاءِ اعزاز آهي. تون مون کي ڏينهن ٻڌاءِ تہ مان ان ڏينهن دعوت جو انتظام بہ ڪندس ۽ ڪجهہ دوستن کي بہ گهرائيندس." مون شيخ ايياز کان ڏينهن طئہ ڪري، تاجل بيوس کي ٻڌايو، پر بندي جي من ۾ هڪڙي، ٻي جا ڪري صاحب،' سو ان ڏاهڙي شيخ ايياز جي طبيعت خراب ٿي پيئي ۽ وڃي نہ سگهياسون. جڏهن مون تاجل بيوس کي اها ڳالهہ ٻڌائي تہ هن يار ان نقطي کي ٻئي نموني ۾ ورتو ۽ چيائين، "شيخ ايياز جي طبيعت خراب نہ ٿي هوندي پر هن کي ڪنهن مون وٽ اچڻ کان منع ڪئي هوندي." مون چيو، "يار ائين ٻنهہ نہ آهي. هن کي سخت زڪام ٿي پيو آهي، ٻيو تہ اها خبر ٻين کي تہ هئي ڪانہ؟ اوهين اهو ڪيئن ٿا چئو. مان هن کي تہ وٽ ضرور آڻيندس، پر ڪجهہ وقت ترسو سندس طبيعت درست ٿئي." هڪ هفتي کان پوءِ ۱۲ فيبروري ۱۹۹۶ع تي شيخ ايياز وٽس هليو، جنهن جو ذڪر هُن پنهنجي مضمون "اسان ۽ شيخ ايياز جو آخري سال" ۾ ڪيو آهي. ڪيس درگذر ڪرڻ جو ان کان وڌو ثبوت پيش ڪري نٿو سگهجي.

شيخ ايياز سنڌي اخباري نمائندن کان ڏاڍو خائف هو. ان لاءِ سندس چوڻ هو تہ "هُو مون کي اصل سمجهي نٿا سگهن. ان ڪري مان نہ چاهيندو آهيان تہ هُو مون لاءِ ڪا خبر هلائين." ان جا وڌا ثبوت هي آهن تہ غفار تبسم جي گهر ۾ ٿيل مرحوم استاد بخاريءَ جي پروگرام وقت شيخ ايياز سان منسوب ٿيل خبر هروپرو جو ممڻ مچائي ڇڏيو. اها خبر جن دوستن لکي هئي، اهي اتي نہ صرف موجود هئا، پر شيخ ايياز ان تقريب کان پوءِ بہ ڪيترو وقت وينو رهيو، پر هنن جيڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي هين ان لاءِ کانئس ئي ڪٽي پڇي وضاحت ڪرائي ۽ درستگي ڪري ڇڏين ها، پر هنن اها خبر غلط ئي هلائي ڇڏي. ٻئي ڏينهن صبح جو ننڊ مان اٿي اها ٽن ڪالمن جي خبر اخبار ۾ پڙهيم تہ

اندر ئي سڙي ويو ۽ ان ڏُکاري حالت مان اڃان نڪتو ئي مس هوس تہ شيخ ايياز جي فون آئي. چي، "هي ڏٺئہ، هنن ڇا لکيو آهي! هو منهنجو دوست هو ۽ هاڻ مرحوم آهي. مان ان لاءِ ڪيئن ٿي اهڙي ڳالهہ چئي سگهيس؟ اها خبر ڪنهن ناهي آهي ۽ اخبار وارن بہ ائين هلائي چڏي آهي. هو مون کي بن ربين جي فون ڪري پڇن بہ نٿا." ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ لڳي هئي. ٻئي پيري کيس راضي ڪري گلشن حديد وٽي ويس. ان لاءِ شاهہ محمد پيرزادي کي چيم تہ شيخ ايياز کي باهرئين دنيا بہ ڏيکارڻي آهي، ان ڪري مخدوم خالد کي بہ چئي چڏج ۽ پل ڪجهہ مخصوص دوستن کي بہ گهرائج، انتظام مخدوم خالد جي گهر ۾ رکجو. اسين اتي وڃي سمڙياسون. شاهہ محمد جي گهر پهتاسون. ڪڇري ٻنهي جي گهرن ۾ ٿي. مخدوم خالد جي گهر ۾ حنيف لاشاريءَ باجي تي شيخ ايياز جي ڪجهہ شاعري ٻڌائي. واپس شاهہ محمد جي گهر اچي شيخ صاحب آرام ڪيو. هن يار کي سنڌي ادبي سنگت گلشن حديد جي دوستن کي بہ وقت ڏئي چڏيو هو تہ ان ۾ شيخ ايياز کي وٽي ايناسون. اتي اول پريس ڪلب ملير ضلعي وارن دوستن شيخ ايياز سان هلڪي ڪڇري بہ ڪئي ۽ تصويرون بہ ڏهرايون. پنهنجي وزيٽرس بوڪ ۾ هٿ اکرن ۾ تاثرات لکرايائون، پر کين ان ڳالهہ کان منع ڪئي ويئي تہ خبر نہ هلائجو. پوءِ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻي، ان ڏينهن شيخ ايياز جي ليڪچر ۾ تبديل ٿي ويئي. شيخ صاحب هڪ صحافيءَ کي نوٽس ونڊي ڏسي مون کي اشارو ڪيو ۽ مون هن کي منع بہ ڪئي، پر ٽئين ڏينهن تي هڪ خبر لڳل ڏٺم. وري شيخ ايياز جي فون آئي، چي، "ڏسين ٿو، هي نہ مُڙيا! هنن منهنجي هڪ ڪلاڪ جي ليڪچر مان جو ڪجهہ ڏنو آهي، اهو بہ درست ناهي." چيم، "سائين، دوستن کي هر هر منع ڪئي ويم، پر هو بہ ڇا ڪن؟ اوهين هنن وٽ پهريون پيرو، شهر کان هلي هنن وٽ ويا آهيو، هنن لاءِ اهو ڪيڏو وڏو اعزاز هو. خبر ڪيئن نہ هلائيندا. باقي ايتري خبر نہ هلائين ها، صرف اوهان جي اچڻ جي هلائين ها تہ بهتر ٿئي ها."

مان جيڪڏهن شيخ ايياز جون يادگيريون لکندو وڃان تہ شايد ختم ئي نہ ٿين. تن سالن جو ساڻ ڪو ٿورو تہ ناهي. هڪ پيري مون کين شاهہ لطيف جي زندگيءَ تي ناول لکڻ لاءِ آماده ڪيو. هن ان جي شروعات بہ ڪئي ۽ ٿي باب بہ لکيائين، پر جيئن تہ انهن ڏينهن ۾ پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جو "ٽيون پاڳو" لکي رهيا هئا، ان ڪري ائين چئي لکڻ کي دير ڏنائون تہ، "اول هيءَ آتم ڪهاڻي لکي پوري ڪريان تہ پوءِ اهو ناول لکندس." هن اهي ٽيئي باب مون کي ڏيکاريا، جيڪي مون کي ڪافي وڻيا پر هڪ باب جي لاءِ مون جڏهن ڪيس عرض ڪيو تہ سنڌي ماڻهو هي برداشت ڪري نہ سگهندا، تہ اها ڳالهہ کين دل سان لڳي. چيائين، "تون صحيح پڙهندڙ آهين. ان ڪري تنهنجي ڳالهہ کي وزن آهي." پر مون کي افسوس آهي، شيخ ايياز اهو ناول پورو ڪري نہ سگهيو، ڇو جو ڪيس پنهنجي آتم ڪهاڻي لکڻ جو جنون هو. جڏهن آتم ڪهاڻيءَ جو ٽيون پاڳو پورو ڪيائون تہ مون وري بہ کين اهو ناول لکڻ لاءِ يادگيرو ڏياريو. پر کين وري آتم ڪهاڻيءَ جو چوٿون حصو لکڻ جو خيال اچي ذهن ۾ ٻيٺو، جنهن لاءِ مون کي چيائين تہ، "نہ جاڻ ڪيتريون ڳالهيون رهجي ٽيون وڃن. هاڻ مان وڪالت ۽ ججن جي باري ۾ لکڻ ٿو گهران، پر پوءِ بہ هندوستان جو سفر، ڏٻئيءَ جو سفر، روس جو سفر رهجي ٿو وڃي. مون هيترا جيڪي ڪتاب پڙهيا آهن، انهن متعلق لکڻ رهجي ٿو وڃي."

شيخ ايياز بابت هي چند ذاتي يادگيريون لکي رهيو آهيان، ان ڪري جو ادب، سياست، اديبن ۽ پنهنجي ڪيترين محبتن جي باري ۾ جو ڪجهہ مون کي ٻڌائيندا هئا، اهو سڀ ڪجهہ سندس آتم ڪهاڻيءَ ۾ اچي چڪو آهي. هو جڏهن بہ ڪجهہ ڳالهائيندا هئا يا کنهن کي انٽرويو ڏيندا هئا، تہ اهو ان ڪان ٻاهر نہ هوندو هو، جيڪو مون کي ڪجهہ ٻڌايو هوندائون. هڪ پيري پي.ٽي.وي.۽ لاءِ انٽرويو رڪارڊ ڪرائيندي ٻڌايائون تہ، "مون شاهہ لطيف تي پي.ايچ.ڊي ڪرڻ ٻئي چاهي، پر ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ديهانت کان پوءِ اهو ڪم رهجي ويو، چاڪاڻ تہ هو منهنجو سونهون (گائيڊ) هو."

آخري ڏهاڙن ۾ هن مون کي چيو ته ڏند ڪرائڻا آهن، ان ڪري تون ڊاڪٽر بي.ايم.جيواٽيءَ کان وقت وٺ ته هلي ڪرائجن. ان ڊاڪٽر کان اڳ به پنهنجي ڏندن جو علاج ۽ صفائي به ڪرائي هئائون ۽ ڏند ڪڍايو به هئائون. هن پيري باقي بچيل به ڏند هيڻيان به ڪڍرايائون، ان ڪري ڏندن جو نئون ڊينچر ڪرائڻ لاءِ ڏئي آياسون. ڊاڪٽر ڏندن ڪيڏ ڪري کين دوا ڏني ته جيئن کو انفيڪشن به نه ٿئي ۽ مهارون مضبوط به ٿين، پر تيسين هلڪي غذا واپرائڻ لاءِ چيائونس. ان تاکيد تي پاڻ بلڪل پاٽيات وارا ڪاڏا واپرائڻ لڳا، انڪري ڪجھ جسماني نبلتا محسوس ٿيڻ لڳن. ان عرصي دوران هلڪي بارش ۽ فضا ۾ ٺڏڪار اچڻ ڪري کين سخت زڪام ۽ بخار به ٿي ڀيو. هن ڊاڪٽر.اي.ڪي.پنجواٽيءَ کان پڇي دوا به واپرائي پر کو خاص فائدو حاصل نه ٿيو. ان کان پوءِ ڪجھ بهتر ٿيا ته وڃي ڊاڪٽر جيواٽيءَ کي وري ملي ڏندن جي ڊينچر جي ماپ ڏئي آياسون، پر سندن طبيعت ايتري ته بگڙي ويئي جو هڪ ڏينهن مون فون تي ڳالهايو ته سندس آواز ۾ لرزش محسوس ڪندي چيم ته "اوهان کي ڪافي ڪمزوري ٿي ويئي آهي. اوهان کائڻ ڇو بند ڪري ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر اوهان کي هلڪي ۽ نرم غذا کائڻ لاءِ چيو آهي، نه ڪي صرف پاٽيات واري." جنهن تي وراٽيائين ته: "ڊاڪٽر حق وٺ ويو هوس. هن تپاسي چيو آهي ته بلڪل ٺيڪ آهيان، رڳو ڪمزوري آهي، ان ڪري بستري تي ليٽئي رهڻ ۽ وڌيڪ کائڻ لاءِ چيو اٿائين." هڪ ڏينهن مان گهر ويس ته به مون سان نه ملڻيا جو ان وقت ستل هٽا ۽ مون سندن آرام ۾ خلل وجهڻ نه پئي چاهيو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ فون ڪيم ته سندن نياٽي ڊاڪٽر الطاف کيڙي ٻڌايو ته "کين مڊ ايسٽ ميڊيڪل سينٽر ۾ داخل ڪري آيو آهيان. ڊاڪٽر حق کين تپاسيو آهي. صرف ڦڦڙن تي بلغم ٿورو اچي ويو آهي، باقي دل، جيرو ۽ ٻڪيون بلڪل صحيح ڪم ٿيون ڪن. هو ايترو ڪمزور ٿي ويو آهي جو پاڻ چرڻ پرڻ ۾ به دقت پيو محسوس ڪري." پئي ڏينهن تي مان مڊ ايسٽ ميڊيڪل سينٽر پهتس. سندس حالت ڏني نه پئي ٿي. هن جو جسم بنهه ڦيڦو پئي لڳو. کيس ڳالهائڻ ۾ به تڪليف پئي ٿي.

اهو ڏينهن ۲۵- ڊسمبر ۱۹۹۷ع جو هو، جو منجهند جو مان ويو هوس. کيس ۲۴ ڊسمبر تي داخل ڪرايو ويو هو. ان ڏينهن کيس ڊرپ چڙهيل هئي ۽ اِي.سي.جي به پئي ٿي. مون سان گڏ قاضي عمر به هو ۽ مون جڏهن اها ڳالهه عرفان شاهه کي ٻڌائي ته هو به هلڻ لاءِ تيار ٿيو هو. پر عين وقت تي هن فون ڪري ٻڌايو ته مون کي فون آئي آهي حيدر منزل تان ته ڊاڪٽر در شهوار سيد کافي بيمار آهي. کيس ميڊيڪيئر اسپتال ۾ داخل ڪيو اٿائون، ان ڪري ٻارن سوڌو اوڏانهن ٽو وڃان. عمر قاضي ۽ مان شيخ اياز وٺ ۾ ڪلاڪ ڪن ويناسون. ان وقت هن وٽ ڪوبه نه هو. کيس مٿي ۽ ڇڪهن کي زور به ڏناسون. ۲۶ ڊسمبر ۱۹۹۷ع تي ڊاڪٽر درشهوار سيد جي لاڏاڻي جي خبر پڙهيم. ان ئي ڏينهن رات جو مون کي گهر فون ڪري شيخ اياز جي گهر واريءَ چيو ته مون ۾ شيخ اياز جو ڪم آهي ۽ مون سان ملڻ ٿو چاهي. مان ۲۷ ڊسمبر تي هن سان ملڻ لاءِ اسپتال پهتس ته سندس ڪمري ۾ مان کيس سجاڻي نه سگهيس، جو هن جي ڇڇيءَ ۾ مفلر ٻڌل ۽ سڄو جسم ڍڪيل هو. مون نرسنگ روم ۾ وڃي اتي وينل وارڊ بواءِ کان شيخ اياز جو ڏس پڇيو. هو وٺي ساڻس ڪمري ۾ آيو. ڇڇيءَ مان اهو مفلر ۽ سامهون رکيل ٽوال پري ڪيائين. هن ان ڏينهن سيرب نه ڪرائي هئي، ان ڪري مون کان آئينو گهرندي چيائين ته: "ستار! مون کي آئينو ته ڪٽي ڏي ته ڏسان ته هاڻ چهرو ڪيئن ٿو لڳي. ڊاڪٽر چون ٿا ته اڳ کان ڪجھ بهتري آئي آهي." مون آئينو ڪٽي ڏنو. پاڻ ڏٺائين ۽ اطمينان ڪري چيائين ته، "نه جاڻ ته چو اجان تائين ماني نه آندي اٿن. ايترو به خيال نٿا ڪن ته مون کي بک لڳي هوندي. تون چوڪري کي چئه ته ويل چيئر آڻي ڏئي ته مان پيشاب ڪريان." مون هن کي ويل چيئر گهرائي ڏني ۽ پاڻ ٻاهر وڃي ڪرسيءَ تي وينس. ان محل شيخ اياز جون به ڏوهٽيون ۽ هڪ ڏوهٽو، ڊاڪٽر الطاف کيڙو جا ٻارڙا ماني کڻي آيا. مون کين ان وقت ڏٺو، جڏهن هو وارڊ مان واپس پئي آيا، جو هو ان محل ويل جيئر تي وينل هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ مان

اندر ويس. شيخ صاحب چهري ۽ ڳچيءَ تي پائوڊر هڻايو ته مون سندس ڏوهٽي کي ماني آڻڻ لاءِ چيو. هنن ماني ڪٽڪ جي ۽ مڇيءَ جا ڪوفتا آندا هئا. هن اول ته کائڻ کان انڪار پئي ڪيو ته اها ماني مان چٻاڙي ئي نه سگهندس، پر منهنجي زور ڀرڻ تي زور مس ڪري ٻه چار گرهه ئي مس کاڌائون، پر مون چيو ته ڀلا هي ڪوفتا ته کائي وڃو، انهن سان ته تڪليف نه ٿيندي. شيخ صاحب اهي کاڌا ضرور، پر ڄڻ ته هن کي اُڄهندا ئي نه هجن. مون چيو. "اوهين کائيندا نه ته پوءِ جسم ڪيئن طاقت وٺندو. ڊاڪٽر چوي ٿو ته وڌيڪ کائو ۽ اوهين کائو نٿا." وراڻيائين ته: "اهڙو کاڌو ڪيئن کاڄندو. تون ڊاڪٽر کي چئو ته هتي اچي ڊينچر جي ماپ وٺي وڃي، جيئن مان کاڌو ته کائي سگهان. هينئر مون کي پپيتو گهرائي ڏيو." سندس ڏهٽو پپيتو وٺڻ لاءِ ويو. مون سندس ڏوهٽين کي رات جي کاڌي جي لاءِ ڏس ڏنو ته کير ۾ ٺهيل کيرڻي يا چمچي سان کائڻ جهڙا پَترا چانور آڻجو. ان مهل سندس ڏوهٽين چيس ته "اسين صبحاڻي واپس دادوءَ ويندا سون." انهن کي چيائين ته: "ماءُ کي چئو ته صبحاڻي ترسي پئو ۽ نه وڃو، پوءِ وڃجو." ڪڪو پپيتو وٺي آيو ته مون وڍي هڪ ڦار کارائي مانس ته چيائين ته بس!...جو وڌيڪ کائڻ سان الٽي ٿي ٿئي. ٻارڙا ويا ته مون کين چيو ته، "اڄ مان حيدرآباد ٿو وڃان. سنڌي ادبي سنگت جو اجلاس آهي، ڪوئي ڪم هجي يا ڪو نياپو هجي ته ٻڌايو. وراڻيائين: "ٻيو ته ڪو ڪم ناهي، ولي رام ولڀ کان ڊاڪٽر آصف فرخيءَ واري مضمون جو ترجمو وٺيو اچج ۽ جي 'مهراڻ' ڇپيو هجي ته ان جي ڪاپي به وٺيو اچج." وڌيڪ چيائين، "ستار هاڻ لڳي ٿو ته ٻُوڙن مان هٿ ڇڏائبا ٿا وڃن." چيم، "ائين ڇو ٿا چئو. هاڻ ته اوهين پاڻ به چئو ٿا ته اڳ کان بهتر آهيو. اوهين کائو پيو، پوءِ ڀل فروٽ ئي کائو. اميد ته جَلد صحتياب ٿي ويندا." پوءِ مان کانئس موڪلائي هليو ويس.

هاڻ سمجهان ٿو ته هن جيڪو چيو ته: "ٻُوڙن مان هٿ ڇڏائبا ٿا وڃن،" ته اِهي کين پرون ته نٿي پيا؟ سندس ڪنهن حِس ان موت کان مون کي آگاهه ٿي ڪيو، جيڪو اشارو مون نه ڄاتو، جنهن جي ڪري هن ڌيءَ ۽ نياڻي کي وڃڻ کان منع پئي ڪئي. ٢٨ ڊسمبر ١٩٩٧ع جي علي الصبح هن کي دل جو دورو پيو. ڊاڪٽر الطاف کيڙو جي چواڻي "ان مهل گهنٽي وڄائي وارڊ بواءِ کي سڏي چيائين ته ڊاڪٽر کي سڏي اچ، مون کي تڪليف پئي ٿئي." جيسين ڊاڪٽر اچي کين تپاسيو ته ڏٺائين ته سندس هڪ هٿ دل جي مٿان رکيل هو، پر سندس ٻئي هٿ ٻُوڙن مان نڪري چڪا هئا!

[٧- جنوري ١٩٩٨ع]

ويراڳي جي وڃڻا ها

زندگي وفا جو نالو ناهي، زندگي بي وفا ٿيندي آهي. زندگي سڀ ڪنهن کي پياري هوندي آهي، پر زندگي ڪنهن ڪنهن سان پيار به ڪندي آهي. زندگي هميشه پنهنجي ضد کان مات کاڌي آهي، پر ڪنهن جي زندگي پنهنجي ضد کي مات ڏئي سرخرو ٿي صدين تائين پنهنجي ضد تي ٽهڪ ڏيندي چوندي آهي: "تون مون کان صرف منهنجي مٽي وٺي ٿو سگهين، مون کي ماڻهن جي دلين مان لوڌي نٿو سگهين. اهائي تنهنجي تيسين مات رهندي، جيسين ماڻهن جي دلين ۽ يادن ۾ مان رهنديس." اها زندگي، شاهه لطيف جي زندگي آهي، اها زندگي سلطان باهوءَ جي زندگي آهي، اها زندگي شيخ اياز جي زندگي آهي.

شيخ اياز جسماني طور اڄ اسان جي سامهون ناهي. اها به حقيقت آهي، جنهن کان مان انڪاري ناهيان. ڪالهه هو منهنجي سامهون هو يا مان هن جي سامهون ويٺل هوس ۽ سندس آتم ڪهاڻي پئي اتاريم. اڄ هو دور ٿي ويو آهي، ڇاڪاڻ جو کيس پنهنجو قول ياد اچي ويو هو. اهو قول هو: "مان به ڪڏهن هي آکيرو ڇڏيندس، تنهنجي پٺيان ايندس. ازل جا آشيانا ڳولي ڳولي توکي هٿ ڪندس." ڪافي وقت گذري چڪو هو، جو هن اهو قول ڪيو هو ۽ پوءِ

جيئن ته هو انتهائي مصروف ٿي ويو هو، ان ڪري ڪجھ عرصو سندس اهو قول، سندس ئي يادن جي ڊير هيٺان دٻجي ويو هو. نيٺ اهو قول جڏهن ڪيس ٻيهر ياد پيو ته هن دير ئي ڪانه ڪئي. ڪنهن سان به الهه واهي نه چئي. ڪنهن سان به الوداع ڪري نه سگهيو. هن پنهنجي قول کي پاڻي ڏنو ۽ هاڻ ازل جا آشيانا ڳولي، پنهنجي پکيڙڻ کي هٿ ڪرڻ جي جستجو ۾ مگن هوندو. پوئتان ڇڏي ويو پنهنجون روح کي ڇُهندڙ يادون ۽ پنهنجون امر لکڻيون. ها، هو زندهه آهي ۽ زندهه رهندو. اسان جي يادن ۾، محفلن ۾، ميڙاکن ۾ ۽ هر باشعور ذهن ۾ ۽ پنهنجي لکڻين ۾.

هن مون کي ڪيئي ڳالهيون ٻڌايون هيون، چاکاڻ جو مان تقريباً ٽي سال سندس ڊرائنگ/لٽبرري روم ۾ سامهون وينو هوندو هوس. هن مون کي پنهنجي محبتن، پنهنجي دوستن، پنهنجي متن مائٽن ۽ پنهنجي مسافرين ۽ پاڻ کي اتساهه ڏيندڙ شخصيتن جي باري ۾ گهٽو ڪجھ ٻڌايو. مون ڪجھ جاتو ڪجھ کين جاتو. مان ڪيس ڪنهن حد تائين پهچي سگهيس، چو ته هُو منهنجي پهچ کان پرانهون هو.

سندس ڳالهين مان لڳو هوم ته هو هاڻ ڪراچي شهر مان بنهه تنگ ٿي ڀيو هو. ڪيس سندس صحت ايتري به اجازت نه ڏيندي هئي جو هو پنهنجي فليٽ تان پنهنجي مرضيءَ مطابق لهي ڪنهن يار دوستار ڏي وڃي سگهي يا گهمي ڦري سگهي. هن جي دل ڪيترن ئي سانديل سورن جو بار کٽي کٽي، ٽڪجي، چڪنا چور ٿي چڪي هئي. ان جي باوجود جڏهن ڪيس چيو هوم ته ڪڏهن اوهين شهر جي بکيڙي کان ٻاهر به نڪرو، وڌيڪ نه سهي ته گلشن حديد تائين ته هن هڪدم هائوڪر ڪئي. اسان وقت مقرر ڪيو ۽ فيصلو ٿيو ته شاهه محمد جي گهر هلبو ۽ اُتي ڪجھ دوستن سان ويهي رهان ڪبي. ڪجھ پهاڙيون ڏسبيون، ڪجھ ڪچهريون ڪبيون ۽ هڪ ڏينهن ۾ ڪيترن ئي ڏينهن جو اتساهه مائبو. نيٺ گلشن حديد وياسون، شاهه محمد جي گهر ۽ پوءِ مخدوم خالد حسين جي گهر. هو ڪيترو نه خوش ٿيو هو، جڏهن حنيف لاشاريءَ صرف باجي تي سندس انتهائي اوائلي غزل ڳاتو هو: "قدم قدم تي هجوم رندان، نظر نظر ۾ شراب خانا،" ته حنيف لاشاريءَ کي مخاطب ٿي چيائين: "يار، تو ته مون کي جوان ڪري ڇڏيو. چاليهه سال پوئتي وڃي ويو آهين."

هو جوان امنگ ضرور رکندو هو. انسان وري به انسان آهي. جڏهن بينو آهي تہ ڏونگر کان به ڏاڍو آهي، پر جهڙي کان پوءِ ڪيهه کان به ڪنڙڙو ٿيو پوي. شيخ ايار ٿورڙي به ٽڏ برداشت ڪري نه سگهندو هو، ان ڪري جيئن ئي ڪراچيءَ ۾ سياري جي پهرين بارش پيئي ته سندس صحت تي ان جو بيحد برو اثر پيو ۽ هو زڪام جي لپيٽ ۾ اچي ويو. انهيءَ کيس ڪافي جهوري وڌو.

هڪ ڳالهه اهڙي آهي، جنهن جي عام پڙهندڙ کي شايد خبر نه هجي. اها هيءَ ته ڪجھ شاعر، اديب، ليکڪ، پنهنجي لکتيءَ جي ڇپجڻ لاءِ فڪرمند هوندا آهن. شيخ ايار جيئن ته اها ڳالهه شدت سان محسوس ڪندو هو ته دل جي ڇهين شديد دوري مان هو اٿي نؤينو ٽي ڇڪو هو ته چوندو هو ته: "قدرت مون کي ٻيهر حياتي ڏني آهي ته مون وٽ جو ڪجھ به آهي اهو عوام جي امانت آهي؛ اها سڀ ڪجھ عوام کي پهچائي وڃان. ان ڪري هن جڏهن به ڪا نئين لکتي لکي، پوءِ اهو نظم هجي يا نثر، چاهيندو هو ته "هڪدم" ڇپجي وڃي ۽ هڪدم امانت باسلامت عوام تائين پهچي وڃي، ان ڪري کيس پنهنجي ڇپائيءَ هيٺ ڪتاب جو ايترو ته انتظار ۽ اوسيئڙو رهندو هو، جو اهو مان ئي ٿو جاڻان ته ان لاءِ هُو ڪيترو نه بيقرار رهندو هو، ۽ وري ان ڏينهن سندس چهرو خوشيءَ ۾ ڪيئن نه ٻهڪي پوندو هو، جنهن ڏينهن سندس ڪوئي ڪتاب ڇپجي سندس هٿ ۾ پهچندو هو. هو دير ئي نہ ڪندو هو ۽ ان محل ئي پڙهڻ شروع ڪندو هو ۽ ٻڌائيندو هو ته، "ستار! مون رات پي وڳي تائين پڙهي پورو ڪيو آهي."

آخري ڀيرو جڏهن پنهنجي آتم ڪٿا جو ٽيون پاڳو "ڪٽي نہ پڇبو ٽڪ مسافر" لکي پورو ڪيائين تہ چوڻ لڳو،

"هاڻ مان ٿڪجي پيو آهيان ۽ لکڻ کان هڪ ڏڳهي موڪل ٿو ڪرڻ چاهيان." ان ڳالهه جو گهٽو وقت اڳ اشارو ڏنو هئائين،

پريشان ڪندڙ سوالو
مون کي ڇڏي ڏيو
مون کي ننڊ آهي ستايو
منهنجي پنبڻين ۾ انبار
اوجاڳن جا لڙڪي رهيا هن.

هُو پنهنجي ننڊ پوري ڪرڻ پيو گهري، جيڪا هڪ ڏڳهي عرصي کان وڃي، رات ڏينهن ڪم ڪرڻ ڪري، پوري ڪري نه سگهيو هو.

وسائي ڇڏيو هي ستارن جا جهرمٽ
نه روشن ڪريو چنڊ جو فانوس
تصور جي موجزن جهرٽي کي
انڌيري ۾ غائب ڪريو
جيئن هي روشني
منهنجي اکين کي نه ڪيرو ڪري
مون کي ننڊ ٿي اچي.

هاڻ هو زندگيءَ کان، اڻ ڳاتل گيتن کان ۽ اڻ لکيل لفظن کان هڪ ڏڳهي موڪل تي روانو ٿي چڪو آهي.

(۲۵-جنوري ۱۹۹۸ع)

•

ڪنهن ڪيئن ڏٺو، ڪنهن ڪيئن ڏٺو، تون رب ته ساڳو سائين، هُو،
تون بادل ٿي برسائين ٿو، تون ڪويل ۾ ڪُرلائين، هُو،
تون وڻ وڻ ڦُڙ ڦُڙ وانگر آن تون وسڪارا ورجائين، هُو،
هي باهو تنهنجو ئي بندو آ شال اُنهيءَ ڳر لائين، هُو.

- شيخ اياز

تاج جويو

اياز - پٽائيءَ جو تسلسل ۽ تاريخ جو تَتُ

سنڌ جو مهان شاعر، شيخ اياز، ڪراڙ ڪپ تي پنهنجي مرشد ۽ پيشرو، سدا حيات شاعر، شاهه لطيف جي آستاني تي آرامي آهي، جنهن جي آٽاهه نينهن-سنيهه ۽ اپياس، هن جي ذات کي ڏهوٽو ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جو اظهار، اياز اڄهو هيئن ڪيو آهي:

پرسان تنهنجي پٽ ڏٽي، جهلي بينس جهول،
ڏنئي ٻه ٽي ٻول، سخي منهنجي ساهه کي.

*

ڪٽا ڪنيم ڪيچ مان، ڪليا تنهنجا ڪيت،
مون وٽ مڙئي بيت، تو وٽ آهن آيتون!

*

وري چوريان چنگ، صدا ڪريان سنڌ ۾،
ڪونهي اڄ ڪلام ۾، سُر جو سِر سان سنگ،
پريان آءٌ امنگ، ڪريان لات لطيف جي!

*

آءٌ پٽائي آءٌ، تنهنجي ڪهه، منهنجون اکيون!
ڏسُ مون تنهنجو ڪينرو، پوريو ناهي پاءُ،
ساڳيو جوڳ جڙاءُ، ساڳيا سڏڻا ساز جا!

*

توکي ساري سنڌڙي، ساري پٽَ ڏٽي،
مُور نه ٽيندي مارئي، بي ڪا ماءُ-جٽي،
تنهنجي پير-پٽي، ذات سموري ڏيهه جي.

*

ڪهڙي ڪُنيڙ جوڙيو، مِٽيءَ بنا ٽانءُ؟
آهي تنهنجيءَ ٻاجهه سان، ميان! منهنجو نانءُ،
ڪٽي هجان آنءُ، جي نه هُجين تون جُوءِ ۾!

اياز کي پٽائيءِ سان بيحد ۽ بي انتها عشق هو. سندس ڪيترن نظم توڙي نثر جي ڪتابن جا نالا/ سِرا، شاهه جي بيتن تان کنيل آهن، جهڙوڪ: "پونر پري آڪاس"، "ڪلهي پاتم ڪينرو"، "وڃون وسڻ آئيون"، "کي جو ٻيجل ٻوليو"، "ڪير ٽو ڪُن ڪري"، "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"، "جُهڙ نيٽان نه لهي"، "اُپر چنڊ پس پرين"، "هينڊو ڏاڙهونءَ گل جئن"، "ڪتين ڪر موڙيا جڏهن"، "لڙيو سج لکن ۾"، "ٻون ڇير تون ڇانو"، "ڪونجون ڪرڪن روهه تي"، وغيره- جنهن لاءِ هن جو چوڻ هو ته: "مون کي پٽائيءَ سان ايتري عقيدت آهي، جو هر ڪتاب جو عنوان، هن جي ڪلام مان ڪٽڻ چاهيان ٿو. مون کي هميشه ائين لڳو آهي ته اهو عنوان جنهن ڪتاب جي سرورق تي پٽائيءَ

جو هٿ آهي، جو هن اُن جي مٿي تي رکيو آهي ۽ اُن کي دعا ڪري رهيو آهي."

اِهو ٻاجھ جو هٿ نہ رڳو ايياز جي ڪتابن جي سرورقن تي موجود رهيو آهي، پر خود ايياز جي سِر تي پڻ سڄي ڄمار موجود رهيو. جنھن جو ثبوت اهو آهي تہ ايياز جو ڪو هڪ بہ اهڙو ڪتاب نہ آهي، جنھن ۾ ڪنھن نہ ڪنھن روپ يا صورت ۾ پٽائيءَ جو ذڪر نہ ھجي. پٽائي هن کي ساهڻون ويجھو هو. پٽائيءَ جو ٻاجھ پريو هٿ، ايياز تي سندس وفات کان پوءِ بہ قائم رهيو، جو هاڻي هو "پٽائيءَ پاڻي" آرامي آهي. اها هن جي من جي منشا ۽ روح جي تمنا هئي، جنھن جو ذڪر سندس لازوال شاعريءَ ۾ هنڌ هنڌ موجود آهي. سچ پچ ايياز جي آتما کي جيڪو آنند، لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي مطالعي مان ملندو هو، ۽ جيڪا خوشي کيس پٽائيءَ جي پوءِ تي پھچي رسندي هئي، ۲۹-ڊسمبر ۱۹۹۷ع جو ڏينھن يقيني طور سندس روح لاءِ ابدي آرام جو ڏينھن ثابت ٿيو هوندو، جو اُن پٽائيءَ جي پوءِ ۾ دفن ٿي امرتا پاتي هئي:

تنھنجيءَ مٽيءَ منجھہ ملان جي، آءٌ امرتا پايان!
سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنھنجو سيس نمايان،
مِٽي ماڻي لايان!

* * * *

اهڙي لوءِ نہ ڪا هئي، جھڙي پنھنجي لوءِ،
اوءِ، پٽائي اوءِ، مون ساري دنيا گھمي!

* * * *

هرڪنھن وٽ جي ٿي وڃي، ڌرتيءَ ۾ ئي جَڏَ،
ساڳيءَ ڌرتيءَ وڙ، توسان مون سان پٽ ڌٽي!

سنڌ ڌرتي پٽائيءَ جي بہ ماءُ هئي ۽ ايياز جي بہ امڙ آهي ۽ هُئي مرشد ۽ مريد، ساڳيءَ ڌرتيءَ ۾ دفن آهن ۽ سندن جڙون ساڳيءَ مٽيءَ ۾ موجود آهن. جنھن مٽيءَ جي ڪھ ۾ پنبٽيون ڪولي، ايياز پنھنجو "ڳجھہ" ڳولي ورتو آهي.

آڻ پٽيءَ تي پنھنجون پنبٽيون، ڪھ ۾ اکڙيون کول،
پٽ ڌٽيءَ جي پرسان ويھي، پنھنجي ڳجھہ کي ڳول.

اسان جي ڪن مانائتن ادبين پٽائيءَ جي دامن ۾ ايياز جي دفن ٿيڻ تي اعتراض ڪيو. هن مان ڪنھن جو چوڻ آهي تہ "لطيف، ادب ۽ شاعريءَ جي ايڏي ڇپ آهي، جنھن جي هينان اڇي ايياز ڇپجي نہ وڃي." ڪنھن ڇيو تہ "اسان مٽي پجاتان شيخ ايياز کي ڪنھن جي بيساکين جي سھاري نٿا هلائڻ چاهيون ۽ نڪي سندس ادبي قد ۽ قامت ايڏو ننڍو آهي، جو کيس ڪنھن وڏي شاعر وٽ هلي پناھہ وٺرايون." ڪنھن 'ايياز جي دوست هجڻ جو دعويدار ٿيندي' اخبارن کي خط لکيا آهن تہ، "ايياز جي پٽ شاھہ تي تدفين امانت طور سمجھي وڃي ۽ بعد ۾ کيس مان مرتبي سان شڪارپور ۾ دفنائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي-" تہ هڪ دوست ان راءِ جو هو تہ: 'ايياز کي ڪراچيءَ ۾ عبدالله شاھہ غازيءَ جي پرسان (سمنڊ ڪناري) دفنايو وڃي ها، ڇو تہ هتن ايياز جي مرتئي کان پوءِ سندس الڳ مقام ڏسڻ چاهيو ٿي ۽ ايياز جي سھاري ڪراچيءَ ۾ وڏا ميڙاڪا مچائڻ ٿي گھريا. هن جي نظر ۾ ائين ڪرڻ سان اهو فائدو ٿئي ها، تہ گھٽا سنڌي ڪراچيءَ لڏي اچي رهن ها. ايياز جي مرتئي کان پوءِ سندن دلين ۾ ايياز جي سندس زندگيءَ ۾ تيار ڪيل تصوير جي اُبتڙ هڪ انوکي تصوير هجي ها، جنھن جي ڪراچيءَ ۾ رهندڙ سنڌين کي اشد ضرورت هئي." اهڙيءَ طرح

ايازجي ڳولائي اديبن مان وري اڪثر جو اهو خيال هو ته، "ايازڪي سندس خواهش موجب سندس جنم پومي شڪارپور ۾ پنهنجي پيءُ جي پرسان الف شاهه جي قبرستان ۾ دفنايو وڃي ها!"

مٿين خيالن ظاهر ڪندڙ سمورن عزت مآب اديبن ۽ ادب دوستن جي خدمت ۾ با ادب عرض آهي ته اهو ٻڌائين ته ڇا پٽ ڏٽيءَ جي پاڳوند پوڻ مان ايازجي مڙهه ڪي بيدخل ڪرائي، هو ايازجي عزت افزائي ڪري رهيا آهن، يا پٽائيءَ جي بي حرمتي، جنهن پٽائيءَ لاءِ انتهائي عقيدت مان ايازچيو آهي ته:

"تون پارس، آءٌ لوهه، سڃين ته سون ٿيان."

تنهنجي جُٽيءَ جي مٽي- شيخ ايازِ.

(انتساب: "ڪونجون ڪرڪن روهه تي")

"مان پٽائيءَ جي پيرن جي خاڪ آهيان. جي پٽائي نه هجي ها ته منهنجي شاعري وجود ۾ ڪيئن اچي ها!"

("ڪٿي نه پڇبو ٺڪ مسافر"- پير علي محمد راشديءَ ڪي جواب)

جيستائين اهو سوال آهي ته ڪير ڪنهن جي بيساکين تي بينل آهي ته آءٌ ائين چوڻ ۾ ڪنهن به وڏاءُ کان ڪم نه ٿو وٺان ته پٽائيءَ کان پوءِ واري سموري سنڌي شاعري، پٽائيءَ جي بيساکيءَ تي ائين بينل آهي، جيئن اڄوڪي سڄي سنڌي شاعري، ايازجي بيساکيءَ تي بينل آهي. هر پيشرو، ايندڙ لاءِ راهه گهڙيندو آهي ۽ اُن ڪَلن واسئين وات تان هلي، هر شاعر پنهنجو لهجو، ڊڪشن ۽ انفرادي ڍنگ اختيار ڪري، پنهنجو مقام ماڻيندو آهي. منهنجيءَ ان راءِ سان اختلاف رکڻ جو هر ڪنهن کي حق آهي، ۽ خود ايازجي فڪر ۽ خيالن سان اختلاف رکڻ جو به هر ڪنهن کي حق آهي، پر دوست "انب گوپانگ" جي لفظن ۾ "اسان اهو ڪنهن کي به حق نه ڏيندا سون ته ايازکي پٽائيءَ جي پاڪر کان ڌار ڪرڻ لاءِ جهڙيون هنيون وڃن،" جنهن ازل ۽ ابد جي وسعتن کان ڪشادي پاڪر لاءِ ايازسڪندو هو:

مون سان منهنجي پاڪرين، بيهر پٽائي!
آئي ڏي آئي، مون گهر باڪ بسنت جي!

جيڪي اديب دوست، ڪراچيءَ جي ۷۵ لک آبادي واري شهر ۾ چاليهه لک سنڌين جي موجودگيءَ ۾ وسيلن، سوارين ۽ ٽيليفون جي سهولتين هوندي شيخ ايازجي تڏي تي ۲۷ ڪلاڪن تائين ۲۷ سوڳوار گڏ نه ڪري سگهيا، اُهي اڄ ڪهڙي حساب سان اها گهُر ڪن ٿا ته ايازکي پٽائيءَ جي پاڪر مان ڪڍيو وڃي. ڪاڏ ڪنڊيءَ تي پهچندڙ اڪثر اديب ۽ ادب دوست، بي وسيلا ۽ بي سواريءَ هٿا ۽ انهن ۾ به وڏو تعداد انهن نوجوان اديبن جو هو، جن نه رڳو ايازکي ست ست ڪري پڙهيو هو، پر ان سان پيار به ڪيو هو. هڪ سوال ٿو اُٿي ته ڪراچيءَ جو ڪو اديب اهو انگ ٻڌائي سگهندو ته ڪراچيءَ واري تڏي تي پهتل ۲۷ اديبن مان (جن ۾ به محمد ابراهيم جويو، غلام رباني آگرو، محمد قاسم ٻگهيو، محبوب شيخ، حسن درس، مرشد شيخ، قاضي منظر حيات- حيدرآباد، جامشوري ۽ رتيديري مان پهتا هٿا)، ڪيترا اديب ايازجي ڪفن دفن وارين رسمن ۾ شريڪ ٿي سگهيا هٿا؟ عطيه دائود، تاجل بيوس، قمر شهباز، رڪيل مورائيءَ، نور احمد ميمن، غفار تبسم، سميع بلوچ، خدا بخش ابڙي، رمضان نول، مخدوم بلاول، بيدل مسرور، ستار پيرزادي، ستار پٽيءَ، حبيب الله پُٽي، سلطانه وقاصيءَ ۽ هڪ ٻن ٻين اديبن کان سواءِ ڪراچيءَ جا ٻيا ڪهڙا اديب، ڪراڙ ڪنڊيءَ اچي ايازجا ڪلهي ڪانڊي ٽيا هٿا؟

۲۸- ڊسمبر تي ريڊيو پاڪستان ۽ رات جو بي.بي.سي ۽ پي.ٽي.وي جي خبرن ۽ ۲۹-ڊسمبر جي صبح جي اخباري خبرن کان سواءِ، ڪراچيءَ جا اديب دوست، دل تي هٿ رکي ٻڌائي سگهندا ته هنن مان هرهڪ رڳو سنڌ جي ۱۵ اديبن کي به ايازجي لاڏاڻي جو اطلاع ڏنو هو؟ جي نه، ته پوءِ اهو روئڻو ۽ ماتم اجايو آهي ته ايازجي مان ۽ مهانتا وٺان اديب/عام ماڻهو پٽ شاهه نه پهتا هٿا. اهو ته ايازجي ادبي پورهيي/ڪمائيءَ جو ڪرشمو هو، جو

حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي "گولڊن جوبلي ڪانفرنس" ، تعزيتي اجلاس ۾ تبديل ٿي، ڪيس خراج تحسين ۽ سلام (Tribute) پيش ڪرڻ جو ڪارڊ بڻي هئي. آڻ پڇڻ گهران ٿو ته ڇا اها حقيقت نه آهي ته خود ڪراچيءَ جا ڪيترا اديب دوست، "سنگت-گولڊن جوبلي ڪانفرنس ۹۷" ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ آيا هٿا ۽ ڪين ممتاز مرزا آڊيٽوريم حيدرآباد ۽ سنڌي ٽيڪنگويج اٿارٽيءَ جي آفيس ۾ اچي، اياز جي لاڏائي جو پتو پيو هو؟ شمشير الحيدري، عطيه دائود، سميع بلوچ، سلطانه وقاصي، بيدل مسرور، ستار پيرزادو ۽ نصرت ابڙو، اُن جو مثال آهن. نصرت ابڙي، هلال پاڪستان اخبار ۾ پنهنجي ڪالم ۾ ان جو ذڪر هيئن ڪيو آهي: "پناڻ ڪالونيءَ تان رڪشا ۾ چڙهي (ممتاز مرزا) آڊيٽوريم پهتاسون. لهڻ سان بيدل چيو، نصرت! خبر نه آهي، لڳي ٿو پروگرام ملتوي ٿيو آهي. اڳتي وڌياسين ته ستار پيرزادو، سميع بلوچ ۽ ڪجهه ٻيا دوست مليا. وڏي خاموشيءَ ۽ ڏڪ جي لفظن ۾ چيائون ته "اڄ ايار گذاري ويو. پروگرام ٿيندو، پر 'تعزيتي اجلاس' جي صورت ۾". (هلال پاڪستان-۴ جنوري ۱۹۹۸ع)

۲۸- ڊسمبر ۱۹۹۸ع تي صبح جو پرهه ويلي ايار لاڏاڻو ڪيو هو ۽ اُن ڏينهن جي ڪنهن به اخبار ۾ اها خبر ڇپجي نه سگهي هئي. ان ۾ اديبن، اخبارن ۽ عام ماڻهن جو ڪهڙو ڏوهه؟ ۲۹-ڊسمبر وارين ڪيترين اخبارن ته صبح جو ۷-۸ ۽ ۹ بجي تائين ايار کي پٽ شاهه ۾ دفن ٿيڻ کان پوءِ هو، رڳو هڪڙيءَ اخبار عبرت ۾ ٿي ايار جي هڪ بجي منجهند پٽ شاهه ۾ تدفين جي خبر شايع ٿي هئي. صحيح معنيٰ ۾ ڪنهن کي به تدفين جي وقت جو اطلاع نه هو. ۲۹- ڊسمبر صبح جو ۷ وڳي ڪراچيءَ مان شيخ ايار جي گهران محمد ابراهيم جويي مون کي حميد سنڌيءَ معرفت اطلاع ڏنو هو ته ايار جو مڙهه صبح جو سادي ستين وڳي نڪرندو، اُن کري حيدرآباد ٽول پلازا يا پٽائي نگر بائي پاس وٽ گائيڊ-گاڏيءَ بيهاري وڃي، جيئن قافلي جي رهنمائي ٿي سگهي. اها خبر پوندي ئي مون نصير مرزا کي ريڊيو حيدرآباد تي فون ڪئي ته ريڊيي تان اعلان ڪري ته شيخ ايار کي ۱۲ وڳي پٽ شاهه ۾ متيءَ ماڻ حوالي ڪيو ويندو. گائيڊ-گاڏيءَ جي بندوبست لاءِ به نصير مرزا کي چيو ويو، جنهن احمد سولنگيءَ ۽ بيدل مسرور سان گڏجي، اهو بندوبست ڪيو ۽ نصير سان پڪ ڪري، آڻ پٽ شاهه تدفين جي انتظامن لاءِ هليو آيس، جتي ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ، ظفر ڪاظميءَ، سيٺ گاگنداس ۽ آزاد انور کانڌڙي سان گڏجي، ايار جي جنازي نماز ۽ تدفين جا ٽڙ ٽڪڙ ۾ انتظام ڪري ورتاسون. ان سڃيءَ صورتحال کي اڳيان رکي، جيڪڏهن ريڊيو ۽ اخباري اطلاعن تي ست سو ڪن اديب ۽ ادب دوست پٽ شاهه پهچن ٿا ته اها ڪا معمولي ڳالهه نه آهي: چو ته هڪ ڏينهن اڳ حيدرآباد واري تعزيتي اجلاس هلندي، آڻ ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ظفر ڪاظمي، پٽ شاهه ۾ ايار جي قبر جي جاءِ جي انتخاب ۽ تياريءَ لاءِ روانا ٿي ويا هئاسون. ۽ پٽيان دوستن جو ڪراچيءَ وارن سان ڪو رابطو نه رهيو هو، جنهن ڪري تعزيتي اجلاس ۾ موجود دوستن کي ٻئي ڏينهن ايار جي تدفين جي صحيح وقت جي خبر پئجي نه سگهي هئي.

اسان جي ڪجهه ڪالم نگارن، ايار جي تدفين وقت عام ماڻهن ۽ اديبن جي وڏي تعداد ۾ شرڪت نه ڪرڻ تي "سنڌي قوم جي بيحسيءَ" جو روئڻو رُنو آهي ۽ لکيو آهي ته "ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه آهي، جو ايار جي آخري رسمن ۾ صرف ٻه سؤ اديب ۽ عام ماڻهو شريڪ ٿيا." جڏهن ته اها رپورٽنگ غلط بيانيءَ تي ٻڌل آهي. ڪن وري ايار جي تدفين جي سائين جي.ايم.سيد جي تدفين سان پيٽ ڏيندي لکيو آهي ته "سائين جي.ايم.سيد جي تدفين هزارين ماڻهو شريڪ ٿي سگهن ٿا ته ايار جي تدفين وقت ڇو نه شريڪ ٿيا؟" وغيره. ان ڏس ۾ رڪارڊ جي درستيءَ لاءِ عرض آهي ته سائين جي.ايم.سيد به ايار وانگر ۲۵ اپريل ۱۹۹۵ع تي پرهه ويلي ئي دم ڏنو هو، پر انهيءَ ڏينهن جي ڪيترين اخبارن سائين جي.ايم.سيد تي ايڊيشن به ڪڍي ورتا هئا. ان ڪانسواءِ سائين جي.ايم.سيد لاڳيتو ۳۹ ڏينهن، بيهوشيءَ جي حالت ۾ موت سان ويڙهاند ڪئي هئي ۽ سندن وفات ڪهڙي به وقت متوقع هئي، جنهن لاءِ

خاندان ۾ سائين جي.ايم.سيد جا پرستار ڏهني طرح تيار هئا. تنهن کان سواءِ، جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ سائين جي.ايم.سيد جي خاندان جا پاتي ۾ سوين قومي ڪارڪن هروقت موجود رهندا هئا، اُن ڪري سائين جي.ايم.سيد جي وفات جي خبر "جهنگ جي باهه" وانگر سڄيءَ سنڌ ۾ فونن، اخبارن ۾ ميڊيا ذريعي پهچي ويئي. عالمي ميڊيا به بروقت هن عظيم سانحي کي هوا جي لهرن تي سڄيءَ دنيا اندر پکيڙي ڇڏيو. ان کان سواءِ ساڳيءَ تاريخ تي جيئن ئي سائين جي.ايم.سيد جو قافلو سن لاءِ روانو ٿيو هو ته جامشوري ۾ حيدرآباد مان عام ماڻهن، يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۾ صحافين جو هڪ وڏو تعداد قافلي سان شامل ٿي ويو هو ۾ سڄي رات ٢٦ اپريل جي صبح تائين هزارين ماڻهو سن پهچي ويا هئا. ٻئي طرف اياز جي معاملي ۾ صورتحال بنهه مختلف هئي. سندس بيماريءَ ۾ اسپتال داخل ٿيڻ جي سنڌ ۾ ڪنهن کي به جاڻ نه هئي، نه ئي اهڙي ڪا خبر اخبارن ۾ شايع ٿي هئي. جن دوستن کي اياز جي اسپتال داخل ٿيڻ جي جاڻ هئي، تن کي به اهو پتو نه هو ته ڪو اياز جي حالت ايتري سيريس آهي. اسان جي پياري دوست تاجل بيوس هڪ ڪالم ۾ لکيو آهي ته: "جنهن رات اياز کي مڊايسٽ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو، ان رات به مون فون ڪري اياز جي خيريت معلوم ڪئي هئي، پر هو پر واري ڪمري ۾ ليٽيو پيو هو، جنهن کي مون بي آرام ڪرڻ نه ٿي چاهيو. ان رات مون وٽ علي بابا به ترسيل هو. ٻن منٽن اندر اياز جو فون آيو. مون سندس طبيعت پُڇي. علي بابا به اياز کان چڪّيلائي معلوم ڪئي، جنهن تي اياز ڏاڍو خوش ٿيو. ڪهڙي خبر ته اياز سان اها اسان جي آخري گفتگو هئي."

اياز جي وفات مڊ ايسٽ اسپتال ڪراچيءَ ۾ ٿي هئي، جتي وفات وقت وٽس کو تيمادار به موجود نه هو. اياز جو هڪ فرزند ڊاڪٽر سليم شيخ لاهور هو، ٻيو پٽ انيس جدي ۾ هو، ٽيون پٽ مونس شڪارپور هو ۾ چوٿون پٽ سرمد ڪراچيءَ ۾ (پر پيءُ کان ڌار رهندڙ). اياز جي ونيءَ زرينا ته اياز جي وڇوڙي جي جاڻ پوندي ئي بيحال ٿي ويئي هوندي، پوءِ به اُها وڏ ۾ وڏ محمد ابراهيم جويي، جمال ابڙي يا اياز جي هڪ ٻن دوستن کي فون تي اطلاع ڏيئي سگهي هوندي. ان صورتحال ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ اطلاع پهچائي ته آخر ڪير؟ ان ڪري اياز جي جنازي واري جلوس ۾ ڪارن ۾ گاڏين جي وڏي لائن جي عدم موجودگي ۾ تدفين جي رسمن ۾ سڄيءَ سنڌ جي اُٿلي نه پوڻ واريون ڳالهيون ۾ شڪايتون اجايون ۾ معمولي آهن. هونئن به اُن سان پلا اياز جي عظمت ۾ مهانتا ۾ ڪهڙو فرق ٿو پوي ته سندس تدفين وقت ڪيترا ماڻهو موجود هئا! بهرحال اياز جي آخري سفر ۾ جيڪي به اديب ۾ عام ماڻهو شريڪ ٿيا هئا، تن سڀني جون اکيون آليون ۾ دليون اڃ ٿيل هيون، سمورن جا جيءُ جهريل ۾ چهرا اُداس هئا.

اياز، زندگيءَ ۾ به مجتا جون بلنديون ماڻيون هيون ۾ وفات کان پوءِ کيس جيڪا مجتا ۾ جيڪي محبتون مليون آهن، سي هر ڪنهن کي ملڻ مشڪل آهن. سائين جي.ايم.سيد، اُستاد بخاريءَ ۾ اياز کي سنڌ محبتن جي معراج تي پڄائي ڇڏيو آهي. سندن پيار جي پورهئي ۾ سنڌ سان اٽوٽ انسيت ۾ لاڳاپي، کين اها محبت، شهرت ۾ عظمت بخشي آهي، جنهن جو مثال نٿو ملي.

اياز، زندگيءَ جا پويان ڏهاڪو سال ڪراچيءَ ۾ گذاريا. آءٌ مونس اياز جي ان گالهه سان سؤسيڪڙو سهمت آهيان ته "اياز پوين سالن ۾ ڪراچيءَ ۾ پرنس ڪامپليڪس جي فليٽ جي پوساتيل ماحول کان تنگ ٿي پيو هو." ڪراچي، اياز جي جواني ۾ پڇاڙيءَ وارو شهر، اياز جي آزاد من لاءِ گُهٽ ۾ پوسٽ جو اهجاڻ بنجي ويو هو، ڇو ته ڪراچي روشنين جو شهر هوندي به اندر جي اونداهين، منافقتن ۾ انساني رت جي ارزانيءَ جو شهر بنجي ڇڪو هو. اياز، ڪراچيءَ ۾ "سمنڊ، پنهنجي پاءُ" سان ملڻ آيو هو، ڇو ته کيس سمنڊ سان پيار هو ۾ سمنڊ جي جولين کي پنهنجي فوج سمجهندو هو، سمنڊ کيس وٽندو هو. هو شاعر هو، فطرت جو شاعر. هڪ سمي سندس سيني ۾ سمنڊ

ڪناري دفن ٿيڻ جي خواهش بہ جاڳي هئي. "ڪٿي نہ ڀڃبو ٿڪ مسافر" ڀاڱي ٻئي ۾ اياز لکي ٿو: "مون برسات ۾ پنهنجي هڪ ڪالم ۾ لکيو هو تہ "منهنجي اندر جا مانسروور آهي، ان مان هڪ ندي بہ پوري نہ وهي آهي. مون کي پنهنجي ڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ سؤ سال ٻيا بہ گهرجن. پر عمر دراز جي تمنا جي باوجود جي مان اڳ ۾ مري وڃان تہ مون کي ڪلفٽن تي پهاڙيءَ تي پوريو وڃي، سمنڊ جي سامهون، جو منهنجو ڀاءُ آهي. پر پاڪستان جي ڪنهن بہ سرڪار ۾ مون کي اميد نہ آهي."

اياز کي اها پڪ هئي تہ پاڪستاني حڪمرانن ۾ ايتري همت ئي ڪانہ هئي؛ جو اهي کيس ڪلفٽن جي پهاڙيءَ/ وڏن ماڻهن جي وسنديءَ ۾ دفن ٿيڻ جي اجازت ڏين ها، ان ڪري هن پنهنجي ان شاعراڻي خواهش تان آخري وقت ۾ هٿ کڻي ڇڏيو هو. اها حقيقت آهي تہ ڪراچيءَ ۾ اياز جي دلچسپيءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ سمنڊ هو، پر جڏهن ڪراچيءَ جون بلند و بالا عمارتون، سستي انساني رت جي سمنڊ ۾ ٻڏڻ لڳيون هيون تہ اياز جو من منجهڻ لڳو هو ۽ انساني تشدد ذريعي پيدا ٿيل "ماحولياتي گدلاڻ" سبب کيس اندر ۾ گُهٽ ۽ ٻوسٽ محسوس ٿيڻ لڳي هئي، ڇو تہ اُتان ماڻهپو ۽ مريادا ختم ٿي ويئي هئي. اُتي سنڌ جي فطري سونهن جو نام و نشان نہ هو، ان حد تائين جو ڪراچيءَ ۾ تارن ڀري رات ۽ نيل گگن جو تصور بہ گم هو، جنهن جو اظهار نظم توڙي نثر ۾ اياز ڪيترن هنڌن تي ڪيو آهي:

ناهي ڪو آڪاسُ،
ڪراچيءَ ۾!
دونهون دونهون سارا ماڙا،
چورنگي ۽ چاڪي واڙا،
چنڊ کڻي ڪئن سواس؟
ڪراچيءَ ۾!
ڍڳ ٿيو آ ڪارو ناڻو،
ڪاڻو راڻي اگهہ وڪاڻو،
مومل ڇا هي؟ ماس:
ڪراچيءَ ۾!

"مون کي کرڙيءَ جي ميدان ۾ مرڻو هو، مان ڪراچيءَ ڇو ڀڄي آيو آهيان؟" ("گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا"- ص ٣٥)

ڪيڏي باک ڦِڪي،
آهہ ڪراچي ڌنڌ ۾!
ڪنهن نہ ڏٺو آڪاس کي، صدين جيئن سڪي!
هتان ويندس اوچتو، ٻہ ٽي ڏينهن ٽڪي!
("ڪتين ڪر موڙيا جڏهن" ڀاڱو ٻيو، ص ٢٧)

"اي سنڌ! ڇا مان ڪراچيءَ ۾ شرنارٿي نہ آهيان؟"
("سڀ لوهيڙا ڳڀئا" -ص ١١٥)

مان سکر جو
ڪراچيءَ ۾ شرنارٿي آهيان،
يا خدا! تو مون کي ديس ۾
پرديسي بنايو آهي،
۽ مون کان
آسمان جي
پوري چادر ب کسي ورتي آهي،
جا سکر ۾
پنهنجي ڪوٺي تي اوڙهيندو هوس.

(سر لوهيڙا ڳيٽا- ص ۴۲-۳۴۱)

ایاز، مون کي، آسي زميني، احمد سولنگيءَ، ڊاڪٽر قاسم بُگهئي، نور احمد خواجي ۽ فيروزاحمد ميمڻ کي ڪيترا ڀيرا چيو هو ته "مون کي ڪراچيءَ مان ٻاهر ڪيو. هن انساني رت سان راند رهندڙ ۽ منافقن جي ملمعي ۾ ويڙهيل شهر مان مون کي ٻاهر ڪيو." ایاز، فيروزاحمد ميمڻ کي، نسيم نگر حيدرآباد ۾ مناسب اڳهه تي ڪنهن گرائونڈ فلور واريءَ جاءِ خريد ڪرائي ڏين بابت ب چيو هو، جتي اڳتي هلي شايد سندس نائيءَ الطاف کيڙي کا جڳهه خريد ڪئي هئي ۽ ایاز چاهيو پئي ته اُتي اچي رهان، دوستن ۽ نوجوانن سان ملان، سنڌو درياهه ۽ اصلي سنڌ ڏسان! ایاز جي من جي اها خواهش هئي، چو ته هو سکر جي ڪليل فضائن جو رهواسي هو، جتي جڏهن سنڌو ساڌبيلي وٽان چوليون ماري وهندو هو ته ایاز جي من ۾ ڏات جون چوليون چلڻ لڳنديون هيون. ایاز، جڏهن سکر ۾ وڪالت جي ڏهن ٽڪائيندڙ پورهئي کان تنگ ٿيندو هو ته ڪڏهن اروڙ جي ڪنڊن ڏانهن نڪري ويندو هو، جتي راٽي لاڏي، ور جي شهادت کان پوءِ دشمن سئنا سان وڙهندي ديس تي واري هئي؛ ته ڪڏهن پراٽي سکر لڳ جهلي بند تي گهمڻ نڪري ويندو هو، جتي ٻيڙين جا کوها، سکان ۽ سڙهه، اُفق جي ڳاڙهاڻ ۾ ڪنهن جوڳيءَ جي گيڙو ويس وانگر لڳندا هئا، ته ڪڏهن ڪالڪا جي گڏا ٻاهران ڪنهن ٻيڙي سنت سان محوِ گفتگو ٿيندو هو يا ڪانئس پست جي ڏوڏين جو ڪاڙهو وٺي پيئندو هو ۽ سُڌ بڌ گنوائي ويهندو هو؛ ته وري ڪڏهن نندپڻ جي يادن جي جزيري شڪارپور، ڏانهن نڪري ويندو هو، جتي هن جا ڪيترا معصوم پيار پوشيدا هئا.

فطرت جي سونهن ۽ نظارن مان اُتساهه وٺندڙ اُهو ایاز، زندگيءَ جي پوين سالن ۾، ۱۹۵۰ع جي ڏهاڪي واريءَ ڪراچيءَ ۾ موٽي آيو هو، جتي اپريل ۱۹۴۷ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد پيو هو؛ جتي شڪارپور مان اچي وڌيڪ تعليم حاصل ڪئي هئائين؛ جتي جويي، حشوء، ڪيرت، گوبند ۽ سوپي سان دوستي ٿي هئس: جتي ابتدائي وڪالت ب ڪئي هئائين، ۽ اُن وقت ڪيس ڪراچيءَ ۾ وڪالت مان پئسو ته جام ملندو هو، پر هن کي ڪراچي انڪري چڏتي پئي هئي، جو هن سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻ پئي چاهي، جنهن لاءِ اندروني سنڌ جو ماحول ئي هن لاءِ موزون هو.

ایاز، زندگيءَ جي پوئين وقت ۾ ان ڪراچيءَ ۾ موٽي آيو هو، جنهن کان متاثر ٿي ڪنهن وقت نظم لکيو هئائين:

جهلملاٽيندڙ ڪراچي!
روشنيءَ جا گيت ڳائيندڙ ڪراچي!
اڄ ب مون لئه اوپري ناهين ڪراچي!
سنڌ جي آهين ڪراچي!

اڄ ٻہ مان
تنهنجي رستن کي منديءَ جئن جڙ تہ پورو ٿو اچان!
اڳ گرومندر کان ٿورو اڳيرو ويندي هئينءَ،
شام جو کيئي ٽلا ٿھ ٿھ ڪندي نيندي هئينءَ،
ڪويلين جي ڪوڪ ڏي جي ڏيان ويندو هو ڪڏهن،
چنڊ ايندو هو نظر آڪاس ۾ ويندو تڏهن،
ڇ ڪڏهن تارا هوا ۾ جُڳنوئن جئن جڳمڳائيندا هيا،
پير منهنجا ڊگمگائيندا هيا،
عاملياڻين جي پنيان-
اڄ ٻہ مان
تن کي ساري تَن جي خوشبوءِ ۾ وجان ٿو ويڙهجي،
ڪوڪ ڪويل جي ٻڌان ٿو، تنهنجي جادوءَ ۾ وجان ٿو ويڙهجي،
تنهنجو لالو کيت، اورنگي ٻہ مون لئہ اجنبي ناهين ڪنوار!

ڀر اڄ اُها ڪراچي ڪنوار ساڳي نہ رهي هئي. اڄ ايياز جو وجود ان جي رستن کي منديءَ جئن پورو نہ ٿيو آيو، اڄ اُها گرومندر کان گهٽو اڳتي وڌي اجگر شهر ٻنجي چڪي هئي: اڄ اُتي ڪويلن جي ڪوڪن بدران دهشتگرن جي هٿيارن جي ڌوڌو ٻڌڻ ۾ ٿيو آتي. اڄ ڪراچيءَ جي راتين جا تارا هوا ۾ جگنوئن جئن جڳمڳائڻ بدران بگهڙ روپ درندن جي اکين جا ٻرندڙ تارا لڳي رهيا هئا. اڄ ڪراچيءَ ايياز کي اداس ڪري ڇڏيو هو. ايياز پاڻ کي پرنس ڪامپليڪس جي چوٽين بلاڪ جي فليٽ نمبر ٢٧ اي ۾ باندي سمجهندو هو. پرنس ڪامپليڪس جا رهواسي ڪنهن نہ ڪنهن Complex (مونجهاري) ۾ مبتلا هئا. انهن کي هن پماڻن کان بلند شاعر جي شناخت نہ هئي. اُهي هن جي وڏائيءَ، عظمت ۽ عزت کان آگاهہ نہ هئا. ڪراچي سکر نہ هئي، جنهن جي ڪنهن گهٽيءَ مان ايياز گذري تہ هجوم اهو چوندي احترام ۾ گڏ ٿي وڃن تہ "زماني جو وڏو شاعر ايياز گذري رهيو آهي." هتي تہ تيز رفتار سوارين ۽ دونهين جي آسمان هيٺان عظمتون لڪي ٿي ويون.

ڇا اهو سچ نہ آهي تہ ايياز کي ڪراچيءَ ۾ دفن ڪرائڻ جي خواهش رکندڙ اديبن مان ڪيترا خود ايياز جي اپائڪائپ، اڪيلائيءَ ۽ اُداسيءَ جو اهم ڪارڻ هئا؟ جن مان ڪيترا سائس ملڻ ايندا هئا تہ من ۾ منافقتون سجائي ايندا هئا ۽ ايياز جي معصوميت مان پرپور فائدو وٺي، ڪيس ڪنهن نہ ڪنهن جي خلاف پري ويندا هئا ۽ پنهنجي ٿنا خوانيءَ ۽ ادبر جي برقراريءَ جو بندوبست ڪري ويندا هئا. اهڙي ماحول ۾ عبدالواحد آريسر، ادل سومري، حميد سبزوئيءَ، نصير مرزا، ايياز گل، احمد سولنگيءَ، رکيل مورائيءَ، آسي زمينيءَ يا مون جهڙو ايياز جو پرستار وٽس ويندو هو تہ هو انهن سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهريون ڪندو هو. اهو ايياز، جنهن پنهنجي وقت جو لمحو لمحو لکڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو، ان وٽ جڏهن آءٌ ملاقات لاءِ ويندو هوس تہ آءٌ پاڻ کي خوش نصيب سمجهان ٿو تہ هو مون سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪچهريون ڪندو هو. ان ۾ نہ اڇڻ جون ميارون هوندیون هيون، سندس ڪتابن تي ڪجهہ نہ لکڻ جون شڪايتون هوندیون هيون، سندڻ ۽ سائين جي.ايم.سيد سان اُڪير جون روح کي ڇُهندڙ ڳالهيون ٻہ هوندیون هيون. انهن ڪچهرين ۾ اسان اڪثر ايياز کي ويهي ٻڌندا هئاسون.

ڪراچيءَ واري سڄي دور ۾ ايياز جي جيڪڏهن ڪنهن سڃيءَ دل سان خدمت ڪئي ۽ اُن سان نپايو تہ اهو فقط

قاضي منظرحيات هو، جنهن اياز جي شاعري اُتاريندي نڪا ڪوتاهي ڪئي ۽ نہ وري خيانت- جڏهن تہ اسان ڪيترن کي اياز جي لکڻين ۾ (چوريءَ ڇُپيءَ) ڪترون ۽ تبديليون بہ ڪندي ڏٺو. پنهنجي ثنا ۾ لکائڻ لاءِ پيرين پوندي ۽ منٿون ڪندي بہ ڏٺو. اُن وقت اهي دوست ڏاڍا ننڍڙا لڳندا هئا. قاضي منظرحيات کي ياد هوندو تہ نوجوان شاعرن جي شاعريءَ جي چونڊ "چوڌاري چمڪاٽ اسان" ("ڏيئا ڏيئا لاٽ اسان" جي ٻئي ڀاڱي) جو مسودو ڪنهن گم ڪري ڇڏيو هو؟ اياز جي سيرانديءَ رکيل اُهو مسودو رڳو انڪري گم ڪرايو ويو، جو ان ۾ ڪنهن يار جي شاعري شامل نہ هئي. تہ اهڙين منافقتن ۽ ظاهري قصيدي گوئيءَ واري فضا، هن معصوم شاعر جي من کي چوٽون رسايون ۽ هن ڪراچيءَ کي ڇڏي، اندرئين سنڌ ڏسڻ جي شديد خواهش ڏيکاري، جيڪا پوري نہ ٿي سگهي. اياز جي روح جي اهڙي پڪار، سندس هيٺئين نثري اقتباس ۾ موجود آهي:

"يا خدا! ڇا مان اندرين سنڌ ٻيهر ڏسي نہ سگهندس؟ ڇا ڪراچيءَ جي دونهين ۽ گهٽ ٻوسٽ واريءَ فضا، ڪوڪاري واري ٽرئفڪ ۽ بسن ۽ موٽرن، ٽرڪن ۽ رڪشائن جي هل هلاچي ۽ گوڙ گهمسان ۾ مان پنهنجو وقت پورو ڪري ويندس؟ ڇا مان سنڌ جي گسن تي ٻولاها، بگا، ڪانوارا ڏاند ڏسي نہ سگهندس ۽ رڳو تصور ۾ اهي ڏاند- گاڏين ۾ جوٽيل ڏسي سگهندس، جن جا ڏورڻا مون کان وسري نہ ٿا وسرن!

"هتي تہ ڪڏهن ڪڏهن وڪٽوريا گاڏي نظر ٿي اچي، جنهن تي بسن وانگر پتل جا پڙڇ چڙهيل آهن ۽ چوڌاري چمڙي جا چِٽ آهن. ڪٿي سنڌ جا هو ڪميت، مُشڪي ۽ سنجاف، جن کي مون "سُر ڪيڏاري" ۾ ڳايو آهي ۽ ڪٿي هو ابلق، سُرخا، چينا، ڊڊا ۽ ڊاکر، ڪٽ مست گهوڙا، جي توبرا کائي ويندا هئا ۽ اڙيءَ سان اُڏامندا ويندا هئا. ڪٿي هو وهڙا، پاڏا، اُٺ، ڏاچيون، گؤنرا، ڏاگها، ڪرها، توڏا، جي مون ٿر ۾ ڏٺا هئا، جتي اُهي جوٽيا ويندا هئا ۽ ورائي ونگيا ويندا هئا. متارا وڇيرا، جن جون رانون کٻڙن جي ٿڙن وانگر هونديون هيون! ڪيڏي نہ رنگا رنگ دنيا هئي سنڌ جي! ڇا کاري ڇاڻ کان ڪيٽي بندر تائين سفر وري ڪري نہ سگهندس ۽ سردار ماڇي خان جي ڳوٺ ۽ سردار عبدالرزاق ڏهر جي ڳوٺ کينجوءَ ۾ نہ وڃي سگهندس؟

"يا خدا! ڇو تو مون کي سنڌ جي گس گس، سڙڪ سڙڪ، واريءَ، ڪڪريءَ ۽ مٽيءَ کان جدا ڪيو آهي؟ سنڌ جا وڻ، پکي ۽ پسون منهنجي وجود جو حصو ها!" ("ڪٿي نہ ڀڃبو ٿڪ مسافر" ڀاڱو ٽيون ص ٩١-٩٢)

"مان گذريل.... سالن کان اڳ ڪيئي سال اندرون سنڌ رهيو آهيان، جتي ماڻهپو آهي، مريادا آهي، فطرت سان لڳاءُ آهي، جتي ڪونجون ڪر ڪر ائين ڪن ٿيون، جڻ ڀٽ شاهہ تي ڀٽائي ڳائجي رهيو آهي. ٻهراڙيءَ جي زندگي منهنجي رڳ رڳ ۾ آهي."

ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪراچيءَ ۾ اياز جا آخري ڏينهن سخت گهٽ ۽ ٻوسٽ ۾ گذريا، ۽ هن جو من اندرين سنڌ ڏسڻ لاءِ اُڇلون ڏيندو هو، ڇو تہ هن جي لفظن ۾: "ڪراچي، جا ڪنهن وقت سنڌ جي دل هئي ۽ هن وقت ان جو مفلوج عضوو آهي. هاڻ سنڌ جا هنومان ۽ انهن جي سياسي باندر سئنا هتي رهي ٿي ۽ ۽ هتي وڏا وڏا بنگلا ٺهرايا اٿن. اهو ديومالائي ڊئنوسار وانگر روز بروز وڌي رهيو آهي. دراصل مان سکر مان ڪراچيءَ شرنار ٿي آيو آهيان، جو هر وڏي شهر وانگر ميڪانڪي ۽ مصنوعي آهي. جنهن ۾ ڪيئي ماڙ اوچا ماڙا آهن ۽ انهن سان گڏ غريبن جون جهوپڙيون بہ آهن، جي مينهن ۾ جهري پون ٿيون، ۽ انهن کي 'بيوس' جي دعا بہ بچائي نہ ٿي سگهي!" اُن ڪري اهڙي شهر مان اياز جي دل کڄي چڪي هئي، ۽ ڪلفٽن جي پهاڙيءَ تي دفن ٿيڻ واري سندس خواهش پڻ زخمن سان چور چور ٿي چڪي هئي.

اياز، ڊاڪٽر قاسم ٻگهئي چواڻي، هڪ وقت مڪليءَ تي دفن ٿيڻ جي بہ خواهش ڏيکاري هئي، ڇو تہ مڪليءَ تي دولهہ درياخان دفن هو، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ پير حسام‌الدين راشدي دفن هو، جن سان اياز کي وڏي عقيدت

ٿئي، ۽ ان نموني اياز چاهيو ٿي ته هن کي جيڪڏهن مڪليءَ ۾ دفن ڪيو ويو ته هو "تاريخ سان گڏ زندهه رهندو" ۽ پوءِ هڪ ڏينهن:

ٽٽي جي رابيل ۾، وري کڙندس مان،
وري ٽڙندس مان، مڪلي تنهنجيءَ مان ۾!

- ان ڳالهه کان به ڪو انڪار ڪونهي ته اياز شڪارپور ۾ پنهنجيءَ پيٽ جي پرسان دفن ٿيڻ جي خواهش به ڏيکاري هئي. هن "ڪٿي نه پڄبو ٽڪ مسافر" (جلد پهرئين) ۾ لکيو هو: "ڪالهه منهنجي پاٽيجي سعيده ۽ هن جو مڱس ڪرنل وقار ملڻ آيا ۽ چيائون ته 'شڪارپور مان ٽا اچون'. انهن سان ڳالهيون ڪندي مون سوچيو ته جي مون کي پاڻ (سمنڊ) اڳيان ابدي آرام لاءِ جاءِ نه ملي سگهي ته پيٽ جي پرسان ئي ملي. شڪارپور ۾ پير الف شاهه جي قبرستان ۾ منهنجي پيٽ دفنايل آهي. اُتي منهنجو سهرو ۽ سس ۽ وقار جو پيءُ واجد علي ۽ ٻيا مائٽ دفنايل آهن، اتي منهنجي پرسان جاءِ چڏي وڃي. زرينا ٽيهه چاليهه سال پوءِ ايندي، هن لاءِ به جاءِ چڏي وڃي." (ص ٣١٣)

اياز جي اها خواهش فطري ۽ سڀاويڪ ڳالهه هئي، جيڪا هر انسان جي دل جي خواهش هوندي آهي ته هن کي پنهنجن عزيزن جي قبرستان ۾ رکيو وڃي. جيڪڏهن اياز جا عزيز، اياز کي شڪارپور ۾ دفن ڪرڻ جو فيصلو ڪن ها ته سنڌ ۾ ڪنهن کي به اعتراض نه ٿئي ها، پر اهڙو ڪوبه فيصلو نه ٿيو. ليڪن منهنجي خيال ۾، اياز جي اها به رڳو دل جي خواهش هئي، پر باقاعدي وصيت نه هئي. اياز جون سمنڊ جي پرسان، مڪليءَ يا شڪارپور ۾ دفن ٿيڻ واريون خواهشون ۽ خيال هن جي شاعراڻي دل ۽ فطرت جا انگل ۽ آرا هئا- پر آءٌ سمجهان ٿو ته پٽ شاهه جي سرزمين تي تدفين، اياز جي خوابن جي مڪمل تعبير ۽ تڪميل هئي، جو ته هن خود چيو آهي:

جَرَ ۾ ٿو جَرَڪان، ڳائي تنهنجا گيت مان،
مري شل مَرڪان، پٽائيءَ پيرُ وجي!

- ۽ اڄ اياز جو روح ڪراڙ جي جَرَ ۾جرڪي، مرڻ کان پوءِ به مرڪي رهيو آهي ۽ چئي رهيو آهي:

سنڌڙي شاهه لطيف جي، لهر نه ڪو لوڏو،
اکڙين کان اوڏو، مون کي منهنجو پٽ ڏٺي!

اياز پنهنجي هم ڪلاسي، همعصر ۽ هم خيال شاعر دوست نارائڻ شيام کي مخاطب ٿيندي هڪ هنڌ چيو هو:

ڏرتيءَ لاءِ ڏکار جا، آيا نه الزام،
تون سامي جي سام، آءٌ پٽائيءَ اوٽ ۾!

نارائڻ شيام، جلاوطنيءَ ۾ دهليءَ ۾ گذاري ويو ۽ هُن جي خواهش موجب کيس ڏرتيءَ جي مٽي نصيب نه ٿي ۽ سندس اُداس روح اُڏامي شڪارپور ۾ ڪنهن نامعلوم هنڌ تي سامي جي سماڌيءَ جي سام اچي پيو هوندو، پر سندس دوست اياز خوش نصيب آهي، جو کيس پٽائيءَ جي اوٽ حاصل آهي. اياز جي خواهش هئي ته شيامءِ پاڻ پيئي سنڌ ديس جي ڏرتيءَ جي مٽيءَ مائٽي لائي، اُن ۾ امرتا پائين، پر تقدير جي ستمگيري نه ڏسو، جو اياز کي چوٽو پيو:

تُنهنجي رَک کٽي ويون، گنگا جون لهرون،
سنڌوءَ اُبهريون، پانهون ڦهلايون گهٽو!

سانوري شيام جي لاڏاڻي (١٩٨٩ع) اياز جي اندر کي اڏ ڪري وڏو هو، پر کيس اجا سنڌ کي ڪجهه ڏيڻو هو. اُن ڪري اُن وقت چيو هنائين:

ڌرتي مون کي شيامَ ٿي، اڃا ڪانہ ڇڏي،
ويندس پُل اڏي، تُنهنجي منهنجي وچ ۾!

واقعي اياز، انهن اٺن نون سالن ۾ سنڌ ۽ هند جي ادب جي وچ ۾ پُل اڏي ويو آهي، جو اياز جي وڇوڙي کي سنڌ وانگر هند جي اديبن بہ ساڳيءَ طرح ڀوڳيو آهي. اياز جي جيڪب آباد واري ننڍپڻ جي دوست رام امرلعل پنجواڻيءَ ڪيل کيس ٢٩ ڊسمبر ١٩٩٧ع تي آڪاشواڻي دهليءَ تان شرڌانجلي ڏيندي چيو هو:

"اياز سنڌ ۽ ڀارت جي وچ ۾ هڪ جٽادار پُل ٺاهي. پيار جي پُل، دوستيءَ جي پُل، محبت جي پُل- اسان انهيءَ پُل کي قائم رکنداسين. انهيءَ پل کي پڪو ۽ پختو بنائينداسين، انهيءَ لاءِ جيئن سنڌ ۽ ڀارت جا سنڌي پاڻ ۾ ملي سگهن، ڪچهريون ڪن، شادمانا ڪن. امن ۽ شانتيءَ جا گيت ڳائن." (روزانہ هندستان- ١١ جنوري ١٩٩٨ع)

اياز جي يارَ گوبند مالهيءَ لکيو.

"هن (اياز) ادبي، تهذيبي ۽ انساني سطح تي نہ اُپکنڊ جو ورهاڱو قبوليو ۽ نہ وري سرحد جي ٻنهي پاسن جي سنڌين ۾ سَنڌو مڃيو." (روزانہ هندستان- ١١ جنوري ١٩٩٨ع)

اياز واقعي سنڌ ۽ هند جي سنڌين ۽ سنڌي ادب جي وچ ۾ ورهاڱي کي هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ قبول نہ ڪيو هو، "سرَ نارائڻ شيام" ۾ ان ڳالهہ جو اظهار هن ريت ڪيو اٿس:

ناهي پنهنجي ساهتيہ جو ڪو ورهاڱو،
ڀانيو مون ڀاڱو، ڪڏهين ناهي پاڻ کي.

-

شيام! رڳو منهنجو نہ آ، صدين جو سودو،
اُن ۾ مون تنهنجو، ڀاڱو ناهہ ڀُلائيو!

-

صدين لئہ رهندو سڄو، هِي جو منهنجو مُون،
متان ڀائين تون، اڌ ڪندس مان پاڻ کي.

-

آهہ اڌوري تو بنا، هيءَ جا منهنجو مُون،
ساميءَ وانگر تون، سدا رهندين سنڌ ۾!

سامي ۽ شيام، سنڌ، سنڌي ڪلچر ۽ سنڌ جي روح جا نمائندا شاعر آهن. اياز وٽ اُنهن جي عظمت ۽ امرتا اُتم موجود آهي. سندن عظمت ۽ مهانتا کي ڪو دانشور فتويٰ ڏيئي رد نٿو ڪري سگهي، ڇو تہ انهن جي مهانتا نہ رڳو اياز تسليم ڪئي آهي، پر تاريخ بہ مڃي آهي، ۽ تاريخ جي مڃتا کان وڌيڪ ٻي ڪا مڃتا ٿي ئي نٿي سگهي.

اياز هن صديءَ جو عظيم شاعر هو. سندس شخصيت ۽ عظمت کي اخباري ڪالمن ۽ "ڄاڙيباز مقررن" جي تقريرن ذريعي زائل نٿو ڪري سگهجي. ڪيترا ماڻهو برساتي ڏيڏرن وانگر اياز جي اولاد، عاشقن ۽ سندس فن ۽ فڪر جي ڄاڻن کان وڌيڪ پاڻ کي اياز جو همدرد سڏائي، هيرو ٿيڻ جون هامون هڻي رهيا آهن. ڪيترا خابرو ۽ ڪالم نگار، خبر جي ڳولا ۽ ڪالم جي پيٽ ڀرڻ لاءِ اياز جي قبر کي مذاق بنائي رهيا آهن، پر سنڌ جي سمورن ماڻهن کي سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ اياز پنهنجي موقف ۽ شاعريءَ لاءِ نہ زندگيءَ ۾ڪڏهن ڊڪٽيشن (Dictation) قبول ڪئي هئي

ڀ نہ ٹي لاڏائي کان پوءِ "واعظن" ، "نصيحتن" ۽ "وصيتن" کي قبولينڊو، ڇو تہ اياز ڇيو آهي تہ:

ٻئي جي ٻُڌ ۾ل ڳالهہ ايازَ،
پنهنجو پيغمبر ٿي گهارِ.

اياز ۽ ايازَ جي تاريخ ناهن وارا اسان کير ٿيندا آهيون؟ ايازُ خود تاريخ هو، هو تاريخ جو اڏيندڙ ۽ تاريخ ساز شخصيت هو.

ياد ٿو اچيم، اسان ۳۱- ڊسمبر ۱۹۸۷ع تي ايازَ کي سنڌي ادبي سنگت مرڪز ياران حيدرآباد پريس ڪلب ۾ "سنڌ جي قومي بقا ۾ اديب جو ڪردار" سيمينار ۾ خاص مهمان طور گهرايو هو. ايازُ، وائيس چانسلريءَ واري دور ۾ پنهنجي شعري مجموعي "لڙيو سڄ لکن ۾" جي اشاعت کان پوءِ پنهنجيءَ دُنيا ۾ گم رهندو هو ۽ ڪنهن حد تائين گوشہ نشين ٿي ويوهو. هُو ملاقاتن ۽ سماجي ميل جول کان دور پنهنجي تخليقي دنيا ۾ مگن ٿي ويو هو. اسان کيس اُن تاريڪيءَ ۽ اڪيلائيءَ جي دنيا مان ڪڍي، زندگيءَ جي شاهراهہ تي وٺي اچڻ جو سوچيو. هُن منهنجي ۽ ايازَ گل جو عرض ۽ انگل موتايو نہ، ۽ هڪ وڏي عرصي کان پوءِ اديبن جي وچ ۾ آيو. اُتي تاريخي تقرير ڪندي چيائين:

"مان پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ اهڙي پُل ٻڌائي رهيو هوس، انسان ۽ انسان جي وچ ۾، ازل ۽ ابد جي وچ ۾، تہ تاج جويو آيو ۽ اچي منهنجي ڪم ۾ رُڪنو وڌائين. مُون هن کي ڀريون لنوايو، پر پوءِ ڪجهہ سوچڻ لڳس: 'رڳو ناهن تہ ضروري نہ آهي، ڪجهہ ڏاهن ٻہ تہ ضروري آهي' . هي ڪوڙ جو ڪوٽ، جو ڏينهن رات اکين ۾ ڪٽڪي رهيو آهي، اُهو اُنهيءَ اڏاوت سان ڪينن ميل کائيندو، جا مُون جوڙي راس ڪئي آهي! هي اديب، جيڪي ڪوڙ جي پاڙ پٽڻ چاهين ٿا، اُنهن لاءِ منهنجو ساڻ ضرور آهي. هائو، مون کي اڳي وانگر اُنهن جو ساڻ ڏيڻو آهي. هائو، اُنهيءَ ڪم کي اوليت آهي، اهو ڪم پنهنجيءَ جاءِ تي افضل آهي، اڄ مان ستن سالن کان پوءِ اوهان وٽ آهيان ۽ پانيان ٿو تہ آخر تائين اوهان سان رهندس، مون ڪيئي سال اڪ لکيو هو ۽ اڄ ٻہ ساڳي ڳالهہ دهرائي رهيو آهيان:

"ذات وڏي شيءِ ناهي،
پر سچ وڏي شيءِ آهي،
۽ جو سچُ مچائي،
سو مچ وڏي شيءِ آهي."

تقريب کان پوءِ ٻئي ڏينهن صبح جو آءٌ ۽ ايازَ گل، سائين محمد ابراهيم جويي جي جاءِ تي ايازَ سان ملڻ وياسون. ايازَ مون کي "ڪپر ٿو ڪُن ڪري" ڪتاب ڏنو، جنهن جو تازو ڇاپو، فيروز احمد ميمڻ، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپائي پڌرو ڪيو هو. ڪتاب تي "سڪ مان تاج جويي لاءِ" لکي صحيح ڪيائون ۽ ڪين تاريخ وسري ويئي ۽ مون کان تاريخ پڇيائون. مون کين چيو: "سائين! تاريخ نہ لکو، ڇو تہ اوهان تاريخن کان وڏا آهيو." مُرڪي قلم روڪيائون ۽ تاريخ لکڻ کان سواءِ ٻي مون کي هٿ ۾ڪتاب ڏنائون. اُن وقت مون کي ايازَ جي مُرڪ ۾ڪيئي تاريخون جرڪنديون نظر آيون هيون. واقعي ايازَ تاريخن جومحتاج نہ هو، ڇو تہ ايازَ تاريخ ساز شاعر ۽ تاريخن کي جنم ڏيندڙ شاعر هو!

ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا،
ڳمايل ڏرتيءَ جي سيني تي،
اهڙي گهري چيخ ٿين ٿا،
جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي،
۽ دُنيا کي بدلائي ٿي.

آءُ حسن مجتبيٰ جي ان راءِ سان سؤ سيڪڙو سهمت آهيان تہ "سائين جي. ايم. سيد ۽ اياز کان پوءِ سنڌ جڻ تہ پنهنجي ڪشش ثقل کان هٿي ويئي آهي."

ياد ٿو اچيم تہ ١-٤-١٩٨٨ع تي "سنگيت ايوارڊ تقريب" ۾ بہ اسان ايياز کي حيدرآباد ۾ گهرايو هو. اُن موقعي تي ايياز مون کي پنهنجو ڪتاب "بڙ جي ڇانو اڳي کان گهاٽي" ڏيندي چيو هو، "تاج! تو ڏي قرض آهي. تون مون تي لک، هن ڪتاب تي ضرور لک- تون مون کي سمجهين ٿو، ۽ تون مون تي سنو لکي سگهين ٿو. مون کي ..... جا ڪورا نڪورا لفظ نٿا وٽن. هو مون کي ڪورن نڪورن لفظن جي پاڇي ۾ لکائي ڇڏين ٿا."

مون پان لاءِ ايياز جي اها راءِ وڏو اعزاز سمجهي هئي ۽ اڄ تائين اُن کان وڏو ٻيو ڪو اعزاز مون کي نہ مليو آهي.

اهڙو ئي اعزاز، ان ساڳئي ڏينهن سنڌ جي نوجوان ۽ خوبصورت شاعر احمد سولنگيءَ کي بہ مليو هو، جڏهن محمد ابراهيم جويي صاحب، احمد جو ايياز سان تعارف ڪرايو هو ۽ ايياز سندس شاعري بڏي چيو هو: "هيءُ نوجوان منهنجي شاعريءَ جو تسلسل (Continuity) آهي."

آءُ اڄ سوڏو پان کي ايياز جو قرضي سمجهان ٿو، جو سندس ڪنهن بہ ڪتاب جو اپياس لکي نہ سگهيو آهيان. آءُ تاريخ جي ٻن عظيم هستين ايياز ۽ سائين جي. ايم. سيد، جو قرضي آهيان. سائين جي. ايم. سيد جي وفات کان ٻوءِ ويهن ٽن سالن تائين ٻن چئن ستن جي تاثر ۽ هڪ سوانحي خاڪي کان وڌيڪ سائين جي. ايم سيد تي ڪجهہ بہ نہ لکي سگهيو آهيان. "سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ" وارن سان وعدي ڪرڻ جي باوجود سائين جي. ايم سيد تي ليڪچر تيار ڪري نہ سگهيو آهيان. ساڳئي ريت شيخ ايياز تي هڪ تاثراتي مضمون "مان ورڻو هان، مان ورڻو هان" لکڻ کان سواءِ، ساڻس ڪو انصاف نہ ڪري سگهيو آهيان. سچ تہ ايياز جو جيترو وسيع مطالعو آهي، اُن تي لکڻ لاءِ بہ اوتري مطالعي، نہ تہ بہ ڪافي وسيع مطالعي جي ضرورت آهي. ايياز نہ رڳو مغربي ادب ۽ فلسفي تي دسترس رکندو هو، پر هن مشرقي ادب، فڪر، فلسفي ۽ متالاجيءَ (Mythology) جو جيڏو گهرو ۽ پرپور مطالعو ڪيو، سنڌ ۾ شايد ئي ڪنهن ايڏو مطالعو ڪيو هجي. هو جڏهن ڳالهائيندو هو تہ محسوس ٿيندو هو تہ علم جو سمنڊ پيو ڳالهائي. اهڙيءَ طرح جڏهن لکندو هو تہ مشرق ۽ مغرب جي علم، ادب، فلسفي ۽ فڪر جي مهاساگرن مان ٽهيون هٿي، اهي سگهاريون تخليقون سرجيندو هو، جن کي پڙهڻ، پُرجهڻ ۽ پروڙڻ سپ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. هو سنڌ جي اعليٰ ترين شعور جو نمائندو ۽ فڪري بلندين جو همالیہ هو. پويين ڏينهن ۾ تہ هُن ورهين جي مطالعي جي روشنيءَ ۾ جنهن رفتار سان ڪتاب لکڻ شروع ڪيا هئا، تہ اها حقيقت آهي تہ اسان پڙهندڙ ايياز جي لکڻ جي اُن رفتار سان پُڄي نہ سگهندا هئاسون. ايڏو گهڻو، ايڏو گهرو ۽ ايڏو فڪري طرح اعليٰ ادب سنڌ ۾ ٻئي ڪنهن اديب نہ سرجيو آهي!

اي سنڌ جا مهان شاعر! اي فڪر سنڌ جا مهاساگر! تنهنجو مون تي قرض آهي، ۽ اِهو قرض لاهڻ منهنجو فرض آهي. اي عظيم ڏاتيار! دُعا ڪر تہ تُنهنجو اهو قرض لاهي پنهنجو فرض پورو ڪريان!

آءُ ايياز جي شاعريءَ کان نہ رڳو متاثر آهيان، پر منهنجي سڄي شاعري، ايياز جي اولڙي ۽ تاڄي پيٽي (Diction) کان ٻاهر نڪري نہ سگهي آهي. آءُ اعتراف ٿو ڪريان ۽ منهنجي دعويٰ آهي تہ سموري جديد سنڌي شاعريءَ تي ايياز جي ڇاپ موجود آهي. هن دور ۾ سنڌ تمام وڏا شاعر پيدا ڪيا آهن، جن جو ڏکشن ۽ لهجو، ايياز کان مختلف ۽ ڌار هوندي بہ اُنهن ڪنهن نہ ڪنهن روپ يا صورت ۾ ايياز جو اثر قبول ڪيو آهي. هري دلگير ۽ نارائن شيام کان وٺي تنوير عباسيءَ ۽ استاد بخاريءَ تائين هر وڏي شاعر اهڙو اعتراف ڪيو آهي. اها ڳالهہ سنڌ جي نہ رڳو اُنهن بلند مرتبت شاعرن جي وڏائيءَ جو دليل آهي، پر گڏوگڏ ايياز جي عظمت ۽ مجتا جو بہ وڏو اُهجاڻ آهي.

هرجينيس (Genious) پنهنجي دور جي متنازعہ (Controvercial) شخصيت هوندو آهي. سائين جي. ايم. سيد ۽ شيخ ايازَ، هن صديءَ جا بہ اهڙا جينيس هئا، جيڪي مخالفن توڙي پنهنجن جي وارَ ۽ تنقيدن جو شڪار ٿيندا رهيا ۽ حياتيءَ توڙي مماتيءَ ۾ سندن خلاف "خنجر خنجر ڪيئي هٿ" اُپا ٿيندا رهيا.

جڏهن شيخ ايازَ، سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائس چانسيلر هو، تہ هڪ پنجابي فوجي، بوستان علي، سائين جي. ايم. سيد تي سن ۾ خنجر سان حملي آور ٿيو هو. هو سنڌ يونيورسٽي جامشوري ۾ شيخ ايازَ کي بہ مارڻ ويو هو، پر اُتي پهريدار ۽ گارڊ موجود ڏسي، انهن کان ڊڄي هُو سن هليو آيو، جتي سائين جي. ايم. سيد گهرَ ۾ نظربند هو. سائين روزانو گهر جي دروازي واري اوطاق تي ڪجهہ ڪلاڪ گُوناڻ ۽ مهمانن سان اچي ويهندو هو، ۽ پرسان دروازي لڳ سرڪاري پهريدارَ هر وقت موجود هئا. اُن ڏينهن سرڪاري پهريدارن کي ننڊ ۾ ۽ سائين جي. ايم. سيد کي اوطاق ۾ اڪيلو آرامي ڏسي، سپاهين جي رائيفل ڪٽي، بوستان علي، سيد تي حملي آور ٿيو، پر حملي جو ست ساري نہ سگهيو. بعد ۾ صبح جو جڏهن سيد اوطاق جي ورانڊي ۾ ڪُرسي وڇي، تڙڪو وٺي رهيو هو تہ بوستان، سيد تي خنجر سان حملي آور ٿيو، پر ڪارڪنن کيس پڪڙي ورتو. هن مار موچڙي تي ٻڌايو تہ "پشاور جي جامع مسجد ۾ هڪ ملان واعظ ڪندي چيو تہ، 'جي. ايم. سيد ۽ شيخ ايازَ، پاڪستان جا غدار ۽ اسلام جا دشمن آهن، جيڪو سنڌ ۾ وڃي کين ماري ايندو، اُهو جنت ۾ ويندو، اُن ڪري آءٌ پنهنجي کي مارڻ جو پهہ ڪري سنڌ ۾ آيس. ايازَ تي جامشوري ۾ حملي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيس، پر سيد سولو هو. هُو اڪيلو اوطاق ۾ ستو پيو هو. سرڪاري پهريدارن جي رائيفل ڪٽي مٿس وار ڪرڻ ويس تہ مون کي هڪ بدران چار جي. ايم. سيد نظر آيا ۽ اها ماجرا ڏسي دنگ رهجي ويس. سڄي رات انسنا ناهيندو رهيس ۽ صبح جو جڏهن جي. ايم. سيد تڙڪي تي اُس وٽ ويٺو تہ کيس زورن ڏيڻ جي بهاني، سندس پيرن کي ڇُهي، پڪ ڪري، مٿس حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم."

ياد رهي تہ بوستان علي، جي ڪيسي مان نڪتل ڪارڊ مان معلوم ٿيو تہ هو فوج ۾ نہ رڳو لانس نائڪ هو، پر حملي واري ڏينهن بہ آن ڊيوٽي هو. هن جي پينٽ جي ڪُجهي کيسي مان هڪ خط بہ نڪتو، جيڪو هُو سن ۾ پوسٽ آفيس ڳولي نہ سگهڻ ڪري، رات جو پوسٽ نہ ڪري سگهيو هو. اُن خط ۾ لکيل هو تہ "اسلام جي هڪڙي دشمن کي مارڻ ۾ صبح تائين ڪامياب ٿي ويندس ۽ ٻئي دشمن (شيخ ايازَ) کي مارڻ لاءِ ٻيهر جامشوري ويندس. پر جيڪڏهن اِن جهاد جي راهہ ۾ مارجي وڃان تہ رکيل انعام وٺي منهنجي اولاد ۽ پوئرن کي پهچايو وڃي."

اسان شاهد آهيون تہ سائين جي. ايم. سيد، اُن ذاتي دشمن کي معاف ڪري ڇڏيو هو، ۽ ايازَ پڻ پنهنجي ذاتي مخالفن کي "وڇون" سمجهي، وساري ڇڏيندو هو.

اڄڪلهہ ايازَ جي ذات ۽ ڏات تي دانشوري مجائڻ جي خيال کان اوائي توائي ۽ اجائي تنقيد ٿي رهي آهي، ۽ اُن جي اڳين ۽ پوين تخليقن ۾ فڪري تضاد ڄاڻائي، هڪڙو "ايازَ فاني" ۽ هڪڙو "ايازَ دائمي" جون دعوائون ڪيون وڃن ٿيون ۽ هن قسم جون فتوائون پڌريون ٿي رهيون آهن:

- "شرافت جي ڪالهہ اها آهي تہ اسان شيخ ايازَ جي آخري دور واري شاعريءَ جي باب کي بند ڪري ڇڏيون. ايازَ جي پوئين شاعريءَ ۾ ڪو فڪر ڪونهي، ڪو خيال ڪونهي ۽ هن جي شاعريءَ رڳو شاعري براءِ شاعري آهي."
- "ايازَ کان ساهيوال جيل مان نڪرڻ کان پوءِ نہ رڳو ذات پر سولي سنڌي بہ وسري ويئي..... ايازَ کان اصلي شاعري وسري ويئي، ۽ رڳو وڃي گهاڙيٽن جو فن رهيو.... پوئين دؤر وارو ايازَ ماڻهن کان وسري ويندو."

پهرين ڪالهہ تہ ايازَ تي لکڻ ۽ مٿس تنقيد ڪرڻ کي آءٌ نہ ڏوهہ سمجهان ٿو ۽ نہ ايازَ کي "پير ۽ مرشد" واري درجي ڏيڻ جو قائل آهيان. ايازَ ۽ سندس فن توڙي فڪر تي تنقيد ڪري سگهجي ٿي، پر ايازَ تي تنقيد ڪرڻ لاءِ آءٌ بدر

ابڙي جي اِن راءِ سان سهمت آهيان تہ "اهو حق صرف اُنهن کي حاصل هئڻ گهرجي، جيڪي اياز کان وڏو، نہ تہ بہ سندس جيترو قد ضرور رکندا هجن"- ۽ اُن قد جو ڪاٿو عُمر ۽ لفاظيءَ بدران وسيع مطالعي، اياز جي سمورن ڪتابن جي اڀياس ۽ سندس ذهني لاڙن جي مجموعي تجزيي سان مشروط هجي. جنهن شخص مشرق ۽ مغرب جي ادب جو وسيع مطالعو نہ ڪيو آهي، جنهن مغربي ۽ مشرقي فلسفي جي مختلف ڌارائن جو اڀياس نہ ڪيو آهي؛ جنهن تصوف، ويدانت، مختلف مذهبن، ويدن، اُپنشدن، مغربي ۽ مشرقي ڪلاسيڪي ۽ اساسي شاعريءَ جو گهڻ رُخو تنقيدي مطالعو نہ ڪيو آهي؛ ۽ اُن مطالعي جي روشنيءَ ۾ "فڪرِ سنڌ" کي نہ سمجهيو آهي. اُهو اياز تي لکي ۽ تنقيد نٿو ڪري سگهي. جيڪو ماڻهو تضادن جي سائنس نٿو ڄاڻي، اُن کي اياز جي هڪ ٻن اخباري ايڊيٽوريلن، هڪ ٻن نثري ٽڪرن يا نثري نظمن جي مٿاڇري ۽ اُتاڇري مطالعي جي بنياد تي مٿس تنقيد ڪرڻ جو حق ئي نٿو پُڄي. اياز ١٩٦٤ع ۾ لکيو هو:

"تون چوين ٿو تہ
مُنهنجي فڪر ۾ تضاد آهي،
۽ مان چوان ٿو تہ
فڪر ۾ تضاد جي عدم موجودگي
خُود فريبيءَ ۽ بددياننيءَ جي نشاني آهي."
("اڪ جون ڦلڙيون، ڀيڄ ڀني" - ص ٦٩)

مون کي جامي چانڊيي جي اِن راءِ سان ڪو اختلاف ڪونهي تہ "اُبهرائيءَ وچان اياز جي سمورن نقادن کي هڪ قطار ۾ بيهارڻ ڪنهن بہ طور جائز نہ آهي. هر وڏي ماڻهوءَ جيان اياز بہ پنهنجي دور ۾ متنازع رهيو." آءٌ جاميءَ جي اِن خيال سان بہ اتفاق ڪريان ٿو تہ "هڪڙا جهالت وچان اياز تي جُلهون ڪندا هئا، ٻين کي هن سان ذاتي حسد ۽ بدنيتيءَ تحت بغض رهندو هو، ۽ ٽين اعليٰ ادبي ۽ فڪري شعور تحت هن سان اختلاف رکيو. اُنهن سڀني کي هڪ صف ۾ ڪيئن ٿو بيهاري سگهجي." (شيخ اياز: مرتب جامي چانڊيو، مهاڳ)

ڏسڻو اهو آهي تہ اياز تي زندگيءَ ۾ ۽ مرڻ کان پوءِ ڪهڙي ڪهڙي قسم جي تنقيد ۽ ڪهڙي ڪهڙي رخ ۾ ٿي آهي.

اياز تي اياز جي دوستن ۽ محسنن سڀ کان وڌيڪ تنقيد اُن وقت ڪئي هئي، جڏهن ذوالفقار علي ڀُٽي، اياز کي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بنايو هو. ڀُٽي هڪ تير سان ٻہ شڪار ڪرڻ ٿي چاهيا. هڪ اياز کي قومي تحريڪ کان ڇني، هن جي آزاد حيثيت ختم ڪري، کيس فقط سنڌ يونيورسٽيءَ تائين محدود ڪرڻ ٿي چاهيو، ۽ ٻيو شيخ اياز جي هماليہ وانگر بلند شخصيت کي ڀورا ڀورا ڪرڻ ٿي گهريو. جيڪا شخصيت "سنڌ جي سائين" جي. ايم. سيد کان پوءِ "سنڌ جو آواز" بنجي، سڄيءَ سنڌ ۾ مڃتا ماڻي چُڪي هئي. اياز کي جي. ايم. سيد، محمدابراهيم جويي، غلام رباني آگري ۽ سوڀي گيانچنداڻيءَ روڪيو هو تہ هُو وائيس چانسلر نہ ٿئي، پر ڀُٽي جهڙي ذهين سياستدان، اياز کي پنهنجي ڳالهين جي دام ۾ ڦاسائي ورتو.

ڪي چون ٿا تہ اياز ذهن ۾ هڪڙو خواب سجائي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ آيو تہ هُو ٽئگور وانگر سنڌ يونيورسٽيءَ کي شانتينڪيتن بنائيندو. ڪي چون ٿا تہ اياز اهو عهدو "طلب جي تنوار" يا "ماڻڪ مُٺ ۾" حاصل ڪرڻ لاءِ ورتو هو، پر حقيقت ۾ ائين نہ آهي.

اياز وڪالت ۾ وائيس چانسلريءَ کان وڌيڪ ڪمائيندو هو. پر اياز کي سمجهڻ کپندو هو، تہ سنڌ يونيورسٽي شانتينڪيتن نہ هئي ۽ نہ پاڻ ٽئگور هو. شانتينڪيتن، ڪنهن چانسلر يا يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن جي محتاج نہ

هئي، جڏهن ته ايار، هڪ پابند يونيورسٽيءَ جو سرڪاري ملازم بنجي آيو هو، جتي جي هڪ به اُستاد ۾ اها لياقت نه هئي، جو سوڀي گيانچنداڻيءَ جهڙي ڪنهن شاگرد جي ڪتابن ۾ دلچسپي ڏسي، اُن کي "موهن جي دڙي جوماڻهو" (Man from Mohen-jo-Daro) سڏي ۽ ڪيس ٽنگور کان لائبريريءَ ۾ ڪتابن پڙهڻ جي اجازت ونئي ڏئي. اُن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جا ڪي جڳادري اُستادَ، ڪرمل، ڏوهاري ۽ داداگير شاگردن کي "سُريتن" وانگر تاتيندا ۽ گهرن ۾ رهائيندا هئا، ۽ وقت تي وائيس چانسلرن خلاف ميدان ۾ لاهيندا هئا.

آءٌ ان راءِ جو آهيان ته اڄ اُنهن سڀني شاگردن کي، جيڪي ايار جي وائيس چانسلريءَ واري دور ۾ رسٽيڪيٽ ٿيا هئا، ان ڳالهه جو اعتراف ڪرڻ گهرجي، ته هو ڪنڊن اُستادن ۽ عملدارن جي هٿ ۾ راندیڪو بنجي ڪيڏيا، ۽ اُنهن استادن ۽ عملدارن کي به (جيڪي زنده آهن) اعتراف ڪرڻ گهرجي ته سرڪاري شطرنج تي ڪيئن مُهرا بڻجي، ايار جي خلاف هنن سازش ڪئي ۽ ان جي ڪردار کي داغدار بنائڻ جو ڏوهه ڪيو. اڄ اُنهن رسٽيڪيٽ ٿيل شاگردن مان گهٽائيءَ جو ڪردار تاريخ جي لٽ هيٺان لتاڙجي "ڏپارو" بنجي چڪو آهي ۽ اڄ قومي تحريڪ جي اُجري ڪردارَ، عبدالواحد آريسر کي اهو اعتراف ڪرڻو پيو آهي ته "اها حقيقت پنهنجيءَ جاءِ تي آهي ته سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ انتشار، انارڪزم ۽ ڪرائيم جو زور انهن ئي سالن ۾ وڌيو، جن سالن ۾ ايار جي شاعريءَ کي قومي تحريڪ کان الڳ ڪيو ويو."

ايارُ، پيارَ جي پيڇرن ۽ فطرت جي حسن جو شاعر هو، هُو سياست جي سنگلاخ سرزمين جو مسافر نه هو. هن کي پُٽي جهڙي زيرڪ سياستدان، سياسي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسائي، سندس ذات تي برف جمائي ڇڏي هئي. يونيورسٽيءَ جي پوري دور جي اُن اڪيلائيءَ، ڪرب ۽ پڇتاءَ جو اظهار، سنڌ جي هن منصور شاعر، "لڙيو سچ لکن ۾" ڪيو آهي- ۽ تازو پنهنجي آتم ڪٿا "ڪٿي نه پڇبو ٽڪ مسافر: پاڳي ٽئين" ۾ لکيو اٿس: "جڏهن مان وائيس چانسلر هوس ته مُنهنجو من واريءَ واڱر هو، جو برسات لاءِ سڪندو آهي. مون کي چار ئي سال آسمان ۾ اڇاڻ تي مائل اوچائي نظر آئي هئي، پر شعر جي برسات نه پئي هئي. ڪڏهن ڪڏهن روح ۾ تاڙو تنواريندو هو ۽ مور دانهون ڪندا هئا، پر روح مينهن ڦڙيءَ لاءِ واجهائيندو هو. اهي نوڪريءَ وارا چارئي سال مون لاءِ اڳماڙا سال هئا ۽ اهو محاورو ٿر ۾ ڏڪار لاءِ استعمال ڪندا آهن. مان هونءَ ته ڪڏهن به پڇائيءَ وانگر محسوس نه ڪيو هو ته: "مون کي ڏنءُ ڏئي، ڏولو ڏٽ قراريو!" آخر مينڊرو مومل کان سواءِ ڇا آهي؟ ڇا شاعر ذات کي ڇڏي ڇٽي پائي سگهندو آهي؟ پر اهي چار سال مون تي مٽيءَ سٽ ڇانيل رهي. مون پنهنجو ڏاڍو وسُ ڪيو، پر نوڪري منهنجي وس جي ڳالهه نه هئي. وڪالت ۾ ڪيترين به مجبوريون هيون، پر مان آزاد هوس. منهنجو روح آزاد هو، منهنجي شاعري آزاد هئي."

(ص ۱۸- ۱۱۷)

اها حقيقت آهي ته ايار شخصَ، سياسي فيصلن کي سمجهڻ ۽ پرکڻ ۾ ضرور غلطي ڪئي هوندي، پر ايار شاعرَ، ڪڏهن به ماحول سان مصلحت آميزي نه ڪئي آهي، ڇو ته هو ان کي عظيم گناهه سمجهندو هو. اهو نظريو شاهه سچل سامي، جو هو، ۽ ساڳيو نظريو استاد بخاريءَ ۽ ايار جو به هو- هن جي شاعريءَ جو آسڻ اريج ۾ هو:

آسڻ جن اريج، تن جي وهُ جو ورن پيو-!

ان ئي دور ۾ سائين جي. ايم. سيدُ، ايار کان رُٺو ۽ ڪيس ڏوراپا به ڏنائين. پر هن ٻنهي جو هڪٻئي سان پيارُ اهڙو هو، جهڙو ڪانڊيءَ ۽ نهروءَ جو هڪٻئي لاءِ. نهروءَ گانڊيءَ لاءِ چيو هو: "منهنجو پوڙهي سان پيارُ ته ڏاڍو آهي، پر آءٌ ڪيس سمجهي نه سگهيو آهيان." ساڳيءَ طرح ايار ۽ جي. ايم. سيد جي ميارن ۽ ڏوراپن جي متاسٽا، ۽ اُن جي پنهيان لکل بي پناهه پيار ۽ احترام کي اسان جي دور جي "اڄاڻ جاڻن" ۽ "بي سمجهه سمجهن" نه سمجهيو هو:

هي اڇاڻ ڄاڻو، هي بي سمجھ سمجھو،
پريءَ بزم ۾ مون اڪيلو گذاريو!

ان دور جا "اڇاڻ ۽ بي سمجھ شاگرد" جيڪي پاڻ کي "ڄاڻو ۽ سمجھدار" سمجھندا هئا، سي شيخ ايياز جي شديد مخالفت ڪندا هئا، ۽ جي. ايم. سيد وٽ ايياز لاءِ احترام ۽ پيارُ ڏسي، مُنجهي پوندا هئا، ۽ سندس آڏو ايياز جي خلاف سخت زبان استعمال ڪندا هئا ۽ اُن جي وائي "سنڌ ديس جي ڏرتي، توتي پنهنجو سيس نمايان" تي پابندي وجهڻ جو مطالبو ڪندا هئا- پر سيدُ، ايياز کي ياد ڪري، هُن جي بي مُروتيءَ تي اِهو چئي روئي پوندو هو ته:

ڪا مُونهين ۾ وڏ، نا ته سڃڻ سپاجهيندڙ گهٽو!

منهنجي خيال موجب، ايياز تي وائيس چانسلريءَ جي حوالي سان ٿيندڙ تنقيد، سندس "انتظامي صلاحيتن" جي ڄاڻ جي ڪوت تي تنقيد هئي، نه سندس شاعريءَ ۽ فڪر تي تنقيد.

ايياز تي پي وڏي تنقيد جماعت اسلاميءَ ۽ جمعيت الشعرائي لڏي طرفان ٿي، جيڪا تنقيد، صرف ايياز تي نه هئي، پر سموري جديد ادب ۽ سنڌ جي پنج هزار سالہ فڪر ۽ شعور تي تنقيد هئي، جنهن فڪر جو رهبر پٽائي هو ۽ ان وقت، جنهن جا وڏا شارح جي. ايم. سيد، محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ ايياز هئا. سردار علي شاهہ ذاڪر ڪان وٺي ڈاڪٽر ابراهيم خليل ۽ قربان بگٽيءَ تائين، ايياز تي جيڪا به تنقيد ٿي آهي، اُن ۾ الحاد، ڪفر ۽ ملڪ دشمنيءَ جا الزام آهن. ان تنقيد جي جواب ۾ ان وقت ابن حيات پنهور "سنڌي ادب ۽ اسان جا اديب"، مولانا غلام محمد گراميءَ "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات"، قاسم "پٽر" (اصل ۾ مرحوم گراميءَ) "ادب ڪي نام پر" ۽ رسول بخش پليجي "انڌا اونڌا ويچ" ڪتاب جهڙا مقالا ۽ ڪتابچا، مقالا، مهاڳ ۽ مضمون لکي، جديد سنڌ دوست ادب جو بچاءُ ڪيو هو. هن معرڪي ۾ رباني، رشيد پٽي، تنوير عباسي ۽ امداد حسيني هر محاذ تي پيش پيش هئا. پر، سڄي گروهہ جو روح روان ۽ مير ڪاروان محمد ابراهيم جويو هو.

شيخ ايياز تي هڪ تنقيد، هُن جي ذاتي روين ۽ ميل جول جي حوالي سان به ٿيندي رهي آهي. وڪالت جي مصروف پيشي کان پوءِ، سندس شاعراڻي دنيا ۾ جيڪڏهن ڪو دخل انداز ٿيندو هو يا ڪو ساٿس ڪچهري ڪرڻ جو خواهشمند هوندو هو، تہ ايازُ اڪثر حالتن ۾، ميل جول کان لنوائيندو هو. نتيجي طور ايياز کي هڪ "مغرور شخص"، "ڪنڌ ۾ ڪليءَ وارو ماڻهو" ۽ "شاعر وڏو ۽ شخص ننڍو"، جهڙا طعنا ۽ لقب ڏنا ويا. ان قسم جي تنقيد اسان مان اُهي دوست به ڪندا هئا، جيڪي ايياز جي شاعريءَ جا تہ عاشق هئا، پر هُو ايياز مان بذات خود اِها به توقع رکندا هئا تہ هُو ملڻ جلڻ ۾ به سهل ۽ سولو هجي. آغا سليم پنهنجي ڪالم: "ايياز ۽ عظمتن جون اڪيلايون" ۾ ان ڳالهہ جو اعتراف هن ريت ڪيو آهي تہ "اسان هن جي ذاتي زندگيءَ تي اعتراض ڪيا، هن تي ذاتي نڪتہ چيني ڪئي ۽ ادبي تنقيد جي نالي ۾ هن کي لوڏيو، پر ايياز شاعر توڙي ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ اسان کان وڏو هو."

هڪڙي تنقيد، ايياز تي عبدالواحد آريسر به ڪئي هئي، جڏهن ايياز هڪڙي انترويوءَ ۾ چيو هو تہ "وڙهندي مرڻ کا وڏي ڳالهہ ڪانهي. پٽو بيوس هو، بنديوان ۽ بيمار هو. هو ٻن سالن کان وڌيڪ ضياءَ جي آمريت جو مقابلو ڪندو رهيو. ان لاءِ نفرت جو اظهار ڪندو رهيو ۽ آن نہ مجيائين ۽ نيٺ شهيد ٿيو. شاهہ بلاول به اڏ ڪلاڪ گهاٽي ۾ پيڙايو ويو هو. پُٽو ٻن سالن لاءِ وڌيڪ پيچ تاب ۾ رهيو، اضطراب ۾ رهيو. شاهہ عنايت کي گهڙيءَ جوگهڙيءَ ۾ تلوار هينان سر رکي شهيد ڪيو ويو هو، پُٽي وانگر سڄو سال مچيل مهاڻن جو عذاب نہ پوڳيو هئائين."

آريسر، ايياز تي تنقيد ڪندي لکيو هو تہ "ايياز اها ڳالهہ ڪري حقيقت ۾ مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت شهيد جي مقدس رت جي توهين ڪئي آهي.... هتي مسئلو سزا جي "ڪميت" جو نہ پر "ڪيفيت" جو آهي. ڪڏهن ڪڏهن

گھڑيءَ جو عذاب صدين جي عذاب ۽ پيڙا کان ڳورو هوندو آهي، ۽ گھڙيءَ جي عظمت ۽ اهميت جي باري ۾ اياز خود هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: 'مون تي ڪنهن وقت گھڙيءَ کي لاءِ ڪائي ڪيفيت طاري ٿيندي آهي ۽ اُن گھڙيءَ ۾ مون تي پوري ڪائنات لاءِ صدين واري ڪيفيت گذري هوندي.' آءٌ سمجهان ٿو تہ پوري انساني تاريخ ۾ سون هزارن سالن جا عذاب ۽ اذيتون گڏ ڪيون وڃن، تڏهن بہ اُن اڌ ڪلاڪ واري ڪيفيت جو پُڙ ڳرو رهندو" وغيره- آريسرُ، "واويلا وٽڪار" واري اُن تنقيدي مضمون ۾ ڪافي تلخ ٿي ويو هو، ۽ اُها تلخي محسوس ڪندي، ساڳئي مضمون ۾ هن لکيو هو تہ "آءٌ اڄ بہ اياز کي هن دور جو، دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر سمجهان ٿو ۽ سندس خلاف لکڻ مون جھڙي ماڻهوءَ لاءِ ايترو ئي اذيتناڪ آهي، جيترو پنهنجي پيءُ جي ڪنڌ تي چُرو وهائڻ"- ۽ آريسر جي اُن تنقيدي نشتر کي اياز "شبليءِ واري گل" سان پيٽ ڏني هئي، ۽ جڏهن اياز، بمبئيءَ ويو هو تہ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي اکين ۾ لڙڪ آڻي چيو هئائين تہ "آريسر مون تي تنقيد ڪري، مون کي ڏُکويو آهي. هن مون کي شبليءِ وارو گل هنيو آهي، ڪيس ائين نہ ڪر ڪپي ها." پوءِ جڏهن آريسر، هندستان ۾ ڪنهن سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ويو هو تہ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڪيس اياز واري گالھ ٻُڌائي هئي ۽ آريسرُ، موٽندي پهرينءَ فرصت ۾ اياز سان ملڻ ويو هو ۽ اُن ملاقات کي پنهنجي ڪالم "همالیا، آءٌ ۽ وقت جي وڇوٽيءَ" ۾ قلمبند ڪري ڪفارو ادا ڪيو هئائين ۽ لکيو هئائين:

"خبرناهي ڪيتري وقت کان پوءِ آءٌ وقت جي ڏوڙ ۾ لٽجي، ليٽڙجي، ڏکا ۽ ٽاپا کائي، سنڌي شاعريءَ، علم ۽ فڪر جي همالیا شيخ اياز سان ملڻ ويس. وچ واري وقت ۾ اسان ۾ ڪي قدر رنجشون رهيون هيون. هُن پُٽي صاحب لاءِ ڪي ڳالهيون چيون هيون. شاهہ عنايت ۽ مخدوم بلاول جي حوالي سان، منهنجيءَ نظر ۾ اُهي صحيح نہ هيون، اُن ڪري مون هڪ زوردار مضمون اياز جي خلاف لکيو هو. اُن ڪري رنجشون پيدا ٿيون هيون. مضمون لکڻ جي باوجود اياز جي شاعريءَ جي مڃتا ۽ اُن جا اُلا، منهنجيءَ دل ۾ جهڪا نہ ٿيا هئا، جنهن جو اظهار بہ آءٌ وقت بہ وقت ڪندو رهندو هوس. پر پوءِ بہ وڃڻ کان اڳ سوچيم پئي تہ خبر ناهي تہ اياز مون سان ملي يا نہ! خير جڏهن سندس ڪلفتن واري فليٽ جي گھنٽي وڄايم تہ هڪدم سندس نوڪر دروازو کوليو، ۽ نالو پُڇي اندر هليو ويو. وري اُنهيءَ گھڙيءَ اچي واپس چيائين تہ "اچو!" اسان جيئن اندر گھڙياسين تہ اياز نائيٽ ڊريس ۾ بينو هو. آءٌ عادت موجب ڪيس جهُڪي مليس. منهنجو اُهو جهڪڻ شخص اياز لاءِ نہ، پر سندس اُنهيءَ سدابهار ۽ لازوال ذات لاءِ هو، جنهن ذات ساريءِ سنڌڙيءَ کي ڪُهنبو بنايو هو؛ جيڪا هاڻي پڙهيل ماڻهن کان ٿيندي، الهڏني خاصخيليءِ ۽ اسلم تنئي جي سُريلن آوازن جي لَهرُن ذريعي ڏنار پنهوار کي پنهنجي پاڪرن ۾ وٺي رهي آهي- ۽ مون کي يقين آهي تہ اُهو وقت اچي ويو آهي، جو ساري سنڌ نہ رڳو اياز جي چيرن جي چم چم تي رقص ڪندي، پر اُن جي روشنيءَ جي گھيري ۾ وکوڙجي ويندي."

ان ئي ڪالم ۾ آريسر، "واويلا وٽڪار" جي حوالي سان اياز سان ٿيل گفتگوءَ جو ذڪر هن ريت ڪيو هو:

"گفتگو هلندي مون واري مضمون جو ذڪر آيو. اُن تي اياز چيو تہ 'منهنجو مقصد اهو نہ هو، جيڪو تو سمجهيو هو. منهنجو مقصد هو مدافعت وارو وقت ۽ موت - شاهہ شهيد ۽ مخدوم بلاول حياتيءَ ۾ پُٽي کان عظيم تر هنا، اُتان ڪهڙي بہ قسم جي موت کي مُرڪندي قبول ڪري سگھيا ٿي، پر هن جي نظرن ۾ موت نالي ڪا شيءِ هوندي ئي ناهي. آءٌ بہ اڄ اِن نظريي تي پهتو آهيان. پر پُٽي، جنهن ماحول ۾ جنم ورتو هو، ۽ جنهن طبقي سان هن تعلق رکيو ٿي، اُتي ايڏو مقابلو ڪرڻ ۽ موت قبولڻ وڏي ڳالهہ هئي. بهرحال، مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت کي ايتريقدر قيد ۽ بند ۾ رهڻ جو موقعو ئي نہ مليو، ۽ جيڪڏهن موقعو ملي ها تہ اُهي يقين وڌيڪ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪن ها.' آءٌ اياز جا دليل ٻڌي رهيو هوس ۽ سندس نادان دوستن جا دليل بہ منهنجي ذهن ۾ هئا، جن نہ اياز

جي مفهوم کي سمجهيو هو، ۽ نه ئي منهنجي ڳالهه پروڙي هئي."

جامي چانديي، جڏهن ايياز جي چاليهي جي موقعي تي، ايياز بابت تنقيدي مضمون ترتيب ڏيئي، ڪتابي صورت ۾ ڇپايا تہ هن ديانت جو مظاهرو نہ ڪندي، آريسر جو اُهو مضمون (جيڪو هن کي مون اُن ڪتاب جي ابتدائي ترتيب وقت مُهيا ڪيو هو) تہ ڪتاب ۾ شامل نہ ڪيو، پر "واويلا وٽڪار" ۽ اُن جي جواب ۾ اعجاز منگيءَ ۽ رسول بخش پليجي جا مضمون شامل ڪري ڇڏيا- ۽ مقدمي ۾ "جماعت اسلاميءَ ۽ قومپرستن" کي هڪ قطار ۾ بيهاري، "پليجي سان پنهنجائپ" جو مظاهرو ڪيو آهي. جيڪڏهن جامي هن ڪتاب ۾ قربان بگٽيءَ جو تنقيدي مضمون شامل ڪري سگهيو پئي ۽ پليجي جو پورو ڪتاب "اندا اونڌا ويچ" ۽ آريسر جي مضمون جي جواب ۾ لکيل پليجي جو تنقيدي مضمون ڪتاب ۾ ڏئي سگهيو پئي تہ آريسر جو چئن صفحن وارو ڪالم "همالیا، آءٌ ۽ وقت جي وچوٽي" بہ شامل ڪري سگهيو پئي. اُن سان نہ ڪتاب جي صفحن ۾ ڪو وڏو اضافو ٿئي ها ۽ نہ سنڌيڪا جو پبلشر نور احمد ميمن کو اعتراض ڪري ها.

اسان کي تنقيد ۽ ترتيب وقت هميشہ انصاف ۽ اصولي قدرن کان ڪم ونڊ گهرجي. آريسر جي پڇتاءَ ۽ جوابي ڪالم کان پوءِ خود ايياز پنهنجي ڪتاب "ڪتين ڪر موڙيا جڏهن" پاڳي پهرئين ۾ پن هنڌن تي آريسر جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

- "آريسر بہ اچڻ وارو آهي، جنهن مون کي شبليءَ وانگر گل هٽي پڇتايو آهي." (ص ۵۱)
- "آريسر، جنهن ڪنهن غلط فهميءَ سبب مون سان ڪجهہ تلخ ڪلامي ڪئي هئي، پر منهنجيءَ نظر ۾ هُو هڪ سمجهدار محب وطن آهي." (ص ۵۴)

ايياز جي مقابلي ۾ "قومپرستن" ۽ "آريسر" لاءِ جاميءَ جو رايو ۽ رويو بہ توجهہ طلب آهي:

"باغي ايياز جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿيو تہ "قومپرستاري" مٿس ڪاوڙجي پيئي ۽ هو سندس عتاب جو شڪار ٿيو....جيتوٽيڪ عبدالواحد آريسر جو هن ڪتاب ۾ شامل مضمون واويلا وٽڪار گهٽو گهٽو پوءِ لکيو ويو ۽ اُن جو بظاهر سبب بہ ٻيو هو، پر اُها تنقيد دراصل سنڌيءَ جي "قومپرستارن" جِي ايياز جي مٿان اُن پرائيءَ ڪاوڙ جو تسلسل هئي."

جاميءَ، "قومپرستيءَ" کي "قومپرستاري" ۽ "قومپرستن" کي "قومپرستارن" سڏي، جنهن انتهائي بُڇان جو اظهار ڪيو آهي، اُهو منهنجيءَ نظر ۾ دانشورانہ انداز جي بلڪل اُبتڙ آهي، بلڪ ڪنهن "قائد" جي "فنوائن"کان پوءِ پيدا ٿيل "تنقيدي فضا" کي مانيءَ ڪرڻ ۽ اُن جي رخ کي تبديل ڪرڻ جي خوبصورت "ادبياٽي ڪوشش" آهي.

ايياز تي تنقيد جو هڪ رخ اُهو بہ آهي، جيڪو ايياز جي زندگيءَ جي پوين ڏينهن ۾ سندس همعصر،گهٽ پڙهئي ۽ لفظن جي حرمت جي تقدس جو پڙهو ڏينڊڙ ڏاهي طرفان ٿيندو آيو آهي:

- "ايياز کي سولیءَ سنڌيءَ جو اکر بہ لکڻ نٿو اچي."
- "ايياز کي جيل مان نکرڻ کان پوءِ نہ رڳو ذات، پر سولي سنڌي بہ وسري ويئي آهي."
- "ايياز کان اصلي شاعري وسري ويئي، وٽس رڳو وڃي گهاڙيٽن جو فن رهيو آهي."
- "شرافت جي ڳالهہ تہ اِها آهي تہ اسان شيخ ايياز جي آخري دور واري شاعريءَ جي باب کي بند ڪري ڇڏيون."
- "ايياز جي پوئين شاعريءَ ۾ ڪو فڪر ڪونهي، ڪو خيال ڪونهي، هن جي شاعري براءِ شاعري آهي."

آءٌ سمجهان ٿو تہ اِهي رايا، انتها پسنديءَ تي ٻڌل ۽ ايياز جي فن ۽ فڪر جي اُتاچري مطالعي جي بنياد تي قائم ڪيا ويا آهن. ڪي ماڻهو اذيت پسند، ساڙيلا ۽ پاڻ تي تنقيد نہ سهندڙ ٿيندا آهن. اُهي ٻين جي اهانت ڪندي ۽ اُنهن

تي تنقيد جا بيجا تير اُڇلائيندي خوش ٿيندا آهن، پر سندن سوچ ۽ طريقہ عمل تي ڪو راءِ زني ڪندو آهي تہ بِرُ ٿي ويندا آهن ۽ فتوائن جا دفتر کولي ويهندا آهن.

اياز هن دور جي سنڌي ٻولي تخليق ڪئي آهي. اُن لاءِ اهو چوڻ تہ کيس سولي سنڌيءَ جو اکر بہ لکڻ نٿو اچي، انتهائي زيادتي آهي. اياز جي شاعريءَ جي ٻولي ڀٽائيءَ جي وحدت الوجود جي ٻولي آهي ۽ اُن جي حسناڪيءَ سان جديد دور جو ڪو ورلي شاعر برميچي سگهي ٿو. نارائڻ شيام، نياز همايونيءَ، تنوير عباسيءَ ۽ اُستاد بخاريءَ ۽ هن دور جي ٻين وڏن شاعرن وٽ بہ سنڌي ٻولي پنهنجي پوري جوڀن ۽ حُسن سان موجود آهي، پر اياز جي ٻوليءَ جو حُسن پنهنجو آهي، جنهن کان انڪار، ڏينهن جي روشنيءَ کان انڪار جي برابر آهي.

اياز لاءِ اهو چوڻ تہ ساهيوال جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ هن کان نہ رڳو ڏات پر سولي سنڌي بہ وسري ويئي آهي، سڌو سنئون اياز جي فن ۽ فڪر کان انڪار آهي. اياز جيل وڃڻ کان اڳ چند ڪتاب لکيا هئا، جن جي ٻوليءَ ۾ برابر ڀٽائيءَ جي ڪلاسيڪيءَ ٻوليءَ جي ڀيني ڀيني خوشبوءِ موجود هئي، پر جيل کان ٻاهر نڪرڻ کان پوءِ اياز ٥٠ کن ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ وڏو حصو شاعريءَ جو آهي. اياز جهڙي جماليات جي جوڀن سان ڀرپور ٻوليءَ جي هڪ جُملي جهڙو فقرو خود اسان جو فاضل نقاد بہ لکي نہ سگهيو آهي، جنهن جي ٻوليءَ ۾ چُهنڊڙيون ۽ چڪ وڌيڪ آهن. جڏهن تہ اياز جي ٻولي، انساني امنگن ۽ احساسن جي ٻولي آهي، جنهن ۾ مرڪون بہ آهن تہ ٽهڪ بہ آهن، ڳوڙها بہ آهن تہ پيار ڀريا ڀاڪر بہ آهن، ڌرتيءَ سان پيار جي خوشبوءِ بہ آهي تہ شهيدن جي مقدس رت جي سڳنڌ بہ آهي، انسانيت سان اُنس بہ آهي تہ انياءَ سان اٽڪاءَ ۽ احتجاج جو آواز بہ آهي. اياز جي شاعريءَ جي ٻولي تہ مترنم آهي، پر سندس نثر بہ جمال ابڙي جي ٻوليءَ وانگر رقص ڪندو نظر اچي ٿو. سندس ٻولي ڪٿي اهڙي سولي آهي، جهڙي ننڍڙي ٻار جي مُرڪ، تہ ڪٿي اهڙي خوبصورت آهي، جهڙو سنڌي تصوف جو تصور!

اياز جي پوئين شاعريءَ تي اهو الزام تہ وٽس رڳو وڃي گهاڙيٽن جو فن رهيو آهي، ڪو وزن ڪونہ ٿو رکي، ڇو تہ جن بہ اياز جي اوائلي شعري مجموعن جو مطالعو ڪيو آهي، تن کي اها ڄاڻ آهي تہ اياز جي پهرين شعري مجموعن ۾ گهاڙيٽن جي نواڻ ۽ هيئت جا تجربا وڌ ۾ وڌ موجود آهن، جڏهن تہ پوئين دور ۾ اياز، گهاڙيٽن کي ٽوڙيو ۽ ڇندَ ۽ عروض جي وزنن کي آڱرين جي چوٽين تي نچايو ۽ رُڪنن کي پنهنجيءَ مرضيءَ سان وڌايو گهٽايو ۽ بدلايو آهي.

- "اياز پوئين دور ۾ رڳو شاعري براءِ شاعري ڪئي آهي، جنهن ۾ ڪو فڪر ۽ خيال ڪونهي، اُن ڪري اياز جي پوئين شاعريءَ جي باب کي بند ڪرڻ گهرجي" - هيءَ راءِ بہ اياز جي پوئين شاعريءَ جي مطالعي کان سواءِ سطحي قسم جي هڪ اُتاڇري تنقيد آهي. اياز شاعريءَ ۾آرٽ جو قائل رهيو آهي، ڇو تہ جنهن شاعريءَ ۾ آرٽ نہ آهي، اُها ڊکاڻڪيءَ ۽ سگهڙ پٽي تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ لفظي تجنيس ۽ جڙاءُ تہ هوندو آهي، پر اُن ۾ آرٽ ۽ فڪر نہ هوندو آهي. اياز جي ڪجهہ نثري ٽڪرن ۽ خيالن کي ڇڏي، سندس پوئين پوري شاعريءَ جو گهرو مطالعو ڪبو تہ اُن ۾ اياز جي سڄيءَ زندگيءَ جي رياض، مشاهدي، مطالعي ۽ نتيجن جو نچوڙ نظر ايندو. اياز جي اصل صورت، سندس سمورن رُخن سميت سندس پوئينءَ شاعريءَ ۾ موجود آهي. سندس سموري فڪري ارتقا ۽ تضادَ، سندس پوئين شاعريءَ ۾ موجود آهن.

اسان جي ڪن نقادن جي اها راءِ آهي تہ اياز ابتدا ۾ ترقي پسند هو، ون يونٽ واري دور ۾قومپرست هو ۽ هاڻي صوفي آهي- ائين اياز کي خانن ۾ ورهائڻ ۽ ترقي پسنديءَ، قومپرستيءَ ۽ تصوف کي هڪ ٻئي جي تضاد ۾ آڻڻ، اياز سان سخت ناانصافي ٿيندي. اياز جي شاعريءَ ۽ شخصيت ۾ سنڌ جو خاص فڪري ورثو، حب الوطنيءَ جو تاريخي شعور، مشرق جو قديم ديومالائي تصور، سنڌ، هند، ايران ۽ مغرب جي تصوف جون سرمستيون ۽ سرمدي

نغما، جديد سياسي ۽ سماجي شعور ۽ نظرين جو آهنگ ملي هڪ اهڙي گلدستي جي صورت اختيار ڪري ويو آهي، جنهن کي ڏار ڏار دورن ۽ خانن ۾ ورهائي نٿو سگهجي. مونس اياز جا خيال اڌارا وٺي، اُن ۾ معمولي ترميم ڪرڻ سان "ايار" جي جيڪا صورت بيهي ٿي، سا هن ريت آهي:

"ايار سچ جو پارکو، سچو پچو ديش پڳت، اڏو گابرو سامي وادي، وجودي ۽ وحدت الوجودي ۽ اُنهن کان مٿانهون موهن جي دڙي جو ماڻهو ۽ سنڌ جو سچو عاشق هو. ايار باغي، انقلابي ۽ صوفي هو ۽ اول آخر هڪ سنڌي هو. سندس ڪلام ۽ فڪر کي ملائي ڏسجي تہ تضادن جي اڪائي تي مشتمل هڪ جدلياتي اڪائي ملندي ۽ هڪ "خيالِ ڪُل" ٺهندو، سچل وارو "جوئي آهيان، سوئي آهيان" ملندو، جيڪو لطيف سائينءَ جي ڪراڙ ڍنڍ کي ارپيل پراسرار ۽ باغيائي ڪلام جي صورت ۾ ڪپ تي تري آيو آهي."

ايار، آغا سليم جي لفظن ۾ هن دور جو "وڏي ۾ وڏو ادبي معجزو" هو ۽ سندس شاعري، محمد ابراهيم جويي جي لفظن ۾ "هن دور جو وڏي ۾ وڏو ڪرشمو" هئي، جنهن جو ادراڪ، ايار کي پنهنجيءَ پوئين دور واريءَ شاعريءَ مرڻي چڪو هو. جڏهن چيو هئائين تہ: "منهنجو هر نظم چاهِ نخشب آهي، جنهن مان روز چند اُپري رهيو آهي. منهنجي شاعريءَ کان وڏي ڪرامت ڪهڙي ڏسڻ ٿو چاهين؟" (سر لوهيڙا ڳيٺا- ص ٢٦٦)

ايار پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ماضيءَ، حال ۽ مستقبل جو آئينہ دار ۽ ترجمان ٿي اُپريو آهي. اسان جا هڪڙا دوست هڪ طرف ايار کي فڪري مونجهارن جو شڪار سڏين ٿا، تہ ڪڏهن اِن راءِ جو اظهار ڪن ٿا تہ مٿس وقت جو حاوي فڪر چانيل رهيو تہ ڪڏهن سنڌي سماج جي نسبت سان ايار کي هن دور جو ترجمان نہ پر مستقبل جي سنڌ جو ترجمان سڏي، ابهام جو اظهار ڪن ٿا، سي منهنجيءَ نظر ۾ پاڻ فڪري مونجهارن جو شڪار آهن ۽ نہ رڳو فڪري مونجهارن جو شڪار آهن، پر راءِ جي اختلافن جي وڏي ڪنڊائين جهنگ ۾ قاتل آهن. کين سماج، سنڌ، سائنس ۽ سچ جو ايترو گهرو ۽ وسيع مطالعو ۽ ادراڪ نہ آهي. ايار، اسان کي نہ رڳو دنيا جي فڪري رنگارنگيءَ کان متعارف ڪرايو آهي، پر هن شاهہ، سچل ۽ ساميءَ سان گڏ اسان کي ايڪويهين صدي ۾ ڏني آهي. ايارُ، شاهہ لطيف نہ هو، پر شاهہ لطيف وانگر پنهنجي دور جو آئينہ دار ۽ ترجمان شاعر هو: جنهن جو اظهار ايار خود پنهنجن لفظن ۾ هن ريت ڪيو آهي: "آءٌ پٽائي نہ آهيان. هن جي پنهنجي ڳالهہ آهي، منهنجي پنهنجي ڳالهہ آهي. هن جي شاعري پنهنجي دور جي آئينہ دار هئي ۽ منهنجي پنهنجي دور جي آهي. منهنجي پنهنجي دور سان وابستگي آهي ۽ پنهنجي دور جا اثرات مون تي آهن."

ايار پنهنجو نقاد پاڻ هو. هن پوئين دور ۾ سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ دنيا جي ڪميونسٽ حڪمرانن ۽ سندن پولٽ بيورو جي ڊڪٽيٽرشپ تي جارحائي تنقيد ڪئي، ۽ پرولتاري ڊڪٽيٽرشپ جي نالي ۾ انساني آزاديءَ ۽ عوامي راءِ تي لڪل راتاهن تي چوهہ چنديا تہ ڪابي ڏر جي بنياد پرستن چيو تہ ايار پنهنجي موقف، اصولن ۽ ماضيءَ جي نقطہ نظر تان هٽي ويو آهي، پر ائين نہ آهي. ايارَ جڏهن سرمائيداري فڪر ۽ نظام جي مخالفت ڪئي هئي تہ هن جي آڏو انساني فڪر جي آزادي ۽ عوامي راءِ جي تقدس اوليت رکي ٿي: ۽ پوئين دور ۾ پرولتاري ڊڪٽيٽرشپ جي نالي ۾ پولٽ بيورو جي ڊڪٽيٽرشپ تي سخت تنقيد ڪئي تہ ہ سندس آڏو انساني فڪر ۽ عوامي راءِ جي آزاديءَ جي اهميت کي اوليت هئي. البت سندس سوشلسٽ فڪر ڏانهن انتهاپسندانہ رويي جو محمد ابراهيم جويي کان وٺي رسول بخش پليجي تائين ۽ عبدالواحد آريسر کان وٺي جامي چانديي ۽ مون تائين سڀني رد ڪنو آهي ۽ اهڙي رد يا تنقيد جو اسان کي حق ہ آهي: پر ان تنقيد يا راءِ جي اختلاف جي آڙ ۾ اسان ايار جي فن ۽ فڪر کان ئي انڪار ڪري، سندس شخصيت ۽ شاعريءَ کان مُنڪر ٿي چئون تہ سندس پوئين شاعريءَ جو باب ئي بند ٿين ڳمرجي، چو تہ هُن عين اسان

جي سوچ سان مطابقت رکندڙ ڳالهيون نہ ڪيون آهن، تہ اها اياز سان زيادتي ٿيندي. اياز سڄي زندگي ڪنهن جي بہ تقليد نہ ڪئي ۽ حقيقت تہ اها آهي تہ گذريل صديء ۾ سنڌي شاعريء ۾ تقليد ۽ تتبع جي ڪري جيڪو جمود ۽ جيڪا مايار پيدا ٿي هئي، اياز اُن ۾ نواڻ ۽ جدت پيدا ڪئي، جيڪا "نواڻ ۽ جدت" ئي محمد ابراهيم جويي جي لفظن ۾ اياز جي "محبوب صورت" آهي. اياز نہ زندگيءَ ۾ ڪنهن کان ڊڪٽيشن ورتي، نہ مُئي کان پوءِ هن جو فن ۽ فڪر، ڪنهن ترميم ۽ تقطيع جو محتاج آهي. اسان کير ٿيندا آهيون، جن جي آڏو اياز پاڻ کي احتساب لاءِ پيش ڪري! اياز پاڻ کي فقط هڪ ئي شخص آڏو جوابدار سمجهي ٿو . هن چيو آهي: "مان پنهنجي زندگيءَ جو پوتاميل فقط پٽائيءَ کي ڏيڻ چاهيان ٿو، جيئن کازان زاڪس، مصور ايل گريڪو کي ڏيڻ لاءِ تيار هو، جيڪو هن جو پيشرو يوناني آرٽسٽ هو. پٽائي نہ صرف منهنجي ٻُوليءَ جو شاعر آهي، پر هن کان مون کافي ڪجهہ پرايو آهي." اياز تاريخ جو جوابدار شاعر هو ۽ هن تاريخ ساز شاعر سنڌ جي فڪري رهبر پٽائيءَ آڏو پاڻ کي جوابدار سڏيو آهي ۽ هُو اسان جي تاريخ جو تَت آهي:

جڏهن ويندو سانءِ، تڏهن رُنديں رَتُ،
مان جو پورو تت، هن تُنهنجيءَ تاريخ جو!

اياز کي "تُنهنجي"، "منهنجي" يا ڪنهن جي بہ تسليم ڪرڻ يا مڃڻ ڏيڻ جي ضرورت ۽ پرواهہ نہ آهي، ڇو تہ هُو چئي ويو آهي:

تون جو مون کي ڪين مڃيندين،
مون کي ڪا پرواهہ نہ آهي،
آءٌ سپاٽي لاءِ لکان ٿو،
جيڪو نيٺ تہ اڇٽو آهي،
مون تي ميڙو مڇٽو آهي!

اڄ سپائي ڪراڙ ڪنڊيءَ تي ڪنول ۽ موتيا ڪڍندا. اياز جي مرقد تي سپائي ميڙو مڇٽو آهي. سندس سنڌ سان وحدت الوجود جي خوشبوءِ هند، سنڌ بلڪ ساريءَ دنيا ۾ پکڙجي ويندي، رڳو "اورنگزيب" جون ناسون ئي ٻُٽيل رهنديون!

شيخ اياز پنهنجي فڪر ۾ سنڌي قوم، اديب، نوجوان، دانشور، سياسي ۽ سماجي ڪارڪن کان بنهہ نااميد ڪونهي، پر هو اينڊڙ وقت جي تقاضائن کان باخبر آهي ۽ چاهيو اٿائين تہ اسين سڀ پاڻ کي انهن تقاضائن تي پورو لهڻ ۽ ميدان مارڻ جو اهل ثابت ڪيون، ڇو تہ اسان جي قومي بقا ان ۾ ئي مضمر آهي. شايد ان پروسي ۽ ان انديشي کي ملحوظ رکندي پاڻ پنهنجي هڪ شعري مجموعي "اُپر چند پکي پرين" جو انتساب "ايڪويهين صديءَ جي نالي" لکيو اٿس. اڄ شيخ اياز اسان ۾ ناهي رهيو، پر هو پنهنجيءَ قابليت، سچائي، جذبن، لکڻين ۽ فڪر ذريعي اسان وٽ هميشہ موجود رهندو ۽ اسان لاءِ رهبريءَ جو سبب هوندو. - عطاالرحمان ميمڻ

نصير مرزا

"مان جو پورو نَتُ، هِن ننهنجيءَ تاريخ جو"

"منهنجا وار ڏکڻ جي واءُ ۾، گهنڊيون هٽي، اُڏامي رهيا هئا ۽ ورزش سبب منهنجين پنين ۽ ڏورن جون مشڪون ڦنڊي پيون هيون. مون اوچتو محسوس ڪيو ته مون ۾ قديم سنڌ جي ڪنهن دراوڙ جو رت آهي،...۽ منهنجي تخليقات ۾ وري انهيءَ ئي دراوڙ جو روح...!" ("جي ڪاڪ ڪوريا ڪاپڙي" : ص ۱۰)

* * *

هر ڪنهن وڻ جي ٿي وڃي، ڏرتيءَ ۾ ئي جَڙ،
سڀڳيءَ ڏرتيءَ وڙَ، توسان مون سان پٽ ڏٽي!

الوهي آواز، پُرن ٿا مون ۾ ميان،
صدين جا ڪي ساز، چٽڪن پيا چت ۾.

ازل جا آواز، اچن ٿا اڌ رات جو،
وسن ٿا ويساهه لئه، سبوَ روحاني راز،
صديون سُستل ساز، وجن ٿا وجود ۾.

جيئن ڪوبه ذي روح پنهنجي پاڇي کان مُڪت ٿي نٿو سگهي، بنهه ائين، ڪنهن به ڏرتيءَ جي شاعر جي شاعري پنهنجي اصل نسل، ڏاڏن ۽ پنهنجي ڏرتيءَ جي 'ديو مالا' کان الڳ ڪوبه وجود ڪانه ٿي رکي. وڏا شاعر، سچا شاعر، هميشه پوري طاقت ۽ پوري سگهه سان پنهنجي پوري خطي جي تاريخ ۽ تمدن جو تت ٿي، هر نسل جي دل ڏرتيءَ تي تازه دم فصل وانگر، هر زماني ۾ جهومندا نظر ايندا آهن.

اهڙن ئي اتهاسڪ شاعرن مان هڪ اسان جو هيءُ شيخ ايياز به هن ڏرتيءَ جي شاعريءَ جي مالها جو هڪ املهه موتي آهي، جنهن جي شاعريءَ جي تاجي پيتي ۾ هي سڄو ننڍو ڪنڊ ائين پوشيده آهي، جيئن ننڍڙي بج ۾ وڻ جو پورو وشال ڦهلاءُ سمايو پيو هوندو آهي.

سنسڪرت کان پالي ميتالي، مليالم کان مراٹي گجراتي ۽ بنگاليءَ کان هندي سنڌيءَ تائين، رنگارنگ ٻولين ۾ ورهايل هيءَ ڏرتي، جنهن کي تاريخ ڪڏهن 'هند-پاڪ'، 'ڏکڻ ايشيا' ۽ ڪڏهن وري 'ورش انڊوس' ته ڪڏهن 'هندستان' سڏيو- ۽ اسان جي شيخ ايياز وري انهيءَ ئي سموري ڦهلاءُ کي پنهنجي تخليقي پاڪر ۾ پري پنهنجو ورثو ۽ محبت بنائي ڇڏيو.

"مون کي هن ڪنڊ جي ڏرتيءَ ۽ انهيءَ جي ڏک سان بي پناهه محبت آهي. مان جنم جنم پٽڪي وري وري انهيءَ ڏرتيءَ تي موتي ايندس. اها منهنجي ازلي ماءُ آهي."

ماءُ، ڪائنات ۾ سڀ کان اُتم هستي آهي. ان جي مانَ ۽ مريادا ۾ وڏي مهانتا رکي ويئي آهي. سنڌس پيرن هينان جنت جي بشارت ڏنل آهي، پر اسان جي ايياز انهي ماءُ ۽ ڏرتي ماءُ کي تهذيب جي Perspective ۾ آڻي، پنهي

جي اهميت ۾ برابري ڏيکاري آهي:

سروڻ ڪمار وانگر:

پيءُ، تارازيءَ جي هڪ پُڙَ ۾ وجهي،
۽ ماءُ کي ٻئي پڙ ۾ وجهي،
ياترا ڪرائڻ ٿو چاهين.

تارازي اُٿلي پوندي

جي پيءُ سان گڏ، ڌرتيءَ جو پورو گولو
ساڳئي پُڙَ ۾ نه وجهندين!*

اياز صاحب جي رنگارنگ ذات ۽ سندس شاعريءَ جي دلچسپ دورن جو مشاهدو ڪندي مثال طور عرض ڪريان ته مهاپارت ۾ ڪنهن 'راجا باسڪ' جي جهرمر محل جو ذڪر آهي. محل ۾ راج ڪندي هيڻ پاتال ۾ راجا ڪنهن هڪ هنڌ تي ويهندو ئي ڪٿي هو؟ لهر لهر وتندو هو سياحت ڪندو: اجهو هِتي، اجهو هُتي. پنهنجي ذات جي پاتال ۾ شيخ اياز صاحب به ائين رهيو آهي. خود پنهنجي ان جهرمر محل سمان ذات کي، هن مهراڻ جي علامت بنائي پنهنجي شاعريءَ ۾ هيئن اظهاريو آهي.

آ چوڏاري مهراڻ متو، جنهن جو نه پهي جنهن جو نه پتو،
هي روحُ جزيرو حيرت جو، جنهن منجهه سمايو آ پيارا.
۽ من اندر ۾-

....حيرت جي جزيري مثل روح رکندڙ ان شاعر شيخ اياز جي ذات خود ننڍن ننڍن شاندار جزيرن ۾ ورهائي پيئي آهي ۽ جنهن مان هر جزيري کي ساڳئي وقت ڪئي زمانا ۽ ڪئي زمينون آهن. (۽ اتفاق سان هرهڪ کي آهن دلچسپ، حيرت انگيز ۽ پراسرار جزيرا). شاعريءَ جي ابتدائي زماني ۾ ته خاص طرح سان هن جي ذات، پنهنجي ديومالائي ماضيءَ جي تصور ۾ گهٽو گم، ۽ ننڍي کنڊ جي پراچين زمانن جا شدت سان سپنا ڏسندي رهي آهي.

منهنجي ڪوتا جاپ جُڳن جا،
اڻ- ڳاتل آلاپ جُڳن جا،
شال ڏٺان مان پاپ جُڳن جا،
جن گن من جا،
جن گن من جا.

۽ ان جستجوءَ ۾، شيخ اياز ننڍي کنڊ جي ازلي ابدي رستن ڏانهن ويندي ڪيئي ميل جا پٽر اُکرندو، گم ٿي ويل اِتهاس جي ڪڙين کي ملائيندو، هن ڌرتيءَ جي پراچين ڪويتا ڪارن جي وکريل جٽائن کي پنهنجي گهٽائن جهڙي شاعريءَ ۾ لسائيندو، باقاعده ڳنڍيندو ۽ ننڍي کنڊ جي قومن کي ايڪتا جي ڳنڍ ۾ ڳنڍيندو ويو آهي.

ڏس ڏس مائڻو جي مِٽيءَ کي، مون ڳوڙهي ڳوڙهي سان ڳوهي،
کهڙو نه لسايو آ پيارا، چا جام بنايو آ پيارا.

۽ موهن جي ڏڙي جي دراوڙ نسل مان پاڻ کي سمجهندڙ شاعر شيخ اياز کي عجمي شاعريءَ جو اهو جام

---

* سروڻ ڪمار، هندو لوڪ ڪٿا جو ڪردار، جنهن پيءُ ۽ ماءُ کي تارازيءَ جي ٻن پُڙن ۾ وجهي تارازي ڪلهي تي رکي ياترا ڪرائي هئي.

ڪهڙي شخص آڇيو...؟ ۽ اياز صاحب واشگاف لفظن ۾، اردوءَ جي اُن جينئس شاعر جو باقاعده نالو وٺي هن ريت ٿورا مڃيا آهن:

"ميراجي! تو مون کي بچائي ورتو. تنهنجي پنهنجي ڌرتيءَ سان محبت، منهنجو وڏو بچاءَ ٿي آئي. مان...اُمارو، ودياپتي، ميران ۽ چنديداس، تنهنجي منظوم ترجمي ۾ نہ پڙهان ها تہ مان بہ ترقي پسند لهر ۾ لڙهي وڃان ها، جنهن ۾ ٻيا ترقي پسند شاعر لڙهي ويا. تو مون ۾ نہ رڳو بورجوا پر جاگيردار دؤر جي شاعريءَ لاءِ بہ عزت پيدا ڪئي. تنهنجي مهرباني ميراجي...."

۽ اياز جڏهن ميراجيءَ جي اتهاسڪ آڱر جهلي قديم هندستاني شاعريءَ ۽ ديومالا جي پاتال ۾ هيٺ لٿو ۽ ان ۾ هن جڏهن پنهنجي آدرش جو حسن ملائي ان کي پنهنجي تخليقن مان ٻاهر آندو، تڏهن هن جي شاعريءَ ۾ ڪنهن ستاري جيترو نہ، پوري آسمان جيڏو اعتماد پيدا ٿي چڪو هو.

اي اُمارو!
مون ڀڄائي آهي تنهنجي "سندري"
اڄ هوءَ
منهنجي شاعريءَ ۾
ميندي لائي ويٺي آهي
۽ اڳي کان بہ وڌيڪ سُندر لڳي رهي آهي.

* * *

اي سنڌو!
رگ ويد ۾ لکيل آهي تہ
ورڻ ديوتا تنهنجي وهڪري لاءِ
ڪيئي رستا ٺاهيا آهن.
۽ ها، انهن مان هڪ رستو،
منهنجي شاعري بہ آهي.

سنڌو ماٿر جي پنج هزار سالہ تهذيب...موهن جو دڙو، رگ ويد ۽ اُپنشد...شيخ اياز صاحب جي املتاس جي ڇمڪڻ گلن مثل، سڳنڌيت ڏات جو اَٻٽڻ هڪ پاسي آهن تہ تسلسل ۽ ماضي ٻئي پاسي. ڊي.ايچ.لارينس چيو آهي: "شاعري ماضيءَ جو آواز هوندي آهي." خود شيخ اياز صاحب چيو آهي تہ: "ڏات ڪڙي ڪڙي جي زنجير آهي."

۽ مٽي برابر ڪچي...پر مِٽيءَ سان رشتا ڪٿي ڪچا هوندا آهن؟ ۽ هيئن بہ چيو تہ، "جنهن مِٽيءَ تي مرڻو آهي، تنهن مٽيءَ کي پهرين سار!"

شيخ اياز صاحب ننڍي کنڊ سان يگانگت طور، پاڻ کي پنهجي اتهاسڪ پرمپرا سان هر حالت ۾ جوڙي پئي رکيو، ۽ ماضيءَ جي ماضيءَ سان رشتو جوڙي رکڻ بقول امداد حسينيءَ جي: "ڪو سوکو ڪم ڪونهي." پر اياز اهو ڪم برصغير جي ڪنهن بہ وڏي شاعر کان وڌيڪ سڦلتا سان ڪري ڏيکاريو ۽ فهميده رياض جي بقول: "شيخ اياز ننڍي کنڊ جي شعري سرمايي کان پاڻ کي محروم نہ ڪيو هو ۽ نہ صرف پاڪستان، پر پوري ننڍي کنڊ ۾ جيترا بہ شاعر پيدا ٿيا آهن، غالباً شيخ اياز جي مقابلي ۽ جوڙ جو ڪو ٻيو شاعر انهن ۾ هوئي ڪونہ...."

توڻي جو شيخ اياز صاحب کان گهڻو گهڻو اڳي ئي قديم هندستاني شاعرن مان ڪبير، ميران، سورداس، امير خُسرو، خان خانان، ملڪ محمد جائسي، ڀڳتي ۽ يوگ جوڳ جون تحريڪون، دوها، ڀڄن ۽ ٻيون ريتون ڏکڻ ايشيا جي ساڌو سنتن جي ذريعي، سنڌ جي صوفي شاعرن وٽ ابتدا کان ئي رام رحيم ۽ ڪرشن ڪريم جي چڪر کان بالاتر، ابتدا کان ئي پهتل ۽ اگهاڻيل هيون. ويهين صديءَ ۾ شيخ اياز صاحب وري انهن "پراچين شاعرن" سان هڪ انوکي انداز سان Share ڪيو ۽ اهو رويو اختيار ڪندي، هن پنهنجو پاڻ کي بهرحال، هن ئي ڌرتيءَ جي مٽيءَ جو ماڻهو ثابت ڪيو.

جئن پاڻيءَ ۾ چنڊ، لڙهندو وڃي اتاولو،
تئن هي سارو کنڊ، مون ۾ آهي اتاولو.

جڙون منهنجي جيءَ جون، ڌرتيءَ منجهه هزار،
پنهنوارن جا پيار، ٽڙيا منهنجي ٽاريئين.

اياز چيو هو: "شاعر جي انفراديت ان ۾ نه آهي ته هو ڪنهن پولار ۾ پيدا ٿئي، ۽ هن تي ڪنهن جو به اثر نه هجي. هن جي انفرديت ان ۾ آهي ته هو هر خوشگوار اثر قبول ڪري به، سڀ کان 'نيارو' هجي." انهيءَ پس منظر ۾ اياز جي ڏات-سمنڊ ۾ هن جي مطالعي مان رستا ٺاهي ڪيئي ڌارائون هن ۾ اچي گڏ ٿيون هيون. هن لطيف کان ٻه سو سال پوءِ هن ڌرتيءَ تي جنم ورتو هو ۽ اهو انگريزن جو زمانو هو. لطيف ڪلهوڙن جي زماني ۾ آيو، جڏهن ته لطيف کان ٻه سو سال اڳ غياث‌الدين تغلق جو زمانو ميٿالي شاعر ودياپتي ۽ بنگالي شاعر چنديداس جهڙن عظيم شاعرن جو زمانو هو. بعد ۾ سورداس ۽ تلسيداس آيا ۽ انهن سڀني کان اڳ امارو هن اُپکنڊ جي شاعريءَ جو وهائو تارو هو. اسان جي شيخ اياز صاحب جو هي مُترنم اسلوب، انهن ئي ته مهان ڪوين جي خوشبو مان چڪايل مَڌ آهي. پر ڇا به هجي، شيخ اياز پنهنجي انفراديت ۾ خود، بذات خود، اڳ ئي فطرت طرفان نوازيل هڪ عظيم ڏات ڌڻي هو.

ڪنهن ڪنهن جو ڪاپو ڏسي، ڪتي مون هيءَ تارَ،
پوءِ به منهنجو ٿو لڳي، ڌاڳو سڀ کان ڌار،
اَرٿ نوان اسرار، آتڻ سان اوري پيو.

ڪڏهن اياز چيو هو ته ننگرپارڪر جي سياحت دوران ڪنهن سگهڙ، ڪارونجهر پهاڙ مان نڪتل اڇي ماکيءَ جا ٻه خوشبودار شيشا مون کي تحفي طور ڏنا هئا، جن کي پوءِ مون سڄي جو سڄو پنهنجي شاعريءَ ۾ اوتي ڇڏيو هو. ماکيءَ جا اِهي ٻه شيشا ئي ڇا، اياز قديم هندستاني شاعريءَ مان وري اُن جو سمورو حسن ميڙي، پنهنجي ڪويتا جي اکين ۾ اڳ ئي ڪجل بنائي وجهي ڇڏيو هو.

اياز صاحب جو هڪ بيت آهي:

ڪنهن جي ڪنهن جي روپ مان، ڪوري ڪاليداس،
آندي آهه شڪنتلا، جنهن ۾ هن جا سُواس.
هر ڪنهن ناريءَ آس: "آءُ به شل اهڙي بڻان!"

۽ اياز جي ڪوتا، هن جي شڪنتلا ئي ته آهي، جنهن ۾ وڻ وڻ جو واس ۽ گل گل جي خوشبو اڄ سنڌي ٻوليءَ کي واسي ڇڏيو آهي.

چڻنگ چڪي مان نڪتي، جنهن مان نڪتا ڪيئي نڪٽ،
ڪهڙي مڌ، جنهن هيئين من ۾ ڀڙڪايا ڀنڀٽ.

ڪنهن وقت اياز هيئن به لکيو هو ته" ڪاليداس جو وڪرم‌اروسي پڙهي مون محسوس ڪيو هو ته اهو ڪتاب

مون لکيو آهي." جويي صاحب جي ان راءِ سان مان سمهت آهيان، جنهن لکيو آهي تہ: "ائين ٿو لڳي تہ شعر ۽ ادب جي سڄي دنيا ايياز جي آغوش ۾ آهي، ۽ هن کي پنهنجي ديس، پوري برصغير ۽ ساري دنيا جو فڪر آهي ۽ ٿنهي جي تقدير ۾ ڪوئي رشتو آهي ۽ اُن رشتي جي بحالي جي ايياز کي گهٽي اڻ تڻ آهي."

۽ ننڍي کنڊ جي پراچين ڪويتا ئي چا، موهن جي دڙي واري رقاصہ کان وٺي شيما ڪرمانيءَ جي نرت تائين، ايياز ننڍي کنڊ جي هر ننڍي وڏي اٿاٿي سان ائين محبت ڪئي آهي، جئن ڪلال جي انگور جي داڻي سان ۽ سپ جي بارش جي بوند سان محبت هوندي آهي. هن پنهنجي ڪويتا جي ترنم ۾ 'نرت ڪلا' جو آهنگ بہ ڪيڏي نہ خوبصورتيءَ سان سمائي ڏيکاريو آهي:

پريت پڑين جي پايل پايل،
آيل! آيل
گهايل گهايل
منهنجا پير-
جندڙيءَ ۾ آ اڪ اَجل جي،
۽ منهنجو من
اُن ۾ ڪاري ريڪ ڪجل جي
گوندر گهاريان
پيڙ نہ ساريان
روز اُماٽيان مڌ جا پيالا
تولئہ آٽيان، ناچ نرالا
ترندي ترندي ڦيريون پايان
ڏرتي ۽ آڪاش نچايان.

۽ ايياز چيو: "جنهن 'ڪٿ ڪلي' جي نرت نہ ڏٺي، اهو ڪالیداس جي ڪويتا جي پوري هڳاءَ ۾ ويڙهجي نٿو سگهي. جنهن رگ وید ۾ اوشا راتريءَ جي باري ۾ گيت نہ پڙهيا آهن، 'هوا' ، 'برسات' ، 'باڪ' ، 'جهنگل' ۽ 'رات' جي باري ۾ اڳ چا چا ڳايو ويو آهي، اُن شخص جي 'ميگهہ دُوت' جي روح تائين رسائي ناممڪن آهي." قديم هندستان جي 'نرت' سان ايياز جي پيار جي انتها هي آهي جو زندگيءَ جي پوئين ويرَ ۾ بہ، هن ان کي پولارن ۾ ڏسڻ جي خواهش ڏيکاري آهي:

هي نرت- ڪلا جا موهي ٽي،
منُ چاهي ٿو اڳتي بہ هجي.
ڪر ناچ هوا ۾، تارن جو،
پي دنيا جي دڳ تي بہ هجي.

ايياز پنهنجي پهرين شعري مجموعي "پونر پري آڪاس" کان وٺي "ڪاري رات ڪُهنگ" تائين، هر سياسي سلوگن ۽ نظريي کي ائين چئي ٽُڏي ڇڏيو آهي تہ: "ناڪولي چندن جي ڪاٺ جي هجي تہ بہ ناڪولي ئي تہ آهي." ۽ اُن جي پيٽ ۾ هن پنهنجي شاعريءَ ۾، بنان مت پيد جي انسان دوستيءَ کي جڳهہ ڏني آهي. هن چيو: "هن ساري سنسار ۾ ڪوئي سرگم آهي، جو آبشار وانگر وهي رهيو آهي...مون سوچيو تہ اُن ۾ وهنجي ڏسان....ءِ!..."

...۽ ان آبشار مان وهنجي ايار جڏهن اُجرو ٿي ٻاهر آيو تہ هن جي چپن مان هڪڙا دوها ٻڌا ويا:

واري ذات ڪُذات ڪي، پيار ڪريان سڀ سان،
ڪبيرا توکان، پوءِ نہ آيو مون جيان.
(ڪاري رات ڪمنگ....)

* * *

منهنجو ڪوئي ديس نہ آهي، منهنجو ديس جهان،
منهنجو ڪوئي نانءُ نہ آهي، مان آهيان انسان.

يا هن چيو:

چا تن ۾ اَت اُڪير هئي،
جي دوها ڪالهہ ڪبير چيا،
ڪي دليءَ ۾ درويش هيا؛
تن جي بہ تہ ساڳي وائي هئي،
۽ گورکناٿ گفا ۾ ڪلهہ،
جا پنهنجي جوت جلائي هئي.

ڪڏهن ايار پنهنجي ڪويتا لاءِ هيئن بہ تہ چيو هو:

جهرمبر جهرمر ڏيئڙا، آهي سارو پنڌ،
ڪنهن جو ڪنهن جو ڪنڌ، جرڪي ٿو ان جوت ۾.

۽ ايار جي ان 'ذات-جوت' ۽ جهرٽي جي جهاڻ مثل ترنم ۽ باک بسنت جي تخيل ۾، نديءِ ڪنڌ جي چا چا تہ اتهاسڪ شاعرن ۽ تحريڪن جا پڙاڏا سمايا پيا آهن. ۽ هن پڳٽي تحريڪن، يوگ جوگ جي گيتن، پڳٽي نرت موسيقي، ميران جي پڄنن، ڪبير جي دوهن، راءِ داس، سورداس، تلسيداس، گيت گوند واري جئديو ۽ چنديداس ۽ گرونانڪ جي ٻاڻين مان سچ پچو تہ پرپور لاپ ماڻيو آهي. ڪنهن اردو شاعر چيو هو: "ڪفر ڪچ چاهئے اسلام ڪي رونق ڪي لئي." ۽ ايار، برصغير جي ان هندو-مسلم ورثي سان Share ڪندي، چتاءُ ڏنو:

پيالي ۾ چانڊوڪي آهي،
ان ۾ ڪوئي ڪفر نہ آهي،
نڪي انهيءَ ۾ آ اسلام،
پيءُ انهي مان جُگ جُگ جي،
پري پري او پياسا پي.

يا

نانڪ ڪان پوءِ آنءُ، آيو هان اسرار مان،
متان منهنجو نانءُ، سمجهو گهٽ گرنٿ ڪان.

ايار جي انهي اسلوب جي ٿي پس منظر ۾، فهميده رياض لکيو آهي تہ "...ايار جي پايي جو ڪو شاعر نہ هندستان ۾ پيدا ٿي سگهيو آهي نہ پاڪستان ۾....."

برصغير جي ڪل شعري اثاثي ۾ پنهنجون جڙون تلاش ڪندڙ شاعر شيخ ايار کي فهميده رياض انهيءَ ٿي

Pers pective ۾ محض "عظيم شاعر" نہ، هن ڌرتيءَ جي اصلوڪي انداز واري ڀاشا ۾ "مها ڪوي" سڏيو آهي.
پنهنجي جنم جي اهڙي بشارت اياز صاحب پنهنجي هڪ اردو نظم ۾ بہ ڏني آهي:

اڄ ڪويتا جي پنگهٽ تي،
سرسوتي ۽ ڪالي گڏجي،
رس جا ڍڪ ڀريا آهن،
سالن کان پوءِ، سنگم ٿيو آ.
"مها ڪوي"!
ڪوئي جنميو آ.

۽ ٽيهہ سال اڳ، سرسوتي ۽ ڪالي جي ڌرتيءَ جي سياحت ڪندي، اياز گنگانديءَ جي گهاٽ تي ٽلندي ههڙا دوها لکيا هئا.

آئون اجنتا ۽ ايلورا، پٿر جو پڙلاءُ،
منهنجو روح گفا کان گهرو، جُڳ جُڳ جوڳ جڙاءُ.
مان ئي بن هان، مان ئي بنسي، مان راڌا، مان شيام،
مان جمنا جون لهرون، جن تي چنڊ ڪري وسرام.
پورنماسي، پوري گنگا، ٿڌڙي ٿڌڙي واءُ،
ٽلي پيو ٽئگور ڪنڌيءَ تي، اچي پيو پڙلاءُ.
ڪوي اسان پرنام ڪيوسي، چُميا اوهان جا پير،
ڪوي ڏسين ٿو ڪلجڳ آڻي ڪيڏا ٿو انڌير.

سنڌي شاعريءَ لاءِ نئون ۽ Unique لهجو دريافت ڪندي، ان لاءِ هڪ نئين ۽ انوکي ڪائنات جوڙيندي، دهليءَ واري امير خسرو جي رنگ، آهنگ، ترنم ۽ ان جي شاعريءَ واري 'سکيءَ' سان بہ اياز دل لڳائي آهي (۽ واهہ جي لڳائي آهي) خاص ڪري امير خسرو جي شاعريءَ ۾ موجود سکيءَ ۽ سکيءَ جي متوازن ۽ مترنم چال کي اياز صاحب جي هنن سٽن ۾ باقاعده ڏسي بہ سگهجي ٿو ۽ ٻُڌي بہ:

سکي! پيا کي ملين تہ چئجانءِ، چاندني تو سوا نہ ٿيندي،
اچين تہ منهنجي اُماس ۾ آ، ڇو تہ ٻي رات ڪانہ ٿيندي.

سکي! هوا ۾ هڳاءُ آهي، ڳلي ڳلي گيت ٿي وئي آ،
پيا بنان ننڊ ڪيئن ايندي، بسنت جي رُت بي چئي آ.

هند-اسلامي ثقافت، ويدانت، تصوف، پراچين شاعرن، هند-اسلامي روايتن، تشبيهن، استعارن ۽ اهڃاڻن کي اياز طرح طرح سان پنهنجي شاعريءَ جي چُنريءَ ۾ ستارن وانگي ٽاڪيو آهي.
ننڍي کنڊ جي هيءَ ڌرتي، جيڪا ڪنهن هڪ قوم جي نہ پر ڪيترين قومن جي آماجگاهہ ۽ وطن آهي، اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ اُنهن مان هرهڪ وطن واسي جو پاڻ کي هم وطن شاعر ثابت ڪيو آهي.
ڪجهہ مثال ملاحظہ فرمايو:

گوتم کان گانڌي، گنگا ساڳي گيان جي،
پُرجهي وڃ پانڌي، ماڻهوءَ جو مارڳ ڪٿي!

* * *

مان نہ آهيان سُورداس،
پوءِ بہ ڪنهن چنتامٽي،
لاءِ منهنجو من اداس.
نانگ کي نوڙي ڪڍهن،
مونْ نہ آهي سمجهيو.
ها مگر آئي جڏهين،
سار هُن جي پنيار جي،
آ وئي سُڌ بڌ پلي،
مون سڃي سنسار جي.
هن نسوري نانگ سان،
ءِ پيو ڪوئي چڑهان،
ڪنهن ستائي سانگ سان*.

* * *

تولاءِ تنهنجا سونا سنگهاسن،
مون لاءِ منهنجي هي مرگهہ ڇالا،
اوتار ناهيان پر پوءِ بہ منهنجي،
بنسي وجي ٿي، گهر گهر گُوالا.

* * *

ڏاهو ڪوئي ڏيهہ ۾، ورلي ٿئي ٿو فوت،
ڪنور پڳت موت، وٺڻ ويندو ڪينكي.

پنهنجي شاعريءَ لاءِ اها روش، اِها آفاقيت ءِ عالم سپ آباد ڪرين واري انسان دوستي، بقول غلام رباني اگري صاحب جي.... "اياز! ڪنهن اغرب مغرب جي ادب مان نہ، پر خود پنهنجي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ مان حاصل ڪئي آهي."

جاڻڻ گهرجي تہ اياز صاحب جي ان ڪلاسيڪيت جي پُشت ۾رجي هڪ پاسي موهن جي دڙي جي مهذب تهذيب هئي تہ پيشِ نظر وري هئي پٽائيءَ جي شاعري هئي، جنهن سان طرح طرح سان هجتن، حيلن ءِ انگلن ڪرڻ جي باوجود، بلاآخر اياز پنهنجي پاڻ کي سندس "پيرن جي جتي" سڏيو ءِ پنهنجي شاعريءَ جي وارن ۾ وري هن جي ئي آڳرين کي مزي مزي سان ڦرندي محسوس ڪيو:

جو گيت 'اُمارو' ڳولیو هو،
جو 'ڪاليداس' نہ پاتو هو،
ڪلهہ رات 'رويءَ' سمپان جهلي،
جو گيت اڏورو ڳاتو هو.

---

* سورداس لاءِ چيو ويندو هو تہ چنتامٽي سان هن جي پريت هئي ءِ هو هر رات جو هن وٽ ويندو هو. هڪ رات ڏاڍو مينهن وسي پيو ءِ هن ڪنهن لڙکندڙ شيءِ کي نوڙي سمجهي، کوئي تي وجهي پهتو. بعد ۾ هن کي معلوم ٿيو تہ هو نانگ کي نوڙي سمجهي پيار جي انڌ ۾ مٿي پهتو هو.

اڄ مان 'سنڌوءَ' جي ڪنڌي تي،
هر مانجهيءَ جو مونجهارو هان،
هر ڪوڻي پُڇي ٿو آڻين ٿو،
هي لهرون لهرون گيت ڪٿان.

اُن وقت ڏسان ٿو حيرت مان،
مان تنبوري جي تارن ۾،
ڀ ياد اچن ٿيون 'آگريون'،
هو تنهنجون، منهنجي وارن ۾.

ايازَ ننڍي کنڊ جي هڪ ٻئي انوکي اردو شاعر 'ميراجيءَ' وانگر عربي-فارسي شاعريءَ کان ٿورو پاسيرو ٿي، هن ڏرتيءَ جي عجمي روايت کي اپنائيندي، 'امارو' کان 'ڪبير' ۽ 'ميران' کان 'امير خسرو' منجهان واس ونڊندي، بلآخر لطيف جي سينس ۾ ٿي پنهنجو پاڻ کي ضَم ڪري، هي جيڪو غيرمعمولي اسلوب دريافت ڪيو، ان کي لطيف ڏانهن منسوب ڪري، هن طرح متعارف ڪرايو آهي:

توکان پوءِ مون سنڌ کي، ٻہ سو سال ڏٺو،
ڇڏي مڏُ مٿو، ڪڙو آندم ڪيف ۾.

سويي گيانچنداڻي صاحب ڪڙو نہ دُرست فرمايو آهي تہ "لطيف جي شاعريءَ کي سنڌ اندر جاڳائڻ ۾ ايازَ جو وڏو هٿ آهي..." ۽ ان راءِ جي تسلسل ۾ منهنجو خيال اهي تہ ننڍي کنڊ جي ڪُل شعري اثاثي ۽ علامتن کي وري شيخ ايازَ پنهنجي شاعريءَ ۾ نئون جنم ڏيئي ڇڏيو آهي:

مون ڏات انوکي آندي آ،
ٿي تند وڻهي تلوارون سان؛
ٽڪرايان پنهنجا گيت جڏهن،
ٿو آءٌ سندءِ ديوارن سان؛
ٿا تنهنجا پاري بُرج لُڏن،
تون هيٺو آن هٿيارن سان.

ايازَ صاحب جي اهڙي شاعريءَ جي پس منظر ۾، محمد ابراهيم جويي صاحب جي هيءَ راءِ بہ ڪيڏي نہ وزندار آهي تہ: "سنڌي معاشري ۾ جيتري اُٿل پٿل شيخ ايازَ جي شعر باعث پيدا ٿي، اُن جو ان کان اڳ، ڪو مثال ڪونہ ٿو ملي...."

ايازَ، جنهن جي شاعريءَ ۾ هڪ پورو جهان بند آهي، انقلاب، مزاحمت، رومانس، ديومالا، ويدانت، تصوف ۽ پرڪ جي جنهن بہ تارازيءَ ۾ روشن خياليءَ سان، هن جي شاعريءَ کي توربو تہ هو هر پاسي کان اپکنڊ جي عظيم تهذيب جو سڳهارو وارث، مڪمل محافظ ۽ هن صديءَ جو پورو "آرٽسٽ شاعر" نظر ايندو.

تاج جويي چواٽي: "هن پنهنجي شاعريءَ ذريعي ويدن جي ويدانت ۽ سنڌ جي وحدت الوجودي فڪر جو هڪ اهڙو سنگم جوڙيو آهي، جو محبتن جي امين سرزمين سنڌ دنيا جي گولي تي هڪ انوکي ۽ نرالي صورت ۾ نمودار ٿي بيٺي آهي...."

توٽي جو هر عظيم شاعر وانگر، فڪري ۽ نظرياتي سطح تي ايياز صاحب جي شاعري کيترن ئي رخن ۾ ڦرندي ٽي نظر اچي، پر ۷۵ سالہ شيخ ايياز کي ان وقت نقادن پاران مختلف اعتراضن جي حوالي سان، انتهائي دلچسپ صورتحال سان مُنهن مقابل ٿيٽو پيو هو، جڏهن هن گذريل ڪجهہ سالن کان، زندگيءَ جي پيچاڙڪن لمحن ۾، دعائن ۽ مناجاتن لکڻ جو سلسلو شروع ڪيو هو. ايياز صاحب وٽ انهن دعائن بابت وري پنهنجا ڪي جواز هئا. مثال طور هن لکيو. "اي ڪاش! هتان جا ترقي پسند اديب اهو سمجهي سگهن تہ وهيءَ جي هن موڙ تي، مون ۾، انسان جي انت ۽ ان کان اڳتي تي سوچ ويچار فطري آهي ۽ ڏرتيءَ سان منهنجي ڪمٽمينٽ اُن جي آڏو نٽي اچي. آءٌ هاڻي عمر جي اهڙي حصي ۾ آهيان جتي ڪنهن کي بہ رنجائڻ کان سواءِ خدا جي عبادت ۾ وقت گذارڻ ٿو چاهيان. پٽائيءَ بہ سنڌ کي آيتن جهڙي شاعري ڏني. مون بہ سندس نقش قدم تي هلندي، سنڌ کي پنهنجي ذات سان واسيو آهي."

ايياز صاحب پلي تہ پنهنجي دعائيہ شاعريءَ کي پٽائيءَ جي آيتن جهڙي شاعريءَ جي پس منظر ۾ ڏسي، پر آءٌ ايياز صاحب جي انهن دعائن ۽ مناجاتن کي بہ ايياز صاحب جي ابتدائي شاعريءَ وانگر رگ وید ۽ اُپنشدن واري دعائيہ شاعريءَ جو تسلسل تصور ڪريان ٿو. حديث پاڪ ۾ آهي: "هر شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن موٽندي آهي." - ۽ جي ائين آهي تہ ڪنهن بہ عظيم شاعر جي شاعريءَ جو پيچاڙڪن پهرن ۾ پنهنجي تهذيبي روايتن ڏانهن لاڙو يقيناً فطري آهي.

رگ وید (وید جي معنيٰ ئي آهي مقدس علم) جي مناجاتن ۽ دعائيہ اشلوڪن کان قطع نظر، پراچين سمي کان مناجاتون جوڙڻ ۽ وحدانيت جو وستار ڪرڻ هن ڏرتيءَ جي وڻن وڻن ڪويتا ڪارن جو مرڪ پئي رهيو آهي. ٽئگور جي 'گيتانجلي' ، امير خسرو جي تصوف جي رنگ آهنگ ۽ ترنگ ۾ ٽمٽار حمديہ ۽ نعتيہ شاعري، لطيف جو سُر ڪليان، يمن ڪليان، ڪنيات، سُر سريراگ، رامڪلي، پرياتي ۽ انهيءَ ئي تسلسل ۾ فيض احمد فيض جي هيءَ دعا:

آئيے هاٿ اُٺائين هم پي....

۽ ايياز صاحب جي لکيل دعائن کي بہ نندي کنڊ جي انهن ئي عظيم ڪتابن ۽ ڪويتا ڪارن جي لکيل دعائن جو تسلسل سمجهڻ گهرجي.

قديم اشلوڪن ۽ صوفي شاعرن وانگر ايياز وٽ بہ 'رب' چڱائيءَ جو استعارو آهي ۽ ان حوالي سان ايياز وٽ انسانيت ۽ بين الاقواميت جو پرچار هنن دعائيہ نظمن ۾ ڪنهن بہ سوشلسٽ نظريو اپنائيندڙ شاعر کان وڌيڪ آهي.

يا رب! منهنجي هر پيار ۾
پنهنجي شفقت شريڪ ڪر
جئن مان انسان کي تنهنجو پرتوو سمجهي
هن جو قدر ڪريان
ناجائز فائدو نہ ونان

* * * *

يا رب!
منهنجي دشمن تي بہ رحم ڪر
هن کي ڪنهن عذاب ۾
ڪنهن آزمائش ۾ نہ وجهہ.

ايياز، جنهن ڪڏهن ائين بہ چيو هو تہ، "شاعر جو مذهب فقط شاعري آهي،" ۽ ڪائنات جي ازلي ابدي شاعر آڏو سجده ريز ٿي دعا گهرندي چيو هو:

اي خدا!
مون کي شاعريءَ کان سواءِ
ڪجھ نہ گھرجي
فقط اُھا مون کي بخشي ڇڏ.

۽ مزاحمت کان مناجات تائين، ايياز جي ذات جو داستان ھڪ 'رنگ محل' جي داستان سمان آھي، ۽ ان جي خزانن سان ڀريل صحن ڏانھن داخل ٿيڻ جا سوين رستا ۽ ھزارين دروازا آھن.

ناستڪ ايياز، دراوڙ ايياز، انقلابي ايياز، جماليات پرست ايياز، دعائن ۽ مناجاتن وارو ايياز ۽ اھڙن ڪيترن ئي خانن ۾ اسان طرفان ورھايل ايياز بابت، مان سوچي صاحب جي ھن راءِ سان سھمت آھيان، جنھن چيو آھي تہ: "ايياز کي نندڙن نندڙن خانن ۾ بند نڏو ڪري سگھجي. ھو ھڪ 'Humanist' آھي. صوفي آھي، خيال جي لحاظ کان ھڪ يونيورسلسٽ آھي ۽ ھڪ ڪاسموپوليٽن آھي."

اسان جي ايياز، جيئن مون مضمون جي شروع ۾ چيو، پاڻ کي ابتدا کان آخر تائين ھميشہ "دراوڙن جو رت" ۽ پنھنجي ڪويتا ۾ پاڻ کي اُن جو "روح" ثابت ڪندو پئي رھيو ۽ انھيءَ Perspective ۾، ھن پنھنجي پنج ھزار سالہ تھذيبي ورثي جي ڳٺتي ۽ حفاظت کان ھڪ لحظي لاءِ بہ غفلت ناھي برتي ۽ ان عظيم ورثي سان ان حد تائين والھانہ لڳاءُ ۽ عشق ڪيو، جو ويندي ويندي بہ پنھنجي ڪتاب 'نند-وليون' جي انتساب ۾ ڇپائين:

اي ڌرتي!
اي موھن جي دڙي جي ڌرتي!
جي مان ٻيھر جمندس تہ وري تنھنجي ئي
واريءَ ڏانھن موٽندس،
مون کي ٻيءَ ڌرتيءَ تي نند نہ ايندي.

۽ ھُن، ان عظيم تھذيب جي ڇانو ۽ ان تھذيب جي پرسان وھندڙ 'سپت سنڌو' جي ڪناري سان سرجندڙ 'رگ ويد'، 'اُپنشد'، ويدن ۽ مھاپارت مان جتي بنان مذھبي مت پيد جي اتساھ ماڻيو، اُتي نندي کنڊ جي صوفي مت سان لاڳاپيل صوفي مسلمان شاعرن، شاھ ڪريم، لطيف، سچل، خواجہ غلام فريد، ماڏو لعل حسين، بلا شاھ ۽ سلطان باھو وغيرہ سان علمي الاعلان Share ڪري، ويدانت کان اسلامي تصوف تائين پنھنجي سِت سِت کي برصغير ۾ 'ايڪتا' جي علامت بنائي ڇڏيو. فھميده رياض جي راءِ ان ڏس ۾ ڪيڏي نہ وزندار آھي، جنھن ايياز صاحب جي وصال وقت چيو ھو: "فيض کان سواءِ، ھن صديءَ ۾ شيخ ايياز جھڙو شاعر، پوري کنڊ ۾ ڪو ٻيو ھو ئي ڪٿي؟ ھاڻي تہ صدين تائين اھڙي ڪنھن شاعر لاءِ ھيءَ ڌرتي ۽ ھيءَ متي، خواب ئي ڏسندي رھندي."

اڄ مان فھميده رياض جي ان تاريخي راءِ سان سھمت آھيان ۽ شيخ ايياز صاحب کي خود سندس ئي لفظن ۾ ھي خراج عقيدت ٽو پيش ڪريان: اي ايياز! اي مھا ڪوي! واقعي: "واکا ڪندي ووءِ، صديون تو لئہ سنڌڙي."

●

حميد سنڌي

(يادگيرين جو سفر)

شيخ اياز ۽ روح رهاڻ

ڳچيءَ ڳاڻا لوهه جا زيرين ۾ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾ ڪوٺين اندر ڪير،
چاري چوڳاٺن ۾، واهيات ڪن وزير،
چن نه چڄي آهيان، اهڙيءَ سٽ سرير،
مارو جام مليرا! پڄج ڪي پنهوار ڪي.

يادگيرين جا ورق اُٿلائيندي، شاهه سائينءَ جو هيءُ شعر هنيانءُ تي تري آيو اٿم. لڳيم ائين ٿو ته اڳ به ائين هو، اڄ به ائين آهي، سُڀان به ائين رهي، جو مَنُ اندر جيڪا پيڙا آهي، پوَ ۽ انديشا آهن، ائين جو ائين رهيا. پُل هيٺان پاڻي وهندو پئي رهيو آهي، اڄ به وهندو رهي ٿو. من ۾ ائين ئي يادگيرين وهڪرا ناهي ڪٿي ڏينڊون، ڪٿي ڏورا، ڪٿي دُڀا ته ڪٽ وري بنهه خشڪ پونا...! يادگيرين جي وهڪري سان هلڻ ۾ جياپو آهي ۽ اُن جيئڻ ۾ ڪنهن ويل مري به وڃجي ٿو، ته اُهي صدين جا پل وري پل ۾ گذري وڃن ٿا.

گهٽ ڏينهن کان مَن ۾ اُٿل پٿل هئي. ڪيئي همسفر، همرڪاب، همدم، همغم ٻڌائڻ موڪلاڻڻ بنا ائين وقت جي وهڪرن ۾ لُڙهي ويا، جو پتوئي نه پيو. اشفاق لاءِ لکيل يادگيرين جي سفر مان هڪ ٻه ورق اُٿلايا ئي مس هيا ته ڪَنين ورق وري ويا. ايياز قادري ويو ته وريو ڪونه. پراڻي همسفر هڻڻ ناتي ٻه اکر لکڻ لاءِ سوچيم پئي ته ڊاڪٽر دُرشهوار الله توهار ڪئي! سائين جي. ايم. سيد سان پراڻو ناتو- سائين امير حيدر شاهه ۽ سائين امداد محمد شاهه همیشه جڙ اندر ۾ وينا هجن. اصل ٻاڻ لڳي ويو! ڪير اُهي ورق ورائي؟ جيئري هيءُ جهان ڇڏي في‌الحال موڪلائي وڃجي، پوء جڏهن ڪو ڪنهن پَل کي قياس پوي، جو جيئرو موڪائي وڃي اچي.

ڪاتي تان نه ڪنهين، مَن وڃلڻ وَڍئو
ماريس سو تَنهين، جو نَ جِئاري جَيڏيون!

جڏهن جو خبر پيم ته شيخ اياز ٻه هلڻ هاري ڪئي آهي ۽ سفر اُسهيو آهي ته پانيم ته وقت بيهي ويو آهي!

اُڃي جئن مورَن، اوپر ولهارن جئن،
سا پر گوندر ڪن، جُه ڦوڙائو سڃئين.

شيخ اياز سان کي ورهين جا ورهيه گهاريل هئا. ساٿ سنگ سفر سندس شعر ۽ لکڻين وسيلي هو. فتاح، رشيد پٽي، علي بخش، تنوير وارن ته ساٿس گهٽو گڏ گذاريو هو. سندن ڳالهيون ٻڌي ٻڌي مان به ائين سمجهندو هيس ته جن سندس ميخاني مان مڌ جا پيالا پي هاڻ وريو آهيان. اياز سان دوستيءَ جي هام آڌ نٿو هٽي سگهان، جو آڌ سندس همعصر به نه هيس. بقول رشيد پٽي ته "حميد چاڪ چگو پلو هو. ڪيس اِها لوٽي واري لپاٽ ڪيئن لڳي؟ خبر ڪانه ٿي پئي."

مرحوم رشيد پٽيءَ کي شايد ٻڌائڻ وسري ويو هجيم ته اِهي چوکڙيون، پنجکڙيون ناهي، ادبي ڪاڪ محل

سجائي، مولن جا هوڪا ڏئي، اسان جهڙن ڪيترن ئي راڻن کي ريجهائي، ڏاچيءَ چاڙهي، اهڙي طلسم ۾ قاسايو هيو جو اڄ تائين اُن طلسم جي اثر هيٺ آهيون ۽ زماني ۾ سرگردان آهيون. سچ ۽ حق کي طاقت سمجهي پنهنجي ڪچڙن ذهنن سان باطل قوتن سان ٽڪرائجي وياسين.

اُن وقت صورتحال ائين ئي هئي:

سگهه ڏي اهڙي سچ، منهنجي جڪڑيل جيءَ کي،
ڳچي ٽٽي ڳچ، تہ ٻہ چوان جو چوٽو هجي.

محمد ابراهيم جويي، ايار قادري، رشيد پٽي، جمال ابڙي، سوپي گيانچنداڻي، غلام رباني آگري، عبدالغفور انصاري، نورالدين سرڪي، حفيظ شيخ جو سڄي سنڌ ۾ غوغاءُ هجي! ترقي پسند ادب جو جهنڊو کٽي جهولايو هئائون. ادبي سنگت نڪري نروار ٿي هئي. ٽماهي "مهراڻ" جاري ٿي چڪو هو. مون اجان مئترڪ ٻہ پاس ڪانہ ڪئي هئي، بس اها لوٽي واري لپاٽ لڳي وئي. سنڌ اندر ادب ۽ پوليءَ جو چڙپول زور ونندو ويو. ون يونٽ جي قهري قانونن اسان جي ذهنن ۾ اُهي پوَ پولا آڻي چڏيا هٿا، جو اسان جي چوياري جن دوستن سان حيدرآباد ۾ هئي، تن بنهہ پَنڌي پاري چڏي. سنڌي شاگرد الڳ تحرڪ ۾ هٿا. ڏينهن رات سنڌ جي سورن، سنڌي ٻولي تي بندشن جو ذڪر، ادبي انقلاب جي ايندڙ طوفان جا سعيا، سڀ ڪنن پٽي سُٽيا. نوشهري جي سينئين ميمٽن جي خاندان جو لاڏڪوڏ سان پالين چشم و چراغ! والد صاحب وڏي سرڪاري عهدي تي هيو، پر اسان ٻہ ڪٽي الفي پاتي! عزيزن قريبن کي ڏندين آگريون هيون. والد صاحب کي چيائون تہ هن چرئي کي روڪيو، هيءَ تہ ڪو رڙ جو راهي ٿو ڏسجي؛ ڪٽي ڪو پنهنجي لاءِ ممڻ نہ پاري چڏي. والد صاحب (مرحوم سيٺ محمد اسماعيل) سياڻو ماڻهو هو. هُن زماني ۾ ڪئين جنوني ڏٺا هيا، ڪنهن ٻہ هنڌ منهنجو رستو نہ روڪيائين. اُن وقت اديبن جو لڏو ويچارن ۽ واندن جو لڏو هو. وڏن اديبن جو نالو وڏو هيو، پر چوڪرات، جهڙا لوفر لڙا ليکبا هيا. گهٽو تٽو رومانٽڪ خيال، پر هيل هنن چوڪراٽن سنڌ سان ٻہ ڪٽي رومانس وڏو. جڙ ڪنهن من موهٽي اپسرا من ۾ موهہ وجهي پٽي چڪيو. اسان کي اِها خبر نہ هئي تہ وطن ۽ متيءَ سان رومانس ۽ عشق ڪرڻ وارا سوريءَ سزاوار ٽيندا آهن. سنڌي ادبي سنگت جي ڳڏجاٽين جڙ باهہ تي گاسليٽ وڏو. وڏڻ اديبن ۽ دانشورن حيدر بخش جتوئي، غلام محمد گرامي، محمد ابراهيم جويي، جمال ابڙي، محمد عثمان ڏيپلائي، حفيظ قريشي سان ملو تہ ائين پٽي لڳو تہ وس پچين تہ ڪتاب پڙهائڻ ۽ پرائٽ ٻهاني گهاٽي ۾ ڏاند وانگيان جوٽي چڏين. پيا اسان چوڪراٽن کان ڪجهہ وڏڙا اديب غلام رباني، رشيد پٽي، جمال رند، منصور، شمشير، ناصر مورائي، خواجہ سليم پارا ملن تہ چقمق جيان چڪين ۽ ونيو ادبي وعظ ٻُڌرائين. هاڻ ڪهاڻيون پيا لکون. 'سيمي' چپيو تہ جڙ پير ڏرتي تي نہ هيا. ائين ڪٽي "زندگي پبليڪيشن" ناهي سين. ڪڏهن جمال ابڙي، غلام رباني ۽ ناصر مورائيءَ جا ڪتاب پيا چپجن، تہ ڪڏهن ادبي تحريڪن ۾ ورڪر ٿي پيا هلون. پٽفليٽ پيا ورهايون، تقريرون پيا ٻڌون تہ ڪڏهن ڳالهائڻ جو وارو مليو وڃي تہ اُپ ڏري پٽي ويو. جيجي بيگم زينت چنا جو ادبي حيثيت سان وڏو نانءُ هو. ماهوار "مارئي" پٽي ڪڍيائين. معاون ٿي اڏ ايڊيٽري سڪيم. سنڌ يونيورسٽيءَ جو نوجوان شاگرد پڙهڻ ۾ هوشيار، پر دل ئي نہ لڳي. ائين "روح رهاڻ" رسالو نڪتو. ڪيئن هٽ وڏم ۽ ڪيئن وک وڌايم، اڄ معجزو پيو پانيان! خالي هٽ، بنا پائي پيسي، همڙو ڪم ڪيئن ٿيو؟ اجان ٻہ ويچار اِهي اٿم تہ "مون کي مون پرين ٻڌي وڏو ٻار ۾!" يارن جو زور ۽ بيگم زينت چنا ۽ محترم عبدالله چنا جي رهبري. پهريون پرچو، اپريل ۱۹۶۰ع ۾ نڪتو. اِجهو سامهون

سامهون شروعات ۾ شيخ اياز جا بيت آهن، اجا بہ لوٽي واري لپاٽ نہ لڳندي؟

سدا آهي ساهہ کي، ڳڀي جي ڳولا،
ڍؤ بنا ڍولا ناهي ساجهہ سونهن کي.

رتي ناهي رت، ڄؤرون مڙيون جندڙي،
ساٿي اُٿ سُتت، ساڙيون هن سماج کي.

اُن وقت بہ سماج جي هيٺ مٿانهينءَ ۽ زماني جي گرمين ۽ سردين جي مزاج کان اڻڄاڻ هيءُ مسافر تک تيز ۾ هليو پئي.

اياز جو گيت جون واري پرچي ۾ ڇپيو تہ من ۾ هورا کورا وڌي ويئي.

پري پرينءَ جي لوءِ،
الا، او لوءِ، ووءِ ڙي ووءِ!
سُري پتڻ تي آئي سانجهي پڳهہ نہ آيا پار
ايندا نيٺ تہ منهنجي من جا مانجهي اي منجهدار
آيا جي نہ تہ پوءِ، الا، او پوءِ، ووءِ ڙي ووءِ!

شيخ اياز جو هيءُ گيت مون لاءِ شايد اشارو هو تہ واقعي پرينءَ جي لوءِ پري آهي! پر اُنهيءَ ئي پرچي ۾ شمشير جو غزل هو تہ

اسين حال هيٺا، اوهان جي خُدائي- وڏي ڳالهہ آهي!
هلي پئي اجا زندگيءَ جي لڙائي- وڏي ڳالهہ آهي!
انڌيرن ۾ پَلجي پئي روشنائي- وڏي ڳالهہ آهي!
اجان وقت کي پيئي ڳولي سچائي- وڏي ڳالهہ آهي!

اُن سچائيءَ کي ڳولڻ لاءِ ڪجهہ سر ڦريا نوجوان، سنڌ جي پراڻن مسئلن، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي واڌاري کي سچائيءَ ڏانهن هڪ رستو ۽ وسيلو سمجهي گهر گهاٽ ڇڏي اڳتي نڪري آيا هيا.

"روح رهاڻ" مالي مسئلن جو شڪار ٿيو تہ ڳوٺ سڌار کاتي ۾ نوڪري ڪرڻي پئي. ڪجهہ وقت قصو هليو، پر والد صاحب جي حڪم تي نوڪري ڇڏيم جو پڙهڻو بہ هيو. صفا گهر بہ نہ ڇڏڻو هيو. سيکڙاٽ پکي کي اباڻي گهر شام جو تہ وڃڻو ئي وڃڻو هيو. ڪو پنهنجو آکيرو تہ هوئي ڪونہ. نوڪريءَ ۾ هجڻ ڪري دوست جمال رند کي "روح رهاڻ" حوالي ڪيم. اُن وقت "روح رهاڻ" جو رُخ پرکي نہ پيو سگهجي. اُن ۾ ڪڏهن عورتن جو حصو تہ ڪڏهن ٻارن جو حصو، ڪڏهن وري فلمي تصويرون ڏيڻيون پيون. جمال رند اُن ۾ تبديلي آڻي، سائيز گهٽائي، ڪجهہ نوان موضوع- شڪاريات، سياحت، وغيره وڌا، جن جو ماهوار رسالن ۾ هجڻ ضروري بہ سمجهيو ويندو هو. نوڪري ڇڏي پهتس تہ ڪتابي سائيز ۾ "افسانا نمبر" ڪڍيم، جنهن چوڌاري چوٻول پيدا ڪيو. ائين پريس جا نوان قانون آيا ۽ سڀني جا ڊڪليئريشن رد ڪيا ويا: "روح رهاڻ"، "مارئي"، "انسان" ۽ ٻيا ڪيترائي رسالا. اِن سڄي عرصي ۾ ادبي لڏا چرپر ۾ رهيا. پڙهائيءَ جو جيڪو سال هليو ويو هو اُهو بچائڻ لاءِ ايل. ايل. بي. بہ پئي ڪيم. ١٩٦٣ع جو اِهوئي مارچ جو مهينو هو جو مرحوم رمضان، جيڪو ڊي .سي. جي آفيس ۾ ڪلارڪ هو، "روح رهاڻ" جو نئون ڊڪليئريشن آڻي ڏنو. ١٩٦٠ع کان ١٩٦٣ع تائين اسان جي ڪچڙن ذهنن ۾ گهڻي پُختائي اچي ويئي هئي. سنڌ ۾ "ائنٽي ون يونٽ

موومينٽ" ، پولي ۽ ادب لاءِ هلايل تحريڪن ۾ ڏينهن رات دوست گڏ هيا. اصل ۾ سنڌ ۽ اُن جي ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ جو مسئلو هو. هنن کي خود آگاهي جو عادي بڻائڻو هو. شهرن کان پهراڙين تائين جڏهن ويندا هياسين ۽ جلسا ڪندا هئاسين تہ محسوس ٿيندو هو تہ خلق خدا جي پريشان تہ آهي، پر اسان جون ڳالهيون ٻُڌي حيران ٿي ويندي هئي. "روح رهاڻ" انهيءَ ڏس ۾ پهرين ۽ فيصلي جي قوت بخشيندڙ ڪنيل وک هئي.

شيخ اياز اُن معاملي کي هيئن پرکي ورتو. سندس نظم جو عنوان هو "نئون انسان" :

هيءَ ميرانجهي سانجهي آ يا ڏوڙ-ڏَئي جي جهول،
جاڻ ستارا ان مان نڪتا جرڪي سون سمان؛
تيسين پنهنجيءَ مشعل ۾ جا آهي لات اڏول،
تنهن تي وات سجاڻي ويندا واتهڙو انسان!

ڏينهن ٿيا، ڪنهن شينهن اسان ۾ ناهہ ڪئي گجگوڙ،
هيءَ بہ غنيمت آ تہ ڪٽي کو اونائي ٿو ڪوڪ:
نيٺ تہ بادل وسندا، پوندا مينهن بہ ماڻهوءَ ٻوڙ،
نيٺ تہ وڃندي، گجندي، اُڏندي، آندي جيئن مخلوق.

سندس هيءُ نظم آگسٽ ۱۹۶۳ع واري پرچي ۾ ڇپيو. ڳالهہ ڳري، پر اسان لاءِ جڻ تہ سؤلي. اڃهو ٿا اياز چواڻي سوپ حاصل ڪريون:

مان جاڻان ٿو، مان جاڻان ٿو، جر آ منهنجي جاڻ،
پڙڪي پڙڪي پنيٽ ٿيندي، جلندو هيءُ جهان،
آخر منهنجي سوپ سنواريا، آخر تنهنجي آڻ،
تون رک هوندين، ڇپيون ڇٽيندیون ڪوئي نئون انسان.

"روح رهاڻ" جي نئين دور شروع ٿيڻ تائين اسان جي شاعرن (ٻين صنفن جي ليکڪن جو ذڪر ٻئي موقعي تي) جي دنيا وسيع ٿي ويئي هئي. آبادي تہ وڌندڙ هئي پر نئون فڪر، نيون صنفون، نوان چهرا جڻ تہ پائهي پيا گهڙجن. سنڌ جي ڏرتيءَ پاسو ورايو هيو. سنڌ جو هر ماڻهو ڏاڍ ڏمر کي محسوس ڪري رهيو هو. نوجوان ٿهي هونئن بہ حساس ٿيندي آهي. شاعرن کٽي نئون علامتي وڳو پاتو. سنڌي شاعريءَ ۾ نيون صنفون، نوان خيال ۽ نوان موڙ اچي ويا.

تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول،
مون وٽ روپ نہ ڪو بهروپ الا،
تنهنجي دنيا سچ جنا پاڇا،
منهنجي دنيا چند جان گهايل؛
مون وٽ روپ نہ ڪو بهروپ الا

(نياز همايوني) سيپٽمبر ۱۹۶۳ع

يا وري سندس "ورلاپ" (آڪٽوبر ۱۹۶۳ع)

اونيئڙا ڙي اونيئڙا منهنجي وندر وئي وڻڪارن ۾،
جهل واڳ تہ ڪي واڪا ڪريان، من ڪهل پوي بر وارن ۾.

-

هرڪو ماڻهو موتيءَ داڻو،
هرڪا دل هيرن جي کاڻ،
جاڻي ڏس تہ سهي ان جاڻ!

(تنوير عباسي) "روح رهاڻ" آڪٽوبر ۱۹۶۳ع

نارائڻ شيام جا دوها ۽ سورنا نومبر ۱۹۶۳ع ۾ ڇپيا:

ڪيڏان اُسڙي- چانوڙي، ڪير پيهيندو جنب،
ڪير ٽڦيندو روتلا، هيءَ تارا يا چنب.

*

روشن آئيندو گهرين، پچ ماندپيءَ جو منب،
ونجي ويندو چنب نہ تہ ونجي ويندو چنب.

اُنهيءَ ساڳئي پرچي ۾ ايار جو هڪ نندڙو نظم ڇپيو:

لڙي ٻيهري، لانڊي، ٽانو،
پنڊيءَ ۾ پاروٽو ڏوڏو
اڏريا هيٺ ڪنڊيءَ تان ڪانوَ
جن سان گڏجي ڪو نينگرڙو
ڪائي وينو
ڳٽيءَ ڳٽيءَ سان ڳائي وينو.

۱۹۶۳ع وارن پرچن ۾ امداد حسيني جا نظم نئين سماجي فڪر کي ڪنيو ٻيڻا هيا. اُن سان گڏ شمشيرالحيدري، اُستاد بخاري، محسن ڪڙائي ۽ ٻيا هڪ نئين سوچ جا اڳواڻ هيا.

هيءُ هڪڙو جديد فڪر هو، جنهن ڳالهہ کي سپني سمجهيو پٽي. جديد ۽ قديم جي جنگ شروع ٿي چڪي هئي. ايار جو پهريون مضمون "روح رهاڻ" سيپٽمبر ۱۹۶۳ع ۾ "جديد ادب جي اهميت" ڇپيو.

"مون سان گڏ سنڌ جي نئين اُمنگ، نئين فڪر ۽ اُن جي حامين جي کافي مخالفت ڪئي ويئي آهي ۽ اڃان ڪئي وڃي ٿي. قديم ڇا آهي ۽ جديد ڇا آهي: قديم ڇو آهي ۽ جديد ڇو آهي، ان جو صحيح شعور ۽ شناس وسيع مطالعي ۽ گهري فڪر سان ملي ٿي. قدامت ۽ جدت ۾ قابل قبول ڇا آهي ۽ انڪار جي قابل ڇا آهي، ان جي پرک لاءِ جنهن نظر جي گهرائيءَ ۽ دل جي وسعت جي گهرج آهي، اُها هر ڪنهن جو نصيب نہ آهي. ادب ۾ جديد ۽ قديم جو قصو، ڪم نظريءَ جو دليل ٻہ آهي ۽ بالغ نظريءَ جو ٻہ. ڪم نظريءَ جو دليل ان سبب ڪري آهي، جو جديد کان جديد ترين شاعر ۽ اديب ٻہ پنهنجي ماضيءَ کان بلڪل منحرف نٿو ٿي سگهي. بالغ نظريءَ جو دليل ان سبب ڪري آهي، جو هر سچو فنڪار ڪنهن جي ٻہ نقش قدم تي هلڻ کان پاسو ڪندو آهي ۽ پنهنجي منزل، پنهنجي راهہ پاڻ متعين ڪندو آهي. ازرا پائونڊ جو هي عجيب غريب نظم، جو هن آمريڪا جي بهترين شاعر والٽ وٽمئن متعلق لکيو آهي، هڪ منفرد شاعر جي

نفسيات جو صحيح جائزو آهي:

I make a pact with you, walt whitman!
I have detested you long enough,
I come to you as a grown child,
Who has had a pig-headed father.
I am old enough now to make friends,
It was you that broke the new wood,
Now it is a time for carving:
We have one sap and one root,
Let there be commerce between us.

[مان توسان معاهدو ٿو ڪريان، والٽ وٽمئن!
مون توسان ڪافي وقت نفرت ڪئي آهي،
مان تو ڏانهن ائين ٿو اچان، جيئن بلوغت تي پهچي،
اولاد، ڪم فهم پيءُ ڏانهن موٽي ايندو آهي.
هاڻي منهنجي بالغ نظري ايتري آهي، جو تون مان دوست ٿي سگهون،
تو نئون ڪاٽ ڪيو هو، اڄ ان تي نقش طرازيءَ جو وقت آهي:
اسان جي جڙ ۽ گونج ساڳيا آهن،
بهتر آهي ته تنهنجو ۽ منهنجو سمجهوتو ٿئي.]

* * *

هيءُ "روح رهاڻ" جو نئون پر ابتدائي دور آهي. ۱۹۶۴ع ۾ شيخ ايياز جولاءِ ۱۹۶۴ع کان وري نظر اچي ٿو. سندس بيت جو عنوان ٿي هو: "سنڌڙي تنهنجي سينڌ ڏسي، رات پٽائي گهوٽ رُنو."

توکي ساري سنڌڙي، ساري پٽ ڏٽي،
مور نہ ٽيندي مارئي، پي کا ماءُ جٽي،
تنهنجي پير پٽي، ڏات سموري ڏيهہ جي.

-

روئي پيئي رت، سڏکا پري سنڌڙي،
وهہ ٽي لڳو وات ۾ سينر مون کي پت،
هيءُ پورو پربت، آخر ڪيئن پٽون ٽئي؟

هيءُ بيت سندس جوش ۽ جذبي جو اظهار هيا، چاکاڻ ته اهوئي ۱۹۶۴ع آهي جڏهن شيخ ايياز جي مجموعي "پونر پري آکاس" تي سرڪار بندش وڌي هئي.

مون اُن پرچيِ ۾ پنهنجي "رهاڻ" (ايڊيٽوريل) ۾ لکيو هو:

"شيخ اياز جو فن زندگيءَ جو علمبردار آهي. سندس قول ۽ سندس مجموعہ ڪلام موجب: 'هيءُ نہ برگ سبز آهي نہ تحفہ درويش' . هيءَ ڪويل جي ڪوڪ آهي. ڏسجي تہ اِها رات جي انڌاري ۾ گُم ٿي وڃي ٿي يا وقت جي هانوَ ۾ بَڙِجي ٿي لڳي ٿي."

"اسان کي يقين آهي تہ سندس آواز رات جي انڌاري ۾ گم ٿي نہ سگهندو، چاکاڻ تہ اسان صبح جا روشن سپاهي آهيون. رات جي انڌيرن جي هانوَ ۾ اسان پنهنجي تخليق جون سنگينون هٿي، ڪوڙ جا سپ ڪوٽ ڪيرائي، 'سچ' جي روشني ساڻ ڪٽي صبح کي جنم ڏيندڙ آهيون....."

"حڪومت هڪ طرفو فيصلو ڏيئي، اياز جي مجموعہ ڪلام 'پونر پري آڪاس' تي بندش وڌي، سنڌي ادب جي حق تلفي ڪئي آهي. حڪومت جي ان قدم کي سنڌ توڙي پاڪستان جو ڪوبہ صالح ۽ باشعور فرد سٹي نگاهہ سان نٹو ڏسي. ان مسئلي کي ڪن مفاد پرست شخصن اشتعال انگيزيءَ سان هوا ڏني آهي، جنهن ڪري حڪومت ۽ باشعور فردن جي تعلقات تي غلط اثر پوڻ جو انديشو آهي. اسان جي حڪومت کي پرزور اپيل آهي تہ اياز جي مجموعہ ڪلام 'پونر پري آڪاس' تان بندش هڪدم هٽائي وڃي." (ح-س)

شيخ اياز جي ڪلام ۾ هيءَ سونهن پرکيو ۽ ڏسو:

ڏرتي چمڪي، واري اُڏري، رائو، ڏينهن تتو،
هرٽي هونءَ بہ مرٽي، پر جي ماريِ رڄ رڳو.
جُڳ جُڳ جو جادو آ تنهنجي سانجهي جيسلمير،
تل ترائي تي اڏري جي ڪونج وڃي پاڇو.
پٽ پٽيهر پير اسان جا سامهون ساري ريت
ڪيچ اسان سان پيچ نہ پائي، آ پنيپور پلو.

("روح رهاڻ" آڪٽوبر ۱۹۶۴ع)

شيخ اياز نومبر ۱۹۶۴ع واري "روح رهاڻ" ۾ هيٺن بہ لکيو هو:

تون ياد ڪجانءِ!
سنڌ ۾،
منهنجي موت کان پوءِ،
جيڪڏهن،
ٻئي ڪنهن جو شعر،
زندهہ رهندو:
تہ اهو ائين اُسرندو،
جيئن ڪمند جي،
هڪ فصل ڪپڻ کان پوءِ،
ٻيو فصل
ان جي جڙ مان
خود نسري ايندو آهي.

پر ٿيو ائين ته سندس جيئري سندس گيتن ۽ نظمن جا بج ائين چوڌاري چٽجي ويا جو هم فڪر ۽ هم خيال شاعرن جي هڪ وڏي ڪيپ تيار ٿي ويئي. شمشيرالحيدري، امداد حسيني، تنوير عباسي، قمر شهباز، استاد بخاري، تاج بلوچ، فتاح ملڪ، سرويچ سجاولي، نعيم دريشاڻي، پروانو پٽي، عبدالڪريم پلي، گدائي، واسديو نرمل، گوورڌن پارتي، ارجن حاسد، لڇمڻ ڪومل ۽ ٻيا ڪيترا جن سنڌ جي شاعريءَ کي نه رڳو سنواريو ۽ سينگاريو، پر هڪ فڪر کي عام ڪيو. اِهو سال ۱۹۶۵ع ٿي هيو جڏهن دوستن ۽ ساٿين فيصلو ڪيو ته هن سال "جشن روح رهاڻ" ملهائجي. مبهم خيال، اشفاق قاضيءَ ڏنو. اُن ۾ رنگ پريندڙ خواجہ سليم، امداد حسيني، شمشيرالحيدري، غياث جوٽيجو ۽ ٻيا ساٿي هٿا، پر جن پل پل پٽي خبر لڌي، اُهي هيا جيجي بيگم زينت چنا ۽ محترم عبدالله چنا.

جشن روح رهاڻ ۴ اپريل ۱۹۶۵ع جي موقعي تي اسان "سالنامو" ڪڍيو، ڪٽلينڊر ڪڍيو ۽ سووينيئر تيار ڪرايا. سڄي سنڌ جا اديب شاعر ۽ سڃاڻ سنڌي اچي گڏ ٿيا.

مئي ۱۹۶۵ع ۾ "جشن نمبر" ڪڍيوسين، اُن جي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ مون لکيو هو:

"..... مشاعرو شروع ٿيو. شيخ ايار جنهن لاءِ ڪنهن بزرگ چئي ڏنو ته پٽائيءَ جي چاڑهيل ڪُني، سچل جنهن جو ڊِڪڻ لاٿو: ايار انهيءَ ڪني کي ڪٽي پاٽ ۾ پيٽيو آهي ۽ مون به چئي ڏنو، 'شيخ ايار اڄ جو سچ ۽ سيان جي تاريخ آهي.' 'ايار اڄ جي جذبن ۽ قدرن جو علمبردار آهي.'

شيخ ايار جي صدارتي تقرير حقيقتن ۽ سچ جي اها تکي تلوار هئي، جنهن هٽي انهيءَ باد پريل ايِ کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. چوڌاري هڪ منڍي روشني ڦهلجي وئي: هڪ هڪ چهرو ٻهڪي رهيو هو. هُو هر پڪار ۽ سڏ جو جواب ڏئي رهيا هٿا. ايار اسان کي جاڳائي رهيو هو. ايار وقت کي آواز ڏئي رهيو هو، ايار زندگي کي زنده ڪري رهيو هو:

"هيءَ سين نه ڏينديِ چين، اُٿي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا."

ايار ڪُلي پيو. سندس هر اکر، اکر کي ٿي پيٽيو: هو اڄ اهو مهراڻ هو جنهن جو نه پهَي، نه هو پتو. هن جر جي جهاڳ مٽان ديپ جلايو هو. هو ڇو نه ڇوي؟

هيرا ته ڏسو، ڪنڪر نه هٿو، ايندو نه وري هي وڻجارو،
ڪجهہ ڏات ڏسو، پو بات ڪيو، هي شور اجايو آ پيارا.

هن پنهنجي سچ جي جار ۾ اسان زندگي ۾ پينل ڪوڙ جي سُري جي جيت کي جڪڙي ڇڏيو: اسان کي غذا ئي بي ٿي ملي. پيام ئي نئون مليو: اسان لاءِ اميد جزيرو بڻجي پئي. 'آخر هيءَ رات گذرڻي آ، تو ڇو گهبرايو آ پيارا.'

چوڌاري ايامن کان ستلن جو ميڙ هو. هو اڄ جاڳي پيا هٿا. هو هر انهيءَ غيرت جي تير تي ڦٽڪي ٿي اٿيا، جو ڪنهن مسڪين شاعر کان زبان جي ونگ مان نڪري ٿي ويو. ڪير هو جو سچ کي روڪي. ڪير هو جو روايت کي روڪي. ڪير هو جو تاريخ کي روڪي. ڪير هو جو هن اٿاهہ ساگر کي روڪي.

"اسين مڙڻ جا ڪينڪي آهيون پلي ڪريو سو ڦند ڪٽي."

اسين پٽڪي پٽڪي اڄ ماڳ پهتاسين. اسان اڄ منزل پاتي هئي، اسان کي سپ ڪجهہ ملي ويو هو. ايار ته ائين ٻه چئي ڏنو:

'هيءُ پريو پنيور چا كافي نہ آهي!
اي چري، ڪنهن ڏي وڃين ٿي، ڪيڇ ڪاهي؟'

هر شاعر پنهنجي جذبي ۾ سرشار آيو ٿي ۽ ائين ٿي لڳو، جڻ هن زندگيءَ جو حق ادا ڪري ڇڏيو، جڻ هن سچ چئي ڏنو. هاڻ پلي ڪير سقراط وارو پيالو سندس لبن تي رکي، هو پي ويندو. مان اياز سان استيج تي ويهي چوڌاري ڪمليل اڌمن جي راند ڏسي رهيو هوس.

اياز جيڪا تقرير "جهول ۾ ڪُل ۽ هٿ ۾ مشعل" ڪئي هئي، انهيءَ مان ڪجهہ ٽُڪرا پيش ڪجن ٿا:

"ڪيتريءَ مدت کان سنڌ ۾ منهنجي فن ۽ فڪر لاءِ محبت جو اظهار بہ ڪيو ويو آهي ۽ نفرت جو بہ. مون پنهنجيءَ مخالفت کي اهميت نہ ڏني آهي ۽ هن وقت تائين ان جي جواب ۾ ڪجهہ بہ نہ چيو آهي، چو تہ ان جي نوعيت ادبي نہ آهي، ۽ ڪنهن غير ادبي ڇڪتاڻ لاءِ نہ مون کي رغبت آهي ۽ نہ فرصت. پر متان خاموشي نيم رضا يا اعتراف سمجهي وڃي، ان ڪري اڄ مان اوهان جي اڳيان سنڌ جي جديد فن ۽ فڪر سان گڏ ان جي ڪيل مخالفت جي باري ۾ بہ ويچار پيش ڪيان ٿو...

..... ادب جو دليل منطقي نہ آهي، پر پوءِ بہ منطق کان وڌيڪ مجائيندڙ آهي. ادب انساني روح کي يڪدم گرفت ۾ آڻي، اُن تي هڪ پائدار تاثر ڇڏي ٿو ۽ انهيءَ تاثر جو عملي زندگيءَ جي تشڪيل ۾ وڏو هٿ آهي. شاعر جي قول ۽ فعل ۾ جيڪڏهن ڪوئي تضاد نہ آهي، جنهن لاءِ هر فڪر هڪ عمل جو پيش خيمو آهي، تہ هن جي شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو درجو ملي ٿو؛ پر منهنجيءَ نظر ۾ هن جو هر قول هڪ فعل آهي ۽ ان جو نتيجو، جي هن لاءِ نہ، تہ هن جي قوم لاءِ يا پوريءَ انسانذات لاءِ لازمي طرح عمل آهي. مان ادب جي آدرش تي سوچي انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان تہ ادب اديب جي روح جو اظهار آهي، ۽ اهو اظهار بنا مقصد جي نہ آهي، ۽ ادب جي زبان، جا ان جي اظهار جو ذريعو آهي، ۽ پوري قوم، جنهن تائين ادب جي رسائيءَ لاءِ انهيءَ اظهار جو سمارو ورتو وڃي ٿو، جڏهن انهن سڀني جو وجود، ڪنهن باهرئين يا اندرئين خطري سبب، خاتمي جي قريب نظر اچي ٿو، تڏهن ادب جو پنهنجيءَ حفاظت کان وڌيڪ ۽ ان ڪري لازمي طرح پنهنجيءَ زبان ۽ قوم جي حفاظت کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ مقصد ٿي سگهي ٿو! اهو لازمي نہ آهي تہ هر وقت ادب جو مقصد سياسي يا سماجي هجي، پر مٿيءَ حالت ۾، ٻئي ڪنهن مقصد جي گنجائش گهٽ آهي. ادب ۾ سياسي ۽ سماجي مقصد جو اظهار ادب جي اهميت کي نٿو گهٽائي. ائين صحيح آهي تہ ادب جي پرک اول ادبي آهي ۽ پوءِ سياسي ۽ سماجي؛ ائين بہ صحيح آهي تہ ادبي تخليق نہ اخباري مراسلو آهي نہ اشتهار، پر پوءِ بہ ادبي تخليق جي سياسي ۽ سماجي افاديت تي مون کي ڪوئي اعتراض نہ ٿو نظر اچي. جي ادب هر لطيف فن وانگر حسن جي تلاش آهي تہ ان تلاش جي دائري کان سماج ۽ سياست کي ڇو ٻاهر رکيو وڃي؟ آخر هر عظيم سياسي ۽ سماجي ادب ۾ سياست ۽ سماج جو هڪ تصور آهي، جو ان جي خالق جي نظر ۾ تاج محل تي تروري وانگر بکندو آهي. هو ان تصور کي ڪنهن بہ فطري منظر کان زياده دلڪش ڪري پيش ڪري سگهي ٿو، ۽ پنهنجي جذبي کي ٻيءَ ڪنهن بہ محبت جي جذبي کان وڌيڪ همڪائي ۽ همڪائي سگهي ٿو. ڪنهن وقت هن جي ٻوليءَ جي ڪوڙاڻ هن امرت کي مات ڏيئي سگهي ٿي ۽ هن جي لکٹيءَ جي واڳهہ نک پاڻوليءَ جي هٿ کان وڌيڪ پياري لڳي ٿي. زندگي پٽ جي ڳنڍ بہ آهي، وهہ جو ڳنڍيو بہ آهي. ڪڙو باشعور اديب هوندو، جو انهيءَ وهہ جي ڳنڍي کان منهن موڙي ويندو! گيت نہ واريءَ ۾ ڪُٽ آهي ۽ نہ فقط ڪتيءَ جي ڪانڊ. چڪور جو چڪوريءَ کان اهو سوال بہ آهي تہ 'اهو ديس ڪٿي آهي، جتي رات نہ آهي!.....'

"..... اسان تي الزام ڏريو ويو آهي تہ اسين ماده پرست آهيون. اسان جو نثر ۽ نظم گواهہ آهي تہ اسان مادیت جي فلسفي کي ڪڏهن بہ آخرين حقيقت نہ سمجهيو آهي، جيتوٽيڪ اسان کي مادي زندگيءَ جي بي انتها اهميت ۽ افضليت جو اقرار آهي. ڪوڙهئي سماج جو روح بہ ڪوڙهيو هوندو آهي: جو اديب زندگيءَ جي ڏاڍ، ڏمر ۽ ڏک کان منهن موڙي، اهو ڪانئر ۽ ڪميٽو آهي: هو پنهنجي فرار جي باوجود ادب تخليق ڪري سگهي ٿو، پر هو فقط ڪوڙي ڪيمياگر وانگر ڏنگيءَ جي ڏک پيدا ڪري سگهي ٿو، باقي هن وٽ آهي رڳو تکي جو تامون. سرجڻهار جوئي جنسار سان دل نہ بهلائيندو آهي. فراري ادب زندگيءَ جي کاري کوهہ ۾ ڪوڙ جي ڪنگري آهي، جنهن ۾ وسوڙا آب حيات تلاش ڪن ٿا. اهڙو ڪوبہ اديب نہ آهي، جو دلي طرح مادي زندگيءَ کي اهميت نہ ڏيندو هجي، پر مادي زندگيءَ ۾ انقلاب لاءِ ڪوشش 'ڳيروءَ جي راند' ۽ 'سسي نيزي پاند اڇلڻ' هر ڪنهن جي وت ۾ نہ آهي.

"مون هميشہ انفراديت پرستيءَ ۾ فرق ڪيو آهي. انساني زندگي اجتماعي آهي ۽ انفراديت پرستي ان لاءِ مهلڪ آهي. باقي انفراديت هر عظيم فنڪار لاءِ ايتري ضروري آهي، جيتري گل لاءِ خوشبو. هر عظيم فنڪار هڪ جوڙڻهار آهي ۽ پنهنجيءَ ڪائنات جو جوڙيندڙ آهي. فن زندگيءَ لاءِ هوندي بہ، ان کان مٿيرو آهي. فن جي ڪمال ۾ زندگيءَ جي روحانيت جي تڪميل آهي. هر عظيم شاعر جي ست ڏسي يڪدم انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو تہ اها خوشبوءِ فقط هن جي روح جي ٿي سگهي ٿي. مون ڪڏهن بہ عظيم فن کي ڏسيل راهہ يا پيري جو محتاج نہ ڏٺو آهي. فن هميشہ اٽانگي وات ورتي آهي، جنهن تي اڳ ڪنهن بہ پڪيءَ جو پاڇو نہ پيو آهي. عظيم فن جي منزل ان جي پهرئين قدم تي بہ شروع ٿئي ٿي ۽ ان جي پوئين قدم تي بہ رسائيءَ کان دور نظر اچي ٿي. عظيم فن ازل کان ابد تائين هرندڙ شعلو آهي، جنهن تي مشتمل سڌ پنڌ کان پوءِ بدلجندي رهندي آهي. ان کان سوا اها جوت جٽاءُ نہ ڪري سگهندي آهي..."

".... وقت جي ڪميءَ سبب مان جديد فن ۽ فڪر تي مفصل بحث نٿو ڪيان ۽ آخر ۾ ان ساريءَ سنگت جو احسان مڃان ٿو. جنهن مون کي هن مشاعري جي صدارت جو شرف بخشيو آهي ۽ سنڌ جي نئين فڪر ۽ فن جي جرات سان حوصلہ افزائي ڪئي آهي. روح رهاڻ رسالو جديد ادب جي اشاعت ۾ اڳرو رهيو آهي ۽ ان جي ارادي، هر مشڪل جي باوجود، جدت پسنديءَ جي حمايت ڪئي آهي، جنهن لاءِ جناب حميد سنڌي ۽ هن جا سنگتي مبارڪباد جا مستحق آهن."

اِنهيءَ جشن کان پوءِ ڏينهن ئي ہ لڳا، جو اِنهيءَ مهيني مئي ۱۹۶۵ع ۾ شيخ ايار کي حيدرآباد مان شهر بدر ڪيو ويو، جو پاڻ ڪنهن جلسي ۾ صدارت لاءِ سڏيل هو. حيدرآباد لا ڪاليج ۾ فنڪشن رکيل هو، جنهن کان روکڻ لاءِ منجهند جو ئي ڪوٽڙيءَ مان ريل رستي پوليس جي پهري ۾ ڪيس سکر روانو ڪيو ويو. اصل ۾ "جشن روح رهاڻ" جي اجتماعي اثر ۽ انقلابي رُخ قدامت پسندن کي پنهنجي هَٽ نہ چمڪڻ سبب مٿس ڪئين الزام هٽي، شهر بدر ڪيو ويو.

جون ۱۹۶۵ع ۾ پرچو ڪڍيوسين تہ اُن جي ٽائيٽل تي سندس تصوير هئي ۽ رت جي چنڊن سان لکيو ويو هو:

هيرا تہ ڏسو ڪنکر نہ هٿو، ايندو نہ وري هي وٽجارو،
ڪجهہ ڏات ڏسو پو بات ڪيو، هي شور اجايو آ پيارا.



اياز اُنهيءَ پرچي ۾ هڪ بيت وسيلي ڄڻ پڇيو پئي:

ڪڏهن ڪرندي ڪاڪ، ڪڏهن ملندو مينڌرو،
پڇان وڏي واڪ، سڏ بہ ڏي ڪو سنڌ ۾؟

اُن موقعي تي مون پنهنجي ايڊيٽوريل نوٽ ۾ هيئن لکيو هو:

"ڪنهن بہ انقلاب کي تيستائين سچو انقلاب نٿو چئي سگهجي،جيستائين اهو انقلاب انسان کي ذهني غلاميءَ کان ذهني آزادي ڏانهن نہ وٺي وڃي. ماضيءَ جو هر دور، حال جو هر وهڪرو، مستقبل جي هر اميد، ذهني انقلاب جي تاريخ ۽ ان جو پورو دستاويز آهي، جنهن کان انڪار ڪرڻ انسان جي ذهن جو ڏيوالو آهي. قدرت جو هيءُ نظام ارتقا جي هر صورت ۾ تشڪيل تي ٻڌل آهي. ارتقا، انسان جي هر عمل جو بدلجندڙ ۽ سلجهيل روپ آهي، جو انسان جي ذهني شڪل آهي.

"اسلام جو خود هڪ بنيادي نظريو اهو آهي ته خلقڻهار انسان کي آزاد خلقيو آهي، پر هن پاڻ کي زنجير وجهي ڇڏيا آهن. انسان جو چوتڪارو انهن ذهني انقلابن ۾ آهي جي وقت بوقت پئي ٿيا آهن ۽ هر انهيءَ سچ، جذبن ۽ قدرن جي علمبردار وقت، وقت مطابق انهن لاڙن جي اڳواڻي پئي ڪئي آهي، جن ڪوڙ کي ڪوڙ، ڏوڙ کي ڏوڙ ۽ جنهن جي سڙيل رڪ کي رڪ پئي ثابت ڪيو آهي. انهن علمبردارن هر دور ۾ پراڻن ذهني بخين کي پئي اُدوڙيو آهي. سندن هر تبديلي ۽ ذهني انقلاب جو پيام، پراڻن مڙهين جي مڙدن لاءِ زهر قاتل بڻجندو رهيو آهي ۽ پوءِ هو هميشه انهيءَ زهر کان بچڻ لاءِ هر تریاق ڪم آڻيندا آهن ۽ آخر ۾ اچي مذهب جو هٿيار ڪٽندا آهن.

"اڄ ذهني انقلاب اچي چڪو آهي.نوان لاڙا، نئون سچ، نئين رچ، نئين اڄ، هر دور تي حاوي آهي. هر اهو ذهن، جو نئين ڳالهه ڪيو ٿو اچي، اڄ جي سچ جو علمبردار آهي ۽ سڀان جي هو تاريخ آهي. هن جديد ادب ۽ نون لاڙن جي تحريڪ جو هر فرد پاڻ انقلاب آهي. اڄ جي پراڻين مڙهين جي رکوالن مذهب جي آڙ ورتي آهي يا شيخ اياز تي حيدرآباد ۾ پابندي وجهرائي آهي ته انهيءَ سان تحريڪ ختم ڪانه ٿيندي. هر نوجوان نئون ذهن ڪنيو پيو اچي. هو لکير جو فقير نه آهي. زندگيءَ جي هر حقيقت کي پروڙي ڪوري مان پچي نڪري ٿو، ان تي جيڪا به پابندي وجهبي، هو تيئن پڙڪندڙ لات بڻجي پراڻيون مڙهيون ساڙيندو ۽ وڌندو هلندو.

"شيخ اياز تي پابندي ڪا سندس خيالن تي پابندي نه آهي. ثابت ٿي چڪو آهي ته شيخ اياز تي ڪي سياسي ۽ اليڪشن جا ڪوڙا الزام لڳائي؛ حڪام اڳيان غلط ڳالهيون پيش ڪري، هڪ طرفو فيصلو ورتو ويو آهي. انهيءَ لاءِ انصاف جو مطالبو ڪجي ٿو ۽ اسان کي خبر آهي ۽ هر روشن خيال فرد جاڻي ٿو ته هن دور ۾ ڪير به ڪنهن جي ذهن ۽ زبان تي بندش وجهي نٿو سگهي. انصاف حق ۽ سچائي انسان جي فطرت آهن. هو جان لڙائي به ڪوڙ کي ڪوڙ ثابت ڪندو ۽ جڏهن وقت سندس ساٿ ڏيندو، روشن لات سان هيءَ وات روشن ٿي ويندي. ذهني تبديلي اچي رهندي، تحريڪون هلنديون رهنديون، نوان ساٿي ساٿ ڏيندا رهندا. هر اياز جي شهيد ٿيڻ تي ڪئين نوان اياز پيدا ٿي پوندا. مڙهين جا مڙدا ڪنهن تي بندش وجهرائي ڪنهن تي وجهرائيندا. 'جب لهو پکارے گا آستيں کا.'

"اياز تي پيل بندش کي هر باشعور طبقي ڏاڍي ناپسنديءَ سان ڏٺو آهي ۽ پانڌجي ٿو ته اهو قدم ڪنهن غلط فهميءَ جو نتيجو هو ۽ انهي ۾ گهٽن شرپسند فردن جو هٿ هو. اسان جو اختياري وارن کي عرض آهي ته هو انهيءَ معاملي جي تحقيقات ڪرائين ۽ جن فردن انهيءَ ۾ حصو ورتو آهي، انهن کي ڪڙي سزا ڏين، جن وڪالت جي پيشي ۽ شاگردن جي نالي کي استعمال ڪري ان تي هميشه جي لاءِ ڪارا داغ لڳائي ڇڏيا آهن. حڪام کي اها ڳالهه پڻ واضح ڪرڻ گهرجي ته بندش جو وڏو سبب ڪهڙو هو؟ جنهن مقامي اخبار غلط سبب ڄاڻائي اياز تي ملحد ۽ ڪافرپڻي جا الزام هٽي اهو الزام سرڪاري الزام ڄاڻايو آهي، انهيءَ کي پريس ائڪٽ تحت عبرتناڪ سزا ڏني وڃي، جيئن ان جي هميشه واري روش ختم ٿي وڃي. ڄاڻان ته امن ۾ وگوڙ وجهڻ ۽ بن طبقن درميان منافرت ڦهلائڻ جي پاڙ ئي اها اخبار آهي.

"مان آخر ۾ شيخ اياز کان حيدرآباد جي باشعور سنڌي حلقي طرفان معذرت خواه آهيان، جو اسان هڪ عظيم شاعر جو پورو قدر نه ڪري مهماننوازي جي روشن روايت کي تاريڪين سان تاراج ڪري ڇڏيو. انشاء الله اسان کيس وري جلد ڪوٺائينداسين ۽ سندس شايان شان استقبال ڪري اکين ۾ جاءِ ڏينداسين ۽ هو ائين چئي اسان جي وچ ۾ ويهندو:

"مان ايندس: مان ايندس، تو وٽ ڪنهن سپني سان ساڻ،
آڳ اکين ۾. راڳ چپن تي، آهه منهنجو اهڃاڻ."
(حميد)

هيءُ احوال اڻپورو آهي ۽ ١٩٦٥ع تائين يادگيرين جي حوالي سان آهي. حياتي رهي ته "اياز" جي انقلابي شعر ۽ وک وک تي هن سجاڳ شخصيت جو احوال "روح رهاڻ" جي حوالي سان جلد لکي "مهراڻ" جي حوالي ڪبو.

شيخ اياز ويندو رهيو، پر سندس روح کي چين مليو ته اسان لک کٽيو.

هيءَ سين ـ ڏيندي چين، اُٿي ڏس ڪوئي آيو آ پيارا،
هيءَ شايد ساڳو رمتو آ، اڳ جيئن اُڃايو آ پيارا.
جنهن وقت چراغ شام ٻري ۽ ميخاني ۾ جام ٻري،
تنهن وقت اسان جو پنڌ پري، پنهنجو به پرايو آ پيارا،
جنهن وقت اسان جي تند تپي ۽ ساز ٽپي آواز جهپي،
تنهن وقت ڀلي ڪو ڪنڌ ڪپي، جو آيو ڳايو آ پيارا.
(جشن روح رهاڻ ١٩٦٥ع ۾ پڙهو ويو.)

ڪورو آهه ڪڏهن کان پيارا، آءُ اُمايون دلِو! هُو،
ماڻهوءَ جو ايمان ٿيو آ رب مان ڪيڏو ڍلو! هُو،
.ڄڻ سارو ويران لڳي ٿو روحانيت- ڳِلو! هُو،
آ اڳ جئن ويساهه ڀَلو، اڄ تَنهن جو ڪَيون بِلو! هُو.
- شيخ اياز

تنوير عباسي

شيخ اياز ۽ منهنجي "بدڪ"

اهو ١٩٧٠ع جو زمانو هو. وٺ پڪڙ، سياسي غيريقيني ۽ افراتفريءَ جو عالم هو. شيخ اياز، رشيد ڀٽيءَ سان گڏ پنهنجي ٽوياٽا ڪار ۾ ڪراچيءَ ويل هو ۽ ربانيءَ جي يار نثار ميمڻ وٽ هوٽل ۾ ٽڪيل هو. اسان اوچتو ريڊئي پاڪستان تي خبر ٻُڌي، ته سڄي ملڪ مان ڪل ٻارنهن ڄڻا گرفتار ٿيا آهن. سنڌ مان ٻه ڄڻا آهن: هڪ مير رسول بخش ٽالپر ۽ ٻيو شيخ اياز. مير رسول بخش ته سياست جو جهونو جوڳي هو، پر شيخ اياز سياست ۾ اڃا نئون هو. هونءَ ته مان ۽ رشيدّ ڀٽي منڊ کان وٺي نئشنل عوامي پارٽيءَ ۾ هئاسين، پر، شيخ اياز سڄي عمر ڪڏهن به ڪنهن سياسي پارٽيءَ ۾ شامل نه ٿيو هو. پر جڏهن شيخ مجيب الرحمان سائين جي.ايم.سيد جي دعوت تي ڪراچيءَ آيو ته شيخ اياز، شيخ مجيب الرحمان جي پاڪستان عوامي ليگ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو، ۽ ساڻس گڏ مان، رشيد ڀٽي، فتاح ملڪ ۽ ٻيا دوست پڻ عوامي ليگ جا ميمبر ٿياسين.

مون ڀانيو ٿي ته اياز جي گرفتاريءَ کان پوءِ منهنجو به وارو ايندو (پر اهو وارو گهڻو پوءِ ١٩٧٩ع ۾ ضياءُ الحق جي دور ۾ آيو)، سو پنهنجيءَ گهر واريءَ قمر سان صلاح ڪرڻ لڳس. ٻار ٽيئي ننڍا هئا. وري اياز جو به خيال ٿيو. الائي ڪراچيءَ ۾ گرفتار ڪري ڪٿي رکنس؟ اڳي سکر جيل ۾ هو ته مڙوئي ڪونه ڪو ٽڪساز ڪري ملاقات ٿي ويندي هئي، سخت بندش هوندي به. (اهي فن هن مضمون ۾ نه لکبا). اڃا انهن ڳڻتين ۾ هئس ته رشيد ڀٽيءَ منهن ڪڍيو.

"اڙي ڀٽي! ڏي خبر، اياز جو ڇا ٿيو؟ ڪٿي آهي؟"

ڀٽيءَ جي منهن تي پريشانيءَ بدران خوشيءَ جا آثار ڏسي ڪاوڙ لڳي. هو مُڇن سوڌو مرڪيو پئي. چيائين: "ٻاهر بيٺو آهي" ۽ پوءِ وڏو ٽهڪ ڏنائين.

ايتريءَ دير ۾ اياز به اندر اچي ويو. ڪراچيءَ مان واپسيءَ تي حيدرآباد ۾ هڪ هوٽل تي ماني کائيندي پنهنجي گرفتاريءَ واري خبر اياز ۽ ڀٽيءَ ٻُڌي. ان وقت ئي گاڏيءَ ۾ روانا ٿيا*، ته متان اياز حيدرآباد ۾ گرفتار ٿئي. هنن کي سڄي رستي ۾ ڪنهن به نه روڪيو، پر اياز کي انديشو هو ته سکر ۾ ضرور گرفتار ڪندا، ٻيو نه ته گهر جي در تي ضرور پوليس بيٺي هوندي. اياز جي خواهش هئي ته هو فقط هڪ رات ٻارن سان گذاري ۽ ٻئي ڏينهن پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ پيش ڪري.

پوءِ اسان صلاح ڪري، ائڪشن پلان ٺاهيو. مون پنهنجي مزدا ١٠٠٠ گاڏي گئريج مان ڪڍي. ان ۾ اياز جي گاڏي بيهاري، در بند ڪري گئريج کي تالو هڻي ڇڏيو. پنهنجي مزدا پنهنجي در تي بيهاري ڇڏيم، جيئن اياز جي

---

* ڊاڪٽر تنوير کان هت سَهو ٿي آهي. اياز ۽ ڀٽيءَ کي گرفتاريءَ جي ڪا خبر ئي ڪانه هئي. هنن حيدرآباد جي فاران هوٽل ۾ ماني کاڌي. ڀٽيءَ ربانيءَ کي فون ڪئي، جنهن کين هوٽل ۾ ڪمري وٺڻ کان روڪيو ۽ فوراً پاڻ وٽ سڏيو. اتي کين ٻڌايائين ته اها خبر ان مهل کيس "عبرت" اخبار مان پرواني ڀٽي وٽان پهتي آهي. فيصلو ٿيو ته بورڊ پبلڪ پليس (Public Place) آهي، اُتي وهڻ ٺيڪ ڪونهي، سو، رباني ٻنهي ڄڻن کي ساڻ کڻي، پبلڪ اسڪول لطيف آباد ۾ جمال رند وٽ ويو. جمال رند سندن وڏي خاطر تواضع ڪئي، پر اياز کي شڪ پيو ته اتي رهڻ به مناسب ڪونهي، سو، هو جمال ابڙي وٽ ويا، جو لطيف آباد نمبر ٣ ۾ رهندو هو. رات اتي رهيا. اتان ٿڌي سيني سان سوچ ويچار ڪري، فيصلو ڪري ڊاڪٽر تنوير کي پنهنجي آمد جو اطلاع ڏنائون ۽ ٻڌايائون ته هن سبب جي ڪري اياز رات جو سکر گهر وڃڻ گهري ٿو. اوهان منهن اونداهيءَ ۾ کيس پنهنجي گهران سکر وٺي ويندا. اڳتي ڊاڪٽر جو بيان جيئن آهي، صحيح صورت حال به ائين آهي.-ادارو

گاڏي لڪل هجي، ۽ سي.آءِ.ڊي يا پوليس کي خبر نہ پوي تہ ايار هتي آهي. ان زماني ۾ مون وٽ اڇي رنگ جي مزدا ۱۰۰۰ گاڏي هئي. ايار جو ڊرائيور ان کي 'بدڪ' سڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ "اها بدڪ ڇا اسان جي گاڏيءَ سان پُڄندي؟" ڳالهہ برابر هئي. مزدا برابر "بدڪ" وانگر ننڍي، نازڪ ۽ نفيس گاڏي هئي. ڊرائيور جي ان ڳالهہ کان پوءِ رباني، رشيد پٽيءِ، فتاح ملڪ ۽ ٻين دوستن بہ کل پوڳ ۾ منهنجي مزدا گاڏيءَ کي "بدڪ" چوڻ شروع ڪيو.

ان زماني ۾ مان قول باغ جي پرسان هڪ مسواڙي جاءِ ۾ رهندو هئس. ان ۾ ٻہ بيڊروم هئا: هڪ ۾ مان ۽ قمر ۽ ٻئي ۾ ٻارن (پارس، مارئي ۽ سرمد) سان گڏ امان سائنڊ رهندي هئي. مون ۽ قمر پنهنجو ڪمرو خالي ڪيو ۽ ان ۾ شيخ ايار ۽ رشيد پٽيءَ کي رکيو. اسان ٻيئي، مان ۽ قمر، امان سائنڊ ۽ ٻارن جي ڪمري ۾ اچي ويا سين. گهر ۾ نوڪرن جي اڇ وڇ بند ڪري ڇڏيسين. صلاح اها ٻيئي تہ رات جو دير سان منهنجي "بدڪ" ۾ سکر وڃجي. پر، ان ڏينهن شام جو اسان جي پياري دوست طاهر شاهہ جي دعوت هئي. صلاح اها ٻيئي تہ مون کي دعوت ۾ وڃڻ گهرجي، متان ڪو خاص حال احوال ڪنهن دوست يار کان ملي وڃي.

دعوت ۾ سڀ دوست موجود هئا: باقر شاهہ، هادي بخش لاڙڪ، قائم علي شاهہ، غوث علي شاهہ ۽ شمر جا ٻيا سڀ معزز. ڳالهہ اها هلي تہ مير رسول بخش ۽ شيخ ايار گرفتار ٿي ويا. مان دل ئي دل ۾ خوش ٿيس تہ اها خبر ڪنهن کي بہ نہ آهي تہ شيخ ايار اڄا گرفتار نہ ٿيو آهي ۽ منهنجي گهر، رشيد پٽيءَ سان گڏ آرام سان وينو آهي. دعوت مان موٽي اچي اهي سڀ خبرون ايار ۽ پٽيءَ کي ٻڌايم، ۽ وڌا وڌا ٽهڪ ڏيئي ڪلياسين.

شام جو ڇهين بجي ڈاري هادي بخش لاڙڪ جي فون آئي. "تنوير! تو وٽ جيڪو همراهہ آهي، ان کي ڪيڏي ڇڏ."

"توکي ڪيئن خبر پيئي؟"

"مون کي خبر پيئي آهي تہ ٻين کي بہ پيئي هوندي."

مون فون رکي ايار ۽ پٽيءَ سان صلاح ڪئي. هونءَ اسان جو ارادو دير سان نڪرڻ جو هو، پر هاڻي ڊپ ٿيو تہ متان منهنجي گهر تي ڇاپو لڳي، ۽ ايار گرفتار ٿئي؛ هو هڪ رات پنهنجن ٻارن سان گذارڻ جي خواهش پوري نہ ڪري سگهي، ۽ پنهنجي ڪتب سان موڪلائڻ بنا، الائي ڪهڙو عرصو (غيريقينيءَ جو زمانو هو) جيل ۾ گذاري- ان ڪري صلاح اها ٻيئي تہ اوندهہ ٿيندي ئي سکر ڏي ڪاهجي.

سج لٿو. ٿوريءَ دير کان پوءِ اوندهہ ٿي، تہ مون پنهنجي "بدڪ" ڪيڏي. اڇي، نفيس، نازڪ ۽ نرتڪيءَ چال واري مزدا-۱۰۰۰ نئشنل هاءِ وي تي پکڙجڻ جو خطرو هو. ايار ۽ رشيد پٽي وينا تہ مون 'بدڪ' کي ماڇي ۽ پريالوءِ کان ڦيرائي، سکر جي رستي تي آندو. ائين پئي لڳو، جڻ تہ قدم قدم تي ڪو پوليس وارو بينو آهي، جاڻ گاڏي روڪيائين، تلاشي ورتائين ۽ شيخ ايار کي چرس جي گولين وانگر غيرقانوني سمجهي گرفتار ڪيائين. پر اهڙو ڪجهہ بہ نہ ٿيو. پريالوءِ جي رستي کان نئشنل هاءِ وي تي ايندي وڏو خطرو هو تہ متان اتي ڇاپو لڳي، پر آرام سان اڳتي هلندا ويا سين ۽ ايار جي وائي ورجائيندا ويا سين:

پري پريان جي لوءِ،

ووءِ ڙي ووءِ، ووءِ ڙي ووءِ.

جڏهن شيخ ايار امان سائنڊ ۽ قمر کان موڪلايو تہ ان وقت اسان جي گهر ۾ ڪم ڪندڙ هڪ مائيءَ ماسي ايسل ايار کي 'امام ضامن' ٻڌو. ايار پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ غلطيءَ کان اهو قمر لاءِ لکيو آهي، شايد گهڻن سالن گذرڻ بعد شيخ ايار کي اها ڳالهہ صحيح طرح سان ياد نہ رهي آهي.

'بدڪ' لڏندي لمندي اڳتي هلندي رهي. مان، ايياز ۽ پٽي، سنڌ جي مستقبل ۽ ان ۾ اديبن جي ڪردار بابت بحث ۾ لڳي وياسين. شيخ ايياز جي گرفتاريءَ کان پوءِ اسان کي چا ڪرڻ گهرجي؟ سنڌ لاءِ ڪهڙو رستو آهي؟ اسان کي ايياز جي آزاديءَ لاءِ ڪيئن تحريڪ هلائڻ کپي؟ ڪيئي سوال اپريا، ڪي ئي جواب آيا. (نيٺ يحيٰ خان کي ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪرڻو پيو. اها سمڪ ڪنهن کي ڪانه رهي ته اديب سنڌ آزاد ڪرائيندا ته وڏيرا وري ان تي چڙهي ويندا.)

جڏهن هاءِ وي تي پهتاسين، ته پڪ ٿي ته سکر بئراج وٽ پوليس بيني هوندي ۽ شيخ ايياز کي گرفتار ڪندي. تمام خبرداريءَ سان مون بدڪ جي رفتار ڊلي ڪئي. بئراج وٽ رڳو ٽرئفڪ جو سپاهي بينل هو. مون يڪدم ڪار کي اسپيڊ ڏني، ۽ بئراج وارو روهڙيءَ جو ٽواٽو پار ڪري اڳتي نڪري ويس. بئراج جي ٻئي پاسي به ڪجهه نه ٿيو. اسان آرام سان سکر شهر ۾ داخل ٿي وياسين.

سکر ۾ داخل ٿي، رشيد پٽيءَ جي رهنمائيءَ ۾، مڪيه رستن کان هٽي، سنهڙين گهٽين مان ٽيندا، پراٽي سکر جي قريشي روڊ تي پهتاسين. ان وقت رات جا ساڍا ٻارنهن وڳا هئا. سامهون نمائش جون بتيون پئي ٻريون، (ان زماني ۾ پراٽي سکر ۾ نمائش لڳل هئي). انديشو هو ته متان نمائش ڏي ايندڙ ويندڙ ماڻهو ايياز کي سڃاڻي ونن. رشيد پٽيءَ سگريٽ دکايو، ته ست ڏيئي ايياز ٻريل تيلي کائنس ڦُري، وسائي چڏي، "پٽي، هي چا ٿو ڪرين؟"

رشيد پٽيءَ کي سکر توڙي هر شهر جي گهٽي گهٽي ياد هئي، انڪري مان کيس جاگرافيءَ جو ماهر چوندو هوس. الائي ڪهڙين ڪهڙين سوڙهين ۽ اونداهين گهٽين مان ڦيرائيندو، اچي شيخ ايياز جي گهر جي پٺئين در تي پهتو. در ڪڙڪايوسين. ايياز اندر ويو. مان ۽ رشيد پٽي خوش ٽيندا واپس 'بدڪ' ۾ سوار ٽياسون.

ٻئي ڏينهن شيخ ايياز جو ڊرائيور منهنجي گهريج ۾ بند ٽيل گاڏي ڪٽڻ آيو. چيومانس ته "تنهنجي گاڏي منهنجي 'بدڪ' سان پچندي؟"

چيائين ته "نه سائين! مڃيوسين، ته برابر 'بدڪ' وڏا ڪم ڪري ڏيکاريا."

[سرمد جو گهر، ۵- جولاءِ ۱۹۹۸ع.]

"ايياز" جي شخصي زندگي کان وڌ اسان کي ان جي فڪر ۽ پيغام جي ضرورت آهي. تنقيد کان مٿانهون ته ڪوبه ڪونهي، پر ضروري آهي ته "ايياز" جي سموري ڪلام تي سنجيده ٽي سوچجي. تنقيد جي جديد، معياري ۽ اخلاقي اصولن پٽاندڙ سندس شاعري تي تنقيد ڪرڻ کو خواب سون ڪونهي، بلڪ سئو ڪم آهي، جيڪو ٽيڻ گهرجي.

"ايياز" تي ڪنهن هڪ گروهه جو ٿيو نه هٽو. هو ته اسان سڀني جي گڏيل ميراث آهي. اچو ته ان ميراث کي گڏجي سنڀاليون. جسماني طور تي ته هو جدا ٿي ويو آهي، پر سندس فڪري ورثو اسان وٽ موجود آهي، سندس رحلت سان سنڌ جي ادبي تاريخ جو هڪ باب نه بلڪ هڪ وڏو پاڳو پورو ٽيو. مرئو ته هر ڪنهن کي آهي، پر کي موت گهائي چڏيندا آهن ۽ کي ته صفا ماري چڏيندا آهن. "ايياز" جي موت به اسان کي ماري چڏيو آهي. - عبدالغني "زرين" دايو

جئويئر جئسنگھاڻي

شيخ اياز - منهنجو هم وطني، منهنجو دوست

[نوٽ:- پارت ۾ گھٽيئي سنڌي اديب ۽ شاعر، شيخ اياز جا دوست، ساٿي ۽ مداح موجود آهن. اياز انهيءَ تي نسبت سان ۽ دفعا ساٽن ملڻ لاءِ پارت ويو هو. سندس وفات تي جڏهن مهراڻ رسالي جي "اياز نمبر" شايع ڪرڻ جو فيصلو ٿيو تہ اسان اياز جي دوستن مان ڏهن-پندرهن برک لکندڙن کي خط موڪليا، پر وٺائين مضمون ڪونہ پهتو. فقط ٻاڻ تاج جويي وٽان هڪ موتواڻيءَ جو تاثر مليو، جو هن شماري ۾ درج آهي.

تازو بمبئيءَ مان "ڪونج" رسالي "شيخ اياز نمبر" شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ اتان جي اديبن ۽ اياز جي مداحن جا مضمون /تاثر تہ نہ هئڻ برابر آهن، البت اياز جي لکڻين مان چونڊ ڪري ڪچ مواد ڏنو ويو آهي. اياز جي هڪ دوست جئويئر پنهنجا تاثرات سڪ سا٠ لکيا آهن، جو اياز جي پارت جي پوئين سفر ۾ ڪجهہ ڏينهن همسفر هو. جئويئر جا اهي تاثرات "ڪونج" جي شڪريي سان، هِت شايع ڪجن ٿا. - ادارو]

* * *

شيخ اياز سان منهنجي ملاقات ۱۹۵۶ع ۾ ٿي، جيڪا اڳتي هلي دوستيءَ ۾ بدلجي ويئي. منهجا ساهرا سڪر ۾، منهنجو دوست رشيد پٽي بہ سڪر ۾، تہ شيخ اياز پڻ سڪر ۾. مان جڏهن بہ سنڌ وڃان تہ رشيد پٽيءِ وٽ ضرور وڃان. هڪ دفعي هو مون کي شيخ اياز جي آفيس ۾ وٺي ويو، ڪنينس روڊ تي. هو مون سان نهايت قرب سان مليو ۽ پارت ۾ رهندڙ پنهنجن جهونن دوستن جو حال احوال ورتائين. اُن ڪچهريءَ ۾ هن اسان کي تازو ئي لکيل غزل پڙهي ٻڌايو، جنهن جو هڪ بند اڄ تائين مون کي ياد آهي:

اوهان جي اکين جام مئے مان نهاريو،
اسان چوٽ کائي کٽي جام هاريو.

اُن ملاقات بعد اسان جي ملاقاتن جو سلسلو سنڌ کان هند تائين جاري رهندو آيو- ۱۹۶۳ع کان ۱۹۹۰ع تائين. جڏهن هو پنهنجي زال زرينا سان گڏجي 'شاهہ، سچل، سامي' سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ بمبئي آيو هو. ايئرپورٽ تي سندس پيڪيدار سواگت ۾ مان پڻ شامل هوس.

هڪ رات شيخ اياز مون کي بمبئيءَ مان فون ڪري چيو: " جئويئر، تون اسان سان گڏجي گوٽا هل تہ ڪمي اچون." مون هڪدم هائو ڪئي ۽ اسين ٽيئي- اياز، پاپي زرينا ۽ مان- هوائي جهاز رستي گوٽا وڃي پهتاسين.

گوٽا جو ماحول ۽ شاندار بيچ ڏسي هو مستيءَ ۾ اچي ويو. مٿان وري گوٽا جي اسپيشل 'فيني*' پيتائين، تہ تَن ۽ مَن ٻئي ٽڙي پيس.

هڪ ڏينهن موڄ ۾ موٽر جي سفر دوران اسان واري موٽرڪار هڪ گواني چوڪريءَ سان وڃي ٽڪري. جيڪا بائيڪ تي سامهون پٽي آئي. چوڪري بيهوش ٿي ڪِري پيئي. اسان جي موٽر هڪ ون سان وڃي ٽڪري. ون سان نہ ٽڪرجي ها تہ پڪ ئي پڪ ڪاهيءَ ۾ وڃي ڪري ها.

اياز صاحب کي ٽنگن وٽ ٽورا ڏڪ لڳا هئا، جي بمبئيءَ ۾ دوستن کي ڏيکاري، گوٽا جي اُن 'انڊوينچر' جو ذڪر ڪري رهيو هو.

تنهن بعد ۱۹۹۶ع ۾ مان جڏهن سنڌ ويس ۽ شيخ اياز سان ڪراچيءَ واري گهر ۾ مليس تہ هڪ دفعو وري ڪوٽا واريون جهونيون ڳالهيون تازيون ٿي نڪتيون.

---

* "فيني" شراب جو هڪ نمونو آهي، جيڪو ڪاجو مان ٺهندو آهي.

غلام رباني آگرو

(اتي تاثرات)

شيخ اياز

'مون کي ياد ڪجو، جڏهن مان دور هجان،
سدائين دور، ڪنهن خاموش دنيا ۾'
-ڪرسٽينا روزيٽي*

* * * *

هن دنيا ۾، هرمهذب انسانُ، پنهنجي ضمير اڳيان جوابدار آهي. ضمير جو آواز الهامي آواز ڪونه آهي. اهو انسان جي پنهنجي اَندَرَ جو آواز آهي، ۽ سندس ئي اختيار ۾ آهي: وڻيس ته ان کي ٻُڌي، وڻيس ته لنوائي ڇڏي.

جڏهن انسانُ هيءَ دنيا ڇڏي وڃي ٿو، تڏهن سندس سڀ اختيار ختم ٿي وڃن ٿا. مٿانئس 'زمان' ۽ 'مڪان' جون مڙئي بندشون به لهي وڃن ٿيون. هو ڪنهن اهڙي هنڌ پهچي ٿو، جنهن جي اسان هن دنيا وارن کي ڪابه ڪل ڪانهي.

مذهبي ماڻهن جو عقيدو آهي، ته مُئي کان پوءِ انسانُ پنهنجي خالق اڳيان جوابدار آهي، ۽ هن دنيا ۾ پنهنجي قول ۽ فعل جو حساب ڏئي ٿو. ڀٽائيءَ به شايد انهيءَ ئي پس منظر ۾ فرمايو هو:

همين حسابُ، ڪُه ڄاڻان ڪهڙو ٿيو؟

شيخ اياز جڏهن اڃا زندگيءَ جي انهيءَ مرحلي ۾ هو، جو سندس مٿي جا اڇا وار، سندس ڪارن وارن کان گهڻو گهٽ هئا، تڏهن هو انهيءَ نظريي جي نفي ڪندو هو. سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي ته 'مُئي کان پوءِ سج اڀري ته ڇا، لهي ته ڇا.' اياز چوندو هو ته اها ڳالهه اهم ڪانهي. اهم ڳالهه ته هيءَ آهي ته 'مئي کان پوءِ چنڊ اڀري ته ڇا، لهي ته ڇا.' انهيءَ ذهني ڪيفيت جو پنهنجي شعر ۾ به اظهار ڪيو اٿس:

اڳتي سَڀُ ڪافر جو ڪوڙُ
جيڪي آه هِتي آ هاڻِ
... ...
ٻيو سڀ پاڇي جو پيڇو
جاني آءُ، جواني ماڻِ

* * *

شيخ اياز جڏهن جواني ماڻي ٻڍو ٿيو، ته کيس موت جو احساس شدت سان ٿيو. ان جو کُليو کُلايو اظهار ڪندو هو. ويجهن دوستن سان ڪچهريءَ ۾ به ۽ لکڻ ۾ به. سندس پوئين دور جي تحريرن ۾، اها حقيقت روز روشن وانگر چٽي بيٺي آهي. "الوداعي گيت" ڪتاب جي مهاڳ ۾ هڪ هنڌ لکيو اٿس:

مان گهڻو ڪري ابراهيم جويي، غلام رباني، جمال ابڙي ۽ رشيد ڀٽيءَ سان سڄي سنڌ رُليو آهيان. ڪيئي سال اڳ اسان ٺٽي ۾ هڪ ٽڪريءَ تي هڪ ريسٽ هائوس ۾ لٿل

---

* شيخ اياز، پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي ته "هي اکر، انگريزي شاعره، ڪرسٽينا روزيٽيءَ، پنهنجيءَ قبر جي ڪتبي تي لکايا هئا، ۽ هن وقت منهنجن ڪنن ۾ ٻري رهيا آهن."

هياسين (جنهن جو نالو ياد نٿو اچي) ۽ يوناني فلسفين وانگر ڏو تي ڪائي پي چمل قدمي ۽ لاءِ نڪتا هياسين. رات پٽائيءِ جي ڪنهن بيت وانگر ٽي لڳي: آسمان ۾ پورو چند هڪ ازلي مسافر جي ڳڻڻيءِ وانگر وڏي رهيو هو. اوچتو منهنجي پيرن اڳيان هڪ لُنڊي نڪري وئي. رباني ۽ ڪان رڙ نڪري وئي ۽ هن هڪ وڏي پٿر ۾ هٿ وڌو، ته مون هن کي جهليو: هڙئي ۽ رات ۾ ڪنهن کي ماري رات جي جادوبتيءِ کي ٽڙڪائي وڃڻ برابر آهي. مرڻو آهي ته هيءَ نه ته پي ڪا لنڊي ماريندي، چو ته هن ٽڪريءِ تي نانگ بي شمار آهن. رباني ۽ پٿر ڦٽي ڪري ڇڏيو ۽ اسان بنگلي ۾ موٽي وياسين.

ڪراچيءِ ۾ مون کي پڪ هئي، ته موت هن پيري به منهنجن پيرن اڳيان ائين نڪري ويندو، جيئن اڳي لُنڊي نانگ نڪري ويو هو."

* * *

اياز، وفات کان ۾ ٽي گهمرا اڳ، مون سان چگي دير رڳو موت جي موضوع تي گفتگو ڪئي هئي. چيائين ته "مون موت کي چئي ڇڏيو آهي ته 'مون کي اڃا گهٽو ڪم ڪرڻو آهي: NO ADMISSION ." سندس اها 'آرزو' انساني فطرت جي تقاضا هئي. ليڪن، حقيقت هيءَ آهي ته موت جنهن به جاءِ ۾ گهڙندو آهي، اتي NO ADMISSION جي تختي ڪونه پڙهندو آهي: پوءِ اها دروازي جي مٿان لڳل هجي، يا ماٿوءِ جي دل تي.

اياز دل جي بيماريءِ ڪري وفات ڪئي. ان کان اڳ ڪيس پيٽ جي به ڪجهه تڪليف ٿي هئي. جويي صاحب مون کي ٻڌايو ته 'جيئن ڪنهن ماٿوءِ کي ڪاڏو ڪونه جيوري، بار ٽي پوي، تيئن ڪجهه شڪايت ڪندو هو.' مان انهن ٽي ڏينهن ۾ ڪنهن ڪم سان ڪراچيءِ ويس. حسب دستور، جمال ابڙي سان گڏ، اياز سان ڪچهري ڪرڻ ويس. اٽياسين ته فيصلو ٿيو ته رات جي ماني جمال وٽ کائيندا سين. اياز چيو ته شام جو اول ڊاڪٽر وٽ ڏندن جي علاج لاءِ ويندس، سو توهان سان گڏ رڳو سوپ پي سگهندس: پر، رات جو فون تي معذرت ڪيائين ته 'اچي ڪونه ٿو سگهان.'

سندس فرزند، ڊاڪٽر سليم، سندس هاضمي جي ڪمزوريءِ جي تصديق ڪندي، مون کي وڌيڪ ٻڌايو ته 'اسان جڏهن بابا کي اسپتال کڻي وياسين، ته ڪيس ساڻ جي نظام ۾ ڪجهه تڪليف هئي.' اسپتال ۾ علاج وسيلي بهتر ٿيو. ايتريقدر، جو سندس ڊاڪٽر ڪيس ڏيو ته 'سڀاڻي اوهان کي اسپتال مان گهر وڃن جي اجازت ڏيندس.' اها خوشخبري ٻڌي، گهر جي ڀاتين کي وڃن جي موڪل ڏنائين. فقط سندس گهرواري محترمه زرينه صاحبه وٽس رهي. ڪيس ۾ اڌ رات جو ائين چئي گهر موڪليائين ته 'صبح جو موٽر موڪلي ڏجو، ته مان گهر اچان.'

اياز کي اسر مهل تڪليف محسوس ٿي. بستري جي پرسان لڳل گهنٽي وڄايائين، ته اسپتال جو ملازم وٽس پهتو. پر، ساٿس ڳالهائي ڪونه سگهيو. رڳو هٿ سان دل ڏي اشارو ڪيائين. ڊاڪٽر کا دوا آئي ٽي آئي، تنهن کان اڳي هميشه لاءِ اکيون پوٽي ڇڏيائين. ڪيئن چئجي ته 'ان مهل' سندس تاثرات ڪهڙا هئا؟ يا سندس چپن تي ڪهڙا لفظ هئا؟

حيدرآباد ۾ جان آئرڪ نالي هڪ عيسائي ڊاڪٽر آهي، جو ڏندن جو علاج ڪندو آهي. ڪلٽو، ملٽو، سياڻ جو سلچٽو، منو ماٿو آهي. جائو نپنو حيدرآباد ۾، سو سنڌ سان محبت اٽس. هڪ دفعي مون کي ٻڌايائين ته پهرين پهرين سنڌي-انگريزي ڊڪشنري هڪڙي انگريز ناهي. ڏاڍي محنت ڪيائين. آخر سلهه ٽي پيس، سو واپس وطن هليو

ويو. اتان پنهنجن ناناڻن وٽ جرمني ويو، جتي دم ڏنائين. مرن محل ۾ ٽي اکر سنڌي ۾ ڳالهايائين. غالباً، اُهي پهريان پهريان سنڌي لفظ هئا، جيڪي جرمني جي سرزمين تي ڳالهايا ويا. جيئن کر ماڻهو دعا گهري، تيئن آسمان ڏي نهاري، خداوند کريم کي التجا کيائين:

"سفر پورو ٿيو. دَرُ پَٽ پنهنجو."*

اياز به پنهنجي زندگيءَ جو سفر پورو ٿيڻ محل، خدا کي کا التجا ڪئي يا نه، سا ته خبر ڪانهي، پو ته سندس ويجهو اوڏو ڪير ڪونه هو. پر پائنجي ٿو ته هن ان محل ائين ڪونه سوچيو هوندو ته "اڳتي سڀ ڪافر جو ڪوڙ آهي."

اميدَ، انهيءَ ذهني ڪيفيت جو نالو آهي، جيڪا موت جي ڪارن ڪڪرن مٿان به چانديءَ جي لڪير وانگر چمڪندي آهي.

* * *

زندگيءَ ۾ انسان جي جوابداري پنهنجي "ضمير" اڳيان آهي، ته موت کان پوءِ پنهنجي "خالق" جي اڳيان. ليڪن، اهي ٻئي ڳالهيون تصوراتي آهن. البت، هن جهانَ ۾ انسانَ جي منزلَ ءِ ماڳَ (PLACE OF MAN IN THE UNIVERSE) کي سمجهڻ ۾ انهن جي اهميت اهائي آهي، جيڪا ڌرتيءَ جي اتر قطب ءِ ڏکڻ قطب جي.

هڪ دفعي ڊاڪٽر شمل اسلام آباد ۾ آئي. جرمن سفير وٽ ٽڪي، جنهن سندس مان ۾ ماني کئي ۽ مون کي دعوت ڏنائين. ڳالهيون هوليون ڪندي، چيائين ته "اوهان جي ملڪ جا هي اتريان علائقا، سهڻن قدرتي نظارن کري، ڏاڍا مشهور آهن. پر، هماليا جبل، هندوڪش ۽ قراقرم وري ڪوهه پيما زالن ۽ مردن لاءِ ڪشش رکن ٿا: هڪ سال جرمنيءَ مان هڪ ڪوهه پيما ٽولي آئي، جنهن جي اڳواڻ کي نانگاپربت جي سڀ کان اُتاهين چوٽيءَ کي سَر ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو. شروع ۾ ڪيس وڏي ڪاميابي به ٿي. ڪافي مٿي چڙهي ويو. پر، اوچتو پير ترڪي ويس. هزارن فوٽن جي بلنديءَ تان، پهاڙ جي پاڇي ۾ اچي ڪريو، ته ساهه ئي ڪونه ڪنيائين. سندس وصيت موجب، لاش انهيءَ ئي هنڌ دفن ڪري، باقي زالون ۽ مرد واپس موٽيا. سندس قبر تي جيڪو ڪتبو لڳل آهي، تنهن ۾ فقط ٽي لفظ لکيل آهن، پر وڏيءَ معنيٰ وارا آهن.

مون جرمن سفير کان پڇيو ته: اهي لفظ ڪهڙا آهن؟

جواب ڏنائين ته: ONE TO ONE

* * *

اياز، وفات کان پوءِ، پٽائيءَ جي پاڇي ۾ دفن ٿيو. اها تجويز، سندس اهليه، محترمه زرينه صاحبه ڏني ۽ چيائين ته "اياز انهيءَ خواهش جو اظهار ڪندو رهندو هو." عجب اتفاق چئجي، جو سندس وفات واري ڏينهن، حيدرآباد ۾ ادبين جي تعزيتي اجلاس ۾ به مرڻي جي متعلق راءِ اهائي ٻيني. انهيءَ ڳالهه کي عملي شڪل ڏيڻ ۾ اياز جا جيڪي دوست ۽ احباب اڳتي وڌيا، تن ۾ مان به شامل هئس. پٽشاهه ۾ تدفين مان هر ڪنهن جو مقصد پٽائيءَ جي روضي سان ملحق قبرستان هو. پر، حميد آخوند ٻڌايو ته اتي جاءِ مشڪل آهي. قدرت مشڪل دور ڪئي. حميد آخوند، پاڻ ئي ثقافتي مرڪز جي ايراضيءَ ۾، ڪراڙ جي ڪپ تي، اياز جي ابدي آرامگاهه لاءِ سهوليت پيدا ڪري

---

* تازو مون اها ڳالهه ڊاڪٽر شمل سان ڪئي، جنهن چيو ته اهو انگريز عيسائي مبلغ هو. مرن محل ۾ جيڪي اکر چيا، سي عيسائي مذهب ۾ دعائيه انداز جا آهن ۽ عيسائي مبلغن جي عام اسلوب محاوري ۾ استعمال ٿيندا آهن.

ڏني. اهو ڪم ايڏو سولو ڪونہ هو. ڪيس ڪي مشڪلاتون درپيش هيون. پر، انهن کي بہ پاڻ ئي منهن ڏنائين.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ، ڪن دوستن جو رايو بيٺو، تہ جيسين ڪا پڪي پختي مزار تعمير ٿئي، تيسين ڪا ڪچي قبر ٺهرائي ڇڏجي. هڪ ڏينهن، جويو صاحب، جمال رند ۽ مان، ان باري ۾ حميد آخوند سان صلاح ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ وياسون، ڇو تہ ڪچي يا پڪي قبر يا ان تي ڪو سائبانُ، بهر صورت، ڀٽشاهہ ثقافتي مرڪز جي ايراضيءَ ۾ ئي ٺهڻو آهي، جنهن ۾ سندس صلاح مشورو ضروري هو. ڪراچيءَ ويندي، رستي تي ڳالهہ نڪتي تہ 'اياز يادگار ڪاميٽي' ٺاهجي. حميد آخوند سان ملاقات ٿي تہ مزار لاءِ ٻڌايائين تہ هر قسم جي پڪيءَ اڏاوت لاءِ واسطيدار ڪاميٽيءَ کان اجازت وٺڻي پوندي، جنهن جو صدر سنڌ جو چيف سيڪريٽري آهي. اياز يادگار ڪاميٽيءَ لاءِ دوستانہ مشورو ڏنائين تہ 'ٺاهڻو آهي، تہ اڳو پوءِ ڪو فائونڊيشن ٺاهيو.'

ڪراچيءَ مان موٽڻ کان پوءِ اسان جا تقريباً ڀٽشاهہ پنڌ هئا. جمال رند انهن ڳالهين ۾ سرگرم هوندو آهي، سو هڪ ڏينهن، جويي صاحب، حميد سنڌيءَ، سندس ننڍي ڀاءُ شمس، مدد علي سنڌيءَ ۽ مون کي ڀٽشاهہ وٺي هليو. ٻئي ڏينهن وري رڳو مون کي ساڻ کنيائين. انهيءَ ڏينهن مان ڏاڍو ٿڪَلُ هئس، سو مون کي ڀٽشاهہ ريسٽ هائوس ۾ ٿڪ ڀڃڻ جي اجازت ڏنائين. پاڻ ڪچيءَ قبر جي تعمير لاءِ پنهنجي دوست، مولا بخش ميربحر (ڊي.جي.ڊِرِپ) سان ملڻ ويو. اڌ منو ڪلاڪ گذري ويو. مون کي اڪيلائيءَ ۾ ريسٽ هائوس ۾ آرام ڪونہ آيو، سو اٿي اياز جي مٽيءَ پنوڙي ڏي ويس. نما شام جي مهل هئي. سانت ۽ سناٽو اهڙو هو، جو ڪنهن وڻ جو پن ئي ڪونہ ٿي لُڏيو. اياز جي مٽيءَ پنوڙي تي گلن جا ڊير ڪڏهوڪو ڪومائجي، بلڪ سُڪِي، سڙي ويا هئا. مان چڱي چڱي دير اڪيلو اتي اڀين پيرين بيٺو هوس. زندگيءَ جا چاليهہ ورهيہ اياز سان گڏ گذريا هئا. الائي تہ ڪيتريون ڳالهيون ياد آيون. پير علي محمد راشدي چوندو هو تہ "دلين کي درياءَ جون سيرون بہ ڌار ڪري ڪونہ سگهنديون آهن." مون بہ ائين ئي سمجهيو هو، تہ ماڻهو مئي جيئري دوستن سان نباهي ٿو. موت تہ رڳو هڪ پردو آهي. سو، مان اياز سان مخاطب ٿيس، ۽ کيس اهي ڳالهيون ياد ڏياريم، جيڪي ٻڌي، هو کلي ڏيندو هو. مون ڀانيو تہ ڪنهن وڻ تان ڪو پکي اڏامندو ايندو ۽ مٺي لات لنوندو، تہ ان جو مطلب اهو ٿيندو، تہ اياز منهنجون ڳالهيون ٻڌي خوش ٿيو آهي. پر، ائين ڪونہ ٿيو.



منهنجو اڪيلائيءَ ۽ اداسائيءَ جو احساسُ، جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو. هونئن تہ سانت ۽ سناٽي کي بہ پنهنجي زبان ٿئي ٿي، پر، اها روح تي بار وجهي ٿي. جڏهن ڀانيم، تہ هاڻي روح ماندو ٿئي ٿو، تڏهن لاچار ڳورين وکن سان، پوئتي موٽيس. جمال رند آيو. اسان حيدرآباد موٽڻ جي تياري ڪئي. موٽر ريسٽ هائوس مان ٻاهر نڪتي، تہ سانجهيءَ جا اونداها پاڇا ڏاڍا گهاٽا ۽ گهرا ٿي ويا هئا. انهيءَ منهن-اونداهيءَ ۾، مون وري اوڏانهن نهاريو، جتي ايازُ، اڪيلو ئي اڪيلو، مٽيءَ جي تهن هيٺ پوريل هو. مون کي ڪنهن بہ پکيءَ جي لات ٻڌڻ ۾ ڪانہ آئي. البت، پنهنجي اَندَرَ جو هڪ آواز ٻڌم: ONE TO ONE

* * *

زندگيءَ جي ازلي ۽ ابدي حقيقت تہ الائي ڇا آهي، پر اِهي ٽي لفظ وڏي وزن وارا لڳن ٿا. ماڻهو هن دنيا ۾ مختصر مدت لاءِ اچي ٿو. ڪاڏي وڃي ٿو، سو معلوم ڪونهي. ڀٽ ڇو اچي ٿو، سو بہ معلوم ڪونهي. فلسفي، مذهب ۽ سائنس جي ماهرن ۽ ڏاهن جا پنهنجا پنهنجا رايا آهن. موجوده دور ۾، سائنس وڏا وڏا ڪارناما ڪري ڏيکاريا آهن. خوردبينيون آهن، جي خاموشيءَ سان، رت جي ڦڙي ۾ انسان جي تخليق جو عمل پيون ڏسن. "GENETIC-ENGINEERING" جو نئون سائنسي علم نڪتو آهي، جنهن اخلاقيات (MORALITY) جي مروج ماپن ۽ معيارن کي لوڏي ڇڏيو آهي. عيسائين جي مذهبي پيشوا، پوپ دانهن ڪئي آهي تہ "پلاٽي ڪري، انهيءَ بوتل کي ٻُجي ڏيو." سو، حال في الحال، GENETIC-ENGINEERING جو جنُ بوتل ۾ بند رکيو اٿن.

هڪ طرف اهي خوردبينيون تہ ٻئي طرف وري ديون جيڏيون دوربينيون آهن، جيڪي ڌرتيءَ جي جاسوسن وانگر، چند ۽ تارن جا پيرا ڪنيون پيون ڦرن. ڌرتيءَ ۽ آسمان جي وچ ۾ راڪيٽن جي گجگوڙ آهي: آسمانن جا در کولي ڇڏيا اٿن ۽ منجهن شاهي رستا ناهي ڇڏيا اٿن. ڪي چند تي وڃي لٽا آهن، تہ ڪي مريخ تي. ڪن جي منزل ايجا بہ اڳيرو آهي. رات جو آسمان جو نظارو ڏسُ، تہ قدرتي تارن جي وچ ۾ ماڻهوءَ جا ڇڏيل تارا پيا هلن. پنهنجين ٽي اکين تي اعتبار ڪرڻ ٿو اچي. پر آهي حقيقت، جنهن کان کوبہ انڪار ڪونهي. ۽ ادا بہ حقيقت آهي تہ اهو معجزو ۽ ڪرامت، ڪنهن بہ وِردَ ۽ وظيفي جي ڪري ڪونہ ٿيو آهي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو ڪمال آهي!

ايازَ مون سان ڳالهہ ڪئي تہ جڏهن سندَ يونيورسٽيءَ ۾ وائيس چانسيلر هئس، تہ سرڪاري وفد ۾ ترڪيءَ ويس. هڪ هنڌ، مصطفيٰ ڪمال جو مجسمو لڳل هو، ۽ هيٺان لکيل هو تہ، "هِن دور ۾ ماڻهوءَ جو مُرشدُ، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي آهي."

ويهين صديءَ جو وڏي ۾ وڏو سائنسدان، آلبرٽ آئنسٽائين هو. زندگيءَ جي ازلي ۽ ابدي حقيقت تي راءِ ڏيندي چيو اٿس تہ:

> حيواني ۽ نباتاتي زندگيءَ (ORGANIC LIFE) جي معنيٰ ۽ مقصد ڇاهي؟ انهيءَ سوال جو ڪو جواب ڏيڻ لاءِ مذهب جي ضرورت پوندي. سو، انهيءَ سوال پڇڻ مان آخر ڪهڙو فائدو؟ مان تہ اهوئي جواب ڏينڊس تہ جيڪو شخص 'زندگي' بي معنيٰ سمجهي ٿو، سو نہ رڳو بدنصيب آهي، پر زنده رهڻ جو حقدار ٿي ڪونهي."

جيڪڏهن ماڻهوءَ کي پنهنجيءَ زندگيءَ جي معنيٰ ۽ مقصد جو پتو ڪونهي، پر ساڻئي وقت زنده رهڻ تي بہ مجبور آهي، تہ پوءِ پلا ڇا ڪري؟ ان باري ۾ آئنسٽائين جو خيال آهي تہ:

> "انسان جي خوشي ڪن ڪن خاص ماڻهن جي مسڪراهٽن تي منحصر آهي. (پوءِ اهي انسان جي گهر جا پاتي هجن، مٽ مائٽ هجن، يار دوست هجن، يا پيا لاڳاپيدار). مان تہ روزانو، پنهنجو پاڻ کي سوين دفعا اها ڳالهہ ياد ڏيارينڊو آهيان، تہ منهنجي زندگي سنوارڻ ۾ پين ڪيترن ماڻهن جون ڪوششون شامل آهن. مون سندن پورهئي مان ڪيڏو نہ فائدو ورتو آهي. انهن مان هڪڙا حيات آهن، پيا گذاري ويا. --هاڻي، منهنجو فرض آهي، تہ مان بہ ڪيئن ساڻي موت ڏيان."

آئنسٽائين ماڻهن کي اها موت هيئن ڏني تہ ورهين جا ورهيہ سوچ ويچار ۽ تحقيق ڪري، اڌڙا نوان نظريا ڏنائين، جو علم ۽ عرفان جا سوين هزارين فانوس روشن ٿي ويا. دنيا جو نقشو ٿي بدلجي ويو. انسانذات جا 'زمان'

ء 'مڪان' بابت صدين کان قائم ڪيل اڳوڻا نظريا متجي ويا. هائي، مشرق ۽ مغرب ۾ آئنسٽائين جي نالي جي ڏاڪ آهي. زندگيءَ جا آخرين ايام آمريڪا ۾ گذاريائين. پرنسٽن ۾، جنهن گهر ۾ رهندو هو، سو انهيءَ ليبارٽريءَ کان گهٽو پري ڪونہ هو، جتي تحقيق (RESEARCH) ڪندو هو، انڪري گهران نيرن ڪري، صبح جو سوير پيادل ويندو هو. پر، انهيءَ کان اڳ ئي پارڪ ۾، ماڻهن جا هشام سندس ديدار لاءِ گڏ ٿي ويندا هئا.

هڪ پيري 'وائيٽ هائوس' مان رات جي مانيءَ لاءِ دعوت ڏنائونس. چيائين تہ 'اڄڪلهين لاءِ مون وٽ وقت ڪونهي.' هڪ طرف سندس مصروفيت ۽ خودداري اها ۽ ٻئي طرف نہ ماڻائي هيءَ، جو هڪڙي ڏينهن، منجهند مهل آرام ۾ هو، تہ پاڙي جا ٻار، سندس گهر جي پٺ ٽپي، بيڊ روم جو در کڙڪائي، وٽس اندر لنگهي آيا. چيائونس تہ "جلدي ڪر. نوٽبڪ ڪڍ. هي حساب تہ ڪري ڏي. ڏاڍا ڏکيا آهن. نہ ڪري ويندا سين، تہ سياڻي ڪلاس ماسٽر ناراض ٿيندو." آئنسٽائين اهو ٻڌي، ڪاوڙيو ڪونہ، ڪلي ڏنائين. کين آٽت ڏنائين تہ "بابا، ماسٽر صاحب کي ناراض وري ڪيئن ڪندا سين!" پنهنجو آرام قربائي، اسڪولي حساب ڪري، ٻارن کي راضي ڪري، واپس گهرن ڏانهن موڪليائين.

پر، هر انسانُ تہ آئنسٽائين ٿي نٿو سگهي! نہ وري سيئي ماڻهو 'سائنسدان' ٿي پوندا، تہ هيءَ ڌرتي 'بهشت' بڻجي ويندي. خود آئنسٽائين جو پنهنجو خيال اهو هو تہ:

"اهي ئي شخص هين کان وڌيڪ عزت جا لائق آهن، جن زندگيءَ کي بهتر بنائڻ ۾ ماڻهن جي 'ذهني تربيت' ڪئي آهي، يعني انسانذات جو شعورُ بلند (ELEVATE) ڪيو آهي.

جيڪڏهن سوال ڪبو، تہ اهي شخص ڪير آهن؟ تہ جواب ڏينڙ ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو، ڇو تہ ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن ۽ خود مذهبي پيشوائن لاءِ شڪ آهي، تہ هنن انسانذات کي فائدو وڌيڪ پهچايو آهي يا نقصان؟ سو، مان تہ سوچي سوچي انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان، تہ اهڙا ماڻهو پهرئين نمبر تي 'فنڪار' آهن ۽ ٻئي نمبر تي 'سائنسدان.'

خاطريءَ سان چئي سگهجي ٿو، تہ سائنسي تحقيق جو منو ميوو انسان جو شعور بلند ڪونہ ٿو ڪري. اهو تڏهن بلند ٿئي ٿو، جڏهن ماڻهوءَ ۾ تخليقي يا ٻئي ذهني ڪم کي سمجهڻ لاءِ تمنا ۽ تڙپ پيدا ٿئي ٿي."

آئنسٽائين جا پنهنجا اصل اکر هي آهن:

IT IS RIGHT IN PRINCIPLE THAT THOSE SHOULD BE THE BEST LOVED, WHO HAVE CONTRIBUTED TO THE ELEVATION OF THE HUMAN RACE... THIS APPLIES MOST OF ALL TO THE GREAT ARTIST. BUT ALSO, IN A LESSER DEGREE, TO THE SCIENTIST... TO BE SURE, IT IS NOT THE FRUITS OF SCIENTIFIC RESEARCH THAT ELEVATE A MAN AND ENRICH HIS NATURE, BUT THE URGE TO UNDERSTAND THE INTELLECTUAL WORK, CREATIVE OR RECEPTIVIE.

ALBERT EINSTEIN

"THE WORLD AS I SEE IT"

WATTS CO. LONDON, 1935.

* * * *

آرٽسٽ (فنڪارُ) لفظُ، مغربي اصطلاح ۾، وسيع معنيٰ وارو آهي. ان ۾ مُصور، سنگتراشَ، موسيقيءَ ۽ رقص جا ماهر، ڳائڻا، ائڪٽرَ، ناٽڪ نويس، شاعر، عالم، اديبَ، مفڪر ۽ دانشورَ سڀ اچي وڃن ٿا. آئنسٽائين پاڻ شوپنهاور نالي هڪ اديب ۽ مفڪر کان گهڻو متاثر هو. سندس هڪ گفتو کيس ڏاڍو وڻندو هو:

"A MAN CAN DO AS HE WILL, BUT NOT WILL AS HE WILL."

اڄڪلهه، عام تاثر اهو آهي ته هاڻي مغرب ۾ شعر جو اڳيون قدر ڪونه رهيو آهي. شعر جا ڪتاب گهٽ ڇپجن ٿا ۽ شعر شاعريءَ جون محفلون به محدود ٿي ويون آهن، ڇو ته مغرب، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ڏانهن مائل آهي ۽ ان مان وڏا فائدا ورتا اٿس، پر ويهينءَ صديءَ جي وڏي ۾ وڏي سائنسدان جي خيال موجب انسانذات جا وڏي ۾ وڏا محسن اُهي 'فنڪار' آهن، جيڪي ماڻهن جو شعور بلند ڪن ٿا. *

شاعري ڏات آهي، پر وڏو فن به آهي. شاعرُ، سهڻا خيال اهڙن ته سهڻن اکرن ۾ وجهي ٿو، جو اهي ابدي صداقت جا ترجمان ٿين ٿا. بلڪ "آيتون" ٿي پون ٿا. اقبال انهيءَ ئي معنيٰ ۾ چيو هو ته:

محمد بهي ترا، جبريل بهي، قرآن بهي تيرا
مگر يه حرفِ شيرين، ترجمان تيرا هے يا ميرا

شاهه سائينءَ جو هيءُ بيت به انهيءَ ئي معنيٰ ۾ پڙهڻ گهرجي:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پِريان سندي پار ڏي.

* * * *

سنڌُ، پنهنجيءَ سموريءَ تاريخ ۾، جيڪو وڏي ۾ وڏو شاعر پيدا ڪيو، سو شاهه هو. شخصي زندگيءَ توڙي شاعرانه ڏات جي لحاظ کان، صحيح معنيٰ ۾، عظيم انسانُ ۽ عظيم شاعرُ هو. کيس هي جهان ڇڏئي، ٽي صديون گذري ويون آهن، پر ايڏو ڊگهو عرصو به سندس مڃتا ۾ ڪو فرق آئي ڪونه سگهيو آهي. مون ايران ۾ حافظ، سعديءَ ۽ فردوسيءَ جي مزارن تي حاضري ڏني آهي. پاڪستان ۾ پشتو شاعر رحمان بابا ۽ پنجابي شاعر وارث شاهه جي ابدي آرامگاهن جي زيارت ڪئي اٿم، پر ڪنهن به شاعر جي دروازي تي ماڻهن جا ايڏا ميڙ ڪونهن. شاهه ڀٽائي ڪرشمه ساز شخصيت جو مالڪ هو. اڃا حيات هو، جو وٽس ماڻهن جا ميڙ گڏ ٿي ويا هئا. سي به ايتريقدر، جو وقت جو حاڪم، نور محمد ڪلهوڙو حيران پريشان ٿي ويو. پس پيش، هن به اچي سندس پيرن تي هٿ رکيا. ڀٽائي ارڙهينءَ صديءَ عيسويءَ ۾ پيدا ٿيو، پر، هاڻي، هر دؤر ڀٽائيءَ جو دور آهي. سنڌ ۾ ٻيو ڀٽائي ڪونه ايندو.

سنڌ کي ڀٽائيءَ جي دعا آهي. سنڌ جي ڪُکِ سدائين سائي رهندي. ويهينءَ صديءَ جي سنڌُ به وڏا شاعر پيدا ڪيا. شيخ اياز انهن ۾ به وڏو نالو آهي. کيس سنڌي زبان تي بي مثال ملڪو حاصل هو. اڳتي هلي، جڏهن پنهنجي ڪلام ۾ ڀٽائيءَ جو اصطلاح ۽ استعارو ڪاميابيءَ سان ڪم آندائين، ته سون تي سهاڳي وارو ڪم ٿي پيو. علڻ فقير جڏهن هيءَ ڪافي:

" ٽڙي پوندا ٽارئين، جڏهن ڳاڙها گل، تڏهن ملنداسين."

ڀٽائيءَ واري راڳ جي رنگَ ۾ ڳائيندو آهي، تڏهن اياز جو ڪلامُ نِجُ سون وانگر تجلا ڏيندو آهي. ڪنهن به ڪلام ۾ انگ ۽ رنگ ڀٽائي جو هوندو، ۽ پيغام سنڌ جو، ته ٻڌندڙ موهجي ويندو. اياز به سنڌ جي ماڻهن کي موهي وڌو. خاص

---

* اردو زبان جي همعصر شاعر تابش دهلويءَ جو خيال آهي ته سمورن فنڪارن ۾ هڪ ڪالهه ساڳي آهي: هو سونهن کي پسند ڪندا آهن. سندس پنهنجا اصلي لفظ هي آهن: "صرف شاعر نه پر سمورا فنڪار سونهن پسند ڪندا آهن. سونهن ڪٿي به هجي ۽ ڪنهن به شيءِ ۾ هجي، اها شاعر کي متوجهه ڪندي آهي.-" سه ماهي "نئين عبارت" حيدرآباد، جلد ۳-۱۹۹۷ع، صفحو ۸۴.

ڪري، نئون نسل سندس پرستار ٿي پيو. سکر ۾ هڪ دفعي جيل مان آزاد ٿيو ۽ پيادل گهر روانو ٿيو. موٽر ۾ ڪونه چڙهيو، جو نوجوانن جو وڏو گروهه سندس اردگرد هو ۽ کيس جلوس جي شڪل ۾ وٺي وڃي رهيو هو. جڏهن اياز وک اڳتي ٿي کنئي، ته سندس پرستارَ سندس قدمن جي مٽي کڻي، عقيدت طور، پنهنجي نرڙ تي مَلي رهيا هئا. سنڌ، هاڻوڪي دور ۾، ايڏيءَ عقيدت جو اظهار ته ڪنهن به اديب ۽ شاعر سان ڪونه ڪيو آهي! اها ڳالهه اياز جي "غيرمعموليَ عظمت" جي نشاندهي ڪري ٿي.

انهيءَ واقعي کي ورهيه ٿيا. پر، ويجهڙائيءَ ۾ به اياز جي وفات تي "باشعور سنڌُ" جنهن غم جو اظهار ڪيو آهي، تنهن جو به ڪو مثال ڪونه ٿو سُجهي. برابر، سنڌ جو مٿيون طبقو، يعني وڏو زميندارُ، پيرُ ۽ ميرُ انهيءَ غم ۾ عوام سان شريڪ ڪونه هو. پر، اهي ته اڀرندڙ سج جا سلامي هوندا آهن.

جنرل ايوب جي حڪومت ۾، جڏهن ون يونٽ ۽ سنڌي ٻوليءَ واريون تحريڪون هليون، تڏهن به سنڌ جا زميندارَ، پيرَ ۽ ميرَ، سنڌ جي عوام کان ڇڄي، ڌار ٿي بيٺا هئا. هو سنڌي اديبن، شاعرن ۽ شاگردن کي جيتامڙا سمجهندا هئا. البت، ملڪ جي حاڪم، جنرل ايوب خان سان پنهنجي وفاداري ثابت ڪرڻ لاءِ وَسَ ڪندا هئا. سندس دعوتون ڪندا هئا. کيس شڪار ڪرائيندا هئا. لکين رپيا لُٽائيندا هئا. پر، جڏهن "جيتامڙن" جون تحريڪون ڪامياب ٿي ويون، ۽ جنرل ايوب خان جي حڪومت جيتامڙن اڳيان اچي گوڏا کوڙيا، تڏهن سنڌ جا وڏيرا، پير ۽ مير وائڙا ٿي ويا. ون يونٽ جي خاتمي وقت، ته مڙني ڀوتارن، حيدرآباد ۾ هالن جي مخدوم صاحب واري بنگلي تي، سنڌ جي ماڻهن کان پنهنجيءَ عداريءَ جي کلئي عام معافي ورتي هئي. سائين جي.ايم.سيد انهيءَ جلسي جي صدارت ڪئي هئي. پنهنجي ڪتاب "جنب گذريم جن سين" ۾ لکيو اٿس، ته "...سردارن، وڏيرن، پيرن، ميرن ۽ سيدن جو ذاتي اقتدار، ذاتي عزت ۽ ذاتي مطلب کان سواءِ ٻيو ڪوبه مقصد ڪونهي. گهٽن جو ته شخصي اخلاق به ڪريل آهي." -- اياز جو هيءُ شعر انهيءَ دؤر جو يادگار آهي:

اڄ لعل لهوءَ جي سرگم تي، ٿي منهنجي ڌرتي رقص ڪري،
مُنهن هئڊ ٿيا غدارن جا، بيشرم وڏيرن، پيرن جا.

بلاشبه، سنڌ ۾ قوميت جي تحريڪ جو روح روان سائين جي.ايم.سيد هو، پر ان کي ڀڙڪائي، ڀيڙ ڪرڻ ۾ اياز جو به وڏو هٿ هو. جلسن ۾ "شيخ اياز - سنڌ جو آوازُ" نعرو لڳندو هو، توڙي جو سندس شعر جو مکيه موضوع 'سنڌ جو سياسي مستقبل' هو. هن پاڻ به پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ انهيءَ راءِ جي تصديق ڪئي آهي ته 'منهنجي شعر شاعريءَ جو مقصد اهو ڪونهي.' ٻئي هنڌ پنهنجي سوچ ۽ ذهني تربيت بابت لکيو اٿس ته "ابراهيم جويو، حشو ۽ سوڀو منهنجي ذهني اوسر جا باعث هئا." سوڀي وري پنهنجي ڪتاب ۾ جويي صاحب لاءِ لکيو آهي ته:



"جويي صاحب جي سياسي ڪردار کان تمام ٿورا ماڻهو واقف آهن. هو وڏو پڙهيل، مارڪسسٽ، رائسٽ (ايم.اين.راءِ جو پوئلڳ) ۽ سياسي ڄاڻ جو مالڪ آهي. جويو صاحب سنڌ لاءِ، گمنام سپاهيءَ وانگر جدوجهد ڪندو رهيو آهي. ١٩٥٣ع واريءَ چونڊيل اسمبليءَ جي اندر سنڌ جي حقن ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪن ليڊرن جيڪي شاندار ٺهراءَ انگريزي زبان ۾ پيش ڪيا هئا، انهن تي، محنت ڪندڙ ماڻهو، محمد ابراهيم جويو هو. هر ادبي سياسي ڪانفرنس لاءِ گرائونڊ ورڪ ڪرڻ ۽ تجويزون ترتيب ڏيڻ جو ڪم به سنڌ جو هي گمنام سپاهي ڪندو رهيو آهي. ڪيترا ليڊر صاحبان، جيڪي طمطراق سان اسٽيجن تي تقريرون ڪندا آهن، تن کي اها خبر

بہ ڪانہ هوندي آهي، تہ انهن تقريرن جو ڪچو مال جويي صاحب جي دماغ جي پيداوار آهي. هو انتهائي محنتي، مانيٽو ۽ نهٺو انسانُ آهي. اصولن تي سخت پابند آهي. جويي صاحب جهڙا ماڻهو اسان جي سماج اندر تمام ٿورا آهن، جن پاڻ ماري ۽ ٻاري، سنڌيت کي قائم رکيو آهي."

هن پس منظر ۾، اياز جي شخصيت ۽ فن بابت، مير تقي مير جي لفظن ۾- "مستند هئہ ميرا فرمايا ہوا"-- جي دعوا تہ فقط جويي صاحب کي سونهين ٿي، (يا وري سوڀي کي). پر، مون زندگيءَ جي چاليهارو کن سالن جو جيڪو عرصو اياز جي قربت ۾ گذاريو، تنهن مان ائين محسوس ڪيم تہ سندس شاعريءَ ۾ انڊلٺ جا سمورا رنگ ڀريا پيا آهن. سياسي سوچ بہ انهن ۾ هڪڙو رنگ آهي.

* * *

اياز سان منهنجي غائبانہ ملاقات تڏهن ٿي، جڏهن سنڌ ۽ هند تي اڃا انگريزَ جي بادشاهي هئي. مان ڏهن ٻارهن سالن جو هوندس. منهنجي والد بزرگوار کي سنڌي ۽ فارسي ڪتابن ۽ رسالن جو شوق هوندو هو، سو هڪ دفعي "مهراڻ" نالي رسالو آندائين. منجهس شيخ اياز جو گيت "هاءِ پرين ياد آيا" ڇپيل هو. ان باري ۾ اياز پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ جي ٻئي جلد ۾ لکيو آهي تہ

"جيتوڻيڪ مون کان اڳ هوندراج دکايل ڪجهہ گيت لکي چڪو هو ۽ ڪجهہ گيت هري دلگير بہ لکي چڪو هو. مون پهريون گيت 'هاءِ پرين ياد آيا' ڪراچيءَ جي سنڌي سرڪل جي ڪنهن محفل ۾ پڙهيو. لعل چند امرڏنو مل، جو ميڙ جي صدارت ڪري رهيو هو، جهومي اٿيو ۽ ٿوري وقت کان پوءِ اهو گيت سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي 'مهراڻ' ۾ ڇپيو، ڇو تہ هو پاڻ تن ڏينهن ۾ مهراڻ جو ايڊيٽر هو. عثمان علي انصاري بورڊ جو سيڪريٽري هو.

سڄو گيت هن ريت آهي:

رات انڌيري، واءُ ٿڌيري، اُڀ تي تارا ڇايا،
هاءِ، پرين ياد آيا.
پوئين پهر فضا گهوماٽي، جهلڪي تي ٿي سرد ڏياٽي،
ڪاريون ڪاريون هو گهرايون، وَٽ کائيندي جئن لهرايون،
دور ڦٽي تئن باک ڀليري، گرجا گهنڊ وڄايا.
هاءِ، پرين ياد آيا.

ستت، 'مهراڻ' جي ٻئي ڪنهن پرچي ۾ سندس ٻيو گيت پڙهيم:

منهنجا پرين!
او بانورا! او سانورا!
گهر ۾ گهڙين،
چوري ڪرين، کلندو ورين،
مان لک چوان، پيرين پوان،
پر جو مڙين، او شل جُڙين!
منهنجا پرين!
او بانورا، او سانورا!

* * * *

ڏاڪو ورهيه پوءِ، مان ڪراچيءَ ۾ ڪالیج ۾ پڙهندو هوس، تہ سندس نثر جا جا ٻہ ڪتاب پڙهيم: هڪ ڪهاڻين جو مجموعو "سفيد وحشي" ۽ ٻيو خطن جو مجموعو "پنهل ڪانپوءِ". ڪهاڻين جي ڪتاب مان برطانوي سامراج کان نفرت جي بوءِ اچي ٿي ۽ خطن جي ڪتاب ۾ 'رومانيت' جي رنگيني نظر اچي ٿي.

"سفيد وحشي" ڪتاب تڏهن ڇپيو هو، جڏهن اياز اڃا ڪالیج ۾ پڙهندو هو. سندس سڀ سنگتي ترقي پسند خيالن جا هئا. گهڻا هندو هئا، ڪي ٽورڙا مسلمان ٻ هئا. ليڪن، سڀيئي سياسي طرح سرگرم هئا ۽ انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ شامل هئا. اياز ان زماني ۾ انقلابي گيت چيا، جيڪي شيخ عبدالرزاق راز جي چوڻ موجب، نوجوان شاگردن ۾ ڏاڍا مقبول ٿي ويا. هن گيت ۾ "لوڏ سامراج کي..." لفظ ان دؤر جا يادگار آهن:

ڏوڏ هن سماج کي،
لوڏ سامراج کي،
ناهه سو نئون نظام،
جو چگو چوي عوام،
هي نظام آ خراب، انقلاب!
انقلاب! انقلاب! ڳاء انقلاب ڳاء.

ڊاڪٽر جانسن انگريزي ادب جو هڪ نامور ٿي گذريو آهي. سندس حياتيءَ جو سربستو احوال باسويل لکيو آهي. انور فگار هَڪڙو، هاڻي انهيءَ ٿي عقيدت ۽ انداز سان، اياز جي سرگذشت لکي رهيو آهي. سندس تحقيق موجب، اياز جي ڪهاڻين جو ڪتاب "باغي منڊل" شايع ڪرايو هو، جيڪو هن ۽ موهن پنجابيءَ گڏ قائم ڪيو هوءِ انهيءَ اداري، سندس ٻيو ڪتاب "اسان جي سنڌ" جون ۱۹۴۷ع ۾ ڇپايو، جيڪو سياسي نوعيت جو هو. پر، اهو ڪتاب نہ مون پڙهيو آهي، نہ ڏٺو آهي ۽ حيرت آهي تہ نہ وري ڪڏهن اياز ان جو ذڪر ڪيو. البت، "اڳتي قدم" رسالي جي گهڻي ٽوري خبر هر ڪنهن کي آهي. مون ٻ ان جو هڪ ٻ پرچو ڏٺو هو. جويي صاحب مون کي ٻڌايو تہ رسالي جو نالو پاڻ ٿي اياز کي تجويز ڪيو هئائين. ڇيائين تہ "مان ۽ منهنجو دوست، احمد جيواجي، ٻئي ڇڻا، ايم.اين.راءِ کان متاثر هئاسين. احمد جيواجيءَ 'آگے قدم' نالي سان ڪراچيءَ ۾ پريس قائم ڪئي. مون انهيءَ ٿي نسبت سان اياز کي صلاح ڏني، تہ اوهان ٻ پنهنجي رسالي جو نالو 'اڳتي قدم' رکو."

* * * *

اياز، انهن ڏينهن ۾ ترقي پسند ادب جي تحريڪ کان متاثر هو. اها تحريڪ سنہ ۱۹۳۶ع ۾، لکنوءَ ۾، ترقي پسند اديبن جي پهرينءَ ڪانفرنس کان پوءِ شروع ٿي، ۽ سڄي هندستان تي اثر وڌائين. ان جو تاريخي پس منظر هيءُ آهي تہ ۱۹۱۷ع ۾، روس ۾، سوشلسٽ انقلاب آيو، جنهن سڄيءَ دنيا کي لوڏي ڇڏيو. سنڌ ۾ ٻ روسي انقلاب بابت لٽريچر شايع ٿيو، جنهن جو هڪڙو ننڍڙو سنڌي ڪتابڙو مون ٻ پڙهيو هو. مٽس پيلي رنگ جي سنهي ڪاغذ جو ڪور هو. ڪتابڙو جتي پورو ٿيو، اتي "انقلاب زنده باد" ۽ "دنيا جي مزدورن جو اتحاد زنده باد" جا نعرا هئا. پر، خالص ادبي حوالي کان ڏسبو، تہ ان دور ۾، حيدر بخش جتوئيءَ جون "هارين جون ڪهاڻيون" ترقي پسند ادب جو، صحيح معنيٰ ۾، شروعاتي ۽ اهم ڪتاب نظر ايندو. بهرحال، انهيءَ لٽريچر سنڌ ۾ سوشلسٽ نظريي جو بج ڇٽيو.

مون ان دؤر جو "سربستو احوال" تہ ڪاٿي بہ ڪونہ پڙهيو آهي، پر، ڪن اعتبار جوڳن ماڻهن کان جيڪي ٻڌو اٿم، ان جي آڌار تي ڀانيان ٿو تہ محمد امين خان کوسو، جيڪو بنيادي طرح بلوچ قومي اڳواڻ يوسف علي خان مگسيءَ ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ کان متاثر هو ۽ هن وانگر سوشلسٽ خيال رکندو هو، حشو ڪيولراماڻي، جيڪو ولايت تازو تازو پڙهي آيو هو ۽ پراڻي دقيانوسي نظام جو مخالف هو، ڪامريڊ عبدالقادر انڊهڙ جو غريب ماڻهن جو لڏو وٺيو، سدائين سنڌ سيڪريٽريٽ جا چڪر ڏيندو رهندو هو، اسان جو ڪامريڊ حيدربخش جتوئي صاحب، جو جمشيد نسروانجيءَ جي شروع ڪيل هاري تحريڪ جو اڳتي هلي وڏو بهادر نامور اڳواڻ ٿيو، ۽ گهڻن ئي اهم قومي ڪمن ۽ تحريڪن ۾ بهرو ورتائين، سي سڀ ساڳئي درخت جا گؤنچ گُلَ ۽ ڏارَ هئا. وڏا باوقار انسان هئا.

محمد امين کوسي سان، گهڻو پوءِ، منهنجي گهري گهاٽي ياري ٿي، توڙي جو عمر ۾ منهنجو بزرگ هو. حشو مون ڪونہ ڏٺو. پر، سندس ڳالهيون سائين جي.ايم.سيد کان ٻڌم. ١٩٤٧ع ۾ ورهاڱو ٿيو. حشو سنڌ ڇڏي، هند نٿي ويو. زور زبردستيءَ سان کيس تڙي ڪڍيائون. هندستان ۾ دهليءَ ۾ رهندو هو ۽ "هندستان ٽائيمس" (روزانہ انگريزي اخبار) ۾ ڪم ڪندو هو. هند-سنڌ جا چونڊ سنڌي افسانا ترجمو ڪري ڇپايائين، انهن ۾ منهنجو افسانو "بري هن ڀنڀور ۾" بہ شامل ڪيائين، جيڪو پوءِ چين جي "عالمي ادب" رسالي، "هندستان-ٽائيمس" تان چينيءَ ۾ ترجمو ڪيو، ۽ دنيا جي چونڊ ادبي شهپارن ۾ شامل ڪري ڇپيو. اها غالباً سنہ ١٩٦٣ع جي ڳالهہ آهي. حشوءَ کي افسانو ڪو اهڙو وڻي ويو، جو دهليءَ مان مون کي خط لکڻ لڳو ۽ دوست ٿي ويو. ڪامريڊ عبدالقادر انڊهڙ ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي تہ منهنجا بزرگ هئا. مون کي محبت ڏيندا هئا. اهڙن احبابن کان ڳالهيون ٻڌي مٿيون رايو قائم ڪيو اٿم.

منهنجو ڳوٺائي، هالاڻيءَ وارو سائين قاضي فيض محمد ۽ ٻيا هاري اڳواڻ بہ ساڳيءَ ئي تحريڪ جو تسلسل هئا. قادر بخش نظاماڻي ۽ ارباب نور محمد پليجو بہ ساڳئي چمن جا ٻوٽا هئا، جيڪو هاڻي اهڙو تہ اجڙي ويو آهي، جو ائين کڻي چئجي تہ "پئي کڻي پساهہ، پسڻ ڪاڻ پرينءَ جي" وارو حال اٿس. هن وقت سنڌ ۾ ان دور جو اکين ڏٺو شاهد فقط هڪڙو بچيو آهي، سوڀوگيانچنداڻي. پنهنجي ڪتاب "وڏي وٽ هئام" ۾ محمد امين خان کوسي بابت لکي ٿو تہ:

> محمد علي جوهر جو شاگرد، ڪميونسٽ ۽ ڪانگريسي هو. منهنجي ساڻس واقفيت ١٩٤١ع ۾ ٿي. سنڌ زميندار هوٽل، ڪراچيءَ ۾ مستقل مهمان طور رهندو هو. مون ان زماني ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪنهن معمولي حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو هو. سو، حڪم مليو، تہ محمد امين کوسي وٽ حاضر ٿيان. نومبر جي هڪ شام جو مان هوٽل ۾ سندس ڪمري ۾ پهتس. پيار ۽ عزت سان اٿي مليو. هڪ ٽيبل تي وکريل چانهہ جي سامان طرف وٺي هليو، جتي ڪيڪ، بسڪوٽ ۽ مختلف قسمن جا سڪا ميوا پليٽن ۾ موجود هئا. مان اڃا ويٺس ئي مس تہ پروفيسر ڪارواڻي، قادر بخش نظاماڻي، ڪامريڊ عبدالقادر انڊهڙ ۽ ٽلهراماڻي بہ اچي وارد ٿيا. مون کي خيال آيو تہ هي شايد زير زمين 'ڪميونسٽ پارٽي آف سنڌ' جا اڳواڻ آهن. ڳالهہ جي شروعات پروفيسر ڪارواڻيءَ ڪئي، تہ 'تو شاگرد فريڪشن اندر حشو ڪيولراماڻيءَ سان دوستي ٽوڙڻ کان نابري واري آهي، انڪري توکي جواب ڏيڻ لاءِ پارٽي ٽربيونل آڏو گهرايو ويو آهي.' مون کين چيو تہ 'مان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو باقاعده ميمبر ناهيان.



پاڻ کي توهان جي آڏو جوابدار مڃڻ کان انڪار ٿو ڪريان. مان صرف پارٽيءَ جو هڪ همدرد آهيان ۽ شاگردن جي تحريڪ ۾ حشو ڪيولراماٽيءَ جي ڪردار ۽ پيشرفت کان متاثر آهيان. سمجهان ٿو ته حشوءَ سان وڙهي توهان پنهنجي تحريڪ کي هرج پهچائيندؤ."

بعد ۾ محمد امين کوسي سان ست مهينا سکر پراڻي جيل ۾ گڏ رهيس. نه معلوم ٿيو ته محمد امين کوسو خود به ڪميونسٽ پارٽيءَ جو تابعدار قسم جو رڪن نه هو. هو آزاديءَ سان اُن وقت جي آل انڊيا ليڊرن، جوشيءَ ۽ ڊاڪٽر اڈيڪاريءَ سان بحث مباحثا ڪري چڪو هو. شاعرن ۽ دانشورن ۾ سندس دوستي مخدوم محي الدين* (حيدرآباد دکن) ۽ اسرار الحق مجاز (لکنوءَ) سان هئي. سکر جيل ۾ تقريباً چار پنج سو سياسي قيدي ۽ انڪل ٽي چار سو اخلاقي قيدي موجود هئا. اسان کي جيل ۾ گهمڻ ڦرڻ جي آزادي هئي. اي موجود اڳواڻ جيڪي اسٽڊي سرڪل ورتا، تن ۾ محمد امين کوسي پڻ ڪميونسٽ تحريڪ تي هڪ ٻه ليڪچر ڏنا."

سوڀي جو ڪتاب ڪارائتو آهي، پر ڏاڍو مختصر آهي. ادبين جي ترقي پسند تحريڪ جو ته منجهس احوال ٿي ڪونه ٿو ملي. سوڀي کي هڪ جامع (COMPREHENSIVE) ڪتاب لکڻ کپندو هو، جو ته هو ملڪ جي گهڻن اهم تاريخي واقعن جو معتبر شاهد آهي. سنڌ جي مٿس اها ميار رهندي.

ترقي پسند ادب جي تحريڪ جو منشور لنڊن مان شايع ٿيو هو. تحريڪ جي اولين ڪارڪنن ۾ فيض ۽ ڊاڪٽر تاثير شامل هئا. جن سجاد ظهير سان گڏ ان جي منشور تي صحيحون ڪيون هيون. فيض، اڳتي هلي شاعر جي حيثيت ۾ ايڏو چمڪيو جو پاڪستان جي ادبي حلقن ۾ سندس جاه ۽ جلال اجا تائين قائم آهي. وڏو شاعر ۽ وڏو انسان هو. مرڻ کان اڳ سندس پاڙي واريءَ مسجد جي مرامت ڪرايائين. مون کيس پهريون پيرو ۱۹۵۴ع ۾ ڪراچيءَ ۾ نورالدين سرهدي سان گڏ ڏٺو هو. محفل ۾ پهريائين حبيب جالب سندس هڪ غزل ترنم سان پڙهيو، پوءِ پاڻ سامعين کي پنهنجو ڪجهه ڪلام ٻڌايائين. گهڻا سال پوءِ، ۱۹۷۲ع ڌاري، پير حسام‌الدين راشدي صاحب جي چوڻ تي، حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان سندس مان ۾ جلسو ڪرايم. تڏهن پاڻ روس جي پاڪ-سوويت انسوسئيشن جو صدر هو ۽ نائب صدر پير صاحب هو. جڏهن وفات ڪري ويو، ته لاهور ۾ سندس گهرواريءَ کي فاتحه ڏيڻ ويس. هن ويچاريءَ، مون کي فيض جي هڪ پياري تصوير تحفي طور ڏني، جيڪا مون وٽ اجا محفوظ آهي.

فيض جي وفات تي سندس جنازي نماز لاهور جي هڪ پارڪ ۾ ٿي. ان ۾ رڳو اديب، شاعر ۽ دانشور ڪونه هئا. پنجاب جا وڏا وڏا سياسي اڳواڻ ادب ۽ احترام سان صفون ٻڌي بيٺا هئا. منهنجي ساڃي پاسي ميان ممتاز دولتانه بيٺو هو. ايازجي جنازي نماز پٽائيءَ جي روضي ۾ ٿي. ليڪن ان ۾ سنڌ جو ڪوبه ننڍو يا وڏو ليڊر شريڪ ڪونه ٿيو. سنڌ ۽ پنجاب جي شعور ۾ اهو فرق آهي.

ايازفيض احمد فيض فيض کان تڏهن ٿي متاثر ٿيو، جڏهن پاڻ اجا مئٽرڪ ۾ هو. آتم ڪهاڻيءَ جي ٻئي جلد ۾ لکيو اٿس ته: "مان مئٽرڪ ڪانپوءَ ته فيض جو 'نقش فرياديءَ ۽ ن.م.راشد جو 'ماورا' پڙهي چڪو هوس ۽ انهن کان ڪافي متاثر ٿيو هوس."

ترقي پسند ادب جي تحريڪ ۾ هڪ تمام اهم نالو ڪرشن چندر آهي. اردو زبان جو وڏو افسانه نويس هو.

---

* مخدوم محي الدين جي تفصيلي احوال لاءِ ظفرالحسن جو ڪتاب "ذڪر يار چلے" پڙهڻ ڪمرجي. مخدوم پيارو انسان ۽ پيارو شاعر هو. انقلاب جي حوالي سان سندس هيءَ مصرع ڏاڍي مشهور آهي: "ڪڏر بهي جا ڪ تيرا انتظار ڪب سے ہے."

ليڪن، ان وقت جي لاهور جي ترقي پسند ادبين ۾ ايڏا به هڪڙو اهم نالو گوپال متل آهي، جيڪو **ايم.اين.راءِ** کان متاثر هو. گوپال متل پنهنجي ڪتاب "لاهور کا جو ذکر کيا" ۾ لکيو آهي ته:

"ترقي پسند اديب، پنجاب کان باهر، سنڌ ۽ ٻين پرڳڻن ۾ ته معتوب هٿا، پر پنجاب ۾ صورتحال عجب هئي. مثال طور، چراغ حسن "حسرت" هوٽل ته ڪلمي تي سدائين اسلام جو جهنڊو کنيون هلندو هو، پر ساڳئي وقت، ترقي پسند اديبن جي تحريڪ ۾، "مفسر" جو درجو به رکندو هو. (ن.م. راشد، انهيءَ ٽي تناظر ۾، مٿس 'اشتراکی مسخرے' عنوان سان نظم لکيو هو). پنجاب ۾ ترقي پسند اديب رڳو سرڪاري عتاب کان بچيل ڪونه هٿا، بلڪ اتي تحريڪ سان سندن لڳ لاڳاپو سٽيي گرهه جو هڪ ذريعو هو. ترقي پسند اديبن جي انجمن جي سيڪريٽريءَ جو عهدو ته ماڳهن سرڪاري نوڪريءَ تائين پهچڻ جي ڏاڪڻ وانگر هو. تحريڪ جي پهرئين سيڪريٽريءَ، مسٽر سومناٿ ڇُبُ، سرڪاري نوڪري ائين ورتي. سندس جانشين، ڊاڪٽر حسن به ائين ٽي مستفيد ٿيو. سندس هيرو ملڪ راج آنند هو*.

گوپال متل جو چون آهي ته پنجاب جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي خلاف پهريون قدم ڪرشن چندر کنيو... انهن ڏينهن ۾ لاهور ۾ نوجوانن جو چڱو گروهه، **ايم.اين. راءِ** جي خيالن کان متاثر ٽي رهيو هو. عبدالله صفدر انهن ۾ پهريون پهريون شخص هو، هن جيڪو ايم.اين.راءِ جي خيالن جي تبليغ ڪندو هو. پاڻ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي هجرت واريءَ تحريڪ ۾ افغانستان مان روس ويو هو ۽ اتي **ايم.اين.راءِ** سان ملاقات ڪئي هئائين. سنڌ ۾ قادر بخش نظاماڻي به عبدالله صفدر وانگر ماسڪو مان ڪميونسٽ تجربيت وٺي آيو هو.

۱۹۳۹ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي لڳي. انهيءَ موقعي تي هندستان جي وڏين وڏين سياسي جماعتن ۾ مونجهارو پيدا ٿيو، ته انگريزن جي موافقت ڪجي يا مخالفت؟ **ايم.اين.راءِ** جو مؤقف واضح هو. هو فاشزم جو مخالف هو، جيڪو هٽلر ۽ مسوليني جو نظريو هو عبدالله صفدر ۽ ٻيا ڪيترا ترقي پسند اديب، **ايم.اين.راءِ** جي گروهه ۾ شامل ٽي ويا. گوپال متل جو چوڻ آهي ته:

---

* مون ملڪ راج آنند ڏٺو به ۽ ٻڌو به. سڀ کان اول سندس نالو، پنهنجي استاد اظهار ڪاظميءَ کان ۱۹۴۷ع ۾ ٻڌم. هو ترقي پسند خيالن جو اديب هو. ريڊيائي ڊراما لکندو هو. نوشهري فيروز جي مدرسي هاءِ اسڪول ۾ منهنجو استاد هو. هن ٽي پهريائين پهريائين مون کي ترقي پسند ادب سان متعارف ڪيو. ڪي ڪتاب ۽ رسالا پڙهڻ لاءِ ڏنا. سندس هڪ دوست وٽتري ڊاڪٽر هوندر هو، جو به ترقي پسند خيالن جو هو. پينٽي ڇا ملڪ راج آنند جو ذڪر ڪندا هٿا ۽ سندس انگريزي ناول "ڪولي" جي تعريف ڪندا هٿا. ان ڪالهه کي گهڻو زمانو گذري ويو. هڪ سال، ڪراچيءَ ۾ بين الاقوامي صنعتي نمائش لڳي. انهيءَ موقعي تي هندستان جي نمائشي پنڊال ۾ ڪجهه ڪتاب به رکيل هٿا، جتي اهو انگريزي ناول "ڪولي" رکيو هو. ڏاڍي ڪوشش ڪيم، ته ناول مون کي وڪڻي ڏين، پر انڪار ڪيائون. ڇيائون ته هي سڄو سامان نمائش لاءِ آهي. مون پنهنجي ساٿيءَ سان صلاح ڪئي. ٻئي ڏينهن تي ڪتاب آندائين ۽ مون کي تحفو ڪري ڏنائين. چڱو عرصو مون وٽ هو، پوءِ ڪو کڻي ويو.

۱۹۶۲ع ۾، شيخ حفيظ لاهور ۾ اي.پي.ٻيءَ ۾ نوڪري ڪندو هو. مان وٽس ٽڪيل هوس. "الحمرا آرٽس ڪائونسل" جي پرائيءَ بلڊنگ ۾، (جڏهن نئين موجوده بلڊنگ ڪانه ٺهي هئي.) هڪ ادبي جلسو رکيل هو، جيڪو تجمل حسين، انڪم ٽئڪس ڪمشنر ۽ سندس دوستن ڪرايو هو. لاهور جا وڏا وڏا اديب ۽ شاعر آيا هٿا. ملڪ راج آنند به ڪو انهن ڏينهن ۾ لاهور آيل هو، سو ڪيس به جلسي ۾ سڏيو هٿائون. تقريرون ٿيون، پر جڏهن ملڪ راج آنند تقرير کني ته آسمان ۾ ڪڪر ڪڇڻ لڳا. مون پنهنجن اکين سان وڏن وڏن پنجابي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جي اکين ۾ ڳوڙهن جا موتي چلڪندي ڏٺا. ملڪ راج آنند جي پنهنجين اکين ۾ به ڳوڙهن جي جهالر چمڪي رهي هئي. سندس تقرير جو مرڪزي نقطو هو: "لاهور جون ڪٽيون، بازارون، چونڪ ۽ باغ بستان، جن ۾ اسان هندن ۽ مسلمانن، ننڍپڻ ۾، گڏجي راندیون کيون...."

مون زندگيءَ ۾ ٻن ماڻهن جون تقريرون ٻڌيون، جي ڪڏهن به وساري نه سگهندس: هڪ علامه آءِ.آءِ.قاضيءَ جون تقريرون ۽ ٻي ملڪ راج آنند جي اها تقرير.

"اردو اديبن ۽ شاعرن لاءِ روزگار جا دروازا کلي ويا. فيض احمد فيض، چراغ حسن 'حسرت' ۽ ٻيا کيترا فوج ۾ ملازم ٿيا. آل انڊيا ريڈيو ۾ هوندا هئا. اردو اديبن کي گهٽيون نوڪريون حاصل هيون، پر 'سانگ پبلسٽي' نالي سان شاعريءَ ۽ موسيقيءَ جي ذريعي جنگي پرچار جو ڪاتو قائم ٿيو، ته جيڪي باقي بچيل هئا، سي به سرڪاري نوڪرين ۾ لڳي ويا."

پر، پنجاب جي برعڪس سنڌ ۾ ترقي پسند خيالن جا اديب ۽ شاعر سدائين سرڪار وٽ معتوب رهيا. اسان جي ڪامريڊ حيدربخش جتوئي صاحب کي ترقي پسند خيالن جي ڪري ئي اعليٰ سرڪاري عهدو ڇڏڻو پيو.

* * * *

اياز ترقي پسند خيالن جو شعلہ نوا شاعر هو. پر، نڪي ته ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل هو ۽ نه وري ڪانگريس ۾. هو سياسي لحاظ کان **ايم.اين.راءِ** کان متاثر هو. **ايم. اين. راءِ** جي پوئلڳن جو ٽولو شروع ۾ "ليگ آف ريڈيڪل ڪانگريس مين" ڪوٺبو هو. ليڪن، بعد ۾ ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي سوال تي ڪانگريس سان اختلاف ٿي پين، ته پوءِ "ريڈيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽي" ٺاهيائون.

ايم.اين.راءِ. هندستاني هو. بنگال جو ويڙهل هو. ايڏو ته قداور هو، جو چون ٿا ته هماليا جبل کان به اوچو هو. بين الاقوامي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر هو. يورپي ڪميونسٽ پارٽين ۾ ته اڳواڻ جي حيثيت رکندو هو. چگو عرصو چين جي انقلابي تحريڪ جون واڳون به سندس هٿن ۾ هيون. هندستان ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو بنياد وجهڻ وارو ماڻهو به پاڻ هو. بحث مباحثي ۾ لينن سان اتڪي پوندو هو. کيترا ڀيرا کانئس پڇنجي ڳالهہ صحيح تسليم ڪرائي هٽائين. سندس ايڏيءَ ذهانت ۽ اثر ڪري، استالن کي ساڻس رقابت ٿي پئي. جڏهن لينن مري ويو، ته استالن کيس بين الاقوامي پارٽيءَ (ڪميونسٽ انٽرنيشنل (مان ڪڍي ڇڏيو. ايم.اين.راءِ ماسڪو ڇڏي ويو. مختلف ملڪن مان ٽيندو، هندستان هليو آيو، پر استالن جا ڇاڙتا هر هنڌ سندس پيرو ڪنيو آيا. آخر ۾ هو ميڪسيڪو هليو ويو ۽ اتي پڻ ڪميونسٽ پارٽي ٺاهيائين. استالن جا ڇاڙتا اُتي به پهچي ويا. مڪل ۽ موقعي ملڻ تي کيس ماري ڇڏيائون. جويي صاحب مون کي ٻڌايو ته کيس هٿوڙن سان ماريائون. منهنجي هڪڙي دوست چيو ته ڪميونسٽن اهو ڪم ته چگو ڪونہ ڪيو؟ مون کيس چيو ته درست آهي. پر، تاريخ ۾ اهڙا ڪيئي ڪِبسَ ٽيا آهن. ڪربلا جو ڪيسُ ڪرڻ وارا به مسلمان ئي هئا.

سنڌ ۾ جويو صاحب ۽ شيخ ايازِ **ايم.اين.راءِ** جا پوئلڳ هئا. ايازِ انهيءَ ڳالهہ جو اعتراف ڪندي لکيو آهي ته:

> "آگي قدم" پريس ڪامريڊ احمد جي هٿي، جو مون ۽ جويي سان گڏ، **ايم.اين.راءِ.** جي ريڈيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جو ميمبر هو... سنڌ ۾ صوبائي اليڪشن هئي، ڪامريڊ عبدالڪفور عمرڪوٽ مان وسائ جي خلاف بيٺو هو. **اسان تن ڏينهن ۾ دنيا ڦيرائڻ جا خواب لهي رهيا هئاسين.**
>
> **ايم.اين.راءِ** جيتوڻيڪ استالن کان مايوس ٿي چڪو هو، تڏهن به هن وانگر اسان به جاگيرداريءَ، زمينداريءَ ۽ سرمايه داريءَ جا سخت دشمن هئاسين. انڪري مان، ابراهيم جويو ۽ ڪامريڊ وياس عمرڪوٽ وياسين. ڏينهن جو اسان هارين ۾ تقريرون ڪيون. مون هنن کي پنهنجو نظم "ڳاءِ، انقلاب ڳاءِ" واري واري سان ٻڌايو.

* * * *

۱۹۴۷ع ۾ انگريز هليا ويا. هندستان ۽ پاڪستان ٻه آزاد ملڪ ٿيا. اياز نثر لکندو رهيو يا نظم يا ماڳهن خاموشي اختيار ڪيائين، سو صحيح طرح معلوم ڪونهي. بهرصورت انهيءَ زماني ۾، سندس ڪاب سياسي تحرير سنڌ جي عوام جي اڳيان ڪانه آئي. ان دور ۾ پاڻ پنهنجيءَ ادبي دلچسپيءَ بابت هيئن لکيو اٿس:

"۱۹۴۹ع ۾ جڏهن مان ڪراچيءَ کان سکر آيس، تہ منهنجون اردوءَ ۾ ادبي سرگرميون وڌي ويون، ڇو تہ منهنجا سنڌي دوست، جي شاعر ۽ اديب هئا، سي هندو هوندا هئا ۽ سڀني کانسواءِ سڀ هندستان هليا ويا."



سڀ ايياز جو جهونو دوست آهي ۽ سندس پنهنجي سڄي عمر، ڪميونسٽ پارٽيءَ ۽ ٽريڊ يونين جي سياست ۾ گذري آهي. هو ٽي انهيءَ ڳالهہ جو 'امين' آهي، تہ ايياز پاڪستان ٺهڻ کان اڳ تہ ترقي پسند ادب ۾ ايڏي دلچسپي وٺندو هو، جو اليڪشن جي جلسن ۾ ويندو هو ۽ انهن ۾ انقلابي گيت ڳائيندو هو. ليڪن، پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سندس سوچ ۾ اهڙو ڦيرو ڇو آيو، جو پنهنجيءَ آتم ڪٿائيءَ جي ٽئين جلد ۾، هڪ هنڌ لکيو اٿس تہ:

الهہ وڏائي ڇيو تہ: "اسان جا دوست اهي جهنگ جا جانور هوندا آهن. هڪ نور مري ويندو آهي تہ سڀ نور ڪٿا ٽيندا آهن، پٽيندا آهن ۽ مٽي ڪي مٽي هٽندا آهن. پوءِ مٿل نور کي ڪڏ ڪوٽي پورييندا آهن، انڪري چوندا آهن تہ نور ماڻهوءَ جو ڪريل آهي. نور ماڪي لاهيندو آهي. پڇ اپو ڪندو آهي، تہ مکيون پڇي ويندیون آهن.

"ڪامريڊ نور" مون چپن ۾ چيو، "هو بلڪل بالشيوڪ ٿو لڳي."

ايياز جي سياسي سوچ جو اونهو تہ مستقبل ۾ سندس منصف مزاج سوانح نگار ئي ڪري سگهندو. پر، هت اهڙي ٽي پي ڳالهہ بہ غور طلب آهي، جا پڻ سندس سوچ ۽ ذهني ارتقا سان تعلق رکي ٿي.

ايياز، زندگيءَ جي پوئين پهر ۾، نظمائي نثر ۾، ڪي 'دعائون' لکيون، جن جو ڪتاب "تون چپر، تون چانوَ" نالي سان شايع ٿيو. جهڙيءَ ريت، هن پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، پنهنجن اڳوٽن انقلابي نظرين ۽ سوشلسٽ خيالن کان موٽ ڪاڏي هئي، تيئن هن ڪتاب ۾ بہ هن پنهنجن اڳين نظرين کان موٽ ڪاڏي. پاڻ ون يونٽ واري زماني ۾، هڪ سنڌ دوست ۽ ترقي پسند شاعر جي حيثيت ۾ اپريو، سندس مخالفن کيس پاڪستان جو دشمن، هندستان جو ايجنٽ ۽ دين جو دشمن قرار ڏنوءِ انهن ٽي الزامن هيٺ، مٿس درخواستون ڪري، کيس ڪيئي دفعا جيل ۾ وڌايو. سندس دوستن جو ڇوٽ وري هو تہ ون يونٽ ننڍن صوبن جي ڦرلٽ لاءِ ناهيو ويو آهي، ۽ ان کي قابل قبول بنائڻ لاءِ مٿس "اسلامي وحدت" جو ٽپو لڳايو ويو آهي. سو، هاڻي جيڪو بہ شخص ون يونٽ جي مخالفت ڪري ٿو، تنهن تي پاڪستان جي غداريءَ، هندستان جي ايجنٽيءَ ۽ دين جي دشمنيءَ جو ٽپو لڳي ٿو.

ايياز جو دعائن جو ڪتاب شايع ٿيو، تہ ائين لڳو، ڄڻ تہ ايازُ نئين سر ڪلمو پڑي مسلمان ٿيو آهي. نہ رڳو ايترو پر هن پنهنجن اڳوٽن دوستن تي طنز ڪئي، تہ هو مٿس رڳو انڪري چڙيا آهن، جو هاڻي پاڻ دين ايمان جي روشنيءَ سان منور ٿيو آهي.

مون سندس هڪ پياري دوست سان دعائن جي ڪتاب جو ذڪر ڪيو، تہ هن بہ حيرت جو اظهار ڪيو. جڏهن ڪراچيءَ ۾ ايياز سان ملاقات ٿي ۽ ڳالهہ نڪتي تہ چڙ مان چيائين تہ "ادا، ڇا ڪندينس!" ان کان پوءِ پنهنجيءَ دعائيہ شاعريءَ بابت مون سان جيڪا "مصلحت واري عجيب ڳالهہ" ڪيائين، سا ٻڌي، خود مون کي بہ حيرت وئي وئي! پر، اها ٿي اسان جي درميان ڳالهہ، جيڪا هن مون ۾ اعتماد رکي، مون سان ڪئي. هت، اسان کي سندس دعائيہ شاعريءَ تي، علمي لحاظ کان، معروضي (Objective) نگاهہ وجهڻ گهرجي.

ايياز زندگيءَ جي پوئين پهر ۾ جسماني طرح هيٺ ۽ ذهني طرح اپائڪو ٿيو. هن اهڙو اظهار گفتار توڙي تحرير ۾ بار بار ڪيو. انهيءَ ذهني ڪيفيت ۾ هن مذهب جو سمارو ورتو. پر، شرعي لحاظ کان هو دين اسلام جي پيروي پوءِ بہ ڪونہ ڪندو هو. نماز ڪونہ پڙهندو هو. زڪوات ڪونہ ڏيندو هو. فقير فقراءَ کي خيرات ڪونہ ڏيندو هو. فيض احمد فيض وانگر پنهنجي آبائي شهر ۾ پاڙي واريءَ مسجد يا ڪنهن ٻيءِ مقدس جڳهہ جي مرامت ڪانہ ڪرايائين، ٻيو تہ ڇهيو، شڪارپور جي ڪنهن اسڪول يا اسپتال کي عطيو ڪونہ ڏنائين. تاهم، سندس دعائيہ شاعريءَ جي معاملي تي اسان کي اصولي طرح سوچڻ گهرجي.

'سيرت' جي ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ حضرت عليءَ جو ڪنهن ڪافر سان مقابلو ٿيو. ڪيس دسي، سندس سيني ۾ خنجر هنيائين، تہ هن ڪلمو پڙهي ورتو. جڏهن حضور پيغمبر ﷺ کي اهو اطلاع مليو تہ پاڻ حضرت عليءَ کان پڇا ڪيائون، جنهن جواب ڏنو تہ 'حُضورَ، هو دلي طرح مسلمان ڪونہ ٿيو هو. پر، ڊپ ۾ پاڻ بچائڻ لاءِ تڪڙو تڪڙو ڪلمو پڙهيو هئائين.'

حضور پيغمبر صلعمﷺ جن فرمايو تہ، "اي علي، ڇا تو انهيءَ شخص جو سينو چيري ڏٺو هو؟"

هن واقعي جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو تہ نيٽ جو مالڪ فقط خدا آهي. جيڪڏهن شيخ ايياز ذهني طرح مذهب ڏانهن مائل ٿيو هجي، تہ ان ۾ شڪ ڪرڻ نہ گهرجي.

ايياز جي فرزند، ڊاڪٽر سليم انهيءَ سلسلي ۾ مون کي ٻڌايو تہ "چاچا، هڪ پيري بابا کي دل جو دورو پيو. اسان کيس اسپتال ۾ داخل ڪيو. Electrocardiogram هلندي هلندي، ڏڪي ليڪ اچي وئي، جنهن جو مطلب اهو ٿيو، تہ دل پنهنجو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. اهو ڏسي مان روئندو، ڪمري مان ٻاهر نڪتس. مون سان گڏ جيڪو ٻيو ڊاڪٽر بيٺو هو، سو ڊوڙندو ٻاهر آيو، ۽ مون کي ٻانهن مان جهلي، واپس ڪمري ۾ وٺي ويو. مونڪاڻ چٽيءَ طرح ڏٺو تہ Electrocardiogram وري نارمل نمونو ۾ هلي رهيو هو. جڏهن بابا چاڪ ٿيو، تہ اها ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو متاثر ٿيو. مان ڄانيان ٿو تہ انهيءَ واقعي کان پوءِ هن جو ذهني طرح مذهب ڏانهن لاڙو ٿيو."

مان ايياز جي فرزند ڊاڪٽر سليم کي تڏهن کان سڃاڻان، جڏهن هو اڃا ٻار هو. سليم گفتار ۽ ڪردار ۾، مهذب انسان آهي. مان سمجهان ٿو تہ هن جيڪا ڳالهہ ڪئي آهي، سا ايياز جي دعائيہ شاعريءَ جو حقيقي پس منظر آهي.

تاهم، وقت جي گذرڻ سان جڏهن ايياز جي وفات ڪري پيدا ٿيل جذباتي طلاطُم ٽڪو ٿي ويندو ۽ مستقبل جو نقادُ، ايياز جي ڪلام ۽ پيغام کي معروضي (Objective) نقط نگاهہ کان پرکيندو. تڏهن هو اهو اعتراض ڪرڻ لاءِ ڪافي مواد ڳولي سگهندو، تہ ايياز وقت ۽ واءَ کي ڏسي، پنهنجا خيال ۽ نظريا قائم ڪندو هو. ليڪن، ٻئي طرف، ايياز جو عقيدتمندُ بہ اها راءِ قائم ڪرڻ ۾ حق بجانب هوندو، تہ جيڪڏهن هر مفڪر کي اهو حق حاصل آهي، تہ هو ڪنهن بہ داخلي يا خارجي واردات کان متاثر ٿي، پنهنجا خيال ۽ رايا بدلائي، تيئن ايياز کي بہ اهو حق حاصل آهي، تہ هو پنهنجا سياسي ۽ نظرياتي عقيدا بدلائي. مثلاً، علامہ اقبال، پنهنجي شاعريءَ جي ابتدائي دور ۾، "سارے جهاں سے

اڇا هندوستان همارا" جو ترانو لکيو ۽ اڳتي هلي، انهيءَ نقطه نگاهه کي رد ڪري لکيو ته:

چين و عرب همارا، هندوستان همارا،
مسلم هيں هم وطن هے سارا جهان همارا.

ابوالڪلام آزاد پنهنجي ڪتابڙي جو آغاز "هڪ مسلمان مبلغ" وانگر ڪيو، ليڪن، آخر ۾، "هندستاني قوميت" جو مبلغ ٿي ويو. سو، جيڪڏهن اياز جي سوچ ۾ ارتقائي مرحلن مان گذرندي رهي، ته ان ۾ حيرت جي ڳالهه ڪانهي.

* * *

اياز جي رومانوي (ROMANTIC) ادب ۾ دلچسپي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به اڳي وانگر قائم رهي. ان سلسلي جو سندس پهريون ڪتاب "پنهل کان پوءِ" سڪر مان حبيب پبليڪيشنس شايع ڪيو، جنهن جو بنياد شيخ عبدالرزاق راز وڌو هو. هو اياز سان گڏ ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هو. سندس دوست هو ۽ شايد پري جو مائٽ پڻ. مون کانئس سندي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جي ابتدائي دور ۽ سندي ادبي سنگت بابت مضمون لکائي، ماهنامي "نئين زندگي" ۾ قسطوار شايع ڪيا هئا.

"پنهل کان پوءِ" ڪتاب ۾ خط آهن، جيڪي اختر شيرانيءَ جي خطن وانگر، ڪنهن خيالي محبوبه ڏانهن لکيل ڪونه آهن. انهن جي مخاطب هڪ مخصوص خاتون هئي. مون اتفاق سان، هڪ دفعو، ڪراچيءَ جي ايس.ايم.لاڪاليج ۾ ڏٺي هئي. ڪنهن شاگرد سان گالهائي رهي هئي. منهنجي سائيءَ کي ۾ سرهاڻ ڪيو: "روشن اها اکيون." شڪل صورت ۽ قد بت جي لحاظ کان وجيهه ۽ باوقار خاتون ٿي لڳي، پر، خالص نسوانيت جي خيال کان منجهس ڪا غيرمعمولي ڪشش ڪانه هئي. ڪيس ڏسي پراڻو پهاڪو ياد ٿي آيو ته: "ليليٰ کي مجنونءَ جي اکين سان ڏسجي." چگو عرصو ٿيو، جو مرحومه روشن جي هڪ رشتيدار جو هڪ مضمون مسٽر ناشاد مون کي اسلام آباد موڪليو هو، جنهن مان اٿين ٿي لڳو ته ايازَ پنهنجي پيار ۾ سچو ڪونه هو. حقيقت اٿين ڪانهي. ايازَ اڪثر انهيءَ خاتون جو سڪ سان ذڪر ڪندو هو. سندس نالو وٺي، هڪ غزل به چيو اٿس، جنهن جو هي شعر خاص طرح توجهه طلب آهي:

اٿين چو دور ۽ مجبور آهيون، گرچه جاڻون ٿا،
ته مان هان زندگي تنهنجي ۽ تون آن زندگي منهنجي.

ليڪن، "پنهل کان پوءِ" ڪتاب پڙهڻ سان "عام پڙهندڙ" اٿين ٿي محسوس ڪندو، ته ايازَ کي انهيءَ خاتون سان پيار ته هو، پر سندس ۾، مڊل ڪلاس جي ٻين پڙهيل عورتن وانگر، انهيءَ خاتون کي به اول "موٽر" ۽ "بنگلو" ڪپندو هو، جيڪو ايازَ جهڙي تڏهوڪي "سُڄي سرَ" وٽ ڪونه هو.

مشرق مشرق آهي، مغرب ڪونهي. هت نه عورت آزاد خيال آهي، نه مرد پنهنجي قسمت جو مالڪ. مجاز گهٽن کي پجاري وانگر پڄي ٿو. پر، هر عظيم فنڪارُ، شاهه پٽائيءَ وانگر خوشقسمت ڪونهي. هونئن به مجاز جي تصوير کي به پاسا ٽيندا آهن: هڪ پاسو وصل ته ٻيو وڇوڙو: هڪڙو باغِ بهشت مان ٽڪي واءُ جو جهوٽو آهي، ته ٻيو دوزخ جو شعلو. وڇوڙو به وڏو رڙ ٻاريندو آهي: فن جي شهپارن کي جنم ڏيندو آهي. وارث شاهه کي مجازي راهه ۾ محرومي نصيب نه ٿئي ها، ته "هير" جهڙو شاهڪار ڪيئن تخليق ٿئي ها؟

مائٽهوءَ جو ڏهني سانچو ناهڻ ۾ نندپڻ جا نقش ڏاڍي اهميت رکن ٿا. ايازَ کان پنهنجو پهريون عشق ڪڏهن

ڪونہ وسريو. مون اياز جي هيءَ مصرع جڏهن بہ پڙهي، تڏهن ائين ڀانيم تہ هو روشن سان ئي مخاطب آهي:

مون پرهہ جي هير کي ساجهر ڏنا تولئہ سلام

ليڪن، ائين بہ ڪونهي تہ اياز سڄي عمر روشن جي ياد ۽ درد فراق ۾ گذاري ڇڏي! هن نوان نوان عشق ڪيا ۽ ان ۾ ڪا حيرت جي ڳالهہ بہ ڪانهي. ٽالسٽاءِ پنهنجي ڪتاب WAR AND PEACE ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي:

"MY BOY, YOU WILL FALL IN LOVE, AGAIN AND AGAIN"

اياز پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ الائي تہ ڪيترن "افيئرس" جو ذڪر ڪيو آهي. پنهنجي سوانح نگار، مسٽر هَڪڙي کي هدايت ڪئي اٿس تہ مارل موچياڻيءَ واري "افيئر" جي گهڻي کوٽ کوٽان نہ ڪري، ڇو تہ پاڻ اصلي شخصن جا نالا ڦيرائي ڇڏيا اٿس.

١٩٥٥ع ۾ "مهراڻ" رسالو وڏي آب تاب سان شايع ٿيو. ايڊيٽر جويو صاحب هو، تنهن اياز کي "اسان جو شاعر" (يعني مهراڻ جو شاعر) ڪوٺيو. اهو خطاب اياز لاءِ ئي مخصوص هو. جويو صاحب سياسي سجاڳ ذهن رکندڙ شخص آهي، پر، ١٩٥٥ع واري "مهراڻ" جي پهرئين پرچي ۾ اياز جو ڇپيل ڪلام پڙهي ڏسبو، تہ منجهس سياسي رنگُ ۽ انگُ سهڻيءَ اک ۾ سرمي جي لڪير برابر بہ نظر ڪونہ ايندو. البت، رومانوي رنگ گهرو گهاٽو بيٺو آهي:

سڄڻ جو ساريوم، تہ آيون هيرون هنج ۾،
جيڏانهن نهاريوم، چوڏهينءَ جي چانڊاڻ هئي.

پر، جي کوٽ کوٽان ڪبي، تہ تصوف جو ڪو اولڙو نظر اچي ويندو:

اچي اوت شراب، اٿم اڄ ازل جي،
سندم روحُ ربابُ، سِڪي پيو ڪنهن سُر لئہ.

ظاهر آهي تہ اهو شراب "ڊمپل" يا "شِواز ريگل" جي بوتل ۾ بند ڪونهي. هيءَ ميءَ تہ ڪنهن ٻئي ميخاني مان ملندي آهي، جنهن جو حافظ شيرازيءَ جي هڪ شعر ۾ بہ ذڪر آهي. اهو شعر مون وانگر اياز کي بہ ڏاڍو وڻندو هو:

دوش ديدم کہ ملائک درميخانہ زدند
گل آدم بسرشتند و بہ پيمانہ زدند.

[ڪالهہ رات ڏٺم، تہ ملائڪ ميخاني جو دروازو کڙڪائي رهيا هئا،
آدم جي مٽيءَ کي ڳوهي، منجهانئس (ميءَ جو) پيمانو ٺاهي رهيا هئا.]

* * *

سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعري تصوف جي فلسفي سان اُٽيل آهي. جيڪڏهن ان جو اونهو اڀياس ڪبو تہ منجهس تصوف جي 'وحدت الوجود' واري فلسفي جو رنگ چهرو نظر ايندو. سنڌ جي صوفين ان کي ڪمال ڪاميابيءَ سان سنڌي ٻوليءَ جي سانچي ۾ پلٽيو ۽ سنڌ جي سوچ جي ارتقائي عمل کي اڳتي وڌايو.

اسلامي تصوف سنڌ جي سرزمين ۾ سائي سلي وانگر ڦٽو، پر ستت گؤنچ، گُلَ، ، پَنَ، شاخون ۽ ڏارَ ڪڍيائين. وڌي وڻ ٿيو. ڦُلَ ڦُول جهليائين. اسلام ۽ هندو ڌرم هڪٻئي جو ضد آهن، پر اسلامي تصوف سنڌ ۾ بي مثال ڪرشمو ڪري ڏيکاريو. مون هڪ دفعي ڊاڪٽر شمل کان پڇيو، تہ 'اسلامي تصوف ايران يا ٻين هنڌن تي بہ ايڏي ڪاميابي حاصل ڪئي؟' چيائين تہ 'مون کي ڪانہ سجهي.'

سنڌ ۾ ڪيترا هندو مسلمان درويشن جا مريد هوندا هئا. منهنجي دوست، نواب نور احمد خان لغاريءَ جا

وڏا، جهوڪ جي صوفي بزرگ، شاهه عنايت شهيد جي درگاهه جا خليفا هئا. مون کي ٻڌايائين ته کيترا هندو پنهنجي مرشد کان ذڪر فڪر ونندا هئا، جنهن ۾ قرآن ڪريم جون آيتون ۽ رب پاڪ جا نالا هوندا هئا.

سنڌ ۾ اسلامي تصوف جي انهيءَ ڪرشمي جا اسباب معلوم ڪرڻ لاءِ تاريخ جا ڪيئي ورق پوئتي ورائڻا پوندا، جنهن جي ڪهن مضمون ۾ گنجائش ڪانهي. ان باري ۾ ولايت ۾، تازو هڪ ڪتاب شايع ٿيو آهي: RELIGION AND SOCIETY IN ARAB SIND. مون کي حميد آخوند پڙهڻ لاءِ ڏنو هو. سنه ۱۹۸۹ع ۾ LEIDEN شايع ڪيو آهي. D. N. MACLEAN جو لکيل آهي. مٿيئن جڏهن سنڌ ۾ آيو هو، تڏهن مون سان به مليو هو. هن اسلامي تصوف جي اوسر جو جائزو ونڊڻ لاءِ، عربن جي فتح کان اڳ، سنڌ ۾ "ٻڌ ڌرم جي اثر ۽ نفوذ" جو اونهو اڀياس ڪيو آهي.

اسلامُ، جڏهن عربستان جون سرحدون اڪري عجم ۾ آيو، تڏهن اتان جي اڳوڻن مذهبن ۽ مڪاتيب فڪر جا ڪي اثرات ان ۾ رلي ملي ويا. جڏهن سنڌ ۾ پهتو، تڏهن سندس اصلوڪو پيغام ته ساڳيو رهيو، پر باهرين شڪل صورت قدري متاثر ٿي. انهيءَ ڳالهه جو، 'زمان' ۽ 'مڪان' جي ماپن موجب جائزو ونبو، ته هيئن چئبو ته سنڌو درياءُ، مانسرور جي شفاف پاڻيءَ مان نڪري، تبيت، لداخ، ڪرگل، سڪردوءَ، گلگت، مانسره، اٽڪ، ميانوالي، ڪالاباغ ۽ منڊ ڪوٽ وٽان ٽيندو، سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو. رستي تي، هزارن ميلن جي انهيءَ سفر ۾ الائي ته ڪيترا قدرتي چشما، ندين ۽ نالا منجهس شامل ٿين ٿا، جيڪي سندس پاڻيءَ جي باهرئين رنگ کي قدري متاثر ڪن ٿا. ليڪن، پاڻيءَ جو اصلي جوهر ۽ تاثير ساڳيو ئي قائم رهي ٿو: سڪل زمين کي سيراب ڪري ٿو ته سرسبز کيت، باغ بستان ۽ گُلَ ٻوٽا وجود ۾ اچن ٿا.

اسلامي تصوف جو آغاز ڪڏهن کان ٿيو ۽ ڪيئن ٿيو، اهو چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. شايد، اسلامي تعليم ۾ عجمي اثرات جي آميزش ڪري، وجود ۾ آيو. ليڪن، ڪن عالمن ته خود قرآن ڪريم ۽ حضور پيغمبر ﷺ جي حيات طيبه ۾ تصوف جا نشانَ ۽ آثارَ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ٻئي طرف اها به ڳالهه پڌري پئي آهي ته حضور جن جي صحابيءَ خالد بن وليد جهڙي نامور مسلمان سپه سالار کي ڪنهن به ريت صوفي بزرگن جي دائري ۾ آڻي ڪونه سگهبو. نڪي وري، جنيد بغدادي، جلال الدين روميءَ ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙن صوفي بزرگن جي هٿ ۾ تلوارن جو تصور ڪري سگهبو.

اسلامي تعليم جي نشرو اشاعت ۾ 'اسلامي فتوحات' اهم رول ادا ڪيو، يا 'صوفي بزرگن' جي تبليغ، تنهن بابت، هنهي پاسن کان دليل آهن. اڄ به سعودي عرب جي قومي جهنڊي تي به نقش نگار نهيل آهن: هڪ ڪلمو پاڪ ۽ ٻيو ميان مان نڪتل تلوار، جنهن کي 'شمشير برهنه' ڪوٺيندا آهن. مغربي مفڪرن، انهيءَ نقطه نگاهه کان، اسلامي فتوحات جو ڪارڻ BLAZING SWORD OF ISLAM قرار ڏنو آهي. ليڪن، اسان عام مسلمانن، خاص ڪري، هندستان ۽ پاڪستان جي مسلم دانشورن جو موقف اهو آهي ته اسلام تلوار جي ڌار تي ڪونه پکڙيو آهي.

حضور پيغمبر ﷺ جن جي سيرت طيبه تي جيڪي اولين ڪتاب لکيا ويا، تن کي "مغازي" ڪوٺيو ويندو هو. سو، انڪري جو انهن ڪتابن ۾ ڪافرن سان جنگين جو احوال هوندو هو. جهاد جي سلسلي ۾ جيڪا پهرين آيت نازل ٿي، سا هيءَ آهي: "۽ خدا جي راهه ۾ انهن سان وڙهو، جيڪي اوهان سان وڙهن ٿا." [بقره-۲۴]

علامه شبلي نعمانيءَ جهڙي محقق انهيءَ مان هيءَ معنيٰ ورتي آهي ته قرآن ڪريم مسلمانن کي انهن ئي ماڻهن سان وڙهڻ جي اجازت ڏني آهي، جيڪي ساڻن اڳرائي ڪن. سو، مغربي مفڪرن جو اهو الزام بي بنياد آهي، ته

اسلام تلوار جي ڌار تي پکڙيو هو. بهرحال، سنڌ جي صوفين شروع کان وٺي اهو موقف اختيار ڪيو هو ته: ”

عشقُ سارو اسلامُ،

مذهب محبت، عين مبارڪ.

قاضي قاضن، ميون شاهه عنات رضوي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، روحل فقير ۽ اسان جا ٻيا صوفي شاعر سڀ انهيءَ ئي نقطهء نگاهه جا ترجمان هئا. ليڪن، شيخ اياز کي سندس شعر ۾، تصوف جي ڪن اولڙن جي باوجود، انهن ڪلاسيڪي شاعرن جي قطار ۾ شمار ڪري ڪونه سگهبو. هو نئين جُڳَ جو شاعر آهي ۽ نئينءَ سوچ ۽ نئين فڪر جو ترجمان آهي.

اياز عام چوندو هو (۽ پنهنجيءَ آتم ڪٿائيءَ ۾ به لکيو اٿس) ته مان "ڏهريو صوفي" آهيان. 'ڏهريو' معنيٰ زماني جو ماڻهو. ليڪن، صوفي زماني جو ماڻهو ڪونهي. صوفي لاڪوفي آهي. سو، اياز جي انهيءَ قول مان مراد اهائي ونبي، ته بعضي پاڻ رڳو "زيبِ داستان" خاطر اهڙيون ترڪيبون استعمال ڪندو هو. اهڙا ٻيا به ڪيترا مثال سندس تحريرن ۾ موجود آهن. هڪ دفعي سکر ۾ مان، ڀٽي ۽ تنوير، سندس آفيس ۾ ويٺا هئاسين. گرميءَ جي مند ۽ منجهند جي مهل هئي. اياز آفيس پهتو، ته پگهر ۾ شل هو. ڪيس فل سوٽ پيل هو. اسان چيس ته هن گرميءَ ۾ "فل سوٽ ڇو پاتو اٿئي؟" جواب ڏنائين ته، "مان گرميءَ ۾ گرم ۽ سرديءَ ۾ سرد لباسُ پائيندو آهيان."



اسان وٽ سنڌ جي ڪلاسيڪي صوفيانه شاعريءَ جو وڏي ۾ وڏو محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب آهي. سندس راءِ سنڌ جي ڪلاسيڪي صوفي شاعرن تي سَنَدَ جي حيثيت رکي ٿي. ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ آهي ته "اياز، نئين دور جو شاعر آهي، نئين دور جي نئينءَ شاعريءَ جو اڳواڻ آهي." ڊاڪٽر صاحب اها ڳالهه اياز جي وفات تي تعزيتي اجلاس ۾ چئي هئي ۽ ان جي وضاحت به ڪئي اٿس.

سوڀي گيانچنداڻيءَ ڪيترائي ڀيرا اسان کي اها ڳالهه ذهن نشين ڪرائي هئي ته: "اياز مغربي لٽريچر (WESTERN LITERATURE) گهٽو پڙهي ٿو. ان مان کيس جيڪي خيال ملن ٿا، تن کي 'ڊائجيسٽ' وانگر، پنهنجي شعر ۾ پيش ڪري ٿو."

اياز پاڻ به پنهنجيءَ آتم ڪٿائيءَ ۾ لکيو آهي ته "مان بئنڪ ۾ ايل.سي کولي، آمريڪا مان 'نوان ڪتاب' گهرائيندو هوس. تيرهن ڊالرن جو ڪتاب هڪ ڊالر ۾ ايندو هو ۽ چئن ڪتابن تي هڪ ڪتاب تحفي طور موڪليندا هئا."

تازو، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سندس خطن جو هڪ ڪتاب ڇاپيو آهي*، جنهن جي مخاطب خاتون مينڊري سعادتيءَ کي مغربي اديبن ۽ ڪتابن پڙهڻ جو مشورو ڏيندي لکي ٿو ته:

"توکي فرصت هجي ته ٽي ڪتاب ضرور پڙهه. ٽئي ناول آهن: MOULIN ROUGE جنهن ۾ آرٽسٽ TOLOUSE LAUTREC جي زندگي آهي، هو فرانس جي IMRESSIONIST SCHOOL OF ART جو نهايت چگو فنڪار هو. ٻيو ڪتاب آهي SOMERSET MANGHAM جو MOON AND SIXPENCE، ان ۾ به مصور

---

* اهي خط اياز، غالباً، ٽيهه پنجتيهه سال اڳ لکيا هئا، ۽ انهن جي مخاطب مينڊري سعادتي، نالي چوڪري هئي. پر، درحقيقت، چوڪري ڪابه ڪانه هئي. ڪو چوڪرو هو، جو اياز کي فرضي نالي ۾ خط لکندو هو.

(شايد PAUL CEZANNE) جي زندگي آهي ۽ فن لاءِ هرشيءِ صدقي ڪرڻ جو جذبو نهايت چگيءَ طرح چٽيل آهي، ۽ ٽيون آهي VINCENT VAN GOCH جي زندگي جا IRVING STONE لکي آهي ۽ ڪتاب جو عنوان آهي LUST FOR LIFE.

ولايت مان جيڪو لٽريچر اچي ٿو، تنهن ۾ جديد دؤر جي مغربي اديب ۽ شاعر جي سوچ آهي. منجهس جدت آهي. زندگيءَ جو هڪ نئون نظريو آهي. اياز جي سوچ مغربي اديبن ۽ شاعرن کان متاثر ٿي. هونئن به، اياز جي شعر چوڻ جو انداز ٿي اور هو. منجهس جيڏو شاعرانه حسن هو، اوڏوئي دلڪش پيغام:

جتي برج بادل ڪڍي ڳاءِ تون،
اتي آءٌ هوندس، نه گهبراءِ تون.

ايياز تقليدي قسم جو شاعر ڪونه هو. احساسِ محروميءَ ۾ مبتلا ڪونه هو. پاڻ کي "ذوقِ سنڌ" ۽ "داغِ سنڌ" ڪوٺائڻ ۾ فخر ڪونه وٺندو هو. پاڪستان کان اڳ واري "مهراڻ" رسالي ۾، سندس ابتدائي گيت ٿي ان ڳالهه تي شاهد آهن، ته سندس اندر ۾ هڪ عظيم فنڪار هو. هو صحيح معنيٰ ۾ ذات ڏٺي هو. ايياز کان اڳ ويهين صديءَ جي پوئين دور جي سنڌي شاعري روايتي ۽ تقليدي هئي. منجهس ڪنهن ۽ ڪافور جي بوءِ هئي. هڪڙا پراڻيءَ صوفيانه روايت جي پٽيان هلندي، جهنگ جهر ۾ 'اناالحق' جا هوڪا ڏيندا وتندا هئا. ٻيا وري اردو غزل جي طرز تي 'گونزل' هٽندا هئا. اردوءَ جي تقليد ۾، طرحي ۽ غير طرحي مشاعرا ڪندا هئا. هڪ دفعي ڪراچيءَ ۾ اهڙو ڪو مشاعرو ٿيو. مان ته ڪونه ويس، جسين شاهه راشدي ويو. موٽيو ته ٻڌايائين ته "ادا، جيڪو شاعر اچي، سو، لکنوي انداز ۾ چيلهه کي لوڏو ڏئي، چوي:



"لطف اندوزِ ڪمر، بندِ قبا هو، مان نه هُس."

ايياز انهيءَ اونداهي ماحول ۾ سنڌ جي آسمان تي اپريو ۽ چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر چمڪيو. مولانا غلام محمد گراميءَ "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات" مقالي ۾ بي سبب ڪونه لکيو آهي ته: "اڄ هر طرف ايياز جي عظمت جا جهنڊا ڦڙڪي رهيا آهن."

* * * *

مون نندپڻ ۾ ايياز جو ڪلام پڙهيو هو، جو ايڏو ته وٽيو هو، جو مون کي تڏهن کان وٺي سائس ملڻ جي سڪ هئي. پر اسان جي رسمي ميل-ملاقات ۱۹۵۴ع - ۱۹۵۵ع ڌاران ٿي. سنگت تڏهن کان ٿي، جڏهن سنه ۱۹۵۷ع ۾، هو مون سان مينارام هاسٽل ڪراچيءَ ۾ ملڻ آيو. مان هاسٽل جي فرسٽ فلور تي ۲۹- نمبر ڪمري ۾ رهندو هئس، جنهن جي اوپر طرف ٻه وڏيون دريون هونديون هيون. شام جا ڇهه ست وڳا هوندا، جو هينان ڪنهن منهنجو نالو وٺي، سڏ ڪيو. دريءَ مان نهاريم ته ايياز بينو هو. ٻل سوٽ پاتل هئس. هلڪي سبز رنگ جي ڪار ۾ آيو هو.

مان هيٺ لٿس. سائس سڪ سان مليس. ڊرائيور کي ميٽروپول هوٽل تي هلڻ جو چيائين، جيڪا ان زماني ۾ ڪراچيءَ جي وڏي ۾ وڏي هوٽل هئي. پاڻ ٽڪيل ته ڪنهن ٻئي هنڌ هو. ميٽروپول ۾ گهڙياسين ته سڌا "بار" ۾ وياسين. ايياز بيئر گهرايو يا وسڪي، سو ياد ڪونهيم، پر، ٻه چار گلاس پي، ڊائننگ هال ۾ مانيءَ کائڻ وياسين. ڪيترائي مرد ۽ عورتون مانيءَ کائڻ ۾ مشغول هئا. اسان به مانيءَ کائڻ شروع ڪئي. ايياز رکي رکي هيڏي هوڏي ڏسي تڪي. نيٺ، مون کي چيائين ته "هي بيرر اسان ڏانهن گهوري رهيا آهن." مون کي ته منجهن اهڙي ڪا به ڳالهه نظر ڪانه آئي، پر ايياز کان رهيو ڪونه ٿيو، سو، هڪڙي بيرر کي آڱر جي اشاري سان سڏيائين. جڏهن هو وٽس آيو ته اوسي پاسي وارين ميزن تي پاڪستاني مردن ۽ زالن ڏي اشارو ڪري چيائينس ته "بيرر، هنن ماڻهن جا ماڻ پيءُ به

لنڊن ۽ روم ۾ پيدا ٿيا هئا، جو ڇرين ۽ ڪانٽن سان ٿا کائن؟ اسان سنڌي آهيون. اسان جي پنهنجي تهذيب آهي. اسان هٿن سان ماني کائيندا آهيون." بيرر سندس ڳالهه سمجهي ڪونه سگهيو، سو منجهي پيو. ڀانيائين ته نشو گهڻو چڙهي ويو اٿس، سو مانڙي ڪري موٽي ويو. اها ماجرا ڏسي، مون کي پَرون پيا ته 'اياز جي مزاج ۾ شڪ جو عنصر مڙئي سرس آهي.'

ماني کائي ٻاهر نڪتاسين ته پير حسام الدين راشديءَ سان هوٽل جي ورانڊي ۾ ملاقات ٿي ويئي. تن ڏينهن ۾، مان پير صاحب سان حجائتو ڪونه هئس، سو هٿ ڏئي ماٺ ڪري بيٺس. خوش خيروعافيت ڪرڻ کان پوءِ، اسان کانئن موڪلائي، هوٽل مان نڪتاسين. اياز مون کي هاسٽل ۾ ڇڏي ويو.

* * * *

ايندڙ ڏهاڪو سالن ۾ اياز ۽ منهنجي دوستي وڌي وڻ ٿي. اسان اهڙا ته گهرا گهاٽا ٿي وياسين، جو مون کي جويي صاحب کان وڌيڪ ٻيو ڪوبه شخص کيس ايڏو ويجهو نظر ڪونه آيو. رشيد ڀٽي به نه، توڙي جو اياز جي ڀٽيءَ سان گهڻي هوندي هئي. ٻئي ڄڻا ساڳيا خيال رکندا هئا، ۽ انهن لاءِ ڏک ڏٺا هئائون. جيل ڪاٽيا هئائون. ٻنهي جا دوست دشمن ساڳيا هئا. اياز پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جي سير ۽ سفر جو گهڻو ذڪر ڪيو آهي. ان ۾ اياز، جويو صاحب، جمال ابڙو، تنوير، ڀٽي ۽ مان گڏ هوندا هئاسون. سير ۽ سفر جا انتظام، ڪڏهن جمال ابڙي، ڪڏهن تنوير، ته ڪڏهن ارباب نورمحمد پليجي ڪيا هئا. پر، هندستان جي سفر ۾ اياز سان گڏ فقط ڀٽي ويو هو. اياز، پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ کيس سڪ سان ساري، لکيو آهي ته:



"رشيد ڀٽي سکر ۾ وڪالت ڪندو هو. هن جا نقرئي قهقها اسٽاڪ مارڪيٽُ ٿرٿلي ۾ وجهي سگهندا هئا. هو مون سان نه رڳو هندستان واري سفر ۾ ساڻ هو، پر پاڪستان ۽ سنڌ ۾ ڪيئي ڀيرا سفر ۾ ساڻ هو. هن، راتين جو پورهيو ڪري، منهنجي ڪتاب 'خط، انٽرويو ۽ تقريرون' جي ڀاڱي ٻئي تي، ڊگهو مهاڳ لکي، پاڻ کي ٿڪائي وڌو. اڳ ئي هو ذيابيطس جو مريض هو، پوءِ ته هن جي شگر ليول ايترو ڪري پيئي، جو هو ايمبولينس ۾ ڪراچيءَ پهتو مس، ته گذاري ويو. مان هن جي موت تي ڍانڍيون ڪري رنو هوس. هو منهنجو، ربانيءَ ۽ تنوير جو گهرو دوست هو."

اياز ۽ تنوير به گهاٽا يار هئا، پر، ڪڏهن ڪڏهن الجهي به پوندا هئا. اياز پاڻ ئي ان باري ۾ نارائڻ شيام واري نظم جو واقعو آتم ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيو آهي. ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ تنوير سان پنهنجي ناتي جو ذڪر ڪندي، هنن لفظن ۾ ڳالهه سميٽي اٿس:



"ڪڏهن ڪڏهن (خيرپور ۾) ڪيس هلائي، تنوير عباسيءَ ۽ سندس بيگم قمر عباسيءَ جو سلام ڀري ايندو هئس. هنن سان منهنجا تعلقات ٿڌا ٿي ويا هئا. ان ۾ سراسر منهنجو قصور آهي. اها ٻي ڳالهه آهي، ته تنوير کي ادبي دنيا ۾ منهنجي ايتري پذيرائي پسند نه ايندي آهي."

مان اياز جو گهاٽو دوست هئس. سو، مون کي پنهنجن ٻن ڪتابن جو ناشر ڪيائين: هڪڙو "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ ٻيو "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي." خ چ سڄو پاڻ ڀريائين. مهراڻ جي هن پرچي ۾ اياز جا جويي صاحب ڏي خط شايع ٿيا آهن، جن ۾ ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو اٿس. ٻئي ڪتاب ون يونٽ سرڪار ضبط ڪيا:

ڇو تہ ڪن "سنڌي سڀاجهڙن" سرڪار کي چغلي هئي، تہ منجهن ون يونٽ جي "اسلامي وحدت" خلاف مسالو آهي. ڪتابن جي بندش ستت گنڀير صورت اختيار ڪئي. سنڌي اديب ٻن ڪيمپن ۾ ورهائجي ويا: هڪ طرف "سنڌ دوست" اديب هئا، ۽ ٻئي طرف سرڪار جي طرف جهڪيل اديب (PRO-ESTABLISHMENT) هئا ۽ انڪري ون يونٽ جا حامي هئا.

اهو عجب دؤر هو. حميد سنڌي، حيدرآباد جي بسنت هال ۾، "روح رهاڻ" جا جلسا ڪندو هو. اياز کي مکيہ مهمان ڪري سڏيندو هو. ڏاڍا شاندار جلسا هوندا هئا. جن ڏٺا، تن کان وسري نہ سگهندا. اياز جڏهن منجهن شعر پڙهندو هو، تہ هڪ سمو طاري ٿي ويندو هو. اياز آتم ڪهاڻيءَ ۾ انهن ڏينهن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ:



"حميد سنڌيءَ جي رسالي 'روح رهاڻ' ئي ون يونٽ خلاف، صحيح معنيٰ ۾، تحريڪ ڀڙڪائي هئي. ان ۾، 'بسنت هال' حيدرآباد ۾ ٿيل جلسن جا احوال، منهنجون صدارتي تقريرون ۽ ٿر بابت منهنجا ٽي ڳٽڪا، 'هي گيت اڃايل مورن جا'، 'جل جل، مشعل جل جل' ۽ 'رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي' شايع ڪري، سنڌي قوميت جو کلم کُلا پرچار ڪري، هن حڪومت جون وايون بتال ڪري ڇڏيون هيون."

هڪ ڀيري اياز حيدرآباد جي لاڪاليج جي جلسي لاءِ آيو تہ ون يونٽ جا حامي سنڌي اديبن، کيس شهر نيڪالي ڏياري. ستت، لاهور ۾ ون يونٽ سرڪار کي چغليون هڻي، سندس ٻئي ڪتاب ضبط ڪرايائون. ١٩٦٥ع واري جنگ لڳي، تہ کيس هندستاني ايجنٽ قرار ڏيئي، جيل ۾ وجهايائون. نٿي ڄاتائون، تہ قدرت جي غيبي هٿ جون آڱريون هميشہ جنبش ۾ آهن. ٿيو ائين ئي، جيئن ڀٽائيءَ فرمايو هو:

سکر سي ئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾.

اياز جي "مخالف اديبن" جي انهن ئي "ڪارنامن" جي ڪري سنڌ ۾ اهڙو ڪو شهر ڪونہ رهيو، جتي سندس نالو نہ پهتو. اياز جي شهرت آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. هو پاڻ گُهري نہ گُهري، سندس مخالفن کيس "سنڌ جي اهم سياسي شخصيت" بنائي ڇڏيو. اياز پنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي تہ،

"مون کي شهيد ڀٽي سان گڏ، ساڳئي وارنٽ هيٺ نظربند رکيو ويو هو.
ابراهيم جويي جا منهنجن ڪتابن تي لکيل مهاڳ انهيءَ ڳالهہ جا گواهہ
آهن، تہ ان دؤر ۾ منهنجي ڪيتري سياسي اهميت هئي."

* * * *

ساهيوال جيل ۾ اياز ۽ ڀٽي جي ميل ملاقات نالي ماتر هئي. پر، جڏهن ڀُٽو صاحب پاور ۾ آيو تہ اياز کي "سندس سياسي اهميت" سببان سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر مقرر ڪيائين. ڀٽو سياسي ذهنُ هو. ائين ڪرڻ ۾ سندس هڪ خاص سياسي مصلحت هئي. ڳالهہ هيئن هئي تہ پيپلس پارٽيءَ جي ٺهڻ کان اڳ، سنڌ ۾ سنڌي قوم پرستن (SINDHI NATIONALISTS) جي تحريڪ زور هئي، جنهن جي سياست ۽ قيادت سائين جي. ايم. سيد جي هٿ ۾ هئي. پيپلس پارٽي ٺهي تہ هڪ "ڪُل پاڪستان سياسي جماعت" سنڌ جي ماڻهن جي اکين اڳيان آئي، جنهن جو اڳواڻ بہ هڪ سنڌي هو. هن سياست جي طرز ۾ انقلاب آندو: وڏيرن کي نظرانداز ڪيو، هارين، مزورن ۽ شاگردن کي اهميت ڏني. ڊرائنگ روم پالٽڪس بدران عوامي جلسن تي زور رکيو، ۽ انهن ۾ شعلہ بيان انداز سان تقريرون ڪيون. نتيجو اهو نڪتو تہ "جيئي سنڌ" جو نعرو "جيئي ڀُٽو" ۾ تبديل ٿي ويو. عوام سان گڏ ننڍا وڏا

سڀ وڏيرا بہ وڃي ڀٽي صاحب جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيا. تاهم، ڀٽي صاحب، ڊگهي نظر ڪري، سائين جي. ايم. سيد کي عام چونڊن ۾، بنا مقابلي، قومي اسيمبليءَ جي سيٽ پيش ڪئي. پر، سائينءَ جو اعتماد اڃا بہ وڏيرن ۾ هو، تہ فلاڻو هيترا ووٽ ۽ فلاڻو هيتريون سيٽون کڻندو، سو ڀٽي صاحب جي آڇ قبول ڪونہ ڪيائين. جڏهن خانبهادر کهڙي ۽ راشدي صاحب کي بہ پاڻ سان شامل ڪيائين تہ مجيب پيرزادي، يوسف لغاريءَ، يوسف ٽالپر، مسعود نورانيءَ، لالا قادر، ڄام ساقيءَ ۽ اهڙن ٻين سنڌي نوجوان اڳواڻن احتجاج ڪيو، تہ انهن ٻنهي ون يونٽ ٺاهيو هو. سائينءَ کين سمجهائڻ بدران کانئن موڪلائي ڇڏيو. نوجوان اڳواڻن سان سائينءَ جي اها "الوداعي ميٽنگ" رئيس غلام مصطفيٰ ڀرڳڙيءَ جي حيدرآباد واري بنگلي تي ٿي هئي. مان، محمد عمر ميمڻ ۽ جمال رند بہ ان ۾ موجود هئاسين.

جڏهن چونڊن جو نتيجو نڪتو، تہ سائينءَ ۽ سندس سڄي وڏيرڪي لڏي شڪست کاڌي. ڀٽي صاحب جي سرسي ٿي. پر، هن بہ وڏيرن تي اٿو هاريو هو. چونڊن ۾ سنڌ جي مڊل ڪلاس ماڻهن مان ڪنهن هڪ ڄڻي کي بہ پارٽيءَ جي ٽڪيٽ ڪانہ ڏني هئائين. پر، پنجاب ۾ ائين ڪونہ ڪيو هئائين. اتي حنيف رامي ۽ ڊاڪٽر مبشر جهڙن مڊل ڪلاس ماڻهن کي ٽڪيٽون ڏنائين، جي چونڊن ۾ بيٺا، چونڊيا، اڳتي وڌيا. وزير ۽ وزير اعليٰ جا منصب ماڻيائون. پنهنجي پرڳڻي پنجاب جو ڀلو ڪيائون. سنڌ ۾ وڏيرن رڳو سُڄ ڪئي.

اياز سنڌي قوم پرستن جي تحريڪ ۾، سائين جي. ايم. سيد کان پوءِ ٻيو نمبر حيثيت رکندو هو. اها ڳالهہ ڀٽي صاحب کان مخفي ڪانہ هئي. سنڌ يونيورسٽي، جيئي سنڌ تحريڪ جو ڳڙهہ هئي. ڀٽي صاحب جي هڪ مخالف سياسي اڳواڻ پريس بيان ڏنو تہ "پاڪستان ۾ هڪ هنڌ اهڙو بہ آهي، جتي پير پائڻ جي ڀٽي صاحب کي بہ جرئت ڪانهي." سندس اشارو سنڌ يونيورسٽيءَ ڏانهن هو. انهيءَ پس منظر ۾، ڀٽي صاحب، هڪ زيرڪ سياستدان وانگر، اياز کي وائيس چانسيلر مقرر ڪيو. سندس مصلحت، گرهوڙي فقير جي ٻوليءَ ۾، اها هئي، تہ "هيءَ مڙهي ڀڳي تہ بہ فتح فقير جي ۽ جي هوءَ مڙهي ڀڳي تہ بہ فتح فقير جي." جيڪڏهن شيخ اياز جيئي سنڌ جي شاگردن کي قابو ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو، تڏهن بہ مون کي فائدو ٿيندو، ۽ جيڪڏهن جيئي سنڌ جي شاگردن شيخ اياز کي هيٺو ڪري وڌو، تہ بہ سندس سنڌي قومپرستيءَ واريءَ شاعريءَ مان منهنجي جند ڇٽي پوندي. اياز انهن ڏينهن ۾ هڪ شعر لکيو هو، جو سنڌ ۾ ڏاڍو مقبول ٿي ويو هو: "سنڌڙيءَ تي سِرُ ڪير نہ ڏيندو، سهندو ڪير ميار، او يارَ!"

اياز پنهنجيءَ مقرريءَ بابت پاڻ مون کي هيئن ٻڌايو تہ سکر ۾ گهر رات جي ماني پئي کاڌم. فون جي گهنٽي وڳي. چيائون تہ پنڊيءَ مان ڀٽو صاحب ڳالهائيندو. ڪجهہ دير کان پوءِ ڀٽي صاحب جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

چيائين تہ، "اياز، تو ۾ هڪڙو ڪم پيو آهي."

مون چيو تہ، "سائين، ڪرڻ جهڙو هوندو تہ ضرور ڪندس."

چيائين تہ، "سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلري وڃي سنڀال."

مون چيو تہ، "سائين، مون کي تجربو تہ ڪوبہ ڪونهي."

چيائين تہ، "مون کي تجربو هو، جو سڄي ملڪ جي حڪومت سنڀالي اٿم!"

ان کان پوءِ وڃي ساڻس مليس. چيومانس تہ، "سائين، ڪو حڪم هدايت؟"

چيائين تہ، "ڪرسيءَ جو خيال رکجانءِ. منجهس نشو آهي. جيسين ڪرسيءَ تي هوندين، تيسين ماڻهو توکي چوندا تہ، صاحب، سج اڀري بہ تو تي ٿو، لهي بہ تو تي ٿو."

اياز ڀٽي صاحب کان اها نصيحت وٺي، ڄامشوري پهتو. بسترا-بند ۽ بئگ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس اڳيان ڇڀر تي رکي، ڏاڪڻ تي چڙهي اچي مون سان آفيس ۾ مليو. شام جي مهل هئي. ڀلجان نٿو، تہ ناشاد بہ ان مهل مون

وٽ وينو هو. "چاءِ ٺهراءِ." چاءِ جو ڪوپ آيو، تنهن کان اڳ ئي اياز حال احوال ڏيڻ شروع ڪيو. ڳالهه پوري ڪيائين، ته مون چيس ته "اياز، تو چگو ڪم ته ڪرڻ ڪيو آهي. يونيورسٽي سُڪَ جي سيج ڪانهي."

چيائين ته، "DIE IS CAST ... DIE IS CAST"

* * *

اياز سائين جي.ايم.سيد جو ساٿي هو. ڪن ماڻهن جو رايو آهي ته ڪيس پيو نه ته مصلحت خاطر ئي سهي، پٽي صاحب وٽان وائيس چانسيلري قبول ڪرڻ کان اڳ، سائينءَ کان دعا ونڊڻ ڪپندي هئي. پر، پاڻ سائينءَ کي يڪلخت نظرانداز ڪيائين. ليڪن، سائين ڪيس نظرانداز ڪرڻ وارو ڪونه هو. هن جا جناح صاحب سان اختلاف ٿيا هئا، ته ساڻس به الجهي پيو هو. اياز بابت به ڪليل لفظن ۾ پنهنجيءَ راءِ جو اظهار ڪرڻ لڳو. تازو سندس هي لفظ، هفتيوار "پرهه ڦٽي" رسالي جي ٢٣ مارچ ١٩٩٨ع واري پرچي ۾، وري ڇپيا آهن:

"...شيخ اياز به ڪوششون ڪري رهيو آهي، ته سنڌ تي چار شعر لکي، هاڻ انهن جي قيمت وصول ڪري...اسان وٽ پاڻ کي وڪڻڻ وارا ماڻهو پيدا ٿي پيا آهن. ڪنهن کي ليسن ڪپي، ڪنهن کي سفير جي ڪرسي ڪپي، ته ڪنهن کي وائيس چانسيلري ڪپي."

سائينءَ جي اڻڄاڻ گفتگوءَ جو نتيجو "نوشته ديوار" وانگر هر ڪنهن جي اکين اڳيان هو. جيئي سنڌ جي شاگردن جو اياز سان جهيڙو ٽيڻ ۾ گهٽي دير کان لڳي. هڪ رات، هو پنهنجا ڪي مطالبا مڃائڻ لاءِ، انبوهه ڪري، وي.سي.هائوس تي آيا. اياز در، دروازا بند ڪرايا ۽ چوڪيدارن کي هوائي فائر ڪرڻ جو حڪم ڏنو. شاگرد ٽڙي پکڙي ويا. اياز ستت، پنهنجي سرڪاري گهر جون پتيون بلند ڪرايون. مٿن خاردار تارن جو لوڙهو ڏياريائين. بنگلي جي حفاظت لاءِ چوڪيدار هئا، پر، پوليس به طلب ڪيائين. باوجهه پوليس وارا سندس بنگلي جي گيٽ وَٽ، رات ڏينهن لڏو لاهيو وينا هوندا هئا. شاگردن، ڪيمپس جي در و ديوار تي چاڪنگ ڪري ڇڏي ته، "قيدي وائيس چانسلر ڪونه ڪپي."

اياز جي ادبي دوستن کي اهو منظر ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو. جويي صاحب، هڪ اصول بيان ڪيو: چيائين ته "يونيورسٽيءَ جا شاگرد هار ڪونه آهن. عاقل بالغ مرد آهن. ساڻن انهيءَ ئي ليول تي مسئلا طئ ڪرڻ گهرجن."

اياز جي ادبي دوستن، بهرحال، ڪيس اڪيلو ڪونه ڇڏيو. ڪڏهن پاڻ سندن دعوت ڪندو هو، ڪڏهن هو ڪندا هئا. ميل ملاقات ٿيندي رهندي هئي. هڪ ڏينهن نعيم دريشائيءَ سندس دعوت ڪئي. هو ايل. ايم. سي ۾ ڊاڪٽر هو. تن ڏينهن ۾ پرو-وائيس چانسلر جون پوسٽون نڪتيون هيون: هڪ سنڌ يونيورسٽيءَ لاءِ، پي انجنيري ڪيمپس لاءِ ۽ ٽين ٽنڊي جام واريءَ زرعي ڪيمپس لاءِ. نعيم دريشائيءَ اياز کي چيو ته "تون رباڻيءَ کي پرو-وائيس چانسلر چو نٿو ڪرائين؟" مان اياز واري ٽي صوفي تي ساڻس گڏ ويٺو هوس. سڪ سان چڪي، پاڪر پاتائين ۽ چيائين ته "مون کي پاڻ ته ڪونهي. رباڻي مون کي پرو-وائيس چانسلر ٿي ملي، ته باقي چا ڪپي." رڳو نلهي ڳالهه ڪانه ڪيائين، سنڌ جي تڏهوڪي وزير اعليٰ جتوئي صاحب ۽ خود پٽي صاحب کي چئي، مڙسان مڙسيءَ، منهنجو آردر ڪرايائين.

اياز ۽ شاگردن جي تنازعي کان پوءِ ڪ عرصو، يونيورسٽيءَ جا معاملا تعطل ۽ مونجهاري ۾ هئا. مون پهريون ڪم اهو ڪيو، ته جيئي سنڌ جي شاگردن وٽ هاسٽلن ۾ هليو ويس. هو اسان جا پنهنجا ته هئا. هاسٽلن بابت سندن ڪجهه مسئلا حل ڪيم، ته رات جو منهنجي سرڪاري گهر اچي ڪچهري ڪندا هئا. آهستي آهستي ڪري، ساڻن ڳالهه چوريم ۽ سندن ٽي رضامنديءَ سان سنڌ يونيورسٽيءَ جي پتين تي اياز جي خلاف ڪيل چاڪنگ صاف ڪرايم. اياز سان ڳالهه ڪيم، ته ڏاڍو خوش ٿيو.

سنڌ جو تڏهوڪو وزير تعليم، جو شروع ۾ منهنجيءَ مقرريءَ جي خلاف هو، سو هڪ ڏينهن حيدرآباد آيو. مون کي سرڪٽ هائوس ۾ سڏيائين ۽ چيائين ته "اسان کي خفيه رپورٽون مليون آهن، ته تون شاگردن وٽ هاسٽل ۾ ويو آهين ۽ سندن مسئلا حل ڪيا اٿئي. اسان خوش ٿيا آهيون ته 'YOU HAVE BROKEN THE ICE.'".

* * * *

پٽي صاحب جي حڪومت ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انجنيئرنگ ڪيمپس جو پرو-وائيس چانسيلر ڊاڪٽر قريشي ۽ ٽنڊي جام جي زرعي ڪيمپس جو پرو-وائيس چانسيلر ڊاڪٽر انصاري، اياز سان اختلافن جي ڪري، ڪانئس پنهنجا ڪيمپس جدا ڪرائي، يونيورسٽيون ٺهرائي، وائيس چانسلر ٿي ويا هئا. انهيءَ ڳالهه مان ايازڪي اڇي شڪ جاڳيو، يا ڪنهن ڪيس پڙهايو، ته متان سياڻي رباني ۽ ابراهيم شاهه بخاري به ائين ڪن، سو سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماڳهن پرو-وائيس چانسيلرن جون پوسٽون ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتائين. اهو ڏسي، اول ته ابراهيم شاهه بخاري ۽ مان ڏاڍا منجهياسين. مون سوچيو ته پرو-وائيس چانسلر جي نوڪري ڏني به ايازآهي، ونيِ به ايازٿو. جويي صاحب سان صلاح ڪري، ٻن ٽن مهينن جي موڪل جي درخواست ڏني مانس. پر، ڏٺم ته اطمينان ڪونه ٿيس. سو، ڪيس استعيفا ڏنم. درخواست توڙي استعيفا ٻنهي جا ڊرافٽ جويي صاحب لکي ڏنا. سندس اهو احسان نه وسرندو.

مان سنڌي ادبي بورڊ ۾ موٽي آيس، ته ايازاڪيلو ٿيو. ٻن چئن مهينن اندر ئي استادن ۽ شاگردن سان سندس اختلاف ٿيو. سينيٽ هال ۾ هنگامي اجلاس ٿيو، جنهن ۾ استادن مٿس الزام هنيا. برگيڊيئر مسعود، ايس. ايم. ايل. اي، حيدرآباد به اجلاس ۾ موجود هو. ايازڪي چيائين ته "اوهان الزامن جا جواب ڏيو." ايازخاموش رهيو. هن مٿي رپورٽ موڪلي ڏني. ايازجو يونيورسٽيءَ ۾ مدو سنٽ پورو ٿيڻ وارو هو، پر، ملڪ جا فوجي حاڪم، ڪيس آسري ۾ رکندا آيا. آخرين ڏينهن تي، يونيورسٽيءَ جو هڪ استاد، جنهن کي ايازنوڪريءَ مان ڪڍايو هو، سنڌس جاءِ تي نئون وائيس چانسلر ڪري آندائون. ايازِ، پنهنجيءَ آتم ڪٿائيءَ ۾ انهيءَ معاملي متعلق هيئن لکيو آهي:

> "مان اسلام‌آباد ايئرپورٽ تي وي. آئي. پي. لائونج ۾ ويس، ته جنرل ضياءِ جو لا منسٽر مسٽر اي.ڪي. برڪي ۽ هن جي رفيقه حيات اڳيئي اتي وينا هئا. مان برڪي صاحب کي چوان ها ته منهنجي نوڪري بچائي سگهي ها...مون سان ڏاڍو ريڊل هو....پٽائيءَ جي ورسيءَ تي مهمان خاص هو. انگريزيءَ ۾ لکيل خطبو مون کي ڏئي چيائين ته 'اياز، هن جو اردو ۾ ترجمو ڪري، سنڌالاجيءَ مان ڇپائجان!' مون ائين ڪيو. پر، جڏهن هن کي ڇپيل ڪتاب ڏيڻ ويس، تڏهن جنرل ضياءِ منهنجي نوڪري ختم ڪري ڇڏي هئي."

اياز، يونيورسٽيءَ ۾ ملازمت وارو عرصو، پٽريائين سائين جي. ايم. سيد جي سياسَتَ، پوءِ پٽي صاحب جي سياسَتَ ۽ آخر ۾ جنرل ضياءِ جي سياسَتَ ڪري، ڏهني ڇڪتاڻ ۾ گذاريو. يونيورسٽيءَ مان دلشڪستو ٿي نڪتو. دوستن کان ڏار ٿي ويو، ۽ شاگردن کان ڪٽجي ويو. سوپي گيانچنداڻيءَ پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ تاريخي جملو لکيو آهي:

"شيخ اياز عظيم هو، عظيم تر ٿيو ۽ پوءِ اڪيلو رهجي ويو."

* * * *

شاعري انسانذات جو زيور آهي. دنيا جون مهذب قومون، ۾ين مشاهيرن وانگر، پنهنجن شاعرن جو به وڏو قدر ڪنديون آهن. مغربي قومن ۾ جرمنَ پنهنجي، اورچائيءَ جي ڪري گهٽو مشهور آهن. گوئٽي سندن محبوب مفڪر ۽ شاعر آهي. سندس پيغام کي ڦهلائڻ لاءِ وڏو ڪم ڪيو اٿن. دنيا جون ٻيون زبانون ته چڏيو، سنڌيءَ ۾ به سندس ترجما شايع ڪيا اٿن. گوئٽي جي دنيا ۾ ڏاڪ آهي. پر، گوئٽي جو پنهنجو دلپسند شاعرُ، حافظ شيرازي هو.

مشرقي ملڪن ۾ وري جپاني قوم ۾ ساڳيون خوبيون آهن: محنت ۽ اورچائي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ ته مغربي ملڪن جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪيو اٿن، پر علم ۽ ادب جي ميدان ۾ به ورهين جا ورهيه کوجنا ڪري، پنهنجي قديم شاعري کڻي ڪڍي اٿن. اسان جي ڳوٺن ۾ عام طرح هر "ڪلام" کي "ڪافي" ڪوٺيندا آهن. جپاني ماڻهو وري قديم زماني ۾ پنهنجن ڪلامن کي "تنڪائون" ڪوٺيندا هئا. سندن کي تنڪائون ته هزارين ورهيه قديم آهن. پاڪستان ۾ جپان جي سفارتخاني، "قديم تنڪائن" جو ڪتاب، ٽن جلدن ۾، اردوءَ ۾ ترجمو ڪري، ملڪ جي ڪن اديبن ۽ ادبي ادارن کي تحفي طور موڪليو آهي. ڪتاب ته انمول علمي خزانو آهي، پر، ان سان گڏ ڇپائيءَ جو به شاهڪار آهي.

پر، جيڪو تحقيقي ڪم انگريزن پنهنجي قومي شاعر، شيڪسپيئر تي ڪيو آهي، تنهن جو دنيا ۾ ڪو ورلي مثال ملندو. والٽ وٽمئن جو قول آهي ته، "عظيم شاعر جي هڪ سڃاڻپ اها به آهي ته جيڏن هن پنهنجيءَ قوم سان پيار ڪيو، تيئن سندس قوم به سائس واڌاڻ محبت ڪئي." -اهو قول انگريزن ۽ شيڪسپيئر تي حرف به حرف صحيح ثابت ٿئي ٿو. شيڪسپيئر جي هاڪارن نقادن جي فهرست تمام ڊگهي آهي. اي. سي. برئڊلي ۽ ولسن نائيٽ انهن ۾ به معروف ۽ معتبر نالا آهن. هونئن، مڙني شيڪسپيئر جي ڪلام جي اونهي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي. **تاهم هو انهيءَ سوال تي متفق ٿي نه سگهيا آهن ته شيڪسپيئر، پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾، پنهنجن ڊرامن جي "لافاني ڪردارن" کان وڏو ماڻهو هو، يا نه؟ اهو سوال هر وڏي فنڪار سان لاڳو ٿئي ٿو -- اياز سان به ٿئي ٿو.**

اياز مسڪين ماءُ ۽ پيءُ جو اولاد هو، پر سنڌ جي بي رحم معاشري جي قدرن کي خيال ۾ رکي، آتم ڪٿائيءَ ۾ پنهنجيءَ غربت جي پرده پوشيءَ کان ڪم ورتو اٿس. بعضي ته ان کي "زيبِ داستان" جو پوش به پارايو اٿس. هڪ هنڌ لکيو اٿس ته سندس والد بلغاري حقو چڪيندو هو، جنهن جي نڙ کي چانديءَ جا ڇلا پيل هوندا هئا. ٻئي هنڌ لکيو اٿس ته بابو بيمار هو. شيشي کڻي، ڊاڪٽر کان دوا وٺن هليو، پر هن موتائي ڏني ۽ چيائين ته "اوهان اڳيئءَ دوا جا پئسا ئي ڪونه ڏنا آهن."

هڪ دفعي مون کي چيائين ته، "مان پنهنجي آتم ڪٿائي پنهنجي ڏاڏي جي احوال سان شروع ڪندس، جو عجب انسان هو. هڪ دفعي، شڪارپور جي سنڌ واهه تي سير ڪرن ويو. گهر موٽيو، ته پنهنجن ڪپڙن تي ڪِرل ڏٺائين. سمجهيائين ته اها "سنڌ واهه" تان لٿن تي چڙهي هوندي، سر ڪِرل کي ڪلهي تي وڌاري، وري سنڌ واهه تي چڙي آيو."

چگو ٿيو، جو ايائين ڪونه ڪيو. مان نٿو پانيان، ته اڙي قسم جون ڳالهيون، اڳتي هلي، شاندار روايتن جي شڪل وٺن ها ۽ سندس عظمت ۾ اضافو ڪن ها. ايائين جي حقيقي عظمت اهائي آهي، ته ڪيس نديپن ۾ غربت جا ڏنگ لڳا. تاهم، هن حوصلو ڪونه وڃايو. پنهنجيءَ محنت، سمجهه ۽ ڏاهپ سان پنهنجي زندگي ناهي.

غربت چگي شيءِ نہ آهي، پر، نندپڻ جي غربت، تہ هيڪاري اذيتناڪ آهي. مائٽءِ جي من کي موڳو ڪري ڇڏي ٿي، بلڪ سندس شخصيت جي اوسر کي روڪي ڇڏي ٿي. ڪي جڙوي انسان ٿين ٿا، جيڪي غربت جون رڪاوٽون اورانگهي، پنهنجي ڳالهہ ناهن ٿا. مثال لاءِ ڈاڪٽر بلوچ صاحب جو تازو ڪتاب "آسان جو ڳوٺ جعفر خان لغاري" پڙهڻ گهرجي.

آسان سيني وانگر، اياز به ڪاليج واري زماني ۾ سخت تنگدست هوندو هو. مينڊري سعادتيءِ وارن خطن جي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ اياز جڏهن وڪالت پاس ڪئي هئي، تہ وٽس ڏگري وٺڻ لاءِ پئسا ڪونہ هئا. جويي صاحب مون کي ٻڌايو تہ پاڻ ان زماني ۾ ڪيس پي. ڊبليو. ڊيءِ ۾ ڪلارڪي وٺي ڏني هئائين. ايازِ، اجهو ائين هڪ محنت ڪش مائٽءِ وانگر، پنهنجو ڪيريئر شروع ڪيو. جڏهن سکر ۾ وڪالت شروع ڪيائين، تہ پنهنجيءِ ذهانت ۽ محنت سان ستت اتر سنڌ جي ڪامياب وڪيلن ۾ شمار ٿين لڳو*.

غريب مائٽن ڏکيا سکيا ڏينهن گذاري جوان ٿئي ٿو، تہ ڪيس دل گهريي 'جيون ساٿي' جي آرزو ٿئي ٿي. اياز کي بہ ٿي. پر، ڪيس 'مجازي محرومي' جي تلخي به ڏسڻي پيئي. سندس ڪتاب "پنهل کان پوءِ" جو ورق ورق ۽ صفحو صفحو سندس دل جي پڪار آهي ۽ هن حقيقت تي شاهد آهي تہ ايازِ ڪي "غمِ دوران" سان گڏ، "غمِ جانان" جو "دو آتشه" جام به پيٽو پيو.

* * * *

آسمان جا ستارا جڏهن انسان جي قسمت ناهيندا آهن، تڏهن اڳواٽ ساٿس صلاح مشورو ڪونہ ڪندا آهن. سو، انگريزيءِ ۾ چوندا آهن تہ: "MARRIAGES ARE MADE IN HEAVENS". ايازِ جي پهرين شادي ڪيئن ٿي ۽ ڪڏهن ٿي، سو مون کي معلوم ڪونهي. جويي صاحب کي ڪجهہ سمڪ آهي. پر، اينرو معلوم الله تہ ڪيس هڪ نهايت پارسا، وفاشعار ۽ نيڪوڪار گهر واري نصيب ٿي، جنهن هر ڏک سک ۾ سندس ساٿ ڏنو. ايازِ کي منجهائنس پٽڑا به ٿيا ۽ نياڻيون به، جيڪي سڀ هاڻي شادي شده ۽ پنهنجن پيرن تي بيٺل آهن. ايازِ پنهنجيءِ آتم ڪهاڻيءِ جي آخرين حصي ۾، پنهنجيءِ گهر واريءِ، محترمه زرينہ صاحبه جي تعريف ڪئي آهي ۽ لکيو آهي تہ "منهنجي شاعري، منهنجي وڪالت ۽ منهنجي ڪامياب زندگي سڀ هن جي سبب آهن."

ايازِ پهي شادي به ڪئي، جنهن منجهان به ڪيس پٽڑا ۽ نياڻي ٿي. پر، اها شادي ڪامياب ڪانہ ٿي. سو، ايازِ ۽ سندس پهي اهليه، محترمه اقبال بيگم هميشہ لاءِ ڌڪيئي کان علحده ٿيا. مينڊرتي سعادتيءِ واري ڪتاب ۾ هن پنهنجيءِ پيءِ اهليه جي به گهٽي تعريف ڪئي آهي.

* * * *

ايازِ "مخصوص مزاج" وارو شخص هو. سندس ياري دوستي تمام محدود هئي. سنڌ ۾ جڏهن سندس نالي جي شهرت عروج تي هئي، تڏهن به سندس حقيقي :وست آگرين تي ڳڻڻ جيترا مَسَ هٿا. هڪ دفعي ڏاڍو بيمار ٿيو. جناح اسپتال ۾ علاج لاءِ داخل ٿيو. گهر جي پاتين مان ڪنهن کي به ڪونہ سڏيائين. پر، سندس دوستن مان ڪي به چار ڇٽا به سندس تيمارداريءِ لاءِ ڪونہ آيا. سو، جويي صاحب ۽ مون سندس تيمارداريءِ جو ڪم واري تي ورهائي ڪنيو.

---

* ڪنهن زماني ۾ آسان کي سنڌي ادبي بورڊ جا ڪي ڪيس وڪيلن کي ڏيڻا پيا. مڙني ۾ فقط ايازِ هو، جنهن ايانداري، سان محنت ڪري، آسان کي ڪيس کٽي ڏنا. پيا وڪيل تہ رکو ڏٽا ڏيندا هٿا ۽ شنوايون رکاٽيندا هٿا. ايازِ فقط آسان نہ پر سمورن اصيلن (CLIENTS) سان ايمانداريءِ سان هلندو هو.

کيس واتان رت ايندو هو. انهيءَ بيماريءَ جو ذڪر ڪندي، آتم ڪٿائيءَ ۾ لکيو اٿس تہ:

"مون زرينا کي پاڻ وٽ رهائڻ نہ چاهيو، جو تہ مون نہ پئي چاهيو تہ هوءَ منهنجي اذيت ڏسي. مون فون ڪري غلام رباڻيءَ کي ڳهرائي ورتو. اها ساري رات منهنجي وات مان رت اچي رهي هئي ۽ رباڻي صبح تائين منهنجي مٿي کان ويٺو هو. ممڪن هو تہ ان رات مان مري وڃان ها. اسپتال ۾ هن ٽن ڏينهن کان پوءِ غلام رباڻيءَ چيو تہ هاڻ مان هلان ٿو ۽ وڃي جويي صاحب کي موڪليان ٿو. جويو به ساڻئي ڏينهن شام جو مون وٽ هليو آيو. "

دراصل، ايياز کا انجيڪشن هٽائي هئي. اسان مان ڪنهن سان به اها ڳالهہ ڪانہ ڪيائين. ڊاڪٽر هٽي هٽي ٽڪجي پيا، پر، سندس بيماريءَ جُو پتو ٿي نہ پوي. مس مس ڊاڪٽر صالح ميمڻ جي علاج سان چاق ٿيو. انهن ڏينهن ۾ مون سندس جيڪا خدمت ڪئي، سا ڪانئس ڪڏهن ڪانہ وسري.

هونئن جڏهن پاڻ جيل ۾ هو، تڏهن مون ان کان به گهٽي جاکوڙ ڪئي هئي. سندس آزاديءَ لاءِ حيدرآباد کان ڪراچيءَ، اتان سکر ۽ اتان وري حيدرآباد، هلي هلي ٽڪجي پيو هوس. جويي صاحب کان سواءِ ٻيو ڪو مددگار ڪونہ هو. "حافظ" مبارڪ علي شاهہ تہ جويي صاحب ۽ مون کي ٻنهي "سَجن" کي به مرڻ هٽي ويو. پير علي محمد راشدي ۽ اي.ڪي.بروهي، رڳو دم دلاسا ڏيندا رهيا. بروهي صاحب ۾ ايياز کي ۽ راشدي صاحب ۾ مون کي اميدون هيون. پر، ايياز سان به سندس سڻا لاڳاپا هئا، جي هن خط مان ظاهر آهن، جو "روح رهاڻ" رسالي ۾ ڇپيل آهي. مون کي "ناشاد" وٽان مليو آهي:

منهنجا پيارا شيخ صاحب

سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي "مهراڻ" جي تازي پرچي ۾جهاڻي شعر بابت تنهنجو مضمون پڙهيم. اها ڳالهہ وري وري چوڻ بيسُود آهي تہ جيڪي ڪجهہ تنهنجي قلم مان نڪري ٿو، سو آفاقي تخليق (DIVINE PRODUCTION) آهي، ۽ تخليقي امنگن جو لازوال سرچشمو. مون کي، توکي هيءُ چوٽو آهي تہ جيسين مان هتي آهيان، تيسين تون جهان- ۽ هانگ ڪانگ لازمي طور- گهمڻ لاءِ ڪجهہ وقت ڪڍي اچ. مان هتي تنهنجي خدمت ڪرڻ لاءِ موجود آهيان. منهنجي ٺ'بد اها خودغرضي هجي، جو تہ او طرح سان مون کي توسان ڪجهہ وقت گڏ گذارڻ جو موقعو ملندو، پر ايتري خودغرضي معاف ڪري سگهجي ٿي.

آڏ سچ پچ توکي سڪ سان دعوت ڏيان ٿو، ۽ اها دعوت يقين رک تہ بي فائدي نہ هوندي.منهنجا هتي هر هنڌ دوست ۽ احباب آهن. سو، هن پاسي جيڪي ڪجهہ ڏسڻ جڳهيون شيون آهن، سي تون ڏسي سگهندين. تنهن وچ ۾، جيڪڏهن توکي هتان ڪا به شيءِ، مثلاً ڪو ڪتاب وغيره گهرجي، تہ تون ڇڙيون ۽ سٽون لکي موڪلجانءِ. توکي هيءُ ٻڌائڻ جي ضرورت ڪانہ اٿم، تہ مون کي تولاءِ نهايت احترام ۽ عقيدت آهي. ممڪن آهي، تنهنجي ڪلام مان اسان کي رهنمائي ملي. احترام ۽ نئين سال لاءِ نيڪ تمنائن سان،

تنهنجو مخلص

علي محمد راشدي

هانگ ڪانگ

۳۱-۱۲-۱۹۶۳ع

*　　*　　*　　*

'شڪ' اياز جو تمام وڏو مسئلو هو. چوندا آهن ته شڪ ۽ وهم جو علاج ته لقمان حڪيم وٽ به ڪونه هو. مون ١٩٥٧ع ۾ ميٽروپول هوٽل ۾ ساڻس پهرينءَ ملاقات ۾ ئي اهو تاثر قائم ڪيو هو، جو بعد ۾ ساڻس دوستي گهاٽي ۽ گهري ٿيڻ تي، پڪو پختو ٿيو. حد ته اها آهي ته مينڌري سعادتي جي فرضي نالي سان جيڪو ڇوڪرو سندس دل ۾ ديدَ پائڻ ۾ ڪامياب ٿيو، تنهن سندس خطن مان ئي اهو تاثر قائم ڪيو. هن اياز تي هڪ مضمون لکيو آهي، جو ڪتاب ۾ ڇپيل آهي، جنهن ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

"اياز جي طبيعت ۾ شڪ ۽ غلط فهميءَ کي وڏو دخل آهي، تنهنڪري ان اجائي ضد ۽ غلط فهميءَ ڪري، سندس آڏو ڪيترن جا بلند خيال ڊهيو وڃن. اياز هر مسئلي کي شڪ جي نظرن سان ڏسندو آهي، ايتريءَ حد تائين جو کانئس ڪوئي واقف پڇندو آهي ته 'خوش آهين؟' ته اياز سندس سوال کي ئي شڪ شبهي جي نظر سان ڏسندو آهي."

اياز جنهن زماني ۾، ساهيوال ۾، جيل ۾ هو، تڏهن ڪو قيدي وٽس جيل جي قانون موجب خدمت چاڪريءَ لاءِ ماتحت هو، جنهن ڏاڍي خدمت ڪيس. اياز خوش ٿي لکي ڏنس، ته 'بابا، مان جڏهن ٻاهر نڪران ۽ ڪنهن چڱيءَ منزل تي هجان، ته تنهنجي مدد ڪندس.' اياز وائيس چانسيلر ٿيو، ته اهو غريب شخص وڏيون اميدون رکي، پنجاب ۽ سنڌ جون سرحدون لتاڙي، اچي وٽس ڄامشوري پهتو. چوڪيدارن سان مليو. ٿڌو پاڻي پيتائين. ساهه پٽيائين ۽ ساڻن حال احوال ڪيائين. هنن اياز کي اطلاع ڏنو. اياز چيو ته مان ڪونه سڃاڻانس. هو غريب شخص ڏاڍو پريشان ٿيو. آخر ۾ اياز کي سندس جيل واري تحرير اندر موڪلي ڏنائين. کيس ڪنهن غريباڻي روزگار جو آسرو هو. پر، اياز پوءِ به ڪونه مليس. لاچار، هو مايوس ٿي، پنهنجي وطن موٽي ويو.

هت اها ڳالهه به خيال ۾ رکڻي پوندي ته جن ڏينهن ۾ اهو شخص ساهيوال کان ڪهي اياز وٽ آيو هو، تن ڏينهن ۾ هڪ پنجابي شخصُ، سائين جي.ايم.سيد تي حملي جي الزام هيٺ پڪڙيو هو. اياز کي اچي 'شڪ' جاڳيو، ته متان ساهيوال واري شخص کي به ڪنهن ڌر مٿس حملي لاءِ مامور ڪيو هجي!

اهو ته ٿيو هڪ اجنبي، پر اياز بعضي ته پنهنجيءَ سڄيءَ عمر جي آزمايل دوستن تي به شڪ ڪندو هو. آتم ڪهاڻيءَ جي جلد پهرئين ۾ پنهنجي ڪنهن اهڙي دوست جو ذڪر ڪندي لکيو اٿس ته:



مرحوم اسد الله شاهه حسيني "بيخود" مخدوم 'طالب المولىٰ' جي ڪافي قريب هو ۽ مون وٽ يونيورسٽيءَ ۾ فارسي شعبي جو ائسوسشيٽيٽ پروفيسر هو. هڪ دفعي، اسان وي.سي هائوس ۾، ڪچهري ڪري رهيا هياسين. اسد الله شاهه مون کان ڪنهن "دوست" جي باري ۾ پڇيو: "اوهان جو هن جي باري ۾ ڇا رايو آهي؟"

"ڪرست وانگر سڄي عمر پنهنجي صليب ڪلهن تي گهلي اٿائين." مون جواب ڏنو.

اسد الله نهايت صاف گو انسان هو. مون کي يڪدم چيائين، "اوهان ڪنهن کي ڪرست ٿا ڪوٺيو؟ ڪيڏا نه سادا آهيو اوهان!"

ڪيترو عرصو پوءِ مون جڏهن ان 'ڪرست' جو اصلي روپ ڏٺو ته پنهنجي مردم شناسيءَ مان اصل ويساهه ئي نڪري ويو.

*　　*　　*　　*

اياز، پنهنجي مزاج ۾ ايڏي شڪ شبهي جي باوجود، وقت تي وڏو بردبار شخص به ثابت ٿيندو هو. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هو ۽ مان پروائيس چانسيلر. ملڪ ۾ مارشل لا لڳي چڪو هو. جنرل جهانزيب سنڌ

جو گورنر ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جو چانسيلر هو. هڪ ڏينهن اياز ڪنهن ڪم سان ڪراچيءَ ويو. شام جو موٽي آيو. ايجا مون کي حال احوال پڇي ڏنائين، ته فون جي گهنٽي وڳي. گورنر هائوس ڪراچيءَ مان ڪال هئي، ته "وائيس چانسيلر صبح جو ڏهين بجي اچي ملي." اياز ايڏو ته ٽڪل هو، جو مرضي هئس، ته مون سان حال احوال پورو ڪري، سگهو وڃي سمهي پوي. نيابو ٻڌي، چيائين ته، "ڪهڙي صلاح آهي؟"

مون چيو ته، "صبح جو سوير هلنداسين."

سوچي سوچي چيائين ته، "نه، اهو جوکو ڪير ڪنندو؟ رستي تي ڪار جو پنچر ٽئي، ته ڏهين بجي ڪراچيءَ ڪيئن پهچنداسين؟ هل ته هينئر ئي هلون."



ڪار ۾ ويناسين، ته مون کي اهو احساس ٿيو ته اياز اڄ ڏاڍو ٽڪل آهي. ڪراچيءَ اسان جو يارُ، نثار ميمڻ پنهنجيءَ هوٽل ۾ ٽڪائيندو هو ۽ ماني کارائيندو هو. گذريل دفعي ڊمپل جي هڪ بوتل به ڏني هٿائين، جيڪا اڌرڪ بچي پئي هئي. مون، ان ڏينهن، مانڙي ڪري، ٽيلهي ۾ وجهي ڇڏي. ڪراچيءَ روانا ٿياسين. رستي تي هنڌي جٿن کي ننڊ کٽي ويئي. منهنجي اک تڏهن کلي، جڏهن ڪار اوچتو بيهي رهي. ڏسان ته اوندهه ٿي ويئي آهي ۽ چوڌاري بجليءَ جون بتيون چمڪي رهيون آهن. ڊرائيور کان پڇيم ته، "ڇاهي؟"

چيائين ته "ڪراچي اچي ويئي آهي."

مون چيو ته، "ڪار ڇو بيهاري اٿئي؟"

چيائين ته "مارشل لا جي ڪري تلاشي ونيو رهيا آهن."

ڳالهه ٻڌي، چرڪ نڪري ويو. هيٺ لٿس ته هڪ سپاهي اڳيئي اچي ڪار وٽ پهتو. ڊرائيور ڏگي کولي. هن اول اياز جي بئگ ڏني ۽ پوء مون وارو ٽيلهو چيڪ ڪيو. ڊمپل جي بوتل باهر ڪڍي، پڇيائين ته، "هي ڇاهي؟"

ڪير جواب ڏئي!

بوتل ڪٿي پرسان ٻيئل عملدار کي وڃي ڏنائين، جنهن چيو ته جيسين اسان جو اعليٰ عملدار اچي، تيسين ڪار ٻيئي هجي. ڏهاڪو ڪن ڪارون اسان کان اڳ ساڃئي ڏوهه ۾ قطار ڪير ٻيئيون هيون. اياز سڄو لقاءُ خاموشيءَ سان ڏسندو رهيو. پنهنجيءَ سيٽ تان هيڏي هوڏي ڇُريو ٿي ڪونه ۽ نه وري وات مان ڪو اکر ڪڍيائين. مون کي اچي سوين سور جاڳيا. ڪو ڪلاڪ به ڪلاڪ اسان ائين ٻيٺا رهياسون. نيٺ، اهو اعليٰ عملدار آيو. ڊرائيور وڃي ساٿس مليو ۽ احوال ڪيائينس، پر، هن ڪيس موٽائي ڇڏيو. اياز، ڪجهه دير صبر ڪري، وڏي اطمينان ۽ اعتماد سان ڪار مان لٿو ۽ انهيءَ عملدار وٽ ويو. ڏيرج سان چيائينس ته، "هيءَ غلطي ته ڪنهن نوڪر جي آهي. اسان ته وسڪيءَ تي پيشاب ڪندا آهيون."

اعليٰ عملدار ڪيس ڪوبه جواب ڪونه ڏنو. سپاهيءَ کان بوتل ونهي زور سان روڊ تي هڻي، پرزا پرزا ڪيائين ۽ ڪار جي چابي موٽائي اياز کي ڏنائين. اسان شڪرانا ڪندا، هوٽل تي پهتاسين. اياز هڪڙي لحظي لاءِ به مون کي ميار ڪانه ڏني ته "يار، تو ڪهڙو ڪُجو ڪم ڪيو هو."

* * * *

اياز کي في البديهه شعر چوڻ تي وڏو ملڪو حاصل هو. هڪ پيري چيومانس ته مون کي "گل قل" رسالي لاءِ شعر لکي ڏي. پاڻ وڏو شاعر هو. پاراڻي رسالي لاءِ ڪائنس شعر گهرڻ شايد مناسب نه هو. پر، منهنجي چوڻ تي، اتي جو اتي، قلم ۽ ڪاغذ کڻي ويٺو ۽ دلاويز نظم لکي ڏنائين، جو رسالي ۾ ڇپيل آهي. عنوان اٿس:

"منهنجا منڍا پُٽ.....!"

* * * *

مولوي عبدالواحد سنڌي نئين زندگيءَ جو ايڊيٽر هو. سائيڪو سالن جو هو، پر منهنجو بزرگ يار هو. اياز جو ڪلام شوق سان ڇاپيندو هو. هڪ ڀيري اسان راشدي صاحب جي لارينس روڊ واري بنگلي تي لٿل هئاسين. هو پاڻ ته ڪجهه سالن کان هانگ ڪانگ ۾ هو. اسان جو ميزبان حسين شاهه هو. هڪ دفعي ڪا دلچسپ فلم آنڌائين ۽ پروجيڪٽر تي لڳايائين. عين ان مهل مولوي عبدالواحد سنڌي آيو. نئون شعر گهريائين. اياز چيس ته "سائين، مولوي صاحب! اسان سان گهڙي کن گڏ وِهو، فلم ڏسو، رندن سان گڏ وسڪيءَ جو ڍُڪ پيو، ته نئون شعر حاضر آهي."

مولوي صاحب چيس ته، "زوراور...ڏيو گلاس."

مولوي صاحب وسڪي پيتي، ماني کاڌي ۽ اسان سان گڏ فلم ڏٺي. اياز کيس واعدي موجب نئون شعر ڏنو. مولوي صاحب خوش ٿي روانو ٿيو ته اياز ان مهل ئي خود مولوي صاحب تي طويل شعر لکيو ۽ اسان کي پڙهي ٻڌايو. ڪي بند اڃا ياد اٿم:

چَـٽـا چُـورِ، گـرم يـارَ،
ڏاڍو مـولـوي مـزيـدارُ.
جـيـئـن سـٺ، تـئـين لـٺ،
....
ڏاڍو مـولـوي مـزيـدار.

* * * *

اياز کي برمهل برجستو جواب ڏيڻ تي به وڏو ملڪو حاصل هو. اسان سان گڏ راشدي صاحب جي بنگلي تي، حسين شاهه وٽ، جينيٽ ڪريمر نالي هڪ آمريڪن نوجوان ڇوڪري ٽڪيل هئي. ڏاڍي سهڻي هئي. منيلا مان آئي هئي ۽ آمريڪا وڃي رهي هئي. حسين شاهه اسان جو ساڻس تعارف ڪرايو. صبح جو ناشتو سڀني گڏجي ڪيو. اڃا ڊائننگ ٽيبل تي ئي ويٺا هئاسين، ته جينيٽ ڪريمر، دلربانه انداز سان، اياز کان پڇيو:

HOW WILL YOU DEFINE A POET?

اياز مشڪي چيس:

DO YOU NEED A DEFINATION, WHEN YOU SEE ONE?

* * * *

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٻيڙو فقير ڪُنڀر اسان وٽ گهڻو ايندو ويندو هو. ڦليليءَ جي ڪناري تي رهندو هو. هڪ دفعي دعوت ڪيائين. اياز ۽ مان گڏجي وٽس وياسين. ٻيڙي فقير بيشمار سگهڙ سڏيا هئا. موٽر جو در اچي کوليائين، ته اياز اٿندي ئي چيس ته "ٻيڙا فقير! تولاءِ هڪ ڳجهارت آندي اٿم."



ٻيڙي فقير مشڪي چيس ته "سائين، فرمايو؟"

اياز چيس ته "مومل چيو راڻي کي ته مان آهيان تنهنجي ماءُ."

ٻيڙو فقير ڳجهارت ٻڌي وائڙو ٿي ويو! ڪا دير ته ڪياڙي کَنهندو رهيو. جڏهن مون کي اڪيلو ڏسي، ته ڪن ۾ اچي سرٻاٽ ڪري، ته "شيخ صاحب کي اها ڳجهارت ڪهڙي سگهڙ ڏني آهي؟"

* * * *

سنڌ جي سموري سير سفر ۾ مان اياز سان گڏ هئس، سواءِ ٿر جي سفر جي. مون اياز جي چوڻ تي انهن سفرن جو احوال "برسات" رسالي (١٩٧٦ع) ۾ لکيو هو. هاڻي موٽي جڏهن انهيءَ سڄي منظر تي نظر ڪريان ٿو ته

مون کي وري وري اها رات ياد ٿي اچي، جيڪا اسان ڪينجهر تي گڏ گذاري هئي. ٽڏڙي هير پئي لڳي. رات جو ڪائي، پي، هڪ پرديسيءَ کان ڪلام ٻڌاسون، تان جو اڌ رات ٿي ويئي. هڪڙو ڪلام اڄا ياد اٿم:

لڏي ويا، ڇڏي ويا،
ڪينجهر جا ڪنارا،
پکيئڙا ويچارا.

دير دير سان، اياز، پٽي ۽ مان وڃي بسترن ۾ ستاسون. مون کي ته ليٽڻ سان نند ڪٿي ويئي، پر، اسر جو جاڳ ٿي. دريءَ مان ڏسان ته ڪو شخص آهي جو وراندي ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. اول ته چرڪيس، پوءِ چتائي ڏٺم ته اياز هو. هو ويٺو رهيو، ويٺو رهيو. مان خاموشيءَ سان اهو منظر ڏسندو رهيس. ٽڏيءَ هوا جا ڪوڪاٽ هئا. ڪينجهر جون چولين، پري کان ڊوڙندين، ڪناري سان اچي ٿي ستين. منجهائن عجب آواز ٿي نڪتو، جنهن ۾ مڌر موسيقي هئي. نيٺ، مون کي وري نند ڪٿي ويئي. پر، اياز اهوئي گيان ڌيان ۾ گم رهيو. صبح جو اسان کي پنهنجي نئون نظم ٻڌايائين:

نه تڙ تي تماچي، نه گندريءَ گذارا
آسارا آسارا، ڪنجهر جا ڪنارا.

* * * *

اياز وس ڪندي، منهنجو چوڻ ڪونه موٽائيندو هو. ڪيس منهنجي سچائيءَ ۾ يقين هوندو هو. ڪن معاملن ۾ هلندو ٿي منهنجيءَ ٿي صلاح سان هو. ڪلي چوندو هو: "رمزَ رباعيءَ جي، رعب ايازَ جو."

* * * *

ايازَ کي معلوم هو ته مون کي سائس ڪيڏي سڪ آهي، پر ايڏيءَ سڪ جي باوجود، مون سائس ڪڏهن به رڪ رکاءُ ڪونه ڪيو. جيڪي دل ۾ سو زبان تي. دوستيءَ جي تقاضا ٿي اها آهي. يونيورسٽيءَ مان هڪٻئي کان رنجيده ٿي، الڳ ٿيا هئاسين. ورهين جا ورهيه ڪونه ملياسين. پر، زندگيءَ جي پوئين پهر ۾، جڏهن هن ڪراچيءَ ۾ آٿم ڪمائڻ لکڻ شروع ڪئي، ته ٿرَ جو احوال لکندي، مون کي سڪ سان ياد ڪيائين:

"رباعيءَ کي سفر ۾ ڏاڍو ياد ڪري رهيا هئاسين. هن جي خوش طبعي، دوستي، اجمل آجيان! مان وڪالت ۾ ڪافي ڪمائيندو هوس. پر، جي مان پنجاهه خرچ ڪندو هوس ته پنج رپيا ضرور خرچ ڪندو هو، پوءِ توڙي ڪيسي ۾ هوندا ٿي پنج رپيا هئا. بيحد خود دارُ، حساسُ ۽ سيماب-صفتِ دوستُ..."

* * * *

سنڌ يونيورسٽيءَ مان هڪٻئي کان جدا ٿياسين ته مان اسلام آباد هليو ويس ۽ ايازَ سکر هليو ويو. اتي وڃي وڪالت ڪيائين. پر، دل جي تڪليف ٿيس، ته ڪراچيءَ هليو آيو ۽ تادم حيات اتي ئي رهيو. مان سرڪاري ڪم سان، مهيني ماسي اسلام آباد مان ڪراچيءَ ايندو ويندو هئس. ائين ڏهاڪو ورهيه گذري ويا. هڪ دفعي منهنجيءَ گهرواريءَ چيو ته "ڪنهن زماني ۾ ايازَ تنهنجو پيارو دوست هو. هاڻي بيمار آهي. تون پڇ وڃينس." منهنجي گهرواري ڳوٺاڻي گهريلو عورت آهي. سندس دنيا پنهنجي گهر ۽ ٻچڙن تائين محدود آهي. ايڏي پڙهيل به ڪانهي. پر، الله سائينءَ عقل ۽ حياءَ جي نعمتن سان نوازيو اٿس. مون سندس صلاح قبول ڪئي. ٻئي دفعي جڏهن اسلام آباد مان

ڪراچيءَ ويس تہ 'آواري ٽاورس' هوٽل مان ڪيڪ ٺهرايم ۽ اياز جي فلئٽ تي هليو ويس. مون کي ڏسي ڪو خوش ٿيو!

ان کان پوءِ جڏهن بہ ڪراچيءَ ايندو هئس تہ ساڻس ملندو رهندو هئس. تڏهن اڃا ٺيڪ ٺاڪ هو. روزانيءَ "برسات" جو ايڊيٽر هو. سندس چوڻ تي کيس اخبار لاءِ مضمون لکي ڏنم. هر ڀيري مون کي ڪلفٽن تي "چائنا ٽائون" ۾ وٺي ويندو هو. گڏجي ماني کائيندا هئاسون ۽ دنيا جهانَ جي هرموضوع تي ڳالهيون ڪندا هئاسون. انهن ڳالهين مان محسوس ڪيم تہ اياز گهڻو بدلجي ويو آهي. گفتگو دوران، خبرناهي تہ ڪهڙيءَ ڳالهہ تي مون سندس شعر پڙهيو: "سڀ سانگ سجايو آ پيارا."

اهو ٻڌي، مون ڏانهن نهاريائين ۽ ڌيرج سان چيائين: "ائين ڪونهي. سڀ سانگ سجايو ڪونهي."

* * * *

وقت ماڻهوءَ کي بدلائي ڇڏي ٿو. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "TIME IS A CRUEL FACTOR". مرزا قليچ بيگ اهو مفهوم سهڻن سنڌي اکرن ۾ بيان ڪيو آهي: "وقت چئي آءٌ بادشاهہ" -- سندس هڪ پيارو نظم هوندو هو، جو اسان پرائمري اسڪول ۾ ڪنهن سنڌي درسي ڪتاب ۾ پڙهندا هئاسين. اڄ ويهن ورهين جي مفاصلي تان جڏهن ڪنڌ ورائي پوئتي نهاريان ٿو تہ ايمانداريءَ سان ائين محسوس ڪريان ٿو تہ اياز سنڌ جو وڏو ليڊر ٿي اڀري ها. هو نوجوان نسل جو حقيقي هيرو هو. پر، ڀٽو صاحب، کيس 'استعمال' ڪري ويو. ڀٽو صاحب سياست جي ميدان جو شهسوار هو. اياز انهيءَ ميدان ۾ اڃا نئون نئون پيرُ پاتو هو. ڀٽي صاحب جي هڪڙي سَٽَ بہ سهي نہ سگهيو.

اياز کي يونيورسٽيءَ ۾ سال کن گذريو هوندو، جو هڪ دفعي مون کي پاڻ ٻڌايائين، تہ وائيس چانسيلرن جو ڪو وفد ٻاهرين ملڪن ڏانهن ٿي ويو. ڀٽي صاحب سڄيءَ لسٽ مان رڳو سندس نالو ڳاڙهي ليڪ ڏئي ڪاٽيو. ٻئي دفعي ٻڌايائين تہ "رباني، هو تہ مون کي نوڪريءَ مان بہ ڪڍڻ وارو هو. پر، پاڻ اڳ ۾ اقتدار تان هٽي ويو."

ڪنهن يوناني ديوتا لاءِ قصو مشهور آهي تہ هر ڀيري هرڪيولس کيس ڀاڪر ۾ کڻي زمين تي ٿي اڇليو ۽ هر ڀيري هو اڳي وانگر ٽپو ڏيئي اچي ٿي ساڻس اٽڪيو. هرڪيولس کي رمز سمجهہ ۾ اچي ويئي. هڪ دفعي کيس مٿي کنيائين، تہ ڌرتيءَ تي ڪونہ اڇليائين. هو گهڻيئي ڦٿڪيو، پر هرڪيولس کيس مٿي جهلي بيٺو رهيو. نيٺ اهو ديوتا رجڻ لڳو ۽ ڦڙو ڦڙو ٿي سندس جسم ڳرندو ويو. اهو پهلوان ڌرتيءَ مان سگهہ حاصل ڪندو هو. زمين تي ڪرندو هو، تہ نئون سنئون ٿي اٿندو هو.

اياز جي طاقت ۽ توانائيءَ جو مرڪزُ، سنڌ جو نئون نسلُ، خاص طرح، سنڌ جو شاگردُ هو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انهن کان وڇڙيو تہ اڪيلو رهجي ويو. پوين سالن ۾، ڪراچيءَ ۾ سندس رهائش دوران ڪي سنڌي اديب وٽس ڀيرو ڀريندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ادبي جلسن ۾ بہ سڏيندا هئس. پر، اهو فقط سندس اڳوئي 'اميج' جو اثر هو. گذريل دؤر جو پڙلاءُ هو، جڏهن "اياز سنڌ جو آواز" هو. اياز زندگيءَ جو پويون پَهرُ گوشہ تنهائيءَ ۾ گذاريو. خاموشيءَ سان، ڪنڊ ۾، ڪتاب لکندو رهيو. پر، ڪن "سنڌي سڀاجهڙن" اهو بہ برداشت نہ ڪيو. مٿس تنقيدون ڪيون ۽ سندس شعر ۾ عيب ڳوليا.

سنڌ جو معاشرو سخت بي رحم آهي. مون کي اياز جي سوچ ۾ بہ انهيءَ حقيقت جو پڙلاءُ ٻڌڻ ۾ آيو. وفات

کان ڪجھ عرصو اڳ پاڻ مسٽر منظر قاضيءَ کي ڪي خط لکيا هئائين، جن ۾ لکي ٿو ته:

ڀيارا ڀاءَ منظر،

من ٽاڍو منجهي پيو آهي. ڪراچي سائڻ ٿي
اچي. دوست سڀ بي سبب منهن موڙي ريا آهن
صحت هاڻي ڪجھ چڱي ٿي آهي نه رچ ۾
ٽاڍي ڪمزوري ٿي وئي.

اوهان جو ۽ ٻين جو دوستن جو احسان من
آهيان. در اصل مون ايتري بي قدري ڏٺي آهي جو بي حس ٿي ويو
آهيان ٿي پنهنجي باري ۾ تحسين جو اظهار منهنجن چپن تي فقط
طلعي مرڪ آهي لڳ.

هن بيقدريءَ سنڌ جي ڪهڙي شڪايت ڪجي



مون کي هڪ دفعي چيائين ته "مون غلط ڳالهه ڇاپيندڙ هڪڙي سنڌي اديب کي چيو ته 'تون پنهنجي رسالي جي ايندڙ پرچي ۾ ترديد ڪر.' هن واعدو ڪيو، پر ترديد ڪانه ڪئي. ٻئي دفعي گڏيو ته سبب پڇيومانس. چيائين ته "ائين ڪيان ها، ته جن اها ڳالهه نه پڙهي هئي، سي به پڙهن ها." اياز چيو ته، "ايترو عقل ته مون ۾ به آهي. پر، مون ڏسڻ پئي گهريو، ته تون پنهنجي واعدي ۾ ڪيترو سچو آهين." مون اياز کان انهيءَ اديب جو نالو ڪونه پڇيو. هن پاڻ به ڪونه کنيو. پر، ڀانيم ته انهيءَ ڳالهه جو ڏک هئس.

اصل ڳالهه اها هئي ته اياز اڪيلو ٿي پيو هو. حاڪمَ جڏهن ڪنهن تي ڏاڍا ڪاوڙبا آهن ته کيس قيدِ تنهائيءَ جي سزا ڏيندا آهن. اياز جي وفات کان پوءِ، سندس اهليه زرينه صاحبه جي حوالي سان اخبارن هڪ بيان ڇپيو ته "اياز جا هي مداح، سندس وفات کان پوءِ، جنهن محبت جو ساڻس اظهار ڪن ٿا، سو جي سندس جيئري ڪن ها، ته هو اڃا به ڏهه سال تازو توانو رهي ها." مون اياز جي وفات کان پوءِ جيڪي به بيان پڙهيا آهن، تن سڀني تي اهو بيان ڀاري آهي.

هڪ ڀيري مان اسلام آباد مان ڪراچيءَ آيس. اياز وٽ ويس. هتان هُتان جون ڳالهيون نڪتيون. پڇيومانس ته:

"سراج ايندو آ؟"

چيائين ته، "نه."

مون چيو "نثار؟"

چيائين ته، "نه."

مون چيو، "پليجو؟"

چيائين ته، "نه."

مون چيو، "سوڀو؟"

چيائين ته، "ڪڏهن، ڪڏهن."

مون چيو ته، "دوستن مان ڪير ايندو آ؟"

جواب ڏنائين: "ابراهيم ۽ جمال ابڙو."

* * * *

پيپلس پارٽيءَ جي حڪومت اياز کي تمغو ڏنو. مون کي چيائين ته اسلام آباد وٺڻ ايندس. مون چيو ته "توکي عاليشان هوٽل ۾ رهائيندس."

چيائين ته، "گهر ۾ ڇو نه؟"

مون چيو ته، "منهنجو گهر غريباڻو آهي. ڀلي اچي ٽِڪُ."

اسلام آباد آيو ته نبي بخش کوسي جي گهر ٽڪيو. هو پاڻ ڪراچيءَ ويل هو. اياز سمهندو اتي هو ۽ ناشتو به ڪندو هو. باقي سڄو ڏينهن منهنجي گهر. مان ۽ منهنجي گهر واري ساڻس گڏجي 'ايوان صدر' تمغو وٺڻ وياسين. تقريب پوري ٿي ته حسبِ دستور سڀ مهمانَ ڇت تي چاءِ پيڻ هليا. سؤ ٻه سؤ ڄڻا هئا: مرد ۽ زالون، صدر، وزيراعظم، وزير، اميرَ، سفيرَ ۽ حڪومت جا ٻيا اهم اراڪينَ. اسان چاءِ پئي پيتي، ته جنرل نصيرالله بابر آيو ۽ مبارڪباد ڏنائين. ڪجهه دير کان پوءِ، يوسف ٽالپر اچي مليو، پر، اياز کي وڏيءَ سڪ سان مبارڪ ڏنائين. مون کي ميل ملاقات لاءِ دعوت ڏنائين. ان رات اياز گهڻو خوش هو. مون سندس اعزاز ۾ اسلام آباد جي "گريٽ وال" چيني هوٽل ۾ دعوت ڏني.

* * * *

ٻئي دفعي ڪراچيءَ آيس ته اياز جي فلئٽ تي ويس. گهر واريءَ کي چيائين ته "بيڊ روم ۾ اندر سڏ ڪرينس." اندر ويس ته پاڻ هڪڙي پلنگ تي ليٽيو پيو هو، پر هڪڙي ٿَڪَلَ، اڪيلي ۽ مايوس انسان وانگر!

گهر واريءَ کي چيائين ته، "مون کي ماني ڏي ۽ ربانيءَ کي چاءِ."

گهر واري ماني کڻي آيس: گوگڙن جي ڀاڄي ۽ ٻه اڻڀيون ڊڳڙيون. مون کي اهي ڏينهن ياد آيا، جڏهن سکر وٽس ويندو هوس. اسان اڌ رات تائين ته وسڪي پيئندا هئاسين، سندس گهرواري ماني موڪليندي هئي: قيمي جون ٽِڪيون، گوشت جو ٻوڙ، سيئل يا تريل ڀاڄي، مڇيءَ جا ڪوفتا، بعضي پلاءُ ته بعضي ڪيسري چانور، ڦارهن جو شربت ۽ قسم قسم جا ميوا.

اياز ٻڌايو ته طبيعت ٺيڪ ڪانهي. ڊاڪٽر فقط سائي ڀاڄي کائڻ لاءِ چيو آهي. مون بهرحال ائين محسوس ڪيو ته 'سرڪاري تمغو' اياز لاءِ طاقت ۽ توانائيءَ جي انجيڪشن ثابت ڪونه ٿيو.

اياز کي پنهنجن انهن يارن جو قرب کپندو هو، جن سان هن سڄي عمر گڏ گذاري هئي. پنهنجي اردگرد، نوجوان شاگردن جا ٽولا ڏسڻ ٿي گهريائين، جن لاءِ چيو هئائين: "رُتِ آئي ڳاڙهن ٻيرن جي."

اسلام آباد پهتس ته جنرل نصيرالله بابر کي ليٽر لکيم ته "اياز چاق ڪونهي، اوهان بيرون ملڪ سندس علاج جو بندوبست ڪريو ۽ ان سلسلي ۾ مهرباني ڪري محترمه وزير اعظم صاحبه کي آگاهه ڪريو." هن ڇا ڪيو ۽ ڇا نه ڪيو، سو مون کي معلوم ڪونهي. پر، جڏهن اياز سان اچي مليس، ته پهرين ڳالهه اها ڪيائين ته "ڪالهه

عبدالله شاهه اوچتو گهر آيو هو ۽ اچي ڪاغذ تي درخواست لکائي، چار لک رپيا ڏئي ويو."

ان کان گهڻو اڳ، پيءُ مهتاب راشديءِ سنڌ سرڪار وٽان به ڪيس مالي مدد وٺي ڏني هئي.

پئسو چٽيه لڇو آهي، گهٽيئي غم دور ڪري ٿو. پر، پئسو سڀ ڪجهه ڪونهي. انسان کي حقيقي خوشي ۽ راحت ٻئي انسان جي قرب ۽ محبت مان ملي ٿي.

حضرت عليءَ کان پڇيائون ته "غريب ڪير آهي؟"

چيائين ته، "اهو ڪونهي، جنهن وٽ پائڻ لاءِ ڪپڙن جو هڪ جوڙو آهي، پيو ڪونهي."

تڏهن پڇيائونس، "ته پوءِ غريب ڪير آهي؟"

چيائين ته، "اهو ڪونهي، جنهن وٽ هڪ ويلي جي مانيُ آهي، ٻئي جي ڪاڻي."

تڏهن سائل سوال ڪيو ته، "سائين، پوءِ، غريب ڪير آهي؟"

جواب ڏنائين ته، "اهو، جنهن وٽ سون ۽ چاندي ته آهي، پر سچو دوست ڪو نه ڪونهي."

اڪيلائي وڏو عذاب آهي. ايازَ هڪ دفعي مون کي پاڻ ٻڌايو هو، ته هيمنگوي جي ڪنهن ناول ۾ ٿي باغي، ڪنهن هنڌ، سرڪاري فوجن جي گهيري ۾ اچي وڃن ٿا. مشين گنون مٿن ڪڙڪنديون رهن ٿيون. پر، هو پهاڙ جي دامن ۾ پناهه ۾ آهن. هڪڙو ڇٽو ڪنهن حيلي وسيلي، دشمن کان لڪي، پڇي وڃي ٿو. رات گذري ٿي. صبح جو وري موٽي اچي ٿو. سڄ سنئون ٽٽي ٿو، ته مشين گنون وري ڪڙڪا ڪن ٿيون. سندس ٻه ساٿي، حيران ٿي، ڪانئس پڇن ٿا ته، "تون هن مصيبت ۾ وري ڇو موٽي آئين؟"

هو پريل گلي سان کين جواب ڏئي ٿو ته "اوهان کان سواءِ قرار ڪونه آيو."

* * * *

هڪ ڏينهن ڪراچيءَ آيس ۽ ايازَ سان ملڻ ويس. سندس فليٽ کي ٻه لوهي در آهن، جيڪي بند رکندو هو.

"ڪير آن؟"

"رباني."

ٽپ ٽپ ڪندو آيو. در کوليائين. حسب دستور، اسان سندس استڊيءِ ۾ وڃي ويناسين. مون کيس اداس ڏٺو. چوڻ لڳو، "مون موت کي چئي ڇڏيو آهي ته مون کي اڃا گهٽ ڪم ڪرڻو آهي: "NO ADMISSION".

مان کيس خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيس. هو ڳالهائيندو رهيو: ويرم رکي، چوڻ لڳو ته "ابراهيم ايندو آهي. پر، هن پيري الائي ڇو ايڏي دير ڪئي اٿس!"

ڪراچيءَ ۾ ايازَ جو فليٽ ڪلفٽن برج وٽ آهي. اتان سمنڊ ايڏو ويجهو ڪونهي. پر، ايڏو پري به ڪونهي. ايازَ ڳالهائي رهيو هو ته مون سمنڊ جو آواز ٻڌو. ڏاڍو اونهو ۽ پراسرارُ هو، جڏ ته ڪو اجگر گجي رهيو هو. ننڍي هوندي وڏڙن کان ٻڌو هوسون ته سمنڊ جو ٻيو پارُ ڪنهن به ڪونه ڏٺو آهي. جڏهن پاڻ وڏا ٿياسين، ته خبر پيئي ته پئسفڪ سمنڊ جي ڪنارن تي هي ملڪ آهن ۽ اٽلانٽڪ سمنڊ جي ڪنارن تي هو ملڪ آهن. سو، پنهنجو پاڻ کان پڇيوسون ته پوءِ وڏڙا ڪيئن چوندا هئا، ته سمنڊ جو ٻيو پار ڪنهن به ڪونه ڏٺو آهي! پر، انهيءَ ڏينهن، ايازَ جي گهر، مون جنهن سمنڊ جو آواز ٻڌو، اهو واقعي 'بحر بيڪنار' هو. پٽائي ياد آيو: مون الڙ فقير جي آواز ۾، سندس لافاني نغمو ٻڌو:

ڏني ڏِياري، سامونڊين سڙهه سنياهيا،
ان کي مُنڊ اُترَ جي، اوچتي آني،
وٽجارن وائي، آهي ٻَرئين پارَ جِي.

* * * *

مشاهيرن جي موت تي ماڻهن کي سخت صدمو رسندو آهي، جو ته سندن ڏهن کين "لافاني" سمجهندو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ يا پٽائيءَ جي ڪنهن ٻئي سوانح نگار لکيو آهي ته جڏهن وفات ڪيائين ته "سندس کي فقير صدمي جي ست سمي نه سگهيا، فوت ٿي ويا."

شيڪسپيئر جو قول آهي ته گداگر مرندا آهن، ته آسمان ۾ تارا ڪونه ڪِرندا آهن. پر، جڏهن قومن ۽ ملڪن جا شاهه ۽ شهنشاهه مرندا آهن، ته بادشاهين ۾ تاکوڙا پوندا آهن ۽ ڌرتيءَ تي زلزلا ايندا آهن. ---ايياز جي وفات به سنڌ ۾ زلزلو آڻي ڇڏيو.

پٽشاهه ۾ سندس دفن واري ڏينهن رقت انگيز منظر نظر آيا. مون زالن جي اکين ۾ ڳوڙها ڏٺا. کي ڏاڍي ڏک ۾، ايياز جي مٽيءَ پنوڙي تي گلن جون پنکڙيون رکي رهيون هيون. هڪڙو ڦوهه جواني، وارو نوجوان اوچنگارون ڏيئي رهيو هو ۽ جويي صاحب کي چئي رهيو هو، "سائين، ماڻهن کي ٻڌايو ته شيخ ايياز مري ويو." دراصل، کيس اعتبار ڪونه ٿي آيو، ته شيخ ايياز مري ويو آهي. سنڌ جي نوجوان نسل جو ايياز جي وفات تي اهو ردعمل هو.

رڳو نوجوان نسل نه پر ايياز جا جنم جنم جا ساٿي به ان صدمي سٽي وڌا هنا. ظفر ڪاظمي ۽ تنوير عباسي، سڄي رات پٽ شاهه تي گذاري. تربت لاءِ موزون هنڌ جو انتخاب ڪيائون، ۽ پوءِ ڪنهن به پيشيور گورکن کي اها سعادت ڏيڻ بدران، تاج جويي، پنهنجي هٿن سان کوڙ رکئي، زمين هموار ڪئي ۽ ايياز جي ابدي آرامگاهه درست ڪئي.

پٽشاهه مان غم جا کارا ڪڪر، ستت سنڌ جي ڌرتيءَ ۽ آسمان ۾ پکڙجي ويا. ٻئي ڏينهن اخبارون نڪتيون، ته پورب ۽ پچم مان رڳو آهون ۽ دانهون هيون. سنڌي پريس پنهنجي عوام جي ادب ۽ احترام سان ترجماني ڪئي هئي.

ايڪيڈمي آف ليٽرس، سنڌ، جو ريزيڊنٽ ڊئريڪٽر، آغا نور محمد پٺاڻ، ايياز جي وفات جو ٻڌي، حيدرآباد آيو. پٽشاهه ۾ سندس تدفين ۽ حيدرآباد ۾ تعزيتي اجلاس ۾ شريڪ ٿيو. شام جو، پنهنجي چيئرمن کي فون ڪيائين ۽ سندس معرفت وفاقي وزير اطلاعات کي چوائي، ٽيليويزن تان ايياز جي باري ۾ خصوصي پروگرام نشر ڪرايائين. آغا نورمحمد، بعد ۾، ڪراچيءَ ۾ ايياز جي ياد ۾ تعزيتي اجلاس به ڪوٺايو، جنهن جي صدارت وفاقي وزيراطلاعات، سيد مشاهد حسين ڪئي. منجهس ممتاز سنڌي ۽ اردو، دانشورَ، اديب ۽ شاعر شريڪ ٿيا.

ايياز جي چاليهي جي موقعي تي سنڌي اخبارن "اسپيشل ايڊيشن" ڪڍيا، جن ۾ سدا بهار گلابي گلن جي خوشبو هئي. نصير مرزا ۽ جامي چانڊيي اڻڀا ڪتاب شايع ڪيا، جن ۾ چانديءَ جي چمڪ ۽ چَندَن جي سرهاڻ هئي. بيدل مسرور ايياز جا لافاني نغما ڳائي، ايياز جي عقيدتمندن کي وري وري رٽايو. احمد سولنگيءَ سڄيءَ سنڌ مان پٽشاهه ۾ آيل سوگوار احبابن جي وڏيءَ دل سان ميزباني ڪئي. مدد علي سنڌيءَ سنڌ جي وزير اعليٰ، سنڌ جي گورنر ۽ وفاقي ۽ صوبائي وزيرن کي ايياز جي مزار تي وٺي ويو، جن ڪمال ادب ۽ احترام سان مٿس گلن جون چادرون چاڙهيون.

* * * *

جمال ابڑو پويين ڏينهن ۾ ايياز کي گهٽو ويجهو هوندو هو. مون کي سائس سڪ آهي، سو "مهراڻ" رسالي جي "ايياز نمبر" جو فيصلو ٿيو ته سڀ کان اول کيس مضمون لاءِ عرض ڪيم. چيائين ته "ادا، ايياز تي ڪير لکي سگهي ٿو!" اهو جواب ٻڌي اول ته مان منجهي پيس، پر پوءِ محسوس ڪيم ته 'جمال جي جواب ۾ حقيقت کان وڌيڪ محبت آهي.' --هي ايياز نمبر ان ڳالهه جو ثبوت آهي، جنهن ۾ سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن ايياز تي دل کولي لکيو آهي. هن کان پوءِ به ايياز تي ڪيئي ڪتاب ۽ رسالن جا يادگار نمبر نڪرندا رهندا.



هڪ دفعي، چيني اديبن جو وفد پاڪستان جي دوري تي آيو. حسب دستور، مان کين اسلام آباد مان ڪراچيءَ، لاهور ۽ ڪوٽيا گهمائڻ وٺي ويس. ڪوٽيا ۾ "سرينا" هوٽل ۾ ٽڪياسين. رات جو گورنر ڊنر ڪئي. موٽي هوٽل ۾ آياسين، ته ننڊ ورايو. بستري ۾ ليٽيس، ته ننڊ وٺي ويئي. ڪنهن مهل دروازي تي ٽڪ ٽڪ ٻڌم. هڪ چيني اديب ٻيٽو هو. اک جي اشاري سان پنهنجي ڪمري ڏانهن سڏيائين. هٿ منهن ڌوئي، پنهنجو ڪمرو بند ڪري، اتي ويس. سڀ چيني اديب وينا هئا. سامهون وسڪيءَ جي بوتل ڪُلي پيئي هئي. سيني جي هٿ ۾ گلاس هئا.

ادب ۽ شعر شاعريءَ جون ڳالهيون نڪتيون. مون کين پاڪستاني شعر جا مثال ٻڌايا، جي چيني مترجم کين سمجهايا. پوءِ هنن پنهنجا شعر ٻڌايا. جڏهن محفل گرم ٿي، ۽ سڀ کيف ۽ سرور ۾ آيا، ته منجهائٽ هڪڙي ڇڙي، گرجدار آواز ۾، ڪو طويل نظم پڙهيو. محفل کي اهڙو ته لوڏي ڇڏيائين، جو سڀ خاموش ٿي ويا. مون مترجم کي آهستي چيو ته "مون کي انهيءَ نظم جو ترجمو ٻڌاء." هن منهنجو سوال چيني زبان ۾ ورجايو. جنهن شاعر اهو نظم پڙهيو هو، تنهن جذباتي آواز ۾ چيو ته "هن نظم جو ترجمو ٿي نٿو سگهي." ڪجهه دير کان پوءِ، مترجم مون کي ڪن ۾ سرهاڻ ڪيو ته "چيئرمن مائوءَ جو نظم آهي."

مائو، تن ڏينهن ۾، چين ۾ جيان تان متنازعه شخصيت هو، چو ته مٿس 'ثقافتي انقلاب' دوران، ڏاڍائيءَ ۽ اره زورائيءَ جا پاڇا پيا هئا. پر، عوام، ۽ خصوصاً دانشور طبقي جي ذهن تي، پوءِ به سندس گرفت ايڏي ته مضبوط هئي، جو هو کيس 'ديوتا' سمجهندا هئا. پائيندا هئا ته سندس ڪلام جو ترجمو ٿي ڪرڻ سگهندو! پر اهو جذباتي جواب هو. ماٿن انجيل مقدس ۽ قرآن پاڪ جا به ترجما ڪيا آهن.

ماٿوءَ کي حقيقت پسند ٿيڻ گهرجي-- نه رڳو حقيقت پسند، ليڪن انصاف پسند. ايياز، سنڌ ۾ ويهين صديءَ جي مشاهيرن مان هو. مشاهيرن جو الميو اهو هوندو آهي، ته سندن وفات کان پوءِ سندن شخصيتن جي مٿان ماٿو سونن ۽ روپن تارن سان طلسمي پڇرا ناهيندا! آهن ۽ سندن غيرمعمولي عظمت جا داستان بيان ڪندا آهن. افسانه طرازي انساني فطرت آهي.

انساني ذهن جي افسانه طرازيءَ جا هونئن ته ڪيئي مثال موجود آهن، پر، هڪڙو غيرمعمولي مثالُ حسن بن صباح جو آهي، جو اسماعيلي تحريڪ جو نامور اڳواڻ هو. سنڌ ۾ "اسماعيلي ابطال" نالي سان ڪتاب ڇپيل آهي، جنهن ۾ سندس مستند، ليڪن مختصر احوال ڏنل آهي. حسن بن صباح، پنهنجي دور جي ايڏي ته وڏي شخصيت هو، جو مشرقي ۽ مغربي ملڪن جا بادشاهه سندس نالو ٻڌي، ڇرڪي ويندا هئا. جڏهن وفات ڪيائين، ته انساني ذهن جي افسانه طرازيءَ پنهنجو رنگ لاتو. سندس باري ۾، سونن ۽ روپن تارن سان هڪ 'طلسم هوشربا' ٺهي ويو.

هندستاني عالمن ۾ ابوالڪلام آزاد ۽ ايراني دانشورن ۾ پري چهره ڪسريٰ، وڏي محنت ڪري، حسن بن صباح جي مٿان صدين جا طلسمي پَڙَ لاهي، سندس اصلي شخصيت نروار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر، تحقيق جو

حقُ وري بہ مغرب ادا ڪيو. ايڈورڈ براؤن A Literary History of Persia نالي سان جيڪو عالمي شاهڪارُ تصنيف ڪيو، ۾ لکيو آٿس تہ حسن بن صباح لاءِ "مشهور" آهي، تہ هن هڪ مصنوعي بهشت ٺاهيو هو، جنهن ۾ سرسبز شاداب باغن ۾ ميويدار وڻن سان گڏ، کير ۽ ماکيءَ جا تلاءَ هوندا هئا. چوطرف سرسبز چمنَ، رنگبرنگي پکي، گل ڦل، پاڻيءَ جا آبشار، هرڻ ۽ هرڻيون نظر ايندیون هيون. ۽ هرڻين کان بہ وڌيڪ خوبصورت اکين واريون، مشرق ۽ مغرب جون دلفريب حسينائون ساز وڄائيندیون ۽ نغما ڳائيندیون رهنديون هيون. حسن بن صباح نوجوانن کي انهيءَ ارضي بهشت ۾ ڪجهہ ڏينهن مزا ڪرائي، پنهنجن مخالف بادشاهن ۽ اميرن جي قتل لاءِ موڪلیندو هو.

ايڈورڈ براؤن، اهو "افسانو" بيان ڪري، مستند روايتن جي روشنيءَ ۾ لکيو آهي تہ "حسن بن صباح ايڏو تہ سخت مذهبي ماڻهو هو، جو هن پنهنجي هڪڙي پٽ کي انڪري مارائي ڇڏيو هو، جو هو ڪنهن قتل ۾ ملوث هو ۽ ٻئي پٽ کي ڦٽڪا هڻايائين، جو هن شراب پيتو هو. هاڻي اڃڙو سخت گير ماڻهو ڪيئن ٿو مصنوعي بهشت ٺاهي ۽ ان ۾ هر قسم جي خرافات برداشت ڪري!"

پر، انساني ذهن ۾ مشاهيرن متعلق افسانہ طرازيءَ جو جيڪو عنصر آهي، تنهن کي ڇا ڪجي؟ عام ماڻهو مشاهيرن کي 'پوتيءَ پاڪ' سمجهندا آهن. پائيندا آهن تہ مشاهيرَ، مافوق الفطرت قوتن جا مالڪ آهن. سنڌجي سرزمين تہ اهڙي قسم جي افسانہ طرازيءَ لاءِ نهايت زرخيز آهي. رچرڊ برٽن لکيو آهي تہ "سڄي ايشيا ۾، ڪنهن بہ ملڪ ۾، پيرَ، ماڻهن جي ڪلهن تي ائين سوارُ ڪونہ آهن، جيئن سنڌ ۾!" برٽن جي الزام جي صداقت معلوم ڪرڻ لاءِ، "تحفة الطاهرين" ڪتاب جا ورق اٽلائي ڏسجن. هي بہ مثال انهيءَ ڪتاب تان ورتل آهن:

(۱)

شيخ جنيد ۽ شيخ جيئند جو احوال

... ٻئي بزرگ، سڳا پائر هئا ۽ ڪرامتن جا صاحب هئا. سندن زبان خدائي تلوار هئي. پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ بار بار پيا چوندا هئا تہ "جيڪو بہ اسان جي قبرن وٽان لنگهندو، سو بنا حساب جي جنت ۾ ويندو."

(۲)

شاهہ گرگنج جو احوال

... پوين ڏينهن ۾ سفر ڪندي شهيد ٿي ويو. پنهنجو سرُ تريءَ تي ڪٽي، انهيءَ جاءِ تي پهتو، جتي (هاڻي) دفن ٿيل آهي.....پوئين رات جو هڪ شينهن پڇ سان سندس آستاني کي ٻهاري ڏينو هو.

خوش اعتقادي خراب ڳالهہ نہ آهي. پر، حماقت جي حد تائين نہ هجي. هڪ دفعي، مان شاهہ ٻٽائيءَ جي روضي تي حاضري ڏيڻ ويس. زيارت ڪري، پاسيءَ واريءَ مسجد ۾ بہ رڪعتون نفل پڙهيم. موٽيس تہ وراندي ۾ ڪن مرادوند ماڻهن جون آسون ۽ اميدون پٽ تي، پينسل سان لکيل ڏٺم. هڪڙي نوجوانَ هيءَ التجا ڪئي هئي: "شاهہ ٻٽائي، هاڻي مهرباني ڪري ديدار جي ٻيڻ سان منهنجي شادي، جلدي ڪراءِ."

اياز جي دعائن جو ڪتاب ڇپيو، تہ هڪ اديب -دوست مون کي چيو تہ، "اڳي تہ ڪير ڇا بہ سمجهندو هجي. پر، هاڻي تہ ثابت ٿي ويو تہ شيخ صاحب ولي هو." مون کيس تہ ڪوبہ جواب ڏيڻ مناسب ڪونہ سمجهيو. پر، اهو احساسُ ٿيو تہ ڪن اديب دوستن پنهنجن مضمونن ۾ حق تي دانهن ڪئي آهي تہ "ايار کي پيرُ نہ بنايو."

ايازسان ۽ سنڌ جي ايندڙ نسلن سان انصاف انين ٿيندو، ته جنهن يار، دوست، سائٽيءَ ۽ اديبَ، ايازڪي جيئن ڏٺو هو، تيئن سندس ذڪر ڪري. اصول اهوئي اڳيان رکي، جيڪو ايازپاڻ بيان ڪيو آهي:

ڳٽن جي ڳنيءَ ۾ سدا تور پوري،
خيانت نه ڪن، لاشعوري شعوري،
اکيون ساهسيون.

ايازجا عقيدتمند ۽ سنڌ جا محب وطن پڇن ٿا ته 'ايازڪي آئينده ياد رکڻ جو صحيح طريقو ڪهڙو آهي؟' 'مٽس ڪو مقبرو اڏائجي؟' ، 'ڪو ٻيو يادگار قائم ڪجي؟' ، 'ڪو ميدل جاري ڪجي؟' ، 'ڇا ڪجي؟' اهي سڀ سٽيون ڳالهيون آهن- سندس تربت تي ادب ۽ احترام سان گلاب جي گلن جون پنکڑيون رکڻ مثل آهن. پر، صحيح ڳالهه اها آهي ته ايازپنهنجي لافاني ڪلام سببان ئي زنده رهندو. ايازجي وڏي ۾ وڏي خدمت، سندس منصف-مزاج سوانح نگار ئي ڪري سگهندو. البت، ايازجي اُتاريل هن بنيادي سوال جو جواب، رڳو تاريخ جي ورقن ۾ ملندو:

شاهه ڪان پوءِ اي "ايـاز" ٻڌاءِ،
سنڌ ۾ ڪنهن جون آيتون رهنديون؟

شيخ اياز

ڪيترو مون کي ستايو عمر پر تنهنجي خيال،
شـــام ٿـي وئـي.

دوُر تان مون کي نظر آيا نہ تنهنجا خدّ و خال،
شـــام ٿـي وئـي.

تو وراٽيا ڪونہ، جي توکانْ پڇيا ٿي مون سوال،
شـــام ٿـي وئـي.

جي نظر آيا تہ مون کي ڪجھہ نظر آيا مثال،
شـــام ٿـي وئـي.

آ سدا تو ڏي نهاريو منهنجي ماضيءَ توڙي حال،
شـــام ٿـي وئـي.

آءٌ ٿـي نـروار، مـــون ڏانـهـن ڏِس حـــسـينِ لازوال!
شـــام ٿـي وئـي.

شيخ اياز

محترم ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي نظر ۾

"... شيخ اياز جي باري ۾ هن کان اڳ مضمونن ۾ اها ڳالهه اچي چڪي آهي ته ۱۹۹۵ع جي شروعات ۾ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان مدظله سان سندس روحاني رشتو قائم ٿي چڪو هو. هو پنهنجي دعائن "تون ڇپر تون ڇانو" ۾ چوي ٿو ته 'يااللہ تو روميءَ کي شمس تبريز جي صحبت نصيب ڪئي. اهڙيءَ طرح تون مون کي به اهڙي صاحب دل شخصيت سان ملاءِ، جنهن جي روحانيت سان منهنجي دل بيدار ٿئي. سندس اها آرزو ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان صاحب جهڙي اهل الله سان روحاني تعلق ذريعي پوري ٿي. ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان مدظله پاڪستان جي انهن ممتاز بزرگن مان هڪ آهي، جيڪو تقويٰ، روحانيت، ڪشف، فنائيت ۽ اخلاق حسنہ ۾ بلند مقام تي فائز آهي، جنهن جي صحبت جي تاثير ذريعي زندگي صبغة الله سان رنگجيو وڃي. ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان صاحب موصوف شيخ اياز جي نئين تبديليءَ ۽ اسلامي فڪر اختيار ڪرڻ تي ازحد خوشي محسوس ڪئي.

"۱۹۹۵ع ۾ ڊاڪٽر صاحب شيخ اياز جي درخواست تي سندس دعائن جي ڪتاب "تون ڇپر تون ڇانو" جو تعارفي خاڪو لکيو هو، جيڪو اسين 'بيداري' جي قارئين لاءِ هيٺ پيش ڪنداسون. شيخ اياز جي انتقال تي پڻ ڊاڪٽر موصوف فارسيءَ ۾ قطع تاريخ وفات به لکيو آهي. اهو به اسين پڙهندڙن لاءِ هيٺ ڏيئي رهيا آهيون. ان سان گڏ ان جو سنڌي ترجمو به شامل آهي.

تعارفي خاڪو - "تون ڇپر تون ڇانو"

"محترم شيخ اياز صاحب جو ڪتاب 'تون ڇپر تون ڇانو' سندس دعائن جي مجموعي تي مشتمل آهي. سندس اِهي دعائون هڪ سنڌي اخبار ۾ ڪافي وقت تائين شايع ٿيندیون رهيون. هنن دعائن ۾ جتي موصوف پنهنجي ذات جي مڪمل نفي ۽ عاجزيءَ سان الله جي ڪبريائي ۽ عظمت بيان فرمائي آهي ۽ سندس بارگاهه ۾ دل جي گهرائين سان هدايت لاءِ رهنمائي طلب ڪئي آهي ۽ ايمان ۽ اسلام جي وات تي استقامت سان هلڻ لاءِ اضطراب ۽ دل جي درد سان الله کي ٻاڏايو آهي، اُتي دعائن ۾ اسلامي فڪر، فلسفي ۽ حضور ﷺ جي تعليمات کي پڻ اهڙي سهڻي نموني سان پيش ڪيو آهي، جو اها تعليم موجوده دور جي انسان جي نفسياتي ۽ عملي مسئلن جي حل لاءِ بهترين ۽ متوازن نظام جي حيثيت سان سامهون اچي ٿي ۽ اسلامي تعليم کان ناواقف ۽ جديد تعليم يافته فرد محسوس ڪرڻ لڳي ٿو ته هو موجوده دور ۾ رهنمائيءَ لاءِ جنهن صداقت جو ڳولائو آهي، اها سچائي ته اسلام ۽ حضور نبي ڪريم ﷺ جي تعليمات جي صورت ۾ اڳ ئي موجود آهي. انميءَ تعليمات جي هوندي، اسان کي بين ڏاڏهن واجهائڻ جي ضرورت ئي ناهي.

"محترم شيخ اياز صاحب هي ڪتاب لکي، اسلامي نقطهء نگاهه سان نئين نسل جي اهم خدمت سرانجام ڏني آهي. دعا آهي ته الله تعاليٰ هن ڪتاب کي مقبوليت عطا فرمائي ۽ مصنف ۽ شايع ڪندڙ فردن جي ايمان و اخلاص ۾ ترقيءَ جو ذريعو بنائي. (آمين)"

بسم الله الرحمٰن الرحيم

اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعاً

شاعرِ باکمال شیخ مبارک ایاز (سابق وائس چانسلر سندھ یونیورسٹی)

گذشت آه آن شاعرِ باکمال — که بود از شهرت مگر بے نیاز

"لطیف" دگر بود در مُلکِ سندھ — ہم معترف اند بے امتیاز

بفکرش متدریج شد انقلاب — که دین است نعمت بصد فخر و ناز

معظّم، مشرّف، بزرگِ زمان — حقیقت شناس از خوشاب مجاز

۱۹۹۷ء ۱۹۹۷ء ۱۹۹۷ء (۲۸ دسمبر)

مبارک ایاز و خجسته نژاد — "لطیفِ" جوان فکر شیخ ایاز

۱۴۱۸ھ ۱۴۱۸ھ ۱۴۱۸ھ

یک شنبہ ۷ شعبان المبارک

از احقر — غلام مصطفےٰ خان

آهه گذاري ويو، باڪمال شاعر شيخ اياز، جيڪو پنهنجي شهرت ڪان بي نياز هو؛
لطيف ثاني هو، سنڌ جي ملڪ ۾، سڀ سنڌس معترف آهن بنا امتياز جي؛
سنڌس فڪر ۾ درجي بدرجي انقلاب آيو، سمجهيائين ته دين سوين فخر ۽ ناز واري نعمت آهي؛
سو معظم آهي، مشرف آهي، زماني جو بزرگ آهي، مجاز مان حقيقت کي سمجهڻ وارو؛
مبارڪ ايياز سڀني بُڌ بنياد وارو،
تازي فڪر جو لطيف- شيخ اياز.

* * *

["بيداري" جون ۱۹۹۸ع]

آہ! رحلت کر گیا ہے وہ ایاز،
جو تھا شاعر بے نظیر و بے بدل؛
محفلیں ویراں ہیں اُس کے بغیر،
جو کہ روشن تھیں اُسی کے دم سے کل؛
خضر نوشاہی کہو: سال وفات
"الوداع! شیریں سُخن، شاعر اجلّ!"
۱۹۹۷ع

*　　*　　*　　*

آہ! رحلت کرد آن شیخِ ایاز،
جانِ ہر محفل، وقارِ انجمن؛
رونقِ شعر و ادب، عالی مقام،
ترجمانِ شاہ، باصد علم و فن؛
خضر نوشاہی بگو سالِ وفات:
"الوداع شاعر اجلّ، شیریں سخن."
۱۹۹۷ع

ڈاکٹر خضر نوشاہی
خانہ فرہنگ جمہوری اسلامی ایران
حیدرآباد.

Shaikh Ayaz
H.I (C)

A-27, Prince Complex
Near Clifton Bridge,
Clifton Karachi.
Ph: 517164

پيارا ڀاءُ قاضي منظر،

اوهان ايندڙ اُچر تي ضرور اچو
ته اوهان کي پنهنجن پوين پنجن ڀڻن ڪتابن
جون درست ٿيل ڪاپيون سپرد ڪيان.
مون شاعريءَ ۾ تمام گهڻيون درستيون ڪيون
آهن. اُنهن مان جيترو به مواد، اوهان جيئن
چاهيو، ڇپائي سگهو ٿا.

هونءَ منهنجي صحت نيڪ آهي پر
پنهنجون تخليقون منهنجي لاءِ دنيا جي
هر شيءَ کان وڌيڪ معنيٰ رکنديون آهن.
ائين نه ٿي ته اُهي ڪنهن سبب ڪري ضايع
ٿي وڃن.

ڪيئل داس فاني جي ڪتاب جو ڇا ٿيو؟
انور فگار هڪڙي کان معلومات ڪري ڪندا.





~~[illegible]~~ منصبنجي اڄ ڪلهه ٻيي ڪلهن ڪم
تي دل نه ٿي وري. ائين ٿو لڳي ته
ياد خدا کان دور رهيم مون ڪافي زندگي
اجائي وڃائي آهي.
خبر نه آهي ته غيب ۾ ڇا آهي؟

دعا ڪندا
اوهان جو
شيخ اياز

P.S
اڄ اڳاري ڏينهن ڊان جي مئگزين سيڪشن
۾ منصبنجو تي صفحا پر وفائيل آيو آهي. اهو پڙهي ڏسندا

Shaikh Ayaz
H.I (C)

A-27, Prince Complex
Near Clifton Bridge,
Clifton Karachi.
Ph: 517164

پيارا ڀاءُ منظر،

مون توکي اڳي ٻه خط لکيا آهن، معلوم نه آهي
ته توکي اهي مليا آهن يا نه؟ منهنجو فون ڪيترائي
وقت کان خراب آهي. هن وقت مون وٽ ٻه فون
آهن 4 ~~517461~~ 517164 ۽ 515865
پر ٻئي خراب پيا آهن — مون ٻڌو آهي ته هاڻي
اسان کي Digital S.T.D نمبر ڏين ٿا. اسڙي
فئڪس منهنجي پاران عطا محمد ٽيلي فون وارن کي
ڪئي آهي. انيس کي جدي پي. آءُ. اي جو
مئنيجر ڪري موڪليو آٿائون، هونءَ اهو سارا
ڪم ڪرائي ڏيندو هو. سليم ته پنهنجي ڊلڪڙيءَ مان ئي
واندو نه ٿو ٿئي؛
محمد موسيٰ پنهنجو مون واريون دعائون ڇپائڻ لاءِ وٺي ويو
آهي. باقي دعائون اهڙيءَ ڏانهن موڪلي ڇڏجانءِ.
رچنڊ ڳليون جو فرسٽ پروف فيروز احمد موڪليو آهي.
تو وارن شعري مجموعن ۾ ڪافي درستيون ڪيو اٿم.

فروز چئي ويو آهي ته منهنجو اينڊر ڪتاب
نشر ۾ ڇاپيندو. تون مهرباني ڪري پيشنگ ڪري
برسات وارو سارو نشر ۾ ته ڪٿي اچجانءِ يا ڊ.ح.آ
ذريعي موڪلي ڏجانءِ.
من ڌاڍو منجهي پيو آهي. ڪراچي سائڻ ٿي
اچي. دوست سڀ بي سبب منهن موڙي ويا آهن
صحت هاڻي ڪجهه چڱي ٿي آهي نه ته رچ ۾
ڌاڍي ڪمزوري ٿي وئي هئي.
جي تون اچي نڪهين ته چڱو. هون تنهنجي
صحت ڪيئن آهي؟ اميد ته ادي حميده خوش
هوندي.

هن بيقدريءَ سنڌ جي ڪمڙي شڪايت ڪجي
جي مان فقط ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪيان ها ته هن وقت
مون کي پنج چهه ڪروڙ روپيا ۾ پيون سهوليتون هجن ها.
هاڻي ته لفت خراب ٿي پئي ٿي ته پنڌرهن پنڌرهن ڏينهن
لهي نه ٿو سگهان. گرمي گهڻي ته ڏيئن وٽ اندرون سنڌ
هليو وڃان. اُهن جي ٻارن سان دل بهلجي ويندي آهي.
چڱو جو خدا جي وجود ۾ پڪو ويساهه ٿي ويو آهي،
اُهوئي هن تنهائيءَ ۾ پر جهلو آهي نه ته ڪيترو وقت
اڳي منهنجو من ڊهي پئي ها. دعائن ۾ ياد رکجان ته

شيخ اياز

برسات
Daily BARSAAT Karachi
246/D-6, P.E.C.H. Society, Karachi-29. Phones : 453 52 27, 453 52 28, 453 52 29
Fax : 43 99 00, 43 26 80

پيارا منظر،

تنهنجو ڪاپي ٿيل مسودو ڇپتو. ڪتي ته ڇپيو ٿڪ مسافر،
جو باقي حصو درست ڪري رهيو آهيان. اخبار مان وقت نه ٿو
بچي.

ادي حميده مضمون ته منهنجي دفاع ۾ لکيو هو پر ان
تي وري هنگامو ٿي ها. يوسف کي اهڙا گالهه نه ٿي وڻي ۾ هن برسات ۾
قمر شهباز جي اشاعت تي ئي بندش وجهي ڇڏي آهي. هلال
وارن به ڪن سٽ مصلحت کي خيال ۾ رکي ڪئي آهي.
تنهنجي پاءُ جا وڌا نظم پهچن ٿا پر في الحال يوسف صاحب
اخبار ۾ ايتري شايع نه ٿو ڪرڻ چاهي. اخبار سندس
آهي، پاليسي به هو ٿو ناهي. مان هن حسان گهڻي دست اندازي
نه ڪندو آهيان —

اميد ته ادي حميده خوش هوندي. مان هن جي تعاون
لاءِ سندس احسان مند آهيان

اوهانجو خيراندیش

شيخ اياز

Shaikh Ayaz
H.I (C)

A-27, Prince Complex
Near Clifton Bridge,
Clifton Karachi.
Ph: 517164

٢٦ مارچ ١٩٩٧ء

پيارا ڀاءُ منظر،

تنهنجو خط پهتو ۽ وايون ۽ ٻيو مواد به پهتو. مان اوهان جي ايتري
قدر افزائي لاءِ اوهان جو ۽ ٻين دوستن جو احسان مند
آهيان. دراصل مون ايتري بي قدري ڏٺي آهي جو بي حس ٿي ويو
آهيان ۽ پنهنجي باري ۾ تحسين جو اظهار منهنجن چپن تي فقط
هلڪي مرڪ آهي لڳ.
مون تحسين لاءِ نه لکيو آهي، فقط پنهنجي ذات جي تحليل لاءِ
لکيو آهي ۽ جيتائين جان ۾ ساهه آهي ٿيتائين لکندو رهندس چوته
مون لاءِ ادب برائي زندگي نه آهي، ادب زندگي آهي ۽ زندگي ادب
جي تخليق کان سواءِ مون لاءِ بي معنيٰ ٿي وڃي ٿي. بهرصورت
مان اوهان سڀني جي محبت ۽ اُن جي اظهار لاءِ نهايت ٿورائن آهيان.

اوهان جو
شيخ اياز

Shaikh Ayaz
H.I (C)

A-27, Prince Complex
Near Clifton Bridge,
Clifton Karachi.
Ph: 517161

پيارا قاضي منظر،

تنهنجو ڪاپي ٿيل ڪتاب پهتو. مان

اهو ڪتاب تو سان منسوب ٿو ڪيان جو تو ايتري

خلوص سان مون کي مدد ڪئي آهي.

اميد ته 'اسپين جي جنگ آزادي' ۽ عرفان مصري

جي خودڪشي وارو مضمون به پاڻ سان آڻيندين.

مان برسات ۾ شايع ٿيل اردو شاعري وارو

مضمون به ان سان گڏي شايع ڪرائڻ ٿو.

هتي اچين ته آڳيئن شعر جي ڪتاب جو نوٽو اسٽيٽ

ڪاپيون کڻي ايندين. هن ڀيري چڪون گهٽ آهن

پر آڳيئن ڪتاب ۾ ڪيئي چڪو آهن. اميد ته تون

جلدئي ايندين

تنهنجو پڇهنجو

شيخ اياز

Shaikh Ayaz
H.I (C)

A-27, Prince Complex
Near Clifton Bridge,
Clifton Karachi.
Ph: 517164

پيارا ڀاءُ قاضي منظر.

برسات تان پيسٽ ٿيل تنهنجا ٻه ڪتاب مرنا هتا.
مان تنهنجو ٿورو ته نه لاهي سگهندس پر چاهيان ٿو ته هڪ
ڪتاب تنهنجي نالي منسوب ڪيان.

انهن مضمونن ۾ اردو شاعريءَ تي برسات ۾ شايع
ٿيل منهنجو لنبو مضمون ڪونه آهي. اُن جي مون وٽ هڪ ڪاپي
آهي. جي توکي ڪاپي هٿ اچي سگهي ته اُها به پيسٽ ڪري موڪل.

منهنجو اُستاد کيئڻ داس نالي هنستان ۾ گزاري ويو. هو
نهايت نهٽو ۽ پيارو انسان هو. افسوس جو ادبي بورڊ اڃا
تائين هن جو ڪتاب نه ڇپايو آهي.

تنهنجي طبيعت هاڻي ڪيئن آهي؟ جي ڪراچيءَ اچڻ دو
ڪوئي موقعو ٿئي ته ضرور اچجانءُ. ڪيئي شايع ٿيل
انٽرويو وغيره پکڙيا پيا آهن. موسيٰ ڀٽي توکي ڪوئي خط
لکيو؟ نه چاڻان دعائن جي ڪيتري ڪتابت ٿي آهي. مون ڪتاب
جو نالو 'تون ڇپر تون ڇانو' لکيو آهي.

ادي حميده اچي هاته هاڻي اچي ها. پهرين جون کان پوءِ



شيخ اياز پنهنجي اهليه محترمه زرينه سان گڏ



شيخ ايار پنهنجي اهليہ محترمہ زرينہ صاحبہ ۽ پٽن سليم ۽ انيس سان
(جن سان هن تا دم حيات گڏ گذاريو)



شيخ ايار جي ٻي اهليہ، محترمہ اقبال بيگم صاحبہ(پارن سان)
(جنهن سان مرحوم جي جيئري ئي جدائي ٿي وئي)



شيخ اياز ۽ محمد ابراهيم جويو



محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ اياز

(جويي صاحب جو پٽ ۽ اياز جو نائي مظفر جويو - ۽ پارڙا)



شيخ اياز ۽ ذوالفقار علي ڀٽو - 1976ع



شيخ اياز ۽ سوپر گيانچنداڻي



راج، ستارام، شيخ اياز ۽ رشيد پٽي
(بيٺل) ..... ، گيتاراج



شيخ اياز پنهنجي ڪتب سان



شيخ اياز، پير حسام الدين شاهه راشدي، نواب نور احمد خان لغاري ۽ ڈاڪٽر غلام علي الانا
(بنگلو نئن بارن - ضلعو ٹنڈو)



جئوير ۽ شيخ اياز - گوا ۾



شيخ اياز ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا



حميد سنڌي، الطاف عباسي، رشيد پٽي ۽ شيخ اياز



غلام رباني آگرو، نسيم کرل، حميد سنڌي، رشيد پٽي، شيخ اياز

(ارم نما - لطيف آباد - 1976ع)



شيخ اياز پنهنجي شاعري ٻڌائيندي



هري موتواثي، شيخ اياز ء طارق اشرف



عبدالواحد آريسر ء شيخ اياز



يوسف شاهين ع شيخ اياز



شمشير الحيدري ع شيخ اياز



خاطر غزنوي، شيخ اياز ۽ بانو قدسيہ - روس ۾



شيخ اياز، بانو قدسيہ ۽ خاطر غزنوي - ماسڪو ۾



مولانا غلام محمد گرامي، شيخ ايان، نور احمد شاهد ۽ ناشاد



قاضي خضر حيات ۽ شيخ ايان



رشيد پٹي، پروانو پٹي، شيخ اياز، مقبول پٹي ۽ تنوير عباسي



شيخ اياز ۽ غلام رباني آگرو



احمد سولنگي، مخدوم محمد امين "فهيم"، شيخ اياز ۽ مخدوم جميل الزمان



شيخ اياز ۽ بيدل مسرور



شيخ اياز پنهنجن پٽن انيس ۽ سليم سان



شيخ اياز، شمشير الحيدري، امداد حسيني ۽ نور محمد



نصير مرزا، شيخ اياز، ماهتاب محبوب ۽ مسز جوهر



نثار حسيني، محمد ابراهيم جويو، ع .ق. شيخ، شيخ اياز ۽ نور محمد خواجه



امداد حسيني ۽ شيخ اياز



سحر امداد ۽ شيخ اياز



فیض احمد فیض ۽ شیخ ایاز



شیخ ایاز ۽ مولابخش چانڊیو



طارق اشرف، ستيش روهڙا ۽ شيخ اياز

(بيٺل) لڪمي ڪلاڻي، نند جويري ۽ چترو ناگپال



حميد سنڌي ۽ شيخ اياز



شيخ اياز ۽ ڊاڪٽر ارجن شاد



شيخ اياز، وشنو شاهاڻي، رينا شاهاڻي ۽ گنو سامتاڻي



وينا شرنگي، ڪرشن ڪنواڻي، گوبند مالهي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٺلي، شيخ اياز،
نارائڻ پارٽي، قيمت هري سنگهاڻي، ....-



شيخ اياز ۽ موتي پرڪاش - دبئي ۾



ظفر حسن، شيخ اياز ؏ اعجاز قريشي



نصير مرزا ؏ شيخ اباز



نصيرمرزا، سنتوش كامراثي ، شيخ اياز



شيخ اياز ، نياز همايوني



زرينہ اياز، شيخ اياز ۽ پوپٽي هيراننداٿي

(ممبئي ۾)



گوبند مالهي ۽ شيخ اياز



ناکر چاولا، ارجن، سکایل، شیخ ایاز، گوبند مالهي، شیخ ایاز ء زرینہ ایاز.....



شیخ ایاز ء قمر شهباز



شيخ اياز ۽ احمد سولنگي



ولي رام ولپ، تاج جويو، اياز گل ۽ شيخ اياز



شيخ اياز ؏ محمد خان مجيدي



شيخ اياز ؏ نور محمد خواجه



شيخ اياز ۽ طارق عالم



جام ساقي، ادل سومرو ۽ شيخ اياز
(جنوري 1990ع، ڪراچي)



شيخ اياز ۽ اياز گل

(پريس ڪلب حيدرآباد 1- اپريل 1988ع)



ڪرشن ڪٽواڻي، گوبند مالهي، شيخ اياز، نارائڻ پارٽي، ڊاڪٽر مرليٽر جيٽلي، قيمت هريسنگهاڻي ..... عطيه دائود،
(ويٺل) ادل سومرو، وينا شرنگي، اياز گل، خدا بخش ابڙو، بيدل مسرور

(اياز جو گهر - ڪراچي - نومبر 1989ع)



شيخ اياز، گوبند مالهي، اياز گل، قمر شهباز ۽ ڪرشن ڪنواڻي
(سچل عالمي ڪانفرنس، ڪراچي، 1989ع)



ماهتاب محبوب، شيخ اياز، جمال ابڙو ۽ ادل سومرو
(رشيد پٽي، جو چالیهو، سکر)



اسير ملاح، تاج جويو، شيخ اياز، اياز گل ۽ رسول بخش درس



امداد حسيني، علام قاسمي، شيخ اياز، نفيس احمد ناشاد، محمد رمضان، ظفر حسن
(1977ع)



شيخ اياز، عطيه دائود ع تاجل بيوس



شيخ اياز، محمد ابراهيم جويو ع مدد علي سنڌي



حميد سنڌي ۽ شيخ اياز



شيخ اياز سکر ۾ پنهنجن ساٿي وڪيلن سان گڏ



ماهتاب محبوب، شيخ اياز ۽ محبوب شيخ



شيخ اياز، سندري، أتم ۽ سويوگيانچنداڻي
(بينل)،....، رشيد پٽي ۽ غلام رباني



بیدل مسرور ،شیخ ایاز ۽ بدر ابڑو



موهن کلپنا، شیخ ایاز ۽ سڳن آهوجا



شيخ اياز بي اختيار مُرڪ سان نصير مرزا کي ڳرائڻي پائيندي

(ماجد صديقي ۽ ولي محمد پٺي ۾ ساڻس گڏ آهن)



قاضي منظر حيات، شيخ اياز، تاج جويو ۽ آسي زميني



چام ساقي، شيخ اياز، علي نواز وفائي، حميد سنڌي، اشفاق قاضي ۽ خواجہ سليم



تنوير عباسي ۽ شيخ اياز



شيخ اياز، سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر ٿيڻ کان پوءِ، سنڌي ادبي بورڊ ۾ سنڌي اديبن جي هڪ گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهيو آهي. تصوير ۾ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ظفر حسين، غلام رباني آگرو، امداد حسيني، شوڪت حسين شورو، غلام شبير آگرو، غلام علي، جلال خواجه، ناشاد ۽ بورڊ جا ملازم نظر اچي رهيا آهن



صدر پاکستان فاروق احمد خان لغاري شيخ اياز کي "هلال امتياز" ڏئي رهيو آهي
(23 مارچ 1994ع، ايوان صدر، اسلام آباد)

Shaikh Ayaz

A-27 PRINCE COMPLEX
NEAR CLIFTON BRIDGE
CLIFTON KARACHI
PH. [redacted]

Phone: 517164

۹۳-۹-۱۴ء

پيارا ناشاد،

تون جهڙن وقت چاهين اچي سگهين ٿو،

۽ مناسب مواد ڪاپي ڪري سگهين ٿو. مون وٽ هينئر

قاضي منظر؟ نه ٿو اچي ته هن جي نائيٽ ڊيوٽي هنئي

آڻائون. مون کي فون ضرور ڪجان ۽ چوته منهنجا

نبذ جا ٽائيڊ ڪجهه نرالا آهن. ماڊير تائين رات جو

ڪندو آهيان ۽ ناشتي کان پوءِ ٻارهين بجي تائين نبذ

ڪندو آهيان. اميد ته تو خوش هوندين. دوستن لاءِ

سلام.

تنهنجو خير انديش

شيخ اياز

To, Mr. Nafees Ahmed Nashad
Editor Mehran
Sindhi Adbi Board
Jamshoro Via:
Hyderabad Sind

شيخ اياز جا هٿ اکر